رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون - 3

سياسي ادب

پاڳو پهريون- جلد ٣



سهيڙيندڙ: جامي چانديو

9
حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: سياسي ادب ـ 3
ليکڪ جو نالو: رسول بخش پليجو
سهيڙيندڙ: جامي چانڊيو
ٽائيٽل ۽ ڪمپوزنگ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
ڇپائيندڙ: سي پي سي ايس
پهريون ڇاپو: مارچ 2007ع

Complete Works of Rasool Bux Palejo
Syasi Adab (Political Literature-3)
By: Rasool Bux Palejo
Compiled by: Jami Chandio
Composed by: Sindhica Academy, Karachi.Ph: 021-2737290
Published by: Center for Peace & Civil Society (CPCS)
First Edition: 2007

Address
B-98, Qasim Nagar,
Qasimabad, Hyderabad, Sindh
Ph: +92+22+3029218
Email:cpcs.sindh@hotmail.com

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

اڀنا

رسول بخش پليجي جي سياسي سفر جي
سدا حيات ساٿي
شهيد فاضل راهو
قاضي عبدالغفار
لکميرَ ڏاهري
ءِ اديِ **ممتاز نظامائي** جي نالي
جن پنهنجي شعوري زندگيءَ جو هر پل سنڌ وطن
ءِ اَن جي مظلوم عوام جي چوٽڪاري لاءِ
جاکوڙيندي گذاريو.

جان جان هُئي جِئري. وِرچي نہ وينـي.
وڃي پُون پينـي. ساريندي ڪي سڃڻين.

- جامي چانڊيو

ستاءُ

مهاڳ 13

ڏراڙن جا ڏک

مهاڳ 25
بنگلاديش منظور ٿي آهي! 29
هن مجرمن تي مقدما هلايو! 29
گهر جا ڪکڙ نه ماريو! 30
آزاد ڪريو 30
قومي جدوجهد ۾ زميندارن جي اڳواڻي وڏيرڪو راج قائم رکندي! 32
طبقاتي ست سگ! 32
ڳري ۽ ناجائز قيمت 33
اعليٰ علم ۽ اعليٰ سائنس! 33
ٻه چندال جون ڪڙيون! 34
اصلي ڪاتيدار! 34
حبيبن سان حال! 35
هي آئين نه گهرجي! 37
بلوچستان کي ستمائڻ بند ڪريو 37
پناه گير پرست سردارن سنڌ ۽ بلوچستان جي اتحاد سان غداري ڪئي! 38
سنڌ دشمن پناهگير ۽ سندن پناهگير سنڌ ۽ بلوچستان جي عوام جو ساٿ ٽوڙي نه سگهندا 39
اسين گاريون نه ڏيندا سين 39

نئون ون يونٽ 41
اندر ۾ ابليس! 42
فسادن جي سازش کي پنجو ڏيو 44
سنڌ تي نئون حملو 46
سي آءِ ڊي جي اسپيشل برانچ سنڌ دشمن سازش جو اسپيشل اڏو! 47
آزاد ڪريو 49
سپ روئن پيا! 50
خوني ڪڪڙي لاءِ ۾ ڪو قانون آهي يا نہ؟ 52
سنڌ جا ٽي سپوت! 56
تحريڪ جو نئون دور 57
رسالو ڪهاڙي 58
پاڻ تي پاڙيو 59
امداد جا ٽپڙا وڏيرا ۽ ڪامورا کائي ويندا! 60
قرض ۾ مسڪين کي ڪونہ ملندو! 60
ٻاهرين امداد مان پورت ڪانہ پوندي 60
قرجو مال موٽائي هٽ ڪريو! 60
فضول خرچي بند ڪريو! 61
بلوچستان تي فوجي چڙهائي بند ڪريو 62
سنڌي عوام تباهيءَ تي غالب پئجي ويندا 62
بي ٻوڏ! 62
آزاد ڪريو 65
اچو تہ سوچيون 67
چليءَ جو سبق 69
پنو ۽ اشتهار ڪڏهن ملندا 70
”سنڌو ديش“ اکر خلاف واويلا جي آڙ ۾ نندڙو پارٽ ناهڻ بند ڪريو 72
اچو تہ پاڻ ۾ سوچيون 73
اشوڪ سنڌي گم، مظفر پارتي موجود! 76
نئون قانون 78
اوهين آهيو ڪير! 79
قانوني ملڪيت غنيمت 79

چهبڪ! 81
مذهب جي آڙ ۾ سنڌين ۾ ويڇا نه وجهو 82
نئون سال 84
ٻه اکيائي بند ڪريو 85
اهو ڏينهن ٻه ايندو! 86
چوٽين مارچ 90
تانگن وري ٻرن مان منهن ٻاهر ڪڍيو آهي! 93
پناهگير نقلي ترقي پسندو! مڪارو! منافقو! بي رحمو، ظالمو! عوام
ڪان روپوش ٽيل نقاب پوش، عوام دشمنو! 96
پورهيتن کي سلام 99
عجيب ڳالهه! 100
اهم قومي مسئلو 101
متحد ٿيو! 102
هاڻي ٻين کي ٻه وارو ڏي! 102
سنڌي هاري عوام کي بي دخل ڪندڙن کي بي دخل ڪريو! 104
سر تي پکي هيڪڙو! 108
ٽيهه هزار ضمانت ڪهڙي ڏوهه ۾؟ 109
سنڌيت مٽان هڪ هٽي ۽ ٽيڪو ختم ڪرايو! 112
اسين ڪنهن جي غار گند کان نه ڊڄنداسين! اسان پاڻ گند نه
ڪنداسين! 116
اسان جي حال تي هلو!

صبح ٿيندو 123

پيش لفظ 125
سنڌي عوام کي بنيادي سياسي تعليم ڏيو 127
وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد قومي جدوجهد جو لازمي حصو آهي 132
صحيح قومي ٻڌيءَ لاءِ جدوجهد ڪريو 140
قومي جدوجهد جو وڏيرڪو نظريو! 145
قومي جدوجهد جو سنڌي وچين طبقي وارو نظريو 151
”ڪوڙو تون ڪفرسين! ڪافر ۾ ڪوڻاءِ“ 158

قومي جدوجهد جو پناهگير- پنجابي نقلي ترقي پرست نظريو 172 172
پنجابي- پناهگير نقلي ترقي پسندن جي قومي مسئلي بابت حڪمت عملي 178
قومي جدوجهد جو سڌي انقلابي وطن دوست نظريو 195
نقلي ترقي پسند، ڪٽر نسل پرست سنڌ دشمن خلاف جدوجهد ڪريو 214
سڄي ملڪ جو عوامي جمهوري اتحاد، ڇو قائم ٿيڻ کپي ۽ ڪيئن قائم ڪجي؟ 233

واٽون ويهه ٽيون 251

خط 253
خط جو جواب 254
خط 258
خط 259
سنڌيت مٽان هڪ هٿي ۽ ٽيڪو ختم ڪرايو 261
خط جو جواب 265
خط ۽ ان جو جواب 278
جواب 282
خط 302
اسين ڪنهن جي گارگند کان نه ڊڄنداسين! اسين پاڻ گند نه ڪنداسين! 304
قوم پرست يا خودپرست ۽ طبقي پرست؟ 308
سنڌ يا سنڌوديش..... 316

ڳالهيون ڳنوارن جيون 331

حرامي پار 336
سنڌي ادب ۽ پوليءَ خلاف سازش بند ڪريو 337
دفن ڪريو 337
ٽائليند ۾ وري به فوجي راج . 339

پاڻ ۾ ٻڌي ڪريو 343
سنڌي عوام کي پاڻ تي پاڙڻ گهرجي! 346
سنڌي سياسي قيدي چوڻ ٿا آزاد ڪيا ويڻ 349
هي وقت تمام اهم آهي 352
چوندڙون 354
عوام ئي سوپارو ٿيندو 356
سادات جو اسرائيلي دورو 359
صحيح قدم 363
جمهوري حق ۽ آزاديون ڏيو! 364
پورو پورو احتساب ڪريو! 366
اچو ته گڏجي صلاح ڪريون 367
بي دخليون بند ڪريو 369
آزاد ڪريو! 371
نوان ساموندي ڏاڙيل 372
ڦٽڪا هٽايا آهن ته هن کي هٽاو! 373
پراڻي عادت 357
لطيف جو سال 377
وطن جا صحافيو! آفرين! صدا آفرين! 380
قيدي آزاد ڪريو- جمهوريت بحال ڪريو 381
سنڌي مزورن جي حقن تي ڏاڙا هٽڻ بند ڪريو 383
ٿري عوام کي بچايو! 385
ڏوهين کي سيکٽ ڏيو! بي ڏوهين کي آزاد ڪريو 388
همت نه هاريو! ٻڌي قائم ڪريو ۽ منظم ٿيو 389
سنڌ صدين کان 391
وطن دوست انقلابي عوام جي شاندار سوپ 394

اوهان جي عدالت ۾ 397

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا_3

فڪري ۽ سياسي طور پسمانده سماجن ۾ سنجيده سياسي ادب جي روايت يا ته بنهه نه هوندي آهي يا ڪمزور ۽ روايتي هوندي آهي . سنڌي سماج ۾ين انيڪ قسم جي محرومين باوجود ان لحاظ کان پاڳوارو آهي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ سياسي ادب جي روايت گهٽي پراٽي ته نه آهي پر پختي ضرور آهي . جي ايم سيد ، حيدر بخش جتوئي، محمد ابراهيم جويو، علي محمد راشدي ، رسول بخش پليجو ۽ سراج سنڌ ۾ سياسي ادب جا بنياد وجهندڙ آهن. جيتوٽيڪ انهن جا فڪري بنياد ۽ سياسي لاڙا پنهنجا پنهنجا هئا پر سنڌ ۾ سنجيده سياسي ادب جا بنياد انهن سياسي اديبن ۽ دانشورن وڌا. ان نسل کانپوءِ مرحوم فقير محمد لاشاري صحافتي شعبي ۾ سياسي ادب جو مهندار هو. طارق اشرف جا سٽيءَ جي پهرين دور ۾ لکيل ايڊيٽوريل پڻ سياسي ادب جي حوالي سان ان دور جا آئينه دار آهن پر نظرياتي سياسي ادب جي روايت سنڌ ۾ مٽين دانشورن ۽ اديبن وڏي. ساڻن اتفاق يا اختلاف هر ماڻهوءَ جو انفرادي حق آهي.

فلسفيانه لحاظ کان سياست ۽ فڪر جي مارڪسي روايت جي پس منظر سبب رسول بخش پليجو سنڌ جي سياسي ادب ۾ نيون جدتون قدر ۽ رويا ، تصور، لاڙا ۽ پرک جو انداز ۽ خاص طور پنهنجو خاص اسلوب ڪٽي آيو. رسول بخش پليجي جي ڪنهن به تحرير تي سندس نالو ڪٽي نه به هجي ته به پڙهندڙ سمجهي ويندو ته اهو قلم، سوچ جو انداز ۽ اسلوب رسول بخش پليجي جو آهي. اها ئي ڪنهن به وڏي ۽ اوريجنل اديب ۽

دانشور جي بنيادي خوبي هوندي آهي. پليجو صاحب ادبي نقاد ته هو ۽ آهي پر سنڌ جي سياسي ادب ۾ به فڪر ي ۽ سياسي تنقيد جي اهاروايت اسان کي اڳ توڙي کانئس پوءِ اهڙيءَ بلنديءَ تي نظر نه ٿي اچي . سنڌي بوليءَ ۾ ادبي فڪري ۽ سياسي تنقيد ۾ اڄ به هن جي سامهون ڪنهن کي بيهاري نه ٿو سگهجي.

سياسي ادب جي هن ٽئين جلد ۾ پليجي صاحب جا چار ڪتاب شامل آهن . جڏهن ته ڪتاب جي آخر ۾ "اوهان جي عدالت ۾!" نالي اهو مواد ڏنو ويو آهي. جيڪو پليجي صاحب ڪيترائي سال روزاني ڪاوش ۾ عوام جي پڇيل سوالن جي جواب ۾ لکيا . اڇو ته انهن مان هر هڪ ڪتاب تي الڳ الڳ روشني وجهون.

"ڳالهيون ڳنوارن جيون" ۽ "ڏاڙن جا ڏڪ" جيتوڻڪ ستر ۽ اسيءَ جي ڏهاڪن ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا پر حقيقت ۾ ڪتاب انهن ايڊيٽوريلن تي مشتمل آهن . جيڪي پليجي صاحب ماهوار تحريڪ رسالي ۾ لکيا. اهي ايڊيٽوريل ڪالهه پنهنجي وقت جو ڪڙو سچ ۽ سنڌي عوام جي اجتمائي ضمير ۽ شعور جا آئينه دار هئا ۽ اڄ انهن کي پڙهبو ته اهي ان دور جي حقيقي عوامي تاريخ آهن . مون اهي ڪتاب زندگيءَ ۾ باربار پڙهيا آهن ۽ جڏهن جڏهن به پڙهندو آهيان، انهن مان نئين سر اُتساهه ملندو آهي. جن خوبين جي ڪري هي ڪتاب سنڌ جي سياسي ادب جو املهه فڪري ۽ تخليقي ورثو آهن، انهن مان ڪي چند هي آهن .

(1) هي ڪتاب سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جي ۽ خاص طور ستر جي ڏهاڪي جي حقيقي عوامي تاريخ جا بنيادي ماخذ آهن. جيتوڻڪ ايڊيٽوريل هڪ رسمي ۽ روايتي صنف آهي، جنهن ۾ پاليسي سطح تي اداري جو موقف پيش ڪيو ويندو آهي، پر جيئن ته "تحريڪ" ڪو عام روايتي رسالو نه هو پر اهو سنڌي عوام جي حقيقي عوامي ۽ قومي جدو جهد جو ترجمان ۽ هڪ غير معمولي فڪري روايت جو مُهندار هو ۽ ان جا ايڊيٽوريل رسول بخش پليجي جهڙو مفڪر اديب لکندو هو. ان ڪري ان پالسي سطح تي پنهنجي دور جي سياسي ڪان اڳتي وڌي ترجماني ڪئي. اهي ايڊيٽوريل ان دور

۾ سنڌي عوام جي ضمير، اجتماعي شعور، مفادن ۽ نظرياتي موقف جا ترجمان هئا. اهو دور نه رڳو پاڪستان جي تاريخ جو پر خاص طور سنڌ جي حوالي سان ڏکيو توڙي گهڻن حوالن سان حساس ترين دور هو. جنهن ڏهاڪي ۾ هي ايڊوٽوريل لکيل آهن ، ان ۾ ون يونٽ جي آخري ڏهاڙن کان وٺي، يحيٰ خان جو دور، اوپر پاڪستان جي بنگلاديش ۾ تبديل ٿيڻ ۽ پٽي صاحب جي حڪومت جا دور شامل آهن. ان دور ۾ به اڄ جيان سنڌي عوام ڪيترن ئي سياسي ، سماجي، ثقافتي ، معاشي ۽ مجموعي طور قومي حوالي سان بد ترين چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو هو. هي ايڊيٽوريل نه رڳو ان دور ۾ سنڌي عوام آڏو موجود چئلنجن جي عڪاسي ڪن ٿا پر اهو به ٻڌائين ٿا ته رسول بخش پليجي سنڌي عوام جي اجتماعي شعور ۽ گڏيل ضمير جي حقيقي نمائندگي ڪندي هر حساس ۽ نازڪ موقعي تي ڪهڙو موقف پئي رکيو؟ انڪري هي ايڊيٽوريل ان دور جي تاريخ نه آهن پر سنڌي عوام جي ضمير جي نمائنده قوت جي جدوجهد جا محفوظ ڪيل ورق به آهن . رسول بخش پليجي ڪڏهن به پنهنجي هم عصر دور جي تصورن ۽ روايتن جو قيدي ٿي نه لکيو آهي. هن جي سمورين ۽ خاص طور تي پاليسي سطح جي سياسي لکڻين جي اهميت انهن خاص حالتن ۾ ته هوندي آهي، جن ۾ اُهي لکيون ويندیون آهن پر دراصل انهن جي تهائين وڌيڪ ۽ تاريخي اهميت ان دور کانپوءِ ثابت ٿيندي آهي. هن جو موقف سدائين سائنسي، ترُڪ تکيل توريل ، دور انديشيءَ ۽ وڏيءَ ڏاهپ وارو هوندو آهي. بنگال جي آزاديءَ جي تحريڪ هجي ، سنڌي ٻوليءَ جي بل جو مسئلو هجي يا 1973 جو آئين ، هن جو موقف اڄ پيهر پڙهجي ٿو ته سندس دور انديشي، ڏهانت، گهري ڏاهپ، ضمير جي سچائيءَ توڙي فڪري سورهيائيءَ تي ويساه وڌيڪ پختو ڏئي ٿو

.

(2) رسول بخش پليجي سدائين پنهنجي عوام جي درست سياسي تربيت تي زور پئي ڏنو آهي. اهو ئي ڪردار هن نه رڳو عملي سياست ۽ جدوجهد ذريعي خاص طور پنهنجن سياسي لکڻين ذريعي گذريل

چئن ڏهاڪن کان پئي نيايو آهي. هي ايڊيٽوريل جتي هڪ طرف ان دور ۾ سنڌي عوام جي اجتماعي شعور ۾ ضمير جو آواز هئا پر ساڳئي وقت اهي سندن سياسي فڪري تربيت جا به علمبردا به هئا ۾ آهن. پنهنجي دور جي سياسي حالتن، انجي محرڪن، سببن ۾ نتيجن کي ماڻهو ڪيئن ڏسي، پرکي ۾ ان بابت پنهنجي رويي ۾ رد عمل جو ظهار ڪري؟ اهو هڪ نهايت حساس ۾وڏين نزاڪتن وارو فڪري ڪم آهي. هي ڪتاب ۾ انهن ۾ شامل ايڊيٽوريل ان دور ۾ هر موقعي تي سنڌي عوام جي اهڙي رهنمائي ۾ تربيت ڪندي نظر اچن ٿا. حقيقي دانشورن ۾ فڪري سرواٽن جو بنيادي ڪم رڳو عوام جي ضمير ۾ مفادن جي صحيح ترجماني ڪرڻ نه هوندو آهي پر سماجي ۾ سياسي طور سندن مسلسل سائنسي رهنمائي ۾ تربيت ڪرڻ پڻ هوندو آهي. عوام پرستي نه رڳو هڪ سطحي ۾ غلط پر سخت نقصانڪار سياسي رويو پڻ آهي . عوام صدين جي ذهني روحاني، ثقافتي، سماجي، معاشي ۾ سياسي غلاميءَ ۾ پس ماندگيءَ سبب تصورن ، ويساهن ۾ عقيدن جي اهڙي نظام ۾ رهندو آهي، جيڪو سندس تخليقي صلاحتين کي نبل ۾ مرٽينگ بڻائي ڇڏيندو آهي. ان ڪري عوام نه رڳو ماضيءَ ۾ پنهنجي دور جي پيچيدگين پر مستقبل جي امڪاني بحرانن جي محرڪن کي به حقيقي طور سمجهي نه سگهندو آهي. حالتن جي حقيقي ادراڪ لاءِ جيڪا اٽاهه سمجهه ۾ سائنسي شعورگهربل هوندو آهي. عوام ان کان محروم ۾ وانجهيل هوندو آهي. انڪري حقيقي عوام ۾ قوم دوستي اها نه آهي ته عوام کي جيئڻ. جو تيسئن رهڻ ڏجي ۾ پوءِ سطحي معنيٰ ۾ عوام سان محبت جا ڳڻ ڳائجن. جيئن نام نهاد وڏيرڪي قومپرستيءَ ۾ جمهوريت دوستيءَ جون دعويدار ڏريون ڪنديون آهن. رسول بخش پليجي جون سياسي تحريرون نه رڳو سنڌي عوام لاءِ سياسي سوچ، فڪر ۾ ادراڪ جون نيون راهون روشن ڪندڙ مشعلون آهن.

(3) مون اڳ به لکيو آهي ته رسول بخش پليجو پاڻ سان گڏ پنهنجو هڪ نئون، منفرد، ۾ تخليقي اسلوب ۾ بوليءَ جو اندازڪٽيآيو. هو

عوام سان پنهنجي سموري باشعور محبت ۽ عوام جي ويري قوتن سان اٽاهه نفرت جو پرپور اظهار پنهنجيءَ ٻوليءَ ۽ اسلوب ذريعي نهايت سگهاري ۽ اثرايتي ۽ تخليقي انداز سان ڪري ٿو. هو رڳو لکندو ناهي پر فڪر ۽ قلم جي محاذ تي پنهنجي سمورن ذهني، روحاني، علمي فڪري ، احساساتي ۽ تخليقي وسيلن سان ويڙهه ڪندو آهي. هن جو لفظ تخليق ۽ تخريب جي ٻنڌي ڌار وانگر آهي . سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي انداز جا ايڊيٽوريل هڪ حد تائين مرحوم فقير محمد لاشاريءَ پوئين دور ۾ لکيا. سنڌ ۾ تحرير جي ان طرز جو مثال ٻيو ڪٿي به نه ٿو ملي. خاص طور تي علامتي گهٽ ۽ سڌي تخاطب جي نهايت سگهاري اظهار جو هي اسلوب هن جو پنهنجو تخليق ڪيل آهي. عالمي سياسي ادب ۾ اهڙو اسلوب 20هين صديءَ ۾ اسانکي لينن ۽ مائوءَ وٽ ملي ٿو، جن کان هو فڪري طور زندگيءَ ۾ بيحد متاثر رهيو آهي ۽ سندس شخصيت، سياست، فڪري توڙي، تحريرن ۾ انهن ٻنهي شخصيتن جو بنيادي ۽ غير معمولي اثر رهيو آهي.

تحريرون پنهنجي جاءِ تي پر رڳو هنن ايڊيٽوريلن جا عنوان ئي ڏسجن ته اهي پڙهندڙن کي نه رڳو متاثر ڪن ۽ اتساهين ٿا پر حيرت ۾ پڻ وجهن ٿا. تحريرن تي عنوان رکڻ جو تخليقي فن جيڪو پليجي وٽ آهي، انجو سبب هي آهي ته هو ڪڏهن به وِدرَ لاءِ نه لکندو آهي. هڪ پروفيشنل انقلابيءَ جي حيثيت ۾ هن وٽ لکڻ به سندس همگير جدو جهد ۽ ويڙهه جو حصو ۽ هڪ اسٽريٽجڪ فڪري ۽ فني مورچو آهي. هنن ايڊيٽوريلن جا عنوان مختصر ۽ سڌي تخاطب جي طرز تحرير جا سچ پچ ته شاهڪار آهن.

☆ "صبح ٿيندو" رڳو رسول بخش پليجي جو پختو ويساهه ئي نه پر سندس لکيل ڪتابن ۾ اهم ترين ۽ هڪ بنيادي ڪتاب آهي. هي ڪتاب گذريل چئن ڏهاڪن کان مسلسل ۽ باربار ڇپيو آهي پر ڪڏهن به مارڪيٽ ۾ موجود نه هوندو آهي، جنهن مان ڪتاب جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. "صبح ٿيندو" رڳو هڪ ڪتاب به نه آهي، پر سنڌي سماج ۾ سترجي ڏهاڪي ۾ هڪ نئين نظرياتي واٽ ۽ جدوجهد

جو بنياد هو. هن ڪتاب کي عوامي تحريڪ جو غير روايتي معنيٰ ۾ منشور بہ چئي سگھجي ٿو. رسول بخش پليجي جنھن دور ۾ ھڪ نئين سياسي تنظيم ۽ جدو جھد جا بنياد وڌا، ان وقت سنڌي سماج ۾ سياست جا چار لاڙا اُپريل ۽ مضبوط ھئا ۽ ھن چئني لاڙن سان مختلف حوالن سان نظرياتي ۽ سياسي اختلاف ٿي کيا. "صبح ٿيندو" انھن اختلافن ۽ ان جي رد ۾ ھڪ نئين سياسي ۽ نظرياتي واٽ جو علمبردار ڪتاب ھيو ۽ آھي. ڪتاب جي پھرين مضمون ۾ پليجي صاحب سنڌ ۽ سنڌي عوام جي صدين جي محروميءَ ۽ گھٽ طرفي غلاميءَ جو نھايت گھرائيءَ سان جائزو ونندي، انجي سماجي نفسيات جو چيڊ ڪيو آھي ۽ نتيجو ڪڍيو آھي تہ جيستائين سنڌي عوام ح' سماجي ، ثقافتي، ذھني، ۽ روحاني رويا تبديل نہ ٿيندا ، تيسين سندن سياسي ۽ معاشي تبديلين ڏانھن گھربل وڪ نہ کڄي سگھندي. مضمون ۾ پليجي صاحب وڏيرکي ۽ جاگيرداراڻي معاشري جي تصورن، روين ، ۽ قدرن جي نظام جي تناظر ۾ سنڌي عوام جي سماجي نفسيات ۽ پسماندگيءَ، انجي سدِباب لاءِ گھربل تدبيرن جو جائزو ورتو آھي.

ڪتاب ۾ بنيادي طرح پليجي صاحب سنڌ اندر موجود انھي چئني سياسي روايتن جو نظرياتي تنقيدي جائزو ورتو آھي. جن سان ھن گھٽن حوالن سان اختلاف ٿي رکيو. ڪتاب ۾ ان جو جائزو ڪيئن ورتو ويو آھي، اچو تہ ان تي ھڪ نظر وجھون.

1- رسول بخش پليجو بنيادي طور ھڪ ماڪسسٽ آھي، انکري ھن کي بنيادي طور نيشنلسٽ (قومي پرستي نيشنلزم جو غلط ترجمو آھي.) نٿو سڏي سگھجي. ھو سياسي طور وطن دوست عوامي انقلابي مفڪر ۽ اڳواڻ آھي. رسول بخش پليجي جڏھن سياست جي ميدا تي پير رکيو تہ سنڌ جي "قومي سياست" جون واڳون جي ايم سيد جي ھٿ ۾ ھيون. ھر وڏي ماڻھوءَ وانگر جي ايم سيد بہ پنھنجي سوچ ۽ سياست ۾ تضاد رکندڙ شخص ھو. ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آھي تہ سنڌ ۾ فڪري ۽ سياسي سطح تي سنڌ جي قومي سوچ کي متعارف ڪرائڻ ۽ اڳتي وڌائڻ ۾ ابتدائي طور بنيادي ڪردار جي ايم سيد جو ھو. ھن پنھنجي تحريرن، ڪتابن توڙي

خطبن ۾ ان سوچ کي خاص طور فڪري سطح تي متعارف ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. "پيغامِ لطيف"، سنڌوءَ جي ساڃاهه"، "سنڌ جا سورما" ۽ ٻيا انيڪ ڪتاب ان جا آئينہ دار آهن. سمورن اختلافن باوجود خود رسول بخش پليجو سندس ان ڪردار جو معترف نظر اچي ٿو. اهوئي سبب آهي جو جتي رسول بخش پليجي جي ايم سيد سان سخت اختلاف رکيا، اُتي ڪجهہ موقعن تي سندس بچاءَ ۾ قلم بہ کنيو. سندس اهڙو ئي هڪ مضمون اسان گذريل جلد ۾ شايع ڪري چڪا آهيون. پر ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ جي ايم سيد جي عملي سياست غيرعوامي ۽ وڏيرڪي هئي. سنڌ جو اهو ابن الوقت غدار وڏيرڪو طبقو جنهن صدين کان سنڌي عوام کي غلام، مظلوم، پيڙهيل ۽ نهل رکيو، ان جي قوم دشمن تاريخي ڪردار کي هن پنهنجين لکڻين ۽ ڪتابن ۾ تہ ننديو پر عملي طور هن ڪڏهن بہ ان خلاف سياسي ويڙهہ نہ ڪئي. نہ رڳو سياسي ويڙهہ نہ ڪئي پر عملي طور ان کي پاڻ سان گڏ ڪنيو. پير پاڳارو، لاڙڪاڻي جا کهڙا، دادوءَ جاجتوئي، شڪارپور جا سومرا، ڪراچيءَ جا هارون ۽ اهڙا مٿين طبقي جا وڏيرڪا ۽ موقعي پرست ۽ سرڪاري سياسي خاندان سڏائين سندس منظورِ نظر رهيا. اها ڪيڏي نہ عجيب ۽ اٽوٽنڊڙ حقيقت آهي تہ چاليهن ڪتابن جي ليکڪ ۽ جي ايم سيد جهڙي دانشور سياستدان پنهنجي زندگيءَ ۾ سيد ايسوسيئيشن ناهي، جنهن جو زندگيءَ جي آخر تائين هو ميمبر رهيو.

رسول بخش پليجي جنهن پنهنجي سياسي زندگيءَ جا ابتدائي سال بزم صوفياء سنڌ ۽ اينٽي ون يونٽ فرنٽ ۾ جي ايم سيد سان گڏ گذاريا ۽ ان جو سيڪريٽري پڻ رهيو، ان سندس وڏيرڪي قومپرست سياست سان اڳتي هلي نظرياتي توڙي عملي سطح تي سخت اختلاف رکيو. اهو ان دور ۾ سنڌ جي سياست جو هڪ وڏو چال هو. "صبح ٿيندو" ۾ سنڌ ۾ وڏيرڪي سياست جي ان روايت جو تفصيل سان نظرياتي جائزو ورتو ويو آهي ۽ ان پروڙ مان ٺوس نتيجا ڪڍيا ويا آهن.

جي ايم سيد صاحب جو نہ رڳو سياست جو انداز عملي طور

وڏيرڪو هو پر هن قومي سوال جي طبقاتي ۽ جمهوري سوال سان لاڳاپي ۽ ڳانڍاپي کي عملي طور رد ٿي ڪيو. هن قومي جدوجهد ۾ طبقاتي ۽ جمهوري سوالن کي ڪٽڻ قومي مفاد جي خلاف ٿي سمجهيو. جڏهن ته رسول بخش پليجي جو بار بار چوڻ هو ته طبقاتي ۽ جمهوري سوال کان سواءِ قومي سوال پس و پيش عوام بجاءِ مٿئين طبقي ۽ خاص طور سنڌ جي تناظر ۾ وڏيرڪي طبقي جي ناجائز مفادن جي پورائي جو نالو آهي. مظلوم طبقن جي طبقاتي آزاديءَ کان سواءِ قومي آزادي حقيقي طور نه ته ممڪن آهي ۽ نه عوام جي مفاد ۾ آهي. ان ڪري قومي ۽ طبقاتي سوال هڪ بئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. جي اهو تجزيو ۽ چند چاڻ اڄ جي حالتن ۾ وري پڙهي وڃي ته معلوم ٿيندو ته جن امڪانن جي هن ڪتاب ۾ اڳڪٿي ڪئي وئي هئي. اُهي اڄ تاريخي حالتن سچ ثابت ڪيا آهن.

(2) ان زماني ۾ جمهوري سياست جي نالي ۾ پاڪستان توڙي سنڌ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو حاوي هو. جي ايم سيد وانگر شهيد ڀٽي جي سياست به سخت تضادن جو شڪار هئي. شهيد ڀٽي سياست ۾ عوام جي ڳالهه ڪئي. عوام کي طاقت جو سرچشمو قرار ڏنو. پاڻ کي سوشلسٽ سڏايو ۽ جمهوريت جو نعرو ڏنو. پر هن جي نعرن، ڳالهين ۽ عملي سياست ۾ وڏو ۽ بنيادي تضاد هو. پاڪستان جهڙي گهڻ قومي ملڪ ۾ قومي تضاد جيَ انصاف پريي حل کان سواءِ جمهوريت جو اڇڻ ممڪن ئي نه هو پر شهيد ڀٽي قومي سوال کي ڪڏهن به قبول نه ڪيو. ويتر 1973ع جي آئين ۾ قومن جي وجود کان ئي انڪار ڪيو. اها هڪ مڃيل تاريخي حقيقت آهي ته وڏيرڪي طبقي ۽ جاگيردار شاهيءَ جي موجودگيءَ ۾ عوامي ته ڇا پر سرمائيدار جمهوريت به اچي نه ٿي سگهي. پر ڀٽي صاحب پهرين وڏيرڪي طبقي کي نفسياتي طور ڪمزور ڪري پوءِ عوام مٿان مڙهي ڇڏيو. پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ جتي فوج ۽ استبلشمينٽ هر سطح تي ۽ هر شيءِ تي قابض آهي. اُتي فوج کي مضبوط ڪرڻ سان ڇا ڪڏهن ملڪ ۾ حقيقي جمهوريت اچي سگهي ها؟ ظاهر آهي ته اهو ممڪن نه هو ۽ نه آهي. ڀٽي صاحب ملڪي تاريخ ۾ فوج کي سينڊ ڪان وڌيڪ مضبوط ڪيو ۽ ظاهر آهي ته ان جو عملي

مطلب جمهوريت جون پاڙون کوٽڻ جي مترادف هو.

رسول بخش پليجي سياست جي ان سموري رويي ۽ انداز کي نہ رڳو رد ڪيو پر پنهنجو اولين انقلابي فرض سمجهي، ان کي عوام آڏو بي نقاب ۽ وائکو ڪيو. "صبح ٿيندو" ۾ ان وڏيرڪي جمهوري سياست جو مڪمل چيد ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن اهو نقط نظر وري پڙهبو تہ ان جا ڪيڏيل نتيجا اڄ اسان کي حقيقتن جي روپ ۾ سامهون نظر ايندا.

(3) سنڌ ۾ ڪاپيءَ ڌرجي نالي ۾ سياست جي هڪ ڌارا جو سڄو زور رڳو طبقاتي سوال تي هوندو هو ۽ قومي سوال کي ڪٽڻ انهيءَ لاءِ "انقلابي ڪفر" جي مترادف هو. سنڌن موقف هوندو هو تہ قومي تضاد ۽ سوال "انقلاب" کان پوءِ پاڻمرادو حل ٿي ويندو ۽ ان کان اڳ اهو سوال ڪٽڻ وڏيرڪي طبقي کي سگهارو ڪرڻ جي سياست آهي. رسول بخش پليجي "انقلابيت" جي نالي ۾ ان مڪر ۽ فريب جا پردا چاڪ ڪيا ۽ "صبح ٿيندو" ۾ "ڪوڙو تون ڪفر سين ڪافر مر ڪوناءِ" جي نالي سان مضمون ۾ ان جي پرپور نظرياتي چنڊچاڻ ڪئي ۽ عملي طور ان جي سخت مزاحمت ڪئي. جيئن هن وڏيرڪي قومپرستيءَ سان اختلاف رکيو تہ طبقاتي سوال کان سواءِ قومي تضاد حل نہ ٿيندو، جيئن هن وڏيرڪي جمهوريت پسنديءَ سان اختلاف رکيو تہ قومي ۽ طبقاتي سوال کان سواءِ جمهوريت ناممڪن آهي، تيئن هن ڪاپيءَ ڌرجي نالي ۾ متعصب سياست کي رد ڪيو تہ قومي تضاد جي حل ٿيڻ کان سواءِ طبقاتي سوال حل ٿي نہ ٿو سگهي.

(4) ان زماني ۾ ڪاپيءَ ڌرجي سياست جي هڪ ڌارا جو رويو اهو به هو تہ رڳو سامراج دشمنيءَ تي زور ڏجي جمهوري ۽ يا قومي تضاد ۽ سوال ثانوي اهميت جا آهن. جيتوڻيڪ رسول بخش پليجي پنهنجي نظرياتي لائين ۾ هميشہ سامراج دشمنيءَ تي زور ٿي ڏنو ۽ اڄ تائين ڏيندو رهي ٿو، پر هن سامراج دشمني جي ان نام نهاد روش کي قطعي طور رد ڪيو، جنهن مقامي قومي، طبقاتي ۽ جمهوري سوالن کي ثانوي ٿي سمجهيو. رسول بخش پليجي جو موقف هو ۽ آهي تہ قومي، طبقاتي، جمهوري ۽ سامراج دشمنيءَ جي سوالن کي

جيستائين توازن سان ۾ گڏي نہ ڪڏبو تيسين ڪنهن بہ تضاد کي نہ تہ حقيقي طور سمجهي سگهبو ۽ نہ وري حل ڪري سگهبو. اهو ئي "صبح ٿيندو" جو بنياد، نظرياتي نچوڙ ۽ پيغام آهي.

☆ سياسي ادب جي ٽئين جلد ۾ اهو ڪتاب بہ شامل ڪيو ويو آهي، جيڪو ستر جي ڏهاڪي ۾ "واڻون وِهہ ٽيون" جي نالي سان شايع ٿيو هو. هي ڪتاب دراصل قومي سوال بابت انهن نظرياتي بحث مباحثن تي مشتمل آهي، جيڪي "اڳتي قدم" ۽ "تحريڪ" ۾ شايع ٿيا هئا. هن ڪتاب کي هتي شامل ڪرڻ جو مقصد هي آهي تہ اها ڳالهہ رکارڊ تي رهي تہ اهو مباحثو ڇا هو ۽ ان ۾ ڪهڙي پاسي نظرياتي دليلن جي صحت ۽ گهرائي ڇا هئي؟ قومن جي تاريخ ۾ سياسي جدوجهدن لاءِ سياسي واٽ جو چٽو، حقيقت پسند ۽ سائنسي هجڻ نهايت ضروري آهي ۽ هي ڪتاب سنڌ جي تناظر ۾ ان پرک جو آئينو آهي.


☆ ڪتاب جي آخر ۾ "اوهان جي عدالت ۾" نالي مواد ڏنو ويو آهي. نوي جي ڏهاڪي ۾ روزاني ڪاوش هڪ سلسلو شروع ڪيو هو، جنهن ۾ سنڌ جا ماڻهو ۽ خاص طور نوجوان پليجي صاحب کان مختلف علمي، سياسي ۽ فڪري سوال خطن ذريعي پڇندا هئا ۽ پليجو صاحب کين ڪاوش ذريعي جواب ڏيندو هو. اهي سوال ۽ جواب ورائي ورائي پڙهڻ جهڙا آهن ۽ انهن کي سهيڙي هن ڪتاب ۾ هڪ پاڳي طور شامل ڪيو ويو آهي.

مون کي يقين جهڙي اميد آهي تہ گذريل جلدن جيان هن جلد کي بہ سنجيده پڙهندڙن ۽ سياست جي نظرياتي شاگردن توڙي ڪارڪنن ۾ پسند ڪيو ويندو. مان ٿورائتو آهيان ادي زاهده شيخ، اسماعيل خاصخيليءَ، محمد خان پرگڙيءَ ۽ راشد دائود پوٽي جو، جن جي ساٿ ۽ سهڪار کان سواءِ هي ڪم ايترو اڳتي وڌي نہ سگهي ها.

ساٿ سلامت

جامي چانڊيو

حيدرآباد
18- فيبوري 2007ع
jami8195@yahoo.com



ذرا تن جا تے

مهاڳ

(پهريون ايڊيشن)

انساني تاريخ ۾ ٿورن ماڻهن گهٽن جو ڪٽيو رڳو ڏنڊي سان نه پر ڳالهين سان به ڪاڏو آهي. هو ڪوڙيون ڳالهيون هُلائيندا آهن ۽ انهن ڪوڙين ڳالهين کي ايترو ته بي حيائي ۽ بي شرمائي سان، ايڏو ته زور شور سان، ايڏا ته واڪا ۽ ڪوڪريا ڪري، هر روز، هر مهيني، هر سال ۽ هر صديءَ ۾ ڏهرائيندا آهن، جو گهڻا ماڻهو ڪوڙين ڳالهين کي سچو ڪري سمجهڻ لڳندا آهن. ڪوڙيون ڳالهيون ٿورڙن ڦوروئن کي وڏو ڪمر ڏين ٿيون. ڪرڙن وٽ ڏنڊو آهي. پر گهڻي عوام وٽ ايجا به وڏا ۽ گهڻا ڏنڊا آهن. ٿورڙا ڪوڙا گهڻيون ڪوڙيون ڳالهيون ڪري گهڻي عوام جي دماغن کي جڏو ڪري ڇڏيندا آهن. گهڻي عوام جا گهڻا هٿ گهٽن ڏنڊن ڏانهن وڌندا ئي ناهن. کين ڏنڊي خلاف ڏنڊو ڪٽڻ جي ڳالهه ئي خيال ۾ نه ايندي آهي. جيڪي هٿ ئي اختيار ڏنڊا ڪٽندا آهن، سي به ٻين جا خالي هٿ ڏسي ۽ سندن ديرکيل ڪنڊ ڏسي، شڪي ٿي پنهنجا ڏنڊا ڪٽي ڦٽا ڪندا آهن. پوءِ ڪوڙيون ڳالهيون لکين ڪروڙين ڏنڊن وارن ڪميچل هٿن کي ٿورڙن ڏنڊن وارن نڪمن هٿن کان مارائيندیون آهن.

ڪوڙين ڳالهين کان سواءِ سچيون ڳالهيون به ٿيندیون آهن. ڪوڙين ڳالهين وارا مفت خور، حرام کائو ۽ ڦورو ٿولا سچين ڳالهين کان ونڻ ويندا آهن. انهن کي ڏڪارينداآهن. کائن ڏجندا آهن. هو سچين ڳالهين کي جتي پڏندا آهن، اتي انهن جو ڪنڊ مروٽي ڇڏيندا آهن. نه ته وري انهن کي کڏ ڪٽي دفن ڪري ڇڏيندا آهن. يا انهن تي گندگي ۽ بدبوءَ وجهي انهن جي صورت بگاڙي ڇڏيندا آهن. هو وس پڄندي سچيون ڳالهيون ظاهر نه ٿيڻ ڏيندا آهن. هو سچين ڳالهين کرڙ واري کي وس پڄندي آزاد يا جيئرو نه ڇڏيندا آهن. اڳئين زماني ۾ سچين ڳالهين کرڙ وارن کي نانگن هٿان ڏنگائيندا هئا يا ان جي جيئري کل لهرائيندا هئا، يا ڪيس گهاٽي ۾ پيڙهائيندا هئا يا وري سندس عضوا آهستي آهستي ڪٻي، ڪيس سوريءَ تي ٽنگي ڇڏيندا هئا. سوريءَ تي ٽنگيل، رت ڳاڙيندڙ سچ چوڻ وارن کي مرڻ جي به موڪل ڪانه هئي. ٽئي، چوٽين، يا پنجين ڏينهن مس مس مٽان سندس ڏڙ

کي ڏار ڪرڻ جي موڪل ايندي هئي. هر ڪوڙي ڳالھ سوين هزارين سچين ڳالھين جي قاتل هوندي آهي. انسان ذات هيستائين غلاميءَ ۽ وڏيرا شاهيءَ ۽ سرمائيداريءَ جي قاتل ۽ آدمخور نظامن جي گھاٽي ۾ پيسجي چڪي آهي. اهي ٽيئي قاتل ۽ آدمخور نظام ڪروڙين ڪوڙين ڳالھين جي ٽيڪ بنا قائم نہ رهي سگھن ها. اهي نظام ڪروڙين اربين سچين ڳالھين کي سرجندي ئي گھٽو ڏيڻ بنام خفا خون ڪرڻ بنام سوريءَ تي چاڙھڻ بنام قائم نہ رهي سگھن ها. هزارين سالن کان ائين آهي. اڄ بہ ائين ئي آهي.

اڄ بہ ڪوڙين ڳالھيون لوهي زنجيرن وانگر ڪميچل ۽ اشراف ماڻھن جي ذهن کي وڪوڙيو ويٺيون آهن. سچيون ڳالھيون اڄ بہ ڏوهارين ۽ ڪوڙهين وانگر منهن ويڙهيو لڪنديون وتن.

هن لکٹين ۾ توهان کي سچيون ڳالھيون سموري جون سمورين سربستيون نظر نہ ايندیون. اهو ناممڪن آهي. جيستائين ملڪ وڏيرکي سرمائيدار نظام جي اشڪنجي ۾ قابو آهي، تيستائين سموري سربستي سچي ڳالھ ڏوهاري، روپوش، قيدي، جلاوطن يا خفا خون ٽيل رهندي. هن وقت سچ جون فقط ڪي جھلڪيون ڏسي سگھجن ٽيون.

اهڙيون جھلڪيون توهان کي ٻئي هنڌان گھٽ نظر ايندیون. فقط پورهيت ۽ مظلوم عوام جي جاءِ تي بيهبو ۽ اتان دنيا جي چڪاس وٺبي، تڏهن ئي سموريون ۽ سربستين سينئي ڳالھين جا سچ کان وڌيڪ چٽا، صحيح رنگ روپ ڏسي سگھبا. نہ تہ هونئن اڪثر ائين ٿو ٽئي تہ هڪڙي ڪوڙي ڳالھ کي ننديء ٻي اهڙي ئي ڪوڙي ڳالھ يا اڳين کان بہ وڌيڪ خراب ڪوڙي ڳالھ ماڻھن تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.

عوام جا دشمن ڦورو طبقا جڏهن پاڻ ۾ وڙهندا آهن، تڏهن اڪثر ائين ئي ٽيندو آهي. ٻئي پاڻ ۾ وڙهندا بہ آهن، هڪٻئي جي ڳالھين کي ڪوڙو بہ ڪندا آهن، اڳلي کان بہ وڌيڪ ڪوڙيون ڳالھيون بہ ڪندا ويندا آهن. سچين ڳالھين کي قتل ڪرڻ ۾ ٻئي هڪٻئي کان گوءِ ڪٽڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن.

سچي ڳالھ ڪرڻ لاءِ رڳو جرئت نہ ڪپي. ان لاءِ سموري ۽ سربستي ڄاڻ بہ ڪپي. ڳالھ ڪرڻ جو ڍنگ بہ ڪپي. ڳالھ ٻڌڻ جي دل تائين پهچائڻ جو هنر بہ ڪپي. دوست توڙي دشمن ان ڳالھ کان انڪاري ناهن تہ انهن ڳالھين ۾ هي لکٹيون پنهنجو مٺ پاڻ آهن.

هي لکٹيون آيتون ناهن. هي رايا آهن. سوين هزارين ماڻهو هن راين سان اتفاق ڪن ٿا ۽ اوترا ئي انهن سان اختلاف ڪن ٿا. اها قدرتي ڳالھ آهي. سنڌي سماج ۾ ڪئين طبقا آهن. هر طبقي جا مفاد ۽ سندس روح کي وٽندڙ

ڳالهيون جدا آهن. تنهن کان سواءِ طبقن جا هڪجهڙائي تي اثر آهن. خاص ڪري وڏيري طبقي جا خيال صدين کان سنڌ تي چانيل آهن. انهن جا اثر وڏيرن تي به آهن ته هارين تي به آهن ۽ وچين طبقي وارن تي به آهن. جيسين اهي اثر آهستي آهستي لهن، تيسين وڏيرڪي سوچ سنڌي سماج جي طبقن تي سڌي يا اڻ سڌي نموني چانيل رهندي.

هي "تحريڪ" جا چپيل ايڊيٽوريل آهن. اهي اسان جي مسئلن جو حل پيش نٿا ڪن. اهي گهٽي قدر رڳو سوال اٿارين ٿا. جيڪڏهن هنن کي پڙهي ماڻهن انهن مسئلن بابت سوچڻ جي ضرورت محسوس ڪئي ته چئبو ته انهن جو مقصد گهٽي پاڳي پورو ٿيو.

هي ايڊيٽوريل "تحريڪ" جي سوچ جو نچوڙ آهن. ڪيترا جاڻو ماڻهو چون ٿا: ته اهي نه رڳو "تحريڪ" جي جان آهن، پر سنڌي ادب ۽ صحافت جا شاهڪار به آهن. توهان به پڙهي ڏسو. ممڪن آهي ته اهي توهان کي سنڌ بابت سوچڻ ۾ ان کي سمجهڻ ۾ مدد ڏين. ٿي سگهي ٿو ته اهي سڀ يا انهن مان ڪجه اوهان اڳ به پڙهيا هجن. پر ڪي شيون رڳو هڪ دفعو پڙهڻ جون نه هونديون آهن. تنهن کان سواءِ هن سيني لکڻين کي هڪ هنڌ پڙهڻ سان جيڪا ڳالهه دماغ ۾ ايندي سا هونئن شايد نه اچي. بهرحال توهان پاڻ فيصلو ڪريو ۽ اسان کي ٻڌايو.

هن کي ٻيهر چاپڻ جي هڪڙي ٻي به ضرورت هئي. چوندا آهن ته "ڇڙو اهو جو درياه پراڻ ٻيهي گاريون ڏي، يا منهن تي کوڙ ڳالهائي" يا "مڻ تي کوڙ سڀ کو وجهي سگهندو. ڏڇجي ان کان جيڪو جيئرن تي به کوڙ وجهي!" کي چون ٿا "تحريڪ" فلاڻي ڳاله ڪري ٿي، فلاڻي ٿئي ڪري. تحريڪ جا ايڊيٽوريل حاضر آهن. اوهين پاڻ پڙهي فيصلو ڪريو ته هاڻوڪي ماحول ۾ ڪو ماڻهو ڪو سنڌي رسالو باقاعدي هلائڻ ضروري سمجهي ته پوءِ هن کان وڌيڪ کهڙيون ڳالهيون، کهڙي نموني ڪري سگهي ٿو؟

جنهن به ساڻيءَ کي کا اهڙي تمام ضروري ڳاله سجهي جا رسالي بند ڪرائڻ بنا به ڪري سگهجي ها ۽ نه ڪئي وئي آهي ته مهرباني ڪري اسان جي رهنمائي ڪري.

رسول بخش پليجو

حيدرآباد 4 ڊسمبر 1974ع

بنگلاديش منظور ٿيل آهي!

رهزنو! قاتلو! جلادو! بنگلاديش اڳي ئي منظور ٿيل آهي. اٺ ڪروڙ ماڻهن جي قوم پنهنجي پگهر، پنهنجي لڙڪن، پنهنجي رت سان ان جي منظوريءَ جو دستاويز لکي چڏيو آهي. بنگلاديش بندوق جي نالي‌ءَ مان وجود ۾ آيو آهي ۽ نه ڪنهن تقرير بازيءَ، قانون بازيءَ، ڪانفرنس بازيءَ يا اليڪشن بازيءَ سان. اهو ڪنهن منظوريءَ جو محتاج ڪونهي.

مجرمو! توهان کان ڪير ٿو بنگلاديش جي منظوريءَ جو پڇي! توهان ته جوابدار آهيو. توهان تي فريادي آهن- سنگين تي ٽنگيل پار، ايذاءُ ڏيئي ماريل شهزادا، جوان لٽيل لڇون، مامتا ماريل مائرون، اجاڙيل گهر، سڃا اگڙ، جلايل ڳوٺ، اڌ پوريل قبرون، رتو رت ٿيل ۽ ساڙيل باريل ڌرتيءَ تي پکڙيل انساني هڏيون، هڪ رتو چاڙ ٿيل ملڪ، هڪ ڪٽل قوم. توهان مان هر هڪ هزارين، لکين دفعا قاسيءَ تي ٽنگجڻ جو ڏوهاري آهي. اي چنگيز ۽ هلاڪوءَ جا تخمو! بزدلو! توهان ۾ هٿلر ۽ گوئبلز جيترو بي حياءُ ڪونهي. هٿ شرم کان پاڻ کي ماري چڏيو. توهان اڃا پيا جيئو ۽ چئو "بنگلاديش نامنظور!"

هنن مجرمن تي مقدما هلايو!

پاڪستان جو صدر دنيا اڳيان اعلان ڪري چڪو آهي ته 'اسان مسلم بنگال ۾ پنهنجي غلطين جي تلافي ڪرڻ ۽ ڏوهارين کي سزائون ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.'

پاڪستان جي قانون موجب ڪنهن جي گهر مان ڇهن رپين جي ڪڙ چورائڻ جي سزا ست سال قيد ٿي سگهي ٿي. اوپر پاڪستان ۾ جن ماڻهن اوپر پاڪستان جي عوام خلاف جرم ڪيا آهن، تن مان گهٽا اولهه پاڪستان ۾ موجود آهن. ملڪ جي موجوده قانونن هيٺ انهن تي مقدما هلڻ گهرجن. ضرورت پوي ته بين الاقوامي ٽربيونل مقرر ڪيا وڃن. شاهديءَ جي سلسلي ۾ بنگلاديش جي سرڪار جو تعاون حاصل ڪري سگهجي ٿو.

اهي مجرم باقي رهيل پاڪستان لاءِ به سخت خطرو آهن. مودودي فرقي جا ڏاڙهي پوش غنڊا جن بنگال ۾ قتل عام ڪيا، سي وري فوجي ٽولي کي

بچون پيا ڪن تہ اولھ پاڪستان ۾ بغاوت ڪري عوام جو قتل عام ڪريو ۽ غير قانوني ڊڪٽيٽر شپ قائم ڪريو. تنھن ڪري حڪومت نہ رڳو اوپر پاڪستان جي عوام اڳيان پر خود باقي رھيل پاڪستان جي عوام اڳيان انھن غندن کان حساب ڪتاب ونڻ لاءِ ٻڌل آھي. نہ تہ اھي خطرناڪ مجرم ھتي ب اھو خوني ڊرامو ڏھرائيندا، جنھن پاڪستان کي ھيڏو خوار، ذليل ۽ تباہ ڪري ڇڏيو آھي.

گھر جا ڪڙ نہ ماريو!

گذريل سٺ دشمن فسادن ۾ وڏيرا سنڌي مسڪين کي پناھگيرن جي ٻوھي ۾ ڏيئي پاڻ پڇي لڪي رھيا. گھٽي خونريزيءَ کان پوءِ ايجا پناھگير ٿورا جھڪا ٿيا تہ وري وڏيرا پاڻ شروع ٿي ويا! فساد بند ڪرائڻ جي بھاني ب ٿي پناھگير پوري آگ لاھي، پوءِ اچي سنڌين کي لڳا. ستن پيڑھين جون دشمنيون ھڪڙي ڏک ۾ پوريون ڪيون اٿن. چون ٿا تہ رڳو لاڙڪاڻي مان ھزار کان مٿي سنڌي قيد ڪيا اٿن، بھانو اھو تہ 'پناھگير فسادن کي ٻنجو پيا ڏيون!'. مطلب تہ ھي ڪانو ھر ڪُڙ مان پنھنجو مزو ڳوليو ونڻ. ڪامورا شاھيءَ کي ختم ڪرڻ جي بھاني ايوبي دور جون دشمنيون ب پاڙيائون. سچي کوڙيءَ کي گھمرو ڏيئي سرڪاري نوڪريءَ مان سنڌين کي ٻھارو ڏيئي ڇڏيائون.

اھا نئين ڳالھ ڪانھي. کھڙي ۽ راشديءَ ب ائين ڪيو. انھن کان اڳين ب ائين ڪيو. پويان ب ائين پيا ڪن. سنڌي شير شاھن کان گھر جي ڪڙ کان سواءِ ٻيو کھڙو شڪار ھيستائين پھتو آھي جو ھاڻ ڪندا؟ مطلب تہ جيستائين سياست جي واڳ وڏيرن جيءَ ھٿ ۾ آھي، تيستائين ائين ئي ٿيندو. جيستائين عوام پاڻ ۾ متحد ٿي سڀني قسمن جي وڏيرن کي سياست کان ھڪلي نہ ڪڍيو آھي، تيستائين اھي شير شاھ جا شڪرا گھر جا ڪڙ ئي ماريندا رھندا.

آزاد ڪريو

سنڌي عوام جو متفق مطالبو آھي تہ سياسي ويرِ پاڻ بند ڪريو. سمورن قانوني اشڪنجن ۾ ڦاسايل سنڌي مظلوم آزاد ڪريو.

109 ۽ 110، غنده ائڪٽ ۽ ٻيا ڪارا قلم ختم ڪريو. جي-ايم سيد، حفيظ قريشي، مائڊل شرم الھ بچايو مرٽاس، غلام قادر پليجو ۽ ٻين سمورن سون ھزارن سنڌي قيدين کي آزد ڪريو. يوسف لغاري ۽ ٻين خلاف ڪڍيل وارنٽ رد ڪريو. ظالم ۽ مظلوم ۾، دوست ۽ دشمن ۾ فرق ڪريو. پنھنجي پير تي

ڪهاڙو نہ هٿو. ويرنہ وڻو. بيوقوف نہ ٿيو. اهو سياسي خودڪشيءَ ۽ تباهي جو رستو چڏيو. سنڌ تي مڪمل وڏيرڪي ڊڪٽيٽر شپ مڙهڻ جي پاليسي ترڪ ڪريو!

["تحريڪ" پبليڪيشن- ڊسمبر 1972ع]

قومي جدوجهد ۾
زميندارن جي اڳواڻي وڏيرڪو راڄ قائم رکندي!

سنڌي عوام ۽ خاص ڪري سنڌي پڙهندڙ ۽ لکندڙ اها ڳالھ ڏٺا چاھين تہ ڪو سنڌي رسالن وارا پاڻ ۾ ذاتي ڏاڙھيءَ پٽ ڪري گند ڦھلائين. اسان سنڌي عوام جي انھيءَ راءِ سان متفق آھيون.

پر انھيءَ جي اھا معنيٰ ڪانھي تہ سنڌي رسالن وارا غلطيون ڪن يا غلط روش اختيار ڪن تہ انھن تي فھميدي نموني ۽ جائز اصولي تنقيد نہ ڪجي.

"اڳتي قدم" وارن تازو جي ايم سيد نمبر ۾ جناب رسول بخش پليجي جو محترم سيد صاحب بابت لکيل ھڪ مضمون ڇاپيو آھي. اھو مضمون نہ "اڳتي قدم" وارن کي ڏنو ويو ۽ نہ انھن لاءِ لکيو ويو ھو. ھن اھو بنا اجازت بلڪ بنا اطلاع ڇاپيو آھي. باوجود چوٽ جي اھو نہ لکيائون تہ اھا ڪڏھن لکيو ويو ھو.

انھيءَ چوريءَ بلڪ سينہ زوريءَ ذريعي اھو غلط تاثر ڏنو ويو آھي تہ جڏ لکندڙ جا ھن وقت شاھ صاحب جي سياسي لائين بابت اھي خيال آھن جي اُن مضمون ۾ ڇاڙايل آھن. حالانڪ کين خبر ھئي تہ ائين نہ آھي.

اھو مضمون اڄ کان 6 سال اڳ لکيو ويو ھو ۽ رسالي بادل ۾ ڇپيو ويو، جتان کنيو ويو آھي.

طبقاتي ست سگ!

اُن زماني ۾ شاھ صاحب عملي سياست کان رٽائر ٿيل ھو. ھن ايجا ون يونٽ خلاف ھلايل لمبي قومي تحريڪ جي واڳ کھڙي، راشدي ۽ نواب زاھد علي خان واري متحده محاذ جي حوالي ڪانہ ڪئي ھئي. عوام ۽ قومي ڪارڪنن کي ايجا اھا خبر ڪانہ پيئي ھئي تہ طبقاتي لاڳاپا کھڙي بلا ٿيندا آھن. ھن کي خبر ڪانہ ھئي تہ زميندار جي سياسي مائٽي فقط زميندار سان ٿيندي آھي. ھو غريبن سان ڳالھين جي پائيواري رکندا پر حڪومت ۽ اقتدار جي پائيواري ڪانہ رکندا. سندن پاڻ ۾ پلي ستر ويڑ ھجن، پر وقت تي ھو عوام کي پڇندا ۽ ڪونہ ۽ اندر ئي اندر ناني ڳونڙو ٻڌي ويھي رھندا.

هڪڙا زميندار پلي ڪٽي "محب اعظم" هجن ۽ ٻيا پلي ڪٽي "غدار اعظم" ۽ پلي ڪٽي هڪ ٻئي جا جاني دشمن نظر اچن پر اندر ئي اندر سندن پاڻ ۾ ست سگ آهن. اهو پاڻي لڻ هنئي ڪڏهن ب جدا ڪونہ ٿيندو. ڪين خبر ڪانہ هئي تہ "ميمڙ چريو ٿيندو تہ ب پنهنجن ڏانهن ڪک اڇلائيندو." زميندار پلي دنيا کي ترڪ ڪريو، الله لوڪ ٿيو، ويڙو هجي تہ ب فيصلي جي گهڙيءَ ۾ هو ليڊ پنهنجي طبقي جي پائرن يعني زميندارن ڏانهن ڪندو ۽ نہ غريب هاري عوام ڏانهن.

گذريل ڇهن سالن جي عرصي ۾ تاريخ گهڻو اڳتي وڌي آهي. ان سنڌي عوام کي اهي ۽ ٻيا گهٽائي سبق سيکاريا آهن.

ڳري ۽ ناجائز قيمت

وطن جي ماڻهن سان همدرديءَ جو جذبو رکڻ، مضمون ۽ ڪتاب لکڻ، جلسن ۽ جلوسن ۾ تقريرون ڪرڻ، جيل جون سختيون سهڻ تمام ضروري ۽ چڱا ڪم آهن. اهڙي ماڻهوءَ جو قدر ڪرڻ گهرجي. جي هو بزرگ آهي تہ سندس ادب ۽ احترام ڪرڻ گهرجي. جي هن ٻين سڀني کان وڌيڪ تڪليفون ۽ ڏاکڙا سڌا آهن تہ ٻين سڀني کان وڌيڪ سندس قدر، ادب ۽ احترام ڪرڻ گهرجي. پر ان جي اها معنيٰ بلڪل ڪانهي تہ انهن تڪليفن ۽ قربتن جي عيوض ڪا سڄي قوم اکيون پوري سندس پويان ڪاهي پوي. ايڏي ڳري ۽ ناجائز قيمت جي نہ توقع رکڻ ڪهڙي ۽ نہ ڏيڻ ڪهڙي.

اعليٰ علم ۽ اعليٰ سائنس!

انقلابي وطن دوست جدوجهد اڄ مڪمل علم ۽ سائنس بنجي چڪي آهي. اها سائنس دنيا جي مظلوم قومن جي گذريل ٽن صدين جي جدوجهد جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. جهڙوڪ: قومي جدوجهد جا مقصد ڪهڙا هجن؟ ان جي اڳواڻي ڪهڙو طبقو ڪري؟ ان جي سياسي واٽ، حڪمت عملي ۽ چالون ڪهڙيون هجن؟ وغيره. انقلابي قومي جدوجهد جي تاريخ اسان کي سيکاري ٿي تہ ڪابہ انقلابي قومي جدوجهد هيٺين بنيادي ڳالهين کان سواءِ قطعي ڪامياب ٿي نٿي سگهي. (1) مڪمل انقلابي وطن دوست نظريو (2) ان نظريي تي عمل ڪندڙ هڪ منظم ۽ مجاهد پارٽي، جنهن جي اڳواڻي پورهيت طبقي جي هٿ ۾ هجي ۽ نہ زميندارن يا وچولي طبقي جي ماڻهن جي هٿ ۾ هجي، (3) قومي جدوجهد جو انقلابي ڊنگ (4) هڪ انقلابي وطن دوست گڏيل قومي محاذ، جنهن جي اڳواڻي وطن جي پورهيت طبقي جي

هٿ ۾ هجي، ۽ جنهن جو مڪيه دارومدار وطن جي هارين تي هجي.

انهن بنيادي ڳالهين کان سواءِ جيڪا به جدوجهد هلي ٿي اها هميشه سطحي، هُل بکيڙي، لفاظي ۽ سودي بازي تائين محدود رهندي. تاريخ بار بار ثابت ڪيو آهي ته جنهن به قومي جدوجهد جي اڳواڻي زميندار يا سرمائيدار طبقي جي ماڻهن جي هٿ آهي، تنهن جو انت هميشه عوام سان دوکي، دولاب، دشمن سان سودي ۽ وڏيرڪي يا سرمائيدار ۽ ڀاڄ تي ٿيو آهي.

به چنڊال چوڪڙيون!

'سنڌ متحده محاذ' ۽ 'پيپلز پارٽيءَ' جي گذريل سياسي تاريخ تي هڪ نظر وجهبي ته سڄي ڳالهه ظاهر ٿي پوندي. زميندار طبقي جا قابل اڳواڻ اول شاگردن، نوجوانن ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن کي هرڪائين ٿا. سنڌي قوم يا سنڌي عوام جي حالت تي رت روئين ٿا. سنڌي عوام جي دشمن ۽ غدار وڏيرن تي هڪڙي گار لاهين ٻي چاڙهين ٿا. وڏيرا به سندن مخالفت ڪن ٿا. ظاهر ائين ٿو لڳي ته جڻ اهي قابل زميندار اڳواڻ پنهنجي طبقي جي ظالم ۽ غدار وڏيرن جا جاني دشمن آهن. پر پوءِ جيئن جيئن عوام وڃن انهن ڳالهين تي موهجندا ۽ زميندار اڳواڻ ڏانهن صدق وڃائيندا، تيئن تيئن ظالم ۽ غدار وڏيرو طبقو وڃي ٿو پنهنجي زميندار اڳواڻن ڏانهن رڙهندو. پردي پويان گڏجه گوهه ۾ وڏيرڪا ناه ۽ سودا ٿين ٿا. تان جو اليڪشنون اچن ٿيون. عوام کي چيو وڃي ٿو ته "هن اليڪشن ۾ 'پنهنجي پارٽيءَ' کٽيو ته توهان جا سپئي ٻيڙا پار ٿي ويندا." 'پنهنجي' پارٽيءَ جي کٽڻ لاءِ لازمي ته 'پنهنجا' اميدوار اهڙا بيهارجن جي کٽين. ظاهر آهي ته اهي وڏيرا ئي ٿي سگهن ٿا- پوءِ وڏيرا قوم تي احسان ڪري عوام جي "پنهنجي" پارٽيءَ ۾ شامل ٿين ٿا. مخالف ڌر جي وڏيرن جي چنڊال چوڪڙيءَ جي سامهون "پنهنجن" وڏيرن جي چنڊال چوڪڙي ڪڙي ٿئي ٿي. اهڙيءَ ريت عوام جي جدوجهد جي ڪمائي انهن پاپين ۽ مردارن جي حوالي ٿيو وڃي، جن جي سورن کان جند ڇڏائڻ لاءِ عوام هيڏي مٿاڪٽ ڪئي هئي.

اصلي کانيدار!

پيپلز پارٽيءَ جو مثال اکين اڳيان آهي. متحده محاذ جو اڳوٽو رڪارڊ موجود آهي. نئون رڪارڊ ٺهي پيو. حال جناب ظفر شاهه علي قطب شاه ۽ محترمه حميده کهڙو ظاهر ٿيا آهن. ٻيا زميندار پويان آهن. اليڪشن مهل سپ نڪري نروار ٿيندا. هڪڙا هن پاسي، ٻيا هُن پاسي. غريب قومي

ڪارڪن ۽ عوام جڏهن سيد صاحب جا قصيدا ڳائي، جيل ڪاٽي، جنهيون سهي دنگ ڪندا، تڏهن اصلي ڪاتيدار اچي قبضو وٺندا.

سنڌ جا عوام هاڻي وڏيرڪي راج جي ڏهٻڻ ڏانهن وڌي ويندڙ فريبي اليڪشني رستي تي گهلجڻ لاءِ تيار ناهن. هو ڪنهن به قائد يا محب جي معرفت پنهنجي حقن جي جدوجهد جي ڏاڙهي ظالم ۽ غدار وڏيرن جي رهزن لوڌ جي هٿن ۾ ڏيڻ نٿا چاهين. هو ايري سيري پنهنجي ڪني پاڻ چاڙهڻ ۽ رڌڻ چاهين ٿا. هو هاڻ اها سياست گهرن ٿا، جنهن ۾ هو جيڪا به ٿوري گهٽي طاقت گڏ ڪن، سا سندن ئي هٿن ۾ هجي ۽ پرمارن جي لٺ جو شڪار نه ٿئي.

انهيءَ جي معنيٰ اها هرگز نه آهي ته زميندار طبقي جا جيڪي فرد سنڌي عوام سان همدردي، مدد ۽ رهبري ڪن تن جو قدر نه ڪجي. ان ڳاله ڪري سيد صاحب کان وڌيڪ ڪوبه زميندار سياست دان عزت ۽ قدر جي لائق ڪونهي. مطلب فقط هي آهي ته تجربي ڏيکاريو آهي ته جنهن به تحريڪ جي اڳواڻي ڪنهن زميندار جي هٿ ۾ آهي، ان جي واڳ جلد يا دير سان عوامي ڪارڪنن بدران ويجيو وڏيري طبقي جي حوالي ٿئي ۽ عوام ڏيون چٽيندا رهجيو وڃن. ظاهر ۾ اهو هڪڙو چڱو زميندار اڳواڻ هوندو. پر پردي پويان سندس سڄي يڪي لوڌ ويڻي هوندي جا اليڪشن مهل نڪريو نروار ٿئي! چوندا آهن "(پير) پٽو ڪاشو، پٽي جي گهل بچڙي!" زميندار طبقي جي ماڻهن جي سنڌي عوام سان همدردي ۽ مدد اڪين تي! پر سندن اڳواڻيءَ کان توبه! اميد ته "اڳتي قدم" وارا ساٿي آئيندہ احتياط ڪندا.

حبيبن سان حال!

چوندا آهن "نون ميهارن مينهون ڏاريون، ڪٿا ساڻي دونهيون ٻاريون" اسان کي احساس آهي ته اسان جو حال به اهو آهي. ڪتاب مهينو ليٽ ٿي ويو. گهٽائي حيلا ڪياسون پر ليٽ نه نڪري سگهي. سب ڪهڙا ڏيون؟ "مڙيئي مون ڏانهن..." هاڻ ارادو اٿئون ته "اپري لڏ سويل پلاٽجي" وارو ڪم ڪريون. پر واڳ ڪجه اسان جي ته ڪجه پريس جي ڏٽين جي وس آهي. پاڻ وهيٽا ڪين آهيون، جو هامر هٽون. پر الله ڪندو، سپ سولي ٿي پوندي.

اسان پنهنجي اپري سيري عقل ۽ وٽ آهر، سنڌي عوام آڏو ٻين نقطي نظرن سان گڏ هڪ نئون انقلابي ۽ عوامي وطن دوست نقطي نظر پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيا ڪريون. اهو ڪٽڻ ڪم آهي. ان ۾ اسان کي ڪيتريون ڳالهيون اهڙيون چوٽيون پون ٿيون جي شايد چالو سمجه مطابق ناهن. پر اسان

جي خيال ۾ چالو خيالن، چالو نظرين، چالو قومي سمجھ، چالو حڪمت عمليءَ ۾ بنيادي ۽ انقلابي تبديليون آڻڻ کان سواءِ اسان جي قوم جو گاڏو گھلجندو ته پيو پر اسين ڪنھن بلند ۽ شاندار منزل جي مومل ماڻي نه سگھنداسون.

اسان جي اڳيان پھاڙن جيڏيون رڪاوٽون آھن. اسان جو مقابلو نھايت ظالم، چالاڪ، عيار، زوراور ۽ تجربيڪار اندروني خواھ باھرين قوتن سان آھي. اندريون قوتون اسان کي اندر ئي اندر اڏوھيءَ وانگر کائي، اسان کي باھرين جو آسان شڪار ڪن ٿيون. وقت تي ٻئي قوتون پاڻ ۾ ٻڌ ٿيو وڃن. اسان جي قومي سمجھ ايڏي پختي ڪانھي، جو اسين ايڏي پراڻي ۽ پيچيدي سياست کي ھڪدم سمجھي وڻون. ظاھر آھي غلط فھميون ٿيندیون. آگرين ڪچنديون، الزام مڑھبا، سنئين سڌي ڳالھين کي ابتيون معنائون پھرائيبيون. پر اسان اھو سڀ ڪجھ ٻولي ڪنيو آھي. اسين ذاتي حملن کي حقارت سان نظرانداز ڪنداسين. اصولي ڳالھين بابت پنھنجا خيال اصولي نموني پيش ڪندا رھنداسين. اختلاف ۽ تنقيد جي آجيان ڪنداسين. پڙھندڙ ساڻين کي رھبريءَ لاءِ خلوص پريو عرض ٿا ڪريون.

["تحريڪ" پبليڪيشن- جنوري، فيبروري 1973ع]

هي آئين نه گهرجي!

هي آئين جمهوريت جي چلڪٽي پنيءَ ۾ ويڙهيل ڊڪٽيٽري زهر جي پڙي آهي، سنڌ لاءِ، پاڪستان جي ننڍين قومن لاءِ، ۽ سموري بچيل پاڪستان لاءِ، ڪي پورڙا سنڌي پٽي صاحب جي صدارت جي هُش تي خوش ٿي، اهو قاتل زهر پيئڻ لاءِ تيار ٿا ڏسجن، پر پوءِ سنڌين جو محشر ئي رُلي ويندو! ٻيو ته نهيو، رڳو دانهن ڪرڻ کان ٻه ويندا سين. سپ ڪو چوندو "ميان پنهنجي هٽ سان اچو منهن ڪيو اٿو هاڻ وري ٽڻ ٽڻ چا جي ٿا ڪريو؟" پوءِ پنهنجي ويڌي جو ڪهڙو ويچ ڪهڙو طبيب؟

هٿلر ٻه ته هڪڙي آئين هيٺ قوم جي چونڊيل نمائندي طور ۽ قانون موجب آئيني ڊڪٽيٽر ٿيو هو!

اسان کي اُهو جمهوري ۽ عوامي آئين گهرجي جنهن ۾ اسان جي عوام جي قومي حيثيت، قومي ۽ عوامي حقن ۽ قومي زبان کي صاف صاف نموني تسليم ۽ محفوظ ڪيو ويو هجي. هي سنڌ دشمن، عوام دشمن فاشي آئين اسان کي نه گهرجي.

بلوچستان کي سنائڻ بند ڪريو

بلوچستان جو عوام ڏين کان سنڌ جي وڏيرڪي نظام کان ٻه وڏيڪ وحشي قبائلي سرداري نظام ۾ گرفتار آهي. بلوچستان جا سردار بلوچ عوام جي حياتيءَ ۽ موت جا مالڪ آهن. بلوچ عوام ٻه سنڌين وانگر غريب، بکايل، ڏکويل ۽ ڏٻايل آهي.

ون يونٽ مڙهجڻ مهل جڏهن سنڌي وڏيرا شاهيءَ بيغيرتيءَ سان، پنجابي پناهگير ڊڪٽيٽر شپ جو ڳٽ پنهنجي هٿن سان پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌو، تڏهن ڪن بلوچستان جي سردارن ڊڪٽيٽر شپ جو مقابلو ڪيو ۽ ڪافي سختيون سٽيون. انهيءَ ۾ گهٽي پاڳي سندن ذاتي ۽ طبقاتي فائدو هو جو سندن سرداريون خطري ۾ هيون. پر ساڳي وقت ان ۾ بلوچ قوم کي پنجابي راج کان بچائڻ جو ٻه سوال هو. تنهن ڪري انهن سردارن جو نه رڳو بلوچستان پر سنڌ جي عوام جي نظرن ۾ ٻه وقار وڏيو. سنڌ جي ڪيترن جمهوريت پسند

ماڻهن پهچ آهر بلوچ سردارن جي مدد ڪئي ۽ بلوچستان ۾ سنڌ جي عوام جا پائپيءَ وارا گهرا ناتا ايجا ٻه وڌيڪ مضبوط ٿيا.

جڏهن گذريل چونڊون ٿيون ۽ بلوچستان ۾ اهي سردار ڪامياب ٿيا، تڏهن سنڌ جي ماڻهن کي تمام گهڻي خوشي ٿي. کين خاطري هئي ته اهي بلوچ سردار پنهنجي قول موجب سنڌ جي قومي جدوجهد جي پٺيرائي ڪندا ۽ سنڌي عوام سان پاڻهن ۾ ٻيلي ٿيندا، انهي ڪري گذريل سال 4 مارچ تي جڏهن انهن مان ڪي سردار حيدرآباد ۾ آيا، تڏهن سندن پنهنجائيءَ وارو ۽ پرجوش استقبال ڪيو ويو.

پناهگير پرست سردارن سنڌ ۽ بلوچستان جي اتحاد سان غداري ڪئي!

پر افسوس جو انهن ساڳين بلوچ سردارن پناهگير نعپ جي اثر هيٺ اڄي بلوچستان ۽ سنڌ جي عوام جي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. هو هميشه قومي زبان کي تسليم ڪرائڻ جو پرچار ڪندا رهيا آهن. پر عين ٽائيم تي هن ۽ سندن سرحد وارن نعپ پرست پٺاڻ خانن پنهنجين پيارين ٻولن کي ڇڏي اڙدوءَ کي صوبائي زبان بنائي بلوچستان، سنڌ ۽ سرحد جي ماڻهن سان ويساه گهاتي ڪئي. بزنجو ۽ گل خان نصير جهڙا ڪٽر قوم پرست سڏائيندڙ سردار پنهنجي پناهگير نقلي ترقي پسند پيرن کي خوش ڪرڻ لاءِ جيئي سنڌ جي تحريڪ کي شاونسٽ (ناجائز قوم پرست) تحريڪ سڏي بدنام ڪرڻ لڳا. هن سنڌي شاگردن ۾ قوت وجهڻ لاءِ سنڌ ۾ نسلي بنيادن تي پناهگير پيرن جي زير اثر "بلوچ اسٽوڊنٽ فيڊريشن" قائم ڪرائي. ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي پين علائقن تي سامراجي دعوائون ڪيو. پناهگيرن جي فسادن ۾ پناهگيرن کي بي ڏوهي ۽ سنڌي عوام کي ڏوهي ٺهرايو. سندن سرحد وارن ساٿين پناهگيرن کي خوش ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ پنهنجا وفد موڪلي ۽ ڪتاب لکي سنڌي عوام خلاف پنجاب ۽ سرحد ۾ پروپيگنڊا ڪرائي ۽ بهارين کي سنڌ تي مڙهڻ جي سازش جي فائدي ۾ بيان ڏنا. خود ڪوئٽا ۾ سندن رسالي "سنگت" جنهن جو ايڊيٽر بزنجي صاحب جو فرزند بي زن آهي، تنهن ۾ سنڌ جي خلاف زهريلا مضمون چاپيا ويا ۽ سنڌ کي هر طرح بدنام ڪيو ويو. انهن ۽ پين حرڪتن ذريعي پناهگير نعپ جي ڪٽر قوم پرست پناهگير پيرن جي مريد سردارن نه رڳو سنڌ جي عوام سان ويساه گهاتي ۽ دشمني ڪئي پر بلوچستان جي عوام جي قومي جدوجهد کي سنڌي عوام جي قومي جدوجهد کان ڪاٽي، ان کي اڪيلو ڪري سخت نقصان پڻ رسايو. اهڙي طرح هن سنڌ ۽ بلوچستان جي

عوام جي پائپيءَ واري اتحاد خلاف ڪئين سنگين ۽ معاف نه ڪرڻ جهڙا جرم ڪيا.

سنڌ دشمن پناهگير ۽ سندن مريد سنڌ ۽ بلوچستان جي عوام جو ساڻ ٿوڙي نه سگهندا

پر بلوچستان جي مظلوم ۽ بهادر عوام جو انهن سردارن جي سنڌ دشمن حرڪتن سان ڪوبه واسطو ڪونهي. سنڌ جي عوام جي دلين ۾ پنهنجي بلوچستان جي پائرن لاءِ جيڪا اٿاه ۽ گهري محبت هميشه پئي رهي آهي، تنهن ۾ انهن حرڪتن ڪوبه فرق نه آندو آهي. سنڌي عوام بلوچستان ۾ مرڪز جي ناجائز سياسي ۽ فوجي مداخلت کي ڏڪاري ۽ نندي ٿو. سنڌي عوام جو مطالبو آهي: بلوچستان خلاف فوجي ڪارروايون بند ڪيون وڃن. بلوچستان جي عوام کي پنهنجي حڪومت پاڻ هلائڻ جو جمهوري حق موٽائي ڏنو وڃي. سنڌ ۽ بلوچستان جو سسئي ۽ پنهونءَ وارو ساڻ آهي، اهو ساڻ اٽل ۽ لازوال آهي. چند وڏيرن يا سردارن جون حرڪتون ان ساڻ کي ٽوڙي نٿيون سگهن. اسين بلوچ سردارن وانگر نقلي ترقي پسند ناهيون. اسين سنڌ جا سچا قوم پرست ۽ سچا ترقي پسند، مرڪز پرست سنڌي وڏيرن جي بلوچستان دشمن قدمن جي سخت مخالفت ٿا ڪريون ۽ بلوچستان جي عوام جي حمايت ٿا ڪريون. سسئي جي ديس ۽ قوم جا ماڻهو پنهونءَ جي وطن ۽ قوم جي ماڻهن خلاف زوراوري هرگز برداشت نه ڪندا. سنڌ بلوچستان سان آهي.

اسين گاريون نه ڏيندا سين

اسان پنهنجي گذريل ڪتاب جي ايڊيٽوريل ۾ پوريءَ ذميواريءَ، سنجيدگيءَ ۽ فضيلت سان سنڌي قومي جدوجهد جي ڪن مسئلن تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو هو. اسان پاڻ کي محب وطنيءَ ۽ حق پرستيءَ جا اڪيلا ٺيڪيدار نٿا سمجهون. اسان چيو هو ته 'اسين اختلاف ۽ تنقيد جي آجيان ڪنداسين.' اسان پڙهندڙ ساٿين کي رهبري لاءِ خلوص پريو عرض ڪيو هو. ڪيترين پڙهندڙ ساٿين اسان سان اختلاف ڪيو آهي، پنهنجا دليل ڏنا آهن ۽ اسان تي اصولي تنقيد ڪئي آهي. اسين انهيءَ رهبريءَ لاءِ سندن ٿورائتا آهيون. اسان سندن خطن جا چونڊ ٽڪرا پڙ چاپي رهيا آهيون.

پئي طرف پن رسالن جي فاضل ايڊيٽرن اسان جي ايڊيٽوريل جو جواب ذاتي حملن، گارين ۽ بليڪ ميل ڪرڻ جي ڏمڪين سان ڏنو آهي. اسان گذريل دفعي لکيو هو "ظاهر آهي ته غلط فهميون ٿيندیون. آگريون

ڪچنديون. الزام مڙهيا، سنئين سڌين ڳالهين ڪي ابتيون معنائون پهرائيبون. پر اسان اهو سڀ ڪجھ بولي ڪنيو آهي. اسين ذاتي حملن ڪي حقارت سان نظر انداز ڪنداسين. اصولي ڳالهين بابت پنهنجا خيال اصولي نموني پيش ڪندا رهنداسين."

اسان ڪي خبر آهي تہ نقلي اسلام پسندن، نقلي ترقي پسندن ۽ نقلي قوم پرستن جي هڙ ۾ سواءِ گار گند جي ٻيو ڪي ب ڪينهي. جيڪي ڪُني ۾ هوندو سو ئي پاڻ ۾ پوندو. اسان ڪي خبر آهي تہ سنڌي عوام قومي سياست ۾ گار گند ڪي ڏڪاري ٿو. هو ان ڪي قومي اتحاد ۽ قومي مفاد خلاف سنگين ۽ معاف نہ ڪرڻ جهڙو ڏوهہ سمجهن ٿا. اسان ڪي احساس آهي تہ گار گند ۽ ذاتي ڏاڙهيءَ پٽ ڪرڻ ٿيندو سنڌي قوم جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ.

تنهن ڪري اسين پنهنجي واعدي موجب انهيءَ گار گند ڪي حقارت سان نظر انداز ٿا ڪريون. اسين اصولي ڳالهين بابت پنهنجا خيال اڳي جيان اصولي نموني پيش ڪندا رهنداسين.

جيتري قدر پليجي صاحب جي ذات تي گند اڇلائڻ ۽ ڪيس بليڪ ميل ڪرڻ جي ڏمڪين ڏيڻ جو سوال آهي، اسان ڪي خبر آهي تہ سنڌي عوام جو هي اورچ، اڻ موٽ، داناءَ ۽ باڪمال فرزند سنڌ جي ٻين سرويچ ۽ ارڏن ادبين، دانشورن ۽ قومي ڪارڪنن وانگر سنڌي عوام جي خدمت جي راهہ ۾ هر قسم جي ذهني ۽ جسماني سختي ۽ ايذاءَ ڪي برداشت ڪرڻ ۽ ان جي مڙسائي مقابلي ڪرڻ جو عادي آهي. ڪابہ گندي ڪان گندي سنڌ دشمن ۽ عوام دشمن حرڪت ڪيس پنهنجي راهہ تان هٽائي نہ سگهندي. هن جو هميشہ اهو اصول ٻڌي رهيو آهي تہ:

ڪنڌا مون پيرن ۾ توڙي لک لڳن،
آگر آگوڻي نہ مڙي، ڇپون پير ڇڻن،
ويندي ڏانهن پرين، جُتي جات نہ پائيان.

اسان ڪي يقين آهي تہ هو ان اصول تي قائم رهندو.

["تحريڪ" پبليڪشن- مارچ 1973ع]

نئون ون يونٽ

ون يونٽ جي خلاف سنڌي عوام گذريل ڪيترن سالن کان جدوجهد ڪندو رهيو آهي، وڏين قربانين ۽ ڪشالن کان پوءِ ون يونٽ جي پراڻي ڍانچي کي ڊاڙو ويو. چؤطرف کيرون مبارڪون هلي ويون. جشن ملهايا ويا. هر ڪنهن چيو تہ: ”هيءَ بلا مون ماري.“ پر ڏسڻ وارن ڏاڙو پئي تہ ون يونٽ جو ڪوٽ پاڙان نہ پٽيو ويو آهي. فقط پراڻين سري کاڏل پٽين جي مرمت ڪري، کين نئون رنگ روغن لڳائي، هڪ نئون قهري ڪوٽ ڪڙو ڪيو ويو آهي.

اهو ڪوٽ اڳوڻي ون يونٽ جي ڪوٽ جي مقابلي ۾ وڌيڪ مضبوط وڌيڪ پختين پاڙن وارو ۽ وڌيڪ سخت آهي. نئون آئين نئين ون يونٽ جو نئون دستور آهي.

نئين آئين، نئين ون يونٽ جي قيد خاني جي ديوارن مٿان نقلي اسلام جو رنگ ۽ نقلي سوشلزم جو روغن مکي عوام کي خوش ڪيو آهي. قيد خاني جي پهريدارن ۽ جيلرن کي عوامي وردين پهرايون ويون آهن.

اڳوڻي ون يونٽ ۾ ڪمزوري اها هئي جو اهو ڊڪٽيٽري پاڇي هيٺ سگهين جي نوڪ سان عوام جي مٿان مڙهيو ويو هو! نئين آئين ون يونٽ کي انهيءَ ڪمزوريءَ کان آجو ڪيو آهي. نئون ون يونٽ عوام جي ووٽ سان، عوام جي چونڊيل نمائندن هٿان ۽ عوام جي قائد جي هدايت ۽ زير نگرانيءَ ۾ مڙهيو ويو آهي.

اڳوڻي ون يونٽ ۾ پاڪستان جي مختلف قومن جو نالو نشان گم ڪيو ويو هو. عوام جي ٻولين ۽ ثقافتن کي نظرانداز ڪيو ويو هو. صوبائي خودمختاريءَ جي وجود کان انڪار ڪيو ويو هو. نئين ون يونٽ جي نئين آئين ۾ اهي نقص نہ آهن. هن آئين ۾ پاڪستان جي مظلوم صوبن جا نالا وٺي سندن پيڙي پوڙي ويئي آهي. عوام جي ٻولين جي حفاظت جي ڀاني سندن گلو گهٽيو ويو آهي. صوبائي خودمختاريءَ جي نالي ۾ صوبائي خودمختاريءَ جي مٽي پليد ڪئي ويئي آهي.

اڳوڻي ون يونٽ جي آئين مڙهڻ پيري عوام کي سنگينون ڏيکاري سندن اکيون پٽيون ويون هيون. نئين ون يونٽ جي نئين آئين ۾ عوام کي ”عوامي“

آفيم ڪارائي بيهوش ڪيو ويو آهي.

پاڪستان جا عوام گذريل پنجويهن سالن ۾ ڪئين دوڪا ۽ فريب کائي چڪا آهن. پر هڻڻي ويساه گهاتي پاڪستان جهڙي ويساه گهاتن جي ملڪ ۾ ٻ ورلي ٽي هوندي. اڳي ته عوام دشمن خلاف فرياد هو. پر هاڻ رڳو عوام دوستن نه پر عوام جي قائدن سان واسطو آهي. انهن جي دانهن ڪنهن ڪي ڏجي؟

جي سي لوڙائو ٽيا جنين سندي ڏير،
ماروئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي؟

ڪنڊيءَ جهليو ڪانهن، عاشق اُيو آهون ڪري،
تو ڪيئن ٻوڙي سُهٽي ٻيلي منهنجي ٻانهن؟
درياه توتي دانهن، ڏيندس ڏينهن قيام جي!

بهرحال قومن جي زندگيءَ ۾ اهڙيون لاهيون چاڑهيون اچٽيون آهن. اسين انهيءَ نئين ويساه گهاتيءَ مان نوان سبق سکنداسين. اسين بزدل ۽ مايوس نه ٽيندا سين. اسين پنهنجي قومي حقن جي جدوجهد جاري رکنداسين. اسين پنهنجن حقن لاءِ لڙندا رهنداسين.

ٽڪيائي ٽر ٽيل چڙهه چُڪيائي چوٽئين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي پوءِ مڙيئي پيل،
اُٽي رائو ريل، ويڻن تان واري وري!

فتح حق جي ٽيندي، فتح پاڪستان جي مظلوم قومن جي ٽيندي، فتح سنڌي عوام جي ٽيندي.

اندر ۾ ابليس!

مظلومن تي رڳو ظلم ٽئي ته ٻ ڏهيو. سندس زخمن تي لوڻ ٻرڪڻ ٻ ضروري سمجهيو ويندو آهي. مرضن جو ماريل رڳو بيماريءَ وگهي مري، يا ڪو ڪوڙي ڪيس ۾ جهليل رڳو ڦاهي چاڑهي سو ڪافي ناهي. جيستائين پوپا ملان، ڊاڪٽر، پوليس، ڪامورا ۽ وڪيل ڪيس ڪوڙا ڏٽا ڏيئي سندس گهر پينگ نه ڪن، تيستائين مريض جو مرڻ، قيديءَ جو ڦاهيءَ چڙهڻ ٻ بي قاعدي ٽيو ٻوي.

نئين آئين پاڪستان جي مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن جي آسن ۽ اميدن کي جيڪي ڏٽ ڏٽا آهن، تن تي لوڻ ٻرڪڻ لاءِ مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن جا ازلي ويري وري ٻ جمهوري پگ ٻڌ چي گڏ ٽيا آهن. هڪڙي پاسي

نقلي اسلام پسند ملان ۽ پير، ٻئي پاسي نقلي ترقي پسند ڪامريڊ ۽ ٽئين پاسي نقلي قوم پرست سردار. سڀني هڪ ٻئي کي ڏوري اڇي ڏنو آهي. هي رهزن، ٺڳن ۽ ٻهروپين جو ٽولو عوام جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ لاءِ، عوام جي آئيني حقن جي لاش تي اوچنگارون ڏيڻ ويٺو آهي. ڇاڻڻ وارا ڇاڻن ٿا تہ جمهوريت جا قاتل اهي ئي آهن. جيڪي هينئر وڏيون اوچنگاريون پيا ڏين. اهو ئي رهزن نقلي ٽولو آهي جنهن اسلام، جمهوريت، سوشلزم ۽ عوام جي نالي ۾ هميشہ پاڪستان جي مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن کي گس هلندي راه تان پلايو ۽ ڦريو. هن ٽولي جي ئي ماڻهن ظاهر ظهور جمهوريت جا قافلا ڦريا، ماريا، لٽيا. هن رهزنن جا پلاند بنگال جي خون سان پريل آهن. هن ئي ون يونٽ جي ڪوڙي مخالفت ڪري سچي مخالفت جي راه بند ڪئي. هن ئي ڊڪٽيٽرن کي قتل عام ڪرڻ جون هشيون ڏنيون، هن ئي پاڪستان کي انڊونيشيا بنائڻ، لکين ڪروڙين عوام جو ڪوس ڪرائڻ جون سٽون سٽيون، هن ئي ماڻهن جون زبانون تارن کان چڪي ڪيڏ جون ڏمڪيون ڏنيون. هن ئي ٽي چيو تہ 'سنڌ ۾ ٻ بنگال جهڙي ڪوس جي ضرورت آهي' هن پاڪستان جي مظلوم قومن، سندن پولين ۽ ثقافتن سان ويساه گهاتي ڪئي.

هن کي اعتراض اهو ڪونهي تہ اڙدوءَ کي پاڪستاني عوام ۽ قومن مٿان قومي ٻولي ڪري چو ٿاڦيو ويو آهي؟ حقيقي قومي ٻولين کي چو نظرانداز ڪيو ويو آهي؟ يا پاڪستان جي مختلف قومن جي قومي وسيلن کي چو لٽ جو مال بنايو ويو آهي يا ڊوميسائيل جا رهيل کهيل بند پيچي، ٻاهرين ٻوڏ لاءِ ميدان چو صفا ڪيو ويو آهي يا ٻهارين کي سنڌ تي مڙهڻ لاءِ قانوني اشڪنجا چو ناهيا ويا آهن يا صوبائي خودمختاريءَ جي نالي کي سڪٽو فريب چو بنايو ويو آهي؟ انهن "جمهوري" ڳجهن کي ڳٽتي اها آهي تہ اقتدار جي ڊوند مان اڇا ٻ ڪين وڏو حصو نہ مليو آهي. اسلام جي آڙ ۾ اڇا وڏيڪ ٻي حيائي ۽ بيشرميءَ وارو آئين چو نہ ناهيو ويو آهي ۽ پاڪستان جي مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن کي الشمس ۽ البدر جي قاتلن جي کلي جاگير چو نہ بنايو ويو آهي. هي جمهوريت جي قاتلن جو محاذ آهي. هي عوام جي رت جي پياسن زهري نانگن جو محاذ آهي. هي اهي آهن جن جي لاءِ فرمايل آهي "منهن تہ موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس".

پاڪستان ۽ سنڌ جو عوام پنهنجن هن ازلي ويرين خلاف حياتي ۽ موت جي جدوجهد جاري رکندو.

سنڌين کي جمهوري حق ڏيو

سنڌ ۾ هن وقت فقط ٻن ٽولن کي ڳالهائڻ جي موڪل آهي. هڪڙا وڏيرا ۽ وزير ۽ ٻيو اهي جمهوريت جا قاتل ۽ جلاد، جي پاڻ کي جمهوري مخالفت جا وارث سڏائي ملڪ تي مڪر، فاشزم ۽ غنڊا گردي‌ءَ ذريعي قبضو ڪرڻ ٿا چاهين. پر سنڌ ۾ هڪڙي ٽئين ڌر ٻ رهي ٿي. اها ڌر آهي سنڌي عوام. پيپلز پارٽي‌ءَ عوام سان جمهوريت جو واعدو ڪيو هو. جمهوريت اها ناهي ته فقط وڏيرا ۽ وزير صاحب گوهر افشاني فرمائين ۽ عوام سدائين رڳو وات ڦاڙي سندن گلاب جي گل جهڙا گفتا جهٽن.

جمهوريت جو مطلب آهي ته جي مهيني جا 29 ڏينهن سرڪار نامدار جا گوهر پنهنجون گفتارون ٻڌئين ته گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي ڏينهن ته عوام کي ٻ وارو ملي. جيئن هاري، مزور، ننڍا واپاري، آبادگار، شاگرد، دانشور ۽ قومي ڪارڪن ٻ پنهنجي دل جو حال اوري سگهن.

اڙدوءَ وارن کي سوين نه پر هزارين اخبارن ۽ رسالن جا ڊڪليئريشن ڏنا ويا آهن. جي هر موقعي تي سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت خلاف زهر ڦهلائين ٿا. جڏهن هنگاما ڪرائڻا هوندن، تڏهن اهي رسالا ڦري ارڙ نانگ بنجي نه رڳو سنڌي عوام تي پر خود حڪومت تي ڦٽيون ڪيي کين ڏنگڻ ايندا.

انهن جي مقابلي ۾ سنڌ جي گهٽين اخبارن ۽ رسالن کي ڊڪليئريشن مليا آهن؟ گهٽن کي اشتهار ملن ٿا؟

اسان تحريڪ لاءِ گذريل سال کان ڊڪليئريشن داخل ڪيو آهي. ان کان پوءِ اڙدوءَ جي سوين عوام دشمن رسالن کي ڊڪليئريشن مليا آهن. پر اسان کي ايجا تائين ڊڪليئريشن نه مليو. اتلو هن ڪتابي سلسلي جي در تي ٻ سي-آءِ-ڊي وارا روز نوس نوس پيا ڪن. سنڌي عوام جمهوريت گهري ٿو. ڳالهائڻ، گڏ ٿيڻ، جلسا ڪرڻ، لکڻ ۽ ڇپائڻ جي آزادي گهري ٿو. سنڌي عوام سرڪار جي مخالف نقلي جمهوريت پسندن جي جمهوريت پسنديءَ جي دعوائن کي چگيءَ طرح سمجهي ٿو. پر ان جي معنيٰ اها ته ناهي ته انهن ڪوڙن دعويدارن جو ٻهانو ڪري خود عوام کي جمهوري حقن کان محروم رکجي.

فسادن جي سازش کي ٻنجو ڏيو

اخبارن مان معلوم ٿو ٿئي ته عوام دشمن وري فساد ڪرائڻ چاهين ٿا. انهيءَ ڳاله عوام کي ٻيچين ڪيو آهي. خاطري آهي ته ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، سکر، نوابشاه ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ فسادين هٿيارن جا وڏا ذخيرا گڏ ڪري رکيا آهن. فوجي تربيت ورتل الشمس ۽ البدر جا قاتل ڪراچيءَ ۾

تربيتي ڪيمپون کوليو وينا آهن. انهن جون ڪارستانيون گڏريل فسادن ۾ ڏٺيون ويون. پوليس وغيره جي سنڌي عوام سان سچائي اسان ڏسي ڇڏي آهي. سي-آءِ-ڊي سچي فسادين جي ايجنٽن سان سٽي پيئي آهي. اها سرڪار کي ٻڌائيندي ته 'فسادين ڏانهن سپ خير آهي، البت سنڌو ديش جا نعرا هٽندڙ ڇوڪرن مان وڏو خطرو آهي!' سنڌن رپورٽون سراسر گمراهه ڪندڙ ۽ شرارتي هونديون. سرڪار کي آخر وقت تائين پتو ڪونه پوندو ته ڇا پيو ٿئي. تان جو سڄو ملڪ فسادن جي شعلن ۾ ونجي ويندو. تقرير باز ۽ بيان باز عوامي وڏيرا پڇي وڃي ايئرڪنڈيشن بنگلن ۾ آرام پذير ٿيندا. سنڌي خلق موت جي منهن ۾ اچي ويندي.

اسين مطالبو ٿا ڪريون ته فسادن جي تيارين کي ڪچلڻ لاءِ هٿيارن جون تلاشيون ورتيون وڃن. فساد ۽ سازش جي اڏڻ کي ناس ڪيو وڃي. جيڪي ماڻهو قتل عام جون بچون پيا ڪن تن خلاف مڪمل جاچ ڪئي وڃي ۽ مٿن قتل جي سازش جا مقدما هلايا وڃن. گڏريل فسادن جو ٻارڻ ٻاريندڙن تي به ساڳيو قدم ڪنيو وڃي. ساڳئي وقت اسين سنڌي عوام کي به چونداسين ته هو به پهري سجاڳ رهن. جن جن شهرن ۾ خطرو آهي، اتي جا باشندا غنڊن جي سازشن تي نظر رکن، غنڊا گرديءَ خلاف متحد ۽ منظم ٿين ۽ امن امان بحال رکڻ لاءِ حفاظتي تدبيرون اڳواٽ سوچي ڇڏين ۽ انهن تي عمل ڪن

سنڌ امن ۽ سلامتيءَ جو وطن آهي. ان ۾ غنڊا گردي ۽ فسادين کي هرگز برداشت نه ڪيو وڃي.

["تحريڪ" پبليڪيشن- اپريل 1973ع]

سنڌ تي نئون حملو

سنڌ تي نئون حملو جاري آهي. افغانستان، ايران، نيپال، بحرين ۽ ٻين رستن کان زمين، پاڻي ۽ هوا مان ٻهاري قاتلن جا ڪٽڪ سنڌ تي ڪاڪي رهيا آهن.

اڳوڻي زماني ۾ ٻه قبيلن، قومن ۽ ملڪن تي چڙهايون ۽ حملا ٿيندا هئا ۽ هاڻي ٻه ٽين ٿا. اڳوڻي زماني ۾ هڪڙي حملي جو اطلاع ٻڌي، جبلن جي چوٽين تي وڏا مچ ٻاري، سڄي قبيلي کي خبردار ڪيو ويندو هو ۽ مقابلي لاءِ گڏ ٿيڻ لاءِ سڏ ڏنو ويندو هو. ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تيز رفتار قاصد دوڙندا هئا. جيڪو جتي هوندو هو، اهو اتي سڀ ڪم ڪارون ڇڏي، دشمن سان مقابلي لاءِ، مقابلي جي مرڪزن تي گڏ ٿيڻ لڳندو هو. شاعر بهادريءَ جا رجز ۽ ترانا پڙهي مانجهي مردن کي مقابلي جي ميدان ڏانهن وڌڻ لاءِ للڪارينداهئا. ڪوندر ڪنڊ ڪپائي ديس ۽ قوم تان سر ڏيئي سَرها ٿيندا هئا. سٿين، هُون، آريا، يوناني، ايراني حملو ڪندڙ ڪٽڪ جڏهن سنڌ تي ڪڙڪيا، تڏهن سنڌين حملي جي خبر ٻڌڻ شرط ائين ڪيو. عربن، افغانن، ارغونن، ترخانن، مغلن، پٺاڻن ۽ انگريزن جي حملن پيري ٻ سنڌي قوم ائين ڪيو. هن ڪڏهن ڪٽيو ته ڪڏهن هارايو. پر ائين ڪڏهن ٻ ڪونه ٿيو ته حملو ٿئي ۽ ان جو سنڌين طرفان ڪوبه مقابلو نه ٿئي.

سنڌ جي هزارين سالن جي تاريخ ۾ اڄ پهريون دفعو هڪ رهزن ۽ قاتل ڪٽڪ سنڌ تي ٻ ٻنا مقابلي چڙهي رهيو آهي. سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن، ٻنين، اوطاقن ۽ لانڍين ۾ موت جهڙي بيخبر مات آهي. اڄوڪي دور ۾ ٻي ڪنهن قوم تي اهڙي خطرناڪ دشمن جو حملو ٿئي ها ته هڪدم خطري جا گهڳهو وڄي وڃن ها. فورا هنگامي حالتن جو اعلان ڪيو وڃي ها. پارليامينٽ گڏ ٿئي ها. ريڊيو ۽ ٽيليويزن جنگي نغما وڄائين ها ۽ قوم کي مقابلي لاءِ للڪارين ها. هٿياربند فوجن کي هوشيار رهڻ جو حڪم ملي ها. پر هينئر ائين پيو لڳي جڻ ڪجه ٻ نه ٿيو آهي، سڀ خير آهي!

سنڌ کي چڏي رڳو عام امن امان، قانون ۽ انصاف جي ڳالهه کي ونجي نه ٻ معاملو سنگين کان سنگين آهي. رڳو هڪڙي مبين ڏاهريءَ جهڙي معمولي

پر هي قاتل ڪنڪ ڏينهن ڏٿي جو شاه شاهوڪاري ٻئي ٻانهون هٽندا ڪراچيءَ ۾ گهڙن ٿا- سندن جيڪي جوڙيوال اڳي ئي سنڌ ۾ ديرو جمايو ويٺا آهن، ۽ سنڌ کي مهاجرستان بنائڻ لاءِ گهاٽ پيا گهڙين سي سندن اچڻ تي هنبوچيون پيا هڻن، سندن واسطي پلاٽ والاريون ويٺا آهن. فليٽ پيا ٺهن. نوڪريون اڳواٽ رزرو ٿيون پيون آهن. مطلب ته سندن ائين استقبال ڪيو پيو وڃي جڻ ڪي قومي سورما هجن. حالانڪ هن مان هر هڪ اهڙن ته وڏن ڏوهن جو ڏوهاري آهي جو انهن ڏوهن جي اڳيان مبين ۽ رحيم هنگوري جهڙا ماڻهو جن ته معصوم فرشتا هڻا هُن ٻه، چار، پنج، ڏهه خون ڪيا، ڪجه گهر ڦريا يا ساڙيا، پن ٽن هزارن يا لکن جو نقصان ڪيو. پر هن هڪڙي سڄي قوم کي ڪُنو، هڪڙي سڄي وطن کي باهه ڏني- هڪڙي سڄي ڪنڊ کي رڙ ۾ وهنجاريو، هڪڙي سڄي ملڪ جو ڪرنگهو پيڄي ان کي ٻه ٽڪر ڪيو. هن قاتلن کي پڪڑڻ واري پوليس ڪٿي؟ هن کي سزائون ڏيڻ واريون عدالتون ڪيڏانهن ويون؟

هي انساني ويسن ۾ درندا آهن. هن جو وجود بي حيائيءَ، نمڪ حراميءَ ۽ غداريءَ جي خمير مان ٺهيل آهي. هن جو پير نياڳ ۽ نحوست جي علامت آهي. هن جو ذهن مڪر، فتني ۽ فساد جو ڪورو آهي. هي هلاڪو، نادر شاهه، هٽلر جا ناپاڪ ۽ نجس روحاني تخم آهن. هي پاڪستان لاءِ فساد، خون، موت ۽ تباهيءَ جا پيغام ڪٽيو پيا اچن. هي پاڪستان جي هڪڙي مظلوم پاڪستاني قوم کي تباهه ڪري، هاڻ ان جي بي ماريل قوم کي تباهه ڪرڻ آيا آهن. هي سنڌ جا نوان مالڪ ۽ آقا بنجڻ آيا آهن.

ڇا هن کي سنڌ ۾ بنگال وارو خوني دراموَ ڏهرائڻ ڏنو ويندو؟ سنڌيو! هن موٽمار حملي جي مقابلي لاءِ هوشيار ٿيو، پاڻ ۾ پڌي ڪرو ۽ جدوجهد هلايو! فتح حق جي ٿيندي. فتح مظلوم ۽ مجاهد عوام جي ٿيندي.

سي- آءِ- ڊي جي اسپيشل برانچ سنڌ دشمن سازش جو اسپيشل اڏو!

جڏهن کان پاڪستان ٺهيو آهي، سنڌ ڪٽر قوم پرست، تعصبي، عوام دشمن ۽ سنڌ دشمن ڪامورن جو شڪار گاهه پئي رهي آهي. هن سنڌ کي

ڳري، لٽي، ٻهاري محل ماڙيون، جاگيرون ۽ ڪارخانا ناهيا. اڄ حالتون ڪجهه بدليل آهن. منجهائن ڪي نڪتا آهن تہ ڪي بدلي ٿيا آهن. پر جيڪي جتي رهيا آهن. سي ايا تائين پنهنجي پراڻي ڪرت ڪي لڳا پيا آهن. سياسي طرح سندن سپ کان وڏو اڏو سي۔آءِ۔ڊي ڪاتو ۽ خاص ڪري ان جي اسپيشل برانچ يعني سياسي برانچ آهي. ان اڏي تي سپ کان سازشي، تعصبي ۽ فتني خور سنڌ دشمن آفيسر قابض رهيا آهن. ان اڏي ڪي ڪم آڻي هن جماعت اسلامي ۽ متعصب محاذ سان ٻٽ ٿي سنڌ جي شاگردن، هارين، مزدورن ۽ قومي ڪارڪنن خلاف ڪوڙا ۽ جعلي رڪارڊ تيار ڪري، سنڌ ڪي ظلم ۽ ستم جو نشانو پي بنايو آهي. هن کان ڪير پڇڻ وارو ڪونہ هو. سندن لکيو لوح محفوظ هو. ڏينهن ڪي رات چون تہ وس وارا جي رات ڪي ڏينهن چون تہ ب وس وارا.

حيدرآباد جي اسپيشل برانچ جا گهڙيل ڪوڙ خود يحيٰ شاهيءَ جي هٿ ٽوڪين فوجي عدالتن ۾ ب اگهاڙا ٿي پيا. حفيظ قريشيءَ تي هلايل فوجي مقدمي ۾ هن رڪارڊ پيش ڪيو تہ فلاڻي تاريخ حفيظ قريشي اورينٽ هوٽل ۾ جلسي جي صدارت ڪئي. حالانڪ ان ڏينهن حفيظ قريشي لائلپور جي ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي رهيو هو. پنجابي جج کي گهرايو ويو ان جي شاهدي، هوائي ڪمپني جو رڪارڊ ۽ ٻيا ثبوت پيش ٿيا. تڏهن لاچار فوجي عدالت کي تسليم ڪرڻو پيو تہ اسپيشل برانچ ڪوڙو رڪارڊ ناهيو آهي. اهو رڪارڊ ڪنهن سنڌيءَ ناهيو هجي ها تہ ان کي اتي جو اتي 14 سال ٽيپ ڏئي ڇڏين ها. پر هي تہ "پنهنجا" ماڻهو هئا. انهن کي الفان ب ڪونہ چيو ويو.

موجوده حڪومت جي اچڻ کان پوءِ ب هن سنڌ دشمن اڏي جي ڪارستانين ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ آيو آهي. گذريل سنڌ دشمن فسادن پيري جيڪي گرفتاريون ٿيون، تن جي سلسلي ۾ هر هڪ نظربند کي لکيت ۾ ٻڌايو ويو تہ تو ڪهڙيون ڪهڙيون تقريرون ڪيون آهن. جڏهن سنڌي ۽ سنڌ دشمن نظر بندن تي لڳايل الزامن جي پيٽ ڪئي وئي تہ اسپيشل برانچ جي ڪاريگرن جي ڪاريگريءَ کي داد ڏيڻو پيو. سنڌ دشمن نظربندن تي جڏا سڏا نالي ماتر الزام لڳائي رڪارڊ جي پورائي ڪئي وئي. انهن کي پڙهي هر ڪو ائين سوچڻ تي مجبور ٿيو ٿي تہ ويچارن کي ناحق اڙايو ويو آهي. پر سنڌي نظربندن خلاف پير کوڙي اهڙا ڪوڙ هنيا ويا جو جڙ تہ هو نظربند نہ ٿين ها تہ پاڪستان کي اڏائي ڇڏين ها.

تازو جيڪي گرفتاريون ٿيون آهن، تن ۾ ب هن اهڙا ڪرتوت ڪيا آهن جو خود حڪومت کي مجبور ٿي قبول ڪرڻو پيو آهي تہ گهٽن گرفتار ٿيلن خلاف هٿ جون هنيون ويون آهن.

اهو سپ ڪجهه هڪ سوچيل سمجهيل سازش هيٺ ٿي رهيو آهي. ظاهري

حڪومت پيپلز پارٽيءَ جي آهي پر اندر راڄ جماعت اسلامي ۽ متعصب محاذ جي هن چاڙڻن جو آهي.

سنڌي عوام جو مطالبو آهي ته هي بدمعاشيءَ جو اڏو بند ٿيڻ کپي. هن جي سموري ڪوڙي ۽ جعلي رڪارڊ جي تپاس ڪئي ويجي. جعلي رڪارڊ ناهيندڙ سازشين کي برطرف ڪري مٿن مقدما هلايا وڃن ۽ هي ڪم غير متعصب ماڻهن جي حوالي ڪيو وڃي، جيڪي ڪنهن سنڌ دشمن سازشي ٽولي جا چاڙڻا نه هجن. سنڌي شاگردن، هارين، مزدورن، دانشورن ۽ قومي ڪارڪنن خلاف ناهيل ڪوڙو رڪارڊ رد ڪرايو وڃي. اسپيشل برانچ جي اسپيشل ڪوڙڻ جو سلسلو ختم ڪيو وڃي.

آزاد ڪريو!

سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪيترا سنڌ جا ماڻهو پنهنجي وطن، پنهنجي ٻنين، پنهنجي عوام سان پيار ڪرڻ ۽ انهن سان وفادار رهڻ جي ڏوهه ۾ قيد ڪاٽي رهيا آهن.

انهن ۾ گهٽا وطن دوست هاري ۽ مزور آهن. ڪجه شاگرد آهن، هاڻي هڪڙو محب وطن زميندار اڳواڻ محترم جي ايم سيد وري به نظربند ٿيو آهي. ڏسجي ٿو ته فهرست لمبي ٿيندي. هڪڙي پاسي تر جو هر رهزن وڏيرو سياسي سو ڏهين جون لسٽون ناهيو ويٺو آهي. ٻئي پاسي سنڌ دشمن سي-آءِ-ڊي وٽ جماعت اسلاميءَ ۽ متعصب محاذ جون تيار ڪري ڏنل لسٽون آهن. ڪو نه ڪو بهانو کپي. يونيورسٽي جو واقعو نه ٿئي ها ته ڪو ٻيو بهانو هٿ ڪجي ها. سنڌ دشمن وڏيرا ۽ سنڌ دشمن پرمار پاڻ ۾ جُٽ ٿيو واڳن وارا وات پٽيو وينا آهن.

سنڌي عوام جو مطالبو آهي ته سمورن سنڌ جي قيدي هارين، مزورن، شاگردن ۽ قومي ڪارڪنن ۽ محب وطن زميندارن کي آزاد ڪيو وڃي. جيڪي وڏيرا ۽ جاگيردار سنڌ کي پنهنجي ذاتي جاگير بنائڻ جي هوس ۾ مبتلا آهن، تن کي لغام ڏنو وڃي.

["تحريڪ" پبليڪيشن- مئي 1973ع]

سڀ روئن پيا!

سڀ روئن پيا. پاڪستان جي سياسي جهنگ جا سڀ خونخوار آدمخور روئن پيا! واڳون روئن پيا، بگهڙ اوچنگارون پيا ڏين، مرون هاءِ هاءِ پيا ڪن، ڪپر ۽ لنڊيون، هڙ ڪٽيون ۽ ڪوراڙيون ٽڏا ساه پيون پرين. هن ڪي بلوچستان جو ڏک آهي!

بنگال جي ڪاسائي مودودي‌ءَ کي اک ۾ ڳوڙها آهن. مظلوم قومن کي سنگسار ڪرائڻ جون سڀون سڀيندڙ جماعت سڳوري‌ءَ جي ريش مبارڪ تان لڙڪ لارون ڪري پيا وهن! سندين جي پير ۽ سند دشمن جي مريد، حضرت پير سائين پاڳاري جون نوراني اکيون آليون آهن! سند دشمن فسادن جو روحاني پيشوا رئيس امروهوي عرف ڪڳو ڏک ۾ بيحال آهي. ڪُبو ماتم ۾ آهي. قوم دشمن چغلخورن جو پيش امام سردار علي شاه سينو پيو ڪُٽي، انهن کي بلوچستان جو ڏک آهي.

مودودي‌ءَ جو مريد ولي خان، بزنجو ٽولو پار پيو ڪڍي، هي اهو عوام دشمن ٽولو آهي، جنهن ننڍين قومن جي جدوجهد کي پٺ ۾ خجر هنيو، پاڪستان جي قومي پولين، بلوچي سنڌي، پشتو ۽ پنجابي‌ءَ سان غداري ڪئي، صوبائي خودمختاري‌ءَ جو مذاق اڏائيندڙ دستور صحيح ڪيو، پاڪستان ۾ مظلوم قومن جي ازلي ويرين طرفان سند ۾ ڪيل فسادن جي پڇيرائي ڪئي، مظلوم سندين خلاف اٽلو ڪوڙيون انڪوائريون هلائي سندن خلاف پروپيگنڊا ڪئي، جيئي سند جي جدوجهد خلاف زهر اوڳاريو، مظلوم قومن جي دشمن جي چمچاگيري ۽ دلالي ڪئي، پاڪستان جي مظلوم قومن جي گڏيل جمهوري مورچي کي ٽوڙي دشمن کي راضي ڪيو، بلوچ عوام جي جدوجهد کي پين مظلوم پاڪستاني قومن جي جدوجهد کا ڪاٽي الڳ ڪري، ان کي اڪيلو ڪرايو. اهو بلوچستان ۽ پين سڀني مظلوم پاڪستاني صوبن جو غدار ٽولو ٻ هاءِ هاءِ پيو ڪري. انهن کي ٻ بلوچستان جو ڏک آهي. هو چوطرف ڪانپون ڪڍيو، بلوچستان جي پٽر تي قبضو ڪريو، بلوچستان جي ڏکويل عوام کي وکوڙيو ويٺا آهن:

بحر بلائون بچڑيون پيون آفتون اجگر،
ڪميون، ڪچون، لڏڑا، ڏاڪ ڏين ڏيڏر،
واڳن وات وڏا پٽيا، ڪڍيا واسينگن ور،
وات وڃڻ جي نہ لڀي، پيا پکڑي ڪوڙ ڪپر!

هن مدارين جي سانگ کي ڏسي ماڻهو پائيندو تہ بلوچستان کي خدا رکي، اتي سڀ خير هوندو. هيءُ سڀ ٽڪي جو ٽاڪ هن دليءَ جي ٽڪن جو ٽاهيل هوندو. پر بدقسمتيءَ سان ائين ناهي. بلوچستان ۾ سڀ خير ڪونهي. اسان کي خبر آهي تہ حڪومت جي بلوچستان واري پاليسي جي پٽيرائي ڪرڻ وارن جي ڪوٽ ڪانهي. پر خدا نہ ڪري جي سپاٽي پٽي بدران مودودي ٽو صدر ٿئي تہ هي سڀ ڪان پهرين رانپاڙ ڪري چوندا "پٽي پر مقدم چلائو!"

اسان کي خبر آهي تہ جيڪي منافق بلوچستان لاءِ اوچنگارون پيا ڏين، سي دل ئي دل ۾ خوشيءَ جون ڪڪيون پيا هڻن. سنڌن اصول آهي تہ بچڑو ڪم ڏيڏ ڪان ڪرائجي. جي ڪو پاڻيهي ويجي اهڙو ڪم ڪري تہ پوءِ اهڙو مزو ڪو ٻيو! هن لاءِ پٽو سرڪار ۽ بلوچستان جا عوام ٻئي هڪجهڙا دشمن آهن. ٻنهي مان جيڪو چٽ ٿئي سو چگو. جي ٻئي ختم ٿين اهڙو ڪو ٻيو مزو!

پر سنڌ جا عوام هزارين مصيبتن، بي واجبين، ناحقن ۽ ظلمن جي باوجود اهو هرگز نٿا چاهين تہ مودودي ۽ سندس غدار چاڙڻن جو عوام دشمن ٽولو هن ملڪ تي قبضو ڪري. سنڌ جا ماڻهو هن حد ۾ مٽ سان ڪيترا بنيادي اختلاف رکندي بہ سنڌ جي ازلي دشمن مودودي ٽولي جي مقابلي ۾ هن حڪومت جا خير خواه آهن. هو چاهين ٿا تہ حڪومت پنهنجيون پاليسيون درست ڪري. دشمن کي وجه نہ ڏئي. پنهنجي پير تي ڪهاڙا نہ هڻي.

صدر پٽي اڳ پاڻ ننڍو ٿي ولي خان ۽ بزنجي ٽولي جا سڀ آر سٽا. اها صحيح ڏاهپ واري پاليسي هئي. جن ماڻهن کيس اها پاليسي اُلٽي ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي، سي سندس سڃڑ نہ پر دشمن آهن.

بنيادي سوال اهو ناهي تہ بلوچستان جي ڪوڙن قوم پرست سردارن جي هلت ڪهڑي آهي. بنيادي سوال اهو آهي تہ بلوچستان جي عوام سان ڪهڑي هلت جائز آهي.

بلوچستان جا عوام هڪ پاڪستاني قوم آهن. پنهنجي ڏرتيءَ جا ڏئي آهن. هو پنهنجي رضا خوشيءَ سان پاڪستان ۾ شامل ٿيا هئا. هن کي ڪنهن فتح ڪونہ ڪيو هو. قومي برابري سنڌن پيدائشي قومي حق آهي. هن کي حق آهي تہ هو پنهنجي واڳ جنهن کي وٺين، تنهن جي حوالي ڪن. هو ڪٽي ڪاري چور کي پنهنجو اڳواڻ چونڊين، تہ بہ وس وارا آهن. ٻئي ڪنهن

کي ب اهو حق ناهي ت مٿن سندن مرضي جي خلاف زوري ٻيا اڳواڻ مڙهين. هو پنهنجي تجربي مان پاڻيهي سکندا، پنهنجو چگو مٿو پاڻ سوچيندا. بهرحال ڏنڊي سان ٻارن کي پڙهائڻ جي ب منع آهي. هيءَ ت هڪڙي خوددار، دلير پاڪستاني قوم آهن.

چوندا آهن ت "لٺ کٽجي پاءُ بدران، جواب ڏجي خدا ڪارڻ" خدا ڪارڻ جواب اهو آهي ت بلوچستان جي عوام جي قومي حقن سان هٿ چراند ناجائز آهي.

پر هيءَ رڳو خدا ڪارڻ واري ڳالهه ڪونهي. بلوچستان جا عوام ت اسان جا پائر آهن. اسان جا هڏ ۽ چمر آهن. اسان جا سائٽ سئو سگ آهن. اسين هڪٻئي جي مئي جيئري جا وارث آهيون. اسان جو مرڻ جيئڻ گڏ آهي. اسان سنڌين کي پنهنجي پائرن پاران لٺ کٽڻ واجبي آهي.

اسين ولي خان، بزنجا ۽ مينگل ناهيون، جن پٺي جي باه ۾ سنڌي عوام سان دغا ڪئي. اسين سنڌي وطن دوست، ولي خان، بزنجي ۽ مينگل جي پناهگير پرست ٽولي جي سنڌ دشمن بدمعاشين جي ڪري بلوچستان جي عوام جي مسئلي تي اکيون ڏکي، منافقي ۽ بي حيائي ٽٻا ڪري سگهون. اگر مگر ڪري ترڪتال واريون ڳالهيون ب ٽٻا ڪري سگهون. اسان جي قوم جو اهو وڙ ئي ناهي.

اسين سنڌي عوام صاف صاف ۽ پرزور مطالبو ٽٻا ڪريون ت بلوچستان جي قومي جمهوري حقن سان دست اندازي بند ڪئي وڃي.

اسين صدر پٽي کي خلوص سان اپيل ٽٻا ڪريون ت بردباري، دانائيءَ ۽ تحمل کان ڪم وٺي بلوچستان جي چونڊيل سرڪار کي بحال ڪيو وڃي. پوءِ پلي اها پناهگير نعپ جي هجي يا جماعت اسلامي جي. پس پيش اها ئي صحيح ڳالهه ٿيندي. موجوده پاليسي غلط آهي اها فوري ترڪ ڪرڻ گهرجي.

خوني ڪچي لاءِ به ڪو قانون آهي يا نه؟

اڇڪلهه سنڌ ۾ وڏيرن جي بيگهي متل آهي. وڻ گهوڙو بڌڻ ٽٻا ڏين. ڪڙ ڪاڻ وڃائي چڏيا اٿن. چوطرف نفسا نفسي جي پڪار آهي، شل نه ڪو ٽڙڪو وڏيرو ڪنهن ڳالهه تان ناراض ٿئي. ٽڻ کڻ وارو حساب ٿي ويندو! رات وچ ۾ راڄ پورجي ويندا.

چي : سنڌوديش جا حامي بڌا اٿئون.

پر سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو مجرم ايجا ڪونه پڪڙيو ويو آهي. خوني ڪچو ايجا آزاد آهي. خوني ڪچي "اردو کا جنازه هي ذرا ڏوم سي نڪلي" وارو قاتل سگنل ڏيئي، غندن کي سنڌ دشمن فسادن شروع ڪرڻ جي ڇڄ ڪئي. گهر ۾

دڪان ساڙايا، ڦريون ۽ ڏاڙا هٽايا، ٻچا کهايا، ماڻهو مارايا، ڪربلائون ڪرايون.

پاڪستان پينل ڪوڊ موجب ڏوهه جي ڇڇ ڪندڙ مجرم، ڏوهه ڪندڙ مجرم جهڙو ليکجي ٿو. چاهي اها ڇڇ سڏي هجي يا اٽ سڏي. حقيقت ۾ ۽ پاڪستاني قانون موجب خوني ڪڇي، انهن مان هر هڪ ڏوهه جي ڇڇ ڪئي، سڏي توڙي اٽ سڏي.

انهن هزارين ڦرين، ڏاڙن، باهين ۽ قتلن ۾ هو ٻين ڏوهارين جهڙو بلڪ انهن کان ب وڌيڪ ڏوهاري هو. خوني ڪڇي جو نالو انهن هزارن سنگين ڏوهن مان هر هڪ ڏوهه جي فرسٽ رپورٽ ۾ شامل ڪرڻ ڪپندو هو. هن وقت ڪيس هزارن سنگين ڪيسن ۾ جوابدار هئڻ ڪپندو هو. هيستائين ڪيترا ڪيس فيصل ٿيڻ ڪپندا هئا. سون ڪيسن ۾ ڪيس پڪو ثبوت ملڻ جي حالت ۾ ڳرين ڳرين سزائن سان سزايابَ ٿي وڃڻ ڪپندو هو. هن وقت هو ڏوهه ثابت ٿيڻ جي حالت ۾ ڦاسي گهاٽ ۾ هئڻ ڪپندو هو. هن وقت ڪيس ڏوهن ثابت ٿيڻ جي حالت ۾ ڦاسي گهاٽ اندر ٻين سنگين سزائن ملڻ جو منتظر رهڻ ڪپندو هو.

پر خوني ڪڇي جو نالو ڪنهن ب فرسٽ رپورٽ ۾ نه لکيو ويو. هن قاتل اعظم کي رڳو نالي ماتر ڊي-پي-آر ۾ ب نه رکيو ويو. خوني ڪڇو آزاد رهيو. خوني ڪڇو آزاد آهي. خوني ڪڇو ٻين ڏوهن جي سازش ۾ مصروف آهي. خوني ڪڇو رڳو نمڪ حرام سنڌ دشمن خوني ڪڇو ڪونهي. سنڌي عوام جو ويساه آهي ته جيڪڏهن سچي پاڪستان ۾ ڪوبه پاڪستان دشمن غدار آهي، جيڪڏهن ڪوبه پارتي ايجنٽ آهي ته اهو خوني ڪڇي کان وڌيڪ پاڪستان دشمن، وڌيڪ غدار، وڌيڪ پارتي ايجنٽ ٿي نٿو سگهي. فقط هڪڙو مثال ٿا ونون. مجيب کي پاڪستان تي باهيون آهن. مجيب چوي ٿو "هن منهنجو گهر باريو آهي. آءٌ هن جو پونگو پينگ ڪريان." ان ڪري هو پائني ٿو ته بهارين جو نانگ جنهن بنگال کي ڏنگي نهوڙي نيو، سو پنهنجي ڪچيءَ مان ڪڍي پاڪستان جي ڪنڌ ۾ وجهان. تنهن ڪري هو چوي ٿو ته 'بهاري بلا پاڪستان بُلائي' هوڏانهن پارت جا ليڊر ب هميشه اهڙا وجه پيا ڳولين ته پاڪستان تي اهڙي اهڙيون چٽيون وجهون جو سندس اگر تگر ناس ٿي وڃي. انهيءَ ڪري هن پناهگيرن جا ڪٽڪ هيڏانهن مڙي اُماٽيا. ڇيائون ته سڄي هندوستان جا ڏهه ڪروڙ مسلمان پاڪستان هليا وڃن ته جيئن هڪڙي ڏڪ سان پاڪستان جو گهر مسيت ٿي وڃي. پر قائداعظم چيو ته "هاڻ ورهاڳو ٿي ويو. هاڻ جيڪو جتي هجي، اُهو اتي جو وفادار باشندو ٿي رهي." ان ڪري وڌيڪ پناهگيرن جي اچڻ تي بندش وڌي وئي. هاڻي هندوستان کي وري نئون

وجھ مليو آھي. ھو پاڻئين ٿہ بھاري بلائون پاڪستان کي کائي ناس ڪن، ڦڏا فساد مچائين، سنڌين جو جيئڻ حرام ڪن ٿہ جيئن ھڪڙي ڏڪ سان پارت جا ۾ شڪار ٿين، ھڪڙي پاسي پاڪستان ڪٽي ختم ٿئي، ٻي پاسي پاڪستان جا اصل باشندا تنگ ٿي اسان ڏانھن پڇن. تنھن ڪري بنگلاديش ۽ پارت جون سرڪاريون ٻئي گھر ٿيون ڪن ٿہ بھاري بلائون پاڪستان پاڻ وٺ گھرائي. ھوڏانھن پاڪستان سرڪار چوي ٿي ٿہ اسين پنھنجي پيٽ ۾ جھليا پيا آھيون. اسين انھن کي ڪيڏانھن ڪنداسين؟ اھي سوڪڙيون اصل پارت جون آھن. پوءِ بنگلاديش جون آھن. بھاري بلائن بابت اھي ۾ ڳالھيون آھن. ھڪڙي بنگلاديشي ۽ پارتي ڳالھ ٻي پاڪستاني ڳالھ- خوني ڪڳو ايند ڪمپني پاڪستان دشمن جي ڳالھ ڪٽيو ٻيٺا آھن. پاڪستان جي ڳالھ جي سر ٽوڙ مخالفت ٿا ڪن. ڇا انھيءَ ھوندي ۾ خوني ڪڳي ائنڊ ڪمپني کي پاڪستان دشمن، وطن جو غدار ۽ بنگلاديشي ۽ پارتي ايجنٽ نہ سمجھجھي ۽ ميجي؟

خوني ڪڳي پنھنجي جنگ باز اخبار ۾ سرڪار کي ڇڄ ڪئي آھي ٿہ بھارين بابت "تحريڪ" جيڪو پاڪستان دوست ۽ وطن سان وفادار نقطي نظر پيش ڪيو آھي ۽ خوني ڪڳي ائنڊ ڪمپني جي پاڪستان دشمن ۽ غدار سازش کي بي نقاب ڪيو آھي، تنھن جي جرم ۾ تحريڪ کي بند ڪيو ويجي.

اسين خوني ڪڳي کي فقط ايترو چئون ٿا:

"خوني ڪڳا! تنھنجو ڏوھ ڪونھي. عادت عضوو آھي. توکي ھزار سالن کان قرلٽ، سازش، فتني، مڪر، ترڪتال ۽ غنڊہ گرديءَ جي عادت جو تجربو آھي. تو ھزار سال غاصب، ظالم ۽ عوام دشمن شھنشاھن، نوابن، جاگيردارن جي چمچاگيري ۽ دلالي ڪري عوام جو رت پيتو آھي. تون ازل کان پنھنجي وطن ۽ عوام جو ويري آھين. تون اھا ٻڪري آھين جا جنھن وٽ سان ٻڌبي آھين، تنھن کي کائيندي رھي آھين. تون اھو 'نمڪ حلال' آھين جو جنھن ٿانو ۾ توکي کارائبو آھي ان ۾ گند ڪندو آھين. تنھنجي فطرت روز ازل کان عوام دشمن، غريب دشمن، چاپلوس ۽ چمچاگير آھي. خوني ڪڳا! تاريخ توکي تمام ڊگھو رسو ڏنو آھي. پر ھاڻ اھو ڪٽڻ تي اچي بيٺو آھي. ٻہ ٽي ڏينھن موجون ڪري وڃ! ٻہ ٽي ڏينھن ٻيا ٻہ چغليون ھڻي، فتنا اٿاري، راڄ ويڙھائي، ماٺھو مارائي، گھر بارائي، ساڙائي، قتلام ڪرائي، پنھنجو انود جھڙي ڪڏ جھڙو پيٻ پري وڃ! اھو ڏينھن پري ناھي جڏھن سنڌي تہ ٻيھو، ٻيون پاڪستاني قومون تہ ٻيھو، پر خود مسڪين ۽ پورھيت پناھگير عوام ٻہ اوھان کي سمجھي ويندا. آخر ھو ٻہ سمجھندا تہ سندن اصل دشمن پاڪستاني عوام نہ پر اوھين ڦورو ٽولي وارا آھيو، جيڪي سڄي پاڪستان جي ڦر جو

اصل مال سپ ڪرڻي ڪائي ويا آهيو. هتي گي حصي ۾ فقط هڏا سريا. انهن هڏن جي عيوض اوهان کين اُلو بنائي سندن ڪلهي تي بندوق رکي پاڪستان جا تيس مار خان ٿي ويا ۽ غريب پناهگيرن کي خواه مخواه ڏڇي ۾ وجهي ڇڏيو. جڏهن اهو ڏينهن آيو، تڏهن هو تو ڏي ۽ تنهنجي ڦورو ۽ خوني ٽولي کي ڳٽر مان جهلي توهان کي توهان جي رنگ محل جي درين مان باهر ڦٽو ڪري ڇڏيندا. خوني ڪڳا! توکي 'تحريڪ' جي ان چوٽ تي باه لڳي آهي ته بهاري نه ڪپن. تون ان کي اشتعال ڏيندڙ لفظ سڏين ٿو. پر تون ۽ تنهنجي ٽولي وارا وطن دشمن جو روز روز صبح شام اهو رينگٽ مچايو وينا آهيو ته بهاري مظلوم آهن، انهن کي آٽيو. چا انهن لفظن کان وڌيڪ به ڪا اشتعال ڏيارينڊڙ، فتني انگيز ۽ بدمعاشي واري ڳالهه ٿي سگهي ٿي؟ چا انهن اکرن جو سولي سنڊي ۾ اهو مطلب ناهي ته اوپر بنگال جي ڪلمي گو پاڪستانين جي قاتلن کي انعام طور سنڊ جو والي وارث ڪريو؟ ان جو اهو مطلب ناهي ته سنڊين کي زبردستي اقليت ۾ آڻي بهاري قاتلن جو غلام بنايو، کين پنهنجي گهر ۾ چور ڪريو، سنڊ ۾ بنگال جو خوني درامو ڏهرايو، سنڊ کي به ڇڇريو، ڇيپاٽيو ۽ رت ۾ پوڙيو، سنڊين کي پنهنجي گهر مان لوڏي ڪيو؟ 'مظلوم يهودين کي فلسطين ۾ وسايو' واري نعري جو مطلب سڄي دنيا اکيئن ڏسي چڪي آهي. هي نعرو به ساڳيو آهي اسين ان نعري جو مطلب سمجهو ٿا. اسان کي خبر آهي ته توهان 'مظلوم مظلوم' جا نعرا هٽي، اسان کي به فلسطين جي عربن وانگر پنهنجي گهر ۾ اول اقليت ۾ آڻي پوءِ لوڏي ڪيڏ گهرو ٿا. اوهان جو اهو مڪار نعرو اسان لاءِ زن دختر گارين کان وڌيڪ چڙ ڏيارينڊڙ ۽ اشتعال انگيز نعرو آهي. خوني ڪڳا! صاف ڳالهه ٻڌي ڇڏ ۽ پنهنجي عوام دشمن، وطن دشمن، نمڪ حلال ۽ غدار ٽولي کي ٻڌائي ڇڏ! اهو ڏينهن جلد اچڻ وارو آهي جڏهن پاڪ ڌرتي تي فقط انهن نمڪ حلال، اشراف ۽ حياءُ وارن ماڻهن لاءِ جاءِ رهندي جيڪي ان سان وفادار هوندا، ان جي مسڪين ماڻهن کي مجيندا. ان جي پورهيت پنوهارن سان پرت رکندا، سندن بولي ثقافت کي مجيندا ۽ قبول ڪندا. انهن جا تاکائو نه ٽيندا. باقي هن وطن جي عوام خلاف سازشون سٽيندڙ نمڪ حرامن، غدارن، بدمعاشن، غنڊن، ڦورن، ڏاڙيلن ۽ خونين کي سنڊ ته چا پر سڄي پاڪستان جي ڌرتي فقط قبر لاءِ جاءِ ڏئي سگهي ٿي، پي نه.

ڪنهن ڏينهن لطيف، ٻُلا شاهه، خوشحال خان خٽڪ ۽ چاڪر خان جي سموري ديس ۾ ڪوٽڙيا کان وٺي ڪيٽي بندر تائين، خيبر کان وٺي ڪارونجهر تائين هڪڙو ئي نعرو گونجندو 'نمڪ حرامي بند ڪريو' نمڪ حرام نه ڪپن!'

["تحريڪ" پبليڪيشن- جون، جولاءِ 1973ع]

سنڌ جا ٽي سپوت!

16 جولاءِ 1973ع واري جنگ ۾ قومي اسيمبلي جي ويهن ميمبرن هڪ گڏيل بيان ۾ مطالبو ڪيو آهي تہ: بهارين کي فورا پاڪستان تي مڙهيو وڃي. سندن بيان جا لفظ هي آهن. "مشرقي پاڪستان جي شڪست کان پوءِ اتي جي محب وطن پاڪستانين (يعني بهاري قاتلن) کي جن خطرن جو مقابلو ڪرڻو پيو آهي سي ڪنهن کان لڪل ناهن. اڪل ايائي لک ماڻهن يعني (بهاري) پنهنجي جان ۽ مال جي بچاءَ لاءِ پاڪستان (يعني سنڌ) ۾ آباد ٿيڻ جي درخواست ڪئي آهي. ان جي پيٽ ۾ لکين بنگالي اوپر پاڪستان وڃڻ چاهين ٿا۔ ان ڪري ضروري آهي تہ پاڪستان ۽ پارٽ جي ڳالهين ٻولهين ۾ جيڪي ماڻهو حصو وٺن ٿا، سي هن انساني مسئلي کي بہ حل ڪن ۽ انهن محب وطن پاڪستانين جي منتقلي جو فورا انتظام ڪيو وڃي". انهيءَ بيان جي تردید ڪانہ ٿي آهي. انهيءَ بيان تي سنڌ جي ٽن سپوتن جون بہ صحيحون آهن اهي ٽيئي سپوت سنڌ جي زميندار طبقي جي ٽن مختلف ٽولن سان تعلق رکن ٿا. 1۔ جناب عطا محمد مري سنڌ جي روحانيت توڙي مڙسيءَ جي عظيم سرچشمي جو نمائندو آهي. انگريز سامراج سان هٿياربند ٽڪر کائيندڙ حر مجاهدن کان وڌيڪ سورهيہ سنڌ ۾ ڪير ٿيڻ ڄائي؟ هي انهن مجاهدن جي مجاهد اڳواڻ ۽ سنڌڙيءَ جي لڄ جي محافظ حضرت پير سائين پاڳاري جو نمائندو آهي. 2۔ مير علي احمد ٽالپر، سنڌ جو چوٽيءَ جو انقلابي ۽ سوشلسٽ آهي. سندس سرڪار سان سينو ساهڙ جون ملڪن ۾ ٿاڪون آهن. 3۔ عبدالحميد جتوئي، ون يونٽ جي مخالف ميمبرن مان آهي. ڪيس سنڌ جو تمام باوقار، خوددار، غيرت مند ۽ مڙس ماڻهو زميندار مجيبو ويندو آهي.

سنڌ جي هر معمولي سوچ رکندڙ ماڻهو کي چڱي طرح خبر آهي تہ بهارين پنهنجي ميزبان ڪلمي گو بنگالي هم وطن سان ڪهڙا ڪلور ڪيا ۽ هو جتي رهندا آهن، اتي جي ماڻهن سان ڪهڙو سلوڪ ڪندا آهن. سڀ ڪنهن کي خبر آهي تہ جيڪي ماڻهو بهارين کي هيڏانهن گهرائڻ لاءِ فتنو کڙو ڪري رهيا آهن سي سنڌ جي عوام جا ڪهڙا سچڙ آهن؟ سندن اڳوٽو ڪردار ڪهڙو آهي؟ سندن آئيندي جون نيتون ڪهڙيون آهن؟ بهارين جا ڪٽڪ هتي آڻڻ جو مطلب سواء انهي جي ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو تہ سنڌ سان بہ

بنگال واري ڪربلا ڪئي وڃي، سنڌ کي به رت ۾ وهنجاريو وڃي، سنڌ جي ٻچن ۾ رڙ وڏي وڃي ۽ باقي رهيل پاڪستان جي به تباهي آندي وڃي. در حقيقت انهيءَ ٽولي جو پروگرام سادو ۽ سولو آهي. پهريائين هندوستان ۾ ٽڪرا پوءِ پاڪستان ۾ ٽڪرا، هاڻ وري سنڌ ۾ ٽڪرا، تنهن کان پوءِ پاڪستان چار ٽڪر ۽ هي موتي پنهنجي لکنؤ، دهلي، دکن ۽ الہ آباد جا وارث ٿي وڃي ويهندا.

قومي اسيمبليءَ جا اهي سنڌي سپوت خدا جي فضل سان عاقل، بالغ ۽ وات وکيل آهن. کي معصوم ۽ کير پياڪ يار ڪونهن جو ڪنهن کين برغلائي صحيح رٽي ڇڏي هجي نڪي هو اڻ پڙهيل هاري آهن. جن کي پوليس 109 ۾ بڌي، ماري، ڪٽي، زوري کائنس بيان ڪرائي ڇڏي. ظاهر آهي ته هن ري نشي، ري فريب پنهنجي رضا خوشيءَ ۽ هوش جي سلامتيءَ سان سوچي سمجهي اهو حقيقت افروز بيان ڏنو آهي.

سوال آهي ته چو هڻڻ ڏڳ ۽ ڏاهن مڙسن هڻڻو وطن دشمن ۽ سنڌ سان غداريءَ وارو مطالبو ڪيو؟ هڻڻو شرمناڪ ۽ ذليل بيان چو ڏنائون؟ ان جو جواب افسوسناڪ برابر آهي پر ڏکيو ڪونهي. هيءَ سنڌ جي ست پيڙهياتي غدار ۽ وطن دشمن طبقي يعني سنڌي وڏيرا شاهيءَ جا نمائندا آهن. جنهن جي اصل فطرت ئي اها يعني غدار، وطن فروشي، عوام دشمني ۽ ڏارين جي دلالي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ضرورت پوڻ تي هي ساندبي وانگر سئو روپ بدلائي سگهن ٿا_ ڪڏهن اوليا الله جا ٿيندا. ڪڏهن ڪارل مارڪس ۽ لينن جا خليفا بنبا. ڪڏهن منهن ۾ ور ۽ مڇن ۾ وڪڙ وجهي دودي ۽ دريا خان جا ڊراما ڪندا پر هن طبقي جي فطرت نہ بدلبي. هن مان نہ ڪڏهن ٿيو آهي ۽ نہ ٿيندو. هي سنڌي قومي وجود لاءِ سُرو ۽ مرض آهن. سنڌ جي زندگيءَ جياپي لاءِ زهر قاتل آهن. هي گهر جا ڏانگ آهن. سنڌ جا جيڪي ماڻهو وڏيرا شاهيءَ جي نمائندن جي هڪ اڌ فضيلت واري بيان يا تقرير تي موهجي، غش کائي، سندن پيرن ۾ ڪريو پون، تن کي هن ٽن جوڌن جوانن جي ڪارنامي مان سبق وٺڻ کپي. جا هن طبقي جي منهن مٿين ڳالهين تي موهجي کين قومي جدوجهد جي واڳ سونپي سگهجي ٿي؟ هرگز نہ، ڪنهن به حالت ۾ نہ.

تحريڪ جو نئون دور

تحريڪ کي سالن جي جدوجهد کان پوءِ مس مس ڊڪلئريشن مليو آهي. هاڻي اميد ته تحريڪ جو نئون دور شروع ٿيندو. اسين ڪوشش ڪنداسين ته "تحريڪ" جا نقص گهٽ ٿين ۽ منجهس وڌيڪ باقاعدگي پيدا ٿئي. اسان سان جيڪي اندران ئي اندر پائرن جون پلايون ۽ ڳجهيون ملهون پيون ٿين،

تن جو ذکر نٿا ڪريون. "ڏيرن ڏوھ نہ جيڏيون، ماءِ مڙيئي مون!" ھيستائين مڙيئي پائي پوري ڪئي اٿئون ۽ ڏکيا سکيا رڙھي اچي ھيستائين پھتا آھيون.

اسان کي خوش فھمي يا دعويٰ ڪانھي تہ اسان سنڌ جي سيني مرضن جو ڪو اڪسير علاج ڳولھي لڌو آھي. اسان رڳو اھو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪيا ڪريون تہ پراڻن جنترن، منترن ۽ ڦيٽن چٽن مان ڪجھ ڪونہ ورندو. سنڌي قوم کي گڏجي سڏجي پنھنجي نئين ۽ انقلابي قومي راھ ڳولڻ کپي. اسان جي ذھن ۾ جيڪا اپري سيري سوچ پيدا ٿئي سا "جيڪو حال حبيبان سو پيش پريان" وانگر پڙھندڙن اڳيان پيش ڪريون ٿا ۽ يارن کي سوچڻ جو سڏ ڏيون ٿا. انھيءَ مان سنڌي قوم کي ڪي ٻہ ٽڪا ٻ فائدو ٿئي تہ ان کي اسين پنھنجين ٿورڙي پورھئي جو تمام وڏو ڦل سمجھنداسون.

رسالو ڪھاڻي

ڪن پنجابي اديبن "پنجابي ٻولي" کي اردوءَ جي غلبي کان بچائڻ ۽ پنجاب جو نڪتي نظر پيش ڪرڻ لاءِ "ڪھاڻي" نالي رسالو ڪڍيو آھي، ان جي ڪن تازن پرچن جا ڪي مضمون اسان جي نظر مان نڪتا آھن. جن ۾ ڏيکاريل آھي تہ "پناھگير ڪامورا شاھي ڪيئن پاڪستان جي مرڪزي نوڪرين کي ارڙ نانگ وانگر ڳڙڪائي ويٺي آھي. ھڪ پرچي ۾ ٻھارين بابت مضمون آھي. جنھن ۾ ثابت ڪيو ويو آھي تہ انھن بلائن کي ھتي اچڻ جو ڪوبہ حق ڪونھي. ٻيا ٻ ڪي چگا مضمون آھن. جن ۾ اردو بازن جي آڪڙ جي ڦوڪڻي مان ھوا ڪڍي ويئي آھي. ٻئي طرف پنجابي سياست جي ڇاتل سڃاتل ڪردار کي لڪائڻ ۽ کين معصوم بلڪ مظلوم ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ٻ ڪيل آھي. اسان جي نظر ۾ اسان کي ان سلسلي ۾ پنھنجي قومي نقطي نظر تي سختي سان قائم رھڻ کپي ۽ ھر سنڌ دشمن لاڙي جي بااصول مخالفت ڪرڻ گھرجي. ان سان گڏ اسان کي ھر ان ڏر جي ان حد تائين پٽپرائي ٻ ڪرڻ گھرجي، جيڪا ڏر جنھن حد تائين کنھن ٻ سنڌ دشمن ٽولي جا پول پڌرا ڪري ۽ ان جي مخالفت ڪري. ساڳي ڏر جيڪڏھن ساڳئي وقت سنڌ جي قومي مفادن جي مخالفت ڪري تہ ان حد تائين سندس تردید ۽ مخالفت ٻ ضرور ڪجي. مطلب تہ ساڳئي وقت جيتري چگائي، اوتري پٽپرائي ۽ جتري مدائي اوتري مخالفت. انھيءَ اصول جي دائري ۾ اسين رسالي "ڪھاڻي" جي آڇيان ڪريون ٿا ۽ پڑھندڙن کي ان سان قومي مفادن جي دائري اندر رھندي، اڙدو شاھيءَ خلاف بااصول تعاون ڪرڻ ۽ ساڳئي وقت مٿس جائز ۽ سمجھداريءَ واري تنقيد ڪرڻ جي صلاح ڏيون ٿا.

[ماھوار تحريڪ ـ آگسٽ 1973ع]

پاڻ ٿي پاڻيو!

"جيڪي لڳي سو ڪاٽي اک ۾!" سنڌي مسڪين عوام کي تباھ ڪرڻ ۾ وڏيرا شاھيءَ، سنڌ دشمن پرماريت ۽ مھانگائيءَ شايد ايڏا بہ ڪا ڪسر ڇڏي ھئي جا ھن ڦھري ٻوڏ اچي پوري ڪئي آھي. سنڌي عوام جي قوت گذران جو ٽمر ذري گھٽ تباھ ٿي چڪو آھي.

ھڙين اوچتين آفتن مھل ماٺھوءَ کي پنھنجي اڳوٽي ميڙي چونڊي ڪم ايندي آھي. پر سنڌ جي مسڪين ماڻھن گذريل 25 سالن ۾ ڏلن ۽ ٽيڪسن جي بلي پنھنجي جيڪا ميڙي چونڊي قومي خزاني ۾ جمع ڪرائي سا پنجابي-پناھگير زميندارن، سرمائيدارن ۽ وچين طبقي جي سازشي ٽولي نانيِ ڳونڙو ڪري ھضم ڪري ويئي. نہ رڳو ڪاڏائون پر خرمستين تي بہ زيان ڪيائون. 'پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي!' رڳو بنگالي مسڪين جي قتلام ڪرائڻ تي بہ مسڪين عوام جا ڪروڙين اربين رپيا برباد ڪري ڇڏيائون.

ھيڏانھن ٻوڏ ملڪ پينگ ڪري ڇڏيو تہ ھوڏانھن خزانو بہ ذري گھٽ خالي آھي. حد کان زياده فوجي خرچ جو گھنڊ ايڏا تائين عوام جي ڳچيءَ ۾ ٻڌو پيو آھي. ان سفيد ھاٿيءَ کي پالڻ لاءِ بہ قارون جا خزانا ڪپن. چوٽين پاسي سڄي دنيا ۾ مھانگائيءَ جو ويل آھي. سڀ کان وڏي ڳالھ تہ دنيا ۾ اَن جي زبردست ڪوٽ ٿي ويئي آھي. سون تي بہ اَن مشڪل ملي. ٻيو تہ ڏھيو پر خود سڄي دنيا جي اناج جو گدام آمريڪا بہ خالي ٿي ويو آھي ۽ اتي بہ 'اناج وڏيڪ اُپايو' جي مھم پيئي ھلي. ھيل روس ۾ فصل خراب ٿيو آھي. ان کي ڪروڙين ٽن اناج ڪپي، چين کي ڪپي، ھندستان کي ڪپي، انھن سيني جون اکيون آھن آمريڪا ڪئناڈا ۽ آسٽريليا ۾. جن وٽ بچت ۾ اَن ھوندو آھي. پر انھن ملڪن بہ ھينئر بان ڪئي آھي. آمريڪا ۾ پھريون دفعو اناج جي باھر روانگيءَ تي بندش وجھڻ جي گھر پئي ٿئي.

امداد جا ٽپڙا وڏيرا ۽ ڪامورا ڪائي ويندا!

سوال آهي ته سنڌي عوام کي هن آفت هٿان مڪمل طور تباهه ٿيڻ کان ڪيئن بچايو ويجي.

پهرين ڳالهه آهي ترت امداد جي، يعني ڪجهه ڏينهن لاءِ کاڌي، ڪپڙي ۽ اجهي ڏيڻ جي. ريڊيئي ۽ اخبار ۾ ڪٽي چا ٻه اچي پر اها امداد اصل ڏتڑيل ماڻهن کي ملي، سو کوڙو ئي نه ٿو لڳي. "ڪانگ آهي مئو جو لَو لَو ٿو حج وجي!" وڏيرا، ڪامورا، واپاري ۽ سندن چمچا مري ڪونه ويا آهن جو غير ملڪي امداد عوام تائين پهچي. سڀ پاڻ ۾ ملي ڪائي ويندا. اها سڀني کي خبر آهي. ان ۾ رتيءَ جو به فرق ڪونه پوندو.

قرض به مسڪينن کي ڪونه ملندو!

ٻي ڳالهه آهي قرض جي. فرض ڪريو ته سرڪار وٽ قرض ڏيڻ لاءِ پئسو به ٿئي. پر ڪجهه مهينا اڳ جهڙي ريت وڏيرا هارين جي نالي ۾ سڀ رقمون وٺي کائي ويا، هينئر به ائين ڪونه ٿيندو، سو وهڙ ڏکيو آهي. عام مشهور آهي ته هڪڙي مها وڏيري هڪڙي ڏينهن 80 هزار روپيا هارين لاءِ رکيل قرض جي رقم "گهرائي" ورتا. زرعي بئنڪ جي مئنيجر رڳو ايترو چيو ته 'ڪوڙن سچن هارين کان آڱوٺا هٽائي رڪارڊ جي پورائي ڪريان ته پوءِ پئسا ڏيان'. ته مرڳو نوڪري ٽپ ويس. گيسيون ڪري جند ڇڏايائين. تنهن ڪري ڪٽي سرڪار، سرڪاري طرح سڄي جهان جا خزانا گڏ ڪري سنڌي عوام ۾ ورهائڻ لاءِ ڏي ته به هيءَ وڏيرڪي ۽ ڪامورڪي انود جي ڪڏ انهن سڀني کي ائين ڳڙڪائي ويندي جو پتو به نه پوندو.

باهرين امداد مان پورت ڪانه پوندي

پر وڏي ڳالهه آهي ته اول اهو خزانو اچي ڪٿان؟ ممڪن آهي ته باهريان ڪي ملڪ پنهنجي مطلب لاءِ ڪجهه همدردي ڏيکارين ۽ ڪجهه رقم ڏين. پر ان مان پورت مشڪل پوي. هيڏي مهانگائي، هيڏي ڪوٽ، هيڏي اڻ هوند ۽ هيڏي تباهيءَ لاءِ باهرين امداد سمنڊ ۾ ڦڙي برابر ٿيندي.

ڦر جو مال موتائي هٽ ڪريو!

پس پيش عوام کي فقط پنهنجو پورهيو ۽ پنهنجي موڙي ڪم ايندي. چا سنڌي عوام وٽ ايجا به ڪا موڙي رهيل آهي؟ ها.

اها موڙي آهي سنڌ جي چوري ۽ غبن ٽيل زمين. ون يونٽ جي اونداهي رات ۾ ڪوڙا ڪليمنٽ، فوجي ڪرنل، جنرل ۽ سول آفيسر سنڌ جي پلي زمين جا لکين ايڪڙ چورائي ويا. انهن جي قيمت ڪروڙ نه، ارب نه پر ڪرب رپيا ٿيندي. اها ارب ۽ ڪرب رپين جي چوري ۽ غبن ٽيل ملڪيت اڄ موٽائي ونجي ته سنڌي عوام کي وڏي اوڄ اچي سگهي ٿي. تنهن ڪري هڪدم ڪوڙن ڪليمن جي هنگامي بنيادن تي جاچ ڪرائي، اهي رد ڪري، زمين سنڌي عوام جي ڪم ۾ آندي وڃي. جي ڪنهن ۽ بدمعاشن اها زمين وڪٽي چڏي هجي ته ڪنهن ڪريون سزائون ڏيئي سندن حرام جي ملڪيت ضبط ڪجي. ساڳي طرح ون يونٽي چوڏرين ۽ ايوبي ڪرنلن، جرنلن جي هنيل ڏاڙن جو مال موٽائي هٽ ڪيو وڃي. اهي رٽائرڊ جنرل ڪرنل سنڌ کان ڪوبه لهڻو ڪونه گهرن. لهڻو هوندن ته پنهنجي انگريز مائي باپ تي هوندن، جنهن جي فوج ۾ پرتي ٽيا ۽ جنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ عربستان، انڊونيشيا ۽ ملايا جي مسلمانن کي قتل ڪرڻ کان به ڪين مڙيا ۽ ان جي عيوض پلاءِ انعام ۽ عهدا هٽ ڪيائون. ايڏا به ڪو انعام رهيل هجن ته ڇڪجن ته انگريز کي لنڊن درخواستون موڪلين. سنڌ جي جان ڇڏين. "سمهي يار سان، تيل ميٽ گهري مڙس کان" اهو ڪم نه ڪن.

فضول خرچي بند ڪريو!

بي گاله ته فضول خرچي هڪدم بند ڪئي وڃي. پاڪستان جي سموري آمدنيءَ جو 70_80 سيڪڙو فوج تي خرچ ٿيو وڃي. ڪنهن به ٻئي ملڪ ۾ شايد ئي فوج تي ايترو سيڪڙو پئسو خرچ ٿيندو هجي. اڳي ته خير ڪيئن به هو پر هاڻ پاڻي سر کان چڙهي ويو آهي. هاڻ عوام جي پئسي جي هڪ هڪ پائي سوچي سمجهي خرچ ٿيڻ گهرجي. پاڪستان کي پنهنجي پاليسي اهڙي رکڻ گهرجي جو ڪيس عوام جي سموري ڪمائي هٿيارن ۽ فوج پٺيان وڃائڻ جي ضرورت نه پوي. ڏٺو ويو آهي ته جيئن فوج حد کان وڌي، تيئن ملڪ ڪمزور- فوج ۽ هٿيارن جو گاڻي پڳو خرچ ملڪ جي چيلهه پيچيو چڏي. پوءِ هلي ٿي پن ۽ خيرات. اها فوج کي هٽيو ڏارين جو پاڙيتو بنايو وڃي. اهي ڪيس نڪ ۾ نوڙي وجهيو پيا هلائيندا آهن. تان جو اهڙي فوج پرائي پن ۽ خيرات تي اهڙي هريو وڃي ۽ مفت جي مال جو اهڙو چشڪو پئجيو وڃيس جو مورڳو پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي دشمن ٿيو ان جي گاڻي تي چڙهيو ويهي رهي. ايشيا، آفريڪا، لئٽن آمريڪا ۾ ان جا سوين مثال موجود آهن. خود پاڪستان جو مثال ئي ڪافي آهي.

بلوچستان تي فوجي چڙهائي بند ڪريو

آخري ڳالهه ته بلوچستان تي فوجي چڙهائيءَ تي روزانو عوام جا لکين رپيا برباد پيا ٿين. اهو ڏنو وائنو زبردست زيان هڪدم بند ٿيڻ گهرجي. مسئلي کي جمهوري نموني حل ڪيو وڃي. قومي مصلحت لاءِ ڪجه ڪرڻو پوي ته ڪجي. اڳين سڀ دشمن فسادن پيري ملڪ جي سربراه لالو ڪيت جي غلبن کان هٿ ٻڌي معافي ورتي هئي. هن دفعي وزيراعليٰ وري به فسادين ۽ بدمعاشن کي هٿ ٻڌا. اسان جي خيال ۾ بلوچستان جي عوام جو ڏک لاهڻ لاءِ جيڪڏهن حڪومت کي نرم ٿيڻو به پوي ته اها گهٽتائي ٿيندي. پيا ته نهيو پر خود بلوچ سردارن تي به سنڌي عوام جون ڪٽي لک ميارون هجن پر بهرحال هو سڀ دشمن غلبن ۽ فسادين جي درجي ۾ ته ناهن ۽ ڪنهن به حالت ۾ گهٽ سلوڪ جا مستحق ته ڪونهن! جي حڪومت وقت تي فسادين ۽ غلبن کان معافي ونڻ کي عيب نٿي سمجهي ته بلوچستان جي مظلوم عوام اڳيان سندن اڳواڻن اڳيان جهڪڻ ۾ ڪين ڪهڙو عيب ٿيڻ گهرجي؟

بهرحال هي مسئلو جلد کان جلد حل ٿيڻ گهرجي نه ته اهو عوام لاءِ وڌيڪ مسئلا، وڌيڪ مجبوريون ۽ وڌيڪ مصيبتون پيدا ڪندو.

سنڌي عوام تباهيءَ تي غالب پئجي ويندا

سنڌي قوم جي ڏکن سان ازلي مائٽي آهي:

سورن سانديا‌س، پورن پالي آهيان،
سکن جي سيد ڇئي، پُکي نه پياس،
جيڪس آءٌ هياس، گري گوندر ول جي!

جيئن هزارين سالن کان اڳرائين، جنگين، ڦرين، لٽين، ڏڪارن، ٻوڏن ۽ ٻين انساني آفتن سان منهن ڏيندي هتي اچي پهتا آهيون، تيئن هن آفت جو لڪ امڊ لنگهي وڃي پار پوندا‌سين. اسان جون همتون پست نه ٿيندي‌ون. مصيبت جي منهن ۾ اميد ته اسان جي قومي ٻڌي وڌيڪ مضبوط ٿيندي. اسان ۾ قومي ۽ طبقاتي سمجهه ۽ ساڃه وڌيڪ پختي ٿيندي. اسين هڪ بهتر، وڌيڪ متحد ۽ مضبوط قوم بنجي اڳتي وڌنداسين ۽ پنهنجي ڦريل حقن حاصل ڪرڻ ۽ بهتر زندگي ماڻڻ لاءِ جدوجهد وڌيڪ تيز ڪنداسين.

ٻي ٻوڏ!

ايڏا سڀ هلندڙ قهري ٻوڏ جي وڪڙ ۾ آهي ته خبر پهتي آهي ته ٻهاري

قاتلن جي ٻوڏ اچڻ واري آهي.' هن ٻي ٻوڏ سان هلندڙ ڦهري ٻوڏ جي جاءِ ڪانهي. هلندڙ ٻوڏ هزارين ماڻهو دربدر ڪيا آهن، گهر ڊاڻا آهن، مال ۽ فصل تباه ڪيا آهن. پر نيٺ اهي گهر اڏجي پونداء مال ۽ فصل ٻ ٽي پونداء زخم ميٽجي ويندا. پر نئين ٻوڏ سڃي سنڌ کي غرق ڪرڻ ٽي اچي. هفتي يا مهيني کن لاءِ نه، هميشه هميشه لاءِ. هيءَ پاڻي جي نه، انسانن جي ٻوڏ آهي، هن ٻوڏ ۾ زهر آهي، هيءَ آدمخور ٻوڏ آهي. هيءَ ٽورڙن ماڻهن، فصلن يا گهرن کي نه پر هڪڙي سڃي قوم ۽ ان جي هزاين سالن جي قومي وجود کي لوڙهڻ، ٻوڙڻ ۽ نيست نابود ڪرڻ ٽي اچي.

ٻهاري پناهگير هڪ خاص زهريلي، ذهني، فطري ۽ تاريخي خمير مان ٺهيو آهي. هندستان جي ننڍي کنڊ ۾ هزار سالن کان سوين هندو توڙي مسلمان قومون آباد آهن. وچ ايشيا جي قومن ۽ ڏاڙيلن جا ٽولا هزار سالن کان هڪٻئي پويان ڪات ڪهاڙا ڪٽيو، انهن هندو توڙي مسلمان قومن کي ڦريندا ۽ غلام بنائيندا رهيا آهن. هر هڪ رهزن ٽولي جو سپ کان رهزن ۽ بدمعاش اڳواڻ پنهنجي چمچن کان پاڻ کي غازي، سلطان، شهنشاه وغيره جو لقب ڏيازيندو رهيو آهي. ان لقب ڪائڙ شرط هن ۽ سندس ڏاڙيل ۽ قاتل ٽولي کي چڙ ڏاڙن ۽ قتل جو پروانو ملي ويو ٽي. چي "اسين مسلمان آهيون، هي سلطان سڳورو آهي. هي اوليا الامر آهي. هن تي خدا جو پاڇو آهي. هي پراون ملڪن ۽ قومن جون جيڪي به ڦريون، ڏاڙا ۽ قتل ڪرائيندو سي عين اسلام آهن. اسين سپ هن جا پوئلڳ آهيون. تنهن ڪري اسين به جيڪي ڪريون سي شريعت موجب جائز آهي. سڃي دنيا الله جي آهي. الله جو وارث هي سلطان سڳورو (يعني قاتلن جو اڳواڻ) آهي. تنهن ڪري هو جتي وٽيس اتي قبضو ڪري ٻين قومن جي مسلمانن کي پنهنجو غلام بنائي سگهي ٿو."

هندستان جا مسلمان هميشه ٻن ڪئمپن ۾ ورهايل رهيا آهن. هڪڙا وقت بوقت ٻاهران ايندڙ بدمعاش ٽولا ۽ سندن چاڙتا، ٻيا ملڪ جا اصلوڪا رهندڙ حق حلال جو پورهيو ڪندڙ مسلمان، سنڌي، بلوچ، بنگالي وغيره. اصلي رهاڪو مسلمان قومون هميشه ڦريل ۽ ڦرجندڙ رهيا آهن.

ٻهاڙي ۽ يوپي وارا هميشه قومن سان شامل رهيا آهن. هاڻوڪا ٻهاري پناهگير هزارين سالن کان ڦريون ڪندڙ ڦورو ٽولن جا تاريخي وارث ۽ جاءِ نشين آهن. هي ٻ پاڻ کي الله جا خاص خليفا اصلي مومن ليکين ٿا. هن کي جتي وڻي اتي وڃي قبضو ڪن. ڇو ته هي سڃو جهان الله جو آهي. تنهن ڪري هن جي پيءُ جي جاگير آهي. ٻيا ڪافر ته ٺهيو پر مسلمان ٻ پورا مسلمان نه آهن، گهٽ آهن، نيچ آهن. انهن جون ٻوليون، ثقافتون، تمدن، سندن تاريخي قومي حق سپ باطل آهن. ٻهاري ۽ يوپي وارا جنهن ٻ مسلمان قوم جي

نڙي تي وڃي لت ڏين تنهن جو ڪم آهي ته ٻڙڪ ٻاهر نه ڪڍي نه ته ڪافر ٿي ويندا۔ ٻاهري پناهگير انهيءَ پرواڻي جي آڌار تي پهرين پنهنجي هم وطن سان وڙهيا، پوءِ بنگال تي قبضو ڪيائون، شرارتون ۽ سازشون ڪري هن جو جيئڻ حرام ڪيائون، پوءِ هميشہ جي دستور موجب شاهي فوج چاڙهائي آيا. غدار ۽ وطن دشمن يحيٰ شاهي فوجي ٽولي سان گڏجي بنگالين کي ڪٽائون. هاڻ وري رخ رکيو اٽن سنڌ ڏانهن. سنڌ الله جي آهي. هي الله جا خليفا ۽ وارث آهن. تنهن ڪري هن جو مٽس حق آهي، هي پنهنجو حق نادر شاهہ ابدالي‌ءَ ارغونِ ۽ ترخانن وانگ چڪين ٿا. وٽن ساڳيو "اسلامي" پروانو آهي.

سنڌ جي ماڻهن کي پڪ ڏني ويئي ته جيسين پٽي صاحب جي دم ۾ دم آهي، تيسين سنڌ سان انڊير نہ ٿيڻ ڏنو ويندو ۽ سنڌ ٻهاري قاتلن جي حوالي نہ ڪئي ويندي. سنڌ جا ماڻهو پٽي صاحب کي سڀني خطرن خلاف پنهنجو وڏي ۾ وڏو بند سمجهن ٿا پر سنڌ دشمن سازشين، پاڪستان، هندستان ۽ بنگلاديش جي حڪمران ٽولن گڏجي سڌجي اهو بچاءُ بند ٽوڙي وڏو آهي. هاڻي سنڌ واڳن جي وات ۾ اچي ويئي آهي.

بنگلاديش کي سنڌ تي اهي آفتون مڙهڻ لاءِ هڪڙو ئي هٿيار هو، يعني 195 جنگي ڏوهن جا ملزم. سڄي دنيا کي خبر آهي ته بنگلاديش ۾ جنسي قيام ڪئي ويئي. اها آسمان مان ملائڪن ڪانہ اچي ڪئي. اهي ماڻهو هئا، هڪڙا قاتل ٻهاري ٻيا غدار ۽ وطن دشمن يحيٰ شاهي فوجي ٽولي جا ٻچيل فوجي سپاهي. بنگلاديش جي هن لکين قاتلن مان ڳولي ڳولي ۽ چونڊي چونڊي 195 اهڙن فوجين تي هٿ رکيو جن لاءِ ڪين خاطري آهي ته سندن قوم سان ڪيل درندگيءَ ۽ وحشانيت جا هو ٻين سڀني کان وڌيڪ مجرم آهن. هڪڙي ٽيندي آهي جنگ، ٻي ٽيندي آهي آدمخوري. جنگ ته خير جيئن آهي تيئن آهي. پر عام انسانن سان آدمخوري بين الاقوامي جرم ٺهرايو ويو آهي. هر ملڪ جي قانون ۾ ۽ خود پاڪستان جي قانون ۾ اهڙي آدمخوري ناجائز ۽ غير قانوني آهي. اوپر بنگال ۾ يحيٰ شاهي جي فوجي ٽولي جي ٻچيل فوج مان سڀني يا ٽورن گهٽن اهڙي آدمخوري واريون حرڪتون ڪيون آهن، تنهن کان ڪوبہ انڪار نٿو ڪري سگهي. خود وزيراعظم پٽي جا اکر آهن:

> "اوپر پاڪستان ۾ جي پيانڪ واقعا ٽيا ۽ جا قيامت ٽي گذري... اسين ان جو تصور ب ڪرڻ ٿا چاهيون... اسين انهن ڳالهين تي سوچيون ٿا ته ننڊ ڦٽيو پوي... اسين ڪن جهنگلين جي چنبي ۾ اچي وياسين... انهن واقعن تي ويچار ڪرڻ سان

منهنجا لڳ ڪاندارجي ٿا وڃن...“
(ڪئناڊا براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن کي ڏنل انٽرويو- تاريخ 23 جنوري 1972ع)

اهڙن هيبتناڪ ۽ لڳ ڪاندارينڊ واقعن جو جن ماڻهن تي الزام هجي، تن تي جيڪڏهن مقدمو هلي ته ڪهڙي اربع خطا ٿي پوي ها. قومي وقار ان ۾ ناهي ته اسين درندگين جي پرده پوشي ڪريون پر انهيءَ ۾ آهي ته اسين پنهنجن پائرن جي قاتلن کي جوڳي سيکٽ ڏيون يا ڏياريون ته جيئن دنيا ڏسي ته اسان واقعي پنهنجي تاريخ جو نئون ورق ورايو آهي ۽ اڳوڻين حڪومتن جي بدمعاشين ۽ جُرمن کان پاسو ڪيو اٿئون. ڪو پوليس وارو قيري واري کان ۽ رپيا ٿو وٺي ته ان تي ڪيس هلي ڇهه مهينا سزا ٿي اچي. پاڪستان جي وڏي اڈ کي رت ۾ غرق ڪرڻ جي ڏوهه هيٺ چند ماڻهن تي مقدمو هليو ته ان تي اسان کي بيهوشي ڇو وٺڻ ڪهي.

بهرحال انسانيت خلاف، پاڪستان جي وڏي اڈ جي ماڻهن خلاف، جنگي قانون جي خلاف ڏوهه ڪرڻ جي الزام هيٺ آيل انهن 195 جنگي ملزمن کي ڪيس کان بچائڻ لاءِ حڪومت بنگلاديش سرڪار جو اهو شرط قبوليو آهي ته بهاري قاتلن کي پاڪستان يعني سنڌ پنهنجي مٽان سوار ڪرڻ قبول ڪري. پاڪستان جي عيوضي مسٽر عزيز احمد پنهنجي پريس بيان ۾ چيو آهي ته ’پاڪ هند ناه جو سپ ڪان اهم نڪتو اهو آهي ته فوجي ملزمن تي ڪيس نه هلايو ويندو.‘ ان نڪتي وارو مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ بهارين جي آفت سنڌ تي مڙهڻ منظور ڪئي ويئي آهي. تنهن جي معنيٰ ٿي ته سموري پاڪ هند ناه جي مرڪزي نُڪتي جي چٽي سنڌ تي وڏي ويئي آهي. هميشہ جي دستور موجب يحيٰ شاهي فوجي ٽولي ۽ بهارين جي ڪڏن ڪرتوتن جي سزا سنڌ کي ڏني ويئي آهي. هن ناه مان اسان کي رت جي ڏپ ٿي اچي. اُن رت جي جيڪو اهي البدر ۽ الشمس جا تربيت يافته غنڊا ۽ قاتل هتي اچي وهائيندا.

هن قاتلن اڈ پاڪستان اڳي ئي تباه ڪري ڇڏيو آهي، باقي اڈ جو خير اسان کي هاڻ ته نظر نٿو اچي.

آزاد ڪريو!

جي ايم سيد جي ظاهر ڪيل قومي مقصدن سان بنيادي طرح سپ سنڌي وطن دوست متفق آهن. انهن مقصدن کي حاصل ڪيئن ڪجي. تنهن بابت مختلف رايا آهن. اسان کي ۽ سيد صاحب سان قومي راه عمل بابت بنيادي اختلاف آهن ۽ اسان اها حقيقت ڪڏهن به نه لڪائي آهي. پر اسان اها ڳالهه ميڙ لاءِ هرگز تيار نه آهيون ته سيد صاحب کو پاڪستان لاءِ خطرو آهي. سيد

صاحب تہ پاڻ پاڪستان کي خطري ۾ وجهندڙن ۽ اڌ پاڪستان ناس ڪرائيندڙن جي ظلمن جو شڪار ٿيئي رهيو آهي. سنڌ ياران حق جو ڪلمو پڙهڻ جي ڏوهه ۾ مٿس بم اڇلايا ويا ۽ سالن جا سال ڪيس آزاديءَ کان محروم رکيو ويو آهي. هن وقت ۽ هن دور ۾ جڏهن مودوديءَ جهڙا قاتل جن جا هٿ لکين اوپر پاڪستانين جي رت سان رڱيل آهن سي آزاد هجن، نواب مظفر تان سپ ڪيس واپس ورتا ويا هجن، "اردو کا جنازه هي ذرا دهوم سي نڪلي"، جو قاتل سنگل ڏيئي ٻولي ۽ ادب ۽ ساد شروع ڪرائيندڙ "جنگ" اخبار جو فسادي شاعر رئيس امروهوي تاج ڪمل سان ويا ڪاڏ ڏيندڙ رهندو هجي؛ تڏهن جي ايم سيد جو قيد رهڻ سنڌ سان سراسر زيادتي آهي ۽ سنڌي عوام جي قومي توهين آهي. سنڌي قوم جو مطالبو آهي تہ جناب جي ايم سيد توڙي ٻين سڀني سنڌي قومي ڪارڪن جهڙوڪ ع-غ سنڌي ۽ ٻين شاگردن کي آزاد ڪيو ويجي. مٿن جاري ڪيل وارنٽ واپس ورتا ويجن.

[ماهوار "تحريڪ" سيپٽمبر، 1973ع]

اچو ته سوچيون

ائين ٿو لڳي جڙ اسين چؤطرف گهيري ۾ اچي ويا آهيون. اسان جي قومي جدوجهد جا قافلا پنهنجي منزل جو ڏس وڃائي رڙ واهي ٿي ويا آهن. اسين رڄن پويان ڊوڙي ڊوڙي، اوجهڙن ۾ ٽاپا کائي کائي ٽڪجي ساڻا ٿي ڪري پيا آهيون. ائين پيو لڳي جڙ گذريل پنج سال اڳتي نه پر پوئتي ڏکيا رهيا آهيون.

اسان سمورو ٽمر کٽائي چڏيو آهي، اسان جي هڙ ۾ هونئن ئي نه سياسي سمجه هئي نه ٻڌي، نه طاقت هئي نه ڏاهپ. اسان وٽ فقط ڪجه ڪمزور ارادا هئا، نعرا هئا، مٺاچرو ويساه هو. اسان جيئي سنڌ جا نعرا هنيا. پر اسان کي اها خبر ڪانه هئي ته سنڌ ڪيئن جيئندي ۽ ان کي ڪير جيئارينڊو. اسان هڪ ٻئي کي سڏ ڪيا "سنڌيو! بيدار ٿيو، ميدان ۾ نڪري اچو." بيداري ڪيئن ايندي، ميدان ۾ گڏ ڪيئن ٿبو ۽ ميدان ۾ گڏ ٽيڙ کان پوءِ ڇا ڪبو؟ انهن سوالن جا جواب اسان وٽ ڪونه هئا. اسان انهن جوابن جي ضرورت ئي ڪانه سمجهي. تنهن ڪري اسان اهي سوال پڇيا ئي ڪونه. ڪنهن اتفاق سان اهي سوال اٿاريا ٿي ته اسان ڪاوڙجي ٿي پياسين. اسان پنهنجي هزارين سال پراڻي قومي بيماريءَ جو علاج ڳولڻ بدران، پرهيز ۽ ڪري ڪرڻ بدران، حڪيمن ۽ ڏاهن کان ڏس پڇڻ کان سواءِ، ٽوٽڻ ۽ ڦٽڻ، وردن ۽ وظيفن ذريعي ڪرڻ گهرجو ٿي. اسان جدوجهد بدران سياسي پيرن جون باسون باسيون ۽ پڙ ڇاڙهيا، اسان سياسي جنابن ۽ پوپن اڳيان ڏمالون ڪيون. گوڏي مان پٽ جڙڻ گهرجو ٿي. اسان تريءَ تي بهشت جا خواهشمند هئاسون.

اسان ميرن وانگر موالين کي ملهه وڙهائڻ چاهي ٿي. اسان جي مرضي هئي ته اسين ٻيا سڀ گهر وينا هجون، فقط اسان جا ڪجه شاگرد، اديب، شاعر ۽ تقرير باز آڪاٽيون، شعر ۽ ڪتاب لکي، تقريرون، جلسا ۽ مظاهرا ڪري دشمن کي ڊاڄاري پڇائي ڇڏين. اسين فقط تاڙيون وڄايون، نعرا هڻون، تعريفي خط لکون، قصيدا پڙهون. اسان ڳولا، مطالعي ۽ تحقيق بدران پنڪيون لڏيون ۽ حواب ڏنا. اسان پگهر وهائڻ بدران وات جا ٽڪاءَ هنيا. اسان هڪ منظم ۽ متحد قوم ٽيڙ بدران، ڏيڍ ڏيڍ جانورن جون منو ڪروڙ الڳ الڳ ديڳڙيون

چاڙهيون. اسان تاريخ سان نڱي ۽ فراڊ ڪرڻ چاهيو ٿي. موٽ ۾ اسين تاريخ جي وڏي چٽر جو نشانو ٿي ويا آهيون.

اڄ اسان جي قومي قيادت "انڊو هاٿي لشڪر جو زيان" اسان جا شاگرد ۽ اديب "پورس جا هاٿي" اسان جي قومي فهم و فراست "چاڪيءَ اٽ وڃايو گهمي گهاٽي ڏاري" اسان جي قومي سياست "ڪُٽ ڏڱي جو ماءُ پيڻ سان ويڙ" اسان هيترن سالن جي جدوجهد کان پوءِ پنهنجا ڦريل مال ۽ ملڪيتون ٽ موٽائي ڪونہ ورتا، پنهنجا حق ٽ ڪونہ حاصل ڪيا، پاڻ ۾ ڪي بهتر ۽ نيون لياقتون ٽ ڪونہ پيدا ڪيون پر اٽلو نوان نقصان سڻا اٽئون، نوان مرض پرايا اٽئون. اسان ۾ ٻيا هزارين قومي عيب هٽا پر اسين هڪ ٻٽاڪي قوم نہ هٽاسون. اسان وٽ اجايو وات هٽڻ هميشہ عيب پئي رهيو آهي. اسان وٽ مڙسن جا گفتا وڏي مقصد ۽ مانَ وارا ٽيندا آهن. پر هينئر سنڌ دشمن جو نقل ڪري اسين هڪ ٻٽاڪي ۽ ڇاڙي باز قوم بنجي ويا آهيون. اسان جو ادب، اسان جي شاعري، اسان جي اسٽيج ڪٽين لفاظي ۽ ڪوڪلي نعري بازيءَ جون علامتون ٿي پيون آهن. اسان سنڌي لفظن کان سندن مان ۽ وقار کسي ورتو آهي. اسين هڪ وڪلجندڙ قوم بنجي پيا آهيون.

ڏسجي ٿو ٽ اسين سپ ڪجھ وڃائي چڪا آهيون. اسان وقت جي راند هارائي ويٺا آهيون. اسان جون سپ ڪوششون اجايون ويون. اسان جي قومي قسمت بدلجڻ جا امڪان ختم ٿي ويا. تاريخ شايد اسان جي مقدر ۾ ئي اهو لکي ڇڏيو آهي ٽ اسين پنهنجي وطن ۾ بي وطن ۽ پنهنجي گهر ۾ هڪ خسيس اقليت وانگر گولپ ۽ غلامي واري حياتي گذاريون.

ڏسڻ ۾ واقعي ائين اچي ٿو. انهيءَ ۾ ڪجھ حقيقت ۽ صداقت ب آهي. پر سموري حقيقت ۾ صداقت اها ناهي. اهو فقط هڪڙو امڪان آهي. اهو حقيقت جو فقط هڪڙو رخ ۽ هڪڙو ڏيک آهي. حقيقت جو ٻيو ۽ وڏيڪ اهم رخ ۽ پاسو هي آهي ٽ اسين صحيح معنيٰ ۾ "اسين" نہ آهيون. اسين قومي راند هارائڻ وارا ضرور آهيون پر سموري سنڌي قوم نہ آهيون. اسان جيڪي پاڻ کي سنڌي قوم سڏايون ٿا سي عظيم سنڌي قوم جي فقط هڪڙي ننڍڙي طبقي يعني وچين طبقي جو ب هڪڙو ننڍڙو حصو آهيون. سڄي سنڌي قوم جدوجهد ۾ شامل ئي ڪانہ ٿي آهي. اسان ان کي شامل ڪري نہ سگهيا آهيون. سڄي ڳالھ ٽ اسان ان کي شامل ٽيڙ ئي نہ ڏني آهي. جڏهن اها شامل ٽيندي، جڏهن اسين ان کي شامل ٽيڙ ڏيندا سين يا اهڙ اپاءُ ونڊاسين جو سڄي قوم شريڪ ٿي سگهي ٽ پوءِ ڳالھ يقين ٻي ٿي ويندي. ان حقيقت ۾ تر جيتري شڪ جي ب گنجائش ڪانهي.

اچو ٽ اسين وچين طبقي وارا سورما پنهنجي ڪردار تي تنقيدي نظر

وجهون. پنهنجي حرڪتن تي پشيمان ٿيون، چاڙي بازي ۽ سڪٽي نعري بازي بند ڪري، نئڙت، نهٽائي ۽ سنجيدگيءَ سان پنهنجي قومي جدوجهد جي مسئلن جي تحقيق شروع ڪريون. اچو تہ سنڌي قوم ۽ سنڌ دشمن قوتن جي چند چاڻ ڪريون. اچو تہ سڄي پاڪستان ۽ دنيا اندر پنهنجي ساڻين ۽ دشمن جي سڃاڻپ ڪريون. اچو تہ قومن جي قسمت بدلائڻ جي سائنس ۽ هنر جي باقاعدي پروڙ حاصل ڪريون. پوءِ اهو علم ۽ هنر هڪجهئي کي ۽ عوام کي سيکاريون. موٽ ۾ عوام کي سڃاڻ ۽ متحد ڪري هڪ منظم انقلابي وطن دوست تنظيم ٺاهيون ۽ ان جي قيادت هيٺ هڪ منظم ۽ متحد، سوچيل سمجهيل ۽ رڻيل انقلابي وطن دوست جدوجهد هلايون. اچو تہ هر قسم جي سنڌ دشمن ارھ زورائيءَ ۽ حملي خلاف بچاءَ جو علم ۽ هنر پرايون، اچو تہ سنجيدا، چاٽو، نهٽا. سچار، سرويچ ۽ سمجهو انقلابي قومي نوڪر، ڪارڪن ۽ سپاهي ٿي، صحيح سائنسي ٿوني سپ طرفي قومي جدوجهد هلايون. پوءِ ڏسون تہ ڪير ٿو اسان جي حق پرست جدوجهد جي راھ روڪي سگهي.

جبل ماري جڪ، جو آڏو عجيبن کي،
توڙي لکن لڪ، سپ لنگهنديس سڪ سان.

چليءَ جو سبق

غلام ۽ اڌ غلام قومون پنهنجي قسمت ڪيئن ٿيون بدلائي سگهن؟ انقلابي سائنس جا چاٽو چون ٿا تہ ان لاءِ چار ڳالهيون گهرجن: هڪڙو انقلابي نظريو ۽ انقلابي پروگرام تيار ڪرڻ، ٻيو انقلابي پارٽي. ٽيون انقلابي پارٽيءَ جي اڳواڻي هيٺ انقلابي قومي ٻڌي قائم ڪرڻ، يعني انقلابي قومي گڏيل محاذ قائم ڪرڻ. چوٿون صحيح ڊنگ جي جدوجهد هلائڻ. پهرين ٽن ڳالهين تي سپ متفق آهن. چوٿين ڳالهه تي اختلاف آهي. هڪڙا چون تہ "صحيح ڊنگ جي جدوجهد اها آهي تہ صلح سانت سان جمهوري جدوجهد هلائي قوم جا گهٽا ماٺو پنهنجي پاسي ڪري اليڪشن کٽي، اقتدار ونجي ۽ پوءِ آهستي آهستي اقتصادي ۽ سياسي انقلاب آڻجي." ٻيا چون تہ "نہ سڪٽي اليڪشن کٽبي تہ ۽ اقتدار عوام کان کسجي ويندو. قومي دشمن جي دلال زمينداڻ ۽ سرمائيدارن جي فوج چونديل حڪومت کي سگهو ساھ کٽڻ کان ڏينديءَ، اها يا تہ ان کي پولڙو ڪري نچائيندي يا وڃ ڏسي ان کي ڏنڊي سان ختم ڪري ڇڏيندي. تنهن ڪري انقلابي نظريي ۽ پروگرام موجب انقلابي پارٽي ٺاهي، انقلابي قومي ٻڌي قائم ڪري، اليڪشني نہ پر هٿياربند انقلابي جدوجهد ڪجي. پلي ان ۾ ويھ يا ٽيھ سال لڳي وڃن. پر پس پيش اها ئي

جدوجهد ڪامياب ٿيندي ۽ قائم رهندي. باقي سڪٽي اليڪشني جدوجهد ڪٽي ڪامياب ٻ ٿئي ته ٻ ان جو ڪٽيو عوام دشمن ڦري ڪٽي ويندا.“

لاطيني آمريڪا ۾ ٻئي ڳالهيون آزمايون ويون آهن. هڪڙو مثال ڪيوبا جو آهي. ٻيو چليءَ جو آهي. ڪيوبا وارن انقلابي وطن دوستن هٿياربند عوامي جنگ ذريعي سامراجي دلال زميندارن ۽ سرمائيدارن جو تختو اونڌو ڪيو. چليءَ وارن چونڊن ذريعي زميندارن قوم دشمن راڄ جو انت آندو. ڪيوبا تي آمريڪا حملا ڪيا، اندريون بغاوتون ٿيون، ناڪ بندي ٿي، سندن ان پائٽي بند ڪيو ويو. پر همراه اڳي ڪان ٻ اڳرا آهن. چليءَ وارن ويچارن صلح سانت سان وڏي مٽاڪٽ ڪري جمهوري جدوجهد هلائي اخبارون ڪڍيون، هڙتالون ڪرايون، عوامي مظاهرا ۽ جلسا ڪرايا. نيٺ اليڪشن ڪٽيائون. سڄي دنيا ۾ ڪيرون مبارڪون هلي ويون ته ڏسو، چليءَ وارن سواءِ ڪنهن هڏ جوڪي جي انقلاب آڻي ڏيکاريو. پر تازو سامراجين جي دلال زمينداڻن ۽ سرمائيدارن جي فوج اوچتو حملو ڪري چليءَ جي انقلابي صدر صاحب کي شهيد ڪري ڇڏيو. انقلابين کي گولي گولي ماري ڇڏيائون. هن وقت سڄو چلي رت ۾ وهنجيو پيو آهي. جنهن رتو ڇاڻ ڪان چليءَ وارا انقلابي ويچارا پڳا ٿي سا سامهون آين. شايد جيڪڏهن اول مڙسي ڪري ڏنڊو ڪٽن ها ته هينئر دشمن کين مردار ڪري ماري ڪونه سگهي ها.

انقلابي ڏاها سچا هئا. حڪومت جي معنيٰ آهي هڪڙن طبقن جو ٻين طبقن مٿان ڏنڊي جو راڄ. هر حڪومت ڪنهن نه ڪنهن طبقي جي ماڻهن جي ڊڪٽيٽر شپ آهي. پوءِ ٻلي ڪٽي ان تي جمهوريت جو بخملي غلاف چڙهيل هجي، زهر جو علاج زهر آهي. ڏنڊي کي ڏنڊو پچندو. فقط ووٽن جي ڪاغذي چٽڪين وسيلي اڌيل حڪومت ڪاغذ جو گهر آهي. اهو ڏنڊي جي سَٽ جهلي ڪونه سگهندو. انقلابي معنيٰ سپ ڪان پهرين دشمن جي حڪومتي مشينري يعني فوج، پوليس ۽ ڪاموراشاهيءَ کي ڪچلي ختم ڪري، پنهنجي فوج، پنهنجي پوليس، پنهنجي انتظامي مشينري قائم ڪرڻ. ان کان سواءِ قومن جي تقدير بدلجي سو ناممڪن آهي. چليءَ جي قوم دشمن ۽ سامراج پرست انقلاب هڪڙو پيرو وري دنيا جي انقلابي وطن دوستن کي اهو بنيادي سبق ياد ڏياريو آهي.

پنو ۽ اشتهار ڪڏهن ملندا؟

پني ۽ اشتهار لاءِ پڪاريندي سال ٿي ويو آهي پر ايجا ڪو داد فرياد ڪونهي. اردوءَ جا فحاشي، تعصب ۽ نفرت ڦهلائيندڙ رسالا ۽ پريس پاڪستان جي اڀوجه عوام جا ڪروڙين اربين رپيا ڪائي چٽ ڪري انهن جي خلاف

ڪم ڪري رهيا آهن. پناهگير قلم فروش ڪائي ڪائي هاڻ تہ ڦاٽن ٿا. سنڌي اخبارن ۽ رسالن کي لک جي هڪڙي پتي بہ ٿڌي ملي ۽ سموري جو سمورو پنو، سمورا سرڪاري ۽ خانگي اشتهار اردو وارن کي ملن ٿا. اسين هڪ ٻيرو وري مطالبو ٿا ڪريون تہ سڀني سنڌي رسالن کي ڊڪليئريشن ڏنا وڃن، پنو ڏنو وڃي، اشتهار ڏنا وڃن، اهو اسان جو حق آهي. سنڌي قوم جو حق آهي.

[ماهوار "تحريڪ" - آڪٽوبر 1973ع]

”سنڌو ديش“ اکر خلاف واويلا جي آڙ ۾ ننڍڙو پارٽ ٽاهڙ بند ڪريو

جنگ ۾ حملو ڪندڙ فوجون لڪ لاءِ دونهين جا گولا استعمال ڪندیون آهن. جن جي ڪري اڳئين کي سماءُ ئي ڪونہ پوندو ۽ سندس خلاف ڪهڙو گهات پيو گهڙجي. پارٽ کان آيل يا اتان کان موڪليل سازشي ٽولو ”سنڌو ديش“ خلاف واويلا مچائي ان جي آڙ ۾ چپ چاپ هڪڙو ننڍڙو ”پناهگير پرديش“ پيو ٽاهي. اهو پرديش اصل ۾ هڪڙو ننڍڙو پارٽ هوندو. سپ ڪم رٽيل آهي ۽ ڏاڪي ٻ ڏاڪي پيو ٽئي. پهرين ٻہ ڏاڪا. ٻہ پاڻ ۾ مليل ٽولا، هڪڙا چون ”ڪراچي صوبو ڪيڻ“. ٻيا شريف ٽيو چون ٿ ”نہ اسان کي فقط ڪراچي شهر لاءِ شهري سهوليت مهيا ڪرڻ لاءِ اندروني اختياریون کپن“. ٽيون ڏاڪو آهي ”ڪراچيءَ کي ڪليل بندر ٽهرايو“ چوٽون ڏاڪو آهي ٿ ”ڪراچي ۾ دست اندازي نہ ڪريو“ پنجون آهي ٿ ”پلا اسين آزاد ٿا ٽيون“. روس ۽ پارٽ سان سمنڊ جو ڪارو پاڻي منو ڪري ڏيڻ جي بندوبست جون ڳالهيون ٽي ويون اٽن. روس، آمريڪا ۽ پارٽ کي چون ”توهان جو صوبو ٽينداسون. پاڪستان ختم ڪري ڏينداسون“. روس کي چون ٿا، ”ٽهيل ٽڪيل بندر ٿا ڏيون“. آمريڪا کي چون ٿا ٿ ”توهان جا ٻڌا ٻانها ٽي رهندا سون“. بلوچ سردارن کي اڳ ئي انجام ڏنو اٽن ٿ ”ڪراچي بلوچستان جي حوالي ٿا ڪريون“. وٽن ڳالهيون هلائڻ وارن جي کوٽ ڪانهي. ساڳئي گهر جو هڪڙو پاتي دهلي ۾ ”مها پارتي“ ٽيو ويٺو آهي. ٿ پيو لنڊن ۾ ”انگريز“ ٽيو ويٺو آهي. ٽيون واشنگٽن ۾ آمريڪا جا گٽ پيو ڳائي ٿ چوٽون ماسکو ۾ ”مها انقلابي“ ٽيو ويٺو آهي. پنجون پيڪنگ ۾ ”ثقافتي انقلاب“ جو قصيدو پيو پڙهي. سرڪار کي ”سنڌو ديش“ وارن کي ڪاٽ ۾ وجهڻ، بلوچن جو ڪوس ڪرڻ جو ڪم سونپي ڪيس اوڏانهن منهن ڏيئي هي پنهنجي ڪم کي لڳا پيا آهن. سنڌي عوام جو مطالبو آهي ٿ هاڻي ”سنڌو ديش“ جي اکر کي ڪافي استعمال ڪيو ويو آهي۔ هاڻ نئين پارتي صوبي ”پناهگير پرديش“ ٽاهڙ

وارن جي ٻ ڪجھ خبر وٺو. تہ قصو ڪٽي پھچائي ڇڏيو اٿن.

اچو تہ پاڻ ٻہ سوچيون

اسان سنڌين ۾ ٻہ اخلاقي جرئت هئڻ کپي تہ پنهنجي ڪم جي ڏينگ تي ٻيهر غور ڪريون. سکڻيون سکيءَ ۾ ٽهيون نہ هٽون. اهو چوڻ ڪافي ناهي تہ اسان سنڌ تي ساه ٽا ڇڏيون. ساه ٻ ڪنهن حساب ڪتاب، ڪنهن رمز، ڪنهن ڏاهپ، ڪنهن رستي سان ڏيو تہ سنڌ کي فائدو رسندو. نہ تہ نادان دوست کان داناءَ دشمن پلو. عام قانون جو اصول آهي "جوڳي خبرداريءَ ۽ احتياط کان سواءِ ڪيل ڪم نيڪ نيتيءَ وارو ڪم نہ ليکبو". سنڌي وڏڙا ٻ چئي ويا آهن تہ "ليکو ٻڌي پوءِ لٺ هٽجي" ۔ "اهو سون ئي گهوريو جو ڪن چني".

اسان کي گهٽي غور ڪرڻ کان پوءِ ٻ سمجھ ۾ نٿو اچي تہ سنڌ جي سنڌي نالي ۾ ڪهڙي خرابي آهي جو ان کي هروپرو مٽائي هندي نالو ڏيئي "سنڌو ديش" ڪريون. ڇا سنڌي عوام کي سنڌ بدران "سنڌو ديش" جو نالو وٺندو؟ اسين پانيون ٽا تہ آخر سنڌي ٽيڻ ۾ ڪهڙو عيب آهي جو نالو مٽائي "سنڌو ديشي" ٽيون. خاص ڪري سنڌ ۾ محترم جي ايم سيد ۽ سندس ٽائندو جناب ظفر علي شاه ٻئي لکت ۾ چئي چڪا آهن تہ "سنڌو ديش جو مطلب ساڳيو سنڌ آهي، ٻيو ڪجھ ٻ نہ". ننڍڙن ٻارن کي هڪدم وڏو ٽيڻ جو شوق هوندو آهي. اهو شوق پورو ڪرڻ لاءِ هو وڏن جا سانگ رچائيندا آهن. ڪوڙ ٻچاڻيءَ ۾ پيءَ، ماءُ ٽيندا آهن، گڏيون پرٽائيندا آهن. چور، پوليس وارا ۽ بادشاه ٽيندا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن ڪمزور طبقن يا قومن جا ماڻهو ٻ اهي سانگ ڪندا آهن ۽ ڪوڙ ٻچاڻيءَ جا وڏا شاندار ڪارنامہ ڪندا آهن. ٻارن کي ڏسي تہ هر ڪو پيو ڪلندو آهي. پر قومن کي اهو سانگ اڪثر ڳچيءَ ۾ پئجي ويندو آهي.

بنگالي پاڪستان ۾ اڪثريت ۾ هئا. پنجابي پناهگير زميندار، سرمائيدار سامراجين ۽ سندن فوج کان هزار ميل ٽريل هئا. وچ ۾ سمنڊ ۽ پارت هئا. ڪين ظلم خلاف منظم قومي جدوجهد جو تاريخي تجربو هو. مڙس ماڻهو وچيون طبقو هو. منظم ۽ مجاهد قومي جماعتون ۽ تنظيمون هيون. وطن سان وفادار دانشور ۽ ملازم طبقو هو. پنهنجي فوج هين تہ ٻ پچاڙيءَ تائين چيائون پئي تہ "اسان کي خودمختاري ڪپي. اسان کي الگ ملڪ ٺاهڻو ڪونهي". مجيب آخري دفعي قيد ٽيڻ تائين ٻ "بنگلاديش" جي ٻڙڪ ٻاهر ڪانہ ڪڍي. اُن کان پوءِ ٻ ڪين لکين ماڻهو قربان ڪرڻا پيا. رت ۾ وهنجڻو پيو. پارت نَو مهينا گهوڙا گهوڙا ڪئي ۽ تياري ڪئي. تنهن کان پوءِ ٻ وڏو جنگ ٽيو. راڄ گڏ

ٽيا. آمريڪي ۽ روسي بحري بيڙا حرڪت ۾ آيا. ڏري گهٽ جنگ عظيم ٽيئ واري هئي، تڏهن مس مس وڃي "بنگلاديش" ٺهيو، ۽ بنگالين جي لئي ٿي ويئي.

اسان جي ۽ بنگالين جي جاگرافيائي، تاريخي، سماجي ۽ سياسي حالتن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. اسين جيڪڏهن چاهيون ته به هن حالتن ۾ في الحال بنگلاديش وارن سان ٽڪر هٽي ٽڪا سگهون پر اسان جي اچي دل ٿي ته اسان جي به هڪدم بنگالين جهڙي لئي ٿئي. وڌيڪ نه ته به اسين ڪوڙ پچاڻيءَ ۾ ساڻن ٽڪر هٽي ونون. تنهن ڪري اسان هڪدم "سنڌو ديش" جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ بنگالين دير ڪئي. سمورو ڪم تيار ڪري پوءِ نعرو هنيائون. اسين انهن کان گوءِ ڪٽي ويا سون. اسان تياري ٻياريءَ جي ڪاڻ ڪانه ڪيي ۽ هڪدم چوٽ ۾ پنهنجو نعرو هٽي ڇڏيوسين. واه! واه! ٿي ويئي. اخبارن ۾ بيان آيا. فوٽا ڇپيا. نعرا لڳا. اسين ڪوڙ ڪوڙ ۾ هڪڙي عظيم قوم جا "عظيم مجاهد سورما" ٿي وياسين. هو 'بنگلاديشي بهادر' ته اسين 'سنڌو ديشي سورما'.

مطلب ته اسان پنهنجو نالو دنيا جي سورهيه ۽ سرفروش قومن جي لسٽ ۾ لکائي ڇڏيو 'ري ڪٽئي، ري وٽئي، پاٽم سيجڙي پسي'! اهڙيءَ ريت اسان جو ڪم ٿي ويو. اسين پنهنجا نعرا هٽي، ڪم لاهي هاڻ ڪٽي ڇُٽي اچي گهر سگهي ٽيا آهيون. اسان جو ڪم ٽيو. پر دشمن جو به ڪم ٿي ويو. سنڌ دشمن ڪي چڱيءَ طرح خبر آهي ته همراه في الحال رڳو وات جي لسٽ پيا ونن. هو ڄاڻن ٿا ته جن ڪي اهڙا خطرناڪ ۽ ڪنن ڪم ڪرڻا هوندا آهن سي پريس بيان ذريعي جهان ۾ پڙها ڪونه گهمائيندا آهن ۽ دشمن ڪي اڳواٽ خبردار ڪري ڪيس مڪمل تياريءَ جو موقعو ڪونه ڏيندا آهن. ڳائڻ وارا اها سسئي نڙ ۾ ڳائيندا آهن:

آيل اُن نہ وسهان هنجون جي هارين،
آٽيو آب اکين ۾ ڏيهه ڪي ڏيکارين،
سڄڻ جي سارين سي نہ ڪي روُن نہ چوُن ڪي.

پر دشمن ڪي ته پنهنجي قرلٽ ۽ ڏاڻن تي پردو وجهڻ لاءِ بل ڪيندا هئا. هن هڪدم رڙ ڪري ڪٽي سڄي سنڌي قوم ڪي نڙيءَ ۾ هٿ وڌو آهي. چي "خبردار! اب ڪهان ڇڄ ڪر جاسڪتي هو!" "سنڌو ديش" جي اکر ڪي گهيٽ ۾ ڳوڙهي وانگر وجهي ڪٽي ڦيرايو اٽن. هن اڳئي سنڌين جو ٻوٽ بند ڪرائڻ لاءِ وهڻ پئي ولوڙيا. ڪڏهن ڏاهر ۽ محمد بن قاسم ڪي قبر مان پئي اُتاريائون، ته ڪڏهن پارتي سازشون پئي ايجاد ڪيائون. انڊو گهري الله کان

هڪڙي اک، هن کي ٻئي ملي ويون. هاڻ وٽين سي ڏاڙا هڻن، وٽين سو ملڪ پينگ ڪن. وٽين سي قتلام ڪرائين. مجال جو اسين ڪچي سگهون! جيڪو ڪچي سو "سنڌو ديشي" - ڏي اخبار ۾، هڻ ڪاڻ ۾! سياسي ميٽنگون، جلسا جلوس ته پري رهيا رڳو 'لطيف جو ڏينهن' به ٽنا ملهائي سگهون. جلسو ٽيو ناهي ته پناهگير نقلي ترقي پسندن جا پاڙهيل ٻه چار سورما اچي ٽڪاءُ ڪندا. "تنهنجو ديش منهنجو ديش، سنڌو ديش". سرڪار نامدار کي ٻهانو مليو، همراه پيا ڪاڻ ۾، لطيف جو جلسو ٽيو ختم!

هاڻ ته چار سنڌي پاڻ ۾ گڏ ويهي چانهن جو ڪوپ ٻه پي ٽنا سگهون نه ته ٻئي ڏينهن پريس ۾ ايندو ته "سنڌو ديشي هاءِ ڪمان کا چار روزه اجلاس ختم... پارٽي ٽائندون کي شرڪت... بغاوت کي تاريخ مقرر هوگئي... عنقريب مهاجرو پنجابيو کا قتل عام شروع ڪيا جائي گا..." ٽئين ڏينهن اچي سرڪاري وارنٽ ٽڪاءُ ڪندو ۽ راج سڄو ڪاڻ ۾ هوندو. ظاهر آهي ته اسان جي اها نيت ڪانهئي. پر عملي طرح "سنڌو ديش" جو اڪر في الحال ڪمر ئي سنڌين جو گلو گهٽڻ جو ٽو ڏئي. پنجابي پناهگير سازشين جو سپ کان سازشي دماغ ٻه سنڌين جي مُرلي بند ڪرائڻ لاءِ هن کان وڌيڪ يڪ ٽڪ نسخو مشڪل ايجاد ڪري سگهي ها. درحقيقت جي سچ پچ "سنڌو ديش" قائم ٽيڻ جو ڪنهن کي انديشو هجي ها ته "سنڌو ديش" جي امڪان کي ڪچيءَ ۾ ئي ختم ڪرڻ جو هن کان وڌيڪ ٻيو ڪامياب طريقو ڪهڙو آهي جو ان بابت ڪچيءَ ۾ ئي ووءِ ووءِ ڪري دنيا جهان ۾ ان جون پڪارون وجهي ان ڳالهه کي روڪڻ ۽ ڪچيءَ ۾ ئي ڪُچلارائڻ جو بندوبست ڪري ڇڏجي. چو ته دشمن کي بُل ڏيڻ کان سواءِ، "جيئي سنڌ" جي مچيل ۽ گڏيل قومي پليٽ فارم تي سڄي سنڌ کي وري متحد ڪجي، چو نه پنهنجي جائز حقن ۽ آزاديءَ لاءِ جدوجهد کي نئين سر تيز ڪجي، چو نه نئين سر قومي صف بندي ڪجي ۽ ڏاهپ ۽ دانائيءَ سان اڳتي وڌجي؟ چو نه هڪڙي نندڙي پارٽي ٽولي بدران سڄي قوم کي پاڻ سان وٺجي هلجي. پس پيش به ته ڪمر اهو ئي ڪامياب ٽيندو، جنهن ۾ سڄي قوم شامل هوندي. پس پيش جيڪا ڳالهه سڄي قوم گهرندي ان کي ڪير روڪي سگهندو؟ اها ڳالهه ته هونئن به صاف پيئي آهي ته دنيا ۾ ڪوبه قانون، ڪوبه دستور، ڪابه فوج هن دور ۾ قومن کي زبردستيءَ، حرامپائي سان ڪنهن ٻئي جو غلام رکي نٿي سگهي. قومون فقط انصاف ۽ سچي برادريءَ جي بنياد تي ئي گڏ رهي سگهن ٽيون. زور جي مائٽي وارا زمانا ويا ۽ وري نه ايندا. اها ڳالهه صاف پيئي آهي جيڪو اها نٿو سمجهي سو يا ته بدمعاش آهي يا احمق. ان حالت ۾ پاڻيءَ کان اڳ ڪيڙا لاهي، اجايو پاڻ کي ڏنو ڪرڻ ۽ خوامخواه دشمن کي بُل ڏيڻ جو

ڪهڙو ضرور؟ اچو ته وري به سوچيون.

اشوڪ سنڌي گم، مظفر پارٽي موجود!

اشوڪ سنڌي گم آهي، پوليس چوي ٿي "ڊي ايس پي جي آفيس مان رات جو پڇي پارت هليو ويو آهي". پوليس کي پهريون ته ڪشف ٿيو هوندو، ٻيو يا ڪيس هٿ سان پارت جو باردر ٽپايو هوندؤن يا ٽيون پارت سرڪار کان پڇا ڪرائي هونداؤن ته "برابر پهتو" چوڻون يا وري اتي وڃي ڪيس جيئرو ڏسي آيا هوندا. پنجين ڳالهه ٿي نٿي سگهي. جيستائين پوليس انهن چئن ڳالهين مان هڪڙي ڳالهه تي هٿ رکي، تيستائين ماڻهو چوندا رهندا ته 'اشوڪ سنڌي کي پوليس عذاب ڏيئي' چيچلائي ماري سندس لاش گم ڪري ڇڏيو آهي. ٻئي پاسي پارت کان آيل نواب مظفر جنهن کي ٻڌوسين ته سرڪار نامدار ريجهائي ريجهائي، سندس وات منو ڪرائي، مان ڪرائي آهي سو هاڻ کائي پي، اوگرائي ڏئي، وري شروع ٿي ويو آهي.

اشوڪ سنڌي پنج هزار سالن کان سنڌ ۾ پاڪستان وطن جو رهندڙ هو. ان کي پاڪستان ڇڏي پارت پڇي وڃڻ لاءِ ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو؟ پارت جي اُڪير ته نواب مظفر کي لڳڻ ڪيي ها جي پارت کان آيل آهي. جي پارٽي شهرن پويان لکنوي، دهلي، رامپوري سڏائڻ ۾ حرج ڪونهي ته انهن حضرات کي گڏي سڏي هڪڙي اکر ۾ پارٽي سڏي سگهجي ٿو. انهيءَ حساب سان اشوڪ سنڌيءَ بدران مظفر پارٽي پارت پڇي وڃي ها ته ڳالهه سمجهه ۾ اچي ها. اشوڪ سنڌيءَ جو پارت پڇڻ سمجهه ۾ نٿو اچي- سنڌ دشمن ٽولو سنڌ کي "پناهگير پرديش" بنائڻ لاءِ ڪئين اسڪيمون هلائي رهيو آهي. هڪڙي اسڪيم آهي سنڌين جي آبادي گهٽائڻ ۽ غير سنڌين جي آبادي وڌائڻ جي. سنڌ ۾ رهندڙ پنجابين ۽ پٺاڻن جا به پاڻ وارث بنيا آهن. بلوچن کي چون ٿا ته "اوهان سنڌي ناهيو" باقي رهيا غير بلوچ سنڌي. انهن جو تعداد گهٽائڻ لاءِ وٽ وٽان ۾ لڳا پيا آهن ته "هندو سنڌ مان ڪيو". ٻي طرف "پارتي ۽ بنگلاديشي بهاري سنڌ تي مڙهيو". مطلب سنڌي ڪيو. پناهگير آٽيو. پوليس ۾ سنڌي آهن، تن کي ماڻهو مارڻ ۽ رشوتن وٺڻ کان واندڪائي ڪانهي جو سوچين ته دشمن جي چال چا آهي. ٻيا آهن ٻيا. سي ته اهڙا وجهه پيا ڳولين ته مفت ۾ غازي به ٿيون ۽ سنڌين جو به گهر مسيت ڪريون.

هي سوال اشوڪ جي غائب ٿيڻ جو ڪونهي. سنڌين جي غائب ٿيڻ جو آهي. اڄ اشوڪ سنڌي غائب آهي. سياڻي ٻيا سنڌي غائب ڪيا ويندا. ڪن جو ڏس پارت طرف ڏيندا ته ڪن جو روس، چين ۽ افغانستان ڏانهن، واٽيا

پڄائي پوءِ مُسلا پڄائيندا. تان جو ڪنهن ڏينهن پوليس اعلان ڪندي تہ "جي ايم سيد جيل ٽوڙي درياه ٽپي دهليءَ اڏامي ويو، رسول بخش پليجو چين يا روس ويو. پٽر سنڌي آمريڪا ويو، اياز جو انگلينڊ ۾ ڏس آهي." هيءُ معمولي ڳالهه ڪانهي. سنڌ جي وجود جو سوال آهي. جيستائين پيو قطعي ثبوت نٿو پيش ڪيو وڃي، تيستائين هي واقعو پڇڙ جو نہ پر وحشيانہ قتل جو واقعو سمجهڻو پوندو. واسطيدار عملدارن کي گرفتار ڪري مٿن قتل جو مقدمو هلائڻو پوندو. اشوڪ کي واٽيو چئي، پارت موڪلي، سنڌي قوم جي اکين ۾ ڏوڙ نٿي وجهي سگهجي. اشوڪ سنڌي جي سڄي سنڌي قوم وارث آهي. قومون پنهنجن پڇن بابت اهڙا واهيات بيان پڌڻ لاءِ تيار نہ ٿيندیون آهن. هن قوم کي سولي ءِ معقول سمجهاٽي گهرجي.

[ماهوار "تحريڪ" ـ نومبر 1973ع]

نئون قانون

ڪجھ وقت اڳ عوام سان انجام ڪيو ويو ھو تہ اڳوٽي پراڻي پاڪستان جي جاءِ تي ھڪ نئون پاڪستان بنايو ويندو؟ اھو نئون پاڪستان ڪھڙو ھوندو؟ تنھن بابت عوام کي قسمين قسمين اميدون ۽ انديشا ھئا. گھڻن کي اميد ھئي تہ عوام دشمن ڦورن، اسلام ۽ نظريہ پاڪستان جي آڙ ۾ 26 سالن کان پاڪستان تي جيڪو ڦرلٽ، مڪر ۽ بدمعاشيءَ جو نظريو مڙھيو ھو، جنھن کان بيزار ٿي ڪروڙين بنگالي مسلمان دانھون ڪري، پاڪستان کان پڇي ويا سو ختم ڪيو ويندو. باقي رھيل پاڪستان جون ڦريل ۽ ڦرجندڙ ڏريون ۽ بنگالين وانگر دانھون ڪري پڇڙ جون واھون ڳولين، انھيءَ لاءِ سائٽن وھنوار ڪيو ويندو ۽ سندن گھر جي ٽپڙن تي سندن حق تسليم ڪيو ويندو. اھو فقط تڏھن ممڪن ھو، جڏھن پاڪستان جي نالي ۾ ڏاڙن ھٽندڙن جي گس بند ڪرڻ لاءِ سمورين ڏرين جي قومي وجود کي تسليم ڪري، کين پنھنجي گھر جو ڏئي ڪري، قبول ڪيو وڃي. گھڻن سمجھيو ٿي تہ بنگال جي دردناڪ واقعي مان سبق سکي، اھو ئي صحيح ۽ سمجھداريءَ وارو گس ورتو ويندو. شروع شروع ۾ صوبائي خودمختاري ملڻ بابت، جيڪي ڳالھيون ڪيون ويون، تن مان ائين ٿي نظر آيو، جڙ نئون پاڪستان آھستي آھستي انھيءَ صحيح رخ ۽ طرف ڏانھن وڌي رھيو آھي. پر ستت ئي اھي اميدون ناڪام ٿيندیون نظر آيون. پھريائين نئين دستور ۾ قومي تضادن کي تسليم ڪرڻ جي ڳالھ لنوائي ڇڏي ويئي. ھاڻ ھڪ آردينس ذريعي پاڪستان اندر ڏار قومن جي وجود تسليم ڪرڻ کي باقاعدي ھڪ قانوني ڏوھ ٺھرائي ڇڏيو ويو آھي. اھا بندش ٻن اکرن ۾ وڌي ويئي آھي. پر ان جا خراب نتيجا ٻن اکرن ۾ بيان ٿي نہ سگھندا. اسان سنڌي اھا دعويٰ ڪندا رھيا آھيون تہ سنڌ جون زمينون، درياءَ، گذر جا وسيلا، مال ملڪيتون، پولي، ثقافت ۽ ٻيون سڀ پياريون ۽ قيمتي شيون ۽ ڳالھيون اسان جي ملڪيت آھن. انھن تي اسان جو ئي حق آھي. اھو اسان جو اباڻو ورثو آھي. ٻئي ڪنھن کي ۽ حق ڪونھي، جو اسان کي انھن کان محروم ڪري. اھا دعويٰ اسين انھيءَ ڪري ڪندا آيا آھيون ۽ انھيءَ ڪري، ڪري سگھيا آھيون، جو اسان جو اھو ويساھ ۽ اسان جي اھا دعويٰ ٻئي

رهي آهي ته 'اسين هڪ تاريخي قوم آهيون'. هاڻ قانون جي هن بن ستن ۾ اسان جي انهيءَ دعويٰ کي غلط، باطل ۽ خلاف قانون ٺهرايو ويو آهي.

اوهين آهيو ڪير؟

موجوده صورتحال هيءَ آهي ته هاڻ جيڪڏهن اسين چئون ٿا ته 'اسان جون فلاٽيون زمينون، فلاٽا گذر جا وسيلا ۽ فلاٽا حق اسان کي موٽائي ڏيو، ته اڳلو هڪدم اسان کان پڇندو ته "اوهين آهيو ڪير؟" جي چئون ٿا ته "اسين سنڌي قوم آهيون" ته داد فرياد بجاءِ خود، سڌا ڪاٽ ۾ هنيا ويندا سين. نتيجو اهو نڪرندو، جو اسين پنهنجي ڪنهن به ٽپڙ ٽاڙيءَ لاءِ ڪا دعويٰ ڪري يا ڪو حق چڪائي نه سگهنداسون. اهڙيءَ ريت سنڌ جي ڏرتيءَ ۽ ان جي سمورين نعمتن ۽ ملڪيتن تان اسان جا حق واسطا ۽ حجتون رد ۽ باطل ٺهرايون ويون آهن. اسان جو سنڌ ڏرتيءَ بابت تاريخي رڪارڊ ۾ پيل ڪاتو، قلم جي هڪڙيءَ ليڪ سان ختم ڪيو ويو آهي. اسان جي ڏرتيءَ ۽ اسان جي گهر جي ٽپڙن تي جيڪي به ناجائز قبضا، حد دخليون، ڦريون ۽ ڏاڙا هيستائين لڳي چڪا آهن، سي هن قانون سبب سپ جائز ۽ قانوني صورت اختيار ڪري ويا آهن. ڇو ته هاڻ اُنهن ڏوهن بابت اسين ڪابه دانهن ڪوڪ ڪرڻ ڪان خارج ٺهرائجي چڪا آهيون.

قانوني مال غنيمت!

هن قانون موجب سنڌ جو مال ۽ سندس ٽپڙ سڄي جڳ لاءِ مال غنيمت ٺهرايا ويا آهن. نه رڳو هتي پاڪستان ۾ رهندڙ ڪوبه ماڻهو پاڻ کي پاڪستاني سڏي، اُن مان جيڪي ڦهائي سگهي، سو ڦهائي سگهي ٿو. پر ڪو لنڊن، ڪئناڊا، آفريڪا يا پارٽ ۾ رهندڙ ماڻهو به هارين وانگر پاڻ کي مسلمان ۽ پاڪستاني سڏائي، پاڪستان تي پنهنجو حق چڪائي، سنڌ جي ڪنهن به زمين ۽ گذر جي ڪنهن به وسيلي تي قبضو ڪري سگهي ٿو. جيڪو به اعتراض ڪندو تنهن کي هن آرڊيننس موجب ڦيرائي گهيرائي، وٺ ست ڏيئي مجرم ثابت ڪري سگهجي ٿو.

مطلب ته هزارين سالن کان وٺي اڄ تائين، اسين دودي، هوشو، هيمون، مائي بختاور ۽ لطيف جي نقش قدم تي هلندي، پنهنجي ابائي ورثي بچائڻ لاءِ جيڪا جدوجهد ڪندا رهيا آهيون، سا پاڪستان جي هن چويهين سال ۾ قانوني طرح ناجائز ۽ خلاف قانون ٺهرائي ويئي آهي.

هيءُ آرڊيننس، خاص ڪري اُن جو قوميتن کي غير قانوني ٺهرائڻ وارو

حصو، پاڪستان لاءِ هرگز هرگز فائديمند ثابت نہ ٿيندو. هيءُ آرڊيننس پاڪستان جي قومي مسئلي جو نہ رڳو صحيح حل ناهي، پر بلڪل غلط ۽ قطعي نقصانڪار حل آهي. اهو رواجي عقل، تاريخي ۽ جاگرافيائي حقيقتن جي بہ سراسر خلاف آهي. مثال طور هن قانون موجب هتان کان هزارين ميل پري هندستان جي هُن ڇيڙي وارو بهاري يا پارتي مسلمان ڪلوءُ سپاٽي جيڪڏهن ڪٽان گهٽ ڏيئي، باردر ٽپي، اوچتو هتي اچي نڪري تہ هتي قدم رکڻ شرط اهو ڪلوءُ ۽ منچر ونڊ تي صدين کان بکن ڏکن ۾ رهندڙ ڪانگل مهاڻو ٿي ويا پاڻ ۾ هڪ قوم! باقي ڪانگل ۽ سندس صدين جا پاڙيسري مهاڻا، ڪوسا، خاصخيلي، رند، سما سي پاڻ ۾ ڪجھ بہ ڪونہ ٿيا! گھٽو گھٽو ٽپ ڏنائون تہ ٿيا پاڪستاني!

سوال آهي تہ قومن کي بچائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ قوميتن جي وجودن کي ختم ڪرڻ فائدي وارو ۽ ضروري آهي يا پاڻ انهن کي تسليم ڪري هر هڪ کي پنهنجو جائز حق ڏيارڻ فائدي وارو ۽ ضروري آهي؟ دنيا جي پن عظيم ۽ مضبوط ملڪن روس ۽ چين جو مثال وٺو! روس ۾ سرڪاري طرح سؤ کان مٿي قوميتن جي وجود کي تسليم ڪيو ويو آهي. ڪين قانوني ۽ دستوري حق ڏنو ويو آهي تہ 'جڏهن چاهين، تڏهن گڏيل سوويت سرڪار کان الڳ ٿي وڃن!' ڪي ايڏيون تہ ننڍڙيون قوميتون بہ تسليم ٿيل آهن، جو انهن جي آبادي اسان جي تعلقي يا ضلعي جيتري بہ مس ٿيندي! انهن کي بہ انهي جدا علائقي جو وارث تسليم ڪيو ويو آهي. چين ۾ غير چيني قوميتون نالي ماتر ۽ اتي ۾ لوڻ برابر آهن. اهي اڪثر جبلن جي جھڏن ۾ رهندڙ قبائلي آهن. ڪن تہ جبلن ۽ ٻيلن کان ٻاهر واري دنيا ڏٺي تہ چا ٻڌي بہ ڪانهي. پر چيني سرڪار انهن کي جبلن، ٻيلن ۽ ٻيٽن مان ڳولي هٿ ڪري پنهنجا خودمختار صوبا، علائقا ۽ ضلعا ڏئي ٿي. ڪٿي ڪٿي تہ خودمختار تعلقا بہ ڏنا ويا آهن. مائوزي تونگ جو سرڪاري لقب آهي "چين جي سپني قوميتن جو اڳواڻ" هو چين جي عظمت جو هڪڙو ڪارڻ اهو ٿو ٻڌائي تہ "چين جي سمورين قوميتن جي وچ ۾ اتحاد مضبوط آهي". روس ۽ چين اهڙي قوميتن کي بہ قومي خودمختاري ڏني آهي، جن وٽ پنهنجي الف-ب بہ ڪانہ هئي. انهن کي الف-ب ڏيئي پڙهائي، ماٺو ڪري، ڪين ٻڌايو ويو آهي تہ 'اوهين هڪ الڳ قوميت آهيو. هي اوهان جو الڳ قومي علائقو آهي. ان تي پهريائين اوهان جو حق آهي!"

چا ان ڪري روس ۽ چين ڪمزور ٿيا آهن؟ ڪين بگهڙ کائي ويا آهن؟ هو دنيا جي ڪنڊ کان ڪنڊ آفتن ۽ عذابن مان لنگهيا آهن ۽ سندن وار بہ ونگو نہ ٿيو آهي. چو؟ چو تہ هن تاريخي حقيقتون تسليم ڪيون. انهن کان

پڳا ڪونہ. هن بي ايماني نہ ڪئي، سچائيءَ کان ڪم ورتائون. اڄ ان سچائيءَ جو بدلو ڪين ملي پيو.

ٻئي طرف انگريز، فرينچ، ڊچ ۽ ٻين سامراجين ايشيا، آفريڪا جي عظيم قومن جا نالا ميساري، ڪين "ديسي" سڏيو. ڪن تہ مورڳو آفريڪا ۽ ايشيائي قومن کي چيو تہ 'اوهين فرينچ آهيو. پورچوگيز آهيو. اوهان آفريڪي، ايشيائي ناهيو.' پوءِ؟ تاريخ چا ڪيو؟ اڄ اهي هٿ ناٽ ۽ ڪوڙ جا ڪوٽ ڪٽي آهن؟ اڄ عظيم قومون وري بہ دنيا ۾ اوچو ڀڳاٽ ڪريو پيون هلن ۽ سامراجي ڪوڙن جي منهن ۾ ڏوڙ پئجي ويئي آهي ۽ هو لاچار سچ کي تسليم ڪريو، ٻيون ٻوليون پيا ٻولين. تاريخي سچاين جي سج کي تريءَ هيٺان لڪائڻ جي ڪوشش هميشہ اجائي ثابت ٿي آهي. عقل جي ڳالھ اها آهي تہ پاڪستان ۾ تاريخي سچائين کان گوهيون ڏيڻ ۽ قانوني ڦندن جي واريءَ ۾ شتر مرغ وانگر سسي لڪائڻ جي پاليسي ترڪ ڪئي ويجي. انهن اٽڪلن سٽڪلن مان چوڌري غلام محمد، چوڌري محمد علي، اسڪندر مرزا، ايوب، يحيٰ، مودوديءَ کي ڪهڙو هڙ حاصل ٿيو، جو هاڻي حاصل ٿيندو؟ اهي سڀ ڦلهيار ۾ ڦوڪون ثابت ٿيون. جيڪا ڳالھ جيئن هئي، تيئن ويجي ٻيٺي. ساڳيءَ طرح هاڻ بہ هن قسم جي قانوني حرفتن وسيلي عوام سان چالاڪي يا گدي ڪرڻ جي پاليسي بہ پيس پيش اوس ناڪام ٿيندي.

جلد يا سويل عوام هن آردينس ۾ جيڪا رجعت پرست ۽ غير جمهوري ذهنيت سمايل آهي، تنهن کي چگيءَ طرح سمجهي ويندا ۽ آهستي آهستي ان جي خلاف منظم ۽ بااصول جدوجهد هلائي، ان کي ناڪام بنائيندا. انهيءَ ڪري اسين پوري خلوص ۽ خير خواهي سان مطالبو ٿا ڪريون تہ هن بنيادي مسئلي تي ايوب خان ۽ مودوديءَ جي پٺ وٽڻ جي پاليسي ترڪ ڪري، پاڪستان جي مظلوم ۽ ستايل عوام سان پوري ليکي ۽ وهنوار ڪرڻ واري پاليسي اختيار ڪئي ويجي. انهيءَ ۾ ئي سڀني جي عزت آهي. اها ئي پاڪستاني عوام جي ٻڌيءَ مضبوطيءَ ۽ پلائيءَ جي واٽ آهي. ٻي واٽ فقط تفرقي، دٻير ۽ دهشت ڏانهن وٺي ويندي ۽ سڀني کي تباه ڪندي. اسان جي صلاح آهي تہ هن آردينس جي قومن واري فقري تي ٻيهر ويچار ڪيو ويجي ۽ قومي اسيمبلي ان ۾ گهربل ترميمون ڪري، قوميتن جي وجود تسليم ڪرڻ تان بندش ڪيڊي ڇٽي ڪري.

چهبڪ!

ٻئي طرف اسين پنهنجي سنڌي عوام کي ڪجھ چوڻ چاهيون ٿا: اسان کان قوم سڏائڻ جو حق قانوني طرح کسيو ويجي، سا ڪا معمولي ڳالھ ڪانهي.

اها ڪنهن سبب ڪان سواءِ ٿي نہ ٿي سگهي. اسان ڪي سب اهو نظر اچي ٿو تہ اسان باوجود چگيءَ موچاري شروعات ڪرڻ جي، هڪ قوم ٿي ليکجڻ بابت پنهنجي دعويٰ عملي طرح ثابت ڪري ڪونہ سگهيا آهيون. اسان ڪي تاريخ طرفان جيڪي گهڙيون عقل ۽ ڏاهپ ڪان ڪم وٺي، ڪٽن محنت ڪري، پڌيءَ ۽ تنظيم ناهڻ لاءِ مليون هيون، سي اسان پاڻ پڏائڻ، هڪٻئي جي گلائن ڪرڻ، خسيس ذاتي فائدن وٺڻ، نندڻ ٽولن ناهڻ ۽ عوام تي آڪڙ ڪرڻ تي زيان ڪري ڇڏيون. اڄ اسان وٽ چؤطرف فقط ليڊر ئي ليڊر آهن. هاري ليڊر، شاگرد ليڊر، قومي ليڊر، ادبي ليڊر وغيره وغيره! پر پٽيان ڪجھ بہ ڪونهي. نہ نظريو، نہ پڏي ۽ نہ تنظيم.

هي غير جمهوري آرڊيننس اسان جي لاءِ هڪڙو چهبڪ آهي. جيڪڏهن اهو چهبڪ ڪائي، اسان سجاڳ ٿياسين ۽ پنهنجا فرائض پورا ڪياسون، تہ ڇٻو تہ اسان ڪٽيو، هارايو ڪونہ.

قومن جي زندگيءَ ۾ لاهيون چاڑهيون ايندیون رهنديون آهن. هن عارضي شڪست سبب اسان ڪي هرگز مايوس ٿيڻ نہ ڪجي ۽ هٿيار ڦٽا ڪري قوم ڪي گاريون ڏيئي، وري پنهنجي پيٽ پوڄا جي ڏنڊي ۾ لڳي وڃڻ نہ ڪجي. نڪي زالن وانگر سڪٽي ميڪ ميڪ ڪري پنهنجي محنت جو ماتم ڪرڻ ڪجي. اسان جيڪڏهن مڙس ماڻهو ٿي، حالتن جو مقابلو ڪيو ۽ پنهنجا فرض ادا ڪيا تہ پوءِ هي عارضي مشڪلاتون يقينا ختم ٿي ويندیون ۽ وقت جي واڳ وري اسان جي هٿ ۾ اچي ويندي.

ڏونگر ڏکوين تي ٽپي ڪندين ڪوهہ،
تون جي پهڻ پب جو تہ لڳ بہ منهنجا لوهہ.

مذهب جي آڙ ۾ سنڌين ۾ ويڇا نہ وجهو!

پاڪستان جي دستور ۽ روءِ زمين جي انساني حقن جي تسليم ٿيل دستور موجب، هر سرڪار جي سڀني باشندن ڪي هڪجهڙيون ذميواريون ۽ هڪجهڙا حق حاصل هئڻ ڪپن. البت هيٺن ۽ ڪمزور ٽولن سان اها رعايت ڪري سگهجي ٿي تہ ڪين سندن فائدي لاءِ ڪي رعايتون ڏيون وڃن، جهڙوڪ: اليڪشن، تعليمي سهولتين ۽ نوڪرين وغيره ۾ خاص ڪوٽا وغيره.

پاڪستان جا ازلي دشمن سنڌين جي زور پيڙ ۽ ڪين پنهنجي گهر ۾ بي گهر بنائڻ لاءِ ڪئين گهاٽ گهڙيندا رهيا آهن. هندو سنڌي اُنهن سازشين جي سازش جو خاص ۽ دل پسند نشانو پئي رهيا آهن. سنڌ جا ماڻهو انهيءَ سازش ڪي ناڪام بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا آهن. تازو ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلا لاءِ ڪوٽائون مقرر ڪيون ويون آهن. ان ۾ هندو سنڌين لاءِ ڪوٽا

مقرر ڪيون ويون آهن. ظاهري طرح اُها سندن حقن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ مٿن مهرباني ڪئي ويئي آهي پر اُن مهربانيءَ جي آڙ ۾ حقيقت ۾ هڪڙي تمام وڏي بي انصافي لڪل آهي. هندو سنڌين ڏانهن ۽ الگ ڪوٽا جي گهر نه ڪئي آهي. الگ ڪوٽا سائن مهرباني نه پر مٿن چٽي آهي، اُها چٽي انهن کي انهي ڪري نظر اچي ٿي، جو هو هندو آهن. مذهب جي بنياد تي ڪنهن ۽ پاڪستانيءَ کي سندن جائز حقن کان گهٽ ڏيڻ، پاڪستان جي دستور موجب ڏوهه آهي. اها ڏوهه جهڙي ڪارروائي فورا بند ڪئي وڃي. هندو سنڌين ۽ مسلمان سنڌين جي وچ ۾ زوري پيدا ڪيل فرق ختم ڪيو وڃي، ۽ هندو سنڌيءَ کي مسلمان سنڌيءَ جهڙا ۽ جيترا حق ڏيارڻا وڃن. اها زور جي مڃهيل مهرباني موٽائي وڃي.

[ماهوار "تحريڪ" ـ ڊسمبر 1973ع]

نئون سال

اسان جي البيلي ۽ مستاني ڏرتيءَ خلا ۾ ترندي، نچندي، ڦيريون پائيندي، ٽمندي ٽمندي پنهنجي سج کي هڪڙو ٻيو ڦيرو ڏيئي ورتو.

انهيءَ هڪڙي سال ۾ ڏرتيءَ تي الائي ڇا ڇا نه ٿيو! الائي ڪيترين ڏرتين پنهنجن سجن جي ڳولا ۾ ڦيريون پائيندي رهجي ويون! الائي ڪيترين ڏرتين جا سج هميشہ لاءِ لهي ويا ۽ ڪائنات سندن البيلا ۽ مستانا ڦيرا هميشہ هميشہ لاءِ وسري ويا! انساني دلين جي جهانن ۾ الائي ڇا ڇا ٿي گذريو، هن هڪڙي سال ۾، هن ڏرتيءَ تي!

هونئن هي سال ٻ اڳئين وانگر گذريو. هن سال ٻ سج پنهنجي ڏرتيءَ کي روشني، طاقت ۽ گرميءَ جا اٿاه خزانا سوڪڙيون ڪري ڏيندو رهيو. هن سال ٻ ڏرتيءَ ۽ ان جي حلالي ٻچن گرمين، سردين، ٻوساٽن، واڇوڙن، بارشن ۽ طوفانن ۾ پورهيا ڪري دولتن جا انبار پيدا ڪيا. گهر، محل ۽ ماڙيون اڏيا. علم، ڄاڻ، سونهن، نيڪيءَ ۽ پيار جا خزانا خلقيا. هن سال ٻ ڏرتيءَ جي حلالي ٻچن کي تنگيون، بکون، فاقا، گندگيون، بيماريون، بدصورتيون، نفرتون، بي عزتيون، غلاميون، قيد قاسيون، گوليون، بم ۽ راڪيٽ پلٽ پيا. هن سال ٻ ڏرتي جي ڏاڙيلن جاوا ڪيا. آڪڙيون ۽ خرمستيون، بدمعاشيون، دنگا فساد ۽ جنگيون ڪيون. مطلب ته هن سال ٻ اهو ئي ٿيو، جيڪو لکن سالن کان ٿيندو اچي. پر هن سال رڳو اهو نه ٿيو. ڪجھ ٻيو ٻ ٿيو. هن سال سڄي دنيا جي حرام خورن ۽ بدمعاشن جي لٽ سردارن جي گهر ۾ گهوٽالو وڌيو. سندن ڳچيءَ ۾ عوام جي غصي ۽ انتقام جو ڦندو وڌي سوڙهو ٿيندو. سنڌ ۾ ٻ ٻيو نه ته ٻ، سنڌي عوام قيمتي سبق پرايا. ڪچا گهڙا پُري پڄي پيا. هاڻ پڪن جي ضرورت محسوس ٿئي. هاڻي فقط رت ڊيڊ وارن، اورچ، سمجھو ۽ دانا مجنن جو ڪم رهيو آهي؛ نه ڪُنڊي ڪائڙ وارن يا نادان، احمق، نمائشي ۽ جاڙي باز مجنن جو.

نئون سال پڪ سان نوان رنگ لائيندو. نيون آسون، نيون آزمائشون، نيون ڪاميابيون، نوان چئلينج آڻيندو. عوام ضرور فاتح ٿيندو.

ٻہ اکيائي بند ڪريو

نئين وزيراعليٰ اعلان ڪيو آهي تہ 'سنڌ ۾ رهندڙ سڀئي سنڌي آهن.' ڪراچيءَ ۾ بار بار باهيون مليون، ماڻهو ماريا ويا، گوليون هليون، دڪان سڙيا، ٻئنڪون لٽيون، علي الاعلان هٿياربند بغاوت ڪئي ويئي. سپني باغين، ڦريون لٽيون ڪندڙن، ڏاڙا هڻندڙن ۽ باهيون ڏيندڙن کي بار بار جلد وري چيڪ چڏيو ويو. تازو ٽيون دفعو ساڳئي علائقي ۾ بغاوت ٿي آهي ۽ ٽيو دفعو باغين ۽ مجرمن کي آزاد ڪيو ويو آهي. ان حالت ۾ سنڌ جي ماڻهن کي خسيس ۽ ڪوڙن الزامن ۾ جيلن ۾ ساڙڻ ۽ ڳارڻ يا گهرن ۾ نظربند رکڻ، سنڌ جي مختلف ماڻهن ۾ فرق ڪرڻ ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟ سنڌي عوام جو مطالبو آهي تہ سنڌي شاگردن، هارين، قومي ڪارڪنن ۽ بين مظلومن کي آزاد ڪيو وڃي. محترم جي ايم سيد تان پابنديون ختم ڪيون وڃن. سنڌي رسالن تان بندشون لاٿيون وڃن. سنڌ جي سمورن ماڻهن کي هڪ اک سان ڏسو وڃي. ٻہ اکيائي بند ڪئي وڃي.

[ماهوار "تحريڪ" ـ جنوري 1973ع]

اهو ڏينهن به ايندو!

"تحريڪ" پنهنجي عقل ۽ سمجھ آھر سنڌي عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ پنهنجي اڳيان رهنمائي ڪندڙ اصول رکيا آهن. اها پنهنجي پھچ آھر انهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي.

انهن مان پهريون اصول هي آهي تہ قومي رسالي کي سچ پچ قومي امانت ڪري ليکجي. ان کي ذاتي دوستيءَ يا دشمنيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ قومي جرم آهي. نہ رڳو ايترو پر جيڪا مخالفت حقيقت ۾ ذاتي ڪمن سبب نہ پر قومي عقيدن، نظرين، ۽ ڪمن سبب هجي، اها مخالفت بہ جيڪڏهن ظاهري طرح "تحريڪ" سان واسطو رکندڙ ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ جي نالي ٿئي تہ ان باري ۾ بہ اکر نہ لکيو وڃي ـ ان ڪري "تحريڪ" سان واسطو رکندڙ ڪارڪن کي سندن عقيدن، نظرين ۽ ڪمن جي سزا ڏيڻ لاءِ ۽ کين بليڪ ميل ڪري، کين سنڌي عوام جي خدمت جي راھ تان هٽي وڃڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ، سندن خلاف طرحين طرحين جون سُسپسيون ڪيون ويون، بهتان مڙهيا ويا، افسانا گھڙيا ويا، ناٽڪ کيڏيا ويا، گاريون ڏنيون ويون، مگر "تحريڪ" کي جيڪو چپ جو امر هو، هوءَ ان تي قائم رهي.

ڪي فقيرن، مورئون پني ماڻ جي!
مرجان چاليھ چئي، سگا سپرين جي!

اسان کي خوشي آهي جو اسان جي پڙهندڙن انهيءَ پاليسيءَ کي درست سمجهيو ۽ پسند ڪيو.

تازو اخبارن مان معلوم ٿو ٿئي تہ نٽي ضلعي جي هڪڙي وڏيري، وزيراعظم پاڪستان اڳيان "تحريڪ" تي الزام هنيو آهي تہ "اها هارين کي زميندار خلاف پڙڪائي ٿي."

الزام، بهتان ۽ ملامتون "تحريڪ" ۽ تحريڪ وارن لاءِ ڪا نئين ڳالھ ڪينهن. اهي کين ورثي ۾ مليا آهن.

سورن اسان ساڻ ننڍپڻي نينهن ڪيو!
سر جي تان سور، سامائي تان سک ويا.
اهي ٻئي پور نماڻيءَ نصيب ٿيا!

تحريڪ وارا شروعات کان ئي سڀني کنهن نه کنهن ماميءَ ۾ مبتلا رهيا آهن. اهو ڏينهن خالي کونهي جڏهن سندن کي نه کي عيب نٿا نڪرن. کڏهن ولي پائي کان لڪ رپيا ونيو، پئمفليٽ ٿا لکن. کڏهن گورنماني‌ءَ کان ٻه لک ونيو "سرائڪي ڏينهن" پيا ملهائين. کڏهن کنهن خوبصورت انقلابي ڪارڪن کي برغلايو نعپ جي ڪامريڊن جي آندل انقلاب جو عين ٽائيم تي تختو اونڌو ڪريو چڏين. کڏهن جي ايم سيد جي اشاري تي بولي‌ءَ جا فساد ٿا ڪرائين. کڏهن لنڊن وڃيو سورمن جي سپاه جو انت لهيو اچيو پي-پي سرڪار کان لونگيون کلهي ۾ وجهائين. سندن باري ۾ چيني ڪامريڊ فرمائين ته "روسيون کي اثر ۾ آگئي هين- سوشل سامراج، کي ايجنٽ هين-" روس جي گادي‌ءَ جا خليفا ڪامريڊ فرمائن ته "مائوسٽ هين، آمريڪي ايجنٽ هين". وري ٻنهي پلارن انقلابي فرقن جا مفتي سڳورا متفق ٿي فتوا ڏين ته "شانونسٽ ڪٽر قوم پرست هين، بديرون کي ايجنٽ هين." پاڪستان جي استحڪام، سالميت ۽ اتحاد جي نئين عشق ۾ گرفتار ٽيل وڏيرا چون ته "سنڌو ديشي آهن، بغاوت ڪرائي ملڪ ٽڪرا ٽڪرا ڪرائيندا." جنگ وارو رئيس امروهوي فرمائي ٿو ته "تحريڪ فتني کي جڙ هي، اسي کيون نهين بند کيا جاتا؟" هاڻي هي انڪشاف ٿيو آهي ته "هارين کي پڙڪايون ٿا. مطلب ته شڪر آهي، وسريل ڪونه آهيون. سڄڻن کي هر دم ياد آهيون. دلچسپ گاله اها به آهي ته چيني ۽ روسي خليفن ۾ هونئن هزارين اختلاف هوندا، پر انهي‌ءَ گاله تي متفق آهن ته "تحريڪ وارا بدمعاش آهن." وري ڪوڙن ڪامريڊ حضرات، جماعت اسلامي ۽ پنجين قوميت وارن پناهگير پرديشين ۾ به گهٽا اختلاف هونداه پر "تحريڪ" جي مخالف ۾ متفق آهن. هوڏانهن نقلي قوم پرست وڏيرن ۽ نقلي سوشلسٽ وڏيرن ۽ سندن پوئلڳن ۾ به گهٽا اختلاف هونداه پر "تحريڪ" بابت پئي متفق آهن ته "هي خراب مائهو آهن." مطلب ته سمورن سنڌ دشمن ٽولن جي نظر ۾ اسين برا ۽ بدڪار آهيون. اسان کي انهي‌ءَ جو ارمان ڪونهي، خوشي آهي. اسين انهي‌ءَ گاله کي پنهنجي معمولي ۽ ايرين سپرين وطن سان وفادارين جو سرٽيفڪيٽ سمجهون ٿا. اسين سنڌي هارين کي نٿا پڙڪايون. نڪي پڙڪائينداسين. پڙڪائڻ معني ڪوڙو وڌاءُ ڪرڻ، گاله مان گالهوڙو بنائڻ، تيلي‌ءَ مان ٽنبو ٺاهڻ، لائي لڳائي ڪرڻ. اسين انهي‌ءَ قسم جي گالهين جي خلاف آهيون.

پر جي سنڌي هارين خلاف جيڪي ظلم ۽ ڪلور سچ پچ ٽين پيا، تن جي سچي گاله ڪرڻ به "پڙڪائڻ" آهي، ته پوءِ ان گاله ۾ به اسين پنهنجي اڻ چاڻائي‌ءَ، بي پهچي‌ءَ ۽ بندشن سبب مجبورا پوئتي پيل آهيون. اسين پنهنجي انهي ڪوتاهي‌ءَ ۽ بي پهچي‌ءَ تي شرمسار آهيون. اسين قبول ٿا

ڪريون ته پيا اسان کان ان ۾ اڳتي آهن. اسان تي ناراض ٿيندڙ مهربان جناب فقير محمد عيسيٰ خوجي جهڙن چاٽو ۽ هوشيار ماڻهن کي ته چڏيو پر سنڌ جي ننڍڙين ٻارن کي خبر آهي ته اهي ڪير آهن؟

سڀني کي خبر آهي ته اُنهن ئي گذريل چوندن ۾ هارين کي "پڙڪائي" جناب فقير محمد عيسيٰ جهڙن نام ڪنن ۽ زبر زنگ وڏيرن جي ٽولن جي خانداني آبرو "ڪين جهڙن" هارين هٿان خاڪ ۾ ملائي چڏي. اهي ئي چون ٿا ته "اسان زرعي سڌارا آندا آهن، ۽ زميندارن جا ظلم بند ڪنداسون". اهي ئي چون پيا ته "وڏيرن کي غريبن جو رت چوسڻ جي اجازت نه ڏني ويندي". جيڪڏهن ائين چوڻ "ڏوهه" آهي ۽ هارين کي "پڙڪائڻ" آهي ته ان ڏوهه جو وڏي ۾ وڏو "ڏوهاري" اُهو آهي، جنهن کي دانهن ڏني ويئي آهي. يعني ذوالفقار علي ڀٽو، وزيراعظم پاڪستان ۽ سندس ساٿي جهڙوڪ: ممتاز علي ڀٽو، غلام مصطفيٰ جتوئي وغيره. مهربان فقير محمد عيسيٰ کي گهرجي ته اصلي "ڏوهاري" ڳولي هٿ ڪري، "تحريڪ" مسڪين جي ڪچيءَ مان هٿ ڪيڊي.

تنهن کان سواءِ ڳوڙهي جاچ ڪبي ته خبر پوندي ته اصل ڏوهاري ايجا به کي پيا آهن. اسان جي سمجهه ۾ هارين کي "پڙڪائڻ" جا اصل ڏوهاري اُهي آهن، جن جناب فقير محمد عيسيٰ صاحب خواجي وانگر سنڌي هارين جون حياتيون زهر ڪري، سندن نس نس ۾ وڏيرڪي ظلم خلاف زهر پري چڏيو آهي. جيڪڏهن فقير صاحب جهڙا ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جو پل پل سنڌ جي ابوهه، مسڪين ۽ ڳگدام ماروئڙن خلاف سازشن سٽڻ لاءِ وقف نه ڪري چڏين ها، سندن لڇون نه لٽارائين ها، ڪوڙرون تپارائي سندن وهڪ جون جايون نه ڏٽپارائين ها، ڪين گونهن ۽ مُٽ نه پيارين ها، ڪين انڊارين ڪوڙين ۾ پوليس جي خونخوار بگهڙن هٿان نه ڏاڙهائين ها، جيڪڏهن سندن چلهيون نه اجهارائين ها، سندن عمريون ڪوڙن ڪيسن ۾ نه ڳارائين ها، ڪين جيئري ئي ري ڪفن چرندڙ پرندڙ لاش نه بنائين ها، سندن چپن کان مرڪ، اکين کان روئڻ ۽ زبان کان ٻڙڪ باهر ڪيڻ جي طاقت ڪسي نه وٺن ها، جيڪڏهن سندن دلين کي پرندڙ ڪورا نه بنائين ها، ته هڪڙو ڀٽو ته ٺهيو پر لک ڀٽا به ڪين فقير صاحب جهڙن بزرگن خلاف اٺي ڪڙو ٽيڻ لاءِ تيار ڪري نه سگهن ها.

فقير صاحب محترم، افسوس جو اسين نجومي ناهيون. اسان کي خبر ناهي ته اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو. پر اسان کي پڪ آهي ته اهو ڏينهن ضرور ايندو ۽ توهان جي، اسان جي خواب خيال کان به اڳ ايندو. جڏهن دنيا جي هن حصي ۾ به، هارين کي "پڙڪائڻ" جي "ڏوهه" جا اصل "ڏوهاري" پڏرا

ٿيندام جڏهن عوام عدالت جي ڪرسيءَ تي ويهندوء جڏهن حساب ڪتاب ٿيندوء جڏهن سبيل چپن جا ٽانڪا ڪلندام جڏهن دلين جي ڪورن تان ڏک لهندام اجهائل اکيون وري برندیون ۽ ڪن ڪي ڳولي ڏسنديون؛ جڏهن ٽاٽن ۽ جيلن جون اونداهيون ڪونڙيون ۽ انهن ۾ وهايل رت ۽ ڏيل دانهون، ڪوڪون ۽ ٻاڪارون شاهد ٿي بيهندام جڏهن بي موت ماريلن جون قبرون ڳالهائيندیون؛ جڏهن برباد ٿيل جوانيون ۽ لٽيل لڇون پنهنجي قاتلن جي سڃاڻپ ڪنديون؛ جڏهن اڻ ڳڻيل گمنان ڏوهن جا فرياد رجسٽر ٿيندام جڏهن حيرت جهڙيون سڃاڻپون ۽ پيرا-پيٽيون ۽ انوکيون جانچون ٿيندیون ۽ اڻ وسهڻ جوڳا چالان ٿيندا؛ جڏهن حيران ڪندڙ ڪيس هلندا ۽ آڏيون پڇائون ٿيندیون، جڏهن اهڙو انصاف ٿيندوء اهڙيون ججمينٽون ملنديون، اهڙيون سزائون ايندیون، جن جو، توهان فقير صاحب، توڙي اسان هينئر تصور به نٿا ڪري سگهون. فقير صاحب توهان هينئر اسان مسڪين تي اچوڪي وزيراعظم پاڪستان اڳيان فرياد چاڙهيو آهي. توهان جهڙن بزرگن تي سڄ جي ماٺن گهٽو اڳم ان کان به وڏي هستيءَ وٽ فرياد داخل ڪرائي چڏيو آهي. اها هستي آهي سپاٽي جي تاريخ جو قاضيء يعني سڄ جو انقلابي عوام- اسان کي يقين آهي ته اُهو قاضيء حقي فيصلو ڪندو. اسان نه رڳو "تحريڪ" رسالي جي زندگيء پر سموري عوامي تحريڪء پنهنجي حياتيء پنهنجن اميدن، پنهنجي ايمان، پنهنجي آبروءَ کي ان فيصلي جي داؤ تي لڳائي چڏيو آهي. انهيءَ وچ ۾ "تحريڪ" يا تحريڪ وارن سان جيڪي به ٿيو آهي يا ٿيندوء سو صبر ۽ همت سان پوڳڙ جو اسان اصل کان وٺي فيصلو ڪري چڏيو آهي. اميد ته اوهان اسان کي ثابت قدم ڏسندا.

فقير صاحب "تحريڪ" کي ذاتي طرح توهان سان ڪو واسطو يا دشمني ڪانهي. اهو ئي سبب آهي جو توهان جي طرفان تر جي سڄڙي عوام سان ڪيل "پلاين" جو ذڪر ڪرڻ کان اسان پرهيز ٿا ڪريون. نه ته توهان کي خبر آهي ته توهان جي "خدمتن" بابت هڪڙو به نه، پر درجن ڪتاب لکجن ته به اهو خير جو ذڪر پورو نه ٿيندو. اسان جو ذاتيات سان واسطو ڪونهي. اسين ذاتي طرح نه توهان جا بدخواه آهيون، نه ڪنهن به ٻئي زميندار جا. اسين فقط ظالم ۽ وطن دشمن وڏيرڪي سماجي نظام جا مخالف آهيون. اسين فقط سڄڙي عوام جي دشمنن، ظالمن ۽ غدارن جا دشمن آهيون. اسان جي دعا آهي ته شال خدا توهان جهڙن بزرگن کي عوام دوستيءَ ۽ وطن سان وفاداري جي راه ڏي موٽڻ جي هدايت ۽ توفيق عطا فرمائي.

[ماهوار "تحريڪ"- فيبروري 1974]

چوٽين مارچ

چوٽين مارچ سنڌ جي قومي حقن جي جدوجهد کي هڪ نئين منزل تي پهچايو.

اڳي اها سنڌ دشمن سامراجين جي مقرر ڪيل قانوني دائرن اندر، گهر جي ڪنڊن، اوطاقن، جلسي گاهن ۽ اسيمبلين تائين محدود هئي. هاڻ اها گهٽين ۾ نڪري آئي. اڳي اها فقط وات ۽ قلم جي جنگ هئي، هاڻ اها ڏندي جي لڙائي بنجي ويئي. اڳي سنڌ لاءِ قربانيءَ جو ڇيهه گلائون سهڻ، نوڪري يا وزارت نه وڻڻ ۽ جيل پوڳڙ هوندو هو. چوٽين مارچ سنڌ لاءِ هڏ پڇائڻ جو رواج وڌو. اڳي اسان ۾ آزاديءَ لاءِ لڙندڙ قومن جي پيٽ ۾ جڙ ڪوڙ پچائيءَ جي لڙائي پئي ڪئي. چوٽين مارچ سچي پچيءَ لڙائي جي هڪڙي تمام هلڪي جهلڪ ڏيکاري. چوٽين مارچ پوڙهي، پراڻي، اوطاقي، اليڪشني ۽ اسيمبلي واري قومي سياست جي پيٽ ۾ عوامي ۽ انقلابي سياست جي برتري ثابت ڪئي. ان ۾ ڏيءَ ۽ قرباني ءَ جون ڪرامتون ڏيکاريون. ان سنڌي عوام ۾ اعتماد پيدا ڪيو. پوليس ۽ جيل جو پئو پڳو. سامراجي دهشت کي ٽوڙيو. نوجوانن ۾ حوصلو پيدا ڪيو. ان ڪري سنڌ جا ماڻهو چوٽين مارچ ۽ چوٽين وارن کي سلام ٿا ڪن.

پر اڄ چوٽين مارچ وارن جي رڳو ڳالهه رهجي ويئي آهي. اهو جذبو ۽ اهي مڙس موڪلائي ويا آهن. شاگرد تحريڪ جي اڃوڪي حالت چوٽين مارچ تان ڇڻ ڇڻرون پئي ڪري. هرڪو حيران آهي ته ائين ڇو ٿيو؟

سنڌ جي ساري تاريخ ۾ قومي قرباني ءَ جي جذبي جي ايڏي ڪوٽ هئي ۽ غداريءَ جو لاڙو ايڏو عام ۽ زور هو جو سنڌ جي ماڻهن کي چوٽين مارچ وارو واقعو تمام وڏو واقعو نظر آيو. حالانڪ ان ڏينهن شاگرد فقط بي گناهه، اوچتو ۽ بزدل حملي جو شڪار ٿيا هئا. هن هلي ملهي ڪو جنگاڻ ڪونه ڪيو هو- نڪو ڪنهن سنڌ دشمن طاقت تي جسماني حملو ڪيو هو. سنڌن سوپ اها هئي جو هو هڪڙي گڏيل مسئلي تي ڪجه وقت گڏ ٿيا هئا ۽ گڏ رهيا هئا. سنڌي وڏيرڪي دستور موجب ڇڄ پائي پڳا ڪونه هئا. بس.

ان کان پوءِ ٻه سال جا سال سنڌي شاگرد فقط بي گناهه حملن جا شڪار

رهيا آهن. (مثال طور: عبدالرزاق سومري ۽ ٽنڊي جام جي شاگردن جي شهادت وغيره) پر اها ب وڏي ڳالهه سمجهي ويئي ۽ اديبن، شاعرن ۽ وچين طبقي جي ماڻهن گڏجي، انهن زخمين ۽ شهيدن کي بي گناه زخمي ۽ شهيد ٽيڻ تي سورمو ۽ سورهيه ڪري ڳايو وڄايو. ظاهر آهي ته اها خاص رعايت فقط سنڌ جي خاص حالتن سبب هئي. نه ته دنيا ۾ قومي قرباني‌ءَ ۽ سورهيائي جا عام معيار بلڪل ٻيا آهن. پر شاگرد طبقو ان همت افزائي ۽ تعريف ڪري سخت خوشفهمي ۾ پئجي ويو. دنيا جهان جي خبر نه هئڻ ڪري ۽ وڏيرڪي طبقي جي روايتي بزدلي‌ءَ سان پاڻ پيٽيندي، هو پاڻ کي سچ پچ وڏا هيرا ۽ سورما سمجهڻ لڳي ويا. منجهائن نهٺائي، خلوص، پنهنجن لاءِ قرب ۽ خود قرباني‌ءَ جو جوهر آهستي آهستي نڪري ويو.

ٻيو ته چوٽين مارچ سماجي واڌاڻن جي تحريڪ هئي. شاگرد رمتو جوگي آهي. ٻه ٽي ڏينهن رهيو، پڙهيو ۽ امتحان پاس ڪري وڃي سامراجي ۽ عوام دشمن طبقن جي سرڪار جو نوڪر ٽيو يا عوام دشمن طبقن ۾ داخل ٽيو. الله الله خير صلاح. اهو اڪثر عوام دشمن طبقن مان پرتي ٽئي ٽو. جي منجهائن ڪو اتفاق مان ڪٽي مارو ماڻهن مان ب اڇي ٽو ته ب ماروئڙن جي مارن جي صفن ۾ گهڙڻ جي آسري تي. اتي قبول پيو ته جڙ حج ڪٽيئين. انهن سان انهن جهڙو ماري ٽي ويندو، پاڻ وڌيڪ. ان ڪري شاگرد طبقي جو جوش و خروش اڪثر پاتلي‌ءَ وارو جوش ٽئي ٽو. ان ۾ اُونهائي، سچي سگهه ۽ جڏاءُ ڪونهي. تنهن ڪري هو ڪامورا شاهي ۽ پناهگير شاهي‌ءَ جي افلاطون آڙي ڪاپن جي چالاڪين، عيارين، مڪرن، فريبن، لالچن ۽ رشوتن جي ست سهي نه سگهيا.

ٽيون ته سنڌي شاگرد تحريڪ اڳيان ڪو منظم انقلابي وطن دوست نظريو موجود ڪونه هو. ڪين سنڌي پوهيت عوام جي انقلابي تنظيم جي رهنمائي حاصل ڪانه هئي. ڪيس سنڌي عوام جي پرپور تائيد حاصل ڪانه هئي ڇو ته سندس مفاد عوام سان ظاهري طرح ته هڪ هئا. پر حقيقت ۾ انهن ۾ وڏو تضاد ۽ فرق هو. هن جو ڪم اسڪالر شپن، داخلائن ۽ نوڪرين مان ئي ٽي ويو. پر عوام کي سموري وڏيرڪي ۽ سامراجي غلامي‌ءَ جي نظام کي ڌاهڻ کان سواءِ ڪوبه فائدو نٿي پهتو. شاگرد طبقو عوام جو نالو استعمال ڪرڻ لاءِ آتو هو، پر ان سان سچي جنگاڻ ۾ مامري مدامي ٽي بيهڻ، ساڻس هڪ ٽيڻ ۽ سندس پٺ ونڻ لاءِ تيار ڪونه هو. عوام بدران هن کي وڏيرڪي نقلي قوم پرستي‌ءَ ۽ پناهگير نقلي ترقي پسندي‌ءَ جي پٺ ونڻ ۾ فائدو نظر آيو. عوام پويان هلڻ ۾ رڳو سور هئا. هُتي معتبري، نالو ۽ فائدا هئا. تنهن ڪري پنهنجا نندڙا ڪم ٽپائڻ لاءِ هڪڙا هڪڙا سياسي پيرن جا مريد ٽي ويا، ٻيا ٻين جا.

ائين ذاتي ۽ طبقاتي لالچن، انڈي پوڄا، سياسي جهالت ۽ هوس مڙسن جا سَنڌ سڪائي ڇڏيا. جيڪي قوم جا طبيب بنجي آيا هُنا سي خود جڏا ۽ بيمار ٿي پيا. اڄ شاگرد تحريڪ سڪرات ۾ آهي. نڪا ٿي مري، نڪو ٿي منجو ڇڏي.

ڪجهه وقت اڳ ڪن عام سنڌي ماڻهن ۾ شاگردن جي جوش، جذبي ۽ ڪاميابين کي ڏسي اهو خيال اچي پيدا ٿيو ته عوام دشمن حاڪم طبقي مان پرتي ٿيل شاگرد طبقو سچي قوم جي نمائندگي ۽ اڳواڻي ڪري سگهي ٿو ۽ ٿورڙا پڙهيل مڙس ماڻهو انڈي، گونگي، ٻوڙي عوام ياران وڙهي سوپ ڪٽي سگهن ٿا.

سموري دنيا جي تاريخ ۽ سنڌ جي ويجهڙائي واري تاريخ انهن غلط فهمين کي دور ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ هر سمجهو سنڌيءَ کي خبر پئجي ويئي آهي ته سنڌ جي منو ڪروڙ عيسن، موسن، ڪرڙن ۽ ڪاندين کي پنهنجي درد جي دوا پاڻ ڪرڻي پوندي.

تڏهن ڇا شاگرد سڀ ڀڄ محب وطن ۽ قوم پرست اصل نٿا ٿي سگهن؟ ٿي سگهن ٿا. پر فقط اهي جيڪي پاڻ کي عارضي ۽ زباني طرح نه، پر سچيءَ زندگيءَ لاءِ دل جان ۽ عملي طرح عيسن، موسن، ڪرڙن ۽ ڪندن سان ملائي هڪ ڪندا ۽ سندن فائدي واري انقلابي دوست نظريي، عمل جي واٽ، تنظيمي واٽ ۽ عملي جدوجهد کي مڪمل طرح پنهنجو سمجهندا.

هر محب وطن سنڌي شاگرد کي سوچڻو آهي ته هو ڪهڙي واٽ ويندو؟ ذاتي ۽ طبقاتي لالچ واري، عوام دشمن واٽ يا پورهيت سنڌي عوام جي سچي پچي سڌي انقلابي ۽ عوامي واٽ؟

سنڌ جي تاريخ ان سوال کي اڄ جي ايجنڈا تي رکي ڇڏيو آهي. هر ڪنهن کي پنهنجو فيصلو پاڻ ڪرڻو آهي.

[ماهوار "تحريڪ" مارچ 1974ع]

نانگن وري پرن مان منهن پاهر ڪڍيو آهي!

نقلي ترقي پسند سنڌ دشمن نانگن وري پرن مان منهن پاهر ڪڍيو آهي! وري ڪئين سنڌ دشمن ڪپر، پـ-منهيون، ڪوراڙيون، پيٽيون ۽ هڙ ڪٽيون ۽ سندن زهريلا "سنڌي" ٻچا پٽن ۾ سرندا نظر اچن پيا! وري به ڇيون مرڪائي "سنڌ"، "انقلاب"، "جمهوريت"، "صوبائي خودمختاري"، "عوامي اتحاد" ۽ "پائي پائي" جا مٺا ٻول ٻولي، سنڌي عوام کي نوان قهري ڏنگ هڙڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن! وري به رهزن رهبر بنيا آهن! وري به قاتل منصف ٿيا آهن! وري به هٿ سان زهر پيارينڊ، ويچ ۽ حڪيم ٿي اچي وينا آهن! وري به سنڌ جي بدنصيب تاريخ جي دوڪي، دولاب ۽ دغا جا ورق ڌهرائجڻ لڳا آهن!

اهي جن پنهنجي قوم پائي ڪوڙن ڪليمنٽن ۽ ناجائز قبضي دارن جي هنيل ڏاڙن جي مال بچائڻ ۽ سنڌي هاري پاڳين جي مخالفت کي ڪچيءَ ۾ ئي اسرڻ کان روڪڻ لاءِ، هاري ڪميٽي جي آڙ ۾، سنڌ جي هاري عوام جي جدوجهد تي ناجائز قبضو ڪري، کين برغلائي، پنيلائي، روه ۾ رلائي، پاڻ ۾ ويڙهائي، ڪڌهن به صحيح معنيٰ ۾ گڏ ٿيڻ ۽ پنهنجي حقن لاءِ وڙهڻ نه ڏنو، اهي جن نعپ جي نالي ۾، ۽ ون يونٽ جي مخالفت جي آڙ ۾، ڪڌهن به ون يونٽ جي مخالف عوام کي اُسرڻ، اُپرڻ ۽ متحد ٿي لڙڻ نه ڏنو، جن محب وطن ادبين تي پنهنجا پاڙيتو شڪاري ٻچي سنڌي "ادبي تحريڪ" کي لولو لنگڙو بنائي ڇڏيو، جن بروچ سردارن ۽ پناڻ خانن کي چوري سرحد مان سنڌين خلاف ڪوڙيون انڪوائريون هلارائي، خون ٽيل سنڌي عوام کي اتلو خوني ۽ ڏاڙيل ڪري بدنام ڪيو ۽ بلوچستان مان عين وقت تي اردو مڙهائڻ جا اعلان ڪرائي سنڌيءَ جي ڪيس کي ڏک هٽايا، جن سنڌ ۾ فسادن لاءِ ميدان تيار ڪرايا، "پناهگير پرديش" جا فتنا کڙا ڪيا، سنڌي عوام جي مجرمن ۽ خونين کي "جيالي اور بهادر عوام" جا خطاب ۽ هشيون ڏيئي مظلوم سنڌين جا ڪوس ڪرايا، جن مت جي موڙهن، پرمتڙين پوڙهن سنڌين کي چوري، سبز باغ ڏيکاري، پيپون ٻڌي، وڏا لکنوي لقب ڏيئي، مت مان ڪڍي، سنڌي عوام جي جدوجهد کي ٻڌي چوڙ ڪري، کهڙن جي حوالي ڪرائي، سنڌي

اتحاد جا تختا کڏائي ڇڏيا، جن سنڌين کي تعريف ۾ خوشامد جو ڏاتورو کارائي سونت مان کڏي، سندن واتان بيوقوفيءَ وارا کمهلا، وات جا ٽکاءُ ۽ سکٽيون ڏاڙون هٽائي، 'جيئي سنڌ' جي تحريڪ کي ڪچلارائي، مارائي سندس جنازو رلائي ڇڏيو، جن سنڌي شاگرد تحريڪ ۾ پنهنجو تربيت ورتل 'ففٿ ڪالم' ڇڏي سندس صفون درهم برهم ڪرائي، ان کي ڪٽڻ ۽ ڪانگن جو ڪاڄ ڪرائي ڇڏيو، سي وري به "سنڌ" لاءِ اوچنگارون ڏيندا اچي نڪتا آهن.

جيڪي نقاب پوش عادتي مجرم سنڌي عوام خلاف سنگين ترين ڏوهه ڪري ۽ ڪرائي، ڪجهه ڏينهن لاءِ عوام کان روپوش ٿي ويا هئا، سي وري آهستي آهستي عوام آڏو پيا اچن. هن وري پنهنجا اڳوٽا ظاهر ظهور اڏا سنپاليا آهن. وري به هڪڙا سڄي پاڪستان جا غوث ۽ قطب ٿيا آهن. پيا مختلف صوبن جا ولي بنيا آهن. نواب شاهه جو بدنام ۽ ڪٽر سنڌ دشمن وڪيل رشيد رات وچ ۾ سنڌي هارين جو امام مقرر ٿي ويو آهي. "عوامي ادبي انجمن" واري سازش جا باني حسن حميدي ۽ حسان، سنڌي ترقي پسند ۽ قوم پرست اديبن جا مخفي مرشد مقرر ٿيا آهن. پيا منافق ۽ مڪريل بدمعاش ۽ دليءَ جا ٽنگ سنڌي شاگرد تحريڪ جا روحاني پيشوا ۽ رهبر بنيا آهن. وري به سُس پُس جي مشينري ٽاپ گيئر ۾ وڌي ويئي آهي. وري به مصنوعي "سنڌي شاگرد ليبر"، مصنوعي "سنڌي هاري ورڪر" ۽ مصنوعي "سنڌي قومي اديب" تيار ڪندڙ سنڌ دشمن فئڪٽريءَ ڊبل شفٽ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو آهي. وري به ٻالپڻ کان پرتي ڪيل ۽ غداريءَ جي سُتيءَ تي ساندڻ، نپايل ۽ پالپل ڪوڙا "ڪامريڊي ڪئپسول" چڙهيل، "سنڌي شاگرد ليبر"، "سنڌي هاري ورڪر"، "سنڌي ترقي پسند قومي اديب" ڏيوٽين سان لڳي ويا آهن ۽ ڊوڙن ۾ آهن.

وري به "ترقي پسند عوامي قوتن جي اتحاد" جو ڪوڙو ڊونگ ۽ هٿرادو ناٽڪ رچائي صحيح ۽ بااصول ترقي پسند عوامي اتحاد جي راهه ۾ زبردست رڪاوٽون کڙيون ڪيون پيون وجن. وري به ميهي جپ ڏيکاري پئي وڃي. وري به عوام جي غم ۾ واڪوءَ وارا لڙڪ هاريا پيا وجن. وري به ترقي پسندي ۽ انقلاب جون راهداريون، پروانا، سندون، لقب، خلعتون، انعام اڪرام ورهائجڻ لڳا آهن. وري به رنل پرچايا پيا وجن، وري به ترقيءَ پسنديءَ جي درگاهه جي تڙيل "مرتدن" ۽ "منڪرن" کي پناهگير ترقي پسندي ۽ قومي غداريءَ جي راهه تي آڻڻ لاءِ معافين ۽ نين نوازشن جا دلاسا ڏنا پيا وجن. وري به ڪاغذي جماعتن جا عهدام ليبريون، جلسن جون صدارتون ۽ اخباري بيان جي زور تي "عظيم ليبر" مشهور ٿيڻ جون بشارتون پيون ورهائجن. ڪسيل عظيم لقب

موتائي ڏيارڻ جا انجام ڪيا پيا وڃن. وري بہ سنڌي عام جي رام جيءَ ڪي ننگي ڪائنس سندس قومي جدوجهد جو بدڪر ڪنڊ لاءِ ٿي نہ پر ٿي هزار ٿنگ ملڪ ۾ پکڙي پيا آهن.

وري بہ هٿ سان گهٽو ڏيئي مايل هاري ڪاميٽيءَ جو لاش تاريخي قبر مان ڪڍي ٽيڪ ڏيئي استيج تي سينگاري ويهاريو ويو آهي. ڪجهه وقت اڳ ان سياسي مڙدي جي نالي ۾ بن ٽن "هاري ورڪر" چاڙتن هٿان لڪ ڇپ ۾ ٿهراءُ پاس ڪرايو ويو تہ "سنڌ جي هارين ۽ سندن جماعت جو فرض آهي تہ پناهگير نعپ (سنڌ ۾ نعپ معنيٰ پناهگير نعپ) جي فرمانبرداري ڪن. تازو سڪرنڊ ۾ ساڳين هٿ ٿوڪين ۽ غدار "هاري ورڪرن" هٿان گهر جي ڪنڊ ۾ لڪي هاري ڪميٽيءَ جي نالي ۾ سنڌي هارين کي حڪم ڪرايو ويو آهي تہ "جيڪو غاصب سنڌ جي زمين رڳو هڪ سال کان قبضو ڪريو ويٺو هجي تنهن کي بہ سنڌ جي ڌرتيءَ جو جائز مالڪ تسليم ڪيو وڃي ۽ ان جي خلاف ڪير اکر بہ نہ ڪڍي."

هيترا سال سنڌي ادبين کي ويڙهائي، خوار خراب ۽ ذليل ڪري سنڌي ادبي سنگت جو جنازو رلائي، هاڻ وري سنڌي ادبين ۽ سنڌي ادبي سنگت کي سنڌي ادبين ۽ سنڌي عوام خلاف استعمال ڪرڻ جي ست ستي ويئي آهي.

پناهگير "رينگ ماسٽرن" پنهنجي سنڌي اديب بالڪن کي "اٽينشن" ٽيڻ جو ڪاشن ڏنو آهي. انهن بالڪن کي اڳي حڪم مليل هئا تہ "هڪڙن کي آڙ بنايو، ٻين کي وارو ڪريو. جي ايم سيد جون مدحون ۽ قصيدا پڙهي ڪيس زمين تان ڪٽي ستين آسمان تي چاڙهي، ولي ۽ پيغمبر بنائي، سنڌ جي ٻين محب وطن کان ڪاٽي، الگ ۽ اڪيلو ڪري پوري طرح پنهنجي قبضي ۾ آڻيو. ڊونگ ڪري سنڌو ديش جو منتر وڏي سڌ ڇڏيو. اهڙي طرح سنڌي سورمن ۽ جي ايم سيد جي زهر پياڪ عاشقن جو ويس اوڍي، 'نافرمان' سنڌي ادبين ۽ قومي ڪارڪن کي ذليل ۽ خوار ڪري سنڌي ادبي اتحاد جا تختا ڪيو ۽ سنڌ جو قومي ادبي مورچو ڍاهي ڇڏيو." جي ايم سيد ۽ اياز سنڌيت جا پيل پايا ليکيا وڃن ٿا. ٻئي هميشہ پاڻ ۾ متحد رهيا آهن. اها ڳالهہ خراب هئي. سو جي ايم سيد جي عشق جي آڙ ۾ اياز کي نشانو بنايو وڃي. اشاري جي دير هئي رات وچ ۾ اياز کان قومي شاعر جو لقب کسجي ويو. اهو لقب ماڻڻ جو پروانو نياز کي ملي ويو. هن پاڻ کي حقدار تسليم ڪرائڻ لاءِ ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي. اياز شاه کي اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو تہ نياز مقابلي لاءِ وري ان کي جٽڪي "وات مني ڪياماڙي گو" ٽائيپ جي فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. فتوا جي صاحبن فتوا ڏني تہ ايازجو ترجمو بيڪار. نياز جو ترجمو عاليشان. ايازجا وڏا فوٽا ڇپيا هئا. ان جي مقابلي ۾ نياز جا ايجا

ٻ وڏا فوٽا چپيا ويا. پناهگير "رينگ ماشٽرن" جي حڪم سان اياز "سنڌ جو آواز" "قومي شاعر" جي گاديءَ تان لهي "پ-پ جو پٽو"، "پنڊيءَ جو پانڊيئڙو" ۽ "غدار" ٽئي ويو. پين اديبن ۽ قومي ڪارڪنن ۾ پاڪر ڪٽو وڏو ويو. "موسو مکڙ جو، جهوري جهڙ جي". ظاهر اهو ته 'جيڪي رافضي ۽ بدعتي جي امير سيد جي پيغمبريءَ ۽ ڪرامت ۾ شڪ ٿا ڪن، تن کي في سبيل سنڌ جهنم واصل ٿا ڪريون.' اصل مطلب اهو ته جن کي پناهگير نقلي پنهنجي ڪک جو ڪان ٿا سمجهن، تن مان ساري سور ڪيجن. کي غدار، کي بزدل ته کي بداخلاق. ڪو ڪونہ رهيو. هر ڪنهن سان ڪو نہ ڪو قلم لاڳو ٿي ويو. سڀ ڏوهي سڀ واجب القتل، فقط پناهگيرن جا سَند مليل ٻهروپيا چاڙڻا ويجي استيج تي بچيا ۽ سان پاڻن وانگر ٽاڏيون ڏيڻ لڳا. وچ ۾ ٿوري گرمي ٿي ته مڙس يڪدم ڪک پن ٿي ويا. ٻہ ٽي ڏينهن ميسڙا ۽ ويچارا ٽيو ٻئي گهميا. هاڻ وري "اٽينشن" ٽيڻ جو حڪم مليو اٽن. هارڻ وري ڊيوٽيءَ تي چڙهيا آهن.

هاڻ وري نئون ڊرامو تيار ٿيو آهي. ساڳي "سنڌي ائڪٽر" ساڳين "پناهگير ڊائريڪٽرن" جي هدايت موجب ڪو نئون ٻهروپ، ڪو نئون سانگ، ڪو نئون ناٽڪ ڪرڻ وارا آهن. ڪهڙو؟ سا اڃا خبر ڪانهي؟ في الحال فقط اها خبر آهي، ته هاري ڪميٽيءَ وانگر سنڌي ادبي سنگت کي ٻ هٿيار بنائي سنڌ خلاف استعمال ڪرڻ جا حڪم پهتل آهن. وري ٻ ڇاتل سڃاتل پناهگير چاڙڻا اديب جن هونئن ته سڄي عمر "سنڌ سنڌ" ڪئي آهي، پر جن هر فيصلي جي گهڙيءَ ۾ گوهي ڏيئي وڃي سڌ دشمن جو ساٿ ڏنو آهي سي وري ڪجه دير سنڌيت جو سانگ رچائيندا، محب وطن بنيا ۽ پوءِ عين وقت تي، عين فيصلي جي گهڙيءَ تي، سنڌي مفادن کي خنجر هڻي، پاڻ گولي ٿي وڃي پنهنجا ماڳ وسائيندا.

پناهگير نقلي ترقي پسندو! مڪارو! منافقو! بي رحمو، ظالمو! عوام کان روپوش ٿيل نقاب پوش، عوام دشمنو!

اوهان گذريل 27 سال سڄي پاڪستان جي عوام کي آگرين تي نچايو آهي. سنڌ جا ٻ اوهين وارث، بلوچستان جا ٻ اوهين وارث ته سرحد جا ٻ اوهين وارث ٿيا ويٺا آهيو! اوهان نہ بنگال جي عوام کي پاڻ ۾ نهڙ ۽ متحد ٿيڻ ڏنو، نہ بلوچستان جي عوام کي، نہ سرحد جي عوام کي. اوهان نقلي سنڌي، نقلي بلوچ، نقلي پٺاڻ، نقلي بنگالي بنجي، سنڌين، بلوچن، پٺاڻن ۽ بنگالين مان

پنهنجا ايجنٽ پرتي ڪري، انهن جي قومي تحريڪن جا تختا ڪڍي چڏيا. اوهان پنهنجي مفادن جي جهيڙي خاطر پاڪستاني عوام جون بڪريون ڪهي چڏيون. اوهان ڪين متحد ٿيڻ نه چڏيو ۽ ڪين اندران ڪمزور ڪري ايوب، يحيٰ ۽ مودودي‌ءَ جو آسان شڪار بنائي چڏيو. اوهان جا هٿ بنگال جي خون ۾ رڱيل آهن. جيڪي سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد سان ٿيو يا ٿئي پيو تنهن جو جرم اوهان جي ٻ گردن تي آهي. هاڻ بس ڪريو! صدين جي ستايل سنڌي عوام کي وڌيڪ ستائڻ بند ڪريو! غليظ عوام دشمن، ذاتي، طبقاتي ۽ ٽوليبازي‌ءَ جي مفادن لاءِ انقلاب ۽ ترقي پسندي‌ءَ کي خوار ڪرڻ بند ڪريو! سچي بااصول عوامي اتحاد جي راه روڪڻ لاءِ اتحاد جا ڪوڙا ڊونگ رچائڻ بند ڪريو- پنهنجي ڪيل گناهن لاءِ سنڌي عوام کان معافي وٺو، پڇتايو. وڌيڪ هٿ_ناٽ، سانگ، ڪرميٽ، منافقيون، مڪر، دراما ۽ ڪيل رچائڻ کان باز اچو. سنڌي جدوجهد جي ٺيڪيداري ختم ڪريو. ورنه سنڌي عوام اوهان کي هرگز هرگز وڌيڪ وقت بدمعاشيون ڪرڻ نه ڏيندو ۽ اوهان کي پنهنجي تاريخي جرمن جو سنگين ڪيتو لوڙڻو پوندو.

نقلي ترقي پسندن جا سنڌي چاڙڻو! هاڻ ته ڪجه شرم ڪريو! هاڻ ته دشمن جي اشارن تي ناچ بند ڪريو!

سنڌ سان گڏريل 27 سال جيڪي ڪجه ٿيو آهي ان ۾ وڏيرا شاهي‌ءَ کان سواءِ اوهين ٻ هڪجهڙا بلڪ انهن کان ٻ وڌيڪ جوابدار آهيو. کهڙو وزارت لاءِ غدار ٿيو. اوهان وڌيڪ نيچ آهيو. اوهان ته بن چئن سون رپين، جلسن جي صدارتن، اخباري بيانن، چاپلوسين ۽ ٽلهي خوشامد تي سنڌ جا مفاد وڪٽندا ۽ غداريون ڪندا رهيا آهيو. اوهين رهبر جي ويس ۾ رهزن ٿي ويٺا آهيو. اوهين ته علاج جي بهاني زهر ويٺا پياريو. اوهان سنڌ کي اندران جڏو، لولو ۽ لنگڙو ڪيو آهي. اوهان هر فيصلي جي گهڙي‌ءَ تي سنڌ کي پٺ ۾ خنجر هنيو آهي. اوهان "سنڌي هاري ورڪر"، "سنڌي شاگرد ليڊر"، "سنڌي قومي اديب" جي پهروپ ۾ سنڌي عوام سان ويساه گهاتي ڪئي آهي. اوهان پنهنجو سڀ عقل، ذهن، طاقت ۽ لياقت عوام جي اکين ۾ ڏوڙ وجهڻ لاءِ استعمال ڪئي آهي. اوهان جي ئي معرفت دشمن سنڌ جي اتحاد کي تباه ڪيو آهي. اوهان ئي سنڌ جي بيوسي‌ءَ ۾ هيٺائي جا فوري ڪارڻ آهيو، اوهين ئي بلوءَ، عبدالرزاق ۽ بين شهيدن جا اصلي قاتل آهيو.

پنهنجي آقائن جي ڪيري تي نه ڪڏو! انهن جون پاڙون برابر پاتال ۾ آهن. هو برابر پاڪستان جي حاڪم ٽولي جا ٺائندا آهن، هن وٽ اٽڪلون چالاڪيون، دولت، عوام دشمن علم، ڏاهپون، هلندیون پچنديون، اخبارون، رسالا ۽ بيا وسيلا آهن. هو اوهان کي هر طرح لڪائي چپائي ۽ عوام کي

پنيلائي سگهن ٿا۔ هو اوهان مان هڪڙن دلالن هٿان ٻين دلالن جي تعريف ڪرائي، بيان ڏياري، صدارتون ڪرائي، ڪجھ وقت عوام کي اُلو بنائي سگهن ٿا. اوهين ٻ هينئر پاڻ تي ڪيئن پوش چاڙهيو پيا هلو. تنهن ڪري اوهان کي هڪدم صحيح سڃاڻڻ برابر ڏکيو آهي. هينئر پلي ڪيترو ٻ پنهنجي قلم ۽ زبان کان پيشو ڪرائي ڪوڙ ڪريو، گلائون ڪريو، وات مان گڦون ڳاڙيو، تال مڪر ڪريو، ٺهراءُ پاس ڪريو ڪوڙيون ڪاغذي تنظيمون ۽ جماعتون ٺاهيو، هڪٻئي کي لقب القاب ڏيو، صدارتون ۽ عهدا ماڻيو، پاڻ کي عظيم سورما سڏائي استيج تي سان پاڏي وانگر ٽاڏيون ڏيو، سنڌ جي حُب جا سانگ رچايو، جيڪي وٽيو سو ڪريو پر ان ڏينهن کي نہ وسارجو جڏهن سنڌي عوام اوهان کي سڃاڻي ونندو.

ياد رکو! اهو ڏينهن ايترو پري ناهي، جيترو اوهان سمجهو ٿا. نقلي ترقي پسند پناهگير ۽ انهن جا دلالؤ! وڌيڪ بدمعاشيون بند ڪريو! سنڌ جي جان ڇڏيو!

سنڌ جا اديبو! شاگردو، هاريو، مزورو! پاڻ ۾ متحد ٿيو، سنڌي ادبي سنگت توڙي ٻين مڙني قومي مورچن کي مضبوط ڪريو ۽ وڌايو، اتان سنڌ دشمن ۽ سندن دلالن کي بي دخل ڪريو. نقلي ترقي پسنديءَ خلاف جدوجهد هلايو ۽ انقلابي وطن دوستيءَ جي جهنڊي کي اوچو ڪريو. جيئي سنڌ!

[ماهوار "تحريڪ" ۔ اپريل 1974ع]

پورهيتن کي سلام!

هي مئي جو مهينو آهي. مئي جي پهرين تاريخ وڏو ڏينهن آهي. اهو انساني تاريخ جو انوکو ۽ نرالو ڏينهن آهي. عام وڏا ڏينهن کنهن خاص ملڪ، قوم يا مذهب جا وڏا ڏينهن هوندا آهن. هي دنيا جي سڀني کنڊن جي سڀني ملڪن، سڀني قومن، سڀني مذهبن، سڀني رنگن، سڀني نسلن جي ماڻهن جو وڏو ڏينهن آهي. بازن جو پورهيو ڪندڙ سموري انسان ذات جا گهٽي ۾ گهٽا ماڻهو هميشہ پورهيت هئا ۽ آهن. 'پهرين-مئي' سڄي دنيا جي پورهيتن جو وڏو ڏينهن آهي. هي ان حساب سان روءِ زمين جو، سموري انساني تاريخ جو، وڏي ۾ وڏو ڏينهن آهي.

دنيا جي ٽي پتيءَ ۾ جتي پورهيتن جون حڪومتون قائم ٿي چڪيون آهن، اُتي ان ڏينهن عيدون ملهايون ويندیون. دنيا جي عظيم پورهيت تخت گاهن پيڪنگ، ماسڪو، برلن، هنوئي، وارسا، هوانا، پراگ، بلغراد، بوداپيسٽ، الان باتور، پيانگ يانگ، ترانا، عدن، بخاريسٽ ۽ سونايا وغيره ۾ ڪروڙين پورهيت عوام ۽ سندن هٿياربند فوجي دستا ڏاڍ ڏوم سان پريڈون ۽ مارچون ڪندا ۽ سڄي دنيا جي پورهئي جي ڏاڙيلن، سرمائيدارن، وڏيرن ۽ جاگيردارن جي دلين ۾ ڪنبٽيون وجهندا.

پي سڄي دنيا ۾ جتي به پورهيت متحد ۽ منظم آهن اتي شاندار جلوس نڪرندا، جلسا ٿيندا ۽ پورهيت عوام هڪ دفعو وري اهو پڪو پهه ورجائيندا تہ 'سڄي دنيا جي ہاڙي ہاڙيءَ کي ڏرتيءَ جي حرام کائو ڦورو ڏاڙيلن کان آزاد ڪرائي اتي ڏرتيءَ جي پورهيو ڪندڙ جلالي پٽن ۽ ڌيئن جو راج قائم ڪنداسون.'

پاڪستان ۾ پنجابي، پٺاڻ ۽ پناهگير مزور به اهو ڏينهن وڏي ٺٺ سان ملهائيندا. پر سنڌي پورهيت اهو ڏينهن پنهنجي مڙسيءَ سان پنهنجي ليکي ملهائي نہ سگهندا، هو ہين جي پويان ويچارا ٽيو پوين صفن ۾ بيٺا هوندا. چو تہ سنڌ دشمن پناهگير، پنجابي نقلي ترقي پسند سنڌ جي پورهيت تحريڪ تي چانيل آهن. انهن جي چاڙڻ ٽريڊ يونين وڏيرن ۽ چوڌرين سنڌي پورهيتن لاءِ سنڌ جي ڪارخانن جا گيٽ بند ڪري ڇڏيا آهن. سنڌي پورهيت پنهنجي

گھر ۾ چور آھن. سندن پگھر جي پورھئي مان جيڪو اناج ۽ ڪپھ پيدا ٿئي ٿو، جيڪو غير ملڪي ناٿو ملي ٿو، ڊلن ۽ ٽيڪسن جي صورت ۾ سندن جيڪو خزانو سرڪار ۾ جمع ٿئي ٿو، ان مان جيڪي ڪارخانا پون ٿا، اھي سڀ سڌ دشمن لاءِ وقف آھن، سڌي پورھيت، وڏيرن کي منڊن ۽ گيسيون ڪري ڪنھن ڪارخاني ۾ ڪا ھڪ اڏ جاءِ ونڊ ۾ ڪامياب ٿين ٿا تہ ان تان ٻہ نقلين جا ٻوٽ ڦريو وڃن. "محنت کشون کي حقوق" ۽ "انقلاب" خطري ۾ پئجيو وڃن ۽ ھو پنھنجي ٽريڊ يونين جي چاڙتن جي معرفت سرمائيدارن کي چيو سڌين کي ڪڌايو چڏين ٿا يا وري وڏيرن کي دٻايو سڌين کي انھن وٽان ئي جواب ڏياريو چڏين.

سڌ جو اَن پاڻي ڪائي سڌي پورھيت کي ڏڪا ڏيئي ڪيندڙ اھي تعصبي ۽ نمڪ حرام پورھيت۔دشمن نقلي ۽ سندن چاڙتا، پھرين مئي تي وڏي بي حياييءَ ۽ بي شرمائيءَ سان پورھيت اتحاد جون گالھيون ڪندا، پنھنجي پورھيت دوستيءَ جون لپاڙون ھڻندا، پورھيتن سان ھمدرديءَ جا لڙڪ ڳاڙيندا ۽ پنھنجي پورھيت دشمن ڏوھن تي پردو وجھڻ جي ڪوشش ڪندا. پر سڌي پورھيت کين سڃاڻن ٿا تہ اھي منافق سڌ جي پورھيت عوام جا ازلي ويري ۽ جاني دشمن آھن. کين خبر آھي تہ وطن جي وارث پورھيتن کي پنھنجي وطن ۾ چور ڪندڙ بدمعاش ھرگز پورھيت دوست ٿي نٿو سگھي.

عجيب ڳالھ!

سڌ جي پنھنجي ڏرتي ھجي، سڌ ۾ سڌين جي پنھنجي حڪومت قائم ٿيل ھجي، سڌ تان ڏھ ڏڻ سر گھورڻ وارا سڌي سپوت سڌ جا حاڪم ھجن، وزيراعظم سڌي ھجي، سو ٻہ معمولي ماڻھو نہ، پر قائد عوام فخر ايشيا جھڙو نر مڙس، جنھن جي ھشمت ۽ ھيبت جون واشنگٽن کان ونئي ماسڪو تائين رڙيون ۽ ڪوڪريا ھجن، جنھن جي سڌ تي سڌ ڏيڻ ۾ دنيا جا صدر، سلطان ۽ بادشاھ ٻہ فخر سمجھندا ھجن. جيڪو پاڪستان جي ماڻھن سان ايڏو پيار ڪندو ھجي جو سنگين ڏوھن جي الزامن ۾ جھليل پاڪستاني ملزمن کي ڪيس مان چڏائڻ لاءِ پاڻ استعيفا ڏيڻ لاءِ تيار ھجي، جنھن وٽ بھادر ۽ جري فوج ھجي جيڪو پنھنجيءَ تي اچي تہ ان فوج کي خود پاڪستانين تي چاڙھڻ ۾ ٻہ نہ ڪيبائي، جنھن وٽ وزير، گورنر، ڪمانڊر انچيف ۽ صدر ڪاٽ ۾ پيا ھجن، جيڪو "وتعز من تشاءَ و تذل من تشاءَ" (جنھن کي وٺيئي تنھن کي عزت ڏين، جنھن کي وٺيئي تنھن کي ذلت ڏين) وارا جلوا ڏيکاريندو ھجي، اُتي ذوالفقار علي ٻٽي کي قائد عوام بنائڻ وارو سڌي پورھيت رڳو مزوريءَ کان ٻہ تڙيل ھجي ۽ در در ڏڪا پيو کائيندو ھجي سا ڪيڏي نہ عجيب ڳالھ آھي.

ائين ٿو نہ آهي ٿو هندستان، روس يا آمريڪا سان منهن ڏيڻ سولو آهي. پر پناهگير-پنجابي زميندارن، سرمائيدارن ۽ سندن جوڙيوالن کان مظلومن سنڌين ۽ بلوچن کي پنهنجا حق وٺي ڏيڻ ڏکيو آهي؟ ائين ٿو نہ آهي ٿو لکين سنڌين ۽ بلوچن کي گهو گهو ڏيڻ سولو آهي. پر هڪڙي ٻ پناهگير-پنجابي زميندار، سرمائيدار يا سندس جوڙيوال جو معمولي نخرو نہ ڪٽڻ ٻ خطري جهڙو ڪم آهي؟ ائين ٿو نہ آهي ٿو اسين پي دنيا اڳيان ۽ سنڌي عوام اڳيان سچا پچا شينهن آهيون پر سنڌي عوام جي دشمن اڳيان ڪاغذي شينهن آهيون؟ ائين ٿو نہ آهي ٿو سنڌي عوام جي نفعي ۽ نقصان جي ڪمن ۾ اسان جي مڙسي اُڌاري مڙسي آهي، فقط ڏسي دل خوش ڪرڻ جي مڙسي آهي؟ جي ائين نہ آهي، جي "اڇي پگ ۾ پس اندر مڙيئي اڳڙيون" ۽ "نانءُ بڙا ديه ويران" وارو قصو ناهي ٿو پوءِ سنڌي پورهيت عوام کي پنهنجا کسيل حق ملڻ گهرجن. سنڌ اندر هڪڙو ٻ ڪارخانو اهڙو نہ هئڻ گهرجي، جنهن ۾ سنڌي ماڻهن جي اڪثريت هجي. تيستائين هڪڙو ٻ اهڙو ڪارخانو قائم ئي ٿيڻ نہ ڏجي جيستائين ڪارخاني هٽڻ وارو لکي نہ ڏي ٿو 'سنڌي پورهيتن سان ٻ اڪيائي نہ ڪندس، سچ ڪان اول کين پنهنجا پورا حق ڏيندس.'

اهم قومي مسئلو

هي مسئلو سنڌ جو قومي مسئلو آهي. سنڌي پورهيت جي طاقت ۾ نہ هجڻ ڪري سنڌ جي عوامي جدوجهد جي ڏاڙهي وڏيرن ۽ پناهگير نقلي ترقي پسندن جي هٿن ۾ آهي، جي ان کي ڪٽ پتلي ڪريو پيا نچائين. سنڌ جي جيائپي جي چاپي سنڌي پورهيت آهي. ان ڪري سنڌي پورهيتن، هارين، شاگردن، ادبين ۽ قومي ڪارڪنن ۽ ٻئي سموري وطن دوست عوام کي هي مسئلو پنهنجي هٿ ۾ ڪٽڻ گهرجي ۽ ملڪ جي مالڪن تي زور آڻڻ گهرجي ٿو هن مسئلي کي لنوائڻ جي پاليسي ترڪ ڪن. جتي ٻ اسان جا ڪچهرين جا ڪوڏيا ۽ مجلسن جا مور حاڪم تڪليفون وٺي پنهنجي تقرير دلپذير ٻڌائڻ اچن ۽ پنهنجي حيرت انگيز عوامي ڪارنامن جو وٽندڙ داستان شروع ڪن اُتي ڪائنس سوال پڇي ڪين موقعو ڏيڻ گهرجي ٿو هو اهو ٻڌائين ٿو هن سنڌي پورهيت عوام خلاف هن سازش کي روڪائڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا قدم کنيا آهن ۽ انهن مان هيستائين ڪوبہ ڪڙتيل چو ڪونہ نڪتو آهي؟ ڪائنس خاص ڪري اهو ٻ معلوم ڪجي ٿو سنڌ جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ ڪل مزور ڳهٽا آهن؟ انهن ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ پورهيتن جو تعداد ۽ في سيڪڙو ڪيترو آهي؟ ٿي سگهي ٿو ڪنهن محب وطن اسيمبلي ميمبر کان اسيمبلي ۾ اهڙا سوال پڇائي اهي انگ اکر معلوم ڪجن.

متحد ٿيو!

بي طرف سنڌي پورهيتن کي گهرجي تہ هو سنڌ دشمن پناهگير ترقي پسندن ۽ سنڌن چاڑڻن تربيد يونين وڏيرن جي چڪر مان نڪرن ۽ سنڌن سنڌ دشمن بدصورت چهري کي اگهاڙو ڪن. پاڻ تي ۽ سنڌي عوام تي پاڙين. محنت ڪري ۽ تڪليف وٺي پورهيت جاڻ ۽ سمجهه پرائين. پاڻ کي سنڌي عوام جو ڏاهو، سمجهو، اٽموٽ ۽ اوريچ مهڙ وارا اڳواڻ دستو ثابت ڪن. سنڌي هارين سان اتحاد ڪن، سنڌ جي سمورن محب وطن طبقن کي پاڻ سان ملائين ۽ پنهنجي اڳواڻي هيٺ سنڌي عوام جو عظيم اتحاد قائم ڪري، ورن وڪڙن ۽ لاهين چاڑهين واري اٽانگي ۽ ڊگهي جدوجهد هلائي سنڌ تان وڏيرا شاهي ۽ سنڌ دشمن سامراجين جي غلاميءَ جو ڳٽ لاهين ۽ سنڌ ۾ پورهيت عوامي راج قائم ڪن. ان لاءِ ضروري آهي تہ هو رڳو خسيس ۽ عارضي فائدن ۽ لالچن لاءِ جدوجهد نہ ڪن پر پنهنجي سڄي جدوجهد ۾ سنڌ جي گڏيل مفادن ۽ آخري مقصدن جو خيال رکن. سنڌ جا وارث ٿي سوچين. سڪٽي اقتصاديت پرستيءَ جي ڏبڻ مان نڪري اقتصادي ۽ سياسي جدوجهد کي ملائي هڪ ڪن. طبقاتي ۽ قومي جدوجهد کي ملائي هڪ ڪن. هڪجهڙائي ۽ انصاف جي بنيادن تي، سنڌ جي گذر جي وسيلن تي پهريون حق سنڌي پورهيتن جو آهي. انهيءَ قدرتي اصول جي بنيادن تي، ۽ فقط انهن بنيادن تي، پاڪستان جي بين انصاف پسند، حق پرست پورهيت پائرن سان اتحاد قائم ڪن ۽ ان کي مضبوط ڪن. سڄي دنيا جي پورهيتن جي جدوجهد سمجهن. سنڌ، پاڪستان ۽ دنيا جي انقلاب کي پنهنجو مقصد بنائين. فتح سنڌي پورهيت ۽ سنڌي پورهيت عوام جي ٿيندي. سنڌي پورهيت جيئي! سنڌي پورهيتن جي ٻڌي جيئي! دنيا جي سپني ملڪن جي پورهيتن جي ٻڌي جيئي! دنيا جي مظلومن پورهيتن ۽ مظلوم قومن جي ٻڌي جيئي! جيئي سنڌ!!

هاڻ ٻين کي به وارو ڏي!

سنڌ جي پوتار سوا سؤ سال عوام جا چپ سبي، پاڻ ڳالهايو آهي. سنڌي عوام سوا سؤ سال سڻو آهي.

هن وڏيرو، پوتار، زميندار، سردار ٿي ڳالهيو. هن پوليس جو مشير، سرڪاري شاهد ۽ آنريري ماجسٽريٽ بنجي ڳالهايو آهي. هن سئنيٽري ڪميٽيءَ، اسڪول، بورڊ، ميونسپلٽيءَ، لوڪل بورڊ، اسيمبليءَ ۽ پارليامينٽ جو ميمبر بنجي ڳالهايو آهي. هن پهرين انگريز پرست امن ڪميٽيءَ وارو بنجي، پوءِ ڪانگريسي ۽ ليگي بنجي پوءِ ريپبليڪن، پوءِ ڪنوينشن ليگي،

ڪائونسل ليگي ۽ ڪيوم ليگي بنجي ڳالهايو آهي. هاڻ هو پيپلز پارٽي ٿيو آهي ۽ اڳي کان به گهٽو ٿو ڳالهائي. هن پوليس جمعدار، تپيدار، داروغي جو حمايتي بنجي ڳالهايو آهي. هن ڪماني‌ءَ ڪليڪٽر، ڪمشنر، گورنر ۽ وائسراءِ جو وفادار ٿي ڳالهايو آهي. هن قائداعظم، قائد ملت، چوڌري محمد علي، غلام محمد، اسڪندر مرزا، جنرل ايوب، جنرل يحيٰ خان جو پروانو ٿي ڳالهايو آهي. هاڻ هو عوامي ٿيو آهي ۽ قائد عوام جو فدائي بنجي ڳالهائي پيو ۽ ڏاڍو ٿو ڳالهائي! هو سڄو وقت پيو ڳالهائي!

سنڌي پوتار هر وقت، هر زماني ۾ سنڌ جي سموري تاريخ جي هر دور ۾، هميشہ ڳالهائيندو رهيو آهي. سنڌي عوام سڄو وقت ۽ هميشہ، ٻڌندا ۽ سهندا رهيا آهن. هاڻ هو ٻڌي ٻڌي رت ٿي پيا آهن. سندن ڪن پچي پيا آهن. هو هاڻ پاڻ ڳالهائڻ گهرن ٿا پر پوتار چوي ٿو "رڳو آءٌ ڳالهايان، اوهين رڳو ٻڌو!" جنهن کان وات مان ڪو اکر نڪري ٿو، تنهن کي ڪاٽ ۾ وجهيو ڇڏي. هاري ڪاٽ ۾ آهن. شاگرد ڪاٽ ۾ آهن. اديب ڪاٽ ۾ آهن. ٻين تي ڪيس چالان ٿيا آهن. گهٽن تي وارنٽ آهن، اهي سپاٽي ڪاٽ ۾ پوندا. پوتار ڪنهن کي به ڳالهائڻ نٿو ڏئي.

پوتار! هاڻ ته ٻين کي به وارو ڏي! خدا کي مڃ! گهڙي ڪن ته جان ڇڏ! ڪجھ ته عوام کي به وات کولڻ ڏي. عوام کي رڳو ايترو ته محسوس ڪرڻ ڏي ته ڪين به وات آهي. عوام جي نالي ۾ عوام جا چپ سبي ڇڏڻ ۽ رڳو پاڻ ڳالهائڻ ڪٿي جي شرافت آهي!

ڳالهائڻ ڏيو! هارين کي، مزورن کي، اديبن کي، مسڪين کي، مجبورن کي، ماريلن کي! ائين نہ ٿئي جو ماٺهو سهي سهي، ڪنهن ڏينهن گڏجي، اهڙي هيبتناڪ هڪل ڪن جو اوهان جا "عوامي" محل ۽ ماڙيون ڏهي اچي پٽ پون. ڏاها ٿيو! ڪجھ هوش ڏاريو! سنڌي عوام وڏيڪ ٻوٽ سبيل رهڻ لاءِ تيار ناهي، سنڌي عوام کي پنهنجا جمهوري حق ڪپن. اهي هو هر حالت ۾ حاصل ڪندا.

هارين، مزورن، شاگردن، اديبن کي چپ چورڻ جي ڏوهہ ۾ قيد ڪرڻ بند ڪريو! قيد ٿيل هاري، مزور، شاگرد ۽ اديب آزاد ڪريو. جي ايم سيد کي سن کان ٻاهر هلڻ چلڻ ۽ ڳالهائڻ ڏيو. پليجي، عالم شاهہ، پٺر، عطا محمد پنيري ۽ غلام عباس پنيري تان ڪيس واپس ونو. ابراهيم منشي، طارق اشرف ۽ ٻين کي آزاد ڪريو.

[ماهوار "تحريڪ" ـ مئي 1974ع]

سنڌي هاري عوام کي بي دخل ڪندڙن کي بي دخل ڪريو!

سنڌي هارين طرفان ڪرسيءَ تي ويهاريل سرڪار نامدار کي سالن کان پوءِ نيٺ سنڌي هاري ياد پئجي ويا آهن. ملڪ جي حاڪمن کي ڪنهن ٻڌايو آهي ته 'هاري بي دخل پيا ٿين.' هن اعلان ڪيو آهي ته بي دخليون بند ڪرايو ويندیون. ڪن صاحبن گهر ڪئي آهي ته بي دخل ڪندڙ زميندارن جون لسٽون ناهي مٿن قدم کنيو وڃي.

سرڪار نامدار جي مخالفن جو الزام آهي ته 'اها سڀ ايندڙ چونڊن لاءِ تياري آهي. سنڌ جي پورهيت عوام کي هيترا ڏينهن ڏنڊ ڏيئي، ماري، لتاڙي، چيپاٽي هاڻ وري کين منهن تان هٿ پوٽائي، مانرائي ڪاٽ جو ببو وات ۾ ڏيئي کين الڪشن سرڪس ۾ اشارن تي نچائڻ، ٽپائڻ لاءِ تيار ڪيو پيو وڃي. ته جيئن عوامي جمهوريت جي رکاوٽ جي پورائي ڪري وري ٻ ٻيا پنج سال بنا کٽڪي حڪومت جون لڏتون ونجن. هن جي دعويٰ آهي ته 'زرعي سڌارن ۾ وڏن زميندارن حقيقت ۾ هڪڙي ٻاڙي ٻ زمين ڪانه ڇڏي آهي. هڪڙو سير ٻ ٻج جو ڪونه ڏنو آهي. هڪڙي ڏينهن ٻ بي دخلي بند ڪانه ٿي آهي. ڪا چپ آئي آهي ته فقط ننڍڙي ڪاتيدار کي. وڏا زميندار ننڍن ڪاتيدارن ۽ هارين کي پاڻ ۾ ويڙهائي پاڻ وينا مزا ڏسن. وڏن زميندارن جي هارين سان ڏرلٽ، ظلم ۽ دهشت وڌيا آهن، گهٽيا ناهن. حاڪماڻا زرعي سڌارا ۽ سندن هارين سان همدردي، اها ڳالهه هن صديءَ جو وڏي ۾ وڏو مذاق، چٽر ۽ ڊونگ آهي. پروپئگنڊا وسيلي عوام جي اکين ۾ ڏوڙ وجهڻ ۽ سندن زخمن تي لوڻ ٻرڪڻ جو انهيءَ کان وڏو مثال دنيا ۾ ڪونه ملندو وغيره وغيره.' اصل ڳالهه چا آهي، تنهن جي خبر هڪڙي هاري عوام کي هوندي ٻي حاڪمن کي. حاڪم ڳالهائين پيا. عوام خاموش آهن. انهي کي عوامي حڪومت طرفان جڏهن پنهنجي ليکي پاڻ ڳالهائڻ جي موڪل ملندي يا هو پاڻ پنهنجي مڙسيءَ سان اهو حق حاصل ڪندا. تڏهن ٻئي طرف پيش ٿي سگهندا ۽ صحيح حقيقتون معلوم ٿي سگهنديون. هن حاڪماڻي گفتار ۽

عوامي مات جي دور ۾ في الحال فقط ڏکا هٽي سگهجن ٿا. اسين ڏکا هٽڻ نٿا چاهيون.

انگريز غلام بنائيندڙن سنڌي پورهيت عوام کي بغاوت ڪري، آزاد ٿيڻ کان هميشہ لاءِ روڪڻ ۽ سنڌن ميس مارڻ لاءِ سنڌن گڏر جو آڏو يعني سنڌ جي ڏرتي کانئن کسي، پنهنجي دلالن جي حوالي ڪئي. محب وطن کي ڦاهيون ۽ جاسوسن، دلالن ۽ غدارن کي عوام جون زمينون ڏنيون ويون. اهڙيءَ طرح سنڌي پورهيت عوام جي ڳاڻي تي سنڌ دشمن وڏيرا شاهي سوار ڪئي وئي. مٿان وري ڪوڙا ڪليمينٽ ۽ سيٽلر نازل ڪيا ويا. تان جو سنڌي پورهيت عوام پنهنجي ڏرتيءَ جي ٻاڙي ٻاڙي تان تاڙڪ ٿي ويو. اڄ 85 سيڪڙو سنڌي عوام هاري آهي. پنهنجيءَ ۾ چور، پرائي وس، هيٺو، نڏڪو، هيل، ڦريل ۽ ماريل.

سنڌي هاري زمين مان جيڪو اپائي ٿو، تنهن مان شاهوڪاريءَ واري 'باقاعده' ڦر کان سواءِ وڏيري جي اوطاق، گهوڙي، سريت، مرشد، ملان وغيره ويهن بلائن جي پتي ٿي نڪري. چاليه ٻيون سنهيون ٽلهيون چورون رت ٽيون چوسين. جيڪي بچي اهو تور، ليڪي ۽ اڳهن جي گهوٻين ۽ يهودين جهڙن وڏيرڪن ويا جن ۾ غرق ٿئي. پوءِ ٻه سالن جا سال ليکو ڪونہ ٿئي، سنڌي هاري عوام سدائين قرضي. ابا ڏاڏا قرضي، پاڻ قرضي، پويان قرضي، نسلن جا نسل قرضي، ڏوهاري غلام. مٿان وري بي دخليءَ جو ڊڪو. وڏيرو جڏهن ڪاوڙجي تڏهن چئي "نڪر منهنجي زمين مان باهر!" بيگر نہ ڏي تہ بي دخل، ليکو گهري تہ بي دخل. لکن سنڌين مٿان زوري بي دخليءَ جي اها تلوار لٽڪي پئي. وڏيرا شاهيءَ جي غنڊن ۽ دلالن جون لوڏيون، سنڌن راڄوٽي فيصلن جا گهاٽا، سنڌن پوليس ٽاڻا، روينيو آفيسون، عدالتون پنهنجو ڪم ڪندیون رهن ٿيون. چوريون، زوريون، ڦرون، ڏاڙا، لڄالتون جاري آهن. ڪوڙيون فرسٽ رپورٽون لکجڻ پيون. قلم 109 ۽ 110 جون ڪاريون ڪوراڙيون پنهنجا وات ڦاڙي روز نئين سنڌي پورهيت شڪار جي تلاش ۾ ويٺيون آهن. وڏيرا شاهيءَ جي دلال پوليس جي ڪوس گهرن ۾ ڪاسائي پنهنجي ڪاروبار ۾ رڌل آهن. ستر لک سنڌي هاري سپوتن جي ميس مارڻ ۽ حشمت ونڊ لاءِ سنڌ جي هر پوليس چوڪيءَ ۽ ٽاٽي تي ڪانئر ۽ بزدل وردي پوش لغورن ۽ عادتي مجرمن جا ٽولا سنڌ جي مهل ڪرڻ جهڙن مڙسن، ڪوپن ۽ ڪونڊرن کي الٽو لٽڪائي، ڪين مرچ ۽ برفون پيا وجهن. سندن مائن ۽ پينرن جون سندن ئي اڳيان بي حرمتيون پيا ڪن. سندن هڏ ڳڏ پيڄي، سندن بدن کي ڏنب ڏيئي، سندن چوڑيون لاهي، ڪين جسماني ۽ روحاني طرح جڏو، لولو، لنگڙو ۽ اپاهج پيا بنائين. انهن پوليس جي پيڙيل ۽ اڌ مئل لاشن کي

وري وڏيرڪي ”قانون“ ۽ ”انصاف“ جي جاندہ ۾ پينو پيو وڃي. هڪڙي هڪڙي ڏڻي ۾ سالن جا سال پوليس ”حفاظت“ ۾ رماند پيا ملن. ضامن جون درخواستون رد ۽ منظور پيون ٿين. شنوائين مٿان شنوايون پيون ملن. وڪيل صاحبان آڏيون پڇائون، بحث ۽ دليل بازيون پيا ڪن، قانون جي جونئن مان پتا پيا نڪرن، تخت سليماني تي ويٺل سوني قلم وارا صاحب سالن جا سال انصاف جا ساڳيا تر پيا تورين، فتوائون پيون ملن. اپيلون پيليون پيون ٿين. عدالتي ”حفاظت“ ۽ جيل جي ”حفاظت“ ۾ ڏنڌا پيڙيون، انڌاريون، ڪاڪهيون، فاقا، ذلتون ۽ عذاب پيا ملن. پويان بکيا اگهاڙا ٻچا دربدر پيا ڦٽڪن.

ڏڏو اڪثر هڪڙو، ۽ هڪڙي هنڌ نہ هوندو آهي. اڪثر وڏيرا دوست وڏيرن هٿان هڪڙي هڪڙي هاري تي ٻن ٽن ضلعن ۾ پري پري ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيندا آهن. پوءِ ته جيئري ئي موت اکين اڳيا اچيو وڃي. جوان هاري اچي ڏاڙهيءَ وارو اچيو ٿئي ته ڪيس نٿا نيڪال ٿين. ڪئين سنڌي ماڻهو هلندي هلندي، گهلجندي گهلجندي پساه پورا ڪري وڃن. انهيءَ وڏيرڪي دباءُ، دهشت ۽ عذاب جي خوف کان لکين سنڌي هاري ويچارا جيڪي جت آهن، اهي اتي ساه سڪايو وڏيرا شاهيءَ اڳيان ڪنڌ نمايو هٿ ٻڌيو وينا پيڙهجن، ڦرجن، مارجن ۽ بکون، ذلتون ۽ عذاب سهن. ٻاهر ٻڙڪ نٿا ڪڍن.

تڏهن ٻ وڏيرا شاهي خوش ناهي. ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هر ضلعي، هر تعلقي، هر ٽپي، هر ديه ۾ روز ڪنهن نہ ڪنهن سنڌي هاري ڪٽنب کي پنهنجي سانديل، نپايل ڏرتي جي ٽڪرڙي تان لوڏي ڪڍيو وڃي ٿو. سوين هيسايل ۽ ڏهڪايل سنڌي هاري ماڻهو مارن، موچڑن، ڪيسن، ڏڏن، چورين ڦاڙن کان مجبور ٿي، لڏا مٿن تي، ٻچا وات ۾. اباڻا پڊ چڏي، ديس ۾ پرديسي بنجي، منهن واه ڪري ڳچي، اجهي ۽ سلامتي جي ڳولا ۾ نڪريو پون ٿا.

بي دخليون بند ڪرائڻ جا زوردار اعلان جاري آهن. ٻئي طرف ستر لک سنڌي سپوتن کي وري جيئارڻ جي جدوجهد ٻ زور شور سان جاري آهي. سنڌي هاري قوم جا قوم پرست نندا پوتار پنهنجي ”قوم“ جي نجات ۽ چوٽڪاري لاءِ سر ڏڙ جي بازي لڳائي رهيا آهن. البت هو ”قوم“ جو مطلب پوتارن جي ”قوم“ ونن ٿا۔ سنڌي هاري جو نالو فقط پوتارن جي قوم جو تعداد وڏو ڪري ڏيکارڻ لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. هن لاءِ هاري ”قوم“ ناهن. انهن جي بي دخلي سندن ”قوم“ جو مسئلو ناهي. نندن پوتارن جي ”قوم“ جا ”قومي مسئلا“ ٻيا آهن. انهن مسئلن بابت نندن پوتارن جي قومي جدوجهد جاري آهي. ٽئين طرف سنڌي پورهيت جدوجهد جا نيڪيدار

پنجابي-پناهگير ڪامريڊ حضرات پنهنجي ڪامريڊي ڪاروبار ۾ جنبيل آهن. اخباري بيان چپجن پيا. پريس ڪانفرنسون ٿين پيون. ڪاغذي هاري ڪميٽيون ٺهن پيون. پناهگير-پنجابي ڪامريڊ حضرات سنڌي هارين پاران ماسڪو، پيڪنگ، لنڊن، ڪابل ۽ بغداد ۾ مهمانيون ڪائين پيا. هڪڙي پاسي اهي "عوامي"، "قومي" ۽ "ڪامريڊي" جدوجهدون زور شور سان جاري آهن ته ٻئي طرف سنڌ جي هاري عوام جون بي دخليون مان مٽي ۽ ۾ جاري آهن. اهو قصو هميشہ ائين هلڻو ناهي. سنڌ جا هاري عوام ان کي هميشہ ائين هلڻ نہ ڏيندا. هو هن مسئلي کي پس پيش پاڻ ئي حل ڪندا. ڪين خبر آهي ته پس پيش هن مسئلي جو هڪڙو ئي مڪمل ۽ صحيح حل آهي. اهو هي آهي ته سنڌي هاري عوام کي پنهنجي ڌرتيءَ تان بي دخل ڪندڙن کي سنڌي ڌرتيءَ، سنڌي قوم، سنڌي اقتصادي ۽ سياسي اقتدار تان بي دخل ڪيو وڃي. سنڌ جي زمين سنڌ جا حلالي هاري پٽ پنهنجي حوالي ڪن ۽ ان کي گلزار بنائين.

[ماهوار "تحريڪ" - جون 1974ع]

سر تي پکي هيڪڙو!

تحريڪ کي "همراه" نيٺ ڦري آيا آهن! هڪڙي پاسي نقلي اسلام پسند پرمارن جي سي آءِ ڊي جي رپورٽن جو ڏوڙيو لڳو پيو آهي ته "تحريڪ ءِ تحريڪ وارن کي بند ڪريو نه ته پاڪستان ٽو هٽان وڃي" ته ٻئي پاسي نقلي سوشلسٽ وڏيرن جي دب دبان لڳي پيئي آهي "نه ڇڏيون، نه ته پاڻ واري اسلامي سوشلسٽ وڏيرپ جو خير ڪونهي." ٽئين پاسي نقلي قوم پرست وڏيرن جي رڙ پي پئي ته "هن کي ڪيو نه ته وڏيرڪي 'قوم' تباه ٿي ويندي." چوٽين پاسي نقلي ترقي پسند برقي پوش ڏوتيون هر ڪنهن اڳيان اک تي ڦوڙهو رکيو ٻيٽيون آهن چي "يه بديرون کي ايجنٽ هماري انقلاب کو تباه کر رهي هين!"

آخر ڇو؟ اهي سڀ ٽولا ظاهر ۾ پاڻ ۾ آقي ويري ٿا ڏسجن پر اندر ۾ سڀ هڪ آهن. سڀ ڏيهي عوام-دشمن اصل ۾ هڪ آهن. سڀني جو مقصد هڪ آهي. عوام کي انڌو، ٻوڙو، گونگو ۽ ٻوٽ ٻڌل بنائي کين ڦري موجون ماڻڻ. کين ساڳيو هڪڙو ڊپ آهي ته متان عوام سجاڳ، متحد ۽ منظم ٿي کين ٽڙڻا نه ٻڌائي ڇڏي. نقلي سوشلسٽ هجن، نقلي قوم پرست هجن، نقلي انقلابي هجن، توڙي نقلي اسلام پسند، ڪوبه عوام دشمن نٽو چاهي ته عوام هڪ پل لاءِ به انڌو ٻوڙو، گونو ۽ ٻوٽ ٻڌل نه هجي. جيڪو به عوام کي سجاڳ، متحد ۽ منظم ٿي پنهنجي مڙسي پاڻ ڪرڻ جي صلاح ٿو ڏي سو سندن ڪڌيل دشمن آهي. ان کي ختم ڪرڻ هو پنهنجو ڪڌيل فرض سمجهن ٿا.

'تحريڪ' اهو ئي ڏوهه ڪيو آهي. ان نه رڳو ظاهري عوام دشمن کي بي نقاب ڪيو آهي پر ستن پردن ۾ ويڙهيل عوام دشمن کي به ظاهر ڪري سندن جي پورهيت ۽ وطن دوست عوام کي خبردار ۽ سجاڳ ڪيو آهي ته "پاڻ تي پاڙيو، وڏيرا شاهي يا پرماريت جي ڪنهن به ٽولي جو آسرو نه ڪريو نه ته ڏک کائيندا!"

ان ڪري هن مڙي سڙي "تحريڪ" کي چئني طرفن کان گهيري ۾ ورتو آهي. هڪڙي پاسي وارنٽ، ڪيس ۽ ضمانت جا نوٽيس آهن ته ٻئي

پاسي بوڪ اسٽالن وارن کي چئي چوائي، سنڌي عوام کي "تحريڪ" پڙهڻ کان محروم ڪيو پيو وڃي. ڪنهن ڳجهي عوام دشمن هٿ بٽڻ دٻايو آهي ۽ عوام کان "تحريڪ" لڪائي پئي وڃي. ان جا ڪيترا بندل عوام کي ڏيڻ بدران پاڻ وٽ رکي پوءِ واپس موڪليا پيا وڃن.

سنڌي عوام جا ڳجها توڙي پڌرا دشمن تولا عوام کي سجاڳ ڪرڻ جي ڏوهه ۾ 'تحريڪ' کي شروع کان ونڊي مختلف طريقن سان ڳجهيون ۽ پڌريون سزائون ڏيئي رهيا آهن. اسان هيستائين سڀ سزائون صبر سان سٺيون آهن، هي سزائون به اسين وڏيءَ دل سان برداشت ڪنداسين. اسين پنهنجي عوام جي پلي لاءِ آئيندي به اهڙيون ۽ انهن کان به وڏيڪ سزائون پوڳڙ لاءِ تيار آهيون. اميد ته سنڌي عوام کي ڪڏهن به، ڪنهن به منزل تي ڪونه لڃائينداسين. اسين پاڙي ڪونه ٽيندا سين. اميد ته اسين هر حال ۾، هر رنگ ۾، پنهنجي پنوهارن سان حل سارو پٽ پاريندا ايندا سين.

ٽيهه هزار ضمانت کهڙي ڏوهه ۾؟

عوامي سرڪار نامدار جي گهٽگهرن عوامي عملدارن کي تحريڪ جي چال چلت ۾ نيٺ خرابي نظر اچي ويئي! حڪم ٽيو ته آئينده پنهنجي چال سڌارڻ لاءِ ٽيهه هزار اچي ضمانت ۾ رکايو. چال خراب ٽي ته پئسا ضبط.

جبل جي ڪنهن همراه جي ڳاله ڪندا آهن ته چيائين ته "نانا وارن جو مرڻ ڏسي مان جو مرڻ تان ارواح ئي ڪڇي ويو آهي!" 'تحريڪ' گذريل سالن ۾ عوامي حڪومت جي سنڌي ادبين ۽ ادبي رسالن سان پنهنجائي ۽ قرب جا ڪئين لقاءَ اکين ڏسي چڪي آهي. تنهن ڪري "تحريڪ" جو اصل کان ونڊي ارڏاين تان ارواح ڪتيل آهي. اسان هميشه اهو خيال رکيو آهي ته:

چنيسر سان چاڳ، متان کا منڊ ڪري.

ان ڪري اسان هر لفظ ڏهڻ پيرا تڪي توري لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو خيال رکيو آهي ته اسين سورما نه سڏياسين ته قربان ٽياسين، ڪم جي ڳاله ڪنهن نه ڪنن روپ ۾ عوام وٽ ضرور پهچي. ان ڪري اسان کي طعنا به سهڻا پيا ته "اوهان هيترا ڏينهن پاڻ کي نه ٻڌايو آهي ۽ نڪي 'تحريڪ' بند ڪرائي آهي، تنهن مان ثابت آهي ته اوهين سرڪار جا مائهو آهيو!"

پر چوندا آهن ته "درياه جي ڪپ تي چوڪر ڪڏي، اڄ نه ٻڏي سياڻ ٻڏي!" سرڪار نامدار جي عاقل عملدارن نيٺ هٽي، ڏٺي، تحريڪ کي آٽي ريج ۾ ڦاسائي وڌو آهي. ڪين تحريڪ تي اصل باهيون ڪهڙيون آهن، تنهن جي

هڪڙي خبر الله کي، پي کين، ٽين سمجهو پڙهندڙن کي. اُهي اصل ڳالهيون ڇڏي، گهٽ ڏيئي، ڪٽان جو ڪٽي ويڄي مارو ڪيو اٽن، تنهن ڪاريگريءَ واري ڏڪ جو داد نہ ڏيڻ بي انصافي ٿيندي. ذرا ويچار تہ ڪريو:

جنهن ايڊيٽوريل تي ڏمر ڪيو ويو آهي، تنهن ۾ نہ حاڪمن جو ذڪر آهي، نہ سندن رعيت جو، نہ سنڌ جو ۽ نہ پاڪستان جو. ان جو هتي سان تہ ڇا سڄي ايشيا ڪنڌ سان ڪو واسطو ڪونهي. ان ۾ ڳالهہ آهي هتان کان هزارين ڪوهہ پري جي هڪڙي لاطيني آمريڪي ملڪ چليءَ جي. اتي جي وڏيرڪي، سرمائيدار ٽولي ڪجهہ وقت ٿيو تہ عوام جي چونڊيل جمهوري حڪومت کي قتل ڪري ملڪ ۾ ڪوس شروع ڪري ڇڏيا. سڄي دنيا جي عوام، جمهوري پريس، حڪومتن ۽ اڳواڻن انهيءَ عوام دشمن ۽ غدار فاشي فوجي ٽولي جي ڪرتوتن تي ڇٽ لعنت ڪئي. پاڪستان جي جمهوري وطن دوست پريس ۽ ماڻهن ب عوام جي قاتل، بدمعاش فوجي ٽولي جي لعنت ملامت ڪئي- سيني کان زوردار لعنت ملامت پاڪستان جي وزيراعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽي صاحب ڪئي. "تحريڪ" ب سڄي جهان جي عوام پاران عوام جي قاتل فوجي غنڊن تي ملامت ڪئي. اسان جي پريس عملدارن گهٽي جاکوڙ سان گهوپ ڪري "تحريڪ" وارا اهي ب اڪر ڳولي هٿ ڪيا ۽ گهٽي غور و خوض ۽ باريڪ بينيءَ سان تپاس ڪرڻ کان پوءِ هڪدم رزلٽ آئوٽ ڪيائون، تہ ان ست سمنڊ پري واري ملڪ چليءَ جي بدمعاش فوجي ٽولي پاران ڪيل عوام جي قتلام جي مذمت ڪرڻ ڪري "تحريڪ" پاڪستان جي امن امان کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي! سنڌين جي "پنهنجي" سرڪار نامدار جي عاقل عملدارن جي اها ب مهرباني جو ڪونہ ڪو بهانو ڳوليو اٽن. جي سنئون سڌو چون ها تہ 'بند ڪريو پنهنجي بڪواس!' تہ اسين چا ٿي چئي سگهياسين؟ گنهگار تہ اسين هونئن ب آهيون! سنڌي هجڻ، سنڌيءَ ۾ رسالو ڪڍڻ، سنڌي عوام جي ڳالهہ ڪرڻ، کي معمولي ڏوهہ تہ ڪونهن!

اسين سنڌ جي هارين، مزدورن، شاگردن، اديبن، دانشورن، وڪيلن ۽ ٻين وطن دوستن جا ٿورائتا آهيون، جن سرڪار جي هن قدم جي مذمت ڪئي آهي. اسين سڄي سنڌي عوام کي اپيل ٿا ڪريون تہ پنهنجي چونڊيل نمائندن معرفت سرڪار تي زور آڻي کين "تحريڪ" کي بند ڪرڻ کان روڪين.

اسان کي اميد آهي تہ سرڪار نامدار "تحريڪ" جو گلو گهٽڻ واري خيال کان باز ايندي ۽ اسان کي پنهنجو عوام دوست فرض ادا ڪرڻ کان نہ روڪيندي. پر تنهن هوندي ب، اهو امڪان موجود آهي تہ تحريڪ بند ٿئي.

جيڪي ب ٿيو، اسين ڪنهن نہ ڪنهن نموني سنڌي عوام اڳيان انقلابي وطن دوست نقطي نظر پيش ڪندا رهنداسين ۽ پنهنجي حال سارو سنڌي عوام

جي خدمت ڪندا رهنداسين. ان ۾ اسين ڪابه ڪوتاهي ڪونہ ڪنداسين. ”تحريڪ“ جيڪو پيغام ڏنو آهي اهو مرڻو ناهي. سنڌي عوام ان کي مرڻ نہ ڏيندا. ”تحريڪ“ وري ايندي.

’اهڙا مانجهي مرندا ناهن. ويس مٽائي ورندا آهن!‘

[ماهوار ”تحريڪ“ ـ جولائي 1974ع]

سنڌيت مٽان هڪ هٽي ۽ ٽيڪو ختم ڪرايو!

سنڌي قوم جي چوٽڪاري ۽ واڌاري جي جدوجهد ۾ سوين هزارين ماڻهن پنهنجي پهچ، سمجه ۽ وس آهر ڪم ڪيو آهي، سور سٺا آهن ۽ قربانيون ڏنيون آهن ۽ ڏين پيا. سنڌي قومي جدوجهد لڪين سنڌين، سنڌي هارين، مزورن، غريبن، اديبن، دانشورن، شاگردن ۽ محب وطن جي جدوجهد آهي. اها ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ جي سورهيائيءَ وارو ڪارنامو ناهي. اها سموري سنڌي قوم جي گڏيل ڪوشش آهي. ايڏا پنڌ ڏڪهو آهي، منزل ڏڪي آهي. ايڏا گهٽو، گهٽو ڪجه ڪرٽو آهي.

بدقسمتيءَ سان هڪڙي ٽولي گڏيل ڪجه سالن کان قومي جدوجهد تي زوري چاپو هٽي، ان کي پنهنجي جڙ ذاتي ملڪيت بنائي وڌو آهي. ان لاءِ هو محترم جي ايم سيد جو نالو ڪتب آٽين ٿا. چي 'سنڌ جي قومي جدوجهد اڪيلي سر جي ايم سيد هلائي آهي! هو ئي ان جو اڪيلو وارث آهي! سنڌي عوام کي اهو ئي ڪرٽو آهي جيڪي هو چئي! جيڪو ان جي حجت ڪندو، سو چئبو ته غدار آهي، سرڪار جو يار آهي! وغيره.'

اڄ جي وڏي ۾ وڏي قومي ضرورت "قومي اتحاد" آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته هر ڳالهه ۾ هر وقت ڪنهن هڪڙي فرد، ٽولي يا طبقي بدران سموري سنڌي عوام جي زبردست گهٽائي جي نفعي نقصان جو خيال رکجي، جيڪا ڳالهه جيتري هجي اوتري ڪجي. اجايو وڌاءُ يا ڪوڙ ڪرڻ، قومي تاريخ ۾ جعلسازي ڪري ڪنهن هڪڙي فرد يا هڪڙي ٽولي جي قربانين جا فرضي داستان گهڙي ان کي قوم جو اڪيلو وارث ڪري پڌائڻ، قوم جي لکين عوام کي سجاڳ، متحد ۽ منظم ڪري ميدان ۾ آڻڻ بدران ۽ ڄجهن جي صلاح مصلحت سان قوم جي چوٽڪاري لاءِ صحيح راه ڳولي ڪڍڻ بدران، سکڻا وات جا ٽڪاءُ هٽي پاڻ کي سورمو سڏائڻ، قومي ٻيڙيءَ کي ڪُن ۾ ڦاسائڻ، وطن دوستيءَ تي هڪ هٽي ۽ ٽيڪو جمائڻ- اهي ڳالهيون اڄ قومي ٻڌيءَ لاءِ وڏي ۾ وڏيون رڪاوٽون ٿي پيون آهن.

سڄي قوم جڙ سنڌي قوميت کان خارج ۽ لادعويٰ ٿي پئي آهي. رڳو هڪڙي ننڍڙو ٽولو پاڻ کي "سنڌي" سڏايو سکڻي ڦٽ ڦٽ پيو ڪري.

مصيبت اها ٿي پئي آهي ته قوم کي سخت نقصان رسائيندڙ ان روش بابت جيڪو به ٻڙڪ ٻاهر ٿو ڪيڙي تنهن تي هڪدم "غدار" جو ٽيپو لڳايو ٿو وڃي. ان ڊپ کان اڪثر محب وطن ساهه سڪايو وينا آهن ۽ سچي ڳالهه ڪرڻ کان لهرائين ٿا. نتيجو اهو ٿو نڪري جو سنڌي قوم کي اهڙو نقصان پيو رسي جنهن جي چٽي اسين سالن جا سال پيري پوري ڪين پونداسين.

هن وقت حالت اها آهي ته ڪو ماڻهو جي ايم سيد ۽ سندس مريدن جي موڪل کان سواءِ رڳو سنڌ جو نالو ٿو وٺي ته ان کان به لکت ۾ سبب ٿو گهريو وڃي ته 'تو ائين چو ڪيو؟' چي "اوهين محب وطن آهيو ته پوءِ سائين جي ايم سيد جي پٽيان چو نه آهيو؟ صاف ظاهر آهي ته اوهين ان کي "ڪٽڻ" چاهيو ٿا ۽ ظاهر آهي ته سواءِ سرڪار جي پٽوئن جي ٻيو ڪوبه سائين کي "ڪٽي" نٿو سگهي! چئبو ته اوهين سرڪار جا پٽو آهيو!"

هن قسم جي سوچ کي ائين چڏيو ويو ته سيائي شاه صاحب جي مريدن جي پرمٽ ونڊ بنان ڪير پاڻ کي سنڌي به سڏائي ڪونه سگهندو. محب وطن سڏائڻ ته پري رهيو! هيءَ اها ئي سوچ آهي جيڪا سنڌ ۾ ڳوٺ جي وڏيري جي هوندي آهي. چي 'راج ڏٽيءَ جي موڪل بنان ڪير به ڳوٺ ۾ ٽيڙي ڪري نه هلي!' هي ساڳي ليگ واري سوچ آهي. "هڪڙو الله، هڪڙو رسول، هڪڙو پاڪستان، هڪڙي ليگ ۽ هڪڙو قائداعظم! جيڪو ليگ ۽ قائداعظم کان قربو سو الله رسول کان تاڙڪ ۽ پاڪستان جو دشمن! ساڳي نازي ۽ فاشي سوچ آهي. هٽلر ۽ مسوليني جي پرمٽ بنان ڪير پاڻ کي جرمن يا اٽالين سڏائي!

سنڌي محب وطن جو فرض آهي ته هو گارين، گلائن، خوارين ۽ ڏڇرين جو خطرو سر تي کڻي به، هن مسئلي جي پوري چندڇاڻ ۽ چڪاس ڪن ته جيئن سنڌي اتحاد ۽ واڳاري جو رستو جيڪو هاڻ بند ٿيو پيو آهي سو کلي پوي.

لکين سنڌي ماڻهو آزادي ۽ کليءَ دل سان قومي جدوجهد ۾ هڪجهڙو پرپور حصو ونڊي قوم کي اڳتي وڌائي سگهن.

کي ماڻهو چوندا "صلاح ته چگئي! پر "شينهن" جي وات ۾ اول مٿو ڪير وجهي؟"

چگو، تڏهن شروعات پلا اسين ٿا ڪريون! پهرين اسان جي سوچ حاضر آهي. سنڌ جا سجاڳ ۽ سوچيندڙ ماڻهو ٽڏي سيني ۽ ڏيان سان ويچار ڪن ۽ پنهنجا خيال سنڌي عوام اڳيان پيش ڪن.

اسان جي نظر ۾ شاه صاحب سنڌ جو اڪيلو وارث ڪونهي. ان اڪيلي سر قومي جدوجهد ڪاڻ هلائي آهي. هن قوم کي ٽورڙو نفعو پهچايو آهي ۽ وچ

وچ ۾ سخت نقصان ۽ رسائيندو رهيو آهي. سائين هيٺين ۽ ٻين ڪيترن سڀن جي ڪري سنڌ جو اڪيلو وارث ۽ اڳواڻ ٿي نڻو سگهي: (1) سنڌ جي اڳواڻي گڏيل هٿ گهرجي ۽ نه ڪنهن هڪڙي فرد جي هڪ هٿي. (2) سنڌ جي اڳواڻي سنڌي هارين، مزورن ۽ غريبن جي هٿ ۾ هئڻ گهرجي ۽ نه جي ايم سيد جهڙن وڏن زميندارن ۽ سجاده نشين جي هٿن ۾. (3) هن جي سوچ مدي خارج آهي. (4) ڪيس قومي جدوجهد هلائڻ جي صحيح واٽ جي ڪابه خبر ڪانهي. (5) ان واٽ تي هلڻ لاءِ قومي ڪارڪن کي جيڪي ٿيٽ ڪپي سو سائين ٿي ئي نڻو سگهي. (6) هن کي جدوجهد مان جيڪا سياسي قوت هٿ ٿي اچي سا پڇاڙيءَ ۾ وڏيرن جي حوالي ڪريو برباد ڪريو ڇڏي. (7) جي ايم سيد جي ٽولي طرفان سرڪار جي جيڪا سطحي ۽ نمائشي مخالفت پيئي ٿئي ۽ سنڌ پاران مصنوعي جنگ پيئي هلي، تنهن سنڌي عوام کي خوشفهميءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي ته 'اسان پاران جيڪي ٿيٽ گهرجي سو ٿئي پيو. وڌيڪ ٿي نڻو سگهي.' هن جي خيال ۾ قومي جدوجهد ٿيندي ئي اهڙي ۽ ايتري آهي! انهيءَ ڪوڙي آسري تي لڳي ۽ گمراهه ٿي، اڪثر ماڻهو پنهنجي ڪنڌ ونيو وينا آهن ۽ سنڌ جي عظيم عوامي اتحاد ۽ گڏيل قومي جدوجهد لاءِ پوري ڪوشش ۽ جاکوڙ جي ضرورت نٿا محسوس ڪن. (8) سائين تريءَ تي بهشت حاصل ڪرڻ جي وڏيرڪي لائين ورتي آهي. پر سنڌ جو قومي مسئلو تمام ڏکيو، پيچيدو ۽ اُونهو آهي. ان جي حل لاءِ تمام ڊگهي ورن وکڙن واري جدوجهد هلائڻ ضروري آهي. ان ۾ هر هڪ سنڌي محب وطن کي هٿ ونڊائڻو پوندو. خاص ڪري لکها پورهيتن کي دل و جان سان شريڪ ڪرڻو ۽ اڳ ۾ آڻڻو پوندو. رڳو سفيد پوش لڏي کان هي ڳالهه ڳري آهي. وڌيڪ تفصيلن ۾ وڃڻ مناسب ناهي. (9) ٻئي طرفه رڻابندي، همٿ، محڪم ارادي، اورچائي، فهم، لڇڪ، قرباني، ڏاهپ ۽ دسپلين سان رڻيل نموني اڳتي وڌياسين ته پنهنجي جائز مقصدن حاصل ڪرڻ جا بهترين امڪان موجود آهن. سائينءَ ۽ سنڌن مريدن ۾ اهي گهربل لياقتون ناهن. (10) جي ايم سيد ۽ سندس مريدن پنهنجي غير ذميوار ۽ بارائين حرڪتن سان قومي جدوجهد جي واڌاري ۾ سخت رڪاوٽ وجهي عملي طرح دشمن لاءِ ميدان سازگار ڪيو آهي ۽ سنڌين جون راهون بند ڪيون آهن. (11) قومي ڪم صلاح مصلحت سان ٿيٽ گهرجي. سائين جي ايم سيد آپي شينهن ۽ غير ذميوار آهي. سندس ذهنيت غير جمهوري ۽ وڏيرڪي آهي. هو نهايت نازڪ مسئلن ۾ بنان سوچ ويچار جي دٻ ڏيو ڇڏي. منجهس ايتري سمجهه، ڏاهپ ۽ پختائي ڪانهي جو وقت سر موٽ ڪائي خطرناڪ غلطيون درست ڪري سگهي. نتيجو اهو ٿو نڪري جو سندس ڪري قومي جدوجهد هينئر وانگر سالن جا سال ڪڏ ۾ ڦاٿي

پيئي هوندي آهي. (12) سنڌ ۾ جي موجوده حالت اڻ ٽر ناهي اسان وٽ ڪيترا وسيلا ۽ موقعا هئا ۽ آهن. اسان اڳوٽين جدوجهدن ۾ ڪئين مورچا هٿ ڪري ڇڏيا هئا. انهن وسيلن، موقعن ۽ مورچن کي همٿ، مڙسيءَ ۽ ڏاهپ سان ڪم آڻجي ها ته اسين اڄ تمام اڳتي وڌيل هجون ها. جي ايم سيد جي متحده وڏيرڪي محاذ ۽ ۾ اهڙن شوشن ڪري اڳتي ته نه وڌي سگهياسين، مورڳو ڪٽيل مورچا هارائي ويٺاسين. هاڻ ڳچپل سال لوڙڻو ۽ پتوڙڻو پوندو، تڏهن مس وڃي اڳوٽي قومي ٻڌي ۽ طاقت گڏ ڪري سگهنداسين. (13) شاه صاحب پنهنجي سنگين سياسي غلط ڪارين ۽ ناڪامين کي سنڌ لاءِ قرباني ڳڻائي ٿو. ٽلهيون ۽ اجايون وات جون لستون ونيو دشمن کي نظربنديءَ لاءِ ٻهانا ڏيئي پاڻ کي سنڌ پاران صدقو ٽيل مظلوم ڄاڻائي ٿو- ان فرضي قربانيءَ ۽ مظلوميت کي هو سنڌي محب وطن عوام خلاف سياسي هٿيار طور استعمال ڪري ٿو ۽ ڪين اخلاقي طرح مجبور ٿو ڪري ته هو سندس هر غلط ڳاله آڏو سر جهڪائي، غلط وات ونڻ ۽ قومي طرح تباه ٿين. اها روش بي واجبي، غلط ۽ وطن دوستيءَ جي قانون خلاف آهي.

قومي اتحاد لاءِ ضروري آهي ته اڪيون پوري ڪنهن هڪ فرد يا ٽولي پويان ڊوڙڻ بدران سڄي قوم ۽ عوام جا سجاڳ محب وطن گڏجي راه ڪڍن ۽ اڳتي وڌن. ان گهربل صلاح مصلحت ۽ جدوجهد ۾ ٻين سمورن وطن دوست فردن ۽ ٽولن سان گڏ شاه صاحب ۽ سندس ٽولي جو به پرپور ۽ شانائتو حصو هجڻ گهرجي. پر جدوجهد جي اڳواڻيءَ تي نيڪو ۽ هڪ هٿي ڪنهن به فرد يا ٽولي جي نه هئڻ گهرجي نه ته جدوجهد اڳي وانگر وري به تباه ٿي ويندي. پڙهندڙن ۽ عام سنڌي محب وطن کي تبصري، تنقيد ۽ رهبريءَ لاءِ عرض آهي. جيئي سنڌ!

[ماهور "تحريڪ" - آگسٽ 1974ع]

اسين ڪنهن جي گار گند ڪان نه ڏچنداسين!
اسان پاڻ گند نه ڪنداسين!

سنڌي عوام کي پنهنجي جدوجهد لاءِ سنئين سنواتي وات جي گهرج ۽ تلاش آهي. هر سنڌيءَ جو قومي فرض آهي ته ان ڳولا ۾ مدد ڪري ۽ قوم کي اوجهڙ ۾ پوڻ کان بچائي.

تحريڪ پنهنجو فرض سمجهي راءِ ڏني آهي، ته فلاڻي وات غلط آهي. ان وات کي بدلائجي. تحريڪ جو لکيو قرآن ڪونهي. هڪڙي راءِ آهي، هڪڙي سوچ آهي. اها راءِ ۽ اها سوچ صحيح به ٿي سگهي ٿي. غلط به ٿي سگهي ٿي. جي اها صلاح ۽ سوچ غلط لڳي ته ان جو جواب ڏيڻ ڪهي. تحريڪ پنهنجي راءِ جي حمايت ۾ دليل ڏنا آهن. دليلن جي جواب ۾ دليل ڏجن. عوام کي ٻڌائجي ته ڇو فلاڻي سوچ غلط آهي؟ اهڙيءَ ريت هي مسئلو سهڻي نموني نبري سگهي ها ۽ قوم جي سوچ ۽ سمجهه ۾ واڌارو اچي ها. اسان کي صحيح وات ملي ها. اسان ۾ وڌيڪ اعتماد ۽ يقين پيدا ٿئي ها. اسين وڌيڪ حوصلي سان اڳتي وڌون ها. پر ٿيو ڇا؟ تحريڪ جي ڪارڪنن کي سنڌي پورهيت عوام جي نقطي نظر پيش ڪرڻ جي جرم ۾ قلم باز لوفرن ۽ غنڊن هٿان غليظ ۽ گندين گاريون ڏياريون ويون آهن. مٽائن مسخريون ۽ ڏڇرپا ڪرايا ويا آهن. سنڌي حياء، فضيلت ۽ اخلاق جا سمورا ليکا لتاڙي قومي خدمت ڪندڙ سنڌي نياڻين تي گند اڇلايو ويو آهي. اهو سڀ ڪير ٿو ڪرائي؟

اهو سڀ محترم جي ايم سيد جي نالي ۾ ۽ سندس پاران ٿيو آهي. حالتن مان ظاهر آهي ته اهو سندس اجازت ۽ هدايت کان سواءِ نه ٿيو آهي. محترم شاه صاحب کي هن وقت سن شهر کان ٻاهر نڪرڻ جي موڪل ڪانهي. اها پابندي ناجائز آهي. اسين انهي پابنديءَ کي سنڌي عوام خلاف زيادتي سمجهون ٿا، ان زيادتي ختم ڪرڻ لاءِ اسان بار بار پرزور مطالبا ڪندا رهيا آهيون. اسين هاڻي به اهو مطالبو ڪريون ٿا. بهرحال شاه صاحب پابند آهي پر خدانخواسته قيد تنهائي ۾ ڪونهي. شاه صاحب ۽ سندس مريدن جي وچ ۾ اوچيون ديوارون نڪي هڻڻ ڪپن ۽ نڪي ڪي وري آهن. اها سيني کي خبر

آهي ۽ اسان کي به آهي. اهڙي حالت ۾ هڙا ڪمر شاهه صاحب جي موڪل بنان نڻا ٿي سگهن.

پوءِ ڏڪهن هڙو نيڪ ۽ شريف خاندائي سادات ماڻهو ۽ بزرگ اهڙا ڏنڊا ڇو ٿو ڪرائي يا ڪرائڻ ڏي؟ ڇا هن کي يا سندس مريدن کي "تحريڪ" جي ڪارڪن سان ڪا ذاتي دشمني آهي؟ اسين نٿا سمجهون ته ائين آهي. هي ذات نيات، ٻني ٻاري، دنگ دڙي، ڏنڊي واپار جي جُوف جو تڪرار ڪونهي. ته پوءِ قومي سياست جي ميدان ۾ هڙين ڪريل ۽ غليظ حرڪتون ڇو؟ ان جو جواب بلڪل سولو ۽ سادو پيو آهي. "تحريڪ" قوم اڳيان جيڪي ڳالهيون پيش ڪيون آهن. انهن جو ڪوبه سچ پچ اثرائتو جواب موجود ڪونهي. ايتري اخلاقي جرات، ايمانداري ۽ قرباني به ڪانهي جو صحيح ڳالهه مڃي پنهنجي غلطي قبول ڪري پاڻ تي تنقيد ڪجي ۽ پاڻ کي سڌارجي. اهڙي حالت ۾ باقي ويجيو اهو رستو بچي، جيڪو وڏيرڪو طبقو روز ازل کان عوام خلاف ونڊندو رهيو آهي. يعني ڏاڍائي ۽ دباءَ جو. وڏيرڪو طبقو صدين کان اختلاف ۽ اعتراض کي ڪچلڻ لاءِ عوام کي ڪاٺ، قيد، ڦاهيون ۽ سوريون ڏيندو رهيو آهي. اڄ به منجهائنس جن جو وس هلي ٿو سي اهي ڏنڊا چالو ڪريو ويٺا آهن. باقي جن کي في الحال جيل ۾ وجهڻ، ٽيپ ڏيڻ يا ڦاهي ڏيڻ جي اختياري ڪاهي، سي هن وقت جيڪي طبقاتي هٿيار موجود آهن، انهن کي استعمال پيا ڪن. يعني ڪوڙ، بهتان، گلائون، مسخريون، ٽٽوليون، ڏڇرپاڻ، سانگ، خواريون، دڙڪا دهمان ۽ غليظ گاريون. سياٽي جي حڪومتي ڏنڊو هٿ ۾ چڙهي وين، ته بلاشڪ ڪاٺ، قيد، ڦاهيون ۽ سوريون به ڏيندا. دباءُ ۽ ڏاڍائي سندن عوام دشمن فطرت آهي جا ڪڏهن به بدلجي نٿي سگهي.

سوال "تحريڪ" جي ڪارڪن جي ذات جو ناهي. هي ڳالهه فرد ۽ ذات کان چڙهيل آهي. هي طبقاتي ڳالهه آهي. سائين محب وطن آ ٿي. قوم پرست آهي، سنڌي تهذيب، ثقافت جو علمبردار آهي ۽ ٻيو گهڻو ئي ڪجهه آهي. پر انهي سيني ڳالهين سان گڏ بلڪ انهن کان پهرين هو پنهنجي طبقي جو فرد ۽ نمائندو آهي. هو وڏو زميندار آهي. سيد، پير ۽ سجاده نشين آهي. وڏيري، پوتار، رئيس، پير، مير ۽ سجاده نشين طبقي جو ڪوبه نمائندو اها ڳالهه ڪٽان ٿو برداشت ڪري ته ڪي "خسيس" ۽ "معمولي" ماڻهو، امير خاندانن جي شاهاٽن سياسي شوقن ۽ شغلن ۾ ٽنگ اڙائين!

جيڪي "پيغام" ۽ "اڳتي قدم" ۾ چيو ويو آهي. اهو رڳو سائين نه ٿو ڳالهائي، سندس طبقو ٿو ڳالهائي. خطاب فقط "تحريڪ" وارن سان ناهي، سندن طبقي سان آهي. وڏيري طبقي کي روز ازل کان ونڊي پورهيت عوام لاءِ

جيڪا گهري ۽ اٿاه نفرت ۽ حقارت آهي؛ ڪين سنڌي پورهيت عوام جي نظرن ۾ انهن نظرين جي وڪالت ڪندڙن مان جيڪو ڊپ ۽ هراس آهي، اها سموري نفرت ۽ حقارت، اهو سڄو ڊپ ۽ هراس انهن غليظ ۽ گندين گارين جي چتي گگ جو روپ ونڻي وڌيرن جي قلم باز شڪاري لوڏ جي واڇن مان ڳڙڻي پيو آهي.

وڌيرا سياستباز عظيم ۽ اعليٰ، فرشتا ۽ ملائڪ، پيغمبر ۽ "آدم جي روپ ۾ اور شيون فقط تيستائين آهن، جيستائين سندن خالص طبقاتي سياست قوميت جي پوش ۾ لڪل آهي ۽ سندن طبقاتي ڳڻر تي لٽ نٽي اچي. جڏهن ٽورڙو سوال جواب ۽ حساب ڪتاب ٿو ٿئي، جڏهن سندن سياست جي اصل طبقاتي فطرت تان ظاهري قومي پوش لهيو پوي ۽ جڏهن ڪين ٽورڙو طبقاتي سيڪ ٿو اچي ته پوءِ وڌيرڪي ۽ حاڪماڻي سياست، پنهنجو قومي بزرگيءَ جو پرت پريل ريشمي غلاف اڇلائي ڦٽو ڪري، پنهنجو اصلوڪو، گاريال، ڏاڏا گير ۽ رهزن وڌيرڪو روپ ونيو اڇيو وچ بازار ۾ بيهو رهي. سنڌي قوم ۾ وڙهڻ وڳڙ جا ڪي سنڌا سيڙها مقرر ٽيل آهن. ڪي فضيلتون، ڪي حيائون ۽ ڪي شرم ڪرڻا آهن. چوندا آهن ته وڙهندي سپ ڪو ويڙ اڇلايندو، گل ڪونہ اڇلائيندو." پر 'وڙهڻ مهل اهو ڪي ڪجه ڪجي جو پرچڙ مهل ڪم اچي. اهي قانون وڌيرا شاهيءَ ۽ پرمار شاهيءَ ۽ سندن پالتو لوڏ سان لاڳو ڪونهن. وڌيرن ۽ پرمار سياستبازن لاءِ پنهنجي ذات، پنهنجو ٽولو ۽ پنهنجو طبقو اول ۽ آخر آهي. انهن جي پائيءَ جي نقصان ۽ نفعي لاءِ هو سڄي ملڪ ۽ سموري قوم جي مفادن کي تباه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. اهو ئي سبب آهي جو هو گلاخوريءَ جي خسيس لست ونڻ ۽ چٽن پهرن لاءِ لئي ڪرڻ لاءِ ڪي اهڙا بہ ڪوڙا ۽ ڪمينا الزام ڏرين ٿا، جن جو مدلل ۽ لاجواب ڪندڙ جواب ۽ صفائي، ڪين خبر آهي ته اسان آسانيءَ سان ڏيئي سگهون ٿا. پر ائين ڪرڻ سان اسان کي ناقابل تلافي نقصان رسندو. ڪين ناقابل تلافي نقصان رسندو. سموري قوم کي ناقابل تلافي نقصان رسندو. اهڙي صور تحال مان جاڻي ٻجهي ناجائز فائدو ونڻ کي آزاد قومن ۾ بليڪ ميلنگ چئبو آهي. ۽ آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ قومن ۾ غداري چئبو آهي. بليڪ ميلينگ ۽ غداري وڌيرا شاهي ۽ پرمار شاهي جي طبقاتي فطرت آهي.

پناهگير نقلي ترقي پسندن جا جيڪي پالتو ماڻهو سنڌي ٽوپيون پائي سنڌو ديشي بنيا "تحريڪ" جي ڪارڪن کي گاريون پيا ڏين. تن کي ۽ سندن آقائن کي ايڏي داڻ ڪرڻ مان هڪڙي اميد اها بہ آهي ته اسين بہ محترم جي ايم سيد خلاف اهڙو ئي ذاتي گند ڪنداسون ۽ پوءِ سنڌ ۾ نظرياتي ۽ سياسي چند چاڻ ختم ٿي ويندي، سنڌين جي صحيح راه جي ڳولا

ختم ٿي ويندي، سنڌي سالن لاءِ ذاتي الزامن ۽ جوابي ذاتي الزامن جي گندي ڊبڙ ۾ ڦاٿا پيا هوندا ۽ سنڌ دشمن جي چاندي ٿي ويندي. اسين سنڌ دشمن پرمارن جون سڌون پوريون ٿيڻ نه ڏينداسين. هو سنڌي وڏيرا شاهيءَ کي کاٽ ڪلهي تي کٽائي ڪيڏي به گندگي ۽ غلاظت ڍهلائين ۽ ڪيڏيون به شرارتون ۽ سازشون ڪن. پر اسين پنهنجي اصل مقصد ۽ اصل راه تان هڪ انچ جيترو به ٽڙڻ لاءِ تيار نه آهيون ۽ نڪي ٿيندا سون. 'مرسون مرسون ڊپ نه چرسون' اسين شاه صاحب تي ذاتي حملا نه ڪنداسون. اسين ڪنهن تي به ذاتي حملا ڪرڻ نٿا چاهيون. اسان کي ذاتي طرح شاه صاحب لاءِ عزت آهي. هو ذاتي طرح پلو ۽ لائق ماڻهو آهي. عزت جي لائق آهي. اسين جائز حدن اندر سندس عزت ۽ احترام ڪندا رهنداسون. اهو اسان جو قومي فرض آهي. اسين اصولي ڳالهيون ڪريون ٿا اسين اهي هر حالت ۾ ڪندا رهنداسون. اسين سڪڙ ۽ سيڪاريڙ چاهيون ٿا۔ اسين سچيءَ دل سان سنڌ جي قومي مسئلن جي چنڊ چاڙ ڪري صحيح راءِ ۽ صحيح رستي تي پهچڻ ۽ اڳتي وڌڻ چاهيون ٿا. اها چنڊچاڙ، جانچ ۽ ڳولا ۽ اهو واڌارو اسين جاري رکنداسين. سنڌي عوام صحيح بنيادن تي پاڻ ۾ بڌي ڪرڻ، صحيح گس ۽ صحيح واٽ وٺي، مضبوط ۽ اٽل ارادي سان اڳتي وڌڻ ۽ پنهنجي نجات حاصل ڪرڻ گهري ٿو ان ڳاله ۾ اسين سمورن محب وطن فردن، ٽولن، طبقن، تنظيمن سان گڏجي پنهنجي پهچ آهر سنڌي عوام جي مدد ڪندا رهنداسون. اهو اسان جو قومي فرض آهي. اسين ان فرض ادائي تي قائم رهنداسون ۽ واٽ جي هر مشڪل کي بهادري ۽ ثابت قدمي، حوصلي ۽ پختي يقين سان منهن ڏينداسين. سنڌي عوام فاتح ٿيڻو آهي سو ضرور ٿيندو.

ڪندا مون پيرن ۾ توڙي لک لڳن،
آگر آگوڻي نه مڙي ڇپون پير ڇڻن،
ويندي ڏانهن پرين، جُتي جات نه پائيان.
(شاه)

اسان جي حال تي هلو!

اسان کي گذريل ٽن سالن ۾ هڪڙي ڪوڏيءَ جو به اشتهار ڪونه ملیو آهي. سالن جي جدوجهد کان پوءِ اسان کي سرڪار 'تحريڪ' جون ڪل 195 (هڪ سو پنجانوي) ڪاپيون چيڙ لاءِ پنو منظور ڪري ڏنو آهي! ان ڪري اسان تحريڪ جا صفحا وڌائي نه سگهيا پر هاڻ جيترا صفحا به ڏري گهٽ نقابل برداشت قرباني ڏيڻي پيئي رهيا آهيون. انهن 36 صفحن ۾ اسين رڳو بحث


مباحثو ۽ ڏيئي نٿا سگھون. نہ ته ماڻھو ڪڪ ٿي پوندا. ھوڏانھن تحريڪ تي چئني طرفن کان وارو وار لڳي پئي آھي. وڏيرن ۽ پرمارن جي پائيواريءَ وارا رسالا "پيغام" ۽ "اڳتي قدم" اڳيئي استارٽ آھن. جماعت اسلاميءَ وارا سڄي پاڪستان ۾ وطن دوست سنڌين خلاف جيڪا پنڊي ھاريو بينا آھن، تنھن ۾ تحريڪ کي ۽ ڪونہ وساريو اٿن. لائلپور جي جماعتي رسالي "المنبر" ۾ "تحريڪ" ۽ ان جي نظرين خلاف ھڪ مضمون جو سلسلو ٽن چئن مھين کان لاڳيتو ھلي رھيو آھي. پي سنڌ جي جماعتي رسالي "آئيني" ۽ "تحريڪ" خلاف لکڻ شروع ڪيو آھي. باقي وڃي اسان جو وفا شعار، سچار، دليرء ايماندار، اشراف، ذاتي لالچ، ساڙ، حسد، ويرء بغض کان ڪوھ پري پچندڙ، سرڪار جو ازلي مخالف، سرڪاري مھربانين، پنن، اشتھارن کان ونڻ ويندڙ ھڪڙو سھڻي سيرت وارو جواڻ جماڻ يار رھيو ھو، سو مڙس ھٽن مان ٽي سورمو ٽيڻ ۽ پڙ ڪٽڻ کان رھجي ويو. پر شڪر آھي، جو عين ٽائيم تي اھو ۽ پنھنجو گھوڙو ڊوڙائيندو، سھڪندو، سھڪندو اڇي "تحريڪ" کي گاريون ڏيڻ وارن جي پڙ ۾ پھتو آھي. پيا ۽ پنڊ ۾ ھوندا. اھي ۽ دير سوير اڇي پھچندا ۽ خدا گھريو ته ڇڪي محفل ٽيندي. جيترا گھٽا اوترو وڌيڪ رس ڏھندو! اسين اميد ته ھر ھڪ سان ڪچھري ڪنداسين. ھر ھڪ جي سوال جو جواب ڏيندا سين. انھن ڪچھرين مان سنڌي عوام کي فائدو رسندو، نقصان ڪونہ ٽيندو. سندن ڄاڻ وڌندي، سندن سياسي تربيت ٽيندي. ھو دوست ۽ دشمن، ظاھر ۽ باطن، اندر ۽ باھر، ڪچي ۽ پڪي، عارضي ۽ دائمي، حقيقي ۽ نمائشي شين، ماڻھن، لڳائن ۽ حالتن ۾ فرق ڪري سگھندا. اسان جون ۽ ڪچايون دور ٽيندیون. مرض گھٽبا، پئي طرف اسان کي پنھنجن راين پيش ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ويڪرو ۽ وسيع ميدان ملندو. اميد ته سڀ سولي ٽيندي.

اسين تحريڪ جي پڙھندڙن کان رڳو ھڪڙي سھوليت گھرون ٿا. اسان تي ڪوڙا الزام ۽ ڪوڙا ڦڏا تمام گھٽا آھن. جتي ۽ ڪو سنڌ دشمن، عوام دشمن ۽ پورھيت دشمن ٽاڻو آھي، اتي اسان تي ڪونہ ڪو ڪوڙو ڪيس رجسٽر ڪيو ويو آھي. ان جي جواب ڏيڻ لاءِ اسان وٽ وسيلا نہ ھئڻ جي برابر آھن. اسان وٽ انھيءَ لاءِ صفحا مھيني ۾ وڌ ۾ وڌ 10_12 ٽي سگھن ٿا. ان ڪري اسين سڀني يارن کي ھڪڙي ئي وقت ھڪڙي ئي پرچي ۾ سمورا جواب ڏيئي نٿا سگھون. ان ڪري اسان پاليسي ھيءَ ناھي آھي ته پل ھر ڪا ڪوڙا ڪيس داخل ڪندڙ ڏر پنھنجو سمورو ڪيس پيش ڪري، پلي ھر ڪو پنھنجو گھوڙو ھڪلي پنھنجا پنڊ ڏيڪاري دنگ ڪري. پوءِ اسين ھر ھڪ کي يڪو جواب ڏيندا سين. انھيءَ پاليسي مطابق اسان سنڌو ديش جو ڊونگ رچائيندڙ پناھگير نقلين جي رسالن "پيغام" ۽ "اڳتي قدم" کي ۽

سال ڇڏي ڏنو تہ پلي دل کولي اسان جي خلاف پنهنجو ڪيس پيش ڪن. (هاڻ اسان جواب ڏيڻ شروع ڪيو آهي تہ همراه اڇي گارين ۾ پيا آهن.)

هن دفعي بہ اسان ان مجبوري سبب محترم نور محمد سنڌي کي ڏنل جواب جي پي قسط شايع نہ ڪري سگهيا آهيون. اسان جو عرض آهي تہ پڙهندڙ ساڻي اسان جي ان مجبوريءَ کي خيال ۾ رکي "تحريڪ" خلاف لکڻيون صبر سان پڙهن ۽ اسان جي هڪدم جواب نہ ڏيئي سگهڻ مان اهو انومان نہ ڪيڻ تہ ڪو اسان وٽ ان جو مناسب ۽ موزون جواب ڪونهي. اهي سوال سڀ اسان جي دل تي لکيا پيا آهن. اميد تہ هر اهم سوال جو جواب وڏي ڏيان ۽ ذميواري سان ڏنو ويندو. پر وقت تي، ۽ واري سان. تيستائين ساڻي انتظار ڪن. انتظار جو ڦل مٺو آهي. اميد تہ سڀ سٺائي ڏيندي.

[ماهوار "تحريڪ" ـ آڪٽوبر 1974ع]



صبح ٹینڈو

پيش لفظ

درويش الله لوڪ ماڻهو سپني ڏنا ۽ ٻڌا آهن. نہ ڪنهن جي هنئي ۾ نہ ڪنئي ۾. پرايا ٽيڙ ۽ ملڪيت تہ نہ هيو، پر پچار ڪان ٻہ پري. پنهنجا ڪن جهليو پيا هلندا آهن. نہ دين جي خبر نہ دنيا جي. پنهنجو پاڻ ۾ گم. بک ٻہ تهڙي، ڏؤ ٻہ تهڙو. نفعي نقصان، هوند اٺهوند جي چڪر ڪان پري. 'جيڪي قسمت ۾ هوندو سو ملندو.' ڪو ڦري ويو تہ چا، جي ماري ويو تہ چا. چي، ''سڀ ڪنهن جي نيت.' وڃي چائي پائي. اڪين جو ڏؤ، پيٽ جي بک. پاڻيهي ڪيتو ڏيندو. اسان جو الله اسان سان. جيئن چهنب ڏني اٽس، تيئن چؤٽو ٻہ ڏيندو.''

ڪي قومون ٻہ درويش ۽ الله لوڪ ٽيندين آهن. جيئن اسين سنڌي ماڻهو. اسين پنهنجي هزار سالن جي تاريخ ۾ دنيا جي هڪڙي ڪنڊ ونيو، پنهنجا ڪن جهليو، منهن ويڙهيو لڪا پيا آهيون.

هر دؤر ۾ گهر توڙي ٻاهر جي چورن، پاٽاريدارن ۽ ڏاڙيلن ڦريوسين، ماريوسين، پر پاڻ ڪنهن جو نالو ٻہ ڪونہ ورتو. گهٽو گهٽو ٽيو تہ ڪنهن مهل ڪنهن ڪي لٺ ڪٽي گهر مان تڙي ڪڍيوسين. پيو ٽيو خير. 'سڀ ڪنهن جي نيت'!

انسان ذات جي لکن سالن جي ڏاڙن جو ڦاٽ نيٺ ڦاٽي پيو. دنيا ۾ انقلابي طوفان اٽيا. ڦريل ماريل ماڻهن لکين سال ڪورن ۾ پچي، ڪڙهي، ٻري، جهري، مري رُجن ۾ پٽڪي پٽڪي نيٺ اصل ڏاڙيلن جا ڏس پتا هٿ ڪري ورتا ۽ پيرا ڪٽي وڃي سڳ سوڏو ڪين سندن ٽم ۾ جهليو ۽ سندن چيلهن ۾ ٽوڙها وڌا. پر اسان جي دل ۾ خير!

ايراني ماڻهن پي ڪا واه نہ ڏسي، لاچار منگول وحشي چاڙهي عرب خليفي سڳوري ۽ سندن لوڌ جي گهر تي تانڊا رکائي چڙيا. جرمني، چين، روس ۽ ٻين ملڪن جي هارين پنهنجون فوجون ٽاهي سلطنتون زير زبر ڪري چڏيون. يورپ جي واٽين، وڪالن ۽ شهرين وڏا وڏا ڏگ، نواب ۽ بادشاه ڪُهي چڏيا. روس، چين، ويٽنام، ڪوريا، يمن ۽ ٻين ملڪن جي ماڻهن ظالمن ڪي ڏينهن جا تارا ڏيکاري چڏيا. سڄيءَ دنيا جا عوام موذين تي مارا ٻڌيو

ٻيڻا آهن. پر اسان درويشن سنڌين جي دل ۾ خير. 'سيڪو پنهنجي نيت لوڙيندو.' ـ 'الله ڏسندن!'

ذري گهٽ هزار سال اسين درويش رهيا آهيون. اهو عرصو گهٽ ڪونهي. بهتر آهي ته هاڻ ڪجه اکيون کوليون. ڪجه ڏسون وائسون. ڪجه ويچار ڪريون، ڪجه ڳولا ڪريون.

جيئن چوندا آهن ته ديون جو ساه ڪنهن طوطي وغيره ۾ هوندو هو، تيئن سماج جو ساه ان جي گذر وسيلن ۾ هوندو آهي. گذر جي وسيلن لاءِ جيڪا لٺ لڳندي رهي آهي، ان جو نچوڙ سڌجي ٿي ساست. اهڙيءَ ريت سنڌي عوام جي ساه جون نسون سياسي اقتدار لاءِ هلندڙ جدوجهد ۾ اٽڪيل آهن.

اُهو ڪيئن هٿ ٿئي؟ بليءَ جي ڳچيءَ ۾ گهنڊٻي ڪير ٻڌي؟ اُهو هيستائين عوام کي هٿ ڇو ڪونہ آيو آهي؟ هيتريون ڪوششون ناڪام ڇو ٿيون آهن؟ هاڻ ڇا ڪجي؟ هن ڪتاب ۾ ڏنل مضمونن ۾ انهن سوالن مان ڪن اهم سوالن جا ٿلهي ليکي جواب، قومن جي تقدير بدلائڻ جي سائنس جي روشنيءَ ۾، ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.

ڪنهن زماني ۾ ماڻهو بيمارين جو علاج رڳو جنترن منترن، ڦيٽن ڦوڪارن، ڏمالن ۽ پلتين سان ڪندا هئا. ايا ۽ اڪثر ماڻهو انهي "علاج" جو شڪار آهن. پر هاڻي روز بروز ماڻهو باقاعدي ڊاڪٽري علاج ڏانهن لاڙو رکندا ويڃن. ڪيترا ماڻهو آپريشن لاءِ به تيار ٿين ٿا.

ساڳيءَ طرح قومون ۽ هزارين سالن کان بيمارين ۾ ورتل ٽين ٽيون. اُهن تي ۽ جنائي ۽ ٻيا ٻوپا تجربا ڪندا يا پنهنجون ڪرامتون ڏيکارينداً رهيا آهن. ويجهڙائيءَ ۾ قومن جي مرضن سڃاڻڻ ۽ انهن کي دور ڪرڻ جا ۽ پڪا پختا طريقا نڪتا آهن ۽ ڪيتريون قومون پنهنجو علاج انهن جي مدد سان ڪري رهيون آهن. ڪيترين کي فائدو پهتو آهي. ڪيتريون اڃي چڙهيون آهن. ڪيترين هاڻ مس علاج شروع ڪيو آهي. اهي ۽ هاڻ چڙهيون. وقت آيو آهي ته اسين ۽ پنهنجي "لاعلاج" مرض سان باقاعدي مقابلو شروع ڪريون. دنيا جي آزمايل نسخن جو فائدو وٺون. نوان تجربا ڪريون. ڪڙين دوائن کان نہ ڊجون. آپريشن لاءِ تيار ٿيون، ۽ مرضن مان جند ڇڏايون.

رسول بخش پليجو
چيف ايڊيٽر
سنڌي عوامي ڪتاب گهر
پتو: B-80 لطيف آباد 4ـ حيدرآباد

20 فيبروري 1974ع

سنڌي عوام کي بنيادي سياسي تعليم ڏيو

سنڌي عوام جي انقلابي ۽ وطن دوست جدوجهد گذريل ٿورن سالن ۾ تاريخي واڌارا کيا آهن ۽ اهم فتحون حاصل کيون آهن. سنڌي قوم جي سياسي سمجھ ۽ شعور جو معيار اڳ جي پيٽ ۾ کافي مٿي ٿيو آهي.

ساڳئي وقت اُنهيءَ جدوجهد ۾ اسان جون کيتريون قومي کچايون، اوٽايون ۽ کوٽون ۽ ٿوريَ عرصي اندر ظاهر ٿي پيون آهن. گذريل تجربي ڏيکاريو آهي ته جنهن وسيع، گهري ۽ جناادار قومي بڌيءَ کان سواءِ اسان جي کاميابي ناممکن آهي، تنهن کي حاصل کرڻ لاءِ اسان کي تمام وڏي عرصي لاءِ جدوجهد کرڻي پوندي ۽ کيتريون وڏيون رکاوٽون ۽ مشکلاتون دور کرڻيون پونديون.

قومي بڌيءَ لاءِ ڇا کرڻ گهرجي!

سڄي قوم قومي مسئلن تي بڌي ڪري، گڏجي، اڳتي وڌي، تنهن لاءِ لازمي آهي ته اسان جي بنيادي قومي سوچ ساڳي هجي، قومي مقصد ساڳيا هجن ۽ اڳتي وڌڻ جو رخ ۽ لاڙو ساڳيو هجي. اسان کي خبر هجي ته اسان کي کهڙي واٽ وڃڻي آهي. کهڙن ورن وکڙن، پيچرن ۽ لکن مان لنگهڻو آهي. کٽي کٽي رستي تان پلجڻ يا ٽڙڻ جو خطرو آهي ۽ کيئن اُن کان بچجي. ٻين لفظن ۾، کامياب انقلابي وطن-دوست جدوجهد لاءِ قومي بڌيءَ لاءِ اسان وٽ صحيح انقلابي ۽ عوامي وطن-دوست (1) مقصد، (2) جذبو، (3) واٽ ۽ (4) کم جو ڊنگ هئڻ گهرجي.

اُنهن ڳالهين سکڻ ۽ پرائڻ لاءِ اسان وٽ چار مکيه ذريعا ۽ وسيلا آهن. پهريون ذريعو آهي انساني سماج جي واڌاري جي جدلي قانونن جي ڄاڻ. انسان فطرت جو حصو آهي. انساني سماج جو واڌارو ۽ اُنهن قانونن جو پابند آهي، جيڪي فطرت جي ذري ذري کٽ اٽل قانونن جي واقفيت ۽ ڄاڻ جي روشنائيءَ جي مدد سان اڳتي وڌنداسين، ته کامياب ٿيندا سين، پر جي اُنهن جي خلاف هلنداسين، ته اُهو غيرفطري ۽ غير سائنسي کم لازمي طور ناڪام رهندو.

ٻيو ذريعو آهي انساني سماج جي تاريخ جي سائنس يا تاريخ مادیت، جنهن مان اسان کي خبر پوي ٿي ته انساني سماج ڪهڙن قانونن مطابق، ڪهڙن ڪهڙن ڏاکن ۽ ڪهڙين واٽن تان لنگهي، هتي پهتو آهي ۽ سندس آئيندي جو رخ، لاڙا، واٽون ۽ منزلون ڪهڙيون نظر اچن ٿيون.

ٽيون ذريعو آهي اسان جي پنهنجي وطن ۽ قوم جو تاريخي تجربو، جنهن مان اسان کي خبر پوي ته اسان جي قوم ۽ اسان جو وطن ڪهڙي خاص واٽ ڏيئي، هتي پهتو آهي، ۽ انساني قافلي ۾ اڳي، هاڻ ۽ اڳتي سندس جڳهه ڪهڙي پئي رهي آهي، ۽ ڪهڙي رهڻي آهي.

انقلابي وطن-دوست جدوجهد جي صحيح رخ ۽ لاڙن، منزلن ۽ واٽن سمجهڻ ۽ رٽڻ ۽ انهن تي هلڻ لاءِ چوٽين مکيه مدد اسان کي اڄوڪي انقلابي دور جي انقلابي قومي تحريڪن ۽ اڳواڻن جي تاريخ جي مطالعي سان ملندي.

اُنهن سمورين ڳالهين جي پڪيءَ پختيءَ ڄاڻ کي گڏي انقلابي علم ۽ سائنس ڪوٺجي ٿو. اها سائنس گذريل سوا سؤ سالن ۾ ٺهي جڙي آهي. ان جي ٺهڻ ۾ ڪروڙين انسانن جو تجربو، جدوجهد، خون ۽ قربانيون آهن. هزارين اعليٰ، نيڪدل ۽ انقلابي عالمن، اڪابرن ۽ مجاهدن جون دليون ۽ دماغ، عقل ۽ ڏاهپ ڪتب آيا آهن. انسان ذات جي واڌاري جي دشمن، سرمائيدارن ظالمن ۽ قومن کي غلام بنائي ستائيندڙن اُن علم ۽ سائنس کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ آزمائڻ تي سخت بندش وڌي آهي ۽ ان لاءِ سخت سزائون پئي ڏنيون آهن. اُن ڪري دنيا جو گهٽو عوام ان جي بي پناه فائدن کان محروم رهجي ويو آهي. سنڌي عوام کي پنهنجي عوامي وطن- دوست جدوجهد جي ڪاميابيءَ لاءِ ان علم ۽ سائنس جي ڄاڻ جي سخت ضرورت آهي.

انقلابي سائنس جو سنجيده ۽ گهرو مطالعو گهرجي

انقلابي سائنس البت ڪجه ڏکي ۽ پيچيدي سائنس آهي، ۽ ڪافي گهري ۽ سنجيده مطالعي ۽ غور بعد سمجهه ۾ ايندي.

پر ان کي سمجهڻ بنان ڪابه تحريڪ نه وجود ۾ اچي سگهي ٿي ۽ نه ئي وري مشڪل ۽ ورن وڪڙن واريءَ جدوجهد ۾ پير پختا رکي، اڳتي وڌي ويجهي ۽ ڪامياب ٿي سگهي ٿي.

تنهن کان سواءِ رڳو ڪن ٿورن عالم قسم جي مائهن ڪٽي اها سمجهي به ڇڏي، ته به ان جو تيستائين ڪوبه فائدو ٿي نه سگهندو، جيستائين اُهي ان کي عملي ميدان ۾ ڪتب آڻڻ جو هنر ۽ سکن ۽ خاص ملڪي حالتن موجب اُن ۾ گهربل نوان واڌارا ۽ سڌارا نه ڪن.

اهو عمل ڪامياب ٿئي، تنهن لاءِ وري اها ڳاله لازمي آهي ته عوام نه،

ته به عام ڪارڪن ته ضرور ان جون تمام بنيادي ۽ لازمي ڳالهيون چگيءَ طرح پروڙي وٺن.

اسان جا عام ڪارڪن اڪثر اڻ پڙهيل آهن. ڪي ٿورا به چار درجا انڌا مندا پڙهيل آهن. سڀني انگريزي چائنڈڙ ۽ اعليٰ تعليم يافته ڪارڪن نه هئڻ جي برابر آهن. تنهن ڪري انقلابي سائنس جي تعليم جو نصاب به، في الحال ۽ فوري مقصد لاءِ، مواد توڙي بيان جي خيال کان، ڪجھ ٿورو به هجي ۽ بلڪل آسان به هئڻ کپي. تجويز طور ان جو خاڪو هيٺ پيش اچي ٿو.

الف: انقلابي سائنس جي تعليم مقدار ۾ ڪيتري به ٿوري هجي، پر معنيٰ ۽ مفهوم جي خيال کان اها اعليٰ کان اعليٰ سطح جي هجي، بلڪ بين الاقوامي معيار جي هجي، اُن ۾ ڪابه ڳالھ غلط نه هجي، ڪوبه ضروي پهلو نظرانداز نه ڪيل هجي، ڪنهن به پهلوءَ تي اجايو گھٽو زور نه ڏنل هجي. مطلب ته اها اهڙي معيار ۽ مقصد واري هجي، جنهن ۾ هر احوال، ڳالھ، نظريي يا واقعي جو سڀ طرفو، تاريخي، صحيح توازن وارو، سلسليوار، جدلي (يعني ارتقائي توڙي انقلابي تبديلين کي واضح ڪندڙ)، ڪڙي ڪڙيءَ سان مليل، پاڻ ۾ ڳهڪندڙ، اصلي روپ ڏيکاريل هجي.

ب: بيان جي ڍنگ جي خيال کان اهم احوال اهڙو تمام سادو، سنئون سڌو، صاف، چٽو، مڪمل، ۽ پيچيدگين، مونجھارن، خالي عملي مفروضن ۽ استغارن، اجاين پٽاڻن ۽ سکٽين لفظن کان پاڪ ۽ مختصر هجي، ۽ ساڳئي وقت مطلب سان اهڙو پرپور هجي، جو اڻ پڙهيل ماڻهوءَ کي پڙهي پڌائجي، ته هڪدم سڄي ڳالھ سمجھي ويجي ۽ هڪدم محسوس ڪري ته ڪا تمام وڏي، تمام ڪم جي، تمام نئين ۽ تمام وٽندڙ، سرهائي ڏيندڙ، دل ۽ دماغ جي ڪايا پلٽندڙ ڳالھ پڌي اٿم، جا وسارڻ سان نه وسرندي.

ت: ساڳئي وقت اُن سادگيءَ ۾ اهڙو ته فن هجي، اهڙو ته اثر هجي، اهڙي معنوي پختگي ۽ قوت هجي، جو پي. ايڇ. ڊي. پڙهيل ماڻهو، جو اڄ هن سائنس جو پاڻ کي عالم سمجھندو هجي، سو به هڪدم محسوس ڪري ته هيءَ ڳالھ پهريون دفعو صاف ۽ مڪمل اڄ سمجھي اٿم.

ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ گھربل معيار جي درسي ڪتابڙن جي ضرورت آهي، جن کي ٽن پاڳن ۾ ورهائي سگھجي ٿو:

پهريون پاڳو: هن پاڳي ۾ اهڙن ڪتابڙن جا ٽي درجا هئڻ گھرجن.

(الف) درجو پهريون- اهڙا ڪتابڙا، جن ۾ انقلابي سائنس ۽ تاريخ جي تعليم تي دلچسپ ڪهاڻيءَ ۽ رنگين داستان جو گھرو رنگ چانيل هجي. پڙهندڙ ان ۾ آيل اصولن ۽ نڪتن کي فقط اتفاقي سمجھن، پر انهن جو اڻ سڌيءَ طرح گھرو اثر ضرور قبول ڪن. ان لاءِ هيٺيون رڪون پيش ڪجن

ٹيون:

موجوده دور ۾ جن قومن عظيم جدوجهد هلائي، آزادي حاصل ڪئي آهي ۽ پنهنجي عوام کي ظلم، غلاميءَ، جهالت ۽ غربت کان نجات ڏياري آهي، تن جي، مثلا لينن، هوچي من، مائوزي تونگ، سوئيڪارنو، ڪم ال سنگ، جمال ناصر، فيدل ڪاسترو، جهڙن اڳواڻن، ۽ جديد انقلابي سائنس جي عملي ۽ سائنسي پابي وجهندڙ عالمن ۽ دانائن، ڪارل مارڪس ۽ اينجلس، جي رنگين ۽ ڊرامائي زندگين ۽ سندن بي مثال ذهني ۽ علمي ڪارنامن کي، ڪهاڻيءَ ۽ داستان جي رنگ ۾، پيش ڪجي. اُنهن داستانن ۾ سندن لکڻين ۽ ڪارنامن جو بيان ڪندي، لازمي طور انقلابي سائنس ۽ تاريخ جا سوين نڪتا نڪرندا، جي ڪهاڻيءَ جي انداز ۾ صاف، چٽي ۽ مزيدار نموني سمجهائي ويجن.

(ب) ٻئي درجي جي ڪتابن ۾ انقلابي تاريخ جي ڊرامائي تاريخي واقعن جو داستان پيش ڪجي، ۽ اُن جو ڊنگ مٽي ذڪر ڪيل هئڻ گهرجي. اهي ڪتابڙا فرينچ انقلاب، پئرس ڪميون، 1905ع جي فيبروري انقلاب، 1917ع جي آڪٽوبر انقلاب، جنگ عظيم، چيني، ڪوريائي، انڊونيشي، مصري، ويٽنامي، ڪيوبائي انقلاب، عظيم چيني ثقافتي انقلاب، موجوده پاڪستاني جمهوري انقلاب جي رنگين داستانن بابت هجن.

(ت) ٽئين درجي جي ڪتابڙن ۾ 1۔ سائنسي سوشلزم جي ڪهاڻي، 2۔ انقلاب جي سائنس، جدلي مادييت، 3۔ تاريخ جي سائنس، تاريخ جي مادييت، 4۔ عوامي انقلابي وطن۔دوست جدوجهد، عالمي انقلابي جدوجهد جو اهم ترين مورچو، 5۔ قومي ۽ طبقاتي جدوجهد پاڻ ۾ ساڻي آهن نه مخالف، 6۔ سوشلزم ڇا ناهي۔ سوشلزم بابت ڦهلايل ڪوڙا افسانا ۽ ڏند ڪٿائون، وغيره، ڏکيڙڙا مضمون تمام دلچسپ نموني، يعني عام انگريزي ۾ Popular Science جي لکيل ڪتابڙن جي انداز ۾ لکجن. (ياد رهي ته ايٽمي سائنس، علم نجوم، نباتات، علم الارض بلڪ خود رياضيات جي Theory of Relativity جهڙن خشڪ ۽ بور سائنس بابت اهڙا ته دلچسپ ۽ آسان ڪتاب لکجي ويا آهن، جي ماڻهو پڙهيو، پائي ته هي ته تمام دلچسپ ۽ آسان ڳالهيون آهن.)

پاڳو ٻيو: عوامي انقلابي وطن۔دوست جذبي سان تمٽار چوند سنڌي ادب، شعر ۽ تاريخ ڇاپي وڃي، جيئن (1) شاهه، اياز، خليفي نبي بخش، سرويچ، ابراهيم منشيءَ، نياز، تنوير، امداد، استاد بخاريءَ، خاڪي جويه ۽ ٻين انقلابي وطن۔دوست شاعرن جا تمام خبرداريءَ ۽ ڏيان سان چونديل، چوند ڪلام، (2) سنڌي تاريخ جا چوند واقعا ۽ ڪارنامه، (3) قوم جي جذبي ۽ سجهه کي بلند ڪندڙ چوند سنڌي ڪهاڻيون، تلخيص ڪيل ناول ننڍن ڪتابڙن جي

صورت ۾ شايع ڪجن.

پاڪو ٿيون: دنيا جي انقلابي وطن-دوست قومن جي اڳواڻي خواهه هاڻوڪي ادب جا شاهڪار چونڊي ۽ ڪجهه مختصر Condense ڪري، پر ساڳئين لفظن ۾، شايع ڪجن.

انهي لاءِ سنڌي عوام کي، هيءَ هڪ مڪمل قومي فرض سمجهي، پنهنجي سياسي ۽ نظرياتي اڻ ڄاڻائيءَ خلاف جدوجهد ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي ذهن کي صحيح سوچ ۽ صحيح ڄاڻ سان هٿياربند ڪرڻ کپي. خاص ڪري، هر انقلابي وطن-دوست هاريءَ، پورهيت، شاگرد، استاد، اديب، عالم ۽ دانشور قومي ڪارڪن جو فرض آهي ته هو هن اهم بنيادي قومي ڪم کي هٿ ۾ کڻن ۽ پنهنجي عوام ۽ قوم جي واڌاري جي راه روڪيندڙ سياسي اڻ ڄاڻائيءَ جو پربت ڌاهي پٽ ڪن، نه ته ان اڻ ڄاڻائيءَ لاءِ اسان کي ڪو زمانو ڪريون قومي چٽيون ۽ نقصان پرٽا پوندا. اسان جي راه اڻانگي، لمبي ۽ ڪٺن آهي. ان لاءِ هينئر کان ئي تياري ڪرڻ کپي.

هي تان ٿورڙيون، جي تو پورا پانئيون،
راتيون ٻيون گهٽيون، جي تو ايندیون هيکلي.

جيڪي سنڌي هاري، پورهيت، شاگرد، استاد، اديب ۽ دانشور قومي ڪارڪن انهيءَ ڪم ۾ پانهن ٻيلي ٿيڻ لاءِ تيار هجن، ۽ انهن سياسي تعليمي ڪتابڙن لکڻ، نقل ڪرڻ، انهن کي هارين، پورهيتن، شاگردن، پڙهيلن ۽ ٻئي عوام تائين پهچائڻ ۽ وڪڻڻ لاءِ ڪارائتين رٿن، صلاحن، لکڻين، مالي مدد ۽ جسماني پورهئي لاءِ تيار هجن، سي سنڌي عوامي تحريڪ (گاڏي ڪاتو، حيدرآباد) جي دفتر ۾ اچن، ۽ پنهنجون خدمتون پيش ڪن. سنڌي عوامي تحريڪ طرفان انهيءَ سلسلي ۾ هوچي من ۽ مائوري تونگ شايع ٿي چڪا آهن، ۽ هاڻ روس جي برڪ انقلابي ڪامريڊ لينن جي سوانح حيات * شايع ڪري پيش ڪئي ويندي.

["تحريڪ" نومبر، 1972ع]

---

* هن سلسلي ۾ وڌيڪ هي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن:

1ـ قيدياڻي جي ڊائري
2ـ جيڪي بنگال سان ٿيو
3ـ جي ماريا نه موت
4ـ قومي انقلابي جدوجهد ۽ ادب ۽ فن جي اهميت
5ـ ڳاڙهو لالٽين
6ـ ڪميونسٽ پڌرنامو
7ـ هارين جي بغاوت
8ـ ڊراڻن جا ڏڪ
9ـ ويٽنامي انقلاب
10ـ واٽون ويهه ٿيون
11ـ نئون ڳوٺ پراڻو ڳوٺ

وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد قومي جدوجهد جو لازمي حصو آهي

سنڌي قوم سان روز ازل کان وٺي ٻٽو ويل آهي. هڪڙي پاسي گهر ۾ ويٺل دشمن يعني وڏيرا، ميرن پيرن ۽ ملان سندن هڏا پيا ڪرٽين، ته ٻئي پاسي نت نوان ٻاهريان ڦورو ٽولا سندن باقي رهيل ميڙي چوندي ناس ڪريو وڃن. سوال آهي ته انهن ٻن بلائن مان ڪنهن ڪنهن کي منهن ڏجي؟

سنڌي عوام جي ٻهراڙيءَ واري اڪثريت وڏيرا-شاهيءَ خلاف دانهون ٿي ڪري، ان کي پنهنجو اصل دشمن ٿي ليکي، ۽ ان جي خلاف جدوجهد کي ئي پهرين اهميت ڏئي ٿي. شهرن جا پڙهيل ڳڙهيل سفيد پوش رڳو پنجابي-پناهگير سامراج خلاف جدوجهد کي ئي اهميت ڏين ٿا. سنڌي عوام جي وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد کي ٻ اهميت نٿا ڏين. انهيءَ ڪري قوم جي ڳهٽي پورهيت عوام ۽ ٿوري سفيد پوش طبقي جي وچ ۾ ڪو ٻ اتحاد پيدا ٿي نٿو سگهي. پڙهيل هڪڙو راڳ پيا آلاپين، ته اڻ پڙهيل عوام ٻيو. جڏهن ڪا ڳالهه ٿئي ٿي ۽ پڙهيل طبقو سنڌ-دشمن سان ٽڪر کائي ٿو، ته ٿوريءَ دير ۾ ئي ڪيس پنهنجي اڪيلائيءَ جو احساس ٿيڻ لڳي ٿو ۽ هو مايوسيءَ وچان سوچڻ لڳي ٿو ته سنڌي قوم ۾ قومي غيرت ناهي.

اُن جو بنيادي ڪارڻ اهو آهي ته سنڌي پڙهيل طبقو سنڌي عوام جي نقطي کي سمجهڻ جي ڪوشش نٿو ڪري، ان جي مسئلن کي نظر انداز ڪري ٿو، اُن جي دشمن کي پنهنجو دشمن نٿو ليکي، اُن جي جدوجهد جي پٺپرائي نٿو ڪري، رڳو پنهنجي مطلب جي ڳالهه ٿو ڪري ۽ پائئي ٿو ته سنڌي پورهيت عوام پنهنجي مطلب جون ڳالهيون چڏي، رڳو پڙهيلن جي مطلب جي ڳالهين لاءِ جدوجهد هلائي.

ان جو حل اهو آهي ته ٻئي ڌريون هڪ ٻئي جي مسئلن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ۽ هڪٻئي جي دشمن خلاف گڏجي جدوجهد هلائين.

هيل پنهنجو مطلب اخبارن، رسالن ۽ تقريرن ذريعي سالن کان بيان ڪندا رهيا آهن. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌين جي زبردست اڪثريت،

يعني پهراڙيءَ جي هاريءَ ۾ پورهيت عوام، جي سڀ کان وڏي مسئلي، يعني وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد، جي اهميت کي سمجهجي.

سنڌ جي نيڪ نيت ۽ انصاف پسند ماڻهن ۾ انهيءَ ڳالهه بابت گهٽو مونجهارو آهي. وطن جا ڪيترا گهٽگهرا ۽ پڙهيل ڳڙهيل سنڌي ماڻهو پرمارن جي خلاف جدوجهد جي اهميت سمجهن ٿا، پر وڏيرا شاهيءَ جي خلاف عوامي جدوجهد جي بنيادي اهميت نٿا سمجهن.

هو سمجهي نٿا سگهن ته وڏيراشاهيءَ خلاف جدوجهد قومي جدوجهد جو تمام اهم ۽ لازمي حصو آهي، ۽ وڏيرا شاهيءَ خلاف عوامي جدوجهد جي پنيپرائي ڪرڻ کان سواءِ "جيئي سنڌ" جي قومي جدوجهد هرگز اڳتي وڌي، مضبوط نه ٿي ٿي سگهي. اُن کان سواءِ قومي جدوجهد جي ڪامياب ٿيڻ جو سوال ئي پيدا ٿي نٿو سگهي. اڪثر سمجهو، نيڪ نيت ۽ وطن جا گهٽگهرا ماڻهو انهيءَ باري ۾ گهٽي پاڳي هيٺئين نموني سوچين ٿا:

(1) اسان جو اصل دشمن پناهگير-پنجابي سامراج آهي. اُهو سنڌ-دشمن پناهگير-پنجابي وڏو زميندار، سرمائيدار، ڪوڙو ڪليمٽ، پرمار وچون طبقو آهي، جنهن 25 سال سنڌ توڙي سڄي پاڪستاني کي مال غنيمت سمجهي، ڦريو، لٽيو ۽ چٻاڙيو آهي. انهن جي تازي ۽ فاشسٽ ذهنيت جو بدترين مثال اوپر پاڪستان واري ڪرٻلا آهي. نه رڳو سنڌ پر سڄي پاڪستان جي مظلوم ماڻهن ۽ قومن جو فرض آهي ته پاڻ ۾ گڏجي، انهيءَ آفت کي منهن ڏين، ۽ پنهنجون قوتون ڪنهن به ٻئي مورچي تي ضايع نه ڪن. خاص ڪري سنڌين جهڙي چؤطرف گهيريل ۽ وکوڙيل قوم کي ٻئي ڪنهن به قڏي ۾ پوڻ نه گهرجي.

(2) وڏيرا ڪٽي ڪهڙا به آهن: ته به آهن ته پنهنجا، هونئن به وڏيرن جو اڳوٽو زور ڪونهي. وڏيراشاهي آهستي آهستي ختم ٿي، پاٽيهي پنهنجي موت مري ويندي. پر چا به ڪٽي هجي، هي نازڪ ۽ ڏکيو وقت آهي. هي گهر جي پاتين سان وڙهڻ جو ٽائيم ڪونهي. هينئر سڀ مڙي مُٺ ٿيون ۽ سنڌ-دشمن سان مقابلو ڪري سنڌ بچايون. پوءِ جڏهوڪا لُڙ تڏهوڪا پاٽي. جي پوءِ به وڏيرن گهٽي گهٽي ڪئي، ته انهن کي به ڏسي وٺبو.

(3) پر جي هروپيرو سمجهجي ڪٽي ته باهريان سنڌ-دشمن وڏيراشاهي هڪ جهڙا دشمن آهن، ته به هڪڙي وقت تي ٻنهي سان وڙهڻ بيوقوفي ٿيندي. اول باهرين سنڌ-دشمن کي منهن ڏيئي سنڌ بچائجي. پوءِ هن اندرين سنڌ-دشمن کي به ٺيڪ ڪري چڏبو. انهيءَ سوچ وارا وطن دوست ساٿي هينيون ڳالهيون يا ته نه ٿا سمجهن يا نظر انداز ٿا ڪن:

(1) پناهگير- پنجابي سامراج جي اصل جڙ ۽ بنياد وڏيرا شاهي آهي

سنڌ، سرحد، بلوچستان ۾ دقيانوسي، رجعت پرست ۽ عوام-دشمن قبائلي، سرداري ۽ وڏيرڪو نظام حاوي نہ هجي ها ۽ هڪڙي طرف ماڻهو وڏيرن، رئيسن، پوتارن، سردارن، ميرن ۽ پيرن جا ماريل، پيڙيل ۽ ذليل ڪيل نہ هجن ها ۽ وڏيرڪي نظام جا پيدا ڪيل مرض يعني بک، بيماري، جهالت ۽ خوف مٿن چانيل نہ هجن ها ۽ ٻئي طرف مڪاني وڏيرا، رئيس، خان، پير، ميز غدار ٿي، دشمن جي ڪمداري نہ ڪن ها ته جيڪو پناهگير-پنجابي سامراج بنا ڪنڪي ۽ بنا مقابلي پاڪستان کي هر گز گڙڪائي نہ سگهي ها. تاريخي طرح ب سنڌ جي تباهيءَ جو ڪارڻ اندروني دشمن هئا نہ ته باهرين کي مجال ئي ڪانہ هئي، جو سنڌ کي زير ڪري سگهن. سنڌي هندو ۽ مسلمان وڏيرن ۽ سينئين پاڻ ۾ وڙهي، يو-پيءَ ۽ پنجاب جي ليگي ۽ ڪانگريسي سياست بازن کي سنڌ ۾ ٽنگ اڙائڻ جي دعوت ڏني. ڪراچي سنڌ کان ڪاٽڻ ۽ ون يونٽ مڙهڻ جا ڪڏا ڪرتوت وڏيرن پنهنجي هٿ سان ڪيا. هينئر ب سنڌي عوام وڏيرن کي پاري اڪثريت سان ڪامياب ڪري، راج پاڳ جو مالڪ ڪيو، پر هو هڪ طرف عوام سان وڙهي ۽ ٻئي طرف پاڻ ۾ ڏاڙهي پٽ ڪري، وڃي دشمن جي پيرن ۾ ڪريا آهن، ۽ پاڻ تان ۽ سنڌ تان جڳ ڪلائي رهيا آهن. اها ڳالهه ب خيال ۾ رکڻ گهرجي ته بنگال ۾ پناهگير-پنجابي سامراج سان مقابلو ان ڪري سخت ٿيو، جو بنگالي نہ رڳو گهٽا ۽ پري ها، پر اُتي وڏيرڪو نظام تمام ڪمزور هو، چو ته وڏيون زمينداريون اٿڻ سان اُتي ختم ٿي چڪيون هيون ۽ وچون طبقو ۽ غريب عوام زور هئا.

(2) وڏيرا شاهي سنڌين کي پرمارن سان ٽڪر کائڻ ئي نٿي ڇڏي، ۽ دشمن پاران وچ ۾ ٽپيو، سنڌين کي دسائي ٿي

وڏيرا شاهي سنڌي عوام جي نڙيءَ تي لت رکيو ويٺي آهي. عوام وڏيرن ۽ سندن دلال ڪامورن جي ڦرلٽ، ڏاڍ، ڏهڪاءَ، ڪوڙ ڪيسن، ڦرين، قيدن جي اڻڪنجي ۾ اهڙا ته قابو آهن، جو هن کي پنهنجي تن جو ب هوش ڪونهي. سنڌن ساه سدائين سوريء تي ٽنگيل آهي. انهيءَ ڪري هو ملڪي معاملن ۽ قومي مسئلن جو سماءُ ئي نٿا لهي سگهن. ڪين خبر ئي ڪانهي ته ڪنهن جي بازار پئي لٽجي. پر جي ڪٿي خبر پوين، ته ب ڪجهه ب نٿا ڪري سگهن، جو وڏيرا شاهيء منجهن ايترو رت ئي ڪونہ چڏيو آهي، جو هو دشمن کي منهن ڏيئي سگهن. پر جي اتفاق سان ڪڏهن ڪو سنڌي هاري همت ڪري ڪنهن پرمار سان ڪو ٽڪر کايو وجهي، تڏهن ب سنڌي وڏيرو ۽ ڪامورو، گوال ۽ چغلخور بنجيو، خود پنهنجي هاريء خلاف ڪوڙي

ڪليمنٽ ۽ پرمار چوڌريءَ سان ٻٽ ٿيو وڃي. ڪيترائي هاري ڪارڪن ڪوڙن ڪليمنٽن ۽ پرمار چوڌرين جي ڇڄ تي ۽ سنڌي وڏيرن ۽ ڪامورن جي شاهدين تي ٽيپون ڪاٽي ۽ ڦٽڪا ۽ اذيتون سهي چڪا آهن ۽ سهن پيا.

(3) سنڌي قوم جي اڪثريت اسان جي هاٿوڪي جدوجهد کي قومي جدوجهد نٿي سمجهي، ان کي اهميت نٿي ڏئي ۽ ان ۾ شريڪ نٿي ٿئي

سنڌي قوم جا نوي سيڪڙو ماڻهو هاري ناري آهن. انهن مان ڪجھ سيڪڙو ڪوڙن ڪليمنٽن ۽ پين ناجائز حددخلين ڪندڙن سان ٽڪر ۾ آهن ۽ انهن جا ستايل ۽ ماريل اهن. باقي رهيل زبردست اڪثريت وڏيرا شاهيءَ جي شڪنجي ۾ پيڙجي پيئي. ڪين اٺ ئي پهر وڏيرا شاهيءَ ۽ سندن پاليل ڪامورا- شاهيءَ جي ظلمن جا ڪان ڪپار ۾ لڳل آهن. تنهن ڪري هن جي نظر ۾ حياتيءَ ۽ موت جو سوال اهو ڪونهي ته آيا مرڪز جا چوڌري مضبوط ٽيڊ ڪپن يا صوبائي وڏيرا مڪمل خودمختياري ماڻين. روزمره جي بيرحم زندگيءَ ۾ هو ڏسن ٿا ته صوبائي وڏيرن يعني تر جي رهزنن ۽ پاٽاريدارن کي جيترا گهٽا پاور هوندا، اوترا سنڌي مسڪين لاءِ وڌا پادر هوندا ! مرڪز جو حامي ظالم چوڌري يا ڪوڙو ڪليمنٽ برابر سندن رت ست چوسي ٿو ويڻي، پر تر جو رهزن ۽ پاٽاريدار "عوامي نمائندو" ته سندس زال ٻ ڪٽايو، سندس در تي ڪانگ ويهاريو چڏي! هن جي نظر ۾ صوبائي ٻولي يا گهٽين صوبائي ٻولين جو فرق ٻ ڪا اهڙي فوري ۽ فيصلي ڪن اهميت ڪانه ٿو رکي، جو هو اُن لاءِ مرڻ مارائڻ لاءِ تيار ٿي وڃن.

مطلب ته جن مسئلن کي اسين پڙهيل شهري مٿين طبقن جا ماڻهو هيستائين قومي مسئلا سڏيندا رهيا آهيون، سي سنڌيءَ طرح فقط ڪن مٽ جيترن شهري پڙهيلن ۽ مٿي طبقن جي سنڌين سان واسطو رکن ٿا. اُهي ئي اُنهن کي ڪجھ سمجهن ۽ ڪجھ اهميت ڏين ٿا. سنڌين جي وڏي ڳوٺاڻي اڪثريت نه انهن کي سمجهي ٿي ۽ نه کين وڏي اهميت ڏئي ٿي. ان ڪري اسان واري محدود "قومي جدوجهد" ۾ سنڌي قوم جي اڪثريت پرپور نموني ۾ نه شامل آهي، نڪا هن حالت ۾ ٿيندي. سچي چَالھ ڪجي، ته اسان واري "قومي جدوجهد" ايجا صحيح ۽ پرپور معنيٰ ۾ قومي جدوجهد ناهي. چو ته ان ۾ اسان جي اڪثريت جا اهم ترين ۽ حياتيءَ ۽ موت جا مسئلا شامل نه آهن. ان ڪري جيڪڏهن اسين ايمانداريءَ سان گهرون ٿا ته اسان جي قومي جدوجهد صحيح معنيٰ ۾ قومي جدوجهد ٿئي، ۽ ٽورڙن شهري پڙهيلن بدران سچيءَ سنڌي قوم جا لکين ماڻهو اُن ۾ زور شور سان پرپور حصو وٺن، ته پوءِ اسان کي قومي

جدوجهد جو دائرو وسيع ڪرڻو پوندو ۽ اُن ۾ سنڌي قوم جي زبردست اڪثريت جا مسئلا شامل ڪرڻا پوندا.

(4) درحقيقت سنڌي عوام جي اڪثريت جو بنيادي ۽ دائمي مسئلو اندروني بيماري يعني وڏيرا شاهي آهي

فطرت جو بنيادي قانون آهي "ابتڙ جو ميلاپ ۽ مقابلو." سنڌي قوم ميلاپ آهي پن بنيادي طرح ابتڙ ۽ مخالف قوتن جو، يعني هڪ پاسي سنڌي عوام ته ٻئي پاسي وڏيرا شاهي. اهو سنڌي قوم جو اندريون تضاد آهي. سندن ٻيو تضاد پراون جي پرماريت سان آهي. اُهو ٻاهريون تضاد آهي. فطرت جي سائنس اسان کي سيکاري ٿي ته ٻاهرين جي ڀيٽ ۾ اندريان تضاد وڌيڪ اهم، بنيادي ۽ فيصلو ڪندڙ هوندا آهن.

سنڌي قوم جا بنيادي ۽ دائمي مسئلا آهن: اڻ هوند، بک، بيماري، جهالت، ۽ وڏيرن، ڪامورن، پيرن ۽ ملن جي قرلٽ، دٻاءُ ۽ دهشت، ذهني بلئڪ-ميلنگ ۽ روحاني ڊڪٽيٽرشپ. انهن بنيادي مسئلن ئي ٻاهريان مسئلا پيدا ڪيا آهن. وڏيرا شاهي نظام جي گندگيءَ ۽ پوسل ۾ ئي مڇرن ۽ ٻين جيوڙن کي پيدا ٿيڻ، وڌڻ ۽ ويجهڙ جو موقعو مليو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو سنڌي عوام وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد کي پنهنجي حياتيءَ ۽ موت جو سوال سمجهي ٿو.

(5) جدوجهد فقط اُها ڪامياب ٿئي ٿي، جنهن ۾ سنڌي عوام جا بنيادي مسئلا شامل آهن ۽ جنهن کي سندن ڀرپور تائيد حاصل آهي

ون يونٽ خلاف سنڌ جي پڙهيل شهري طبقي جو هڪڙو ننڍڙو محب وطن حصو لڳاتار 15-16 سال ڪان واڪا ڪندو رهيو. پر سنڌي عوام جي ڪن تي جونئن به ڪانه سري! ڇو ته اهڙن نعرن جو عوام جي روزمره جي زندگيءَ سان ڪوبه سڌو ۽ پڌرو تعلق ڪونه هو. تنهن ڪري هو اُنهن نعرن کي هوائي سمجهندا رهيا ۽ اُن ۾ شريڪ ئي ڪونه ٿيا. نتيجو اهو ٿيو، جو اُها تحريڪ، هيڏيءَ مٿا ڪٽ ۽ تقريرن ۽ تحريرن جي هيڏيءَ اٿاهه ٻوڏ جي باوجود، اٿاهه عوامي تحريڪ ٿي نه سگهي. البت جڏهن ايوب شاهيءَ جا قيد ڪيل شاگرد ۽ قومي ڪارڪن، جيل مان قومي جدوجهد جي هڪ نئين، وسيع ۽ عوامي نظريي سان ٽورڙا واقف ٿيء، ٻاهر آيا ۽ ٻهراڙيءَ جي سنڌي عوام سان سندن دل جي ڳالهه يعني وڏيرا شاهيءَ جي مخالفت جي ڳالهه ڪيائون تڏهن صورتحال بدلجي ويئي. 4 مارچ 1969ع تي 2 لک سنڌي هاري حيدرآباد ۾ گڏ هئا ۽ سنڌ-دشمن جون وايون ولڙيون ٿي ويون. اُن کان پوءِ وري جڏهن

قومي جدوجهد جو تنگ، غير عوامي، وڏيرڪو نظريو غائب ٿي ويو، تڏهن جيڪا حالت ٿي آهي، سا سڀني ڏٺي!

ٻئي طرف، پيپلز پارٽي جڏهن عوام ۾ وڏيرا شاهيءَ خلاف زبردست تبليغ جو طوفان کڙو ڪيو، تڏهن سنڌ جي ٽرن، برن ۽ جهنگن کي جڙ ٻاهه لڳي ويئي! سنڌن تحريڪ ۾ ايڏي وڏي طاقت پيدا ٿي ويئي، جو وڏا وڏا جبل ٻه لڏي ويا! پر وري جڏهن پارٽيءَ ۽ حڪومت تي وڏيرن مڪمل غلبو ڪري ورتو ۽ وڏيرا شاهيءَ جي مخالفت جو چوغو لاهي چڏيائون، تڏهن جيڪا صورتحال ٿي آهي، تنهن جي تشريح جي ضرورت ڪانهي!

(6) سنڌي قومي جدوجهد تڪڙي فيصل ڪانه ٿيندي

اها لاهين چاڑهين ۽ ورن وکڙن واري، لمبي ۽ ڪٺن جدوجهد هوندي، جا گهٽن ئي مختلف مورچن تي لڙي ويندي. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ۽ پاڻي پٽ جي لڙاين وانگر هڪڙي ڏينهن ۾ فيصلو ٿيڻ وارو هجي ها، ته پوءِ ڪٽي چڪجي ته وڏيرا شاهيءَ کي نظر انداز ڪري، سڀ گڏجي، ڪٽي سنڌ_دشمن سان هڪ هڪاٻي ڪريون. پر اڄ ۾ هڪ ٻه نه، پر گهٽا سال لڳندا. اُنهيءَ سموري عرصي ۾ اها توقع رکجي ته سنڌي عوام وڏيرا شاهيءَ جي گهٽائي ۾ ٻه پيڙا رهن ۽ پڙڪ ٻاهر نه ڪڍن ۽ ساڳئي وقت سنڌ_دشمن جي حملن ۽ سازشن کي ٻه ڪاميابيءَ سان منهن ڏين، سو ٽيندو خيالي پلاءَ پچائڻ. تنهن ڪري وڏيرا شاهيءَ طرفان سنڌي عوام سان جيڪا اڻ ئي پهر ويڌن پيئي ٿئي، تنهن کي نظرانداز ڪبو، ته سنڌي عوام قومي جدوجهد ۾ دل جان سان شريڪ نه ٿي سگهندو، ۽ جدوجهد جو رينگٽ ته خير هلندو پيو، پر سُر ڪونه ٺهندو.

(7) پناهگير- پنجابي نقلي ترقي پسند سنڌي پورهيت عوام کي قومي جدوجهد کان بدظن ڪري، سنڌين ۾ زبردست قوت وجهي رهيا آهن

جيئن ته هيستائين ٻهراڙيءَ جي سنڌي عوام جي اڪثريت جي مسئلن کي قومي جدوجهد ۾ شامل نه سمجهيو ويو آهي، ۽ اسين رڳو مٿئين طبقي جي نندڙيءَ ٿورائيءَ جي فائدي جي ڳالهين کي قومي جدوجهد جو نالو ڏيندا رهيا آهيون، تنهن ڪري پناهگير-پنجابي نقلي ترقي پسندن جي ٻيگهي مچي ويئي آهي. هو ڳجه ڳوهه ۾ سنڌي هارين، پورهين ۽ غريب پڙهيلن کي ائين برغلائي رهيا آهن ته "هيءَ قومي تحريڪ سکين ۽ شاهوڪار شهرين ۽ وڏيرن جي پٽن جي تحريڪ آهي، جي پنهنجي مطلب لاءِ 'قوم!' 'قوم!' ۽ 'سنڌ!' 'سنڌ' پيا ڪن- اوهان کي ته پڇن ئي ڪونه ٿا." نتيجو اهو پيو نڪري ته

اندرئي اندر سنڌي پورهيت عوام جا ٽورا گھٽا سمجھو ماٺھو سنڌين کان کٽبا وڃن ۽ پناھگير نقلي ترقي پسندن جا ذھني غلام ٽيندا وڃن. ھو کين پنھنجي مطلب لاءِ استعمال پيا کن.

(8) وڏيرا شاھيءَ خلاف جدوجھد کي قومي جدوجھد جي اعليٰ مفادن جي دائري اندر ھلايو

وڏيرا شاھيءَ جو اصلي علاج آھي زميندارين نظام کي مڪمل طور ختم ڪرڻ. ان کان سواءِ سنڌي قوم ڪڏھن بہ ھڪ پاڻ-پري، طاقتور ۽ شاندار قوم بنجي کانہ سگھندي. پر قومي اتحاد خاطر سنڌي ھاري عوام موجوده حالت ۾ زميندارين سرشتي جي فوري طرح ۽ مڪمل خاتمي جو مطالبو نٿا کن. ھن وقت ھو تمام محدود مطالبا ٿا کن. جھڙوڪ: وڏيرا مٿن ظلم بند کن. کين بيدخل نہ کن. مٿن کوڙا قرض نہ لکن. ليکو صاف کن. زرعي قانونن موجب ھلت کن. کوڙا کيس ۽ ڦڏا نہ کن. کين ذليل ۽ تباھ نہ کن، وغيره.

تاڙي ھڪ ھٿ سان نہ وڄندي آھي. سنڌي ھاري قومي مفاد خاطر وڏيرا شاھيءَ جي ڀڳ ڳچيءَ ۾ سھيو وينا آھن. پر وڏيرا شاھيءَ کي بہ قومي مفاد خاطر ڪجھ تہ حياءُ ڪرڻ گھرجي، ۽ سنڌي عوام جي ڀاري اڪثريت سان جنگبندي ڪرڻ گھرجي، تہ جيئن سڀ گڏجي سنڌ-دشمن کي منھن ڏيئي سگھون. اھا ڳالھ بہ نوٽ ڪرڻ گھرجي تہ قومي جدوجھد ذريعي جيڪي ڪجھ حاصل ٿئي ٿو، تنھن جو مکڙ ۽ ڏونئرو تہ پس پيش وڏيرا ۽ سندن پوئلڳ وچون طبقو ئي کائين ٿا. عوام کي رڳو ڪتي لسيءَ جو لڀ نصيب ٿئي، تہ بہ ڇڙ ڇج ڪتيائون!

اھڙيءَ حالت ۾ جيڪو وڏيرو ھن ڏڪئي وقت بہ سنڌي ھاري عوام تي ظلم بند ڪرڻ ۽ کيس انسان ڪري ليکڻ لاءِ تيار نہ ھجي، تنھن کي سنڌي ھرگز سمجھڻ نہ گھرجي. ان کي سنڌي قوم جو غدار ۽ دشمن جو دلال سمجھجي. قومي ڪارڪن کي گھرجي تہ اھڙي وڏيري خلاف مظلوم ھارين ۽ پورھيتن جي ھڙان وڙان مدد کن. جيڪي سنڌي شاگرد، اديب، دانشور، قومي ڪارڪن ۽ اڳواڻ اھڙيءَ حالت ۾ بہ مظلوم سنڌي ھاري عوام جي پٺيرائي ڪرڻ لاءِ تيار نہ ھجن، تن کي قوم پرست نہ ليکڻ گھرجي. اُھي ڇٻو تہ رڳو نالي جا ٻلھا ٽڪر آھن. ھو قوم پرست نہ، پر مطلب پرست آھن. سچن پچن سنڌي وطن-دوستن کي، سنڌي عوام جي انھن تمام محدود، مناسب ۽ واجبي گھرن کي قومي جدوجھد جي پروگرام جو ھڪ لازمي ۽ بنيادي دارومدار انھيءَ مسئلي جي صحيح حل تي آھي. انھيءَ مسئلي کي جيڪڏھن اسان

نظرانداز ڪيو يا رڳو اٽڪل بازيءَ سان عوام کي ان ۾ ٽڪن جي ڪوشش ڪئي سون، ته پوءِ پلي لک پيرا پيا "جيئي سنڌ!" جا نعرا هٽون، پر اُن مان ڪڙ تيل ڪوبہ ڪونہ نڪرندو. جڏهن سچ نيزي پاند بيهندو، تڏهن سڏ ڏيڻ وارو ڪوبہ ڪونہ هوندو. هن مسئلي جو حل ڪنهن هڪڙي جي ڏاهپ سان نہ، پر اسان جي سڄيءَ قوم جي گڏيل ڏاهپ سان ٿيندو.

["تحريڪ" مارچ، 1973ع]

صحيح قومي بڌيءَ لاءِ جدوجهد ڪريو

سنڌ کي سدائين کي نه کي آفتون چهٽيون پيون هونديون آهن. پر جهڙيءَ طرح اڄ اها واڳن جي وات آهي، تهڙيءَ طرح اڳ ڪڏهن به ڪانه هئي.

دشمن وٽ حڪومت جي مشينري آهي، ڏنڊو آهي، دولت آهي، چالاڪ ۽ عيار دماغ آهن، رهزن ۽ قاتل ذهنيت آهي، قسمين قسمين تنظيمي ڇار آهن، فريبي من موهيندڙ نعرا آهن، هزار سالن جي بدمعاشيءَ جو تجربو آهي، عزم آهي ته اتحاد به آهي، سياسي ۽ فوجي جنگ جو وسيع تجربو آهي، قومي ۽ بين الاقوامي مدددون، لاڳاپا ۽ مٽيون مائٽيون آهن. اُن جي مقابلي ۾ اسين اڻوجهه ۽ اڻاڻ آهيون، نندڙي دل ۽ نندڙي دماغ وارا آهيون، اسان کي پنهنجي بچاءَ ڪرڻ جو نه تجربو آهي، نه وسيلا آهن، نه صحيح وات آهي.

ان صورتحال کي بدلائڻ لاءِ اسان وٽ فقط هڪڙو هٿيار ٿي سگهي ٿو، اُهو هٿيار آهي بڌي. اسان کي پنجن قسمن جي بڌيءَ جي ضرورت آهي. 1ـ هڪڙي مقصد ۽ هڪڙيءَ منزل جي بڌي. 2ـ ان منزل ۽ مقصد لاءِ صحيح وات جي بڌي. 3ـ اڳتي وڌڻ جي صحيح طريقن جي بڌي. 4ـ تنظيم جي بڌي. 5ـ عملي جدوجهد جي بڌي.

1 - هڪڙي مقصد ۽ هڪڙيءَ منزل جي بڌي

اسان جي قوم، منزل ۽ مقصد جي خيال کان، ڪيترن چڙوچڙ ۽ پاڻ ۾ وڙهندڙ نندڙن نندڙن ٽولن ۾ ورهايل آهي، اسان مان ڪن جي سڄي منزل ۽ سڄو مقصد نوڪرين وٽ تائين وڃيو ڇيهه ڪري. نوڪرين وٽ کان پوءِ اسان جا اهي ماڻهو چون ٿا ته "هاڻي جدوجهد جو دنگ ٿي ويو، هاڻي وڃي پنهنجي گهر گهاٽ جي ڪجي." ڪن جو منزل مقصود اليڪشن وڙهي، ميمبر ۽ وزير ٿيڻ آهي. ٻين کي سورهن ايڪڙن تان ڍل جي معافي کپي، ٽين کي ريڊيو تان سنڌي پروگرام کپن. چوٿن کي جلسا ۽ جلوس ڪرڻ ۽ رعب وارو نعرا هڻي، واهه واهه ڪرائڻ جي لذت کپي. مطلب ته هر ٽولي جي منزل مراد تمام نندڙي ۽ الگ الگ آهي. رسمي طرح اسان سڀ "جيئي سنڌ!" جا

نعرا هٹون ٿا، پر هر ٽولي جو مقصد ۽ مطلب پنهنجو آهي. سڄيءَ قوم جي منزل ۽ مقصد جي بدي تڏهن ٽيندي، جڏهن انهن ڏار ڏار ننڍڙين ٽولين جي مقصدن ۽ مطلبن کي گڏ ڪري، پاڻ ۾ پيٽي، چنبي چاٽي، مطلبن ۽ مقصدن جو اهڙو گڏيل مجموعو ٺاهيو وڃي، جنهن ۾ سڀني ڏار ڏار ٽولن جا مطلب ۽ مرادون سمائجي وڃن. هر ٽولو پنهنجي مطلب جي گهر ۾ ڪري ۽ ساڳئي وقت يڪن گڏيل مقصدن مرادن جي مجموعي يعني گڏيل قومي گهرن لاءِ ۾ وڙهي سڀ سنڌي ٽولا گڏجي سڏجي، هڪڙي سنڌي ٽولي جي گهرن توڙي سمورن ٽولن جي گڏيل گهرن جي پنيرائي ڪن. مثلاً، نوڪرين جي گهر اهو ٽولو ۾ ڪري، جنهن کي نوڪرين جو مسئلو درپيش آهي، پر ساڳئي وقت اهي سڀ ٽولا ۾ ڪن، جن کي اهو مسئلو درپيش ناهي پر پنهنجا مسئلا درپيش آٿن. نہ رڳو شاگرد، پر ڪڙمي، ڪوري، لوهار، وادا، موچي، واپاري، آباد گار ۽ وطن سان همدردي رکندڙ زميندار ۾ اها گهُر ڪن تہ "سنڌين کي نوڪرين جا حق ڏيو!" ساڳئي وقت، شاگردن جو ۾ فرض آهي تہ رڳو داخلائون ونڊ، فين گهٽائڻ جي گهر نہ ڪن، پر ان سان گڏ ڪڙمين، ڪورين، موچين، مزدورن، واپارين، آبادگارن ۽ وطن سان همدردي رکندڙ زميندارن جي گهُرن جي ۾ تائيد ڪن ۽ انهن گهرن واريءَ جدوجهد ۾ شريڪ ٿين. سڄيءَ قوم جي گڏيل گهرن کي اسين قومي جدوجهد جا اقتصادي، سياسي ۽ ثقافتي مقصد يا ٿورن لفظن ۾ قومي مقصد سڏي سگهون ٿا. انهن قومي مقصدن کي اسين بن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا. هڪڙا فوري مقصد، جيڪي موجوده حالتن ۾ اسين پنهنجي موجوده وسيلن سان حاصل ڪري سگهون، ٻيا اهي آئيندي جا مقصد، جن کي اسين اڄ حاصل ڪري نٿا سگهون پر سپاٽي ڪري سگهنداسين. اهي ايندڙ مقصد ۾ تڏهن حاصل ٿي سگهندا، جڏهن اسان قوم کي اڄ ۽ هينئر کان ئي انهن کان واقف ڪريون ۽ انهن لاءِ هينئر ئي ذهني ۽ ٻئي قسم جي تياري ڪري، ايندڙ جدوجهد لاءِ رستا ۽ ميدان تيار ڪريون.

2- قومي منزل ۽ مقصد تي پهچڻ لاءِ صحيح واٽ جي بدي

قومي منزل ۽ مقصد کي طئ ڪرڻ کان پوءِ ٻيو بنيادي مسئلو اهو آهي تہ اها واٽ ڪوليو لهجي جيڪا اسان کي انهيءَ قومي منزل تائين پهچائي سگهي. اسان جي قوم ۾ هونئن تہ گهٽائي ٽولا آهن، پر هن مضمون جي مقصد لاءِ اسين سنڌي قوم کي پنجن مکيہ ٽولن ۾ ورهائينداسون: 1- هاري، 2- مزور، 3- وڏا زميندار، 4- سرمائيندار، ۽ مٿيون وچون طبقو ۽ 5- ننڍو وچون طبقو جنهن ۾ آباد گار، نوڪرين وارا ماڻهو، ڪاريگر ۽ ننڍا واپاري اچي وڃن ٿا.

سوال آهي ته قومي جدوجهد ۾ انهن پنجن ٿولن مان هر هڪ ٿولي مان ڪهڙي اميد ۽ ڪهڙو آسرو رکجي؟ انهن مان ڪهڙا ٿولا پچاڙيءَ تائين جدوجهد ڪندا ۽ ڪهڙا دشمن ٿي ويهندا. ڪهڙا ڪجه وقت هلندا ۽ پنهنجو مطلب پورو ڪري يا حالتون ڏکيون ڏسي، اڌ مان گوهي ڏيئي، پڇي ويندا، يا ته مرڪو وڃي دشمن سان ملندا؟ ٻيو سوال آهي ته جيڪي ماڻهو قومي جدوجهد جي آخري منزل تائين پهچڻ چاهين ٿا، انهي کي انهن ٿولن يا طبقن مان هر هڪ ٿولي يا طبقي سان ڪهڙي روش ونڻ کپي ۽ سائن ڪهڙي هلت هلڻ کپي. ٽيون سوال اهو آهي ته سنڌ جي قومي جدوجهد جي آخري منزل تائين هلڻ وارن کي پاڪستان جي ڌار ڌار غير سنڌي قومن، طبقن ۽ ٿولن مان ڪهڙو آسرو، اميد يا انديشو رکڻ کپي. چوٿون سوال اهو آهي ته جيڪي قومون، طبقا ۽ ٿولا سنڌي قوم جا بدخواهه آهن، اُهي سيئي پاڻ ۾ ڪيترين ئي ڳالهين ۾ هم خيال ٻه آهن، پر پاڻ ۾ بنيادي ٽڪر ۽ مقابلا ٻه اٿن. جيئن دشمن اسان جي مختلف ٿولن جي اندر ويڇن ۽ مقابلن کي استعمال ڪري، اسان کي پاڻ ۾ ويڙهائي، پنهنجا مقصد حاصل ڪن ٿا، تيئن اسين ٻه سندن اندروني ڦيٽارن جو پنهنجي قومي مقصدن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ فائدو ونڻ سگهون ٿا. ته ان لاءِ ڪهڙا طريقا، رستا، پاليسيون ۽ سياسي چالون استعمال ڪريون؟ پنجون سوال آهي ته اسان جي قوم جي مختلف طبقن ۽ ٿولن جا مقصد هڪ ٻئي جي ابتڙ ٻه آهن، ته ساڳيا هڪ جهڙا ٻه آهن. هيستائين دشمن جي چالاڪيءَ. اسان جي اڻ ڄاڻائيءَ ۽ اسان جي غدار ٿولن جي غداريءَ سبب، سنڌي قوم جو سڄو زور انهن معاملن تي صرف ٿيندو رهيو آهي، جن معاملن بابت اسان ۾ ناڪاه ۽ ڦيٽارو آهي. ڇا اسين ناڪاه ڦيٽاري وارين ڳالهين کي صفا وساري يا پاسيرو رکي. قومي ٻڌي ناهڻ جي ڪوشش ڪنداسين، ته ڪامياب ٿينداسين؟ جي نه، ته ڪو اهڙو رستو آهي ڇا، جو اسين انهن ڦيٽارن کي ايترن حدن اندر رکون، جو اهي قومي ٻڌيءَ کي وڌڻ ويجهڙ کان روڪي نه سگهن! ڇا ائين نٿو ٿي سگهي ته اسين ڪن ڏڪير ۽ ناسوري غدار ٿولن کي پائيچاري جي پٽ مان ڪيڙي ڇڏيون ۽ باقي ٻيا سڀ ٿولا ۽ طبقا پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري، سڀ گڏجي، دشمن توڙي انهن ڏڪير سان وڙهڻ لاءِ پنهنجن اندروني اختلافن کي ضابطي اندر رکون، ۽ ڪنهن ٻه ڏر کي ليکو لنگهڻ نه ڏيون؟ اهي ۽ ٻيا واسطيدار مسئلا جيڪڏهن اسان حل ڪري سگهياسون، ته پوءِ ڇنبو ته اسان قومي جدوجهد جي صحيح واٽ گولي لهڻ ۾ ڪامياب ويا آهيون.

3- اڳتي وڌڻ جي صحيح طريقن جي ٻڌي

جدوجهد جي واٽ ۾ ان جون پاليسيون ڪٽي ڪهڙيون ٻ صحيح هجن، پر جيڪڏهن جدوجهد جو طريقو صحيح نه آهي، ته صحيح مقصد ۾ صحيح واٽ جي هوندي ٻ، جدوجهد اڳتي وڌي نه سگهندي. اڄ سنڌ جي ماڻهن جا قومي جدوجهد بابت ڏار ڏار ۾ ابتڙ خيال آهن. ڪن جو سڄو زور آهي اخباري بيانن تي ۾ جلسن جلوسن تي. ڪي چون ٿا ته اهي سپ ڳالهيون بيڪار آهن، ''مڙس ته ڦڙو نه ته جڏو''، ''ڏنڊا ڪٽي ملڪ ۾ ڪاهي پئو.'' ڪن جو مرڳو خيال آهي ته ''پاڪستان آيو پيو آهي، اجايو پاڻ کي هلاک ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. رڳو وينا ڏسو ته هندستان، چين يا روس ڪيئن نه ٿا سيني جي ٽڪ مان ور لاهين.'' مطلب ته هر ماڻهوءَ ۾ هر ٽولي کي جدوجهد جو ڏار ڏار ڍنگ ۾ ۾ طريقو صحيح نظر اچي ٿو. سوال آهي ته اسان جي موجوده حالتن کي ڏسندي ۾ دنيا جي موجوده دور کي خيال ۾ رکندي، جدوجهد جا ڪهڙا ڍنگ صحيح ۾ ڪار گر آهن. جڏهن سڃيءَ قوم جا وطن دوست ۾ وفادار ٽولا پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري، جدوجهد جي صحيح طريقن بابت پاڻ ۾ متفق ٿيندا، تڏهن چئبو ته اسان ۾ جدوجهد جي طريقن بابت قومي ٻڌي پيدا ٿي ويئي آهي. اُن ۾ انهيءَ ڳالهه جو ٻ خيال رکڻو پوندو ته جدوجهد جا جيڪي طريقا ڪالهه موزون هئا، سي ممڪن آهي ته اڄ ناموزون هجن يا جيڪي ڪالهه ناموزون هئا، سي اڄ موزون نظر اچن. ساڳئيءَ طرح جدوجهد جي اڇوکي ڏاکي تي جيڪي طريقا اڄ موزون آهن، سي سڀاڻي ناموزون ٿي پون، يا جيڪي اڄ ناموزون آهن سي سڀاڻي موزون ثابت ٿي پون. تنهن ڪان سواءِ اهو ضروري ناهي ته جدوجهد جي هڪڙيءَ اسٽيج تي فقط هڪڙو ئي طريقو استعمال ڪيو وڃي. ساڳئي وقت تي، ڏار ڏار حالتن ۾، ڏار ڏار طريقا هڪ ٻئي سان گڏڻهڪائي، استعمال ڪري سگهجن ٿا ۾ ڪرڻ ڪپن.

4- تنظيم جي ٻڌي

چوٽون بنيادي مسئلو تنظيمي ٻڌيءَ جو آهي. قوم پلي مقصدن تي متفق هجي، ان تائين پهچڻ جي صحيح واٽ ٻ ڳولي لهي چڪي هجي، جدوجهد جا صحيح طريقا ٻ مقرر ڪري چڪي هجي، پر انهيءَ هوندي ٻ جيڪڏهن ان وٽ ڪا اهڙي تنظيم ناهي، جيڪا ان جدوجهد جي رٿابندي ڪري، مختلف قوتن کي گڏي سندن رهبري ڪري، ڪين منظم نموني ۾ دسيپلن سان مختلف ميدانن ۾ لڙڻ لاءِ تيار ڪري، ته پوءِ سڄي ڪمائي ڪٽ ٿي ويندي. انقلابي وطن- دوست تنظيم ڪان سواءِ ڪابه انقلابي وطن-دوست جدوجهد هلي ته ڪامياب ٿئي، سو ائين ناممڪن آهي جيئن ڪنهن فوج جو

ڪمانڊرن ۾ سپاھ سالارن کان سواءِ جنگ ڪٽي سگھڻ. اسان جي قوم ھن وقت چڑوچڑ ماڻھن ۾ ٽولن ۾ ورھايل آھي. ڪي نالي ماتر جلسا جلوس ۾ اخباري بيان ڏيندڙ فرد ۾ تنظيمون بہ آھن، پر اُھا داناءَ، دور انديش، منظم، انقلابي ۾ عوامي تنظيم ناھي، جا قوم کي تيار ڪري، سندن ڪمان ڪري ۾ ڪيس لڙن، لانگھن مان اڪاري پار ڪري. جيڪڏھن اسان اھڙي تنظيم ٺاھڻ ۾ وڏائڻ ۾ ڪامياب وياسون، تہ چئبو تہ اسان قومي ٻڌيءَ جون چوٽون شرط يعني تنظيمي ٻڌي، پورو ڪيو. اُن تنظيم جون بنياد قوم جي ڪھڑن طبقن تي ھجي، ان ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪھڑيون لياقتون ۾ شرط ھجن؟ اُن جي ڪم جو ڍنگ ڪھڑو ھجي؟ اُن جي اڳواڻي ڪھڑو طبقو ڪري؟ اِھي سڀ فيصلي طلب سوال آھن.

5- عملي جدوجھد جي ٻڌي

مٿين چئن ئي قسمن جي ٻڌيءَ کان پوءِ سوال آھي عملي جدوجھد جي ٻڌيءَ جو. اسان جا مختلف محب_وطن ٽولا مختلف ميدانن تي مختلف طريقن سان پنھنجي حال سارو جدوجھد ڪري رھيا آھن. انھن جي وچ ۾ ڪوبہ لاڳاپو ڪونھي. جيڪڏھن شاگرد ھڙتالون ڪن ٿا يا سنڌ_دشمن قوتن سان ٽڪر کائين ٿا، تہ ماسٹر، ھاري، مزدور ۾ واپاري پنھنجي گھر ويٺا آھن. وري جي ماسٹر، ھاري، مزدور ۾ واپاري ۾ آبادگار چپ آھن. عملي جدوجھد جي ٻڌي تڏھن چئبي، جڏھن ھڪڙي ٽولي جي جدوجھد جو سڌ سنڌ جي ھڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين، ڪينجھر کان ڪاروڪھر تائين، ڪنڊ ڪوٽ کان ڪيٽي بندر تائين، پڙاڏا ڪرڻ لڳي.

ٻڌيءَ بابت مطالعو، غور، فڪر ۾ صلاح مصلحت ڪريو

انھن مان ھر ھڪ ٻڌيءَ جا پنھنجا مسئلا آھن. انھن تي غور ڪرڻ ڪپي، صلاح مصلحت ڪرڻ ڪپي. دنيا جي ٻين مظلوم ۾ مجاھد قومن جي جدوجھد مان سبق حاصل ڪرڻ ڪپي. اُنھن کي پنھنجي ماحول ۾ حالتن مطابق گھڙي سنواري، پنھنجي ڪم لائق بنائڻ ڪپي. انھن ۾ پنھنجي طرفان بااصول ايجادون ۾ واڌارا ڪرڻ ڪپن. اسان جي قومي جدوجھد جو صحيح بنياد فقط تڏھن پوندو، جڏھن اسان جي سڃيءَ قوم جا عوام ۾ ڏاھا ماڻھو انھن مسئلن جي اھميت سمجھندا ۾ انھن جو حل ڳولي لھندا.

["تحريڪ" ـ اپريل، 1973ع]

قومي جدوجهد جو وڏيرڪو نظريو!

چار نظريا، چار واٽون

سنڌ ۾ قومي جدوجهد جا چار نظريا، چار واٽون ۽ چار طريقا موجود آهن:

1ـ قومي جدوجهد جو وڏيرڪو نظريو.

2ـ قومي جدوجهد جو سنڌي وچين طبقي وارو نظريو.

3ـ قومي جدوجهد جو ڪٽر قوم پرست پناهگيرـپنجابي وچين طبقي طرفان سنڌين کي سيڪاريل نظريو يا نقلي ترقي پسند نظريو.

4ـ قومي جدوجهد جو انقلابي وطنـدوست نظريو.

ڪسوٽيون

ڪنهن طبقي جو قومي جدوجهد بابت ڪهڙو نظريو آهي، تنهن جي خبر هيٺين ڳالهين مان پوندي:

(الف) هو قومي جدوجهد ڪهڙي مقصد لاءِ ڪري ٿو. (ب) هو اُن جدوجهد جو مکيہ دارومدار ڪهڙي طبقي يا طبقن تي رکي ٿو ۽ اُن جي اڳواڻي ڪهڙي طبقي کي ڏيڻ گهري ٿو. (ت) اُن جدوجهد جو نشانو ڪهڙين دشمن قوتن کي بنائي ٿو. (ج) اُن جدوجهد ۾ ڪهڙا طبقا يا ٽولا ساڻي ڪري کڻي ٿو. (ح) اُن جدوجهد ۾ ڪهڙن طبقن يا ٽولن کي دشمن کان ٽوڙي، پاڻ سان شامل ڪري ٿو يا کين غيرـجانبدار بنائڻ گهري ٿو. (خ) اُن جدوجهد لاءِ هو ڪهڙي قسم جي تنظيم ناهي ٿو. (د) اُن جدوجهد جي مختلف ڏاکن تي جدوجهد جا هو ڪهڙا طريقا اختيار ڪري ٿو.

اسين هن پيري قومي جدوجهد جي وڏيرڪي نظريي، واٽ ۽ طريقن جي چنڊ چاڻ ڪنداسون.

مقصد

1ـ وڏيرو طبقو قومي جدوجهد جو مقصد اهو ٻڌائيندو آهي تہ پنهنجي مظلوم قوم کي ڏارين ظالمن کان چوٽڪارو ڏياري، کيس هڪ خوشحال، طاقتور ۽ عظيم قوم بنائجي. پر جيئن تہ وڏيرو طبقو پاڻ خود قوم جو چور ۽

قوم جو دشمن آهي، قوم جا گدر جا وسيلا ڦٻايو ويٺو آهي ۽ قوم جي ماڻهن کي ڦريو ماريو، دٻڙاٽيو، غلام بنايو ويٺو آهي، تنهن ڪري هو قوم جي ماڻهن کي ڏڪاري ٿو ۽ کائڻ ڊجي ٿو. ساڳيءَ طرح ماڻهو به ڪيس ڏڪارين ٿا ۽ کائڻ ڊجن ٿا. جائي جم کان سندس طبقاتي فطرت قوم- دشمن آهي. ماڻهن جو چوٽڪارو، آزادي ۽ طاقت وڌيري طبقي جي واسطي موت جي پيغام آهي. اُن ڪري هو ڪڏهن به نٿو چاهي ته سنڌ جا ماڻهو سچ پچ هر قسم جي غلاميءَ کان مڪمل طرح چوٽ ـرو حاصل ڪن، پاڻ پراڻ سکيا ستابا ۽ آزاد ٿين. هو درحقيقت ٽي ڳالهيون چاهي ٿو: (1) سندس قوم جا ماڻهو زور نه ونن ۽ سندس غلاميءَ مان آزاد نه ٿين. (2) غير قوم جا ماڻهو ڪيس نه ستائين ۽ سندس لئي گهٽ نه ڪن. (3) سندس قوم جي ماڻهن کي ڦرڻ، مارڻ ۽ غلام رکڻ جو موقعو ۽ اختيار ڪيس ئي حاصل هجي ۽ ٻيو ڪو به ڏاريون اُن ڦرمار ۽ طاقت جا ٽيڙ کائنس نه کسي وڃي، ٽي سگهي ته کائنس ڪو حصو پتي ٻه نه ڦري. انڪري جنهن جدوجهد کي هو قومي جدوجهد سڏي ٿو، سا درحقيقت سندس پنهنجي طبقاتي جدوجهد آهي، جنهن جي وسيلي هو پنهنجي قوم کي ڦرڻ جي هڪ هٽي پاڻ حاصل ڪرڻ گهري ٿو. اِها آهي سندس جدوجهد جي آخري منزل.

وڌيرڪي قومي جدوجهد جي وات

ڪيس خبر آهي ته پنهنجي قوم ۽ ڏارين سان هو ساڳئي وقت وڙهي نٿو سگهي. تنهن ڪري هو پنهنجي جدوجهد کي چئن منزلن ۾ ورهائي ٿو: (1) جڏهن ڏاريون دشمن زور ٽيو وڃي ۽ سندس قوم ڪمزور ٽيو پوي، ته هو يڪدم دشمن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري، ٽپ ڏيئي، وڃي دشمن جي پيرن ۾ ڪري ٿو. هو جلد ئي قومي دشمن کي ريجهائي، ڪيس پنهنجي وفاداريءَ جو يقين ڏياري، دشمن جي شڪاري ڪتي جي پوزيشن حاصل ڪري ٿو. اُن جي ڇڃ تي پڃ لٽڪائي، پنهنجي قوم کي ڏاڙهي، سندس ٻوٽ ڪيي، پنهنجي مالڪن کي ڪارائي ٿو ۽ پاڻ به هڏا ۽ پاروٽا ٽڪر کائي، مڇي موڙا ٽيو پوي. جڏهن ڏارين جي ستايل مظلوم قوم آخر پنهنجو ڪنڌ مٿي کڻي ٿي ۽ پنهنجي چوٽڪاري لاءِ پاڻ پتوڙي ٿي، تڏهن ڪيس اچيو اهو ڊپ کڻي ته متان سندس قوم سچ پچ آزاد نه ٿي وڃي! تنهن ڪري هو دشمن کان به ٻه وکون اڳتي وڌي، قومي جدوجهد تي وار ڪري ٿو ۽ پنهنجي مالڪن کي خوش ڪرڻ ۽ کائنس انعام ونڻ ۾ ڪُٽو نٿو پڃي. اُن وقت هو بلڪل الف اگهاڙو، قوم-دشمن غدار ٿي ٻيهندو آهي ۽ لوڪ لڄا جو ڪوبه خيال نه ڪندو آهي. اُن وقت هو ڏسڻ ۾ تمام طاقتور هوندو آهي، پر حقيقت ۾

ڪمزور هوندو آهي، جو ته سڄي قوم سندس غدار ڪردار کي اگهاڙي روپ ۾ ڏسي، سندس اصليت کي سڃاڻندي پيئي آهي. انگريزي دور کان ون يونٽ جي دور تائين، سنڌ جي وڏيرن جو اهوئي ڪردار ۽ اهوئي روپ رهيو آهي.

(2) پر جڏهن آخر هو ڏسندو آهي ته ائين ڪم نه هلندو، قومي جدوجهد متان زور وٺي ۽ هو متان هٿان ٻه وڃي ۽ هٿان ٻه وڃي، تڏهن هو پنهنجي پاليسي بدلائي ٿو ۽ 'ساڻن سان سنمڪ، پٺڀڻ سان پورو،' وارو پارٽ ادا ڪري ٿو. هو قومي جدوجهد سان ڳجهه ڳوهه ۾ همدرديءَ جو اظهار ڪري ٿو ۽ چوي ٿو: "ادا آهي ته ظلم، پر ڇا ڪريون؟ حرامين سان ڪچون ٿا ته مرون ٿا. پنهنجن ۾ حال ڪونهي، نه ته بدمعاشن کي ٺيڪ ڪري ڇڏيون. دل ته گهڻو ئي ٿي جلي، پر بيوس آهيون." پر اندر ئي اندر ۾ هو دشمن سان مليل رهندو آهي ۽ ڪيس هر وقت فقط اهو ڊپ هوندو آهي ته متان سندس قوم سڃ پڃ چوٽڪاري حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي وڃي ۽ ڪيس ٽپڙ نه گول ڪرائي ڇڏي. ون يونٽ جي پڇاڙيءَ واري دور ۾ سنڌي وڏيرن ٽلهي ليکي اهو ڪردار ادا ڪيو ۽ اهو روپ اختيار ڪيو.

(3) جڏهن ڌاريون دشمن ڪمزور ٿئي ٿو ۽ سندس پنهنجي قوم زور وٺيو وڃي، تڏهن ڪيس ڏڪٽي ويٺو وڃي، ۽ هو چوغو بدلايو، هڪدم ڊوڙيو، پنهنجي قوم ڏانهن وڃي. 'ٻلي ست ڪئا ڪائي، حج هلي' وانگر توبهه تائب ٿيڻ جو ڊرامو ڪري، ٻالو پولو بنجي، قومي جدوجهد جي پوئين صفن ۾ اشراف ٿيو وڃيو ويهو رهي. اُن وقت هو ڏسڻ ۾ تمام هيٺو، بيواهه ۽ نڏٺڪو هوندو آهي، پر حقيقت ۾ هو اُن وقت سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ ٿي پوندو آهي. جو ته هو هاڻ اگهاڙو غدار ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي. سندس اکين تي مانگر مڇ وارا پڇتاءَ جا ڳوڙها هوندا آهن. قوم جي غم ۾ ٽڏا شوڪارا پيو پريندو آهي. ماڻهو سندس باري ۾ سوچيندا آهن ته "جيڪو پُلي پُلي پاڻ اچي، سو پليل نه چئجي." اُن روپ ۾، ويساهه وسوڙيل ۽ اڀوجهه عوام کي اکين ۾ سورمو پائي، هو آهستي آهستي اٺ لکي ٿوني قومي جدوجهد جي اڳواڻيءَ جي مرڪز ڏانهن گسڪڻ ۽ رڙهڻ شروع ڪري ٿو، ۽ اتڪل ۽ حرفت بازيءَ سان پهرينءَ صف ۾ جاءِ والارڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو، ۽ اتان ويهي قومي جدوجهد خلاف سازشون ڪري ٿو. ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ سنڌي وڏيرن اهو روپ اختيار ڪيو.

(4) جڏهن قومي جدوجهد صفا زور وٺيو وڃي ۽ اُن کي روڪڻ ۽ ناڪام بنائڻ جو ٻيو ڪوبه رستو وڏو زهر پياڪ ۽ سروچ سورمو طبقو بنجيو پوي. پنهنجي طبقاتي بڏي، دولت، طاقت، تجربي ۽ حرفت، مڪر ۽ منافقيءَ سان قوم جي حقيقي مجاهد پورهيت طبقن کي بيوقوف بنائي، ويڙهائي، ٽڪر

ٽڪر ڪري، پاڻ ان جي ڪنڌ تي سوار ٿيو وڃي. اهڙيءَ طرح قومي جدوجهد جو اڳواڻيءَ تي قبضو ڪري، هو دشمن سان ساز باز ڪري ٿو. ان سان جنگ بند ڪري، ناه ڪري ٿو، ان جي مدد سان قومي جدوجهد جي قافلي کي گس تان پلائي، روڪي، قافلي کي ان واٽ تان هلائي ٿو، جنهن واٽ تي هلي، قوم اڳي وانگر سندس غلام بنجيو پوي. دشمن بہ 'هارئي کان پيتو پلو' وانگر سائس ناه ڪري ٿو. گڏريل چوندن کان پوءِ سنڌي وڏيرا شاهيءَ جو ڪردار، روپ اهو پئي رهيو آهي. وڏيرڪي جدوجهد جا مخالف نشان هي بہ آهن: 1۔ سندس پنهنجي قوم. 2۔ سندس ڏاريان رقيب.

وڏيرڪي قومي جدوجهد جي حڪمت عملي

هي قومي جدوجهد کي پنهنجي طبقاتي مفادن جو ٽوڙهو ڪچيءَ ۾ وجهي چڏي ٿو، قومي قوتن کي سندن پنهنجيءَ مرضيءَ، پهچ آهر اڳتي وڌڻ نٿو چڏي. هو ڏارئين دشمن سان فقط مٺاچري ويڙهه ڪري ٿو، توڙ نٿو ڪري. هو اهڙو دنگ، ڇيهه ڪري نٿو وڙهي، جو سندس ڏاريون رقيب مرڪو صفا ختم ٿي وڃي، سندس اصل جاني دشمن يعني سندس قوم جا عوام اهڙو زور وٺي وڃن، جو مرڪو سندس غلاميءَ جو ڳٽ ئي هٽي پڃي پورا ڪري رکن. اِن ڪري هو ڏارئين رقيب تي پرپور وار ڪرڻ نٿو ڏئي.

وڏيرڪي قومي جدوجهد جو دارومدار

وڏيرڪي قومي جدوجهد جو دارومدار وچين طبقي تي هوندو آهي. اُن جدوجهد جي اڳواڻي وڏيرو طبقو پاڻ ڪندو آهي.

وڏيرڪي قومي جدوجهد جا ساٿي

وڏيرڪي قومي جدوجهد ۾ وڏيرو طبقو چوٽي وچين طبقي اهي پڙهيلن، ڪاريگرن، آبادگارن، چوٽڙو وڏيرن وغيره کي پنهنجو چوٽو پائيوار ڪري ڪٽندو آهي.

عوام وچان ساٿهو ۽ ٽولا ٽوڙڻ

صدين جي غلاميءَ سبب عام طرح پورهيت عوام اهڙا هوشيار ۽ چالاڪ نٿا ٿين. منجهن ايتري پڌي ڪاڻ هوندي آهي. منجهن ڏارئين دشمن ۽ اندروني دشمن يعني وڏيري طبقي جا ڦهلايل رجعت پرست ۽ عوام۔دشمن خيال گهر ڪري ويٺا هوندا آهن. سندن پاڻ ۾ ڪيترا تڪرار، ٽڪر هوندا آهن. وڏيرو طبقو پنهنجي ساٿي وچين طبقي ۽ چوٽي وچين طبقي مان پرتي

ڪيل ڪمدارن ۽ دلالن جي واهر سان، انهن حالتن جو مڪمل فائدو ونڻ، عوام جي قوت وڌائيندو ۽ وڌيڪ اُونهي ڪندو آهي ۽ سندن سمجهه کي مڌو ڪندو آهي. اُن کان سواءِ، هو سڀ کان پهرين عوام جي سجاڳ ۽ اڳتي وڌيل مجاهد ٽولن کي مختلف بهانن سان عوام کان ڪاٽي، اڪيلو ڪري، ڪچلي ڇڏيندو آهي. ان کان پوءِ جڏهن عوام پنهنجي سجاڳ اڳواڻ دوستن جي اڳواڻيءَ کان محروم ٿي، بي يار و مددگار ٿي ويندو آهي، تڏهن هو کين دٻائي، ماري پنهنجي پيرن جي خاڪ ڪندو آهي ۽ کين بنا ڪٽڪي ڦرندو لٽيندو رهندو آهي.

وڏيرڪي جدوجهد جي تنظيمي پاليسي

وڏيري طبقي جي تنظيمي پاليسي ۾ سندس مقصدن وانگر پچاپڙي هوندي آهي. هو ٻن قسمن جون تنظيمون قائم ڪندو آهي- هڪڙي اصلي، ٻي نمائشي ۽ نقلي. سندس اصلي تنظيم اُها وڏيرڪي ڳجهي تنظيم آهي، جا صدين کان هلندي اچي. اُن ۾ فقط وڏيرا شامل هوندا آهن. شادين مرادين، مرڻ پرڻ تي انهن جون ميٽنگون ٿيندیون رهنديون آهن. سڀ فيصلا اوطاقن اندر، بند ڪمرن ۾، ڳجهي نموني ٿيندا آهن، جن جي ٻاهر ٻاڦ به ڪانه نڪرندي آهي. ٻي تنظيم ظاهري ۽ نمائشي هوندي آهي. ان جو مقصد عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي، وڏيرن کي اليڪشن ذريعي اقتدار جي ڪرسيءَ تي پهچائڻو هوندو آهي. اُنهن نقلي ۽ نمائشي جماعتن جا نالا بدلبا رهندا آهن. ڪڏهن اُنهن کي مسلم ليگ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، ته ڪڏهن وري ريپبليڪن پارٽي وغيره. پارٽين جو مالڪ ساڳيو طبقو هوندو آهي، فقط ليبل بدلبا رهندا آهن. اُهي تنظيمون ڪاغذي ۽ ڪوڪليون هونديون آهن. ماڻهو پائيندا آهن ته اُها انهن تنظيمن جي ڪمزوري ۽ مجبوري آهي. پر حقيقت ۾ ائين ناهي. انهن کي چاڻي واڻي ڪوڪلو رکيو ويندو آهي، ته جيئن انهن تي عوام جو قبضو مضبوط نه رهي ۽ اهي وڏيري طبقي جي هٿ مان نڪري نه وڃن. وڏيرڪيءَ تنظيم ۾ جماعت ڪجهه به نه هوندي آهي، فقط وڏيرو قومي ليڊر سڀ ڪجهه هوندو آهي. هو اهو بندوبست انهيءَ لاءِ رکندا آهن ته وقت اچي ته ان عظيم اڳواڻ جي نالي ۾ جماعت کي جهڙي نموني وٽي اُهڙي نموني ڪتب آٽي سگهجي. عين وقت تي، جماعت ۽ عظيم اڳواڻ جي نالي ۾، قوم ۽ قومي ڪارڪن جا تختا ٻ ڪيڊي سگهجن. اليڪشن تائين انهن پارٽين ۾ وچين ۽ هيٺين وچين طبقي مان ڪيترا قلم باز، بيان باز ۽ چاڑي باز ماڻهو پرتي ڪري وڏيڪاءُ لاءِ اهم عهديدار بنائي رکيا ويندا آهن. پر سندن حقيقي ڪم پٽن ۽ مڱٽهارن وانگر وڏيرن جي شان ۾ قصيدا ۽ مداحون پڙهڻ ۽

مخالفن کي گاريون ڏيڻ هوندو آهي. اليڪشن تائين کين ٽيڪگرون ڏيئي، خوب کارائي پياري ۽ پٽ ٽپري، لئي ۾ رکيو ويندو آهي. وڏيرا ميسڻا ٽي سندن ٻنيان ٻنيان هلندا آهن. وچين طبقي جا پٽ ۽ مگڻهار قوند ۾ پرجي هلندا آهن ۽ سمجهندا آهن ته لهي اپري ئي اسان تي پيو. اليڪشن کان پوءِ، وڏيرا ڦري، قوم جا چونديل عيوضي ۽ پارٽي اڳواڻ ٽي پوندا آهن، ۽ سندن وڏيرکي حڪومت ڦري، عوام جي حڪومت ٽي پوندي آهي. وچولي طبقي جا قلم باز ۽ جاڙي باز سورما عادت موجب ڪجه پوز هڻندا آهن. پر جلد ئي کين ذهن نشين ڪرايو ويندو آهي ته "هاڻي وڏيرا پاڻ سرڪار ٽي چڪا آهن، هاڻي کين پٽڻ ۽ مگڻهارن جي ضرورت ڪانهي. سپ ڪو ڪک پن ٽي وڃي، نه ته پارٽيءَ جو غدار ۽ عوام جو دشمن ٽي پوندو، ۽ بچڙو ٽيندو!"

وڏيرکي جدوجهد جا طريقا

وڏيرکي جدوجهد جلسن جلوسن ۽ اخباري بيانن تائين محدود هوندي آهي. هو ڪوبه اهڙو طريقو اختيار نه ڪندا آهن، جنهن مان هڏ جوکي جو انديشو هجي يا جنهن مان عوام جو من وڏي وڃي هو ايترو زور ونڊي وڃن، جو اٽلو کين ڳڇيءَ کان ونڻن. ان ڪري هو عوامي جدوجهد کان ڪوهين پري پڇندا آهن، ۽ قومي مخالفن کي فقط زبان ۽ قلم جي مار ڏيندا آهن. سندن پاليسي هوندي آهي ته "لعل بہ ليپي ۽ پريت بہ رهجي اچي"، يعني عوام کي ٻلو بنائي، قومي سورما بنجي، اقتدار بہ ونڻون ۽ قومي مخالفن سان صفا دنگ بہ نہ پوي. چو ته سپاٽي جڏهن "ڪم لٽو ڪاگر ڦاٽو" وانگر، عوام مان ڪم ڪڍي، کين وري موچڑا هٽي، سڏو ڪرٽو پوندو، تڏهن اهي ڏاريان مخالف ٽي ته ڪم ايندا! اصل اتحاد ته انهن سان ٽي ڪرٽو آهي ۽ اصلي جنگ ته عوام سان ٽي آهي! قومي جدوجهد ته رڳو نالو هوندو آهي. دراصل مقصد هوندو آهي مخالف کي عوام جو پؤ ڏيکاري، ٽورو نرم ڪري، ڪانئس ڦر جي مال مان پنهنجو پورو حصو پتي ونڻ، يعني "ڦر ڏيکاري جر ڪٽڻ." پس پيش وڏيرا ۽ قومي مخالف پاڻ ۾ پائي پائي ٽيو وڃن، ۽ عوام "ڪُتيءَ سان بہ ڪارا ٽيا سين، ڳلر بہ ويا پنهنجي گهر" وانگر، وڙهي، ڦرجي، مارجي گهر مسيت ڪري، پچاڙيءَ جو سڪٽي گندي ڪلهي تي رکي، وڃي گهر پيڙا ٽيندا ۽ ساڳي ماني ساڳ سان کائيندا.

اهو آهي وڏيرکي قومي جدوجهد جو نظريو، ان جو مقصد ۽ ان جا نتيجا.

["تحريڪ" ـ مئي، 1973ع]

قومي جدوجهد جو سنڌي وچين طبقي وارو نظريو

1_ وچئون طبقو (Bourgeoisie) هڪ خاص معنيٰ رکندڙ سائنسي لفظ يا فقرو آهي. ان جي عام (Popular) معنيٰ ته ٿي اُهو طبقو، جو نہ اجايو غريب هجي ۽ نہ اجايو شاهوڪار. پر سماجي سائنس جي ٻولي ۾ ان جي معنيٰ آهي هارين، مزدورن ۽ وڏن زميندارن جي طبقن کانسواءِ سماج جا ٻيا سڀ طبقا. وچين طبقي ۾ سرمائيندار، سفيد پوش ۽ مڇي مانيءَ وارا (غير هاري، غير مزور ۽ غير زميندار) سڀ ماڻهو اچي وڃن ٿا.

2_ دنيا جي تاريخ کي پڙهبو، ته معلوم ٿيندو ته دنيا جي وچين طبقي جي سموري تاريخ قوم جي پورهيت عوام سان دغا، دوکي ۽ غداريءَ جي تاريخ آهي. جنهن ٻ قوم وچين طبقي جي اڳواڻيءَ هيٺ آزاديءَ جي جدوجهد ڪئي آهي، سا ڪڏهن ٻ پر ماريءَ ۽ وڏيرا شاهيءَ کان مڪمل ڇوٽڪارو حاصل ڪري، باعزت ۽ شاندار قوم نہ ٿي سگهي آهي. اهي قومون سدائين مرضن ۾ ورتل هونديون آهن ۽ پيون چنگهنديون آهن. اُن جا تازا مثال هندستان، انڊونيشيا، مصر، عراق، شام، الجزائر، مراڪو، سيلون ۽ ٻيا ايشيائي آفريڪي ملڪ آهن. انهن ملڪن جي وچين طبقي ڪافي قربانيون ڏنيون، ۽ نهرو، ناصر ۽ سوئيڪارنو جهڙا مشهور ليڈر پيدا ڪيا. پر پنهنجي طبقائي فطرت سبب هن ملڪن جي وچين طبقن عوام مان ڪم ڪڍي، ساڻن دغا ڪئي، ۽ انهن ملڪن ۾ صحيح عوامي جمهوري راج ۽ سچي پچي عوامي حڪومت جو خواب ٿو ٿي پيو. عوام آهي ئي ڏکن ۾ ۽ دربدر آهن. (جن ملڪن جي وڏيرن ۽ جاگيردارن سامراجين سان سازباز ڪري، نالي جي ڪوڙي آزادي ورتي، تن جو مثال پاڪستان آهي. انهن جو ذڪر ئي اجايو آهي.) وچين طبقي چانگ ڪيائي شيڪ، سنگمن ري، نگودين ديم، مارشل ٽيو، مارشل ٽناريت ۽ جنرل موبوتو جهڙا "جڙتو قوم پرست" سورما پيدا ڪيا، جي وات سان "قوم قوم" ڪندي، وطن دشمن جا شڪاري ڪتا ٿي قومي قاتل بنجي ويا. گذريل ڪجھ صديون يورپ ۽ آمريڪا جي وچين طبقي

اتان جي پورهيت عوام کي ڏٽا ڏنا ۽ وڏيرا شاهيءَ ۽ جاگيرداريءَ کي ڌاهي، عوامي حڪومت قائم ڪنداسين. انهن ڏٽن تي هُن عوام کي اتاري، اُنهن هٿان وڏيرا شاهيءَ جون پاڙون پٽيون. پوءِ عوام جي حڪومت جي جاءِ تي وچين سرمائيندار طبقي پنهنجي ڊڪٽيٽر شپ قائم ڪري چڏي، ۽ پورهيت عوام هڪڙي ظالم طبقي جو ڳٽ ڳچيءَ مان ڪڍي، وري ٻي ظالم جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسندو ويو، ۽ ايڏا تائين ان مان نڪري نه سگهيو آهي.

جرمنيءَ ۾ نازين ۽ اٽليءَ ۾ فاشزم جي وبائن جا باني چوٽي وچين طبقي جا ماڻهو هئا. اهو طبقو ئي اُنهن عوام-دشمن ۽ آدم خور تحريڪن جي پيڙهه هو. اڄ يورپ ۽ آمريڪا ۾ اهو ئي طبقو سامراج جو وڏي ۾ وڏو حامي آهي، جو سامراجين جي هر بدمعاشيءَ جو وڏي واڪي ساٿ ڏئي ٿو.

3- سنڌي وچين طبقي ۾ هيٺيون خاصيتون آهن.

(1) سنڌ ۾ مٿيون وچون طبقو نه هئڻ جي برابر آهي. دنيا جي سرمائيدار ملڪن ۾، جن ماڻهن کي سرمائيدار ۽ ڪارخانيدار ليکبو آهي، اهڙو ماڻهو سنڌ ۾ هڪڙو ٻه ڪونهي. نه رڳو ايترو، پر اسان وٽ سواءِ هارون فيملي جي ٻي ڪا به اهڙي فيملي ڪانهي. جنهن کي پاڪستان جي ٻين چوٽيءَ جي ڪارخانيدارن ۽ سرمائيدارن سان پيٽي سگهجي.

(2) سنڌي هيٺيون وچون طبقو ڪمزور ٻالپٽيءَ ۾ آهي. سنڌ جو وچون ۽ هيٺيون وچون طبقو اڳي هندو هئا. انهن جي وڃڻ کري سنڌ ۾ وچون طبقو جڙ گم ٿي ويو. گذريل 25 سالن ۾ وچين طبقي ۾ جيڪا پرتي ٿي آهي، تنهن جا پيرا ايڏا بلڪل ڪچا آهن. ان ڪري هو وڏيرن جي سهاري هلڻ گهري ٿو يا سنڌ-دشمن پناهگير-پنجابي سامراج جي. هن طبقي ۾ طبقاتي ٻڌي ۽ طاقت جو احساس نه هئڻ جي برابر آهي. هيءُ تمام گهٽو وقت انگريز ۽ پناهگير-پنجابي سامراجيت جو غلام رهيو آهي. تنهن ڪري هو ذهني طرح بي حد، بزدل ۽ غلام آهي.

(3) انهيءَ ڪري سنڌي وچون طبقو عوام-دشمن آهي. سندس مڪيه ٽڪر ۽ تضاد سنڌي عوام سان آهي. هو ايڏا تعداد ۾ يا مالي يا ذهني حيثيت سان ايترو وڏيو ويڇهيو ڪونهي، جو هو وڏيري طبقي سان ٽڪر ۾ اچي. ٻئي طرف هو شروع کان ئي انگريز آقائن، سنڌي وڏيرن، پناهگير-پنجابي پُرمارن جو دلال ٿي، ساٽن پيش ٻنجي، سنڌي عوام کي ڦريندو ۽ لٽيندو رهيو آهي. ڪاموري، واپاري، وڪيل، ڊاڪٽر، ڪاريگر ۽ سُڪئي ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ هو عوام کي لٽي، پيڙي، پنهنجن آقائن سان گڏ جاوا ڪري ٿو. هن طبقي جي پڙهيل شاگردن مان ئي اُها رهزن پوليس ۽ ڪاموراشاهي پيدا ٿي آهي، جنهن وڏيرن ۽ سامراجين سان جُٽ ٿي، سندن اشاري تي توڙي پنهنجي دليان،

سنڌي عوام جي زندگي موت جي برابر ڪري ڇڏي آهي.

(4) هن طبقي جا پناهگير-پنجابي پر مارن سان تضاد ايڏا اونها ۽ بنيادي نہ ٿيا آهن. هو پر ماريت ۽ وڏيرا شاهيءَ کي سياسي ۽ اقتصادي طرح بلڪل بي دخل ڪرڻ نٿو گهري. در حقيقت هن جي ڪمزور طبقاتي پوزيشن جا سارو دارومدار انهيءَ ڳالهه تي آهي ته سنڌي عوام وڏيرا شاهيءَ ۽ پرماريت هٿان اهڙا هيڪاَ ۽ بيوس هجن، جو وچين طبقي جي ٽيڪگر ۽ قرلٽ ۽ دست اندازي نہ ڪري سگهن. هو فقط قرلٽ جي مال ۾ پنهنجي حصي وڌائڻ جي خواهش ته رکي ٿو، پو هو اُن لاءِ ڪابہ سچي پچي جدوجهد ڪري، پنهنجن آقائن يعني پرمارن ۽ وڏيرن کي ڪاوڙائڻ نٿو گهري. هو پاڻئي ٿو ته سنڌي عوام پلي ڪجه گوڙ ڪري، وڏيرن ۽ پرمارن جي ٽورڙي لئي گهٽ ڪن، ته جيئن وڏيرا ۽ پرمار ڏجي، ڪيس اهميت ڏين ۽ سنڌي عوام مان ڪيل قرلٽ جي مال مان ڪيس اڳي کان وڌيڪ پتي ملي.

(5) سنڌي وچين طبقي جو پڙهيل طبقو، سياسي ۽ سماجي طرح، اڻ پڙهيل عوام جي پيٽ ۾ رجعت پرست آهي، ۽ قومي جدوجهد هلائڻ ۽ اُن ۾ صحيح نموني. پرپور حصي وٺڻ لاءِ تيار ڪونهي. اُن جا هي سبب آهن:

(الف) ارغون، ترخان، مغل، ايراني ۽ انگريز سامراجين، هندو سرمائيدارن، سنڌي وڏيرن ۽ پنجابي- پناهگير پرمارن جي سازش سبب، سنڌ گذريل سوين سالن کان عملي طرح دنيا کان ڪٽيل، "هڪ اونداهو پيٽ" پئي رهي آهي. انگريزن کان اڳ، جيڪي مٺ جيترا ماڻهو پڙهيا، تن وڌ ۾ وڌ منشي، آخوند، ملون يا خسيس ڪاموري بنجڻ جي تعليم حاصل ڪئي. جن کي اڄ عظيم عالم ۽ داناءُ سڏي، لکين رپيا خرچي، سندن ڪتاب چپائي، عوام تي مڙهجن ٿا، سي معمولي قسم جا نيم ملان هئا- جهڙوڪ محمد هاشم ٺٽوي وغيره، جن تي اسلامي دنيا جي عظيم مفڪرن، عالمن، سائنسدانن ۽ قانوني ماهرن جهڙوڪ ابن العربي، بوعلي سينا، ابن خلدون، المعري، عمر خيام، ابو حنيفہ وغيره جي علمي گهرائيءَ ۽ عظمت جو پاڇو بہ ڪونہ پيو هو.

(ب) انگريزي دور ۾ بہ تعليم اڻ لپ، مهانگي، پري ۽ انگريز پرستيءَ ۽ وڏيرا شاهيءَ جي رنگ ۾ رکيل هئي. گهٽو چيهہ ٽيو ته ماڻهو عليگڙهہ جهونا گڙهہ ويندا هئا، جي رجعت پرست، جاگيرداريءَ جي تعليم جا اڏا هئا. پہ چار وڏيرن جا پٽ انگلينڊ ويا ٿي، ۽ جيئن چوندا آهن "عيسيٰ جو گڏهہ مڪي مان ٿي ايندو، تہ بہ گڏهہ جو گڏهہ هوندو"، تيئن هي بہ جهڙا وڏيرا هئا تهڙا ئي موٽيا ٿي. ڪي مسڪين اتفاق سان اسڪالر شپ تي ٻاهر ويا، تہ بہ نوڪريءَ جي فڪر ۾ لٻبرين ۾ ئي دفن رهيا، ۽ فڪر جي نون انقلابي وهڪرن کان پري رهيا.

(ت) جيڪي ٿورڙا پڙهيل يورپ جي نئين انقلابي سماجي فڪر ۽ سوچ کان واقف ٿيا، تن جو سماجي مطالعو ۽ ارڙهين صديءَ تائين اچي ختم ٿيو، ۽ اٽويهين ويهين صديءَ جي انقلابي فڪر مان هن فقط ٻٽي ترقي پسند نعرا سکيا، جن تي سندن ڪوبه ايمان ڪونه هو. اُهي نعرا ۽ هندستان، خاص ڪري يو-پي ءَ جي جاگيردار طبقي جي نام نهاد اڌ پڙهيل انقلابين يا ڪانگريسين جي ادب مان سکيا يا يورپ جي نام نهاد باغي ادبين ۽ مفڪرن کان سکيا. اهي باغي وڌ ۾ وڌ سرمائيدار جمهوري قدرن جا حامي ۽ فاشزم جا ذهني مخالف هئا، بس. عملي طرح هن جي تعليم غير عوامي ۽ غير انقلابي هئي. اُن تعليم جو مرڪزي نقطو هو، وچين طبقي واري "آءٌ"، "آءٌ ههڙو! آءٌ ههڙو!" باقي پورهيت عوام ڪجھ ناهن.

(ث) جيڪي اگرين تي ڳٽڻ جهڙا ڪن خاص علمن جا معمولي ڄاڻو پيدا ٿيا، تن جي اکين تي ۽ وڏيرڪي ۽ سرمائيداري سوچ ۽ فڪر جا ڪوپا چڙهيل آهن، ان ڪري هو هڪڙي ننڍي خول ۾ قيد رهجي ويا آهن ۽ اڳتي وڌي نه سگهيا آهن.

(ج) وچون شاگرد طبقو علمي طرح تمام پوئتي پيل آهي. هو دنيا جي بين الاقوامي ٻوليءَ، انگريزيءَ ۾ سخت ڪمزور آهي. 'جيئي سنڌ' جي نعري هٽڻ جي عيوض هن پاڻ کي مطالعي کان موڪل ڏيئي ڇڏي آهي ۽ هر مسئلي جو حل فقط نعري بازيءَ کي سمجهڻ لڳو آهي. ڪيس دنيا جهان جي ڪاب خبر ڪانهي. منجهن پنهنجي دليان پڙهڻ، سمجهڻ ۽ سوچڻ جي قوت پيدا نه ٿي سگهي آهي.

(ح) سنڌ ۾ ويجهڑائيءَ ۾ ڪي به خاص وڏيون بنيادي سماجي اٿلون پٿلون، جهڙوڪ جنگ، خانه جنگي، ڏڪار ۽ پاڻ وغيره جهڙيون حالتون پيدا نه ٿيون آهن، جيڪي قوم کي ڏونڊاڙي، دقيانوسي سوچ جي ڪوڙڪيءَ مان آزاد ٿيڻ تي مجبور ڪنديون آهن.

(خ) سنڌي پڙهيل طبقو دنيا جي انقلابي ۽ سماجي وهڪرن کان ڪٽيل آهي. ڪيس دنيا جي علمي، فڪري ۽ سائنسي واڌارن جي ڪاب خبر ڪانهي. دنيا جي بين ٻولين جا ڪجھ ڪتاب ۽ ادب فقط اردوءَ ۾ ترجمو ٿين ٿا. انهن کي عام سنڌي پڙهيل چگيءَ طرح پڙهي نٿو سگهي. اردوءَ جي آڙ ۾ ٽيل بدمعاشين ڪري جيڪي ٿورا گهڻا سنڌي اردو پڙهي سگهندا هئا، سي به ان کان بيزار ٿي ويا آهن. هاڻي سنڌي پڙهيل طبقي جي ڪل موڙي ۽ ڪائنات وڃي ٻه چار سنڌي چوپڙيون ۽ ٻه چار رسالا رهيا آهن. انهن ۾ ٻي دنيا ته نهيو پو رڳو پاڪستان جي بين علائقن بابت پورو سُڌ سماءُ به ڪونه هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ سان ماڻيجي ماءُ وارو ورتاءُ، جيڪو ون يونٽ جي دور

کان ٿيندو رهيو آهي اُهو ايڏا تائين جاري آهي، ان کري سنڌيءَ ۾ انقلابي علمي ته نهيو پر عام علمي ڪتابن جي اشاعت ۾ بنهه نه جهڙي پئي رهي آهي. انهن سببن جي ڪري سنڌي پڙهيل طبقو، خاص ڪري شاگرد جهالت جي ڏبڻ ڪنو پيو آهي.

(6) وچين طبقي جي اديب، شاگرد ۽ دانشور جو ٽولو ننڍڙن ٽولن ۾ ورهايل آهي. جن مان ڪي ٽولا پرمارن جي خدمت ڪن ٿا، جيئن جماعت اسلامي پناهگير-پنجابي، نعپ ۽ پين نقلي ترقي پسند پرمارن جا حامي پڙهيل سنڌين جا ٽولا. ڪي سرڪاري وڏيرن ته ڪي غير سرڪاري وڏيرن جي خدمت ڪن ٿا. هڪڙو ننڍڙو ٽولو پرمارن ۽ وڏيرن سان لاڳاپا ٽوڙي، خالص سنڌي عوام ۽ سنڌي قوم جي خدمت ڪرڻ جا لاڙا رکي ٿو. انهيءَ پوئين ننڍي ٽولي ۾ به هڪڙا اُهي آهن، جيڪي ايجان ۾ عوام جي معنيٰ چوٽو وچون طبقو سمجهن ٿا. جيتوڻيڪ هو سعيو ڪري سنڌي عوام جي دشمن طبقي سان ناهن، پر پوريءَ طرح سنڌي پورهيت عوام جي پرپور حمايت ۾ نٿا ڪن ۽ انهن سان ملي هڪ ٿيڻ ۽ انهن جي پويان هلڻ لاءِ تيار ناهن. هن تي يورپ ۽ آمريڪا جي وچين طبقي جي نام نهاد باغي ادبين ۽ دانشورن جو اثر آهي. ڪين عوامي جدوجهدن ۽ انقلابن جي سائنس، فلسفي، تاريخ ۽ تجربي جي ڄاڻ ناهي. ان ڪري هو ڪڏهن پورهيت عوام طرف آهن ته ڪڏهن سنڌي عوام جي دشمن جي پاسي.

(7) قومي جدوجهد ۾ وچين طبقي جو ڪردار "ساڌن سان سنمک پئنچن سان پورو"، "ماسي ورائي، دم پنهنجي دم پرائي!" جي چوٽين وانگر ڦرٽو گهرٽو، بي پروسي جهڙو ۽ موقعي پرست آهي. هو پائئي ٿو ته "ساوا ڪک ۽ چران ۽ مينهن جي ڦري ۽ نه سهان." ان ڪري هو اتحلن ۽ زباني جمع خرچ وسيلي لئي ڪرڻ گهري ٿو. ان لاءِ هن جو هٿيار آهي وات جا ٽڪاءَ هڻڻ. هو چاڙي بازي، قلم بازي ۽ بيان بازيءَ وسيلي عوام وٽ ڦڙپاتيون هڻي، ڪين ڪاڻ ڪلهي تي ڪٽائي، ڏکيءَ مهل پاڻ ڳولي ٿيو وڃي. جيئن ته سنڌي عوام سندس انهن افعالن سبب مڪمل پروسو ڪري، ڪيس پنهنجو اڳواڻ ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، ۽ جيئن ته هي طبقو پاڻ ۾ اڳواڻيءَ لاءِ گهربل جاکوڙ ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي، ۽ منجهس اُها لياقت ۽ پهچ. ۽ ڪانهي، تنهن ڪري هو وچائين ٽيون گس وٺي ٿو. اهو هيءُ ته هو ڪنهن نه ڪنهن وڏيرڪي فردي ٽولي جي شان ۾ قصيدا پڙهي ۽ سندن لنڊيون خوشامدون ڪري، ڪيس آسمان تي اڏائي ٿو، ۽ ماٺهن کي برغلائي، ڪين اکيون پوتي، ان وڏيري اڳواڻ يا ٽولي پويان پوڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هڪڙي ڏڪ سان هو به شڪار ڪرڻ ٿو گهري. هڪڙو ته هو فقط ڦڙپاتين وسيلي پنهنجي آقا ۽ مالڪ طبقي

وٽ ميان منو بنجي پاڻ وڙائڻ گهري ٿو. ٻئي طرف هو سواءِ ڪنهن قرباني ڏيڻ جي، نام نهاد قومي اڳواڻ جي معرفت، سندس دربار ۾ سرويچ ۽ سرفروش عوام کان ڏهه صفون اڳتي جڳهه ۽ مرتبو حاصل ڪري، قوم جي ڪنڈ تي سوار ٿيڻ گهري ٿو. يعني وات جي ٽڪائن سان جانباز قومي سورمو ۽ اڳواڻ بنجي، قومي جي اڇي ڪاري جو مالڪ ٿيڻ گهري ٿو.

سنڌي وچين طبقي جي قومي نظريي جا بنيادي ارڪان هي آهن: (1) قومي يعنيٰ آءٌ. چو ته آءٌ پڙهيل آهيان. مون کي سڀ خبر آهي ۽ سڀني جو فڪر آهي. (2) عوام جاهل ۽ غافل آهن. انهن کي ڪا به خبر ڪانهي. (3) عوام جو ڪم آهي ته منهنجي دلپسند وڏيري پويان هلن. جتي آءُ ۽ وڏيرو چئون، اتي گوڙ ڪن. (4) ڪم لهڻ کان پوءِ مال غنيمت وڏيري ۽ منهنجي حوالي ڪري، پاڻ ماڻ ڪري وڃي گهر ويهن. آءٌ ۽ وڏيرو پاڻيهي حساب ڪري، سڀني جي سار سنڀال لهنداسين. جيڪو اسان جي فيصلي تي اعتراض ڪندو، سو قومي غدار آهي. (5) وڏيري جو ڪم آهي ته عوام کي ڏتا ڏيئي، مڙي، اماڻي چڏي. وڏو اڏ پاڻ ڪٽي. ننڍو مون کي ڏئي. ان ۾ بي ايماني ڪندو، ته آءٌ ٻين وڏيرن سان گڏجي سندس ڪم لاهيندس.

قومي جدوجهد جي تاريخي تجربي ٻڌائيون ٿابت ڪيون آهن: پهرين هي ته قومي جدوجهدون اُهي ۽ فقط اُهي صحيح معنيٰ ۾ ڪامياب ٿين ٿيون، جن جي اڳواڻي اُن قوم جي پورهيت ۽ مزدور طبقي جي هٿ ۾ آهي ۽ نه وڏيرن ۽ وچين طبقي جي. ٻيو ته وچين طبقي جا فقط اهي ماڻهو قومي جدوجهد سان وفادار رهي، جوڙ نپائين ٿا، جيڪي، ويٽنام، اتر ڪوريا، چين ۽ ٻين انقلابي قومن جي وچين طبقي مان اپريل انقلابي ڪارڪن وانگر، پنهنجي وچين طبقي جي ذهنيت، رهڻيءَ ڪهڻيءَ، ماحول ۽ سوچ کي ترڪ ڪري، قوم جي وڏيءَ اڪثريت ۽ بنيادي قوت هارين ۽ مزدورن سان ملي، هڪ ٿي وڃن ٿا، ۽ سچيءَ دل سان انهن جي اڳواڻي قبول ڪري، اُنهن جي صفن ۾ ڪلهو-ڪلهي ۾ ملائي، جدوجهد ڪن ٿا.

اسان جي وچين طبقي، خاص ڪري ننڍي وچين طبقي ۾، هيڻان ۽ گهٽي پرتي ٿي آهي. غريب هاري وڏي پنهنجي ٻنيءَ ٽڪر وارا سُڪيا آباد گار ٿيا آهن، نوڪر پنهنجن ننڍڙن دڪانن ۽ ڪاروبار جا مالڪ ٿيا آهن، مسڪين جا پٽ پڙهي ڪامورا ٿيا آهن يا ٻئي ڪوئي چوٽي وچين طبقي ۾ داخل ٿيا آهن. اُنهن پنهنجي غريب پورهيت طبقي کي ترڪ ڪري، وڏيرن ۽ وچين طبقي جي پٽ ورتي آهي، ۽ پائين ٿا ته انهن جا دلال بنجون ۽ عوام جي ڦرلٽ مان موجون ماڻيون. انهن ۽ ٻين وچين طبقي جي ايماندار ۽ وطن دوست ماڻهن لاءِ هن وقت فقط ٻه دلال ٿين، ۽ ڪوڙي قوم پرستيءَ جو ڊونگ

رچائي، سنڌ جي پورهيت عوام خلاف پنهنجي جنگ جاري رکن، يا وري وڏيري، شاهوڪار ۽ وڏي ماڻهن ٽيڻ جو اجايو حرص ترڪ ڪري، عوام ڏانهن موٽ کائين ۽ سندن اڳواڻيءَ هيٺ نهنائيءَ ۽ صدق دليءَ سان قوم جي چوٽڪاري، سک ۽ ترقيءَ لاءِ لمبي، ورن وڪڙن واري ڪٺن مگر شاندار جدوجهد ۾ پنهنجي جاءِ والارين.

وچان ڪوبہ ٽيون رستون ڪونهي. هر هڪ ماڻهوءَ کي پنهنجي لاءِ فيصلو ڪرڻو آهي تہ هو ڪنهن سان گڏ مرڻ جيئڻ چاهي ٿو۔ سنڌي پورهيت عوام سان يا سندس ازلي ويرين وڏيرن ۽ پرمارن سان.

["تحريڪ"۔ آگسٽ، 1973ع]

”کوڙو ٽون ڪفرسين، ڪافر م ڪوٺاءِ“

مڪيہ تضاد:

پاڪستان جي مائھن منجھ ڪيترائي تضاد ۽ ٽڪر آھن پر موجوده حالتن ۾ سڀ کان وڏو تضاد پاڪستان جي مظلوم قوميتن-سنڌين، بلوچن، پٺاڻن، ۽ ظالم قوميت يعني پنجابين ۽ پناھگيرن جي وچ ۾ آھي. اھو اڄوڪي پاڪستان جو بنيادي ۽ مکيہ تضاد ۽ مکيہ ٽڪر آھي جيستائين اھو تضاد حل نہ ٿيو آھي، تيستائين حڪومت ايوب جي ھجي يا يحيٰ جي، محمد عليءَ جي ھجي يا غلام محمد جي، کھڙي جي ھجي يا پٽي جي، جماعت اسلاميءَ جي ھجي يا ڪنوينشن مسلم ليگ جي، اُھا پاڻ کي بنيادي جمھوريت سڏائي يا اسلامي سوشلسٽ، ڳالھ ذري گھٽ ساڳي رھندي.

ڇھ سنڌ- دشمن ٽولا:

سنڌي قوم جي حق پرست انقلابي وطن-دوست جدوجھد جي ڇھ ٽولا توڙ کان، سر ڏڙ جي طاقت سان، مخالفت ڪري رھيا آھن:

1- سنڌيَ عوام تي ظلم ڪندڙ وڏو سنڌي زميندار ۽ سنڌي ڪامورن جو ٽولو.

2- سموري ملڪ تي چانيل وڏن فوجي ۽ سول آفيسرن جو ٽولو، جو لا ائنڈ آرڊر قائم ڪرڻ ۽ انتظام ھلائڻ جي آڙ ۾ ملڪ کي غلام بنائي ۽ ڦري لٽي ٿو.

3- پنجاب ۽ ڪراچيءَ جو وڏو زميندار ۽ سرمائيندار ٽولو، جو نظريي پاڪستان جي آڙ ونيو، پاڪستان جي مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن کي غلام رکيو ويٺو آھي.

4- وڏن زميندارن ۽ سرمائيدارن جو ايجنٽ مودودي‌ءَ جھڙن ملن جو ٽولو، جو اسلام کي آڙ بنائي، عوام تي پنھنجي رجعت پسند عوام-دشمن ڊڪٽيٽر شپ مڙھڻ گھري ٿو.

5- پنجاب ۽ يو-پيءَ جي چوٽي وچين طبقي جو اھو پڙھيل ڳڙھيل ٽولو، جو ترقي پسنديءَ جي آڙ ونيو، سوشلزم ۽ انقلاب جي نالي ۾، پاڪستاني

مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن تي يو-پي-ءَ ۽ پنجاب جي ننڍي وڏين طبقي جي فائدي وارو سرمائيدارن ۽ قومي غلامي وارو نظام مڙهڻ گهري ٿو. (اهو ٿولو بظاهر چيني ۽ روسي گروهن ۾ ورهايل آهي، پر عملي طرح پاڪستان جي مظلوم عوام خلاف سازش ۾ اهي ٻيئي گروه هم خيال ۽ ساٿي آهن:)

6- دنيا جي قومن کي ۽ دنيا جي عوام کي غلام بنائيندڙ عالمي سامراج، جنهن جي اڳواڻي آمريڪا ڪري رهيو آهي.

مٿيان سنڌ-دشمن ٿولا، پاڪستان جي مظلوم قومن ۽ مظلوم عوام جا دشمن ٿولا، ظاهري طور هڪ ٻئي کان الڳ ۽ ڪن حالتن ۾ مخالف آهن، پر حقيقت ۾ اهي هڪ ٻئي سان اٽ- لکين تندن ۽ تارن ذريعي ڳنڍيا پيا آهن. ظاهري طور اهي اڇوڪي دور جا آهن، حقيقت ۾ اهي تمام پراڻا آهن. ظاهري طور اهي اسان جي اڳيان هلن چلن ٽاڻ پر انهن جون پاڙون سنڌ، هند بلڪ ايشيا ۽ سموريءَ دنيا جي تاريخ جي پاتال ۾ پيل آهن.

سڀني کان خطرناڪ ٿولو

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ گذريل پاءُ صديءَ جي تجربي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته پاڪستان جي مظلوم قومن جي سجاڳيءَ، واڌاري، اتحاد ۽ جدوجهد جي راهه ۾ ڪوبه ٿولو اهڙي سنگين ۽ زبردست رڪاوٽ نه ثابت ٿيو آهي، جهڙو پنجون نمبر نام نهاد ترقي پسند ٿولو.

پنجابي ۽ اردو باز سنڌ-دشمن ڪاموروء وڏين طبقي جو ماٺهو ۽ سرمائيدار پاڻ کي مغل سلطنت جو اڪيلو جائنشين ۽ پاڪستان جو اصلي وارث ٿو سمجهي ۽ ٻين کي غاصب ۽ گهٽ ٿو ليکي. پنجابي ۽ اردو باز سنڌ-دشمن ترقي پسند وري پاڻ کي ترقي پسنديءَ ۽ انقلاب جو گادي نشين سمجهي ٿو. ڪيس يقين آهي ته انقلابي واٽن ۽ منزلن جي اسرارن جو ڪشف فقط کين ئي ٿي سگهي ٿو. کين ئي سپ گالهيون معلوم آهن. پاڪستان ۾ اها امانت فقط سندن گهر ۾ ئي سونهي ٿي. ٻيا سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ عوامي ڪارڪن، مريد ٿي، فيض پرائي سگهن ٿا، باقي اصي منزل تي رسي نٿا سگهن، جو حضرت موسيٰ وانگر حق جي نظاري جو تاب جهلي نه سگهندا. هو پنجابين ۽ اردو بازن جي پويان هلن ۽ سندن چانو هيٺ رهن، نه ته هو پلجي ويندا. کين وڏيرا، سرمائيدار، قوم پرست ۽ ٻيا جهنگ جا بگهڙ کائي ويندا.

اردو باز "ترقي پسند" طبقو ننڍين قومن تي پنجاب جي ظلم ۽ تشدد جي داستان پڌڻ، پڌائڻ ۽ ان جي خلاف احتجاج ڪرڻ ۽ ڪرائڻ لاءِ فراخدليءَ ۽ بهادريءَ سان تيار آهي. پر جڏهن اردوءَ جي آڙ ونڊندڙ سنڌ-

دشمن طرفان، سنڌين جي زمين، نوڪرين ۽ گذر جي وسيلن جي هٿ کس ۽ قرلٽ، ۽ اردو باز ڪامورن جي ظلم ۽ سنڌي دشمنيءَ جي ڳالهه ٿي نڪري، تڏهن هو نئيو قلابازيون کائڻ لڳن. ڪڏهن اکيون ڦرٽاريو، اڳلي تي "عوام اندر ڦوٽ وجهڻ ۽ بين الاقواميت ۽ عوامي برادريءَ جي اصولن کي ٽوڙڻ ۽ ناجائز قوم پرستيءَ جي مرضن ۾ مبتلا هجڻ" جون تهمتون ڏرين، ته ڪڏهن هاري-مزدور جا نعرا هڻي، ڪيس خاموش بنائين، ته ڪڏهن وري ڏاڍا معصوم بنجيو چون ته "ڇا ڪجي، ملڪ جو نظام ئي اهڙو آهي! حڪومت ئي اهڙي آهي!! اردو باز 'عوام' ويچاري جو ڪهڙو ڏوهه!!!"

سيني قومن جي عوام جا سمورا مفاد ساڳيا آهن؟

نام نهاد پنجابي ۽ اردو باز ترقي پسند سنڌ جي روشن خيال نوجوان طبقي کي سيکارين ٿا ته سنڌي، پنجابي ۽ اردو باز جا سمورا مفاد ساڳيا آهن، اُهي سڀ هڪ جهڙا مظلوم آهن. سيني تي سرڪار پيئي ظلم ڪري. تنهن ڪري کين ڪپي ته هڪبئي کي ڏوهه ڏيڻ ۽ هڪبئي سان وڙهڻ بدران، ٻڌي ڪري، اُن حڪومت ۽ حاڪم طبقي سان مقابلو ڪن، جيڪي سيني تي ظلم ڪن ٿا ۽ کين پاڻ ۾ ويڙهائين ٿا. اها ڳالهه هر نيڪ نيت ماڻهوءَ کي واجبي، مناسب ۽ ترقي-پسند لڳندي، پر جيئن جيئن اُن تي اونهو غور ڪبو، تيئن تيئن اها حقيقت وڌيڪ صاف ٿي ويندي ته اها ڳالهه غلط بنيادن تي ٻڌل، ٿوري سچي، گهٽي پاڳي ڪوڙي، گمراهه ڪندڙ، رجعت پرست ۽ عوام دشمن آهي. مثال طور: پهرين اها ڳالهه ته سيني قومن جي عوام جا سڀ نفعا ۽ نقصان ساڳيا آهن، منجهن ڪوبه ٽڪر ڪونهي، سا ڳالهه عام سمجهه توڙي سائنسي پرک موجب سراسر غلط آهي. تاريخ ڏيکاري ٿي ته تاريخ جي مختلف دورن ۾ مختلف قومن ۽ قوميتن مختلف پارٽ پئي ادا ڪيا آهن.

آريه قوم جا دراوڙ قوم تي ظلم، منگولن جا سڃيءَ دنيا ۾ قتل عام، افغانن ۽ مغلن جون هندستاني قومن سان تعديون، زار شاهي روسي قومن جون ازبڪن، جارجين، لٽوين، تاتارين ۽ پولن سان زيادتيون، جرمن قومن جا سڃي يورپ جي قومن کي ڏنل عذاب، آمريڪي قوم جي مجاهد ويٽنامي قوم خلاف اڳرائي، اهي سڀ هڪڙيءَ قوم جي ٻيءَ قوم سان ظلم جا مثال آهن. انهن ظلمن ۾ اڳرائي برابر سرمائيدار حاڪم طبقي ٿي ڪئي، پر ٻي سموري قوم به ذري گهٽ سچي اُن وحشانيءَ حرڪت ۾ شامل رهي ٿي. اڄ جيڪي آمريڪي بگهڙ بي هٿيار ويٽنامين تي بمباري پيا ڪن، سي سڀ سرمائيدارن جا پٽ آهن ڇا؟ هٽلر پاڻ اڪيلي سر ڪين ٿي وڙهيو! سندس ذليل پروگرام ۾ جرمنيءَ جا غريب مزدور توڙي هاري، مرد توڙي عورتون شريڪ هئا، نه ته هو

هرگز ايڏيون فوجي ڪاروايون نه ڪري سگهي ها. ان جو سبب اهو آهي ته قرمار ڪندڙ ظالم قوم مظلوم قومن کي پيڙي، جيڪي حاصل ڪري ٿي، تنهن ۾ ٿورو گهڻو حصو سڃيءَ ظالم قوم کي ملي ٿو. ظالم قوم جو ٻچو ٻچو پاڻ کي مظلوم قوم کان اوچو ۽ اعليٰ سمجهڻ لڳي ٿو. پنهنجي قوم جي فائدن کي مظلوم قوم جي فائدن کان برتر سمجهي ٿو. سواءِ ڪن آگرين تي گڻٽ جيترن ماڻهن جي، ٻيا سڀ شعوري يا لاشعوري طور، سڏيءَ يا اڻ سڏيءَ طرح، مظلوم قوم کي پيڙڻ ۽ ستائڻ ۾ حصو وٺن ٿا، ۽ ان جو عيوضو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ حاصل ڪن ٿا. مثال طور، سنڌي قوم جي زمين قبائڻ ۾ رڳو وڏن پنجابي- مهاجر سرمائيدارن، زميندارن ۽ ڪامورن حصو ڪونه ورتو آهي، پر هو ننڍو وڏو، غريب ۽ شاهوڪار اردو باز پنهنجي توفيق آهر، ڪوڙا ڪليم ٺهرائي، يا ڪٽنون ڪٽيو، پرايو مال قبائي چڪو آهي ۽ ايجان قبائي پيو. غريب توڙي شاهوڪار پنجابي، ۽ اردو باز پڇ آهر، سنڌ جي نوڪرين تي ڏاڙو هٽي ٿو. سندن ٻچي ٻچي ون يونٽ جي ساراه جا ڊڪ پريا ٿي. سيڪو پاڻ کي اسلامي خلافت جو وارث ۽ سنڌين کي جاهل ۽ گهٽ درجي جي قوم سمجهي ٿو. اخبارون پڙهي ڏسو، رسالا پڙهي ڏسو، تقريرون ٻڌي ڏسو، بازار ۾ هوٽل تي گالهائي ڏسو، ته هر پنجابي ۽ اردو باز اردوءَ کي خدا جي خاص خلقيل ۽ آب ڪوثر ۾ وهنجاريل، ملائڪن جي زبان ۽ سنڌيءَ کي ٻهراڙيءَ جي جاهلن ۽ جهنگلي ٻولي سمجهي ٿو. غريب کان غريب، حقير کان حقير، مظلوم کان مظلوم پنجابي ۽ مهاجر پاڻ کي پاڪستان جو اصلي خالق ۽ وارث سمجهي ٿو، ۽ سنڌ تي قبضو قدرت جي عين مرضيءَ موجب، جائز ۽ لازمي سمجهي ٿو.

کي نام نهاد ترقي پسند نالي ماتر گالهه مڃين ٿا. پر پوءِ وري ڦڙتي کائين ٿا. چي، "انهيءَ ۾ اسان جي عوام جو ڏوهه ڪونهي. سڄو قصور زميندارين، سرمائيدارَي نظام جو آهي. جڏهن عوام، ٻڌي ڪري، حڪومت جو نظام بدلائيندا، تڏهن اهو مسئلو ازخود حل ٿي ويندو. تيستائين هرگز نه ٽيندو." اها گالهه ائين آهي، جيئن ڪو ويٽنام جي ماڻهن کي "سهٽي" صلاح ڏئي ته "بابا اوهين ڏکڻ ويٽنام جي چاڙتا فوجن جي حملن جو مقابلو نه ڪريو، اهي ته اوهان جا پنهنجا آهن ۽ اوهان جهڙائي مظلوم آهن. ويچارا آمريڪي پگهار حلال ڪرڻ لاءِ لاچار ڪٽيو اوهان جا ڳوٺ ساڙين، اوهان جي گهرن کي باهيون ڏين، اوهان جي ٻارن ٻچن جا ڪوس ڪن ۽ اوهان مان جيڪو ملين تنهن کي ابتو ٽنگي لٽڪائن. پگهار جي مجبوري نه هجين ها ته ائين چو ڪن! هن مسڪين کي چڏي ڏيو ته پنهنجي پگهار حلال ڪري، ٻچن جو پيٽ قوت پيا ڪن. اُنهن جي گلا ٻ نه ڪريو، سندن نالو ئي نه ونو.

نڪسن اها ڳالهه چاهي ٿو ته اوهين چاڙڻا فوج جا دشمن ٿيو ۽ ان جو مقابلو ڪري پاڻ ۾ وڙهي مرو. تنهن ڪري نڪسن کي خوش نه ڪريو. پيا سڙو، مرو، پڇو، ٻڙڪ ٻ ٻاهر متان ڪڍو، نه ته ويٽنامي عوام ۾ قوت پيڃي ويندي، نڪسن خوش ٿيندو!" اسان جي نام نهاد ترقي پسند ۽ خود ساخته عوام-دوستن جي مرضي آهي ته جي ڪنهن سنڌيءَ کان ڪو پنجابي يا پناهگير زمين کسي، ڪيس ٻي دخل ڪري ڇڏي، جيڪڏهن ڪو وڏو پنجابي يا پناهگير عالم فاضل، انگريزيءَ کي ڪيڏ جي ٻهاني، اردوءَ کي زوريءَ مڙهڻ جون ٻچون ڪري، پنجابي-پناهگير ڪامورا سنڌين سان يهودين وارا ظلم ڪن، ته سنڌين کي ڪهي ته بدمعاشن کي اکر ٻ نه چون، اُنهن جي شڪايت ئي نه ڪن. رڳو ايوب يا پٽي کي ڏوٽي گاريو ڏيئي، ويهي رهن، ۽ تيسين انتظار ڪن، جيسين موجوده نظام بدلجي ۽ اُهو زمانو اچي، جڏهن پاڪستان ۾ سوشلسٽ حڪومت قائم ٿئي، سنڌ-دشمن جي دلين ۾ ڦيرو اچي. ۽ هو سنڌين کي انسان سمجهڻ شروع ڪن. ڇا هن قسم جي ڏٽن ۽ مُلان مودودیءَ جي ٻهانن ۾ ڪو ٻ فرق آهي؟ ملون مودودي ٻ ته اها ڳالهه ٿو ڪري ته "هڪڙي مسلمان قوم ٻيءَ کي ڦري ته پرواه ناهي. تيستائين ماڻ ڪري ويهو، جيسين آءٌ اسلامي خليفو ٿيان، پوءِ ڏسجو منهنجا ڪم. اوهين خدا تي رکي، وڃي ويهي رهو. هاڻ ڪچندا ته ڪافر ٿيندا." اهڙيءَ ريت ئي پنجابي-پناهگير ترقي پسند پنهنجي قوم جي ظلمن تي پردي وجهڻ لاءِ، نهايت نڪ جي ڏاڍائيءَ سان، سنڌين کي زميندارې سرمائيداري نظام ڏانهن منهن ڏيندا آهن ته "وڃي ان سان صفائي ڪريو. اسان جي ماڻهن جو ڏوهه ڪونهي."

کي سنڌ-دشمن اردو باز ٽولي جا نام نهاد ترقي پسند هڪڙي ئي ڏڪ سان سنڌين تي اردو بازن هٿان ٿيندڙ ظلمن جي ائڊريس غائب ڪرڻ چاهين ٿا. هو چون ٿا، "ابا اوهين ڇئو ٿا پنجابي ۽ مهاجر قومون اسان تي ظلم ٿيون ڪن. پنجابي ته غير قوم آهي ۽ برابر ظالم آهي. اسان جي همدردي اوهان سان آهي. باقي رهيا اردو باز. ڇڪو، هاڻي جي اسين اوهان کي ثابت ڪري ڏيکاريون ته اُهي قوم ئي ڪونه آهن، ته پوءِ اوهان جو مٿن ڪيس خارج ٿيو کي نه؟ اسين اردو بازن جي کا قوم ئي ڪونه آهيون ته ظالم قوم ڪٿان ٿينداسين؟" ائين چئي، هو وڏن عالمانه، فاضلانه دليلن سان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪريو ڏين ته اردو باز کا قوم نه آهن.

سوال ٿو اٿي ته ائين آهي چا ته قرلٽ فقط تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن اها فقط هڪڙيءَ ساڳيءَ قوم جا ماڻهو ڪن؟ قورو ڏاڙيلن کي قورو ۽ ڏاڙيلن فقط تڏهن ڪوٽي سگهبو چا، جڏهن هو فقط هڪڙيءَ قوم جا هجن؟ مختلف

قومن جي ماڻهن جي گڏيل قورو ٽولي کي ظالم ۽ جابر نہ چئي سگهبو چا؟ چاہ نادر شاہ جي ڏاڙيل سپاهين ۾ سپ ايراني قوم جا ماڻهو هئا؟ هٽلر جي قورو ۽ قاتل سپاھ ۾ سپ جرمن هئا چا؟ منجهن اٽليءَ، هنگريء، آسٽريا وغيره قومن جا سپاهي کونہ هئا چا؟ جيڪي انگريزن هندستان کي لٽيندا هئا، سي سپ انگلينڊ جا هئا چا؟ نيپئر تہ آئرلينڊ جو ويٽل هوء جا هڪ جدا قوم آهي. انهيءَ ڪري انگريزي ڏاڙيلن مان ڪري شريف ٽي پيا چا؟ مهاجر نام نهاد ترقي پسند بزرگ چون ٿا تہ مهاجر قوم نہ پر ثقافتي ٽورائي آهن. جيڪي ماڻهو ٽورا آهن، تہ اهي هروپرو شريف ٽي پيا چا؟ تاريخ ۾ ظالم ٽورايون نہ ٽيندیون آهن چا؟ هندستان ۽ چين تي جن قومن حملا ڪيا آهن، سي هندستان ۽ چين جي سوين پتيءَ جيترا بہ ڪونہ هئا! يوناني، پٺاڻ، مغل ۽ انگريز سپ ٽورائيءَ ۾ هئا. الجزائر ۾ فرينچ ڊاڪو ٽورائيءَ ۾ هئا. عربستان ۾ يهودي ٽورائيءَ ۾ آهن. آفريڪا ۾ فاشي گورا ٽورائيءَ ۾ آهن. اُهي سموريون ظالم ٽورايون ۽ اقليتون آهن، جي اڪثريت کي پنهنجي گهر ۾ چور ڪري ويٺيون آهن.

ڪڏهن وري چيو وڃي ٿو تہ "اردو باز ٽولي وارا پاڻ ڦرجي مارجي مظلوم ٽي آيا آهن. اُهي وري چا جو ظلم ڪندا هوندا!" ان جو جواب تاريخ ۾ موجود آهي. "مي فلاور" بحري جهاز ۾ چڙهي، جيڪي ڏٽڙيل، پيڙيل انگريز آمريڪا پهتا، تن مظلومن اُتي پهچڻ شرط اتي جي اصلي امريڪين جو جڙ ٻچو ناس ڪري، سڄي ملڪ تي قبضو ڪر ورتو. اڄ بہ ويچارا باقي بچيل اصلي آمريڪي، يعني ريڊ انڊين، جهنگ جي جانورن وانگر لوڙهن ۾ بند آهن. هٽلر جي دل ڏارينڊڙ وحشيانہ ظلمن جي شڪار ٿيڻ کان پوءِ، مظلوم يهودين عربن سان جيڪي ويل وهايا آهن، ۽ گهر ڏٽين کي لوڏي، مهمان مان مالڪ بنجي، ڏنڊو ڪٽيو، عربن کي دوڙائيندا وتن تنهن جو مثال اکين اڳيان موجود آهي. تاريخ اهڙن معصوم ٽولن جي داستان سان پري پيئي آهي، جن پنهنجي ملڪ مان تڙجي نڪرڻ کان پوءِ، وڃي ٻين کي پنهنجي ملڪ مان تڙجي نڪرڻ کان پوءِ وڃي ٻين کي پنهنجي گهرن مان تڙيو. ارغون بہ تہ وچ ايشيا مان لوڏجي نڪتا هئا ۽ مظلوم ٽي سنڌ ۾ آيا هئا!

هاڻي اچو تہ انهيءَ ئي قسم جي هڪڙيءَ آخري انتها درجي جي چالاڪيءَ جو جائزو وٺون. جيڪي مهاجر تمام باجهارا، تمام لائق، تمام انصاف پسند ۽ تمام 'ترقي پسند' آهن، سي چون ٿا تہ "بابا! اسين آهيون ئي سنڌي." ۽ پنهنجيءَ پر ۾ هو ائين چئي جڙ تہ سنڌين جي ستن پيڑهين تي احسان ڪريو ڇڏين. فرض ڪريو تہ سڀئي سنڌ_دشمن اردو باز اهڙا شريف ۽ لائق ٽي، پاڻ کي سنڌي سڏائڻ شروع ڪري ٿا ڇڏين. پوءِ پلا ڪهڙو فرق

پيو؟ سندين کي پلا ڪهڙو فائدو پهتو؟ مثال طور، فرض ڪريو ته ڪجھ چانديا منگسين تي حملو ڪن. هن جو سمورو مال ملڪيت لٽي وٺن، پوءِ وڏي فراخدليءَ سان اعلان ڪن ته "بابا اسين اڄ کان وٺي پاڻ کي چانديا سڏائڻ ڇڏيوم. ڪٽيو ٽا پاڻ کي منگسي سڏايون. رهيو ٻ اوهان جي پاڙي ۾ ٽا پئون. اڳتي سدائين منگسي سڏائي اوهان کي ڦرينداسون. ميان! هاڻي ته خوش ٿيا؟" ڇا ڏاڙيلن جي منگسي سڏائڻ ڪري منگسين جي ڦريل مال ۽ ملڪيت جي تلافي تي ويئي؟ ڇا هاڻ ظالم ڏاڙيل سندن پائر ٿي پيا؟ ۽ منگسين کي گهرجي ته ڏنڊ ڪڍي بيهي ڪلن ۽ خوش ٿين؟

انهن نام نهاد ترقي پسند مهاجرن جا ڪي پالیل ۽ سيکاريل طوطا وري بي بوليءَ ٽا بولين. چي، "ادا آهي ته برابر پنجابين ۽ مهاجرن ٻنهي جو ظلم. پر ٻن محاذن تي ڪيئن وڙهي سگهنداسون؟ اچو ته مهاجرن سان گڏجي پنجابين سان مقابلو ڪريون! مهاجر جڏهن سات ڏيڻ لاءِ تيار ٻ آهن، ته پوءِ پاڻ چو موقعو وڃايون!" اهو ائين آهي جيئن هڪڙو بگهڙ ۽ ٻيو چيتو ڪنهن گهيٽي کي ڦري اچن، ۽ بگهڙ ڏاڏيءَ فراخدليءَ سان، ڏاڏي بزرگ واري نموني سان گهيٽي کي چوي ته "ابا گهيٽا! اسان ٻنهي سان وڙهي ڪونہ پڃندين، تون ڏوڙي اڇي منهنجي پيٽ ۾ ويهہ، ٻيئي گڏجي چيتي سان وڙهون!"

(2)

نقلي ترقي پسند، سنڌ_دشمن ٽولي تي "عوام" جي مقدس چادر وجهي، ان کي معصوم ۽ پتيءَ پاڪ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جڏ ته قومون ۽ عوام ڪڏهن ب ظالم نہ ٿيندا آهن! مارڪس، لينن، استالن ۽ مائوزي تنگ هميشہ ظالم ۽ مظلوم قومن جي فرق کي نہ رڳو مڃي ۽ تسليم ڪيو آهي، پر هن هڪ ترقي پسند جي سڃاڻپ ۽ پرک جي ڪسوٽي ٻي اها ٺهرائي آهي ته جڏهن سندس قوم ظالم آهي ته ان کي ظالم چئي ٿو يا نہ. نہ رڳو ايتروہ پر هو پنهنجي ظالم قوم جي خلاف پيڙيل قوم جو ساٿ ڏئي ٿو يا نہ. جيڪڏهن هو مظلوم قوم جو فرد آهي، ته هن جوہ هڪ ترقي پسند هجڻ جي حيثيت ۾، اهو فرض آهي ته پنهنجي قوم جي جدوجهد ۾ پرپور ساٿ ڏئي ۽ ان جي لاءِ هر قرباني ڪري. جيڪو ماڻهوءَ انهيءَ ڪسوٽيءَ تي پورو ناهي، ۽ ظالم قوم جو فرد ٿي ڪري پنهنجي قوم کي ڏوهي نہ ٿو ٺهرائي، ان تي پردو ٿو وجهي، چشم پوشي ٿو ڪري، مظلوم قوم جي ڪلم ڪلا ساٿ نٿو ڏئي، ته پوءِ اُهو نہ مارڪس جي پيروي ڪندڙ آهي نہ لينن، استالن ۽ مائوزي تونگ جي. هو مصنوعي مارڪسي ۽ ڪوڙو ڪميونسٽ آهي. ڪيس ترقي پسند سڏائڻ جو ڪوبہ حق نہ آهي.

مارڪس جرمن هو. پر سندس جرمن قوم جڏهن 1848ع ۾ اتاليءَ جي

قوم سان ڪوڙو تڪرار ڪري، ان کي دٻايو، تڏهن هن اٽليءَ وارن کي لکيو، ”انهيءَ تڪرار ۾ اسين (جرمن ترقي پسند) جيڪا روش اختيار ڪنداسين، تنهن جي باري ۾ ڪوبه شڪ نه هئڻ گهرجي. اسين اٽليءَ جي آزاديءَ جي حمايت ڪنداسون. اٽليءَ توڙي جرمنيءَ ۾ پولينڊ ۾، (پنهنجن) آسٽريائي جرمن سان موٽمار مقابلو ڪنداسين. اسين (جرمن ترقي پسند) توهان اٽليءَ جي قوم وارن ڏانهن پائيبيءَ وارو هٿ وڌايون ٿا ۽ توهان کي ثابت ڪري ڏيکارڻ چاهيون ٿا ته توهان جي قوم تي (اسان جا) جرمن حاڪم جيڪو ظلم ڪري رهيان آهن، تنهن ۾ اسين سندن حصيدار ٿيڻ لاءِ هر گز تيار نه آهيون .... اسين مطالبو ڪنداسين ته وحشي آسٽريائي (جرمن) فوج فورن اٽليءَ مان واپس گهرائي وڃي، ۽ اٽليءَ جي عوام کي حق ڏنو وڃي ته هو جهڙي نموني چاهين، تهڙي نموني جي حڪومت قائم ڪن ...“ (مارڪس ۽ اينجلس جا چونڊ خط صفحو 46).

جڏهن، 1870ع ۾، جرمن قوم بسارڪ جي اڳواڻيءَ هيٺ فرانس جي سرحدن ۾ داخل ٿي، تڏهن مارڪس جي ساٿين، ليبنيڪ ۽ ببيل، جرمن پارليامينٽ اندر ڪلم ڪلا تقرير ڪري، پنهنجي قوم کي نندايو ۽ اعلان ڪيو ته اهو فرنيچ قوم سان ظلم آهي. هن جرمن مزدورن کي هدايت ڪئي ته هو فوج ۾ پرتي نه ٿين. اُنهي تقرير جي ڏوه ۾ بنهي تي غداريءَ جو مقدمو هلائي، کين جيل ڏياريو ويو. جڏهن 1867ع ۾، آئرلنڊ جي محب وطن انقلابين کي انگلنڊ خلاف بغاوت جي ڏوهه ۾ سزائون آيون، تڏهن مارڪس جي اڳواڻيءَ هيٺ قوم يعني انگريزن جي خلاف ۽ مظلوم آئرلنڊ جي حق ۾ زبردست مظاهرا ڪرايا ۽ اعلان ڪرايو ته انگريز قوم کي ڪوبه حق نه آهي ته آئرلنڊ کي غلام رکي. (چونڊ خط صفحو 194 ۽ ٻيا.) مارڪس ۽ سندس ساٿي زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين انهيءَ اصول تي ڪاربند رهيا، ۽ ظالم قوم کي ظالم چوندا ۽ انهن جي مخالفت ڪندا، ۽ مظلوم قوم کي مظلوم چوندا ۽ انهن جي حمايت ڪندا رهيا. مارڪس جي نظر ۾ مزدور طبقو سڀ کان وڌيڪ روشن خيال ۽ ترقي پسند ٿئي ٿو. پر هن جڏهن محسوس ڪيو ته انگلنڊ جو مزدور به مظلوم قوم جو پوريءَ طرح طرفدار ٿيڻ لاءِ تيار ناهي، تڏهن انگريز مزدور طبقي جي مذمت ڪيائين ۽ چيائين ته ”انگلنڊ جو مزدور به سرمائيدار مزدور آهي!“ (چونڊ خط صفحو 110).

قوميتن جي مسئلي تي لينن جي تعليم ۽ عمل جو ڳوڙهو مطالعو ڪبو، ته ڏسبو ته دنيا جي قومن جي برابريءَ جي علمبردار هجڻ سان گڏوگڏ هن ظالم ۽ مظلوم قومن جي وچ ۾ سدائين فرق ڪيو ۽ مظلوم قومن جي حمايت ڪيائين. انقلاب کان پوءِ نهايت ناساز گار حالتن ۽ ڪٺن مشڪلاتن جي باوجود، هو

سختيءَ سان نندين قومن جو حمايتي ۽ روسي ناجائز قوم پرستيءَ جو زبردست مخالف رهيو. روسي سلطنت جي فلنڊ صوبي جي سرمائيدار طبقي، حالتن جو فائدو وٺي، ڪميونسٽن جو ڪوس ڪرايو. لينن، باوجود ان جي، ڪين گهر ويٺي آزاديءَ جو پروانو ڏياري موڪليو. هن استالن ۽ جرجنسڪيءَ جهڙن نندين قوميتن جي ڪميونسٽن کي بار بار تاڪيد ڪيو ته نندين قومن کي صحيح معنيٰ ۾ آزادي ڏيو ۽ ڪابه بي ايماني نه ڪريو. هو سخت بيماريءَ جي حالت ۾ به کين تارن مٿان تارون ڪندو رهيو ته رپورٽ ڪيو ته اوهان منهنجي هدايتن تي عمل ڪيو آهي يا نه. هن ڪينترا پيرا مٿن نندين قومن سان انصاف نه ڪرڻ جا الزام لڳائي، کين سخت چيٿيو. استالن جو قوميت بابت لکيل ڪتاب ڏيکاري ٿو ته هو نندين قوميتن جي حقن کي ڪيڏي بنيادي اهميت ڏئي ٿو.

مائوزي تونگ جو نظريو اُنهيءَ مان ظاهر آهي ته هو چوي ٿو ته "هر مظلوم قوم جي ماٺهن جي ترقي پسندي ۽ بين الاقوامیت ئي اها آهي ته هو محب-وطن بنجن ۽ ظالم قومن خلاف پنهنجي مظلوم قوم جو ساٿ ڏين ۽ سندس اڳواڻي ڪن."

جيڪي نقلي ترقي پسند ۽ سندن پاڙهيل ۽ سيڪاريل سنڌي طوطا چون ٿا ته مارڪسي ترقي پسند فلسفي موجب عوام ڪڏهن به ظالم نه ٿيندو آهي، فقط مٿيون طبقو ۽ حڪومت ظالم ٿيندا آهن، تن کي 1870ع ۾ فرانس طرفان جرمنيءَ تي ڪيل اڳرائيءَ وقت مارڪس جي جرمن ترقي پسندن کي ڏنل هدايت جو مطالعو ڪرڻ کپي. ڪن جرمن ڪميونسٽن، بين الاقوامیت جو نالو وٺي، جرمن مزدورن کي چيو ته "هي فرينچ ۽ جرمن مٿين طبقي جي لڙائي آهي، فرينچ عوام جو ڪوبه ڏوهه ناهي، تنهن ڪري فرينچن جو مقابلو نه ڪجي. پاٽيهي حاڪم پاڻ ۾ چاٽندا. اوهان جو ڪجهه به نه وڃي." اهو ٻڌي، مارڪس سخت ڪاوڙجي ويو. هن لکيو: "فرينچ قوم جو سمورو عوام اهڙيءَ اڳرائيءَ تي آماده نه هجي ها، ته جيڪر (فرينچ بادشاهه کي جرمنيءَ تي حملو ڪري، سائس) جنگ جاري رکڻ جي همت ئي نه ٿئي ها. فرينچ سرمائيدار، فرينچ وچون طبقو، فرينچ هاري ۽ فرينچ رازا ۽ مزدور ... (سڀ اڳرائيءَ لاءِ آتا آهن). جيستائين سندن مغز مان اها اڳرائيءَ واري هوا بنهه چگيءَ طرح ناهي ٽوڪي نه ڪڏهي، تيستائي جرمن ۽ فرينچ قومن ۾ صلح ٿيڻ ناممڪن آهي" (چونڊ خط صفحو 242). اڳتي هلي، جڏهن جرمن فرينچن کي شڪست ڏني ۽ فرينچن جو دماغ ٺيڪ ٿي ويو، تڏهن مارڪس هڪدم مطالبو ڪيو ته "هان فرينچن سان فورا جنگ بند ڪئي وڃي ۽ ڪائنس ڪو به انتقام نه ورتو وڃي." جيڪڏهن اسان جن هن نام نهاد ترقي پسندن ۾ ذري

جيترو ب ترقي پسند، ڪميونسٽ ۽ مارڪسي اخلاق هجي ها، تہ هو سنڌي، بلوچ، پٺاڻ قومن کي هدايت ڪن ها تہ اسان جي ظالم قومن جي اڳرائين جو مڙس ٽي مقابلو ڪريو ۽ سندن دماغ مان قرلٽ ڪرڻ جي "هوا ناهي ڪيو"، چاڪاڻ تہ جيستائين سندن دماغ مان اها هوا نہ نڪتي آهي، تيستائين پاڪستاني قومن جي وچ ۾ اتحاد جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

مارڪس، لينن، اسٽالن ۽ مائوزي تونگ جي اصولن تي هلڻ جي دعويٰ ڪرڻ وارن جو فرض تہ هو پنجاب ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌ ۽ بين مظلوم قوميتن جي حقن جي حمايت ۾ جدوجهد هلائين ها. لاهور، ڪراچيءَ ۾ سنڌي بولين ۽ سنڌي قوميت جي حقن غضب ٿيڻ خلاف مظاهرا ڪرائين ها. لڪين انصاف پسند مهاجر ۽ پنجابي رهبر، ڪارڪن مزدور ۽ عوام مطالبو ڪن ها تہ نندين قوميتن کي ون يونٽ جي زنجيرن مان آزاد ڪيو وڃي! لائلپور، راولپنڊي، سيالڪوٽ، ڪراچيءَ جا ترقي پسند اعلان ڪن ها تہ اسان جون قومون ظلم ٿيون ڪن، اهو بند ٿيڻ گهرجي. پوءِ مجموعي ها تہ برابر پنجابي ۽ مهاجر ترقي پسند واقعي ترقي پسند ۽ مارڪسي اصولن جا علمبردار آهن، لينن جا صحيح پيرو آهن، اسٽالن ۽ مائوزي تونگ جا سچا مبلغ آهن.

هن ترقي پسندن جي زبان تي اڻندي ويهندي مارڪس ۽ بين عظيم بين الاقوامي ليڊرن جو نالو آهي، پر انهن انقلابي تعليم جي اٿاه خزانن کي سڌائين اردوءَ تائين محدود رکيو ۽ سنڌي، پنجابي، بلوچي ۽ پشتو عوام تائين پهچائڻ جي ضرورت نہ سمجهي. برهمڻن وانگر هن انهيءَ عظيم ترقي پسند ادب کي سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ شودرن جي ڪن جي لائق نہ سمجهي، ان کي فقط اردو پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو. هن 20 سالن جي لمبي عرصي ۾ هڪڙو ب سنڌي اهڙو پيدا ٿيڻ نہ ڏنو، جنهن کي وٽائين ترقي پسنديءَ جي فل ڪورس پاس ڪرڻ جي سند مليل هجي. هو سال بسال ب چار نندڙا طوطا ڦاسائيندا آهن، جيڪي ب ٽي سال سيکاريل جملا وري وري دهرائيندا آهن، عوامي جلسن ۾ ڪنپ هٽندا آهن، ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڦٽ ڦٽ ڪندا آهن ۽ سنڌ جي آزمايل عوامي ورڪرن ۽ رهنمائن کي ٽونگا هٽندا آهن. تان جو نيٺ پاڻ ب ڪجه سمجهه پريا ٿيندا آهن، ۽ هن سچي ڊونگ جي تهه ۾ رولو ڏسي، اعتراض ڪندا آهن. پوءِ ڏاڍي آرام سان کين رجعت پرست سست، ڪاهل ۽ نڪمو وغيره جا لقب ڏيئي، سندن پر ڪاٽيا ويندا آهن، ۽ وري ب يا نندڙا طوطا ڦاسائبا آهن مطلب تہ واڳون سرڪار ۾ ب بين وٽ تہ مخالف پارٽي ۾ ب بين وٽ. رجعت پرستن جي امامت ب انهن لاءِ مخصوص، تہ ترقي پسندي ب سندن واسطي رزرو ٿيل.

سس پس منظر:

سنڌ جي ماڻهن پاڪستان ۾ اسلام جي نالي ۾ سائين ٽيلي دوڪي کي جڏهن ڪجھ دير تائين پروڙيو، تڏهن ازخود منجهن سوچ ۾ ڦيرپر پيدا ٿي. پنهنجي خاص حالتن موجب هن انهيءَ جي مقابلي ڪرڻ جي تحريڪ هلائي. نقلي ترقي پسندن اُنهيءَ تحريڪ ۾ ڏڪير وجهڻ جو ڪو به موقعو هٿان نه وڃايو. جي-ايم-سيد، جنهن کي سڀ کان پهريائين لياقت علي خان جي آپيشاهي جو تجربو ٿي چڪو هو ۽ جنهن سڀ کان پهريائين اسلام ۽ مسلم ليگ جي نالي ۾ باهرين مداخلت ۽ دباءَ خلاف احتجاج ۽ مقابلي ڪرڻ جي جرئت ڪئي، تنهن تي هڪ طرف سنڌ دشمن پريس، ليڊرن ۽ عام ماڻهن زهريلا ۽ ڪمينا حملا ڪيا ۽ پنهنجي سرڪار هٿان ڪيس سزائون ڏياريون، ته ٻئي طرف هن نقلي ترقي پسندن به رات ڏينهن سندس خلاف سس پس جي شديد مهم هلائي، سنڌ جي سماجي شعور رکندڙ نوجوان طبقي کي ڪائنس بدظن ڪيو. اهڙيءَ ريت پنهي طرفن کان سندس پر ڪٽيا ويا. مون کي ياد آهي ته جڏهن پهريون پيرو مارشلا وارن حيدر بخش جتوئيءَ کي قيد ڪيو، تڏهن نقلي ترقي پسند جي سس پس جي مشينري حرڪت ۾ آئي هئي ۽ ماڻهن کي سيکاريائون ته "جتوئي ته وڏيرن جي دلن گهٽائڻ لاءِ جيل ويو آهي، عيوضي ۾ وڏيرن جو آهي!" ساڳيءِ طرح پين ڪارڪنن مان ڪن کي مُلڻون، ڪنهن کي رجعت پرست ۽ ڪنهن کي وهم پرست جا لقب عطا ڪري، اندران ئي اندران سندن پاڙون ڪٽيون ويون. اُهن کي پاڻ ۾ ويڙهائي، پنهنجي تابع رکڻ لاءِ هر هڪ جي واري واري سان پٽي ٻيري ويندي آهي ته "سچو ترقي پسند تون آهين، ٻيا هڙئي رجعت پرست آهن!"

وري جڏهن اُهو سنڌ مليل سنڌي ترقي پسند سنڌ جي حقن جي حفاظت جي سوال تان ڪو اعتراض ڪندو آهي، ته هڪدم ڪيس رجعت پسند سڏي، ٻئي کي دام ۾ آندو ويندو آهي، ۽ هن کي ثابت ڪري ڏيکاريو ويندو آهي ته "تون ترقي پسنديءَ جي سنڌ لاءِ اسان جي رحم ڪرم جو محتاج آهين. جي اسان جي فرمانبرداري نه ڪندين، ته تنهنجي خلاف فتويٰ ڏيئي، توکي سموري پاڪستان جي ترقي پسندن ۾ بدنام ڪنداسين." اهڙيءَ ريت، هي ترقي پسند پوپ معافي نامن جي مٽا سٽا ۽ واپار ڪندا رهيا آهن، ۽ عوامي جمهوري ڪارڪنن ۽ اڳواڻن مٿان سدائين سندن مخفي فتوائن جي تلوار لٽڪندي رهي آهي.

هو پاڪستان اندر قومي آزاديءَ جي جذبن ۽ جدوجهد جو طبقاتي ۽ انقلابي جوهر پر کي نه سگهيا. هو دل ۾ ان کي هڪ وڇڙندڙ بيماري سمجهي، ان جي اندروني مخالفت ۽ ظاهرا منافقائيءَ واري تائيد ڪندا رهيا. ۽ موقعي

ملڻ شرط گس هلندي، اک بچائي، قومي تحريڪ جي هلندڙ گاڏيءَ جي ڦيٽن مان هوا ڪيڊي ڇڏيندا هئا يا ان کي پنڪچر ڪري ڇڏيندا هئا.

دراصل يو- پي ۽ پنجاب جي جاگيردار ۽ هن نام نهاد ترقي پسند ٽولي جا مقصد ساڳيا ئي هوندا هئا ۽ آهن. يعني ننڍين قومن جي وجود کان انڪار ڪرڻ، قومي تحريڪن کي اندران ئي اندران ڏڪ هڻڻ ۽ ڪين پنجاب ۽ يو- پي ءَ جي سياستبازن جو غلام رکڻ. فرق فقط هي هو تہ:

(1) پهريون ٽولو پاڪستان جي قومن کي يو-پي ءَ ۽ پنجاب جي جاگيردار ۽ سرمائيدار سياستدان جو غلام رکڻ چاهي ٿو، ۽ ٻيو ڪو نام نهاد ترقي پسند ٽولو کي يو-پي ءَ ۽ پنجاب جي وچين، پڙهيل ڳڙهيل طبقي جو غلام بنائڻ گهري ٿو.

(2) پهريون ٽولو اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ ننڍين قومن جي وجود ۽ حقن کان انڪار ڪرڻ گهري ٿو، تہ ٻيو ٽولو سوشلزم ۽ انقلاب جي نالي ۾ ساڳي ڪار ڪرڻ گهري ٿو.

(3) پهريون ٽولو اسلام ۽ پاڪستاني برادريءَ جي نالي ۾ ننڍين قومن جي حقن تي ڏاڙو هڻڻ گهري ٿو، تہ ٻيو ٽولو اُهو ڏاڙو سوشلسٽ ۽ طبقاتي برادريءَ جي نالي ۾ هڻڻ گهري ٿو.

(4) پهريون ٽولو قومي تحريڪ ۽ ان جي علمبردارن کي هيسائڻ ۽ بدنام ڪرڻ لاءِ مٿن پاڪستان-دشمن، اسلام-دشمن ۽ علاقائي تعصب جون تهمتون هڻي ٿو، ۽ ٻيو ٽولو مٿن انقلاب-دشمن، وڏيرا پرستيءَ ۽ رجعت پرست قوم پرستيءَ جا بهتان مڙهي ٿو.

(5) پهريون ٽولو قومي تحريڪ خلاف علي الاعلان جبر ۽ ڏاڍ کان ڪم وٺي ٿو ۽ آمهون سامهون حملو ڪري ٿو. ٻيو ٽولو ظاهري همدرد بنجي، اندران قومي تحريڪ جي علمبردارن جون گلائون ڪري، ڪوڙا افواهه ڦهلائي، منافقيون ڪري، ڪوڙيون همدرديون ۽ سرجوشيون ڏيکاري، پنهنجن چاڙتن جي قربانين جا ڪوڙا ۽ من گهڙت افسانا ڦهلائي، سڀني کان اڳ قومي تحريڪ جو وارث بنجي، اُن جا لاهه ڪيڊي ٿو.

انهن ٻنهي ٽولن جي جنڊ جي ٻن پڙن وچان ڪنهن بہ قومي تحريڪ جي رهبر جو صحيح سلامت بچڻ ناممڪن هو. نقلي ترقي پسند قومي تحريڪ ۽ قومي ڪارڪنن جي پٺ وٽيو ايندا رهيا ۽ قدم قدم تي سندن راهه ۾ ڪنڊا پوکيندا رهيا ۽ ڪين اندران ئي اندران سندن ۽ پاڪستان ۾ بدنام ڪري، پنهنجا هٿ ٽوڪيا ماڻهو سندن خلاف کڑا ڪري، انهن جي هشيون ۽ ٽيڪرون ڏيئي، قومي سياست کي ناڪام بنائيندا رهيا. هن ٽولي، قومي تحريڪن جي سڀني مورچن تي پنهنجا هٿ ٽوڪيل قابض ڪري ڇڏيا آهن، جي اشاري

ملڻ تي قومي تحريڪ جي رهنمائن کي بلئڪ ميل ڪري. ڪين ٻيواهه ڪري سگهن ٿا، ۽ هو پنهنجن پيرن هيٺان زمين کسڪندي ڏسي، بظاهر "پنهنجن" کي ٻ مخالف ڏسي، لاچار هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا.

پنجاب ۽ يو-پي ۽ جي انهيءَ "ترقي پسند" ٽولي جو چار سڄي پاڪستان ۾ ڦهليل آهي. اُن چار کي هو مختلف طريقن سان استعمال ڪري، سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ ان جي ڪارڪنن کي اپاهج بنائي سگهيا آهن:-

(1) پهريون ته هو سنڌ خواه پاڪستان جي سينيي حصن ۾ جنهن کي چاهين، تنهن کي رات وچ ۾ ليڊر مشهور ڪري سگهن ٿا اُنهيءَ ليڊر ساز فئڪٽريءَ ڪيترائي نقلي شاگرد ليڊر، نقلي هاري ليڊر، نقلي سنڌي قومي ليڊر ۽ نقلي دانشور تيار ڪيا ۽ ڦٽايا آهن اهڙا جڙتو ليڊر سنڌن اشاري تي هليء، سنڌ ۽ پاڪستان جي ٻين قومن جي محب وطن ڪارڪنن کي پاڪستان جي سطح تي بي يارو مدد گار ڪري سگهن ٿا، ڪندا رهيا آهن. هو هر وقت، هر هنڌ، هر مورچي تي "اڪثريت" حاصل ڪري سگهن ٿا.

(2) ٻيو ته هو چپ چاپ ماڻ ميڙ ۾ ڪنهن ٻ ڪارڪن يا تحريڪ جي خلاف سڄي پاڪستان ۾ بيڪ وقت خفيه پروپئگنڊا جي مهم هلائي، ان لاءِ زهريلي فضا پيدا ڪري سگهن ٿا. جيئن ته سڀ حرڪتون چپ چاپ ۾ ٿيندڙ رهنديون، تنهن ڪري واسطيدار کي پتو ڪونه پوندو ته پردي پٺيان ڪهڙو کيل کيڏجي رهيو آهي! مطلب ته مڪمل منافقيءَ کان ڪم وٺڻ کي "انقلاب" جو بنيادي اصول ڪري ورتل آهي. تنهن ڪري اهي سمورا مخالف ۽ سازش ڪندڙ، اشراف ٿيون ظاهري طور اڳلي جا قصيدا پڙهندا ايندا ۽ اڳلي کي خبر پوڻ ئي ڪونه ڏيندا ته اسين تنهنجي خلاف ڪهڙو ممڙ مچايو ويٺا آهيون. هو پنهنجيءَ پر ۾ ڪين پنهنجو همدرد ۽ ساٿي سمجهيو ويٺو هوندو تان جو عين وقت تي سڀ ڦري ويندس ۽ هو اڪيلو رهجي ويندو.

(3) انهيءَ مڪروه ۽ عوام-دشمن سازش ۾ ڪين اردو پريس جي مڪمل حمايت حاصل هوندي، جو ان ۾ سنڌن اشاري تي جڙتو ليڊرن جا بيان ڇاپي، ڪين سڄيءَ سنڌ بلڪ پاڪستان ۾ مشهور ڪري، اُنهن کي ڪڏي ڪم ڪرڻ جي لائق بنائيندا آهن.

(4) سنڌ جي سياست مڪمل طور وڏيرن جي هٿن ۾ هئي ۽ آهي. وچون پڙهيل ڳڙهيل طبقو ڪافي تعداد ۾ موجود نه هو. پڙهيلن جي ٻ علمي سطح تمام هيٺ پئي رهي آهي. منجهن سياسي علم ۽ شعور ناپيد هو. موجوده جديد انقلابي نظرين جي اونهي مطالعي جي ڪنهن ۾ ٻ پهچ ڪانه

هئي. تنهن ڪري هي ٽولو انقلاب ۽ سوشلزم جي نالي ۾ پنهنجي گادي بنا خطري قائم رکندو اچي.

طبقاتي ڪشمڪش جي سائنسي سچ کي هن ايڏيءَ بي دردي‌ءَ، ايڏيءَ بي ايمانيءَ ۽ ايڏي فريب سان استعمال پئي ڪيو آهي، جو اُهو سچ هن جي واتان ڦري هڪ عظيم ڪوڙ ٿي پيو آهي.

مارڪس، لينن ۽ ٻين انقلابي استادن کي وهم ۽ گمان ۾ به ڪونہ هوندو تہ اڳتي هلي، ڪي مڪار سندن تعليم ۽ اصولن جو اهڙو واهيات مذاق اڏائيندا ۽ اُنهن کي ايڏو بدنام ڪندا.

["تحريڪ" ـ ڊسمبر، 1972ع]

قومي جدوجهد جو پناهگير- پنجابي نقلي ترقي پسند نظريو

پس منظر: پناهگير-پنجابي نقلي ترقي پسند نظريي کي سمجهڻ لاءِ پناهگير- پنجابي نقلي ترقي پسندن کي سمجهڻ ضروري آهي. اُهن کي سمجهڻ لاءِ وري خود پناهگير ٽولي ۽ پنجابي قوم جي تاريخي پس منظر کي سمجهڻ ضروري آهي.

پناهگير ٽولي جو تاريخي پس منظر

هن مضمون جي مقصد لاءِ اصلي پناهگير ٽولو اسين ان کي ليکيندا سين، جنهن جي مادري ٻولي اردو آهي. اردو لشڪري ٻولي آهي، ان لشڪر جي ٻولي جيڪو افغان، مغل ۽ ايراني، سامراجي جاگيردارن ۽ قبائلي سردارن طرفان اڻ ورهايل هندستان يعني هندستان ۽ پاڪستان جي هندو توڙي مسلمان قومن کي غلام بنائي، ڦرٽ لٽڻ لاءِ، هڪ هزار سالن تائين هندستاني پاڪستاني هندو-مسلمان قومن جي سيني تي چڙهيو ويٺو هو. انهيءَ ٻاهرئين لشڪر تي ٽڏڻ وارن پنهنجي مرڻ جيئڻ جو ناتو هند-پاڪ ڌرتي ۽ ان جي هند-مسلمان پورهيت عوام سان ڳنڍيڻ بدران ڌارئين حملو ڪندڙ افغان، مغل ۽ ايراني سامراجي غلام بنائيندڙ ٽورن سان ڳنڍي ڇڏيو هو. هزار ها سال هند-پاڪ نندي ڪنڊ ۾ رهڻ کان پوءِ ٻ هو هندستان جي هندو توڙي مسلمان قومن سان ملي هڪ نه ٿيا. هو پاڻ کي هڪ مٿانهون، اعليٰ ۽ برتر نسل ۽ حاڪم ٽولو تصور ڪندا رهيا، ۽ عوام جي برخلاف پنهنجا عوام دشمن ۽ سامراج پرست سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي مفاد ۽ مورچا قائم ۽ مضبوط رکيو آيا. اُهي مفاد ۽ مورچا هندستان ۽ پاڪستان جي مظلوم پورهيت هندو مسلم عوام جي سيني ۾ سدائين هڪ ڌارئين خنجر وانگر ٽنبيل رهيا. جيئن اڄ امريڪي سامراج پنهنجي دهشت، ڦرلٽ ۽ خونخواريءَ تي پردي وجهڻ لاءِ، پنهنجن ڪرتوتن تي "آزاد دنيا ۽ جمهوريت" جو پردو لٽڪائي ڇڏيو آهي، تيئن اُهيءَ ٽولي پنهنجي رهزن ۽ ڦورو مفادن جي پيانڪ عوام-دشمن حقيقت مٿان اسلام،

اسلامي سلطنت ۽ اسلامي تهذيب ۽ ثقافت جا پردا ۽ سائين بوردِ هٽي چڏيا. جڏهن انگريز آيا، تڏهن هو ڪجهه دير کان پوءِ هڪدم نون آقائن سان ملي ويو. اڄ اُهو ٽولو مجموعي طرح افغان، مغل، ايراني، ترڪ ۽ انگريز ڏارين سامراجين جي هزارين سان پراڻي ڦورو ۽ رهزن سامراجي سياست، اقتصادي سرشتي، ثقافت ۽ ذهنيت جو وارث ۽ جائنشين آهي. اهو اچوڪين بدليل حالتن ۾ پنهنجا ساڳيا سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي مفاد ۽ مورچا بدليل روپن ۾ قائم رکڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي. هو توڙ کان ونئي سخت تعصبي ۽ اڳرائيءَ واري ڪٽر قوم پرستي ۾ مبتلا رهيو آهي. ان قوم پرستيءَ مختلف زماني ۾ مختلف روپ اختيار پئي ڪيا آهن ۽ اها مختلف دورن مان لنگهي آهي.* اچوڪي دور ۾ ان جا ڪيئي روپ بهروپ آهن. مثلاً، پناهگير ڪٽر قومپرستيءَ جو پناهگير ملين مودودييءَ جي جماعت اسلاميءَ وارو اسلامي روپ ۽ لياقت عليءَ وارو مسلم ليگي ۽ مها پاڪستاني روپ، وغيره. انهن مان سڀ کان هوشيار ۽ ڪارگر بهروپ آهي "انقلاب ۽ ترقي پسنديءَ جو بهروپ." اهو روپ جماعت اسلاميءَ ۽ مسلم ليگ واري پناهگير قوم پرستيءَ جي روپ کان ڪيئن دفعا وڌيڪ ڪامياب روپ آهي. البت ان جو مقصد بہ اهوئي آهي، جيڪو مودودييءَ ۽ لياقت عليءَ واري پناهگير قوم پرستيءَ جو آهي- يعني، پاڪستان کي پناهگير ٽولي جي جاگيردار بنائي، پناهگير ٽولي کي افغان، مغل ۽ ايراني ڦورو سامراجين جو گادي نشين قائم رکڻ. جيڪڏهن جماعت اسلامي ۽ ليگ پناهگير ڪٽر قوم-پرستيءَ جون هوائي يا بري فوجون آهن، تہ نقلي ترقي پسند وري ان جو بحري بيڙو آهي، جو پناهگير قوم پرستيءَ جي شڪار کي هينان زير آبين ذريعي تارپيڊو هٽي پورو ڪري ٽو.

پنجابي قوم جو پس منظر

پنجابي قوم هزارين سال ڏارين حملہ آور ڏاڙيل ٽولن جو شڪار رهي آهي. سنڌ تہ ايڏا ڪافي وقت، ڪنهن حد تائين خودمختيار سنڌي حڪومتون ڏٺيون آهن. پر پنجاب رنجيت سنگهہ کان اڳ ڪابہ خودمختيار پنجابي

لينن لکي ٽو: "پين قوم پرستن وانگر مها روسي اڳرائيءَ واري قوم پرستي بہ مختلف دورن مان لنگهي آهي... 1905 تائين فقط اڳاڙي رجعت پرست قوم پرستيءَ جو زور هو. 1905 واري انقلاب کان پوءِ مها روسي قوم پرستيءَ هن ملڪ ۾ فراخدليءَ جو چوغو اوڍيو..... اڳتي هلي، اها جمهوريت پسنديءَ جو لباس پائيندي....." پئي هنڌ لينن اڳرائي ڪندڙ ڪٽر ۽ تعصبي مها روسي قوم پرستيءَ جي سوشلسٽ چوغي پهرڻ جو بيان ڪيو آهي ۽ ان جا پول پڌرا ڪيا اٿس.

"قومي سوال": لينن، صفحو 115

حڪومت ڪونہ سنيري. سک تحريڪ مذهبي روپ ۾ پنجابي عوام جي هڪ حصي جو مغل سامراج خلاف احتجاج هو. پنجاب جي شاعري ۽ عوامي ادب پنجابي عوام جو مظلوميت، وطن دوستيءَ ۽ انسان دوستيءَ جو خوبصورت آئينو آهي. رنجيت سنگهہ پنجاب جو پهريون خودمختيار پنجابي حاڪم هو، جنهن پنجاب جي قومي شخصيت کي پهريون دفعو تاريخي استيج تي آندو. رنجيت سنگهہ هڪ طرف افغان سامراج جي مخالفت ڪئي، تہ ٻئي طرف ان کان ٻہ بدتر انگريز سامراج سان اتحاد ڪيو ۽ ان جي سامراجي پاليسين ۾ چوٽو پائيوار ٿيو. سنڌ خلاف انگريز، پٺاڻ ۽ پنجابي سازش جو رنجيت سنگهہ اهم ڪارڪن هو. پنجابي فوجون انگريز پاران ڪابل کي چڙهي ويون. سکن جو راج پورو ٿيو، پر پنجاب جي جاگيرار طبقي طرفان انگريزي سامراج جي چوڪيداري ختم ڪانہ ٿي. جيئن قزاق سوين سال روسي سامراج پاران يورپ ۽ ايشيا جي مظلوم قومن لاءِ جلاد بنيا رهيا، تيئن پنجاب جي مسواڙي فوج ايشيا ۽ آفريڪا جي مظلوم قومن لاءِ انگريز سامراج جي پگهاردار جلاد بني رهي. پنجابي جاگيردارن انگريز پرستيءَ ۾ "فنا في الانگريز" جو مرتبو وڃي حاصل ڪيو. 1857ع واري هندـپاڪ آزاديءَ جي جنگ ۾ پنجابي جاگيردارن ۽ پنجاب مان پرتي ڪيل مسواڙي فوج بدترين عوام دشمن ۽ وطن دشمن ڪردار ادا ڪيو. پنجابي نوجوانن کي انگريزن وٽ وڪٽي، جاگيرون ۽ لقب وٺڻ، پنجابي زميندارن ۽ جاگيردارن جو پيشو ٿي پيو. انگريز پرستيءَ ۾ پنجابي جاگيردار ۽ زميندار پنهنجي ٻولي، پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجي تاريخي ورثي کي وڪٽي چڏيو. دنيا ۾ شايد ئي ڪو اهڙو مثال هجي، جو ڪنهن قوم پنهنجي رضا خوشيءَ، بلڪ وڏي فخر سان پنهنجي هزارين سال جي تاريخي ورثي کي ائين ترڪ ڪيو هجي. پنجاب جي نفري تعداد ۽ انگريز سامراج سان سازباز ڪري حاصل ڪيل ترقيءَ سبب، پنجابي قوم پاڻ کي پاڪستان جو "اصلي تي ودو" مالڪ سمجهي ٿي ۽ پاڻ کي مسلمان ملڪن جي جاگيردارن، شيخن ۽ بادشاهن جو ليڊر ڏسڻ چاهي ٿي. ۽ اهڙيءَ ريت پنجاب جا جاگيردار ۽ نوان ايرندڙ سرمائيدار نہ رڳو پاڪستان پر سمورن مسلمان ملڪن کي پنهنجو جائز ۽ حلال شڪار سمجهن ٿا. پنجاب جو نقلي ترقي پسند، پنجابي جاگيردار ۽ سرمائيدار طبقي جي اُنهن ساڳين مقصدن کي ٿورڙيءَ ردوبدل سان ۽ پنهنجي طريقي سان پورو ڪرڻ گهري ٿو. پنجابيـ پناهگير زميندارن، سرمائيدارن ۽ وچين طبقن جو پس منظر مختلف آهي، ۽ سندن وچ ۾ ڪيتريون قومي رقابتون آهن، پر هڪڙيءَ ڳالهہ تي هو سڀ متفق آهن. اُها هيءَ تہ پاڪستان جي مظلوم ۽ پوئتي پيل قومن سنڌين، بلوچن ۽ پٺاڻن کي ڦرڻ لٽڻ ۽ غلام بنائڻ سندن پيدائشي حق آهي، سندن مختلف

ٽولا آهن. کي پنهنجو اُهو حق قرآن ۽ حديث، قائد اعظم جي فرمودن ۽ اقبال جي تعليم وغيره سان ثابت ڪن ٿا. پنجابي-پناهگير نقلي ترقي پسند ٽولو ساڻيو اهو حق "ڪميونسٽ پڌرنامي" مان ثابت ڪرڻ گهري ٿو، ۽ مارڪس. اينجلس، لينن ۽ مائوزي تونگ کي پنهنجو شاهد ورائي ٿو. انهن سندن ۽ نعرن جي اختلاف کان سواءِ بنيادي طور منجهن ڪوبه اختلاف ڪونهي.

پاڪستان جي اقتصادي ۽ سياسي

چند ڳالهه: پاڪستان جي موجوده اقتصادي ۽ سياسي چندڇاڻ ڪجي ته هيٺيون حقيقتون ملنديون:

1- پاڪستان جا بنيادي وسيلا ۽ سياسي قوت، پنجابي-پناهگير زميندار ۽ سرمائيدار جي قبضي ۾ آهن. 2- انهن جا به ڇوٽا پائيوار ۽ ايجنٽ آهن: هڪڙو پنجابي پناهگير وچون طبقو، ٻيو پاڪستان جي مظلوم قومن يعني سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جو وڏيرو، خان ۽ سردار طبقو. 3- انهن وڏيرن، خانن ۽ سردارن جو ايجنٽ ڇوٽو پائيوار طبقو وري انهن مظلوم قومن جو اسرندڙ وچون طبقو آهي، جو چڙ ته 'گولا جي گولن جا تن جو به غلام' آهي.

پنجابي-پناهگير زميندار سرمائيدار طبقو پاڪستان اندر پاڪستان جي سڀني مظلوم طبقن ۽ قومن جو مکيه گڏيل دشمن آهي. اهو سڀ کان پهرين پنجابي-پناهگير مسڪين ۽ پورهيت عوام کي غلام بنائي، پوءِ مظلوم قومن جي عوام کي غلام بنائڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي، مارڪس سچ چيو آهي، "جيڪا قوم ٻيءَ قوم کي غلام بنائي ٿي، سا پاڻ ڪڏهن به آزاد ٿي نٿي سگهي." انهن غلام بنائيندڙن جو پهريون ترلو پناهگير-پنجابي عوام تي ڪري ٿو. پر جيڪڏهن پناهگير-پنجابي پورهيت ۽ مسڪين عوام چاهين، ته به انهن جو تختو اونڌو ڪري ٽڪا سگهن، ڇو ته هن جون پاڙون هاڻ رڳو ڪراچيءَ ۽ پنجاب ۾ نه آهن. هن جي طاقت جو سڀ کان وڏو وسيلو اُها قرلٽ آهي، جيڪا هو پاڪستان جي مظلوم ۽ پوئتي پيل صوبن مان ڪندا رهيا آهن. اتي جي قرلٽ ئي کين اُهو ڏئي ٿي ته هو پنهنجي چوٽي وچين ۽ هيٺئين طبقي جي ڪن حصن کي، سنڌ وغيره ۾ پراين زمينن، نوڪرين، واپار ۽ سياسي فائدن جو رشوت ڏيئي، کين پارٽ ڪري، پاڻ سان ملائي، انهن جي معرفت پناهگير-پنجابي عوام جي سياسي سمجھ کي مڌو ڪن ٿا ۽ کين برغلائي پنهنجي دائمي ۽ اصلي دشمن جي دلال ٽيڙ تي آماده ڪري سگهن ٿا. انهيءَ ذريعي هو پناهگير-پنجابي عوام جي سياسي قوت کي اندران سُري وانگر کائي چٽ ڪن ٿا ۽ پنهنجو عوام دشمن مفادن ۽ راج جي بچاءُ ڪرڻ ۾

ڪامياب ٿين ٿا. ان قرلٽ ذريعي جيڪا سياسي قوت هو گڏ ڪن ٿا، سا هو نہ رڳو سنڌي، پٺاڻ ۽ بلوچ قومن خلاف استعمال ڪن ٿا، پر ضرورت پوڻ تي خود پنجابي-پناهگير هارين، مزدورن خلاف استعمال ڪري سگهن ٿا ۽ ڪندا به رهيا آهن. ٻين لفظن ۾، هن پنجابي-پناهگير زميندار ۽ سرمائيدار جي ٽولي جي طاقت جون پاڙون پاڪستان جي مظلوم صوبن ۾ آهن. اتي ئي ڪين وڌيڪ مضبوطي ملي سگهي ٿي ۽ اتي ئي سندن طاقت کي سپ کان وڌيڪ ڏک رسي سگهي ٿو. جي سندس اهي مورچا مضبوط آهن، تہ هو بنا روڪ ٽوڪ جي خود پنجابي-پناهگير عوام کي ڦري، لٽي ۽ غلام رکي سگهي ٿو. پر سندن اهي مورچا ختم ٿي يا ڪمزور ٿي پون، تہ پوءِ خود پنجابي-پناهگير عوام لاءِ پنهنجي گهرن ۾ ساڻن مقابلو ڪرڻ نہ رڳو ممڪن پر آسان ٿي سگهي ٿو. اهڙيءَ ريت غور سان ڏٺو ويندو تہ پناهگير-پنجابي عوام جي نجات جي چابي پاڪستان جي مظلوم قومن جي جدوجهد جي هٿ ۾ آهي. جي پنجابي-پناهگير پورهيت عوام چاهين تہ ان جدوجهد کي مضبوط ڪري ۽ پنهنجي دشمن کي ڪمزور ڪري، پنهنجي نجات حاصل ڪري سگهن ٿا، ۽ پاڻ وٽ صحيح معنيٰ ۾ عوامي اقتدار ۽ عوامي راج قائم ڪري سگهن ٿا. ٻيءَ حالت ۾ هو پنهنجي حاڪم طبقن جا چاڙٽا بنجي، مظلوم قومن جي قرلٽ مان حصا پتيون وٺي، مظلوم قومن جي حقن جي جدوجهد جي مخالفت ڪري، ان کي ڪمزور ڪري پنهنجي اصلي دشمن کي مضبوط ڪري سگهن ٿا. اهڙيءَ حالت ۾ ڪين عارضي فائدو ٿيندو، پر دائمي طرح سندن غلاميءَ جو ڳٽ وڌيڪ مظبوط ٿيندو ۽ سندن زميندارن ۽ سرمائيداري راج کان نجات جون سندن واهون بند ٿي ويندیون. انهيءَ حالت ۾ پنجابي قوم ۽ پناهگير ٽولي جي عوام جو سچو خير خواه ڪير آهي، (الف) تنهن جي سچائپ ۽ ڪسوٽي اها آهي تہ آيا هو پناهگير- پنجابي عوام جي سچن ساڻين يعني مظلوم قومن جي عوام سان اتحاد ڪري ٿو يا نہ؟ ۽ پناهگير-پنجابي عوام جي اصلي ويرين جي يا اصول، مڪمل، هر هنڌ ۽ هر مورچي تي مخالفت ڪري ٿو يا نہ؟ جيڪڏهن هو ائين نٿو ڪري، پوءِ عوام دوستيءَ جا ڪيڏا به ڪٽي نعرا هٽي تہ به هو پناهگير-پنجابي عوام جو اصلي دشمن ۽ انهن جي دشمن يعني پناهگير-پنجابي زميندارن ۽ سرمائيندارن جو حقيقي دلال آهي. مارڪس انهيءَ مسئلي تي هن لفظن ۾ روشني وڌي آهي: "مون کي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ يقين ٿيندو وڃي تہ انگلنڊ جو مزدور طبقو هتي انگلنڊ ۾ تيستائين ڪوبہ فيصلي وارو قدم کٽي نٿو سگهي، جيستائين اهو (انگلنڊ جي غلام بنايل ملڪ آئرلنڊ بابت پنهنجي پاليسيءَ کان مڪمل طرح چٽي الگ نٿو ڪري، ۽ آئرلنڊ وارن سان نہ رڳو گڏيل محاذ نٿو بنائي پر اڳتي وڌي ٻين سڀني کان

اڳ ۾ انگلنڊ ۽ آئرلنڊ جي ون يونٽ کي ٽوڙڻ لاءِ اڳتي نٽو اچي. اهو قدم ان کي آئرلنڊ سان همدرديءَ طور نہ پر خود پنهنجي (يعني، انگريز مزدور طبقي جي) مفادن جي تقاضا طور کڻڻ کپي، جي نہ تہ انگريزي قوم سڀائين انگريز حاڪم طبقن جي رسي ۾ بڌي پيئي هوندي، چو تہ کين سڀائين حاڪم طبقي سان گڏجي آئرلنڊ خلاف محاذ بنائڻو پوندو... انگلنڊ جي نجات جو بنيادي شرط اهو ئي آهي تہ انگلنڊ جي زميندار طبقي جي تخت اونڌو ڪيو وڃي. اُهو شرط پورو ڪرڻ ايڏا تائين ناممڪن آهي. چاڪاڻ تہ جيستائين اهو طبقو آئرلنڊ ۾ پنهنجا مضبوط مورچا قائم رکيو ويٺو هوندو، تيستائين ان جي انگلنڊ وارن مورچن تي جلھ ٽي نٽي سگهي."

(29 نومبر 1869ع، مارڪس جو ڪاگل مين ڏانهن خط)

مطلب تہ پناهگير-پنجابي پورهيتن جو صاف ۽ چٽو فرض آهي تہ مظلوم قومن تي ٽورو ڪري نہ، پر خود پنهنجي نجات لاءِ، پنجابي-پناهگير زميندار ۽ سرمائيدار جي خلاف جدوجهد ڪن. نہ رڳو ايترو، پر هو، انهن مظلوم قومن کان ب اڳتي وڪ وڌائي، پناهگير-پنجابي سرمائيدارن طرفان مظلوم قومن تي ٽيندڙ قومي ظلمن جي مخالفت ڪن. اهائي صحيح ترقي پسند، صحيح انقلابي پورهيت ۽ صحيح مارڪسي-لينني واٽ آهي. پر پنجابي-پناهگير ترقي پسند سڏائيندڙن مان ڏري گهٽ سڀني اُن جي ابتڙ واٽ اختياري ڪئي آهي. اهڙيءَ ريت هن پناهگير-پنجابي پورهيت عوام ۽ پاڪستان جي مظلوم قومن سان غداريءَ ۽ پناهگير-پنجابي زميندارن ۽ سرمائيدارن جي سڏي يا اڻ سڏي دلالي ۽ چمچا گيريءَ جي واٽ ورتي آهي. اهوئي سبب آهي، جو اسين کين نقلي ترقي پسند سڏيندا سين. انهيءَ سلسلي ۾ لينن صاف چيو آهي تہ "جيڪو ماڻهو قومي ظلم ۽ نابرابريءَ خلاف لڙائي نٽو ڪري، سو مارڪس جي انقلابي تعليم جو پوئلڳ تہ نهيو پر سڪٽو جمهوريت پسند ب ڪونهي."

(قومن جي حق حودارادي بابت مقالا، صفحو 23)

پنجابي-پناهگير نقلي ترقي پسندن جي قومي مسئلي بابت حڪمت عملي

انهيءَ حڪمت عمليءَ جا مکيہ ارڪان هيٺيان آهن: (1) قومي جدوجهد جي دلي مخالفت ڪري، سندن قوم يا ٽولي طرفان مظلوم قومن جي جيڪا قرلٽ پيئي ٿئي، تنهن ۾ پنهنجا حصا پتيون سلامت رکڻ. (2) ان قومي جدوجهد جي مخالفت ۾ سرجوشي ۽ ڪاميابي ڏيکاري، پنهنجي حاڪم طبقن کي خوش ڪري، کائنس وڏيڪ سٽيا ٽڪر حاصل ڪرڻ. (3) قومي جدوجهد جو دپ ڏياري، پنهنجي حاڪم طبقن کي هيسائي، کين بليڪ ميل ڪرڻ ۽ پنهنجي اهميت ۽ حصو ايڏا ۾ وڌائڻ. (4) مظلوم قومن جي سجاڳ ۽ اڳتي وڌيل جٿن کي پنهنجي هٿ ۾ رکي، کين پنهنجي طبقاتي ۽ قومي محاذن لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ انهن جي ذريعي حاڪم طبقن سان اندروني ڪشمڪش ۾ پنهنجو پاسو ڳرو رکڻ. (5) مظلوم قومن جي وڏيري، خان ۽ سردار طبقي کي بليڪ ميل ڪري ان کي پنهنجي اهميت جو احساس ڏيارڻ، ۽ سائڻ سمجهوتو ڪري، کين پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ پويون ٻہ ڳالهيون پناهگير-نقلي ترقي پسندن سان خاص ڪري لاڳو آهن.

چالون: قومي جدوجهد جي مخالفت لاءِ پناهگير-پنجابي ترقي پسند هيٺيون چالون ڪتب آڻيندا آهن:

1- قومي جدوجهد کي ناجائز، بي مقصد، فضول، عوام دشمن ۽ رجعت پرست ثابت ڪري. 2- ان جدوجهد جو ميدان اڳواڻ ئي والاري، ان تي پنهنجا هٿ ٽوڪيا ماڻهو مقرر ڪري ڇڏڻ، تہ جيئن قومي جدوجهد صحيح معني ۾ اُسري نہ سگهي، يا جي اسري ٻہ، تہ ان کي ڪچيءَ ۾ چيپاڻي سگهجي. 3- قومي جدوجهد ۾ ڌڪير پيدا ڪرڻ لاءِ جدوجهد جي مختلف مورچن تي مضبوط ففٿ ڪالم جا جٿا پرتي ڪرڻ، انهن کي تربيت ڏيئي، کائنس سندن مظلوم قوم جي مفاد خلاف ڏوهہ ڪرائڻ ۽ غداريءَ جا ڪم وٺڻ. 4- قومي جدوجهد جي صحيح اڳواڻي ڪندڙن بابت پنهنجن ايجنٽن

ذريعي افواه ڦهلائي ۽ بهتان هڻائي، عوام کي کانئن بدظن ڪري ۽ عوام کي انهن آگواڻن ۽ تنظيمن جي صحيح قيادت کان محروم ڪرڻ. اهڙيءَ ريت هڪ طرف قيادت کي بليڪ ميل ڪري، ڪيس ديجاري، پنهنجو مطيع ڪرڻ، ۽ ٻئي طرف عوام کي صحيح قيادت کان محروم ڪري، واڙو ۽ بتال ڪري مارائڻ. 5ـ مظلوم قوم جي عوام جي قومي خود اعتمادي، قوت، حوصلي، جذبي ۽ جولان کي اندران ئي اندران سُري ۽ اڏوهيءَ وانگر کائي چٽ ڪرڻ. 6ـ عوام کي خوشفهمين ۽ مايوسين جي رڻ ۾ پٽڪائي، فريبي نعرن جي ڏبڻين ۾ قاسائي، سندن مجاهد قافلن کي رجن پٽيان ڊوڙائي ڊوڙائي، ماندو ڪري، پورو ڪرڻ. 7ـ انقلابي رازداريءَ جي هٿيار کي عوام دشمن بجاءِ عوام خلاف استعمال ڪرڻ، ۽ رازداريءَ جي نالي مظلوم قوم سان ڪوڙ بدوڙ، گلاخوريون، بهتان طرازيون، مڪر، فريب ۽ چالبازيون ڪرڻ.

نظرياتي سرڪٽ ڦاهي

قومي جدوجهد کي ناجائز، فضول ۽ نقصانڪار ثابت ڪرڻ لاءِ هن، مظلوم قومن جي عوام لاءِ، قسمين قسمين نظرياتي سرڪٽ ڦاهيون ٺاهيون آهن. اُهي عوام اڃان هڪڙي ڦاهيءَ مان مس جان آزاد ڪرائين ٿا، ته ٻيءَ ۾ ڦاسيو وڃن هن پنهنجي رجعت پرست ۽ عوام دشمن ڪردار کي لڪائڻ لاءِ ٻه ڪئين آڙون، ڪڏٽا ۽ ٻڙ ٺاهي چڏيا آهن ايڏا هڪڙي مان مس مس نُڪائي ٻاهر ٿو ڪڍجين، ته ڊوڙ پايو ٻئي ۾ گهڙيو لڪيو وڃن. اهي سرڪٽ ڦاهيون ۽ ڪُڏٽا هو روز پيا ٺاهين. هڪڙا پڏرا ٿيندا ته پيا اڳ ۾ ئي تيار هوندا. انهن مان کي هيٺيان آهن:

(1) پورهيت جو ڪوبه وطن نه ٿيندو آهي، تنهن ڪري سڄيءَ دنيا جي انقلابين جو نعرو آهي: "دنيا جا پورهيتو متحد ٿيو!" دنيا جي انقلابين جو انجيل آهي "ڪميونسٽ پڌرنامون" ـ ان ۾ لکيل آهي ته "پورهيت جو ڪوبه وطن نه ٿيندو آهي." اهو هن جو سڀ کان اول ۽ آخر ٽُرپ جو پتو آهي. (2) قومي مسئلو آهي ئي ڪونه. قومون نه ٿيندیون آهن، فقط طبقا ٿيندا آهن. (3) پر جي آهن ته به انهيءَ فرق جي پورهيتن لاءِ ڪابه اهميت ڪانهي. اهي فرق وڌيرن ۽ سرمائيدارن لاءِ آهن. غريب پورهيتن لاءِ فقط طبقاتي فرق اهم آهن. (4) خير ڪٽي مجون ته مظلوم قومون به آهن ۽ انهن سان زيادتي به آهي، ته به ان جو اثر فقط مٿين طبقي تي پوي ٿو. غريب تي فقط وڌيرن جي مصيبت آهي. (5) قومي جدوجهد جو فائدو فقط وڌيرا ۽ وچئين طبقي وارا وٺندا. غريبن کي ان جو ڪوبه فائدو ڪونهي. (6) سڀني قومن جا وڌيرا ۽ سرمائيدار هڪ جهڙا بدمعاش آهن. انهن ۾ فرق ڪرڻ وڌيرن جي هٿ ۾ کيڏڻ

ٿيندو. (7) قومي جدوجهد هلائبي، تہ عوام تي وڌيرا ۽ سرمائيدار چانئجي ويندا. (8) قومي جدوجهد کي ڏارين ملکن جا عوام دشمن حاکم ٽولا استعمال ڪن ٿا. ان ڪري ان جدوجهد جي تائيد ڪبي، تہ ماڻهو ڏارين حاکم ٽولن جو راندیڪو بنجي ويندو. (9) قومي ناانصافيءَ لاءِ هي وڌيرڪو ۽ سرمائيدار نظام جوابدار آهي، پئي ڪنهن جو بہ ڏوهہ ڪونهي. اهو نظام ڌاهيو ۽ پاڻيهي سپ بي انصافيون دور ٿي ويندیون. (10) ان کان اڳ قومي مسئلي کي ڪٽبو، تہ اصل لڙائيءَ تان ڌيان هٽي ويندو. (11) قومي جدوجهد ۾ بيءَ قوم جي عوام جو ڏوهہ ڪونهي. انهن جو نالو ونبو، تہ غريب پاڻ ۾ وڙهي پوندا. (12) جدوجهد اها، جا انقلابي هجي. ترقي پسند ۽ انقلابي فقط انقلابي جدوجهد جي تائيد ڪري سگهن ٿا. قومي جدوجهد جي واڳ وڌيرن ۽ وچين طبقي جي هٿ ۾ هوندي آهي. جنهن جدوجهد جي اڳواڻي وڌيرن يا وچين طبقي جي هٿ ۾ هجي، ان جي تائيد جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. (13) انقلابي جدوجهد جي اڳواڻي هميشہ پورهيت طبقو ڪندو آهي. پورهيت طبقي ۾ قومي فرق رکڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. (14) پورهيت طبقو، جنهن کي اڳواڻي ڪرڻي آهي، سو غير سنڌي آهي. غير سنڌين خلاف جدوجهد ڪبي، تہ اها قومي جدوجهد جي جائز اڳواڻ طبقي يعني پورهيت طبقي جي خلاف ٿيندي. تنهن ڪري جدوجهد پلي هلائجي، پر بيءَ ڪنهن قوم جي گلا نہ ڪجي، نہ تہ پورهيت طبقو ڪيئن ان جدوجهد ۾ حصو وٺي، ان جي اڳواڻي ڪري سگهندو! (15) سنڌ اندر پورهيت طبقو غير سنڌي آهي. ان جي حقيقي ۽ باطني اڳواڻي پناهگيرن جي هٿ ۾ آهي. تنهن ڪري قومي جدوجهد (نقلي) ترقي پسند پنجابي-پناهگيرن جي هٿ ۾ هٿ گهرجي. (16) انقلابي جدوجهد جي اڳواڻي پورهيت طبقي کي ڪرڻي آهي. پورهيت طبقي جي اڳواڻي وري انقلابي پارٽيءَ کي ڪرڻي آهي. اهڙيون انقلابي پارٽيون پناهگير-پنجابي اڳ ۾ ئي ناهيو وينا آهن. پنجابي-پناهگير زيادتين خلاف جدوجهد جو مطلب ٿيو انقلابي پارٽيءَ جي هلائيندڙن جي قوم خلاف جدوجهد. انقلابي پورهيت پارٽيءَ جي مخالفت معنيٰ بين الاقوامي تحريڪ جي مخالفت ڪرڻ ۽ رجعت پرستن جو ساٿ ڏيڻ. (17) پوءِ ويچارا هيترا سارا پناهگير پلا ڪيڏانهن ويندا؟ انهن کي آخر ماري تہ ڪونہ ڇڏبو؟

لينن چيو آهي تہ "ست احمق ايترين تہ گهٽيون حجتون اٿاري سگهن ٿا، جو دنيا جا ستر ڌاها بہ انهن جو جواب مشڪل ڏيئي سگهن!" جي اهي احمق ساڻيئي وقت مڪار، بي ايمان ۽ دليءَ جا ٺگ بہ هجن، تہ پوءِ ستر تہ ڇا ست لک ڌاها بہ انهن حجتن کي ڪٽائي ڪونہ سگهندا. انهيءَ ڪري سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ "نہ کي نَو ڪوٽ آهن"! هن دور جو انقلابي نظريو ڪو وحي يا الهام

ڪونهي. ڪنهن جي ٻ دعويٰ ڪانهي ته اُهو آسمان مان نازل ٿيو آهي يا ڪنهن خاص دماغ ان کي ايجاد ڪيو آهي. اهو انساني سماج جي هزارين لکين سالن جي واڌاري جي هڪ خاص منزل جو نشان آهي اهو ڪروڙين انسانن ۽ هزارين نسلن جو محنت ۽ جدوجهد سان حاصل ڪيل سبقن ۽ نتيجن جو مجموعو آهي. اهو هر وقت گڏيل تجربي جي ڪسوٽيءَ تي پرکبو رهي ٿو. هر وقت ان مان ناقص يا مدي خارج جزا خارج ڪرڻا آهن ۽ نوان جزا ان ۾ شامل ڪرڻا آهن. انقلابي دانائن ۽ استادن ائين سيکاريون ۽ ڪيو آهي. گذريل صديءَ کان ونڊي هر انقلاب، هر جدوجهد ۽ هر انقلابي استاد انقلابي نظريي جي جوهر کي سلامت رکيو ۽ بچايو آهي، نقص کي دور ڪيو آهي ۽ زندگيءَ جي تقاضائن موجب اُن ۾ واڌارا ڪيا آهن. انقلابي نظريي جو ڪم آهي انقلابي عمل جي رهنمائي ڪرڻ. پر هر حالت ۾ لازمي ناهي ته نظريو اڳ ۾ هجي ۽ عمل پوئتي. گهٽائي پيرا عوام جي انقلابي عمل چال ڏيئي اڳتي نڪري ويندو آهي ۽ نظريو پوئتي رهجي ويندو آهي اُن ڪري ئي لينن گوئٽي جو قول دهرائيندي چيو آهي.

"دوست! نظريو خاڪي آهي (يعني نہ صفا پيلو ۽ نہ صفا سائو، يعني وچڙو)، پر زندگيءَ جو وڻ سدائين سائو، سرسبز ۽ سدا بهار آهي!"

اچو ته انقلابي نظريي جي ڏاڪي ٻ ڏاڪي واڌاري تي هڪڙي اڏامندڙ نظر وجهون.

انقلابي نظريي 19 صديءَ ۾ نسبتا مڪمل روپ ورتو. "ڪميونسٽ پڌرنامو" ان جو پهريون پرپور اظهار آهي. ان اهو ڏرتي ڏوڏيندڙ انقلابي نعرو ڏنو. "دنيا جا مزدور متحد ٿي وڃو!" ان وقت سمجهيو ٿي ويو ته (1) انقلاب ساڳئي وقت گهٽ ملڪن ۾ ايندو. هڪڙي ۾ آيو ته پوءِ يورپ جا سڀ رجعت پرست گڏجي، ان کي 1848 جي يورپي انقلابن، خاص ڪري پيرس جي جون 1851 جي بغاوت، وانگر ڪچلي ڇڏيندا. (2) ترقي پسند چوٽو وچون طبقو پورهيت انقلاب جو اتحادي ٿيندو. (3) سماجي انقلاب فقط انهن ملڪن ۾ ايندو، جي صنعتي طرح اڳتي آهن، يعني انگلينڊ، جرمني ۽ فرانس ۾. (4) هاري انقلاب دشمن رول ادا ڪندو. (5) سرمائيدار مزدور اتحاد کي ٽوڙڻ لاءِ قوم پرستيءَ کي تلوار طور استعمال ڪندا ۽ ان جي وسيلي جنگيون ڪري، مختلف ملڪن جي پورهيت عوام جي وچ ۾ نفرت جون ديواريون کڙيون ڪندا.

1848ع وارن يورپي ناڪام انقلابن ثابت ڪري ڏيکاريون ته چوٽو وچون طبقو قطعي پروسي جوڳو ناهي. اهو پورهيت انقلاب جو پختو اتحادي ۽ ساٿي ٿي نہ سگهندو. اڳتي هلي 1871 جي 'پئرس ڪميون' جي ناڪاميءَ

انقلابي پورهيت کي قطعي طرح ثابت ڪري ڏيکاريو ته سواءِ هارين جي اتحاد جي پورهيت اڪيلي سر انقلاب آڻي نه سگهندا. البت اهو اندازو ايندا به قائم رهيو ته انقلاب فقط تڏهن ڪامياب ۽ قائم رهي سگهندو، جڏهن اُهو ساڻئي وقت گهٽ چوٽيءَ جو سرمائيدار ملڪن ۾ اچي.

روسي انقلاب انهن مان هڪ مفروضن کي غلط ثابت ڪيو ۽ هڪڙي کي صحيح ثابت ڪيو. اهو انقلاب توقع جي برخلاف يورپ جي ترقي يافته ملڪن ۾ نه، پر يورپ جي پوئتي پيل ملڪ ۾ آيو. ٻيو ته اهو ساڻئي وقت گهٽ ملڪن ۾ نه، پر هڪڙي ملڪ ۾ آيو. ۽ نه رڳو ڪامياب ٿيو پر بچي به ويو. جيڪا ڳالهه توقع مطابق ٿي، اُها هيءَ ته انقلاب ۾ مزدورن سان هارين جو اتحاد قائم ۽ ڪامياب ٿيو. اهڙيءَ ريت انقلاب جي نظريي ۾ اهم تبديليون ۽ واڌارا ٿيا.

قومي مسئلي تي يورپ ۾ شروع کان وٺي ٻه لاڙا هئا، هڪڙو لاڙو جرمن ۽ فرينچ سوشلسٽن، جهڙوڪ: لاسال، لافاجي، لانگي ۽ پرلوڊن جو هو. هن قومن کي هڪ مدي خارج شيءِ سمجهيو ٿي ۽ قومي مسئلي کي انقلاب لاءِ رندڪ سمجهيو ٿي.

ٻيو لاڙو مارڪس ۽ اينجلس جو انقلابي لاڙو هو، هن قومي سوال کي شروع کان وٺي زبردست ۽ تاريخي اهميت ڏني. هن نه رڳو قومن جي وجود، اهميت ۽ تاريخي جواز کي مڃيو ۽ مڃرايو، پر ان جو سائنسي حل سوچي ۽ غور ڪري تيار به ڪيو. اُهو ٽورن لفظن ۾ هي آهي: "قومن کي غلامِ ۽ تابع رکڻ ناجائز آهي. ڪنهن به قوم جي مفادن، پوليءَ ۽ ثقافت کي ٻيءَ قوم جي مفادن، پوليءَ ۽ ثقافت تي برتري ڏيڻ ناجائز ۽ انقلاب لاءِ نقصانڪار آهي. انقلابي گهڙ-قومي اتحاد انقلابي جدوجهد جي لازمي ضرورت آهي. ڏنڊي جي زور سان قائم ڪيل ۽ رکيل اتحاد انقلاب دشمن اتحاد آهي. اتحاد معنيٰ خوشيءَ جو اتحاد، حقيقي برابريءَ ۽ هڪجهڙائيءَ وارو اتحاد. ان اتحاد لاءِ ضروري آهي ته سمورو قومي ظالم، سموريون قومي برتريون، سمورا خاص رتبا ختم ڪيا وڃن. ڪنهن به قوم کي زوريءَ ڪنهن حڪومت جي تابع رهڻ لاءِ مجبور نه ڪيو وڃي. ڪنهن به قوم کي زبردستيءَ ٻيءَ قوم جي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ تي مجبور نه ڪيو وڃي. قومن کي آزادي ڏجي ته چاهين ته ڪنهن ٻيءَ قوم سان گڏجي حڪومت ۾ پائيوار ٿين ۽ وٽين ته پنهنجي الڳ قومي حڪومت قائم ڪن. جڏهن زبردستيءَ واري ڳالهه، ڦرلٽ وارو عنصر وچان نڪري ويندو، تڏهن قومون رضا خوشيءَ سان پنهنجي پنهنجي فائدي لاءِ هڪ ٻئي جي ويجهو ايندیون ۽ پاڻ ۾ ملي ڪير ڪند ٿي ويندیون. انهيءَ وچ ۾ حاڪم ۽ زوراور قومن جي پورهيتن جو فرض آهي ته

پنهنجي فائدي لاءِ محڪوم ۽ مظلوم قومن جي آزاديءَ جي حق جي وڪالت ڪن، پنهنجي پورهيت عوام کي اُن لاءِ ذهني طرح تيار ڪن ۽ ان لاءِ جدوجهد ڪن. ان ريت مظلوم قومن جي عوام کي ظالم قومن جي پورهيتن تي پروسو ٽيندو ۽ هو سائن بڌي ڪرڻ لاءِ تيار ٽيندو. اُن بڌيءَ ذريعي هو سڀ گڏجي، پنهنجي دشمن سان وڙهي، پنهنجي نجات حاصل ڪري سگهندا" مارڪس ۽ اينجلس انهيءَ خيال کان وڌين يورپي قومن جي سوشلسٽن جي قوميت کان انڪار ڪندڙ لاڙي خلاف زبردست جدوجهد ڪئي ۽ انهن جي ڪل ڪٽر قوم پرستيءَ کي بي نقاب ۽ اڳاڙو ڪيو.*

مارڪس ۽ اينجلس يورپ جي تجربي کان پوءِ ان نتيجي تي پهتا ته يورپ جي انقلاب کي مڪيه هٿي ايشيا ۽ آفريڪا جي غلام ۽ اڌ غلام قومن جي آزاديءَ جي جدوجهد مان ملندي. هن هندستان، چين، انڊونيشيا، مصر، الجزائر، ايران وغيره غلام ۽ اڌ غلام ملڪ جي تاريخ جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو ۽ اڳڪٿي ڪئي ته اهي جدوجهدون يورپي سرمائيداريءَ جون پاڙون ڪمزور ڪري ڇڏيندیون ۽ يورپي پورهيتن کي يورپ انقلاب آڻڻ لاءِ ميدان سازگار ڪري ڏيندیون. (ڏسو مارڪس ۽ اينجلس جي مقالن جو مجموعو- "بيٽڪون".)

1896ع ۾ بين الاقوامي سوشلسٽ ڪانگريس اهو فيصلو ڪيو ته 'دنيا جا پورهيت انقلابي انهيءَ ڳالهه لاءِ جدوجهد ڪن ته هر ڪنهن قوم کي پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي.'

1903ع ۾ روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو صحيح معنيٰ ۾ بنياد رکيو ويو. ان پارٽي ڪانگريس پنهنجو پروگرام جي قلم 9 ۾ گهر ڪئي ته "روس جي غلام قومن کي پنهنجي سياسي مستقبل جي پاڻ فيصلو ڪرڻ جي آزادي ڏني وڃي". انهيءَ فقري جي خلاف مها روسي ذهنيت رکندڙ روسي سوشلسٽن زبردست اعتراض کيا ۽ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته قومي مسئلي کي اهميت ڏيڻ انقلاب دشمني آهي. انهيءَ ڪري 1912ع جي پڇاڙيءَ ۾ لينن جي هدايت تي اسٽالين پنهنجو جڳ مشهور مقالو "مارڪسزم ۽ قومي سوال" لکيو. جنهن ۾ قومي حقن ۽ قومي جدوجهد تي انقلابي نقطي نظر کان روشني وڌي ويئي. 1913ع ۾ لينن قومي جدوجهد جي مسئلي تي پنهنجي مشهور مقالن جو سلسلو شروع ڪيو. اُهي آهن: (1) روسي سوشلسٽ جمهوري پارٽيءَ جي قومي پروگرام. (2) قومي سوال بابت تنقيدي تبصرا. (3) قومن جي خود اختياريءَ جو حق. (4) مها روسين جي قومي تڪبير. (5) سوشلسٽ انقلاب ۽ قومن جي خود اختياريءَ جو حق. (6) قومي خود

* پڙهو "مارڪس ۽ اينجلس جا چونڊ خط" پراگريس پبلشرس، ماسڪو.

اختياريءَ جي حق بابت بحث جو نچوڙ. اهو مقالن جو سلسلو جولاءِ 1916ع ۾ پورو ٿيو.

لينن اهي مقالا لکيا، سڄي يورپ جي انقلابي پارٽين جي بين الاقوامي جماعت (بي انٽرنيشنل) کي قومي سوال تي اگهاڙو ۽ بي نقاب ڪيو. ان بين الاقوامي جماعت تي يورپ جي وڏين ۽ جابر قومن يعني جرمني، فرانس ۽ انگلنڊ جا اهي سوشلسٽ چانيل هئا، جن قومي مسئلي تي اهو ئي رويو ٿي ورتو، جيڪو اڄ اسان جا پناهگير-پنجابي سوشلسٽ ونڊي رهيا آهن، يعني قومن جي وجود کان انڪار ڪرڻ يا لنوائڻ، پلٽا هٽڻ ۽ گوهيون ڏيڻ. (هر انقلابيءَ جو فرض آهي ته اُنهن مقالن کي غور سان پڙهي ۽ انهن ۾ اڃوڪن پناهگير-پنجابي ترقي پسندن جون تصويرون ڏسي.)

1917ع ۾ روسي انقلاب آيو. ان ۾ مظلوم قومن جي انقلابين، لينني قومي پاليسيءَ جي روشنيءَ ۾ پرپور حصو ورتو ۽ هڪ جهڙائيءَ ۽ برابريءَ جي بنياد تي قومن جي ساڻ ۽ برابريءَ جو شاندار مثال پيش ڪيو. جلدئي قومي حقن کان انڪار ڪندڙ، وڏين قومن جي چاڙتيءَ پيءَ انٽرنيشنل کي ٽوڙي، ان جي جاءِ تي حقيقي پورهيت بين الاقوامي جماعت "ٽي انٽرنيشنل يا ڪميونسٽ انٽرنيشنل" قائم ڪئي ويئي. 1920ع ۾ ٽي انٽرنيشنل جو هڪ خاص اجلاس "قومي ۽ ٻنڌڪي جدوجهدن" جي مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ سڏايو ويو ان ۾ لينن ۽ هندستاني انقلابي ايم-اين-راءِ جون قومن جدوجهد بابت ٿيسسون (نظرياتي مقالا) منظور ڪيون ويون. انهن ۾ جدوجهد لاءِ صحيح انقلابي لائين پيش ڪئي ويئي. هن ڪانگريس سڄيءَ دنيا جي انقلاب پورهيتن جي پاران دنيا جي پورهيتن ۽ مظلومن کي نين بدليل حالتن ۾ هي نعرو ڏنو: "دنيا جا پورهيتو دنيا جون مظلوم قومون پاڻ ملي هڪ ٿي وڃو!"

انهيءَ وچ ۾ انقلاب جي نظريي ۾ هڪ اهم تبدلي آئي. اُها هيءَ ته اڳي جو سمجهيو پئي ويو ته انقلاب يورپ جي ترقي يافته ملڪن ۾ ايندو يا گهٽ ۾ گهٽ يورپ يا آمريڪا ۾ ايندو، تنهن نظريي ۾ تبديلي آئي. لينن انهيءَ نتيجي تي پهتو ته يورپي سرمائيداري سامراج جي منزل تي پهچي چڪي آهي. اها هڪ هٽيءَ واري سرمائيداري آهي، جيڪا اُپرندڙ سرمائيداريءَ وانگر ترقي پسند نه پر رجعت پرست ٿي ويئي آهي. انهيءَ هڪ هٽي واريءَ سامراجي سرمائيداريءَ سڄيءَ دنيا مان ڦر ڪري، جيڪي دولت جا انبار ڪٺا ڪيا آهن، تن جي زور تي هن يورپ جي پورهيت طبقي کي رشوت ڏيئي، ان منجهان هڪڙو پورهيت امير طبقو پيدا ڪري ورتو آهي. اهو طبقو يورپ ۽ آمريڪا ۾ انقلاب کي اسرڻ نٿو ڏئي. تنهن ڪري يورپ مان انقلاب جي في الحال اميد رکڻ بيسود آهي. يورپ جي هڪ هٽيءَ واري سرمائيداريءَ کي ڏڪ ڏڻهن

لڳندو، جڏهن سندس ايشيا مان پاڙون اکڙجن ٿيون اهي دولت جا بي پناه وسيلا بند ڪجن، جن جي مدد سان پورهيتن مان سرمائيداريءَ جا دلال پرتي ڪري، پورهيتن کي برغلايو ٿيون خراب ڪيو پيو وڃي.

لينن پنهنجي سياسي وصيت ۾ دنيا جي انقلابين کي ظالم ٿيون مظلوم قومن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ ٿيون مظلوم قومن کي پنهنجي صحيح حصي کان ٻه وڌيڪ حصي ڏيڻ جي تلقين ڪئي. هن چيو ته ظالم قوم جي پورهيتن کي پنهنجي قوم جي گناهن جو ڪفارو پرڻ گهرجي.

لينن جي وفات کان پوءِ استالين لينن جي تعليم جو نچوڙ پنهنجي مشهور تصنيف "لينن ازم جا بنياد" ۾ پيش ڪيو. ان ۾ قومي مسئلي بابت لينن جي تعليم تي روشني وجهندي، استالين لکيو: "سرمائيداريءَ جي اڳئين دور ۾ قومي جدوجهد جمهوري جدوجهد جو هڪ اهم حصو هئي. پر هاڻ اها خود سوشلسٽ جدوجهد جو اهم حصو بنجي پيئي آهي."

1949ع ۾ چين ۾ انقلاب آيو، جيڪو دنيا جي تاريخ ۾ روس کان پوءِ استالين کان ٻه هڪ وک اڳتي، اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته قومي جدوجهد سوشلسٽ انقلاب لاءِ رڳو هڪ اهم قدم ناهي ٿيون رڳو ان جو حصو ناهي، پر اڄوڪين خاص حالتن ۾ هڪ خاص عرصي تائين انقلاب جو بنيادي دارو مدار آهي ئي ايشيا، آفريڪا، لاطيني آمريڪا جي قومي جدوجهدن تي، ٿيون نه يورپ جي مزدورن جي خالص طبقاتي جدوجهد تي. چيني انقلاب جي ڪاميابيءَ کان پوءِ انقلاب تان يورپي هجڻ جي بندش لهي ويئي. ٿيون اهو ثابت ٿيو ته دنيا جون مظلوم پوئتي پيل هاري قومون ٻه پورهيت انقلاب آڻي سگهن ٿيون. ويٽنامي، ڪوريائي، ڪيوبائي ٿيون ڏکڻ يمني انقلابن ته هيڪاري ثابت ڪري ڏيکاريو ته هن دور جي خاص حالتن ۾ پورهيت انقلاب ڪنهن وقت تائين فقط ايشيا، آفريڪا ٿيون لاطيني آمريڪا جي ننڍڙين مظلوم قوميتن جي قومي آزاديءَ جي جدوجهدن مان ئي گسري، نسري ٿيون وڌي ويجهي سگهي ٿو. انقلاب جو مرڪز سرمائيدار يورپ مان ڦري ايشيا، آفريڪا ٿيون لاطيني آمريڪا جي غلام ٿيون اڌ غلام ڪنڊن ۾ اچي چڪو آهي. هي دور يورپ ٿيون آمريڪا ۾ انقلابن جو نه، پر ايشيا، آفريڪا ٿيون لاطيني آمريڪا جي قومي آزاديءَ جي جدوجهدن جو آهي اهي جدوجهدون انهن علائقن مان سامراجين جا ٽڪا پٽي سندن ڦرلٽ جا وسيلا بند ڪري، سندن گهر ۾ گهوٽالو وجهي، ڪين ڪٽائي انقلاب لاءِ ميدان تيار ڪندیون. جڏهن يورپ ٿيون آمريڪا جي مزدورن کي ايشيا ٿيون آفريڪا جي مال مان پٽي ملڻ بند ٿيندي، تڏهن سندن اکيون کلنديون ٿيون هو پنهنجي طبقاتي دشمن سان ساز باز ڪرڻ بدران انهن خلاف جدوجهد ڪندا. اهڙيءَ ريت هڪ طرف مظلوم قومن جي آزاديءَ جي جنگ جا شعلا، ته ٻئي طرف

آمريڪا ۽ يورپ جي پورهيتن، غريبن، جمهوريت پسندن ۽ نسلي ظلم جي ماريل ماڻهن جي جدوجهد جي آگ پاڻ ۾ گڏجي سامراج کي پسمر ڪري چڏيندي.

ٽي انٽرنيشنل جي ٻي ڪانگريس انهيءَ نتيجي تي پهتي هئي ته ايشيا، آفريڪا ۾ قومي جدوجهد لازمي طرح وچين طبقي جي سرمائيدار جمهوري جدوجهد هوندي. پر چيني، ويٽنامي، ڪوريائي، ڪيوبائي ۽ ڏکڻ يمني انقلابن ثابت ڪري ڏيکاريو ته قومي جدوجهد صحيح معنيٰ ۾ فقط تڏهن ڪامياب ٿيندي، جڏهن (1) ان جي اڳواڻي وچين طبقي جي هٿ ۾ نه، پر پورهيتن جي هٿ ۾ هجي، (2) اها لمبي عرصي لاءِ هلائي وڃي، (3) عوامي جنگ جي سائنس مطابق هٿياربند هجي، (4) اها پورهيتن جي اڳواڻيءَ هيٺ سچي وطن دوست طبقن ۽ فردن جي گڏيل محاذ جي وسيلي هلائي وڃي. اهڙيءَ حالت ۾ اها هٿياربند قومي جدوجهد ڪافي لمبي عرصي کان پوءِ سرمائيداريءَ جي منزل تائين پهچي سگهي ٿي. آفريڪا جي انگولا، موزمبيق، گني ۽ بين تمام پوئتي پيل علائقن جي هٿياربند قومي جدوجهدن ايجا ٻ هڪ وک اڳتي هلي، اها ڳالهه ثابت ڪري ڏيکاري آهي ته قومي جدوجهد اهڙن ملڪن ۾ ٻ هلائي سگهجي ٿي، جتي ڪو خاص صنعتي مزدور طبقو ناهي. اهڙين خاص حالتن ۾ هڪڙي نندڙيءَ قوم جا پورهيت هاري جيڪڏهن دنيا جي پورهيت انقلابي نظريي سان هٿيار بند ڪيا وڃن ۽ انقلابي پورهيت حڪمت عمليءَ ۽ چالن کان ڪم وٺن ۽ جنگ جي اصولن مطابق هٿيار بند عوامي جدوجهد هلائين، ته اهي ٻ عوامي قومي انقلاب آڻي. سوشلسٽ انقلاب جي منزل تي رسي سگهن ٿا. چين، ڪوريا توڙي ويٽنام وغيره جي انقلابن ۾، انقلابي مفادن خاطر، طبقاتي جدوجهد کي قومي جدوجهد جي تابع ڪرڻ جي حڪمت عمليءَ تي عمل ڪيو ويو آهي ۽ پورهيت اڳواڻيءَ هيٺ سمورن وطن دوست طبقن جي انقلابي قومي متحده محاذ جي انقلابي قومي هٿيار کي ڪتب آندو ويو آهي. ڪجهه عرصي لاءِ خود وچين طبقي جي عارضي اڳواڻيءَ هيٺ ڪم ڪرڻ کي ٻ برداشت ڪيو ويو آهي.

انهيءَ سموريءَ ڳالهه مان ٻين ڳالهين کان سواءِ هي ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون: (1) الڳ الڳ قومن ۽ الڳ الڳ قومي مفادن جو وجود هڪ تاريخي حقيقت آهي. قومي جدوجهد نه رڳو جائز پر اڻ ٽر ۽ انقلابي آهي. اها رڳو وڏيرن ۽ سردارن کي فائدو رسائي ٿي. اڄوڪي دور ۾ ته عالمي انقلاب جو سارو دارومدار ئي مظلوم قومن جي جدوجهد تي آهي. (2) قومن جي وجود ۽ قومي جدوجهد جي اهميت کان انڪار ڪرڻ ۽ رڳو طبقاتي جدوجهد جو راڳ آلاپڻ انقلابي استادن مارڪس ۽ اينجلس، لينن، استالين، هوچي من، ڪم ال

سنگ، وغيره جي تعليم ۽ عمل جي سنگين خلاف ورزي ۽ انقلاب دشمن حرڪت آهي. ان جو انقلابي نظريي سان ڪو واسطو ڪونهي. (3) "دنيا جا پورهيت پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويجو- اهو هڪ خاص تاريخي دور جو نعرو آهي، جنهن جي بدليل تاريخي حالتن ۾ اها محدود ۽ تنگ معنيٰ هرگز ناهي، جيڪا سوا سؤ سال اڳ هئي. جيڪي ماڻهو ان هوندي به قومي جدوجهد کي فضول، نڪمو ۽ انقلاب دشمن سمجهن ٿا، قومي جدوجهد جي حمايت نٿا ڪن، قومن کي پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن حڪومت ۾ رهڻ يا الڳ ٿي پنهنجي حڪومت قائم ڪرڻ جو حق نٿا ڏين، تن کي لينن پورهيت طبقي سان غداري ڪندڙ، پنهنجي ظالم قومن جي رجعت پرستن جو هٿ ٺوڪيو، پورهيت اتحاد جي نعري کي شرمناڪ ڪوڙ بنائيندڙ، پنهنجي قوم جي رجعت پرست قوم پرستيءَ جي گندگيءَ ڌٻڻ ۾ ڦاسندڙ، بدمعاش، بزدل ۽ منافق "سوشلسٽ"، ناجائز قوم پرست ۽ سامراجي چمچو "سوشلسٽ" سڏيو آهي هو پنهنجي مقالن "قومي پاليسيءَ جو سوال ۽ پورهيت بين الاقواميت" ۾ لکي ٿو: عوام وڏيرکي سستيءَ ۽ ڪهر مان سجاڳ ٿئي ۽ قومي ظلم خلاف ۽ قوم جي خود مختاريءَ واسطي جدوجهد ڪري، اها ڳاله ترقي پسند آهي." (صفحو 30)- "هر ڪنهن مظلوم قوم جي وچين طبقي جي قوم پرستيءَ ۾ هڪڙو عام جمهوري مواد هوندو آهي، جيڪو ظلم جي خلاف ڪتب ايندو آهي. اسين ان مواد جي بناشرط شروط جي تائيد ڪريون ٿا." (صفحو 69-70)- "قومن جي خودارادیت جي معنيٰ آهي ته اهي قومون ڌارين قومن کان سياسي طرح الڳ ٿي، پنهنجو خودمختار حڪومتون ٺاهين." (صفحو 52)- "مارڪس جي انقلابي تعليم جا پوئلڳ جيڪڏهن جمهوريت ۽ پورهيت طبقي سان غداري ڪرڻ نٿا چاهين، ته پوءِ سندن لازمي فرض آهي ته هو قومي سوال جي هڪ خاص گهرجي ضرور حمايت ڪن. اها گهر آهي قومن طرفان پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جي حق جي گهر. يعني سياسي علحدگيءَ جي گهر." (صفحو 8)- "پورهيت طبقو ان جمهوريت جو مطالبو ٿو ڪري، جنهن جمهوريت ۾ ڪنهن به هڪڙيءَ قوم کي ڪنهن به حڪومت جي حدن اندر زبردستيءَ قابو رکڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي." (صفحو 9)- "ظالم قومن جي مزدورن کي بين الاقوامي اتحاد جي تعليم ڏيڻ مهل انهيءَ ڳاله تي زور ڏيڻ ڪهي ته انهن پورهيتن جو فرض آهي ته هو مظلوم قومن جي الڳ ٿي وڃڻ جي آزاديءَ جي وڪالت ڪن ۽ ان لاءِ وڙهن. انهيءَ ڳاله کان سواءِ قومن جي وچ ۾ اتحاد قائم ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اسان جو اهو حق ۽ فرض آهي ته ظالم قوم جو جيڪو سوشلسٽ جمهوريت پسند انهيءَ قوم جي تبليغ ڪرڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو. تنهن کي سامراجي ۽ بدمعاش ڪري

ليڪيون.“ (صفحو 171)۔ ”جيڪي ساڻي اهو محسوس نٿا ڪن تہ قومن جي الڳ ٽيڻ جي حق کي نہ مڃڻ ۽ ننڍين قومن جي قومي تحريڪن کي حقارت جي نظر سان ڏسڻ ڪري، هو ڪهڙي نہ گند ۾ ڪري پيا آهن، تن جون اکيون تڏهن کلنديون جڏهن کين خبر پونددي تہ ’اتفاق‘ سان، انهيءَ مسئلي تي سندن خيال ۽ اهي ساڳيا آهن، جيڪي سندن قوم جي سرمائيدارن جا آهن.“ (صفحو 181)۔ ”جيڪو ظالم قوم جو سوشلسٹ جمهوريت پسند قومن جي الڳ ٽيڻ جي حق کي زبان سان تسليم ڪري ٿو پر ان لاءِ عملي جدوجهد نٿو ڪري، سو حقيقت ۾ سامراجي آهي ۽ زار شاهيءَ جو دلال آهي.“ (صفحو 187)۔ ”اها تسليم ٽيل گاله آهي تہ (ڪنهن مظلوم قوم جي) الڳ ٿي وڃڻ جي حق کان انڪار ڪرڻ معنيٰ ظالم قوم جي حد کان وڌيڪ چٽيل چنديل رجعت پرستن واري قوم پرستيءَ جي هٿن ۾ راندیڪو ٿي ڪيڏڻ.“ (صفحو 11)۔ ”ڪي ماڻهو ستايل قومن جي وچين طبقي جي قوم پرستيءَ جي هٿن ۾ راندیڪو ٿي ڪيڏجڻ جي ڊپ کان وڃي ظالم قوم جي نہ رڳو وچين طبقي جي قوم پرستيءَ پر انتهائي رجعت پرستي جي هٿن ۾ راندیڪا بنيا آهن.“ (صفحو 11)۔ ”مظلوم قومن جي علحدگيءَ جي حق کي تسليم ڪرڻ لاءِ ظالم قوم جا وچين طبقي وارا جمهوريت پسند ٻڌل نہ آهن. هو اصولي طور ۽ ان کي تسليم نہ ڪن تہ ۽ وس وارا آهن. پر اسين سوشلسٹ جمهوريت پسند انهيءَ مطالبي کي تسليم ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهيون، جيڪڏهن اسين اها گاله وساري ڇڏيندا سين يا پنهنجي هم وطن روسين جي قومي تعصب جي ڊپ کان ان کي پيش ڪرڻ کان ڏڇندا سين تہ پوءِ دنيا جي سوشلسٹ جمهوريت پسندن جو جيڪو نعرو آهي تہ ’دنيا جا پورهيتو پاڻ ۾ ٻڌي ڪريو!‘ اهو نعرو اسان جي چپن تي ڦري، هڪڙو بي شرمائيءَ وارو ڪوڙ ٿي پوندو.“ (صفحو 11)۔ ”روسي قوم جو جيڪو ۽ مارڪس جو پوئلڳ هڪڙيءَ گهڙيءَ لاءِ ۽ مظلوم يوڪراني قوم جي روسين سان برابريءَ جي گهر يا سندن روس کان الڳ پنهنجي خودمختار حڪومت قائم ڪرڻ جي حق کي وساري ٿو، سو سڪو وچين طبقي روسي قوم پرستيءَ جي گنديءَ ڌبڑ ۾ ڦاسي پوندو.“ (صفحو 28۔ 29)۔ روزا لڪسمبرگ پولينڊ جي ناجائز قوم پرستيءَ جي جدوجهد جي وهڪري خلاف ايترو تہ لڙهي ويئي آهي، جو ڪيس روسي ڪٽر قوم پرستن جي قوم پرستي وسري ويئي آهي. حالانڪ اها ڪٽر قوم پرستي هن وقت جمهوريت ۽ پورهيت جدوجهد جي راهہ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي...“ (صفحو 70)۔ ”قومن جي علحدگيءَ جي حق کي رد ڪرڻ جي معنيٰ اها ٿيندي تہ ڏاڍي ۽ زوراور قوم جيڪي خاص رعايتون ڦٻايو ويٺي آهي ۽

پوليس راج جا انتظامي طريقا استعمال ڪري ٿي، تن جو بچاءَ ۽ وڪالت ڪريون." (صفحو 71)- جيڪي ماڻهو اهو راڳ آلاپين ٿا تہ انقلاب کي فقط وڏيرن ۽ سرمائيدارن کان خطرو آهي ۽ اُنهيءَ بهاني قومي جدوجهدن کي نندين ٿا، تن لاءِ لينن هيئن چيو آهي: "اسان کي سڃي روس (يعني سڃي ملڪ) کي خيال ۾ رکي، سياسي مسئلن کي پيش ڪرڻ کپي، ۽ روس جي سياست تي روسي قوم جا رجعت پرست چانيل آهن. سندن خيال هر هنڌ حاوي آهن. پارليامينٽ، اسڪولن، ديولن، فوجي بيرڪن ۽ سوين هزارين اخبارن ۾ اهائي وٺ وڻان آهي تہ غير روسي علحدگي پسند آهن ۽ الگ ٿيڻ بابت پيا سوچين. زوراور قوم جي انهيءَ قوم پرستيءَ جو اهو زهر سڃي روس جي سياسي ماحول کي زهريلو بنائي رهيو آهي. هيءَ هن قوم (يعني روسي قوم) جي بدقسمتي آهي، جو اها پين قومن کي غلام بنائي، خود پنهنجو پاڻ رجعت پرستيءَ جو شڪار ٿي رهي آهي... قومن جي علحدگيءَ جي حق کي تسليم نہ ڪرڻ جي معنيٰ آهي بدترين موقع پرستيءَ جو شڪار ٿيڻ ۽ پورهيت طبقي کي سندن قوم جي رجعت پرست خيال جي زهريلن جيوڙن جو شڪار بنائڻ." (صفحو 114) جيڪي ماڻهو پاڻ کي ترقي پسند سڏائيندي، خود پنهنجي قوم جي پورهيتن کي اها تعليم نٿا ڏين تہ قومي جدوجهد جي پر زور تائيد ڪئي وڃي يا فقط زباني طرح جدوجهد جي حمايت ڪن ٿا پر عملي طرح ان جي حمايت نٿا ڪن، تن لاءِ لينن هيئن چيو آهي:

"جيڪڏهن ماڻهو پائڻي تہ مارڪسي سياستدان ٿيان تہ ان جو فرض آهي تہ هو السيس* جي باري ۾ جرمن سوشلسٽ بدمعاشن تي حملو ڪري، چاڪاڻ جو هو السيس کي پنهنجي الگ حڪومت قائم ڪرڻ جو حق ڏيارڻ لاءِ جدوجهد نٿا ڪن. ۽ هن کي فرينچ سوشلسٽ بدمعاشن تي حملو ڪرڻ کپي، جو هو فرينچ وچين طبقي سان ناهه ڪريو وينا آهن، حالانڪ فرينچ وچون طبقو السيس کي زوريءَ فرانس سان ملائڻ چاهي ٿو، تنهن کان سواءِ ڪيس پنهي جرمن توڙي فرينچ سوشلسٽ بدمعاشن کي گڏي، مٿن، انهيءَ لاءِ حملو ڪرڻ کپي، جو هو پنهنجي پنهنجي مل جي سامراجين جي چاڪري پيا ڪن ۽ السيس جي نندڙي آزاد خودمختار حڪومت جي ٽهڻ کان چرڪن پيا. اهڙيءَ طرح ماڻهو کي ثابت ڪري ڏيکارڻ کپي تہ جيڪي سوشلسٽ قومن جي خودمختاريءَ جي حق کي تسليم ڪن ٿا، سي ڪيئن نہ السيس وارن جي مرضي پڇڻ کان سواءِ پين چئن هفتن اندر السيس جو مسئلو حل ڪري سگهن ٿا." (صفحو 129)- "سوشلسٽن جو فرض آهي تہ هو عوام کي سمجهائين تہ جيڪو انگريز سوشلسٽ انگلنڊ جي غلام بينڪن ۽ آئرلنڊ جي علحدگيءَ جو

* السيس تي فرانس ۽ جرمنيءَ وچ ۾ تڪرار هو.

مطالبو نٿو ڪري، جيڪو جرمن سوشلسٽ جرمن بينڪن جي جرمنيءَ کان علحدگيءَ جي حق لاءِ مطالبو نٿو ڪري... جيڪي (ننڍين قومن جا سوشلسٽ) پنهنجي انقلابي تبليغ ۽ انقلابي تحريڪ کي وڌائي قومي ظلم خلاف تحريڪ نٿا بنائين، جيڪي روسي سوشلسٽ پولينڊ، فن لينڊ ۽ يوڪرائين وغيره جي روس کان علحده ٿيڻ جي آزاديءَ جي حق جي گهُر نٿا ڪن، اهڙا سوشلسٽ ناجائز قوم پرست ۽ سامراجي چمچا آهن ۽ مٿن سامراجين جو وهايل رت ۽ ڪين ٽڦيو پيو آهي."

جيڪي نقلي ترقي پسند چون ٿا تہ 'خالص سوشلسٽ انقلاب لاءِ جدوجهد ڪريو ۽ وچ ۾ ٻيو ڪوبہ ڏڦو نہ وجهو، قومي جدوجهد جو مسئلو کڙو نہ ڪريو اهڙن "خالص" سوشلسٽن کي لينن هي جواب ڏنو آهي:

"اهو خيال ڪرڻ تہ سماجي انقلاب بينڪن (ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي غلام ملڪن) ۽ يورپ جي ننڍڙين قومن جي بغاوتن کان سواءِ ئي ايندو، يا وهمي ۽ تعصبي چوٽي وچين طبقي جي ڪنهن حصي جي انقلابي هلچل کان سواءِ ايندو، سياسي شعور نہ رکندڙ پورهيت ۽ اڌ پورهيت عوام طرفان زميندارن، ملن، پادرين، بانيٽن، پيرن، بادشاهن، قومي ظالمن خلاف تحريڪ کان سواءِ ايندو، سو ٿيندو خود سماجي انقلاب کان انڪار ڪرڻ. اهڙن ماڻهن جو خيال آهي تہ هڪڙي فوج کي گهرجي تہ ڪنهن هنڌ صفون ٻڌي بيهي چوي، 'اسين سوشلزم جا حامي آهيون!' ۽ ٻئي هنڌ وري ٻي فوج قطارون ٻڌي، بيهي چوي، 'اسين سامراج جا حامي آهيون!' اهڙيءَ ريت سماجي انقلاب اڇي ويندو!... جيڪو بہ اهڙي خالص، سماجي انقلاب جي آس رکيو ويٺو هوندو، سو مرٽو مري ويندو، سماجي انقلاب اڪثين ڪونہ ڏسندو. اهڙو ماڻهو فقط وات سان انقلابي ٽڪاءُ ڏئي ٿو، باقي حقيقت ۾ انقلاب ڇا آهي، سا ڪيس خبر ئي ناهي." (صفحو 182).

جيڪي قومي جدوجهد جي انهيءَ بهاني سان مخالفت ٿا ڪن تہ 'قومي جدوجهد مان هندستان، روس يا آمريڪا ناجائز فائدو ونڊي ويندا' تن کي لينن هي جواب ڏنو آهي: ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن هڪڙي سامراجي قوت خلاف قومي جدوجهد کي پي ان جهڙي ئي سامراجي طاقت پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪندي آهي. پر انهيءَ ڪري سوشلسٽ جمهوريت پسند مظلوم قوم جي الڳ حڪومت قائم ڪرڻ جي حق جي حمايت ڪرڻ کان انڪار نہ ڪندا. ائين تہ ڪيترا سرمائيدار، مڪر ڪري پنهنجي مالي ڦرلٽ لاءِ بادشاهت جي جاءِ تي جمهوريت قائم ڪرڻ جا نعرا استعمال ڪندا آهن. پر اُنهيءَ ڪري سوشلسٽ جمهوريت پسند، جمهوريت قائم ڪرڻ جي ڳالهہ کي رد ٺوروئي ڪندا" (130 صفحو).

جيڪي چون ٿا تہ 'قومي جدوجهد هلائبي تہ هڪ طرف پنجابي-پناهگير عوام تہ ٻئي طرف سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ عوام پاڻ ۾ وڙهي پوندا. اُنهن جي وچ ۾ تفرقو پئجي ويندو'، ۽ جيڪي قومي جدوجهد جي حق ۾ فقط عام ۽ هوائي جملا ڳالهائيندا آهن، سڪٽي لباڙ هٽندا آهن ۽ گهُر ڪندا آهن تہ 'قومي سوال کي تيسين پٺيان رکو جيسين سوشلزم جو بول بالا ٿئي' تن کي لين جا هي لفظ ذهن نشين ڪرڻ ڪپن: ''سوشلزم جو مقصد رڳو اهو ناهي تہ انسان ذات، جا هينئر نندڙين نندڙين حڪومتن ۾ ورهائي پيئي آهي ۽ ان جون سڀ قومون هڪٻئي کان پري پري ويٺيون آهن، تنهن ڪري ختم ڪجي. سوشلزم جو مقصد رڳو قومن کي پاڻ ۾ ناهڻ نہ آهي، پر سندس مقصد آهي قومن کي پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪرڻ. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ئي اسان جو فرض آهي تہ اسين ... هڪ چٽي ۽ ٺوس نموني ناهيل سياسي پروگرام ذريعي مظلوم قومن جي آزاديءَ جي گهر ڪريون اُنهي پروگرام ۾ ان ڳالهہ جو خاص خيال رکڻ کپي تہ ظالم قومن جا ڪيترا سوشلسٽ منافق ۽ بزدل ٽيندا آهن تنهن ڪري ان پروگرام ۾ عام ۽ هوائي جملا نہ هجن سڪٽي لباڙ نہ هجي ۽ ائين نہ چئجي تہ 'قومي سوال کي تيستائين پٺيان رکو جيستائين سوشلزم جو بول بالا ٿئي'. جيئن انسان ذات طبقن جي خاتمي جي منزل تائين پهچندي- ۽ اها اتي فقط تڏهن پهچندي جڏهن اها مظلوم طبقي جي ڊڪٽيٽر شپ واري وچين دور مان لنگهي پار پوندي، تيئن انسان ذات بہ نيٺ ۽ اوس ان منزل تي پهچندي، جتي قومون پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ وانگر ملي، هڪ ٿي ويندين، پر ان منزل تي پهچڻ لاءِ لازمي آهي تہ پهرين هڪڙيءَ وچينءَ منزل کي رسجي. اها منزل اها آهي تہ سموريون ستايل قومن کي مڪمل نجات حاصل ٿئي، يعني هو پنهنجن الگ حڪومتن قائم ڪرڻ جو حق ماڻين.'' (صفحو 128 _ 129).

جيڪي سڄو ڏينهن رڳو 'اقتصادي جدوجهد' کو رينگٽ آلاپين ٿا، تن کي مائوزي تونگ جا هي لفظ ذهن نشين ڪرڻ ڪپن تہ ''قومي جدوجهد پس پيش هڪ اقتصادي جدوجهد آهي،'' لين چوي ٿو، ''پراڻن اقتصاديت پرستن مارڪسي تعليم کي هڪڙو سانگ بنائي، پورهيتن کي سيکاريو تہ مارڪس جي انقلابي تعليم جي پوئلڳن لاءِ فقط اقتصادي پاسو اهميت رکي ٿو... پر جيتوڻيڪ سوشلزم اقتصاديت تي ٻڌل آهي، پر اهو فقط اقتصاديت ڪونهي.'' (صفحو 147).

جيڪي چون ٿا تہ 'قومي مسئلو موجوده جاگيرداري، سرمائيداري نظام ۾ ائين ئي حل ڪونہ ٽيندو ۽ فقط سوشلزم جي ڪاميابيءَ کان پوءِ ٽيندو'، تن کي لين اها ڳالهہ ياد ڏياري آهي تہ ''ٻيا سڀ جمهوري مسئلا، چوندون، پريس جي آزادي، ڏارين حاڪمن کان آزادي، وغيره سڀ موجوده جاگيرداري،

سرمائيداريءَ ۾ مڪمل طرح حل ٿي نٿا سگهن، پر ان جو مطلب اهو آهي ڇا تہ انهن مسئلن تي جدوجهد نہ ڪجي!" هو سيڪاري ٿو تہ "ڪنهن قومي جدوجهد جي سوشلسٽ انقلاب کان اڳ ڪاميابيءَ جي ڪٿي هزار مان هڪڙي چانس هجي، تہ بہ ان جدوجهد جي حمايت ڪرڻ ڪپي." (صفحو 172).

انهيءَ ڪري قومي مسئلي کي سوشلزم جي ڪاميابيءَ ٿيڻ تائين ملتوي ڪرڻ هڪڙي بدمعاشيءَ واري چال آهي. تنهن کان سواءِ ائين سمجهڻ تہ سوشلزم کان پوءِ ازخود سڀ مسئلا حل ٿي ويندا ۽ ظالم قومن جا پورهيت ازخود اهڙا پاڪ صاف ٿي ويندا، جو سمورن ناجائز فائدن تان ازخود هٿ کڻي، مظلوم قومن سان مڪمل انصاف ڪندا، سان بہ غلط ڳالهہ آهي. هو لکي ٿو تہ "سوشلسٽ انقلاب آڻڻ کان پوءِ پورهيت طبقو پوتيءَ پاڪ اولياءَ سڳورو ڪو نہ ٿي پوندو ۽ نہ وري غلطين ۽ ڪمزورين کان آجو ٿي پوندو." (صفحو 189).

پورهيت انقلاب کان پوءِ بہ جيڪڏهن سڀني قومن کي هڪجهڙن جمهوري حقن ڏيڻ ۽ پنهنجن الڳ حڪومتن قائم ڪرڻ جي حق ماڻڻ لاءِ ڪوشش ونبي، تہ ٺيڪ آهي، نہ تہ رڳو سوشلزم اچڻ سان قومي مسئلو حل ٿئي اها توقع فضول آهي. هو لکي ٿو: "قومي ظلم کي ختم ڪرڻ لاءِ سوشلسٽ پيداوار جو بنياد لازمي آهي... پر سرمائيداريءَ کي بدلائي سوشلزم ڪرڻ سان پورهيت طبقو قومي ظلم کي مڪمل طرح ختم ڪرڻ جو رڳو امڪان پيدا ڪري ٿو، اهو امڪان رڳو تڏهن حقيقت بنبو، ۽ فقط تڏهن بنبو، جڏهن سڀني ميدانن ۾ جمهوريت رائج ڪئي وڃي ۽ حڪومت جو سرحدون عوام جي خواهش مطابق ناهيون وڃن ۽ عوام کي الڳ حڪومت ناهڻ جي آزادي ڏني وڃي. (صفحو 147).

جيڪي چون ٿا تہ 'ظالم قوم جي عوام' خاص ڪري پورهيتن کي، قومي ظلم لاءِ نندي نٿو سگهجي ڇاڪاڻ تہ سڄي قوم ظالم ٿي نٿي سگهي، خاص ڪري پورهيت ظالم ٿي نٿا سگهن، انهن جو جواب آهي تہ نہ رڳو قومون ظالم ٿيندیون آهن پر پورهيت بہ ظالم مجرم ٿيندا آهن ايتريقدر جو پورهيتن جا اڳواڻ ۽ سوشلسٽ بہ بدمعاش ٿيندا آهن. مثلاً لينن صفحي 164 تي لکي ٿو: "مارڪس ۽ اينجلس... مڪمل طرح رجعت پرست قومن ۽ انقلابي قومن ۾ فرق ڪيو. مثلاً اهي قومون، جن يورپ ۾ روسي سامراج جي ٽاڻن طور ڪم ڪيو ۽ اهي قومون جيڪي حقيقي انقلابي هين، جهڙوڪ: جرمن، پول ۽ مگيار" اينجلس انگريز مزدور طبقي جو ذڪر ڪندي، ڪاٽسڪيءَ کي لکي ٿو: "مون کان پڇيو اٿئي تہ 'غلام ملڪن بابت انگلنڊ جي پاليسي جي باري ۾ انگريز مزدور ڇا ٿو سوچي؟ سو هو ائين

سوچين ٿا جيئن سياست بابت عام طرح سوچيندا آهن، هن جي سوچ اها ئي آهي جيڪا سندن سرمائيدار طبقي جي آهي. (انگريز) مزدور ڏاڍي مزي سان اهي بوڙ پلاءُ پيا کائين جي انگلنڊ دنيا جي مارڪيٽ ۾ بيٺڪن تي هڪ هٽي جمائي تيار ڪيا آهن." (صفحو 341 مارڪس ۽ اينجلس جا غلام بيٺڪن بابت مضمون ۾ خط اينجلس جو ڪاتسڪيءَ ڏانهن لکيل خط).

"بهرحال انگلنڊ ۾ ان سان گڏ انگلنڊ جو مزدور طبقو، ان سنگين ڏوهه جو ڏنڊ پيا پرين جيڪو ڏوهه هو صدين کان آئرلنڊ خلاف ڪندا رهيا آهن." (صفحو 228).

اسين مٿي لکي آيا آهيون ته 'نه کي نو ڪوٽ ٿيندا آهن.' مارڪس ڪنهن هنڌ چيو آهي ته 'ماڻهو جيڪڏهن به ۾ به ٿيا چار، انهيءَ ۾ به پنهنجو نقصان سمجهندام ته اها ڳالهه نه ميجندام ۾ چوندا به ۾ به ٿيا پنج! ۾ ان جي تائيد ۾ لڳاتار پيا دليل بازي ڪندا!' پر انقلابي استادن جي انقلابي تعليم جو لفظ لفظ ان جو سمورو روح پنجابي-پناهگير نقلي ترقي پسند ڏانهن چڙ ته اگر ڪٽي پڪاري چوي ٿو: "اوهين ڪوڙا ڪذاب آهيو. مڪار آهيو. سڄي پاڪستان جي عوام جا دشمن آهيو. اوهان کي ڪڏهن به معاف نه ڪيو ويندو."

پاڪستان جون مظلوم قومون نه رڳو پنهنجي نجات لاءِ جدوجهد ڪنديون رهيون آهن، پر ساڳئي وقت پنجابي-پناهگير پورهيت ۽ غريب عوام جي نجات جي جنگ پڙ لڙي رهيون آهن. بنگالي، سنڌي، پٺاڻ ۽ زميندارن، سرمائيدارن جاگيردارن ۽ سندن دلال وچين طبقي جي راڄ جون پاڙون لوڏي، کين ڪمزور ڪري پنجابي-پناهگير. پورهيت عوام جي دشمن کي ڪمزور ڪيو آهي ۽ پنجابي-پناهگير عوام کي موقعو ڏنو آهي ته هو اڳتي وڌي، زميندار-سرمائيدار اقتدار جو تختو اونڌو ڪري، عوامي اقتدار قائم ڪن. پر پنهنجن نقلي ترقي پسندن پناهگير-پنجابي ٽولن جي غدارين ڪري پنجابي-پناهگير عوام صحيح سوچ ۽ صحيح سياسي لائين حاصل ڪري نه سگهيا ۽ مظلوم قومن سان اتحاد ڪرڻ بدران پنهنجي دشمن جا پڇ لٽڪائيو، ڪمي ۽ ڪمدار ٿي بيٺا آهن. پنجابي-پناهگير عوام جو وڏي ۾ وڏو دشمن پنجابي-پناهگير، زميندار، سرمائيدار ۽ سندن دلال وچون طبقو آهي. انهن طبقن جي طاقت جون جڙون بنگال، سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ پنجاب ۾ آهن. جيڪڏهن پناهگير-پنجابي عوام پنهنجي دشمن طبقي کان نجات حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ته هن کي گهرجي ته نقلي ترقي پسند گروه کي ٽوڪاري، انهن کان جند ڇڏائي، پنهنجي مفاد طور پاڪستان جي مظلوم قومن جي عوام سان ملي، انهن هنڌن تي پنهنجي دشمن طبقن جون جڙون پٽي ڪڍي ۽ کين ڪمزور

ڪري، تہ جيئن هو آسانيءَ سان انهن پنهنجي دشمن طبقن کي زير ڪري سگهن.

قومي جدوجهد جو پناهگير-پنجابي نقلي ترقي پسند نظريو هڪ (1) پورهيت دشمن (2) عوام دشمن (3) انقلاب دشمن، (4) ڪٽر قوم پرست، (5) تنگ طبقي پرست، (6) سنڌ دشمن، (7) پاڪستان جي سمورين مظلوم قوميتن جو دشمن، (8) رجعت پرست نظريو آهي، جو پنجابي-پناهگير زميندارن-سرمائيدارن جي دلالي ۽ چاڪري ڪندي، (1) پنجابي-پناهگير پورهيت عوام کي گمراهه ڪري، پنهنجن سچن ساٿين ذيهني مظلوم قومن جي عوام کان ڪاٽي اُنهن جو دشمن بنائي ٿو، (2) کين پنجابي-پناهگير زميندارن-سرمائيدارن سان مجرماڻ ساٿ ڏيڻ واريءَ واٽ تي هلارائي ٿو، (3) کين پاڪستاني عوام جي گڏيل عوامي جدوجهد جي دشمن ۽ غدار جي پارٽ ادا ڪرڻ لاءِ اپاري ٿو. ٻئي طرف اهو مظلوم قومن جي جدوجهد کي ڏڪ هٽي، (1) پنجابي-پناهگير زميندارن ۽ سرمائيندارن جا سامراجي قرلٽ جا مورچا بچائي ۽ سلامت رکي ٿو، (2) انقلاب ۽ سوشلزم سان غداري ڪندي، کين مظلوم قومن ۾ بدنام ۽ خوار ڪري، عوام کي انهن کان بدظن ۽ بيزار ڪري ٿو، (3) انقلاب دشمن ۽ سوشلسٽ دشمن قوتن کي تقويت پهچائي ٿو، (4) مظلوم قومن جي پورهيت عوام کي وڏيرن، خانن، سردارن، سرمائيدارن ۽ رجعت پرست ملن جي جهوليءَ ۾ اڇلائي ٿو، ۽ (5) وڏيرڪي ڪوڙي قوم پرستيءَ کي زور ونڊائي ٿو.

قومي جدوجهد جي پناهگير-پنجابي نقلي ترقي پسند نظريي خلاف جدوجهد قومي نجات، پورهيت اتحاد، عوامي انقلاب ۽ سوشلزم واسطي جدوجهد آهي. اها هن دور جي اهم ترين قومي ۽ انقلابي تقاضا آهي.

قومي جدوجهد جو سنڌي انقلابي وطن دوست نظريو

پس منظر:

سنڌي عوام جي مسئلن ۽ مقصدن کي سمجهڻ لاءِ اسان کي نہ رڳو سنڌ يا سڄي پاڪستان جي صورتحال سمجهڻي پوندي، پر ساڳئي وقت سڄيءَ دنيا جي صورتحال تي ب ويچار ڪرڻو پوندو. اسان کي نہ رڳو اڄ ۽ ڪاله بابت سوچڻو پوندو، پر سڀاڻي بلڪ پرينهنءَ تي ب ويچار ڪرڻو پوندو.

سنڌ کي سمجهڻ لاءِ سڄيءَ دنيا کي سمجهڻ ضروري آهي

سنڌ عوام کي گذريل پنجويهن سالن ۾ آل انڊيا سياست، آل پاڪستان سياست ۽ بين الاقوامي انقلابي سياست جي آڙ ۾ تمام گهڻو ستايو، قربو، لٽيو ۽ پيڙيو ويو آهي. تنهن ڪري 'ڪير جو ڪاٽل جهڙ ڦوڪي پيئي.' وانگر کي محب وطن چون ٿا تہ "ٻيءَ دنيا کي ڇڏيو! خالص سنڌ جي ڳاله ڪريو!" اها ڳاله هن حد تائين بلڪل صحيح آهي تہ سنڌي عوام جي سياست کي ملڪ جي ٻين حصن يا ٻين ملڪن يا دنيا جي سياست جو ڇپ هرگز نہ بنائڻ گهرجي. پر ان کان اڳتي ڳاله صحيح نہ ٿيندي. سنڌ جي سياست جا ملڪ جي ٻين حصن جي سياست سان ۽ ملڪ جي سياست جا دنيا جي حصن جي سياست سان ۽ ملڪ جي سياست جا دنيا جي ٻين ملڪن جي سياست سان بيشمار اٽ ٽڪندڙ ۽ اٽ لکا لاڳاپا ۽ ناتا آهن. اهي ناتا سنڌ جي سياست تي وڏو اثر وجهن ٿا. ملڪ جي ٻين حصن ۽ دنيا جي ملڪن جي سياست ۾ ڪيترين ڦوتون اسان جون همسفر ۽ حال پائي آهن، ۽ ڪيترين ئي ڦوتون اسان جون ازلي دشمن آهن. اسان جي دشمن کي اها خبر آهي. هو ان ڳاله جو فائدو وٺي، پاڻ کي فائدو ۽ اسان کي نقصان پهچائيندا رهن ٿا. پر اسين اڻڄاڻائيءَ ڪرين کو عوام دشمن کان بچاءُ ڪري سگهيا آهيون، نڪو پنهنجي فائدي وارين حالتن ۽ ڦوتن مان جوڳو فائدو وٺي سگهيا آهيون. مثال طور، سڄيءَ دنيا جا سامراجي جهڙوڪ: امريڪا، انگلنڊ، فرانس وغيره صدين کان ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني

امريڪا جي مسڪين ۽ اشراف قومن کي دٻائي، ماري، پنهنجو زيردست بنائي، ڦريندا لٽيندا رهيا آهن. هن انهن مسڪين قومن کي جڙ ۾ هڪ شاهي سامراجي لوڙهي ۾ بند ڪري، کين تالو ڏيئي چڏيو هو. جنهن ٻيڙڪ ٻاهر ٽي ڪڍي، تنهن کي چيپاٽي ٽي چڏيائون. اسان جي سنڌ ۽ پاڪستان جي علائقن جا ماڻهو به انهيءَ لوڙهي ۾ بند هئا. مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي پروپئگنڊا بازن سڄي دنيا ۾ ونڊي هلايو آهي ته 'سامراج جي شير کي اسان ماري ڇڄائي ڪڍيو. اسين نه هجون ها ته هندستان ۽ پاڪستان اڄ غلام هجن ها.' پر تاريخ جي ڄاڻن کي چڱيءَ طرح خبر آهي ته جيڪڏهن پهرينءَ جنگ عظيم ۾ روس جا هاري ۽ مزدور روس ۾ سامراجي راج جو تختو اونڌو ڪري، سامراجي لوڙهي جا برڪهل ڪڍي نه رکن ها، ۽ سامراج جي چيلهه نه ڇيڪي رکن ها، ۽ ٻيءَ جنگ عظيم ۾ روسي عوام پنهنجي انقلابي پورهيت پارٽيءَ ۽ سرڪار جي اڳواڻيءَ هيٺ لکين ڪروڙين جانيون قربان ڪري، پنهنجي وطن جي ٻاڙي ٻاڙي تي هٽلري ديو سان ٻڪين نه پون ها، ۽ ان جي گهر تي ڪاهي، نازي شيطانيت جون جڙون نه اکوڙين ها، ۽ سڄيءَ دنيا جي سامراجين جي طاقت جو نشو نه ٽوڙين ها، جيڪڏهن چيني عوام لڳاتار 25 سال جپاني، آمريڪي، برطانوي سامراجن سان حياتيءَ ۽ موت جي جنگ نه رکن ها، ته جيڪر انگريز کي ڪابه ضرورت ڪانه پوي ها، جو هندستان جهڙيءَ سونا آنا ڏيندڙ ڪڙ کي هندو سينئين ۽ مسلمان جاگيردارن کي اڌ پائيواريءَ تي ڏيئي، پاڻ ٽيڙ ڪٽي، ڳوٺ هليو وڃي ها. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا لک لائق، پر انهن جي ڏکهي کي به طاقت ڪانه هئي، جو رڳو ٽلهين تقريرن ۽ جاڙي بازين سان انگريزن کي ديڃاري، ڇڄائي ڪڍي چڏين ها. اها ته اسين دعا ڪريون دنيا جي دلير ۽ سرويچ انقلابي پورهيت عوام کي، جن جي قربانين ڪري اسان کي انڈي مندي مفت جي آزادي ملي، جي نه، ته انگريز جيڪر رڳو سچ ڇ اکيون ڪڍي ها، ته به ڪانگريسي ۽ ليگي سورما گهرن کان ٻاهر به ڪونه نڪرن ها.

تازو عربن يورپ ۽ امريڪا جي فيل مست طاقتن جي تيل پاٽي بند ڪري چڏيو آهي، ۽ مان مڻيءَ ۾ تيل جا اگهه ٻيٽا، چوٽا ڪري، سندن گهر مسيت ڪري چڏيو اٿن. پانيو ٿا ته جيڪڏهن روس جهڙو فيل مست پهرئين نمبر جو پارو هئدروجن بم ۽ راڪيٽن سميت عربن جي آپري سپري مدد نه ڪري ها، ۽ چين، ويٽنام ۽ ڪوريا، امريڪا جي چيلهه چپي نه ڪريو ويٺا هجن ها، ته اڄ جيڪر امريڪا ۽ يورپ جون شيطاني طاقتون عربن کي ڪٽي وڃي چڏين ها! عرب شيخن ۽ بادشاهن کي ايڏي مجال ئي نه ٿئي ها، جو هو انهن خلاف ٻڙڪ ٻاهر ڪڍي سگهن ها. حقيقت ۾ سڄيءَ دنيا جون ننڍڙيون ڪمزور ۽

پوئتي پيل قومون، دنيا جي انقلابي قومن جي ئي ڪندي تي، سامراجي طاقتن مٿان رعب پيون رکن، نہ تہ دنيا جون بدمعاش سامراجي طاقتون سندن نڙيءَ تي لت رکيو ويٺيون هجن ها. ٻئي طرف ائين ناهي تہ ڪو اڳتي وڌيل انقلابي قومون ئي پوئتي پيل قومن جي مدد ڪن ٿيون. پوئتي پيل قومن جي انقلابي جدوجهد ۾ موٽ ۾ اڳتي وڌيل انقلابي مورچن کي مضبوط ڪري ٿي. مطلب تہ سڄيءَ دنيا جي انقلابي عوام ۽ قومن جا مفاد هڪٻئي سان گڏوگڙ ٿيا پيا آهن ۽ سڀ هڪٻئي تي دارومدار رکن ٿا. هڪڙي جي ڪمزوري سڀني جي ڪمزوري آهي. سڀني جي ڪمزوري هر هڪ جي ڪمزوري آهي. سڀ ساڳئيءَ ٻيڙيءَ جا سوار آهن. اسين سنڌي ۽ صدين کان ٻين ججهن سان گڏ ساڳيءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل آهيون، پاڪستان جا سمورا مظلوم عوام ساڳيءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل آهن. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني امريڪا جون مظلوم قومون ٻيءَ ساڳي ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل آهن. سڄيءَ دنيا جا سمورا مظلوم طبقا ۽ قومون ٽيءَ ساڳيءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل آهن. انهن ٻيڙين کي جيڪو لهر لوڏو اچي ٿو، اهو سڀني تي اثر ٿو وجهي. ان ڪري سنڌي عوام کي اها صلاح ڏيڻ تہ هو اٽ پکيءَ وانگر واريءَ ۾ سسي لڪائي، رڳو زبان سان ويهي 'سنڌ سنڌ' ڪن، سان ڳالهہ سنڌ ۽ سنڌي عوام لاءِ فائدي واري نہ ٿيندي.

تنهن کان سواءِ، فقط سنڌ جي ڳالهہ ڪرڻ ممڪن ۽ نہ آهي. مثال طور سنڌ جي تاريخ ۾ ايرانين، يونانين، عربن، افغانن، مغلن ۽ انگريزن جي ذڪر کان سواءِ سنڌ جي صحيح تاريخ بيان ڪرڻ ناممڪن آهي. درحقيقت اڳي اسان جي ڪمزوريءَ جو وڏو سبب هو ئي اهو، جو ٻيءَ دنيا کي اسان جي قومن ۽ ڪمزورين جي خبر هئي، پر اسان کي ٻيءَ دنيا جي ڪا به خبر ڪانہ هئي. ان ڪري سنڌ کي سمجهڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ سنڌ، جنهن دنيا ۾ رهي ٿي، اُن جي ڳوڙهي ڄاڻ، يا گهٽ ۾ گهٽ ٿلهي ليکي ڄاڻ، حاصل ڪئي وڃي.

قومي غلاميءَ جا ٻہ روپ ۽ ٻاهرين غلاميءَ ۽ اندرين غلامي

سنڌ سوين سال آزاد ۽ خودمختيار رهي آهي، ۽ سوين سال غلام ٿي رهي آهي. سمن جي خود مختار راڄ کان پوءِ اها گهٽو عرصو مختلف صورتن ۾ مختلف غلام بنائيندڙن جي غلام ٿي رهي آهي. سنڌ جي عوام غلاميءَ جي هر دؤر ۾ غلام بنائيندڙن خلاف وڙيءَ اورچائيءَ ۽ سورهيائيءَ سان جدوجهد پئي ڪئي آهي، ۽ جڏهن ۽ ڪين موقعو مليو آهي، تڏهن هن غلام بنائيندڙن کي ماري، ڊوڙائي ڪڍيو آهي. اُن باري ۾ ٻہ ڳالهيون خاص ڪري نوٽ ڪرڻ جهڙيون آهن. پهريون تہ غلاميءَ جو شڪار فقط اڪيلي سنڌ ڪانہ پئي رهي آهي! اهو غلاميءَ جو عذاب سموريءَ انسان ذات کي گڏيل تاريخي

ورثي ۾ مليل آهي. هيستائين غلامي رڳو سنڌي عوام جو نہ پر ساريءَ دنيا جي عوام جو مقدر ٻئي رهي آهي. ان ۾ سنڌي عوام جو قصور ڪين هو، پر گذريل لکين سالن جو يڪو عرصو ئي اهڙو هو، جنهن ۾ سڄيءَ دنيا جا پورهيت عوام ٿورن مٿ جيترن ماڻهن جا غلام ٿي رهڻ ۽ ڦرجڻ لٽڻ لاءِ مجبور هئا. تاريخ جي هر دور ۾ نڪما، حرامخور، ظالم ۽ ڦورو ٽولا پنهنجن علائقن، قومن ۽ ملڪن جي پورهيت ڪاڻائو عوام کي ڦري لٽي، غلام بنائي، پوءِ وري دنيا جي ٻين ملڪن کي ڦريندا، لٽيندا ۽ غلام بنائيندا رهيا آهن. دنيا جي ڪابه اهڙي قوم ڪانهي، جا تاريخ جي ڪنهن نہ ڪنهن دؤر ۾ ٿوري يا گهڻي عرصي لاءِ ڌارين ڦوروئن ۽ غلام بنائيندڙن جو شڪار نہ ٿي رهي هجي.

ٻي ڳالهه تہ ڌارين ڦورو ٽولن جي غلامي، قومن جي غلاميءَ جو فقط هڪڙو روپ آهي. دنيا جي عوام جي ڪچيءَ ۾ غلاميءَ جو سڀ کان وڏو ۽ دائمي ڇڪ اندروني غلاميءَ جو پيل رهيو آهي. دنيا جون قومون جنهن عرصي ۾ ڌارين ڦورو ٽولن جون غلام نہ رهيو آهن. ان عرصي ۾ به هو غلاميءَ کان چٽل ڪو نہ رهيون آهن. ان وقت به هو اندرين ۽ گهرو غلام بنائيندڙ طبقن ۽ ٽولن جي ڦرلٽ، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جو شڪار ٿيون رهيون آهن. جنهن وقت سنڌ ٻاهرينءَ غلاميءَ کان آزاد هئي، تنهن وقت به سندس ڪچيءَ ۾ جاگيردارن، وڏيرن، ملڻ، پيرن ۽ حرام کائو ڦوروئن جي اندروني غلاميءَ جو ڇڪ پيو رهيو آهي. درحقيقت اها اندروني غلامي ئي هئي، جنهن سنڌ کي ايترو ڪمزور ۽ نستو ڪري ڇڏيو ٿي، جو اُها ڌارين غلام بنائيندڙ ڦورو ٽولن جو سڀيو شڪار ٿئي ٿي پيئي.

دنيا جي تاريخ جو غور سان مطالعو ڪبو، تہ ڏسبو تہ لکين سالن کان وٺي 19 صديءَ جي پچاڙيءَ تائين روءِ زمين تي ڪابه اهڙي قوم ۽ ڪوبه اهڙو ملڪ ڪونہ هو، جتي عوام ڌارينءَ ۽ اندروني ٻٽيءَ غلاميءَ يا اڪيليءَ اندروني غلاميءَ جي ڇڪ کان مڪمل طرح آزاد هجن. هر ملڪ ۽ هر قوم جي هر نسل کي هر دؤر ۽ هر زماني ۾ ٿورڙا ظالم ۽ ڦورو ماڻهو ۽ طبقا ڦريندا، لٽيندا ۽ غلام بنائيندا رهيا آهن. انهيءَ خيال کان اڄ تائين سنڌ ڪڏهن به صحيح معنيٰ ۾ ٻاهرينءَ توڙي اندرينءَ ڦرلٽ ۽ غلاميءَ کان آزاد نہ رهي آهي. ٻين لفظن ۾، 19 صديءَ جي پچاڙيءَ تائين، نہ رڳو سنڌي عوام جي، پر سموري انسان ذات جي سمورن پورهيت طبقن جي هر نسل جي عمر غلاميءَ ۾ ڇري ڪپي ويئي آهي. سندن هٿن ۽ دماغن جي پورهئي کي سندن مُٺ جيترن دشمن ڦري کاڌو، لٽيو ۽ زيان ڪيو آهي. سنڌ جي بدقسمتي درحقيقت پوري هند-پاڪ نديءَ کنڊ جي ۽ سموري انسانذات جي بدقسمتيءَ جو هڪڙو نديڙو

حصو هئي.

انسان ذات تاريخي طرح هيستائين چڙ ٻالپڻ ۾ بيوسيءَ جي وهيءَ ۾ هئي. هن 20 صديءَ جي شروعات ۾ اها چڙ اچي وهيءَ چڙهي آهي، ۽ پنهنجا ٽپڙ سرهڙ جهڙي ٿي آهي. چونڊ آهن تہ 'ظلم قائم آهي، پر ظالم نہ رهڻو آهي.' هن صديءَ ۾ ئي مس مس اهو دور آيو آهي، جڏهن انساني تاريخ لکن سالن کان پوءِ اُن ڏاکي تي پهتي آهي، جڏهن نہ رڳو ظالم جي پر ظلم جي به پاڙ پٽي سگهجي ٿي. اڄ ئي آهي قوتون جميون، وڌيون، ويجهيون ۽ اُسريون نسريون آهن، جي نہ رڳو دنيا جي هاڻوڪن سمورن قوروئن، ظالمن ۽ غلام بنائيندڙ جي گڏيل قوتن کان آهستي آهستي ڏاڍيون ۽ زور آور ٿي رهيون آهن، پر خود سموري قولت، ظلم ۽ غلاميءَ جي قهري نظام جو بُڻ بنياد پٽ هميشہ لاءِ پٽي سگهن ٿيون. اڄ ئي هيٺا ڏاڍن تي دائمي فتح پائي سگهن ٿا. اڄ ئي لکن سالن جي اندروني ۽ توڙي باهرين غلاميءَ جي موذي مرض کان چوٽڪاري جو يڪ ٽڪ علاج پيدا ٿي چڪو آهي.

پنج سماجي نظام

اندازو لڳايو ويو آهي تہ انسان ذات کي انسان جي حيثيت ۾ ڏرتيءَ تي رهندي اٽڪل ڇهہ لک سال ٿيا آهن. انهيءَ عرصي ۾ انسان ذات ڇهن مکيہ دورن مان لنگهي آهي: (1) قديم راڄوٽي نظام، (2) غلاميءَ وارو نظام، (3) زميندارين ۽ جاگيرداري نظام، (4) سرمائيداري نظام.

سرمائيداري نظام پنهنجي اوائلي عمر ۾ هڪ ترقي پسند نظام هو. هاڻي اهو هڪ هٽيءَ ۽ سامراج جي منزل تي پهچي، پوڙهو ۽ مدي خارج ٿي ويو آهي ۽ پنهنجي خاتمي جي ويجهو اچي رسيو آهي. هن صديءَ جي شروعات ۾ سرمائيدار نظام جي ڪُک کان هڪڙي نئين نظام جنم ورتو آهي. اُهو آهي سوشلسٽ نظام. انهيءَ ڪري هن دور کي غلام بنائيندڙ نظام جي پڇاڙيءَ ۾ سوشلسٽ انقلابن جي شروعات جو دور ڪري سڏيو وڃي ٿو.

تاريخ جو نرالو نئون دور

هيءُ دور، هيٺين ڳالهين ڪري، اڳين سمورن تاريخي دورن کان نرالو ۽ ابتڙ آهي:

1ـ اڳي به سدائين سماجي انقلاب ايندا رهيا آهن ۽ دور به بدلبا رهيا آهن. قديم راڄوٽي نظام جي جاءِ غلاميءَ جي نظام ورتي. غلاميءَ جي نظام جي جاءِ زميندارين جاگيرداري نظام ورتي. جتي سرمائيداري اچي چڪي آهي، اُتي زميندارين جاگيرداريءَ جي جاءِ سرمائيداريءَ ورتي آهي. پر اڳي هر

سماجي ردوبدل ۽ انقلاب جو نتيجو اهو نڪرندو هو، جو هڪڙي ننڍڙي ڦورو ٽولي يا طبقي جي جاءِ تي ٻيو ننڍڙو ڦورو ٽولو يا طبقو عوام جي وڏيءَ گهٽائيءَ کي ڦريندو ٿيندو ۽ غلام بنائيندو هو. هر ردوبدل ۽ انقلاب کان پوءِ عوام اڳي وانگر ڦربا ۽ غلام رهجي ويا ٿي. فقط ڦورو يا غلام بنائيندڙ بدلبا رهيا ٿي. ڦرلٽ ۽ غلاميءَ تي بدل نظام نٿي بدليو. هن دور ۾ جيڪي صحيح معنيٰ ۾ انقلاب اچن ٿا، تن ۾ هڪڙن ڦوروئن ۽ غلام بنائيندڙن جي جاءِ ٻيا ڦورو ۽ غلام بنائيندڙ ٿيا والارين، پر خود ڦريل ۽ غلام بنايل عوام ملڪ جي دولت پنهنجو پورهئي جا مالڪ ٿين ٿا.

2_ هن دور ۾ مجموعي طرح سڄيءَ دنيا جي عوام ۽ ان جي حمايتن جي طاقت سڄيءَ دنيا جي عوام_دشمن کان وڌيڪ آهي. عوام_دشمن جي فوجي هڪ هٿي به بنيادي طرح ختم ٿي چڪي آهي.

3_ اڳي اقتدار تي قبضي ڪرڻ جي علم ۽ فن جي ڄاڻ ۽ تجربو فقط ڦورو طبقن کي هوندو هو. هاڻ دنيا جا انقلابي عوام اقتدار حاصل ڪرڻ جي علم ۽ هنر جي ڄاڻ ۽ تجربو پرائي چڪا آهن. اُنهن اڻ ڄاڻ جي مدد سان، عوام_دشمن خلاف جدوجهدون ڪري، انقلاب آڻي، پنهنجا اقتدار، پنهنجيون فوجون قائم ڪيون آهن. هو هر ميدان ۾ دشمن کان گوءِ ڪٽي ويا آهن.

4_ اڳي فقط دنيا جي ڦوروئن، ظالمن ۽ غلام بنائيندڙن جي وچ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو هوندو هو، ۽ وقت سر، عوام خلاف هڪ ٻئي جي ناجائز مدد ڪندا هئا. هاڻي خود انقلابي عوام، انقلابي طبقن، انقلابي قومن ۽ انقلابي حڪومتن جي وچ ۾ اتحاد پيدا ٿي رهيو آهي ۽ ڏينهون ڏينهن وڌي ويجهي رهيو آهي. هو سڌي خواه اڻسڌي نموني، مهل سر، هڪٻئي جي مدد ڪندا رهيا آهن ۽ ڪن پيا.

5_ اڳي فقط عوام_دشمن کي مظلوم ملڪن ۽ قومن ۾ پنهنجا ساٿي ۽ مدد گار ملندا هئا، جي هن جي پاران ان ملڪ ۽ قوم جي طاقت کي اندران کائي، سُري وانگر ڪمزور ڪندا هئا، ۽ سندن واسطي رستو صاف ڪندا هئا. هاڻي خود ظالمن جي ڪئمپ اندر، اتي جا انقلابي عوام ۽ طبقا، مظلوم ملڪن ۽ قومن جي حمايت ۾، پنهنجي ملڪ جي ظالمن ۽ ڦوروئن جي گهر ۾ گهوٽالو وجهي، کين ڪمزور ڪن ٿا ۽ سڌيءَ خواه اڻ سڌيءَ طرح مظلوم ملڪن ۽ قومن جي واهر ڪن ٿا.

6_ اڳي فقط عوام_دشمن کي خبر هوندي هئي ته عوام جي اندر جيڪي تضاد ۽ تفرقا قدرتي طرح آهن، تن کي هٿراڏي نموني ڪيئن تيز، اونهو ۽ ويڪرو ڪجي. هاڻي انقلابي عوام، انقلابي طبقن کي به اها خبر پئجي ويئي آهي ته دشمن جي ڪئمپ ۾ ڪي قدرتي تضاد ۽ تفرقا آهن، تن کي ڪيئن

پرکي تيز، اونهو ۽ ويڪرو ڪجي، ۽ ڪيئن انهن جو انقلابي عوام جي جدوجهد واسطي مڪمل فائدو وٺجي.

7_ عوام_دشمن سامراجي سرمائيدارن جي سموري ٽيڪنالاجي ۽ من مستيءَ جو راز اهو آهي. جو هن ڪيترين صديون سڃيءَ دنيا جي عوام جي گڏ ڪيل دولت ڦري، لٽي پنهنجي ملڪ ۾ ڪارخانا قائم ڪيا. انهي ڪارخانن لاءِ ڪچو مال هن ڌنڌي جي زور سان مظلوم ملڪن مان پڳڙن مٺ تي ورتو ۽ ڪارخانن ۾ تيار ٽيل مال وري ڳاٽي پڳن اگهن يا زبردستيءَ ڪين وڪيو اڄ هو ڌنڌي جي زور سان قيمتي ڪچو مال ڦرڻ ۾ ناڪام ٿي رهيا آهن. سندن تيار ٽيل مال زوريءَ ڳاٽي پڳن اگهن تي وڪڻڻ جا رستا به آهستي آهستي بند ٿي رهيا آهن. ٻئي طرف انقلابي عوام، جن ملڪن ۾ انقلاب آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي، اتي هو پنهنجن مظلوم پائرن کان مناسب اگهن تي ڪچي مال ونڻ ۽ تيار ٽيل مال وڪڻڻ جي لائق ٿي ويو آهي. تنهن ڪري سرمائيدار ملڪن جي هڪ هٿي ۽ ٽيڪنالاجي ٽٽي پيئي آهي.

8_ اڄ عوام_ دشمن سامراجين ۽ غلام بنائيندڙن کي فقط ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ گهوٽالي يا بغاوت سان منهن ڏيڻو پوندو هو. ان ڪري هو واري واري سان پنهنجيون سڀ طاقتون هڪڙي خاص مورچي تي گڏ ڪري، گهوٽالي يا بغاوت کي آسانيءَ سان ختم ڪري سگهندا هئا. هاڻي سڃيءَ دنيا جي عوام جا دشمن چؤطرف گوٽالن ۽ بغاوتن جي شعلن ۾ وکوڙيل آهن. هڪ طرف سندن ملڪن جا انقلابي پورهيت عوام، ٻئي پاسي دنيا جون انقلابي آزادي_پسند قومون، ٽئي طرف سندن پنهنجيون پاڻ ۾ رقابتون ۽ دشمنيون، چوٽين پاسي اُهي حڪومتون جن پنهنجي ملڪ کي آزاد ڪرائي انقلابي اقتدار قائم ڪري ورتو آهي. هو ايڏا هڪڙي جنجال مان جند ڇڏائين ئي ڪونه ٿا، ته ٻئي پاسي سندن خلاف ممڻ متو پيو آهي! هو سياسي، فوجي، اقتصادي ۽ ثقافتي مورچن تي گهٽي قدر پنهنجي بچاءَ جي جنگ لڙي رهيا آهن، ۽ ڏينهون ڏينهن پوئتي ڌڪبا وڃن. ويٽنامي شڪست ۽ تازي تيل جي گهوٽالي ته سندن ڪمر ٽوڙي وڌي آهي.

9_ اڄڪي ڪنهن ملڪ جا انقلابي عوام پنهنجي مڪاني آقائن خلاف بغاوت ڪندا هئا، ته سندن آقائن جا سامراجي آقا، فوجون ونيء، اڇي پنهنجن چاڙڻن جي مدد ڪندا هئا ۽ انقلابي عوام کي ڪلچلیندا هئا. ان ڪري مڪاني ظالم طبقا، بنا ڪٽڪي جي، عوام جي هر احتجاج ۽ بغاوت کي ڪچلي ڇڏيندا هئا. هاڻي مڪاني ظالم طبقن جا آقا خود پنهنجي جند ڇڏائڻ ۾ پورا آهن. تنهن ڪري سواءِ بنھ ڪنڊ تي ڪاتي اڇڻ جي، هو

سڌيءَ طرح هر ملڪ جي مڪاني چاڙڻن جي واهر ڪرڻ لاءِ آتا ناهن. ان ڪري انقلابي عوام لاءِ پنهنجا حق حاصل ڪرڻ جا موقعا اڳي کان تمام گهٽ، بهتر ۽ سازگار آهن. اهو ئي سبب آهي، جو پيءَ دنيا ۾ پاڪستان جي ٻئي مظلوم عوام وانگر سنڌي عوام به سڀ کنهن قسم جي قرلٽ ۽ ارهه زوراڪيءَ کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ بابت سوچي ويچاري ۽ رٿا بندي ڪري سگهي ٿو.

سنڌي عوام جي جدوجهد جي الڳ حڪمت عمليءَ جي ضرورت ڇو آهي؟

هونئن ته، تمام ڊگهي نظر ڏاري، ڏسبو، ته پاڪستان جي سموري مظلوم ۽ پورهيت عوام جا دائمي ۽ بنيادي مفاد ساڳيا آهن.

اُهي آهن هر قسم جي اندروني خواه ٻاهرينءَ، طبقاتي خواه قومي غلاميءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۽ سڪئي ستابي ٽيڙ جا پرپور موقعا ۽ وسيلا حاصل ڪرڻ. پر ڪيترين ڳالهين اهڙيون به آهن، جن ۾ پاڪستان جي مختلف ماڻهن ۾ فرق، اڻ برابريون، تضاد، ٽڪر ۽ مقابلا موجود آهن. هر علائقي جا عوام پنهنجي ٻولي، پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجو خاص تاريخي تجربو رکن ٿا. سماجي واڌاري جي ڏاکڻ تي سڀني صوبن جا عوام ساڳئي ڏاکي تي ناهن. بلوچستان اڃا قبائلي دور ۾ آهي. سرحد ۾ قبائلي، جاگيرداري ۽ سرمائيدار دور گڏو گڏ هلي رهيا آهن. سنڌ ۾ به ڪراچيءَ کان سواءِ ٻين هنڌن اڃا قبائلي ۽ وڏيرڪو دور آهي. پنجاب تيزيءَ سان سرمائيداري دور ڏانهن وک وڌائي رهيو آهي. سنڌ جي ڪراچي واري حصي ۾ سرمائيداريءَ جو راڄ آهي. انهيءَ ڪري هر علائقي جي عوام جا مسئلا ساڳيا ناهن. نڪي اُنهن جا حل ساڳيا ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن هر علائقو پنهنجي ٺوس حالتن پٽاندر، پنهنجي مسئلن جا اهڙا صحيح حل ڳولي ڪڍي، جي ساڳئي وقت پاڪستان جي سموري مظلوم عوام جي مفادن سان به بنيادي ۽ دائمي ٽڪر نه کائين، ته پوءِ سموري پاڪستان جي عوام گڏيل مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪاب بنيادي ڏکيائي نه ٿيندي. اهو ئي سبب آهي، جو اسين پنهنجي عوام جي خاص حالت ۽ مسئلن بابت سوچ ويچار ۽ رٿابندي ڪنداسين، ته نه رڳو سنڌي عوام جا مسئلا حل ٿيندا، پر سموري پاڪستان جي مظلوم عوام جي مسئلن حل ڪرڻ ۾ وڏي مدد ۽ هٿي ملندي. ان نظر سان ڏسبو ته سنڌي عوام جي مسئلن بابت سوچ ويچار ۽ رٿا بندي ڪرڻ ساڳئي وقت سموري پاڪستان جي مظلوم عوام جي مسئلن بابت سوچ ويچار ۽ رٿا ڪرڻ جي مقصد ڏانهن هڪ اهم اڳتي وڪ آهي.

مقصد

سنڌي انقلابي وطن دوست جدوجهد جو ڏگهي مدي وارو مقصد

اُهو مقصد هي آهي: سنڌي عوام کي باهرين خواه اندروني قُرلٽ، غلاميءَ ۽ ظلم کان مڪمل ڇوٽڪارو ڏياري، ڪيس سنڌس تاريخ ۽ پهريون پيرو، پنهنجي قسمت، دولت ۽ پورهئي جو مڪمل طرح مالڪ بنائڻ ۽ سنڌس هٿان هڪ نئون شاندار سماج اڏائڻ.

وڏيرا شاهيءَ جي لعنت ختم ڪرڻ لازمي آهي

اُهو مقصد ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ وات وٺڻ سان حاصل ٿيندو؟ انهيءَ سوال جي جواب حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي حال سان گڏ آئيندي تي نظر وجهڻي پوندي. دنيا ۾ مجموعي طرح هي دور برابر سرمائيداريءَ جي پڇاڙيءَ وارو ليکيو وڃي ٿو. پر دنيا جي وڏن علائقن ۾ ايجا تائين به سرداري ۽ زميندراري نظام هلندو اچي. سنڌ به اُنهن علائقن مان هڪ آهي. دنيا جي جن مظلوم ۽ پيڙيل علائقن ۾ ايجا تائين سرداري، زميندراري ۽ جاگيرداري نظام آهي، اُهي ان نظام کي ختم ڪرڻ کان سواءِ اڳتي وڌي سگهن ۽ پنهنجي وطن جي ماڻهن کي صحيح معنيٰ ۾ سکيو ستابو ڪري سگهن، سا اڄ ٿيٽي ڳالهه آهي. جتي ملڪ جي دولت گڏر جي وسيلن تي سرداري ۽ زميندراري نظام جو ڪارو نانگ ويٺل هجي، اُتي جا ماڻهو سڪ جو ساهه کٽي سگهن، اهو ٿيندو ڏهرن کان پير گهرڻ. اها اٽل سائنسي سچائي آهي، جا تاريخي طرح بار بار ثابت ٿي چڪي آهي. اِن سائنسي سچ کان اکيون پورڻ يا اِن کان لنوائڻ يا اِن تي پردي وجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ ٿيندو پنهنجي وطن جي عوام جي مفادن سان سئون سڌو دوکو ڪرڻ يا پاڻ کي فريب ڏيڻ. سرداري ۽ زميندراري نظام ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي قومن جي پيرن ۾ پيل زنجير آهي، جو کين غريبي، بک، بيماريءَ، جهالت ۽ بيوسيءَ جي ڪڍ مان نڪرڻ نٿو ڏئي. اهو نظام مرٽينگ حالت ۾ آهي ۽ اَوس ختم ٿيندو. تاريخ ان جي خلاف موت جي سزا جو فرمان ڪيڙي ڇڏيو آهي. هاڻ بين گرفتار قومن وانگر اسان جو به فرض آهي ته اُن تاريخي فرمان کي عمل ۾ آڻيون ۽ هن سماجي لعنت کي ناس ڪريون ۽ پنهنجي عوام جي جان هن عذاب مان ڇڏرايون. اُن ڪري سنڌ جي انقلابي وطن دوست جدوجهد جو ڏگهي عرصي وارو بنيادي ڪم اهو هئڻ کپي ته سنڌ ۾ زميندراري سرشتي جو جلد کان جلد ۽ مڪمل خاتمو آندو وڃي.

تنهن کان پوءِ پيو سوال آهي ته زميندراري نظام جي جاءِ تي ڪهڙي نظام قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي؟

قومن جي واڌاري جون فقط ٻه واٽون
ڪليل آهن- سرمائيداري ۽ سوشلزم

تاريخ جي هن منزل کان اڳتي سماجي واڌاري جون ٻه واٽون موجود آهن. هڪڙي سرمائيداريءَ جي، ٻي سوشلزم جي. ٽي ڪاب واٽ ڪانهي. زميندارين نظام جي جاءِ هيستائين گهٽو ڪري سرمائيداري نظام وڌندو رهيو آهي. سرمائيداري نظام زميندارين نظام کان سوين پيرا بهتر نظام آهي. اهو نظام ڪنهن زماني ۾ تمام ترقي پسند نظام هو. اُهو جتي آيو، اُتي ان انهيءَ ملڪ جي تقدير ئي بدلائي ڇڏي، ۽ انهن ملڪن کي زمين تان کٽي آسمان تي پڄائي ڇڏيو. مثال طور انگلنڊ، فرانس، جرمني، جپان، آمريڪا. پر سماجي نظام ٻه هڪ جيئري ۽ جاندار شيءِ آهي. جيئن ٻيون جاندار شيون جمن، وڌن، ويجهن ۽ پوڙهيون ٿين ٿيون، تيئن سماجي نظام ٻه جمندا آهن، ڦوهه جوان ٿيندا آهن ۽ نيٺ پوڙها ٿي، ختم ٿيندا آهن. صدين گذرڻ کان پوءِ هاڻ سرمائيداري نظام ٻه پوڙهو، رجعت پرست ۽ پنهنجي سياسي آزادي وڃائڻ کان پوءِ پاڻ تي اهو پراٽو، پوڙهو ۽ رجعت پرست نظام مڙهيو آهي، سي نه پنهنجي آزادي ۽ خودمختاري مڪمل طرح حاصل ڪري سگهيا آهن، ۽ نه وري جيڪا ٿوري گهڻي آزادي حاصل ڪري سگهيا آهن، تنهن کي ٻه بچائي سگهيا آهن اُهي ملڪ ڦري گهري، وري ٻه سامراجي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي، پستيءَ ۽ ذلت جو شڪار ٿي ويا آهن. ان جو هڪڙو مثال خود پاڪستان ٻه رهيو آهي. ٻيا مثال انڊونيشيا، ملائشيا، ٿائلينڊ، ڏکڻ ڪوريا، ڪانگو وغيره آهن. نه رڳو ايترو، پر جن ملڪن پنهنجي جدوجهد جو رخ سرمائيداريءَ جي منزل ڏانهن رکيو آهي، اُهي ٻيو ته نهيو رڳو زميندارين نظام جي مرض مان ٻه پوريءَ طرح جند ڇڏائي نه سگهيا آهن. ان جو سبب اهو آهي، جو دنيا جي سرمائيداري نظام جي وڏيرپ امريڪي ۽ يورپي سرمائيداري طبقن جي هٿ ۾ آهي، جيڪي نٿا چاهين ته غلام ملڪن ۾ ٻيو ته نهيو پر رڳو سندن جهڙو سرمائيداري نظام ٻه پوريءَ طرح قائم ٿئي. ڪين ڏسو آهي ته ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني امريڪا جي ملڪن ۾ سرمائيداري نظام قائم ٿي ويو، ته پوءِ اُهي ملڪ ڪين اڳتي جهڙيءَ آساڻيءَ سان پنهنجي ملڪ جي دولت جي ڦرلٽ کرڻ نه ڏيندا ۽ مرڳو پنهنجي گهٽيءَ آدمشماريءَ جي زور تي ساڻن ڪلهي هٽڻ جي ڪوشش ڪندا. ان ڪري هو هڪ سوچيل سمجهيل رٿا هيٺ انهن علائقن جي عوام کي سرداري ۽ زميندارين نظام جي پوڙهي پراٽي مرض ۾ مبتلا رکڻ جون ڪوششون ڪندا رهن ٿا، ته جيئن اُهي ملڪ سندن شڪار گاهه بڻي رهن. تاريخي تجربي ثابت ڪري ڏيکاريون آهي ته جيڪي پوئتي پيل ۽ پيڙيل ملڪ سرمائيداريءَ جي واٽ ونن ٿا، سي ڪڏهن ٻه دنيا جي اڳتي

وڏيل قومن جي صفن ۾ شريڪ ٿي ڪونہ سگھندا. سرمائيداري وات تي هلندڙ تاريخي سفر ڏڪي گاڏيءَ وارو سفر هوندو. دنيا جون اڳتي وڏيل قومون اڄ جنھن منزل تي آھن، رڳو اُن منزل تي پھچڻ لاءِ ٻ پوئتي پيل قومن کي ائين صدين جون صديون لڳي ويندیون. ٻئي طرف دنيا جون پوئتي ڪان پوئتي پيل، جھنگلي، ڏاڙيل، ماريل ۽ پيڙيل قومون ٻ جيڪڏھن سوشلزم جي وات وٽن ٿيون، تہ اھي ھڪڙي ئي نسل ۾ يورپ ۽ امريڪا جي اڳتي وڏيل قومن سان ڪلھي ڪس وڃيو ڪن. اُن جو مثال روس، چين، ڪوريا ويٽنام، منگوليا، ھنگري وغيرہ ملڪ آھن، جي ڪنھن زماني ۾ دنيا جا پست ڪان پست ۽ بدنصيب ملڪ سمجھيا ويندا ھئا. ۽ ھاڻي ٿورڙن ئي سالن ۾، ھڪڙي ئي نسل اندر، تيزيءَ سان عروج تي پھچي رھيا آھن. اُنھيءَ تجربي جي روشنيءَ ۾ سنڌي عوام لاءِ سرمائيداريءَ واري وات وٽ پاڻ کي ڇاڻي ٻجھي ڪمزوريءَ، پستيءَ ۽ غلاميءَ جي غار ۾ اڇلڻ ٿيندو.

عوامي جدوجھد جي واڌاري جي ھن دؤر ۾، اُنھن ٻن واٽن ڪان سواءِ تي وات ڪانھي، جيڪو ھڪڙيءَ وات وٽ ڪان انڪار ٿو ڪري، سو عملي طرح ٻيءَ وات وات وٽ لاءِ چوي ٿو. جيڪو چوي ٿو تہ سوشلزم نہ ڪبي، سو عملي طرح اھا گھر ٿو ڪري تہ سنڌي عوام ٻ سرمائيداريءَ جي وات وٽن. ان ڪري لازم آھي تہ اسين پنھنجي عوام جي جدوجھد جو رخ سوشلزم ڏانھن رکون.

ٿوري عرصي وارو مقصد

پر ڇا اسين ھن ڏاڪي تي خالص سوشلسٽ نظام قائم ڪري سگھون ٿا؟ نہ. ھن وقت اسان ايجا وڏيرا-شاھيءَ جي چنبي ۾ ورتل آھيون. سوشلسٽ نظام تڏھن قائم ٿي سگھي ٿو، جڏھن وڏيرا شاھي ۽ زميندارى نظام جي پاڙ مڪمل طرح پٽي وڃي ۽ ڏرتيءَ تان پراٽن، مدي خارج نظامن جو گند صاف ڪيو وڃي. ان ڪري اسان سوشلزم لاءِ جدوجھد شروع ڪري سگھون ٿا، پر في الحال سئوَن سڌو سوشلسٽ انقلاب آڻي نٿا سگھون. ان لاءِ اسان کي اُتان شروعات ڪرڻي پوندي، جتي اسين اڄ آھيون. اسان کي اَول سوشلسٽ انقلاب کان ھيٺئين ڏاڪي جي سماجي انقلاب لاءِ جدوجھد ڪرڻي پوندي. اُھا منزل سر ڪري، پوءِ اسين سوشلسٽ انقلاب آڻي سگھنداسين. اول اسان کي جمھوري زرعي انقلاب آڻڻو پوندو. اُن لاءِ اسان کي وڏيرا شاھيءَ ۽ سرمائيداريءَ کان سياسي اقتدار کسي، سندن وڏيرڪي ۽ سرمائيداري ڊڪٽيٽرشپ ختم ڪري، عوام جي ڳچيءَ مان وڏيرا شاھيءَ جي غلاميءَ جو ڳٽ ڇڪي ڪڍڻو پوندو. اھو مقصد تڏھن حاصل ٿيندو، جڏھن اسين عوام

هٹان وڏيرڪي ۽ سرمائيدار ڪوڙي جمهوريت، جيڪا حقيقت ۾ وڏيرڪي ۽ سرمائيداري ڊڪٽيٽرشپ آهي، سا ختم ڪرائيندا سون پورهيت عوام ۽ سندن ساٿي طبقن جو عوامي جمهوري راج قائم ڪندا سين. اهو عوامي جمهوري راج پورهيت عوام ۽ سندس ساٿين کي پهريون پيرو حقيقي جمهوري آزاديون ڏيندو ۽ عوام_دشمن خلاف عوام جي ڊڪٽيٽرشپ جا پاور استعمال ڪري، عوام دشمن کي سندن بدمعاشي ڪرڻ کان روڪيندو. اُن عوامي جمهوري سياسي پاور جي هٹيار سان عوام زرعي انقلاب آڻي سگهندو ۽ پوڙهي، پراڻي، مدي خارج ۽ موذي وڏيرڪي ۽ سرداري نظام جي پاڙ پٽيندو.

فوري مقصد - قومي جمهوري انقلاب

پر سڀ سان وڏي مصيبت اها آهي، جو وڏيرا_شاهيءَ کان سواءِ اسان پنجابي_پناهگير جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ سندن دلالن جي اُرهِ زورائيءَ، قوليت ۽ بالادستيءَ جو شڪار آهيون. اُهي سڀ_دشمن زميندار ۽ جاگيردار پنهنجي مطلب لاءِ سنڌي وڏيرا شاهيءَ کي هٹ ٿوڪئي دلال طور ڪتب آڻين ٿا ۽ کين زبردستيءَ عوام جي چاتيءَ تي سوار ڪريو وينا آهن. سندن سرڪاري، فوجي، سياسي ۽ نظرياتي مشينري پنهنجي دلال وڏيرا شاهيءَ کي هڪڙي پاسي دٻائي، پنهنجي قبضي ۾ رکي ٿي، ته ٻئي پاسي کين ٽيڪرون ۽ مددون ڏيئي، سنڌي عوام کي سندن اڳيان نيچو نوائي ٿي. ساڳئي وقت اُها سڌيءَ طرح سنڌي عوام کي ڪچلي ٿي. انهن حالتن هيٺ، اسين هن منزل تي جيڪڏهن سڌيءَ طرح جمهوري زرعي انقلاب ۽ سچي عوامي جمهوريت لاءِ جدوجهد شروع ڪنداسين، ته اسان جي عوام جا اتحادي تمام ٿورڙا ۽ ڪمزور هوندا ۽ عوام_دشمن ۽ سندن ساٿي گهٹا ۽ طاقتور هوندا. ان ڪري اڇوڪيءَ انقلاب بدران قومي جمهوري انقلاب لاءِ جدوجهد ڪرڻ کپي. ته جيئن سنڌي عوام جا گهٹي ۾ گهٹا ۽ محب وطن طبقا ۽ عنصر هن جدوجهد ۾ حصو وٺي سگهن. هن جدوجهد جو مکيءَ مقصد سنڌي عوام کي سڀ دشمن (1) زميندارن، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن ۽ سندن پناهگير_پنجابي توڙي سنڌي چاڙڻن جي بالادستيءَ ۽ اُرهِ زورائيءَ کان نجات ڏياري، پاڪستان جي پين صوبن جي عوام جهڙا ۽ جيترا حق ڏيارڻ، ۽ سندن ڪسيل سياسي، اقتصادي، ثقافتي ۽ سماجي حق، ملڪيتون، گذر جا وسيلا ۽ موقعا واپس ڏياري، کين پاڻ پيرو ڪري، اڳئينءَ منزل لاءِ تيار ڪرڻ آهي. هن جدوجهد ۾ عوام جون

---

(1) هن باري ۾ پڙهو (1) ويٹنامي پورهيتن جي پارٽيءَ جي تاريخ جو خاڪو، هئنوئي ۽ (2) مائوزي تونگ جو مقالو "جپاني سامراج خلاف تدبيرن بابت" صفحو 261، جلد پهريون، "منتخابات مائوزي تونگ" اردو ايڈيشن پيڪنگ.

بنيادي قوتون، ساڻي، مددگار مخالف ۽ انهن مخالفن جا مددگار هيٺيان هوندا يا ٿي سگهن ٿا:

بنيادي قوتون: سنڌي مزدور ۽ سنڌي هاري.

مخالف:

(الف) سنوان سڏا مخالف- (1) پناهگير-پنجابي جاگيردار، سرمائيدار ۽ سندن چاڙتا. (2) غدار عوام-دشمن ۽ وطن دشمن وڏيرا شاهي ۽ سندن چاڙتا. (3) امريڪي سامراج جا دلال رجعت پرست، جهڙوڪ: ملان مودودي۽ جو فاشٽ ۽ عوام-دشمن ٽولو.

(ب) اٽڏا مخالف- (جي سمجهي، سوچي يا اڻ ڄاڻائي۽ ۾ سنڌي عوام جي اٽڏي حمايت ڪن ٿا)- (1) پنجابي-پناهگير جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جا پورهيت طبقي اندر دلال پنجابي-پناهگير نقلي ترقي پسند.(2) پنجابي-پناهگير جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جا سنڌي عوام جي صفن اندر لڪل دلال سنڌي نقلي ترقي پسند. (3) سنڌي وڏيرا شاهي۽ جا پورهيت تحريڪ اندر دلال سنڌي نقلي ترقي پسند ۽ سوشلسٽ وڏيرا. (4) سنڌي وڏيرا شاهي۽ جا قومي تحريڪ اندر دلال سنڌي نقلي قوم پرست. (5) سرحد ۽ بلوچستان جي سردار شاهي ۽ خان شاهي.

بنيادي قوتن (سنڌي عوام) جا ساڻي يا اتحادي

(1) محب وطن چوٽو وچون طبقو (2) محب وطن آباد گار (3) سنڌي وچين ۽ زميندار طبقن جا محب وطن ۽ روشن خيال فرد ۽ ٽولا. (4) بلوچ ۽ پٺاڻ عوام. (5) پنجابي-پناهگير عوام جا قومي انصاف ۽ برابري۽ جي اصول جا سچا پچا ۽ با اصول حامي ٽولا ۽ فرد. (6) دنيا جا سامراج دشمن يا آزادي پسند انقلابي عوام ۽ قوتون. (7) اهي سمورا طبقا، ٽولا ۽ ماڻهو، جيڪي جيتوڻيڪ سنڌي عوام جي حق پرست جدوجهد جي عملي حمايت نٿا ڪن يا پاڻ ان جدوجهد جي مخالفت ڪن ٿا، پر ساڻئي وقت هو سڀ کان پهرين سنڌي عوام جي بدترين دشمن جي عملي مخالفت ڪن ٿا ۽ ڪين ڪمزور ڪري اٽڏي طرح سنڌي عوام جي جدوجهد کي تقويت پهچائين ٿا. (مختلف قوتون، طبقا ۽ ماڻهو، مختلف وقتن تي اهو ڪردار ادا ڪندا رهن ٿا.) (8) اهي طبقا، قوتون، ٽولا ۽ ماڻهو، جي ڪنهن وقت يا ڪنهن مسئلي تي سنڌي عوام جي سمورن مقصدن يا ڪنهن خاص مقصد جي ٿوري يا گهڻي حمايت ڪن ٿا. (اهي ساڻيا بين وقتن ۽ بين هنڌن تي وري سنڌي عوام جي مقصدن جي مخالف ڪن ٿا.)

پنجابي-پناهگير زميندارن، جاگيردارن ۽ سندن چاڙتن اسلام، نظريي

پاڪستان ۾ ون يونٽ جي آڙ ۾، ڪوڙن ڪليمن، بوگس الاٽمينٽن ۾ ناجائز چالبازين ذريعي سنڌي عوام جي زمينن، جاين جڳهين، گذر جي وسيلن، نوڪرين، تعليمي سهوليتن جو وڏو حصو ناجائز طرح ڦرڪائي ورتو آهي. سنڌي عوام جي جدوجهد جو هن وقت مکيه نشانو آهي ناجائز قبضا، حد دخليون، ڦريون ۽ ڏاڙا آهن. اسان جو مطالبو هئڻ کپي ته جهڙيءَ طرح پنجاب جا ماڻهو پنهنجي زمين، گذر جي وسيلن، نوڪرين تعليمي سهوليت مان پاڻ ئي فائدو وٺن ٿا، تيئن اسان کي ب پنهنجي اباڻي ورثي جو سڀ کان پهرين پاڻ فائدي وٺڻ جو حق حاصل ٿئي. جيئن ڪوڙن ڪليمن ۽ بين اٽڪلن سان جيڪي حق ۽ ملڪيتون سنڌي عوام کان کسيون ويون آهن، سي ڪين موٽي ملن.

اسين پناهگير-پنجابي عوام جا بدخواهه ناهيون

پناهگير-پنجابي پورهيت عوام جا اسين هرگز هرگز بدخواه ۽ دشمن ناهيون. اسان جو اهو سياسي ايمان آهي ته سڄيءَ دنيا جي عوام جا بنيادي، جٽادار ۽ دائمي مفاد ساڳيا آهن. سندن وچ ۾ هينئر جيڪي دشمنيءَ وارا فساد ۽ ٽڪر آهن، سي حل ٿيڻ جاڳا آهن ۽ هڪ وڏي تاريخي دور جي گڏيل جدوجهد کان پوءِ اهي نيٽ دوستاڻي نموني حل ٿي سگهندا ۽ ٽيندا. جيڪڏهن سڀ ڏريون عارضي لالچون ۽ مفاد ڇڏي، دائمي مفادن لاءِ گڏجي ڪوشش ڪن، ۽ عوام دشمن جي نظرياتي، سياسي ۽ اقتصادي ڪوڙڪين مان نڪرڻ لاءِ گڏجي زور لڳائين، ته نه رڳو پاڪستان جي سموري عوام جي وچ ۾، پر سموري ايشيائي عوام جي وچ ۾، ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي سموري عوام جي وچ ۾، ۽ دنيا جي سموري عوام ۽ سمورين قومن جي وچ ۾ جٽادار ۽ عاليشان اتحاد قائم ٿي سگهي ٿو، ۽ ۽ پس پيش ضرور ٽيندو. ان سلسلي ۾ مايوس هرگز ٽيڻ نه گهرجي. ٻئي طرف في الحال اسان کي موجوده حقيقتن بابت خوش فهميءَ ۾ ب مبتلا ٽيڻ نه گهرجي ۽ انهن کان اکيون پورڻ نه کپن. بدقسمتيءَ سان اڄ حقيقت اُها آهي ته پناهگير-پنجابي پورهيت عوام مان، في الحال توڙي ڪچ عرصي تائين، اسين ڪنهن ب اصولي ۽ عملي حمايت ۽ مدد جي توقع رکي نٿا سگهون. چاڪاڻ ته هو صدين کان جاگيرداري پرماريت جي عوام-دشمن، رجعت پرست ۽ انقلاب-دشمن پروپئگنڈا ۽ ماحول جا شڪار رهيا آهن ۽ اُن هن کي پنهنجي مفت جي مال مان حصا پتيون ڪارائي، لالچ ۾ وجهي ڇڏيو آهي، ٻيو ته جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي دلال ڪٽر قوم پرست نقلي ترقي پسندن قوميت جي مسئلي تي کين سخت گمراهه ڪري، کين ذهني طرح پست ۽ جڏو بنائي ڇڏيو آهي. انهن حالتن ۾ اسان ڪچ عرصي

تائين منجهائن سواءِ مخالفت جي پي ڪاب آس رکي نٿا سگهون. ان جي مقابلي ۾ اسان کي سختيءَ سان پنهنجن اصولن ۽ حق پرست جدوجهد تي قائم رهڻ ڪپي ۽ اصولي ڳالهين ۾ ڪوڏيءَ جيتري به موٽ کائڻ نہ ڪپي ۽ سياسي ۽ نظرياتي هٿيار ڦٽا نہ ڪرڻ ڪپن. ان سان گڏ اسان کي صبر ۽ اورچائيءَ سان اها ڪوشش ڪرڻ ڪپي ۽ اهڙيون پاليسيون تيار ڪرڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ ڪپن، جو پناهگير-پنجابي زميندارن ۽ سرمائيدارن لاءِ، پناهگير-پنجابي عوام کي وڌيڪ وقت برغلائي ۽ پنهنجو چاڙتو ڪري استعمال ڪرڻ ۾ سهوليت نہ ٿئي، بلڪ ڏکيائي ٿئي. سنڌ جي عوام جي بنيادي مفادن جو پورو پورو خيال رکندي، اسان کي پنهنجي وس آهر ۽ واجبي حدن اندر، اها ڪوشش ڪرڻ ڪپي تہ پناهگير-پنجابي عوام جا گهٽ ۾ گهٽ کي سچار ۽ حق پرست فرد ۽ ٽولا اهڙا تيار ٿين، جي پنهنجي ۽ سنڌي عوام جي گڏيل دشمن يعني پناهگير-پنجابي جاگيردار، سرمائيدار پرمارن ۽ سندن چاڙتن جي چنبي مان ذهني چوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۽ آهستي آهستي سنڌي عوام سان با اصول اتحاد ڪرڻ جي واٽ تي اڳتي وک وڌائين يا گهٽ ۾ گهٽ اسان جي موجوده مخالفت ترڪ ڪن يا جهڪي ڪن.

اسان کي بلوچستان ۽ سرحد جي عوام سان بہ گهري کان گهرا ناتا قائم ڪرڻ ڪپن ۽ انهن سان اتحاد ۽ ويجهڙائيءَ جا نوان نوان رستا ۽ واٽون ڳولي لهڻ ڪپن. پنجابي عوام جا اڳتي وڌيل حصا پنهنجي مادري ٻوليءَ ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ جيڪا جمهوري جدوجهد ڪري رهيا آهن، ان جو بہ اسان کي ساٿ ڏيڻ ڪپي، ۽ ان ساٿ جي آڌار تي جيتري قدر ٿي سگهي، پنجاب جي انصاف پرست ۽ سمجهو حلقن ۽ ٽولن کي پنهنجي نقطي نظر کان واقف ڪرڻ ڪپي، ۽ پنجاب جي رجعت-پرست ۽ چٽن عوام دشمن ٽولن کي پنجابي عوام اڳيان اڪيلو ۽ نروار ڪرڻ ڪپي. ساڳيءَ طرح سان پناهگير عوام سان بہ ڪن انفرادي مورچن تي ڪو محدود ناهہ ٿي سگهي تہ ڪجي، جيئن جيتري قدر ٿي سگهي اوتري قدر چٽن ۽ رجعت پسند عنصرن کي خود پناهگير عوام ۾ اڪيلو ۽ بي يارو مدد گار ڪري سگهجي. ساڳيءَ طرح پناهگير-پنجابي پورهيت طبقو پنهنجي حقن لاءِ ڪا جدوجهد لڙي، تہ ان جي بااصول حمايت ڪرڻ ڪپي ۽ ڪين احساس ڏيارجي تہ اسين بااصول ۽ دڳهي نظر وارا آهيون. پر انهي سموري عمل ۾ اهو مڪمل احتياط ڪيو وڃي ۽ هر وقت صاف ظاهر ڪندو رهڻ ڪپي تہ اسين سنڌي عوام جي حقن جي باري ۾ ڪنهن بہ قسم جو ناجائز سمجهوتو، خاموشي، درگذري يا چشم پوشي ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون.

مخالف ــ سڀ زميندار نه فقط ظالم، وطن دشمن ۽ غدار وڏيرا

وڏيرا شاهي بنسبت هن منزل تي اسان جو زرعي پروگرام هي هئن ڪيڊي، تہ اسين زميندار طبقي جي هڪڙي يڪي طبقي جي حيثيت ۾ مخالفت نہ ڪريون. اسين اُن طبقي جي فقط هڪ خاص ڪردار جي مخالفت ڪريون. اهو ڪردار، جو سموريءَ سنڌ جي عوام ۽ ان جي سمورن طبقن ڪي نقصان رسائي ٿو، يعني ان جي وطن دشمنيءَ، غداريءَ ۽ عوام تي ظلم وارو ڪردار جيڪو زميندار خود زميندار طبقي طرفان پنهنجي ناجائز ڦرلٽ جي بچاءَ لاءِ ناهيل قانونن کي بہ نٿو مڃي، زمين مان جيڪا ڪيس ناجائز طرح بٽئي ملي ٿي تنهن تي بہ راضي نٿو رهي ۽ هاري عوام تي ناجائز ڪوڙا ڪيس، ڦڏاء، دباءُ، ظلم ڇيڙڻ، بيگرون ۽ بين مصيبتن وڇوڙ کان باز نٿو اچي، اُهو رڳو زميندار ناهي هو ظالم آهي. ساڳيءَ ريت جيڪو زميندار سنڌي عوام جا سڀ ٽيڙ ڪائي، مزا مائي، پوءِ بہ سنڌي عوام جي ازلي دشمن جي دلالي ڪري ٿو، انهن کي سڏيو سنڌ تي مڙهي ٿو، ۽ دشمن جو دلال ٿي، سنڌي عوام کي دشمن جي پيرن جي خاڪ ڪري ٿو عوام، دشمنن سان ملي، سنڌي جي عوام جي بنيادي حقن کي هاڃا ۽ ضربون رسائي ٿو، سو بہ رڳو زميندار ناهي، هو وطن، دشمن غدار ۽ سنڌ_دشمن جو دلال آهي اهڙن ظالمن، غدارن وطن دشمن ۽ ڏارين جي دلالن کي سنڌي عوام جو گڏيل دشمن سمجهڻ کپي، اهڙن کي ڪوبہ حق نہ ڏيڻ کپي تہ هو وڏيڪ وقت سنڌ جي عوام جي ملڪيت تي موجون ڪن ۽ ساڳئي وقت سنڌي عوام سان ظلم ۽ غداريون بہ ڪن. سنڌي عوام جيڪڏهن اهڙن ظالم ۽ وطن_دشمن جون قبايل سنڌي عوام جون ملڪيتون ڪانئس کسي، عوام جي نالي ۾ ضبط ڪندو، تہ اهو نہ رڳو هڪ جائز قدم ٿيندو، پر سنڌي عوام جي بنيادي مفادن جي بچاءَ لاءِ هڪ ضروري ۽ لازمي قدم پڻ هوندو. ان ڪري هن جدوجهد جي منزل تي اسين اهو مطالبو ڪري سگهون ٿا تہ عوام_دشمن، ظالم ۽ غدار وڏن زميندارن جون زمينون مڪمل طرح ضبط ڪيو وڃن. جيڪي وڏا زميندار سنڌي عوام خلاف اُهو ڏوهہ نٿا ڪن ۽ فقط سندن ئي ناهيل قانون موجب بٽئي وٽن ٿا ۽ پي ڪابہ خلق آزاد نٿا ڪن، انهن جي اسان کي هن منزل ئي مخالفت نہ ڪرڻ گهرجي. جيڪي زميندار پنهنجي عوام جي حق پرست جدوجهد جو ساٿ ڏين، انهن جي نہ رڳو مخالفت نہ ڪئي وڃي پر ساٿن عزت وارو سلوڪ پڻ ڪرڻو آهي. اسان جي ڪوشش اها هئڻ ڪپي تہ زميندار ۽ وچين طبقي جا محب وطن، روشن خيال ۽ جمهوريت پسند فرد ۽ ٽولا يا تہ عوام جا حمايتي هجن يا گهٽ ۾ گهٽ غير جانبدار هجن. شهري ڇوٽو وچون طبقو ۽ آبادگار طبقو عوام جا اتحادي هجن. پر جدوجهد جي واڳ انهن مان ڪنهن بہ طبقي جي هٿ ۾ نہ ڏيڻ ڪپي. اُها

فقط پورهيت عوام جي هٿ ۾ هئڻ گهرجي.

چالون

عوام_دشمن جي مقابلي بابت اسان جي بنيادي ۽ دڳهي عرصي واري پاليسي اها هجڻ گهرجي ته سنڌي عوام جا دشمن ڪٽي اسان کان هزارين دفعا گهٽ ۽ طاقتور هجن، ته به اسان جا حق پرست عوام اُنهن سان ضرور مقابلو ڪن ۽ دڳهي عرصي جي جدوجهد ۾ انهن کي ضرور شڪست ڏين. دشمن جي گهٽائيءَ کان هرگز مرعوب نه ٿجي. گهٽيون ڏريون دشمن هجن ۽ انهن مان حقيقي طرح ناهه لاءِ ڪا به تيار نه هجي، ته ڪنهن به ڏر جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري، اُن جي غلامي قبول ڪري، ائين نه چئجي ته اسان فلاڻيءَ ڏر سان مقابلي ڪرڻ لاءِ فلاڻيءَ سان ناهه ڪيو آهي. غلامي قبول ڪرڻ کي ناهه جو نالو هرگز نه ڏيڻ کپي. پر هر هڪ ٺوس مسئلي تي اسان جي رهبري ڪندڙ سياسي پاليسي هيءَ هئڻ کپي ته عوام جي مکيه دشمن کي سندس ساٿين کان ڪاٽي، الڳ ڪري، اڪيلو بڻائي، سياسي طرح ختم ڪيو وڃي. عوام جون گهٽيون ڏريون مخالف هجن، ته انهن کي هڪڙو هڪڙو ڪري، واري واري سان، سياسي طرح منهن ڏيئي، شڪست ڏني وڃي. ڪوشش ڪجي ته مکيه عوام_دشمن جا ساٿي يا ته عوام جي پاسي ٿي وڃن يا گهٽ ۾ گهٽ ٻنهي مخالف ڏرين مان ڪنهن جو به پاسو نه ونڻن. جي ائين نه ٿي سگهي، ته اها ڪوشش ٿئي ته مکيه عوام_دشمن جا ساٿي پنهنجي دشمنيءَ ۾ ڇتا نه رهن ۽ ڪجه ٽڏا ٿي مخالف ڪن. عوام_دشمن جي ڪئمپ جي اندر جيڪي قدرتي قوتون ۽ تفرقا هجن، اُهي معلوم ڪيا وڃن ۽ وڏيءَ ڏاهپ ۽ ڪوشش سان انهن کي وڌيڪ اونهو، گهرو ۽ تيز ڪرڻ کپي. ٻئي طرف پنهنجي سڀني وطن دوست طبقن جي عوام جو اتحاد مضبوط کان مضبوط تر ڪرڻ کپي. انهن جي اندر جيڪي تضاد ۽ تفرقا اڳي ئي قدرتي موجود هجن، تن کي واجبي ۽ دوستاني نموني حل ڪرڻ کپي. ٽياڪڙن کي دوست بنايو وڃي، ۽ دوستن کي پنهنجا ساٿي بنائڻ جي ڪوشش ڪجي. ساٿين کي سرگرم، چست ۽ مجاهد ساٿي بنائڻ گهرجي، آپيشاهي، تولبازي، آڪڙ، گلاخوري، ٽرڙائي، موقع پرستي، تنگ نظري، ايهرائي ۽ بزدليءَ جهڙن اتحاد کي نقصان رسائيندڙ لاڙن کي صبر اورچائيءَ ۽ جفاڪشيءَ سان آهستي آهستي ختم ڪرڻ کپي. هر مسئلي کي عوام جي وسيع مفادن جي خيال کان ڏسو ۽ حل ڪيو وڃي، ۽ نه ڪنهن خاص شخص، ٽولي يا طبقي جي مفادن وٽان. جدوجهد جي راهه ۾ مختلف طبقن جي اتحاد جي خاطر واجبي ڇڏ_ڇوٽ کان ڪم ورتو وڃي، پر نالي ماتر اتحاد جي آڙ ۾ عوام جي ستائيندڙن کي برداشت نه ڪيو وڃي. اتحاد

جي آڙ ۾ عوام جي وسيع مفادن کي قربان نہ ڪيو ويجي. اتحاد سان گڏ تنقيد جو هٿيار استعمال ڪيو ويجي، ته جيئن اتحاد صحيح معنيٰ ۾ سلامت رهي سگهي. ساڳئي وقت تنقيد جو ناجائز استعمال نہ ڪيو ويجي. ڪوشش اها ڪئي ويجي ته پوئتي پيل ۽ گهٽ سرگرم ٽولن ۽ فردن سان اتحاد برقرار رهي ۽ مٿن تنقيد بہ ٽيندي رهي، ته جيئن هو عوامي اتحاد جي نالي ۾ عوام تي پنهنجي ڊڪٽيٽرشپ قائم نہ ڪري سگهن.

عملي جدوجهد جو دارومدار سموري عوام تي رکيو ويجي ۽ نہ رڳو ٽورڙن ليڈرن يا سر گرم ڪارڪنن تي.

عوامي جدوجهد کي مختلف مورچن ۾ ورهايو

جدوجهد کي مختلف ننڍڙن مورچن ۾ ورهايو ويجي، ته جيئن جيڪي ماڻهو سڄي گڏيل جدوجهد بابت اهڙا جوشيلا ۽ سرگرم ناهن، سي پنهنجي پسند واري مورچي تي سرگرميءَ ۽ سرجوشيءَ سان ڪم ڪري سگهن. جيڪي سڄي جدوجهد جا مخالف آهن ۽ رڳو خاص عوامي سوچ جا حامي ۽ مددگار بنائي سگهجن ٿا سي پڻ اُن مورچي تي ڪم ڪن. ڪوشش اها ٿئي ته اسين مجموعي طرح عوام-دشمن ڪان وڌيڪ پاريءَ اڪثريت ۾ هجون، ۽ پٽ ڌار ڌار مورچن مان هر هڪ مورچي تي بہ ان مورچي جي مخالفن ڪان وڌي اڪثريت ۾ هجون.

اسان کي ڪابہ عوامي مهم، تحريڪ يا سياسي مقابلو، سواءِ پوريءَ جانچ ۽ پرپور اڳواڻ تياريءَ جي، شروع نہ ڪرڻ کپي. اسان کي فقط انهن ڳالهين جو سڌ ڏيڻ کپي، جن لاءِ اسين کين اڳواڻ نظرياتي ۽ ذهني طرح تيار ڪري چڪا هجون، ۽ اسان کي خاطري هجي ته هو هاڻ ان ڳالهہ ۾ دل جان سان حصو وٺڻ لاءِ تيار آهن. جيڪڏهن مخالف سياسي يا پيءَ طرح جو ڪوُنس يا حملو ڪري، تڏهن بہ اسان کي سندس چونڊيل ۽ پسند ڪيل وقت ۽ جاءِ تي ساڻس مقابلو نہ ڪرڻ گهرجي. ان جي بدران پنهنجي پسند ۽ چونڊ جي اهڙي هنڌ ۽ جاءِ تي ان حملي جو جواب ڏيڻ کپي، جتي ۽ جڏهن اسين سڀ کان اثرائتي نموني پنهنجو جواب پيش ڪري سگهون.

هن قسم جي صورتحال ۾ اسان جي ڪيترن ساٿين ۽ مخالفن جو ڪردار سمورو وقت ساڳيون نہ رهندو. اهو بدلبو رهندو. هڪڙي وقت تي بہ ان ڪردار جا بہ پاسا رهندا. هڪ طرف هو اسان سان دوستي ته ٻئي طرف مخالفت، هڪ طرف مخالفت ڪندا ته ٻئي پاسي مدد ڏيندا. انهيءَ غير انقلابي ٻٽي ڪردار واري ٻٽي پاليسيءَ تي عمل ڪرڻ کپي ۽ ٻٽو ڪردار رکندڙ ڏرين سان ٻٽو سلوڪ ڪرڻ کپي. يعني ساڳئي وقت تائيد، ساڳئي وقت تنقيد ۽ بااصول

مخالفت. هو جنهن ڳالهه ۾ عوام سان نيڪ هلن ۽ سندن فائدي جو ڪم ڪن، تنهن ۾ سندن حمايت ۽ تعريف، ۽ جنهن ڳالهه ۾ عوام کي ڇيهو پهچائين، تنهن ۾ سندن مخالفت ڪرڻ گهرجي. اها پاليسي وڏيرڪي قوم پرستيءَ جي واٽ تي هلندڙ قوم پرستن ۽ پنجابي-پناهگير ترقي پسندن سان به لاڳو ڪرڻ کپي، ۽ مٿن بااصول نڪتچيني ڪرڻ سان گڏو گڏ، ۽ پنهنجي قطعي الگ تنظيمي ۽ نظرياتي وجود قائم رکڻ سان گڏو گڏ، مناسب وقتن ۽ جاين تي ساڻن محدود ۽ چگيءَ طرح نروار ٽيل حدن اندر اتحاد به ڪرڻ کپي. ائين ڪرڻ سان ان کي مختلف عرصن لاءِ مختلف عارضي ۽ وقتي ساٿي ۽ مددگار ملي ويندا. انهيءَ عمل لاءِ تمام وڏيءَ ڌاهه، دوراندیشيءَ، نظرياتي ۽ سياسي پختگيءَ ۽ تنظيمي مضبوطيءَ جي ضرورت آهي. نه ته ڪٽيو ته ڪٽئي جي ماڳ، پر ماڻهو اٽلو پنهنجي گهر جا ٽپڙ به وڃائي ويهندو.

انقلابي وطن دوست تنظيم

انهيءَ ڏکي، ورن وڪڙن واري ڏڳهيءَ، ڪٽن جدوجهد کي ڪاميابيءَ سان هلائڻ ۽ اُن ۾ عوام جي مدد ڪرڻ لاءِ، عوام کي هڪ اهڙيءَ تنظيم جي ضرورت آهي، جا اُن جدوجهد جي سمورن ورن وڪڙن ۽ ڏکيائين کان اڳواٽ ئي چگيءَ طرح واقف هجي. اها سنڌي پورهيت عوام جي دائمي توڙي عارضي مفادن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ ڪين متحد ۽ منظم ڪري. اُها تنظيم ڏڳهيءَ نظر واري، جفاڪش، دلير، چاٽو، اوچ ۽ وڏي حوصلي واري تنظيم هئڻ کپي، جا ڪهڙين به ڪٽن کان ڪٽن حالتن ۾ مايوس نه ٿئي ۽ ڪيڏين به وڏين فتحن کان پوءِ به آکڙ ۽ ڦوندڙ ۾ پرجي، پنهنجو هوش ۽ حواس نه وڃائي. اُها تنظيم فقط اهڙا ماڻهو هلائي سگهن ٿا، جن پراڻي نظام جي ڦهلايل ذهني گند، رهٽيءَ ڪهٽيءَ ۽ خيالن کي پاڻ مان تڙي ڪڍيو هجي. اُنهن جي ذهن تي صرف هڪڙو ئي مقصد سوار هجي ۽ اهي بيءَ ڪنهن لالچ، فريب يا آسائش جي طلب جا شڪار نه ٿين. اُنهن ۾ اُهي خصلتون هئڻ کپن، جيڪي سنڌي عوام جي انقلابي هادي ۽ مرشد، لطيف سائين، ڪاهوڙين، سامين، هنجن، ماروين، سسُين ۽ ڏياچن جون بيان ڪيو آهن.

اُنهيءَ تنظيم جو فرض هوندو ته هوءَ پورهيت طبقي جي اڳواٽيءَ هيٺ سنڌي عوام جي سڀني وطن-دوست طبقن ٽولن ۽ ماڻهن کي هڪڙي گڏيل عوامي پروگرام جي جهنڊي هيٺ گڏ ڪري، ڪين اتحاد جي واٽ تي اڳتي هلائي ۽ ڪٽن جدوجهد جي راه تي اڳتي وڌائي. ان پروگرام جا تفصيل ڪهڙا هئن کپن، تنهن تي ويچار ڪرڻ سنڌ جي سڀني وطن-دوست ٽولن ۽ فردن جو فرض آهي.

["تحريڪ" - جنوري 1974ع]

نقلي ترقي پسند، ڪٽر نسل پرست سنڌ دشمنن خلاف جدوجهد ڪريو

هن وقت گذريل سالن جي پيٽ ۾ ملڪي سياسي صورتحال ۾ وڏيون ڦيريون گهيريون ۽ اٿلون پٿلون اچي چڪيون آهن.

آسن اميدن جا ڪئين ڪاڪ محل ڊهي اچي پٽ پيا آهن. ڪيترن ئي چمڪندڙ ۽ تخليدار نعرن جي قلعي لهي ويئي آهي. ملڪ جي سياسي ۽ نظرياتي بتخانن جا بت اونڌي منهن ڪري پيا آهن. وڏيرن، چوڌرين، خانن، سردارن، سرمائيدارن ۽ سندن چاڙڻن جي اکين ۾ سرهائيءَ جي روشنائي پيئي چمڪي. هو چڙ مرڪي ماٿن کي چون پيا تہ "هاڻ تہ بس نہ! ڏٽو نہ پنهنجي نعري بازي ۽ ڏمچر بازيءَ جو نتيجو؟ بس انقلاب چئوس، سوشلزم چئوس، مساوات محمدي چئوس، عوام راج چئوس، جيڪي وٽيو سو سڏيوس، پر شيءِ اها اٿو جيڪا اکين ويٺا ڏسو! ڪٽي چا ب ٿئي. پلي ڪٽي آسمان مان تارا لاهي اچو! پر هن ملڪ ۾ راج اهو ئي ساڳيو وڏيرن، چوڌرين، خانن ۽ سردارن جو ئي رهٽو آهي! ان کان وڌيڪ ڳالهه ٿيٽي ئي ڪانهي، بس جيڪي ٿيٽو هوس ٿي ويو. وڌيڪ جبل سان مٿو هٽڻ اجايو آهي. هاڻ جي چگائيءَ کان مڙو تہ مات ڪري وڏيون ڳالهيون چڏي، وڃي پنهنجي ٻچن جي گذران لاءِ ڪو هٽ پير هٿو نہ تہ اهڙا ٻچڙا ٿيندا جو جڳ جهان مڙي ڏسندو!"

ٻئي پاسي گذريل سالن جي اٿل پٿل ڪري ٺلهي لفاظي ۽ هوائي نعري بازيءَ جو ڏنڊ ۽ ڪوهيڙو گهٽي پاڳي گهٽجي رهيو آهي ۽ ملڪي سياست جا ڪيترا پاسا هاڻ صاف صاف نظر پيا اچن. حقيقتون ۽ مسئلا چڙجي چنڊجي نروار ٿي ٻيٺا آهن. ماٿن جي سياسي سمجهه، سرت ۽ آزمودي ۾ ڳچ جيترو واڌارو ٿيو آهي. جو ماڻهو چوٽڪاري جي نين واٽن، اڳتي وڌڻ جي نون گسن، نون طريقن ۽ ڍنگن جي ڳولا پيا ڪن. هو وڌيڪ صاف ۽ چٽن مقصدن، خيالن ۾ نظرين جي سخت ضرورت کي سمجهڻ لڳا آهن. آهستي آهستي ماڻهو محسوس ڪرڻ لڳا آهن تہ عوام جي چوٽڪاري جي عظيم ۽

شاندار جدوجهد هڪڙي ڏڪهي، ورن وڪڙن، لاهي چاڙهين واري اٽانگي ۽ پيچيدي جدوجهد آهي جنهن لاءِ وڏي تياريءَ، وڏي سمجهه وڏي ڪاريگريءَ، وڏي ٻڌيءَ، وڏي سرجوشيءَ وڏي اورچائيءَ ۽ وڏي قربانيءَ جي ضرورت آهي. ساڳي طرح ڏينهون ڏينهن اڳي کان گهٽن ماڻهن جي دلين ۾ انهيءَ پروسي جا شمعدان روشن ٿي رهيا آهن ته "اسين مظلوم ماڻهو حق تي آهيون. اسين ضرور زبردست جدوجهد هلائي، آهستي آهستي ۽ ڏاڪي ب ڏاڪي ڪامياب ٿيندا سون!"

البت اها ڳالهه ب پڌري ٿي آهي ته اسان جي ماڻهن جي جدوجهد جي ڪمائيءَ تي ڪو وڏو ڪاٽڙيو ڪاٽ هٽيو وڃي. عوام کي پنهنجي جدوجهد ڪري هيستائين پنهنجي منزل جي جيترو ويجهو رسڻ گهرجي اوترو هو نه رسيا آهن. هو سؤ ڪوهن جي دوڙ کان پوءِ حساب ٻڌن ٿا ته چٽڪ ايڏ ڏهن ميلن جيترو پنڌ مس ڪٽايو اٿن ۽ ذري گهٽ جتان نڪتا هئا اتي يا پاڻ اڳي کان ب پوئتي ٻيٽل نظر اچن ٿا.

ان لڪاءَ جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ ان جا هونئن ته گهٽائي ڪارڻ آهن پر هڪڙو مکيه ڪارڻ اهو آهي جو عوام جا دشمن نه رڳو سندن آهون سامهون مقابلي جي ميدان ۾ ٻيٽل آهن پر منجهائن عوام جا ڪي قاتل کان قاتل دشمن ويس بدلايو بهروپ ڪريو عوام جي وچ ۾ ويٺا آهن! هو معتبر بنيو عوام جا اڳواڻ ۽ سورما ٿيا ٻيٺا آهن ۽ عوام جي جدوجهد جي اڳواڻيءَ جي واڳ پنهنجي قبضي ۾ ڪريو ان کي جيڏانهن وٽين ٿو تيڏانهن پنهنجي مطلب لاءِ پيا وارين ڦيرين ۽ عوام کي گوهيون ڏياري، روهن ۾ رلائي، ٽڪائي ٽٽائي دربدر ڪري رڙ واهي ڪريو ويٺا آهن. سندن هڙ ۾ جيڪو ب سياسي ٽمر گڏ ٿئي ٿو سو مٽان ئي مٽان پاڻ ڪٽيو وڃيو هڙپ ڪريو چڏين.

عوام جي وچ ۾ معتبر بنجي ويٺل انهن عوام جي ويرين مان ڪوب ويري عوام ۽ سندن انقلابي جدوجهد جو اهڙو بي حياءِ اهڙو بي رحم، اهڙو زهريلو، اهڙو مڪريل، اهڙو چيڙهو، اهڙو قاتل دشمن ڪونهي جهڙو نقلي ترقي پسند سڏ دشمن سازشي ٽولو ۽ سندن جوڙيوال آهن، جي پاڻ کي نهايت ئي بي حيائي ۽ بي شرمائيءَ سان ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو وڏو لقب ڏيو ويٺا آهن.

جيڪڏهن هن ملڪ جي هر علائقي جي عوام جي اهم جدوجهدن جي سربستي تاريخ جو ڳوڙهو مطالعو ڪبو ته ان جي هر ڪاميابي هن ٽولن جي سازشن جي ڪٽر مخالفت سان مقابلو ڪندي ٿي هوندي ۽ هر ناڪاميءَ ۾ مکيه ۽ فيصلو ڪندڙ هٿ هن هو ئي هوندو.

هن انقلاب دشمن ۽ عوام دشمن رهزن ٽولن ۽ سندن مڪاني ماڻهن مان

پرتي ڪيل... وطن فروش ۽ قوم-دشمن غدار چاڙڻن جي ڪارستانين جي سربستي ڪهاڻيءَ ۽ ان جي تاريخي پس منظر کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ کان سواءِ، ساڻن پرپور ۽ حياتي ۽ موت جي لڙائي لڙڻ کان سواءِ ۽ سنڌن نظرياتي، سياسي ۽ فطري پاڙ پٽڻ کان سواءِ هن سموري ملڪ يا ان جي ڪنهن بہ علائقي جي ماڻهن جي ڪابہ جدوجهد نہ هيستائين ڪامياب ٿي سگهي آهي، نہ وري ٿي ئي سگهي ٿي.

هن لالچي، چالاڪ، عيار، موقعي پرست ۽ حرفتي ٽولو پارت جي ان ڪٽر نسل پرست پرمار ۽ سامراجي وڏي گروهہ جو حصو آهي، جيڪو گروهہ پاڻ کي افغان ۽ مغل سامراجن جو جانشين سمجهي ٿو ۽ يوپيءَ جي جاگيردار طبقي ۽ ان جي دربار دارين ۽ حوارين کي ئي اڻ ورهايل هندستان جي سمورين قومن جي قدرتي حاڪم، اڳواڻ ۽ سردار سمجهي ٿو. اهو گروهہ تصور جي اک سان سدائين پاڻ کي ڪنهن محمد بن قاسم، ڪنهن محمود غزنوي، ڪنهن علاءُالدين، ڪنهن نادر شاهہ، ڪنهن ابدالي‌ءَ، ڪنهن مدد خان جي روپ ۾، ڪنهن عربي يا خراساني گهوڙي تي سوار ٽيل زرهہ پوش "غازي" جي ويس ۾ خيبر ۽ بولان لڪ ٽپي سنڌ، دکن، بنگال جي هندو مسلمان قومن کي "فتح" ڪندو، ملڪ پيليندو ۽ تاراج ڪندو، ماڻهو ماريندو ميڙائيندو ڏسي ٿو.

اڳرائيءَ، پرماريءَ ۽ سامراجي ڦرلٽ تي پلجندڙ انهيءَ گروهہ کي تاريخي طرح پنهنجو اصلي بچڙو ۽ پيانڪ عوام دشمن چهرو لڪائڻ ۽ ڪوڙ کو بهروپ ڪرڻ جي سدائين سخت ضرورت پئي رهي آهي. اڳين ڏهن صدين ۾ هو دين اسلام جي پرواڻي ۽ اسلام سلطنت ۽ خلافت جي بچائيندڙ جو ڊونگ رچائي ملڪ ڦري کائيندو رهيو آهي.

هينئر هن پاڻ کي بن ٽولن ۾ ورهائي چڏيو آهي اهي ٻئي ٽولا پنهنجن بازن بدران پنهنجي گلا خور چاپلوس وات ۽ راڄ ويڑهائي چٽ ڪندڙ فتني انگيز ۽ سازشي عوام دشمن دماغ جي ڪمائي کائين ٿا. ٻنهي جي جاڙي هيٺ زمين سان، مٿي آسمان سان لڳي ٿي. ٻنهي ٽولن جي ڳالهہ جو انت ساڳيو آهي. ٻئي ٽولا عملي طرح ساڳيو ڏنڊو ڪن ٿا. ٻئي پنهنجي طبقي ۽ نسل جي ڦورو ۽ بالادست حيثيت قائم رکڻ گهرڻ ٿا ۽ وطن جي ماڻهن کي اُسرڻ، پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۽ پنهنجي ٽپڙن ۽ پنهنجي وطن جا پاڻ مالڪ ٿيڻ کان هر قيمت تي روڪڻ گهرن ٿا. ٻئي وڏا ڏنڊا ڪٽيو مظلومن جي مٿان چوڪيدار ۽ ۽ جيلر بنيا، سندن چوٽڪاري جي گسن جا گهٽ جهليو ويٺا آهن. ٻئي پنهنجا مطلب خوشامد، چاپلوسي، گلاخوري، سازش، فتني ۽ جاڙي بازي، شوشي بازي، ڏانڊلي بازي، بي سبب واويلا ۽ ٻين طريقن ۽ هٿيارن سان

پورو ڪندا رهيا آهن ۽ ڪرڻ گهرن ٿا. پئي ٽولا ذهني خرڪاري، نظرياتي ٺيڪيداري ۽ سياسي دڪانداري ڪن ٿا. البت سندن نعرا، اشتهار، ٽريڊ مارڪ ۽ ليبل مختلف آهن ۽ هو گراهڪ ٻ مختلف قسمن جا قاسائين ٿا.

انهيءَ گروهه جو وڏيڪ دولتمند ٽولو سياسي روڪڙ ۽ ريڊي ڪئش جو ڪاروبار ڪري ٿو. هو اهي نظرياتي وڙ ۽ جنسون پنهنجي دڪان تي رکن ۽ وڪڻن ٿا جن جي حاڪم طبقي ۾ هڪدم طلب هجي. ان ڪري هو وقت جي حاڪمن، ايوبن، يحيائن جي درٻارين ۾ ڏڏو ڪن ٿا ۽ "اسلام" سان گڏ "پاڪستاني محب-وطني"، "ملڪي سالميت"، "نظريه پاڪستان"، "پاڪستان جي نظرياتي سرحدن جي حفاظت"، "جمهوريت" ۽ "اسلامي اتحاد" جا ٻ هوڪا ڏين ٿا.

پيو ٽولو يعني نقلي ترقي پسند ٽولو ان پوزيشن ۾ ناهي جو سئون سڏو حاڪمن جي درٻار ۾ وڃي، اتي چميل پنهنجي درٻاري پائرن سا ڪلي ڪلائي چٽاپيٽي ڪري. ان ڪري هو چور دروازي ڪان سرڪاري درٻار ۾ پهچي ٿو. هو ڪليو ڪلايو دهلوي، لکنوي ۽ حيدرآبادي نوابن ۽ نظامن، رئيسن ۽ جاگيردارن جي نمائندي جي حيثيت ۾ نه ٿو وڃي پر ويس بدلايو جرمنيءَ جي مارڪس، روس جي لينن ۽ اسٽالن جي انقلابي گادين جو سجاده نشين ۽ روس، اوپر جرمني، ويٽنام وغيره جي سرفروش قومن جو ڏوراهان ڏيهه پيٽي آيل انقلابي نمائندو يا خود هن ملڪ جي باغي، انقلابي سرڪش عوام جو خطرناڪ ۽ طاقتور اڳواڻ بنجي نه رڳو حاڪم طبقن جي درٻار ۾ رسائي هٿ ڪرڻ گهري ٿو پر وقتي حاڪم ٽولي تي انقلابي رعب وجهي ساڻن سوديبازي ڪري، ڪائنس سٽيو حصو پتي وڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

هن ٽولي لاءِ سوشلسٽ سڏائڻ، سوشلزم ۽ سوشلسٽ ملڪن جي تعريف جا قصيدا گائڻ ڪو ڏکيو يا نرالو ڪم ڪونهي. هو تاريخي طرح مٿين گروهه جي ان وچولي ۽ چوٽي وچولي طبقي منجهان آهي جيڪي وچولو ۽ چوٽو وچولو هزارين سال درٻاري، خوشامدڙيو ۽ گلاخور ٽي يا درٻارين، خوشامدڙين ۽ گلاخورن جو درٻاري، خوشامدڙيو ۽ گلاخور ٽي جائو، پليو ۽ وڏيو ويجهيو آهي. هو هزارين سال ڏاڍن جون جيتون ڪٽي سندن خوشامد جا گيت ڳائي ۽ هيٺن جون گلائون ڪري فتنا ۽ فساد مچائي، ماٺهن کي اُلو بنائي، پاڻ ۾ ويڙهائي پاڻ حاڪمن وٽ سرخرو ٽي ۽ سندن هيٺن ڪان ڦريل مال مان سٽيا هڏا ٽڪر وڻي ڪائيندو، مچندو، ۽ مواڙ ٽيندو رهيو آهي. اڇڪله دنيا ۾ روس يا ٻين سوشلسٽ ملڪن ڪان ڏاڍو پيو ڪير آهي جنهن جي خوشامد ڪجي؟ جن جا گيت گائجن؟ اهي گيت ڳائي، انقلابيءَ جو ڊونگ رچائي، اهو ٽولو انعام طور سڃي ملڪ جي ڪمداري هٿ ڪرڻ جا خواب پيو لهي ۽

سوچي پيو ته انقلاب ۽ سوشلزم جي آڙ ۾ ڪنهن ڏينهن خود ملڪ جو والي ۽ نواب ٿي شاهه اوڌ، نظام دکن بلڪ مغل شهنشاهه هند جو جانشين ٿي ويندس ۽ خوب الوليون ماٽيندس.

مظلوم عوام خلاف سنگين ڏوهه ڪندڙ هن عادتي سياسي مجرمن جي انقلاب دشمن عوام دشمن ٽولي جي عوام دشمن سازشن خلاف جدوجهد ڪرڻ اڄ نه رڳو سنڌي عوام جو پر سڄي ملڪ جي مظلوم عوام جو هڪ بنيادي تاريخي فرض بنجي پيو آهي. جو ته گهر اندر لڪي ويٺل ان ڪپرڙي چور کي سڃاڻڻ ۽ ڳڻڻ مان جهلي ٻاهر لوڏي ڪيڏڻ کان سواءِ عوام جي ظاهر ظهور ۽ علي الاعلان دشمن سان وڙهڻ ممڪن ئي ڪونهي. هي گهر جا ويري اندر ئي اندر عوام کي گوگها ڏيوم، منجهايوم، برغلايوم، رڙ منهن ڏيوم، پنهنجو پاڻ ۾ ويڙهايو اهڙو ڪٽ، هلاڪ ۽ بتال ڪريو ويٺا آهن جو ماٺهن کي پنڻ کان پڙهڻ ياد ئي ڪونهي. هو پنهنجي گهر جي ويڙهه کان ئي واندا ڪونهن جو حاڪم طبقن ۽ سندن ڏاڍ جي مشنري کي صحيح معنيٰ ۾ منهن ڏيئي سگهن. هن ٽولي کي بانور آهي هن اهڙيون سياسي زرهون پائي چڏيون آهن جو ڪوبه ڪين عوام جي خلاف ڏوهه ڪرڻ کان روڪي نٿو سگهي. مثال طور هن جو چوڻ آهي ته جيڪو اسان جي عوام دشمن ڪٽن ڪرتوتن تان پردو لاهيندو تنهن جو اسين جيئڻ حرام ڪري چڏيندا سين. هن انقلابي وطن دوست عوام ۽ ڪارڪن کي ديڄارڻ لاءِ پنهنجي چوڌاري ڪيترين نظرياتي سرڪڻ ڦاهيون ٺاهي چڏيون آهن جن ۾ ڦاسڻ جي ڊپ کان ڪوبه سندن ويجهو ويجي ڪين ننگو ڪرڻ جي همت نٿو ساري.

مثال طور هو چون ٿا ته (1) سنڌي عوام جو ڪوبه سڃڻ اسان جو نالو ونڊندو تنهن کي اسين ري پچيو سرڪاري ايجنٽ ٺهرائيندا سين. جو ته اسين سرڪار جي مخالف پارٽيءَ آهيون. سرڪار جي مخالف ڪندڙ پارٽيءَ جا ماڻهو عوام جا دشمن ٿي ئي نٿا سگهن. اتلو انهن خلاف ڳاله ڪندڙ سرڪاري ايجنٽ ليکجڻ کپن. (2) اسان جا چاڙٿا غدار ٿي نٿا سگهن جو ته غدار فقط اهي ئي ليکجي سگهجن ٿا جي ڪنهن وزير يا پوليس وغيره جا چاڙٿا ٿين. سرڪاري جي 'مخالف پارٽي' سان 'سات ڏيندڙ' غدار ٿي ئي نٿا سگهن! (3) اسان مان ڪي يا اسان جا ڪي چاڙٿا روپوش ۽ اندر گرائونڈ آهيون. اسان جو جيڪو نالو ونڊندو سو اڻ پچيو چئبو ته پوليس جو ايجنٽ آهي ۽ عوام جي ڪارڪن کي جهلائي ٿو، ان ڪري اسان ۽ اسان جي چاڙٿن کي سنڌي ماڻهن خلاف جيڪي ونيو سو ويٺا ڪن، ٻئي ڪنهن کي ڪوبه حق ڪونهي جو پچي ته هي چا پيا ڪن، ڪنهن لاءِ ۽ ڪنهن جي خلاف پيا ڪن. جيڪو سندس نالو وات تي آڻيندو سو پوليس جو دلال آهي!

اهڙيون اٽڪلون ڪريو هو ۽ سندن چاڙتا عوام خلاف سنگين ۽ ڪڏهن ب معاف نہ ڪرڻ جهڙا لڳاتار ڏوهہ ڪري رهيا آهن. هن عوام دشمن ٽولي جي انهن زرهن کي ٽوڙي کين سنڌي ۽ ٻئي عوام اڳيان اگهاڙو ۽ ننگو ڪري کين عوام جي مفادن کي وڌيڪ وقت نقصان رسائڻ کان روڪڻ لاءِ وڏي دليري ۽ دانائيءَ واري نظرياتي جدوجهد هلائڻ جي سخت ضرورت آهي.

ايندڙ ڪڇهريءَ ۾ اسين اهو ويچار ڪنداسين تہ نقلي ترقي پسند، سنڌ دشمن سازشي ٽولي، سندس جوڙيوالن ۽ چاڙتن جي انهن قانوني اعتراضن ۽ حجتن ۾ ڪيتري سچائي آهي. پڙ اسين اها جاچ ڪنداسين تہ هن ٽولي گذريل ٽيهن سالن ۾ ملڪ جي عوام خلاف، سندن انقلابي جدوجهد خلاف، هن علائقي جي انقلاب ۽ عالمي انقلاب خلاف ڪيئن نہ لڳاتار سنگين ۽ ڪڏهن ب معاف نہ ڪرڻ جهڙا ڏوهہ ڪيا آهن، اهي ڏوهہ هن ڪهڙن طريقن ۽ اٽڪلن سان ڪيا آهن، ڪهڙيون قوتون ۽ حالتون کين انهن ڏوهن ڪرڻ لاءِ سازگار ۽ مددگار ٿيون ۽ سندن هٿان عوام کي ڪهڙا ڳرا ۽ ڪاپاري ڏڪ لڳي چڪا آهن ۽ لڳي رهيا آهن.

خاص ڪري اسين اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ هن ڪهڙي ريت پاڪستان نهڙ شرط ڪوڙن انقلابي ڪليمن جا آڌار تي پاڪستان جي عوامي ۽ انقلابي سياست پاٽيهي پنهنجو پاڻ کي الاٽ ڪري ان تي ناجائز قبضو ڪري، هن ملڪ جي عوام ۽ ان جي قومي ۽ انقلابي ڪارڪنن کي عوامي سياست تان فريب توڙي زبردستيءَ سان بي دخل ڪري بلڪل ائين پنهنجو ڏنڏو هلايو جيئن جماعت اسلامي جا چاڙتا ۽ ٻيا دين فروش مسجد شريف اڏڻ جي بهاني پٽن تي قبضا ڪري پوءِ ان تي دڪان ناهي، سياسي ۽ اقتصادي دڪانداري ڪندا آهن، ڪيئن هن اڳتي هلي عوامي سياست سان مارشل لا لڳائي سنڌي، بلوچ، پشتون ڪارڪنن خلاف نفسياتي جنگ شروع ڪري سندن خلاف پروپئگنڊا مهمون هلايون ۽ سندن سياسي ڪردارن جو غدار چاڙتن هٿان قتلام ڪرايو، ڪيئن هن پنهنجي چاڙتن هٿان انقلاب دشمن، عوام دشمن ۽ قوم غدار تنظيمون نهرائي، انهن کي عوام جي خلاف سازش، فتني ۽ بدمعاشين لاءِ Storm troopers طور استعمال ڪيو، ڪيئن هن عوام خاص ڪري سنڌي، بلوچ، پشتون عوام ۽ ڪارڪنن کي هڪ ٻئي کان الگ ۽ ڪٽيل رکڻ لاءِ سياسي لوڙها ڪڙا ڪيا، ڪيئن هن انقلاب رازدارين جي انقلابي عوامي هٿيار کي انقلابي وطن-دوست عوام کان کسي اهو خود عوام خلاف استعمال ٻئي ڪيو آهي، ڪيئن هن امريڪي سي-آئي-اي جي چاڙتي جماعت اسلامي سان بٽ ٿي ملڪ جي عوام کي بٽڻ ۾ ڦاسايو آهي، ڪيئن هن سنڌين، بلوچن، پشتونن جي جدوجهد جي

حمايت جو ڏونگ رچائي انهن ۾ پنهنجا چاڑتا فٽ ڪري، انهن هٿان انهيءَ جدوجهد جا دغا سان ترا ڪڍيا ۽ انهن کي ٻوهي ۾ ڏيئي پاڻ ”بادو بي ميار“ ٿي پيڄي اچي، لڪي ويهي حاڪمن سان ڏهي مزا پيا ماڻين ۽ سنڌين، بلوچن ۽ پشتونن خلاف زهريلي پروپئگنڈا جنگ پيا هلائين.

اسين اهو ٻ معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته هي ٽولو ’تحريڪ‘ ۽ ان سان واسطو رکندڙ ڪارڪن کي ايترو چو ٿو ڏڪاري، انهن کان ايڏو ڊنل چو آهي ۽ انهن خلاف سالن جا سال پنهنجن چاڑتن هٿا سنڌ، پاڪستان ۽ ٻاهر چوويهه ڪلاڪ ايڏي چتي، زهريلي ۽ گندي ڪوڙي پروپئگنڈا! جنگ چو وڙهندو رهي ٿو ۽ سندن تحريڪ جي سلسلي ۾ ايڏي بدحواسي ۽ وحشت جا اصل ڪارڻ ڪهڙا آهن ڳالهه ۾ اڳتي وڌڻ کان اڳ ٿوري دير بيهي، سوچ جي رستي تان کي ذهني ڊنگر هٽائي پري ڪري چڏجن ته چڱو.

ڪيترا ڀنڀ پلاءِ حد اشراف وطن جا گهٽگهرا ماڻهو تنقيد کي گلا جي قطار ۾ شمار ڪندا آهن ۽ چاهيندا آهن ته گلا وانگر تنقيد ٻ ڪنهن تي ٻ نه ٿئي. هو چوندا آهن ته ”بچڑن سان لڳي بچڑو ڪونه ٿبو. چڱن سان چڱو سيکو هلي، تڏهن جڏهن ڪو بچڑن سان ٻ چڱو هلي ڏيکاري!“ کي ٻيا وري نقلي ترقي پسند نسل پرست سنڌ دشمن سازشين جي سنڌي چاڑتن ڏانهن اشارو ڪري چوندا ”ادا وري ٻ پاڻ ۾ وڙهڻ واري گالهه ٿي نا! فلاڻو ڪٽي ڪهڙو ٻ آهي، ڪٽي ڪنهن جو ٻ گماشتو يا دلال ڇئوس، پر آهي ته بي نصيب پنهنجو نا! اها ته ادا پاڻ سنڌين کي خدائي پٽ آهي جو ٻين کي چڏي اول هڪ ٻئي جي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وجهندا آهيون، تان جو اڳلو ويڙو موجون ماڻيندو آهي ۽ پاڻ هڪٻئي سان لڳي هٽيو هڪٻئي کي پورو ڪريو رکون!“

ايا کي ٻيا وچان ٿي گالهه ڪندا، چي ”گالهه برابر لک جي ٿا ڪريو، انهن سنڌ دشمن ۽ سندن چاڑتن، ڪري سنڌي ماڻهن کي برابر رٽ رٽ چڏيو آهي. پر پنهنجو ڪم ناهي جو پنهنجو وقت اهڙن ردي ماڻهن تي زيان ڪريون. پاڻ کي ڪبي ته مڙس ٿي پنهنجو ڪم ڪريون. پلي هن کي ٻ جيڪا هڪلئي هجي سان هڪلين. پوءِ آخر فيصلو ته سنڌي عوام ڪندو نا؟ اهو پس پيش فيصلو ڪري ڪير ڪندو، پاڻي پاڻي ڪندو. جيڪي سچو ڪم ڪندا سي ڪامياب ٿيندا ۽ جيڪي ڪوڙا هوندا سي هٽي هٽي نيٽ ڪنهن ڏينهن اڳهاڙا ٿي پوندا ۽ پوءِ ڪير پڇندن ٻ ڪونه. ان وچ ۾ اجايو تڪڙو ٿي، پاڻيءَ کان اڳ ڪپڙا لاهي پاڻ کي خوار چو ڪجي!؟“

اها دستوري سنڌي سوچ آهي. سنڌ جا تمام گهٽا سوچيندڙ وطن دوست ماڻهن ائين ئي سوچين ٿا. خود جيڪي وطن دوست ماڻهو پاڻ کي نئين قومي

سوچ جا مالڪ سمجهن ٿا تن جا ذهن ۽ سوچڻ جي انهيءَ دستوري سنڌي ڍنگ کان صفا آجا ڪونہ ٿيا آهن. اهڙيون سوچون ڇپ هٽيو سنڌي ماڻهن جي ذهن جي ڪنڊن پاسن ۾ لڪيون ويٺيون آهن ۽ وقت سر اوچتو ئي اوچتو ڪنهن محل بڙڪو ڏيو ڪونہ ڪو روپ ونيو ٻاهر نڪريو اڇيو ٻيهو رهن.

اهي ۽ ان قسم جا ٻيا اهڙا خيال ۽ سوچ جا ڍنگ صحيح نہ آهن. اهي غلط آهن ۽ سنڌي عوام لاءِ نقصانڪار آهن ان ڪري انهن کي دليلن سان رد ڪرڻ ۽ انهن جي پاڙ پٽڻ تمام ضروري آهي نہ تہ سنڌي ماڻهو ڪڏهن ب مضبوط ۽ محڪم ارادي سان اڳتي وڌي توڙ تائين پهچائڻ واري جٽادار جدوجهد هلائي سوپ ڪٽي نہ سگهندا.

جيڪڏهن بچڑن جي بچڑائيءَ جي ڳالهہ نہ ڪجي، عوام خلاف جيڪي نقصانڪار ڪم ٿين انهن ڪمن ۽ انهن جي ڪندڑن جي ڳالهہ جيڪڏهن سنڌي ماڻهن وٽ نہ ڪجي، جيڪڏهن رڳو پاڻ چگو ڪم ڪجي، باقي ٻين کي برائيءَ کان نہ روڪجي، جيڪڏهن هر ڪو رڳو پنهنجو ڪم ڪري، اهو نہ ڏسي تہ جيڪي ان ڪم جا ويري آهن سي ڇا ٻيا ڪن تہ پوءِ ان حالت ۾ سنڌي ماڻهن جو ڪهڑو حال ٿيندو تنهن جو اندازو رڳو هيٺين ٽورڑن مثالن مان ئي ڪٽي لڳائي ڏسو:

فرض ڪريون تہ هڪڑي پاسي سنڌ جي سڄڻ طرفان پورا هڪ هزار بورچي ان ڪم ٿي لڳل هجن تہ سنڌي ماڻهن لاءِ بهترين پٽ ۽ پلاءُ رڌي تيار ڪندا وڃن ۽ ٻئي پاسي سنڌي جي ويرين طرفان فقط هڪڑو ماڻهو انهيءَ ديوتيءَ تي لڳل هجي تہ اهي هزار بورچي جيڪي ديگيون سنڌين لاءِ رڌي تيار ڪري لاهي دم ڏيئي رکن، تہ منجهان هڪڑيءَ هڪڑيءَ ۾ هو زهر جا پڙا اوتيندو انهن کي ڏوئي گهمائيندو هلي، ٻئي ڏريون پنهنجو ڪم ڪن، هڪ ٻئي کي روڪ نہ ڪن ۽ چڏي ڏين تہ سيڪو پلي "پنهنجو" "پنهنجو" ڪم پورو ڪندو هلي! ساڳيءَ طرح فرض ڪريون تہ سنڌي وطن دوست پورا هڪ بهترين رازا جايون اڏڻ جي ڪم سان لڳائين ٿا تہ سنڌين لاءِ بهترين جايون جوڑين ۽ دشمن جو فقط هڪڑو رازو انهيءَ ڪم تي مقرر ٿيل هجي تہ هي ماڻهو جيڪي اڏين سو ڍاهيندو، ڪيرائيندو، پٽ ڪندو هلي! فرض ڪريون تہ هڪ هزار سنڌي مائون هزار هزار ٻار جڻين، سانديون، نپائين، وڏا ڪن ۽ نيٺ جڏهن هو سامائجي جوان ٿين تہ دشمن فقط هڪڑو جلاد، فقط هڪڑي ڏينهن لاءِ ان ڪم سان لڳائين تہ تلوار ڪٽي سيني جون سسيون لاهي چڏ!

هاڻ جيڪڏهن اهي هزار هزار بورچي، رازا ۽ مائرون رڳو "پنهنجو" ڪم ڪندا رهن، پنهنجي ڪيل ڪم جي سنپال نہ ڪن، ان جو بچاءُ نہ ڪن،

ويرين کي اهو کيل کم خراب ۽ برباد ڪرڻ کان نہ روکين تہ پوءِ انهن هزار بورچين، هزار رازن هزار مائرن جي پورهين، ڪشالن، ڪاريگرين ۽ هنرن جو آخر نتيجو ڪهڙو وجي نڪرندو؟ چا رڳو ڪجھ بہ نہ؟ نہ! ايجان ان کان خراب!! جيڪي سنڌي اهو زهريلو پٽ کائيندا سي مرندا، جيڪي انهن جاين ۾ ويڙل هوندا تن جي مٽان جايون ڪيرايون ويون تہ مٽا ڦاٽندن، ٻچا مرندن، جيڪي هزار مائرون پنهنجا اکين جا ٽار ويرين جي جلاد جي رحم ڪرم تي ڇڏيندیون تن جا اهي جوان پٽ جيڪي جلاد کي پنهنجو ڪم بنا رندڪ جي ڪرڻ ڏيندا سي ڪسي ويندا.

ساڳيءَ طرح جيڪڏهن هاري رڳو هر ڏيئي، فصل پوکي، جهار نہ هڪلي، ان فصل کي پکين، جانورن يا چورن کان نہ بچائي، جيڪڏهن ماڻهو رڳو ماني کائي، بيماريءَ کي روڪڻ لاءِ ۽ صحت کي بچائڻ لاءِ دوائون درمل نہ کائي، جيڪڏهن پاڻگيا رڳو مال مڈيون ڪمائي گڏ ڪندا وڃن، ڏاڙيل انهن ٽپڙن کي ڪٽن تہ ڪچن بہ نہ ۽ چون تہ اسان پنهنجو ڪم ڪيو، هاڻ هي پلي "پنهنجو" ڪم ڪن، تہ پوءِ ماڻهن جي جيڪا حالت ٿيندي سا سيڪو سمجهي سگهي ٿو!

نہ! رڳو "پنهنجو" ڪم ڪرڻ مان ڪجھ بہ نہ ورندو! رڳو پاڻ ڪم ڪرڻ، رڳو پاڻ چگو ۽ اشراف ٿيڻ ڪافي ناهي. عوام جي پلائي ڪرڻي آهي تہ ٻئي ڪم ڪرڻا آهن. پاڻ چگائي بہ ڪرڻي آهي ۽ عوام جي دشمن جي برائيءَ ۽ بچڙائيءَ کي بہ رد ڪرڻو آهي. چگو بہ ٿيڻو آهي ۽ چگائيءَ جي بچاءَ لاءِ بچڙن کي سهي بہ ڪرڻو آهي، مٽن ڪرڙي نظر بہ رکڻي آهي، ساڻن مقابلو ڪري، کين ناڪام بہ بنائڻو آهي.

ساڳيءَ طرح پنهنجن کي چڏي ڏيڻ تہ جيڪي وڻين سو وينا ڪن. سا ڳالھ بہ صحيح ناهي. غلط آهي. هر شيءِ ابتڙن جو ميلاپ آهي. انهن ابتڙن جي پاڻ ۾ ميلاپ ۽ هيڪڙائي بہ آهي تہ پاڻ ۾ مقابلو بہ. اهو فطرت جو ازلي، ابدي ۽ اٽل قاعدو آهي. ڪابہ شيءِ، ڳالھ يا حقيقت ان قانون جي اثر کان بچيل ڪانهي ۽ نہ ڪا ٿي سگهي ٿي. جن کي پنهنجو چئجي ٿو تن ۾ بہ ابتڙ، تضاد، ٽڪر ۽ مقابلو آهي. رڳو انسان پاڻ کي، خود پنهنجي جسم کي وڻي تہ ان ۾ بہ سڀ جزا سندس پنهنجا يعني ڪيس نفعي ۽ فائدي پهچائڻ وارا ڪونهن. سندس 'پنهنجي پاڻ' ۾ بہ سوين هزارين زهريلا جيوڙا ۽ جزا ٿين ٿا، جن مان ڪئين مرض پيدا ٿي سگهن ٿا. اهي جيوڙا آهن تہ برابر "پنهنجا"، پنهنجي جان جا ۽ ان جي ئي اندر، پر ساڳئي وقت اهي پنهنجي صحت ۽ زندگيءَ جا دشمن بہ ٿي سگهن ٿا. انهن ۽ اهڙن 'پنهنجن' سان مقابلو بہ لازم آهي. يعني 'پنهنجو'، ساڳئي وقت 'پنهنجو' بہ آهي تہ

'پنهنجو' ويري ٻه. اڪيلو ماڻهو هجي يا ڪٽنب، راڄ هجي يا قبيلو، طبقو يا قوم، انساني سماج هجي يا سموري زندگي، هر هنڌ ٻڌيءَ سان گڏو گڏ ابتڙ، تضاد، ٽڪر ۽ مقابلو ٻه جاري آهي. سدائين جاري هو ۽ هميشہ جاري رهندو. هر هنڌ مقابلو ٻاهرين سان ٻه آهي ته اندرين سان ٻه. جهيڙو پراين سان ٻه آهي ته خود پاڻ سان ٻه. پاڻ اندريون دشمن وڌيڪ نقصانڪار ۽ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو.

سمنڊ ۾ جيڪي ساهوارا آهن تن جا دشمن آسمان مان ڪونہ ٿا لهن، سمنڊ اندر ئي موجود آهن. ڪين پنهنجن انهن سمنڊ ۾ رهندڙ پاڙيسرين ۽ جنس پائين سان ئي مقابلو ڪري پنهنجي جان بچائڻي پوندي. ساڳيءَ طرح چڙيءَ جو دشمن باز ٻه سندس پنهنجو هم جنس پکي ئي آهي، مانگر مڇ ڪونهي. ساڳيءَ طرح انسان ذات کي ڦريندڙ، لٽيندڙ ۽ پيڙهيندڙ چوڌري، خان، وڏيرا، سردار، سرمائيدار ۽ سامراجي ٻه پنهنجا هم جنس انسان آهن. بگهڙ يا گرڙ پکي ڪونهن. اهي سڀ ڪان پهرين پنهنجي ئي ذات، قبيلي ۽ قوم کي ڦريندا ۽ غلام بنائيندا آهن. ان ڦرلٽ جي زور تي مچي مواڙ ٿي، پوءِ ئي ٻين کي ڦرڻ مارڻ ۽ غلام بنائڻ جهڙا ٿيندا آهن.

روم کان وٺي ٽٽي تائين، مڪي مديني کان وٺي ماسڪو ۽ پيڪنگ تائين جيڪي ٻه ٽرٽلا ۽ انقلاب آيا آهن تن ۾ سڌاري، واڌاري ۽ انقلاب جا پهريان ۽ پويان وڏي ۾ وڏا جاني دشمن انقلابين جا 'پنهنجا' ئي هئا، ڏاريان ڪونہ هئا. يزيد ڪير هو؟ پيغمبر صلعم جي صحابين سڳورن جي سونهاري ست جي مور معاويہ رضہ جو فرزند دلبند ابوجهل ڪير هو؟ حضور جن جو پنهنجو جان جگر. سومرن، سمن، ميرن جي راڄن جا تختا ڪيندڙ چنيسر، چام فيروز ۽ ميرعلي مراد ۽ صوبدار خان ڪير هئا؟ خود سومرا، خود سمان، خود ميرن، خود شاهي خاندانن جي اڪين جا ٽار ۽ هنئين جا هارا! حقيقت ۾ غدار اڪر جي معنيٰ ئي آهي اهو پنهنجو ماڻهو جو ڏارين سان ملي پنهنجن جو ويري ٿئي. غدار پنهنجن مان ٿيندا آهن، ڏارين مان ٽي نٿا سگهن. عوام جي پلائي ان ۾ آهي ته فطرت جي قانون مطابق ٻڌي ٻه ڪجي ۽ مقابلو ٻه. ڏارين توڙي پنهنجن سان رڳو ٻڌي نہ ڪجي پر ضرورت پوڻ تي مقابلو ٻه ڪجي.

اصول هي آهي ته عوام جي پلي لاءِ جيترن گهٽن ۾ گهٽن ماڻهن ۽ قوتن سان ٻڌي ٽي سگهي، اوترن سان ٻڌي ڪجي. چاهي اها محدود چو نہ هجي ۽ ان ٻڌيءَ کي قائم رکڻ ۽ بچائڻ لاءِ طئي ٽيل اصولن مطابق جدوجهد ڪجي. انهن اصولن مان هڪڙو اصول هي آهي ته جيڪي بنهہ آزمايل ڪٽر، لاعلاج ۽ ناسوري رجعت پرست عوام دشمن هجن تن سان حياتي ۽ موت جو مقابلو ڪجي، ڪين سياسي طرح ختم ڪرڻ لاءِ ڏگهي ۽ اٽانگي جدوجهد ڪجي.

نقلي ترقي پسند، نسل پرست سنڌ دشمن هن وقت اهڙي قسم جا بار بار آزمايل، ڪٿر، لاعلاج ۽ ناسوري رجعت پرست ۽ عوام دشمن آهن، جن سان حياتي ۽ موت جي ڊگهي نظرياتي سياسي جنگ لڙڻ ۽ کين مات ڪرڻ بنا سنڌي عوام هڪ وک به اڳتي چري ڪونه سگهندا.

اها ڳاله سمجهي سنڌ دشمن سڌو سنڌي عوام جي اڳيان اچڻ جي جرعت نٿا ڪن. ان ڪري هو پنهنجا سنڌي چاڑتا آڙ ڪري استعمال ڪن ٿا ۽ چون ٿا "ڏسو! هي ته اوهان جا پنهنجا آهن!" سماج توڙي دنيا جي تاريخ ۾ ٻين سمورن قسمن جي غدارن جو ذڪر ڪافي شدمد سان ٿيندو رهيو آهي ۽ انهن تي ڦٽ لعنت ٿيندي رهي آهي. سواءِ هڪڙي اهم ڪان اهم ۽ بنيادي قسم جي غداريءَ جي. اها غداري آهي مسڪين، ماريل ۽ مظلوم طبقي جي ماڻهن جي پنهنجي مسڪين ماريل ۽ مظلوم طبقي سان غداري.

سموري تاريخ طبقاتي تاريخ آهي. اها ڳاله ٻن معنائن ۾ سچي آهي. هڪڙو ته سموري انساني تاريخ درحقيقت ۽ بنيادي طرح مخالف طبقن جي پاڻ ۾ مقابلي ۽ ٽڪرن جي تاريخ آهي ٻيو ته سموري انساني تاريخ طبقاتي نقطه نگاهه کان لکي ويئي آهي. يعني ڪن خاص طبقن يعني ڦورو ۽ ظالم مٿين طبقن جي نفعن نقصانن جو خيال رکي لکي ويئي آهي (1). حد اها آهي جو نه

(1) اڪثر ڪري هر ڪا تاريخ حاڪم ماڻهن، ٽولن ۽ طبقن جي فائدي ۾، وڏيرن، رئيس، خانن، اميرن، نوابن بادشاهن، راجائن ۽ شهنشاهيت جي فائدي ۾ لکي ويئي آهي. خود جيڪي تاريخ احوال، قصا ۽ داستان قومي قسم جا آهن ۽ مظلوم قومن جي فائدي ۾ لکيا ويا آهن اهي به طبقاتي پاس خاطري ۽ تعصب کان بچيل نٿا ٿي سگهن ۽ ناهن. مظلوم قومن جيڪي ظالم قومن سان مقابلا ڪيا آهن انهن تاريخي ذڪر ۾ به گهٽو زور-مظلوم قوم جي مٿين حاڪم طبقن جي ماڻهن جي نيڪين ۽ ساراهن ٿي هوندو آهي. غريب طبقن جي وطن دوست سرويچي ۽ نيڪيءَ جي ڳاله ورلي بيان ڪئي ويندي آهي ۽ سا به تڏهن جڏهن ان ويڑهه ۾ ڪو مٿين طبقي جو ماڻهو شريڪ نه هجي. نه ته سمورو داد ان مٿين طبقي جي ماڻهوءَ کي ڏنو ويندو آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان جي سنڌ جي هزار سالن جي تاريخ ۾ اڪثر ڳاله وڃايل مستند ۽ مشهور قومي هيرا، فقط حاڪم ۽ بادشاه ئي ليکجن ٿا. هوشوءَ جهڙن غلامن جو ذڪر به انگريز دشمن آندو نه ته مڪاني طبقي پرست، حاڪم پرست، سامراج پرست تاريخ نويس مشڪل سان آڻين ها. اهو دستور ئي ڪونه هو ته ڪو غريب عوام جي بهادري ۽ سرويچيءَ جو ذڪر قلم جي زبان تي آڻجي. بهادري ۽ ٻين گڻن جي تعريف فقط مٿين طبقن لاءِ واقف ٿيل هئي. غريب عوام جو ڪم هو مائ مٽيءَ ۾ قربان ٿيڻ ۽ ڪجڻ ۽ گمناميءَ جي حالت ۾ دنيا مان گم ٿي وڃڻ. ڏري گهٽ سچي تاريخ انهيءَ 'ڪڪڙ ڪوريءَ جي، نالو وڏيري جو' واري دستور موجب، هڪ طرفائي، طبقاتي پاسخاطري ڪري ۽ تصعب جي جذبي هيٺ لکيل نظر ايندي.

رڳو هيراڻ جوڏام دلير ۽ ساراهه جوڳا ماڻهو فقط مٽين حاڪم طبقن جا ماڻهو شمار ڪيا پئي ويا آهن پر اڪثر غدار ۽ فقط مٽين طبقن جا ليکي ۾ آندا ويا آهن. (1) يعني پورهيت طبقي جي عوام مان ڪنهن ماڻهو جو رڳو غدار جي حيثيت ۾ ٻه نالو ڳٽائڻ جائز نه ليکيو پئي ويو آهي. غريب طبقي جي ماڻهن جي غدارن جي لسٽ مان خارج ڪرڻ ۽ خاص ڪري منجهائنئن پيدا ٿيل طبقاتي غدارن جو ذڪر ئي نه ڪرڻ جا ڪي خاص سبب ٻه هئا. غريب عوام جي انهيءَ احساس کي ايرڻ ۽ وڌڻ ويجهڙ ڏجي ها نه پنهنجي جان ۽ پنهنجي ڪٽنب، پنهنجي قبيلي ۽ پنهنجي قوم کان سواءِ پنهنجي طبقي سان پاڻ جهڙي پئي پورهيت مظلوم عوام سان ٻه وفاداري ڪرڻي آهي ۽ غداري هرگز نه ڪرڻي آهي، جيڪڏهن هو چگيءَ طرح سمجهي وڃي ته پنهنجي غريب ڀائرن سان غداري دنيا جي وڏي ۾ وڏي ۽ ڪميني ۾ ڪميني غداري ٿيندي آهي ته پوءِ جيڪر عوام سان طبقاتي وفاداري ٻه هڪڙو وڏي ۾ وڏو گڻ ۽ ساڻن طبقاتي غداري ٻه هڪڙي وڏي ۾ وڏي ذلالت ليکجڻ لڳي ها ۽ نيٺ قصو اتي وڃي پنهنجي ها جو ڪنهن منزل تي ماڻهو پنهنجي طبقاتي دشمن جي چوٽ تي لڳي پنهنجي قوم ۽ پنهنجي غريب ڀائرن خلاف هڪ وک ٻه ڪٽڻ لاءِ تيار نه ٿين ها. ان ڪري قومي غداريءَ جو ذڪر ته چڏو پاڏو تاريخ ۾ آندو ويو آهي. باقي غريب عوام سان طبقاتي غداري جو ذڪر ڏيهي پرڏيهي سرڪاري تاريخن مان ائين گم ڪرايو ويو آهي، جڙ ان نالي واريون بلائون

---

(1) مٽين، حاڪم طبقن کي غداري ڪرڻ جي هر وقت ضرورت هئي ۽ پئي طرف کين غدار سڏجڻ جو ڊپ ڪونه هو. ان جا ڪي خاص سبب هئا. غريب عوام گهٽائيءَ ۾ آهن. انهن لاءِ پنهنجي طبقي جا مفاد ساڳي ڳالهه آهن. هو خود قوم آهن. سندن طبقو ۽ قوم ذري گهٽ ساڳي ڳالهه آهن. پئي طرف مٽيان طبقا قوم جو فقط هڪڙو ننڍڙو، پتڪڙو حصو آهن. قوم جي باقي وڏي گهٽائيءَ سان، يعني ذري گهٽ سڄي قوم سان سندس طبقاتي ٽڪر، تضاد، مقابلا ۽ ويڙ وڙ آهن. ان ڪري سندس طبقاتي مفاد ۽ قومي مفاد اڪثر الڳ الڳ ۽ ابتڙ هوندا آهن عام حالتن ۾ ۽ اڪثر ڪري هن طبقن جو فائدو انهن ڳالهين ۾ ئي هوندو آهي جن ۾ قوم جي سراسر تباهي هوندي آهي. وري سڄي قوم جي چگائي جي ڳالهه ڪي هو پنهنجي لاءِ ايترو نفعي وارو نه ليکيندا آهن ۽ اڪثر نقصانڪار ليکندا آهن. قومي غداري طبقاتي طرح اڪثر سندن تاريخي ضرورت پئي رهي آهي. ان ڪري مٽيان طبقا مجموعي طرح پنهنجن طبقن سان وفادار ۽ پنهنجين قومن جا غدار رهندا آيا آهن. جيئن ته تاريخ هميشه سندن چاڙڻن جي لکيل هوندي آهي تنهن ڪري اها سدائين سندن طبقاتي در جي گولي ۽ ٻانهي پئي رهي آهي ۽ سندن هر ڳالهه جي تعريف ۽ ساراهه ڪندي رهي آهي، ان ڪري هو بنا ڪنڪي ۽ خوف جي عليٰ الاعلان ۽ پئي ٻانهون هٽي پنهنجي ذاتي ۽ طبقاتي فائدن لاءِ صدين کان ونئي لڳاتار قومي غداريون ڪندا پيا اچن.

انساني سماج جي ٻيلي ۾ ٽيندين ئي ناهن! (1) اتلو طبقاتي غداري کي هڪڙو زبردست گڻ ڪري چاٽايو ويو ۽ طبقاتي غدارن جا گيت ڳايا ويا. طبقاتي غدارن لاءِ ائين نہ چيو ويو تہ هي عوام جو غدار ٿي ويجي عوام دشمن طبقن جو دلال بنجي عوام جو دشمن ٿي ٻيٺو. پر چيو ويو تہ فلاٽو مسڪين ماڻهو پنهنجي نمڪ حلالي، محنت، لياقت ۽ هوشياريءَ سبب ترقي ڪري ويجي زميندار، سيٺ، ميمبر، سياسي ليڈر، وزير، امير يا بادشاھ ٿيو! (2).

انهيءَ چپ چپات ۽ مات منوڙي جي ڪري عام ماڻهن کي اها ڳالھ خيال ۾ ئي ڪانہ هوندي آهي تہ طبقاتي غداري ۽ ڪو وڏو عوم دشمن ڪم آهي. عام ماڻهو ان کي هلي چلي ڪري ٿا ليکين. ڪي تہ مورڳو ان کي وڏي ڪاميابي ڪري ٿا ليکين. "چي ڏسو، فلاٽو ڪٽي ڪان ڪٽي ويجي رسيو.

---

(1) هيستائين سموري تاريخ ۾ عوام مان پيدا ٿيل هر شخص لاءِ زندگيءَ ۾ فقط ٻہ رستا ڪليل هئا، يا تہ ساري مظلوم ٿي رهي يا بدلجي ظالم ٿئي- وچان ٽيون رستون ڪونہ هو. يا تہ پنهنجي طبقي ۾ ئي رهجي ۽ سموري زندگي بکن ڏکن، ذلتن جا زهريلا ڏڪ پري جيئري مرندو رهجي يا آهستي آهستي پنهنجي طبقي کي ڇڏي ٻاهر نڪرجي. ٻاهر ٽيستائين ناممڪن هو جيستائين ماڻهو پنهنجي طبقاتي پائرن، پاڻ جهڙن مسڪين ۽ مظلومن جو غدار ٿي، عوام جي دشمن، مٿس ظلم ڪندڙن جي ڪڙي ڪيل قڙلٽ ۽ مشينريءَ جو پرزو نہ بنجي. ڪمدار، اسڪول ماستر ۽ ڏڪ منشيءَ کان وٺي ڊاڪٽر، وڪيل، پروفيسر، ادیب فنڪار، مسجد جي مولوي سڳوري تائين سڀ، ڪنهن نہ ڪنهن نموني عوام سان غداري ۽ دشمني ڪرڻ جي سواءِ ظلم جي گهاٽي جي پرزن بنجڻ جي ڊاڪٽر، وڪيل وغيره ٿي يا رهي ئي ٿا سگهن. جي نہ تہ پس پيش ڪين ڏڪي موٽائي مظلوم عوام جي بک ڏک ۽ ظلم جي بنديخاني ڏانهن موڪليو ويندو. ڪوبہ ماڻهو مظلوم بہ نہ رهي ۽ مظلومن جي ٻيڑڻ جي گهاٽي جي پرزو بہ نہ هجي اهو ناممڪن هو. فقط هاڻ هن جمهوريت، قومي آزاديءَ ۽ سوشلزم جي شاندار ۽ سوپاري جدوجهد جي عظيم تاريخي دور ۾ اهي ٻئي ڳالهيون ممڪن ٿيون آهن. بلڪ هاڻ تہ مظلوم عوام نہ رڳو مظلوم نہ رهندا، نہ رڳو ٻين تي، پاڻ تي ظلم ڪرڻ تي مجبور نہ ڪيا ويندا پر سڄي دنيا جا مالڪ ئي اهي ٽيندا.

(2) "نمڪ حلالي، محنت، لياقت ۽ هوشياريءَ جي ڪري ترقي ڪندڙن" يعني عوام کي ڇڏي عوام دشمن جي ٽولي ۾ شامل ٽيندڙن جا ڪٽڪن جا ڪٽڪ جيڪڏهن پنهنجو پيٽ پاڻ لاءِ ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقن جي خدمت چاڪري، دلالي ۽ حفاظت نہ ڪن، سڀ ماڻهو پنهنجي طبقي جي پائرن سان سڄي عمر وفادار رهن ۽ انهن سان ئي گڏجي طبقاتي ۽ قومي ظلم سان مقابلو ڪن، تہ وڏيرا شاهي، سردار شاهي، سرمائيدار شاهي ۽ سامراج جو ڇرخو هڪڙو مهينو بہ هلي نہ سگهي ۽ ازخود ڏهي اچي شيٽ پوي. اهو چرخو اڌيل ۽ بينل ئي عوام مان زبردستيءَ يا خوشيءَ سان پرتي ٽيل پڙهيل يا اڻ پڙهيل، پيرن اگهاڙن توڙي سفيد پوش طبقاتي غدار جي ٽيڪ تي آهي.

هلاڻ مڙس جا بخت!“

ان ڳالهه جو نقلي ترقي پسند نسل پرست سنڌ-دشمن ناجائز فائدو وٺن ٿا ۽ چون ٿا ته ”اسين ۽ اسان جا سنڌي پوئلگ غريباڻا ڪپڙا پايون ٿاڻ اسين پاڻ مسڪين آهيون. اسين پلا ڪيئن عوام دشمن ٿيندا سين؟ غدار ته فقط مٿين طبقن جا وڏا ماڻهو ٿيندا آهن!“

اسان مٿي ويچار ڪري آيا آهيون ته ڪيئن ان قسم جا دليل سراسر بي بنياد آهن. غدار ڪير ب ٿي سگهي ٿو. چاهي اهو هيٺئين طبقي جو هجي يا مٿئين جو. عوام منجهان پرتي ڪيل عوام جا غدار البت ٻين جي پيٽ ۾ وڌيڪ قابل نفرت آهن ڇاڪاڻ ته اهي نه رڳو پنهنجي قوم سان پر پنهنجي طبقي سان ب غداري ڪن ٿا. بهرحال ڪنهن ماڻهو جو غريب هجڻ هروپرو ان ڳالهه جي خاطري نٿو ڏئي ته ڪو هو غريبن جي پاسي هوندو ۽ غريبن جي دشمن جو طرفدار ڪونه هوندو.

سنڌ دشمن ۽ سندن چاڙڻن جو پنهنجن ڪڏن ڪرتوتن جي بچاءَ ۾ هڪڙو ٻيو دليل هي ب آهي ته ”اسين سوشلسٽ آهيون، اسين پاڻ کي ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان ٿا سڏايون. تنهن ڪري ڪو ب اسان کي عوام جو ڏوهي ڇئي نٿو سگهي!“ ان جي جواب ۾ سمجهڻ کپي ته ماڻهو پاڻ کي ڇا ٿو ظاهر ڪري يا ليکي سا هڪڙي ڳالهه آهي ۽ ماڻهو در حقيقت آهي ڇاڻ سا بلڪل ٻي ڳالهه آهي. اڄوڪو دور جيڪو جمهوريت، قومي آزادي ۽ سوشلزم جو دور آهي، عوام جي سوپرڻ ۽ ڪاميابين جو دور آهي، تنهن ۾ سمجهو سرمائيدار ۽ جاگيردار ب پاڻ کي عوامي ۽ ڪاميد ماڻهو سڏائڻ ته چڏيو خود فخر ٿا سمجهن. اهڙي حالت ۾ هن جو پاڻ تي سوشلسٽ يا ڪميونسٽ يا ڪميونسٽ پارٽيءَ جو لقب رکڻ بلڪل عجب جهڙي ڳالهه ڪانهي. جيڪو ڏنڊو هو گذريل ٽيهن سالن کان ڪندا رهيا آهن سو ڏنڊو ان ٻهروپ ڪانسواءِ هو هرگز ڪري نه سگهن ها. هونئن ب پاڪستان ۾ هڪڙي ٽولي پاڻ کي ڪميونسٽ پارٽي ڪانه ٿي سڏائي. برڪ ٻه ڪري ڳٽيبون ته اهڙيون 50 ٽوليون ليندیون، جي پاڻ کي ڪميونسٽ پارٽي يا اهڙوئي ٻيو ڪو رعبدار نالو ڏيئي ٻين باقي 49 ٽولن کي سي-آءِ-ڊي جي ايجنٽن جا ٽولا سڏين ٽيون!

تنهن ڪانسوءِ هو چون ٿا ته ”اسان جيل ڪاٽيا آهن. اسين روپوش آهيون. اسان تي لک روپيا انعام آهي.“ ان باري ۾ سڀ کان پهرين هڪڙي ڳالهه صاف ڪري ڇڏجي ته چگو. سنڌ دشمن نقلي ترقي پسندن-جي هڪڙي چاڙڻي جي ولي خان واري ڪيس ۾ جوابدار هجڻ کي سنڌ دشمن اهڙو رنگ ڏنو آهي جڙ ته بلوچستان يا سڄي پاڪستان کي سندن چاڙڻا ڪلهو ڏيو ٻيٺا

آهن. چي، ”تڏهن ته يار مڙس هڪڙن خوني ڪيس ۾ روپوش آهن!“

حقيقت چا آهي؟ پاڻ ان ڪيس جي سچي يا ڪوڙي هجڻ تي بحث نٿا ڪريون. پر پاڻ الزامن جو نوٽيس ونڊي سگهون ٿا. ان ڪيس بابت پاڻ کي به ٿوري گهڻي خبر آهي. پاڻ کي خبر آهي ته سنڌ دشمن جي ڪنهن به چاڙڻي تي بلوچستان يا سموري پاڪستان ۾ ڪنهن ڪڪڙ کي پٽر اڇلائي هٽڻ جو به الزام ڪونهي! پنهنجي جاڻ موجب سازش کان قطع نظر نقلي ترقي پسندن جي حيدرآباد سازش ڪيس ۾ ملوث هڪڙي سنڌي چاڙڻي تي مڪيہ ذاتي الزام فقط ۽ فقط اهو آهي ته بلوچستان جي ماڻهن جي جمهوري جدوجهد جي تائيد ڪرڻ واري هڪڙي ڏهراءَ جي جن ماڻهن تائيد ڪئي هئي تن جي لسٽ ۾ هن جو نالو به آهي! اهو آهي اهو مڪيہ ذاتي سورهيائي، سرفروشيءَ يا بغاوت جو الزام جو هن غريب تي ذاتي طرح لڳل آهي. ياد رهي ته. جن ماڻهن تي فقط اهڙو ذاتي الزام آهي سي اڪثر سي ضامن تي آزاد ٿي ويا آهن. ان ”خوفناڪ بغاوت“ جي انعام طور سنڌي ماڻهن تي سنڌ دشمن چاڙڻن جي ايڏي ته دهشت ويهاري ويئي آهي جو ماڻهن ويچارن جي هن سورهين جي ’سورهيائي‘ جو داد ڏيئي ڏيئي ۽ ڏن پري پري جڙهه ئي نڪري ويئي آهي. معلوم ٿيو آهي ته باقاعدي هڪڙو شاهي درامو ڪيو ويندو آهي. چي ”فلاڻو ماڻهو ملايان ٿو، رڳو هينئر پوليس کي اطلاع ڏئي ته اڌ لک روپيا روڪڙا ٿڏي تي انعام ملنئي؟ سنڌي ماڻهو آهين. تو جهڙي مڙس تي اعتبار آهي!“ سنڌي ويچارا اڳيئي نالي نهال. هوڏانهن دليءَ جا نگ، مطلب ته ويچارا زيارت جي ڏکڻائن پرڻ ۾ ئي گهر مسيت ڪرايو چڏين!

ڦورو ۽ ظالم سماجي نظام ۾ مظلوم عوام جي زندگيءَ جو پل پل ڪنهن نه ڪنهن عذاب ۽ ذلت ۾ گذري ٿو. انهن عذابن ۾ ڏنڊ، چٽيون، بي عزتيون، چوريون، ڏاڙا، خون، پوليس جا عذاب، جيلن ۾ اذيتون ۽ انڊارين ڪوٽيون ۽ ٻيون ڪئين بيشمار مصيبتون اچي وڃن ٿيون. اهو چوڻ ڏکيو آهي جيڪي جيل کان ٻاهر زندگيءَ جي جيل ۾ آهن سي وڌيڪ ڏکيا يا جيڪي جيلن اندر ويل ۾ آهن سي، بهرحال جيڪي به ماڻهو عوام جي حقن لاءِ سچي دل سان لڙندي پائيءَ جيتري به تڪليف سهن ٿا، تن کي لک آفرينون ۽ شاباسيون! انهن جو قدر ڪرڻ گهرجي، ڪين عزت ڏيڻ گهرجي ۽ سندس مثال مان سبق وٺڻ گهرجي. سنڌ ۾ ٻئي سچي ملڪ جي ڪيترن ماڻهن، هارين، مزدورن، شاگردن، دانشورن، اديبن، زميندارن ان راهه ۾ جيل ڪاٽيا آهن ۽ ڪاٽين پيا. انهن سيني کي شابس هجي. ٻئي طرف دنيا ۾ ڪاب ڳالهه تڪليف ۽ ڏک پوڳڻ کان سواءِ نٿي ٿئي. جيڪي ظالم ماڻهو ڪٽڪ ونيو ٻين ملڪن کي ڦرڻ لٽڻ، تباهه ڪرڻ ۽ غلام بنائڻ نڪرن ٿا سي به تڪليفون پوڳين ٿا.

لڙائيءَ ۾ ٻئي ڏريون مرن ٿيون، کي حملو ڪندڙ ڦورو ۽ زخمي ٿين ٿا، قيد ٿين ٿا، ٻکون ۽ ڏک ڪاٽين ٿا. سو تڪليف ۾ پوڻ جي معنيٰ اها هرگز ڪانهي ته اهي ماڻهو هروپرو حق تي آهن. ساڳيءَ طرح جيڪي ۽ سرڪار جا مخالف آهن يا سرڪار جي ڏاڍ جي مشينريءَ کان لڪن ٿا سي سڀ ڪي عوام جا ۽ سڄڻ هجن اهو لازم ڪونهي. ٽي سگهي ٿو ته اهو سرڪار سان ٽوراڻ نالي ماتر ۽ مٺاچرا ۽ ڪن محدود ايڪڙ ٻيڪڙ ڳالهين تي اختلاف رکندا هجن ۽ هو اصل مارا هجن ئي عوام جا! ٽي سگهي ٿو ته اهي وقت جي سرڪار سان وڙهيل ئي ان ڳالهه تان هجن ته "تو ايجا ۽ ڪسر ڇڏي آهي. ڇڏ ته اسين عوام کي توکان ۽ وڏيڪ ڦريون، ماريون ۽ برباد ڪريون!" اوپر پاڪستان (بنگلہ ديش) ۾ البدر ۽ الشمس واري جماعت سڳوري سرڪار جي مخالف پارٽيءَ جي حيثيت ۾ ڪم ڪندي هئي، سندس ماڻهو جيل ۾ پوندا ۽ "قيد و بند کي صعوبتين" سهندا هئا. مطلب ته هو باقاعدي ۽ سند يافته مظلوم ۽ مخالف پارٽي هئا. انهن "مظلومن" پوءِ جيڪي پال پلايام تنهن جو دل ڏارينڊڙ خوني داستان ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي. ثابت ٿيو ته اهي قاصائي ايوب ۽ يحيٰ جا مخالف هئا ئي ان ڳالهه ۾ ته "ايجا هن کي هيئن جيئرو چو ڇڏيو اٿو؟ ايجا پيا ڏسون!" جڏهن هن اها اجازت ڏني ته هڪدم سڀ هڪ ٿي ويا. ۽ جماعت جا "قيد و بند کي صعوبتين" برداشت ڪرڻ وارا مظلوم جمهوريت پسند سرڪاري جماعت جا آفيسر ۽ وزير بنجي اچي ماڻهن تان ڪڙڪيا. هٿلر ۽ سندس آدمخور ٽولو به باقاعدي ۽ مستند مخالف پارٽي هو، وقت جي سرڪار سان وڙهيو هو. مظلوم ٿيو هو، جيل ۾ پيو هو، "قيد و بند کي صعوبتين" برداشت ڪيائين. سرڪار سان جهيڙو اهو هو ته ايجا به هيترا سارا عوام دوست ماڻهو جيئرا چو آهن؟ تان جو مظلوم ٿي، ڏک ڏسي، جيل پوڳي نيٺ سرڪاري قبضو ڪري، پوءِ اچي اها آگ ۽ خون جي هولي شروع ڪيائون جنهن سڄي جرمني، سڄي يورپ ۽ سڄي دنيا جلائي هڪڙو پيرو رک ڪري ڇڏي! تنهن ڪري جيل ۾ پوڻ به چگهه، ڏک ڏسڻ به چگهه، پر سڀ کان پهرين اهو معلوم ڪرڻو پوندو ته جيل ۾ ڪنهن لاءِ ويام، ڏک ڪهڙي سياست جي حمايت ۾ ڏنا ويا؟ چو ته اسين ڏسون پيا ته تڪليفون عوام جي پلي لاءِ ڏسي سگهجن ٿيون ۽ عوام کي ايجا به وڏيڪ ڦرڻ، لٽڻ ۽ تباهه ڪرڻ جي پڇ ۽ پوزيشن هٿ ڪرڻ لاءِ به ڏسي سگهجن ٿيون. تنهن ڪري ڏسڻو پوندو ته تڪليفون عوام جا ڦريل ٽپڙ، سندس ڪسيل رک موتائڻ لاءِ ڏنيون ويون يا مورڳو سندس رهيل ٽپڙ به ڪٽڻ، سندس باقي بچيل رک به ڪيڏي ونڻ لاءِ ڏنيون پيون وڃن!!

ساڳيو احوال رازداري، لڪ، روپوشي ۽ اندر گرائونڊ وڃڻ ۽ يو-جي

(UG) ٹيٽ سان ٻه لاڳو ڪرڻو پوندو. لڪ، رازداري ۽ روپوشيءَ جي ضرورت محب وطن کي ٻه آهي ۽ عوام جي تاڪائو سياسي توڙي سڀي قسم جي ڏاڙيلن ۽ اڻائي گيرن کي ٻه آهي. روپوشيءَ جي آڙ ۾ سنڌي عوام خلاف ڪوڙي پروپئگنڊا ڪرڻ، ڪين برغلائڻ، منجهائڻ، سنڌ دشمن جي ڪوڙڪين ۾ قابو ڪرڻ، ڪين پنهنجن هڏ ڏوکين خلاف زهريلي، ڪوڙي پروپئگنڊا جنگ لڙڻ جي ڪلي ڇڻي ڏيئي سگهجي. هي شايد دنيا جي انقلابي تاريخ ۾ پهريون مثال آهي جو اهي سنڌ دشمن ماڻهو چون ٿا "اسين انقلابي روپوش آهيون. روپوشيءَ جي مقدس جبي هيٺ قوم ۽ عوام خلاف ڪوڙي، زهريلي ۽ بي ايماني ءَ واري پروپئگنڊا ڪنداسين. پر اوهين ڪو ٻه جواب نٿا ڏيئي سگهو ڇو ته اسين باقاعدي پرده نشين آهيون!"

انقلاب کان اڳ لينن ٻه روپوش هو، پليخانوف ٻه روپوش هو، ٽراٽسڪي ٻه روپوش هو، سوشلسٽ انقلابي ٻه روپوش هئا، مينشويڪ ٻه روپوش هئا، بالشويڪ ٻه روپوش هئا، سڀ جيلن ۾ ويندا هئا، سڀ سائبيريا ۾ جلاوطن ٿيندا هئا ڪيترا ڦاسين تي لٽڪندا هئا يا انڊارين ۾ پساهه پورا ڪندا هئا پاڻ ۾ نظرياتي بحث مباحثا سدائين ڪندا هئا. سائبيريا، لنڊن، جنيوا، برلن، پئرس، ماسڪو، پيٽرو گراد جي وچ ۾ نظرياتي طوفان ۽ جوابي طوفان اٿندا هئا هڪٻئي خلاف پئمفليٽ لکبا هئا، ڪتاب ڇپبا هئا، وچ وچ ۾ سياسي گاريون ٻه ملنديون هيون پر ڪنهن ٻه اهو نعرو ڪونہ ڪيو ته "اسين پردي دار آهيون. اسان جو نالو ڪير ٻه نہ ونڻي!"

قومي جدوجهد پس پيش طبقاتي جدوجهد ڇو ۽ ڪيئن ٿي ٿئي؟

قومي ٽڪر ۽ مقابلا پس پيش نيٺ وجيو طبقاتي ٽڪر ۽ مقابلا ثابت ٿين ٿا. هڪڙيءَ قوم جو ٻيءَ قوم تي حملو حقيقت ۾ ڇا آهي؟ غور ڪري ڏسبو ته چڙهائي ڪندڙ قوم جي مختلف مخالف طبقن جا ڪجهه ماڻهو (سردار، وڏيرا، واپاري، دانشور ۽ هاري، مزور، ڪمي ڪاسبي طبقي جا سپاهي وغيره) عارضي طرح پنهنجا طبقاتي ٽڪر ۽ مقابلا ٽڏا ۽ پاسيرا ڪري ٻي قوم جي سمورن مختلف ۽ مخالف طبقن جي ماڻهن، گهرن، ٻنين ۽ ملڪيتن تي حملو ڪن ٿا. حملي جا شڪار ٿيل مختلف ۽ مخالف طبقن جا ماڻهو ٻه عارضي طور پنهنجا طبقاتي اختلاف، ٽڪر ۽ ويڑ وڌ ٽڏا يا پاسيرا ڪري دشمن سان مقابلو ڪن ٿا. جي حملو ڪندڙ ڪامياب ٿين ٿا ته قوت جي مال مان حملو ڪندڙ قوم جا سڀ فرد ۽ سندن پويان سڏو يا اڻ سڏو فائدو حاصل ڪن ٿا، چاهي اهي چڙهائيءَ ۾ شامل هجن يا گهر وينا هجن ۽ چاهي سندن

نيت چا ٻ هجي. (در حقيقت جيڪڏهن ڦورو ۽ ظالم قوم جو ڪو ماڻهو نه ٻ چاهي ۽ ڪوشش ڪري ته مون کي مظلوم قوم جي ڦرلٽ جو حصو پتي نه ملي ته ٻ هو ائين ڪري نٿو سگهي، ڇو ته اها ڦرلٽ ايترا ته سوين هزارين ظاهر ۽ ڳجها، پڌرا ۽ اڻ لکا روپ ونڊي چڪي ٿي ۽ پين ايترين ته لکين شين، ڳالهين ۽ نفعن نقصانن سان گڏجي سڏجي، ملي هڪ ٿي وڃي ٿي، جو ان کي پين کان الڳ ڪرڻ، نروار ڪرڻ، سڃاڻڻ ۽ قبول نه ڪرڻ، ناممڪن هوندو آهي.)

پر جيتوڻيڪ ڦريل قوم کان ڪيل ڦرلٽ جي مال ۾، ڦريندڙ قوم جا سيني طبقن جا ماڻهو سڌي يا اڻ سڌي طرح حصيدار ٿين ٿا تڏهن ٻ هر طبقي جي پتي هڪجيتري ڪانه ٿي ٿئي. ڦرلٽ ڪندڙ ۽ غلام بنائيندڙ قوم جا مٿيان طبقا ڦرلٽ جي مال جو مکڙ مٿان ئي مٿان کايو وڃن ۽ ٻيا طبقا خاص ڪري پورهيت طبقا وڃيو جهنگر ۽ ڪٽيءَ لسيءَ جي لپ تي بيهن. ساڳيءَ طرح ڦريل قوم جا ڦرجن سڀ طبقا ٿا پر هڪجهڙا ۽ هڪجيترا نه. ڦريل قوم جا مٿيان ڦريل طبقا سڀ کان گهٽ نقصان سهن ٿا ۽ دشمن سان ٽهن ٻ سڀ کان پهرين ٿا. هو جلدئي دشمن جي آڙ ميڙي ساٿس ملي. پنهنجي ڦريل قوم جي ڦرلٽ جي ڪم ۽ مال ۾ دشمن سان ننڍيا حصيدار بنجي وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح هو عام طرح غلاميءَ جي حيثيت ۾ هوندي ٻ عام قومي غلاميءَ جي دائري اندر رهندي ٻ، وري ٻ، وڃيو پنهنجي قوم جا ڪنهن نه ڪنهن ليول جا حاڪم رهن. اهڙيءَ ريت سندن حيثيت ڪردار ٻ-چاپڙو ۽ ابتڙ رهي ٿو. هو هڪ پاسي پنهنجي قوم جي پين طبقن جيان ڦريل، غلام ۽ مظلوم ٻ هوندا آهن ته ٻئي پاسي ساڳئي وقت ڦريندڙ قوم جي ڦوروئن سان گڏ سندن گماشتي ۽ چوٽي پائيوار طور پنهنجي ڦريل قوم تي ظالم ڪندڙ ٻ. پهرين حيثيت ۾ هو هڪڙي پاسي ڪن ڳالهين ۾ ڪنهن حد تائين پنهنجي قوم جي پين طبقن سان پڌري ڪري ڏارين سان ڪنهن نه ڪنهن قسم جو مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ته ٻئي حيثيت ۾، ڪن ڳالهين ۾ وري ڪنهن حد تائين ڏارين سان پڌري ڪري پنهنجن جا مارا ٿي رهن ٿا.

اهڙيءَ طرح قومي مقابلي ۾ ٽلهي ليکي برابر هڪڙي سڄي قوم ٻي سڄي قوم سان وڙهي ٿي ۽ ڦورو توڙي ڦريل هر قومن جا سمورا طبقا ڪنهن نه ڪنهن حد تائين ڪنهن نه ڪنهن نموني ان قومي مقابلي ۾ حصو وٺن ٿا. پر بنيادي، فيصلو ڪندڙ توڙ تائين مرڻ جيئڻ جو مقابلو وري ٻ طبقاتي ٿئي ٿو. ڇو ته دڳهي ۽ اينگهايل ويڙهه کان پوءِ ڦريل قوم جي ڪجهه ڪاميابين کان پوءِ ڦورو قوم جي ڪجهه شڪست کان پوءِ، ڦورو قوم جا هيٺيان طبقا جن کي ڦرلٽ جي مال مان ڪو نالي ماتر حصو ملي ٿو ۽ ويڙهه ۾ وڌ ۾ وڌ نقصان سهڻو پوي ٿو سي ۽ ڦريل قوم جا مٿيان مفت خور طبقا جن کان هونئن ڦرلٽ

نالي ماتر ٿئي ٿي ۽ ويڙهه ڪري ڪين گهٽو نقصان رسي ٿو سي اڪثر قومي ويڙهه ۾ پنهنجي طبقاتي نفعي گهٽ هجڻ ڪري وڌيڪ ويڙهه ۾ دلچسپي رکڻ ڇڏيو ڏين ۽ بي دليا ۽ بيزار ٿيو پون. هن جا جيڪي پنهنجي قوم جي بين طبقن سان اندروني طبقاتي ٽڪر هوندا آهن، سي بي قوم سان قومي ويڙهه شروع ٿيڻ جي شروعاتي دور ۾ هو ڪوشش ڪري مانا، ٽڏا ۽ پاسيرا ڪندا آهن. اڳتي هلي اهي طبقاتي ٽڪر، تضاد ۽ ويڙ وڌيڪ وقت مانا رهي نه سگهندا آهن. تان جو ڪنهن منزل تي ڦورو قوم جا پورهيت طبقا پنهنجي ڦورو قوم سان ۽ ڦريل قوم جا مفت خور طبقا پنهنجي قوم سان دلي ۽ پرپور ساڻ ڏيڻ ڇڏيو ڏين. پوءِ انهن بن مخالف قومن جي وچ ۾ هلندڙ قومي ويڙهه ظاهري طرح ۽ ٽلهي ليکي قومي ويڙهه رهندي پر حقيقت ۾ اها وڃي طبقاتي ويڙهه بنجندي. يعني هڪڙي سڃي جي سڃي قوم جا سمورا طبقا هڪڙي طرف هجن ۽ بي سڃي جي سڃي قوم جا سمورا طبقا بئي طرف هجن ۽ پاڻ ۾ وڙهن، ائين نه رهندو. هاڻ اصل مقابلو وڃي طبقن جي وچ ۾ رهندو. يعني هڪڙي پاسي هوندا ڦريل قوم جا پورهيت طبقا ۽ سندن مددگار ۽ بئي پاسي هوندا ڦورو قوم جا مفت خور طبقا ۽ سندن مددگار. اهڙيءَ ريت اها قومي ويڙهه پس پيش وڃي طبقاتي ويڙهه بيهندي. ان جو روپ قومي هوندو پر اصل جوهر طبقاتي هوندس.

(تحريڪ ـ ڊسمبر 1976ع)

سچي ملڪ جو عوامي جمهوري اتحاد، چو قائم ٿيڻ کپي ۽ کيئن قائم ڪجي؟

ڪي اهڙا عام ۽ بنيادي فطري قانون ب آهن جي سموري انساني سماج، سموري زندگي سموري ڪائنات تي حاوي آهن. هن دنيا کي صحيح نموني پروڙڻ ۽ ان ۾ صحيح هلت ڪرڻ لاءِ انهن قانونن کي سمجهڻ ضروري آهي. فطرت جي انهن قانونن جون ڪي ٿلهيون ڳالهيون هي آهن:

دنيا ۾ ڪابه شيءِ يڪي ۽ سچي ساري ڪانهي. هر ڪا شيءِ ڪن ابتڙ ڳالهين جي ميلاپ مان ٺهيل آهي. ڪابه شيءِ قطعي يا آخري، سدائين هڪ هنڌ بيٺل ۽ سدائين ساڳي حالت ۾ ڪانهي. هر شيءَ سدائين ڪنهن نه ڪنهن قسم جي چرپر ۾ آهي. سدائين منجهس ڪاڻ ڪا ڳجهي يا پڌري، ظاهري ظهور يا اڻ لکي ڦير گهير پئي ٿي. ڪابه شيءِ ٻين کان صفا الگ يا پنهنجي سر مڪمل ڪانهي. مختلف شيون پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن، ۽ هڪٻئي اندر پيٺل آهن. ڪابه شيءِ مڪمل طرح آرام ۾ ڪانهي. هر شيءِ اندر ابتڙ شيون پاڻ ۾ ويڙهه پيون ڪن. هر وقت هر هنڌ چرپر هجڻ، ڦير گهير ٿيندي رهڻ، ابتڙ شين جي پاڻ ۾ ملڻ، ٽڪرجڻ، انهن مان نين شين جي پئدا ٿيڻ، وري انهن شين جي وڌڻ، ويجهڙ ۽ پاڻ مان اڇا ب ٻين نين شين کي جنم ڏيڻ، پوڙهي ٿيڻ ۽ ڪنهن ڏينهن ختم ٿي وڃڻ جا اهي بيشمار ۽ اڻ ڪٽ سلسلا ازل کان جاري آهن ۽ ابد تائين جاري رهندا.

دنيا تي نظر ڦيرائي ڏسبو ته هر ڳالهه، هر لقا، هر حقيقت ۽ هر شيءِ تي انهن قانونن جو راج نظر ايندو. ماڻهن جي دنيا ۾ ڪوبه طبقو، ڪوبه سماج، ڪابه تهذيب انهن قانونن جي اثر کان ڇٽل ڪانهي.

اسان عوام دوست سياسي ڪارڪنن کي پنهنجي سياسي ڪم ۾ انهن قانونن مان ڪجهه سکڻو آهي ۽ کي سياسي سبق پرائڻا آهن:

اسان کي سمجهڻ گهرجي ته اسان جو سماج ۽ ملڪي ماحول ب پي دنيا وانگر لازمي طرح سدائين چرپر ۾ آهي، ۽ هر وقت ڪيتريون نيون شيون ۽ حقيقتون جنم پيون وٺن ۽ ٻئي پاسي ڪيتريون ٻيون شيون پراڻيو ۽ پوڙهيون

ٿي ختم پيون ٿين. اسان کي پنهنجي سياسي سمجھ ۽ عقل ۾ ان چرپرين، قيرين گھرين ۽ واڌارن کي هر وقت ڏيان ۾ رکڻ گھرجي ۽ ضرورت پوڻ تي پنهنجي ڏکھي حڪمت عملي، ۽ عمل جي واٽ، پنهنجن اندازن، پاليسين، پروگرامن کي جي طريقن ۽ اٽڪلن ۾ به، گھربل چستائيءَ ۽ تيزيءَ سان گھربل سڌارا، واڌارا ۽ قيرين گھيرين آٽيندو رهڻ کپي. نه ته اسان جو سماج ۽ اسان جو ماحول اسان جي اکين اڳيان بدلجي ۽ ڦري گھري اڳتي نڪري ويندو ۽ اسين کارکن پويان پنهنجي مٿن تي مدي خارج اندازن ۽ اسکيمن ۽ پاروٽن پروگرامن ۽ پاليسين جون پريون لڏيو، هاءِ هاءِ ڪندا، رڙندا، ٻاکاريندا يا گاريون ڏيندا ۽ وڦلندا رهجي ويندا سون.

2ـ اسان جو سماج هڪڙي پاسي يڪو هڪڙو ۽ سڄو سارو به آهي ته ان ۾ هڪ ٻئي سان نه ٽهندڙ ۽ ابتڙ جزا يعني ڦورو ۽ ڦريل حاڪم ۽ محڪوم، ظالم ۽ مظلوم مخالف طبقا به آهن. جن ۾ ميلاپ به آهي ته ساڳئي وقت سندن وچ ۾ سدائين ويڑهه به پئي هلي.

3ـ اسان جي وطن دوست جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند ماڻهن جي وچ ۾ هڪڙي پاسي پاڻ ۾ ڪيترين هڪجهڙائين ۽ ساڳيا مفاد آهن انهيءَ جي ڪري اسين پاڻ ۾ هڪڙي يڪي شيءِ به آهيون ته ٻئي طرف اسان ۾ گھٽا فرق ۽ مفادن جا ٽڪر به آهن. ساڳيءَ طرح جيڪي ماڻهو اسان جا مخالف آهن انهن ۾ به هڪجهڙاين ۽ هم خيالن سان گڏ ڪيترا فرق، اختلاف ۽ ٽڪر به آهن. اسان کي پنهنجي پاليسي ٺاهڻ وقت پنهنجي صفحن اندر توڙي پنهنجي مخالفن اندر هڪجهڙاين سان گڏ اختلافن، ٽڪرن ۽ تضادن کي به پوري طرح ڏيان ۾ رکڻ گھرجي.

4ـ اسين ۽ اسان جا مخالف سدائين هڪ هنڌ بينل ۽ ساڳيءَ حالت ۾ نٿا رهون. اسان جي توڙي هن جي مفادن، موقعن، روين، ويڑهه جي حالتن ۽ طريقن ۾ هر وقت قيرين گھيرين ۽ واڌارا پيا ٿين.

انهن ڳالهين کان سواءِ اسان کي پنهنجي حڪمت عملي، واٽ ۽ پاليسي طئي ڪرڻ وقت هيٺيون ڳالهيون به ڏيان ۾ رکڻ گھرجن:

(1) اسين هن ملڪ جي مختلف صوبن ۾ رهندڙ ۽ مختلف ٽولن ۾ ورهايل ماڻهو جيڪي وطن دوستيءَ، جمهوريت پسنديءَ ۽ ترقي پسنديءَ جا دعويدار آهيون سي سڀ هڪڙي پارٽيءَ ۾ نه آهيون ۽ اسان جا پروگرام ۽ پاليسيون ساڳيا نه آهن. گذريل ٽيهن سالن جي جدوجهد جي تجربي مان اها ڳالهه بلڪل چٽيءَ طرح ثابت ٿي ويئي آهي ته انفرادي طور اسان مان ڪوبه گروهه يا تنظيم ان پوزيشن ۾ نه آهي جو اسان جي سموري عوام کي سجاڳ ۽ منظم ڪري سندن اڳواڻي ڪري، سندن هٿان سندن دشمن کي شڪست ڏياري،

عوام جا مطلب حاصل ڪرائي سگھون.

2_ انھن سبن ڪري جيڪڏھن اسان کي فتح حاصل ڪرڻي آھي تہ پوءِ اسان کي پنھنجي پنھنجي اڪيلي ٽولي جي قوت کان سواءِ ٻي بہ ڪنھ طاقت مٿ ڪرڻي پوندي. ٻي حالت ۾ اسين پاڻ کي ڇڻ رڳو ثواب خاطر وطن دوست جمھوريت پسند ۽ ترقي_پسند سمجھيو ۽ سڏايو وينا ھونداسين. باقي جنھن مقصد لاءِ اسان جدوجھد کي شروع ڪيو آھي تنھن جي حاصل ٿيڻ جو امڪان خير ڪو ھوندو.

3_ اھا واڌو طاقت اسان کي ٻن طريقن سان مٿ اچي سگھي ٿي. پھريون تہ اسين پنھنجي پنھنجي گروپ ۽ تنظيم جون ڪوششون تيز ڪريون ۽ گھٽن کان گھٽن ماڻھن جي تائيد ۽ مدد حاصل ڪريون. ٻيو تہ اسين پنھنجا اتحادي پيدا ڪريون.

4_ اسان وطن دوست ترقي پسند جمھوريت دوست ماڻھن جا مکيہ مطالبا ٽن قسمن جا آھن. اسين سڀ ڊڪٽيٽرشپ ۽ فاشزم بدران جمھوري حق، جمھوري آزادين ۽ حڪومت جو جمھوري طريقو گھرون ٿا. اسان مان ڪي قومي ناانصافين، نابرابرين، ڦرلٽ ۽ ظلم جو خاتمو گھرن ٿا. ڪي وڏيرا شاھي، سرمائيداري ھٽان عوام جي خلاف طبقاتي ڦرلٽ ۽ ظلم جو خاتمو گھرن ٿا. پر اسان سان فقط ڪي ٿورا اھڙا آھن (جھڙوڪ: سنڌي عوامي تحريڪ) جي انھن ٽنھي مسئلن جي اھميت پريور نموني سمجھن ۽ تسليم ڪن ٿا. اسان مان ڪي انھن ٽن مسئلن مان ڪنھن نہ ڪنھن مسئلي کي مسئلو ئي نٿا سمجھون. ڪي طبقاتي مسئلي کي ڇڏي جمھوري ۽ قومي مسئلي جي اھميت سمجھن ٿا (جھڙوڪ: ڪي سنڌي، بلوچ ۽ پشتون وطن دوست) ۽ ڪي وري قومي مسئلي کي ڇڏي فقط جمھوري طبقاتي جدوجھد کي اصل مسئلو سمجھن ٿا (جھڙوڪ: ڪي مھاجر پنجابي ڪابي ڏر وارا) اھو ئي سبب آھي جو اسين موجوده ڦورو ۽ ظالم سماجي نظام جا سمورا مخالف پاڻ ۾ سورھن آنا متفق نہ آھيون ۽ ھيستائين ڪنھن ھڪڙي سياسي پارٽي جي جھنڊي ھيٺ گڏ ٿي نہ سگھيا آھيون.

سڄي ملڪ جي عوام جي ضرورت اھا آھي تہ انھن ٽنھي اھم مورچن تي پريور جدوجھد ٿئي. عوام_دشمن ٽنھي مورچن تي گھيري ۾ اچن ۽ کين اھو موقعو نہ ملي جو ھو ڪنھن ھڪڙي مورچي تي پنھنجون رجعت پرست قوتون ڪنيون ڪري ان کي ھڪ ڏڪ سان ناس ڪري سگھن.

درحقيقت خود اھي ٽولا جي انھن مان فقط ڪنھن خاص ھڪڙي ٻن مورچن جي اھميت سمجھن ٿا ۽ ٿئي جي نٿا سمجھن تن جي نقط نظر کان بہ اھا ڳاله فائدي واري آھي تہ ٽنھي مورچن تي ويڙھ ٿئي.

مثلا: ڪراچي ۽ پنجاب جا ڪي ڪاپي ڏر وارا مزور هاري طبقاتي مسئلي ڪي اهميت ڏين ٿا. البت هو قومي مسئلي کي اهڙو اهم نٿا سمجهن. پر ڪين اها ڳالهه آساني سان سمجهه ۾ اچڻ ڪپي ته جيڪڏهن سندن دشمن پنجابي مهاجر حاڪم طبقن ۽ سندن دلال سنڌي، بلوچ ۽ پشتون وڏيرن، سردارن ۽ خانن سان سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد ۾ قومي برابريءَ لاءِ ويڙهه هلندڙ هوندي ۽ هو ويڙهه ۾ رڌل هوندا ته هو ڪراچي ۽ پنجاب ۾ مزورن ۽ هارين سان ايتري آڪڙ سان هلي نه سگهندا. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن سموري ملڪ ۾ مزور هاري طبقاتي جدوجهد زور هوندي ۽ حاڪم طبقن جا حواس ان ڪري خطا هوندا ته هو سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي مظلوم ماڻهن سان اهڙي بي حيائي واري تيس مار خاني ڪري نه سگهندا.

ساڳي طرح ملڪ ۾ جمهوري جدوجهد هلندڙ هوندي ته به عوام جو پاسو حاڪم طبقن کان ڳرو ٿي ويندو.

ان ڪري ٽيڻ ته ائين گهرجي ته اسين سڄي ملڪ جا سڀ عوام ٽنهي جدوجهدن کي پنهنجي جدوجهد سمجهون ۽ انهن ۾ سرجوشي سان حصو وٺون. پر جي ائين نه ڪري سگهون ته به اسان کي ايترو ضرور سمجهڻ گهرجي ته انهن مان هر جدوجهد اسان جي دلپسند جدوجهد کي هٿي ڏي ٿي ۽ اسان تان دشمن جو دباءَ گهٽائي ٿي ۽ دشمن تي دباءُ وڌائي ٿي. ان ڪري هر سچي جمهوريت پسند، هر سچي محب وطن هر سچي ترقي پسند جو فرض آهي ته هو انهن ٽنهي جدوجهدن کي ملائي هڪ ڪري ۽ ٽه طرفي لڙائي ڪري. ٻي حالت ۾ به اها وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪجي ته انهن ٽنهي جدوجهدن ۾ لڙندڙ عوام جا سمورا ٽولا پاڻ ۾ ٻڌي ڪري هڪ ٻئي سان ٻانهن ٻيلي ٿين. جنهن حد تائين ائين نه ٿي سگهي تنهن حد تائين به ڪوشش اها ٽيڻ ڪپي ته گهٽ ۾ گهٽ ايترو ضرور ٿئي ته سڄي ملڪ جي سڀني علائقن جا سمورا جمهوريت پسند پاڻ ۾ متحد ٿين، سمورا وطن دوست پاڻ ۾ متحد ٿين ۽ سمورا ترقي پسند پاڻ ۾ متحد ٿين.

موجوده حالتن ۾ اسان ننڍن صوبن جي ماڻهن جي سياسي قوت حاڪم طبقن ۽ سندن دلالن جي گڏيل قوت جي ڀيٽ ۾ ايتري مختصر آهي جو اسان لاءِ اهي ٽيئي جدوجهدون اشد ضروري آهن ۽ انهن ٽنهين مورچن تي لڙندڙ قوتن جو پاڻ ۾ اتحاد/ به اسان لاءِ ايتروئي ضروري آهي.

ان ڪري عوام دوست قوتن ۾ گهٽي ۾ گهٽو اتحاد ڪيئن ٿئي ۽ سندن وچ ۾ موجوده تضاد ڪيئن حل يا مانا ٿين سو سوال اسان ماڻهن لاءِ حياتي ۽ موت جو سوال آهي.

بدقسمتيَ سان في الحال انهيءَ ڳالهه جو تمام گهٽ امڪان آهي ته ڪو

سڄي ملڪ جا ماڻهو ۽ عوام دوست سياسي ڪارڪن انهي ٽنهين اهم مسئلن بابت پاڻ ۾ متفق ٿي هينئر کان ئي ڪا زبردست گڏيل جدوجهد شروع ڪندا. ان منزل تي پهچڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوندي ۽ ان ۾ ڪافي وقت گهرجي. ان ڪري اسان کي وڌ ۾ وڌ تائيد، حاصل ڪرڻ ۽ اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ هڪ يڪي وڏي ملڪ گير اتحاد لاءِ ڪوشش ڪرڻ سان گڏوگڏ وڏي هنر مندي، ڏاهپ ۽ ڪاريگري سان مختلف مورچن تي مختلف ڏرين سان الگ الگ ننڍيون ننڍيون پڌيون قائم ڪرٽيون پونديون. مثال طور سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جا ڪي وطن دوست ماڻهو طبقاتي جدوجهد جي ضرورت متعلق متفق نه آهن تہ اسان کي طبقاتي جدوجهد جي سوال کي في الحال پاسيرو رکي ساڻن فقط قومي سوال بابت پڌي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پاسيري رکڻ مان اسان جي مراد اها نہ هئڻ گهرجي تہ اسان مورڳو طبقاتي جدوجهد جنهن کي اسين پنهنجي عوام جي جدوجهد جي ڪاميابيءَ لاءِ بلڪل لازمي ۽ ضروري سمجهون ٿا، ان تان ئي دستبردار ٿي وڃون. نہ، اسان کي ائين هرگز نہ ڪرڻ ڪيي. اسان کي صاف گوئي ۽ سچائي سان اهڙن دوستن کي چوڻ گهرجي تہ "اسان جو ۽ توهان جو طبقاتي جدوجهد بابت موقف الگ ۽ ابتڙ آهي پر ان ڪري پاڻ، پاڻ ۾ وڙهنداسون ڪونہ ۽ قومي سوال جنهن تي پاڻ متفق آهيون تنهن تي پڌي ڪرڻ کان ڪونہ روڪباسون. طبقاتي سوال بابت توهان بہ پلي پنهنجي موقف تي قائم رهو. اسين توهان کي ميار نہ ڏينداسين. اسين بہ هن معاملي ۾ پنهنجي موقف تي قائم رهنداسون ۽ طبقاتي جدوجهد جي اڳي وانگر حمايت ڪندا رهنداسين، اوهان کي بہ ان تي رنج نہ ٿيڻ ڪيي." ساڳي طرح سنڌ جي ڪراچي شهر ۽ پنجاب جي ڪابي ڏر وارن مان جيڪڏهن ڪي جمهوري ۽ طبقاتي مسئلن سان گڏ قومي مسئلي کي بہ چگيءَ طرح سمجهن ٿا ۽ سچيءَ دل سان ان جدوجهد ۾ شريڪ ٿين ٿا تہ اسان کي سڀني مورچن تي ساڻن ويجهي، گهري ۽ وسيع پڌي قائم ڪرڻ ڪيي. پر جي ڪي اهڙا آهن جي قومي مسئلي تہ اسان ساڻ مور متفق نہ آهن تہ پوءِ بہ اسان کي ساڻن پڌي ڪرڻ گهرجي. پر اها فقط طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهد ۾ پڌي هوندي. قومي مسئلي بابت اسان کي پنهنجي موقف تي مضبوطيءَ سان قائم رهڻ گهرجي. سندن موقف جنهن کي اسين صحيح نہ سمجهندا هونداسين ان تي اسان کي دوستاڻي تنقيد ڪندو رهڻ گهرجي. ۽ اها ڪوشش ڪندو رهڻ ڪيي تہ هن جو موقف انهي مسئلي تي آهستي آهستي ۽ درجي بہ درجي درست ٿئي. ساڳي طرح جيڪڏهن هن اسان تي دوستاڻي تنقيد ڪئي ۽ اسان جي ڪن غلطين جي اپٽار ڪئي تہ اسان کي انهيءَ تي ارهي ٿيڻ بجاءِ سندن ٿورائتو ٿيڻ ڪيي. انهي سلسلي ۾ اسان کي "ساڳي وقت پڌي ۽ مناسب ۽ واجبي

تنقيد" جي اصول تي عمل ڪرڻ کپي.

عوام دشمن حاڪم طبقا جيڪي ظاهري طرح يڪي جا يڪا عوام جي سر جا ويري آهن انهن جي مفادن ۾ ب ڪيئن فرق، اختلاف ۽ ٽڪر آهن ۽ سندن اسان سان دشمني جي سطح ساڳئي ڪانهي. انهيءَ ۾ ڪئين هيٺ مٿاهيون آهن. مثال طور حاڪم طبقا طبقاتي جدوجهد جي باري ۾ عوام جا ڪٿر مخالف آهن پر انهن مان ڪيترا فرد ۽ ٽولا جمهوري جدوجهد ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار آهن. تنهن کان سواءِ ننڍين قومن جي حاڪم طبقن مان ڪيترا وڏيرا، سردار ۽ خان قومي جدوجهد ۾ شريڪ هوندا آهن يا شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار هوندا آهن. اسان کي انهن گهٽ وڌاين کي ڏيان ۾ رکي حاڪم طبقي جي اهڙن جمهوري ۽ قومي لاڙا رکندڙ ماڻهن ۽ ٽولن سان پڌي ۽ تنقيد جي اصول تي پڌي ڪرڻ کپي. ساڳي طرح اسان کي حاڪم طبقي جي پارٽين جي اڳواڻن ۽ انهن ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن ۽ پوئلڳي ڪندڙ عوام جي موقفن ۽ مقصدن ۾ جيڪي فرق آهن انهن کي ڏيان ۾ رکي رجعت پرست ليڈرشپ جي مخالفت ڪرڻ واري ڳالهه تي قائم رهندي عوامي لاڙا رکندڙ ڪارڪنن ۽ پوئلڳي ڪندڙ عوام سان پڌي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي ۽ کين پنهنجي ڪچي يا پڪي اتحاديءَ طور وڌ کان وڌ پنهنجي طرف ڪرڻ جي جدوجهد ڪرڻ گهرجي. ساڳي طرح سان جن ماڻهن جو عوام ۽ سندن مسئلن ڏانهن موقف ڪلهه هڪڙو هو ۽ اڄ ٻيو آهي انهن جي موقف ۾ انهي فرق کي ب ڏيان ۾ رکڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن اڄ ڪنهن جو موقف ڪلهوڪي عوام دشمن موقف کان بهتر آهي ته ان ڏانهن مٿي ذڪر ڪيل اصولن موجب اتحاد ۽ پڌي جو هٿ وڌائڻ ۾ نه رڳو اهم ڪونهي پر اهو عوام جي وسيع مفادن لاءِ لازم ب آهي. تنهن کان سواءِ کي ماڻهو ٿي سگهي ٿو ته عوام جي فائدي وارين هڪڙي ڳالهين جي مخالفت ڪن ۽ پين ڳالهين ۾ عوام جي حمايت ڪن. ان حالت ۾ سندن يڪي مخالفت ڪرڻ بدران سندن پين اهڙن موقفن ۾ جيڪو فرق آهي سو ڏيان ۾ رکڻ گهرجي ۽ مخالفت جي بدلي ۾ مخالفت ۽ حمايت جي بدلي ۾ ساڻن پڌي ڪرڻ کپي. کي ماڻهو پين سان گڏجي عوام جي ڇڻ مخالفن جي وچ ۾ ب جيڪو فرق آهي ان کي ڏيان ۾ رکڻ کپي. ڪوشش ڪرڻ کپي ته هو يا ته عوام جي مخالفت کان صفا باز اچن يا گهٽ ۾ گهٽ ان ۾ ٽڏا ۽ مڏا رهن.

انهن سڀني ڳالهين کان سواءِ اسان کي هڪڙي ڳالهه ب سدائين ڏيان ۾ رکڻ کپي ته جيڪي ماڻهو ڪلهه عوام جا مخالف هئا ۽ اڄ ب آهن سي ممڪن آهي ته سياٽي ساڳيا ايجا ب وڌيڪ ڇڻا مخالف رهن. پر اهو ب ممڪن آهي ته هو عوام جي مخالفت ۾ سياٽي ايڏا سرگرم نه رهن يا مورڳو عوام جي مخالفت

ترڪ ڪري ان جا حامي بنجي وڃن. سائيءَ طرح ڪلهوڪا ۽ اڇوڪا عوام دوست ۽ ممڪن آهي تہ سياٽي عوام جا دشمن بنجي وڃن. بلڪ ممڪن آهي تہ خود اسين ۽ غلط لاڙن جو شڪار ٿي سياٽي ڪنهن عوام دشمن سوچ، موقف ۽ هلت جي اوڙاهہ ۾ ڪري پئون. ان ڪري اسان کي پنهنجي پنهنجي اتحادين جي توڙي مخالفن جي موقفن ۽ هلت چلت تي هر وقت نگاه ڪرڻ گهرجي ۽ ان ۾ جيڪي ۾ قيريون گهيريون اچن انهن کي ڏيان ۾ رکي پنهنجي سوچ، پاليسي ۽ عمل ۾ گهربل تيزيءَ سان گهربل قيريون گهيريون، سڌارا ۽ وڌارا ڪرڻ کپن. ٻي حالت ۾ اسين وائڙا ۽ بتال ٿي وينداسون.

آل پاڪستان سياست کان بيزاريءَ جا سبب

آل پاڪستان پارٽين جي باري ۾ اسان کي جيڪو هيستائين تجربو ٿيو آهي ان حوالي مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ مسلم ليگ هجي يا نيپ يا ٻي ڪا آل پاڪستان پارٽي، آل پاڪستان پارٽين مان اسان کي فائدو گهٽ ۽ نقصان تمام گهڻو پهتو آهي. ان ڪري ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ 'اسان کي ڪنهن ۽ قسم جي آل پاڪستان سياست مان ڪوبہ فائدو رسڻوئي ناهي. اسان کي ان جي ويجهو ئي نہ وڃڻ گهرجي اسان کي فقط سنڌ جي سياست ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجا تنظيمي لاڳاپا ۽ ٻڌيون ۽ فقط سنڌ تائين محدود رکڻ گهرجن.'

ان باري ۾ هيٺيون ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ گهرجن:

1ـ جن ڏينهن ۾ اسان جا سياسي ماڻهو پهرين پهرين انهن آل پاڪستان پارٽين ۾ شامل ٿيا تن ڏينهن اسان سنڌي ماڻهن جي سياسي ڄاڻ، سمجهہ ۽ تجربي جي سطح اها نہ هئي جيڪا اڄ آهي. اڳ اها تمام شروعاتي ڏاکي تي هئي.

2ـ اڪثر حالتن ۾ اسان جا ماڻهو جڏهن انهن پارٽين ۾ شامل ٿيا هئا تڏهن وٽن پنهنجو تنظيمي تڏو خيرڪو هو. اسان سياسي طرح جڙ تہ ٽن ڪپڙن ۾ گهران ٿي نڪتاسين ۽ پنهنجو سڄو لڏو انهن آل پاڪستان پارٽين تي لاهي پاڻ کي انهن جي رحم و ڪرو تي ڇڏي ٿي ڏنوسين. پس پيش پنهنجي بچت رکڻ لاءِ ۽ لٽي پٽي عزت سان پوئتي موٽڻ لاءِ ڪو گس ۽ ڪا واٽ اڳواٽ رٽي، هٿ ڪري ڪانہ ٿي ڇڏيسون.

3ـ ان وقت سنڌي سياست مڪمل طرح زميندار طبقي جي هٿ ۾ هئي. عام سنڌي ماڻهن ۽ ڪارڪنن کي سياسي فيصلن ۾ ڪوبہ واسطو رکڻ ڪونہ ڏنو ويندو هو. ان ڪري ان سياست جو سڄو دارو مدار ڪنهن هڪ اڌ زميندار سياستدان جي عقل تي هو ۽ نہ عوام جي گڏيل عقل ۽ ڏاهپ تي.

انقلاب جا رجعت پرست ٹيڪيدار

4ـ ان وقت تائين سڄي دنيا جيُ عوام جيڪو قومي جدوجهد توڙي طبقاتي جدوجهد جو تجربو گڏ ڪيو هو ۽ ان جي آڌار تي جيڪو عالمي نظريون ٺهيو هو سو سنئون سڌو اسان جي ماڻهن تائين پهتل ڪين هو. ان زماني ۾ انهي عالمي تجربي ۽ انقلابي نظريه جي سمجهاڻي ڏيڻ ۽ ان جي تشريح ڪرڻ جو ٽيڪو ڪن باهرين ڪٽر نسل پرست، تعصبي، تنگ نظر، ۽ رجعت پرست ٽولن جي هٿن ۾ هو، اهي ٽولا ظاهري طرح ته پاڻ کي ڪاپي ڏر جا عوام دوست ۽ ترقي-پسند ٽولا ظاهر ڪندا هئا پر حقيقت ۾ هو بنيادي طرح ساڄي ڏر جي عوام دشمن ۽ رجعت پرست ذهنيت رکندڙ هئا. سندن ذهني پرورش هتان هزارين ڪوه پري مغل سامراج جي مرڪز ۾ هڪڙي اهڙي ڪٽر عوام دشمن ۽ رجعت پرست جاگيرداري ثقافتي، سياسي ۽ سماجي ماحول ۾ ٿي هئي، جنهن جي نس نس ۾ اڄ ورهايل هندستان جي ستايل مظلوم قومن لاءِ ۽هراڙي، جي ماڻهن لاءِ ۽ هارين پورهيتن لاءِ دلي ڏکار، نفرت ۽ دشمني سمايل هئي، ڇو ته هن جي گذران ۽ سماجي وجود جو مدار ئي انهن مظلومن کي ڦرڻ لٽڻ، کين ڪچلڻ ۽ غلام ڪري رکڻ تي هو. انهيءَ سامراج پرست عوام دشمن ۽ رجعت پرست مرڪزي جاگيردار طبقي ۽ ان جي حواري وچين طبقي جا سياسي ۽ سماجي قدر به هندستان جي سمورين قومن جي ماڻهن جي ابتڙ هئا. هندستان جون سموريون مظلوم قومون دهلي جي سامراجي مرڪز ۽ ان جي جابر شهنشاهن، سندن چاڙتي جاگيردار طبقي ۽ سندن ڦورو، ظالم ۽ ڊڪٽيٽري مرڪزي راج کي پنهنجو جاني دشمن سمجهنديون هيون. اڄ ورهايل هندستان جي ماڻهن جي سڄي تاريخ هن ڦورن، ظالمن جابرن سان حياتي موت جي مقابلن سان ٽمٽار آهي. پر جاگيردار ٽولي جا حواري جن مان مٿيان ٽولا پيدا ٿيا آهن سي انهن مرڪزي ڦورن، ظالمن ۽ جابرن کي پنهنجو ڪعبو قبلو ڪري ليکيندا هئا ۽ آهن. اڄ ورهايل هندستان جا عام ماڻهو چاپلوسي، جي حضوري، سازش، فتني انگيزي، مڪر، ڀهروپ، دوکي وغيره کي ذليل ۽ ڪريل ڳالهيون ڪري ليکيندا هئا ۽ آهن پر مٿين، مرڪزي جاگيردار طبقي جا اڇيان توڙي هاڻوڪا ساڄي توڙي ڪاپي ڏر وارا پوئلڳ اهي ڳالهيون وڏي قابليت ۽ فخر جون ڳالهيون ڪري ليکيندا هئا ۽ آهن. پاڪستان جي اصلوڪن سنون سڏن ماڻهن کي سماجي ۽ سياسي قدرن جي انهيءَ بنيادي تضاد جي خبر ئي ڪانه هئي. ان ڪري هو سيني سان پنهنجن اصلوڪن اعليٰ سماجي ۽ سياسي قدرن موجب هلت ڪندا رهيا ۽ موت ۾ هن کان به اهڙي شريفاڻي هلت جي اميدا رکندا رهيا. هو سوچي به نٿي سگهيا ته ڪي هڙا ظاهري طرح مهذب ۽ ڏسڻا وائسڻا ماڻهو به ڪي هڙيون سوچون رکندا هوندا ۽ هڙا ڏڏا

بہ ڪندا هوندا.

منافق، بهروپي ۽ دل پليٽ سياست

5۔ هتي جا سڏا سادا ماڻهو هڪڙي زبان جي مڻي ۾ اندر جي ڪاري ۽ دل پليٽ، سماجي هلت چلت ۾ هڪڙي منافق ۽ بهروپي سياست سان مقابلي ڪرڻ جو ڪوبہ سياسي تجربو رکندڙ نہ هئا. دل ۾ هڪڙي ڏاڙ ۽ باهران بي ڪرڻ، خوشامد، چاپلوسيءَ ۽ جي حضوريءَ سان اڳلي جو دماغ خراب ڪري وائڙو ۽ بتال ڪري، پوءِ سندس ترا ڪيي چڏڻ، تيليءَ مان ٽنب ۽ ڳالھ مان ڳالھوڙو بنائڻ، رات ڪي ڏينهن ۽ ڏينهن ڪي رات چوڻ ۽ زور ڪري مجارائڻ، ڪوڙي ۽ زهريلي پروپئگنڈا بازيءَ ڪي هڪڙو قومي فرض ليکي، هڪڙي پيشي يا ڏنڊي طور بلڪ هڪڙي اعليٰ ۽ عزت واري فن طور هلائڻ، اندر ۾ ساڙ، ڪينو، بغض ۽ حسد سانديي، بهران مٺ مٺ ڪري، اڳلي کي ويساهي اوچتا ڏڪ هڻڻ، مظلومن مان چاڙتا پرتي ڪري انهن کي باقائدي تربيت ڏيئي کين بهروپ سيکاري کائن پنهنجي عوام ۽ وطن خلاف غداريون ڪرائڻ، کين ويس بدلرائي مسڪين مظلوم سڏن سادن ماڻهن جي تنظيمن ۾ گهيڙڻ ۽ سندن هٿان انهن تنظيمن ۾ ڦوٽون ۽ تفرقا وجهائڻ ۽ کين ويڙهائڻ، مخالف تنظيمن اندر چمڙا، پوش ڪرائي لڪائي ويهاريل چاڙتن هٿان ساڳي قوم جي مختلف وطن دوست ماڻهن ۽ تنظيمن جي وچ ۾ ڦوٽيون ۽ تفرقا وجهائڻ، مختلف مظلوم صوبن جي وطن دوست ماڻهن ۽ تنظيمن جي وچ ۾ ۽ پاڪستان جي سمورن صوبن جي مظلوم عوام جي وچ ۾ جيڪي حقيقي اختلاف موجود آهن تن کي وڌائي وڻ ڪري سندن وچ ۾ ايڏا بہ پيا نوان تضاد ۽ دشمنيون پيدا ڪري منجهن ڦٽيڙ وجهڻ ۽ کين هڪبئي جي نالي کان بر ڪرڻ، هڪڙي اهڙي خاص منافق ۽ مڪار پروپئگنڈا فوج تيار ڪرڻ جنهن جا ماڻهو عوام جي اکين ۾ ڏوڙ وجهڻ لاءِ پنهنجي آقائن ۽ سندن چاڙتن کي گاريون ڏيئي پاڻ کي غير جانبدار ثابت ڪري، پوءِ پنهنجي آقائن جي حڪم موجب هٿ ڏوئي پويان پون جن کي سندن آقا تباه ڪرڻ گهرندا هجن، سندن آقائن جو مڪر ڪري پنهنجن چاڙتن کي پنهنجو ماڻهو ئي تسليم نہ ڪرڻ، پنهين ڏرين جي هڪبئي کان صفا لاتعلقي ظاهر ڪرڻ ۽ هڪبئي جي گلا ڪرڻ، اتحاد جي بهاني اڳلي کي گلي لڳائي، ڏاڍا پک وجهي، سندن هڏ ڳڏ پيچي چڏڻ، اڳلي سان دوکو ڪري وري اتلو مٿس اکيو ڦوٽاري ڪيس ئي مياري ڪرڻ، ڪنهن ڏر کي هٿ سان تباه ڪري وري وٽس ۽ سندس د مدردن وٽ وڃي سدائين همدرديءَ جا ڳوڙها ڳاڙيندو رهڻ، اهي ۽ اهڙا پيا انيڪ خوفناڪ سياسي ۽ سماجي هٿيار جڏهن هتي جي ماڻهن خلاف استعمال ٿيا تڏهن هتي

جا سنوان سڏا، سادا سودا ماڻهو جن هزار سالن جي سامراجي سياست جي ٺاهيل انهن قاتل هٿيارن کان پاڻ بچائڻ جي ويجهڑائي ۾ ڪابه ترتيب ڪانه ورتي هئي، سي انهن هٿيارن جي ست جهلي نه سگهيا ۽ جڙ هڪ ڏڪ سان ختم ٿي ويا. آل پاڪستان پارٽيون انهن ٽولن ۽ سندن جاگيردار سرمائيدار جوڙيوالڙ ۽ سندن حوارين جي هٿن جون باز بنجي ويون.

نئين سوچ جي اوسر

6۔ پاڪستان ۾ هاڻ طبقاتي طاقت جو توازن ۽ سياسي سوچ ۾ ڪافي تبديلي آئي آهي. اڳي ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقا ۽ ڦومي گروه علي الاعلان عوام دشمن ڳالهيون ڪري، دڙڪا داب ۽ دهشتون جمائي، ڪلم ڪلا غنده گردي ذريعي ملڪ تي راج ڪري سگهندا هئا. هاڻ جڏهن ان اگهاڙي پاليسي جي ڪري ملڪ جو وڏو اڌ حصو ڪسجي ويو آهي ۽ باقي بچيل اڌ ۾ به حالتون نازڪ ٿي ويون آهن تڏهن حاڪم طبقن چٽيءَ طرح محسوس ڪيو آهي ته سواءِ عوام مان ڪي اثرائتا طبقاتي ٽولا ۽ ڌريون چني پنهنجي پاسي ڪرڻ ۽ عوام سان هيڻاهين وٺڻ جي، اڳ جيان رڳو ڏنڊي جي زور تي حڪومت هلائي نه سگهنداسون. ٻئي طرف اڳ جيڪو ڪن ماڻهن جو اهو خيال هو ته هڪ صوبي جا ماڻهو مڙس ماڻهو ٿي ڏنڊو ڪٽندا ته هڪدم پنهنجا حق تڙي ڪڙي وٺي ويندا ۽ ڪين ٻئي ڪنهن سان اتحاد ڪرڻ جو لاچار ئي ڪونه پوندو، سا ڳالهه موجوده حالتن ۾، عوام جي سجاڳيءَ جي موجوده سطح جي مد نظر، صحيح ثابت نه ٿي آهي. ننڍن صوبن جا جيڪي ماڻهو روزمره جي عملي سياست ۾ سرگرم آهن تن مان گهڻو ڪري سڀني ليڊرن ۽ ڪارڪنن چگيءَ طرح محسوس ڪيو آهي ته موجوده صورتحال ۾ طاقت جو توازن اهڙو آهي جو ڪنهن به صوبي جا ماڻهو موجوده حالتن ۾ اڪيلي سر پنهنجا مقصد حاصل ڪري نٿا سگهن. تنهن کان سوءِ فقط ننڍن صوبن جا ماڻهو رڳو پاڻ ۾ ٻڌي ڪن ته به جيتري ٻڌي عوام جي سجاڳيءَ جي هاڻوڪي حالت ۾ ۽ هينئر ممڪن آهي تنهن جي زور تي سڄي ملڪ جي عوام دشمن ڪي قطعي ۽ فيصلي ڪن شڪست ڏيئي سگهن سا ڳالهه جيڪڏهن بنهه ناممڪن نه ته تمام گهڻو مشڪل ضرور نظر اچي ٿي. خود اهڙا ماڻهو جيڪي سمجهن ٿا ته حاڪم طبقن جا پرڪار اهي ئي رهندا تنهن ڪري صوبن جو پاڻ ۾ گڏ گذارو ڏاڍو ڏکيو آهي سي به محسوس ڪرڻ لڳا آهن ته معاملي جو پس پيش حل ڪهڙو به ڪٽي ٽئي پر سواءِ سڀني صوبن جي گڏيل جدوجهد جي اهو ليکو ڪونه چٽيندو.

ٻئي طرف پنجاب ۽ ڪراچي شهر جي پورهيت ۽ جمهوريت پسند قوتن

30 سال زور آزمائي ڪري ڏٺو آهي ته سواءِ ننڍن صوبن جي عوام جي حمايت جي هو پنهنجا طبقاتي ۽ جمهوري حق هرگز هرگز حاصل ڪري نه ٿا سگهن. ان ڪري ملڪ ۾ هڪڙا به مخالف ۽ ساڳئي وقت هڪ ٻئي سان ميل کائيندڙ سياسي لاڙا پيدا ٿيا آهن. پهريون هي آهي ته نه رڳو وڏي ۽ بالادست صوبي پنجاب جي عوام ۾ پر ڪنهن نه ڪنهن حد تائين ڪراچيءَ جي نون ماڻهن ۾ به، نه رڳو طبقاتي سڃاڻي وڏي رهي آهي پر ڪين اها خبر پوڻ شروع ٿي آهي ته قومي مسئلي تي حاڪم طبقي جي وات ونڻ سان ڪين فائدو گهٽ ۽ نقصان گهٽو پهچي رهيو آهي. هن ڏٺو آهي ته اسان 30 سال اها وات ورتي آهي پر مڪيه فائدو رڳو ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقن ۽ سندن چاڙتن ورتو آهي. ان جي ابتڙ ٻيو لاڙو ننڍن صوبن ۾ اهو اُسري رهيو آهي ته پنجاب ۽ سنڌ جي ڪراچي شهر جي عوام جي سياسي ۽ طبقاتي سڃاڻي جيتري وڌيڪ هوندي، ننڍن صوبن جي عوام جي حق پرست جدوجهد کي اوتري وڌيڪ هٿي اچي سگهي ٿي. آهستي آهستي اها ڳالهه سيني صوبن جي سمجهو ۽ عوام دوست ماڻهن کي صاف نظر اچڻ لڳي آهي ته پنجاب ۽ ڪراچيءَ جي مزدورن، هارين ۽ ٻئي عوام جي طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهد ننڍن صوبن جي عوام جي قومي جدوجهد لاءِ ۽ قومي جدوجهد انهن علائقن جي عوام جي جمهوري ۽ طبقاتي جدوجهد لاءِ نقصان ڪار ناهي. انهن جدوجهدن جي وچ ۾ ٽڪر هٽڻ بدران پاڻ سانڍ هٽڻ گهرجي ڇو ته اهي جدوجهدون هڪٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن ۽ في الحال ائين ٿو نظر اچي ته انهن سان ڪاب هڪڙي ٻي ڪان الڳ ڪاميابي مشڪل ٿي سگهي. سيني ڪي ياد آهي ته ايوبي آمريت خلاف جدوجهد شروع سنڌ، بلوچستان، سرحد مان ٿي اڀرتي بنگال وڏائي، ۽ ان جو ڪامياب انت سيني صوبن ۾ گڏ هلايل آخر زبردست جدوجهد ذريعي ٿيو. پٽي صاحب جي حڪومت جي مخالفت به پهريائين ننڍن صوبن مان ٿي. اهي صوبا هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏين ها ته پوءِ واري وڏي تحريڪ اهڙي آسانيءَ سان هلي ئي ڪانه سگهي ها. پر ان پوئين تحريڪ ڪان سواءِ وري ننڍن صوبن جون جدوجهدون مشڪل ڪامياب ٿين ها. ساڳيءَ طرح سڄي ملڪ جا ڪيترا ايماندار ۽ سمجهو ماڻهو پراڻي قسم جي سورنهن آنا نڪي، فريب ۽ بدمعاشيءَ واري آل پاڪستان سياست ڪي سموري عوام لاءِ نقصان ڪار سمجهڻ لڳا آهن. هاڻ اهو لاڙو آهستي آهستي اُسري ۽ زور ونڊي رهيو آهي ته عوام جي سيني ذرين کي هڪ ٻئي سان وهنوار ڪرڻ ڪهي ۽ حاڪم طبقن جي چوڻ تي لڳي هڪٻئي سان رڳو گهوٻيون نه هٽڻ گهرجن نه ته ملڪ جي عوام جي سياست جو چرخو هلي نه سگهندو.

پنهنجو تنظيمي ڍڏو، پنهنجو نظريو

7ـ اڳ سنڌ ۾ نندين صوبن جي قومي ۽ طبقاتي سياست جي ٽيڪيداري ڪراچي جي هڪ خاص ٽولي جي هٿ ۾ هوندي هئي، جيڪو ملڪ جي مظلوم عوام سان ساڻ ڏيڻ بدران جماعت اسلاميءَ سان سنگت رکيو ۽ نندين صوبن جي ڪن سردارن، خانن ۽ وڏيرن کي پنهنجي هٿ ۾ رکيو انقلابي سياست جو چوڌري ۽ جمعدار بنيو وينو هو. هاڻ اها هڪ هٿي واري جاگيردار پرست ۽ رجعت پرست سياست سڄي دنيا جي سامهون ناڪام ثابت ٿي چڪي آهي. سردار، خان ۽ وڏيرا هڪڙو هڪڙو ٿي سندن هٿن مان طوطي وانگر اُڏامي ويا آهن ۽ اٽلو مٽن سخت چوهه پيا چندبين. جماعت اسلاميءَ کي پيا بهتر يار ملي ويا آهن. معلوم ٿو ٿئي ته ان ٽولي جي اندر به هاڻ عوام دشمن ۽ رجعت پرستن جو ڇڄ ٿي لٽڪڻ واري سياست خلاف ڪافي بي اطميناني پيدا ٿي چڪي آهي. جيتوڻيڪ في الحال اها آس رکڻ اجائي ٿيندي ته هو رات وچ ۾ با اصول ۽ عوام دوست انقلابي ٿي ملڪ جي عوام ۽ خاص ڪري مظلوم صوبن جي عوام سان سڌا ٿي هلندا پر ته به اهو! وسهڻ لاءِ ڪافي سبب آهي ته هو عام حالتن کان ۽ سندن غلط پاليسي تي ٽيل اندرين توڙي باهرين نڪته چيني کان متاثر ٿي پنهنجي حڪمت عملي ۽ چالن ۾ ڪجھ نہ ڪجھ سڌارا ضرور آڻيندا ۽ سندن غلط لاڙن ۾ ڪجھ گھٽتائي ٿيندي.

8ـ سنڌي عوام وٽ هينئر طبقاتي قومي ۽ جمهوري جدوجهد جو خود پنهنجو نسبتا مڪمل نظريو موجود ٿي چڪو آهي جو هن سڄي دنيا جي تاريخي نظريه ۽ تجربي جي نچوڙ ڪيڍ ۽ خود پنهنجي تاريخ تجربي جي چنڊ چاڻ ڪرڻ ذريعي حاصل ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح اسان وٽ پنهنجا عوام دوست ۽ وطن دوست تنظيمي تڏا ۽ آزمايل ڪارڪن به موجود آهن. هاڻ اسان کي ڏارين جي تنظيمي درن تي ڏڪا جهلڻ ۽ پنهنجي سموري سياسي لڏ انهن تي لاهي، پاڻ بادو بي ميار ٿي ويهي رهڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي.

اتحاد جو صحيح نظريو

9ـ مختلف اختلافي ڏرين جي پاڻ ۾ اتحاد ڪرڻ ۽ ان کي ڪاميابيءَ سان هلائڻ جو نظريو به هاڻي بلڪل صاف ۽ واضح ٿي اسان جي اڳيان آيو آهي. ان جو تت هي آهي:

(1) اتحاد انهن سان به ٿيندو آهي جيڪي اسان سان سورهن آنا متفق هجن پر انهن سان ٿيندو آهي جيڪي اسان سان ڪجھ اختلاف رکندا هجن.

(2) اتحاد جي معنيٰ اتحادين جي رڳو تائيد ڪرڻ ڪانهي پر ساڻن اختلاف

ڪرڻ ۾ مٿن تنقيد ڪرڻ ۾ آهي.

(3) اتحاد رڳو هڪڙي ڏر سان ڪري فقط ان تي پاڙي ويهڻ جي ضرورت ڪانهي، ٿي سگهي ته انهن سمورن ڏار ڏار ماڻهن سان ڏار ڏار اتحاد ٿيڻ گهرجن جيڪي اسان سان ۾ چار آنا، يا ڪن حالتن ۾ رڳو آنو ٽڪو يا مورڳو پئسو پائي ۾ اتحاد ڪري سگهندا هجن ۽ باقي سمورين ڳالهين ۾ اسان سان اختلاف رکي پوءِ اسان جي مخالفت ۾ ڪندا هجن.

(4) پنهنجي سموري سياست جي لڏ ڪنهن خاص اتحاد تي لاهي ان ۾ ضم ٿي ويهي نه رهڻ گهرجي. اتحاد کان الڳ پنهنجو تنظيمي وجود نه رڳو باقائدي قائم رکجي پر ان کي زور وڌائي مضبوط ۽ ڪندو رهجي، نه ته ماڻهو گهٽائيءَ واري ۽ زوراور اتحادي ڏر جو محتاج ٿي پوندو ۽ اتحاد ناڪام ثابت ٿيندو.

(5) اتحاد اندر توڙي ٻاهر مقرر حدن اندر پنهنجي خود مختاري ۽ عمل جي آزادي اهڙي نموني برقرار رکجي جو اتحاد کي ۽ اجايو چيهو نه رسي ۽ پنهنجي عوام جي خدمت جي صلاحيت ۽ برقرار رهي ۽ وڌندي، ويجهندي رهي.

(6) اتحادي ڏرين اندر ضرور کيترائي ڪٽر رجعت پرست هوندا. انهن مان اها اميد هرگز نه رکڻ گهرجي ته ڪي هو اتحاد ڪرڻ شرط اشرف ٿي ويندا ۽ پنهنجون حرڪتون بند ڪري ڇڏيندا. اهي اتحاد جو ناجائز فائدو وٺي پنهنجون حرڪتون پاڻ ايجا ۽ وڌائيندا ۽ تيز ڪندا. ان ڪري اتحاد جو لحاظ ڪري، اهڙين بدمعاشيءَ وارين ڪٽر رجعت پرست حرڪتن کي سڀائين برداشت ڪندو رهڻ جو ڪوبه ضرور ڪونهي. ائين ڪرڻ سان پاڻ هن جو من وڌي ويندو. ان ڪري جڏهن ۽ مقابلي لاءِ واجبي سبب هجي ۽ ان ۾ سرسي ڪرڻ لاءِ حالتون ساز گار هجن تڏهن گهربل پرپور تياري ڪري مناسب ۽ موزون وقت ۽ حالتن ۾ رجعت پرستن کي ضرور ۽ ضرور لڳام ڏيڻ گهرجي. البت ڪنهن ۽ جهيڙي کي اجائي ديگهه ڏيڻ کان پرهيز ڪرڻ کپي. فيصلو ٿي سگهي ته بنا دير ڪري ڇڏڻ گهرجي.

(7) اتحاد جي حرص ۾ پنهنجي عوام کان ڪڏهن ۽ هرگز هرگز ڪٽجي نه وڃڻ گهرجي. ائين نه ٿئي جو اتحاد جي گڏيل طاقت جي نشي ۾ ماڻهو اهڙو چُور ٿي وڃي جو ڪيس پنهنجي پرائي جو سماءُ ئي نه پوي.

(8) پنهنجي ڪارڪن کي اتحادين کان خراب لاڙا پرائڻ نه ڏجن. سندن هر وقت رهبري ڪندو رهجي ته جيئن هو خوشامد، فتني ۽ سازش جو شڪار ٿي ڪاڏي پيٽي، معتبري ۽ لئي بازي، آڪڙ ۽ تڪبير، لالچ ۽ هوس جي علتن ۾ مبتلا ٿي خراب ۽ گندا نه ٿي پون.

(9) ممڪن آهي ته اتحاد هلندي اتحاد ۾ شامل ڪي رجعت پرست اتحادن جي چوڻي ڪي عوام دشمن مقصدن لاءِ ڪتب آڻيندي، پاڻ ۾ سازش ڪري، عوام ۾ ڪوڙيون گلائون ڪري، سندس اصل موقف کي توڙي مروڙي، ڪيس عوام کان ڪاٽڻ ۽ ختم ڪري ڇڏڻ جون ڪوششون ڪن. ان لاءِ هر وقت خبردار ۽ پهري سجاڳ رهڻ گهرجي ۽ هر قسم جي سازش ۽ فتني کي منهن ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي. ڪڏهن به غافل ۽ ويسلو نه رهڻ گهرجي.

(10) اهڙي طرح اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏڻ ڪپي ته سياسي اتحادن جي ڪري سياسي اختلاف ۽ تضاد، سياسي چٽاپيٽيون ۽ مقابلا صفا ختم نٿا ٿين پر رڳو هڪڙو نئون روپ اختيار ڪن ٿا. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته ڪن خاص گڏيل مقصدن خاطر اختلاف، تضاد، چٽاپيٽيون ۽ مقابلا هڪڙي مقرر حد اندر محدود ڪيا ويڻ ٿا ۽ ڪين هڪ مقرر روپ ڏنو ويڻ ٿو. پر ڪين صفا ختم نٿو ڪيو ويڻ.

(11) انهن ڳالهين کي هر وقت ۽ پوري طرح ڌيان ۾ رکندي، پنهنجي اتحادين سان سچائي، خلوص ۽ برابريءَ جي هلت ڪرڻ گهرجي ۽ اتحاد جو ناجائز فائدو وٺڻ نه گهرجي. اتحادين خلاف سازش ۽ فتني کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. پنهنجي ذات ۽ ٽولي جي مفادن بدران عوام جي وسيع ۽ دڳهي عرصي وارن توڙي ٻين مفادن جو خيال رکڻ گهرجي. هر وقت اها ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته اتحاد عوام جي فائدي لاءِ وڌيڪ وسيع ۽ وڌيڪ گهرو ٿئي ۽ زور وٺي.

اتحاد بابت غلط لاڻن سان مقابلو ڪريو

جيڪي ماڻهو اتحاد جي ضرورت کي اصولي طرح قبول ڪن ٿا تن سڀني جو اتحاد ڏانهن رويو ساڳيو ڪونهي. ڪي اهڙا به هوندا جي اتحاد کي فقط پنهنجي تنگ ذاتي ۽ ٽولي بازيءَ وارن مفادن لاءِ ڪتب آڻڻ گهرندا. هو سچو پچو، سڀني جي پللي جو ۽ عوام جي وسيع مفادن مطابق اتحاد ڪونه گهرندا. هو فقط پنهنجي لئي وڌائڻ ۽ اتحاد جي آڙ ۾ ٻين کي قبضي ۾ ڪري، ختم ڪرڻ گهرندا.

اهڙي قسم جا ڪي ماڻهو ننڍين قومن جي ماڻهن تي منايل آهن. هن 30 سال انقلاب ۽ عوام جي نالي ۾ مٿن جمعداري هلائي آهي ۽ سندن ترا ڪڍيا آهن. ٿيڻ ته ائين ڪپي ته ان قسم جا ماڻهو انقلابي جذبو ڌاري پاڻ تي تنقيد ڪن، پنهنجي ڪيئي تي پڇتائين، پنهنجي عوام خلاف ڪيل ڪمن کان توبهه تائب ٿين، عوام کان سچائيءَ ۽ ڪليءَ دل سان معافي وٺي پنهنجا ڏوهه بخشائين، غلط عوام دشمن واٽ ڇڏي عوام سان سچائي، خلوص، خيرخواهي ۽

حقيقت بياني‌ءَ جي واٽ ونڻ ٿ پوءِ يقين آهي ٿ عوام کين سندن ڏوهه معاف ڪندو ۽ کين نئين سر موقعا ملندا ٿ گذريل غلطين جي تلافي ڪن ۽ پاڻ کي عوام جا سچا خادم ثابت ڪري، سچن انقلابين جي صفن ۾ جائز طرح داخل ٿين. ايڏا ۽ بهتر ٿئي ها جيڪڏهن اهڙا ماڻهو پنهنجي خوشي‌ءَ سان اعلان ڪن ها ٿ ”اسان 30 سال ملڪ جي ماڻهن تي خاص ڪري ننڍن صوبن جي ماڻهن تي پنهنجي غلط قيادت زوري ۽ اڻڪل سان مڙهي آهي ۽ ان جي وسيلي عوام کي هيترا سال وڏا نقصان پيا آهن. تنهن ڪري اسين هاڻ رضا خوشي‌ءَ سان ننڍن صوبن جي عوام جي زبردستي اڳواڻ ٿيڻ واري ضد تان لهي ٿا وڃون ۽ سچي‌ءَ دل سان سندن پٺ ونڻ لاءِ تيار آهيون. هو جيڪا ۽ صحيح ۽ انقلابي واٽ اسان کي ڏسيندا. اسين سچي‌ءَ دل سان ان تي هلنداسون.“

پر ڏسجي ٿو ٿ اهڙي قسم جي ماڻهن ۾ اهڙي سڌاري جي ايڏا نوبت ڪانه آئي آهي. هينئر ان قسم جا ماڻهو اڻلو عوام جي مٿان پنهنجي غلط بالادستي ۽ جمعداري وڌيڪ چمائڻ جي لاءِ ڪوشش ۾ مصروف ڏسبا. هو چاهين ٿا ٿ ننڍن صوبن جا عوام، خاص ڪري سنڌ عوام سدائين سندن ڏيڄ، رعيت ٿي رهن. هو سنڌ جي عوام ۽ سندن ڪارڪن کي پنهنجي سياسي هوم-سراءِ جون سريتون ڪري هلائڻ گهرن ٿا ۽ پائين ٿا ٿ هو جيڪا ۽ ڳالهه ٻوله ڪرڻ گهرن سا فقط سائٽ ڪن ۽ پي ڪنهن سان ۽ نه ڳالهائين . جي ٻئي ڪنهن سان ڳالهائڻو هجين ٿ سندن موڪل سان ۽ سندن معرفت ڳالهائين، نه ٿ نه. سنڌي ماڻهو ملڪ جي ٻين ماڻهن يعني بلوچن، پٺاڻن ۽ پنجابين وغيره مان ڪنهن سان ۽ پنهنجي منهن نه ڳالهائين.

سنڌي ماڻهن جون وطن دوست تنظيمون سندن چاڙڻن جون ۽ چاڙڻيون بنجي رهن ۽ سندن اشارن تي هلن. عوامي تحريڪ عوام جي فائدي لاءِ ملڪ جي گهٽين وطن دوست، عوام دوست ۽ جمهوريت دوست ڌرين سان لاڳاپا رکندي آئي آهي، اها سڄي ملڪ جي ماڻهن جي وسيع عوامي جمهوري اتحاد لاءِ پاڻ پتوڙيندي رهي آهي عوامي تحريڪ جي انهي‌ءَ عوام دوست پاليسي‌ءَ کي روڪڻ ۽ ناڪام بنائڻ لاءِ ان قسم جي ماڻهن پنهنجي مختلف ٻهروپن ۾ لڪل ڪن چاڙڻن هٿان سندن رسالن ۾، عوام دوست پاليسي‌ءَ جي اڻ سڌي طرح مخالفت شروع ڪئي آهي ۽ ڏمڪيون ڏيڻ لڳا آهن ٿ جي اسان جي موڪل بنا ملڪ جي ٻين ڌرين سان ڪا ڳالهه ٻوله ڪندا ٿ اسين توهان کي ختم ڪنداسون. ظاهر آهي ٿ ننڍين صوبن جا عوام ۽ خاص ڪري سنڌي عوام ۽ عوامي تحريڪ جهڙي انقلابي وطن دوست پارٽي هن قسم جا بي واجبي ۽ ناجائز مطالبا قبول نٿا ڪري سگهن.

سنڌي عوام کي اڪيلو رکڻ جي سازش ناڪام بنايو!

عوام چون ٿا تہ اها بلڪل بي واجبي ڳالهہ آهي تہ جڏهن سچي ملڪ جا وڏيرا، جاگيردار، سرمائيدار جيڪي سچو ڏينهن هڪ ٻئي جو ڏاڙهيون پيا پٽيندا هئا سي اڪ چنبہ ۾ پاڻ ۾ هڪ ٿي وڃن ٿا، تڏهن ان تي ڪنهن کي بہ ڪوبہ اعتراض نٿو ٿئي، جڏهن بلوچستان ۾ هيڏي فوجي ٽڪر ۽ خونريزيءَ کان پوءِ بلوچن ۽ پٺاڻن جو اڳواڻ ولي خان فوج جي ڪمانڊر ان چيف سان ڪچهريون ڪري ٿو تہ ان ۾ ڪنهن کي ڪابہ اربع خطا نظر نٿي اچي ۽ جڏهن ڪراچيءَ جا ساڄين توڙي کاٻين ڏرين جا سياسي ٽولا پنجاب جي سياسي ٽولن سان هر دم ڪچهريون ۽ ڏيئون ڪن ٿا ۽ هڪ ٻئي کي گراتيون پائين ٿا تہ ان ۾ ڪنهن کي بہ ڪا اعتراض جوڳي ڳالهہ نظر نہ ٿي اچي. باقي جيڪڏهن سنڌ جا عوام سرحد، پنجاب ۽ بلوچستان جي اڳواڻن سان ملڻ جي ڳالهہ ڪن تہ پرمارن ۽ سندن لڪل مڪاني چاڙڻن کي ڏيڊ پٽ مچائڻ جو ڪهڙو حق آهي؟ صاف ظاهر آهي تہ سنڌ جا دشمن ۽ سندن ظاهري توڙي لڪل چاڙڻا هڪ طرف سنڌين کي زبردستيءَ اڪيلو، بي واهو ۽ نڊٺڪو ڪري رکڻ گهرن ٿا ۽ ٻئي طرف سندن خلاف پنهنجي طاقت پنجوٽي چهوٽي رکڻ گهرن ٿا، ان ڪري هو هڪڙي پاسي سنڌين کي ٻئي ڪنهن سان ڳالهائڻ نٿا ڏين تہ متان ڪير سندن ساٿي نہ بنجي پوي ۽ سندن طاقت وڌي نہ وڃي تہ ٻئي پاسي هو پاڻ نہ رڳو ملڪ اندر پر ان کان ٻاهر بہ سچيءَ دنيا ۾ ننڍن صوبن جي ماڻهن خلاف ناپاڪ اتحادن جو هڪڙو وسيع جار وڇايو ويٺا آهن. ان صورتحال جو برقرار رهڻ ۽ سنڌين جو سچي ملڪ کان ۽ سچي دنيا کان ڪٽيل رهڻ ۽ پرمارن جو محتاج ٿي رهڻ اهي ڳالهيون سنڌي عوام لاءِ بلڪل نقصانڪار آهي. ان مان فائدو رڳو عوام جي دشمن کي رسي ٿو.

پلي پيا رنيون ڪن

تنهنڪري سنڌي عوام ۽ عوامي تحريڪ ان صورتحال کي قبول يا برداشت ڪري نٿا سگهن. پرمار ۽ سندن چاڙڻا پلي ڪٽي ڪيڏيون بہ رنيون ۽ پاڪارون ڪن، ڪيڏيون بہ اڪيون ڦوٽارين ۽ ڏهمان پٽن پر سنڌي ماڻهو ۽ سندن انقلابي وطن دوست، عوام دوست ڏرين سان ڪيترن بہ اختلافن جي هوندي بہ ساڻن سپ-طرفا لاڳاپا قائم ڪرڻ ۽ وڌائڻ جون ڪوششون جاري رکندي، چو تہ اها ڳالهہ سنڌي عوام جي پلائيءَ لاءِ لازمي آهي. سنڌي ماڻهن کي ضرورت آهي تہ ڪين معلوم هجي تہ ولي خان، خير بخش مري، بزنجو، عطا الله خان وغيره ۽ سندن پوئلڳ سي ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌ بابت ڇا ٿا سوچين ۽ هو اسان سان ڪيتري حد تائين تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهن. اسان کي

خبر پوءِ ڪپي ته شير محمد مري، افضل بنگش، ميجر اسحاق، سي آر اسلم، عزيز السلام بخاري، ۽ ٻين ان قسم جي ڪاپي ڏر جي ماڻهن جي ملڪي سياست بابت سوچ چا آهي ۽ هن مان اسان کي ڪيتري ۽ ڪهڙي قسم جي سلوڪ ۽ سات جي توقع رکڻ ڪپي. مطلب ته اسان کي هر وقت بدلجندڙ ملڪي سياسي صورتحال تي چوويه ڪلاڪ نظر رکڻي آهي، ۽ پنهنجا سڀ گس ۽ رستا هر وقت ڪليل رکڻا آهن. قومي ۽ طبقاتي سياست هڪڙي روزمره جو پورهيو ۽ ڏنڊو آهي. اهو روز ۽ هر گهڙي پيو ڪبو ۽ پنهنجي عوام جي مرضيءَ ۽ فائدي، موجب ئي ڪبو. پرائي مرضيءَ تي هلبو ته نقصان ٿيندو.


اتحاد لاءِ اورچائيءَ سان جدوجهد جاري رکو!

ٻئي طرف انهن غلط ڳالهين ڪرڻ جي باوجود اهڙي قسم جا ماڻهو جنهن حد تائين پنهنجي حرڪتن کان باز آڻي سگهجن ۽ کين عوام لاءِ جنهن حد تائين ڪارائتو بنائي سگهجي، ان حد تائين ساڻن محدود اتحاد ٿي سگهي ٿو ۽ ڪرڻ ڪپي. ڇو ته عوام کي هن وقت هر قسم جي پڪن، اڌ پڪن ۽ ڪچن، سڄن توڙي اڌ گيدن مددگارن جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اهڙا ماڻهو پنهنجي پاليسي ۾ بنيادي سڌارا آڻين ته پوءِ ساڻن وڌيڪ ويڪرو ۽ گهرو اتحاد ٻڌي سگهجي ٿو ۽ ٿيڻ ڪپي.

اتحاد بابت اهي ۽ ٻيا ڪئين مسئلا نه رڳو اتحاد کان اڳ موجود آهن پر جيڪڏهن ڪو اتحاد ٿيو ته ان کان پوءِ به اهي ساڳيا مسئلا رهندا بلڪ ايڏا زور وٺندا ۽ نوان مسئلا به پيدا ٿيندا رهندا. تنهن ڪري انهن حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان کي ذهني، تنظيمي ۽ سياسي طرح اڳواڻ ئي تيار رهڻ گهرجي. آخر ۾ اسان کي ان لاءِ به اڳواڻ تيار رهڻ گهرجي ته اسان جي بهترين ۽ پورين پورين ڪوشش جي باوجود به ڪوبه ڪارائتو اتحاد في الحال قائم نه ٿي سگهي يا جيڪڏهن ٿئي به ڪٽي ته به ترت ڊهي پوي. انهن ٻنهي حالتن ۾ اسان کي هرگز مايوس ٿيڻ نه گهرجي ۽ حالتن کي وڌيڪ بهتر بنائڻ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ گهرجي.

جيڪڏهن انهن ڳالهين کي ڏيان ۾ رکي سچائي، خلوص، اورچائي، دوراندیشيءَ ۽ ڏاهپ سان لڳاتار اڻانگي جدوجهد ڪبي رهبي ته نيٺ ڏاڪي به ڏاڪي يا آهستي آهستي سڄي ملڪ جو وسيع عوامي جمهوري اتحاد قائم ڪري سگهبو ۽ ان کي سلامت رکي، وڌائي ويجهائي ڪاميابيءَ سان هلائي سگهبو.

[تحريڪ، جنوري 1978ع]



واٹون ویہہ ٹیون

الھ بچايو مرتاس، ميرپور ماٿيلو

خط

اوھان سان ۽ اوھان جي سنگت سان ملڻ کان بعد اھو معلوم ٿيو تہ اوھان جو گروپ سنڌ ۾ جي ايم سيد جي گروپ کي ڪتي، اڳتي اچڻ ٿو گھري. سيد سنڌ لاءِ سون آھي. ھن کان ڪي سياسي غلطيون ٿيون ٻہ آھن. پر ايجان تائين پنھنجي قول تي ثابت قدم آھي. اوھان سرڪار سڳوريءَ سان ڏھيا وينا آھيو ۽ اسان کي اھو ٿا ڏيکاريو تہ اسان مخالف آھيون. مون چند دوستن سان اھو ٻہ ڳالھايو تہ جيڪڏھن اوھان سرڪار ۾ اميد رکو ٿا تہ مون سان ھيڏو ظلم ٿيو آھي، ان جو ازالو ڪرايو وڃي. جي سرڪار سان دشمني آھي تہ پوءِ سيد سان مخالفت ڇو؟ منھنجي سيد سان محبت صرف اھا آھي جو ھو سنڌ سان محبت ڪري ٿو. ليڪن اوھان لکو ھڪ ۽ ڪريو ٻيو. اوھان ڪراچي پ-پ واري ڪنوينشن تي ھئا. فاضل راھو جڏھن ڪراچي پني جي ڪوٺا لاءِ ويو ھيو تہ ممتاز جي سفارش لکيل ھئي تہ ھي پنھنجا آھن...

... شاگرديائين جي تحريڪ کي ڏڪ ھڻڻ لاءِ اوھان جو ھٿ ھيو، ھاڻ پ-پ جي حمايت ۾ ٻہ اوھان اڳتي قدم آھيو. اوھان جو يا پليجي صاحب جو فرض ھيو تہ اسان کي ظاھري ٻڌايو ھا تہ سيد سان ھن سبن ڪري نہ ڪين ٿا تہ پوء مان ٻہ سمجھان ھا پر ايڏو دوکو ڇو؟ مان منافق کي پسند نہ ڪندو آھيان. مون سان اڄ ٻہ ھت ظلم ٿي رھيو آھي، پنجابي ۽ پ-پ وارا گڏجي وري پارٽ پارين ٿا ۽ اوھان پ-پ سان ناھ ڪيو وينا آھيو...

غفار قاضي، وارھ

خط جو جواب

ماھوار تحريڪ جو مئي مھيني وارو پرچو نظر کان گذريو. جنھن ۾ ھڪ خط شايع ٿيل ھيو. خط لکندڙ پليجي صاحب تي سخت ڪاوڙ مان ڇوھ ڇنڊيا آھن. پر تحريڪ واري ھمراھ کي جس ھجي جو ھن اھو خط وڏي جرئت سان بنا جھجھڪ جي عوام اڳيان پيش ڪيو آھي.

خط پڙھڻ بعد مون تي فرض ٿيو تہ آءٌ ب ان خط جو جواب ڏيان ڇو تہ ھي قلمي، ذھني ۽ نظرياتي بحث آھن. اھڙي بحث مباحثي ۾ ڪنھن ب ڏر ڪي ناجائز طور ناراض ٿيڻ نہ گھرجي.

پائو! سائين جي ايم سيد جي عظمت کان تہ انڪار ڪير ب نٿو ڪري سگھي. ڇو تہ ھڪ طرف سائين سيد آھي. ٻيو، ھن پنھنجي قوم ۽ ملڪ جي خدمت ب ڪئي آھي. اھا ھڪ وڏي ڳالھ آھي. تنھن کان سواءِ وڏيءَ عمر وارو سن رسيده آھي. ان جي مقابلي ۾ پليجو ۽ ٻيا ڪارڪن ڪالھوڪا ٻار آھن. نوان ڪارڪن آھن. اُمتي آھن. ان ڪري پليجو صاحب يا ٻيا ڪارڪن سيد جي ڪڙيءَ جا ليڊر سڏائي، ٻئي پير دوزخ ۾ ڪيئن وڃڻ پسند ڪندا؟ باقي رھيو سوال قومي ليڊرشپ جو. ان جو واسطو سيدائپ يا پيري مريديءَ سان ڪونہ آھي، ھي تہ ملڪ ۽ قوم جي حياتي ۽ موت جو سوال آھي. جيڪڏھن ڪنھن فرد جي ڪمن جو اثر سندس ذات تائين محدود ھجي ۽ ان جون غلطيون يا ڇاٽي واٽي حرڪتون فقط ان جي ذات کي نقصان رسائي سگھن ٿيون تہ ٺيڪ پر ھڪ قوم جو اڳواڻ، ماڻھو يا جماعت جيڪڏھن ڪا غلطي يا ڇاٽي واٽي حرڪت ٿو ڪري تہ اھڙي ڳالھ سبب پوري قوم کي ڪيترين پيڙھين تائين مصيبتون پوڳٽيون پونديون آھن.

اسان جي قوم ساري اٻوجھ ۽ ويساھي قوم آھي خاص ڪري سيدن، فقيرن، ملن، وڏي عمر وارن ۽ پراڻن ليڊرن لاءِ سندن دل ۾ ايڏا گھر آھي. اسان جي قوم جا اڇڪلھ کي فرد مشڪل سان انھن ويساھ وسوڙائيءَ جي چڪرن مان آزاد ٿي ويا آھن، کي ايڏا آزادي ڏانھن وک وڌائين پيا. پر گھٽائي ايڏا اھڙين ويساھي ۽ اعتقادي معاملن ۾ گرفتار آھن. ھن خط لکندڙ پارا جن تان اھڙي قسم جي گرفت ڊيري تہ ٿي آھي پر ايڏا لھي نہ وئي آھي، تن کي ايڏان سندن عقيدن خلاف ڪجھ ڪچڻ تي ڪاوڙ پئي لڳي.

جيڪڏهن اسان جي قوم ۾ ايتري ڪچائي نه هجي ها (جنهن ڪري جا ترقي پسند به عقيدت ۾ گم هجن) ته جيڪر اسان ايڏو وقت پنهنجن ۽ پراون جا غلام رهي نه سگهون ها. سائين جي ايم سيد جي شخصيت ۽ ذات لاءِ اسان سڀني سنڌين کي عزت آهي. اسين سندس احترام ٿا ڪريون. اسان جي دلين ۾ سندس لاءِ جايون آهن... پر منهنجي خيال ۾ غلطين کان پاڪ ڪوبه ٿي نٿو سگهي. اهڙي ڳالهه اوهان خود قبول ڪئي آهي ۽ خط ۾ پيش ڪئي آهي ۽ سائين خود قبوليو آهي. اهڙيون غلطيون سندس ڪتابن ۾ درج آهن. پلا پڌايو ته ورهاڱي وقت بن فرقن ۾ مذهبي بنيادن تي نفرت پيدا ڪري قوت وجهي، ڌار ڪرڻ وارين ڌرين سان گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ ساٿن ها ۾ ها ۽ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻ، ۽ منزل گاه سکر واري مسجد جي هندو مسلم فساد ۾ خانبهادر کهڙي سان گڏجي فسادن کي هوا ڏيڻ، جن فسادن ۾ ڪيترو مالي ۽ جاني فقصان ٿيو، کهڙي ۽ اهڙن بين غدارن کي جهوليءَ ۾ ويهاري شاگرد تنظيمن کي ٽوڙڻ ۽ پوءِ سڀني غلطين جو احساس ڪرڻ، اهڙي طرح سڄي عمر وڃائڻ، وڏيرڪي طرز تي سياست هلائي، وڏيرن کي پاڻ سان کڻڻ ۽ نوي سيڪڙو ماڻهن کي ڪاب قوم نه سمجهڻ ۽ سندن مسئلن کي نظر انداز ڪري قوم جي وڏي حصي کي ساڻ نه کڻڻ، کهڙي سياٽ جا ڪم آهن؟ چا غلطين کي سنگ ٿيندا آهن؟ پلا ايڏي وڏي حصي کي ڇڏو ڪري مقصد حاصل ڪري سگهندا؟ سائين جي ايم سيد جي سياسي طرز فرينچ سرمائيدارن واري آهي. هن به جاگيردارن خلاف انقلاب آڻڻ لاءِ غريبن، هارين ناربن، مزدورن، پورهيتن کي پائيپيءَ ۽ هڪ جهڙائيءَ جو نعرو ڏنو. ڏٺا ڏٺا. پر انقلاب آيو سرمائيدارن جي فائدي ۾، ۽ هارين مزدورن ۽ پورهيتن کي چوسيل هڏي وانگر اڇلائي ڇڏو ڪيو ويو. ساڳي ڪار سائين وينو ڪري، چوي ٿو ته 'في الحال هارين ۽ مزدورن جي مسئلي کي ڇڏيو. پهرين ڌارين سان وڙهون پوءِ پنهنجن سان نبري کائبو.' پر منهنجو عرض آهي ته 'سائين اهي وڏيرا کهڙي به قوم جا هجن يا کهڙي به مذهب جا هجن، دنيا جي کهڙي به خطي جا هجن، هن جو ناني ويڙهو دنيا جي پورهيت کان ڌار آهي. اهي پنهنجا هجن يا پراوا کوئي فرق ناهي.' پنهنجو ڦري يا پرائو ڦري ڳالهه مڙيوئي ساڳي، ٻئي ٽيا ڦورو. ڦريل ويچاري کان پڇو ته چا ٿو پڌائي؟ هن لاءِ ته ٻئي ڦورو آهن. ڪيس ٻئي نقصان رسائن ٿا. خبر ناهي ته سائين کي اها ڳالهه پسند چو آهي؟ پنهنجن جا پادر قوم تي پلي وسن پر ڌارين کان بچجي، سائين ماريلن کان پڇو ته ڏڪ گهٽو ڪنهن جو آهي؟ سندن جسم تي نسان ساڳيا پيا ڏهن، چا اوهان پنهنجي ڌاڙيلن کي معاف ڪندا؟ جڏهن ته هو ڌارين سان ڌاڙي ۾ گڏ هجن؟ جيڪڏهن نه ته پوءِ سائين تي تنقيد ٿيڻ گهرجي ۽ غلطيون درست

ٽيڻ ڪپن. جيڪڏهن ها ته پوءِ اهو نسورو ظلم آهي، جنهن کي ڪوبہ مظلوم برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٽيندو.

غلطين کان پالهو ڪوبہ ڪونهي. غلطيون ڪنهن کان بہ ٽي سگهن ٽيون. تنقيد بہ هر هڪ تي ڪرڻ ڪپي. ليڊرن ۾ ڪارڪن کي ڪپي ته هو پاڻ تي تنقيد ڪن ۽ پنهنجون غلطيون درست ڪن. نہ ته گهٽ ۾ گهٽ ٻين جي تنقيد ڪن کوليو ٻڌن ۽ پوءِ پنهنجون غلطيون درست ڪن. تنقيد ۽ خود تنقيد جي هٿيار سان پارٽيون صحت مند ٽيون آهن. هر هڪ ڪم ۾ صفائي هئڻ گهرجي، منهن نہ ڏوئبو ته ميرو ٽيندو. گهر کي ٻهاري نہ ڏبي ته گندگي وڏي ويندي ۽ بيماري جو امڪان ٽي سگهي ٽو. آئندو صاف نہ ڪبو ته منجهس ڪابہ صورت نظر نہ ايندي... جنهن پارٽي اندر تنقيد نہ ٽيندي اها پارٽي تباه ٽي ويندي... دنيا جي عظيم قومن جي انهن وڏن اڪابر ليڊرن تي بہ تنقيدون ٽيندیون رهيون آهن، جن دنيا ۾ وڏا وڏا پورهيت انقلاب آندا. تنقيد کان نہ مائوزي تونگ بچي سگهيو، نہ لينن، نہ اسٽالين ۽ نہ وري سندن پارٽين جا اڳواڻ. خبر ناهي اوهين تنقيد کان چو ٿا ڊجو؟ جيڪڏهن سيد صاحب جي غلطين کي اوهين بہ غلطيون مڃڻ لاءِ تيار آهيو ته پوءِ اوهان کي خود دل کولي مٿس تنقيد ڪرڻ جو حق آهي. اوهين سندس جماعت ۾ رهي ڪري، مٿس زوردار تنقيد ڪري، سندس غلطيون درست ڪرايو ۽ راهون هموار ڪريو پر جيڪڏهن اوهين انهن غلطين کي غلطيون نہ پر هڪ ڇاڻي واڻي ڳالهہ ٿا سمجهو ته پوءِ اها قوم دشمني چئبي، ڏوکو ۽ فريب چئبو وغيره وغيره. هاڻي اوهين ٻڌايو ته اوهان ٻنهي ڳالهين مان ڪهڙي ڳالهہ تي ٿا هٿ رکو.

باقي رهي توسان ظلمن جي ڳالهہ سي اسين بلڪل مڃيون ٿا ته ٽيا آهن. جن جي اوهان کي باربار دهرائڻ جي ضرورت ناهي. چو ته انهن ظلمن جو شڪار رڳو تون اڪيلو ڪونہ آهين، پوري قوم جو هر هڪ فرد پيو لوڙي. تو کي رڳو پنهنجي اڪيلي ٽيندڙ ظلم تي نہ پر سڀني مظلومن تي ڏيان ڏيڻ ڪپي. توتي ٽيندڙ ظلم تنهنجي غلط طريقن استعمال ڪرڻ سبب ٽيو آهي. اسان کي تنهنجي سچائي، همت، بي ڊپائي ۽ ٻهادري جو پوريءَ ريت قدر آهي. تو جهڙا بلڪ توکان بہ وڌيڪ سنڌڙيءَ جا سپوت توکان بہ وڌيڪ عذاب ڪائي چڪا آهن ۽ ڪائن پيا. پر اننن تو وانگر ساٽين کي ڏوراپا ڪونہ ڏنا آهن. هو خاموش مقابلو پيا ڪن ۽ پيا پچن پچرن.

نهائينءَ ڪان نينهن سڪ منهنجا سپرين

ادا توکي ڪافي وقت ٽيو آهي ته اسان سان گڏ هاري ڪاميٽيءَ ۾ ڪم ڪيئہ. تو ڏٺو هوندو ته غلط قيادت يا غلط طريقن استعمال ڪرڻ سبب ڪيترا

چگو پلا ساڻي مات ڪري وڃي گھر وينا ۽ ھاري ڪاميٽي ب وڃي ڪامريڊ حيدر بخش سان گڏ قبر داخل ٿي. ساڻيا پراٽا طريقا جيڪي ناقص ۽ غلط ھئا سي ايجان تائين اسان جي ٻين ڪن ٿورن دوستن وانگر اوھان جي ذھن ۾ ب پيا ڦرن، جنھن جي استعمال ڪرڻ سان ھمراھ ڏو وڃيو ڪڏ ۾ ڪرن ۽ پوءِ پيا ڪاوڙيون ستين ت: 'اسان سان ظلم آھي، پر ڪوب لاھڻ وارو ڪونھي.' پائو مظلوم تان ظلم ڪير ب لاھي نٿو سگھي، جيستائين ھو پاڻ تيار ناھن. مون کي پڪ آھي ت اوھان ڪڏھن ب پنھنجي جماعتن جي ناڪامين جي سبب تي ڪونہ سوچيو آھي، نہ وري اھڙو خيال ئي ڪيو اٿو. خيال اوھان کي اچي ب ڪيئن؟ اوھان ت تنقيد ڪرڻ ۽ ٻڌڻ کان پاڪ آھيو نہ؟ پوءِ اوھان مان غلطيون نڪرن ب ڪيئن، ۽ اوھان کي پنھنجي غلطين جو احساس ڪيئن ٿئي؟ نظر ڦيرائيبي ت ڏسڻ ۾ اھو ايندو ت سائين جي ڪم جا طريقا ساڻيا پراٽا ۽ وڏيرڪي قسم جي سياست وارا آھن، جنھن ڪري ھلچل ڪچي ۾ ئي ختم ٿي ويندي ۽ ڪارڪن ھڪڑا پيا عذاب سھن ت ٻيا بيزار ٿي ھيڏي ھوڏي پيا پڃن ۽ وڃي ڪو ڪٿي ڪو ڪٿي پيو ڪن لڪائي، انھيءَ مان ظاھر آھي ت ھن جي سياسي تعليم ڪچي ھئي ۽ وقت کان اڳي ٽڪرائجي پيا ختم ٿين. ساڻيا حالت ھاري ڪاميٽي جي ھئي ۽ ساڻيو خيال ايجا اوھان جي ذھن ۾ پريو پيو آھي ۽ بنا طاقت ۽ پٽيرائي جي پيا ٽڪر ھڻو ۽ مٿو ڦاڙايو ۽ پوءِ وري ظلم جون دانھون ڪريو. سنڌيءَ ۾ چوٽي آھي ت "نانگ ب مري ۽ لڻ بچي." مگر اوھان وارو سمورو قصو ان جي ابتڙ آھي. ھٿياربندن سان سواءِ عقل، سمجھ ۽ تياري جي خالي ھٿين وڙھڻ ڪھڙي سياٽپ ۽ عقل جو ڪم آھي. ھروپرو باھ ۾ ٽپو ڏيڻ کا بھادري ڪانھي.

جيڪڏھن فاضل راھو ڪاغذ جي ڪوٽا لاءِ ممتاز صاحب وٽ ويو ۽ ھن کيس پرمٽ ڏني ت اھا کا نقصان جھڙي ڳالھ ت ڪانھي. انھيءَ ۾ ڪھڙو ڏوھ؟

اوھان جي بقول شاگرديائين جي تحريڪ کي ڏڪ پليجي وارن پھچايو آھي. ان لاءِ اوھان وٽ ڪھڙي ثابتي آھي؟ باقي پليجي صاحب جو سائين سان دشمني جو ڪوب سوال ڪونھي. ھي اختلاف ذاتي نہ پر سياسي آھي. حقيقت آھي ت ھڪڑي فرد جي غلطي ھڪڑي ماٹھو کي نقصان ڏئي ٿي، پر ليڈر جي ھڪڑي غلطيءَ سبب پوري قوم تباھ ٿي سگھي ٿي. جنھن قوم ۾ رڳو عقيدت ئي عقيدت ھجي، ننديءَ عمر، وڏيءَ عمر واري ليڈر، اھليت ۽ امتي لڈر، نئين ۽ پراڻي ليڈر جو چڪر ھجي ۽ پراٽا وڏيءَ عمر وارا ۽ پير ليڈر تنقيد کان پاڪ ھجن، ھن جي غلطين کي غلطيون نہ سمجھيو وڃي ۽ ليڈر جي غلطين تي تنقيد نہ ڪئي وڃي، پنھنجي غلطين ۽ ليڈرن جي غلطين کي ب صحيح سمجھيو وڃي ت پوءِ اھڙي قوم جو ٻيڙو سگھوئي ٻڏي ويندو.

ذوالفقار سانگي، نواب شاھ

خط

جي- ايم- سيد واقعي ڪجھ غلطيون ڪيون آھن، پر اھي ھن تسليم ڪيون آھن. تنھنڪري مٿس انھن غلطين جي ڪري تنقيد ڪرڻ جو سوال ئي غلط آھي. باقي رھيو انقلاب آٽڻ لاءِ سائين جو طريقءِ ڪار، تنھن کان اسان بلڪل مطمئن آھيون... انقلاب جي حڪمت عملي اھا آھي تہ ”ھڪ وقت ۾ ھڪ دشمن سان وڙھو“ پر توھان چئو ٿا تہ ھڪ وقت ۾ سڀني سان وڙھو پوءِ وڙھڻ لاءِ طاقت ھجي يا نہ... مون کي سمجھ ۾ نہ ٿو اچي (ءِ مون سان گڏ ٻين ب گھٽن ئي کي) تہ توھان سڀني دشمنن سان ھڪ وقت ۾ وڙھي ڪيئن ٿا انقلاب آٽڻ چاھيو. ھڪ طرف مھاجر پنجابي سامراج تہ ٻئي طرف سنڌي وڏيرو ءِ اسلام پسند ٽولو. سڀني سان ھڪ ئي ھڪڙي وقت وڙھڻ انقلابي حڪمت عمليءَ جي خلاف آھي. اسان کي مٿين دشمن مان ڪوب ھڪ چونڊڻو آھي ءِ جيستائين ان کي شڪست نہ ڏني وڃي، تيستائين ٻي ڪکر کي ڪڍو ھٽڻ جي ڪاب ضرورت ڪانھي. وڙھي ٿا سگھون ھڪ سان ب ڪونہ، ءِ سڏون ٿا ڪريون سڀني کي ھڪ ئي وقت شڪست ڏيڻ جون. خود مائوزي تونگ ب جاپانين جي چين تي حملي وقت چيانگ ڪائي شيڪ سان اتحاد ڪيو ھو. صرف ان ڪري تہ جيئن پھريائين پرڏيھي پرمارن يعني جپانين کي شڪست ڏجي ءِ پوءِ ڏيھي انقلاب دشمن سان مقابلو ڪجي. سائين جي ايم تہ مٿين حڪمت عمليءَ تي عمل ڪري رھيو آھي. ھڪڙي پيري ھوچي منھ چيو ھو تہ ”سڀ کان اول قوم پرستيءَ ءِ وطن جي محبت جي جذبن کي اُپارڻ گھرجي ءِ ان کان پوءِ ھارين ءِ مزدورن جي پائيبيءَ وارو عالمي نعرو ھٽڻ کپي.“ توھان ڪھڙا انقلابي آھيو جو اسان کي مائوزي تونگ ءِ ھوچي منھ جون سوانح عمريون ءِ آتم ڪھاڻيون تہ پڙھايو ٿا، پر جيڪڏھن ڪو انھن جي راہ تي ھلي انقلاب آٽڻ جي ڪوشش ٿو ڪري تہ ان تي چوھ ٿا چنڊيو. ڪجھ پاڻ سنپاليو. فقط پاڻ کي درست نہ سمجھو. ٻين کي ءِ ٻين جي مقصدن کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪريو.

الھ بخش، لنڊن

خط

مرڪاس جي خط تي تفصيل سان بحث ڪري نهايت ئي ڏڌي ۽ محبت واري انداز ۾، مگر چٽائيءَ سان ثابت ڪرڻ گهرجي ته سيد صاحب عملي طرح سنڌ جي قومي انقلابي امنگن جي رستي ۾ رڪاوٽون وڌيون، پاڻ رڪاوٽ بنيو ۽ اڄ به وڌي رڪاوٽ اهو ئي آهي. خود پنجابي پناهگير کان به وڌيڪ... اها هڪ ڪڙي سچائي آهي ته جيستائين اهو چار نه ڏٺو آهي، قومي جمهوري انقلاب جا گهٽائي امڪاني ساڻي لفاظيءَ ۾ بي عملي يا بي مقصدي عمل جي دائري ۾ گانجوڙين وانگي ٽاپڙجندا رهندا. ڪم ڏکيو آهي پر ڪيترن انقلابي ترجمن ڪرڻ کان شاھ صاحب تي اصولي ۽ عملي روشني وجهڻ لاءِ لکيل علمي مضمون شايد گهٽن کي خيالي ڪاڪ محل مان نڪري قومي جمهوري انقلاب جي واٽ قبولڻ لاءِ تيار ڪري سگهندو.

هن صاحب پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا سيدن جي جماعت ٽاهڻ سان ڪئي هئي. سندس ساري زندگيءَ تي سيديت جي مهر رهي آهي ۽ شايد آخري ڏينهن تائين رهيس...

.... شاھ صاحب پهريون سنڌي ليڊر هو جنهن سنڌي هندن ۽ مسلمانن کي مذهب جي بنياد تي پاڻ ۾ وڙهايو. سنڌي عوام کي سندس اصلي دشمن وڏيري کان هٽائي هندوءَ تي ڇڪي ڇڏيو. منزل گاھ جي ڀاڪي ڪوس ڪرايا ۽ محب سنڌ الھ بخش مرحوم جي وزارت ڊاهرائي، هن صاحب ئي سنڌي هندن جي بائيڪاٽ ڪرڻ ۽ انهن جي دڪانن تان ڪاب شيءِ نه وڪڻ جون فتوائون ڪيرايون....

.... انقلابي لفظن جو بي دريغ استعمال ڪرڻ جي باوجود شاھ صاحب هميشه علي محمد راشدي ۽ ڪهڙي پارن کي رهبر بنايو. سنڌي قوم جي ناقابل معافي قاتل ۽ رهزن ماڻهن کي پنهنجو ساڻي بنائڻ لاءِ تيار رهيو آهي. ڇو ته هن وٽ مسڪين سنڌي عوام جي ڪاب اهميت ڪانهي. اڄ به هو وڏيرن ۽ غدارن، جيڪي سائس ذاتي دوستيءَ لاءِ تيار هجن، هڪ غريب فداڪار کان وڌيڪ عزت ڏئي پاڻ سان گڏ وهاري ڪارائيندو. اڄ به جيڪڏهن ڪهڙو ۽

راشدي وغيره وڏيرا هجن ۽ مرٽاس ۾ ساڳئي وقت پهچي تہ مرٽاس کي پاڻهوهسان پري بيهاري، کهڙي ۽ راشدي وغيره کي پنهنجي قربت جو شرف ڏيندو. چوتہ هو پاڻ ان طبقي ۽ ان ماحول جو حصو آهي، جنهن مان کهڙو ۽ راشدي آهن. هو هن مان ۽ هي انهن مان آهي. البت جڏهن تہ مرٽاس جهڙا ماڻهو هڪ اهڙي وٽ آهن جنهن کان سواءِ هو سڀ پنهنجي مقصدن تي پهچي نٿا سگهن، ان کري هن کي پاڻهوه وسيلي ساڻ کرڻ ضروري ٿا سمجهن ٿا.

انقلابي عمل لاءِ جماعت يا تنظيم بنيادي ۽ اوائلي ضرورت آهي. شاه صاحب پنهنجي سموري زندگي انقلابي طرز جي منظم پارٽي کي تاريو ۽ ان کان نٿايو. ان جي بدران پنهنجي شخصيت جي چوڌاري اهڙا ماڻهو گڏ کيا جيکي سندس هر ڳالهه کي آفاقي فکر سمجهي ان تي آمنا صدقنا چون. سوچ ويچار يا سوال جواب کرڻ يا راءِ ڏيڻ هن وٽ ۽ هن جي محفل ۾ حرام رهيو آهي....

ادارو

سنڌيت مٽان هڪ هٿي ۽ ٽيڪو ختم ڪرايو

سنڌي قوم جي چوٽڪاري ۽ واڌاري جي جدوجهد ۾ سوين هزارين ماڻهن پنهنجي پهچ، سمجهه ۽ وس آهر ڪم ڪيو آهي، سور سڻا آهن ۽ قربانيون ڏنيون آهن ۽ ڏين پيا. سنڌي قومي جدوجهد لکين سنڌين- سنڌي هارين، مزدورن، غريبن، اديبن، دانشورن، شاگردن ۽ محب وطن جي جدوجهد آهي. اها ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ جو سورهيائيءَ وارو ڪارنامو نه آهي. اها سموري سنڌي قوم جي گڏيل ڪوشش آهي. ايڏا پنڌ ڊگهو آهي، منزل ڏکي آهي. ايڏا گهٽو، گهٽو ڪجهه ڪرڻو آهي.

بدقسمتيءَ سان هڪڙي ننڍڙي ٽولي گذريل ڪجهه سالن کان قومي جدوجهد تي زوري چاپو هٽي، ان کي پنهنجي جڙ ذاتي ملڪيت بنائي وڌو آهي. ان لاءِ هو محترم جي- ايم- سيد جو نالو ڪتب آڻين ٿا. چي 'سنڌ جي قومي جدوجهد اڪيلي سر جي- ايم- سيد هلائي آهي! هو ئي ان جو اڪيلو وارث آهي! سنڌي عوام کي اهو ئي ڪرڻو آهي جيڪي هو چئي! جيڪو ان ۾ حجت ڪندو، سو چٻو ۽ غدار آهي، سرڪار جو پٽو آهي!' وغيره.

اڄ جي وڏي ۾ وڏي قومي ضرورت "قومي اتحاد" آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته هر ڳالهه ۾ هر وقت ڪنهن هڪڙي فرد، ٽولي يا طبقي بدران سموري سنڌي عوام جي زبردست گهٽائي جي نفعي نقصان جو خيال رکجي، جيڪا ڳالهه جيتري هجي اوتري ڪجي. اجايو وڌاءُ يا ڪوڙ ڪرڻ، قومي تاريخ ۾ جعلسازي ڪري ڪنهن هڪڙي فرد يا هڪڙي ٽولي جي قربانين جا فرضي داستان گهڙي ان کي قوم جو اڪيلو وارث ڪري پڌائڻ، قوم جي لکين عوام کي سجاڳ، متحد ۽ منظم ڪري ميدان ۾ آڻڻ بدران ۽ ڄڻ جي صلاح مصلحت سان قوم جي چوٽڪاري لاءِ صحيح راه ڳولي ڪڍڻ بدران، سکڻا وات جا ٽڪاءُ هٽي، پاڻ کي سورمو سڏائڻ، قومي ٻيڙيءَ کي ڪن ۾ ڦاسائڻ، وطن دوستيءَ تي هڪ هٿي ۽ ٽيڪو جمائڻ- اهي ڳالهيون اڄ قومي ٻڌيءَ لاءِ وڏي ۾ وڏيون رڪاوٽون ٿي پيون آهن.

سڄي قوم جڙ سنڌي قوميت کان خارج ۽ لادعويٰ ٿي پئي آهي. رڳو

ھڪڙو نندڙو ٽولو پاڻ کي ”سنڌ“ ۽ ”سنڌي“ سڏايو سگھي ٿو ۽ ٿيو ڪري. مصيبت اها ٿي پئي آھي ته قوم کي سخت نقصان رسائيندڙ ان روش بابت جيڪو ٻ پڙڪ ٻاھر ٿو ڪڍي، تنھن تي ھڪدم ”غدار“ جو ٽپو لڳايو ٿو وڃي. ان ڊپ کان اڪثر محب وطن ساھ سگھايو ويٺا آھن ۽ سچي گالھ ڪرڻ کان لھرائين ٿا. نتيجو اھو ٿو نڪري جو سنڌي قوم کي اھڙو نقصان پيو رسي، جنھن جي چٽي اسين سالن جا سال پري پوري کين پونداسين.

ھن وقت حالت اھا آھي ته ڪو ماڻھو جي- ايم- سيد ۽ سندس مريدن جي موڪل کان سواءِ رڳو سنڌ جو نالو ٽو ونيِ ته ان کان ٻ لکيت ۾ سبب ٽو گھريو وڃي ته ”تو ائين چو ڪيو؟“ چي ”اوھين محب وطن آھيو ته پوءِ سائين جي- ايم- سيد جي پٺيان چو نہ آھيو؟ صاف ظاھر آھي ته اوھين ان کي ”ڪٽڻ“ چاھيو ٿا ۽ ظاھر آھي ته سواءِ سرڪار جي پٺوئن جي ٻيو ڪوبہ سائين کي ’ڪٽي‘ نٿو سگھي! چئبو ته اوھين سرڪار جا پٺو آھيو!“

ھن قسم جي سوچ کي ائين چڏيو ويو ته سيائي شاھ صاحب جي مريدن جي پرمٽ ونڻ بنا ڪير پاڻ کي سنڌي ٻ سڏائي ڪونہ سگھندو. محب وطن سڏائڻ ته پري رھيو! ھيءَ اھا ئي سوچ آھي جيڪا سنڌ ۾ ڳوٺ جي وڏيري جي ھوندي آھي. چي ”راج ڏٽيءَ جي موڪل بنا ڪير ٻ ڳوٺ ۾ ٽيڑي ڪري نہ ھلي!“ ھي ساڳي ليگ واري سوچ آھي. ”ھڪڙو الله، ھڪڙو رسول، ھڪڙو پاڪستان، ھڪڙي ليگ ۽ ھڪڙو قائد اعظم! جيڪو ليگ ۽ قائد اعظم کان ڦريو سو الله رسول کان تاڙڪ ۽ پاڪستان جو دشمن!“ ساڳي نازي ۽ فاشي سوچ آھي. ھٽلر ۽ مسوليني جي پرمٽ بنا ڪير پاڻ کي جرمن يا اٽالين سڏائي!

سنڌي محب وطن جو فرض آھي ته ھو گارين، گلائن، خوارين ۽ ڏڇرپن جو خطرو سر تي کڻي ٻ، ھن مسئلي جي پوري چنڊچاڻ ۽ ڇڪاس ڪن ته جيئن سنڌي اتحاد ۽ واڌاري جو رستو جيڪو ھاڻ بند ٽيو پيو آھي سو وري کُلي پوي.

لکين سنڌي ماڻھو آزادي ۽ ڪليءَ دل سان قومي جدوجھد ۾ ھڪ جھڙو پرپور حصو ونڻ قوم کي اڳتي وڌائي سگھن.

ڪي ماڻھو چوندا ”صلاح ته چڱي! پر ’شينھن‘ جي وات ۾ اول مٽو ڪري وجھي؟“

چڱو، تڏھن شروعات پلا اسين ٿا ڪريون! پھرين اسان جي سوچ حاضر آھي. سنڌ جا سجاڳ ۽ سوچيندڙ ماڻھو ٽڏي سيني ۽ ڏيان سان ان تي ويچار ڪن ۽ پنھنجا خيال سنڌي عوام اڳيان پيش ڪن.

اسان جي نظر ۾ شاھ صاحب سنڌ جو اڪيلو وارث ڪونھي. ان اڪيلي سر قومي جدوجھد کان ھلائي آھي. ھن قوم کي ٽورڙو شروعاتي نفعو پھچايو آھي ۽ وچ وچ ۾ سخت نقصان بہ رسائيندو رھيو آھي. سائين ھيٺين ۽ ٻين ڪيترن سڀن جي ڪري سنڌ جو اڪيلو وارث ۽ اڳواڻ ٿي نٿو سگھي:

(1) سنڌ جي اڳواڻي گڏيل ھئڻ گھرجي ۽ نہ ڪنھن ھڪڙي فرد جي ھڪ ھٿي. (2) سنڌ جي اڳواڻي سنڌي ھارين، مزدورن ۽ غريبن جي ھٿ ۾ ھئڻ گھرجي ۽ نہ جيئن ايم۔ سيد جھڙن وڏن زميندار ۽ سجاده نشين جي ھٿ ۾. (3) ھن جي سوچ مدي خارج آھي. (4) ڪيس قومي جدوجھد ھلائڻ جي صحيح واٽ جي ڪابہ خبر ڪانھي. (5) ان واٽ تي ھلڻ لاءِ قومي ڪارڪن کي جيڪي ٽيڪ ڪپي سو سائين ٿي ئي نٿو سگھي. (6) ھن کي جدوجھد مان جيڪا سياسي قوت ھٿ ٿي اچي سا پچاڙيءَ ۾ وڏيرن جي حوالي ڪريو برباد ڪريو ڇڏي. (7) جي۔ ايم۔ سيد جي ٽولي طرفان سرڪار جي جيڪا سطحي ۽ نمائشي مخالفت پيئي ٿئي ۽ سنڌ پاران مصنوعي جنگ پيئي ھلي، تنھن سنڌي عوام کي خوشفھميءَ ۾ وجھي ڇڏيو آھي تہ "اسان پاران جيڪي ٽيڪ گھرجي سو ٿئي پيو. وڌيڪ ٿي نٿو سگھي." ھن جي خيال ۾ قومي جدوجھد ٽيندي ئي اھڙي ۽ ايتري آھي! انھي ڪوڙي آسري تي لڳي ۽ گمراھ ٿي، اڪثر ماڻھو پھنجي ڪنڌ ونيو وينا آھن ۽ سنڌ جي عظيم عوامي اتحاد ۾ گڏيل قومي جدوجھد لاءِ پوري ڪوشش ۽ جاکوڙ جي ضرورت ٿنا محسوس ڪن. (8) سائين ٽريءَ تي بھشت حاصل ڪرڻ جي وڏيرڪي واٽ ورتي آھي. پر سنڌ جو قومي مسئلو تمام ڏکيو، پيچيدو ۽ اونھو آھي. ان حل لاءِ تمام ڊگھي ورن وڪڙن واري جدوجھد ھلائڻي ضروري آھي. ان ۾ ھرھڪ سنڌي محب وطن کي ھٿ وندائڻو پوندو. خاص ڪري لکھا پورھيتن کي دل جان سان شريڪ ڪرڻو ۽ اڳ ۾ آڻڻو پوندو. رڳو سفيد پوش لڏي کان ھي ڳالھ ڪري آھي. وڌيڪ تفصيلن ۾ وڃڻ مناسب ناھي. (9) ٻئي طرف رڃابندي، ھمٿ، محڪم ارادي، اورچائيءَ، فھم، لچڪ، قرباني، ڏاھپ ۽ ضابطي سان رڃيل نموني اڳتي وڌياسين تہ پنھنجي جائز مقصدن حاصل ڪرڻ جا بھترين امڪان موجود آھن. سائينءَ ۽ سندس مريدن ۾ اھي گھربل لياقتون ناھن. (10) جي۔ ايم۔ سيد ۽ سندس مريدن پنھنجي غير ذميوار ۽ ٻاراٽين حرڪتن سان قومي جدوجھد جي واڳاري ۾ سخت رڪاوٽ وجھي عملي طرح دشمن لاءِ ميدان سازگار ڪيو آھي ۽ سنڌين جون راھون بند ڪيون آھن. (11) قومي ڪم صلاح مصلحت سان ٽيڪ گھرجي. جي۔ ايم۔ سيد آپي شينھن ۽ غير ذميوار آھي. سندس ذھنيت غير جمھوري ۽ وڏيرڪي آھي. ھو نھايت نازڪ مسئلن ۾ بنا سوچ ويچار جي دب ڏيو ڇڏي. منجھس ايتري

سمجھ، ڏاھپ ۽ پختائي کانھي جو وقت سر موٽ کائي خطرناڪ غلطيون درست ڪري سگھي. نتيجو اھو ٿو نڪري جو سنڌس ڪري قومي جدوجھد ھينئر وانگر سالن جا سال ڪڏ ۾ ڦاٿي پيئي ھوندي آھي.(12) سنڌ جي موجوده حالت اڻ تر ناھي. اسان وٽ ڪيترا وسيلا ۽ موقعا ھٿ ۽ آھن. اسان اڳوڻين جدوجھدن ۾ ڪئين مورچا ھٽ ڪري ڇڏيا ھٿا. انھن وسيلن، موقعن ۽ مورچن کي ھمت، مڙسيءَ ۽ ڏاھپ سان ڪم آڻجي ھا تہ اسين اڄ تمام اڳتي وڌيل ھجون ھا. جي- ايم- سيد جي متحده وڏيرڪي محاذ ۽ ٻين اھڙن شوشن ڪري اڳتي تہ نہ وڌي سگھياسين، مورڳو ڪتيل مورچا ھارائي ويٺاسين. ھاڻ ڳچيل سال لوڙھو ۽ پتوڙو پوندو، تڏھن مس وڃي اڳوڻي قومي پڌي ۽ طاقت گڏ ڪري سگھنداسين. (13) شاھ صاحب پنھنجي سنگين سياسي غلط ڪارين ۽ ناڪامين کي سنڌ لاءِ قرباني ڪٽائي ٿو. ٽلھيون ۽ اجايون وات جون لستون وٽي دشمن کي نظربنديءَ لاءِ ٻھانا ڏيئي، پاڻ کي سنڌ پاران صدقو ٿيل مظلوم ڄاڻائي ٿو ان فرضي قرباني‌ءَ ۾ مظلوميت کي ھو سنڌي محب وطن عوام خلاف سياسي ھٿيار طور استعمال ڪري ٿو ۽ ڪين اخلاقي طرح مجبور ٿو ڪري تہ ھو سنڌس ھر غلط ڳالھ آڏو سر جھڪائي، غلط وات وٽن ۽ قومي طرح تباھ ٿين. اھا روش بي واجبي، غلط ۽ وطن دوستيءَ جي قانون خلاف آھي.

قومي اتحاد لاءِ ضروري آھي تہ اڪيون پوري ڪنھن ھڪ فرد يا ٽولي پويان ڊوڙڻ بدران سڄي قوم ۽ عوام جا سڄاڳ محب وطن گڏجي راھ ڪڍن ۽ اڳتي وڌن. ان گھربل صلاح مصلحت ۽ جدوجھد ۾ ٻين سمورن وطن دوست سنڌي فردن ۽ ٽولن سان گڏ شاھ صاحب ۽ سنڌس ٽولي جو ب پرپور ۽ شانائتو حصو ھجڻ گھرجي. پر جدوجھد جي اڳواڻيءَ تي ڪنھن ھڪ فرد يا ٽولي جي نہ ھئڻ گھرجي. نہ تہ جدوجھد اڳي وانگر وري ب تباھ ٿي ويندي.

خط جو جواب

مرٽاس، الھ بخش ۽ غفار قاضيءَ جا خط پڙھيم. اسين پاڻ کي سمجھون ۽ سڏايون ٿا قوم پرست ٽام پر اسان جي سوچ اھائي وڏيرا پرست ۽ پير پرست آھي.

ھن جمھوريت جي دور ۾ جتي سڄي دنيا وھمن، تعصبن ۽ جاھلاڻ عقيدن خلاف سجاڳ ٿي رھي آھي. اُتي اسان وٽ پنھنجي ليڊر صاحبن جي سياست جي چندچاڻ ڪرڻ جي منع آھي. رڳو واھ واھ ڪرڻ ۽ سجدا ڪرڻ جي اجازت آھي. ايڏا وڏيرڪي سياست کي سگ ٿيندا آھن ڇا؟

مائوزي تونگ تي تنقيد ٿئي پئي، نڪسن کي وکوڙيو ويٺا آھن. برزنيف تي ويل ھريو پيو آھي. اندراگانڌي تي وٽ وڻان لڳي پئي آھي. پر ھتي اسان وٽ اھو پراڻو وڏيرکو فرمان ٿا، ”سائين جي سياست بابت سوچڻ ويچارڻ جي اجازت نہ آھي!“

غفار قاضي ۽ الھ بخش حق جون ڳالھيون ڪيون آھن، پر ڳالھ جي ڳاڻي کي نہ ورتو اٿن. سائين جي ڪن معتقدن سائين بابت ڪيتريون ڏند ڪٿائون ۽ ڪرامتون مشھور ڪري ڇڏيون آھن.

انھن ڏند ڪٿائن جي آڙ ونڊي ھن سنڌين کي عجيب ذھني مصيبت ۾ وجھي ڇڏيو آھي. سنڌي عوام اڪثين ويٺا ڏسن ٿا سندس ٽولي صحيح سوچ، صحيح واٽ ۽ صحيح عمل بدران اوجھڙ ۾ پئي ھٽوراڙيون ڏي. پر ھمراھن جي ھڪلو ھڪل لڳي پئي آھي ٿا ”جيڪو اسان وانگر اوجھڙ ۾ نہ پوندو سو سنڌ جو دشمن ۽ غدار آھي.“ ھاڻي ماڻھو ويچارا وجن ڪيڏانھن؟ نتيجو اھو نڪتو آھي جو ھن نندڙي ٽوليءَ جي عجيب و غريب حرڪتن سنڌ کي محب وطن ڪارڪنن ۽ عوام کي توائي ۽ وائڙو ڪري ڇڏيو آھي ۽ ھو ڪنھن بہ مورچي تي گڏ ٿي سنڌ دشمن جو مقابلو ٿا ڪري سگھن. اڄ سنڌ سخت مشڪلات ۾ آھي. قومي ٻڌيءَ جي سخت ضرورت آھي پر ھي ھمراہ چون ٿا، ”پھرين سيس نوايو، اسان وانگر بنڊ تي پاجاري ٻڌي ھوا ۾ لٽڪو، پوءِ ٻڌيءَ جي ڳالھ ڪريو.“ دوستن کي چندچاڻ ڪرڻ ڪيندي ھئي ٿا ھن جون دعوائون ڪيتري قدر صحيح آھن جو ھي يار قوم کان مطالبو ٿا ڪن ٿا، ’پھريائين فقط اسان کي ئي سنڌ جو اڪيلو وارث ۽ مالڪ سمجھي اڪيون

پوري اسان جي پير اڳيان سيس جھڪائي اسان جي پويان لڳو. تنھن ڪانپوءِ سنڌي محب وطن سڏايو، نہ تہ غدار ۽ سرڪار جا چاڙتا آھيو.“

ھن ھيڻيان افسانا مشھور ڪري ڇڏيا آھن: 1_ سائين معنيٰ سنڌ_ سنڌ معنيٰ سائين. جيڪو سائينءَ جو مخالف آھي سو سنڌ جو مخالف آھي. 2_ سائين سچي عمر سنڌ لاءِ لڙيو آھي. 3_ سائين سچي عمر سنڌ لاءِ قربانيون ڏنيون آھن. سائين کان وڌڪ بي ڪنھن بہ سنڌ لاءِ قرباني ڪانہ ڏني آھي. 4_ سائين امام آھي، دانائيءَ جو سمنڊ آھي، قومي سياست جو اٿاہ ساگر آھي، قوم رڳو سائين جي پٺ وٽي تہ سائين سنڌ کي آسمان تي پڄائي ڇڏيندو.

ڇا اھي دعوائون صحيح آھن؟ يا گھٽي پاڳي صحيح آھن؟ نہ! قصو مورڳو ابتڙ آھي.

”سائين معنيٰ سنڌ - سنڌ معنيٰ سائين!“

”جيڪو سائينءَ جو مخالف آھي سو سنڌ جو دشمن آھي.“

اھا دعويٰ غلط آھي. سنڌ معنيٰ سنڌي ماڻھو. سنڌي ماڻھن جي وڏي گھٽائي غريب ھاري، پورھيت ۽ ٻيا مسڪين ماڻھو آھن. سائين انھن 95 سيڪڙو ماڻھن کي ڪڏھن پڇيو بہ ڪونھي، اھي 95 سيڪڙو سنڌي موت جي منھن ۾ آھن. ھن سان وڏيرڪي ۽ پرماري نظام ڪاري قيام ڪري ڇڏي آھي. سائين 95 سيڪڙو سنڌين بدران 5 سيڪڙو وڏيرن ۽ سندن سياسي ڪمدارن، ڪامورن جي سياسي فائدن جي ڳالھ ڪندو رھيو آھي. حقيقت ۾ سائين سنڌين جي وڏي گھٽائيءَ جي ڳالھ ڪري سگھي ئي نٿو. وڌ ۾ وڌ زباني جمع خرچ ڪري سگھي ٿو. ڇو تہ سائين خود وڏو زميندار ۽ درگاہ نشين پير آھي ۽ ڪڏھن پلجي بہ پنھنجي طبقي جي سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي مقابلي ۾ سنڌي قوم کي ترجيح نہ ڏني اٿس. ڇي ”سنڌي اٿي کڑا ٿيو! سنڌ آزاد ڪرايو!“

”سنڌ آزاد ڇو ڪريون؟ ڪيئن ڪريون؟ ڪنھن لاءِ ڪريون؟“ ڇي ”اھا ڳالھ مون تي ڇڏي ڏيو. آءٌ پاڻيھي پوءِ فيصلو ڪندس!“ اھي وڏيرڪا فيصلا سنڌ جي ماڻھن اڳيئي ڏسي ڇڏيا آھن! ھن کان اڳ بہ وڏيرن ڏھ دفع سنڌ ”آزاد“ ڪرائي آھي. ھر دفعي رڳو وڏيرا آزاد ٿيا آھن. سنڌي قوم اڳي کان پاڻ وڏيڪ غلام ٿي آھي. پھرين چيائون تہ ”سنڌ کي ٻڌيئي کان آزاد ٿا ڪرايون پوءِ اوھين سنڌي مزا ماڻيندا.“

اھا ”آزادي“ بہ ملي، پر بادشاھي ملي وڏيرن کي، سنڌين کي اھي ئي بکون ۽ ڏک. وري ساڳيو سائين يو_ پيءَ جا وڏيراہ جاگيردار ونيِ آيو ۽ سنڌين کي چيائين: ”ليگي ٿيو تہ پاڪستان ناھي سنڌ کي ھندو ڪافرن ۽

انگريزن کان آزاد ڪرايون!" اھا ب "آزادي" ڏني سون. ان ۾ ب وڏيرن عيش ڪيا. سنڌي عوام اڳ کان پاڻ وڏڪ غلام ٿيا. وري چيائون، "ون يونٽ کان سنڌ آزاد ٿا ڪرايون!" اھا "آزادي" ب ملي. وڏيرا ملڪ جا والي ٿي. سنڌي عوام اھڙي جا اھڙا. پاڻ وڏيڪ ويل ۾. ھاڻ وري نئين "آزادي" جو سبز باغ ڏيکارڻ لڳا آھن. پر ھاڻ سنڌي عوام کي آزادي اُھا کپي جا سنڌي عوام لاءِ ھجي، رڳي وڏيرن لاءِ نہ ھجي. اھا تڏھن ملندي جڏھن جدوجھد جي واڳ ءِ سندس ساٿاري وڏيرن جي ھٿ ۾ نہ، پر سنڌي عوام جي ھٿ ۾ ھوندي ءِ سندس چگي مڻي جو فيصلو ھو پاڻ ڪن، وڏيرڪن بند ڪمرن ۾ اوطاقن ۾ نہ ٿين. ھاڻ سنڌي عوام ھر ڳالھ ناھي ٿوڪي ڪرڻ گھري ٿو. ھو پاڻ سنڌ آھي. ڪنھن ب ھڪڙي زميندار، سيد يا مرشد کي سنڌ ڪري ميڙ لاءِ تيار نہ آھي. ڪوب اڪيلو فرد سنڌ نٿو ٿي سگھي. سنڌ لکھا سنڌي عوام آھي. سنڌ سڄي قوم آھي نہ ڪو ھڪڙو زميندار، پير يا سيد.

"جيڪو سائين جو مخالف آھي سو سنڌ جو دشمن آھي؟"

اھا دعويٰ ته ٺھائين وڏيڪ غلط بي بنياد بلڪ نقصانڪار ءِ واھيات آھي. سنڌ جا لکين ماڻھو سائينءَ جي سياسي واٽ کي صحيح نٿا سمجھن. لکين ماڻھن گذريل چوندن پيري سائين بدران سائين جي سياسي مخالفت پٽي کي پسند ڪيو ءِ کيس ووٽ ڏنا ءِ سائين کي يا سندس حامين کي ووٽ نہ ڏنا. سوين ھزارين شاگردن، ادبين ءِ ھارين گذريل سالن ۾، سنڌ جي قومي تحريڪ جي مختلف جدوجھد ۾، قسمين قسمين ڪوششون، پورھيا ءِ محنتون ڪيون آھن ءِ ڏک ڏاکڙا ڏنا آھن ءِ قربانيون ڪيون آھن. انھن جي وڏي اڪثريت سائين جي واٽ کي صحيح نٿي سمجھي. اڄ اھي سائين سان گڏ ناھن. پيا ته ڪھيو خود حيدر بخش جتوئي جھڙو ماڻھو ب سائين جي سياسي واٽ جو سخت مخالف رھيو ءِ سائين جي ڪم جي طريقن کي وڏيرڪا ڪم جا طريقا سڏيندو رھيو. شيخ اياز جيڪو سائين سان ذاتي عقيدت رکندڙ آھي. سو ب ھن وقت سائين جي سياسي واٽ جي تائيد نٿو ڪري ءِ سائين کان الگ وينو آھي. ڇا سنڌ جا اھي سوين ھزارين ھاري، مزدور، اديب، شاعر ءِ قومي ڪارڪن ءِ سنڌ جا لکين عوام سنڌ دشمن آھن ءِ فقط سائين ءِ سندس چند معتقد محب وطن ءِ سچا سنڌي آھن؟ نہ، ھرگز نہ! انھيءَ قسم جي ڳالھ سوچڻ ب حماقت آھي.

"سائين سڀائين سنڌ لاءِ لڙندو رھيو آھي."

اھا ڳالھ ب سراسر غلط آھي. سائين جي سوانح عمري لکي وئي آھي. اھا سندن ھڪڙي فدائي لکي آھي ءِ سندس فرزند جناب امداد محمد شاھ 1968ع ۾ ڇپائي آھي. نالو اٿس "سنڌ جو سيد، سندن سوانح حيات ءِ پيغام" ان مان

سائين جي مصروفيتن جو هيٺيون تت ملي ٿو:

سائين 1904ع ۾ جائو (ص26). 1921ع کان کاڏيءَ جا ڪپڙا پائڻ شروع ڪيائين (ص26). 1922ع ۾ سنڌ جي سيدن ۽ پيرن جي فيدريشن ٺاهڻ جي تجويز تيار ڪيائين (ص32). 1925ع ۾ ڪراچي ضلعي جي وڏيرن جي ايسوسيئيشن ٺاهيائين. پاڻ ان جو جوائنٽ سيڪريٽري ٿيو (ص33). 1928ع کان 8 سال هڪڙي وڏيرن کي قرض ڏيندڙ بئنڪ جو ڊائريڪٽر ٿي رهيو. 1931ع لکان پي زميندارين بئنڪ جو ڊائريڪٽر ٿي رهيو. 1925ع کان تعلقي، ضلعي لوڪبوردن جو ميمبر ۽ پريزيڊنٽ وغيره ٽيڻ شروع ٿيو. ٽئي جي زميندارن ۽ سيٺين جي وچ ۾ ويڑهه ۾ زميندارن پاران وڙهيو. (42). ضلعي لوڪبورڊ ۾ گزدر ۽ ٽهلراماڻي کي انجنيئر ۽ چيف آفسير ڪري رکيائين. انهي تان بمبئي تائين سالن جا سال ويڑهه هلايائين (ص 43_44). ان کانپوءِ محمد پريل ڪلهوڙي سان وڏيرڪي ويڑهه هلايائين (45). 1933ع ۾ سر شاهنواز پٽي جي پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيو (ص46). 1935ع ۾ وري پي وڏيرڪي ٽولي سر غلام حسين جي پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيو (ص 46). 1936ع ۾ سر غلام حسين، سر شاهنواز پٽي ۽ حاجي عبدالله هارون جي گڏل ٽولي يعني "اتحاد پارٽي" ۾ شامل ٿيو (ص46). ميران محمد شاه جي وائيس پريزيڊنٽيءَ تان جهيڙو ڪيائين. 1937ع ۾ وري وڃي ڪانگريس جي ڪنڊياري ۽ چڪ ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيو. (ص 47). وري سر غلام حسين جي وزارت سان ٺاهه ڪيائين. پي سال وري ڪانگريس سان گڏجي سر غلام حسين وزارت جي مخالفت ڪيائين. اها ڏني ۽ الهه بخش وزارت ٺهي. پر ترت الهه بخش جو مخالف بنجي وڃي مسلم ليگ سان مليو ۽ وري وڃي سر غلام حسين جو پوئلڳ ٿيو. وري سر غلام حسين جي پٺ چڏي ڪهڙي جي پٺ ورتائين. سنڌ ۾ ليگ کي مشهور ڪرائڻ جو ڪم پاڻ تي کنيائين. مسجد منزل گاهه جا فساد ڪرايا ويا. سائين کي فسادن ڪرائڻ جي ڏوهه ۾ ٻه مهينا جيل ۾ رکيو ويو. آخر فسادن جي مدد سان الهه بخش وزارت ڌاهي، مير بنده علي جي وزارت قائم ٿي ۽ سائين وزير ٿي. 1939ع ۾ وري وڃي الهه بخش سان ٺهيو. پر 1942ع ۾ جڏهن سڄي هندستان ۾ "هندستان خالي ڪريو" تحريڪ پي هلي ۽ چوطرف لکين آزادي پسند ۽ سامراج دشمن ماڻهو جيلن ۾ پي ويا ۽ قاسين تي پي چڙهيا، تڏهن سائين سنڌ ليگ جو صدر ٿيو (ص 48_50) 1943ع ۾ جڏهن ڪانگريسي جيلن ۾ هئا، قوم پرست مسلمان ميمبر الهه بخش وغيره اسيمبلي ۾ نه آيا، تڏهن وجه ونئي اسيمبلي ۾ پاڪستان جو ٺهراءَ پيش ڪرايائين. اهو پاس ٿيو. ساڳئي سال قائد اعظم جو ڪراچي اجلاس ۾ استقبال ڪرايائين. سندس شان ۾ خطبو پڙهيائين (ص 51) ۽ سائس گڏجي وڏي شان شوڪت سان ڪراچيءَ جو گشت ڪيائين.

ان کان اڳ 1942ع ۾ خانبهادر الھ بخش شهيد ٽيو. پاڻس، سندس جاءِ تي اميدوار بيٺو. سائين ٽي مهينا شڪارپور ۾ رهي، الھ بخش مرحوم جي پاءَ کي دسارايو ۽ ليگي وڏيرو چوندرايو. اهو مري ويو. ان سيٽ ۽ ٽنڊي محمد خان جي سيٽن جي ٽڪيٽن تان ليگ سان وڙهي پيو هو چون "اسان جي ٽولي جا وڏيرا ڪپن." سائين چوي تہ "منهنجي ٽولي جا وڏيرا ميمبر ٽين." آخر نيون چونڊيون ٽين. سائين وارن وڏيرن کي ليگي ٽڪيٽ ڪانہ ملي. سائين تنهن ڪري ليگ ڇڏي پنهنجي الگ ٽولي ٺاهي. ان جو نالو رکيائين "مسلم جماعت." ان هوندي بہ سائين پاڪستان جو ساڳيو فدائي رهيو ۽ ڪئبينيٽ مشن اڳيان آزاد پاڪستان جي گهر ڪيائين. (ص51_53).

پاڪستان ٺهيو تہ سائين لياقت علي‌ءَ کي لکي موڪليو تہ "پاڪستان جي پلي ۾، حڪومت جي مدد ڪرڻ لاءِ، سواءِ ڪنهن عهدي ونڻ جي تيار آهيون." پر لياقت علي جواب ڪونہ ڏنو (ص53).

سائين جي سوانح نگار لکي ٿو "سيد صاحب جي قائد اعظم سان اختلاف کي خود غرض آدمي ڪهڙو بہ رنگ ڏين پر اصل ۾ اهو ٻن اهم ترين مسلمان ليڈرن جي ذاتي عزت ۽ وقار جي ٽڪر جو مسئلو هو." (ص53_54).

1955ع ۾ خان غفار وارن هڪڙي وڏيرڪي جماعت ٺاهي. نالو رکيائونس "ائنٽي ون يونٽ فرنٽ." سائين ان ۾ شريڪ ٿيو. ون يونٽ خلاف مغربي پاڪستان اسيمبلي ۾ ٺهراءُ پاس ٿيو. سائين ان ٺهراءَ پاس ڪرائڻ ۾ بهرو ورتو. 1966ع ۾ سائين سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪيو ۽ "بزم صوفياءِ سنڌ" قائم ڪيائين.

گذريل چوندن کان اڳ سنڌي قومي ڪارڪن جي سخت مخالفت هوندي بہ کهڙي ۽ ٻين وڏيرن جو ٽولو گڏ ڪرائي، انهن کي "متحده محاذ" جو نالو ڏنائين. بلوچستان پ پ جي هاڻوڪي صدر رئيسائي سان گڏجي پيو محاذ ٺاهيائين. تازو وري "سنڌو دريش" بابت ڪجه مضمون ۽ ڪجه تقريرون ڪيون اٿس.

اها آهي سنڌ لاءِ لڙائي، جنهن جون وڏيون رڙيون ۽ ڪوڪريا آهن. حقيقت ۾ سنڌ ۾ صحيح سڃاڻي هارين، ادبين ۽ شاگردن جي تحريڪن آندي. پچاڙي وارو اُپار تازو سنڌي شاگردن جي تحريڪ آندو. انهن ۾ سائين ڪوبہ حصو ڪونہ ورتو. 4 مارچ واري تحريڪ کي سنگل ڪونہ ڏنائين، رڳو ان جي حمايت ۾ بيان بہ ڪونہ ڏنائين. لسٽن واري تحريڪ جي تہ مورڳو مخالفت ڪيائين. 'سنڌ جي زمين جي نيلام بند ڪرائڻ وراي تحريڪ' جي حمايت ۾ اڪر چوڻ جي ضرورت ڪانہ سمجهيائين. پوليءَ جي فسادن ۾ مڻا پيا، سنڌين جو بچاءُ ٻين ڪيو، همتون ۽ مڙسيون ٻين ڪيون، سائين رڳو پچاڙيءَ جو وئي وهاڻيءَ معل هڪ عدد تقريري دورو ڪيو ۽ پناهگيرن جي بم ۽ هلال پاڪستان زبردست پبلسٽيءَ جي مهرباني‌ءَ سان مفت ۾ شهرت حاصل ڪيائين.

سنڌ کي بمبئيءَ جي سيٽين جي غلاميءَ جي ڳٽ کان آزاد ڪرڻ جي تحريڪ، ون يونٽ ٽوڙڻ جي تحريڪ جهڙي اهم تحريڪ هئي. ان تحريڪ ۾ سائين ڪويڙ حصو ونڻ مناسب نه سمجهيو. نه رڳو ايترو پر ان تحريڪ جي هيري شيخ عبدالمجيد سنڌي جو جڏهن سر شاهنواز پٽي سان مقابلو ٿيو، تڏهن سائين سنڌ جي ان وقت جي هيري ۽ محب وطن، مست ملنگ شيخ عبدالمجيد سنڌي جي ساٿ سان نه هو پر سندس مخالف سر شاهنواز پٽي جي پوئلڳيءَ ۾ هو. سنڌ جي ماڻهن جي زبردست شه سبب شيخ ڪٽيو. (ص 46_47).

جنهن تحريڪ کي اڄ اسين 'جيئي سنڌ' جي تحريڪ چئون ٿا. اها سچي جي سچي نه سائين جي شروع ڪيل آهي، نه سائين جي هلايل آهي ۽ نه سائين ان جو اڪيلو اڳواڻ ۽ وارث سڏجڻ جو حقدار آهي. اها تحريڪ حقيقت ۾ سنڌ جي بمبئي کان جدا ٿيڻ کان ٻه اڳ، بلڪل سائين جي سياست ۾ اچڻ کان ٻه اڳ ۾ شروع ٿي. ان کان پوءِ سوين سنڌي اديبن، هارين ۽ شاگردن سنڌ جي جيايي لاءِ سالن جا سال ڪٺ ڪاٽيا ۽ جاکوڙ ڪيا آهن. ان جدوجهد ۾ ڪيترا سنڌي مرد ۽ عورتون سالن جا سال جيل ۾ رهيا آهن. انهن ڪيترن ئي قسمن جا جاني، مالي ۽ ذهني عذاب سٺا آهن. هيمون، مائي بختاور، عبدالرزاق سومرو، بلو پنهور ۽ ٻيا ڪيترائي شهيد ٿيا.

اهي سڀ سائين جا ماڻهو ڪونه هئا. نه ڪي سائين جي اڳواڻي ۽ حڪم تي اهي تڪليفون سٺائون ۽ قربانيون ڏنائون. انهن سمورين جدوجهدن، مڙسين ۽ قربانين جو ڪاتو قيرائي سائين جي نالي ڪرڻ ۽ سائين کي سنڌي محب وطنيءَ جو اڪيلو ڪاتيدار ٺهرائڻ ۽ ائين چوڻ ته "اها لڙائي سائين پئي ڪئي." سا سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ بدترين قسم جي جعلسازي ٿيندي. رڳو 'جيئي سنڌ' جي اکر کي ونبو ته اهو اکر ٻه سائين جو ايجاد ڪيل ڪونهي.

اڃ لمبي ۽ گهٽن ڏاڪن واري لکن ماڻهن جي جدوجهد کي کنهن هڪ ماڻهو يا کنهن هڪڙي ٽولي‌ءَ جو ڪارنامو سڏڻ ايمانداري نه آهي. انهن هارين، اديبن، شاگردن ۽ ٻين محب وطن جي تحريڪ ۾ هزارين ماڻهو اهڙا هئا، جن جو نه رڳو سائين سان واسطو ڪونه هو پر گهٽا سندن نظرين ۽ سياسي وات جا سخت مخالف هئا. جهڙوڪ: مرحوم حيدربخش جتوئي وغيره.

جڏهن 4 مارچ جي تحريڪ ڪانپوءِ سنڌي هاري، اديب ۽ شاگرد وڏي جدوجهد کان پوءِ 1969ع ۾ پاڻ ۾ ٻڌي ڪري 4 مارچ جي ٻي ورسي ملهائڻ لاءِ حيدرآباد ۾ ڪٺا ٿيا ۽ ان ٻڌي جي علامت طور سائين کي هڪ پيرسن ۽ بزرگ 'سنڌي چگو مڙس' سمجهي، ان زبردست ۽ شاندار اجتماع کي خطاب ڪرڻ لاءِ گهرايائون. تڏهن اتي اچڻ بجاءِ سائين پناهگيرن (محمود الحق عثماني ۽ ٻين) سان گڏجڻ لاءِ وڃي ڪراچي کان نڪتو ۽ ساڻن گڏ ڪاغذي ٽولا ٺاهڻ ۾ جنبي ويو. جيڪا قومي طاقت ۽ ٻڌي سنڌ جي هارين ۽ شاگردن وڏي

جدوجھد کان پوءِ مس مس گڏ ڪئي ۽ سائين کي تجربيڪار ۽ هڏڙوڪي اڳواڻ سمجھي سندس حوالي ڪئي، تنھن اتحاد ۽ قوت کي سائين ڇھن مھينن ۾ ٽوڙي ’چوڏو چوڏو ڪنھن نہ اوڏو‘ ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ وري وڃي پنھنجن پراڻن وڏيرن ساڻين کھڙي، راشدي، نواب زاھد علي خان ۽ ٻين وڏن گرگن پيڙو ٿيو. چوندا آھن ’ڪٽر پنھنجو ته ھاري پر پرائو به ھاري!‘ سائين يا عمر سنڌي ٻڌي ۽ طاقت گڏ ڪرڻ لاءِ پنھنجو ٻوٽو ته ڪونہ ٻاريو پر جيڪا ميڙي پونڇي ٻين گڏ ڪئي، تنھن کي به جڙ منڊن ۾ دفڻ ڪري ڇڏيائين.

حقيقت ۾ سائين پاڪستان ٺھڻ کان پوءِ سنڌين کي ھڪڙي مصنوعي جنگ ۾ مصروف رکيو آھي. چي ”اوھين خيال نہ ڪريو! آءٌ اوھان ياران لڙان پيو.“ سنڌين ويچارن کي ڪھڙي خبر ته قومي جدوجھد ڪھڙي بلا ٿيندي آھي؟ ھن پانيو تہ ’ھھڙو وڏو ماڻھو ھيئن اڪيون ڳاڙھيون ڪري اسان جي ياران ھڙيون گجگوڙيون پيو ڪري. سو قومي جنگ شروع ٿيندي ئي اھا آھي ته بيان ڏجن، ڪاميٽيون ناھجن.“ انھيءِ آسري تي گھٽا ماڻھو رلھي مٽا ڪريو ستا پيا ھئا. وچان پرمار پنھنجي ڪم کي لڳا پيا ھئا، انھن ته سچو پچو ڪم پئي ڪيو. تن ھٿي لاھ ڪيي ڇڏيا.

سائين واري مصنوعي ويڑھ سڀائين پرمارن کي سڌ جو سياسي ميدان خالي ڪري ڏنو آھي. حقيقت ۾ پٽي صاحب کي به سچي سڌ جو ملڪ مٿائي ڪري سائين ڏنو. ھن سنڌين جي قومي جدوجھد جي ڳچيءَ تي وڏيرن جي لوڌ چاڑھي، سالن جي محنت سان قائم ڪيل قومي ٻڌي ٽوڙي، ماڻھو پڃائي ڇڏيا ۽ پٽي صاحب ملڪ ميدان ڏسي اچي قبضو ڪيو. 4 مارچ 1969ع ۾ جيڪي لکين سنڌي ھاري، شاگرد ۽ محب وطن حيدرآباد ۾ گڏ ٿيا، تن وٽ سائين نہ آيو. پٽو اچي ھڪ ئي تڪئي تي حاضر ٿيو. لکين سنڌين جو جلوس ملي ويس.

سائين پنھنجي وڏيرڪي سياست تي جيڪو قومي سياست جو ليبل ھنيو آھي ۽ پاڻ کي واحد قوم پرست ٿو سڏائي، سو ڪيترا نوجوان پائين ٿا ته قومي سياست ۽ قوم پرستيءَ جو شايد مطلب ئي اھو آھي تہ ”وڏيرن جو ڪمدار ٿي رھڻو پوندو.“ ان ڪري جيڪو وڏيرا شاھي مان بيزار ٿو ٿئي سو ٽڪاءُ ويجو پرمار ڪوڙن ترقي پسندن جي پيرن ۾ ڪري. حقيقت ۾ سائين اڻ سڌي طرح جڙ ته پناھگير ترقي پسندن لاءِ پرتي ڪندڙ عملدار آھي، جيڪو سنڌين کي قوم جي سياست کان پڃايو اوڏانھن موڪلي.

ھوئن به سائين پناھگيرن کان ڪھڙي ڳالھ ۾ ٻاھر ويو آھي؟ محمودالحق عثماني سائين جو دوست، جماعت اسلامي وارو عبدالڪريم عابد سائين جو يار غار ۽ قومي جلسن جو شريڪ. نواب زاھد علي، نواب امين، مطلب ته سمورو پناھگير لڏو سڀائين سائين سان گڏ رھيو آھي. پناھگير ڪامريڊ ته سچي سڌ

عمر ٽڪيائي سائين وٽ پيا هوندا آهن. سندن ماڻهو باقر علي شاه ته رهندو ئي سائين وٽ هو. هينئر به سائين جي لڏي ۾ اڏ کان مٿي پناهگيرن جا پاليل سنڌي طوطا آهن، جي سنڌي ٽوپڙيون پايوم "سنڌو ديش" جا نعرا هڻيوم سائين جي ڪچ ۾ لڪي، سنڌين ۾ ڏڪيڙ پيا وجهن. وچ وچ ۾ سائين پناهگيرن خلاف نعرا ڪٽيو هٽي ته پلي هٽي. باقي پناهگيرن جيترو سائين جي سنگت ۽ صلاح ۾ آهيَ اوترو ٻئي ڪنهن سنڌي وڏيري سان مشڪل هجي.

"سائين سڄي عمر سنڌ لاءِ لڙيو آهي."

انهيءَ دعويٰ ۽ صداقت اجها اها آهي. حقيقت اها آهي ته سائين گهٽي پاڳي سڄي عمر وڏيرڪا ٽولا محاذ ٺاهيا آهن ۽ وزارتن ٺاهڻ ۽ ڊاهڻ جو شغل ڪيون اٽس. ڪي ڪتاب لکيا اٽس، انهيءَ سڄي عمر جي لڙائي وسيلي سنڌ کي مذهبي نفرت، جنون، مذهبي فسادن وزارتي سرڪسن ۽ تماشن جا تحفا ڏنا اٽس. سنڌ کي ليگ، پاڪستان ۽ پناهگير پلئه وڌا اٽس ۽ ڪجه هوائي نعرا ڏنا اٽس. ان عيوض سنڌي عوام کان مطالبو ڪيو وڃي پيو ته هو سائين کي پنهنجو امام، مرد مجاهد، غازيءِ سپه سالار ڪري تسليم ڪن ۽ جيڪو اهڙو عقيدو نه رکي، تنهن کي سنڌ دشمن، غدار ۽ واجب القتل سمجهن. ڇا اهو مطالبو سنڌ دوستيءَ وارو آهي؟ نه هرگز نه! ان قسم جا مطالبا ڪوبه محب وطن ٿئو ڪري سگهي. اها وڏيرڪي، فاشي ۽ ڊڪٽيٽري سوچ ٽيندي. سنڌ دوست 'سوچ' هرگز ڪانه ٽيندي.

'سائين سڄي عمر سنڌ لاءِ قربانيون ڏنيون آهن ۽ ڪانئس وڌيڪ ڪنهن به قرباني ڪانه ڏني آهي؟'

اها دعويٰ به سراسر غلط آهي. سائين پهريون پيرو پهه مهينا مسجد منزل گاهه سکر واري هندو مسلم مذهبي فساد ڪرائڻ ڪري جيل ۾ رهيو. ان کانپوءِ ڪيس 1954ع ڏاري 6 مهينا جيل ۾ رکيو ويو. تنهن کان پوءِ 1958ع ۾ پهه سال جيل ۾ رهيوم يعني سنڌ خاطر ڪل ادائي سال جيل پوڳيائين. تنهن کان سواءِ 8 سال ڪيس پنهنجي شهر کان ٻاهر وڃڻ جي موڪل ڪانه هئي. اها شهر کان نه نڪرڻ جي پابندي ايجا هن وقت به آهيس.

سنڌ جي موجوده سماج ۾ ادائي سال جيل بيگناه مسڪين ماڻهو رڳو ڪچا قيدي ٿي به ڪاٽيو اچن. ٻهراڙي ۾ ڪو هاري ناري کا سياسي ٻڙڪ ٻاهر ٿو ڪڍي ته هو ان کي 109 ۽ 110 ۾ سالن جا سال جيل ۾ وجهيو ڇڏين. سنڌ جا سوين مرد ۽ عورتون سنڌ جي تحريڪن ۾ جيل ڪاٽي آيا آهن ۽ ايجا به ڪاٽين پيا. انهن مان تمام ڪي ٿورا هڻام جن کي سائين جيان اي يا بي

ڪلاس جون سهوليتون مليل هيون. گهٽن سنڌين ته نہ رڳو سالن جا سال جيل ڪاٽيا پر مارون، موچڑا، ٻکون ۽ ڦٽڪا ٻ جهليا. ڪيترن جا هڏ گڏ پڳا ويا. سنڌي نياڻين کي هٿرادو بيمار ڪري چيچلايو ويو. ڪيترن کي بيگناهن شهيد ڪيو ويو.

انهن عام سنڌين مان تمام ٿورا سائين وانگر وڏي مال ملڪيت وارا ۽ گڏر سفر جي فڪر کان آجا هئا. گهٽن جون پنيان ڪنيون اجهاٽيل هيون ۽ سندن ٻچا دربدر هئا. ڪيترن شهيدن جي گهر ۾ ڪمائيندڙ ئي اُهي هئا ۽ سندن ٻچا رلي ويا آهن. ڪيترن کي جيل ۾ وجهي پويان سندن ٻارن جون ٻي عزتيون ڪيون ويون. سندن پوڙهن مائٽن کي ڏاڙهين کان گهلي ٽاٽن ۾ ٻي عزت ڪيو ويو.

سائين کي خدا رکي، نہ ڪيس ٻکون ۽ فاقا سهڻا پيا، نہ ڪيس کو بدني ايذاءُ ڏنو ويو، نہ سندس ملڪيت ۽ عزت کي هٿ لاٽو ويو. پنيان ٻ خدا جي فضل سان محفل متل هئي، وڏي زميندارِي هئي. يار دوست، پٽ موجود هئا. مطلب ته خدا جي فضل سان سائين کي سکڻي بندگيري کان سوءِ ڪنهن ٻ قسم جو صدمو ڪونہ رسيو. اهڙي حالت ۾ سائين جي ايائي سال اي يا بي ڪلاس ۾ بند رهي اچڻ کي هڪ لاثاني ۽ عظيم ترين قرباني جو مثال ڪر سنڌي عوام اڳيان پيش ڪرڻ بلڪل زيادتي آهي ۽ جن جن سچ سچ اذيتون ۽ موت سٺا آهن تن تان چٽر آهي. ٻيو ڪهيو رڳو مرحوم حيدربخش جتوئي ٻ سائين کان گهٽو وقت جيل ۾ رهيو. جيل وقت پاڻ ۽ سندس ٻارن ٻچن جيڪي ڏک ڏٺا، تن کان سندن ساڻي چڱي طرح واقف آهن. جيڪڏهن جيل ۾ رهڻ قرباني جي ڪسوٽي آهي ته حيدر بخش سائين کان گهٽو عرصو جيل ۾ رهيو ۽ وڏيڪ سخت حالتن ۾ رهيو ۽ تمام گهٽو لوڙيائين. سيني کي خبر آهي ته حيدر بخش جتوئي جو سنڌ جي چوٽڪاري بابت نظريو ۽ سياسي واٽ سائين جي بلڪل ابتڙ هئي. ان حالت ۾ ڪهڙو سبب آهي جو وڏيڪ قرباني ڏينڈڙ حيدر بخش جي انقلابي واٽ چڏي سائين جي وڏيرڪي ٽولي جي پٺ ورتي وڃي؟

اها ٽي سنڌ جي ڳالهه. ون يونٽ ۽ مارشل لا جي قهري دور ۾ بلوچستان ۽ سرحد جي عام ماڻهو ته ڪهيو پر رڳو سردارن ۽ خانن ٻ جيڪي ڪجهه سٺو آهي. ان جي مقابلي ۾ ٻ سائين جڙ ته عيش ڪيا آهن. اتي ماڻهن کي آنورن کان ٽنگيو ويو، ڪين انسانيت سوز ايذاءُ ڏنا ويا، سندن سموريون ملڪيتون ضبط ڪيون ويون، سندن پٽ ۽ پائر سندن اکين اڳيان ماريا ويا. بلوچ سردار نوروز خان کي قيد ڪري سندن اکين اڳيان سندس پٽن ۽ پائٽين کي هڪ ٻئي پنيان سکر ۽ حيدرآباد جي جيلن ۾ قاسيون ڏنيون ويون. هڪڙن کي حيدرآباد جي جيلن ۾ قاسي چڙهندو ڏسي وري سکر ويو. نہ رنو، نہ رڙيو، نہ

واويلا ڪيائين. نہ قرباني ءَ جون دعوائون ڪيائين. نہ قوم کي گاريون ڏنائين. رڳو مڙسن جا شهپر سنواري ۽ لاشا سينگارائي ڳوٺ موڪليائين. مرندي مري ويو پر پچاڙي تائين پيش نہ پيو.

اهڙيون حالتون سرحد ۽ بلوچستان ۾ عام هيون. چوڏهن پندرنهن سال سخت پورهئي سان جيل ۾ ڪل ملڪيت ۽ ضبطيءَ کان گهٽ تہ ڳالهہ ٻہ ڪانہ هئي. اڄ جيڪي بلوچستان ۾ ٽئي ٽو يا نٽو ٽئي يا جيڪي تازو بنگال ۾ ٽي، تنهنجي تہ ڳالهہ نہ ٿا ڪريون. ان حالت ۾ عام سنڌي محب وطن ماڻهن جي قربانين جي پيٽ ۾، بلوچستان ۽ سرحد جي سياسي اڳواڻن جي قربانين جي پيٽ ۾ ۽ بنگال جي ڪربلا جي پيٽ ۾ سائين کي سنڌ جو اڪيلو عظيم قرباني ڏيندڙ هيرو ڪري پيش ڪرڻ، قرباني جي لفظ جي ۽ سنڌي توڙي ٻين قومن جي قربانيءَ جي تاريخي معيار جي توهين آهي. خود اسان جي تاريخ ۾ سر ڪان گهٽ قرباني جي تہ ڳالهہ ئي ڪانهي. مرشد سائين تہ مرڳو چيو آهي تہ:

سسي سي گهرن، جي واٽيندڙ وچ ۾،
اوءِ ڪي پيو پچن، سرو جنين سنياپو!

حقيقت ۾ آهي ٻہ ائين: اڳوٽي دور توڙي هاڻوڪي دور ۾ جيڪي قومون آزاديءَ لاءِ لڙيون آهن يا لڙن پيون، تن جا فرد ۽ اڳواڻ جيڪي ڪجهہ ڪن ۽ سهن ٿاڻ جي پيٽ ۾ سر ڏيڻ تہ چڙ راند آهي. فلسطين جا مرد ۽ عورتون چا پيا ڪن؟ روز روز چا چا نٿا سهن ۽ قربان ڪن، ويٽنام ۾ چا ڪيو، سنو ۽ قربان ڪيو ويو، الجزائر، چين ۽ ڪوريا ۾ چا ٿيو، تنهن جي سڄي جڳ کي خبر آهي. رڳو چاچا هوچي من کي سالن جا سال ڳچيءَ ۾ ڳٽ وجهي، پيرين پيادو، خونين سان سلهاڙي، برفن ۽ طوفانن ۾ هڪڙي جيل کان ٻي جيل تائين، گهلي چٽاڙيو ۽ چيپاٽيو ويو.

مائوزي تونگ زال ڪهائي، ٻار ڪهايا، پائر ڪهايا، ڇهہ هزار ميل پهاڙن، ڏٻڻين، ٻيلن، خوفناڪ درياهن وچان رات ڏينهن بيماري ۽ گهيرن وچان، مارچ ڪئي. زندگي جو پل پل، گهڙي گهڙي موت جي جاڙين وچان سفر ڪيو. اهڙين حالتن ۾ سائين جي ايائي سال باعزت ۽ باعقبت جيل ۾ گهارڻ ۽ تاريخي ڪارنامو ۽ قرباني جو نادر مثال سڌڻ ۽ سنڌين کي ان قرباني جو واسطو وجهي، اکيون پوري سندس پٽيائن پوڻ لاءِ مجبور ڪرڻ، ڪٿان جو انصاف آهي.

"سائين دانائي جو سمنڊ آهي، امام ۽ هادي آهي، سنڌي سندس پٽ ونڊا نہ چوٽڪارو حاصل ڪندا؟"

اها دعويٰ ٻہ بلڪل بي بنياد آهي. سياسي خيال کان سائين ۾ نندڙي ٻار

جيترو ۾ عقل ڪونھي. سائين سنڌي عوام کي چڏي سڄي عمر وڏيرن پويان ڊوڙيو، پر پنھنجي ڪم جو ھڪڙو ۾ وڏيرڪو ٽولو ناھي ڪونہ سگھيو. ايترو وقت عوام جي پويان ھلي ھا، ٿورو وڏيرڪي سوچ، واٽ ۽ ھلت چڏي انقلابي عوامي سوچ، واٽ ۽ ھلت اختيار ڪري ھا ته ۾ ٻيو نہ ته ۾ محب جيتري بيداري ۽ اتحاد ضرور پيدا ڪري سگھي ھا. ٻيو ڪھيو رڳو پرمٽڙيو نہ ھجي ھا ۽ سدائين ٻين جي چوٽ تي سڪيءَ ۾ ٽھيون نہ ھٽي ھا ۽ بند تي پاڃاري نہ پڌي ھا ته ۾ جيڪر سنڌ کي فائدو پھچائي ھا. اھو ڪھيو، رڳو سنڌي عوام ۽ محب وطن ھارين، شاگردن ۽ ادبين جيڪا ٻڌي ۽ طاقت گڏ ڪري ڪيس ڏني ھئي، رڳو ان جو خانو خراب نہ ڪري ھا ۽ ڪھڙي وارن پويان لڳي وڃي وڏيرن ۽ پناھگيرن سان ڪاغذي محاذ نہ ناھي ھا ۽ سنڌي عوام ۽ ڪارڪن سان سچو رھي ھا ته ۾ ملڪ ھينئن پينگ نہ ٿئي ھا.

ھاڻي ۾ 'سنڌو ديش' جو ھوائي نعرو ھٽي اڪيلو ئي اڪيلو جبل تي چڙھي وڃي ويھي نہ رھي ھا ۽ ڏاڪي ۾ ڏاڪي جدوجھد ھلائي ھا، رفتي رفتي عوام سان گڏ ھلي ھا ته ۾ سنڌ ھينئن ھن حالت ۾ نہ ھجي ھا. ''سنڌو ديش' جو نعرو ھٽي ھن پاڻ کي چئن ماڻھن ۾ سورمو ثابت ته ڪيو پر سنڌي قوم کي جڙ ڇوڪنيو ٻڌي دشمن اڳيان اڇلائي وڌو اٿس ۽ سڄي قومي تحريڪ کي ھڪڙي ئي ڏڪ سان ختم ڪرائي چڏيو اٿس. جيڪڏھن جماعت اسلامي ۽ ٻيا سنڌ دشمن ڪيتري ۾ ڪوشش ڪن ھا ته ۾ سنڌي قوم جو ھينئن منھن وات بند ڪرائي نہ سگھن ھا، جيئن سائين ڪرايو آھي. سائين ھينئر جيڪا سياسي واٽ ونيو وينو آھي. چئي 'سڄي قوم غلط بيڪار ۽ بزدل ۽ فقط آءُ ۽ منھنجا چار خليفا سچار ۽ سورھيہ!''

عملي طرح ۾ ڏسبو ته سائينءَ جي سوچ ۽ ڄاڻ ھن دور ۽ زماني کان صديون پوئتي آھي. سندس ڪتابن ''جيئن ڏنو آھي مون.'' مان ظاھر آھي ته سندس سوچ وحدت الوجود ۽ وحدت الشھود واري چڪر کان ايڌا تائين اڳتي نہ وڌي آھي. سائين جي فلسفي جو چيھ وڇي ''صوفي لا ڪوفي'' تي ٽئي ٽو. عالمي سياست ۾ سندس سوچ جي آخري اڏام وڇي غير جانبداريءَ تي چيھ ڪيو آھي، جنھن، جنھن کي ٽي دنيا عملي طرح گھٽو پوئتي چڏي وئي آھي. ڪيس اڄوڪي دور جي فاڻ سوچ يعني سوشلسٽ فڪر، نظريي، واٽ ۽ تاريخ جي رتيءَ برابر ۾ خبر ڪانھي. ان ڪري پناھگير پنجابي پرمار سنڌ جي جدوجھد بابت ڪئين گمراھيون ڦھلائڻ ۾ ڪامياب ٽي ويا.

عالمي سياست جي چندڇاڻ جي ھن ڪوشش ئي ڪاڻ ڪئي آھي ۽ نہ ئي ڪيس ايتري ڄاڻ آھي جو ڪري سگھي. خود سنڌ جي تاريخ جو سندس مطالعو ۾ خيال پرستيءَ جي روايتي طرز جو سندس مطالعو ۾ خيال پرستيءَ جي

روايتي طرز جو آهي. ڇو ته ڪيس تاريخ جي سائنس جي ڪاب سمڪ ڪانهي. بين الاقوامي تعلقات جي اونداهين ۾ باريڪين کي سمجهڻ جي ته هن ڪڏهن ڪوشش ئي ڪانه ڪئي آهي. قومن جي تقدير بدلائڻ جي سائنس ۾ ڪا ڏيندي آهي، تنهن جي ڪيس خبر ڪانهي. هن ساسي ميدان ۾ جيڪي بهترين قومي موقعا ويجايا آهن يا هٿ وٺي خراب ڪيا آهن يا جيڪي غلط قدم کڻي قوم جي ڳچيءَ ۾ هڇائون وڌيون آهن، تن کي ڏسي اها ڳالهه صاف ظاهر ٿيو پوي ته سائين کي قومي سياست ۾ خاص ڪري اڇوکي انقلابي قومي سياست جي الف- ب جي به ڄاڻ ڪانهي. هن ويهن صديءَ ۾ جيڪو ماڻهو خوابن ۾ اعتبار ڪري ۽ روز جهڙو خواب ڏسي اهڙو سياسي قدم کڻي. تنهن تي ميار ئي ڪهڙي رکبي؟ قوم جي ڪيترن ماڻهن هيستائين سندس پويان لڳي پنهنجون عمريون برباد ڪيون آهن ۽ قوم سندس آسري تي واڌاري جا ڪيترائي موقعا ويجايا ۽ نقصان سڏا آهن. ايجا به سندس پويان هلڻ قوم دوستي نه پر قوم دشمني ڏيندي.

"سائين سنڌي قوم جو سچو همدرد آهي؟"

نه. سچا همدرد پنهنجي پياري شيءِ لاءِ هر قرباني ڪندا آهن. پنهنجا گهر گهاٽ، پار پچا، گهر ملڪ ڪري ڇڏيندا آهن. سچا فدائي ۽ سچا عاشق پنهنجي محبوب لاءِ جوڳي بنبا آهن ۽ جان جلائيندا آهن ۽ خودیءَ کي کائيندا آهن.

سائين سنڌ خاطر پنهنجي هڪڙي به غلط خيال کي درست ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. سائين سنڌ خاطر پنهنجو نفس ۽ آنا ماري، وڏ ماڻهپو ترڪ ڪري پنهنجي مسڪين ۽ مظلوم قوم سان ملي هڪ ٽيڙ لاءِ تيار نه آهي. پنهنجي وڏيرڪيءَ سوچ تان هٿ کڻي عوامي سوچ، هلت ۽ رهڻي ڪهڻي اختيار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. جن غريب ماڻهن سڄي عمر سائين جي پٺ ورتي، تن جي سنڌ خاطر هڪڙي به صلاح مڃڻ لاءِ تيار نه آهي. هو هڪڙو ڏينهن به ڪنهن بي جي پٽيان هلڻ لاءِ تيار نه آهي. سائين جو سنڌ سان پيار بيشڪ آهي پر ان سنڌ سان جنهن ۾ وڏيرڪو راڄ قائم هجي، جنهن ۾ سپ ماڻهو هٿ پڏيو سندس هر غلط سلط ڳالهه تي، هر ٽئين خواب تي، "صدق! صدق!" چون. جنهن ۾ سائين ڏينهن چوي ته ڏينهن ليکجي، رات چوي ته رات ليکجي. جنهن ۾ ڪنهن کي به سائين جي ڳالهه بابت حجت ڪرڻ جو حق نه هجي. فقط سائين ۽ سندس خليفا حڪم ڪن ۽ بيا سپ ٻڌن ۽ اطاعت ڪن. انهيءَ سنڌ کي اسين اها سنڌ نٿا سڏي سگهون، جنهن سنڌ لاءِ سنڌ جي لکين ڪروڙين ماڻهن صدين کان واجهايو، قربانيون ڏنيون ۽ خواب ڏٺا آهن. اها سنڌ وڏيرکي

ڊڪٽيٽرشپ واري سنڌ هوندي، سنڌ جي اڪثريت لاءِ غلامي واري سنڌ هوندي، آزاديءَ واري سنڌ ڪانہ هوندي.

انھيءَ جو مطلب اھو ٽيو تہ سائين سنڌ لاءِ ڪجھ نہ ڪيو آھي؟ ھو بيڪار آھي؟

نہ، اھو بہ صحيح ناھي. سائين سنڌ لاءِ ڪيترا ڇگا ڪم ڪيا آھن. ھن پنھنجي وزيريءَ واري دور ۾ سنڌي ادب جي ترقي جو بورڊ ٽٽيو، جيڪو اڳتي ھلي سنڌي ادبي بورڊ ٽيو. ھن سنڌي ادب ۽ سنڌي ادبي تاريخ ۾ ڪچ وقت مرڪزي ڪردار ادا ڪيو. سائينءَ سنڌ ۾ سياسي سوچ جي تعليم شروع ڪئي. سنڌ جي مسئلن ۽ تاريخ بابت ڪتاب لکڻ جو رواج وڌو. ھن اسلامي فڪر ۽ ھندستاني سياست بابت پنھنجو نقطي نظر سنڌ اڳيان پيش ڪيو. ھن قوم، وطن ۽ ملڪ بابت پنھنجا نظريا پيش ڪيا. اھي نظريا سرمائيداري فڪر جي دائري تائين محدود ھئا. پر صفا رجعت پرست نظرين جي پيٽ ۾ ڪافي اڳتي وڌيل ھئا ۽ عوام سنڌي سوچ جي ميدان ۾ ھڪ قدم اڳتي ھئا. ھن لطيف جي وطن دوست تشريح جي شروعات ڪئي. ھن سنڌ جي سياست جون پاڙون سنڌ جي ادب ۽ ثقافت سان ملايون. ھو پنھنجي وڏيرن پائرن جھڙو بزدل ۽ گيدي ڪونھي وغيرہ.

ان ڪري ھرڪو محب وطن سائين جي ذاتي عزت ٿو ڪري. ان جو ھو حقدار بہ آھي.

باقي سائين جي سوچ اھا ئي وڏيرڪي آھي ۽ سائين جي ڪم جو ڍنگ سڌائين وڏيرڪو رھيو آھي ۽ رھندو. سندس سياست اھا ئي اوطاقي ۽ وڏيرڪي آپيشاھي واري آھي. ھو فقط سياسي خليفن، مريدن ۽ خادمن سان گڏ ھلي سگھي ٿو. سنڌي عوام سان نہ سندس "آزادي" واري جدوجھد فقط وڏيرن کي اھا آزادي ونڊي ڏيندي تہ 'سنڌين کي ايجا بہ وڏڪ ڦريو، ماريو ۽ غلام بنايو.' باقي سنڌي عوام جو چوٽڪارو پي ڳالھ آھي. اھا فقط تڏھن ٿيندي، جڏھن لکين سنڌي عوام پنھنجي قسمت پاڻ پنھنجي ھٿن ۾ کڻندو.

سائين چوي ٿو تہ "سنڌي ھاري عوام 50 سالن ۾ بہ سجاڳ ڪونہ ٿيندو. نوجوان وڏيرائي سنڌ کي چوٽڪارو ڏيارينداء." اھا ئي سائين جي پل آھي. وڏيرا فقط پورھيت عوام ۽ سندس ڪارڪن کي ڦرينداء ماريندا، گلائون ڪندا، ناٽڪ ۽ تماشا ڪندا، بيان ۽ ڦوٽا چپائيندا، پاڻ کي پڏائيندا. اُھي پٽ کائڻ وارا مجنا رڳو پٽ جي تاڙ ۾ رھندا. رت ڏيڻ وارا پورھيت پنھنجو رت ڏيندا پوءِ پٽ کائيندا. اھڙو ڏينھن بہ ايندو، دنيا بہ ڏسندي. سائين وارو پوتار ٽولو بہ ڏسندو.

نور محمد سنڌي،
لاڪڙا بلوچستان

خط ۽ اُن جو جواب

تحريڪ جا پرچا هت بلوچستان ۾ به پهچندا آهن. مان پاڻ رسول بخش پليجي جا مضمون نهايت شوق سان پڙهندو آهيان. توڙي جو مان سندس خيالن ۽ تحريڪ جي پاليسي سان متفق نه به آهيان. اهو ان ڪري جو منهنجو ۽ منهنجي ڪيترن ئي هم خيال دوستن جو خيال آهي ته اها سوچ سنڌ لاءِ فائدي واري نه آهي. چاڪاڻ ته اڄا اهو وقت نه آيو آهي ۽ ان مان ڪٽي ڪو فائدو رسيو به ته اهو فقط پنجابي ۽ پناهگير طبقي کي ئي پهچندو. چاڪاڻ ته اڄ ڪله مزور ۽ هاري طبقو فقط پنجابي ۽ پناهگيرن سان پريل آهي. هن ملڪ جي طبعي، سياسي ۽ فطرتي حالت ٻي آهي، تنه هت ٻين ملڪن واريون تحريڪون ۽ نظريا ڪامياب ٿي ڪونه سگهندا. هر ملڪ جون حالتون ۽ ماڻهن جون فطرتون ڏار ڏار ٿيندیون آهن، نتهن ڪري ڪنهن ملڪ جي هلايل تحريڪ سڄي دنيا لاءِ ڪامياب جي ڪنجي يا مثال نٿي بنجي سگهي! پر جي ڪٽي اوهان جي هلايل اها تحريڪ ڪامياب به ٿئي ته ان لاءِ به پاڻ صدي گهرجي ۽ ايستائين سنڌي قوم انتظار نٿي ڪري سگهي. بس ائين ڪٽي سمجهو ته اهو سنڌ لاءِ موت مثل آهي. بس اهو ئي سبب آهي جو اڪثر قوم پرست سنڌي پڙهيل طبقو اوهان جي ان تحريڪ کان لهرائي ٿو. تنهن کان سواءِ سنڌي قوم پرست سنڌ کي ايڏا غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل ۽ قوم کي غلام تصور ڪن ٿا، تنهن ڪري پهرين آزاديءِ برابري حاصل ڪرڻ مقصود آهي ۽ پوءِ پنهنجي اندروني ڦيرڦار واري ٻائيتال جو سڏارو! حيران آهيون ته مسجد ايڏا جڙي ناهي، انڌا ڪيئن اچي پهتا آهن.

اڄ تحريڪ جو پرچو هڪ ۾ بنجي اچي منهنجي مٿان ڪريو آهي! منهنجون ته وايون ئي بتال ٿي ويون آهن. حيران آهيان ته اوهان جن ڪرتوتن کي ڪهڙو جامو پهرايان! اوهان جي ان ڪئي کي هڪ نوجوان جي غلطي سمجهي درگذر ڪريان، يا سنڌ جي دشمن جي ڳجهي لپاٽ! يا فطري سنڌي غدار، جنهن عين وقت تي قوم جي پٺيءَ ۾ خنجر اچي هنيو! اوهان جي هلايل

تحريڪ تي پاڻ صدي گھرجي! ڇو تہ فطري طور سنڌي قوم وسوسن جي وسوڙيل، نيڪ دل اشراف ۽ اڀوجھ آھي ۽ ڪي بدبخت دشمن ان ئي اشرافت سبب ھن ڪي ايڏا خيالي ڄارن ۾ ڦاسائڻ گھرن ٿا تہ جيئن جلد ئي ڪيس غلام بنائي وڃجي ۽ سندس سڀني معاشي ۽ سياسي وسيلن تي نھايت تکڙو ئي تکڙو قبضو ڪندا پيا وڃن ۽ روز 20 ھزار رول سنڌ ڏانھن ڏوڪي رھيا آھن، ۽ اوھان وري ايڏا فقط اھڙي سست رفتار ۽ شڪي تحريڪ ھلائي رھيا آھيو جا خود انھن ملڪن ۾ ڪامياب نہ ٿي آھي. جت اھا جاري ڪئي وئي! تنھن ڪان سواءِ ان تحريڪ وسيلي اوھان مزورن ۽ ھارين جي آڙ ۾ فقط پنجابي- طبقي کي فائدو ڏيئي سگھندا ۽ آخر سنڌ جي جيڪا زمين بچي آھي، اھا بہ ڏارين جي قبضي ۾ ھلي ويندي.، سنڌي خود سنڌ ۾ ئي غلام! ھاڻي تہ اسان جو اھو شڪ بہ يقين ۾ بدلجي ويو آھي، ڇو تہ اوھان ھلندڙ انڊي مندي تنظيم کي پڻي ۾ خنجر ھڻي ڪڍيو آھي، ڇو تہ اوھان جي ايڊيٽوريل ۾ صاف ڇڙواڳي ۽ ڇڙوڇڙ ٿيڻ جي صلاح ڏني ويئي آھي. باقي نظر قيصرائي جي "خط جو جواب" واري مضمون تي تہ اسان کي ڪو عجب ڪونھي. ڇاڪاڻ تہ احساس فروش، سنڌ دشمن ۽ غدارن جي ڪاب ڪمي ڪونھي! انھن جاھلن ۽ تواريخي سائنس کان اڻ واقف شخص جي ڪري ھن دور ۾ بہ سنڌ غلام آھي، توڙي جو شاھوڪار آھي ۽ سڄي ھوندي بہ صوبہ سرحد ۽ بلوچستان آزاد باعزت، توڙي جو ھت ماني پور بہ ماڻھن کي ميسر ڪونھي! مذھب کان ڪريل ماڻھو تہ قرآن مان بہ ويڪون ڪيندا آھن، پيغمبرن تي بھتان ھڻندا آھن. تنھن ڪري جي اوھان ۽ ھن صاحب جي- ايم- سيد جي نجي زندگي ۽ ھن جي سياست تي ۽ ھن جي ڪتابن تي گوڏا ڪوڙي ڪوڙ ھنيا تہ ان مان ڪجھ بہ نہ ورندو. ھن جي ڪوڙن ھڻڻ سان سڄ الھندا ڪونہ اپرندو. اھي اوھان ئي آھيو جن سنڌين کي ڇڙوڇڙ ٿيڻ ۽ ڪنھن بہ ليڊر نہ ڇوندڻ جي صلاح ڏني آھي. خبر نٿي پوي تہ ھڪ ڪمانڊر کان سواءِ فوج ۽ ھڪ ليڊر کان سواءِ قوم ڪيئن مقصد حاصل ڪري سگھندي ۽ ڪيئن يڪ مشت ٿيندي.

دوست "جيئي سنڌ" جو نعرو سيد جو آھي ۽ "سنڌو ديش" جو نعرو اھو تازو لڳل آھي. ان جو ماضي سان ڪوبہ تعلق ڪونھي. اھا قديم سياست نہ ھئي، بلڪ آزاديءَ جي جدوجھد ھئي. انگريز شھنشاھ کان آزادي حاصل ڪرڻ کا مخول جي ڳالھ نہ ھئي. اوھان 1947ع کان پوءِ جي آزادي ۽ جمھوري دور ۾ اکيون کوليون آھن. جي جي- ايم- سيد پاڪستان ۽ قائد اعظم جو پوئلڳ ھو تہ ان ۾ اوھان جا ڳٽايل ھيرا شيخ مجيب ۽ پيا سنڌي بہ ان وقت قائد اعظم جي پٺيان ھئا ۽ اھي ئي غلطيون ڪائنس ٿيون ھيون. جي سيد

کان ڻيون ۽ هو ۽ ايترائي امير هئا جيترو سيد! جي هن پنهنجا خيال بدلايا ۽ ڪجھ قوم لاءِ ڪيائون ۽ شيخ مجيب بنگال ڌار ڪرايو ته انهن کان گھٽ جدوجھد سيد ۽ سنڌ لاءِ ڪونہ ڪئي آهي. ون يونٽ ٽوڙائڻ ۽ سنڌين کي نئين دگ لائڻ فقط سيد جي حصي ۾ آهي. ان ڪريڊٽ ۾ ڪوبہ ساٿس پائيوار ڪونهي. اوهان ۾ جرئت ڪونهي جو ان لاءِ ڪو نالو ڪڍو. هي ب سيد جي ڪئي جو ڦل آهي جو اڄ اوهان سنڌي رسالا ڪڍي سنڌس گلا ڪري احسان فروشي ڪري رهيا آهيو ۽ درپرده سنڌ دشمن، مثلا جماعت اسلامي وارن ۽ پناهگيرن کي خوش ڪري رهيا آهيو، پيو ڪجھ ٻ ڪونہ آهيو. پلا جي اوهان چئو ته نہ اهو الزام ڪوڙو آهي ته پوءِ اسان اوهان کان فقط اهو ٿا پڇون ته پوءِ اوهان هن هيڏي تنظيم جا ڇو مخالف آهيو؟ ۽ ڇو سيد جي خلاف غليظ گند ميو ٿا؟ ۽ ڇو ٿا ڪوڙ بدوڙ هڻو ۽ ڇو اوهان جا حملا فقط سيد ۽ سندس جماعت "جيئي سنڌ" ۽ حامي نالي ماڻر سنڌي وڏيرن تي جاري آهن ۽ پنجابي چوڌرين ڪوڙن ڪليمينٽ پناهگير زميندارن، سرمائيدارن، ڪارخانيدارن تي نہ آهن. نالا ته ونو ڪهڙا وڏيرا اوهان سنڌ ۾ ڏنا ۽ اهي ڪيتري زمين يا ڪا ٻي ملڪيت رکن ٿا؟ ڪي اوهان جي خيال ۾ ڪنهن ٻ سنڌي ڪي اصل چار ايڪڙ زمين ئي نہ هجي ۽ فقط هاري هجن ۽ اوهان انهن کي پنيلايو ۽ ڪنهن ٻ مسڪين سنڌيءَ جو اڇو پٽڪو اوهان کي ڏک رسائي ٿو. سياسي غلطيون ڪير آهي، جنهن کان نہ ڻيون آهن. جي سيد کان ٽين ته ڪهڙي اربعا خطا ٿي! ان جو ٻ ازالو ڪري ۽ ڪرائي سگھجي ٿو. جي اوهان جو لڏو سنڌ جو سڃڻ آهي ته پوءِ هو انهن غلطين کي ڳڻائي ان جي ازالي جي صلاح ڏي ها! نہ ڪ ڏڪيڙ وجھڻ جي صلاح ڏئي ها! ڇا ڪڏهن سيد ۽ "جيئي سنڌ" وارن ٻ تحريڪ جي پاليسين ۾ ان جي رهنمائي خلاف ڪو گند ميو آهي، جو اوهان ائين ڪيو آهي؟

ٻاءُ سنڌي ٻڌي فقط محبت ۽ هڪ ٻئي جي خيالن جي احترام وسيلي ئي ٿي سگھي ٿي ۽ هر سمجھو ۽ سڃڻ ماڻھو ائين ڪونہ ڪندو جو اصل پنهنجي مخالفن خلاف ڪوڙن تي ڪٽي سندرو ٻڌي ۽ ٻڌيءَ لاءِ ٻ چوي! جي اوهان سچ سنڌ جا سڃڻ هجو ها ته فقط پنهنجي تحريڪ جاري رکي، پنهنجا خيال سنڌ آڏو پيش ڪيو ها ۽ ڪنهن ٻ قومي تحريڪ خلاف ۽ انهن جي ليڊرن خلاف گند مٿي ڏڪيڙ وجھڻ جي صلاح نہ ڏيو ها. بلڪ جي ڪي غلطيون ڏسو ها ته عملي طرح ان جي سڌارڻ جي صلاح ڏيو ها ۽ سڻن ڪمن جي لاءِ اسان جي پٽيرائي ڪريو ها. اهو ئي هڪ صحيح ۽ انصاف وارو رستو هو، پر ائين اوهان اصل ڪونہ ڪيو، بلڪ سنڌ دشمن کي خوش ڪرڻ لاءِ اوهان ڏڪيڙ وجھڻ جي صلاح ڏني. هائي اوهان ئي ٻڌايو ته اسان اوهان کي ڪهڙي تولي ۾

شمار ڪريون. دوست وڏي مهرباني اوهان اها ضرور ڪئي آهي جو اوهان وقت سر پڏرا ڏي پيا. جنهن سبب اسان اوهان جا ڏورائتا آهيون. اوهان جهڙن سنڌ جي سڃڻن جي ڪري سنڌ سور سڻا آهن. اوهان ان قوم فروشي عيوض چگي چوڪي رقم حاصل ڪئي هوندي ۽ جي وري اهڙي ڪوشش جاري رکيو تہ سنڌ دشمن اوهان کي ڏائي ڇڏيندا. جي اوهان اخلاقي طور بهادر هوندا تہ ضرور هي خط ڇاپي جواب ڏيندا. جي نہ تہ اوهان تي ڪابہ ميار ڪونهي. باقي سيد بابت آئينو بہ جلد اوهان جي خدمت ۾ عرض رکندس. حق جي عينڪ پائڻ اوهان جي خصلت ۾ ئي ڪونهي. چگو خدا حافظ هي خط ڪنهن بہ رسالي ۾ شايع ڪرائي سگهان ڏو پر فقط اوهان جي اخلاقي پرک لاءِ اوهان کي ڏيکارڻ رستي موڪليان ڏو.

ادارو

جواب!

توهان اسان کي اخلاقي بهادريءَ جو طعنو ڏيئي اسان کان مطالبو ڪيو آهي ته توهان جو خط ڇاپيون. توهان جي خط ۾ نہ رڳو تحريڪ جي پاليسيءَ تي اصولي تنقيد ڪئي وئي آهي پر ان سان گڏ توهان اسان تي ذاتي الزام هڻي اسان کي غدار، پيسن تي قوم فروشي ڪندڙ ۽ قوم جي پٺ ۾ خنجر هڻندڙ ٻڌايو آهي. 'تحريڪ' شاھ صاحب جي سياست جي اصولي چونڊ ڪئي آهي، سندن ذات لاءِ سچيءَ دل سان عزت ۽ احترام جو اظهار ڪيو آهي. اسان جي پنهنجي سمجھ ۽ ليکي آهر هن صاحب سنڌ جي خدمت ڪئي آهي، تنهن جو ان حساب سان ڪليل اعتراف ۽ اظهار ڪيل آهي. ان تي توهان اسان کي بي ايمان، غدار ۽ پيسن تي وڪاڻل ڏيو آهي. هاڻي توهان ئي انصاف ڪريو ته جيڪڏهن اصولي ۽ سياسي چونڊ ڪرڻ ڪري ماڻهو بي ايمان، غدار ۽ قوم کي پٺ ۾ خنجر هڻندڙ ٿيو پوي ته پوءِ اسين توهان جي اصولي تنقيد لاءِ توهان کي ساڳيا لقب موٽائي ڇو نہ ڏيون ۽ ان تنقيد کان سواءِ رونگ ۾ جيڪي سياسي گاريون ڏنيون اٿوَ، تن جي عيوض توهان کي ڪجھ وڌيڪ لقب ڇو نہ ڏيون؟ اسين سمجھون ٿا ته اسان ائين ڪرڻ ۾ پوري طرح حق بجانب هونداسون. پيو ته جڏهن توهان جي نظر ۾ سنڌ جي ڪنهن به تحريڪ جو جائزو ونڊ ئي غداري، بي ايماني ۽ قوم- فروشي آهي ۽ جيئن ته انهيءَ حساب سان توهان جي تنقيد توهان جي گارين کان سواءِ به بي ايماني، غداري ۽ قوم فروشي جي لسٽ ۾ اچيو وڃي ته پوءِ توهان ڪهڙي منهن سان اها گهر ٿا ڪريو ته اسين توهان جو توهان جي چوڻ موجب بي ايماني، غداري ۽ قوم فروشيءَ وارو ڪڏو ڪم تحريڪ ۾ شايع ڪريون، سو به ڏڌهن جڏهن توهان اسان کي ذاتي ۽ سياسي گاريون به ڏنيون آهن؟ ٿيون ته توهان اسان کي اخلاقي بهادريءَ جو واسطو وڌو آهي. توهان جن ماڻهن کي بي ايمان، غدار ۽ قوم فروش سڏيو ٿا تن مان اخلاقي بهادريءَ جي اميد رکڻ جو توهان کي ڪهڙو حق رسي ٿو؟ هونئن به غداري، بي ايماني ۽ وطن فروشي جون گالهيون ڏياڻڻ ۾ ڪهڙي اخلاقي بهادري ٿيندي؟ مطلب ته توهان جي حساب موجب

توهان جو خط چاپڻ لاءِ اسان کنهن به طرح پڌل نه آهيون ۽ نه وري توهان کي اسان کان اهڙي گهر ڪرڻ جو کنهن به طرح جو حق آهي.

پر تنهن هوندي به اسان توهان جو خط ذري گهٽ مڪمل چاپيو آهي. چو؟ چاڪاڻ ته اسان جا قومي، سياسي معيار توهان کان نه رڳو مختلف، پر انهن جي بنه ابتڙ آهن. اسان جي نظر ۾ اهم ترين ڳالهه اها ناهي ته ڪنهن خاص ماڻهوءَ يا ٽولي يا تحريڪ جا نندڙا تنگ ۽ عارضي مفاد ڪهڙي ڳالهه ۾ آهن يا ناهن. اسان جي نظر ۾ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته سنڌي عوام جي وڏي ۽ زبردست گهٽائيءَ جو ڪهڙي ڳالهه ۾ فوري توڙي آئنده جو نفعو يا نقصان آهي. انهن وڏن بنيادي ۽ دائمي قومي نفعن نقصانن جي پيٽ ۾ ڪنهن شخص يا ٽولي جا مفاد اسان جي نظر ۾ اهميت نٿا رکن. سنڌي عوام جو مفاد انهيءَ ۾ آهي ته سنڌ جي سموري سياست جو پورو پورو ۽ صحيح صحيح حساب ڪيو ويڃي ۽ سمورو حساب ڪتاب ۾ رکاربد جيئن آهي، تيئن رکيو ويڃي ۽ ان ۾ ڪنهن به شخص يا ٽولي جو لحاظ رکي، ڪنهن به قسم جي گڙٻڙ ۽ جعلسازي نه ڪئي ويڃي. چو ته رڳو وند ڪڍ يا ٽـ رقمي جي اسڪولي حسابن ۾ به جي درجو غلط لکجي ويو ته پوءِ واٽ ڪٽي صحيح هجي ۽ ڪوڙا ڪٽي پکا به هجن ته به جواب غلط ايندو. ساڳيءَ طرح قومي حساب ڪتاب ۾ جي پائيءَ جي آمدني بدران رپيو لکبو ۽ رپئي جي نقصان بدران پائي نقصان ڏيکاربو ته سچو حساب غلط ٽي پوندو ۽ قوم کي ڪاپاري ۽ تاريخي ڏڪ لڳندو. حساب ڪتاب صحيح رکجي، تنهن لاءِ لازمي آهي ته سمورو عوام ان جي وقت بوقت چڪاس ڪندو رهي. جن بلن تي اختلاف هجي تن تي ضرور به ضرور بحث مباحثو ۽ صفائي ٿئي. انهيءَ خيال کان اسين سياسي چنڊچاڻ، تنقيد ۾ سرگرم نظرياتي بحث مباحثي کي خراب شيءِ نه پر قوم لاءِ تمام مفيد، ڪارائتي، اٿٽر ۽ اشد ضروري ڳالهه ٿا سمجهون. اسان قومي طرح جيڪي ڪجهه ويجايو ۽ سٺو آهي، تنهن جو بنيادي سبب اهو آهي جو اسان جي تاريخ ۾ وڏي ۾ وڏيون گهوبيون ۽ جعلسازيون ٽيل آهن.

اڄوڪي دور جو سياسي رکارڊ خاص ماڻهن، خاندانن، ٽولن، طبقن ۽ قومن جي تنگ ۽ غيرقومي بلڪ قوم دشمن مفاد جي پورائي لاءِ تيار ڪيو ويو آهي ۽ ٽئي پيو. ان کي فقط زوردار تنقيد، چنڊچاڻ ۽ اونهي جاچ ذريعي ئي درست ڪري سگهجي ٿو. اسين پنهنجي نندي ٽولي کي سنڌي عوام جو اڪيلو وارث ۽ ٺيڪيدار نٿا سمجهون. نڪي پاڻ کي بي عيب، عقل جو درياهه، قرباني جو پتلو ۽ ملائڪ سمجهون ٿا. اسين پاڻ کي سنڌ جي مختلف وطن دوست ٽولن منجهان فقط هڪڙو ٽولو سمجهون ٿا ۽ پنهنجي حال سارو قوم ۽ وطن جي خدمت ڪري يوسف جي خريدارن مان ليکجڻ جي آس رکون ٿا.

انهيءَ ڪري اسين توهان کي بي ايمان، غدار ۽ قوم فروش نہ سمجهون ٿا ۽ نڪي چونداسين. اسين توهان جي سياسي گارين ڏيڻ تي ڏکويا برابر آهيون پر توهان کي ميار نٿا ڏيون. توهان پنهنجي سمجھ ۽ سوچ آهر جيڪي مناسب سمجهيو سوچيو آهي، سو بيان ڪيو آهي، انهيءَ تي اسين سچيءَ دل سان توهان جا ٿورائتا آهيون. اسان جي خيال ۾ توهان جو خط سنڌي قوم کي پنهنجي منجهيل ۽ پيچيده مسئلن کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيندو؟ نقصان ڪونہ ڪندو. ان ڪري اسين پنهنجي سمجھ ۽ سوچ آهر ان ۾ اٿاريل نڪتن بابت پنهنجي سوچ پيش ڪريون ٿا. اميد تہ اوهين بہ وڏي نظر ۽ ٺڏي سينې سان ان تي ويچار ڪندا.

ادا سائين! توها پنهنجي خط جي پچاڙيءَ ۾ لکيو آهي، "دوست وڏي مهرباني اوهان اها ضرور ڪئي آهي جو اوهان وقت سر پڏرا ٿي پيا.... اوهان انهيءَ قوم فروشيءَ جي عيوض چگي چوکي رقم حاصل ڪئي هوندي. جي وري اها جاري رکيو تہ سنڌ دشمن اوهان کي ڏئي چڏيندا." پيارا پاڻ، تحريڪ جي ڪارڪن کي وقت سر پڏرو ٽيڻ جي عادت پراڻي، نئين ڪانهي. ويه سال اڳ جڏهن مرحوم حيدربخش جتوئي قمبر، شهداد ڪوٽ تڪ مان نواب غيبي خان جي پوٽي جي سامهون اميدوارن بينو هو ۽ سنڌ جي سموري وڏيرا شاهيءَ، مرڪزي سرڪار ۽ سنڌ سرڪار جي مدد سان ڪيس شڪست ڏيڻ لاءِ قمبر ۽ شهداد ڪوٽ کي سياسي ۽ پوليس مورچن ۾ تبديل ڪري چڏيو ۽ تڪ جو وڻ وڻ، ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر رڳو پوليس ۽ وڏيرا شاهي ٽي ويو. تڏهن بہ تحريڪ جا ڪارڪن وقت سر پڏرا ٽي پيا هئا ۽ پنهنجا هلندڙ امتحان چڏي حيدر بخش جي ڪئمپ ۾ پهچي ويا هئا ۽ سندس فقيرن ۽ مست ملنگن جي جٿي ۾ شامل ٿي ڳاڙها جهنڊا هٿن ۾ ڪٹي پيرين پيادا ڳوٺن ۾ پکڙي ويا هئا. پکڙا ڪائي اڏ ڏاوا، اڏ بکيا ڪهڙا شاهي، لياقت شاهي ۽ مرڪز شاهي جي پوليس راج سان ٽڪر ڪائيندڙن جي پهرين صف ۾ سيني سپر ٽيا هئا. ان زماني ۾ بہ ڪين چگي چوکي رقم حاصل ٿي. اها رقم اڄ بہ سندن زندگيءَ جو سرمايو آهي. ان رقم ملڻ تي ڪين شرمساري نہ پر فخر ۽ ناز آهي. ان رقم جا انگ اکر توهان مرحوم حيدر بخش جتوئي کان پڇي سگهو ها. اڄ بہ جي نبي بخش تنيي جي والده جيئري هوندي تہ اها بہ ٻڌائي سگهندي ۽ اهي سڀ ٻڌائي سگهندا، جيڪي ان وقت حيدر بخش جي ساٿ ۾ هئا. تحريڪ جا ڪارڪن ان وقت بہ وقت سر پڏرا ٽيا هئا، جڏهن ون يونٽ مڙهيو ويو هو، جڏهن ون يونٽ خلاف فرنٽ ناهيا ويا هئا، جڏهن پرڳڻي جي بنگلي تي پٽي صاحب سان گرما گرم بحث ۽ تڪرار ٽيا هئا، جڏهن محب وطن ڪاٺ ۾ پوندا هئا، جهر جهنگ ون يونٽ خلاف آواز اٿارينداهئا، بينر لکندا هئا،

صحيحيون وٺندا هئا، پوسٽر ورهائيندا هئا. تحريڪ جا ڪارڪن ان وقت پڏرا ٽيا هئا، جڏهن محترم جي ايم سيد تي مولانا نظاماڻي ۽ جماعت اسلاميءَ جي لڏي اخبارن ۾ ڪفر، اسلام دشمني ۽ پاڪستان دشمني جا ڪوٽ وهائڻ شروع ڪيا ۽ سڄي سنڌ ۾ چپ هئي. فقط تحريڪ جا ڪارڪن وقت سر پڏرا ٽيا. انهن سنڌ جي ان دور جي تاريخ ۾ پهريون دفعو اسلام فروش ملن جي عوام دشمن قلعن مان ٽيندڙ نظرياتي توبزني سان دوبدو ٽڪر ڪاڏو ۽ سندن ڏمڪين ۽ خوني وارن جي پرواه نه ڪري پهريون دفعو شاه صاحب ۽ محب وطن سنڌي ادبين ۽ ڪارڪن جو علمي ۽ نظرياتي دفاع ڪيو ۽ سنڌ دشمن ٽولن جي غرور ۽ تڪبر کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو. ان دفعي به ڪين ڇگو چوڪو اجورو ملیو هو. محترم جي- ايم- سيد سون ڪارڪن ۽ ميان افتخار دين جي روبرو تحريڪ جي ڪارڪن کي شفقت وچان چميون ڏنيون هيون. اهڙي ڇگي چوڪي اجوري تي ڪير نه خوش ٽيندو! تحريڪ جا ڪارڪن ان وقت به پڏار ٽيا هئا، جڏهن اسلام فروش فاشين نوان گوئبلز تيار ڪري انهن جي يڪي لوڏ کي سنڌي ادبين ۽ ڪارڪن تي ڇڏي ڇڏيو. سڄي سنڌ جا محب وطن تڙپي اٿيا هئا. سيني پنهنجي وس آهر پاڻ پتوڙيو. پر اهي تحريڪ جا ڪارڪن ئي هئا، جيڪي نظاري جڙهي نروار ٽيا ۽ سنڌ کي "انڊا اونڊا ويچ" ڪتاب جي روپ ۾ اهو نظرياتي هٿيار ڏنائون، جنهن دشمن جون وايون ولڙيون ڪري ڇڏيون ۽ ڪين سالن لاءِ منهن تي لغام ڏيئي ڇڏيو. ان جو به ڪين گهٽ اجورو ڪونه ملیو. سڄي محب وطن سنڌ اُن اپري سپري پورهئي کي پنهنجي صنف جو انوکو ڪلاسيڪي شاهڪار ڀڃي ٽي. توهان به ان کي پڙهي ڏسو. ڪڏهن ڪڏهن 'بي ايمان، غدارن ۽ وطن فروشن' جا ڪتاب به پڙهي ڏسبا آهن. ممڪن آهي توهان کي به وٺي. ڇا اهو ڇگو چوڪو اجورو ڪونه ٽيندو؟

تحريڪ جا ڪارڪن هر ان موقعي ۽ محل تي پڏار ٽي پوندا آهن، جڏهن سنڌ جي ڪنهن نفعي يا نقصان جو سوال پيدا ٽيندو آهي، ڪا واڌاريجي وات نڪرندي آهي، ڪا دشمن جو گهيرو ٽوڙڻ جي ترڪيب گهربل هوندي آهي. جڏهن دشمن جي سخت گهيري، دٻاءُ ۽ دهشت جي ڪري هاري تحريڪ جي راه روڪجي وئي، جڏهن ون يونٽ جي سنئين سنڌي ۽ آمهون سامهون مخالفت جون راهون بند ٽي ويون ۽ جڏهن سنڌ جي سمورن گهٽگهرن گڏجي سڏجي صلاح ڪري ادبي مورچو قائم ڪيو، تڏهن به تحريڪ جا ڪارڪن وقت سر پڏرا ٽيا هئا، محمد ابراهيم جويي کان پوءِ هن ئي پهريون دفعو پنهنجو ادبي نالو روشن ڪرڻ بدران ٻين لاءِ رستا صاف ڪيا، ڪين همٿايو، ڏس ڏنا، ڪيڏي ميڙي مٺ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. اهي ئي هئا جن پهريون دفعو تڏهن اياز کي عظيم شاعر ڪري پيش ڪيو ۽ مٿس مقالا لکيا. جڏهن ڪيس هڪڙي ننڍڙي

ادبي حلقي کان ٻاھر ڪير سڃاڻيندو ۽ ڪونہ سو ۾ جڏھن سنڌي اخبارن ۾ رسالن جا ايڊيٽر سندس نالو ٻڌي پڇندا ھئا تہ، ”اھا وري ڪھڑي نئين بلا آھي؟“ جمال، رباني، شيخ، حفيظ ۽ ٻين اڄ جي نامور فنڪارن جي فن کي فني پرک جي ميدان ۾ ڪسوٽين تي ھٽي، ٽوڪي وڄائي، سنڌ جي عام پڙھندڙن سان سندن تنقيدي تعارف انھن ئي ڪرايو. انھن ئي اھا رسم وڌي تہ ذاتي دوستي، لحاظ ۽ سنگت جي خيال کان مٿيرو ٿي سنڌي ادب جي خدمت ڪندڙ نندڙي کان نندڙي ۽ وڏي کان وڏي لکندڙ کي ھڪڙي اک سان ڏسي، ڄاتل توڙي اڻڄاتل لکندڙن جي رھبري ۽ ھمت افزائي ڪجي ۽ سندن لکڻيون ڳولي ڳولي ڪڍان ستہ، ڪڍان بند ڇونڊي، ان کي اجاگر ڪجي. سنڌي محب وطن ادب ۽ محب وطن ادبين خلاف ھر علمي ۽ نظرياتي سازش جو بي-جگريءَ سان مقابلو ڪجي. جيڪڏھن ھو چاھين ھا تہ ھو پاڻ پنھنجا افسانا يا شعر لکي پاڻ وڏائي سگھن ھا. پر ھن پنھنجي ذات کي چمڪائڻ بدران پنھنجي قوم جي سموري ادب کي ھٿي ڏيڻ جي رسم پسند ڪئي. ان جو گھٽ اجورو ڪونہ مليو. سياسي تعصبن کي ڇڏي جاچ ڪري ڏسبي تہ تحريڪ جي ڪارڪن جو سنڌ جي ادبي واڌاري ۾ جيڪو حصو آھي ان تي ڪين شرمسار ٿيڻ جي نوبت ڪڏھن کانہ ايندي.

جڏھن وري محب وطن سياست ۾ ڪجھ ساھ پيو، تڏھن بہ تحريڪ جا ڪارڪن وقت سر پڌرا ٿيا ھئا. درحقيقت سنڌ جي ھاڻوڪي دور جي تاريخ ۾ ڪھڑي قومي جدوجھد آھي، جنھن ۾ تحريڪ جي ڪارڪن وقت سر پڌرو ٿي ٻين سان گڏجي فيصلي ڪن ڪردار ادا نہ ڪيو آھي؟ جڏھن ٻيا 4- مارچ وارن جوانن کان ونڊ ٿي ويا ۽ چيائون تہ، ”اوھين بي وقوفي ڪري مورڳو اسان کي ٻڌايو ٿا.“ تڏھن ڪير ھئا، جن سندن ھمت ٻڌائي؟ ڪير ھئا جيڪي 4- مارچ جي ٽڪر ٿيڻ جي خبر ٻڌڻ شرط ان ھراسيل ۽ ڏھڪايل ماحول ۽ وقت ۾ ٻين کي ھمٿائي قيدي شاگردن سان ملڻ لاءِ جيل ويا؟ ڪير ھئا جن سوين وڪيلن کي يڪجاءِ ۽ منظم ڪري سنڌي شاگردن پاران ميدان ۾ آندو؟ جن اڳتي ھلي يوسف لغاري ۽ ٻين جي وري زخمي ٿيڻ کان پوءِ سندن بروقت سار لڌي، جيڪي بروقت آڏي راتين جو لکين رپين جا ضامن پيا، ساڻن پل پل، گھڑي گھڑي ساٿ ڏنو، جن محاذ ۽ مورچا ناھي سنڌي شھرين کي گڏ ڪري ڏاھپون ڪري ڪڏھن پٺ پر، ڪڏھن پٺ پر پئي امن ڪميٽين جا ٽيڪڑا ڪري، دشمن کي منجھائي، سندن وار گسايا ۽ ڏڪ پچارائي محب وطن شاگردن کي سازشين جي منظم حملي کان بچايو؟ اھي ڪير ھئا، جن پناھگير نعپ ۽ سندن چاڑتي ساقي گروپ طرفان 4- مارچ واري تحريڪ خلاف ھلايل غليظ پروپيگنڊا کي اگھاڙو ڪيو، ساڻن ٽڪر کاڌو،

سندن عهدن کي نڪرايو، کين نعپ جي ڪائونسلن ۾ ننگو ڪيو؟ آخر جڏهن پناهگير نعپ بنھ اڳهاڙي ٽي جماعت اسلامي سان ڏئڪ ۾ ملي وئي ۽ ون يونٽ ٽوڙائڻ جو مطالبو چڏي چئن شادين جي موڪل ملڻ لاءِ مطالبا ڪرڻ لڳي، تڏهن 3- جون 1967ع تي ڪير هئا، جن سندن چاڙتن جي غنداگردي جي پرواه نه ڪري سندن ڪائونسل ۾ ون يونٽ جي مسئلي تي سڄي سنڌ جي نمائندن اڳيان کين ننگو ڪيو، سندن چئلينج قبول ڪيو ۽ ان بعد سندن سازشين خلاف سنڌي عام راءِ کي بيدار ڪيو، شاگردن کي سندن سازشن ۽ بدمعاشين خلاف سجاڳ، متحد ۽ منظم ڪيو ۽ ڪٽن لڙاين کان پوءِ کين شاگردن ۽ قومي تحريڪ جي جمعداري تان بي دخل ڪري چڏيو، اهي ڪير هئا جن ايوب خلاف تحريڪ هلندي گرفتار ٽي جيلن ۾ وڃي سنڌي شاگردن لاءِ جيل اندر چڙ سياسي مدرسا قائم ڪري کين سياسي تعليم ڏني، کين سنڌ ادب ۽ تاريخ، ثقافت، دنيا جي تاريخ ۽ بين الاقوامي سياست جي ڄاڻ سان هٿيار بند ڪيو، قومي تحريڪ پليٽ فارم تي متحد ٽيڻ لاءِ تيار ڪيو؟ اهي ڪير هئا جن جيلن ۾ جي- ايم- سيد ۽ ايياز جا ڏينهن ملهايا. اهي ڪير هئا جن پناهگيرن نعپ جي چاڙتن جي غداري واري مخالفت هوندي ۾ حيدرآباد جي شهر ۾ ون يونٽ جي مسئلي تان اصغر خان ۽ اعظم خان سان ٽڪر کاڌا، لٽيون کاڌيون، رت هاريو؟ (انهيءَ لاءِ فقط ان دور جو رکارڊ ۽ اخبارن کولي ڏسو.)

اڄ ٿورو به شعور رکندڙ سنڌ جي ٻچي ٻچي کي تجربي مان معلوم ٽي چڪو آهي ته پناهگير نعپ معنيٰ مودودي جا سڳي پائي، منافق ۽ مڪار سنڌ دشمن رهزن، پر ڪجھ سال اڳي سنڌ جا باشعور ماڻهو مٽن صلاتون پڙهندا هئا ۽ سندن حڪم جي انحرافي ڪرڻ کي ڪفر سمجهندا هئا. کين انقلاب جو واحد گادي- نشين سمجهيو ويندو هو. سندن سنڌي چيلا، هاري ڪميٽي، سنڌي ادبي سنگٺ ۽ نعپ کي پنهنجو اڏو بنائي انهن ڪڏٽن مان سنڌ ۽ سندس وطن دوست ڪارڪن تي حملو ڪري کين وادوڙيو وينا هوندا هئا. هن سنڌي محب وطن کي پاڻ ۾ ويڙهائي هڪ ٻئي جي خلاف استعمال ڪري، ڪفر جون فتوائون ڏيي، هڪڙن کي ادبي سنگٺ، هاري ڪميٽي ۽ نعپ جي گادين تان لاهي ٻين کي ويهاري ويھ سال محب وطن سنڌ کي پنهنجي جاگير ڪري هلايو.

خود جي- ايم- سيد کي سڄي عمر اندن جيڪي پوپٽيون پڙهايون ۽ رت رئاڙيو. تنهن جو داستان توهان کائنس پڇي سگهو ٿا.. خود سيد جي اخبار ۾ سيد خلاف ايڊيٽوريل لکبا هئا ته به هو ڪڇي نه سگهندو هو. حيدر بخش جتوئي، ايياز، غلام محمد لغاري، حفيظ قريشي، قاضي فيض محمد، مطلب

ته سنڌ جو ڪهڙو چرندڙ پرندڙ ماڻهو آهي، جنهن کي هن رت نه رڙائڙيو هجي؟ جي- ايم- سيد جناح صاحب کي منهن ڏنو. اسلام فروشن کي منهن ڏنو، انهن خلاف لکيو پر انهن نقاب پوش ڏوتين جي ڪاڪ محل بابت هڪڙو اکر به ڪڍڻ جي جرئت نه ٿيس، چو ته ڪيس خبر هئي ته 'ائين ڪندس ته جيڪي ماڻهو منهنجي اوطاق پريو وينا آهن، اهي ئي ويري ٿي پوندا!'

حقيقت ۾ سنڌ جو هر چرندڙ پرندڙ قومي ڪارڪن هن نقاب پوش عوام دشمن ۽ سندن پالیل ۽ سيڪاريل سنڌ دشمن طوطن ۽ چاڙڻن جي گهيري ۾ هوندو هو. جيڪو ٻڙڪ ٻاهر ڪيندو هو ته اندران ئي اندران سندس تختا نڪري ويندا هئا ۽ رات وچ ۾ هو غدار ٿي پوندو هو. ان راکاس جي قلعي ۾ ڏار ڪنهن وڏا؟ اهو طلسم ڪنهن ٽوڙيو؟ سنڌ جي ذهن ۽ ضمير کي انهن هيبتناڪ پنجوڙن مان ڪنهن آزاد ڪيو؟ سندن قهري سازشي وار ڪنهن سٺا؟ سندن پروپگينڊا مشينريءَ هٿان ڪنهن چيپاٽجڻ برداشت ڪيو؟ انهن واڳن جي وچان سنڌي شاگردن، ڪارڪنن، هارين ۽ محب وطن عوام جي اتحاد ٻيڙيءَ کي سلامتي سان اڳتي ڌڪڻ لاءِ ڪنهن جاکوڙا ڪيا؟ جڏهن لسٽن واري تحريڪ هلي ۽ مارشلا اختياري وارن رات وچ ۾ وار ڪري لالا قادر، قاضي فيض محمد، غلام لغاري ۽ ٻين کي ڌنڊا هٽي، رت مان ڳاڙهو ڪري ڪاٽ ۾ وجهي چڏيو، تڏهن ان برندڙ باهه ۾ ڪير ٽپي پيو؟ ڪنهن سنڌي عوام جي مدد سان دشمن جي سموري حملي کي ختم ڪري هارايل راند سنڌ کي کٽائي؟ ۽ سنڌ ۾ سجاڳي ۽ بيداري جي هڪڙي بيمثال لهر اٽاري جهنگ جهر، وڻ ٽڻ سنڌيت جي سڃڻڻ سان واسي چڏيو؟

سنڌ جي سورمي اختر بلوچ جي اڳواٽيءَ هيٺ سنڌي شاگردن ۽ عوام، جٽن جا جٽا ناهي دشمن جي حملي جو جيڪو منهن ٽوڙ جواب ڏنو، انهيءَ عوامي اتحاد، جذبي ۽ گڏيل قربانيءَ جو مثال ڇا اڄ تائين وري پيش ٿيو آهي؟ ڇا ان کان اڳ يا ان کان پوءِ سنڌي شاگرد، مزدور، هاري، قومي ڪارڪن ڪڏهن ائين هڪ جهنڊي هيٺ متحد، منظم ۽ سرگرم رهيا آهن؟ جڏهن نيٺ دشمن جون سازشيون ڪامياب ٿيون ۽ شاگردن ۾ ڦوٽ پئي، انهن تحريڪ جي ڪارڪنن جي پرخلوص صلاحن کي نظرانداز ڪري ذاتي نالي ۽ نيڪي ڪمائڻ لاءِ ملڪ مٿائي سمجهي ابهرائي وارا جهٽ هنيا ۽ سندن ٻيڙي ڦاسي پئي، سرڪار چڙوچڙ تحريڪ ۾ قيد ٿيل شاگردن کي آزاد ڪرڻ کان انڪار ڪيو، تڏهن اهي ڪير هئا، جن فورا قسم کڻي "نيلام بند ڪريو تحريڪ" هلائڻ جو انتظام ڪري، هڪ طرف سنڌ جي لکين ايڪڙن کي تين وال ڪرڻ واري ون يونٽي سازش کي مڙسي سان ناڪام بنارايو ته ٻئي طرف چڙوچڙ ٿيل شاگردن کي وقت سر سنڌي هارين جي ڪمڪ

پھچائي سندن وقار سلامت رکيو ۽ شاگرد هاري اتحاد جو هڪ نئون رکارڊ قائم ڪيو؟ اهي ڪير هئا، جن چوٽين مارچ 1969ع واري عظيم الشان اجتماعن گڏ ڪرڻ ۾، پين محب وطن جي سرگرم مدد سان بنيادي ڪردار ادا ڪيو؟ اهي ڪير هئا جن دوراندیشي ۽ دڳهي نظر کان ڪم ونيو پاڪستان جي پين مظلوم قومن سان برادرانہ اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ سلا پوکيا ۽ شاندار شروعاتون ڪيون؟ سنڌي سرائڪي دوستي جا ڏينهن ڪنهن ملهايا؟ ان لاءِ سي- آءِ- ڊي ۽ سندس ايجنٽن طرفان ڪيل پروپيگنڈا جا تير ڪنهن سٽا؟ خود پ- پ جي فتح کان پوءِ "قومي زبان ڪنوينشن" ۽ "هاري ڪانفرنس" جهڙا عظيم سنڌي اجتماع حيدرآباد شهر ۾ سڏائي، ڏکين وقتن ۾ چڑوچڑ ۽ درهم برهم ٽيل سنڌي اتحاد کي وري ڪنهن بحال ڪيو؟

ٻوليءَ وارن فسادن پيري جڏهن ليڊران ڪرام آرام سان پنهنجن گهرن ۾ سڪونت پذير هئا، تڏهن حيدرآباد جي گهيريل سنڌي عوام جي بچاءُ لاءِ حملي ٽيڻ شرط فورا ڪير ميدان ۾ آيا؟ ڪير فسادن هلندي، پنهنجا بچا گهيرن ۾ ڇڏي مظلوم سنڌي عوام کي متحد ڪرڻ لاءِ ٽيبي پيا، ڪنهن "سنڌ بچاءُ ڪميٽي" ناهي، ڪنهن علي الاعلان فسادن خلاف پريس ڪانفرنسون ڪوٺايون، سڄي محب وطن سنگت کي ميڙي مٺ ڪيو، حيدرآباد ۾ آسپاس جي خطري وارن علائقن ۾ وڃي، پرندڙ باھ ۾ ٽپي، سنڌين کي گهيرن مان ڪڍيو؟ ڪير هئا جن يوسف تالپر جي جاءِ تي 24 ڪلاڪ قائم رهندڙ بچاءُ مرڪز هلائڻ ۾ ساڻ ڏنو ۽ 24 ڪلاڪ اتي موجود رهي، ساڻين سان گڏ قومي ديوٽيون ڏنيون.

اڄ ٻ سنڌي قوم کي وزارتي سرڪسن جي خبرن چارن ۽ قصن ڪهاڻين ۽ جذباتي نعرن بدران صحيح انقلابي سياسي تعليم ڏيڻ جي رسم ڪنهن وڌي آهي؟ ۽ ها، اڄ جڏهن هڪڙي ٽولي محترم جي- ايم- سيد ۽ سندس مريدن، خادمن کان سواءِ ٻي سڄي سنڌ کي غدار ٺهرائي، ڪين بددل، مايوس ۽ چڑوچڑ ڪري چڏيو آهي. تڏهن اهي تحريڪ جا ڪارڪن ئي آهن، جي وري وقت سر پڌرا ٿي پيا آهن ۽ جتي ڪجھ وقت اڳي فقط ٻہ چار چوڙرا "تنهنجو ديش منهنجو ديش" جا نعرا هٽي وڃي گهر ويهي رهندا هئا ۽ ٻي سڄي سنڌي خلق سنڌيت کان لاتعلق ٿي ويٺي هوندي هئي، جتي فضا فقط پيرن تي پڙ چاڙهڙ ۽ سندن تعريف ۽ مدحون ۽ قصيدا پڙهڻ کان سواءِ سنسان ۽ سناٽي ۾ هئي، اتي اڄ وري سوچ سمجھ جون نيون لهرون اپريون آهن، اڻ پچيل سوال چپن تي آيا آهن، ماڻهن جي ذهن تان پير پرستيءَ جي آفيمي گهر لهڻ شروع ٿي آهي، ماڻهو وري پنهنجي آئيندي بابت پاڻ سوچڻ لڳا آهن، توهان هڪڙا خط لکڻ تي مجبور ٿيا آهيو.

ڇا اھو ڇگو چکو انعام ناھي؟ باقي رھيو گاريون، بھتان، الزام ۽ ڏمکيون سو انھيءَ ٻني جي ڊل ئي اھا آھي. اھي ڪنھن کي نہ مليون ۽ ڪنھن کي نہ ملنديون؟ فرق جيڪڏھن آھي تہ فقط اھو تہ تحريڪ وارن جن تان ڪلھ گارين، بھتانن، الزامن ۽ ڏمکين جا عذاب لاھڻ ۾ مدد ڪئي، سي ھاڻي پاڻ اٽلو تحريڪ وارن کي گاريون، الزام، بھتان ۽ ڏمکيون ڏيڻ لڳا آھن، پر ان لاءِ اسين ڪنھن کي ميار نٿا ڏيون، پير ياڻ ڪونہ اڏامندا آھن، ڪين مريد اڏائيندا آھن. سنڌ دشمن کي داغ ڏيڻ لاءِ اسان ئي ٻين محب وطن سان گڏجي دشمن سان وڙھي جھڙي پنھنجا مٿا قاڑائي انھن گاريون ڏيندڙن ۽ تھمتون ھٽندڙن تان ڪفر، غداري، پارٽي ايجنٽي، وطن دشمنيءَ جا لعنتاڻا لاٿا، سندن ويرين کي سندن پيرن جي خاڪ ڪيو، سندن تعريفون ڪيون، سندن ساراھ ۾ نعرا ايجاد ڪيا، بيت لکيا، ترانا ڳايا. اسان سمجھيو تہ اسين سنڌ دوستن کي زور ٻيا ونايون. سنڌ جي دشمن کي زير ٻيا ڪريون. اسان کي خوشي آھي تہ اھي تحريڪ وارا ئي ھئا جي سڄي حقيقت معلوم ٿيڻ تي وقت سر نڪري پڌرا ٿيا ۽ آخر تائين پنھنجي مؤقف تي قائم رھيا ۽ ٻيڻا آھن. حالانڪ ڪھڑي ۽ راشديءَ کي واري سنڌ جي واڳ ڏيڻ جو جنھن ڏينھن شاھ صاحب حيدر منزل ڪراچيءَ ۾ اعلان ڪيو، تنھن ڏينھن گرجندڙ احتجاجي تقريرون ٻين ڪيون، الگ ٿيڻ جا اعلان ٻين ڪيا ۽ تحريڪ وارا فقط ادب سان پنھنجو مؤقف بيان ڪري ڪھڑي، راشدي ۽ سيد جو محاذ ڇڏي الگ ٿي ويا. ھو اتي ئي ٻيڻا آھن. ڪھڑي، راشدي ۽ سيد جي محاذ خلاف گجندڙ تقريرون ڪندڙ ٻن ڇڻن ڏينھن جي روسامي کان پوءِ وري وڃي ڪھڑي، راشدي ۽ سيد جي ٽولي سان گڏيا ۽ ايجاتائين سيد جي روحاني اڳوائي ۽ راشدي صاحب جي سياسي قيادت ۽ پناھگير نعپ جي مڪمل پٽيرائي سان پنھنجي ڪم کي لڳا پيا آھن. اسان انھن ڳالھين جو اڳ پلجي ب ذڪر نہ ڪيو آھي، جو تہ قومن جي نجات لاءِ جيڪي گھرجي تنھن جي پيٽ ۾ اسان جڙ ڪجھ ب نہ ڪيو آھي. اھا مصنوعي نھنائي ڪانھي، تلخ حقيقت آھي. اسين سڀ پنھنجي قوم جي خدمت ۾ تمام پوئتي پيل آھيون. اسان کي پنھنجي سستي، اٽڪاڻائي ۽ ڪم ھمتيءَ مان جان ڇڏائڻ گھرجي ۽ پاڻ ۾ انقلاب آڻي، پاڻ کي سنڌ جو سچو خدمتگار بنائڻ گھرجي ۽ پنھنجي زندگي جو پل پل، گھڑي گھڑي قوم لاءِ وقت ڪرڻ گھرجي. ھينئر اھو ذڪر رڳو ان مجبوري سبب نہ ڪجي، جو اسان جي نھنائي ۽ خاموشي سنڌ لاءِ فائدمند ٿيڻ بجاءِ نقصان ڪار ٿي پيئي آھي. ماڻھن ان جو ناجائز فائدو ونيو اھا ڪوڙي قوم دشمن پروپيگنڊا ھلائي آھي تہ "سڄي سنڌ کي رڳو ھڪڙو ماڻھو سنگڻ تي ڪنيو پيو ھلائي، بي سڄي قوم پاڙي، نالائق ۽ غدار آھي." اسين ماڻ ۾ رھنداسون تہ پاڻ کي پلي

ڪٽي ڏھنوءِ صابرين سمجھي دل ۾ خوش ٿيون، پر قوم کي جيڪو نقصان ٿئي پيو ءِ ٿيندو تنھن جي تلافي ٿي ڪانه سگھندي. ان ڪري لاچار چپ چوريا اٿئون. ادا اسين وقت سر پڌرا ان ڪري ٿي پيا آھيون، جو پنھنجي پر ۾ اسين ب پاڻ کي سنڌي قوم جا فرد ءِ حال سارو ان جا ٻين جھڙا خادم سمجھون ٿا. اسين ب سنڌ جي نفعي نقصان ۾ پاڻ کي ٿورو گھٽو واسطيدار ءِ حصيدار ليکيون ٿا.

2_ توھان لکيو آھي، "ونٽ يونٽ ٽوڙائڻ ءِ سنڌين کي سنئين دگ لائڻ فقط سيد جي حصي ۾ آيو آھي. ان ڪري ڪريڊٽ ۾ ڪوب سندس پائيوار ڪونھي. اوھان ۾ جرئت ڪونھي جو ان لاءِ ڪو نالو ڪٽو."

ادا! ڪيترا نالا ڪٽي توھان کي ٻڌايون؟ پنج، ڏھ، پنجاھ، سؤ ھجن ٿ اسين ب لکائي سگھون ءِ توھان ب لکي سگھو. ھتي ٿ ڳالھ لکن کان چڙھيل آھي، ڪيترا لکندؤ؟ انھن سون ھزارن سنڌي ادب لکندڙن ءِ پڙھندڙن جا نالا لکٽا پوندا، جن ون يونٽ خلاف سنڌ جي بيدار ڪرڻ لاءِ افسانا، شعر، مضمون، مقالا، خط لکيا، پڙھيا. انھن لکٽين وارن رسالن ءِ ڪتابن کي خريد ڪري پڙھيو، پڙھايو ءِ ھمٿايو. جلسا جلوس ڪيا، احتجاجي مظاھرا ڪيا. پرائمري ۽ ھاراٿي جي شاگردن کان ونڊي يونيورسٽي جي شاگردن جا نالا لکٽا پوندا جي جيلن ۾ ويا، رسٽيڪيٽ ٿيا، مارون کاڌائون، نوڪرين ءِ پڙھائيءَ کان خارج ٿيا، مائٽن جا ميار ٿيا، جن سنڌ جي گوٺ گوٺ، ڳنڍ ڳنڍ، شھر شھر ۾ "جيئي سنڌ" جو نعرو ھڻي، ون يونٽ جي ڪھري نظام خلاف عوام کي بيدار ڪيو.

لکين گوڏ ٻڌل پيرن اگھاڙن سنڌي ھارين جو نالو لکٽو پوندو جن کھاڙين وارا جلوس ڪيا، شھرن ءِ سنڌ دشمن جي دھشت کي ٽوڙيو، آفيسن جا گھيرا ڪيا، سڌ تي سڌ ڏنا، پيرين پنڌ ڪيا، بکون ءِ جيل ڪاٽي، ڦٽڪا ساڻا. مطلب ٿ چند غدار وڏيرن کي ڇڏي ٻيو ڪھڙو سنڌي مرد، عورت، ٻار يا ٻڍو ھو جنھن پنھنجي پنھنجي دائري، رنگ، سمجھ ءِ سوچ آھر ون يونٽ خلاف جدوجھد ۾ پاڻ نہ پتوڙيو ھجي؟ پوءِ توھان کي بلوچستان، سرحد ءِ بنگال جي ڪروڙين محب وطن جا نالا لکٽو پوندا، جن مان بھترين مردن ءِ عورتن پنھنجا مال ملڪيتون، آزاديون ءِ ويندي جانيون ون يونٽي نظام خلاف جدوجھد ڪندي قربان ڪري ڇڏيون.

نہ پيارا ياءَ! ون يونٽ ٽوڙڻ ڪنھن ب اڪيلي جي وس کان ٻاھر ھو. تنھن کان سواءِ توھان کي ڪنھن ٻڌايو آھي ٿ ون يونٽ مڪمل طرح ٽٽي چڪو آھي ءِ ڪير ٽوچوي ٿ اھو ٻيھر مڙھڻ جي ناپاڪ ڪوشش نہ ڪئي ويندي؟ اھي بي بنياد دعوائون ڪري توھان ڪنھن جي ساراھ نہ پر حقيقت ۾

گھٽتائي ڪري رهيا آهيو. گھٽي دعا پٽ برابر هوندي آهي. اجايو پڏائڻ سان ماڻهو جي عزت وڌندي ناهي.

3ـ توهان چئو ٿا ته اسان جي ـ ايم ـ سيد خلاف ڪوڙ هنيا آهن ۽ گند. ميو آهي. خدا پناه ڏئي، اسان شاه صاحب خلاف چو گند مئيندا سون؟ اسان کي ساڻس ڪا ذاتي دشمني ته ڪانهي. اسان جو ڪو ڏڻ مال ته ڪونه هٽي ويو آهي. اسين ته پاڻ شخصي طرح سچيءَ دل سان سندس عزت ڪريون ٿا. گند مئڻ ته پري رهيو، اسان سندس ذاتي زندگي، ذاتي مشغولين، ڏنڏي، ڪاروبار، زميندارين ۽ گھرو معاملن جو پلجي به ذڪر نه ڪيو آهي. انهن ڳالهين جو سندس سياست سان سڌي طرح واسطو ڪونهي. اسين فقط سندس سياست بابت پنهنجي راءِ پيش ڪريون ٿا. بهرحال جيڪڏهن اسان کان ڪا غلط ڳالھ لکجي ويئي هجي ته ڪو گڏو اکر قلم مان نڪري ويو هجي ته مهرباني ڪري صحيح پار پتا ڏيندا ته اسين ڪهڙي ڳالھ غلط يا نامناسب لکي آهي ته جيئن اسين پاڻ کي درست ڪري سگهون.

4ـ توهان لکيو آهي ته، "جي اوهان سچ سڏ جا سڄڻ هجو ها ته فقط پنهنجي تحريڪ جاري رکي پنهنجا خيال سڏ آڏو پيش ڪيو ها ۽ ڪنهن به قومي تحريڪ خلاف.... ڏڦيڙ وجھڻ جي صلاح اصل نه ڏيو ها." گھٽو ڪري اها صلاح مناسب ٿي لڳي پر سڀني حالتن ۾ ائين ناهي. مثال طور: گھر جي ياتين مان هڪڙا ٻين کي چون ته، "توهان پلي گھر ناهيندا هلو. اسين ٽهيل گھر جون ٽوٽيون اکوڙڻ چاهيون ٿا. توهين پنهنجو ڪم ڪريو. اسين پنهنجو ڪم ڪريون. توهين اسان جي ڪم ۾ دست اندازي نه ڪريو، اسين توهان جي ڪم ۾ نه ڪريون!" هڪڙا هاري ٻين کي چون، "توهين ويراج ڪريو، اسين ڀج ڪيڊي اڇلائي ڦٽو ڪريون ٿا!" ته ان حالت ۾ اهو گھر يا اها ٻني ڪيئن هلندا؟ وڏو پاءُ چوي ته، "آءٌ امان کي بيماريءَ ۾ زهر ٿو پيارايان. اوهين ننڍا پائر منهنجي ڪم ۾ دخل نه ڏيو. باقي اوهان کي به جيڪا دوا وٹي سا پياري ڇڏيوس. مون کي اعتراض ڪونهي."

انهيءَ بنياد تي جيڪڏهن هر ڪنهن کي ڇڏجي ته گڏيل مسئلن ۾ پنهنجو پنهنجو ڪم پيو ڪري ته هي ملڪ ته ڇا سڄو جهان تباه ٿي ويندو. ان لاءِ ضرور کي حدون مقرر ڪرڻيون پونديون. آزاديءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ قومن تنهن ڪري اهو دستور ڪيڊيو آهي ته، "پاڻ تي توڙي پنهنجي ساڻين تي تنقيد ڪري پنهنجي ۽ ٻين جي رهبري ڪجي." ان هوندي به ڪيترن ئي سبن جي ڪري اسان سالن جا سال شاه صاحب جي سياست بابت ڪا به خاص راءِ زني نه ڪئي آهي ۽ "جيو ۽ جيئڻ ڏيو" جي اصول تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر جڏهن نوبت ان منزل تي وڃي پهتي آهي، جتي

قومي سياست ذري گھٽ ختم ڪئي ويئي آھي ۽ پراڻي اونداھي زماني واري انڌي عقيدت ۽ پيرپرستي مسلط ڪئي ويئي آھي. ھر اختلاف، تنقيد ۽ پنھنجي ليکي سنڌ جي خدمت ڪرڻ جون راھون بند ڪيون ويون آھن، تڏھن اسان کي لاچار قومي مفادن خاطر سنڌي عوام جو نڪتي نظر پيش ڪرڻو ٿو پوي.

5ـ توھان لکيو آھي تہ "ڇا ڪڏھن سيد ۽ جيئي سنڌ وارن ۽ ڪڏھن تحريڪ جي پاليسين خلاف گند ميو آھي جو اوھان ائين ڪيو آھي؟" جواب ۾ عرض آھي تہ شاھ صاحب ۽ سندس مريدن گذريل ٻن ٽن سالن ۾ سرڪار جي ظاھري ۽ سطحي مخالفت جي آڙ ۾ در اصل ڪم ئي اھو ڪيو آھي تہ سنڌ جي غريب عوام جي مفادن، نظرين ۽ ڪارڪنن کي ڪچلجي. جيڪڏھن گذريل سالن جي تاريخ تي غور سان نظر وجھندؤ تہ جي ايم ـ سيد ۽ سندس مريدن جي ھر نعري ھر ڳالھ، ھر ھلچل جي آخري ضرب سنڌي عوام جي وڏي گھٽائيءَ جي مفادن تي وڃي پوندي. سنڌي عوام ناسازگار ماحول ۾ ٻہ ٻتان پنھنجي اقتصادي، سياسي ۽ جمھوري گھرجن جي پورائي لاءِ پاڻ ۾ گڏجن، صلاح مصلحت ڪن، ناسازگار ماحول ۾ ٻہ خيالن جي ڏي وٺ ڪري ڪو گس پنڌ ڪيي ونن، کي تنظيمون، کي تحريڪون ٺاھي ۽ ھلائي وڃھن، ٻتان سندن چڙوچڙ کيل ٻڌي آھستي آھستي ڏاڪي ٻہ ڏاڪي وري ٻہ نہ قائم ٿئي، ٻتان قومي عوامي سياست ۾ وري ٻہ سگھ نہ پئجي وڃي، ٻتان وري تہ نہ سنڌي عوام پاڻ پرا ٿي وڃن، انھيءَ ڳالھ کي روڪڻ لاءِ سنڌ دشمن طرفان ڏڪ ئي ھڪڙو ھنيو ويو. شاھ صاحب کان پنھنجي عاليشان بنگلي ۾، پنھنجي غيرن کان محفوظ علائقي ۾ ونڊي نعرو ھٽيو ويو "سنڌو ديش". ڪٽيءَ جي گھران ويئي ڇو؟ سائين پاڻ عظيم ھيرو ۽ سورھيہ سردار ٿي ويو ۽ باقي سموري قوم سنڌ دوستي ۽ محب وطني جي لسٽ مان خارج ٿي ويئي، ڇو تہ سائينءَ جي نعري ھٽن کان پوءِ وطن دوست فقط اھو وڃي ٿيو جيڪو اھو نعرو ھٽي. سائين تہ نعرو ھٽي ٿيندو پنھنجي عاليشان بنگلي ۾ نظربند، جتي گلم غاليچا، نوڪر، چاڪر، ھاري ناري، راڄ ڪڙم، يار دوست، گھر پار، ڪاڏا پيتا سڀ موجود ۽ ھڪيا حاضر. ڪڪڙ جون خون ٿيو ٽڪو. سائين جي نظربندي جي معنيٰ فقط ٿي ڪورن کان واندڪائي: پر ٻيو ڪو اھو نعرو ٿو ھٽي تنھنجو تہ گھر مسيت ٿي ويندو. ھاڻ جڏھن سنڌي قوم پاڻ کي اڪيون پوري ھڪڙي ڏڪ سان ختم ڪرائڻ لاءِ تيار ٿئي، تڏھن سائينءَ جي عظمت کي ويجھو رسي. ھوڏانھن سرڪار کي جڙ سنڌي قوم جو ٻوٽ بند ڪرڻ لاءِ اھڙا وجھ خدا ڏياري! سنڌ دشمن کي ٻہ سنڌي قوم کي غدار ۽ واجب القتل ثابت ڪرڻ لاء ٻي ڪھڙي ثابتي ڪپي؟

مطلب تہ سائينءَ جو بہ ڪم ٽيوء سرڪار جو بہ ٽيوء سنڌ دشمن جو بہ ٽيوء وچان رليا سنڌي عوامء جن جي جدوجهد ۽ واڌاري جي هر راه بند ٿي ويئي. انهيءَ هڪڙي چالاڪيءَ سان سنڌ دشمن سائينءَ ۽ سندس مريدن هٿان سموري عوامي جدوجهد کي ڪنڊم ڪرائي عوام کي نڪ ۾ ناڪيلي وجهي پناهگير پرديشي ۽ وڏيرڪي سازشي محلات جو غلام بنائي ڇڏيو. سنڌي عوام ۽ سنڌي عوام جي گهٽگهرن ڪارڪنن خلاف اهو پناهگير پرديشي ۽ وڏيرڪو گڏيل مورچو ۽ آڙ قائم ڪري پوءِ انهن خلاف ڪهڙو ڪريل ڪان ڪريل هٿيار آهي جو استعمال نہ ڪيو ويو آهي؟ جن ماڻهنء جن ڪارڪنن جي- ايم- سيد کي محب وطن جي حيثيت ۾ سنڌ پاران ساٿ ڏنو ۽ سنڌ دشمن طرفان مٽس ڪيل غليظ حملن جو جواب ڏنوء تن جي خلاف جڏهن پناهگير پرديشين انهيءَ خار ۾ انتقام وچان زبردست پروپيگينڈا جنگ شروع ڪئيء تڏهن ان سنڌ دشمن حملي خلاف پنهنجي ساٿي قومي ڪارڪنن جي مدد ڪرڻ ۽ بچاءُ ڪرڻ بدران ۽ گڏيل دشمن جو گڏيل مقابلو ڪرڻ بدلاء سائين ۽ سندس خليفاء دشمن سان ٻٽ ٽيء پنهنجن ساٿين تي چڙهي ويا. پناهگير نقلي ترقي پسندن سنڌ دوستيءَ جي ڏوهہ ۾ تحريڪ جي ڪارڪنن خلاف جيڪي بہ غليظ ڪوڙ، بهتان ۽ خواريون پنهنجي ڪوڙ جي ڪارخانہ ۾ تيار ڪيون. سي سڀ سائينءَ وارن وڏي شوق سان اتان سپلاءِ ڪرائي پنهنجي ساٿين خلاف استعمال ڪيون، دشمن جي ننڊ پڙ ڪان پاليل طوطن کي سنڌو ديشي سپاه جو سالار مقرر ڪيو ويو، گاريال ملان پرتي ڪيا وياء سڄي جهان تي گارين جو ڏوڙيو مچايو ويو. سياڻي قومي ڪارڪنن کي بلئڪ ميل ڪيو ويو. سنڌو ديش جي ٻيهي لڳل پناهگير پرديشين جي سنڌي رسالن "اڳتي قدم" ۽ "پيغام" ۾ سيد جون بہ تي ساراهون ڪري ٻيو سڄو ڪم ئي سنڌي عوام ۽ سنڌ جي قومي ڪارڪنن خلاف ڪيو ويو، ڪين بي ايمان، وڪاڻل، پٺو، غدار سڏي. بلئڪ ميل ڪيو ويو. مٿان جي- ايم- سيد جو فوٽو، اندر پناهگير پرديشي سنڌ دشمن زهر جون پڙيون. سڄي سنڌ تي وڏيرڪي ۽ پناهگير پرديشي نظرياتي ڊڪٽيٽرشپ مڙهي ويئي.

درحقيقت سنڌ جي قومي ڪارڪنن هٿان فاش شڪست کائيء ٻي ڪا واه نہ ڏسي پناهگير نعب جي عوام کان لڪل سنڌ دشمن نقاب پوش مجرمن ئي سياست مان رٽائر ٿيل شاه صاحب کي گلٽا ٻڌيء چوري چانچوريء خوشامدون ڪري سنڌي عوام ۽ سنڌن قومي سياست جي خلاف ڪڙو ڪيو. 1968ع ۾ 4 مارچ جي عظيم الشان سنڌي اجتماع کي هن پناهگيرن جي ئي چوٽ تي خطاب نہ ڪيو ۽ سنڌي عوام بدران پناهگير پرديشين سان وڃي مليو ۽ انهن جي ئي چوٽ تي وڏيرڪي بيان بازي ۽ ڪاغذي محاذ- سازي جي

سياست ۾ جنبي ويو. انهن ۽ راشدي صاحب جي چوڻ تي ئي هن متحده محاذ سنڌي قومي ڪارڪن بدران ڪهڙي، راشدي ۽ پناهگيرن جي حوالي ڪري ڇڏيو. پناهگير پرديشين جي پاليل سنڌي ادبين، شاگردن ۽ ڪارڪن وطن دوست ڪارڪن خلاف پنديون ياري ڏنيون. ڪڏهن چون ته، "ولي پائي کان ٻه لک روپيا ملیا اٿن." ڪڏهن چون ته، "رات گورماني کان چاليھ لک جو مني آرڊر آيو آهي." ڪڏهن چون ته، "لنڊن ۾ سنڌ خلاف جاسوسي پيا ڪن." مطلب ته هن نهايت فرمانبرداريءَ سان جيئن پناهگير پرديشين ۽ راشدي صاحب حڪم ڪيو، تيئن سنڌ جي وطن دوست قومي ڪارڪن کي ذليل ۽ خوار ڪيو ته جيئن سندن اهڙي ميس مارجي ويجي جو وري ڪڏهن ٻ پناهگير پرديشين خلاف ٻڙڪ ٻ ٻاهر ڪڍي نه سگهن. هينئر ته ظاهري فرق ٻ مٽايو ويو آهي. تازو سنڌو ديشي ۽ پناهگير پرديشي جيڪي اندر ئي اندر هڪ هئا سي ظاهر طرح ٻ ملي هڪ ٿي ويا آهن. "سنڌو ديش" جي نعري هيٺ جيڪي ٻ شاگرد گڏ ڪيا هئا تن جي واڳ اڳيئي پناهگيرن جي پاڙهيل، سيکاريل ۽پاليل شاگرد ليڈرن جي حوالي هئي. هاڻ انهن ۽ ٻين پناهگير پرديشين چاڙتن باقائدي اتحادين جي حيثيت سان سڃي لڏي تي قبضو ڪيو آهي. اهي هڪ طرف سنڌو ديشي شاگردن کي سنڌي عوام ۽ سنڌي قومي ڪارڪن خلاف استعمال ڪري ڪائنئ پناهگير پرديشين مقصد پورا ڪرائي رهيا آهن ته ٻئي طرف مني خارش وانگر اندر ئي اندر شاگردن کي سنڌيت، سنڌي قومي جدوجهد ۽ خود جي- ايم- سيد خلاف نفسياتي طرح بدظن ڪري رهيا آهن. پناهگير نعپ هميشه وڏي عمر وارن ڄاتل سڃاتل سنڌي بزرگن کي هڪ ٻئي خلاف ويڙهايو ۽ استعمال ڪيو آهي، هڪڙن کان پڇون کسي ٻين کي ٻڌايون آهن ۽ پوءِ سپني جا واري واري سان ترا ڪڍيا آهن، هر ڪنهن کي آسرو ڏنو آهي، سپني تي هٿ رکيو آهي ۽ واري واري سان کين ڪتب آندو آهي. اڄ شيخ عبدالمجيد عظيم ليڈر ته جي- ايم- سيد ۽ ٻيا تڙيل، سپائي غلام محمد لغاري عظيم ليڈر ۽ ٻيا انقلاب دشمن. گذريل ڪجھ سالن کان سندن چؤنري جي- ايم- سيد تي ڌري آهي ۽ ڪجھ ڏينهن لاءِ اهوئي سندن خوشامد ۽ تگڙم بازيءَ جو نشانو بنيل آهي. ڪم ڪيڏ کان پوءِ بلڪ ڪم هلندي سندس زباني خوشامد هلندي هلندي ۽ هيڻان سندس ترا ٻ نڪرندا ويندا. تان جو پچاڙي ۾ سڪٽي پٽ تي ويٺو هوندو.

بهرحال هينئر "سنڌو ديش" ۽ "پناهگير پرديشين" جا نعرا ٻئي هڪ ٻئي جا ادل بدل ٿي ويا آهن. معلوم ٿيو آهي ته تحريڪ جي ڪارڪن کي سيڪٽ ڏيڻ ۽ کين بلڪ ميل ڪرڻ لاءِ پناهگير پرديشين پنهنجي چوند بلڪ

ميلرن جي ھڪڙي ڪيپ محترم سيد صاحب جي حوالي ڪئي آھي. اھي بلئڪ ميلر وڏي اڊنبر سان تحريڪ جي ڪارڪن کي بلئڪ ميل ڪرڻ لاءِ پناھگير ڪوڙن جي فئڪٽري ۾ تيار ٿيل پراڻن پاروٽن ڪوڙن، بھتانن، الزامن ۽ خوارين تي سنڌو ديشي روغن لڳائي، ان کي سنڌيت جي پيڪيٽ ۾ بند ڪري، سنڌي عوام تي مڙھڻ وارا آھن. اھڙي طريقي سان پناھگير پرديشين کي پنھنجا ٻئي مطلب حل ٿيڻ جي اميد آھي. پھريون ته "تحريڪ" وارا ۽ ڊجي پناھگير پرديشين جي پيرن تي ڪري پوندا ۽ پيو ته سيد ۽ سندن احسانن جو ٻڌو ٻانھو ٿي پوندو. مطلب ڳالھ جو ته اسين ته گھٽيئي پنھنجي ڳالھ مڃي ۽ ۾ سنڌي عوام جي اڳيان پيش ڪريون پر پناھگير پرديشين ۽ راشدي صاحب جيڪا سيد کي وات ڏني آھي ته، "تو کان سواءِ ٻي سڄي سنڌ غدار آھي." ان جو ڇا ڪجي؟ اسين پنھنجي ڳالھ ڪريون ته غدار، رسالو ڪڍون ته غدار. گھر کان ٻاھر نڪرون ته غدار، اخباري پنو گھرون ته غدار، جيل وڃون ته غدار، جيل ۾ پوڻ کان وڃون ته غدار!

ھاڻ اوھين انصاف ڪريو ته اسين سنڌ جي عوام اڳيان پنھنجو نقطي نظر ڪيئن پيش ڪريون؟ ڇا سنڌي عوام جي سمورن گھٽگھرن لاءِ سواءِ ھوائي نعرا ھڻڻ يا مائڻڙي ڪري ملڪ سنڌ دشمن جي رحم ڪرم تي ڇڏي، وڃي گھر جي ڪنڊ ونڊي ويھي رھڻ جي پيو ڪھڙو رستو ڇڏيو ويو آھي؟ جي اھي گس نه ونجن ته ٿيون اھو آھي جيڪو اسان ورتو آھي. يعني سڄو ڪيس سنڌي عوام جي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو. اسين توھان کي ۽ سموري سنڌي عوام کي چئون ٿا ته فيصلو ڪريو ته ڇا جيڪو سنڌو ديش جو نعرو ٿئو ھٽي ۽ جي- ايم- سيد جي چرنن ۾ سر ٿئو نوائي، ڪيس پيغمبر ۽ اوتار ڪري ٿئو مڃي، سو سنڌ جو غدار ٿي پيو؟ ڇا سنڌي عوام جي نجات جي جدوجھد ۾ سنڌي عوام يعني سنڌ جي ھارين، مزدورن، غريبن ۽ عام ماڻھن جو ڪجھ به ڪوٺ وڃي؟ ڇا انھن تي پاڙڻ کان سواءِ سنڌ جي تقدير بدلجي ويندي؟ ڇا فقط سائين جي جلال واري ھڪل ٻڌي سنڌ دشمن پنھنجا سمورا اتالا ۽ ڪٽڪ چڏي پڄي ويندا؟

توھان لکيو آھي ته، "فطري طور سنڌي قوم وسوسن جي وسوڙيل، نيڪ دل، اشراف ۽ ابوجھ آھي ۽ ڪي ان ئي اشرافت سبب ھن کي ايجا خيالي چارن ۾ ڦاسائڻ گھرن ٿا." توھان ۽ اسان ۽ ان قوم جا فرد آھيون ۽ انھن ساڳين ڪمزورين ۾ ڦاٽل آھيون. سيني سچن سنڌين کي سنڌ سان محبت آھي ۽ سڀ ان کي چوٽڪارو ڏيارڻ جا خواھشمند آھن. پر مصيبت اھا ٿي آھي ته سڀ چون ٿا ته، "سنڌ سان به محبت ڪريون ۽ پنھنجي پراڻن سياسي وھمن،

وسوسن ۽ پراڻن سياسي عقيدن ۽ تعصبن تي بہ قائم رهون.“

مطلب تہ سنڌ جو چوٽڪارو ٿئي پر شرط انهيءَ سان تہ جيئن اسان جو مرشد چئي، اهڙي نموني. نہ تہ نہ! سنڌ درويشن جو ديس آهي. لکين پهتل ڪاني ڪرامت جا ڏٺي موجود آهن. هاڻ اڪثر درگاهُن جا سجاده نشين سياسي سجاده نشين بہ آهن. عقيدتمنديءَ ۾ توهان اڪيلا ناهيو، رڳو توهان پنهنجي روحاني ۽ سياسي مرشد کي سو فيصد صحيح ۽ سنڌ جو اڪيلو سياسي نجات ڏيارينڊڙ نٿا سمجهو. سنڌ جي سڀني مذهبي ۽ سياسي گادين جا مريد بہ ائين سمجهن ٿا هو بہ توهان وانگر پنهنجي مذهبي ۽ سياسي رهبر ۽ هاديءَ جي مذهبي ۽ سياسي وات بابت هڪڙو اکر بہ ڳالهہ ڪرڻ يا ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن. سڀ چوندا تہ ”سنڌ تان سر صدقي پر جيئن مرشد سائين حڪم ڪري تيئن ڪنداسون. بي ڳالهہ نہ ٻڌنداسون.“

قومي صورتحال جي سياسي چنڊچاڻ. ليکي چوکي ۽ صلاح مصلحت جي ڳالهہ تي سڀ سچا مريد توهان وانگر لٺ سان ايندا. هاڻ ٻڌايو تہ جي سياسي حساب ڪتاب ڪرڻ ۽ سياسي وات جي تپاس جي موڪل ڪانهي تہ باقي پوءِ مذهبي ۽ سياسي مرشدن جي شان ۾ قصيدا پڙهڻ ۽ رب جي رضا تي راضي ٿي ويهي رهڻ کان سواءِ سنڌين لاءِ ٻيو چا رهندو؟ اسان جي خيال ۾ سنڌي عوام اها صورتحال وڌيڪ وقت برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. هن جو جو مطالبو آهي تہ هر ڳالهہ چنڊي چاٽي ۽ اڳ پوءِ جاچي پوءِ ڪٿي وڃي. اسان پڙهيل ڳڙهيل کي بہ ٻئي گدرا منڊ ۾ ڪرڻ ڪونہ ڏينداسين. يا تہ پنهنجو انڊيون سياسي عقيدتون (روحاني عقيدتون پلي هجن) سانڊيٽيون پونديون يا سنڌ سان وفاداري. بہ تراريون ميارُ ۾ ڪونہ ٻڌنديون. اسان جي نظر ۾ سنڌ جي وفاداري معنيٰ آهي تہ رڳو پنهنجي ڳالهہ جو عاشق نہ ٿجي، ٻئي سڀني راڄ جي ڳالهہ ٻڌجي. هر ڳالهہ جي چنڊچاڻ ڪجي. پوءِ جيڪا ججن جي جي صلاح هجي تيئن ڪجي.

(7) پاڻ اوهان لکيو آهي تہ ”اوهان سنڌين کي چڑوچڑ ٽيڙ ڪنهن بہ ليڊر نہ چونڊڻ جي صلاح ڏني آهي. اهو صحيح نہ آهي. اسان سنڌين کي هڪ ٽيڙ ۽ گڏيل عوامي قيادت تيار ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي ۽ ڏيون ٿا.

(8) پناهگير پنجابي زميندارن، سرمائيدارن ۽ ڪوڙن ڪليمنٽن بابت تحريڪ کان وڌيڪ ڪنهن بہ سنڌي رسالي نہ لکيو آهي. توهان پلي وري بہ

تحريڪ يا اسان جا چپايل مجموعا "صبح ٽيندو" ۽ "ڏراڙن جا ڏڪ" پڙهي پاڻ انصاف ڪريو.

(9) ادا! اوهان اسان جي چندچاڻ کي عين وقت تي قوم جي پنيءَ ۾ خنجر هڻڻ الائي ڪيئن سڏيو آهي؟ هي وقت ڪهڙي خيال کان عين وقت ٽي پيو؟ سنڌي قوم گزريل سوا سؤ سالن کان پنهنجي نجات لاءِ پاڻ پتوڙيندي رهي آهي. سال 1974ع جي آگسٽ مهيني ۾، سنڌ ۾ ڪهڙو انقلاب اچڻو هو جو هن چندچاڻ ڪري واٽ ۾ روڪجي پيو؟ اسان ان راءِ تي قائم آهيون ته سنڌ جي نجات ڪنن، اٽانگي، ورن وڪڙن واري ۽ ڊگهي جدوجهد کان پوءِ ٽيندي. رات وچ ۾ تريءَ تي بهشت ملڻ جون بشارتون اسان به ٻڌيون آهن. پر معاف ڪجو سنڌي عوام هاڻ ٽوس حقيقتن جي ٽوس تپاس جي آڌار تي هلايل ٽوس جدوجهد تي پروسو رکن ٿا. هن هاڻي "گوڏي مان پٽ جمڻ" جي آسري رکڻ ۽ خوابن ۾ مليل بشارتن جي پويان ڊوڙڻ ڇڏي ڏنو آهي.

(10) توهان چئو ٿا ته، "اسان جي طريقي واري جدوجهد ۾ پاڻ صدي لڳي ويندي." منا پاڻ! قومن جي غلاميءَ جو مرض هزارين سالن جو پراڻو مرض آهي. اهو پاڻ صديءَ جي ڪنن جدوجهد ته چا صدين جي ڪنن ۽ موتمار جدوجهد گهري ٿو. ويٽنام سؤ سالن جي جدوجهد کان پوءِ به لڙي رهيو آهي. بنگال کي به وڙهندي سؤ سال ٿيا آهن. الجزائر، فلسطين ۽ ڪوريا وغيره کي گهٽو وقت لڳو آهي؟ انهيءَ وچ ۾ رول برابر اچن پيا. اهي اڄ اسان جي هن خيالن جي ڏي وٺ جي ڪري نه پر گذريل سو سالن کان اچن پيا. اهي جيڪڏهن سنڌو ديش جو نعرو هڻڻ سان روڪجي ويجن ته اسان کي سڏ ڪريو ته اسين سنڌو ديش جا هڪڙي بدران لک نعرا هڻن لاءِ تيار آهيون. پي ڪندي اهي نعرا اوهين اڳيئي هڻو پيا. سائين جي سياست زور شور سان چالو آهي، پوءِ به رول ته اچن پيا. اسان ڪهڙي ڳالهه ۾ اوهان کي رولن کي روڪڻ کان جهليو آهي. هونئن انهن کي روڪڻ جي صحيح واٽ حقيقت ۾ سائين جي سياست ۽ اوهان جي انڊي عقيدت روڪيو بيٺي آهي، جا سنڌي عوام کي غدار سڏيو، قومي جدوجهد کي چند عقيدتمند مريدن جي هڪ هٿي ۽ ٽيڪيداري بنايو ويٺي آهي، نه ته سنڌ هروپرو گدڙن ڪاڪاڙي آهي. هر ڪم جو ڪونه ڪو رستو هوندو آهي. هڪ هٿي ڇڏي ڏڃي سڏجي صلاح ٿئي ته اسين قومي پلائي جي هر ڳالهه ۾ بدل آهيون ۽ رهنداسون.

(11) اوهان لکيو آهي ته، "اوهان جي خيال ۾ ڪنهن سنڌي کي چار

ايڪڙ زمين ۾ نہ هجي. سڀ هاري هجن ۽ اوهان انهن کي پنيلايو.'' ادا سائين! جيڪڏهن سنڌ جي هاري عوام سان وڏيرا شاهي جيڪي ظلم ۽ بيداد صدين کان ڪندي رهي ٿي تن جو ذڪر ڪرڻ جيڪڏهن هارين کي پنيلائڻ آهي ته پوءِ جي ڪنهن طبقي هارين کي سڀ کان وڌيڪ پنيلايو آهي ته اهي سنڌي وڏيرا آهن، جن جي اوهان کي هيتري ڳٻٽي آهي. گذريل اليڪشن ۾ اوهان سنڌي وڏيرن ۽ سندن ماڻهن جون هارين جي همدرديءَ ۾ ڪيل تقريرون پڌيون هونديون. هيئر ۾ پڌندا هوندا، ايندڙ اليڪشن ۾ انشاءُ الله وڌيڪ پڌندؤ. جيڪي هاري وڏيرا شاهيءَ جي ظلمن خلاف دانهن ڪوڪ ڪن ٿا، انهن کي جيڪڏهن اوهان ڪنهن جا پنيلايل سمجهو ٿا ته پوءِ ان لاءِ اسان کي جوابدار نہ ڪريو. هاري ۽ ٻيا مظلوم طبقا تاريخ جي هر دور ۾ اوهان جي ۽ اسان جي چوڻ آکڻ بنا پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد ڪندا ۽ لڙندا رهيا آهن.

حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي جمڻ کان ۾ اڳ روم جي هاري غلامن ئي زبردست بغاوتون ڪيون. اهي ''تحريڪ'' وارن جي پنيلائڻ تي ڪونہ ٽيون هيون. ساڳي طرح ايران، چين، هندستان، روس مطلب ته دنيا جو ڪهڙو ملڪ آهي جنهن ۾ هارين زميندارن جي ظلمن خلاف جدوجهد ۽ شاندار بغاوتون نہ ڪيون آهن. روسي، چيني يا ڪوريائي هارين ۽ مزدورن کي اسان ڪونہ پنيلايو ته زميندارن خلاف بغاوت ڪري پنهنجون پورهيت حڪومتون قائم ڪريو. نڪو ويٽنامي اسان کان پڇي پيا وڃهن. توهان اسان يا ڪو ٻيو ڪٽي چا ۾ ڇڏي يا ته چوي ته ۾ سنڌي هاري وڏيراشاهي خلاف جدوجهد ڪندو رهيو آهي، ڪري ٻيو ۽ ڪندو رهندو. اسان لاءِ فقط اهو سوال وڃي رهيو ته ان لڙائي ۾ هاري عوام جو پاسو ونڻون يا سندس دشمن وڏيرا شاهي جو. توهان کي وڏيرن جي ڳٻٽي آهي، اسين هارين کي حق تي سمجهون ٿا، توهان جو ۽ اسان جو اهو بنيادي اختلاف آهي. سنڌ جي وڏيرڪي سياست جي چنڊچاڻ ڪجي يا نہ ڪجي؟ انهيءَ سوال جو جواب ۾ اهو آهي ته جي اوهين وڏيرا شاهيءَ جي پاسي هوندا ته چوندا ته، ''چپ ڪريو!'' جي غريبن جي پاسي هوندا ته، چوندا ته، ''پل ڳاله صاف ڪريو.'' هارين ۽ ٻي غريب عوام جي زبان بند ڪرڻ ۽ ڪين ڏيائڻ لاءِ نعرن ۽ دليلن جي وڏيرا شاهي کي ڪڏهن ڪوٽ ڪاند پئي آهي. ڪي 'اسلام' جي نالي ۾ ڪين ڪچلين ٿا، ڪي نظرئي پاڪستان جي سلامتي ۽ يڪجهتي جي نالي ۾. توهان 'سنڌو ديش' جي نعري جي آڙ ۾ وڏيرا شاهي ياران ساڳيو خير جو ڪم ڪرڻ گهرو ٿا ظلم واري اهو جو چئو ٿا ته، ''اوهان ٿا طبقاتي ويڑهه ۽ خانہ جنگي ڪرائڻ گهرو.'' حالانڪ هاري عوام ۽ وڏيرا شاهي جي وچ ۾ لازمي ۽ تاريخي ٽڪر کي سنڌ ۾ اسين ته چاهه سنڌي هاري عوام ۾ نہ، خود وڏيرا شاهي وڌائي رهي آهي ۽ قومي اتحاد

جي راھ روڪيو ويٺي آھي.

گذريل ھڪ سؤ سالن ۾ 99 سيڪڙو طبقاتي ويڑھيون ۽ طبقاتي ھلائون وڏيرا شاھي طرفان ڪيون پيو ويون آھن. ھن تاريخ جي ڪنھن ب ڏاڪي تي سنڌي عوام خلاف، اقتصادي، سياسي ۽ نظرياتي ميدان ۾ طبقاتي جلھون، ڪشمڪشون ۽ ھلائون ذري ماتر ب جھڪيون نہ ڪيون آھن. ميائي جي جنگ جي خاتمي کان ونہ وڏيرا شاھي انگريزن سان ملي، سنڌ جي ھاري عوام کان سندن گذر جو وسيلو زمين کسي ورتي. انھن کان پوءِ گذريل سوا سؤ سالن ۾ ھارين جيڪا ب زمين تيار ٿي ڪئي سا ھن چئين آني، انين آني ايڪڙ تي يا مفت ۾ ڦٻائي ورتي. ڇا اھا قتصادي ميدان ۾ غريب عوام خلاف طبقاتي ھلان، ويڑھ ۽ ڪشمڪش نہ ھئي؟ ھر فصل لھڻ وقت ھاريءَ کان سپ ڦري کيس سڪٽي 'گندي' ڪلھي تي رکائڻ ڇا اھا طباتي ڪشمڪش ڪانھي؟ ھر اوطاق، تي ھر آفيس ۽ عدالت ۾ ھارين سان وڏيرا شاھي طرفان ھارين خلاف طبقاتي ويڑھ ۽ ڪشمڪش ڪانھي، ڇا سنڌ جو ڪوب چپو، ڪوب ڳوٺ، ڪوب شھر، يا ڪو ب علائقو اھڙو ٻڌائيندا جتي صدين کان ھر سال، ھر موسم، ھر مھيني، ھر روز ۽ ھر گھڙي وڏيرا شاھي سنڌ جي غريب عوام خلاف طبقاتي ويڑھ، طبقاتي ھلائون نہ ڪندي ھجي؟ ڇا اڄ ھن مھل سنڌ جي ياڙي ياڙي تي وڏيرا شاھي طرفان سنڌي عوام خلاف حملا ۽ ويڑھيون جاري ناھن؟ ڇا اڄ سڄي سنڌ کي وڏيرا شاھي سنڌي عوام خلاف طبقاتي جنگ جو ميدان ناھيو نہ ويٺي آھي. سياسي ميدان ۾ وڏيرا شاھي سنڌ جي ھاري عوام سان ڪشمڪش ڪرڻ ۽ سندن ترا ڪيڏ ۾ ڪھڑي گھٽتائي ڪئي آھي. سنڌي ھاري عوام کي ڏٽا ڏيئي بمبئي کان جدائي لاءِ استعمال ڪيائون، پاڪستان لاءِ استعمال ڪيائون، ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ استعمال ڪيائون، ايوب شاھي کي ڌاھڻ لاءِ استعمال ڪيائون، ڪاميابي کان پوءِ عوام مان ڪم ڪڍي کين ڦٽو ڪري ڇڏيائون ۽ پاڻ بالم بنجي سپ ٽپڙ ڪائي ويا ۽ ڪائين پيا.

اوھان جيڪو سنڌو ديش جو نعرو شروع ڪيو آھي ۽ ان لاءِ جيڪو ھٿ ورتو اٿو، تنھن مان صاف ظاھر آھي تہ ھاري عوام کي فقط ڏيڍ وانگر ڇڙي ڪم لاءِ ڪتب آڻڻ چاھيو ٿا ۽ سيد جي ڪرامتن جي آڙ ۾ جدوجھد تي وڏيرڪي ڊڪٽيٽرشپ قائم رکي سنڌي ھاري عوام کي قيادت کان بيدخل ڪري اڳي وانگر کين استعمال ڪري، ڪم لھڻ کانپوءِ چوسيل ھڏي وانگر ڦٽو ڪرڻ گھرو ٿا. اوھان جيڪي دليل ڏنا آھن اھي ب تہ وڏيرا شاھي جا ڄاتل سڃاتل تير آھن، جن سان توھان سنڌي عوام جي ذھن ۽ دليلن کي زخمي ڪري مڏو ۽ مائوف ڪرڻ چاھيو ٿا. انڊي عقيدت جا دونھاتيل ڪڪر قائم ڪري ماڻھن جي نگاھُن کي انڌو ڪري، اوندھ ۾ پنھنجو طبقاتي مقصد

حاصل ڪرڻ گھرو ٿا.

نہ تہ سنئين سڏي ڳالھ پئي آھي، ۽ پائر ٽيون ليکون، صاف ڳالھ ڪريو تہ سنڌي عوام کان ڇا ٿا ونڻ چاھيو؟ ڪين ڇا ٿا ڏيڻ چاھيو، صاف ڳالھ ڪريو، قربانين جي افسانہ ۽ ڪرامتن جي داستانن کي پاسيرو رکو، ڪم جي ڳالھ ڪريو. سنڌي عوام خلاف طبقاتي حملا، ھلائون، ويڑھيون، سازشون. اٽڪلون سٽڪلون، نظرياتي چالاڪيون، سياسي حرفتون ۽ نعري بازي بند ڪريو، ڪين سچي ڳالھ سمجھايو، ڪين ھر ڳالھ ۾ پاڳي پائيوار، ڏٺي ۽ اڳواڻ ڪريو، سنڌن چوڻ مجو، سنڌن بنيادي مفادن جو احترام ڪريو. سنڌن قاتل دشمن کي قومي جدوجھد جي ڪاچ مان ڪڍي ڪيو. محب وطن آبادگارن، وچولي طبقي ۽ ھاري مزور عوام جي ڌار ڌار ۽ ابتڙ مفادن کي تسليم ڪريو. انھن جي وچ ۾ انصاف ڪريو تہ جيئن ڪنھن واجبي ٽاھ تي پھچي سگھجي، پوءِ گڏجي سڏجي مڙي مٽ ٿي قومي جدوجھد ھلايون، فقط اھڙي جدوجھد ڪامياب ٿي سگھي ٿي، فقط اھڙي رستي حاصل ڪيل ڪاميابي جٽادار ۽ دائمي ھوندي ۽ دشمن ان کي آساني سان ختم ڪري نہ سگھندو. باقي عوام خلاف طبقاتي ويڑھ، ڪوڙي نظرياتي پروپيگنڊا ۽ چالبازي واري عوام دشمن وڏيرکي سياست ڪٽي ستن پردن ۾ لڪل ھوندي تہ بہ سنڌي عوام اھا ھرگز ھرگز قبول نہ ڪندو.

رابيل، ڪراچي

خط

تازي پرچي ۾ نظر قيصراڻيءَ جي لکيل مضمون سان اوهان سنڌ جي نئين عوامي سياست ۽ پراڻي وڏيرڪي سياست جي وچ ۾ ليکو پائي حدون مقرر ڪري هڪ دليريءَ ۽ سچائيءَ وارو قدم کنيو آهي. نظر قيصراڻي محترم شاھ صاحب جي سياست جو جيڪو "پوسٽ مارٽم" ڪيو آهي، ان مان اهو اندازو لڳايو اٿم ته قيصراڻي ڊاڪٽر ته قابل آهي پر ساڳئي وقت رحمدل پڻ... هن ضرورت کان وڌيڪ رحم کان ڪم ورتو آهي. بهرحال ان هوندي به سنڌي عوام جي چوٽڪاري واري جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ لاءِ هڪ جهاد جي شروعات ڪئي اٿس. جنهن لاءِ ڪيس جس هجي. هونئن به سياسي ڄاڻ ۽ شعور رکندڙ ماڻهو ڪنهن شخص سان ذاتي اختلاف ڪرڻ بدران سندس سياست جي طبقاتي ڪردار کي آڏو رکي سندس سياسي موقف جي روشنيءَ ۾، ان جي سياست جي چندڇاڻ ڪندا آهن.

هن مضمون ۾ به سپ کان سٽي ڳالھ اها ئي هئي ته ذاتي حملن ۽ الزام تراشيءَ بدران باقاعدي دليلن سان شاھ صاحب جي سياسي زندگيءَ ۽ سنڌ لاءِ سندس "قربانين" جا انگ اکر پيش ڪيا ويا آهن. قومي سياست کي وڏيرڪو شغل سمجهندڙ ۽ سڃو ڏينهن تسبيءَ جي داڻن تي "سائين سائين" ڪندڙ اسان جا کي پٽڪيل نوجوان مون کي ٻڌائين ته ون يونٽ خلاف ننڍڙن صوبن جي مظلوم عوام جي حقن لاءِ، سنڌي شاگردن، ادبين ۽ هارين جيڪا آگ جلائي ان تي پاڻي ڪنهن هاريو؟ پڪل مانيءَ تي کڻڻي، راشدي ۽ نواب زاهد علي کي ويهاري "نانيِ رڌڻ واري، ڏوهتا کائن وارا" واري پاليسيءَ تي ڪنهن عمل ڪيو؟ سنڌي شاگرد لسٽن واري هڙتال تي ويٺا ته انهن جي مخالفت ڪنهن ڪئي؟ سنڌي عوام جي طوفان واري تيزيءَ سان اڳتي وڌندڙ قومي جدوجهد کي ڪاپاري ڏڪ ڪنهن هنيو؟

مون کي پڪ آهي ته شاھ صاحب جا مريد جيڪي هميشہ "صحيح وقت تي غلط ڪم" ۽ "غلط وقت تي نقصان ڪار ڪم" ڪرڻ جا شوقين آهن، مٿين سوالن جو سياسي يا سائنسي جواب ڏيڻ بدران "تحريڪ" وارن تي ذاتي حملن جو سلسلو شروع ڪندا. هونئن به هن جو ڏوھ ناهي ۽ سنڌي عوام جي

وڏي حصي يعني "هاري پورهيت" جي طاقت تي ايمان آڻڻ بدران نلهي نعري بازيءَ کي ئي هو سياست ڪري هلائيندا رهيا آهن ۽ اهڙيءَ طرح دشمن کي چاٻي ٻجهي پنهنجا گس ڏيکاري اڳواڻ هوشيار ڪندا رهيا آهن. انهن مان ڪي دوست اهو ميڻ ٻ ٽاڻ سائين سنڌ جي پلائيءَ جي بلي ۾ هيڏو ويل وهايو آهي، پر تڏهن ٻ چوندا، "سائين سنڌ جو هول سول ليڊر آهي."

هي اهي دوست آهن جيڪي چون ٿا تہ "هاري چٽ آهن، چا جو انقلاب آڻيندا." ٻئي طرف پناهگير ڪامريڊن جي ڪٽابن ۾ سکيا ورتل سنڌي ٻچڙا آهن. جيڪي هڪ طرف تہ اهو چون ٿا تہ سيد مدي خارج ۽ تڙيل آهي، پر جڏهن "تحريڪ" ۾ سيد جي سياست جي چنڊ چاڻ ٿئي ٿي تہ وري "بغض معاويہ" کان ڪم وٺندي سيد جي ڪوڙي همدردي جو ڊونگ رچائين ٿا ۽ تحريڪ جون گلائون ڪن ٿا. مخالفت شروع ڪن ٿا، انهن کي سيد سان ڪابہ همدردي ناهي، پر مخالفت ڪرڻ لاءِ ٻهانو گهڙيندا تہ "تحريڪ وارا سيد جي مئل سياست کي جياري رهيا آهن. وغيره وغيره." بهرحال سنڌ جي ماڻهن لاءِ هي نهايت نازڪ پر ساڻئي وقت اهم مرحلو آهي. وقت وڏي تيزيءَ سان تاريخ جا ورق ورائيندو اڳتي ڊوڙي رهيو آهي. سڄي دنيا ۾ چپياٽيل ۽ لتاڙيل قومون ڌارين هاٿين جا پير اکوڙي، هڪ نئون ساهه کڻي اٿي رهيون آهن، خود اسان جي پرسان بنهه لڳو لڳ ڳيرن ڳاڙها ويس ڏڪيا آهن جن کان ٻ سبق سکڻ گهرجي.

ادارو

اسين ڪنهن جي گارگند ڪان نه ڊڄنداسين!
اسين پاڻ گند نه ڪنداسين!

سنڌي عوام کي پنهنجي جدوجهد لاءِ سنئين سنواٽي واٽ جي گهرج ۽ تلاش آهي. هر سنڌيءَ جو قومي فرض اهي ته ان ڳولا ۾ مدد ڪري ۽ قوم کي اوجهڙ ۾ پوڻ کان بچائي.

تحريڪ پنهنجو فرض سمجهي راءِ ڏني آهي، ته "فلاڻي واٽ غلط آهي. ان واٽ کي بدلائجي، تحريڪ جو لکيو قرآن ڪونهي. هڪڙي راءِ آهي هڪڙي سوچ آهي. اها راءِ ۽ اها سوچ صحيح به ٿي سگهي ٿي. جي اها صلاح ۽ سوچ غلط لڳي ته اَن جوجواب ڏيڻ کپي. تحريڪ پنهنجي راءِ جي حمايت ۽ دليل ڏنا آهن. دليل جي جواب ۾ دليل ڏجن. عوام کي پڌائجي ته ڇو فلاڻي سوچ صحيح آهي ۽ ڇو فلاڻي غلط آهي؟ اهڙي ريت هي مسئلو سهڻي نموني نبري سگهي ها ۽ قوم جي سوچ ۽ سمجهه ۾ واڌارو اچي ها. اسان کي صحيح واٽ ملي ها. اسان ۾ وڌيڪ اعتماد ۽ يقين پيدا ٿئي ها. پڌي پيدا ٿئي ها. اسين وڌيڪ حوصلي سان اڳتي وڌون ها. پر ٽيو چا؟ تحريڪ جي ڪارڪنن کي سنڌي پورهيت عوام جي نقطي نظر پيش ڪرڻ جي جرم ۾ قلمباز لوفرن ۽ غنڊن هٿان غليظ ۽ گندين گاريون ڏيارين ويون آهن. مٿانئن مسخرين ۽ ڏچرپا ڪرايا ويا آهن. سنڌي حياڻ فضيلت ۽ اخلاق جا سمورا ليکا لتاڙي قومي خدمت ڪندڙ سنڌي نياڻين تي گند اڇلايو ويو آهي. هو سڀ ڪير ٿو ڪرائي؟

اهو سڀ محترم جي- ايم- سيد جي نالي ۾ ۽ سندس پاران ٽيو آهي. حالتن مان ظاهر آهي ته اهو سندس اجازت ۽ هدايت کان سواءِ نه ٽيو آهي. محترم شاهه صاحب کي هن وقت سن شهر کان ٻاهر نڪرڻ جي موڪل ڪانهي. اها پابندي ناجائز آهي. اسين انهي پابنديءَ کي سنڌي عوام خلاف زيادتي سمجهون ٿا. ان زيادتي ختم ڪرڻ لاءِ اسان بار بار پرزور مطالبا ڪندا رهيا آهيون. اسين هاڻي به اهو مطالبو ڪريون ٿا. بهرحال شاهه صاحب پابند آهي پر خدانخواسته قيد تنهائي ۾ ڪونهي. شاهه صاحب ۽ سندس مريدن جي

وچ ۾ اوچيون ديوارون نڪي هئڻ کپن ۽ نڪي ڪي وري آهن. اها سڀني کي خبر آهي ۽ اسان کي ب آهي. اهڙي حالت ۾ هڻڻا ڪم شاھ صاحب جي موڪل بنا نٿا ٿي سگهن.

پوءِ تڏهن هڻڻو نيڪ ۽ شريف خانداني سادات ماڻهو ۽ بزرگ اهڙا ڏنڏا چو ٿو ڪرائي يا ڪرائڻ ڏي؟ ڇا هن کي يا سندس مريدن کي "تحريڪ" جي ڪارڪنن سان ڪا ذاتي دشمني آهي؟ اسين نٿا سمجهون ته ائين آهي. هي ذات نيات، ٻني پاري، دنگ دڙي، ڏنڏي واپار جي جُوفي جو تڪرار ڪونهي پوءِ قومي سياست جي ميدان ۾ هڻڻيون ڪريل ۽ غليظ حرڪتون چو؟ ان جو جواب بلڪل سولو ۽ سادو پيو آهي.

"تحريڪ" قوم اڳيان جيڪي ڳالهيون پش ڪيون آهن. انهن جو ڪوبه سچ پچ اثرائتو جواب موجود ڪونهي. ايتري اخلاقي جرات، ايمانداري ۽ قرباني ب ڪانهي جو صحيح ڳالهه مڃي پنهنجي غلطي قبول ڪري پاڻ تي تنقيد ڪجي ۽ پاڻ کي سڌارجي اهڙي حالت ۾ باقي وڃيو اهو رستو بچي جيڪو وڏيرڪو طبقو روز ازل کان عوام خلاف ونڊندو رهيو آهي. يعني ڏاڍائي ۽ دباءَ جو، وڏيرڪو طبقو صدين کان اختلاف ۽ اعتراض کي ڪچلڻ لاءِ عوام کي ڪاڻ، قيد، ڦاهيون ۽ سوريون ڏيندو رهيو آهي. اڄ ب منجهائن جن جو وس هلي ٿو سي اهي ڏنڏا چالو ڪريو ويٺا آهن. باقي جن کي في الحال جيل ۾ وجهڻ، ٽيپ ڏيڻ يا فاهي ڏيڻ جي اختياري ڪانهي، سي هن وقت جيڪي طبقاتي هٿيار موجود آهن، انهن کي اسعتمال پيا ڪن. يعني ڪوڙ، بهتان، گلائون، مسخريون. ٽٽوليون، ڏڇرپا، سانگ، خواريون، دڙڪا، دهمان ۽ غليظ گاريون. سياڻي جي حڪومتي ڏنڏو هٿ ۾ چڙهي وين ته بلاشڪ ڪاڻ، قيد، ڦاهيون ۽ سوريون ب ڏيندا، دباءُ ۽ ڏاڍائي سندن عوام دشمن فطرت آهي جا ڪڏهن ب بدلجي نٿي سگهي.

سوال، "تحريڪ" جي ڪارڪنن جي ذات جو ناهي. هي ڳالهه فرد ۽ ذات کان چڙهيل آهي. هي طبقاتي ڳالهه آهي. سائين محب وطن آهي، قوم پرست آهي، سندي تهذيب، ثقافت جو علمبردار آهي ۽ پيو گهٽو ئي ڪجهه آهي. پر انهن سڀني ڳالهين سان گڏ بلڪ انهن کان پهرين هو پنهنجي طبقي جو فرد ۽ نمائندو آهي. وڏو زميندار آهي. سيد، پير ۽ سجاده نشين آهي. وڏيري، پوتار، رئيس، پير، مير ۽ سجاده نشين طبقي جو ڪوبه نمائندو اها ڳالهه ڪٽان ٿو برداشت ڪري ته ڪي "خسيس" ۽ "معمولي" ماڻهو، امير خاندانن جي شاهاڻ سياسي شوقن ۽ شغلن ۾ ٽنگ اڙائين!

جيڪو "پيغام" ۽ "اڳتي قدم" ۾ چيو ويو آهي. اهو رڳو سائين نٿو ڳالهائي، سندس طبقو ٿو ڳالهائي، خطاب فقط "تحريڪ" وارن سان ناهي،

سندن طبقي سان آهي. وڏيري طبقي کي روز ازل کان ونڊي پورهيت عوام لاءِ جيڪا گهري ۽ اٿاه نفرت ۽ حقارت آهي، کين سندي پورهيت عوام جي نظرين جي وڪالت ڪندڙن مان جيڪو ڊپ ۽ هراس آهي. اها سموري نفرت ۽ حقارت، اهو ڊپ ۽ هراس انهن غليظ ۽ گندين گارين جي چتي گگ جو روپ ونڊي وڏيرن جي قلم باز شڪاري لوڊ جي واڇن مان ڳڙي پيو آهي.

وڏيرا سياستباز، عظيم ۽ اعليٰ، فرشتا ۽ ملائڪ، پيغمبر ۽ "آدم جي روپ ۾ اور شيون" فقط تيستائين آهن، جيستائين سندن خالص طبقاتي سياست قوميت جي پوش ۾ لڪل آهي ۽ سندن طبقاتي ڳنر تي لت نٿي اچي. جڏهن ٿورڙو سوال جواب ۽ حساب ڪتاب ٿو ٿئي، جڏهن سندن سياست جي اصل طبقاتي فطرت تان ظاهري قومي پوش لهيو پوي ۽ جڏهن کين ٿورڙو طبقاتي سيڪ ٿو اچي ته پوءِ وڏيرڪي ۽ حاڪماڻي سياست پنهنجو قومي بزرگيءَ جو پوت پريل ريشمي غلاف اڇلائي ڦٽو ڪري، پنهنجو اصلوڪو، گاريال، داداگير ۽ رهزن وڏيرڪو روپ ونيو اڇيو وچ بازار ۾ بيهو رهي. سندي قوم ۾ وڙهڻ وڳڙ جا ڪي سنڌا سيڙها مقرر ٿيل آهن. ڪي فضيلتون، ڪي حيائون ۽ ڪي شرم ڪرٽا آهن.

چوندا آهن ته، "وڙهندي سيڪو ويڙ اچلائيندو، گل ڪونہ اچلائيندو." پر "وڙهڻ مهل اهو ڪي ڪجه ڪجي جو پرچڙ مهل ڪم اچي." اهي قانون وڏيرا شاهي ۽ پرمار شاهيءَ ۽ سندن پالتو لوڊ سان لاڳو ڪونهن. وڏيرن ۽ پرمار سياستبازن لاءِ پنهنجي ذات، پنهنجو ٽولو ۽ پنهنجو طبقو اول ۽ آخر آهي. انهن جي پائيءَ جي نقصان ۽ نفعي لاءِ هو سڄي ملڪ ۽ سموري قوم جي مفادن کي تباه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. اهو ئي سبب آهي جو هو گلاخوريءَ جي خسيس لست ونڊ ۽ چئن پهرن لاءِ لئه ڪرڻ لاءِ ڪي اهڙا بـ ڪوڙا ۽ ڪمينا الزام ڏرين ٿا، جن جو مدلل ۽ لاجواب ڪندڙ جواب ۽ صفائي کين خبر آهي ته اسان آسانيءَ سان ڏيئي سگهون ٿا، پر ائين ڪرڻ سان اسان کي ناقابل تلافي نقصان رسندو. کين ناقابل تلافي نقصان رسندو. سموري قوم کي ناقابل تلافي نقصان رسندو. اهڙي صورت حال مان ڄاڻي ٻجهي ناجائز فائدو ونڊ کي آزاد قومن ۾ بليڪ ميلنگ چئبو آهي ۽ آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ قومن ۾ غداري چئبو آهي. بليڪ ميلنگ ۽ غداري وڏيرا شاهي ۽ پرمار شاهي جي طبقاتي فطرت آهي.

پناهگير نقلي ترقي پسندن جا جيڪي پالتو ماڻهو سندي ٽوپيون پائي سنڌو ديشي بنيا "تحريڪ" جي ڪارڪنن کي گاريون پيا ڏين. تن کي ۽ سندس آقائن کي ايڏي داڻ ڪرڻ مان هڪڙي اميد راه بـ آهي ته اسين بـ محترم جي- ايم- سيد خلاف اهڙو ئي ذاتي گند ڪنداسون. پوءِ سنڌ ۾

نظرياتي ۽ سياسي چنڊچاڻ ختم ٿي ويندي. سنڌين جي صحيح راه جي ڳولا ختم ٿي ويندي. سنڌي اتحاد جون راهون بند ٿي ويندیون. سنڌي سالن لاءِ ذاتي الزامن ۽ جوابي ذاتي الزامن جي گندي ڏبڙ ۾ ڦاٿا پيا هوندا ۽ سنڌ دشمن جي چاندي ٿي ويندي. اسين سنڌ دشمن پرمارن جون سڌون پوريون ٽيڙ نه ڏينداسون. هو سنڌي وڏيرا شاهيءَ کي ڪاٺ ڪلهي تي ڪٽائي پلي ڪيڏي ۽ گندگي ۽ غلاظت ڦهلائين ۽ ڪيڏيو ۽ شرارتون، سازشون ڪن، پر اسين پنهنجي اصل مقصد ۽ اصل راه تان هڪ انچ جيترو ۽ ٽڙڻ لاءِ تيار نه آهيون ۽ نڪي ٽيندا سون. ”مرسون مرسون ڊپ نه چرسون.“

اسين شاه صاحب تي ذاتي حملا نه ڪنداسون، اسين ڪنهن تي ۽ ذاتي حملا ڪرڻ نٿا چاهيون. اسان کي ذاتي طرح شاه صاحب لاءِ عزت آهي. هو ذاتي طرح پلو ۽ لائق ماڻهو آهي، عزت جي لائق آهي. اسين جائز حدن اندر سندن عزت ۽ احترام ڪندا رهنداسون. اهو اسان جو قومي فرض آهي. اسين اصولي ڳالهيون ڪريون ٿا. اسين اهي هر حالت ۾ ڪندا رهنداسون. اسين سکڻ ۽ سيکارڻ چاهيون ٿا. اسين سچيءَ دل سان سنڌ جي قومي مسئلن جي چنڊچاڻ ڪري صحيح راه ۽ صحيح رستي تي پهچڻ ۽ اڳتي وڌڻ چاهيون ٿا. اها چنڊچاڻ جانچ ۽ ڳولا ۽ اهو واڌارو اسين جاري رکنداسين.

سڌي عوام صحيح بنيادن تي پاڻ ۾ ٻڌي ڪرڻ صحيح گس ۽ صحيح واٽ ونيء، مضبوط ۽ اٽل ارادي سان اڳتي وڌڻ ۽ پنهنجي نجات حاصل ڪرڻ گهري ٿو. ان ڳالهه ۾ اسين سمورن محب وطن فردن، ٽولن، طبقن ۽ تنظيمن سان گڏجي پنهنجي پهچ آهر سنڌي عوام جي مدد ڪندا رهنداسون. اهو اسان جو قومي فرض آهي. اسين ان فرض ادائي تي قائم رهنداسون ۽ واٽ جي هر مشڪل کي بهادري ۽ ثابت قدميء، حوصلي ۽ پختي يقين سان منهن ڏينداسين. سنڌي عوام فاتح ٿيڻو آهي، سو ضرور ٿيندو.

ڪنڌا مون پيرن ۾ توٽي لک لڳن،
آگر آگوڻي نه مڙي ڇپون پير چن.
ويندي ڏانهن پرين، جُتي جات نه پائيان.
(شاه)

قوم پرست يا خودپرست ۽ طبقي پرست؟

اڄ سنڌ ۾ ڪي ماڻهو پاڻ کي "قوم پرست" سڏائين ٿا تہ سنڌي قوم جا وارث ۽ عيوضي فقط اسين آهيون. جيڪو اسان جي پويان نہ لڳندو سو غدار آهي. انهيءَ ڳالھ سنڌي قوم لاءِ وڏو مسئلو ڪڙو ڪري وڏو آهي. ماڻهو غدار ٽيڻ نٿا چاهين، ماڻهو سنڌي قوم جي خدمت ڪرڻ چاهين ٿا. پر هو انهيءَ ڳالھ ۾ منڊل آهن تہ ڪهڙي واٽ تي هلون، ڪنهن جي پٺ ونون، ڪيڏانهن وڃون؟

هن ڏنو آهي تہ ماڻهو پاڻ کي جهڙا سڏائيندا آهن، اهڙا هروپرو هوندا ڪونهن. رڳو پاڻ تي وڏو نالو يا مثال طور: ڪيترن ماڻهن تي وڏي بهادريءَ وارا نالا رکيل هوندا آهن. جهڙوڪ: بهادر خان، دولاور خان، شير، جهونجهار وغيره. پر حقيقت ۾ هو ٻئي جي ميائون کان بہ ڊڄندا آهن. ڪيترن جا نالا سهڻا هوندا آهن. مثال سونو، دلدار، پيارو، معشوق علي وغيره پر سندن شڪل ڏسي ماڻهن ڊڄي ويندو آهي!

لکن ڪروڙن جا قاتل بدمعاش حاڪم پاڻ کي نبيءَ جا خليفا، عادل، بادشاھ، خدا جا پاڇا، رحم جا درياھ سڏائيندا رهيا آهن. قرلٽ ۽ هٽ ڪس تي گذر، ڪندڙ ڏاڙيل حاڪم پاڻ کي سخاوت جا سمنڊ، ڏاتار ان داتا، جگ پال وغيره سڏائيندا رهيا آهن. يزيد حجاج بن يوسف، تيمور ۽ نادر شاھ جهڙا مسلمان عوام جا قاتل بين الاقوامي ڏاڙيل پاڻ کي مومن، غازي ۽ مرد مجاهد سڏائيندا رهيا آهن. رڳو فردن جي ڳالھ ناهي. ٽولا، طبقا ۽ رقمون بہ پاڻ تي ڪوڙو ۽ جڙتو لقب رکائيندا رهيا آهن. مودودي وارو پاڪستان دشمن، آمريڪا پسند ۽ ڊالر پرست ٽولو پاڻ کي واحد پاڪستان دوست، واحد اسلام پسند ۽ واحد خدا پرست ٽولو سڏائي ٿو. ليگي وڏيرن نوابن جو انگريز پرست ٽولو جيڪو عوام جو قاتل دشمن ۽ ويري هو سو پاڻ کي هندستان جي سمورين قومن ۽ سمورن طبقن جي مسلمانن جو واحد نمائنده ٽولو سڏائيندو هو. اڄ سنڌ جو وڏو طبقو پاڻ کي هارين ۽ مزدورن جو اڪيلو همدرد، اڪيلو غمخوار ۽ اڪيلو نمائندو سڏائي ٿو. آمريڪي آدمخور سامراجي پاڻ کي آزاديءَ جا پروارنا سڏائين ٿا. پناهگير پنجابي زميدارن ۽ سرمائيدارن جو ڪٽر فرقي پرست ۽ تعصبي پاڪستان دشمن ڦورو ٽولو پاڻ کي سموري پاڪستان

جي سمورن طبقن جي عوام جو وارث، عبوضي ۽ گھٽگھرو سڏائي ٿو. مطلب ته ماڻھو پاڻ کي جيڪي وٽيس سو پيو سڏائي پر ڏسڻو اھو آھي ته حقيقت ۾ چا آھي؟

سنڌي ماڻھو چائن ٿا گھرن ته اڄ جيڪي ماڻھو پاڻ کي سنڌي قوم پرست سڏائين ٿا سي حقيقت ۾ چا آھن؟ چا ھو واقعي سنڌي قوم جا پرستار ۽ پوڄاري آھن؟

سڀ کان پھرين اچو ته ڏسو ته پرستش ۽ پوڄا چئبو چا کي آھي؟

جيڪو ٻئي جي چگائي گھري تنھن کي اڳلي جو خيرخواه يا سڄڻ سڏبو. خيرخواھيءَ کان مٿيرو جذبو ۽ ناتو آھي، دوستيءَ جو. دوستيءَ کان مٿيرو ناتو آھي پيار ۽ عشق جو.

پر ھڪڙو جذبو ڪن ڳالھين ۾ پيار کان ٻه اور شيءِ آھي. اھو آھي پوڄا جو جذبو. پيار برابر سونھن ۽ صورت نه ڏسندو آھي. پياري جي ھرڪا ادا وٽندي آھي. پر وٽڻ وري ٻه شرط آھي. جيڪو ماڻھو روح کي نه وڻي تنھن سان پيار ڪرڻ جو سوال ئي نٿو اٿي پر پوڄا لاءِ وٽڻ يا پسند اچڻ ضروري ناھي. پٽر، نانگ، بلائون ڪنھن کي ٿا وٽن؟ پر ته ٻه ماڻھو انھن کي پوڄين ٿا!

عشق ۾ ماڻھو، عقل، مت، شرم ٽيئي ٽول ترڪ ڪريو ڇڏين، پر پوڄا ۾ ته ٻيو ٻه الائي چا چا ٿا ترڪ ڪن!

اسان جي سنڌ ۽ ان جي آس پاس رامر ۽ رحيم جي پوڄا پرستش ڪندڙ سامي، جوگي، صوفي جھڙي طرح پنھنجون حياتيون گذاريندا ھئا، تن جون تصويرون سھڻو لطيف اسان لاءِ چڏي طرح چڏي ويو آھي.

اھي پوڄاري جنھن جنھن ھستيءَ جي پوڄا ڪندا ھئا، تنھن ۾ گم ھوندا ھئا. ھو لاطمع ھئا. ڪين اھو ٻه ھوش ڪونه ھو ته اسين آھيون ڪير! آءٌ ۽ اسين جا اڪر ھن جڳ ٻڌا ئي ڪو نه ھئا.

نه گندا نه گبريء، نه ڪچين ڪاچوتيء
سامين ٻاري سچ ۾، بابن باھوتيء
جوگي جبروتيء، وڃائي وات ٽيا.

بک اُنين جي بکياء ڏوڙ تنين جو ڏوپء
ڪيائون سوئي روپء جڻان لوڪ لڄ ٽئي.

ڪچين ڪاچوتيء نانگن پڌي نينھن جيء
جھڙا آيا جگ ۾، ٿھڙا ويا موتيء
تنين جي چوتيء، پورب ٽيندي پڌري.

نڪي ڪٽڻ پاڻ سان، نڪي ساڻن پاڻ،
اهڙا جن اهجاڻ، آءٌ نہ جيئنبدي ان ري.

ڪشي ساڻ ڪشن، ڏيل ڪيائون ڏبرام،
پيٽ نہ هيريائون پنهنجام چوري ساڻ چسن،
اهڙي راه رسن، ڪاپڙي ڪابول ڪي.

وچينءَ وينا هون، سانجهيءَ رهن سمهي،
مهيسي منهن پنهنجوم ڏاران، ڏوڙ نہ ڏون،
وهاڻيءَ واٽن تي، پاسا ڪوڙيو پون،
ڪنهن ڪي ايئن نہ چون، تہ آديسي آهيون.

قوت ڪڙايا ڪاپڙي، بک جهليائون بوءِ،
ويا نيرانا نڪري، جوڳي منجهان جوءِ،
اوسر آجا اُوءِ، اٽي گوندر گڏيا.

دنيا ۾ رڳو سچا پوڄاري ٽئا ٽين. ڪوڙا پوڄاري ۽ پرستار به ٽين ٽا.
ڪوڙا پوڄاري سچن کان ب گهٽا هوندا آهن ۽ انهن کان گهٽيون وڌيون دعوائون ڪندا آهن. انهن جا ب پار پتا مليل آهن:

گولا جي گراه جام جونا سي جوڳي،
ڦٽل او ڦوڳي، شڪم جنين سانديا.

جئن ٽا پچن ان کي، تئن جي پچن پنڌ،
رڙهي لڏائون رندم، لٽين لک لطيف چئي.

سپيريءَ سيد چئي، جي ٽا پچن ان،
تن ڪاپڙين ڪونهي، ڪن جوڳي چائن جاڙ ٽا.

جنهن سناسيءَ سانديو، گندي ۽ گراه،
انهيءَ کان الله ايجا آڳاهون ٽيون.

هر هر ڪن هر نامم ڏون ڏيهاڙي ڏوتيام،
جن نہ ريجهايو رامم ناڻ نہ نمي تن کي.

هر هر ڪن اُميس. ڏون ڏيهاڙي ڏوتيام،
جن نہ ماري ميس، ناڻ نہ نمي تن کي.

اهي پوجاري ٿآهن، پنهنجي پوجا ڪرائڻ وارا آهن، انهن کي هيءَ تنبيه

ڪيل آھي.

پوڃا ڪر مَ پاڻ ڪي، پل پوڃا ڪان پاڻ.

جان تون جوڳي ٿي، نہ تہ نرڃا ونڻ نڪري،
ڪو ٿو ڪن ڪپائين، جان نہ سھين سيءُ،
پڃ! پراھون ٿيءُ، متان ٻيا لڃائين.

پوڃا ڪر مہ پاڻ ڪي، ڪہ راول پن رات،
لباسا لطيف چئي پل ويراڳي وات.

اھي ٽيام رام ۽ رحيم جا پوڃاري.

قومن جا سچا پوڃاري ۽ پرستار سچا قوم پرست دنيا ۾ ٿي گذريا آھن. انھن مان ڪيترا قوم دشمن طبقن منجھان ھئا. ھن ڪي فيصلو ڪرٽو پيو تہ پنھنجي قوم دشمن طبقي جو ٿي رھجي يا قوم جو ٿجي. ھن پنھنجي قوم دشمن ۽ قومي غدار طبقي ڪي ترڪ ڪيو. ان سان سپ سڳ ڇني ڇڏيائون. ھن پنھنجي ذات، خاندان ۽ طبقي جي نفعن ۽ نقصانن کي لت ھٽي، پنھنجي طبقاتي نيات مٽائي، پاڻ ڪي قوم جي گھٽائي سان ملائي ھڪ ڪري ڇڏيو. دنيا جي پنجنَ ئي ڪنڊن جي ڪيترين قومن جي اھڙن سچن ۽ انقلابي قوم پرستن جا مثال اسان جي اکين اڳيان موجود آھن. جرمن قوم جي عوام جا عظيم ۽ لافاني پرستار ۽ سچا انقلابي ڪارل مارڪس پريشيا جي وزير داخلا جو پيٽرويو ھوم اينجلس ڪارخانيدار جو پٽ ھو. ھن پنھنجي ذاتي، خاندائي ۽ وڏي ڳالھ تہ طبقاتي طمع کي ترڪ ڪري ڇڏيو. ھن سچن پوڃارين وانگر پاڻ کي پنھنجي قوم جي مظلوم ماڻھن لاءِ بلڪ سڄي انسان ذات جي اشراف ۽ قوم دشمن طبقي جا ھئا، تنھن جا قاتل ويري ٿي ٻيٺا. مرندي مري ويا تہ بہ پنھنجي ظالم ۽ قوم دشمن طبقي ڏانھن وري لوٽو بہ ڪونہ ھنيائون. ھو پنھنجي قوم دشمن ۽ قومي غدار طبقي جي نيستي ۽ نابودي واسطي نظرياتي ہم ناھي سندن طبقاتي نظام جي پاڙن ھيڻان رکي ويا آھن. اھي ڇڻ ٽائيم ہم آھن ۽ رکي رکي پنھنجي وقت تي پيا ڦاٽن. انھن جا ڏماڪا 1870ع ۾ فرانس اندر ٽيا. 1905ع ۽ 1917ع ۾ روس ۾ ٽيا. ان کان پوءِ اڄ تائين سڄي دنيا جي چئن ئي ڪنڊن ۾ اھي ڏماڪا ٽيندا رھيا آھن. پيو سڄو قوم جو پوڃاري ھزايڪسيلينسي ايليانڪلولا بيوچ اليانوف جو پٽ ولاديمير عرف لينن ھو.

ھزايڪسيلينسيءَ جي انھيءَ پٽ، روس جي سمون ھرايڪسيلينسين جي سڄي قوم دشمن طبقي جي گھر تي ٽاندو رکي ڇڏيو. ھن پنھنجو قوم دشمن

ء قومي غدار طبقي ء ان جا مفاد ترڪ ڪري پنهنجي مظلوم ء پورهيت قوم کي پنهنجو ابو امان بنايو. هن سڄي عمر پنهنجي ذاتي ء طبقاتي مفادن بجاءِ قومي ء عوامي مفادن لاءِ لڙائي ڪئي. هن ڪڏهن ب پنهنجي طبقي ڏانهن ڳجهو يا پڏرو لاڙو نه ڪيو.هن سان رتيءَ جي ب مروت نه ڪئي. هن طبقاتي مفادن لاءِ قومي مفادن ۽ خيانت نه ڪئي. قوم دشمن ء قومي غدار طبقن مان پيدا ٿي سڀ سڄا انقلابي پورهيت، سڀ سڄا قوم پرست ان رسم ء ريت تي هلن ٿا، هن سڀني ذاتي يا طبقاتي مفادن کي لت هڻي قومي مفادن لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو. هن پنهنجي ذاتي ء طبقاتي ميس ماري ڇڏي. هو عالیجاه ء هزايڪسيلينسي ٿي چاوا. امير ء خاندان ٿي بنگلن ۾ محلن ۾ رهيا. هو پنهنجي مظلوم قوم جي مظلوم عوام لاءِ گهر ء وطن ڇڏي ملڪان ملڪ دربدر ٿي ڦٽڪيا. تنگ، سرد ء اونداهين جهوپڙين ء ڪمرن ۾، جهنگن ء جبلن ۾ فاقا ڪاٽيندا ء پورهيا ڪندا رهيا.

چين جو چواين لاءِ وڏي آفسير جو پٽ هو. مارشل هولنگ ء مارشل چوٽي نواب ء جنگي سردار هئا. قوم خاطر هو نوابي ء سرداري ڇڏي فقير ٿيا ء قوم جا سپاهي ٿي قوم پاران قوم جي دشمن نوابن جا قاتل ويري ٿي بيٺا. تان جو انهن جو نالو نشان مٽائي قوم کي سندن غلامي جي زنجيرن کان آزاد ڪرائي ڇڏيائون. ويٽنام ۾ ڪيترا قوم پرست اهڙا آهن جيڪي قوم جي دشمن طبقن يا قوم دشمن طبقن جي دلال طبقن منجهان آهن. هن قومي قرلٽ جي مال مان سئينءن پگهارون ء سٺا اجورا پي ڪنيا. ڪيترا وڏا آفسير هئا. ڊاڪٽر هئا. انجنيئر، ايڪٽر، ايڪٽرسون هيون. اهي سڀئي ڏنڊا ء مزا ڇڏي هو پنهنجي قوم دشمن ء قومي غدار طبقي کي ٿي طلاقون ڏيئي، جيئن پنهنجي پورهيت قوم سان گڏيا تيئن ڪڏهن ب وري پنهنجي قوم جي دشمن طبقن ڏانهن موٽي نه ويا. آمريڪي ڪنڊ جي قومن فيڊرل ڪاسترو کان وڏو انقلابي ء وڏو قوم پرست اڄ تائين پيدا نه ڪيو آهي. هو اُن پيءَ جو پٽ آهي جنهن کي چاليه هزار ايڪڙن کان ب وڌيڪ پلي ڪمند جي زمين هئي. هن ڪمند جي زميندار جو طبقو ڇڏي پنهنجي قوم جي غريب جهانگين ء ڏوٽين جو پاسو ورتو. پيٽس پنهنجي پاءُ کي ڇڏي پنهنجي زميندار طبقي ڏانهن هلئي وئي. هو پيڙ کي ڇڏي قوم جي عوام جي طرف بيٺو رهيو.

انهن سڀني سچن قوم پرستن جي اڳيان سوال هو ته پنهنجي قوم دشمن قومي غدار طبقي سان سچو رهجي يا ان طبقي کي لت هڻي وڃي پنهنجي مظلوم عوام سان ملجي؟ هن پويون رستو ورتو ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين ان تي مضبوطيءَ سان قائم رهيا.

سچو قوم پرست ڪنھن کي چئون؟

سنڌي قوم جي اڃوڪين حالتن ۾ اسين قوم پرست ماڻھو، ڪارڪن يا ليدر ڪنھن کي چئي سگھون ٿا؟ ڪھڙا ڪھڙا عقيدا رکڻ ۽ ڪھڙا ڪھڙا ڪم ڪرڻ سان ماڻھو سنڌي قوم جو پوڄاري يا قوم پرست ٿي سگھي ٿو؟ انھيءَ ڳالھ جو فيصلو ڪرڻ لاءِ پھرين اچو تہ ڏسون تہ سنڌي قوم آھي ڇا؟ ان جي سچي پوڄاريءَ کي ڇا ڪرڻو يا نہ ڪرڻو پوندو.

قومي صورتحال

سنڌي قوم جي بناوت جون ھيٺيون خصوصيتون آھن:

(1) سنڌي قوم سڄي جي سڄي يڪي ھڪڙي اڳي قبيلي يا طبقي مان ٺھيل ناھي. جيئن ان ۾ مختلف قبيلا آھن جھڙوڪ: سماٽ، بلوچ، بروھي، ڪولھي، پيل وغيره، تيئن ان ۾ گھٽا طبقا ب آھن. جھڙوڪ: زميندار، ھاري، واپاري ۽ سرمائيدار وغيره.

(2) اھي گھڻ طبقا رڳو ھڪ ٻئي کان مختلف ناھن، انھي مان کي ھڪٻئي جي ابتڙ ۽ مخالف آھن. جنھن ڳالھ ۾ منجھائين ھڪڙو طبقو خوش آھي، تنھن ۾ ٻيو ناراض آھي، ھڪڙن طبقن جي خوشي ٻين طبقن لاءِ ماتم آھي.

(3) انھن گھڻن طبقن مان ٻہ طبقا يعني وڏا زميندار ۽ سرمائيدار طبقا خسيس ٿورائيءَ ۾ آھن. ٻيا جھڙوڪ ھاري، مزوور ۽ ٻيا مسڪين زبردست گھڻائي ۾ آھن.

(4) قوم جي وڏي گھڻائي جيڪي ب ڪمائي ٿي، تنھن جو وڏو ۾ وڏو حصو اھي خسيس ٿورائي وارا طبقا زور زبردستيءَ ۽ دغا دولاب سان کسيو وٺن. قوم جيڪي ب سڀيون شيون ۽ ڳالھيون پيدا ڪري ٿي جھڙوڪ: سڀا ڪاڏا، سڀا ڪپڑا، سڀا گھر، سڀيون صحتون، سونھن، صورت، علم، ھوشياري، قابليت، نراڪت، ھنر، ڪاريگريون وغيره، اھي سڀ سڀيون شيون انھن ٿوڙن نڪمن ماڻھن قوم کان کسي ورتيون آھن ۽ موت ۾ قوم جي وڏي گھڻائيءَ کي ھوندي سوندي بک، اوگھڙ، بيماري، ھيٺائي، اڻ ڄاڻائي، جھالت، وھم، تعصب، خوف، انديشا، وسوسا، بدصورتيون، گندگيون، غلاظتون، بي افعالايون، موچڑا، مارون، ڏنڀ، قيد ۽ قاسيون ڏنيون اٿن. اھڙي ريت اھي ٿورڙا بي ڪم ماڻھو جن کي نڪمائيءَ ڪري بک مرڻ ڪپي، ڏک ڏسڻ ڪپن، اجھي لٽي کان محروم رھڻ ڪپي، ھيٺو ۽ بي حال ھئڻ ڪپي، سڄي قوم ۾ ٿوڪاريل ۽ لعنت ملامت ھيٺ ھئڻ ڪپي، دربدر ۽ خاڪ بسر ھئڻ ڪپي، سڀ قومي نالو ڦريون ۽ ڏاڙا ھٽي عيش پيا ڪن ۽ قوم جي وڏي گھڻائي جن کي

پنھنجي پورھئي ۽ سڀ سپ کي ھجڻ کپي، سڀي کاڌي، سڀي گھر، سونھن، سوڀيا علم، عقل، وغيره جو مالڪ ھئڻ کپي، سي انھن ٽوڙڻ جرائم پيشہ قومي چورن ۽ ڏاڙيل طبقن جي ڏوھن ۽ جرمن سبب بکيا، ڏکيا، ھيٺا، ٻي واھا، محتاج ۽ ذليل ٿي حياتي جا ڏينھن پورا ڪيا ڪن.

(5) اھا بدڪردار مجرم پيشہ واري قوم دشمن ٽورائي ھر دور ۾ سنڌي قوم جي وڏي گھٽائيءَ کي نہ رڳو پاڻ لٽيندي، ڦريندي ۽ ڪچليندي رھي آھي پر ھر پيري دشمن جي دلال ٿي، ان ھٿان ٻہ ڪين ڦرائيندي، لٽائيندي ڪچلائيندي رھي آھي.

مطلب تہ سنڌي قوم جي اندر ٻہ ٽلھي ليکي الگ، ابتڙ ۽ ھڪ ٻئي جا جاني دشمن طبقاتي ٽولا آھن. ھڪڙي پاسي زميندار ۽ سرمائيدار ٽورائي آھي جا مفت خور، ڦورو، قوم دشمن ۽ قومي غدار آھي تہ ٻي طرف سنڌن قوم جي زبردست گھٽائي آھي جا پورھيت، اشراف، ڪريل، پيڙيل ۽ وطن سان وفادار آھي.

قوم کي ڇا کپي؟
مٽاڇرو ترڪتال يا بنيادي ۽ مڪمل انقلاب؟

ڏاول وڏيرڪي ٽورائي جيئن تہ ڦٻيل آھي، تنھن ڪري اھا سنڌ جي موجوده حالت مان 90 سيڪڙو راضي ۽ خوش آھي. خاص ڪري اھا ان ڳالھ ۾ ٻلڪل راضي آھي تہ سنڌي قوم جي گڏر جا وسيلا سنڌن ناجائز قبضي ۾ ئي رھن، سنڌي قوم جي وڏي گھٽائي انھن قومي گڏر جي وسيلن کان محروم ھجي ۽ ڪڏھن ٻہ انھن تي قابض نہ ٿئي. انھي ڪري ھو سنڌ جي موجوده سماجي صورتحال ۾ بنيادي ۽ مڪمل ڦيرو ۽ انقلاب آٽ لاءِ ھرگز ھرگز تيار ناھن. ھو موجوده صورتحال ۾ فقط ايترو ٽورو ڦيرو چاھين ٿا تہ ھي جو ھن وقت سنڌي عوام کي ڦرڻ لٽڻ ۽ ساٽن پنجابي، پناھگير پرمار زميندار، سرمائيدار ۽ سندن چاڙتا ٻہ شامل آھن، سا ڳالھ ڪجھ نہ ڪجھ بدلجي سگھي تہ ڇگو. اھي پائيوار بنھ بيدخل نہ ٿين تہ پلي نہ ٿين پر ايترو البت ٿئي تہ انھن جو حصو پتي ڪجھ گھٽجي ۽ ھن جو وڏي. ٻي طرف سنڌي عوام جي وڏي گھٽائي سنڌ جي موجوده حالت مان انت بيزار آھي. موجوده حالتن کي قائم رکڻ ۾ سندن پائيءَ جو ٻہ فائدو ڪونھي ۽ سراسر نقصان آھي. ان ڪري ھن موجوده حالت کي سورھن ئي آنا مڪمل طرح ۽ پاڻ کان وڌي بدلائڻ چاھين ٿا.

انھن حالت ۾ فقط ڪنھن مٽاچري ڦيري اچڻ تي ھو بلڪل راضي نہ ٿيندا. جيڪڏھن ڪائنس ٽيندڙ ڦرلٽ ۽ مٿن ھلندڙ ظلم ۽ ڏاڏائي جاري ٿا رھن تہ پوءِ ڪين انھيءَ ڳالھ ۾ ڪا وڏي دلچسپي ڪانھي تہ ڪين مارڻ، ڦرڻ، پيڙڻ جو وڏو حق سندس ڏيھي دشمن وڏيرا ھٿ ڪن ٿا يا سندس پرڏيھي

دشمن پناھگير، پنجابي زميندار، سرمائيدار ۽ سندن چاڙتا. سنڌي عوام جي انھي ڏيھي پرڏيھي دشمن جي وچ ۾ رڳو قرلٽ جو حصن پتين تان جيڪا سوديبازي ۽ چڪتاڻ ھلي ٽي، تنھن کي ھو اجائي اھميت نٿا ڏين. چو تہ کين خبر آھي تہ بنيادي طرح سنڌين جا ڏيھي ۽ پرڏيھي دشمن پاڻ ۾ جٽ آھن. سندن پاڻ ۾ چڪتاڻ ۽ وات خوري مٿاچري ۽ عارضي آھي. اھا کنھن بہ وقت سوديبازي وسيلي نبري سگھي ٽي. انھن ڏيھي پرڏيھي سنڌ دشمن جي وچ ۾ اڳ بہ سوديبازيون ٽيون آھن، اڄ بہ ٽين پيون ۽ سياٽي بہ ٽيندیون رھنديون. ان ڪري سنڌي عوام سندسن ڏيھي پرڏيھي دشمن جي وچ ۾ مٿاچري ۽ عارضي چڪتاڻ کي اڻ سڌي طرح پنھنجي کنھن نہ کنھن فائدي لاءِ ڪتب آڻڻ لاءِ تہ برابر راضي ۽ آتو آھي پر پنھنجي چوٽڪاري جي دارومدار قرلٽ جي حصن پتين وڌائڻ جي انھيءَ چڪتاڻ ۽ سوديبازيءَ تي لڳائڻ لاءِ ھرگز تيار نہ آھي.

سنڌ يا سنڌو ديش.....

وڏيرا شاهي سنڌ جو اصلي سدا سھڻو ۽ جڳ مشهور تاريخي نالو متائي، ان تي پنهنجو هڻ ٽوڪيل، جڙتو، اڻ وٽندڙ ۽ اوپرو نالو "سنڌو ديش" چو ٿي مڙهڻ گهري؟

شيڪسپيئر برابر ڪنهن هنڌ چيو آهي تہ "نالي ۾ چا رکيو آهي؟ گلاب جي گل کي گلاب بدران ڪنهن ٻي نالي سان سڏبو تہ بہ منجهس خوشبوءِ ساڳي گلاب واري هوندي!" پر نالو هروپرو اهڙي معمولي ڳالھ ڪانهي. چوندا آهن تہ "نالي چڙهيو واپاري کٽيو کائي، نالي چڙهيو چور ڦاهي کائي." وڏا واپاري پنهنجي دڪان يا ڪاروبار جو رڳو نالو استعمال ڪرڻ جي موڪل ڏيڻ عيوض لکين رپيا عيوضو ونندا آهن.

لڇمي ڪولھڙ بدران رحمت شيخڙ

نالو معنيٰ سڃاڻپ. ڪنهن شيءِ، مال ملڪيت يا ماڻهوءَ جي سڃاڻپ ختم ٿي وئي تہ پوءِ پلي ڪارو چور ان کي ڪٽيو وڃي تہ بہ ڏٺي ڪڇي ڪونہ سگهندو. اسڪوٽر، موٽر ۽ گاڏين جا چور سڀ کان پهرين چورايل گاڏين جي اصلوڪي نمبر پليٽ بدلائيندا آهن. مال جا چور چورايل مال جا پراڻا سڃاڻپ جا نشان متائيندا آهن ۽ بدلائيندا آهن. لڇمي، ڪولھڙ کي ڦهائڙ لاءِ وڏيرو پهريون ڪم اهو ڪندو آهي جو سندس نالو ڦيرائي لڇمي ڪولھڙ بدران رحمت شيخڙ رکندو. هاڻ اڳيون مڙس پلي جتي وٽيس اتي پنهنجي زال لڇمي ڪولھڙ ڳولي وڃي هڻ ڪري. قومن ۽ ملڪن جا اصلوڪا نالا ختم ڪري مٽن جڙتو نالا رکڻ ڦورو ۽ ڏاڙيل طبقن ۽ قومن جو تاريخي ڏنڏو ۽ پيشو آهي.

يورپي سامراجين آفريڪا ۾ پهريون ڪم اهو ڪيو جو اتي جي سڀني ملڪن جا نالا هڪڙي ڏک سان بدلائي ڇڏيائون. اڻ ورهايل هندستان جا مسلمان جاگيردار ۽ سرمائيدار سنڌ، بلوچستان، سرحد، پنجاب ۽ بنگال کي پاڪستان جو نئون نالو ڏيئي ان جي آڙ ۾ سنڌي، بلوچ، پٺاڻ ۽ بنگالي عوام جي سمورن ٽيڙن تي قبضو ڪري کائي ويا. نہ رڳو ايترو پر انهن صوبن جي شهرن ۾ ڳوٺن بلڪ خود صوبن ۽ انهن جي مالڪ قومن جا نالا بہ بدلائي

چڏيائون. اوپر بنگال جو نالو ڦيرائي رکيائون اوپر پاکستان. رڳو گهٽين جا اصلوکا نالا ۽ ڪائنس سلامت نہ رهيا آهن. ڪراچي ۽ سنڌ جي شهرن جي قديم گهٽين ۽ رستن جا اصلوکا سنڌي نالا گم ڪري انهن کي لکنوي ۽ دهلوي بنائي چڏيائون.

سنڌي قوم جي ماٿهن جو نالو بدلائي لوڪل ماٿهو رکيائون! پاڻ کي يوپي، سي پي جي ماٿهن مان بدلائي ڪيائون رسول الله جي اصحابن سان ٽڪر هٽندڙ مهاجر ۽ اسان کي ڪيائون انصار! اهڙيءَ طرح هو اصحابن سڳورن وانگر اسان انصارن جي مال ملڪيت جا حقدار بنجي سپ ٽپڙ ڪائي ويا! خود سنڌ جو نالو مٽائي رکيائون "باب الاسلام"!

سنڌ جو نالو نہ هوندو تہ پوءِ سنڌي ڇا جا؟

مطلب صاف ظاهر پيو آهي. سنڌ جو نالو جيستائين سنڌ رهندو تيستائين سنڌي پيا رڙيون ڪندا تہ "هي اسان جا اباڻا پڌم هي مقام، هي ٻنيون هي دنگ، هي ڏڙيون، هي راڄ. هي ڳوٺ، هي شهر، هي گهٽيون هي رستا." سنڌ کي ڦيرائي باب السلام بنايو تہ سنڌين جو سمورو رينگٽ ختم ٿي ويندو. "هن تي هئا راڄا ڪاڙهم سي تہ ڪٿي ويا جهنگ ٻلهاڙا!" دعوائون ڇا جون؟ باب الاسلام تي ڪهڙا حق، ڪهڙيون حجتون؟ باب الاسلام جا وارث ۽ مالڪ ٿين ها باب الاسلام ٽاهڙ وارا پناهگير، پنجابي، زميندار ۽ سرمائيدار. اها سنڌ جو نالو بدلائڻ جي سازش ڪامياب ٿئي ها تہ دشمن اسان کي چون ها "ميان سنڌي! تنهنجي سنڌ جتي وڃائي هجئي اتي ڳولي وڃي ڏس! هي اسان جو ٽاهيل باب الاسلام آهي! اهو اسان جو آهي. اڃايو گوڙ ڪندا تہ توهان کي باب الاسلام مان لتون هٽي ڪيڙي چڏيندا سون." بس کيل ختم پئسا هضم! سو نالو بدلائڻ کا معمولي ڳالهه ڪانهي.

نالي بدلائڻ جا وڏا، تمام وڏا مقصد ٿيندا آهن. اولهه پوليند ۾ اولهه روس جي شهرن جا ٻہ ٻہ نالا آهن. هڪڙا اصلوکا مڪاني نالا، ٻيا جرمن نالا. جرمن جاگيردار ۽ سرمائيدار هميشہ انهن جرمن نالن جي آڙ ۾ انهن شهرن تي حملو ڪري اهي روس ۽ پوليند کان کسي وڃندا رهيا آهن. چي "اهي جرمن شهر آهن، ڏسو نہ ٿا؟ نالا ئي جرمن اٿن؟" روس ۽ پوليند سالن جا سال بلڪ صديون انهن کي موتائي هٿ ڪرڻ لاءِ واجهه وجهندا رهيا آهن. نالا خطرناڪ اهميت رکن ٿا. خاص ڪري ملڪن جا ۽ قومن جا نالا.

تاريخي گناهه، قومي خودڪشي، طبقاتي سازش!

ڌارين طرفان سنڌ کي باب الاسلام بنائڻ ۽ سنڌين کي لوڪل ۽ انصار ٽاهڙ جي بدمعاشيءَ واري سازش کي سنڌي عوام ناڪام ڪري چڏيو. پر

تازو وري پنھنجن وڏيرن طرفان سنڌ جو نالو ختم ڪرڻ ۾ ان کي نئون جڙتو نالو مڑھڻ جي ڪوشش شروع ڪئي وئي آھي. چي 'پنج ڏھ هزار ورھيه اڳ سنڌ کي سنڌو ديش سڏيندا ھئا. ان ڪري اھو وڏن جو نالو اڻاريون!' اھا رڳو بيوقوفي ۽ پيريءَ جي خفقان جي ڳالھ ناھي. اھا خطرناڪ ۽ تاريخي گناھ جي ڳالھ آھي. قومي خودڪشيءَ جي ڳالھ آھي. سنڌي عوام خلاف نھايت عياريءَ واري طبقاتي سازش جي ڳالھ آھي. ان ڪري ان ڳالھ کي نظرانداز ڪرڻ صحيح نہ ٿيندو.

اچو تہ ان ڳالھ تي ٿورڙو ويچار ڪريون. ڏرتي جي جنھن ٽڪري تي اسين رھون ٿا سو مڙيئي ڪو اڻ ڄاتل ۽ گمنام ڏرتي جو ٽڪرو ڪونھي. اھو سنڌ آھي. اھو علائقو ڪو غيرآباد، ويران ۽ لاوارث علائقو ڪونھي. اھو ھڪ خاص قسم جي ماڻھن جو ملڪ آھي. اھي ماڻھو صدين کان سنڌي سڏجن ٿا. اُھي سنڌي ماڻھو ھڪ خاص بولي ڳالھائين ٿا، جا سنڌي بولي سڏجي ٿي. ھن ھڪ خاص تھذيب ۽ ثقافت بنائي آھي جا سنڌي تھذيب ۽ سنڌي ثقافت سڏجي ٿي.

سنڌ جو اھو ھزار سالن جو سدا سھٹو جڳ مشھور نالو ختم ڪرڻ ۾ ان تي ھڪڙو جڙتو نالو مڑھڻ جي اھا وڏيرڪي طبقاتي سازش جيڪڏھن ڪامياب ٿي تہ پوءِ فقط سنڌ جو نالو ختم نہ ٿيندو. جيڪڏھن "ڏڙ ريڊيوسسي پاڪري" وارو قصو ڪبو تہ پوءِ سنڌي قوم، سنڌي بولي، سنڌي تھذيب، سنڌي ثقافت، سنڌي تمدن، سنڌي ادب وغيره جا نالا ختم ٿي ويندا ۽ انھن جي جاءِ تي سنڌو ديشي ثقافت، سنڌو ديشي تھذيب، سنڌو ديشي تمدن، سنڌو ديشي ادب جا نالا رائج ٿيندا. ان جا نتيجا ڪھڙا نڪرندا، تنھن تي غور ڪريو!

سنڌي تھذيب دنيا جي قديم ترين تھذيبن مان ھڪ آھي. ان جي عمر ھزارين سال آھي. ان ڪري انساني تاريخ ۾ اسين تھذيب جو پايو وڃھندڙ قوم ليکجون ٿا ۽ اسان جي وطن کي "تھذيب جو پينگھو" سڏيو وڃي ٿو. ھاڻ جي ڪڏھن سنڌ ختم ٿي ۽ پنھنجو وطن ڦري ٽيو سنڌو ديش ۽ اسان جي تھذيب ۽ ٿي سنڌو ديشي تھذيب تہ ان جي دنيا جي تاريخ ۾ ڪھڙي حيثيت رھندي؟ جڏھن خود سنڌو ديش جو 1974ع کان اڳ ۾ پاڻ ٿي ۽ نالو ڪونہ ھو تہ پوءِ ان جي ڪھڙي قديم تھذيب. ڪھڙو قديم تمدن، ڪھڙي ثقافتي قدامت، ڪھڙو نالو ۽ ڪھڙو نشان؟ فرض ڪريو تہ سنڌ جو ھزارين سال سدا سھٹو ۽ جڳ مشھور نالو ختم ڪرائڻ جي اھا وڏيرڪي طبقاتي سازش 1975ع ۾ ڪامياب ٿئي ٿي تہ پوءِ 1975ع ۾ جنھن علائقي کي سنڌو ديش سڏيو ويندو، تنھن ۾ 1975ع کان اڳ ۾ جيڪي ۽ رول نول قابض ھوندا، سي سڀ

هن وطن جا اصلي ۽ قديمي وارث بنجي پوندا ۽ اسان جون سنڌ تي قديمي تاريخي حقن جون دعوائون ازخود پسي پونديون، سنڌ تي ڪيل ناجائز قبضا، حد دخليون ۽ اڳرايون ختم ڪرڻ بابت اسان جون جائز گهرون مدي خارج ٿي ويندیون. اهڙي طرح اسان هڪڙي ئي ڏڪ سان سمورن تاريخي قومي حقن، دعوائن ۽ حجتن کان لادعويٰ ٿي ويندا سين، ناجائز قبضو ڪندڙ چئي سگهندا، "بابا! سنڌ ۾ اڳي برابر سنڌي ماڻهو رهندا هئا. اهي برابر سنڌ تي قديمي حق ڇڪيندا هئا. هاڻ اها سنڌ ڪانهي. اها جتي هجي اتي ڏوري وڃي ڏسو. هي سنڌو ديش آهي جو ايجا ٺهيو ئي ڪونہ هو، ان کان اڳ اسين ان تي قابض هئاسون. سنڌو ديش ٺهڻ مهل اسين ۾ هتي هئاسون. اوهين ۾ هتي هئا. جهڙا اوهين حقدار تهڙا اسين حقدار. پراٽيون ڳالهيون ختم ٽيون نئين ڳالهه ڪريو!" اچو تہ انهن بهانن جي چندچاڻ ڪريون. جيڪي سنڌ جو نالو مٽائڻ جي سازش کي جائز ثابت ڪرڻ لاءِ ڏنا ويڻ ٿا.

بنگلاديش جو مثال سنڌ سان نٿو لڳي!

سنڌ کي ختم ڪري ان تي سنڌوديش جو نالو مڑهڻ واري ڳالهه بنگلاديش واري ٽڪر کان پوءِ ڪئي وئي آهي. بنگلاديش تي بنگلاديش نالو رکڻ جي تاريخي ضرورت ۽ مجبوري هئي. بنگلاديش جنهن علائقي ۾ قائم ڪيو ويو آهي، اهو علائقو هڪڙي تاريخي ملڪ بنگال جو حصو آهي. ان حصي تي اڳ اوپر بنگال جو نالو رکيو ويو. پوءِ اهو مٽائي اوپر پاڪستان ڪيو ويو. اوپر پاڪستان جو نالو قائم رکڻ جو سوال ئي پيدا نٿي ٽيو. اوپر بنگال جو نالو اڻ پورو هو. ٻيو تہ ان نالي اها ڳالهه ۾ ڏيان تي آندي ٿي وئي تہ بنگال جو الهندیون حصو ايجا هندوستان وٽ آهي. اها ڳالهه ڪري هن هندوستان کي ناراض ڪرڻ نٿي گهريو. جي پاڻ کي بنگال سڏين ها تہ ۾ ڳالهه نامناسب هجي ها ڇو تہ ان جو ڪافي حصو هن حڪومت ۾ شامل ڪونہ هو. ان ڪري هن کي مجبورن وچان ئي ٽيون نالو 'بنگلاديش' رکڻو پيو. نہ تہ سنڌن قدرتي بهترين نالو بنگال ئي آهي. جيڪڏهن اڳتي هلي ٻئي حصا ملي هڪ ٽيا تہ سنڌن نالو ساڳيو بنگال هوندو. اسان کي اها مجبوري ڪانهي. اسان جي جڙي بچي سنڌ جا پنهنجي هاڻوڪي حالت ۾ سڄي جي سڄي هڪ وحدت آهي. انڪري ان جو نالو بدلائڻ لاءِ بنگلاديش واري مجبوري ڪانهي. ٻيو تہ نالو بدلائبو آهي تڏهن، جڏهن گهٽا ملڪ پاڻ ۾ گڏجي ڪو نئون ملڪ ٺاهين. مثلا: مصر ۽ شام گڏجي پاڻ تي نئون نالو متحده عرب جمهوريہ رکيو. انگلنڈ ، اسڪاٽلينڈ ۽ ويلس وغيره کي گڏي يونائيٽيڊ ڪنگڈم نالو رکيو ويو وغيره.

هتي اها حالت ۾ ڪانهي، ٽيو نالو تڏهن بدلائبو آهي جڏهن ڪنهن

ملڪ جو قديم نالو دشمن زور زبردستي ڪري ختم ڪري ڇڏيو هجي ۽ مٽس ڪو واهيات ۽ اوپرو نالو مڙهي ڇڏيو هجي. اها حالت آفريڪا ۾ عام جام آهي. اتي جي تمام گھٽين علائقن تي صدين کان اوپرا نالا مڙهيا ويا آهن. انهن علائقن صدين جون صديون پنهنجون آزاد حڪومتون ڪوڙ ڏٺيون آهن. انڪري هو جڏهن هاڻي آزاد ٿيا آهن، تڏهن پنهنجي قديم تاريخ مان ڳولي ڳولي پراڻا نالا چونڊيو پاڻ تي رکن ٿا. سڌ سان اها حالت ب ڪانهي. ڏاهر جي ڏينهن ۾ سڌ سڌ هئي. اڄ ب سڌ سڌ آهي. وچ وارن دورن جي غاصبن کي ب اها مجال ڪانه ٿي جو سڌ جو نالو مٽائي سگھن.

پراڻن ڏرمي پستڪن ۾ ڇا لکيل آهي؟

پيو عذر هي ٿو ڏنو ويجي ته هزارين ورهين جي پراڻن ڏرمي پستڪن وغيره ۾ سڌ جو نالو سڌوديش جاڻايل آهي. ان ڪري اهو وڏن جو نالو ٿا اڀاريون. سوال آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ننڍڙي ٻار کي چئي ۽ جي ڏينهن ۾ پيو يا ببلو، ببلو ڪري سڏجي ۽ وڏي هوندي ان جو سچو نالوبهادر خان يا پيار علي مشهور ٿي ويجي ته ان تي جواني ۾ وري ب موٽائي پيو يا ببلو نالو رکڻ لازمي آهي ڇا؟ قومن ۽ علائقن تي ب ماڻهن وانگر ننڍپڻ ۾ ڪئين نالا هلي هلي پڪا ۽ پختا ٿي ويندا آهن ته پوءِ انهن کي بدلائڻ جي حماقت ڪير ب نه ڪندو آهي. مثلا: چين جو قديم نالو آهي "ڪٽاءِ" پر پوءِ نيٺ مٽس هاڻوڪو نالو پئجي پڪو پختو ٿي ويو.

موجوده انقلابي حڪومت ب ان قديمي، تاريخي نالي کي بدلائڻ جي حماقت نه ڪئي آهي. فقط تائي وارن واري ولاريل علائقي جي هوائي ڪمپني جو نالو ڪٽاءِ هوائي ڪمپني آهي. پيو ٿيو سارو خير. تنهن کان سواءِ هڪڙي بي ڳالھ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي. جن ڪتابن لاءِ چيو ويجي ٿوته انهن ۾ سڌ کي سنڌو ديش سڏيو ويو آهي، اُهي ڪتاب ڪنهن لکيا هئا؟ اُهي ڪهڙي پوليءَ ۾ لکيل آهن؟ ڇا اُهي سنڌين جا لکيل آهن؟ نه! اُهي سنسڪرت ۽ غير سنڌين جا لکيل ڪتاب آهن. غيرزبان جا ماڻهو ڌارين ملڪن ۽ قومن کي پنهنجي پوليءَ ۾ عجيب و غريب نالن سان سڏيندا آهن. ان حساب سان جيڪڏهن قومن ۽ ملڪن تي ڌارين جا ڏنل نالا رکن ته هڪڙي هڪڙي ملڪ جا سو سؤ نالا ٿي ويندا. مثلا: چين کي چيني الائي ڪهڙو نالو ٿا ڏين، پر انگريز سڏينس چائنا، عرب سڏينس سين، روسي سڏينس ڪينا! ترڪي جي الهندي ملڪن کي عرب سڏين يونان ۽ انگريز سڏين گريس! هاڻ ڪيڏانهن يونان، ڪيڏانهن گريس! جرمنيءَ کي اسين جرمني چئون، روسي گرمانيا چون، عرب المانيا چون ۽ خود جرمن چون ڊيوشلينڊ!

مطلب ته هرڪا قوم ڌارين ملڪن لاءِ پنهنجي پولي ۽ اچار مطابق نالا

رکندي آهي. جنهن کري انهن جا نالا عجيب و غريب نموني بگڙي ويندا آهن. سنڌو ديش جو اکر ب سنسکرت وارن جو ڏنل اکر آهي، جيکو اهو ثابت نہ ڪري تہ ڪو دنيا جون ٻيون قومون يا خود سنڌي ماڻهو ب ان وقت سنڌ کي سنڌ بدران سنڌو ديش سڏيندا هئا. خير، هاڻي تہ هزارين سال کان سنڌ سنڌ آهي؛ ۽ ڪنهن هزارين سال پراڻي چوپڙي ۾ هندستاني پنڌت سڳورا ڪٽي چا ب لکي ويا هجن تہ ب تاريخ ۾ ان تي ڪو نالو سنڌ پئجي ويو آهي. ان کي بدلائڻ جي حرڪت فقط ڪو جاهل يا بي ايمان ماڻهو ئي ڪري سگهندو.

ديس اکر خراب آهي چا؟

هاڻي اچو تہ پوليءَ جي ڳالھ تي. بنگلاديش لاءِ بنگلاديش اکر قدرتي آهي. اسا لاءِ سنڌو ديش اکر قدرتي ڪونهي. بنگالي پوليءَ ۾ وطن کي چئبو ئي آهي ديش، اسين چئون ديس. ديس کي ڦيرائي ديش ڪرڻ غلامانہ احساس ڪمتري ۽ نقالي آهي. اسان جي پولي ڪهڙي ڳالھ ۾ بنگالي ۽ هنديءَ کان گهٽ آهي؟ جو اسين سندن نقل ڪريون ۽ پنهنجي مقبول عام اکرن جا اچار ۽ حليا بگاڙيون؟ چا سنڌو ديش جو سنڌيءَ ۾ مطلب سنڌ ديس نہ آهي؟ سنڌ ديس اکر ۾ ڪهڙي برائي آهي جو ان کي بدلائي سنڌو ديش بنائي پنهنجي غلامانہ جاهل ۽ نقال ذهنيت جو ثبوت ڏئي، دنيا اڳيان پهنجي گڏھ پائي پڌري ڪجي. سنڌ دشمن چيو تہ "سنڌو ديش نعري جو مطلب آهي سنڌ کي پاڪستان کان الگ خود مختيار حڪومت بنائڻ."

پر اُن لاءِ بار بار تردیدون ٽيون آهن تہ اهو مطلب نہ آهي. جي ايم سيد تردید ڪئي آهي. ظفر شاه تردید ڪئي آهي. تازو سائين جي گهر جي پاتيءَ شاه محمد شاه ب تردید ڪئي آهي تہ پوءِ پلا سنڌ جو نالو ختم ڪري ان تي هڪڙو هٿرادو ۽ جڙتو نالو ٺڦڑ جي هيڏي زيادتي ۽ مسخري ڪرڻ جو آخر ڪهڙو لاچار آهي؟ همراهن ان سوال جو جواب ڏنو آهي. چون ٿا تہ "سنڌ اکر ۾ سجو هاڻوڪو پاڪستان اچي ٽي ويو. ان ڪري ماڻهن کي غلط فهمي ٿئي ٽي. جڏهن سنڌ جو ذڪر نڪتو ٽي تہ ماڻهن پانيو ٽي تہ سنڌ سان گڏ پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد جي ب ڳالھ پئي ٽي. ان ڪري ماڻهن جي سهوليت لاءِ اهو نالو ٿا رکون، جيکو فقط سنڌ جي موجوده حدن سان لاڳو هجي، يعني 'سنڌو ديش'. مطلب تہ سنڌو ديش جو اکر ونڊاسون تہ ماڻهو هاڻوڪي سنڌ سمجهندا نہ تہ ويچارا پلجي ويندا!" سوال آهي تہ اهڙو ڪو هڪڙو ب مثال آهي جو سنڌ جي ماڻهن سنڌ جي ڳالھ پڌي سمجهيو هجي تہ اهو پنجاب جو ب ذڪر پيو ٽئي؟ مثال طور، تاريخ ۾ لکيل آهي تہ "مدد خان سنڌ تي چڙهائي ڪئي. ڪلهوڙن سنڌ تي حڪومت ڪئي. ميرن سنڌ فتح ڪئي، سنڌ

جي بولي سنڌي آهي وغيره.'' اهڙو ڪو هڪڙو به مثال آهي جو ڪنهن ماڻهوءَ تاريخ پڙهي ائين سمجهيو جي ته سنڌ معنيٰ پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد ۽ انهن غلط فهميءَ وچان سمجهيو هجي ته مدد خان پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد ۽ انهن غلط فهميءَ وچان سمجهيو هجي ته مدد خان پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان تي به چڙهائي ڪئي ۽ ڪلهوڙن ۽ ميرن سنڌ سان گڏ پنجاب ۽ سرحد به فتح ڪيو.' اڄ ڪو ائين ٿئي ٿو ته ريبڊئي تي اچي سنڌ سرڪار جي ڳالهه ۽ ماڻهو سمجهن ته پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان سرڪارن جي به ڳالهه پئي ٿئي؟ ڇا ڪو ننڍڙو ٻار به ايڏي بي عقليءَ ۽ بي وقوفي ڪري سگهي ٿو، جهڙي هن هٿ ٽوڪئي عذر ۾ ڇاڻائي وئي آهي؟

ڇا سنڌ جا ماڻهو پنهنجي وطن جو هزارن سالن جو قديم ۽ سداملوڪ نالو ختم ڪرائي ان تي سنڌو ديش جهڙو واهيات نالو مڑهجڻ برداشت ڪندا؟ ڇا سنڌي ماڻهو سنڌو ديشي قوم ٿيڻ، سنڌيءَ کي سنڌو ديشي ٻولي سڏائڻ، لطيف کي سنڌو ديشي شاعر سڏڻ، مارئي، مومل، سهڻي، ليلا، نوري ۽ سسئي کي سنڌو ديشي سورميون سڏائڻ برداشت ڪندا؟ ڇا سنڌ جا ماڻهو پنهنجي تاريخ سان هن بدمعاشي واري هٿ چراند جي اجازت ڏيندا؟ هرگز نه! ته پوءِ هن مجرمانه حرڪت جو آخر ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ هن ماڻهن کي سنڌ جو نالو ختم ڪرڻ جي آخر ڪهڙي اچي مجبوري پئي آهي؟

انهيءَ سوال تي گهرو ويچار ڪبو ته اها ڳالهه صاف نظر ايندي ته سنڌ جو نالو ختم ڪرڻ جون سٽون سٽڻ وارا في سبيل الله سنڌ جو نالو ختم نه ٿا ڪرڻ گهرن پر انهيءَ حرڪت جي پويان وڏا ذاتي، ٽولي بازي جا ۽ طبقاتي مفاد لڪل آهن. سنڌ هڪ قدرتي ملڪ آهي. سنڌ ڪنهن ليڊر، سڌارڪ، ولي، پيمغبر ۽ سائنسدان ڪانه ٺاهي آهي. ان تي ڪنهن به هڪ شخص، ٽولي يا طبقي جي دعويٰ ٿي سگهي ته ڪا ''اها منهنجي يا اسان جي ٺاهيل آهي.'' سنڌ جا سڀ سنڌي هڪ جهڙا وارث آهن. نه رڳو اهي جيڪي اڄ موجود آهن پر سنڌ ۾ انهن، جو به ڪاتو آهي، جيڪي مقامن ۾ ستا پيا آهن. سنڌ انهنجي به آهي جيڪي ايجان مائن جي پيٽ ۾ سرجيا ٻڌ آهن. اڄ هن سڃاڪيءَ واري دور ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو يا ڪو ٽولو سنڌ کي پنهنجي ذاتي ملڪيت بنائڻ جي ڪوشش ڪندو ته ماڻهو کيس ڳٽڙ مان جهلي، پنهنجن صفن مان ٻاهر اڇلي ڦٽو ڪندا.

مرشد هاديءَ جو فيصلو!

مرشد هادي لطيف جي فيصلي موجب سنڌ سڀ کان پهرين سنڌي پورهيت عوام جي آهي. سنڌ جي مارن، ڏوٽين، جهانگين، سانگين، ڪاهوڙين، ڏکن ڏوجهڙن جي ماريل ۽ ستيل سنڌين جي آهي. هن وقت اها پوزيشن آهي. پر

جيڪڏهن خدانخواسته سنڌ جو نالو ختم ڪرڻ جي سازش ڪامياب ٿي ۽ سنڌ جي سڃاڻپ ۽ شخصيت ختم ٿي ويئي ۽ ان جي جاءِ تي سنڌو ديش جو هڙاڏو ۽ نقلي نالو مڙهي ويو ته پوءِ پوزيشن بلڪل ابتڙ ٿي پوندي، سنڌ جو باني، سنڌي عوام، ان جي تاريخ، جاگرافي ۽ فطرت آهي. ان جو ٻيو ڪوبه باني. وارث ۽ مالڪ موجود ڪونهي. پر سنڌو ديش جو باني، مالڪ ۽ وارث محترم جي- ايم- سيد ۽ سندس مريدن جو وڏيرڪو ٽولو هڪيو تڪيو موجود آهي، پوءِ اها جي- ايم- سيد ۽ سندس وڏيرڪي ٽولي جي ذاتي ملڪيت بڻجي پوندي. پوءِ جيئن بانيءَ پاڪستان حضرت قائد اعظم محمد علي جناح ۽ سندس ليگ جي نالي جي آڙ ۾ پنجابي پناهگير سامراج سنڌ ۽ ٻين صوبن کي ڪائي چٽ ڪري چڏيو، تيئن سنڌي وڏيرن جي ٻيگهي مچي ويندي. ست ڏيڑهيون گذري ويندين ته به سنڌي ماڻهو ان باني پٽي جا ٿورا ۽ احسان لاهي محترم جي- ايم- سيد، سندس خاندان ۽ سندس وڏيرا شاهيءَ، مريدن ۽ خادمن مان پنهنجا پلاند آجا ڪري ڪونه سگهندا.

جڏهن ديش جا جڏهن سورما!

سنڌ جو سورمو ڏاهر به آهي. دودو به آهي. دريا خان به آهي. هوشو ۽ هيمون به آهن. ڪنور پڳٽ به آهي، مائي بختاور به آهي. ٻيا گهڻا تمام گهڻا آهن. پر سنڌو ديش جو سورمو هوندو اڪيلو ۽ تن تنها محترم جي- ايم- سيد ۽ سندس ٻه چار خوشامدڙيا مريد. اهڙي طرح سان نالو بدلائڻ واري اڪل سان وڏيرا شاهي ڪي موقعو ملندو ته سنڌ تان سنڌ جي ڪروڙين عوام جو حق ڪاٽي سنڌ جي اڳين سورمن جا دفتر ختم ڪري، انکي فقط هڪڙي شخص ۽ سندس اولاد، ٽولي ۽ طبقي جي ذاتي ملڪيت بنائي چڏين. اها ڳاله سنڌ عوام لاءِ دشمن جي سمورين سازشن کان وڌيڪ خطرناڪ ۽ نقصان ڪار آهي. محترم جي- ايم- سيد جو ڪڏهن به عوام تي يا عوامي جدوجهد ۽ عوامي مقابلي جي سياست ۾ ايمان ۽ ويساه ڪونه رهيو آهي. هن سدائين ڪانگريس واري آهنسا جو پرچار پي ڪيو آهي ۽ پنهنجن مضمونن ۾ هر هنڌ اهو لکندو رهيو آهي ته "آهنسا سنڌيت جو هڪڙو مکيه جزو آهي." (ڏسو سندس ڪتاب "سنڌي ڪلچر" وغيره)

هن سدائين عوام بنا ۽ عوام جي پرپٽ مٽان ئي مٽان وڏيرڪي سمجهوتن ۽ سازبازن وسيلي اوطاقن ۽ بنگلن ۾ ڪم ٽپائڻ واري وڏيرڪي سياست پي هلائي آهي. هن وڏيرڪي ۽ سرمائيداري ايڪشن بازي ۽ تقرير بازي واري سياست کان سواءِ پي ڪابه سياست نه ڪئي آهي. شاهه صاحب جو عوام ۽ ان جي قوت تي ويساه ڪونه رهيو آهي. بلڪ هن دٻيل ۽ ڏکيل لفظن ۾ ڪڏهن سڌي ۽ ڪڏهن اڻ سڌي نموني سان عوام لاءِ نفرت، ڏڪار ۽

خوف جو اظهار پئي ڪيو آهي. مثال طور فرمائي ٿو. "هر قوم ۾ ڪثرت هميشہ ڪريل ڪردار جي ٽئي ٽي. (سنڌي ڪلچر صفحو-95)"

هن سرمائيدارن جي پوئواري ڪندي، انقلابي عوام جي چوٽڪاري جي انقلابي جدوجهد کي هميشہ خوني انقلاب سڏي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن انقلابي سوشلزم بدران وڏيرڪي ۽ سرمائيداريءَ واري انداز ۾ طبقاتي ۽ باهرن 'قومي'، 'فڪر' جو پرچار پئي ڪيو آهي. وڏيري طبقي کي پورهيت طبقي مان هميشہ جيڪو واجبي طرح دٻ ۽ بچا هوندي آهي، اها جي- ايم- سيد لڪائيندي ۽ لڪائي نہ سگهيو آهي. ان ڪري سنڌ جي هارين، شاگردن ۽ ٻين طبقن جڏهن حاڪم طبقن سان سڌو ٽڪر کاڌو آهي، تڏهن جي- ايم- سيد ان کان هميشہ لهرايو آهي ۽ ان جي سڌي يا اڻ سڌي طرح مخالفت ڪئي آهي. هن خالص وڏيرڪي اليڪشني سياست کان سواءِ ٻي هر قسم جي جدوجهد کان هميشہ پاڻ کي پريرو رکيو آهي. ان ڪري سنڌ جي شاگردن، ادبين ۽ هارين جيڪي ۽ ٽڪر واريون جدوجهدون ڪيون، تن ۾ سيد صاحب حصو نہ ورتو.

جيئي سنڌ جي جدوجهد گهٽي پاڻي انهن طبقن جي گڏيل جدوجهد هئي ۽ ان عوامي سياست ۾ جي- ايم- سيد جو ڪوبہ حصو ڪونہ هو. ڪن حالتن ۾ سندس سنئين سڌي مخالفت رڪارڊ تي موجود آهي. هن رڪارڊ کي بدلائڻ کان سواءِ شاه صاحب پنهنجي هڪ هٿي ۽ ٽيڪو ڇمائي نٿو سگهي. تنهن کان سواءِ جيڪو نقاب پوش پناهگير ٽولو جي- ايم- سيد تي لڪ ڇپ ۾ چانيل آهي، تنهن کي سنڌ اڪر کان فطري طرح چڙ آهي ۽ جيئي سنڌ جي جدوجهد کي پنهنجي شڪست ۾ ذلت جو يادگار سمجهي ٿو.

ٽيون ٽ خود راشدي صاحب جيڪو سيد صاحب جو اڳي ڪليل هاڻ لڪل سياسي مرشد آهي ۽ جنهن جي اشاري تي سڀ ڪجھ ٿئي ٿو، ان کي ۽ سنڌ ۽ سنڌي قومي جدوجهد تي باهيون آهن. انڪري اهي سموريون قوتون گڏجي نهايت چالاڪي ۽ فريب سان سنڌ جي نالي کي مٽائڻ ۽ نيست نابود ڪرڻ گهرن ٿيون. هو سڌي طرح اها ڳالھ نٿا ڪري سگهن. ان ڪري هن اهڙي ماڻهو کي استعمال ڪيو آهي، جنهن جي اڳ ڪيل ڪن ڇگاين جي ڪري سنڌي ماڻهن کي مٺس ڪجھ ويساه هو. سنڌ تي ون ويٽ مڙهڻ جو ڪم ان کهڙي کان ورتو ويو، جنهن کهڙي سنڌ کي ٻمبئيءَ کان جدا ڪرڻ ۾ سرگرم حصو ورتو هو ۽ محترم جناح صاحب جو حڪم نہ مڃي ڪراچي مرڪز کي ڏيڻ کان انڪار ڪري چڏيو هو ۽ انهن ڪمن ذريعي سنڌ ۾ سندس ڪجھ ساک هئي. ان ساک کي ناجائز طرح استعمال ڪري هو سنڌين کي برغلائي سگهيو ٿي. تنهن ڪري ڪائنس ان ساک جي آڏار تي ون يونٽ جو قهري

ڪوٽ ٺهرايو ويو. تهڙي طرح اڄ سنڌ ۾ جيئي سنڌ جي جدوجهد جونالو نشان ختم ڪرڻ لاءِ جي- ايم- سيد جي پرائي ٿوري گهٽي ساڪ کي استعمال ڪرڻ ۾ سنڌين جي اکين ۾ ڏوڙ وجهڻ جي ناپاڪ سازش ستي وئي آهي. اڳوٽي جدوجهد جا نالا نشان مٽائي ڪٽين نيون جڙتو جدوجهدون ايجاد ڪيون پيون وڃن. ان جو هڪڙو بدترين مثال 4- مارچ جي شاندار جدوجهد کي عوام جي نظر ۾ ڪيرائڻ ۾ ان جو نالو نيشان مٽائڻ جي ناپاڪ ڪوشش آهي.

تازو 'اڳتي قدم' رسالي ۾ پناهگيرن جي چاڙتي شاگرد جماعت ايس- اين- ايس- ايف جي اڳوٽي ائڪٽنگ جنرل سيڪريٽري شاه محمد شاه جو انٽرويو شايع ٿيو آهي. جنهن ۾ هن وڏي چالاڪيءَ سان 4- مارچ جي تحريڪ جي اهميت ختم ڪرڻ لاءِ الزام هنيو آهي ته "4- مارچ جي تحريڪ جي پويان ڪو فڪر موجود ڪونه هو. (اڳتي قدم آڪٽوبر 74 ص-24، سٽون 20-21)"

مطلب ته سنڌ جي نجات جي سموري جدوجهد جي رڪارڊ ۾ جعلسازي ڪرڻ لاءِ سنڌ جو نالو مٽائي سنڌو ديش پيو رکجي، جيئي سنڌ تحريڪ جو نالو نشان مٽائي هڪڙي جڙتو ۾ هٽ- ٽوڪي سنڌو ديشي تحريڪ مشهور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي ويجي. 4- مارچ جي جڳ مشهور تحريڪ جي اهميت کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي هڪڙي نئين جڙتو تحريڪ جو ڏينهورو پٽجڻ لڳو آهي. هتي اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته هن وقت محترم جي- ايم- سيد جي پوئلڳ شاگرد جماعت جو اڳواڻ اهو ئي مٿي ذڪر ڪيل پناهگيرن جو پالیل نپايل چاڙتو آهي، جيڪو 4- مارچ جي مقابلي هلندي سنڌين خلاف پناهگيرن جي سازشي ٽولي سان بٽ هو ۾ انهن سان گڏجي سنڌن ائڪٽنگ جنرل سيڪريٽري ٿي 4- مارچ جي قومي تحريڪ خلاف زهر اوڳاڙيندو هو ۽ ان کي پٽي ۾ خنجر هڻندو هو.

مطلب ته محترم جي- ايم- سيد جي آڳ واڳ اهڙن ماڻهن ۾ ڏرين جي هٽ ۾ آهي، جن کي سنڌ، سنڌي قوم، 4- مارچ ۽ جيئي سنڌ جي تحريڪ مان رت جي ڏپ ٿي اچي. چو ته هو انهن تحريڪن خلاف غداري جو رول ادا ڪري چڪا آهن ۽ هاڻي پناهگير سازشين جي چاڙتن جي حيثيت ۾ هر قيمت تي انهن تحريڪن جو نالو نشان مٽائڻ ۽ پنهنجن قومي گناهن ۽ غدارين تي پردو وجهڻ گهرن ٿا. (پڙهو سيڪريٽري شاه محمد شاه جو انٽرويو- اڳتي قدم آڪٽوبر 1974ع)

سنڌ ۾ جيئي سنڌ جي تحريڪن جا نالا نشان مٽائڻ ۾ رڳو محترم سيد، راشدي صاحب ۽ پناهگير نقلين جي دلچسپي ڪانهي. سمورو وڏيرو طبقو انهن نالن مان بيزار آهي. چو ته انهن تحريڪن ۾ وڏيرا- شاهيءَ جو رڪارڊ غداري

وارو رڪارڊ آھي. ھاڻي وڏيرا شاھي سنڌ ۽ جيئي سنڌ جي جدوجھد جا نالا مٽائي پناھگيرن وانگر ڪوڙا ملڪ بنائي، انھن جا جڙتو "باني" ۽ "خالق" بنجي، سنڌ جي ٽپڙن جي واڳ سنڌي عوام ۽ سنڌ جي محب وطن طبقن کان کسي پنھنجي ھٿ ڪرڻ جي ناپاڪ سازش ڪئي آھي.

پناھگير نقلين لاءِ تہ سنڌ جو نالو ائين ئي زھر آھي. سنڌو ديش جي نالي ۽ کين ڪئين فائدا نظر اچن ٿا. سنڌ کي ڪنھن بہ مذھب، ڪنھن بہ قانون ۽ ڪنھن بہ اصول ھيٺ سنڌين کان سواءِ ٻي ڪنھن جي بہ ملڪيت ڪوٽي نہ ٿو سگھجي ۽ سنڌ تي ٻي ڪابہ حجت ھلائي نہ ٿي سگھجي سنڌ معنيٰ سنڌي. سنڌي معنيٰ سنڌ. پر جي سنڌ جو نالو ختم ٿيو ۽ ٻيا ڪي ديش پرديش ٺھڻ جي گنجائش نڪريو پوي تہ پوءِ پناھگير پرديش ڇو نہ ٺھي؟ انھيءَ ڪري وڏيرا شاھي ۽ پناھگير رڙ ڪري جي- ايم- سيد کي چھٽي ويا آھن. سنڌ جو نالو مٽائڻ، جيئي سنڌ تحريڪ جي جدوجھد جو رڪارڊ ميسارڻ ۽ 4 مارچ جي تحريڪ جو وقار گھٽائڻ، اھي سڀ ڳالھيون وڏيرا شاھي ۽ پناھگير شاھي جي دل جو آواز آھن ۽ وڏيرا شاھي کي سنڌ تي قبضو قائم رکڻ ۽ پناھگيرن کي پناھگير پرديش ٺاھڻ لاءِ کليل پروانو ڏيئي ٽيون چڏين. ٻي طرف "جيئي سنڌ" جي نعري ۾ محترم جي- ايم- سيد جي ذاتي خود پرستي ۽ خوشامد پسنديءَ جي تسکين ٿئي ٿئي. سنڌ جو نالو بدلائي سنڌو ديش ڪرڻ سان معاملو بدلجيو ويجي. جيئن ڪلمي ۾ الله سان گڏ رسول جي صفت بہ لازم آھي، تيئن سنڌو ديش جي نعري جو ٻيو بند آھي: "تنھنجو رھبر، منھنجو رھبر، جي- ايم- سيد." مطلب تہ سنڌ معنيٰ سڄي سنڌ قوم جو وطن، سنڌو ديش معنيٰ جي- ايم- سيد ۽ وڏيرن جي جاگير.

پر 'ھڪڙي بندي من ۾ ٻي جا ڪري خدا.' جي- ايم- سيد جھڙي بزرگ جي ڪلھي تي ڪاٺ رکي ھن سازش تہ برابر گري ٻڌي آھي. پر سنڌي عوام بہ ھاڻي چار ڏينھن وڏو ٿي چڪو آھي. ھو ھر قسم جي سازش جي تہ تائين پھچڻ سکيو آھي. ھن کي خبر آھي تہ ڪلھ جو ھيرو لازمي نہ آھي تہ اڄ بہ ھيري جو ڪردار ادا ڪري. تاريخ ۾ اھڙا ڪئين مثال آھن جو ڪالھوڪن ھيرن اڳتي ھلي اھڙيون غداريون ڪيون آھن، جھڙيون ٻيو ڪير بہ نہ ڪري سگھي. فقط ھيري جي سند رکندڙ ئي ان سند ۽ ساک جي زور تي وڏيون قومي غداريون ڪري سگھي ٿو. سنڌ ۾ ڪھڙي، فرانس ۾ مارشل پيٽان. چين ۾ چيانگ ڪائي شيڪ جا مثال اکين اڳيان موجود آھن.

ھتي ٻن ڳالھين جي چٽائي ڪرڻ ڇڪي ٿيندي. غلط يا صحيح پر "سنڌو ديش" جي اکر بابت عام تاثر اھو ڏنل آھي تہ اھو نعرو سنڌ جي آزاديءَ جو نعرو آھي. جي سچ پچ ھڪ خودمختيار سنڌ جي ڳالھ ھجي ھا تہ بہ

"سنڌو ديش" جي اوپري اڻ وٽندڙ ۽ ريزالي قسم جي فقري بدران "آزاد سنڌ" جو فقرو مناسب ٿئي ها. جي هروپرو ٻڌاڪون هٽڻيون نہ هجن ۽ ڊڪ ڪرڻي هجي تہ پوءِ "جيئي سنڌ" جھڙو نعرو ٻيو ڪھڙو ٿي سگھي ٿو؟ "جيئي سنڌ" معنيٰ سنڌ جو جياپو. جن جن ڳالهين مان سنڌ جو جياپو ٿئي، سي سڀ "جيئي سنڌ" جي اکرن ۾ اچي ويون. جھڙوڪ: سک، سڪار، چوٽڪارو يا سچي آزادي. جيئي سنڌ جي لفظن ۾ ڪھڙي ڳالھ نہ ٿي سمائجي سگھي! مطلب تہ سنڌو ديش جي لفظن جي ڪنھن بہ حالت ۾ ڪابہ ضرورت ڪانھي. سنڌي عوام جو سنڌ سان واسطو ٽوڙڻ ۽ سنڌ کي ھڪڙي ننڍڙي ٽولي جي ذاتي جاگير ٺھرائڻ کان سواءِ سنڌو ديش جي لفظن مان ٻيو ڪوبہ فائدو ٿي نٿو سگھي. اھا ٿي ھڪڙي ڳالھ.

ٻي ڳالھ تہ سنڌ مٿان "سنڌو ديش" جھڙي اڻ وٽندڙ ۽ غلط نالي ٽڦجڻ جي مخالفت ڪرڻ جي معنيٰ اھا ھرگز نہ سمجھڻ گھرجي تہ اسين خدانخواستہ سنڌي قوم جي ڪنھن بہ بنيادي حق تان دستبردار ٿا ٿيون يا ان بابت ڪابہ ڇڏ ڇوٽ ڪرڻ ٿا گھرون يا اسين قومن جي خودمختياري جي پيدائشي ۽ قدرتي حق جي مخالفت ٿا ڪريون، ھرگز نہ. اھا "تحريڪ" ۽ فقط "تحريڪ" ئي آھي، جنھن ننڍين قومن جي خودمختياريءَ جي حق بابت پناھگير پنجابي نقلي ترقي پسندن جي ڪيل بي ايمانين، چالاڪين ۽ منافقين کي اگھاڙو ۽ بي نقاب ڪيو آھي. "تحريڪ" جو انھن نقلين سان بنيادي ٽڪر ئي قومي خودمختياريءَ جي حق بابت آھي تہ ھو ان جي ظاھري حمايت ۽ اندروني مخالفت ڇو ٿا ڪن. اھا ڳالھ رڳو ڇٽائيءَ لاءِ ٿا ڪريون نہ تہ ھونئن قومن جي خودمختياريءَ جو حق ڪنھن خاص ماڻھوءَ، ٽولي، طبقي يا حڪومت جي قانوني يا دستوري موڪل يا منظوريءَ جي محتاجيءَ کان ڇڪاھي ڇڪو آھي.

تازو جميعت اقوام ھڪ دفعو وري بہ تمام ڇٽن اکرن ۾ سڀني قومن جي خودمختياريءَ جي حق کي تسليم ڪري چڪي آھي. سڄي دنيا کي خبر آھي تہ قومن جي خود مختياريءَ جي حق جي معنيٰ آھي تہ ھرڪا قوم وس واري آھي تہ ڪنھن ٻي قوم سان گڏجي ڪنھن حڪومت ۾ شامل رھي يا ان کان الڳ ٿي پنھنجي الڳ حڪومت ٺاھي.

1 ـ مئي 1974ع تي جميعت اقوام جي جنرل اسيمبليءَ جي خاص اجلاس ۾ "نئون بين الاقوامي اقتصادي نظام قائم ڪرڻ بابت اعلان" جاري ڪيو ويو آھي. ان ۾ نہ رڳو قومي خودمختياري حاصل ڪرڻ جو ڦريل قومي ٽپڙ موٽائي وٺڻ جو قومي حق بہ تسليم ڪيو ويو آھي. اعلان جي فقري نمبر 4 الف ۾ خود ارادیت کي تسليم ڪيو ويو آھي ۽ فقري 4 (ف) ۾ چيو ويو آھي تہ

"جيڪي حڪومتون، علائقا ۽ قومون غيرن جي قبضي ۾ آهن يا ڏارين جي بالادستي هيٺ آهن يا ڏاريا ڪين پنهنجي گهر ۾ چور ڪري ويٺا آهن، انهن حڪومتن، علائقن ۽ قومن کي حق آهي ته پنهنجا ڪسيل سمورا قدرتي ۽ بيا وسيلا موٽائي وٺن، ڪين اهو به حق آهي ته سندن قومي وسيلن مان ڏارين جيترو به ناجائز فائدو ورتو آهي، انهن وسيلن کي هٿ جيترو به کائي ڪٽايو آهي يا ڪين نقصان رسايو آهي ان سموري ڦرلٽ، کوٽ، نقصان جي پرتي ۽ عيوضو ڏارين کان پرئي وٺن." مطلب ته قومي خودمختياريءَ جي حق بابت جيڪي بي ايماني ۽ ترڪتال هئا سي سمورا گس آهستي آهستي بند ٿيندا ويڃن.

اڄ سموري ايماندار انسانيت اها ڳالھ سمجهي چڪي آهي ته ڪاب قوم ڪنهن جي چوڻ سان قوم نه ٿي ٿئي ۽ نه ڪنهن جي منع ڪرڻ سان قوم مان ڦري لاقوم ٿيندي. ڪاغذي قانون ۽ دستور ڇا به چون يا نه چون، حقيقي قومون، قومون ئي رهنديون ۽ سندن قومي حق ۽ اختيار قائم ۽ دائم رهندا. قومي خوداختياريءَ ۽ علحدگيءَ جو حق انهن قومي حقن مان سڀ کان قيمتي ۽ مٿاهون آهي.

اڄ آهستي آهستي حڪمران ۽ ڦورو ٽولا، طبقا ۽ قومون به اها ڳالھ مڃڻ تي مجبور ٿي رهيون آهن ته، ڪنهن به قوم کي ڪنهن به قاعدي قانون يا دستور جي آڙ ۾ ڪنهن بي قوم جي بالادستي هيٺ هميشہ لاءِ نٿو رکي سگهجي.

پرواري قوم سان ساڳي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ يا نه ٿيڻ، شامل رهڻ يا نه رهڻ، قومن لاءِ رضا جو سودو آهي. ان ڳالھ ۾ زور جي ميندي اڳي لڳندي هئي، هاڻ ڪانه لڳندي. هاڻ هر ڪنهن کي حساب ڪرڻو پوندو. ٻئي جي دل هٿ ڪرڻي پوندي. ڏنڊي جي بادشاهي جا ڏينهن اڇي ڪٽا آهن. چوندا آهن ته من ۾ موتي ٻڌا ته وري سڃا ڪونه ٿيندا. ڪنهن قوم کي اجايو تنگ ڪبو ته اها لاچار پنهنجي وات وٺندي. اها ڳالھ هرڪو سمجهي ٿو. جيڪو نٿو سمجهي تنهن کي به سمجهي ڇڏڻ گهرجي.


بهرحال اسين سڀني قومن جي قومي خودمختياريءَ جي حق کي تسليم ڪريون ٿا. سنڌي عوام جي سمورن حقن لاءِ لڙڻ، ان لاءِ جيڪي ضروري ٿئي سو ڪرڻ ۽ انهن لاءِ هرڪا قرباني ڏيڻ هر سنڌيءَ جو فرض آهي. اسان پنهنجي پتيءَ جو فرض ادا ڪرڻ لاءِ ٻين سان گڏجي ٿيهن ئي نسن جو زور لڳائيندا رهنداسين.

اها ڳالھ صاف ٿي پيئي آهي. ان بابت ڪنهن به موڪاري ٿيڻ جو سوال ئي نٿو ٿئي.

اعتراض فقط انهي ڳالھ تي آهي ته هڪڙي ننڍڙي بي سمجھ ۽ تنگ نظر

ٽولي جي خسيس طبقاتي مفادن خاطر سنڌ جو نالو ختم ڪرڻ ۽ سنڌ جي قومي ۽ عوامي جوجھد کي وڏيرڪي وندر بنائي ناڪام بنائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويڃي. جيري خاطر ٻڌري نہ ڪٽي ويڃي.

ڇو تہ سنڌ فقط ڪو جاگرافيائي نالو ڪونھي. سنڌ اڪر ۽ اسان جو سمورو قومي وجود سمايل آھي. سنڌ فط اسان جي تاريخ، اسان جي جاگرافي، اسان جي تھذيب، اسان جي ثقافت، اسان جي ڪل قومي ڪائنات جو نچوڙ آھي. سنڌ مارئي آھي، مومل آھي، سسئي آھي، سھڻي آھي، نوري آھي، ليلا آھي، سنڌ پٽائي آھي، سچل آھي، سنڌ ڏاھر آھي، پرمل ديوي آھي، دودو، درياخان، شاھ بلاول، شير سنڌ مير شير محمد آھي، سنڌ ھوشو ۽ ھيمو آھي، سنڌ ھر اھا ھستي آھي جا اسان لاءِ سڻي، سھڻي، پاڪ، قيمتي، املھ، پلاري، نيڪ، عظيم، اعليٰ، پياري ۽ وفاداريءَ جي لائق آھي. سنڌ جو نالو مٽائڻ يا ان تي ٻيو ڪو ھٿرادو ۽ جڙتو نالو مڑھڻ قوم خلاف ڏوھ ٽيندو، قومي سڻائي، سونھن، پلائي، عظمت، پيار ۽ وفاداريءَ خلاف جرم ٽيندو. ان ڏوھ کان پاسو ڪرڻ گھرجي. ھر سچي وطن دوست جو فرض آھي تہ نہ رڳو پاڻ ان ڏوھ کان پاسو ڪري پر ٻين کي بہ سمجھائي کين ان کان روڪي.



گالمیون گنوارن جیون

پهرين مئي جي شهيدن کي سلام

هونئن ته دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪئين ڏينهن پيا ملهائجن. هر قوم، هر ملڪ، هر مذهب جا ڪي ڏينهن اهڙا آهن، جيڪي هر سال ملهائجن ٿا. پر هڪڙو ڏينهن اهڙو به آهي جيڪو دنيا جي هر ملڪ ۾ ملهايو وڃي ٿو. اهو ڏينهن آهي دنيا جي پورهيت برادريءَ جو جڳ مشهور عظيم ڏينهن، پهرين مئي. هي ڏينهن دنيا جي هر پورهيت جي ذهن تي نقش ٿيل آهي. هر پورهيت لاءِ هي ڏينهن قرباني ۽ پورهيت اتحاد جي علامت آهي. هن ڏينهن تي سنہ 1886ع ۾ آمريڪا جا مزور شڪاگو شهر جي گهٽين ۽ رستن تي گڏ ٿيا هئا. انهن جو مطالبو هو ته مزوري وڌائي وڃي ۽ ڪم جو وقت گهٽائي روزانو اٺ ڪلاڪ ڪيو وڃي. دنيا جي سرمائيدارن ۽ سامراجي طاقتن جو لٺ سردار آمريڪا تن ڏينهن ۾ به اهڙو ظالم، قهار ۽ خوني هو جو نه رڳو مزورن جا اهي سڏا سنوان، سولا ۽ جائز مطالبا ميڙ ڪان انڪار ڪيائين پر پنهنجي قاتل پوليس شاهيءَ جي هٿان انهن مزورن جي پرامن جلوس تي گولي بازي ڪرائي ڪيترا مزور شهيد ڪرائي ڇڏيائين- مزورن حوصلو هٿان نه ڇڏيو. انهن پنهنجي شهيدن جي ڪنهبي رت سان پنهنجا جهنڊا پوڙي ايا ڪيا ۽ ڳاٽ اوچا ڪري اڳتي وڌندا رهيا. مڪار، بزدل ۽ رهزن دشمن جي انهي عمل وري به ثابت ڪري ڏيکاريو ته انقلاب صرف ڳالهيون ڪرڻ سان ۽ قانون پاس ڪرڻ سان نه ايندو پر ريٽي رت جي قرباني ڏيڻ سان ايندو. اهوئي سبب آهي جو اڄ هر ملڪ جا پورهيت هن ڏينهن کي هر سال وڏي جوش خروش سان ملهائين ٿا. اڄ هن ڏينهن جي جيڪا عالمي ۽ تاريخي اهميت آهي ان جو اندازو هن مان ئي لڳائي سگهجي ٿو ته هن ڏينهن کي جتي دنيا جا سمورا پورهيت عوام ملهائين ٿا. اتي اهي ڏريون، پارٽيون، حڪومتون ۽ ٽولا پڻ ملهائين ٿا جيڪي پنهنجي چهرن تي عوام دوستي ۽ انقلاب-دوستيءَ جا کوڙا نقاب چاڙهي وحشي ۽ راکاس بنجي عوام سان چالاڪيون، حرفتون ۽ عقوبتون ڪن ٿا ۽ عوام جو گهر مسيت ڪن ٿا. عوام کي پالهو، ڪنگال، مجبور، هيٺو ۽ بيوس بنائي ڪيس در در جا ڏڪا کائڻ تي مجبور ڪن ٿا. اهي يوم مئي جهڙي عظيم ڏينهن جو سهارو وٺي، مٿان ئي مٿان وڌا نعرا هڻي، سڀ ڪجهه پاڻ

هڙپ ڪري وڃن ٿا ۽ عوام جي ڳچيءَ ۾ ايڪا بہ وڌيڪ غلاميءَ جا ٽوڙها وجهن ٿا. اهي عوام جون متيون منجهائي ڪيس گمراهه ڪري رلائي رلائي، ڪر پور ۽ ڪپڙي جي ليڙ لاءِ سڪائي، نستو ۽ لاچار بنائي، ان جي بيوسيءَ تي وڌا ٽهڪ ڏين ٿا. ڪيتري عرصي کان ائين ٿيندو رهيو آهي ۽ ايڪا بہ ٿئي پيو.

ٻئي پاسي نظر ڪبي تہ ڳالهه ئي ٻي آهي. دنيا جا سورهيہ ۽ سرويچ انقلابي عوام پورهيتن جي هن عظيم ۽ امر ڏينهن کي پنهنجي روايتي انقلابي جوش خروش سان بنهہ نرالي نموني ملهائين ٿا. دنيا جون ضمير واريون انصاف پسند بهادر قومون ۽ عوام هن ڏينهن جي روح کي سمجهن ٿا ۽ پنهنجي انقلابي عمل سان ان کي تاحيات زنده رکندا اچن ٿا. ويٽنام، اتر ڪوريا، ڪمبوڊيا، ڪيوبا، گني بسائو، انگولا ۽ ٻين ڪيترن ئي ايشيائي، آفريڪي ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن سامراج جي غلاميءَ واريون زنجيرون ٽڪر ٽڪر ڪري انهن کي پيرن هيٺان لتاڙي يوم مئي جي شهيدن جي قرباني ۽ پورهيت اتحاد کي زنده رکيو آهي. فلسطين، چلي، آئرلينڊ، ٽائليند، لائوس، ڏکڻ آفريقا، ايران، انڊونيشيا ۽ برصغير جي جمهوري ۽ انقلابي تحريڪن سامراج جي اڏيل مڪاري، منافقي، چالاڪي، فريب، آپشاهي، ڏاڍ مڙسي ۽ غنڊا گرديءَ واري دنيا ۾ زلزلا برپا ڪري ڇڏيا آهن. يوم مئي جي شهيدن جي قربانيءَ کي پورهيت عوام هميشہ جاري رکندا ايندا. انهن شهيدن جي پَرَ تي هلڻ وارا سوپارا ٿيندا رهيا آهن ۽ هميشہ سوپارا ٿيندا رهندا.

هر سال وانگر هن سال بہ پهرئين مئي اسان تائين دنيا جي پورهيت عوام جي نت نين ڪاميابين، سندن انقلابي جوش ۽ ولولي جون روح کي گرمائيندڙ ۽ انگ انگ ۾ خوشي پريندڙ خوشخبريون ڪٽي آيو آهي. هن موقعي تي سنڌي عوام بہ دنيا جي ٻين پورهيتن سان گڏ آهي. سنڌي عوام بہ پهرين مئي جي شهيدن جي قرباني ۽ کي پنهنجي قرباني ڪري ليکي ٿو ۽ انهن شهيدن جي عظيم روايت کي عملي طرح زنده رکڻ کي پنهنجو انقلابي فرض سمجهي ٿو.

پهرين مئي جي شهيدن واري عالمي مزدور برادريءَ جي نظريي کي ذهن ۾ رکي ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ سنڌي عوام جا ڏک ۽ سور ٻين هنڌن جي پورهيت عوام کان ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ ڪونهن. سنڌي عوام اڄ پنهنجي گهر ۾ چور ۽ ويڳاٽو ٿيو ويٺو آهي. سنڌ جون زمينون، جايون، واپار، نوڪريون پرمارن جي قبضي ۾ آهن. سنڌي عوام جا ابائا پڌم ملڪيتون ويندي قبرن تائين ڪوڙن ڪلمين جو ڪاڇ ٿي چڪيون آهن. سنڌي عوام لاءِ ڪارخانن ۾ پرتي، نوڪريون، پروموشن، داخلائون ۽ ٻيون رعايتون بند آهن- نالي ماتر ڪن ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ سنڌي پورهيتن کي تڙائي لوڏائي

ڪيو ويو آهي. ڪوٽڙي، گهارو، داڀيجي، ڪراچي ۽ ڏهرڪي جي سنڌي پورهيتن سان ٽيل ڪيسن، ڪلورن ۽ زيادتين جا داستان ڏاڍا دڳها ۽ دل ڏارينڌڙ آهن. سنڌي عوام کي مهانگائي، مرضن، مصيبتن، جهالت ۽ پنهنجن ۽ پراون جي پٽ ڪوهه جان کان بيزار ڪري وڌو آهي. مطلب ته سنڌي عوام چؤڪنيو جڪڙيو پيو آهي.

پر ان هوندي به سنڌي عوام پاڻ کي اڪيلو، وانگر اڪيلو، مايوس، بي جان ۽ بيوس نٿو محسوس ڪري. گذريل سالن جي جدوجهد دوران ناڪامين، غلطين ۽ ڪن ڪاميابين سان سنڌي عوام ڪيترائي ڪارائتا سبق پرايا آهن. اڄ سنڌي عوام سراسر بئي حال ۾ آهي. اڄ سنڌي عوام پنهنجي ڦورو وڌيرن، سيٺين، مُلن، پاون ۽ پنڊتن جي پويان اکيون پوري هلڻ لاءِ تيار ناهي. اڄ هو تيزيءَ سان پنهنجي ۽ پرائي، صحيح ۽ غلط عوام دوستي ۽ عوام دشمنيءَ جي وچ ۾ فرق کي سمجهي رهيو آهي. اميد ته هر نئين سال جي پهرين مئي، سنڌي عوام جي انقلابي جدوجهد کي اڳي کان اڳري ۽ اڳيري ڏسندي رهندي.

[ماهوار "تحريڪ" مئي 1975ع]

حرامي ٻار

سنڌ صدين کان ٻن مانگر مڇن جي وات ۾ ڪرندجندي رهي آهي. اُهي مانگر مڇ آهن ڏاريان پرمار ۽ پنهنجي وڏيرا شاهي. هن پنهي جا پاڻ ۾ ناجائز تعلقات پيي رهيا آهن، جن مان هڪڙو ناجائز ٻار پيدا ٿيو. اهو ناجائز ٻار آهي ڪامورا شاهي.

ڪامورا شاهي، ڏارين پرمارن ۽ اندروني وڏيرا شاهي جي چوڪيدار ۽ شڪاري لوڏ آهي. پر 'ڏاڇي هٿي ڏهه ته توڏي هٿي تيرهن' وانگر اها پنهنجي چٽيندڙ ڪان ٻ وڌيڪ موذي ۽ خطرناڪ آهي.

ڊڪٽيٽر شپ خلاف جدوجهد ۾، ۽ خاص ڪري چوندن دوران سنڌ جي ماڻهن ڪامورا شاهيءَ خلاف پنهنجي نفرت جو پرپور مظاهرو ڪيو. هر جلسي ۾ ظالم ڪامورن تي لعنت ۽ ڦٽڪار جو وسڪارو هوندو هو. پر ڪامورا عوام تي ٽٽولين ڪري چوندا هئا ته "چگو چوندون ٿيئ ڏيو، پائيهي ئي خبر پئي ويندي ته اسين چا آهيون". اسين اڪين سان ڏسي رهيا آهيون ته ڪامورا راڪاس وانگر ماڻهو بوءِ ڪندا جيئن وٽين ٿو، تيئن عوام کي آزاري رهيا آهن. حڪومت بلڪل خاموش آهي، بلڪ کي وزير هن ظلم ۾ ڪامورا شاهيءَ سان پانهن ٻيلي آهن. ڪجه ڏينهن اڳ ۾ بلڙيءَ جي ننڍي صوبيدار ملوڪ، هڪ هاري کي ڏينهن ڏڻي جو گولي هٿي ڪڍي ته اُن خلاف ڪوبه قدم نه کنيو ويو. پر التو ڪيس پروموشن ۽ انعام ڏنو ويو.

تازو آگسٽ مهيني جي پچاڙي ۾ سنڌي عوامي تحريڪ جي ڪارڪن الهه بچايو مرٽاس ۽ مانڊل شر کي اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٽيلي، لاڪب مان گهرائي. گهران ٽئو گهرائي هن جو پوليس هٿان ڪارو مُنهن ڪرائي شهر ۾ گهمايو. هن جو ڏوهه صرف هي هو ته هن هارين جي قانوني مدد ڪئي.

تازو ميرپور ٻنوروه، ڏڙو، جاتي، ميرپور ساڪرو ۽ ٻين هنڌن تي ظالم وڏيرن، هارين کي حڪومت جي زرعي سڌارن مطابق اڌ ٻٽئي ڏيڻ کان نه رڳو انڪار ڪيو پر هن پنهنجي پالتو چاڙڻن، پوليس عملدارن کان هاري ڪارڪن تي ڪوڙا ڪيس ڪرايا. ميرپور ٻنوري جي هاري ڪارڪن شير خان لنڊ کي 110 هيٺ گرفتار ڪيو ويو. جاتي ۾ پڻ ڪيترن ئي هاري

ڪارڪن تي ڦرين جا ڪوڙو ڪيس داخل ڪيا ويا. تازو هاري اڳواڻ محمد قاسم "پٽر" مرتب تحريڪ سلسلي ۽ سنڌ جي انقلابي شاعر سرويچ سجاولي کي ڪارن قانونن هيٺ گرفتار ڪيو ويو آهي.

سنڌي ادب ۽ پوليءَ خلاف سازش بند ڪريو

بڪ اسٽال تي وڃي ڏسجي ٿو ته سوين اردو رسالا نصرت، سنگت، اردو ڊائجيسٽ، سياره ڊائجيسٽ ۽ عالمي ڊائجيسٽ وغيره کان وٺي خضرراه جهڙا جنسي رسالا ۽ ڪتاب عام جام وڪامي رهيا آهن. جڏهن سنڌ جا ڪي هڏ ڏوکي سنڌي رسالا ڪيڏ جي ڪوشش ڪن ٿا ته انهن کي ڊڪليئريشن نٿا ڏنا وڃن. الٽو جيڪي هڪ ٻه رسالا نڪرن ٿا تن کي نوٽيس ڏنا ويا آهن. ڇا هي سنڌي علم ۽ ادب خلاف هڪ گهري سازش ناهي؟ سنڌي ادب خلاف هي سازش هرگز ڪامياب نه ٿيڻ گهرجي.

سنڌين جا نمائندا سڏائڻ وارا! سنڌي ادب ۽ زبان جو دم پرڻ وارا! سنڌي ادب ۽ پوليءَ جو گلو گهٽڻ بند ڪريو. سنڌي ماڻهن سان مذاق ڪرڻ بند ڪريو. سهڻي، اڳتي قدم ۽ سنڌو پبليڪيشن کي ڏنل نوٽيس واپس ونو. سنڌي اخبارن ۽ رسالن جي ڊڪليئريشن لاءِ ڏنل درخواستون ردي ٽوڪرين مان ڪڍي منظور ڪريو.

دفن ڪريو

نيشنل عوامي پارٽي سالن جا سال هر هنڌ ناچ ڪريو، جهومر هڻيو، جمهوريت، سوشلزم، سيڪيولر ازم، قومي حقن ۽ صوبائي خودمختياريءَ جون هنبوچيون هڻندي رهي آهي. هن پهريائين ون يونٽ ٽوڙائڻ جو ڏونگ چڏي، جماعت اسلامي سان شريڪ ٿي ڏئيڪ (ڊي- اي- سي) جو ناٽڪ رچايو، پوءِ سيڪيولر ازم کي طلاق ڏنائين، پوءِ پولي جي مسئلي تي مظلوم قومن کي پٺ ۾ خنجر هنيائين. تازو اُن آئيني ڍانچي تي صحيح ڪئي اَٽس، جنهن ۾ صوبائي خودمختياريءَ جي متي پليت ڪئي ويئي آهي.

نعپ هن وقت لاش آهي. اهو هاڻي ڊپ پيو ڪري. پر لغاري، عزيز الله شيخ، سرڪي، مهر حسين شاه ۽ پيا ڪانڊي ايجا ٻه اُن کي ڪلهن تي ڪڍيو اخبارن ۽ جلسن ۾ رلائيندا وتن.

نعپ برابر مڪريل ڏائڻ ۽ هست رنگي ڏوتي هئي. 'چندا ڏوبڙ' کان ٻه وڏيڪ يارن کي آسرا ڏيڻ واري ترڪتالڻ هئي. اُن جي پلاند تي سوين خونن جا ڏٻا هئا. قومي پولين جو خون، عوامي انقلاب جو خون، قومي جدوجهد جو

۽ جمهوريت جو خون. ان کي جيڪا به سزا ڏجي ها سا ٿوري. پر لاش جي بي حرمتي ڪنهن به مذهب ۾ جائز نه آهي. هن سڙيل لاش کي ڪلهي تي کڻي نچائڻ وارا خدا جا بندا، هاڻ گهٽو ئي ٿيو! هاڻ اهو بدبودار لاش ماڻ مٽيءَ ۾ دفن ڪري ڇڏيو.

["تحريڪ" پبليڪيشن- نومبر 1972ع]

ٽائليند ۾ وري به فوجي راڄ!

سامراج ۽ سندس مڪاني چاڙٽن طرفان دنيا جي عوام خلاف نئون سنگين جرم

ٽائليند جي غدار وڏيرن، سرمائيدارن وري به مظلوم ٽائي عوام جي خون سان هولي کيڏڻ شروع ڪئي آهي. ايا کين غدار وڏيرڪي فوج جي غنڊن جي چنبي مان ڇٽي سال ۾ مس ٽيا ۽ ايا سامت ۾ ئي ڪونہ آيا هئا، تہ غدار جنرلن پنهنجي آمريڪي آقائن سان ساز باز ڪري وري به غير فوجي راج ختم ڪري، نالي ماتر جمهوريت جو تختو اونڌو ڪري، سنئين سڌي فوجي ڊڪٽيٽرشپ مڙهي آهي ۽ پهرين ئي ڏينهن ۾ چؤطرف ٻاڪار ڪٽو وجهي ڇڏيو آهي. تخت گاه جي شهر بئنڪاڪ جي يونيورسٽيءَ تي حملو ڪري، سوين عوام سان وفادار شاگردن کي شهيد ڪيو ويو، سوين ٻيا وطن دوست شهيد ڪيا ويا آهن. هزارن کي قيد ڪري عذاب ڏنا پيا وڃن. هزارن پويان غدار فوج جا شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن ۽ ٽائليند جي ڏرتي پنهنجي وفادار پٽن ۽ ڌين لاءِ تپائي تاندو ڪري ڇڏي ويئي آهي.

دنيا جا ماڻهو پنجن وڏن ڪنڊن ۾ رهن ٿا، جن کي دنيا جي قومن جا پنج وڏا پاڙا ٻ سڏي سگهجي ٿو. اسين دنيا جي قومن جي وڏي ۾ وڏي پاڙي ايشيا ۾ رهون ٿا. ٽائليند ٻ ان ساڳئي پاڙي ۾ رهي ٿو. ٽائي ماڻهن جو گهر اسان کان ايترو پري آهي، جو ڪٽي ڇڏجي تہ اسان کان هڪڙي گهٽي ڇڏي ٻي گهٽي ۾ رهن ٿا. انهيءَ حساب سان ٽائي ماڻهو اسان جا ٻنه پاڙيسري آهن. هو ٻ اسان وانگر ٽائي وڏيرن ۽ سرمائيدار جا ڦريل، ماريل ۽ پيڙهيل آهن. انهن کي ٻ سندن وڏيرن ۽ سرمائيدان آمريڪي سامرج جي گبر سيٺين وٽ گروي رکي ڇڏيو آهي. هو گرويءَ جي رقم مان جاوا پيا ڪن. انهن تي ٻ وڏيرن، سرمائيدارن ۽ سامراجي گبر سيٺين، سندن پاڙٽ فوجي جنرل بچي ڇڏيا، جي سندن ساه انهيءَ لاءِ سڪايو ويٺا هئا، تہ جيئن سندن آقا کي بنا ڪٽڪي ڦري ماري پاڻ عيش ڪن ۽ انهن پاڙٽ جنرلن کي ٻ عيش ڪرائين. ٽائي ماڻهو ٻ اسان وانگر پنهنجي وڏيرن، سرمائيدارن، پاڙيتو فوجي جنرلن ۽ سندن آقائن امريڪي گبر سيٺين خلاف حياتي ۽ موت جي لڙائي لڙي عوام دشمن فوجي

ٽولن جي ڊڪٽيٽرشپ جو تختو اونڌو ڪيو ۽ حاڪم طبقن کي مجبور ٿي، پنهنجي راڄ بچائڻ لاءِ ڪلي ڪلائي فوجي غنڊاگردي ڪجھ وقت لاءِ بند ڪري، غير فوجي حڪومت قائم ڪرڻي پيئي. ظاهري طرح جمهوريت بحال ٿي. گھٽا ٽائي ماڻھو وسهي ويا ته ھاڻ ڏک جا ڏينهن پورا ٿي ويا، بدمعاش قوتون ھاڻ سبق سکي سڌري ويون آهن، ھاڻ پاڙيتو جنرل ۽ سندن آقا وڏيرا سرمائيدار ۽ امريڪي سامراجي گبر سينيون وري عوام جي نڙيءَ تي لت رکڻ جي جرئت ڪانه ڪندا.

پر ھاڻ صاف ثابت ٿيو آهي ته حاڪم طبقا يعني وڏيرا، سرمائيدار ۽ سندن سامراجي آقا آمريڪي گبر سينيون جيڪي آمريڪي سرڪار جا مالڪ آهن، سي ٽائي عوام جي حملن جي ست نه سهي رڳو عارضي طور پوئتي هٽيا هئا ۽ سمورو وقت عوام تي ٻيهر حملو ڪرڻ جون تياريون ڪري ۽ گھاٽ گھڙي رهيا هئا. جمهوريت جون مٺيون مٺيون ڳالهيون رڳو عوامي قوتن کي غافل رکڻ لاءِ ٿي ڪيائون. تان جو جڏهن تياريون پوريون پوريون ڪري ورتائون تڏهن جمهوريت، عوامي راج، دستوري حڪومت جا نمائشي بورڊ لاهي اڇلائي، عوام کي وري ٻ ساڳي اگھاڙي ننگي فوجي ڊڪٽيٽر شپ جي سوريءَ تي لڙڪائي چڏيو اٽن. هن وحشي درندن پنهنجي وطن دوست عوام جا جھڙيءَ ريت ڪوس ڪيا آهن، تنهن بنگلاديش ۾ ڪيل حيواني ظلمن ۽ چلين اندر چالو ڪيل چنگيزيت جا خوني داستان وري ڏهرائي چڏيا آهن.

ٽائي عوام سان ٽيل هي واقعا دنيا جي انقلابي وطن دوست عوام کي هڪ دفعو وري ٻ ياد ٽا ڏيارين ته قانون جي بالادستيءَ جا ڳڻ ڳائيندڙ قانون جي تابعداري ڪرڻ جا واعظ ڏيندڙ، قانون هٽ ۾ نه ڪٽڻ ۽ صلح سانت سان سياست ڪرڻ جا سبق ڏيندڙ حاڪم يعني سڄي دنيا جا وڏيرا، سرمائيدار ۽ سامراجي گبر سينيون ڪيڏا نه منافق ۽ مڪار آهن ۽ حقيقت ۾ ڪيڏا نه ظالم، بي رحم ۽ آدمخور آهن! اهي واقعا دنيا جي عوام کي ياد ٽا ڏيارين، ته دنيا جي تمام گھٽن ملڪن جي فوج سامراج جي پاڙيتو، وڏيرن ۽ سرمائيدارن جي چاڙتي فوج آهي. اها وطن جي حفاظت جي بهاني فقط وڏيرن، سرمائيدارن ۽ سامراجي گبر سينين جي قرلٽ ۽ ظلم جي راڄ جي سنڀال لاءِ عوام مٽان سيٽي ٻيهاري ويئي آهي. ان مان عوام کي اٽ ئي پهر خطرو آهي، ان کي جڏهن وجھ ملندو تڏهن پنهنجي ٽڪر کارائيندڙ آقائن جي اشاري تي عوام سان ڪهڙا به ويل وهائيندي نه گسندي.

اها ڳالھ به عام طرح سڄي دنيا ۾، ۽ خاص ڪري انهن ملڪن ۾ جتي وڏيرڪي ۽ سرمائيدار فوج جا جنرل، عوام تي ڊڪٽيٽرشپون مڙهي پنهنجا ڏند ڏانون قرلٽ جي مال تي هيرائي چڪا آهن، اتي ان ڳالھ تي خوش ٿي

ويهي نہ رهجي، تہ هاڻ چاڙڻا ۽ غدار جنرل واپس ٻڪرن ۾ هليا ويا آهن، هاڻي عوام جي حڪومت آهي، جمهوريت آهي وغيره. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا ڪٿي ڪٿي خود يورپ ۾ ٻہ آمريڪي سامراجي ۽ مڪاني وڏيرا يا سرمائيدار هر هنڌ جمهوريت کي فقط عارضي هٿيار طور ڪتب آڻيندا. ڳچ وقت تائين سندن ڦرلٽ جي سياست جو بنيادي دارومدار سڌين فوجي ڊڪٽيٽرشپن مڙهڻ تي رهندو.

هڪ ڳالهہ ٻي ٻہ نوٽ ڪرڻ جي آهي. چاڙڻا فوج ٽائيلينڊ جي عوام تي فوجي حملو ڪرڻ کان پهريائين ٽائي وڏيرن ۽ سرمائيدارن جي سياسي فوج استعمال ڪئي. ٻنڪاڪ يونيورسٽيءَ جي وطن دوست شاگردن تي پهريون حملو چاڙڻن شاگردن هٿان ئي ڪرايو ويو. بلڪل ائين جيئن بنگلاديش جي خلاف جماعت اسلاميءَ جي البدر ۽ الشمس جي عوام دشمن غنڊن کي ميدان ۾ آڻي، سندن هٿان عوام خلاف پيانڪ ظلم ڪرايا ويا هئا. چليءَ ۾ ٻہ اهو هٿيار استعمال ڪيو ويو ۽ عوام جي ڪوس جي شروعات بظاهر "عوام" هٿان ڪرائي ويئي. انڊونيشيا ۾ ٻہ ائين ئي ڪيو ويو.

جماعت اسلاميءَ جهڙا سامراجي ايجنٽ، فاشي ۽ غدار ٽولا هر ملڪ ۾ هر هنڌ موجود آهن. عام کي منجهائڻ چوويہ ڪلاڪ حياتي موت جو خطرو محسوس ڪرڻ گهرجي ۽ اهو چگي طرح سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ هن ٽولن کي ڪهڙي عوام دشمن ۽ غداري واري خوني ڊرامي ۽ پارٽ ونڻ لاءِ سانديي ٽلهو متارو ۽ تيار ڪيو پيو وڃي.

ٽائي عوام جي اها وڏي خوش قسمتي آهي، جو اهي ماڻهو ٻي عوام وانگر سامراجي چاڙڻن وڏيرن ۽ سرمائيدار سياستبازن ۽ غدار فوج جي بنهہ رحم ڪرم تي ڪونهن. هن وٽ پنهنجي انقلابي پورهيت پارٽي، پنهنجي انقلابي هٿياربند فوج، انقلابي سياسي فوج ۽ انقلابي گڏيل قومي محاذ آهن، جي ڪيترن سالن کان وڏيرڪي سرمائيدار حاڪم طبقن، سندن سرڪار ۽ سندن چاڙڻي غدار فوج خلاف، زبردست ۽ شاندار سياسي ۽ هٿياربند جدوجهد هلائي رهيا آهن.

ٽائي عوام خلاف هن وحشي جُرمن ڪرڻ کان پوءِ ٽائي وڏيرن، سرمائيدارن ۽ سندن آقا آمريڪي گبر سينئين جي ٽائيلينڊ ۾ طاقت عارضي طرح برابر وڌندي. پر ڊگهي نظر سان ڏسبو تہ اها پڻ ڏينهون ڏينهن گهٽبي. هاڻ پاڻ وڏيڪ ماڻهن کي خبر پوندي تہ ٽائيلينڊ جي وڏيرڪي ۽ سرمائيدار سرڪار ۽ فوجي ٽولي جو اصلي روپ ڪيڏو نہ قوم فروش، وطن فروش ۽ غدار روپ آهي. هاڻ پاڻ گهٽي مان گهٽا انقلابي وطن دوست وڏيڪ صاف ذهن، وڏيڪ مضبوط ۽ پختي ارادي سان انقلابي وطن-دوست جدوجهد ۾ شامل

ٿيندا. اڳي شامل ٿيل سرفروش، شهيدن جو بدلو وٺڻ لاءِ وڌيڪ سرجوشي ڪندا، سندن ٻڌي وڌيڪ مضبوط ٿيندي؛ دشمن جي ڪيمپ ۾ وڌيڪ ڦوٽون پونديون، سندس تائيد ڪندڙ ٽولو وڌيڪ سوڙهو ۽ تنگ ٿيندو. اهو ڏينهن ويجهو ايندو جڏهن ويٽنام، لائوس، ڪمبوڊيا ۽ ٻين آزاد ٿيل ملڪن وانگر ٽائلينڊ ۾ وڏيرن، سرمائيدارن ۽ امريڪي سامراجي گبر سينئين بدران ٽائي عوام جي ملڪيت ٿيندو ۽ هو هڪ نئين شاندار ٽائي ماڻهوءَ ۽ نئين ڪوري ٽائي سماج کي وجود ۾ آڻيندا. اهو ڏينهن ٻ نيٺ ايندو جڏهن وڏيرن، سرمائيدارن ۽ سامراجي گبر سينئين جو ٻڙ ٻٽياد ڪري ويندو ۽ ڪنهن کي بنگلاديش، چلي ۽ ٽائلينڊ جهڙا ڪوس ڪرڻ جي مجال نہ ٿيندي. ٽائي عوام جي جدوجهد ضرور ڪامياب ٿيندي! ايشيا جي سمورين مظلوم قومن جي جدوجهد ضرور ڪامياب ٿيندي! سڄي دنيا جي ڪريل ماريل مظلوم عوام جي جدوجهد ضرور ڪامياب ٿيندي!!!

[ماهوار "تحريڪ" نومبر 1976ع]

پاڻ ۾ پڌي ڪريو!

* اوهين جيڪي سڀ ڪريل، لٽيل، ڏڪاريل، هيسايل، دٻڙاٽيل، گهوگهاٽيل آهيو، جيڪي ننڍڙڪا، بي واهه لاوارث ۽ بي زبان آهيو، جن کي سائين، هر وقت، روز روز، گهڙيءَ گهڙيءَ، پل پل، ڏورن وانگر وهايو، ڪريو لٽيو، بکون ماريو، بيمارين ۾ ڇيڇلايو، دٻايو، ستايو، هيسايو، دٻڙاٽيو ۽ گهوگهاٽيو وڃي ٿو، جن جو ساهه هر دم ڪنهن نه ڪنهن ڊپ ۽ خوف جي سوريءَ تي ٽنگيل آهي، پاڻ ۾ پڌي ڪريو!

* اوهين سڀ جيڪي هن ڌرتيءَ جي اٻاهه نعمتن کان محروم آهيو، جيڪي حياتيءَ جي بي انت سوادن، سکن ۽ خوشين کان تاڙڪ آهيو، جيڪي محروم آهيو ڏوَ کان، چڱيلائيءَ کان، سونهن کان، پيار کان، سرخروئيءَ کان، عزت کان، شان مان کان، پاڻ ۾ پڌي ڪريو!

* اوهين سڀ جن کي زال ذات هجڻ سبب يا ذات پات يا مذهب جي تعصب سبب ۾ ڏڪاريل ۽ ستايل، ڪريل ۽ ماريل مظلومن کان به ٻيڻو ٽيڻو وڌيڪ ڏڪاريو، ستايو، ڪريو ۽ ماريو وڃي ٿو، پاڻ ۾ پڌي ڪريو!

* اوهين سڀ جيڪي قومي ۽ برابري، بالاستي، ڪرڻ ۽ ظلم جا مخالف آهيو، جيڪي پنهنجي قوم ۽ وطن سان سچو پيار ڪريو ٿا، جيڪي غلاميءَ کان نفرت ڪيو ٿا جيڪي قومي چوٽڪاري لاءِ تڙپو ٿا، جيڪي ڌرتيءَ کي ڏاڙيلن کان پاڪ ڏسڻ گهرو ٿا، جيڪي ڌاهر جي پنهنجي ڏيهه سان ڪيل ڏهيسري پيار جا پڙاڏا بنجڻ گهرو ٿا، جن جي ڪنن ۾ دودي ۽ دريا خان جي وطن سان وفادار تلوارن جي جهٽڪار گونجي ٿي، جيڪي هوشوءَ ۽ هيمون جي هٿيلن حوصلن ۽ ارڏن ارادن جا عاشق آهيو، پاڻ ۾ پڌي ڪريو!

* اوهين سڀ جيڪي بنيادي انساني حقن ۽ جمهوري آزادين جو قدر سڃاڻو ۽ سمجهو ٿا، انهن حقن ۽ آزادين کي پنهنجو ۽ پنهنجي قوم ۽ وطن جي هر انسان جو پيدائشي حق سمجهو ٿا، جيڪي قلم، ذهن ۽ ضمير جي آزاديءَ کي ميجيو ٿا، جيڪي انساني ذهن ۽ روح جي تخليق جي عظمت کي سڃاڻو ۽ سمجهو ٿا، جيڪي قلم، ادب، صحافت ۽ ثقافت جي آزاد واڌاري کي انسان ذات جي واڌاري لاءِ لازمي سمجهو ٿا ۽ انهن کي وڌيرڪي،

ڪامورڪي ۽ پوليسي ڏنڊي ۽ لانگ بوٽ جي ٽڏن کان بچائڻ ۽ سلامت رکڻ ضروري سمجهو ٿا، پاڻ ۾ بدي ڪريو!

* اوهين سڀ جيڪي وڏيراشاهي، ڪامورا شاهي ۽ پوليس راج جا، گيستاپو گردي، ڊڪٽيٽرشپ ۽ فاشزم جا، نئين دور جي نادرشاهيءَ، بچا سقا شاهيءَ ۽ هٽلر شاهيءَ جا مخالف آهيو، جيڪي ٿنا چاهيو ته توهان جون يا توهان جي اولاد ۽ پوين جون حياتيون يا ته يا عمر گنگ بوڙ ۾، چپن ڪي چنو لائي، ذهن ۽ ضمير کي تالا هڻي، اکين هوندي انڌائيءَ ۽ ڪن هوندي بوڙائيءَ جي حالت ۾ ختم ٿي وڃن يا جيڪڏهن انڌير کي اکين سان ڏسي ۽ ڪن سان بدي، دل ۽ ضمير جو ڪو حرف زبان مان ڪڍي وجهو ته پوءِ توهان جون اڌ عمريون وڏيرن جي اوطاقن، سندن ٽائٽن، سندن عدالتن جي ڏيکائي ڏيندڙ قصاب گهرن اڳيان دربدر ٿيندي ختم ٿي وڃن ۽ باقي اڌ عمريون يا ته قيد خانن، بند واردن، عذاب گاهن، ايذاءَ ڏيڻ جي خاص ڪيمپن ۾ چيچلائيندي ڳرن يا انهن جي خوف ۽ دهشت ۾ ڌڪندي ۽ ڪنبندي برباد ٿين، پاڻ ۾ بدي ڪريو!

* اوهين جيڪي سماج ظلم جي هاڻوڪي ظالم، ڦورو ۽ زيان خور سرشتي کان انت بيزار آهيو، جن جو ان سرشتي کي بدلائڻ کان سواءِ ڪوبه چوٽڪارو ڪونهي، سي سڀ سماج جي ان ظالم، ڦورو ۽ زيان خور سرشتي کي بدلائڻ لاءِ، ان سرشتي جي جاءِ تي هڪڙي نئين فائديمند ۽ شاندار سماجي سرشتي کي قائم ڪرڻ لاءِ، پنهنجي زندگيءَ توڙي پنهنجي ڪٽنب، قوم ۽ وطن جي زندگيءَ ۾ بنيادي ۽ زبردست ڦير گهير آڻڻ لاءِ، سڪ ۽ سڪار، انصاف ۽ سچائيءَ، سونهن ۽ پيار، ڪاميابي ۽ خوشي، مان ۽ شان سان پريل نئين حياتي ماڻڻ لاءِ، هڪ شاندار نئون انسان ٺاهڻ لاءِ، هڪ شاندار نئون انساني سماج اڏڻ لاءِ، هڪ شاندار نئين دنيا ٺاهڻ لاءِ، سڄي جهان جو چرخو مڪمل طرح بدلائڻ لاءِ، سڄي جڳ جهان ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ، ان انقلاب واسطي ڪامياب جدوجهد هلائڻ لاءِ، پاڻ ۾ بدي ڪريو!

* اوهين سڀ جيڪي بنيادي انساني حقن ۽ جمهوري آزادين ۾، قومي برابري ۽ چوٽڪاري ۾، عوامي آزادي ۽ انقلاب ۾ ايمان رکو ٿا، پاڻ ۾ بدي ڪريو!

* اوهين سڀ جيڪي انهن مان ڪنهن هڪ ڳالهه ۾ به جمهوريت ۾ يا قوم پرستيءَ ۾ يا انقلاب ۾ ايمان رکو ٿا، سي ٻين ٻن ڳالهين تي اختلاف رکندي به پنهنجي ان هڪڙي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين ٻن ڳالهين جي ڳولائن سان بدي ڪريو!

بدي ۽ اختلاف پاڻ ۾ لازم ۽ ملزوم آهن. هر شيءِ، هر ڳالهه ابتڙن جي

ميلاپ مان نهي آهي. اهي ابتڙ پاڻ ۾ سدائين پيا مقابلا ڪن. ان ڪري هر ڳالهه جي اندر ۾ بڌي ۽ ميلاپ بہ آهي تہ اختلاف ۽ مخالفت بہ آهي. ساڳيا ماڻهو ڪن ڳالهين ۾ پاڻ ۾ مليل نهيل آهن تہ ڪن ۾ هڪبئي جا مخالف بہ آهن. سورهن آنا مخالفت ڪٽي بہ ڪونہ ليندیون.

مظلوم عوام جي اندر ۾ ڪجهہ بڌي ۽ ميلاپ آهي تہ ڪجهہ اختلاف ۽ مخالفت، ساڳي حالت عوام جي دشمن اندر آهي. ڦورو ۽ ظالم ڪوشش ڪري پنهنجا اختلاف گهٽائين ٿا ۽ بڌي وڌائين ٿا. بئي طرف هو سعيو ڪري عوام اندر جيڪا قدرتي بڌي آهي ان کي ناس ڪن ٿا يا گهٽائين ٿا ۽ سندن اختلافن کي هٿ ونبي، وڌيون ڪوششون ڪري وڌائين يا ڦهلائين ٿا. ان عوام دشمن دستور جي خلاف جدوجهد ڪريو.

عوام جي اندروني اختلافن کي تسليم ڪريو، برداشت ڪريو، گهٽايو، مانو ڪريو، دوستاڻي نموني حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو، ڪين هر حالت ۾ گڏيل فائدن جي حد اندر رکو ۽ اجايو تيز ٿي حدون ٽپڻ کان روڪيو. عوام دشمن کي عوام خلاف متحد ٿي سازش ڪرڻ کان جيتريقدر ٿي سگهي اوتريقدر روڪيو، سندن قدرتي قوتين ۽ اختلافن کي وڌائڻ، اونهو ۽ ويڪرو ڪرڻ جو ڪوبہ موقعو هٿان نہ وڃايو. بڌي حاصل ڪرڻ ۽ قائم رکڻ ۽ ان کي وڌائڻ ويجهائڻ معمولي ڳالهہ ڪانهي. ان لاءِ وڏي، سخت، ڏکهي ۽ اورچائي واري جدوجهد ڪپي. متان ڪنهن ڏينهن سچا جمهوريت پسند، سچا قوم پرست، سچا انقلابي پاڻ ۾ بڌي نہ ڪري ونن، انهيءَ ڊپ کان ڪوڙن اسلام پرستن ۽ سندن چاڙتن ڪوڙن ڪميونسٽن ۽ جعلي انقلابين ۽ مودودين، نقوين نازشين ۽ حسانن، ڪوڙن اسلامي ۽ انقلابي ڪليمن جي آڙ ۾ ان جدوجهد جي ميدان تي اڳ ۾ ئي والار ڪري چڏي آهي ۽ بڌي ڪرائڻ جو نيڪو پنهنجي نالي ڪري چڏيو آهي. بڌيءَ جي جدوجهد جو ميدان انهن جعلسازن ۽ عوام جي قاتل ويرين کان خالي ڪرايو! جمهوريت، قوم پرستي، انقلاب ۽ عوامي بڌيءَ جا جهنڊا انهن عوام جي ويري ۽ ظالم هٿن مان کسي پنهنجي مضبوط هٿن ۾ ڪري، انهن کي اوچو ايجا بہ اوچو ڪريو!

سنڌي، بلوچ، پشتون، وطن دوستو ۽ قوم پرستو پاڻ ۾ بڌي ڪريو! سچي سنڌ جا، سچي ملڪ جا انقلابيو، وطن دوستو، قوم پرستو، پاڻ ۾ بڌي ڪريو! سچي سنڌ جا، سچي ملڪ جا جمهوريت پسندو، قوم پرستو، وطن دوستو، انقلابيو پاڻ ۾ بڌي ڪريو! سچي سنڌ جا، سچي ملڪ جا مظلوم عوام پاڻ ۾ بڌي ڪريو!

جيئي عوام دوست، قوم پرست، جمهوري انقلابي بڌي

[ماهوار "تحريڪ" ڊسمبر 1976ع]

سنڌي عوام کي پاڻ تي پاڻ ڳهرجي!

پيهر چونڊن جي امڪان پيدا ٿيڻ شرط ۽ وزيراعظم طرفان ريفرينڊم ڪرائڻ جي اعلان ٿيڻ شرط ڪيترن مرڪزي ۽ صوبائي سنڌي وزيرن سنڌ اندر دڪ ڊوڙ شروع ڪري ڏني آهي. سنڌي عوام جي سياسي راءِ کي هموار ڪرڻ لاءِ دورن، جلسن، جلوسن، تقريرن، اخبارن ۽ سنڌ اسيمبلي ۾ بيان بازيءَ جي باضابطه مهم شروع ڪئي ويئي آهي. انهن تقريرن ۽ بيانن ۾ باهرين سازش ۽ پاڪستان جي سالميت کي خطري بابت پرچار ڪرڻ کان سواءِ سنڌيت ۽ سنڌي عوام جي مفاد ۽ ٻڌي بابت به زور ڏنو پيو وڃي. سنڌي عوام کي سڌ ڏنو ويو آهي ته هو پيپلز پارٽيءَ جي وڏيرا شاهي جي اڳواڻي هيٺ محتد ٿي وڃن نه ته سنڌ دشمن پرمار شاهي کين کائي ويندي. تنهن هوندي به انهن جلسن ۽ جلوسن ۾ تمام ٿورن ماڻهن شرڪت ڪئي آهي ۽ جيڪي شريڪ ٿيا به آهن، تن ۾ ڪوبه جوش ڪونهي. حڪومت جي پاڙيتو نعري بازن کي چڏي، ڪٿي ڪٿي عوام طرفان ازخود نعرا لڳا آهن ته سنڌي سياسي قيدين، سنڌي ادبين ۽ دانشورن، هاري اڳواڻن ۽ ڪارڪنن، قومي ڪارڪنن ۽ سنڌي شاگردن کي آزاد ڪرائڻ، سنڌي رسالن، ڪتابن ۽ پريس تان بندش لاهڻ ۽ سنڌي پورهيت عوام جي معاشي ۽ سياسي حقن جي بحالي لاءِ مطالبا ڪيا ويا آهن.

انهن وزيرن کي به ضرور احساس ٿيو هوندو ته سنڌي ماڻهو سنڌن انهيءَ مهم کان قطعي متاثر نه ٿيا آهن ۽ هو وڏيرا شاهي خاطر مرڻ مارڻ لاءِ تيار ڪونهن. انهن کي اها به خبر آهي ته سنڌي عوام جي لاتعلقي ۽ ڪن هنڌن تي مخالفت جو سبب موجوده حڪومت طرفان سنڌي عوام سان ويساه گهاتي ۽ سنڌي وطن دوست ماڻهن تي ظلم ۽ تشدد آهي. ان به اڪيائي ۽ ناحق کي ختم ڪرڻ، سنڌي عوام جو اعتماد حاصل ڪرڻ ۽ منجهن حڪومت لاءِ جوش ۽ خروش پيدا ڪرڻ ناممڪن آهي. هي سياسي علم جو هڪ شروعاتي سبق آهي، جنهن کي سکڻ بنا ڪوبه سياسي شاگرد پاس ٿي نٿو سگهي. عوام کي ڏٽا ڏيئي، بيوقوف بنائي استعمال ڪرڻ واري ميڪاولي جي نظريي جي ڪاميابيءَ جي به هڪ حد هوندي آهي. انهي کان پوءِ عوام جي ڪن بنيادي مطالبن اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ بنا سندن حمايت ڪرڻ جو سوال ئي ڪونه ٿو

پيدا ٿئي. تجربي ڏيکاريو آهي ته پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت اڄ به سنڌي عوام جي مطالبن کي ميڙ لاءِ تيار ناهي. عوام جي نعرن جي جواب ۾ سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻ جو واعدو ته پري رهيو، اُلٽو نٽي ۾ هڪڙي وزير چيز ته "ايٽا.... تيل ٽي پيو چا؟ اسان کي پاڪستان جي سالميت جي ڳڻتي ڪرڻ گهرجي." هڪ ٻئي وزير بدين ۾ شاگردن سان ڳالهائيندي وقت صاف صاف لفظن ۾ چيو ته "هاري ابوجهه ۽ بيجان آهن انهن مان ڪجهه ڪونه ورندو."

اهڙي نازڪ وقت تي جڏهن خود پيپلز پارٽي جي اڳواڻن موجب سنڌي عوام جي مفادن کي سخت خطرو آهي ۽ سنڌي ماڻهن کي ٻڌي ڪرڻ گهرجي، سنڌي عوام جي هڪ به بنيادي مطالبي کي نه ميڙ جو مطلب چا آهي؟ سنڌي پورهيت عوام تي ويساه نه ڪرڻ جو مطلب چا آهي؟ سنڌي وطن دوست ماڻهو ان روپي مان فقط هڪڙو ئي نتيجو ڪڍي رهيا آهن ته وڏيرا شاهي سنڌي عوام کي ڏورن وانگر پنهنجي مرضي موجب هڪلڻ ٽي چاهي. هو سنڌي عوام جي جمهوري حقن ۽ آزادين کي ميڙ ته پري رهيو اُنهن حقن جي وجود کان انڪاري آهن. سنڌي عوام کي هيسائي يا ريبي استعمال ڪري سگهجي ٿو، اهوئي سبب آهي جو دورا ڪندڙ وزير ۽ ميمبر رڳو پرمار شاهيءَ جا ڊپ ڏياري، سنڌي ماڻهن کي منجهائي وائڙو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ته جيئن هو پرمار شاهيءَ جي خوف وچان پنهنجا سمورا حق وساري ڇڏين ۽ غير مشروط طور وڏيراشاهيءَ جي پويان هلن. ان مهم دوران وڏيرا پنهنجي ئي طلسم جو ايتري قدر پاڻ شڪار ٿي ويا آهن جو ڪين ڏيان ئي ڪونه رهيو آهي ته هو چئي چا رهيا آهن. مثال طور هن وقت هو جنهن ڳالهه تي سيني کان وڌيڪ زور ڏيئي رهيا آهن سا اها آهي ته سنڌين کي نوڪرين ۽ داخلائن ۾ پنهنجي جائز ڪوٽا ملي آهي ۽ اها ڪوٽا ڪين ملڻ گهرجي ۽ ڪوٽا سسٽم بحال رکڻ گهرجي. لازمي طور تي هڪڙو ٻار به ڪائنس پڇندو ته گذريل پنجن سال ۾ حڪومت ڪنهن جي هئي؟ سنڌين کي جائز ڪوٽا نه ملڻ جي ذميواري ڪنهن تي آهي؟ ڪوٽا سسٽم بحال رکڻ ڪنهن جي اختيار ۾ آهي؟ جيڪڏهن اوهين گذريل پنجن سالن ۾ ڪنهن غيبي طاقت آڏو بيوس هئا ته هاڻي ڪهڙي خاطري آهي ته اها غيبي طاقت وري به اوهان کي سنڌي عوام کي پنهنجو حق ڏيڻ کان نه روڪيندي؟ اوهان کي جيڪڏهن سچ پچ ان ڳالهه جو احساس آهي ته موجوده حڪومت سنڌين کي پنهنجا جائز حق نه ڏنا ته اوهان ڪيئن ٿا سنڌي عوام کان اها گهر ڪريو ته هو وري به بنا شرط شروط سندس حمايت ڪن؟

ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته قومي اتحاد جي ڪُلهه ڪلا سنڌ دشمني ڪري سنڌي عوام سمجهي ٿو ته انهن پارٽين جي اقتدار ۾ اچڻ ڪري ڪين

ڳرا نقصان رسندا. پر ان جو مطلب اهو هرگز ناهي تہ هو وڏيراشاهي جي ظلمن کي نظرانداز ڪن ٿا.

ڇاڪاڻ تہ موجوده سرڪار سنڌي ماڻهن ۾ ايڏي سگهہ ئي ڪانہ ڇڏي آهي، جو ڪو ڏکيو وقت اچڻ تي هو پنهنجي حقن کي بچائي سگهن. اهو فقط ان صورت ۾ ٿي سگهي ٿو تہ سنڌي محب وطن ماڻهو پاڻ ۾ ٻڌي ڪري، پاڻ ۾ ٻرا ٿي پنهنجن حقن جي ذميواري پاڻ تي سمجهي، مڙسي ۽ ڏاهپ ڪري ۽ ٻين مظلوم قومن سان اتحاد ڪري، ايندڙ وقت جي لاهن چاڑهن کي منهن ڏيئي سگهن.

وڏيراشاهي نہ ڪو اڳي سنڌ لاءِ سر جون سٽون ڏنيون آهن ۽ نہ ڪو وري اڳتي لاءِ منجهن اهڙي اميد رکڻ گهرجي. انهن هميشہ پنهنجي وقتي مصلحتن ۽ مفادن جي خاطر سنڌ کي اهڙين مشڪلاتن ۾ هڇائن ۾ مڙهيو هوندو، جو وري اتان نڪرڻ لاءِ سنڌي ماڻهن کي گڏيل جدوجهد هلائڻ کان سواءِ ڪو ٻيو چارو ئي نہ رهيو هوندو.

اهوئي سبب آهي جو سنڌي ماڻهن جي گهٽائي پيپلز پارٽي کي ووٽ ڏيڻ جي باوجود ان لاءِ ڪوبہ دلي لڳاءَ نٿي رکي. موجوده سياسي چڪتاڻ ۾ ٻئي ڏريون عوام جي پرجوش ۽ سرگرم حمايت جون خواهشمند آهن. مخالف ڌر کي پاڪستان جي عوام جي ڪن حصن طرفان اهڙي حمايت حاصل آهي. سرڪاري پارٽي سنڌ اندر اهڙي حمايت جي توقع هاڻي فقط سنڌي عوام کان ڪري سگهي ٿي. پر وزيرن ۽ ميمبرن جي تازن دورن مان اها توقع پوري ٿي نہ سگهي آهي. سنڌي عوام جي سرڪاري پارٽي ڏانهن رويي ۾ ڪنهن بہ قسم جي مثبت تبديلي آڻڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اهو ضروري آهي تہ سنڌي عوام طرفان مختلف موقعن تي جيڪي مطالبا رکيا ويا آهن تن کي فوري طور تي ۽ بنا شرط قبول ڪيو وڃي. ان ڪم جي شروعات سڀني سنڌي سياسي قيدين جي آزادي سان ٿي سگهي ٿي.

[ماهوار "تحريڪ" مئي-جون 1977ع]

سنڌي سياسي قيدي ڇو نٿا آزاد ڪيا وڃن؟

پاڪستان جي نئين سياسي صورتحال جنهن جي شروعات مارچ 1977ع کان ٿي آهي، انهيءَ ۾ هاڻي هڪڙو نئون موڙ اچي رهيو آهي. حڪومت ۽ قومي اتحاد جي وچ ۾ هلندڙ ڳالهيون آخري مرحلن ۾ داخل ٿي چڪيون آهن. هونئن ته ناه جو ايجا رسمي اعلان نه ٿيو آهي، ڪجه تفصيلن تي اختلاف آهي جن لاءِ ڳالهيون هلي رهيون آهن، پر گهڻين بنيادي ڳالهين تي ناه ٿي ويو آهي.

اسيمبليون، قومي توڙي صوبائي، جولائي ۾ ٽوڙيون ويندیون، عام چونڊون آڪٽوبر ۾ ٿيندیون، سياسي قيدي آزاد ڪيا ويندا ۽ شايد هنگامي حالتون به ختم ڪيون وڃن. اها ڳالهه ايجا پڌري نه ٿي آهي ته حيدرآباد سازش ڪيس واپس ورتو ويندو يا نه، ۽ انهيءَ ڪيس ۾ گرفتار ڪيل بلوچ، پٺاڻ، سنڌي ۽ بين اڳواڻن کي آزاد ڪيو ويندو يا نه. جيستائين سياسي قيدين جي آزادي جو معاملو آهي ته اها ڳالهه ايجا ڏسڻي آهي ته حڪومت ۽ قومي اتحاد ڪنهن ڪنهن کي ٿا سياسي قيدي سمجهن ٿا. ڇا ٻئي ڌريون سنڌي سياسي اڳواڻن، سياسي ڪارڪنن، شاگردن، هارين، ادبين ۽ شاعرن کي به سياسي قيدي تسليم ڪري، انهن کي به پاڪستان جي سمورن سياسي قيدين کي ڇڏڻ واري پروگرام ۾ شامل سمجهن ٿا يا نه.

هيستائين جيڪا صورتحال سامهون آئي آهي، انهيءَ مان اها ڳالهه ثابت ٿي آهي ته ٻئي ڌريون سنڌي سياسي قيدين جي معاملي کي نظرانداز ڪري رهيون آهن. جيتوڻيڪ قومي اتحاد جا ڪي اڳواڻ 1972ع کان ونڊي گرفتار ٿيل سمورن سياسي قيدين جي آزاديءَ جي گهر ڪن ٿا پر سرڪار سان ڳالهين توڙي سندن رسمي گهرن ۾ رڳو چوندن کان پوءِ واري تحريڪ دوران گرفتار ٿيلن جي آزادي جو مطالبو ڪيو وڃي ٿو. هيستائين قومي اتحاد جي اڳواڻ ۽ ڪارڪن جو وڏو تعداد آزاد ٿي چڪو آهي. پر سنڌي سياسي قيدين مان رڳو چند ماڻهن کي چڏيو ويو آهي. ۽ سندن وڏو تعداد ايجا تائين جيلن ۾ بند آهي. جناب رسول بخش پليجو ايجا تائين قيد آهي. محترم جي-ايم سيد تي نظربندي جون پابنديون جاري آهن. مير علي بخش ايجا تائين جيل ۾ آهي. طارق اشرف ايجا تائين گرفتار آهي. شاه محمد شاه، عبدالواحد آريسر، حبيب الله ناريجو، مولا بخش لغاري، غوث بخش خاصخيلي ۽ ٻيا شاگرد، هاري، ادیب،

شاعر ۽ سياسي ڪارڪن ايا تائين پوريل آهن. جيڪي ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌي ماڻهو چڏيا ويا آهن، تن مان عوامي شاعر ابراهيم منشي کي هفتو ٻاهر ڪڍي وري گرفتار ڪيو ويو آهي.

ڇا سنڌي سياسي قيدين ڏانهن هي سخت آپيشاهي وارو رويو ڪو اتفاقي معاملو آهي؟ نہ، ائين نہ آهي. انهيءَ جا ڪي اهم ۽ بنيادي سبب آهن:

سنڌ جا وطن دوست سياسي، هاري، شاگرد اڳواڻ ۽ ڪارڪن، ادیب شاعر تمام ڏکين حالتن جي باوجود سنڌي عوام جي قومي ۽ طبقاتي حقن لاءِ ڏگهي عرصي کان ثابت قدميءَ سان مسلسل جدوجهد ڪندا رهيا آهن. پرمار شاهي، وڏيرا شاهي، ڪامورا شاهي، قوتون انهيءَ جدوجهد کي ڪچلڻ لاءِ هر طرح جون عوام دشمن ۽ جمهوريت دشمن ڪارروايون ڪنديون رهيون آهن. هن سنڌي ڪتابن، رسالن، پريسن تي بندش وڌي. هارين، شاگردن، ادبين ۽ شاعرن کي گرفتار ڪيو. مٿن ڪوڙا ڪيس ڪيا، ڪين ڏهائڙ ۽ هيسائڙ لاءِ سندن مٿن مائٽن، مائن ۽ پيٽن کي ٽاٽن تي گهرائي، سندن بي عزتيون ڪيون. جيئن جيئن چوندڙون ويڄهيون ايندیون ويون، تيئن تيئن سنڌي عوام خلاف آپيشاهي ۾ ٻ تيزي ۽ شدت ايندي ويئي. وڏي رڃابنديءَ سان سنڌي سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن، هاري ۽ مزور اڳواڻن ۽ ڪارڪنن، شاگرد اڳواڻن ۽ ڪارڪنن، ادبين ۽ شاعرن کي گرفتار ڪيو ويو ته جيئن چوندڙ دوران سياسي هلچل ۾، سنڌي عوام ۾ ڪابہ سياسي چرپر نہ آندي ويڄي سنڌي عوام اڳيان پ پ سرڪار جا پول پڌرا نہ ڪيا وڃن، سنڌي عوام پنهنجي حقيقي راءِ جو اظهار نہ ڪري سگهي ۽ اهڙيءَ ريت پرمار شاهي قوتن کي ڏيڪاريو وڃي ته سنڌي ماڻهو سپ پ پ جي پويان آهن. وڏيرا شاهي انهن سنڌ دشمن قوتن جي دلالي ڪرڻ لائق ۽ اهل آهي. تنهن ڪري اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويهڻ جي پيپلز پارٽي ئي حقدار آهي. اها ڳالهه ثابت ڪرڻ لاءِ ته سنڌي ماڻهن جي "اڳواڻي ۽ نمائندگي" ۾ هن جو ڪوبہ ثاني شريڪ ڪونهي ۽ پ پ جي حمايت کان سواءِ سنڌي ماڻهن کي ٻي ڪابہ وائي وات ڪونهي ۽ پيپلز پارٽي جي وڏيرا شاهي حڪمران ٽولي چوندڙ دوران سڄي پاڪستان مان سيني کان وڌيڪ ڏاڏلیون سنڌ ۾ ڪيون ۽ سنڌ مان ئي گهٽي مان گهٽا ميمبر بنا مقابلي چونڊيا ويا.

اهڙيءَ ريت سنڌي ماڻهن جي وڏي گهٽائي کي ووٽ جي بنيادي انساني حق کان بہ محروم ڪيو ويو. هاڻي جڏهن وري نئين سر چوندڙون ڪرايون پيون وڃن ته اقتدار جي سوديبازيءَ ۾ هٿ چاڙهي وڃهڻ لاءِ پيپلز پارٽي وري بہ سنڌ مان 'پڌي حساب' سان پنهنجا ميمبر چونڊائڻ جي سر ٽوڙ ڪوشش ڪندي. سندس وري بہ اهائي پاليسي رهندي ته سنڌي ماڻهن ۾ اثرائتي مخالف جا سمورا دروازا بند رکيا وڃن. اهوئي سبب آهي جو قومي اتحاد جا

ماڻهو ته چڏيا ٿا وڃن پر سنڌي سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻ ته پري رهيو پر اهڙو رويو اختيار ڪيو پيو وڃي، جڙ هن مسئلي جو ڪو وجود ئي ڪونهي. جيڪڏهن عوامي دباءُ کان مجبور ٿي سرڪار کي سنڌي سياسي قيدي چڏڻا ٻ پيا ته وري کين پين ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ۽ سندن سرگرمين تي مختلف طريقن سان پابنديون وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. نظر ائين اچي رهيو آهي ته ايندڙ چند مهينن دوران جمهوري ۽ قومي حقن ۽ آزادين لاءِ سنڌي ماڻهن جي سياسي سرگرمين ۾ رندڪون وجهڻ، انهن کي محدود ڪرڻ ۽ مٿن مختلف نمونن سان بندشون وجهڻ جي سرڪار سرتوڙ ڪوشش ڪندي. ٻئي پاسي قومي اتحاد ۾ ٻ جيڪي سياسي قوتون ڇانيل آهن، تن جي ٻ اهائي مرضي آهي ته سنڌي ماڻهو سجاڳ، متحد ۽ منظم تي پنهنجي قومي ۽ طبقاتي حقن لاءِ ڪا اثرائتي جدوجهد نه هلائي سگهن.

انهن حالتن ۾ سنڌي عوام وٽ صرف هڪ ئي رستو آهي: ۽ اهو آهي وسيع بنيادن تي اتحاد قائم ڪرڻ. سنڌ جي وطن دوست تنظيمن، گروپن ۽ فردن کي گهرجي ته هو پنهنجا ڌار ڌار پروگرام رکندي ۽ سندن پروگرامن ۽ پاليسين ۾ جيڪي اختلاف آهن، انهن اختلافن کي پنهنجي جاءِ تي رکندي، موجوده حالتن ۾ ڪنهن گهٽ ۾ گهٽ پروگرام تي متفق ٿي، اتحاد ڪرڻ گهرجي. اهڙي اتحاد وسيلي ڌار ڌار ۽ ننڍيون توڙي وڏيون قوتون گڏجي هڪڙي اثرائتي قوت بنجي سگهن ٿيون. موجوده حالتن ۾ انهيءَ اتحاد وسيلي سنڌي عوام ۾ سندن قومي ۽ طبقاتي مفادن لاءِ سياسي سجاڳي، پڌري ۽ چوپر هلائي سگهجي ٿي ۽ گڏوگڏ مخالف قوتن ۾ تضادن جي مدنظر سنڌي عوام جي مفادات جو ٻ ڪنهن حد تائين بچاءُ ڪري سگهجي ٿو.

سنڌي عوام جي دائمي توڙي فوري مفادن جا اهم ۽ بنيادي معاملا اتحاد لاءِ گڏيل پروگرام جو بنياد بنجي سگهن ٿا: سچي پچي صوبائي خودمختاري ۽ صوبن درميان برابري جا ناتا، سنڌي ماڻهن جي تقرير، تحرير، تنظيم ۽ پين جمهوري حقن ۽ آزادين جي حاصلات ۽ بچاءُ، قوميتن خلاف آرڊيننس جي منسوخي، سنڌي ٻولي جي قومي ۽ سرڪاري حيثيت، هنگامي حالتن ۽ حيدرآباد سازش ڪيس جو خاتمو، اثرائتا ۽ حقيقي زرعي سڌارا، ڌارين جون قبايل زمينون، جايون ۽ ملڪيتون سنڌي ماڻهن کي موٽي ملڻ، ڪوٽا سسٽم، نوڪرين، واپار ۽ تعليم ۾ سنڌي ماڻهن جي حقن جي حاصلات وغيره اهڙا معاملا آهن جن کي گڏيل پروگرام جو بنياد بنائي سگهجي ٿو.

سنڌ جي ترقي پسند ۽ وطن دوست قوتن کي اڳتي وڌڻ ڪپي ۽ اتحاد لاءِ گهربل ڪوششن ۾ پهل-قدمي ڪرڻ گهرجي.

[ماهوار "تحريڪ" جولائي 1977ع]

هيءُ وقت تمام اهم آهي

اڄ سجو ملڪ مارشل لا هيٺ آهي، قومي اسيمبلي، سينيٽ ۽ صوبائي اسيمبليون ٽوڙيون ويون آهن. عام چونڊن لاءِ اعلان ڪيو ويو آهي ته اهي آڪٽوبر ۾ ٿيندیون، جن لاءِ چونڊن جو نئون قانون ناهي پڌرو ڪيو ويو آهي. پيپلز پارٽي ۽ پاڪستان قومي اتحاد جي جن اڳواڻن کي حفاظت ۾ ورتو ويو هو، تن کي 25 ڏينهن کان پوءِ آزاد ڪيو ويو آهي. پهرين آگسٽ کان عيد تائين فقط چئن ديوارن اندر سياسي سرگرمين جي اجازت هوندي.

اهڙيءَ ريت ملڪ ۾ نئين سياسي اٽل پاٽل شروع ٿي ويئي آهي. حاڪم ٽولن جون مختلف ڏريون حالتن جو نئين سر جائزو ونڊي رهيون آهن. اهي پنهنجي ۽ پنهنجي مخالفن جي طاقت کي توري تکي رهيون آهن. اهي پنهنجي اصلوڪي قوت کي برقرار رکڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪندي، پنهنجي وس ۽ سگهه ۾ واڌارا آڻڻ، نوان توڙي پراڻا ماڻهو ۽ ٽوليون پرتي ڪرڻ جي وٽ پڪڙ ۾ لڳل آهن. مختلف سياسي اڳواڻن جا بنگلا 'معلوماتي مرڪز' ۽ 'پرتي ڪرڻ جي آفيس' ۾ تبديل ٿي ويا آهن. معلومات حاصل ڪرڻ ۽ پرتي ٽيڻ جي خواهشمندن جي ڀ ڪوٽ نه آهي. هي پـ طرفي ترئفڪ زور شور سان جاري آهي.

هن سجي چڪ چڪان، وٽ پڪڙ ۽ ڇڪ ڏاه جو مقصد هيءُ آهي ته ايندڙ پنجن سالن تائين پاڪستان جي مظلوم ماڻهن ۽ مظلوم طبقن تي راڄ ڪرڻ جو وڏيڪ لائق ۽ حقدار ڪير آهي.

سموري ملڪ وانگر سنڌ ۾ انهي سياسي جوڙ توڙ ۾ وکوڙجي ويئي آهي. سنڌي وڏيرا گذريل ڪئين هفتن کان ڇڪ ڇڪان ۾ لڳي ويا آهن. هو ڪڏهن ڪنهن هڪ جي در تي ٽڪ پهچن ته ڪڏهن ٻي جي در تي وڙ جانچيا ٽڪ وڃن، ڪاٽا لڳايا پيا وڃن، اڳهه پار پچيا پيا وڃن، وفاداريون تبديل ٿي سگهن ٿيون، ليبل بدلجي سگهن ٿا، دشمنيون دوستين ۾، ۽ دوستيون دشمنين ۾ مٽجي سگهن ٿيون. وري نوان روپ اختيار ٿي سگهن ٿا ۽ پراڻن روپن کي رندا هٽي چمڪائي سگهجي ٿو، هر ڳالهه جو دارومدار انهيءَ تي آهي ته اقتدار جي ڪرسي ڪيڏانهن ويندي ۽ دربا، عالي ۾ ڪنهن جو مرتبو ڪهڙو

ٿيندو.

اسين گذريل ڪچ مهين کان اهو ورجائيندا پيا اچون ته پيپلز پارٽي يا پاڪستان قومي اتحاد مان ڪنهن به هڪ ڌر جو ڀيچ ٿيڻ سنڌي عوام جي لاءِ سخت هاڃيڪار ٿيندو. سنڌي عوام لاءِ هڪ ٻ صرف هڪ ئي واٽ آهي ته اهي پنهنجي فوري ٻ دائمي مفادن جي آڌار تي هڪ جمهوري وطن دوست اتحاد قائم ڪن. جيتوٽيڪ اهڙي اتحاد لاءِ ڪي وطن دوست ڌريون ٻ ماڻهو ڪافي وقت کان ڪوششون ڪندا ٿا اچن ٻ ويڇڙائي ۾ انهن ڪوششن ۾ تيزي به آئي آهي پر هيستائين انهي ڏس ۾ ڪي خاص ڪاميابيون حاصل نه ٿي سگهيون آهن.

اسين انهي جمهوري وطن دوست اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ ڪن اهم ٻ بنيادي اصولن کي چٽو ڪرڻ ضروري ٿا سمجهون. اهو اتحاد سنڌ جي وطن دوست سياسي ڌرين ۾ ٿيڻ گهرجي ٻ انهيءَ ۾ اهڙن ماڻهن کي هرگز نه آڻڻ گهرجي جن جو رڪارڊ سنڌ دشمن ٻ عوام دشمن رهيو آهي. اتحاد ۾ شريڪ ڌرين جو هڪ ٻئي ڏانهن برابري وارو رويو هڻڻ گهرجي ٻ سمورا فيصلا جمهوري اصولن موجب صلاح مصلحت جي بنياد تي ٿيڻ گهرجن. اتحاد جو پروگرام اهڙن نڪتن تي ٻڌل هجي جيڪي موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي، سنڌي عوام جي مفادن مطابق هجن.

جمهوري وطن دوست اتحاد سنڌ ٻ سنڌي عوام جي اڄ جي وڏي ۾ وڏي ضرورت آهي. جيڪڏهن خدانخواسته ڪن سببن ڪري اهو نه ٿهي سگهيو ته سنڌي عوام کي وڏا نقصان رسندا ٻ انهن نقصانن جو اثر اسان کي تمام گهڻي عرصي تائين سهڻو پوندو. انهيءَ اتحاد کي قائم ڪرڻ ٻ هلائڻ لاءِ سڀني وطن دوست سياسي ڌرين، انهن تنظيمن جي سمورن ڪارڪنن کي اپيل ٿا ڪريون ته هو انهي اتحاد قائم ڪرائڻ لاءِ پنهنجن تنظيمن اندر ٻ باهر پرپور ڪوشش ڪن. اسين سڀني سنڌي ماڻهن کي اپيل ٿا ڪريون ته هو انهي اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ وس آهر جاکوڙ ڪن.

[ماهوار "تحريڪ" آگسٽ 1977ع]

چونڊون

سڄي ملڪ ۾ چونڊن جو ڪم زور شور سان جاري آهي. حسب دستور ٽورا ماٹھو لکھا، ڪروڙھا ماٹھن تي راڄ ڪرڻ لاءِ پنھنجي ھٿن کي ٽاھڻ، چمڪائڻ ۽ ھر قسم جو وکر آٹي وکٽڻ لاءِ واڪ پيا ڏين. عوام جي ڏک ۽ پاڳي پائيوار ٽيڻ، کير جون ندیون ۽ ماکيءَ جون نھرون وھائڻ جا وعدا ۽ وچن پيا ڪن. ڏڙيل ۽ ماريل اٻوجھ مسڪين عوام کي پنپلائڻ لاءِ تيرھن تال ڪيا پيا وڃن، جن تنظيمن ۽ پارٽين يا عمر عوام دشمني ڪئي، جن جا ھٿ عوام جي رت ۾ رڳيل آھن، انھن کي به عوام جي ڏک جھوري، ڳاري ۽ ساڙي رکيو آھي. اھي سڀ ترڪتال ۽ ھنبوچيون ايا محدود سياسي سرگرمين ھوندي پيون لڳن پر جلد ئي آزاد سياسي سرگرمين جي اجازت ملڻ واري آھي. ان وقت ايندي ئي اھي ساڳيا عوام جا ويري ۽ قاتل اکين ۾ لڙڪ آٹي، ڳچي ۾ ڳڙھ پائي، وات ۾ پادر وجھي عوام اڳيان ھٿ جوڙي سندن خادم ۽ ٽڪن ورتل بانھا ۽ گولا بنجي ووٽ وٺڻ جي بھاني جيڪي سانگ ڪندا انھن جو تصور به نٿو ڪري سگھجي. ڇو جو جيئن جيئن عوام جو شعور وڌي ٿو تيئن تيئن بدمعاش ۽ ڦورو طبقا ۽ ٽولا عوام کي غلام بنائڻ ۽ سندن مٿان راڄ ڪرڻ لاءِ نوان نوان ڪوڙڪا ۽ چار ٽاھين ۽ اُٽين ٿا. جي عوام ان موقعي پرست طبقي جي چالن کان واقف آھي تہ سندن ڏک گسايو وڃي ۽ جي عوام ويساھ وسوڙيل آھي تہ سندن دام ۾ ڦاسيو پوي. بدقسمتي سان سنڌي عوام جو گھٹو حصو ايا موقعي پرست وڏيرڪي طبقي جي انھن چالن ۽ ٽلن کي سمجھي نہ سگھيو آھي. ان ناسمجھي جو فائدو ونڊي وڏيرڪو موقع پرست ۽ ڏارين جو دلال طبقو متان ھن پيري به سنڌي عوام کي ڏک ڪيڊي نہ وڃي، ان لاءِ سنڌ جي سينڌي باضمير محب وطن ۽ عوام دوست فردن ۽ ڏرين جو اھو تاريخي فرض آھي تہ عوام کي ھر حال ۾ خبردار ڪندا رھن. ائين نہ ٿئي جو اھو ويڪائو طبقو سنڌي عوام کي ڪمند جي لٺ وانگيان چوسي، ڪم ڪيڊي ڦٽو ڪري پاڻ وڃي عوام دشمن ۽ ڏارين جي پيرن ۾ پناھ ونڊي ۽ مسڪين عوام تي ڇڄ ڪرائڻ ۾ انھن سان جُٽ ٿئي.

اسين ھن کان اڳ به لکي چڪا آھيون تہ سنڌي عوام کي موجوده

اليڪشني ويڑهه ۾ ڪنهن به هڪ ڌر جو ڇڇ ٿي لٽڪڻ مان ڪجهه نه ورندو. سنڌي ماڻهن کي پنهنجو پاڻ تي پاڻڻ گهرجي ۽ قومي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ سڀني ويچن کي وسارڻ گهرجي.

اسان جو ايمان آهي ته اليڪشنون وغيره قومي حقن ۽ قومي دردن جو دارون ناهن. لطيف سائين واري ڳالهه "روزا نمازون اهو پڙ ڇگو ڪمه پر اهو ڪو ٻيو فهم جنهن سين پسجي پرين کي" اليڪشن به ان گس تي ويندڙ هڪ نندڙو اسٽاپ آهي. اسان کي نهايت سوچ ۽ سمجهه کان ڪم وٺي پنهنجي حقيقي منزل ڏي وڌڻ لاءِ اليڪشن واري دور مان به وڌي سوچ ۽ سمجهه سان لنگهي پار پوڻو آهي ان لاءِ اسان کي اهڙن اميدوارن کي ووٽ ڏيڻ گهرجي جن سندِ جي مفادن لاءِ عملي طرح ڪجهه ڪيو آهي، ڪجهه سَٽو آهي ۽ جيڪي ايمانداري ۽ سچائي سان مسڪين ماڻهن جا هڏڙوکي ۽ پلو چاهيندڙ آهن.

[ماهوار "تحريڪ" سيپٽمبر 1977ع]

عوام ئي سوپارو ٿيندو

جڏهن تازو زبردست تحريڪ هلي ۽ عوام دشمن وڏيرڪي ڊڪٽيٽرشپ ۽ نادر شاهي جو هڪڙو اونداهو ۽ ظالم دور ختم ٿيو، تڏهن ڪيترن عام ماڻهن سک جو ساهه کنيو. ماڻهن سوچيو ته 'هاڻ ڪو زمانو گهٽ ۾وست مان ڇٽا پيا هونداسون. وڏيرڪيون قرون، لٽون، ظلم ۽ خرمستيون ختم ٿيندیون. وڏيرڪين درٻارين ۽ "ڪليل" ڪچهرين ۾ سجدا ڪرڻا نه پوندا. ماڻهن جا ڪنڌ وري مٿي کڄندا. زبانن تان ٻوٽاڙا لهندا. قلمن تان پهرا هٽندا. ڊي-پي-آر ۽ ڪرائيم ڪنٽرول جهڙا گهاٽا بند ٿيندا. قلمن تان سالن جا چڙهيل ڪٽ لهندا. دل ۽ دماغ، ذهن ۽ ضمير جا قفل ڇٽندا. ٽاٽا جيل ۽ عذاب گهر ويران ٿيندا ۽ دلين جون اجاڙيل بستيون آباد ٿيندیون.'

پر قومي اتحاد واري تحريڪ مان عوام کي حقيقت ۾ ڪجهه به پلئه نه پيو. اتلو جيڪا هڙ ۾ هئن اهو به ڦرائي ويٺا. ماڻهو هراس ۽ تفرقي ۾ آهن. چؤطرف مهانگائي، بيروزگاري، چانٽي، رشوت، تعصبيت، به اڪيائي، انڌي انتقام پسندي، آپيشاهي، ڏهڪاءُ ۽ دهشت جا ست سيا راڪاس "آدم بوءِ! آدم بوءِ!" پيا ڪن.

پين علائقن جي خبر اتي جي ماڻهن کي هوندي باقي هتي سنڌ ۾ ته نفسا نفسي لڳي پيئي آهي. پيپلز پارٽيءَ وارن کان حساب وٺڻ جي بهاني ڪامورا شاهيءَ سنڌي ماڻهن سان ڪيس ڪري چڏيا آهن. ڪانو ڪي لڙ ۾ مزو. تعصبي ۽ عوام دشمن پرمار ٽولي جي ته اصل پيڳهي مچي ويئي آهي. روز ڪنهن نه ڪنهن مسڪين جي در تي ڏنبلو وڻيو ٿورا ٽيا ٻيٺا آهن چي "يه پيپلز پارٽي ڪا آدمي هي، اس ني هماري ملڪيت چهيني تهي." اهڙي طرح بي گناه ماڻهن کي سندن گهرن، زمينن، نوڪرين ۽ گذر جي وسيلن تا لوڏي ڪڍيو پيو وڃي. پئي طرف پيشي ور چغلن جي چاندي ٽي پيئي آهي. وڏيرن جا ولر ڪامورا شاهيءَ کي گهيرو وجهيو ويٺا آهن ۽ اٺ ئي پهر سندس ڪن تي وات رکيو ويٺا زهريليون ڦوڪون ڏين. چي "فلاڻي جي فلاڻي نس ڪمزور آهي. اتي زور ڏيوس ته پاڻهي رڳو پئسا ٽي پوندو."

مسڪين جا ساه مٺ ۾ آهن ۽ هو سوچين پيا تہ "چورن کا چتاسون، گهل تان پياسون. پيپلز پارٽيءَ جي وڏيرا شاهيءَ 'ادا ادا' ڪري اک ڪڍي ورتي. اتحادي اها اک تہ ڪونہ ٿا وجهن مورڳو رهيل ٻي اک ٻہ ٿا ڪيائين."

هوڏانهن پيپلز پارٽيءَ جا ڪُٽيءَ کايار مجنا وڏيرا سڄو ملڪ ڪرٽي کائي، پينگ ڪري، هاڻ حساب ڪتاب ڪرڻ مهل ائين گم شم ٿي ويا آهن جيئن ڳڻون جا مٺيان ڏند. چئو تہ ڪر هن پٽ ۾ ڪڏهن هئا ئي ڪونہ. اهي رت ڏيڻ مهل سدائين گم ٿيندا آهن. پر پٽ کائڻ مهل الائي ڪٿان اچي نڪرندا آهن. اک چنپ ۾ ٻين کي ڏکا ڏيئي، سڄو مال پاڻ چٽ ڪري وري گم ٿي ويندا آهن. هينئر رت ڏيڻ جو وقت آهي. اهو ڪم عوام جو آهي. اهو ڪم عوام لاهين ۽ ڪُٽيءَ جو ديڳڙو تيار ڪن تہ پوءِ هي هڪئي تڪئي تي هڪدم حاضر ٿيندا ۽ پٽو صاحب اڳي وانگر ورهائي وري ٻہ انهن کي ڏيندو ڇو تہ رت دانگيءَ تي ٻہ وري پئي. اهي سندس طبقاتي ست سگ آهن. عوام جي سياسي ملڪيت جا جائز وارث وري ٻہ اهي ئي آهن. ملڪ جي سياسي زميندارياءَ ۾ ڪاتو وري ٻہ انهن جو ئي وجهندو. ڪارن، پرمٽن، عهدن، ٽيڪن، ميمبرين، وزارتن جا وارث ٻہ اهي ئي بنايا ويندا. عوام کي وري ٽلهو ڪوڙ ۽ ٽلهي گندي ڪلهي تي ڏنا ويندا. ڇو تہ سج اوپر بدران اولهه کان ايري سگهي ٿو پر وڏيرو وڏيري کي چڏي عوام کي اقتدار ڏئي سو ٿي نٿو سگهي.

پر هينئر ڪو رڳو پٽي جي جيئڻ جو نالو ٿو وٺي تہ اهي ساڳيا پٽي صاحب جا وارث پيپلا وڏيرا چتا ٽيبو پون. چي "ميان اسان کي مارائيندا سو تہ پلي پر پٽي جو سر تہ نہ وڃايو!" پر جيڪڏهن ماڻهن ساري ڪٽي، تہ پوءِ اهي جيڪي ڪوئن وانگر پرن ۾ لڪا وينا آهن، سي ڦري تيس مار خان ٿي پوندا. عوام خلاف جهلي ڇهل نہ ڏيندا. وري ٻہ اهائي لانگ پئي لڳندين. وري ٻہ ماڻهو ماريندام جيل پريندام وري ٻہ ملڪ ڦري کائي چٽ ڪري چڏيندام وري ٻہ خدا جي خلق جو جيئڻ حرام ڪري چڏيندا. پوءِ عوام وري ٻہ ڪين هٽي ڊاهي رکندو.

درحقيقت پاڪستان جي تاريخ هاڻ هڪڙي اهڙي ڏاڪي کي رسي چڪي آهي جتي عوام هٿان ڌهڙ هر عوام دشمن ٽولي جو مقدر بنجي ويو آهي. ملڪ جي وڏيرڪي ۽ سرمائيدار طبقن ۽ سندن دلالن جو سياسي موت تاريخ جي لوح محفوظ ۾ لکجي چڪو آهي. ايوب شاهي هجي يا يحيٰ شاهي، وڏيرا شاهي هجي يا ڪا ٻي آپيشاهي، ڪوبہ عوام دشمن ٽولو تمام گهٽو وقت عوام جي سيني تي سوار رهي نٿو سگهي. عوام وقت جي يونيورسٽيءَ ۾ ڊنگن کي ڊيري ڪرڻ جو علم پيو پرائي. کي سکيو آهي کي سکندو. تان

جو ”نہ هوندیون حویلیون نہ رهندا کي ٹاٹا.“

انهيءَ وچ ۾ واعدا پورا ٹيڻ کپن. رشوت خوري بند کرڻ، مهانگائي ختم کرڻ، ڪارا قانون ختم کرڻ، جمهوري آزاديون ڏيڻ جا واعدا پورا ٹيڻ کپن. آزاد ۽ بي ريا چوندن جو واعدو پورو ٹيڻ کپي. ڦٽڪن جي سياست ختم ڪري عوامي جمهوري سياست رائج کرڻ کپي. هلال پاڪستان، نصرت سميت اخبارن رسالن تان پابنديون هٽائڻ کپن. پريس کي گهربل آزادي ڏيڻ گهرجي. پٹو، ولي خان، خير بخش ۽ بيا سمورا سياسي قيدي آزاد کرڻ کپن.

پي طرف عوام کي پنهنجي پلي لاءِ وڏيراشاهيءَ تي لڏ لاهي ويهي هرگز نہ رهڻ کپي. اسان کي پاڻ ۾ بڏي کرڻ گهرجي. وڏيرا شاهيءَ کان سياسي بيک پنڊ بدران پنهنجو گذر سفر پنهنجي ئي سياست وسيلي کرڻ گهرجي. پنهنجو تنظيمي تڏو ناهڻ گهرجي، ان ۾ پنهنجو نظرياتي سوجهرو کرڻ گهرجي. عوام جي سياست لاءِ موسم هروپرو خراب ڪانهي. فقط صاف دماغن، روشن ذهنن، پرجوش دلين ۽ سڃاڻ هٹن جي ضرورت آهي. هٹ هٹ کبو ٹ اهي بہ کوڙ اچي ويندا. ججهن ڪنئي ڇپر بہ کڇيو پون. هن دور ۾ فتح عوام جي ئي آهي ۽ عوام ئي سويارو ٹيندو.

[ماهوار ”تحريڪ“ آڪٹوبر نومبر 1977ع]

سادات جو اسرائيلي دورو

مصر جي انور السادات جڏهن اعلان ڪيو ته 'هو اسرائيل ويجي، اسرائيلي سرڪار سان گالهيون هلائيندو ۽ اسرائيلي پارليامينٽ ۾ تقرير ڪندو.' ته سڄي عرب دنيا ۾ ڪهرام مچي ويو، سڄي دنيا ۾ سادات جي انهيءَ دوري چوپول مچائي ڇڏيو. ليبيا مصر سان سفارتي ناتا ٽوڙي ڇڏيا ۽ سادات جي سرڪار کي مصر جي جائز حڪومت ماڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. شام، ليبيا ۽ عراق ان ڏينهن تي قومي سوگ ملهايو. الجزائر ۽ انهيءَ دوري جي مخالفت ڪئي. ڪويت، لبنان ۽ سعودي عرب جهڙن ملڪن کي ۽ سادات تي تنقيد ڪرڻي پيئي. خود مصر جي وزير خارجه سادات جي پاليسي خلاف احتجاج طور استعفا ڏيئي ڇڏي ۽ سندس جاءِ تي مقرر ٿيل قائم مقام وزير خارجه ۽ ساڳئي ڏينهن تي استعفا ڏيئي ڇڏي. فلسطين جي آزادي واري تنظيم سادات جي دوري کي عرب قوم سان غداري ۽ موجوده دور جي عرب تاريخ جو خطرناڪ ڪم سڏيو ۽ فلسطيني مجاهدن کي حڪم ڏنو ته 'دوري واري ڏينهن اسرائيل جي اهم فوجي ٺڪاڻن تي حملا ڪري پنهنجي ڪاوڙ ۽ نفرت جو اظهار ڪن.' سڄي دنيا جي انصاف پسند حڪومتن انهيءَ دوري جي مخالفت ڪئي ۽ انهيءَ تي ڳڻتي ڏيکاري. دنيا جي سڀني حق پرست تنظيمن ۽ عوام سادات جي دوري کي سڄي دنيا جي عوام ۽ خاص ڪري عرب عوام خلاف سازش قرار ڏنو. پر سادات کي سندس سرپرست آمريڪي سامراج، جي حڪم جي پوئواري ۾ اسرائيل ويڃڻو هو، سو هو ويو. انهيءَ ڏينهن آمريڪا جي صدر جمي ڪارٽر ديول ويجي سادات جي ڪاميابيءَ لاءِ دعائون گهريون. سادات اسرائيلي فوج جي سنگين جي ڇانوَ ۾ اسرائيل جي وزيراعظم بيگن ۽ ٻين اڳواڻن سان گالهيون هلايون، اسرائيلي پارليامينٽ ۾ تقرير ڪئي، مسلمانن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ مسجد اقصيٰ ۾ نماز پڙهي ۽ مسجد اقصيٰ جي مرمت جو ڀانو بنائي، اسرائيلي سرڪار سان معاهدو ڪيو. اهو معاهدو اسرائيل سان ڪنهن عرب ملڪ جو ڪليو ڪلايو پهريون معاهدو آهي. مصر واپس اچڻ کان پوءِ سادات مصر ۾ ڪانفرنس ڪوٺائي آهي جنهن ۾ اسرائيل، آمريڪا، روس ۽ اسرائيل سان سڌي ٽڪر وارن عرب ملڪن کي شرڪت جي دعوت ڏني

اٿس، ان ڪانفرنس کي گهٽي پاڳي سڀني ملڪن ويندي اردن تائين، ٽڪرائي ڇڏيو آهي. ليبيا وري رابلس ۾ عرب سربراهن جي ڪانفرنس ڪوٺائي آهي جنهن ۾ سادات جي اسرائيل واري دوري ڪري پيدا ٿيندڙ صورتحال سان گڏوگڏ مصر کي 'عرب ليگ' مان نيڪالي ڏيڻ ۽ 'عرب ليگ' جو هيڈڪوارٽر مصر مان هٽائي ٻي ڪنهن عرب ملڪ ۾ قائم ڪرڻ تي غور ٿيندو.

اها گاله پڌري پيئي آهي ته سادات جو اسرائيل وڃڻ، اسرائيل سان مسجد جي مرمت جي بهاني معاهدو ڪرڻ ۽ اسرائيل کي مصر ۾ گهرائي ڪانفرنس ۾ ويهارڻ، اسرائيل کي بحيثيت هڪ ملڪ تسليم ڪرڻ آهي.

ٻي جنگ عظيم کان پوءِ جڏهن انگريز، آمريڪي ۽ ٻين يورپي سامراجين جي مدد ۽ واهر سان يهودين، مڪڙن جي ڪٽڪن جيان اڇي فلسطين تي والار ڪرڻ شروع ڪئي، هٿياربند ڏاڙيل ٽولا ناهي هزارين لکين فلسطينين کي سندن گهرن مان ماري لوڏي ڪڍيو ۽ 1949ع ۾ اسرائيل ملڪ ناهڻ جو اعلان ڪيو، انهيءَ کان وٺي عرب ملڪن جون اسرائيل سان ٽي جنگيون ٽي چڪيون آهن، فلسطين جي مجاهدن اسرائيل خلاف سالن جا سال جدوجهدون هلايون آهن ۽ ڏڳهيون ۽ اڙانگيون لڙايون وڙهي هزارين جانيون قربان ڪيون آهن، لکها فلسطين مهاجر ٽيو ٻين ملڪن ۾ قائم ڪيل ڪئمپن ۾ دربدر ٽيو پيا آهن ته جيئن فلسطين تي اسرائيل جي ناجائز قبضي کي ختم ڪجي، فلسطين موٽي فلسطينين کي ملي، ۽ ٻين عرب ملڪن جا اسرائيل طرفان ڦٻايل علاقا پڻ موٽي انهن کي ملن. سادات آمريڪا جي فرمانبرداري ڪري عرب عوام جي رٽ سان ريٽيل هن تاريخي حقن تان هڪڙي ڏڪ سان هٿ کڻڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهي ۽ عربن جي عظيم جدوجهد تي ڇڻ پاڻي ڦيري ڇڏيائين.

ائين ڇو ٿيو؟ مصر جهڙو آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ نام ڪنيو ملڪ اوچتو هن حالت کي ڪيئن وڃي رسيو آهي؟

طبقاتي ۽ سياسي طرح دنيا کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويندو آهي. هڪڙي حصي تي سرمائيدار سنوان سڏا قابض آهن. ان کي سرمائيدار دنيا سڏيو ويندو آهي. ٻئي حصي تي مزور-هاري حڪومتون آهن. انهن کي سوشلسٽ دنيا سڏيو ويندو آهي. ٽئي حصي ۾ هاري گهٽا آهن پر راڄ وڏيرن جو آهي. ان کي ٽين دنيا سڏيو ويندو آهي. هيءَ دنيا جو وڏي ۾ وڏو پاڳو آهي. پاڪستان، هندوستان، مصر وغيره ملڪ هن دنيا جا ملڪ آهن.

هن ٽين دنيا يعني وڏيرڪي راڄ جي دنيا ۾ وڏيرن جو هڪ پاسي دنيا جي آمريڪي يورپي گبر سينين سان ٽڪر آهي. وڏيرا شاهي هاري عوام کان

جيڪا قرلٽ ڪري ٿي، تنهن مان وڏي پٽي مٿان ئي مٿان گبر سينيون ۽ سرمائيدار واپار جي ٻاني ڳڙڪايو وڃن ۽ ڪين نوڪر چاڪر ڪري هلائين ٿا. ٻئي پاسي ڪين هاري ۽ مزور عوام سان دشمني آهي جو هو ڪين وس پچندي قرلٽ ڪرڻ نٿا ڏين. جڏهن آمريڪي يورپي گبر سينيون ڪين گهٽو وڌو چڪ وجهن ٿا، تڏهن هو مزور-هاري دنيا يعني سوشلسٽ ملڪن ڏانهن ڏوڙن ٿا ۽ ڪائنس مدد ونڊي آمريڪي يورپي گبر سينين کي ڏيڇاري پنهنجي جند ڇڏائين ٿا. وري جڏهن سندن ملڪ جا مزور-هاري ۽ غريب عوام ڪين آساني‌ءَ سان قرلٽ ڪرڻ نٿا ڏين ۽ ڪائنس پنهنجا حق گهرن ٿا تہ هو هڪدم ڏوڙيو وڃيو سرمائيدار سامراجي دنيا يعني آمريڪي يورپي گبر سينين جي پيرن ۾ لُور لُور ڪن ۽ انهن جي آڻ مڃي، سندن شرط قبول ڪري، ڪائنس گذريل خطائن جي معافي ونڊي، ۽ ڪائنس مدد ونڊي، اڇيو، پنهنجي ملڪ جي عوام کي پيڙين ۽ ڪچلين. ٽي دنيا جي ذري گهٽ سمورن ملڪن جي حاڪم طبقن يعني وڏيرن ۽ ساٽن جُٽ سرمائيدارن جو اهو ئي ڪردار پئي رهيو آهي، يعني "ماسي ورائي، دم پنهنجي، دم پرائي."

آمريڪي يورپي سامراجي سرمائيدار ڪنهن حد تائين وڏيرن جي اها دبل پاليسي برداشت ڪندا آهن ۽ ان موجب هلت ڪندا آهن. پر ٽين دنيا جا جيڪي وڏيرا ليدر ۽ طبقا انهي‌ءَ دبل پاليسي‌ءَ تي هلندي هلندي ڪنهن مهل هلي چلي‌ءَ کان وڌيڪ ريڑھ پيڑھ ڪندا آهن ۽ سامراجين سان اڙي بازي ڪندا آهن يا پنهنجي لئي رکندا آهن انهن کي گبر سينيون تباھ ڪندي ويرم نہ ڪندا آهن. رڳو اڳوٽي جنگ عظيم کان پوءِ ۾ نهرو، لومبا، سوئيڪارنو نڪروما، مصدق، بن بالله، پٽو، اندرا گانڌي، شهزادو سيهانوڪ ۽ ٻيا. الائجي ڪيترا وڏيرن جا ليدر سامراجين جي بليڪ لسٽ تي اچي چڪا آهن، ۽ گهٽا سندن انتقام جي ليپيٽ ۾ اچي تباھ ٿي چڪا آهن. هو سامراجي سازش جو ڏڪ نہ جهلي سگهندا آهن، ان جو سبب اهو هوندو آهي تہ هو خود پنهنجي تنگ، ذاتي ۽ طبقاتي مفادن ڪري عوام سان مڪمل طرح وفادار ڪونہ هوندا آهن ۽ عوامي جدوجهد جي اصولن موجب عوام سان ملي هڪ ٿي عوام جي گڏيل اٽاھ طاقت کي بيدار ڪري چرپر ۾ آڻي سامراج سان سر ڏڙ جي بازي نہ لڳائيندا آهن ۽ عوام سان رڳو دبل پاليسي ڪري کين استعمال ڪري، اصل فائدو پنهنجي ذات ۽ پنهنجي طبقي جو گولينداآهن.

جيڪي "سمجهو ۽ ڏاهو" وڏيرا ليدر ۽ طبقا پاڻ کي ايتري بہ تڪليف ۾ نہ وجهڙ چاهيندا آهن سي سامراجي آقائن سان ٿورو ناز نخرو ڪري ۽ ٿوري ريڑھ پيڑھ ڪري آخر پنهنجي مناسب پٽي رکي هڪدم پنهنجي ملڪ ۽ وطن جو سودو ڪري چڏيندا آهن. ٽين دنيا جي گهٽن ملڪن جا وڏيرا طبقا

ء ليڊر سامراج جا تمام فرمانبردار ماڻهو ٿي گذارين ٿا. عرب بادشاه ء شيخ، ايران جو شهنشاه ء ٻيا اهڙا ليڊر سامراجين وٽ بلڪل پاس آهن. انهن "سمجهو ء ڏاهن، وڏيرن ليڊرن مان هڪڙو صدر سادات به آهي."

ناصر جي وفات کان پوءِ حڪمران طبقن جي سامراج نواز ساڃي ڏر سادات جي اڳواڻيءَ هيٺ مصر ۾ اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. سادات گورنمنٽ ناصر جي قوم پرست ء سامراج دشمن پاليسي ۾ ڏاڪي به ڏاڪي تبديليون آنديون. هن آزاد خارجہ پاليسي جي نالي ۾ مصر مان روسي مشير ڪڍي ڇڏيا، 'جمهوري آزادين کي بحال ڪرڻ' جا ڏينهورا ڏيئي سامراج جي چاڙڻن رجعت پرستن کي سياست ء صحافت جي ميدان ۾ ڇيڪ ڇڏيو ته هو سامراج نوازيءَ لاءِ ميدان تيار ڪن، معيشت کي پاڻ پيرو ڪرڻ جون خبرون ڪري مصر جي معيشت کي وڏ ۾ وڏ آمريڪي سامراج جي قرضن ء 'امداد' جي ٽوٽين تي بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي، اهڙيءَ ريت هن مصر ۾ اندروني طرح سخت رجعت پرستي ء سامراج نوازي کي چانئجي وڃڻ لاءِ رستو تيار ڪيو. ملڪ جي اندروني سياست ء پاليسين جي آڏار تي ئي انهيءَ ملڪ جي خارجہ پاليسي ٺهندي ء هلندي آهي. مصر جو رجعت پرست حڪمران ٽولو سادات جي اڳواڻي ۾ فلسطينين ء سموري عرب عوام جي مفادن جو سودو ڪري، آمريڪي سامراج جي دلالي ڪندي، اسرائيل سان ٺهڙ ٽو چاهي ٿ. اهو سندن طبقاتي ڪردار ء سندن طبقاتي ضرورت آهي، سامراج جي فرمانبرداري ڪرڻ سندن وجود جو لازمي جُز آهي.

آمريڪي سامراج ء سندس اسرائيلي توڙي عرب چاڙڻا پس پيش پنهنجي مقصدن ۾ ناڪام ٿيندا. پي دنيا وانگر عرب ۾ به فتح عوام جي ٿيندي ء غدار وڏيرا شاهي، دلال سرمائيداري ء رجعت پرست سامراج جون پاڙون ڏاڪي به ڏاڪي سڄي دنيا مان پٽجي ويندیون.

[ماهوار "تحريڪ" ڊسمبر 1977ع]

صحيح قدم

حيدرآباد سازش ڪيس ختم ٿيو ۽ ان جا قيدي آزاد ٿيا. اُها گاله تمام سڻي ٿي. سازش برابر ٿي هئي بلڪ تمام وڏي سازش ٿي هئي. پر جيئن ان وقت جي سرڪاري ٿي چيو ته سرحد ۽ بلوچستان جي ماڻهن ملڪ جي خلاف سازش ڪئي، سا گاله نه هئي. حقيقت ۾ پاڪستان جا حاڪم ٽولا گذريل 30 سالن کان وٺي ملڪ جي عوام ۽ خاص ڪري ننڍن صوبن جي عوام جي خلاف جيڪي سازشون ڪندا رهيا آهن، هيءَ سازش انهن منجهان هڪڙي هئي ۽ انهن مان سڀ کان وڏي ۽ سڀ کان خطرناڪ هئي. منصوبو سڻي، قوميتن خلاف قانون پاس ڪري، هڪڙي نئين نموني جي ڪورٽ ڪڍي ڪري، ان ۾ هي ڪوڙو ڪيس داخل ڪري، حاڪم ٽولن ننڍن صوبن جي عوام مٿان خوف ۽ دهشت جي هڪڙي اڳهاڙي تلوار لٽڪائي ڇڏي ۽ سمجهن لڳا ته قانون ۽ عدالت جو نالو ٻڌي ماڻهو غش ٿي ويندا ۽ ڪوبه اسان جي بي ايمانيءَ ۽ سازش کي سمجهي ڪونه سگهندو.

حقيقت ۾ پاڪستان جو هر حاڪم ٽولو قانون ۽ ڪورٽن جي آڙ وٺندو رهيو آهي ۽ پنهنجي هر ناجائز ۽ ظالم قدم کي عدالت ۽ انصاف جو فرمان ڪري پيش ڪندو رهيو آهي.

حاڪم طبقن ماڻهن کي منجهائي گمراهه ڪري کين پنهنجي قرلٽ ۽ ظلم جو شڪار رکڻ لاءِ سوين هزارين وهم، ۽ طلسم ٺاهيا آهن، تن مان هڪڙو آهي قانون بابت وهم ۽ عدالتن بابت طلسم. هو ائين ٿا ظاهر ڪن جڻ قانون، ڪورٽون ۽ سندس فيصلا آسماني ۽ الهامي شيون آهن. حالانڪ اهي سماج ۽ ماڻهن جا پيدا ڪيل آهن. جهڙو سماج تهڙو قانون ۽ تهڙيون ڪورٽون ۽ سندن فيصلا. قانوني طرح ڪورٽن کي اهو اختيار ڪونهي ته جيڪي قانون هو سڀ ۽ واجبي سمجهن سي ٺاهي انهن موجب فيصلا ڪن يا حاڪم ٽولن کي چون ته فلاڻو قانون ٺاهيو يا نه ٺاهيو.

قانون ڪير ٿو ٺاهي؟ قانون ڪورٽون ڪونه ٿيون ٺاهين، حاڪم ٽولا ٿا ٺاهين، ملڪ جي سياست جا مالڪ وڏيرا، سرمائيدار ۽ سندن حواري ٿا ٺاهين. اهي پنهنجي ئي فائدن لاءِ ٿا ٺاهين ۽ نه مظلوم عوام جي فائدن لاءِ.

انهن جو ٺاهيل قانون ڪهڙو به بي رحم، ڪهڙو به قاتل، ڪهڙو به اونداهو ڇو نه هجي. پر جي اهو حاڪم طبقن جي پنهنجي مرضيءَ موجب ٺاهيل بنيادي قانون يعني دستور موجب آهي تہ ڪورٽون ان جي تعميل ڪرڻ ۽ ڪرائڻ لاءِ بڌل آهن. تنهن ڪري ائين سمجهڻ تہ ڪا ڪورٽ جيڪو به فيصلو ڪري سو قانون کان قطع نظر پنهنجي ليکي به لازمي طرح صحيح ۽ حقي واجبي به هوندو، سا ڳالهه سراسر غلط آهي. خود ڪورٽن ورجائي ورجائي اها ڳالهه پئي ڪئي آهي. جيڪي ڪُنيءَ ۾ هوندو سو ئي پاڻ ۾ پوندو. جهڙو دستور ۽ قانون تهڙو ڪورٽ جو فيصلو. تنهن ڪري اصل ڳالهه ڪورٽ جو فيصلو نه آهي. اصل ڳالهه اهو قانون آهي جنهن هيٺ فيصلو ڪرڻ لاءِ ڪورٽ کي بڌل رکيو ويو آهي.

جيستائين قانون ٺاهڻ وڌيرن، سرمائيدارن ۽ سندن حوارين جي هٿ ۾ آهي. تيستائين عوام جي مرضي ۽ پلائيءَ موجب قانون جو ٺهڻ ۽ ان موجب فيصلن جي ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. هر ڪا سرڪار اهي حقيقتون لڪائي، قانون ۽ عدالتن جي آڙ ٿي ونڻي ۽ پنهنجي مرضيءَ موجب عوام دشمن ۽ ظالم قانون ٺاهي پوءِ عدالتن جي آڙ ونڻيو پاڻ کي پوتيءَ پاڪ ۽ عوام جي سامهون ڪورٽن کي ذميوار ڪريو بيهاريو ڇڏي. سو هن ڪيس ۾ به حاڪم ٽولي پنهنجي سازش جي سموري ذميواري هڪڙي خاص نموني جي ٺاهيل عدالت تي اڇلائي ڇڏي ۽ پاڻ شريف ٿي ويهي رهيا. هن سمجهيو تہ ماڻهو ڪورٽ جو اڪر بڌي بتال ٿي ويندا. ۽ ڪورٽ جي آڙ ۾ لڪايل عوام دشمن قانونن ۽ انهن کي بنائڻ وارن ۽ ان تي آپيشاهيءَ سان عمل ڪرائڻ وارن ڪورو ۽ ظالم عوام دشمن کي ڏسي ۽ سڃاڻي ڪونہ سگهندا. پر هو پليل هئا. سڄي ملڪ جي عوام ۽ خاص ڪري بلوچستان ۽ سرحد جي بهادر عوام جي دليراڻ ۽ حق پرست جدوجهد، قومي ۽ جمهوري حقن ۽ آزادين جو گلو گهٽڻ جي هن سازش کي ناڪام بنائي ڇڏيو ۽ حاڪم ٽولي کي مجبور ٿي هن ڪوڙ جي ڪوٽ کي پنهنجي هٿن سان ڪيرائڻو پيو ۽ قيدي آزاد ڪرڻا پيا. عبوري حڪومت ڪيترن غلط قدمن سان گڏ جيڪي ڪجه چڱا قدم کنيا آهن تن مان هي تمام اهم قدم آهي ۽ ملڪ جا جمهوريت دوست عوام ان جي آڃيان ٿا ڪن.

جمهوري حق ۽ آزادين ڏيو

پر ماڻهن جي جمهوري حقن ۽ آزادين جو گلو گهٽڻ لاءِ قانونن جي آڙ ونڻ واري دستوري حڪمت عمليءَ ۾ ڪابہ بنيادي تبديلي نہ ٿي آهي. اڄ به آپيشاهي قانونن جي آڙ ۾ سوين سياسي قيدي جيلن ۾ ائين بند آهن جيئن

پٽي جي دور ۾ ۽ ان کان اڳ هوندا هئا. اڄ به مائھن جي زبان تي تالا آهن. اڄ به مائھو جمهوري حقن ۽ آزادين کان محروم آهن. اڄ به مائھن کي پنهنجي پسند موجب نمائندا چونڊڻ جي حق کان مختلف بهاني سان محروم ڪيو پيو وڃي. اڄ به عوام خلاف بند ڪمرن ۾ محلاتي سازشون ٿي رهيون آهن. درحقيقت پاڪستان ۾ بنيادي سوال جمهوريت بحال ڪرڻ جو ڪونهي. جمهوريت هتي هئي ڪڏهن جا هاڻ وري بحال ڪجي! هتي سوال آهي ته مائھن کي پهريون پيرو پريور جمهوري حقن ۽ آزادين حاصل ٿين ۽ هن هيستائين پنهنجن جمهوري حقن ۽ آزادين جا جيڪي ٽڪر ٽوٽا وڙهي جهڙي هٿ ڪيا آهن سي کائنس کسجي نه وڃن. عوام ۽ خاص ڪري مزور، هاري، شاگرد ۽ ٻيا غريب پنهنجون آزادين طلبين ٿا. هو چاهين ٿا ته کين پنهنجن مسئلن، گهرجن ۽ خواهشن بابت آزاديءَ سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ، گڏجڻ، جلسا جلوس ڪرڻ، اخبارون ۽ رسالا ڪڍڻ جو حق ڏنو وڃي. ملڪ ۾ چونڊيل جمهوري حڪومت جلد از جلد قائم ڪئي وڃي. چونڊون واقعي آزاد ۽ غير جانبدار نموني ڪرڻ لاءِ سياسي پارٽين، ڏرين ۽ مائھن کي ان ۾ آزاديءَ سان حصو وٺڻ ڏنو وڃي. جن تي پابنديون آهن تن تان لاٿيون وڃن.

پيپلز پارٽي ڏاندليبازي ڪري جيڪي ڪوڙيون ۽ بوگس چونڊون ڪرايون انهن جو حشر دنيا ڏسي چڪي آهي. پر ڏسجي پيو ته ڪن مائھن ان مان ڪوبه سبق ڪونه سکيو آهي. هو پائڻين ٿا ته جيڪي پيپلز پارٽي کي نه ڇهيو سو اسان کي ڇهي ويندو. ان ڪري وري ڪوڙيون ۽ بوگس چونڊون ڪرائڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن. انهن جو حشر اڳين چونڊن کان سڀو نه ٿيندو آهي ۽ نه ٿيندو.

جيڪڏهن ملڪ جي سموريں سياسي پارٽين کي چونڊن ۾ هڪجهڙو پريور حصو وٺڻ نه ڏنو ويو ۽ منجهائنڻ ڪنهن به پارٽيءَ کي ڪنهن به بهاني سان چونڊن ۾ پريور ۽ آزاداڻ حصو وٺڻ کان روڪيو ويو ته پوءِ اهڙين چونڊن کي ڪير به حقيقي چونڊون ڪونه چوندو. اهو ڪوبه دليل ڪونهي ته فلاڻي پارٽي چونڊن ۾ ٽڪيون، بدمعاشيون ۽ فراڊ ڪيا تنهن ڪري اسين به سائن ائين ٿا ڪريون. ائين ته گذريل 30 سالن ۾ ڪنهن به پارٽي بوگس کان سواءِ ٻي ڪا چونڊ ڪاڻ ڪرائي آهي. مسئلو ڪنهن هڪ پارٽيءَ جو ۽ سندس جمهوري حقن جو ناهي. مسئلو سموري عوام ۽ سندس جمهوري حقن جو آهي. عوام کي حق آهي ته جنهن کي وٹيس تنهن کي نمائندو چونڊيءَ پوءِ پلي ڪٽي اهو ڪارو چور هجي. هڪڙن مائھن کي زوريءَ چونڊن مان خارج ڪري ميدان فقط ٻين پسند جي مائھن کي خالي ڪرائي ڏيڻ درحقيقت عوام جي چونڊ جي حق ۾ ڪلي ڪلاڻي ۽ غير واجبي دست اندازي آهي. اهڙي چونڊ

۾ چونڊيل ماڻهو ٻاهڙا ئي "عوام جا چونڊيل نمائندا" ليکبا جهڙا پيپلز پارٽي جا "بنا مقابلي چونڊيل" سمورا وڏيرا ليکيا ويا ٿي.

لازمي آهي ته اٽڪلبازي ۽ ڏاندليبازي جي وات ترڪ ڪري صاف ستري جمهوريت جي وات ورتي وڃي، اها ئي عوام جي مرضي آهي ۽ ان ۾ ئي ملڪ جي پلائي آهي. اهو تڏهن ٿي سگهندو، جڏهن ٻڌي ۽ ٻين پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن تان سمورا ڪيس واپس ونبي، ڪين آزاديءَ سان چونڊن ۾ بهرو ونڻ ڏنو وڃي ۽ عوام کي موقعو ڏنو وڃي ته جيڪڏهن هو چاهين ته پلي ڪيس سياسي طرح رد ڪري ڇڏين ۽ سندن مخالفن کي ڪامياب ڪن.

پورو پورو احتساب ڪريو!

حساب پلي ٿئي، ضرور ٿئي. هر حاڪم کان هر ڪاموري کان، هر سياستدان، هر وڏيري، هر سرمائيدار کان حساب ڪتاب ونڻ گهرجي. رڳو پنجن سالن جو ڇو؟ ٽيهن ئي سالن جو ڇو نه؟ فوجيءَ ۽ غير فوجيءَ جو فرق ڇو؟ گذريل 30 سالن ۾ جنهن به آئين سان هٿ چراند ڪئي هجي، جنهن به قانون ٽوڙيو هجي، جنهن به ماڻهو ماريا هجن، جنهن به زمينون، ڪارخانا ڦٻايا هجن، خلق آزاري هجي، يا اڪيائون، اقربا پروريون ۽ ٻيون بدمعاشيون ڪيون هجن، تنهن کان حساب ڪتاب ونڻ گهرجي چاهي هو ميمبر هجي يا وزير يا ايس پي هجي يا جنرل، آفيسر هجي يا واپاري، ڪارخانيدار هجي يا ڪو ٻيو.

عوام کي حساب ڪتاب تمام گهٽا ونڻا آهن. 30 سال حاڪم طبقن "اسلام"، "اسلام"، "پاڪستان"، "پاڪستان" ڪري سڄو ملڪ ڪرٽي ڪائي ڇڏيو. ڪوڙن ڪليمن ۾ شهرن جا شهر عوام کان کسي ورتا ويا، لکن ڪروڙن جون زمينون ڦٻايون ويون، حڪومتي مشينري تي ناجائز قبضا ڪيا ويا. سامراج جي دلال حڪومتن سامراجين جي اشارن تي پاڪستان کي هڪڙو سامراجي چمچو ۽ چاڙتو بنائي وڌو ۽ ڪيس ملڪان ملڪ خوار ڪري ڇڏيو. ون يونٽ مڙهي سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد کي ڦري پينگ ڪري ڇڏيو ويو ۽ ملڪ جي ٽڪر ٽڪر ٽيٽ لاءِ ميدان تيار ڪيو ويو. بنگال ۾ ڪوس ٽيا، بلوچستان ۾ بي دردي سان رتوچاڙ ٿي. تازو هنگاما ڪرائي مسڪين جا قتلام ڪرايا ويا. 30 سال ملڪي وسيلن تي ڪروڙن اربن جا ڏاڙا هنيا ڀئي ويا آهن. هزارين ماڻهن کي سالن جا سال پنهنجي حق لاءِ آواز اٺارڻ جي ڏوهه ۾ پوليس جو شڪار رکيو ويو آهي يا قيدن ۾ بند ڪيو ويو آهي ۽ 30 سالن جي انهن خرمستين، ڦرين، ڏاڙن، وطن فروشين ۽ خونريزين جو حساب ڪتاب ٽيٽ گهرجي.

گذريل 30 سالن جي حڪومتن جي سمورن پرزن کان حساب ڪتاب

ونڊ گهرجي. وزيرن، ميمبرن، وڏن آفيسرن کان، ناجائز مارشل لائون هٽي ملڪ تباه ڪرڻ وارن ايوبي، يحيٰ شاهي، جنرلن ۽ مارشلن کان، عوام جو رت چوسيندڙ وڏيرن، چوڌرين، خانن، سرمائيدارن، سينئن، ڪارخانيدارن کان، غندا گردي ۽ قتلام ڪرائيندڙ البدر ۽ الشمس جهڙين قاتل ۽ خوني تنظيمن ۽ انهن جي آقا ليڈرن ۽ سياسي پارٽين کان، ون يونٽن ۽ مارشل لا لڳرائڻ جون بچون ڪرائڻ وارن، بنگال ۾ ڪوس ۽ بلوچستان ۾ قتلام تي تاڙيون وڄائڻ وارن، سنڌ تي عليحدگيءَ جو ٽپو هٽي اتي قتلام ڪرائڻ لاءِ بچون ڪرائڻ وارن رجعت پرست ۽ عوام جي قاتل ليڈرن ۽ سندن قلم بردار چاڙڻن صحافين ۽ ليکڪن کان، حساب ونڊ جي سخت ضرورت آهي. سمورن کان ۽ ٻين انهن سڀني کان جن جي ڏڳهي لسٽ هن مختصر نوٽ ۾ اچي نٿي سگهي، ڪوليِ ڪوليِ حساب ونڊ گهرجي. باقي فقط پنهنجي هڪڙي مخالف ٽولي کي انتقام جو نشانو بنائي ان ڀهاني سان مورڳو عوام کان آزاد ۽ ٻي ريا چوندن جو حق ئي کسي ونڊ ۽ سندن زبانون سبي چڌن، اها مناسب ڳالهه ناهي. اها پاليسي بدلائڻ گهرجي ۽ هڪ طرفي، متاچري ۽ ذري جيتري احتساب بدران مڪمل، سڀ طرفو ۽ گهرو احتساب ڪيو وڃي ۽ احتساب جي آڙ ۾ آزاد چوندن جي عمل کي روڪيو يا نڪمو نہ بنايو وڃي.

اچو تہ گڏجي صلاح ڪريون!

پي پي تي جنهن وڏيرڪي ٽولي ڇاپو هٽي ناجائز قبضو ڪري ورتو هو، اهو واقعي سنڌي ماڻهن، جمهوري حقن ۽ سندن گذر جي وسيلن جو قاتل دشمن هو. ان جي اڳواڻ وڏي فخر سان فرمايو هو تہ ”ذاتي طرح آءٌ ڪوٽا سسٽم جي خلاف آهيان.“

پر هاڻ اهو ٽولو بہ رويو. هاڻ تہ جمهوري جا علمبردار آيا آهن. پوءِ سنڌي ماڻهن خلاف هي دشمني جي مهم ڇو جاري ڪئي ويئي آهي؟ سنڌ جي ڪارخانن جا دروازا اڳيئي اسان جي ’انقلابي‘ مزدور ليڈرن ۽ ڪارڪنن سنڌين لاءِ بند ڪرائي چڪي هئا. نوڪرين تي اڳيئي ٻيا قابض هئا، هاڻ تہ جيڪي ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌي مزور ۽ سرڪاري نوڪر هئا سي بہ ڏڙا ڏڙ پيا ڪڍجن.

پاڪستان جي ڪنهن سڌانوري وزيراعظم اعلان ڪرڻ فرمايو هو تہ ”سنڌي فقط گڏهه گاڏي هلائڻ جي لائق آهن“. ان فرمان تي مڪمل عمل ڪرائڻ لاءِ، ڪوٽا سسٽم ختم ڪري سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي هاري ۽ آبادگار ماڻهن لاءِ اڻ سڌي طرح جڙ ڊاڪٽري، انجنيئري ۽ ٻيا اهڙا پيشا بند ڪيا ويا آهن. هاڻ سنڌي فقط ڪلارڪ يا پٽيوالا وغيره ٿي سگهندا. سو بہ

فقط ۾ ٿي ڏينهن. سنڌ جي والاريل شهرن ۾ هزارين ڊگري بردار وينا آهن. انهن جي وچان سنڌين کي پس پيش ڪلارڪي ۽ پٽيوالي ۾ ڪاڻ ملي سگهندي. رهيل کهيل ڪسر پوري ڪرڻ لاءِ چٽيه لکڻ ڀارين جا نوان ڪٽڪ آندا پيا وڃن. هن دور ۾ هي چالون اڳوٽي ون يونٽ کان ۾ خطرناڪ آهن ۽ انهن جو لازمي نتيجو هوندو سوين دفعا وڌيڪ خطرناڪ ون يونٽ جو مڙهجڻ. هن وقت مارشل لا اختياري وارن کان سواءِ ملڪ ۾ ٻيون ۾ سياسي طاقتون آهن. هڪڙي پيپلز پارٽي جنهن کي ڪچليو پيو وڃي، ٻيو قومي اتحاد جيڪو عملي طرح ملڪ جو حاڪم آهي. اسان جا ڪيترا سنڌي ماڻهو ۽ تنظيمون يا ته قومي اتحاد ۾ آهن يا ان جي غير مشروط حمايت ٿا ڪن. اهڙي حالت ۾ جيڪي ۾ وطن دوست قومي اتحاد ۾ آهن يا ان جي مشروط يا غير مشروط حمايت ٿا ڪن. تن جو قومي ۽ اخلاقي فرض آهي ته قومي اتحاد تي زور آڻائي ڪوٽا سسٽم کي ختم ڪرائڻ جي سازش کي ٻنجو ڏيارائين. اها سنڌي ماڻهن جي تمام وڏي خدمت ٿيندي. ٻئي طرف سياسي اختلافن جي باوجود سنڌ جي سمورين وطن دوست پارٽين، تنظيمن ۽ ماڻهن جو فرض آهي ته هن ڏکئي وقت تي هڪٻئي سان ملي پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪن نقطن تي متفق ٿي گڏيل جدوجهد هلائين. اهو ڪم جلد نه ٿيو ته پوءِ وڏو نقصان ٿي ويندو، جنهن جي تلافي مشڪل ٿي سگهي. عوامي تحريڪ، سنڌي هاري ڪميٽي، جيئي سنڌ محاذ، اين-ڊي-پي جي سنڌي ليڊر شپ، مير صاحبان، پيپلز پارٽي جي وطن دوست ڪارڪن ۽ ٻين وطن دوست هاري، مزور ۽ شاگرد ۽ اديب وغيره تنظيمن ۽ ماڻهن کي هڪدم هڪٻئي سان له وچڑ ۾ اچڻ ۽ سنڌي عوام جي رهنمائي ڪرڻ گهرجي. ان گاله ۾ ڪنهن کي به پنهنجي ذاتي لئه ۽ معتبريءَ جو خيال نه رکڻ گهرجي ۽ به قدم اڳتي وڌي هڪٻئي کي ڏوري ڏسڻ گهرجي. جي ڪو سستي يا گس گساءَ ڪري ته ان تي ڪاوڙجڻ بدران ان کي سمجهائي سنئين رستي تي آڻڻ جي دل جان سان ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ائين ڪبو ته اوس ڪافي ڪاميابي ٿيندي ۽ اسين سڀ گڏجي هن خطري کي منهن ڏيئي سگهنداسين.

[ماهوار "تحريڪ" جنوري 1978ع]

بي دخليون بند ڪريو!

وڏيراشاهي طرفان هارين جون بي دخليون اڳي ڪان وڌيڪ زور شور سان جاري آهن. بي دخلين جي دانهن جو داد ڪرڻ واري وڏيرن جي رکيل ڪامورا شاهي آهي، جنهن جو ڏنڈو ئي آهي وڏيرا شاهي جي واهيپ ۽ ڪمداري ڪري، عيش عشرتون ڪرڻ. وڏيرڪن حاڪم ٽولن هارين بابت پنهنجي قانون کي اهڙو بنايو آهي جو ان ۾ بي دخلي تي بندش گهٽ آهي، بي دخل ڪرڻ جي موڪل گهٽي آهي.

ان عوام دشمن وڏيرڪي قانون جي آڙ ۾، ۽ ڪامورا شاهي جي مجرمانه مدد سان سڄي سنڌ ۾ بي دخلين جي باهه ٻري پيئي آهي. وڏيرا ۽ چوڌري پاڻ ۾ جٽ ٿيو، پوليس ۽ ڪامورن جون لوڏيون وٽيو، مسڪين سنڌي هاري عوام کي پنهنجن اباڻن پڊن تان تڙي پيا ڪيون. سرڪاري پروپيگنڊا مشينريءَ طرفان هارين، پورهيتن ۽ ٻئي عوام بابت بي رحم منافقيءَ واريون منيون مڙيون ڳالهيون اهي ئي هليون اچن. باقي عملي طرح تدارڪ ڪوبه ڪونه ٿيو آهي. عملي طرح تاثر اهو پيو ڏنو وڃي ته هاڻ هارين کي اڳي ڪان به وڌيڪ ظلم جو نشانو بنايو ويندو. ملڪ جي هڪڙي ڪنڊ ڪان ٻيءَ ڪنڊ تائين هارين خلاف هڪڙي باقاعدي پروپيگنڊا ۽ دباءَ جي مهم شروع آهي ته "هاري نڪما ٿي پيا آهن، هارين جو دماغ خراب ٿي ويو آهي" ٻيا ته نهيو پر سنڌيت ۽ وطن دوستي جا وڏا وڏا ٻلا لڳائي هلندڙ ۽ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي غم ۾ اوچنگارون ڏيندڙ ماڻهو به سنڌي هاريءَ جو يا هارين جي ڪنهن همدرد جو نالو ٿا ٻڌن ته سندن وات مان هارين ۽ سندن همدردن خلاف گلا ۽ گارگند جي گڏ وهيو اٿيو هلي.

پاڪستان هاري ملڪ آهي. پاڪستان جا ماڻهو بنيادي طرح هاري آهن. پاڪستان جو مکيه سهارو پوک آهي. ان جا وڏي ۾ وڏا ڪاتائو پٽ هاري آهن. هارين کان سواءِ هي ملڪ هڪڙو ڏينهن به هلي نٿو سگهي. تنهن ڪري سنڌ سان، سڄي پاڪستان سان خيرخواهيءَ جو بنيادي مطلب آهي سنڌ ۽ پاڪستان جي 80 سيڪڙي هاري ماڻهن سان خيرخواهي. جيڪو ماڻهو هاريءَ جو خيرخواه ناهي سو سنڌ جو ۽ پاڪستان جو خيرخواه ٿي نٿو سگهي. اهڙو

ماڻهو سنڌ جو، سنڌي ماڻهن جو، بلڪ سڄي ملڪ ۾ ملڪ جي ماڻهن جو دشمن آهي. ملڪ ۾ ٻيا ڪي سنڌ دشمن، وطن دشمن ۽ غدار هجن نه هجن، سنڌ ۾ ملڪ جي وسيع گهٽائيءَ يعني 80 سيڪڙو هاري عوام جا بدخواه ۽ دشمن هر حالت ۾ سنڌ دشمن، ملڪ دشمن ۽ غدار ڪري سمجهڻا پوندا. جيڪڏهن دنيا ۾ ڪا نمڪ حرامي آهي تہ هن کان وڌيڪ ٻي ڪا نمڪ حرامي ڪانہ ٿي ٿي سگهي جو هاريءَ جو اُپايل اَن کائي، سندس اُپايل کپڑو پهري، سندس پورهئي جو ڦل پارن پچن سوڏو کائي پي، مزا ماڻي، پوءِ سندس ٿورو ميڙ بدران اتلو ڪيس ايذائجي، تڙجي، سندس گلائون ڪجن، ۽ ڪيس گاريون ڏجن. اهڙا ماڻهو پل ڪهڙيون ۽ ڳالهيون ڪن، استيجن تي بيهي پلي ڪهڙي ۽ مخرج سان چاڙيون هڻي، ماڻهن جي همدرديءَ ۾ واڳوءَ وارا ڳوڙها ڳاڙين، پر هن هاري قوم ۽ هاري وطن ۾ ڪوبہ ايماندار ماڻهو ڪنهن بہ هاري دشمن کي وطن دوست ۽ قوم جو گهٽگهرو ليکي نٿو سگهي. ساڳيءَ طرح هن ملڪ ۾ جمهوريت جو مسئلو بہ بنيادي طرح هاريءَ جو مسئلو آهي. جيڪا جمهوريت ملڪ جي گهٽائيءَ لاءِ، سندس اسي سيڪڙو هاري عوام لاءِ ناهي سا ڪهڙي قسم جي جمهوريت چئبي؟ تنهن ڪري هاري ڪارڪن جو، شاگرد ڪارڪن جو، مزور ڪارڪن جو ۽ سمورن سڃن عوام دوست، جمهوريت دوست ۽ ترقي پسند ماڻهن، تنظيمن ۽ پارٽين جو فرض آهي تہ هارين جي مسئلي کي ملڪ جو وڏي ۾ وڏو ۽ بنيادي قومي مسئلو، جمهوري مسئلو ۽ ترقي پسند مسئلو سمجهي هاري عوام جو ساٿ ڏين ۽ سنڌن خلاف هلندڙ ٻي دخلين، ظلمن ۽ زبردستين جي مهم کي روڪڻ جي جدوجهد ۾ سنڌن هر ڪا مدد ڪن. هاري عوام لاءِ پس پيش بنيادي ۽ دائمي چوٽڪاري جو پروسي جوڳو رستو فقط هڪڙوئي آهي. سنڌ جا سڀ لک هاري سجاڳ ٿين، اسان جي وڏيرڪي سماج جو اونڌو ۽ ظالم چرخو ڪيئن ٿو هلي تنهن جي جاڙ ۽ سمجھ پرائين، پنهنجي اڪيلائي ۽ نڊٺڪائي ختم ڪري، پاڻ ۾ ملي هڪ ٿين، هينئر جيئن هرڪو پنهنجي منهن پيو سور چري ۽ چڙواڳ ٿيو هلي، تنهن جي بدران هو سڀ گڏجي پنهنجون هاري تنظيمون ناهي، ضابطي سان انهن جي رهنمائي هيٺ هلن ۽ همٿ ۽ مڙسي، سورهيائي ۽ قرباني، عقل ۽ سمجھ، ڏاهپ ۽ ڪاريگري سان پنهنجي حقن لاءِ ڊگهي ۽ اٽانگي جدوجهد هلائين. هو ان راه تي جيئن اڳتي وکون وڌائيندا، تيئن تيئن آهستي آهستي ۽ ڏاکي بہ ڏاکي مشڪلاتون دور ٿيڻ لڳنديون. ۽ ڪيئي ننڍيون وڏيون سوين حاصل ٿيندیون هلنديون. تان جو هاڻوڪي ڦورو ۽ ظالم سماجي نظام کي بدلائي هڪ هارين، مزورن، غريب ۽ حق پرست ماڻهن جي پسند جو شاندار نظام قائم ڪري سگهبو.

آزاد ڪريو!

پٽي خلاف تحريڪ ۾ وڏيرڪي، سرمائيدار قانون کان سواءِ مارشل لا ۽ استعمال ڪيو ويو. ان هوندي ۽ عام قانون ۽ مارشل لا جي ڪنهن قانون جو ڪوبہ قانون اهڙو ڪونہ هو، جنهن جي وسيع پيماني تي پيڪڙي ڪانہ ٿي هجي. چورين، ڦرين، ٻٽڪن ۾ ڏاڙا، باهيون، خونريزيون، قتل، مخالفن کي ٻارن ٻچن سوڌو جيئري ساڙڻ- مطلب تہ جمهوريت ۽ نظام مصطفيٰ جي نيڪ ۽ خدا ترس پوئلڳن ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي. خاص ڪري سنڌي ماڻهن خلاف نسلي تعصب ۽ نفرت جو ڀرپور مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرن جي آڙ ۾ پٽي جي سنڌي هجڙ جي ٻهاني ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن جي عام مسڪين سنڌين کي ڦرڻ مارڻ لاءِ دهاءُ، دهشت انگيزي، غنڊہ گردي ۽ خونريزي جا نوان رڪارڊ قائم ڪيا ويا. سنڌ لاءِ قانون اهو ڏيهو تہ ڪو هڪڙو ماڻهو ٻي کي چماٽ هڻي وجهي تہ اهو ڏوهاري موچڑن ۽ جيل جي لائق پر جي ٽيهہ هزار غنڊا گڏجي هنگامو ڪري خوفناڪ هٿيار ڪٽي هڪڙي مسڪين سنڌيءَ جي گهر يا هوٽل کي باهہ ڏين، کين ٻارن ٻچن سوڌو قتل ڪرڻ لاءِ حملو ڪن تہ اهو غنڊن جو هجوم ٽيو، سياسي مظاهرو ۽ جلوس. اهي سنگدل ۽ بي رحم غنڊا ۽ قاتل ٽيا جمهوريت جا سرفروش سپاهي ۽ بهشت جا حقدار مومن ۽ کين ٻچون ڪندڙ ٽيا قومي ليڈر.

تازو يارهن هزار جمهوريت جي سرفروش سپاهين کي اکين ڏٺيون چورين، زورين، ڏاڙا ۽ خون معاف ڪري، مٿائن سمورا ڪيس واپس وٺي کين آزاد ڪيو ويو. ان جي بدلي گذريل 5 جولائي 1977ع کان پوءِ خاص ڪري 5 جنوري 78ع تي هزارين سنڌي هارين، مزورن ۽ عام ماڻهن کي دٽينشن ۽ ڪرائيم ڪنٽرول جي ڪوڙڪين ۾ قاسائي، ڦٽڪن جو سزائون ڏيئي ڪال ڪوٺين ۾ بند ڪيو ويو آهي. ڪيترن هنڌن تي مقامي پوليس وغيره ائين ڪلور ڪيا آهن جڙ تہ هي ملڪ ڪنهن ڏارين حملي آورن تازو فتح ڪري غلام بنايو آهي. سنڌ جي ڪيترن هنڌن کان آيل اطلاعن مطابق غريب سنڌي ڳوٺاڻن کي ايذاءُ ڏيڻ لاءِ ويٺنام ۾ ايجاد ڪيل آمريڪي ايذاءُ ڏيڻ جا طريقا ۽ اوزار آزمايا پيا وڃن. ٻاول رند جهڙن ڪيترن ڳوٺن ۾ پوليس جڙ ڇٽي ٽي "آدم ٻوءِ آدم ٻوءِ!" ڪندي ڪاهي پيئي آهي ۽ تر مان جڙ راکاس گهمي ويو آهي. هن حالت کي ڏسيو تصور جي اکين آڏو ارغونن، ترخانن، مغلن ۽ مدد خانن جا گهوڙا ڊوڙيو وڃن.

ڇا قيد ٽيل سنڌي هارين ناربن وڌ ۾ وڌ پُٽي جي آزادي لاءِ دعا جا هٿ کٽي جمهوريت جي سورمن جي ڪيل سنگين، پيانڪ ڏوهن کان وڌيڪ سنگين ۽ پيانڪ ڏوهہ ڪري وڌا آهن؟ آخر اهو ڪهڙو منطق آهي، ڪهڙو

انصاف آهي، کهڙي هڪجهڙائي آهي ۽ نظام مصطفيٰ جي قانون جو کهڙو تصور آهي، جو چورين، ڦرين، ڏاڙن، دهشت گردين، خونريزين، قتلن ۽ جيئرن ماڻهن کي ساڙڻ جي ڏوهن جا ملزم مڇون وٽيندام پيئي پانهون هٽندا ۽ نون 'نيڪ' ڪارنامن لاءِ تياريون ڪندام موج سان هلندا وتن ۽ پنهنجي گهر ۾ ويڙل يا وڏ ۾ وڏ دعا لاءِ هٿ کڻندڙ مسڪين ۽ ابوجهه سنڌي ماڻهو ڦٽڪا پيا کائين ۽ جيلن ۾ اذيتون پيا سهن، سندن ڳوٺن ۽ شهرن مان رڳو رت جي ڏپ پيئي اچي؟! ڇا جمهوريت جي علمبردارن کي نانگ سونگهي ويو آهي جو هيڏي ڪيس ۽ ڪلور تي سندن نڙي مان احتجاج جو اکور نٿو نڪري؟ پٽو رهيو پٽي جي ماڳ! ان کي گهاٽي ۾ پيڙهٽو اٿو ته پيڙهيوس! ماڻهو سندس "جمهوريت" ۽ "قانون جي بالادستي" ۽ "انصاف" بہ ڏسيو ويٺا آهن ۽ هاڻ سندس سلسلي ۾ توهان جون پنهنجون جمهوري فضيلتون، قانون جا احترام ۽ انصاف جون بلنديون ۽ برتريون بہ ويٺا ڏسن. پر عام ماڻهن کهڙو گناه ڪيو آهي؟ ڇا هي ڦٽڪن جا ڏنگيل ماڻهو نہ آهن؟ عوام نہ آهن؟ پاڪستان جا شهري نہ آهن؟ توهان جنهن عوام جي نالي ۾ جمهوريت جون وڏيون پگون پڌيو ۽ جبا پهريو ويٺا آهيو، سي ايڇا ڪي ٻيا آهن ڇا؟ پوءِ ڇو نٿا چئو ته "هو يارهن هزار ڪيي چڏيا اٿو ته هي مسڪين جيلن ۾ ڇا پيا ڪن؟ هنن کي چڏيو ته وڃي ٻچن وٽ سگيا ٿين."

۽ جي ڳالهه نڪتي آهي ته خود پٽي ۽ سندس ساٿين لاءِ بہ ڇو نٿا ڪچو؟ جي اوهان بہ ائين ڪيو جيئن هن ڪيو يا هن کان بہ ڪئين رتيون ڪسر ڪٽي ويا ته پوءِ هو ڇا ۾ فاشسٽ ٿيو ۽ اوهين ڇا ۾ مومن، ديندار، جمهوريت پسند ۽ انصاف جا ابا ٿيا؟ ملڪ جا ماڻهو سادا ۽ ٻالا ٻولا ئي سهي پر آخر اهڙا بي وقوف ته ڪونہ آهن جو جيڪي ٿئي پيو تنهن ۾ توهان جي هٿ کي ڏسي نہ سگهن. برابر پٽي جي ڏينهن ۾ سمورو قانون، سمورو انصاف ۽ سموري عدالت هڪڙو ڏونگ بنجي ويئي هئي پر پٽي ۽ ان جي ساٿين سان توهان جيڪي ڪريو يا ڪرايو پيا سو ڇاهي؟ ان کي ماڻهو ڇا سڏيندا؟ جمهوريت؟ قانون؟ انصاف؟ عدالت؟

عوام جو مطالبو آهي ته مسڪين عوام خلاف ڪارن قانونن جي آڙ ۾ ٿيندڙ لاقانونيت ۽ غنڊه گردي بند ڪئي وڃي. سمورا قيدي آزاد ڪيا وڃن، آزاد چونڊون ڪرائي اقتدار چونڊيل نمائندن جي حوالي ڪيو وڃي.

نوان سامونڊي ڏاڙيل

سمنڊ جي ڪناري جي حفاظت ڪرڻ ۽ سمگلنگ کي روڪڻ لاءِ هڪ پوليس قائم ٿيل آهي جنهن کي ڪوسٽ گارڊ سڏيندا آهن. ان جي هڪڙي

چوڪي ٿئي ضلع جي جاتي تعلق سان لڳ ساموندي ڪناري لاءِ مقرر ٿيل آهي. اخباري ۽ ٻين اطلاعن مان معلوم ٿو ٿئي ته جاتي واري چوڪيءَ جي عملدارن سمنڊ جي سنپال جو ڪم پنهنجي اعتبار جوگن سمگلرن جي حوالي ڪري جاتي شهر جي سنپال جو بار پاڻ تي کنيو آهي. هو سمنڊ چڏي جاتي شهر ۾ لڏ لاهيو ديرو دمايو ويٺا آهن. پاور اٽن مرڻ جيئن جاءِ ان ڪري چون ٿا ته آڏيءَ رات جو جنهن جي گهر وٽين تنهن جي گهر ۾ ڏوڪيو پون. چي "سمگلنگ جو مال پيا ڳوليون". ڏينهن جو وري ماڻهن جي پاڻي پرڻ جي تڙن تي باقاعده ڏيوتي ٿا ڏين. ماڻهن کي اگهاڙو ڪري ٽنگي ڏينهن جا ڏينهن اذيتون ڏيڻ، سندن ٻارن ٻچن سان خرمستيون ڪرڻ، ماڻهن جي گهرن مان ٽيڙ نيلام ڪرائي رقمون ڦرڻ، مسڪين کي ڏهائي عورتون کڻي عيش ڪرڻ، سندن عام وندرون چيون وڻن ٿيون. جاتي ٿيو پري. اتي وڃي ڪير جو هن کي روڪي يا ٽوڪي؟ تنهن ڪري هي جاتيءَ جا ٻي تاج بادشاه ٿيا ويٺا آهن. ڪير ٻڙڪ ٻاهر ڪڍي؟ جيڪو ڪُڇي يا سندن باقاعده منظور ٿيل دل گهرين سمگلرن کي نه وٽي سو خود سمگلر، سمگلر جو پٽ ۽ رات جو ٻارن ٻچن سوڌو ٽاٽي تي ٽنگيو پيو هوندو. اخبارن ۾ دانهون ٿيون آهن، پريس ڪانفرنسون ٿيون آهن، ايڊيٽوريل لکيا ويا آهن پر ايڏا ڪوبه تدارڪ ڪونه ٿيو آهي. تدارڪ ٿيڻ گهرجي. ۽ جلد ٿيڻ گهرجي. عوام اهڙين خرمستين کي سدائين برداشت نه ڪندو.

ڦٽڪا هٽڻا آهن نه هنن کي هٽو!

چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ٻي ايماني، لاقانونيت ختم ڪرڻ ۽ چادر چؤديواريءَ جو احترام ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو. ڪيس جاچ ڪرائڻ گهرجي ته جاتيءَ جي ڪوسٽ گارڊن وانگر ڪنهن ڪاموري خلاف پنهنجن فرضن ۾ ٻي ايماني ڪرڻ پنهنجي اختيارين جو ناجائز فائدو ونڻ، خرمستيون، ڦرلٽ ۽ لڄالٽ لاءِ چؤديواريءَ ۽ چادر جي ٻي حرمتي ڪرڻ جون شڪايتون آهن چا؟ هارين کي ٻي دخل ۽ مزورن کي چانتي ڪرڻ جون شڪايتون آهن چا؟ جي ها ته ڪيس بندوبست ڪرڻ گهرجي ته ان قسم جا ماڻهو قانون اڳيان آندا وڃن، کين بچاءُ جو باقاعدي موقعو ڏنو وڃي ۽ حقيقتن جي آڌار تي باقاعدي ۽ انصاف روءِ سندن فيصلو ڪيو وڃي- جي هو بي ڏوهي ٿين ته کين باعزت آزاد ڪيو وڃي. پر جي واقعي ثابت ٿئي ته انهن اهي سنگين ڏوهه ڪيا آهن ته کين جوڳي سزا ڏني وڃي. اسين ڦٽڪن جي سزا کي وحشي ۽ غير انساني سزا سمجهون ٿا ۽ مطالبا ڪندا رهيا آهيون ته ان کي هڪدم ختم ڪيو وڃي. پر جيسين اها عوام لاءِ رائج آهي تيستائين عوام جي دشمن کي اُن کان

بالاتر نہ هئڻ گهرجي. جتي غريب ۽ مسڪين هارين کي رڳو ڪنهن جي آزاديءَ لاءِ دعا گهرڻ جي ڏوهه ۾ ڏهه ڏهه ويه ويه قتڪا ۽ سال سال ٽيپ ڏني وئي آهي، اتي اهڙن عوام دشمن ڪامورن، ظالم وڏيرن ۽ سرمائيدارن کي هڙن سنگين ڏوهن ثابت ٿيڻ جي حالت ۾ قيد جي بگري سزا کان سواءِ گهٽ ۾ گهٽ اوترا قتڪا ضرور هنيا وڃن.

[ماهوار "تحريڪ" فيبروري 1978ع]

پراڻي عادت

عام طرح قانون موجب هر ڏوهہ ۽ ڏوهاريءَ تي ڪيس هلائڻو آهي. ڪورٽ جي هر سزا تي عمل ٿيڻو آهي. پر هر حالت ۾ ائين نہ آهي. ڪي ڏوهي پلي ڪيڏين بہ پڪين ثابتين سان ٿيل هجن پر پوليس ۽ ڪورٽن کي پنهنجي سر ڪابہ اجازت ڪانهي تہ ڪو اُنهن ڏوهن جي ڏوهارين کي اکر چون. مثلا بغاوت جي موت جي سزا جهڙي ڏوهہ ڪرڻ واري خلاف پنهنجي سر نہ پوليس کي قدم کڻڻ جو اختيار آهي نہ ڪورٽ کي. اهو مرڪزي سرڪار جي اختيار تي چڏيل آهي تہ وٽيس تہ ڪيس هلارائي وٽيس تہ نہ. ساڳيءَ طرح صوبائي ۽ مرڪزي سرڪارين جي وس آهي تہ ڪورٽن ۾ هلندڙ ڪهڙي بہ ڪري ۾ ڪري سزا واري ڪيس کي قلم جي هڪڙي رهڙ سان ختم ڪري چڏين! ائين چو؟ اهو انهي ڪري تہ سڄي ملڪ جا کي وڏا نفعا نقصان اهڙا بہ ٿين ٿا جيڪي ڪنهن هڪڙي يا ڪن ٿورن ماڻهن کي سزا ملڻ يا نہ ملڻ سان جيڪي وڏ ۾ وڏ نفعا نقصان ٿي سگهن ٿا تن کان گهٽو گهٽو وڌيڪ هوندا آهن. اُنهيءَ ڪري هر ملڪ جو دستور ۽ قانون ملڪ جي حڪومتن کي اهڙا خاص اختيار ڏي ٿو تہ جيئن ڪنهن ڪيس چالان ٿيڻ يا هلڻ ڪري ڪنهن ڪورٽ جي فيصلي ڪري ڪنهن وڏي ملڪي نفعي نقصان تي بُرو اثر نہ پوي. اسان وٽ بہ هميشہ کان وڃي سرڪار کي اهي اختيار حاصل رهيا آهن ۽ اڄ بہ آهن. اهي داخلي توڙي خارجي پاليسي بنهي کي خيال ۾ رکي استعمال ڪيا ويندا آهن. سرڪار ڪورٽ جي ڏنل ڪابہ سزا اعليٰ ملڪي مفاد خاطر ختم ڪري چڏي تہ ان جي معنيٰ اها ڪونهي تہ ڪو ڪورٽ ڪوڙي يا سچي ٿي. مطلب رڳو اهو ٿيو تہ اُن سزا تي عمل ٿيڻ ملڪ لاءِ ڪو فائدیمند ناهي. هر مرڪزي ۽ صوبائي سرڪار هميشہ اهي اختيار استعمال ڪندي رهي آهي. خود هيءَ سرڪار بہ اهي اختيار استعمال ڪري قومي اتحاد جا سوين هزارين ماڻهو آزاد ڪري چڪي آهي. انهن مان ڪيترن تي ڦرين، باهين، ڏاڙن ۽ خونن جا ڪيس هلي رهيا هئا ۽ ڪن کي تہ سزائون ملي چڪيون هيون، چوڌري ظهور الاهي پارن کي ڪورٽن جون قانون طور ڏنل سزائون سرڪار جي اُنهن خاص اختيارات هيٺ معاف ٿيون هيون. ولي خان وارن جا ڪيس بہ انهن اختيارن موجب واپس ورتا ويا هئا. سرڪار کي

اُنهن خاص اختيارين استعمال ڪرڻ لاءِ قومي اتحاد ۽ سندس حامي پريس زور پريو هو ۽ جڏهن اهي استعمال ٿيا هئا تڏهن هن سرڪار جي دل ڪولي ساراه ڪئي هئي ۽ ڪيس هڻڻي صحيح فيصلي تي مبارڪون ڏنيون هيون.

هر ملڪ جي لکين ماڻهن توڙي دنيا جي ڪيترن ملڪن خاص ڪري اڪثر اسلامي ملڪن حڪومت پاڪستان کي سفارش ڪئي آهي ته اعليٰ قومي ۽ بين الاقوامي مفادن خاطر هوءَ پنهنجي انهن دستوري ۽ قانوني اختيارن کي ڪتب آڻي ذوالفقار علي ڀٽي کي ڏنل موت جي سزا قانوني طرح ختم ڪري.

اسين ڏسي چڪا آهيون ته اهي اختيار استعمال ڪرڻ هڪڙي ملڪي ۽ بين الاقوامي هلي چلي آهي ۽ اُن مان ڪورٽن جي فيصلي جي صحيح يا غلط هجڻ جو ڪوبه مطلب نڪري. سڄي دنيا سان گڏ قومي اتحاد وارن کي به اها خبر آهي. هو پاڻ اُنهن اختيارن کي ڪتب آڻائي پنهنجا هزارين ماڻهو سنگين ترين الزامن مان ڇڏايو ويٺا آهن. انهن حالتن ۾ ڪن ماڻهن ۽ اخبارن ڀٽي جي سزا کي قانوني طرح ختم ڪرڻ جي گهُر خلاف جيڪا روش اختيار ڪئي آهي تنهن کي سياسي بي حيائي ۽ بي شرمائيءَ جي انتها سڏجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. عوام سرڪار کي پنهنجي قانوني اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ ڪوڙ چيو آهي، جڏ ڪو خون ڪري وڃائون! هن ماڻهن اهڙي ته ڏيڍ پٽ وڌي آهي ۽ ايڏو ته حشر ونڊي ڪيو اٿن جو ماڻهو پائيندو ته هن انهن اختيارن هيٺ هزارين ماڻهو ته ڇا ڇڏايا هوندا رڳو اُنهن جو نالو به ڪوڙ ٻڌو هوندائون. جڏ انهن قانوني اختيارن جو رڳو نالو ونڊ به ملڪ سان غداري آهي، اسلام تي حملو آهي، ڪورٽن جي توهين آهي! هي ماڻهو جيڪي پاڻ کي قانون جا پوڄاري، جمهوريت جا علمبردار، اسلامي ملڪن جا شيدائي ٿا سڏائين تن کي هن قانوني اختيار بابت جمهور جي گهُر ۽ دنيا جي هيترن خاص ڪري اسلامي ملڪن جي اڪثريت جي راءِ تي هيڏو هوش مان نڪرندي ۽ هڻڻي واويلا مچائيندي ڪوبه شرم نٿو اچي. هو سوچين ئي نٿا ته ڪوڙ، مڪر ۽ مُنافقي برابر وڏا هٿيار آهن، وات مان گڻ وهائي سانگ رچائڻ سان ڪجه وقت برابر ماڻهو متاثر ٿيندا پر آخر ڪيستائين؟ سندن هڪڙي وڏي مڪر ۽ هٿ ناٽ کي خود جنرل ضياءُ الحق ننگو ڪري چڪو آهي. هن صاف چيو آهي ته 'دوست ملڪن جون سفارشون پاڪستان جي اندروني معاملن ۾ دست اندازي ناهي' پيو ڊونگ آهي ڪورٽن جي توهين بابت. درحقيقت جيڪڏهن ڏيان ڪبو ته نظر ايندو ته هن سلسلي ۾ جيڪڏهن ڪورٽن جي ڪا توهين ٿي آهي ته خود ڪورٽن جي وقار جي انهن جڙتو ۽ هٿ ٽوڪين مُحافظن ڪئي آهي، رڳو هڪ دفعو نه پر بار بار! ڪورٽ جي ڪنهن فيصلي جي تعريف به

اهڙي خراب آهي جهڙي گلا، موجوده حالتن ۾ سزا جي ساراه ۾ ڏنل هر بيان ڪورٽ جي توهين ۽ انصاف ۾ دست اندازي آهي. ڪن ماڻهن کي تماڪ جي علت هوندي آهي ته ڪن کي شراب پيئڻ جي. ڪن ماڻهن کي بدقسمتيءَ سان انساني خون جي عادت پئجي ويندي آهي. عادت عضوو آهي. هي عادت کان مجبور آهن. اهڙي عادتي ماڻهو تي ڪابه ميار ڪانهي.

لطيف جو سال

هي سال سهڻي لطيف جو سال ڪري پيو ملهائجي. لطيف جي انقلابي، روحاني رهبري سندس ديس سان گڏ سڄي دنيا جي ديسن لاءِ به آهي. اڄ جڏهن دنيا جا سمورا ملڪ، سمورا ڪنڊ، ميدان جنگ بنيل آهن ۽ ڏرتيءَ جي باڙيءَ باڙيءَ تي دنيا جا مظلوم عوام ۽ مظلوم قومون انسان ذات جي دشمن عالمي سامراج ۽ سندس مڪاني چاڙتن ۽ شڪاري ڪُتن سان پڪين پيل آهن، تڏهن لطيف جي انقلابي تعليم سموري دنيا جي انقلابي عوام لاءِ هڪڙو جبرو ۽ فاتح روحاني هٿيار ثابت ٿي سگهي ٿو.

مرشد سائين دنيا جي مظلومن کي هدايت ڪئي آهي ته پنهنجي اڻ هوند، بي وسيلائي ۽ ڪمزوريءَ کي ڏسي ۽ حق جي دشمن جي مال ملڪيت، ساز سامان ۽ طاقت کي ڏسي هرگز مرعوب نه ٿيو. نه هن جي برتري قائم رهندي ۽ نه عوام جي ڪمزوري. اهي ٻئي عارضي آهن. دنيا جا ظالم ۽ جابر، مڪار ۽ منافق، مڇ ۽ سندن چاڙتا في الحال پلي ڪٽي ڪيڏا به مڇي مواڙ ٿي پون ۽ پلي ڪٽي ڪيڏيون به ٽاڏيون ڏين پر سندن پچاڙي ڪانهي. سندن انت برو ٿيڻ وارو آهي.

متو آهين مڇ! ٽلهو ٽيو ٽونا هڻين،
تو جا پائي اڇ، تنهن پائيءَ پنا ڏينهڙا!

سهڻو سائين سيکاري ٿو ته ظالمن کي پنهنجي ظالم خرمستين جو ڪيترو اَوس ڏيڻو پوندو. اڄ جيڪا مستي اڻن سپاٽي اُها قائم نه رهندين:

واهڙ پريون مَ پاءِ! تو پڙ ليکو ڏيڻو،
وهائيءَ ويندءِ، اوپر اُتانهاں لهي.

جيڪي عوام اڄ ڪمزور ڏسڻ ۾ اچن ٿا سي جي حق تي سندرو ٻڌي اورچائيءَ سان وڙهندا ته وڌن وڌن ڏنگن جا ور لاهي سگهن ٿا:

سنهاپاءِ مَ سپ، سُڪا جنين پيٽ،
جنين جي جهپيٽ، جُنگن کي جوکو ٿئي.

سندس حڪم آهي تہ مظلوم عوام کي حق ۽ انصاف خاطر حوصلو ڏارڻ ڪپي. جرات ۽ دليريءَ کان ڪم وٺڻ ڪپي:

ڪَڙ ڪَڙ ڪُن مر وچ! ٻانڊي ٻوڙ مر ٻار ۾،
مون تي جا ميهار جي سا ڪيئن ڏوڻان ڏڇ،
توءِ گهڙندیس اڇ، جي اُبتا آر ڪرن!

ڏونگر ڏکوين کي تپي ڪندين ڪوه؟
تون جي پهڻ پٻ جو، تہ لگ منهنجا لوه،
جنهن چوريءَ ۾ چوه، سا پٽون ٿيندي پير تي!

مرشد سائينءَ جو فرمان آهي تہ ڪنهن ۾ دڙڪي دهمان ۽ ڪنهن ۾ سختيءَ کان ڊڄي، پنهنجي صحيح راه تان هٽي نہ وڃڻ ڪپي:

جي لوڻ لگين لاهين، چيري چيري چمر،
مون ڪر اڳي نہ ڪيو، اهڙو ڪوجهو ڪمر،
جان جان دعوا دمر، تان تان پرت پنوهار سان!

ڪوہ ماڻهو سدائين ڪونہ جيئندو. موت برحق آهي. جيئڻ توڙي مرڻ ٻيئي حق خاطر هڻڻ کپن، جيئن ٻيئي سجايا ٿين. زندگي تہ زندگي پر موت ۾ اهڙو هجي جو ٻڌيءَ جا ٻيٽا ٿي پون!

تہ ڪر ڪيئن سُئي، جي سير نہ گهڙي سهٽي؟
هت حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهين تان نہ هُئي
هونئن ۾ هون مئي، پر ٻُڌيءَ جا ٻيٽا ٿيا!

لطيف جو ديس ۽ سندس ديس واسي ڪڏهن ۾ سامراجي چاڙتا ٿي ڪونہ رهيا آهن. سامراجي يوناني هجن يا ايراني، عرب هجن يا افغان، ارغون هجن يا ترخان، مغل هجن يا انگريز، هي دودا ۽ دريا خان بنجي، مخدوم بلاول ۽ هوشو جو روپ ڏاري هر ظالم، هر جابر، هر سامراجيءَ ۽ سندس چاڙتن سان سامهون ٿيا آهن. اڳي وانگر اڄ ۾ هو دنيا جي سيني مظلوم ۽ مجاهد عوام سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اچوڪي عالمي سامراج ۽ سندس ظالم ۽ جابر، منافق ۽ مڪار مڪاني چاڙتن سان دليريءَ واري مقابلي ۾ رڌل آهن.

دنيا جي ٻين قومن جي مظلوم عوام وانگر لطيف جي ديس واسين جون اکيون ۾ ازل کان آليون آهن.

سرجي تان سُور، سامائي تان سُک ويا!

هن دور ۾ هن ديس جي لکين لڙڪن پريل اکين ۾ اٽاه ڏک ۽ بيچينيءَ

سان گڏ هڪڙي عجيب نئين جوت ۾ پيئي ٻلا ڏئي. اهڙي جُڳن کي جرڪائيندڙ جوت قومن جي اکين ۾ ڪن زمانن کان پوءِ ڪڏهن ڪڏهن نظر ايندي آهي ۽ پنهنجي پويان سونهن، سچائيءَ، سورهيائي ۽ سرويچائيءَ جا بي شمار عظيم ۽ امر داستان ڇڏي ويندي آهي. انهن داستانن جي ڪٿوريءَ جهڙي خوشبوءَ سان ولايتون واسجي ويندیون آهن. صدين جون صديون، نسلن پويان نسل انهن داستانن کي ڳائيندا رهندا آهن ۽ منجهائن نت نيون روحاني قوتون ۽ طاقتون حاصل ڪندا رهندا آهن.

شال! لال لطيف جي نالي ڪيل هي سال سڄي دنيا جي عوام لاءِ سياڳو ۽ سوڀارو سال ثابت ٿئي. شال لطيف جا ديس واسي لطيف جي هن سال کي شاندار نموني ملهائين، جو اڳين پوين جون ميارون لهي وڃن ۽ جيڪي ڪين نندڙو ۽ حقير سمجهي ڪين ليکي ۽ نٿا آڻين تن جون ۽ اکيون کلي پون:

نندڙو ته ڪوه! پر وڪين آهي وترو،
وڃيو ڪاڪ ڪنڊين ۾، پهس پکيءَ جيئن پوءِ،
ان ڪُر سندو ڪوءِ، ميو مانو نه ٿئي.
(شاهه)

[ماهوار "تحريڪ" اپريل 1978ع]

وطن جا صحافيو! آفرين! صدا آفرين!

اڄ قلم تلوارن کي سامهون ٽيا ٻيڻا آهن! هڪڙا واقعا روز روز ڪوڙ ٽيندا آهن!

تاريخ ۾ قلم اڪثر ڦورو ۽ ظالم تلوارن جا زرخريد ٻانها ٽي رهيا آهن. قلمن کي جيترا پيرا حق جي حمايت ۾ سر ڏڙ جي بازي لڳائيندو ڏٺو ويو آهي تنهن کان سوين هزارين پيرا وڌيڪ دفعا ڪين ناحق ۽ انڌير پاران هنبوچيون هٽندو ڏٺو ويو آهي.

ڦورو ۽ ظالم ماڻهن، طبقن ۽ نظامن کي جڏهن ب ڪا سهڻي ۽ سڻي ڳالهه ماڻهن کان ڪٻي هوندي آهي يا ڪائنئ پري رکڻي هوندي آهي يا ڪا ٻڃڙي ۽ ٻيهودي، ڪني ۽ ڪوڙهي ڳالهه ماڻهن تي مڙهڻي هوندي آهي، تڏهن هو سڀ کان پهرين پاڙي ۽ پاڙيتو قلمن کي ڪوڪاري، سڀيو ٽڪر ڏيکاري، ڇڄ ڪندا آهن. ۽ هو پنهنجا ڇڄ لوڏيندا، ڊوڙندا ويڄي پنهنجي ڪم کي لڳي ويندا آهن. هو سچ، سونهن، نيڪيءَ ۽ سورهيائيءَ تي گلائن ۽ ٻهتان جي غلاظت جا ڊير ٽڦي انهن کي ٻچڙو ۽ گندو ڪري ڏيکاريندا آهن ۽ انهن جي بدصورتي ۽ ڏب کي لحظي لاءِ لڪائي، ۽ ڪوڙ جا روغن هٽي، چلڪائي ڇڏيندا آهن. اهڙيءَ ريت هر حُسين تي جلاد جي تلوار هلائڻ کان اڳ ڪيس خوني قلمن جي فتوا باز ڪاتن سان ڪٽو ويو آهي ۽ هر يزيد ۽ حجاج کي الله جو پاڇو ۽ غازي مجاهد ڪري پيش ڪيو ويو آهي. هڪڙا قلم چڙ چائي جم کان ظلم ۽ ناحق جي گهر جا پاليل هوندا آهن. ٻيا قلم ٽڪائي، ڊوڙائي، هيسائي، لالچائي، حق جي ايوان مان اغوا ڪري ظلم ۽ ناحق جا ٻانها بنائي رکيا ويندا آهن. اهوئي سبب آهي جو تاريخ ۾ اسين بار بار ڏسون ٿا ته اهي قلم جيڪي ماڻهن جي صدين جي ڊيل ۽ بي زبان آسن ۽ امنگن کي لفظن جو روپ ڏيئي منجهن، جذبن ۽ ولولن جو ساه وجهي، ۽ همٿ ۽ سرفروشين جون قوتون پري، انهن هٿان مئل قومون جياري، زمانن ۾ ٽرٽلا وجهائي سگهندا آهن، جن قلمن ۾ ماڻهن جي سڃن نسلن جا، سڃن قومن جا، ساه پساه هوندا آهن، اهي قلم جن جي بي باڪيءَ ۽ دليري، سچائي ۽ حق پرستي، خلوص ۽ بي غرضائيءَ جون شاهديون ماڻهو ٽ ڇا جيڪر آسمان جا ملائڪ ب ڏين، تن مان ب ڪي پنهنجي حق پرست آسماني اچاين تان ڪنهن مهل اوچتو

وٽي ٽيڙ ڪائيندا آهن ۽ ڏسندي ڏسندي بولاٽيون ڪائيندا، اڇي ڦورن ۾ ظالمن جي پيرن ۾، ڪوڙ، ڪن ۽ ڪوڙ جي گندي ڊبڙ ۾ ڦهڪو ڪندا آهن! ان ڊبڙ ۾ ڪين سُرندي، هٿوراڙيون ڏيندي ڏسي هزارين سالن جي تاريخ کان به حيرت، قياس ۽ ڪراهت گاڏڙ چرڪ نڪري ويندو آهي ۽ انسانيت جي اداس اک مان هڪڙو لڙڪ ڪري پوندو آهي!

جڏهن عوام جو قاضي پس پيش تاريخي عدالت جي ڪرسيءَ تي ويهندو ۽ حق ۽ سچ جي تپاس ڪندو، تڏهن ڪيس معلوم ٿيندو ته ظلم جي تلوار باز ڪٽڪن کان قلم باز لوڌين جا جرم گهٽا ۽ وڌيڪ پيانڪ آهن.

پنهنجي وطن جي ٽيهن سالن جي تاريخ ۾ ڪيترن قلمن ڪيئن ڪلور ڪيا آهن. هن ملڪ ۾ جيڪي ظلم، ناحق ۽ بيداد ٽيا آهن ۽ عوام تي تباهيون آيون آهن، تن لاءِ ميدان انهن قلمن هموار ڪيو آهي. ان جي جواب ۾ هن ملڪ جي حق پرست قلمن جي مقابلي ۽ قربانين جي هڪڙي پنهنجي تاريخ آهي. درحقيقت ڪنهن حد تائين هن ملڪ جي تاريخ ئي قلمن کي ڪچلڻ جي تاريخ آهي. اڄ حق پرست قلمن کي جن حالتن سان مقابلو ڪرڻو پيو آهي، تنهن کان وڌيڪ بي رحم ۽ ظالم حالتن سان اڳي ڪڏهن به منهن ڏيڻو نه پيو آهي. اڄ بي هٿيار حق پرست قلمن جي سر تي دهاءُ، بيروزگاري، قيد ۽ بند کان سواءِ ٽڪ ٽڪيون ۽ ڦٽڪا به سوار آهن. اسان جي صحافي قلمن جنهن رٽابندي، دور انديشي، ڏاهپ، ثابت قدمي، مستقل مزاجي، سورهيائي ۽ شان سان جسماني توڙي ذهني ۽ روحاني ٽڪ ٽڪين ۽ ڦٽڪن سان سينو ساهيو آهي، تنهن تي هو جيترو به فخر ڪن سو جائز ٽيندو.

وطن جا صحافي ساٿيو! تاريخ جي هن نازڪ ۽ اٽانگي منزل تي جمهوريت جي قافلي جي سورهيائيءَ ۽ عقلمنديءَ سان اڳواڻي ڪري توهان نه رڳو پاڻ کي، صحافت کي ۽ قلم جي ساک کي سرخرو ڪيو آهي پر پنهنجي سموري جمهوريت دوست عوام کي سرخرو ڪيو آهي. توهان موت جهڙي سناٽي کي چيري ۽ اونده ۾ لاٽ ٻاري پنهنجي عوام کي زبان ڏني آهي ۽ سندن اکين اڳيان سوجهرو ڪيو آهي. توهان جي جدوجهد هن ملڪ جي جمهوريت جي جدوجهد جي تاريخ ۾ هڪڙو سونهري باب ڪري لکي ويندي. ايندڙ نسل توهان تي ناز ڪندا ۽ توهان جي پيرن جي نشانن کي ڏسي اڳتي وڌندا رهندا. قلم ۽ وطن جي لڄ رکڻ ۽ سندس شان بلند ڪرڻ وارؤ! توهان تي سموري وطن دوست ۽ جمهوريت دوست عوام جو سلام آهي!

قيدي آزاد ڪريو - جمهوريت بحال ڪريو

ملڪ ۾ هزارين سياسي توڙي غير سياسي ماڻهو سياسي سبب جي ڪري

ٽيپون ڪاٽي رهيا آهن. مارشل لا جي پيڪڙيءَ جي ڏوهه ۾ ٻين سان گڏ عوامي تحريڪ، سنڌي هاري ڪميٽيءَ ۽ سنڌي شاگرد تحريڪ جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن محمد فاضل راهو، شير خان لُنڊ، محمد اسماعيل سوهو، شمس الدين ميمڻ، جعفر ڪناد، ابراهيم گل، اسد الله گاڏاهي، جيوٽ زوار ۽ ٻيا ٽيپون ڪاٽي رهيا آهن.

پٽي صاحب خلاف سموري وٽ پڪڙ، هل هنگامي ۽ جدوجهد جو ڪارڻ اهو ڄاڻو ويو هو ته ان جي دؤر ۾ ماڻهن جون جمهوي آزادين سلامت نه هيون ۽ جيل سياسي ڪارڪن سان پريا پيا هئا. عبوري حڪومت جا حامي هن حڪومت جي تعريف ڪندي دعويٰ ٿا ڪن ته هي حڪومت جمهوري آهي، جنهن پٽي جي فاشزم کي ختم ڪيو آهي. ڪنهن به جمهوري حڪومت لاءِ هيترن ماڻهن جون ٽيپون ڪاٽڻ ۽ قتلڪا ڪائڻ وڏي شرم جي ڳالهه آهي. ڪنهن غير جمهوري حڪومت لاءِ به هيتري ساري دٻاءُ ۾ دب ڦس جي ضرورت محسوس ڪرڻ چڱيلائي جي علامت ڪانهي پر ڪنهن موذي بيماري جي علامت آهي.

پاڪستان جي تاريخ ڏيکاري ٿي ته پاڪستان جي ماڻهن هن قسم جي دب ڦس نه ايوب کي بخشي آهي، نه يحيٰ ۽ نه پٽي کي. هو يقينا موجوده عبوري حڪومت کي به هن قسم جي دبڙ دئونس ڪرڻ جي گهٽي دير اجازت ڪانه ڏيندا. ماڻهو گهٽ پوسٽ مان هاڻ بنه ڪڪ ٽي پيا آهن. هو پنهنجي بنيادي جمهوري ۽ انساني آزادين ماڻڻ چاهين ٿا. هو ڳالهائڻ، لکڻ، پاڻ ۾ گڏجڻ، جلسا جلوس ڪرڻ، پرامن مظاهرا ڪرڻ، چوندون لڳڻ، پنهنجي پسند جون حڪومتون چونڊڻ ۽ لاهڻ جون آزاديون حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. هو ڪنهن به فرضي خطري جي آڙ ۾ پنهنجون اهي قيمتي آزاديون ڪسائڻ نٿا گهرن. انهيءَ ڳالهه تان هو اڳي عوام جي گهٽگهرائي جي دعويٰ ڪندڙ ڏکٽيٽر سان اٽڪيا آهن ۽ واري واري سان هر آمر کي دسيندا رهيا آهن. پاڪستان جا ماڻهو فطري طرح سياسي هڪ هٽي، ذهني ۽ فڪري ٽيڪيداري، نظرياتي جمعداري ۽ خرڪاري، ڏکٽيٽرشپ ۽ آمريت جا دشمن پئي رهيا آهن ۽ سدائين رهندا. اسين عبوري حڪومت کي سٺي صلاح ڏينداسين ته هو عوام جي ٽوڪاريل سياسي بازيگرن ۽ بدنام ڪامورن جي صلاحن تي لڳي، ڳالهه کي اجائي ڊيگهه نه ڏياري. جيڪي ٽيو آهي سو به گهٽو ٽي چڪو آهي. عوام گهٽو ئي کي سنو آهي. هاڻ سيني جي چگائي انهيءَ ۾ آهي ته قيدي آزاد ڪيا وڃن، جمهوري حق ۽ آزادين بحال ڪيون وڃن ۽ فوراً چونڊون ڪرائي حڪومت چونڊيل نمائندن کي ڏني وڃي ۽ فوج کي پنهنجي اصلوڪي ڊيوٽي بجا آڻڻ جي موڪل ڏني وڃي.

[ماهوار "تحريڪ" مئي، جون 1978ع]

سنڌي مزورن جي حقن تي ڏاڙا هٽڻ بند ڪريو

سنڌ ۾ پاڪستان جي بن صوبن جي پيٽ ۾ گهٽا ڪارخانا آهن، جن ۾ لکين مزور ڪم ڪن ٿا. پر انهن ۾ سنڌين جو تعداد نهٺ جي برابر آهي. جن جن ڪارخانن ۾ ڪي نالي ماتر سنڌي مزور آهن، تن کي سنڌ دشمن ڪارخانن جا مالڪ من گهڙت الزامن هيٺ بي روزگار بنائي، ڪارخانن مان ڪڍي ڇڏين ٿا. ايسوفرٽيلائيزر ڏهرڪي، مشين ٽول فيڪٽري ڪراچي ۽ بين ڪيترن ئي صنعتن مان زوريءَ ڪڍيل سنڌي مزورن جي باري ۾ سنڌي رسالن ۾ دانهن، ڪوڪ ۽ واويلا ٿيندي رهي آهي. خود حڪومت جي اخبار روزنامه هلال پاڪستان ۾ ليک ۽ ايڊيٽوريل پڙ ڇپجندا رهيا آهن.

هڪ پاسي سنڌين کي نهيل ٽڪيل مزوريءَ کان جواب ڏيئي در در جا ڏڪا کائڻ ۽ بکن ۾ پاڻ ٿيڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو، ۽ ٻئي پاسي بي روزگار مسڪين سنڌين جي لشڪرن کي ڪارخانن، خاص ڪري نين قائم ڪيل فيڪٽرين ۽ ملن ۾ مزوري حاصل ڪرڻ کان روڪيو وڃي ٿو. انهيءَ مقصد لاءِ سنڌ دشمن نمڪ حرام انتهائي ڪريل حربا استعمال ڪن ٿا. ڪيترن ڪارخانن ۾ چند سنڌي مزورن جي پرتيءَ کي روڪڻ لاءِ سنڌ دشمن پٺاڻ مزورن کي برغلائي ۽ پڙڪائي سنڌي مزورن سان سندن ٽڪر ڪرايا ۽ اهڙي طرح سنڌي مزورن جي انهن ڪارخانن ۽ ادارن ۾ داخلا جا دروازا بند ڪرايا. رڳو ڪراچي اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪارپوريشن ۾ وڃي ڏسو تہ اتي سنڌي مزورن سان ڪهڙو حشر آهي- سنڌي مزورن سان ٽيندڙ انهن زيادتين ۽ حق تلفين ۾ پناهگير پنجابي زميندار، سرمائيدار پرمارن جي نقلي ترقي پسند دلالن جون قائم ڪيل سڀ جڙتو مزور دشمن تنظيمون شامل آهن، جن پردي پويان ويهي هن ناٽڪ ۾ مکيه ڪردار ادا ڪيو آهي. گذريل ٻن سالن ۾ اسٽيل مل ڪارپوريشن ۽ اهڙيون ٻيون نيون صنعتون قائم ٿين آهن، جن ۾ لکين مزور پرتي کيا پيا وڃن. انهيءَ پرتيءَ ۾ سنڌين کي ڄاڻي ٻجهي نظرانداز ڪيو پيو وڃي. مزورن جا قافلا پنجاب ۽ سرحد کان روزانو اچي رهيا آهن ۽ انهن کي ڏڙا ڏڙ پرتي ڪيو پيو وڃي، شاه شاهوڪاري سنڌين سان هڙا هاڪا پيا ٿين، تڏهن ٻ انهن سنڌي پورهيتن جي ووٽن تي ڪامياب ٿيل

سرڪار نامدار جي ڪن تي جونءَ ٻ ڪاڻ ٿي سُري. سنڌي وڏيرا سڳورا رات ڏينهن پلاٽ، پرمٽون، ليسن ۽ ٻيو لٽ جو مال ميڙڻ ۾ ان ڪي سهي سان لڳائڻ ۾ اهڙا ته مشغول آهن جو هن پاسي پنهنجي ڏيان ڏيڻ جي هو ڪاب ضرورت محسوس ٿا ڪن. انهن مان هر هڪ ڪي رڳو ڳٺتي ۽ جهوري اها لڳل آهي ته ٽڳي ۽ ڦرلٽ سان ڪٺي ڪيل دولت جا انبار ڪهڙن ڪهڙن مائٽن جي نالي ۾ ڪهڙن ڪهڙن ڏنڊن ۾ سيڙايون يا بئنڪ ۾ جمع ڪرايون. ڪڏهن ڪڏهن ڪو ميمبر صاحب مڙئي اڙيو ٽڙيو بيان ڏيئي ڇڏيندو آهي ٻيو مڙيو ئي ٽيو خير سنڌي ويچارا اهي ئي بيحال ۽ پريشان، روزگار لاءِ شهرن جي رستن تي وڙڪندا وتن. ڪو پڇ وارو ڪونهي. ان صورتحال ۾ سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ گاله اها ٿيندي وڃي ته هڪ طرف سنڌي عوام پنهنجي سنڌي پورهيت طبقي ٽاهڻ کان محروم رهجندو وڃي، پنهنجي گهر ۾ گذر سفر کان محروم رهجندو وڃي ته ٻئي پاسي لکين ماڻهو ٻين صوبن کان گهرائي سنڌ جي آدمشماري جو توازن بگاڙيو پيو وڃي. مطلب صاف پيو آهي. سنڌين کي سنڌ ۾ هٿراڏي ٿوني اقليت ۾ آڻي ڪين ديس ۾ پرديسي بنايو وڃي.

سڌ جي سموري محب وطن عوام، سمورن وطن دوست طبقن، تنظيمن، اخبارن، رسالن، فردن، اسيمبلي ميمبرن، ادبين ۽ شاگردن جو فرض آهي ته هن مسئلي تي پنهنجو آواز اٽارين ۽ هن سنگين صورتحال کي گڏجي منهن ڏين.

[ماهوار "تحريڪ" نومبر-ڊسمبر 1974ع]

ٿري عوام کي بچايو!

اڄ مارئيءَ جو ملڪ موت جي منهن ۾ آهي. سندس ديس جا ماڻهو داڻي داڻي لاءِ سڪي رهيا آهن. پاڻي ڪونهي، گاهه ڪونهي، مال مري ويو آهي. ڇوڪرو مال ڀٽاري جا هڏاوان پنجرا پکڙيل نظر ايندا. ڇڻ ڪو موت جو راڪاس گهمي ويو آهي. ڪو نئون مدد خان ملڪ ڦري ڇٽ ڪري ويو آهي. ڇوڙاري پينگ پئي واڪا ڪري. ٿر اڄ خوفناڪ ڏڪار جي چنبي ۾ ڦاٿل آهي.

ٿري عوام لاءِ سختيون نيون ناهن. 'سورن اسان ساڻ ننڍيئي نينهن ڪيو' واري ڳالهه وانگر ٿر معنيٰ ڏک، بکون، اڃون، ننڊ، نڊٺڪايون ۽ بيوسيون. ٿر معنيٰ ماڻهوءَ جو پنهنجيءَ ۾ چور هجڻ، ٿر معنيٰ پنهنجي پئسي سان پنج سير ان نہ ونڻي سگهڻ. ٿر معنيٰ وڏيرن، ڪامورن، پوليس، رينجرن ۽ سندن دلالن جون خرمستيون. ٿر معنيٰ لاقانونيت. ٿر معنيٰ قانون جي آڙ ۾ ڏينهن ڏٺي جو لڳاتار ڦرلٽ، ظلم ۽ دهشت. ٿر معنيٰ وڏيرن ۽ ڪامورن جون چوريون، سينه زوريون، ڦريون، ڏاڙا. ٿر معنيٰ موت مٿان موت ۽ تنهن مٿان موت. ٿر برابر ڏکويلن جو ڏيهه آهي.

پر ٿر سان هميشه اڳي ڪڏهن ڪانه ٿي. پهريائين 1965ع جي جنگ اچي ڪڙڪي. پوءِ 1971ع واري جنگ ٿر کي باهه ڏني. پوءِ اسمگلنگ کي بند ڪرڻ، پارتي جاسوس پکڙڻ، ٿرين کي اسلامي بنائڻ لاءِ ڪامورن، وڏيرن، پوليس ۽ جماعت اسلامي جي بهتان طراز، مڪار فاشي غنڊن مهمون هلايون ۽ مئلن کي ماريو. پوءِ سالن جا سال برسات ڪانه پيئي. تان جو هي خوفناڪ ڏڪار اچي ڪڙڪيو.

سنڌ جو ٿري عوام اڄ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ دربدر ۽ ڏڪا ڪائي رهيو آهي. هڏين سخت سردين ۽ پارن ۾ ڪين رهڻ لاءِ ڪو اجهو ڪونهي. ڪلئي ميدان ۾ صرف چارين جا ٽپ اُپا ڪري، انهن تي براڙ وجهي، ان جي اوٽ ۾ ٻچن کي لڪائي، رات جو ٽاڏو ٻاري، ان تي سڄي رات ڪوڪڑا ٽيو چلهه جي پاسن ۾ پيا آهن. ڪين چوٽڪاري جي ڪا واهه نظر نٿي اچي، سنڌ جا شهر جتي نوڪرين، مزوري ۽ ڏنڊا آهن، اتي اڳي ئي سنڌ دشمن جو قبضو

آهي. ڪنهن سنڌيءَ کي اڳي ئي سنڌ جي ڪارخانن ۾ مزوري ۾ نٿي ملي. ويتر بهارين جي لوڏ اچڻ سبب، ڪنهن سنڌيءَ کي شهرن ۾ گذر ملڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. ٻئي طرف سڌ جون ٻهراڙيون ۽ اڏو اڏ ڪليمنٽن، سيٽلرن ۽ ايوبي ۽ يحيٰ شاهي فوجي جاگيردارن جي قبضي ۾ اچي ويون آهن. باقي رهيل زمينن تي گهٽي پاڳي وڏيرا شاهي قابض آهي. غريب هاري ۽ آبادگار پاڻ ويل ۾ آهن. هن سال پاڻي جي ڪوٽ سبب هڪ ٽ فصل ٿيا ڪونه، ٻيا جيڪي ٿيا ٽ اهي به پاڻي نه ملڻ ڪري سڪي ويا. نتيجو اهو نڪتو آهي ٽ ڪٽڪ اپائينڊڙ هاري کي ڪٽڪ 60 رپيا مڙ به ڪانه ٿي ملي. ان ڪري مسڪين ٿرين کي ٻهراڙي ۾ جهلو ڪونهي. پر جي ڪڏهن اتفاق سان کا مزوري ملي به وڃي ٿي ٽ به وڏيرا سندن مجبوريءَ جو فائدو وٺي کين دستوري ٻارهين پتي لائي بدران ڪٽي سورهين ٽ ڪٽي ويهين پتي لائي ڏين ٿا!

مٿان وري وڏي ۾ وڏو ظلم اهو جو اهڙيءَ ريت به مسين مسين جيڪي ان داٽا هٿ ڪن ٿا، اهي به پوليس هن کي ڳوٺ ڪٽي وڃڻ نٿي ڏئي. جي ڪو اهي ان داٽا کٽي ڳوٺ ڏانهن نڪري ٿو ٽ اهي ان داٽا ٽ ضبط پر جڏهن اٽ ڏاڳهو وڪٽي تڏهن مس وڃي پوليس مان جان ڇڏائي. چي "چانور ۽ سارين جي کٽي وڃڻ تي سرڪاري بندش آهي." مطلب ٽ ٿرين جي امداد ٽ ڪامورا ۽ وڏيرا ڪائي ويا، پر کين پنهنجي ڪيل پورهئي جي ڪمائي به نٿا ڪائڻ ڏين.

مطلب ٽ ٿري سنڌين جو ڪو حال پائي ڪونهي. شهرن ۾ ٿا گهڙن ٽ کين دلاسي ۽ مدد ڏيڻ بجاءِ ڏڪار، نفرت ۽ هندوستان جو جاسوس هئڻ جا طعنا ڏنا وڃن ٿا. هر هنڌ کين گاريون ڏيئي ٻي عزتو ڪري ڪڍيو وڃي ٿو. هو ساهه سڪايو، پاسا ڪندون وٺيو، پنهنجون لڇون ۽ ڪلهڑا ڪٽيو، ٽڪر ڳچي لاءِ دربدر ٿيندا وتن.

هوڏانهن فسادي بهارين جن جماعت اسلاميءَ جي ڇ ۽ ٽيڪر تي الشمس ۽ البدر ٿي بنگال کي تباهه ڪيو. انهن کي گذر الائونس، رهڻ لاءِ عاليشان پڪا فليٽ، سنڌ جون پليون زمينون، اعليٰ عهدا ڏنا پيا وڃن، ۽ مٿن ٻيون به الائي ڪهڑيون عنايتون ڪيون پيون وڃن، هي ڏارين تي عنايتون ۽ پنهنجن کان هيڏي لاپرواهي نهايت افسوسناڪ ۽ مذمت جي لائق آهي. پس-پيش ڏکي وقت ۾ نه رڳو ٻئي سنڌي عوام کي پر خود سنڌي وڏيرن کي به وري اهي پنهنجا مسڪين پائر ڪم ايندا. ڏارين سنڌ دشمن ۽ عوام دشمن کي ڪٽي سونن هندورن ۾ جهولينداٽ به پس پيش رڳو وڃونءَ وارا ڏنگ سرندا.

هي مسئلو انتهائي سنگين آهي. هي سموري پاڪستان جو مسئلو آهي. لازم آهي ٽ هن مسئلي کي اوليت ڏني وڃي. سڀ فضول خرچيون ۽ شاهه

خرچيون فورا بند ڪيون ويڻ. سڌ جي سمورن وسيلن کي گڏ ڪري ۽ مرڪز کان مناسب مدد وٺي، ٿري عوام جي فوري امداد ڪئي ويڃي. هن وقت ملندڙ معمولي امداد ۾ وڌيرن ۽ ڪامورن طرفان لڳندڙ گهوٻيون ختم ڪيون ويڻ. ان عارضي حل کان سواءِ ڪنهن حد تائين بنيادي حل ۽ ڪرڻ گهرجي. ٿر جا سنڌي عوام خود خيرات جي زندگي گذارڻ کي پسند نٿا ڪن. ان لاءِ ضروري آهي ته ٿر ۾ پاڻيءَ جو مسئلو حل ڪيو وڃي، زير زمين پاڻي جا ذخيرا هٿ ڪيا ويڻ، معدني وسيلن کي استعمال ۾ آڻڻ جا ڪارخانا ۽ اتي لڳايا ويڻ. مقامي ماڻهن کي روزگار مهيا ڪيو وڃي. ٿر جي ڪچي مال کي مناسب اگهه تي وڪرو ڪرڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. آمدرفت جون سهوليتون مهيا ڪري ڏنيون ويڻ. ڪامورا شاهي، پوليس گردي، پوليس جي دلالن جي خلق آزاري، رينجرس ۽ ٻين قسمن جي آفتن جون من مستيون بند ڪيون ويڻ. ٿرين جون زندگيون ڏڪار جي خوني منهن مان ڪڍيون ويڻ.

سموري سنڌي عوام کي پنهنجي ڏٽڙيل ۽ ڏڪاريل پائرن جي امداد جو مسئلو پنهنجي هٿ ۾ کڻڻ گهرجي ۽ سرڪارکي ۽ آماده ڪيو وڃي ته هو هن سلسلي ۾ پنهنجيون جوابداريون پوريون ڪري.

[ماهوار "تحريڪ" جنوري 1975ع]

ڏوهين کي سيکت ڏيو!
بي ڏوهين کي آزاد ڪريو!

اسان کي مرحوم حيات محمد خان شير پاؤ جي افسوسناڪ قتل جو ڏک ۽ رنج آهي ۽ مرحوم جي پوين، سندس دوستن، عزيزن قريبن ۽ رفيقن سان دلي ۽ پرخلوص همدردي آهي.

اسان کي هر ناحق قتل ٿيل مظلوم سان همدردي آهي، چاهي مقتول وزير هجي يا وزيرن جو معتوب. اسين هر ناحق قتل جي خلاف آهيون، پوءِ چاهي اهو قتل بم سان ڪيو وڃي يا ڪنهن عوام دشمن قانون جي آڙ ۾ ڦاسي ڏيڻ يا گولي هڻڻ سان ڪيو وڃي، اسان جي نظر ۾ قاتل، قاتل آهي. چاهي ڪيس سٺ قميص پيل هجي يا سوٽ ٽاءِ، يا ڪو لانگ بوٽ ۽ وردي. سنڌ جا ماڻهو سموري پاڪستان جي ماريلن، بنگال، سرحد، بلوچستان، سنڌ ۽ پنجاب جي ناحق ڪٽل مظلومن سان همدردي رکن ٿا. سنڌ جا ماڻهو سمورن قاتلن جي مذمت ڪن ٿا، چاهي اهي خانگي ڪيڙن ۾ هجن يا سرڪاري وردي ۽ دريس ۾.

ڪن ماڻهن جو دستور آهي ته مظلوم سان همدرديءَ جي آڙ ۾، ۽ ڏوهي کي سيکت ڏيڻ جي بهاني پاڻ ظلم ڪندا آهن. هو ڏوهين سان بي ڏوهين کي يا ٿورن ڏوهين بدران گهٽن بي ڏوهين کي ظلم جو نشانو بنائيندا آهن. اها همدرديءَ جي سچي جذبي جي توهين آهي. مرحوم شير پاؤ جي افسوسناڪ قتل جي سلسلي ۾ تمام گهٽا ماڻهو گرفتار ڪيا ويا آهن ۽ ڪيا پيا وڃن. ايترا سارا ماڻهو سمورا قاتل ٿي نٿا سگهن ۽ لازمي طرح انهن مان ڪيترا بلڪ انهن جي وڏي گهٽائي جو ان قتل سان ڪو واسطو مشڪل هجي.

بهرحال اسان مرحوم شير پاؤ جي پوين، دوستن، همدردن ۽ رفيقن سان همدردي رکون ٿا ۽ پڻ انهن ماڻهن سان دلي ۽ پرخلوص همدردي رکون ٿا. جن کي مرحوم شيرپاؤ جي قتل جي آڙ ۾ ناجائز طرح بند ڪيو يا ستايو ويو هجي، اسان کي اهڙن بي گناهه بند ٿيلن جي پارن پڇن، عزيزن، قريبن ۽ دوستن سان به سچي ۽ گهري همدردي آهي.

سنڌي عوام جو مطالبو آهي ته مرحوم شيرپاؤ جي قتل جي بي رحمي ۽ قانون موجب جاچ ٿئي، سچن پچن ڏوهارين کي جوڳي قانوني سزا ملي، ۽ بي گناهه

ماڻهن کي ستائڻ بند ڪيو وڃي. ان افسوسناڪ واقعي کي ڪنهن به ماڻهوءَ، ذات، طبقي يا قوم خلاف سياسي هٿيار ڪري ڪتب نه آندو وڃي.

همت نه هاريو! پڌري قائم ڪريو ۽ منظم ٿيو

پاڪستان جي هلندڙ سياست ۾ هڪ دفعو وري به هڪڙو وڏو جهٽڪو آيو آهي. بلوچستان جي قصي کان پوءِ هيءَ ٻي سياسي لاهي چاڙهي آئي آهي. ڏسجي ٿو ته اهو لاڙو ڪافي زوردار رهندو ۽ ڪافي دير هلندو.

'ڪانوَ ڪي ڪَڙ ۾ مزو'. ظاهر آهي ته پاڪستان جا عوام دشمن ۽ جمهوريت دشمن وڏيرہ، سرمائيدار، پرمار ۽ سامراج پرست ٽولا ۽ طاقتون هن صورتحال جو وڌ ۾ وڌ ناجائز فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪندا. اهي اسلام جا ٺيڪيدار قدرتي طرح ننهن چوتيءَ جو زور لڳائيندا ته پاڪستان جي عوام تي هڪ دفعو وري به اها پيانڪ فاشي ڊڪٽيٽر شپ مڙهين، جنهن ڊڪٽيٽرشپ جي سهاري هن پاءُ صديءَ تائين "نظريہ پاڪستان" "اسلام!"، "مضبوط مرڪز" جا نعرا هٽي، سجو پاڪستان ڦري لٽي، ڪائي پينگ ڪري ڇڏيو آهي. عوام دشمن ۽ رجعت پرستن تي ميار ڪانهي. هو تاريخي طرح هميشہ ڪوتاه نظر بلڪ اڌا ٺيندا آهن. سندن تاريخي حافظو خراب هوندو آهي ۽ سندن اڳيان پي واه به ڪانهي. پي طرف ٿي سگهي ٿو ته عوام مان ڪي ماڻهو ۽ ٽولا به ملڪ جي عوام جي طاقت جو گهٽ اندازو لڳائين ۽ عوام دشمن قوت جي طاقت جو اندازو وڌائي لڳائين ۽ ائين سمجهڻ لڳن ته 'هن ملڪ جو عوام ڊڪٽيٽر شپ ۽ فاشزم جي اهڙن لاڙن کي شايد ڪڏهن به شڪست ڏيئي نه سگهي. تنهن ڪري انهن خلاف پاڻ پتوڙڻ ئي اجايو آهي.' اها سوچ به صحيح نه ٺيندي. جدوجهد ۾ لاهيون چاڙهيون ۽ ور وڪڙ نه رڳو اڻ تر آهن پر عوام جي سياسي سمجه وڌائڻ لاءِ به لازم آهن.

تازي لاهي چاڙهي عوام کي ڪيترا سبق ڏئي ٿي ۽ سندس ڪيترين خوش فهميون دور ڪري ٿي. خاص ڪري اسان سنڌي ماڻهن لاءِ ته اها هڪ وڏو سبق آهي. وقت آيو آهي جو اسين مختلف خيالن، تنظيمن ۽ پارٽين جا محب وطن سنڌي ماڻهو سمورا گڏجي پاڻ مان ڪمزورين ڪڍون ۽ قومي پڌريءَ لاءِ جدوجهد ڪريون ۽ اختلافن کي گهٽائڻ ۽ اتحاد پيدا ڪرڻ جا نوان موقعا، گس ۽ واٽون ڳولي هٿ ڪريون. پنهنجي تنگ، ذاتي ۽ طبقاتي مفادن کي صفا نه وساريون، ته به انهن کي واجبي حد اندر رکون، قوم جي وڏي گهٽائي جي مفادن کي سپ ڪان اوليت ڏيون ۽ ٿورن ماڻهن جي وٽ وڃان ۽ هڙ هٽان بدران، عوام جي وڏي گهٽائي جي طاقت ۽ تخليقي صلاحيت کي اُپارڻ ۽ ان کان ڪم وٺڻ جي پرپور ڪوشش ڪريون- اسان جو چوٽڪارو

فقط قومي پڌري، تنظيم ۽ دليريءَ واري، لڳاتار اڻ ٽڪ ڊگهي جدوجهد ۾ آهي. اسان کي ورن وکڙن ۽ لاهين چاڙهين واري جدوجهد لاءِ هر وقت ۽ هميشہ تيار رهڻ گهرجي. هي اسان جي سڃي قوم جي آزمائش جو وقت آهي. قوم جي سمجهو، سچار ۽ محب وطن ماڻهن ۽ ٽولن جي لاءِ هي خاص آزمائش جي گهڙي آهي. اسان کي هرگز هرگز همت نہ هارڻ گهرجي ۽ سمجهڻ کپي تہ مشڪلاتون عارضي آهن. مجموعي طور عوام-دشمن ڪمزور آهن، سندن وسيلا محدود آهن ۽ سندن برتري عارضي آهي. عوام جون مجموعي طاقتون ۽ وسيلا اٿاه آهن. وقت اسان جي پاسي آهي. آئيندو فقط عوام جي هٿ ۾ رهڻو آهي. عوام دشمن قوتن جي مقدر ۾ فقط ناڪامي، مايوسي ۽ شڪست لکيل آهي. قومي ۽ عوامي چوٽڪاري، عوامي جمهوريت ۽ سچي واڌاري جي قوتن کي ڪير به مات ڪري نٿو سگهي.

[ماهوار "تحريڪ" فيبروري 1975ع]

سنڌ صدين کان...

سنڌ صدين کان وڏيرا شاهيءَ جي گهاٽي ۾ پيڙجي رهي آهي. سنڌ ۾ صدين کان ڌارين پرمارن ۽ سندس مڪاني دلالن جي بيگهي متل رهي آهي. سنڌ ۾ صدين کان سنڌ جي ماڻهن جي بازن ۽ دماغن جي پورهئي تي ڏيهي ۽ پرڏيهي ڦورن ڏاڙا هنيا آهن. سنڌ ۾ صدين کان سنڌي ماڻهن جي بي پناه تخليقي صلاحيتن کي وڏيرڪي ۽ پرماري سماجي نظام جي گهاٽي ۾ پيڙهيو ويو آهي.

سنڌ ۾ صدين کان عوام کي جاهل رکي، کين هٿرادو گمراه ڪري، مٿن ڏيهي وڏيرن ۽ پرڏيهي پرمارن جو علم ۽ ادب، سندن ثقافت، تهذيب، سياست ۽ اقتصاديات مڙهي ويئي آهي. سنڌ ۾ صدين کان هڪڙي پاسي عوام جو فائدي وارو علم، ادب، ثقافت، تهذيب، سياست ۽ اقتصاديت جي ۽ بي پاسي ڏيهي توڙي پرڏيهي عوام دشمن جي فائدي واري علم، ادب، ثقافت، تهذيب، سياست ۽ اقتصاديت جي پاڻ ۾ اٽ بٽت رهي آهي، اهو ٽڪر ۽ تضاد اڄ تائين هلندو پيو اچي. سنڌ ۾ صدين کان عوام دشمن علم، ادب، ثقافت، تهذيب، سياست ۽ اقتصاديات جو غلبو ۽ تسلط رهيو آهي. انهن عوام دوست علم، ادب، ثقافت، تهذيب، سياست ۽ اقتصاديات کي اُسرڻ ۽ وڌڻ، ويجهڻ کان روڪيو آهي، جي اهي انهيءَ مخالفت دٻاءَ يا زبردستي هوندي به اسريا نسريا ۽ وڌيا ويجهيا آهن، تہ ان کي چيپاٽي ناس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. پر تڏهن به انهن کي مڪمل طرح ختم ڪرڻ کنهن جي به وس ۾ ڪونہ هو. انهن جا ڪي جزا ۽ اثر سلامت رهجي ويا ۽ پئي وڌيا ويجهيا آهن. انهن جزن کي عوام کان لڪايو ۽ ڏيکيو ويو آهي ۽ اڄ به لڪايو ۽ ڏيکيو پيو وڃي. مثال طور رڳو لطيف جي انقلابي وطن دوست تعليم ۽ پيغام کي لڪائڻ، ڏيکڻ ۽ هڪ بدران ٻيو ڪري ڏيکارڻ لاءِ ڇا ڇا نہ ڪيو ويو آهي. ڇا ڇا نہ ڪيو پيو وڃي. هيستائين سنڌ ۾ جيڪا علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تاريخي کوجنا ڪئي ويئي آهي، تنهن ۾ گهڻي پاڳي سنڌي علم، ادب، ثقافت، تهذيب، سياست ۽ اقتصاديت وغيره جو رڳو وڏيرڪو پرمار ۽ عوام دشمن پاسو پيش ڪيو ويو آهي، اهڙو پاسو تمام گهٽ پيش ٿيو آهي، جيڪو وڏيراشاهي

۽ پرمار شاهيءَ جا پول پڌرا ڪري.

مثال طور سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ عربن، ارغونن، ترخانن، مغلن، افغانن ۽ انگريزن جي ڪاهن جو ذڪر زور شور سان ڪيل آهي. سنڌ دشمنن جي فتح جا قصا ٻڌايا ويا آهن پر اهو نه ٻڌايو ويو آهي ته سنڌي عوام انهن سان ڪهڙو مقابلو ڪيو، انهن کي ڪهڙا ٽوٽا چٻايا ۽ انهن کي ڪيئن ۽ ڪڏهن ٻه سڪ جو ساهه کڻڻ نه ڏنو. "پنهنجن" حاڪم ٽولن يعني سمن، سومرن، ميرن ۽ ڪلهوڙن جا قصيدا پڙهيا ويا آهن. پر انهن جي ڏينهن ۾ وڏيرڪي نظام هيٺ انهن حاڪم طبقي هٿان سنڌي عوام سان ڪهڙي حالت ڪئي ويئي، تنهن جو ڪوبه احوال ڏنل ڪونهي.

ڏيهي حاڪم ٽولن جي جن تمام ٿورڙن فردن پنهنجي راڄ کي بچائڻ لاءِ مڙسي ڏيڪاري تن جي ساراه جون ڳالهيون ته آهن. پر انهن طبقن جي وڏي اڪثريت سنڌي عوام خلاف ڪهڙيون غداريون ڪيون، تن جي ڳالهه ڇاڪي ڀجهي لڪائي ويئي آهي. رڳو گذريل صديءَ ۾ سنڌ جي وڏيرڪي طبقي ۽ سندس دلالن سنڌي عوام خلاف جيڪي علمي، ادبي، ثقافتي، تهذيبي، سياسي ۽ اقتصادي جرم، گناهه ۽ غداريون ڪيون آهن، تن مان ڪابه ڪوجنا نه ڪئي ويئي آهي. سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين سنڌي راڄن جي زمين هئي. مڪاني وڏيرا شاهيءَ انگريز ڏارين سان ساز باز ڪري سندن دلال بنجي ڪيئن سنڌي پورهيت عوام کان ڦري، انهن تي پنهنجو ناجائز قبضو ڄمائي، سنڌ جي قوت کي اسرڻ نه ڏنو ۽ ڪيئن ڏارين جي اڇڻ لاءِ ميدان تيار ڪيو، تنهن بابت احوال موجود آهي پر اهو لڪايو ويو آهي. سنڌ جي مظلوم کان مظلوم عوام يعني قديم درواڻ باشندن جهڙوڪ: ميڌن (ناکڙا، مير بحر، ملاح، ماڇي) ڪولهين وغيره سان آرين ۽ پوءِ ايندڙن ڪهڙا ويل ڪيا ۽ ڪن پيا تن تي تحقيقات ٿيڻ کپي.

تحقيقات جا ڪيئن موضوع ٿي سگهن ٿا. مثلا "سنڌي وڏيرا شاهيءَ طرفان وطن سان ڪيل غدارين جي تاريخ"- "عربن، ارغونن، ترخانن ۽ مغلن وغيره ڏارين خلاف سنڌين جي بغاوتن ۽ گوريلا لڙاين جي تاريخ"- "ڏارين پرمارن طرفان سنڌ کي غلام بنائڻ جي سازش ۾ ۽ خود پرمارن راڄن ۾ مڪاني 'دانشورن' جهڙوڪ: ملن ۽ پيرن جو ڪردار"- "مذهب جي آڙ ۾ سنڌ اندر پرمارن جو ففٽ ڪالم تيار ڪرڻ ۽ پالڻ جي تاريخ"- "پرمارن طرفان سنڌ تي ڪيل ظلمن ۽ زيادتين جي تاريخ" وغيره.

"سنڌ صدين کان" واري بين الاقوامي سيمينار ۾ جيڪي مقالا پڙهيا ويا آهن تن جي جيڪا فهرست شايع ٿي آهي، تنهن مان پهرين نظر ۾ ڏسجي ٿو ته سڄو معاملو سطحي ۽ هڪ طرفو رهجي ويو آهي. ڪنهن به محقق روايتي

سرمائيداري تحقيق جي طبقاتي عدن کي اورانگهڻ جي ڪابہ تڪليف نہ ورتي آهي ۽ نہ ئي ڪا اهڙي جرئت ڪئي آهي. ٿيڻ تہ ائين کپندو هو تہ هيڏي ساري جاکوڙ، خرچ ۽ پبلسٽي مان سنڌي عوام کي ڪي واقعي چگيون، گهربون ۽ جٽادار اهميت واريون کوجنائون ملن ها. بهرحال موجوده سياسي ۽ سماجي ماحول ۽ حالتن ۾ جيڪي ٿيو سو غنيمت.

سنڌي وچئين طبقي جي محب وطن دانشورن ۽ پڙهيلن کي سنڌ بابت فقط چهچٽو، وندر ۽ لئي گهرجي. ان کان وڌيڪ هرگز نہ. سنڌي عوام جي ڪم جي ڳالهہ ٻڌي هو مورڳو نمائشي "سنڌيت" تائين ئي هٿ ڪٽڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. جيتري قدر لئي جو تعلق آهي، هر هڪ قبول ڪندو تہ "سنڌ صدين کان" واري سيمينار جو شو ۽ نمائش خراب نہ هئا. هڪ خيال کان ان سڪٽي شو ۽ نمائش کي بہ اڳتي قدم چئي سگهجي ٿو. جتي پاڻ صدي کان سنڌ اندر سنڌ جو نالو وٺڻ گناه هجي ان ۾ سنڌ جي ٻلهي ڳالهہ ۽ سڪٽو نالو بہ هيترو، وقت، هيڏي پيماني تي هيتري بم بکيڙي سان ٿئي، سو بہ شڪر! شرط اهو آهي تہ ان مان عوام جي دلين ۾ ڪي بہ خوش فهميون پيدا نہ ٿين. عوام جي سياسي سمجهہ ۽ شعور مڌا نہ ٿين.

[ماهوار "تحريڪ" مارچ 1975ع]

وطن دوست انقلابي عوام جي شاندار سوپ

سموري انسان ذات جو وڏي ۾ وڏو دشمن سامراج آهي. اهو دنيا جي ڪيترن ئي ننڍين قومن ۽ عوام کي ظلم ۽ زبردستيءَ جي زنجيرن ۾ جڪڑيو وينو آهي ۽ سندن وسيلا ۽ ڪئي ڪمائي چٽ ڪري رهيو آهي. سڄي دنيا جي قورن، ڏاڙيلن، سردارن ۽ سينئين جو لٽ سردار آمريڪي سامراج آهي. ننڍين قومن کي پنهنجي دام ۽ فريب ۾ قاسائڻ لاءِ اهو وقت بوقت نوان نوان حربا، چالون ۽ سازشون تيار ڪندو آهي ۽ آزمائيندو آهي.

انهن قوم دشمن سامراجي چالن مان هڪڙي چال آهي، سازش ذريعي فوج هٿان انهن ننڍين قومن جي حڪومتن جو تختو اٿلائڻ، جيڪي سامراج جي اشاري تي نچڻ ۽ پنهنجي عوام جو گلو گهٽڻ لاءِ تيار نه هجن.

سامراج جي انهيءَ خونخوار چال جو تازو شڪار هو ڪمبوڊيا جو عوام. پنج سال اڳ ڪمبوڊيا جو بادشاه شهزادو سهانوڪ چين جي دوري تي ويو ته پٺيان آمريڪي سامراج ڳجهه ڳوهه ۾ ڪمبوڊيا جي عوام تي فوجي راڄ مڙهي ڇڏيو.

ڪمبوڊيا ايشيا کنڊ ۾ هڪڙي ننڍڙي قوم آهي. ويٽنام ۽ چيني عوام جي انقلابي جدوجهد جي اثر هيٺ اچي، ان قوم به پنهنجي تقدير بدلائڻ ٿي گهري. ان قوم جو عوام به آزادي، خوشحالي ۽ جمهوريت حاصل ڪرڻ لاءِ آتو هو. اها ڳاله آمريڪي سامراج کي ڪنهن به قيمت تي منظور نه هئي ڇو ته ان حالت ۾ آمريڪا جا ايشيا جي ننڍين قومن کي غلام بنائڻ جا منصوبا مٽي ۾ ملي ٿي ويا.

تنهن ڪري آمريڪي سامراج ڪمبوڊيا جي عوام کي پنهنجي تابع رکڻ ۽ هميشه واسطي دٻائي رکڻ لاءِ فوج هٿان سهانوڪ جي حڪومت ختم ڪرائي ڇڏي. نه رڳو ايترو پر آمريڪا ڪمبوڊيا کي فوجي اڈو بنائڻ ٿي گهريو ته جيئن سڄي ايشيا تي ڏوٿس جمائي پنهنجا ناپاڪ مقصد حاصل ڪري سگهي.

ڪمبوڊيا جي عوام سڀ ڪجهه ڏسندي وائسندي به هوش هٿان نه وڃايو. اتي جي وطن دوست ماڻهن وڏي بردباري ۽ حوصلي سان صحيح پڏي قائم

ڪئي ۽ طاقت گڏ ڪري سامراج جي پٺو حڪومت خلاف لڙائي شروع ڪري ڏني.

ڪمبوڊيا جا ٻار، ٻڌيا، مرد، عورتون، هاري، ناري، مزدور، شاگرد ۽ ٻيا سمورا وطن دوست ماڻهو اڄي ڪڙا ٿيا. انهن هن جنگ ۾ پرپور ۽ شاندار حصو ورتو ۽ سڄا سارا پنج سال سور، سختيون ۽ عذاب سهندا رهيا ۽ دشمن سان وڙهندا رهيا.

ڪمبوڊيا جو بهادر عوام نيٺ سوپارو ٿيو. دشمن جي قبضي ۾ باقي رهگو وڃي ملڪ جي گادي نام پنهه بچي آهي. ان تي به هاڻي جلد ئي عوام جو قبضو ٿيڻ وارو آهي.


ڪمبوڊيا جي عوام جي جدوجهد جي ڪاميابيءَ جي زبردست تاريخي ۽ عالمي اهميت آهي. هن جدوجهد دنيا جي ننڍين ۽ مظلوم قومن کي وڏي هٿي ڏني آهي. ڪمبوڊيا جي فتح حقيقت ۾ دنيا جي مظلوم قومن ۽ مظلوم عوام جي فتح آهي.

انهيءَ ڪاميابيءَ ثابت ڪيو آهي ته عوام جو ڏنڊو فوجي ڏنڊي کان هزار ڀيرا وڌيڪ طاقتور آهي.

ڪمبوڊيا ۾ عوام دشمن سامراجي چاڙڻن جي شڪست جي ڪري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ انهن سمورن غدار فوجي ٽولن، ڪرنلن، جنرلن ۾ ٽرٽلو پٽجي ويو آهي، جن سڏي يا اڻ سڏي طرح عوامي راج تي قبضو ڪيو آهي ۽ عوام جي زمين، نوڪرين واپار ۽ ٻين گڏر جي وسيلن تي پنهنجا خوني چنبا ڦهايا آهن. اهي چاڻن ٿا ته ننڍين قومن ۽ عوام هٿان ٿورڙن بيڪار ماڻهن جي قبضي ۽ حڪمراني جا ڏينهن هاڻي پورا ٿي چڪا آهن. اهي صاف صاف اکئين ڏسي رهيا آهن ته دنيا جا ٻيا عوام به سندن اهو ئي حشر ڪندا جهڙو غدار لون نول فوجي ٽولي ۽ ان جي حمايتن جو ڪمبوڊيا جي عوام هٿان ٿيو آهي.

ڪمبوڊيا جي عوام جي سوپ آمريڪي سامراج ۽ ان جي سمورن چاڙڻن کي وڏو ڪاپاري ڏڪ هنيو آهي. آهستي آهستي سامراج جا سمورا ناپاڪ ۽ عوام دشمن مورچا هر هنڌ ناس ٿي رهيا آهن، هاڻي هڪڙي پاسي ڪمبوڊيا ته ٻئي پاسي ڏکڻ ويٽنام مان به آمريڪا پير داهي رهيو آهي. اهو وقت پري ناهي جڏهن سامراج کي ٻين هنڌن تان به ذليل ۽ خوار ٿي پير داهڻا پوندا. دنيا جي پڙهيل، ستايل ۽ ماريل قومن ۽ عوام جي هر حالت ۾ فتح ٿيندي.

[ماهوار "تحريڪ" اپريل 1975ع]



اوهان جي عدالت ۾

اوهان جي عدالت ۾

روزاني ڪاوش جي پاران 1992ع ۾ اوهان جي عدالت ڪالم شروع ڪيو ويو هو جنهن ۾ محترم رسول بخش پليجو صاحب سڃي سنڌ مان ساڃهه وند ماڻهن پاران ٽيندڙ سوالن جا جواب ڏيندا هئا. محترم پليجو صاحب هن سلسلي ۾ سماجي زندگيءَ جي مسئلن کان وٺي سياسي ۽ فڪري موضوعن بابت سوالن جا پرپور جواب ڏيندا هئا سي هتي شامل ڪجن ٿا.

سوال: توهان جي تقرير ٻڌڻ سان پنهنجي لاءِ ڪجهه نه هجڻ جي احساس سان گڏو گڏ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي تمنا به پيدا ٿيندي آهي. توهان جو زور وڌ ۾ وڌ علم حاصل ڪرڻ تي آهي. سوال اهو آهي ته پڙهائي ڪيئن ڪجي؟ ۽ پڙهجي ته ڇا ڇا پڙهجي؟

سعيده پانڌياٽي- لطيف آباد حيدرآباد:

جواب: منهنجو زور وڌ ۾ وڌ علم حاصل ڪرڻ تي آهي پر رڳو ان تي ناهي. ذاتي ۽ گڏيل سماجي سڌاري، واڌاري ۽ انقلاب لاءِ بهترين ذاتي ۽ گڏيل عمل تي به آهي. منهنجو عقيدو آهي ته سواءِ ڄاڻ، سمجهه ۽ نظريه جي عمل ائين آهي جيئن اونڌهه ۾ ٽاڪوڙا هڻڻ. پر سواءِ عمل جي رڳو ڪتاب پڙهڻ سان به ذاتي ۽ گڏيل فائدو ٿي نه سگهندو. مرزا قليچ بيگ صحيح چيو آهي: "عالم جي ٿيو ته عامل، دفتر لکيو ته ڇا ٿيو؟" البت دفتر لکڻ خود عمل آهي.

دنيا جو وڌ ۾ وڌ اعليٰ کان اعليٰ علم انگريزي، روسي، فرينچ، جرمن ٻولين ۾ لکيل يا ترجمو ٿيل آهي. اسان کي انگريزي ويجهي آهي ۽ اها آهي به اڄوڪي دنيا جي سپني کان شاهوڪار ۽ مالا مال ٻولي. سنڌي ماڻهن جي نجات لاءِ ضروري آهي ته عالمي تاريخي علم جي خزانن مان وڌ ۾ وڌ خزانا هٿ ڪري ڪم آڻجن. سنڌين لاءِ بهترين انگريزي سکي دنيا جا چوٽيءَ جا

ڪتاب ۽ رسالا پڙهڻ ضروري آهن.

هونئن سنڌي، پنجابي، بلوچي، اڙدو، فارسي، عربي ۽ هندي انهن سان به جيترو گهٽو علم پرائي سگهجي، پرائڻ گهرجي.

شروعات ۾ جيڪي آيو سو ڪار، واري ڳالهه آهي. آئون شروع شروع ۾ جهڙو به پڙهڻ جهڙو ڪتاب هٿ ايندو هو سو پڙهي چڏيندو هوس. اڄ به ڪنهن ڏينهن جيڪا به شئي سامهون ايندي آهي سا پڙهي چڏيندو آهيان. مثلاً روحاني ڊاڪ، رڌ پچاءَ جا طريقا، چهري کي سهڻو ڪيئن بٽائجي، خوابن جا تعبير ڪيئن ڪجن ۽ ٻيون به طرح طرح جون اوٽ پٽانگ ڳالهيون. انهن جي پڙهڻ سان ماڻهو جي ذهن ۾ هڪڙي پنجن ڏهن قسمن جي ڳالهين بابت ئي پڙهندي رهڻ ڪري جيڪو جمود اڄي وڃي ٿو سو ٽٽي ٿو، ماڻهو ذهن کي هلڪو محسوس ڪري ٿو ۽ خبر پوي ٿي ته دنيا جا ماڻهو ڪهڙيون ڪهڙيون شيون پڙهڻ تي آماده ڪيا پيا وڃن ۽ سندن سوچ جو معيار ڪهڙو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ ڪيترا ڪتاب ڇپايا آهن. انهن مان گهٽا پڙهڻ جهڙا آهن ۽ ڏاڍا سستا آهن. اهي سڀ پڙهڻ کپن. آهستي آهستي ۽ ڏاڪي به ڏاڪي ماڻهوءَ کي مختلف موضوعن بابت ڪجه سئو ڪتاب پڙهي ونڊ گهرجن پوءِ پلي پنهنجي پسند جي موضوعن کي ئي اوليت ڏئي، پر شرط ان سان ته وچ وچ ۾ پنهنجي دلچسپين ۽ پڙهائيءَ جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪندو رهڻ گهرجي ۽ ان ۾ نوان نوان موضوع ۽ علم شامل ڪندو رهڻ گهرجي.

سوال: مينگهواڙ دراوڙي نسل مان آهن يا ٻئي هنڌ ۽ نسل مان؟ اڄ ڪله بحث هلي پيو ته دراوڙ اصل آسٽريليا جا آهن. ڇا اهو صحيح آهي؟ ان بابت جلد صحيح ۽ جامع معلومات ڏيندا.

سڪيو مل - مينگهواڙ - ڪمب

جواب: مون کي جن ٻي انداز ڳالهين جي ڪابه جاڻ ڪانهي تن ۾ مينگهواڙن جو اصل نسل به شامل آهي. جيئن ئي مون کي ڪو خاطريءَ جهڙو احوال ملیو تيئن لکندس.

سوال: چوندا آهن ته عام ماڻهو پنهنجي دماغ جو 5 سيڪڙو مس استعمال ڪري ٿو. باقي هو بنا استعمال ڪئي قبر ۾ ڪٽي وڃي ٿو. سوال آهي ته ڇا انسان جو دماغ ان جي جسم کان ڪا الگ شئي آهي ۽ هو ڇو دماغ جو گهٽو حصو عام طرح استعمال ۾ آڻڻ کان لاچار آهي؟

ريحانه صديقي - وحدت ڪالوني حيدرآباد

جواب: انساني جسم جي مختلف عضون جا ڪم ورهايا پيا آهن. دماغ جو ڪم سوچڻ سان آهي. انسان کي پنهنجن عضون خاص ڪري دماغ جي باري ۾ تمام گهڻ ڄاڻ آهي. جيڪي تازا انڪشاف ٿيا آهن تن مان معلوم ٿيو آهي ته انساني دماغ عام طرح جيڪو ڪم ڪري ٿو ان کان هزارين دفعا وڌيڪ صلاحيت رکي ٿو. جيڪڏهن ماڻهوءَ کي پنهنجي دماغ جي باري ۾ پرپور ڄاڻ هجي ۽ هو ان کان پرپور، صحيح ۽ جائز ڪم وٺي ته جيڪر هيءَ دنيا ذري گهڻ بهشت بڻجي وڃي.

سوال: توهان اسان کي اهو ٻڌائي سگهندا ته توهان ڪيتري عرصي ۾ سنڌ آزاد ڪندا؟

ڊاڪٽر اقتدار علي اقتدار- لاڙڪاڻو

جواب: مون کي افسوس آهي ته آئون توهان کي سنڌ جي آزاديءَ جو ٽائيم ٽيبل ٻڌائي نٿو سگهان. پچا ڪريو، ٿي سگهي ٿو ته ڪو ٻيو مهربان توهان جي ضرورت پوري ڪري سگهي. هونئن کي مهربان چئن سالن ۾ پاور ۾ اچڻ وارا آهن. کي بن سالن جون گالهيون پيا ڪن. هڪڙي يار لکيو آهي ته آئون ايندڙ سال سنڌ جو چيف منسٽر ٿيڻ وارو آهيان ۽ ٻئي سال پاڪستان جو وزير اعظم ٿيندس. هڪڙي دوست جو ٽن سالن اندر جميعت الاقوام جي سيڪريٽري جنرل ٿيڻ جو پروگرام آهي، ٿي سگهي ٿو اهي توهان جي مدد ڪري سگهن ۽ جلد کان جلد پاور ۾ اچي پاڻ کي سنڌ آزاد ڪرائي ڏين.

سوال: سنڌي ماڻهو متحد ٿيندا به يا نه؟ جيڪر متحد ٿيا به ته هڪڙي چڱي مڙس جي اڳواڻيءَ ۾ ٿيندا؟

خادم بلوچ- ٽنڈو جام

جواب: سنڌي ماڻهن جي ٻڌيءَ ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ اها آهي ته ماڻهن ۾ سماجي ۽ سياسي سمجهه بنهه ٿوري آهي. ان ڪري هو ڪوڙ، تحقيقات ۽ گالهين جي يادگيري ۽ پيٽ ڪري اهو معلوم ڪري نه سگهيا آهن ته قوم! قوم! ۽ عوام! عوام! ڪندڙن مان ڪهڙا سچا آهن ۽ ڪهڙا ڪوڙا. جڏهن اڳتي هلي ماڻهن جي سمجهه وڌندي ۽ سڀني جا اڇا ڪارا سندن اڳيان پڌرا ٿي پوندا تڏهن قوم صحيح ماڻهن جو ساٿ ڏيندي ۽ اهڙو سوپارو اتحاد قائم ٿيندو جنهن کي پيشيور ۾ڇ ڏاهه ڪرڻ وارا ڪيترين به سازشن سان ختم ڪري نه سگهندا.

سوال: مان ڏاڙيل جي ٻئي روپ کي سياستدان جو لقب ڏيان ٿو، خاص ڪري اڄڪلهه جي سياستدانن کي، توهان ان سان ڪيتري قدر متفق آهيو؟

در محمد انڙ- ڳوٺ محبوب انڙ

جواب: منهنجي خيال ۾ توهان هڪ حد تائين صحيح آهيو.

سوال: هن ڪائنات ۾ صرف ڏرتي اهڙو گرهه ڇو آهي جنهن تي حياتي جي ارتقا ٿي آهي؟ ڇا هن ڪائنات ۾ ٻئي ڪنهن گرهه تي حياتيءَ جو وجود ممڪن آهي؟

فرزانه جت- ٽنڈو الهيار

جواب: سج جي چوڌاري سندس ڪيترا گرهه ڦيريون پائيندا رهن ٿا. انهن مان ڪي ڪائنس تمام پري آهن، جنهن ڪري حد کان وڌيڪ ٺڏا آهن ۽ ڪي ڪيس تمام ويجها آهن تنهن ڪري حد کان وڌيڪ گرم آهن. ڏرتي سج کان پوري پني پنڌ تي آهي جنهن ڪري اتي نه تمام گرمي آهي نه سردي تنهن ڪري اتي زندگي پيدا ٿيڻ لاءِ حالتون سازگار ٿي پيون.

تارا دراصل اسان واري سج جهڙا، ڪي ڪائنس وڏا ته ڪي ننڍا سج آهن. انهن مان ڪيترن جي چوگرد اسان جهڙي ڏرتيءَ جهڙا گرهه ڦيريون پيا پائن. انهن سجن مان اسان جي ڏرتيءَ جهڙو پوري پني پنڌ تي ٻيئل ڪو گرهه هجي ته اتي ساهواري زندگي جا امڪان ٿي سگهن ٿا. هتان ڪان ونڊي ڪربن ۽ ڪربن ميلن تائين واري ڪائنات جي حصي جو، نهايت طاقتور ريڊيائي دوربينين ذريعي چڪاس ڪئي ويئي آهي ته اتي ساهوارن جا آثار نظر نٿا اچن. پر هن سڃي ڪائنات ۾ ڪٿي به ساهوارا نه هجن اهو ناممڪن آهي. البت وچ وارا پنڌ تمام وڏا آهن. ان ڪري اهڙن ڪن امڪاني ساهوارن جو ميلاپ هزارين لکين سالن جي تيز ترين رفتار واري پنڌ جو مسئلو آهي. بهرحال امڪان اهي آهن ته ايندڙ ڪجهه سون يا ڪجهه هزار سالن اندر اهو مسئلو حل ٿي ويندو ۽ ڪائنات جي مختلف هنڌن وارن ساهوارن جو پاڻ ۾ ميلاپ ٿي ويڙهه ڪيو.

سوال: جڏهن "ڪزبانو ڪوٺ تي چڙهي" پڙهيم اهو لکڻ ۾ ڪو منافقت ڪان ڪم نٿو ونان ته توهان جو هڪ به احسان شايد ئي ڪو لاهي سگهجي. پر في الوقت هڪ مون تي احسان ڪريو ۽ آءٌ سچ پچو ته ان جو گهرجائو به آهيان. هينئر انجنيئرنگ جي دڳري هٿ ۾ آهي ۽ سال ڪن ڪان بيروزگار آهيان. عادتون منهنجون بگڙيل آهن ۽ ضمير به جاڳندڙ آهي. مڊل ڪلاس

يعني سمند جي وچ ۾ رهندو آهيان. آئون اڄ تائين پنهنجو پاڻ کي فيل مائڻو تصور ڪندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن سچ پچو تہ خودڪشيءَ جي باري ۾ به سوچيو اٿم. مان چا ڪيان؟ ڪيڏانهن وڃڻ گهرجي؟ پنهنجن احساسن تي ڪيئن ڪنٽرول ڪجي؟

عبدالغني سهتو - شاهي بازار نوشهرو فيروز

جواب: في الحال ٻہ ٽي ڪم ڪريو. پهريون تہ پاڻ تي قياس ڪائڻ هڪدم بند ڪريو. ٻيو تہ منفي سوچڻ بدران مثبت سوچون ڏاريو. نااميديءَ جي خيالن بدران اميد، اعتماد ۽ يقين جا خيال ڏاريو. ٽيون تہ نفسيات تي بهترين ڪتاب موجود آهن. اهي هٿ ڪري پڙهو. ڪراچي ۾ صدر ۾ "ٿامس ۽ ٿامس" ۽ پاڪ-آمريڪن ۽ ٻين ڪتب فروشن وٽ ڏاڍا سٺا خود اعتمادي وڌائيندڙ ڪتاب رکيا آهن. ياد رکو! پنهنجي صلاحيتن مان پرپور فائدو وٺي سگهڻ هڪڙو علم، هڪڙي سائنس ۽ هڪڙو وڏو فن آهي. ان بابت وڏو ڪارائتو ادب مارڪيٽ ۾ موجود آهي.

سوال: حق موجود! سنڌ موجود! ڪارل مارڪس چوائي "مذهب انسان لاءِ آفيم جو ڪم ڪري ٿو. اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟"

اعجاز چانڊيو - رتوديرو

جواب: حق موجود! سنڌ موجود! سنڌي قوم موجود!!! انسانيت موجود!!!

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ مفاد پرست مائٿن ۽ طبقن هر ڇڪي ڳالهہ سمجهيل ڳالهہ کي ناجائز مقصدن لاءِ ڪتب پٽي آندو آهي. وطن پرستيءَ، جمهوريتءَ، آزاد خياليءَ، انسان دوستيءَ، تصوف، مذهب، سوشلزم، ڪميونزم ۽ انقلاب مان ڪهڙي ڳالهہ کي عوام دشمن پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب نہ آندو آهي؟ ان ڪري جانسن چيو آهي "وطن پرستي بدمعاشن جو آخري اجهو آهي" ڪنهن ٻئي چيو آهي تہ "اي آزادي! تنهنجي نالي ۾ ڪيڏا نہ ڏوهہ ڪيا ويا آهن!"

مذهب کان ٻہ آفيم چا زهر ۽ باهہ جو ۽ ٻيو الائي ڪهڙو ڪهڙو ڪم ورتو ويو آهي ۽ ورتو پيو وڃي.

سوال: عوام پي پي کي ووٽ ڇو ٿي ڏئي؟

علي حيدر خواجہ - ميرپور خاص

جواب: مائٿو پ پ کي ووٽ ڏين ٿا، ان ڳالهہ جي گهٽ سبين مان کي مثبت آهن ۽ کي منفي ٻہ. سنڌ جي مائٿن کي پٽي صاحب جي واسطي پير ۽ مرشد جهڙي محبت ۽ عقيدت آهي. جيئن ٻين پيرن ۽ مرشدن بابت مائٿو

سوال جواب نہ ڪندا آهن، تيئن پٽي صاحب بابت ب ماڻهو سوالن جوابن جي ڪا ضرورت نٿا سمجهن. ماڻهو عقيدي وچان ڪيس سياسي پير ڪري پوڄين ٿا. پٽي صاحب جي سياسي رول بابت دشمن ته گهٽيون ئي بهتان طرازيون ڪيون آهن پر انهن بابت ڪا غير جانبدار ڄاڻ، چند ڄاڻ ۽ راءِ موجود ڪانهي. ان ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ عوام جي نہ ڪا رهنمائي ٿي سگهي آهي ۽ نہ وري عوام جو پٽي صاحب جي مقبوليت سان واسطو نہ رکندڙ ڳالهين بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ دلچسپي آهي. تنهن ڪري پٽي صاحب کي هڪڙي پي دنيا جي ڪراماتي شخصيت سمجهيو پير وڃي ۽ ان جون فقط محدود ۽ مخصوص ڳالهيون ماڻهن جي ذهن ۾ وينل آهن. مسلو ذري گهٽ ڇڻ ته مذهبي عقيدي جو وڃي رهيو آهي. ٻئي طرف جيڪي پ پ جا مخالف آهن انهن مان گهٽا عوام جي بدترين دشمن جنرل ضياءَ ۽ ضيائي آمريت جي جهنڊي بردارن جا ساٿاري هئا. عوام سمجهي ٿو ته جيڪو مڊل ڪلاس جو ماڻهو وڏيرا شاهي سان گڏ ۽ انهن جو پوئلڳ ناهي ته ان کي ووٽ ڏيڻ بيڪار آهي. رهيون پي پي مخالف وڏيرڪيون پارٽيون، تن لاءِ ماڻهن جو ويچار آهي ته اهي علي الاعلان عوام کي حقير ۽ نالائق سمجهن ٿيون ۽ انهن کي ڪا حقيقي عزت ۽ اهميت ڏيڻ ته پري رهيو پر اهڙو سڪٽو ڏيکاءُ ڏيڻ جي ب ضرورت نٿيون محسوس ڪن. عوام جي سوالن جو جواب انهن وٽ فقط ڏنڊو آهي. ٻئي پاسي پي پي گهٽ ۾ گهٽ زباني طرح عوام جي خوشامد ڪرڻ ضروري سمجهي ٿي. عوام ڏسي ٿو ته پي پي وارا گهٽ ۾ گهٽ زبان سان ته چون ٿا ته پٽو عظيم هو، طاقت جو سرچشمو عوام آهي. ٻيا ته رڳو زبان سان ب ماڻهن جي دل گهرئي پٽي جي تعريف ڪرڻ ۽ عوام جي پلي جي خواهش ۽ ارادي جو اظهار ڪرڻ ب پنهنجي بيعزتي سمجهن ٿا. هن جي نظر ۾ هڪڙي پاسي آهي اگهاڙو ڏنڊو ۽ ٻئي پاسي آهن منيون قربائتيون ڳالهيون، دم دلاسا ۽ موچارا واعدا. عوام ڏنڊي جي پٺيان وڃڻ لاءِ هرگز تيار ناهي. تنهن ڪري پٽي جي نالي ڪري ۽ ڪوڙن سڃڻ دمن دلاسن ڪري عوام پي پي کي ووٽ ڏيڻ اچن ٿا.

جنهن ڏينهن سنڌ ۾ اهڙي وڏيرکي پارٽي جيڪا عوام کي پي پي جيترا يا ان کان ب وڌيڪ دم دلاسا ڏيندي، سندس عزت نفس جو احترام ڪندي، سندس ٿورا گهٽا ڪم ڪار ڪندي تڏهن ئي پي پي لاءِ حقيقي چئلينج ڪڙو ٿيندو.

ڪنهن ايندڙ وقت ۾ جيڪڏهن مڊل ڪلاس پنهنجي پيرن تي بيهندو ۽ ائين نظر ايندو ته هو شايد اقتدار ۾ اچي ب وڃي ته پوءِ عوام جي راءِ ۾ ڦيرو ايندو.

بهرحال سياست ۾ ڪابه ڳالهه آخري ڪانهي. حالتون تبديل ٿين ٿيون ۽ ٿي رهيون آهن ان ڳالهه جو پ پ واري ڳالهه تي به اثر لازمي ٿيندو.

سوال: پاڪستان ۾ عورت جي حيثيت غلام، نوڪر، بانهي ۽ هڪ بي زبان جانور کان وڌيڪ نه آهي. ان جو ڇا سبب آهي؟

محمد عيسيٰ سومرو - جيڪب آباد

جواب: انگريز سامراجين مدي خارج وڏيرڪي، سرداري نظام کي پنهنجي مفادن لاءِ جائي بجهي هٿراڏو نموني زنده رکيو. پاڪستان جا مالڪ به پنهنجي سندن دشمن ۽ عوام دشمن مفاد لاءِ ائين پيا ڪن. جيئن جيئن اهو نظام ڏاڪي به ڏاڪي ڪمزور ٿي آخر ختم ٿيندو. تيئن تيئن عورت جي غلامي به گهٽجي ويندي ۽ نيٺ عملي طرح ختم ٿي ويندي ۽ هوءَ پنهنجا سمورا انساني حق حاصل ڪري ۽ مائي سگهندي.

سوال: توهان ته هڪڙي پڙهندڙ جي هڪڙي سنئين سڌي سوال جو هڪڙو سنئون سڌو مختصر جواب ڏنو پوءِ حليم بروهيءَ چو وٺي ايڏي ڊيگهه ڪئي آهي؟ توهان ته انهن ڳالهين جو ذڪر ئي ڪونه ڪيو آهي جيڪي هن وٺي ڪنيون آهن؟ توهان جواب ڏيندؤس نه؟

وحيده ڪلوڙ - ٽنڊو جام

جواب: پنجابيءَ ۾ نقل ڪندا آهن ته هڪڙي ڪنهن شهري مائهوء اٺ ڏٽو ئي ڪونه هو. نڪي وري اٺ جي ڳچيءَ ۾ جيڪا ڳاني پڌبي آهي سا ڏٽي هٽائين هڪڙي ڏينهن اتفاق سان ڪس ويندي هڪڙو اٺ ويندي ڏٽائين جنهن جي ڳچيءَ ۾ ڳاني پئي هئي. حيران ٿي پئي واٽهڙو کان پڇيائين ته "هي ڇا آهي ۽ ڳچيءَ ۾ ڇا پڌل اٽس؟" هو به ڪو اهڙو ئي هو، سو چيائين: "اداڻ اهڙن جي ڳچيءَ ۾ اهڙيون پڌل هونديون آهن" مون اڳ ئي عرض ڪري چڏيو هو ته جيڪي مائهو ويچارا اسان جي پياري پاڻ حليم بروهيءَ جهڙي صورتحال ۾ هوندا آهن تن جي حالت ڪجهه مڙيئي جرئي قسم جي ٿي ويندي آهي. اهڙي حالت ۾ اهڙا مائهو نيٺ اچي اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪرڻ لڳن ته عجب نه ڪائڻ گهرجي. جواب ڪهڙو ڏجي؟

هي بات هي ايسي ڪ چپ هين،
ورنه ڪيا بات ڪر نهين آتي؟" (غالب)

(ڪاوش - 29 ڊسمبر 1993)

سوال: جڏهن ادين کان وڏي وزير پڇيو ته: "سنڌ جي تاريخ تي مستند ڪتاب آهي؟" شيخ اياز سوڏو سڀني جواب ڏنو ته: نه- ڇا توهان ان انڪار سان سهمت آهيو؟

محمد نواز خشڪ، ڏاڀيجي ٽنو

جواب: "سنڌ جي مستند تاريخ" واري فقري جون به معنائون ٿي سگهن ٿيون. هڪڙي اها ته سنڌ جي موئن جي دڙي ۽ ان کان اڳ کان وٺي اڄ تائين سنڌ جي تاريخ ۾ جيڪي به وهيو واپريو آهي تنهن احوال جي هڪ يا وڌيڪ جلدن ۾ يڪي هڪڙي مستند ۽ پروسي جوڳي تاريخ. اهڙي تاريخ سنڌي ادبي بورڊ طرفان گهٽي زماني کان لکجي پيئي پر "نڏڪا گهوڙا غيباٽا سورا" وانگر پنجاهه سالن ۾ به لکجي پوري ٿئي ته به وڏا پاڳ چئبا- باقي مختلف دورن بابت حال سارو نسبتا مستند تاريخون ڪافي آهن مثلا "چچ نامون"، "تاريخ طاهري"، "تاريخ معصومي"، "تاريخ مظهر شاهجهاني"، "تحفت الڪرام"، "نوائي معارڪ"، وغيره وغيره.

سوال: هڪ سياسي دانشور جي حيثيت سان ڇا توهان اهو محسوس ڪري رهيا آهيو ته بينظير پٽو هاڻي پنهنجو ووٽ بئنڪ ناهي چڪي آهي؟

صائمه قاضي، حيدرآباد

جواب: ماضيء حال ۽ آئيندو هڪجهئي سان ڪئين رشتن سان ڳنڍيل هوندا آهن. انهن جي وچ ۾ ڪابه چين جي ديوار نه هوندي آهي. بينظير پٽوء ذوالفقار علي پٽي جي ووٽ بئنڪ جي هڪڙي تمام وڏي حصي کي پٽي جي عملي سياسي وارث ۽ جانشين طور پنهنجي ورثي ۽ ان جي تسلسل ۾ ڪيل خود پنهنجي ذاتي جدوجهد وسيلي پنهنجي ووٽ بئنڪ بنائي چڪي آهي. ووٽ بئنڪ جي عمر گهٽي يا ٿوري ٿئي تنهن جو دارو مدار گهٽين ڳالهين تي آهي.

سوال: توهان پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو ته توهان جام صادق جو دور واپس ايندي ڏسي رهيا آهيو، مهرباني ڪري هن جي وضاحت ڪندؤ؟

شازيه قادري- سکر

جواب: پاڪستان کان اڳ بي پاڙي ۽ ڪڙم جي ويري سنڌي وڏيرا شاهي انگريز سامراجين ۽ سنڌي واپارين ۽ سرمايه دارن جي هٿن ۾ ڪٺ پتلين وارو ناچ ڪندي هئي. هاڻ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ تنهي ڪپڙن کان موڪلايو اسٽئبلشمنٽ ۽ دهشتگردن جي دربار جي ناچڻي بني بيٺي آهي ۽ مٿانئن

صدقي صدقي پيئي ٿئي ۽ نهايت بي حيائي سان سنڌي قومي غيرت ۽ وجود کي تين وال پيئي ڪري.

جهڙي قسم جا مهربان پٽو خاندان جا همدرد ۽ سرفروش ٿيو ٻيٺا آهن ۽ جهڙي قسم جي سياست ڏانهن کين سڏوسڏ ٻڌيو ٻيٺا آهن، تهڙي قسم جي سياست سنڌي قوم سان ڪهڙو حشر ڪندي، اهو هر ڪو سمجهي سگهي ٿو. ان سموري سياسي ۽ سماجي خچر خاني جو هڪڙو ئي منطقي نتيجو نڪري سگهي ٿو. دهشتگردن ۽ ٻين سنڌ جي ويرين وٽ يرغمال ٿي ڇامر صادق علي مرحوم واري قوم جي قاتل دؤر جي ڪنهن نئين ٻهروپ ۾ واپسي.

سوال: عام سوچ اها آهي ته سنڌ جو مائهو "غير سياسي" ٿئي پيو. ڇا توهان هن سان متفق آهيو؟ ۽ اگر ها، ته پوءِ ڇا هن جو سبب اسان جي سياسي جماعتن ۽ سياستدانن جو رول آهي؟

بشير سمون، دادو

جواب: ها، ائين برابر آهي. سياسي جماعتون ۽ سياستدان ان ڳالهه لاءِ ڪافي حد تائين ذميوار آهن. پر اصل ڳالهه اها آهي ته اسان جي سماج تي هڪڙا مخصوص طبقا ۽ نظر ايندڙ ۽ نظر نه ايندڙ اندريون ۽ باهريون قوتون ڇانيل ۽ غالب آهن. انهن جي اجازت ۽ مرضيءَ جي دائري کان باهر واري سياست ۽ سياستدانن کي ايٽرڻ ٽڪا ڏين. جي پوءِ به ڪي اُيرن ٽا ته انهن کي هلڻ ٽڪا ڏين، جي پوءِ به ڪي هلن ٽا ته انهن کي ڏنبي ۽ فريب، مڪر ۽ سازش وسيلي زبردستي پوئتي ڏيکيو ٽا ڇڏين ۽ جي اڳلا صفا ٽڪا مڙن ته انهن کي پٽي، فاضل، نذير عباسي ۽ ٻين سون هزارن مڙسن وانگر مارايو ڇڏين. اهڙي صورتحال ۾ اڪثر بااثر سياسي پارٽيون ۽ سياستدان اُهي وڃي رهن ٽا جيڪي هن جي ڇڪي ٽنگيل سنهڙي رسي مٿان هلڻ جو ڪرتب ڪري سگهن ۽ ڪڏهن هلن ٽا، ڪڏهن ڪنڊ ٻر ڪريو پون ۽ ويچارا ٽنگون ٻانهون ڀڃايو يا سر تان آسرو پليو ويهو رهن. اهي مٿيان مهربان اُٽل وري اها ٽا رکن جو ملڪ ۾ پيا هلائين ته سياسي پارٽيون ۽ سياست خراب آهي، حالانڪ جيڪي به اهي ڪن ٽا سو سندن ئي اشاري سان يا موڪل يا مرضين سان. اهي سڀ آهن يا خراب، اهو سڀ ڪجه قبلن جي نگاهه ڪرم جو فيض آهي.

"جو چاهين سو آپ ڪرين، هم ڪو عبث بدنام ڪيا." (مير)

ٻئي پاسي جيڪي سياستدان ۽ سياسي تنظيمون ملڪ جي ڳجهن مالڪن هٿان هر مخالفت، عذاب ۽ عقوبت جي باوجود چالو سياست کان الڳ ٻئي نرالي قسم جي سياست ڪرڻ جي جرئت ڪن ٽا ۽

"اڪ التي ذارم ونءِ ابتو عام کان" (شاهه)

جي لطيفي فرمان تي عمل ڪن ٿا اهي يه آهن. جيڪڏهن مالڪن جي منظور شده سياست جي هنگامن، وٹونان، بڏبڏان، "جيئي! جيئي! مري! مري!" ڪان فرصت ملي ۽ انهن کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ لاءِ جيڪي اکيون ۽ جيڪا نظر گهرجي سا هجي تہ اهي بلڪل صاف نظر يه ايندیون ۽ هر ڳالهه جي باوجود ڪافي وٹندیون يه.

"اکين سوئي اوڙکيو جو ڪنين سوم ڪرن،
ماءُ منهنجو من، جام پسندیئي پتيو." (شاه)

سوال: سنڌي ادب ۾ جمود اچي وڃڻ جا ڪهڙا سبب آهن؟

فرح ناز ميمڻ، ڪراچي

جواب: سنڌي ادب جي پڙ ۾ هڪڙي پاسي آهن وري نئين سر اسرندڙ ۽ يلغار ۽ اڳرائي ڪندڙ اهڙا نوان سماجي خيال ۽ نظريا ۽ ادبي، فني ۽ تنقيدي سوچون جن جو لباس نئون جمهوريت پسند آهي. پر جن جي آخري چنڊ چاڻ ڪبي تہ اهي پنهنجي جوهر ۾ نئين قسم جا رجعت پرست. نئين قسم جا عوام دشمن ۽ نئين قسم جا سامراج پرست ثابت ٹيندا.

(Neo- reactionary, neo- anti- people and neo- imperialist)

ٻئي طرف آهي اڳتي وڌڻ جي جولان وارن سوپارن سماجي خيالن، فڪرن، نظرين ۽ ادبي ۽ فني سوچن ۽ تنقيدن واري اڳوٹي ترقي پسند سوچ جيڪا زماني جي گاڏ پيٽ ۽ عالمي سماجي اٹل پٹل جي منفي اثرن کان پوءِ بنيادي طرح ڪافي حد تائين صحيح ۽ سالم فڪري پيڙهه رکڻ جي باوجود ڪنهن حد تائين مدي خارج ۽ لڪير جي فقير ٹي ويئي آهي ۽ ڪنهن طاقتور ۽ اثرائتي ڏٹي- ڏوٹيءَ کان محروم هئڻ ڪري لاوارث قسم جي ڪمزور ۽ نبل شيءِ ٻڌجي ويئي آهي. پهرئين لاڙي بوسنيا، صوماليه ۽ هيٹيءَ ۾ ۽ اقتصادي جوهر امريڪا ۽ يورپ جي غريب دشمن اقتصادي پاليسين ۾ صاف ڏسي سگهجي ٹو. نينهن نيائڻ لاءِ ماٹهوءَ کي چا چا نٹوڪرٹو پوي:

"عقل، مت، شرم، ٹيئي نينهن نهوڙيا."

سردار جعفري چيو آهي:

"حسن اک جنس گران مايا هي، اک دولت هي،
پي مگر عمر کا حاصل تو نه ... هي اي دوست،
منزلين اور پي هين اس سي حسين، اس سي جميل،
وصل کوئي آخري منزل تو نهين هي، اي دوست."

جمهوريت جي سامراجي- سرمايه دار تصور جي شيدائي اسان جي اديبن ۽ نقادن جو آخري معراج سامراجي- سرمايه دار "جمهوريت" جو ادبي ميدان ۾

"ڪم جهڙن" ادبين لاءِ مقرر ڪيل انعام "نوبل پرائيز" ٿو نظر اچي ۽ اهو حاصل ڪرڻ لاءِ هو سڀ ڪجهه تياگڻ ۽ قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ميدان ۾ لٿل نظر پيا اچن.

سنڌي ادبي جمود جو هڪڙو مکيه سبب سنڌي ادب ۽ سياسي فڪر جي لائين جو وقت جي روشن ترين، اعليٰ ترين ۽ خوبصورت ترين سماجي سوچن جي گرد استيشن جي روشنيءَ کان ڪتجي وڃڻ آهي ۽ سندس ڪن نامور ڪنهن دودن، درياهه خانن، هوشوئن، هيموئن جو علمي، فڪري ۽ فني طرح بي پهچ، خلاص ۽ جڏو ٿي موڪوبن وسايو. علي مراد ۽ نائون مل بٽجڻ جو لاڙو آهي. چور جڏهن چوريءَ کان ويندو آهي تڏهن يا ته وڃي مسيت وسائيندو آهي يا ٽائو. اسان مان ڪن مسجدون سگوريون آباد ڪيون آهن. ڪن وڃي بين الاقوامي فڪري ۽ فني "جمهوري" ٽائن جو پاسو جهليو آهي.

البت هي صورتحال عارضي آهي. نوان روشن سماجي، ادبي. فني لاڙا اسرڻ لاءِ حالتون سازگار ٿي رهيون آهن ۽ ايندڙ سالن ۾ وري هڪڙو نئين قسم ۽ نئين سماجي سطح وارو سڀ- طرفو اپار ايندو نظر پيو اچي.

سوال: روس ۾ لبرل ڊيموڪريٽس جي فتح، تجزين ۾ موڪهاري جو باعث ٿيندي ان امڪان کي آڏو آٿي رهي آهي ته روس فاشزم جو ڳڙهه بٽجي ويندو. توهان جو ان باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟

ستار ميمڻ، ڪراچي

جواب: روس جو عالمي تاريخ جي حساب سان جڙ اک چنب ۾ هڪڙي فيل مست سپر پاور مان ڦري هڪڙي ڏيوالي ۾ آيل محتاج ۽ پينو بنيڪ ۽ ڪالونيءَ ۾ تبديل ٿيڻ هن صدي جو اهڙو ئي وڏو حادثو آهي جهڙو 1917 جو "عظيم آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب."

پر حادثو ڪيڏو به وڏو هجي، وڏا ملڪ ۽ وڏيون قومن هڪڙي يا ٻن ٽن ڏڪن سان ختم ڪونه ٿيندیون آهن. فرانس، جاپان، چين، روس، جرمني، انگلينڊ ۽ ويٽنام جهڙن ملڪن جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته ڪي ملڪ ۽ قومون تمام چيڙهه ۽ پيڻا ٿيندا آهن. سوين سال ذري گهٽ نيست نابود ٿي وڃڻ کان پوءِ به هڪڙو ڏينهن ٽپ ڏيئي اٿي کڙا ٿيندا آهن ۽ وڻ گهوڙو ٻڌڻ ڪونه ڏيندا آهن.

يورپ جي گذريل سورهين صديءَ کان پوءِ جي تاريخ پڙهي ڏسجي ته اڳ جا به سپرپاور آخري دفعي ڪريا ته وري نه چڙهيا. اسپين ۽ آسٽريا، هنگري جي سلطنت. پر جرمني، انگلينڊ، روس ۽ فرانس روز ٿا هڪ ٻئي کي دسين نيست نابود ڪن ۽ روز ٿا وري نئين سر اٿي ڪلهوڪي فاتح کي دسي

بچڑو ڪن.

تنهن ڪري هتي توڙي ٻي دنيا ۾ جڏهن جڙتو پاءُ پڙهيل جاهل تجزيه نگارن "ختم ختم" جون ڦڙيون مچائي ملڪ تپائي پئي ڏنو ۽ لين جي مجسمي ڏهڻ تي خوشي جون ڪڳيون هٽندي مڙس ڪپڙن کان ٻاهر نڪري ٿي ويا تڏهن تاريخ جي ڇاٽو ماٺهن کي خبر هئي ته هيءَ فقط هڪڙي ملهه دسي وئي آهي. اهڙيون ڪئين ٻيون ملهون وڙهيون، نوان حساب ڪتاب ٿيندا، نوان ڦيرا گهيرا ايندا. پس پيش روس جهڙو اجگر ملڪ هيئن بچڑي حال ۾ محتاج ۽ گداگر بنجي آمريڪا ۽ يورپ جو غلام ٿي رهڻ لاءِ هميشه لاءِ راضي ٿي رهجي ويجي، سا ڳالهه خود سامراجي ٻ چڱي طرح سمجهن ٿا ته ٿيٽي ڪانهي. تاريخ ۾ ڪنهن ٻ امڪان کي رد ڪرڻ مشڪل آهي پر ڏسجي ٿو ته روس ۾ مختلف ڦيرين گهيرين ٿيڻ ۾ لاهين چاڑهين ۽ ورن وڪڙن اچڻ کان پوءِ سماجي سجاڳي، روشن خيالي ۽ پيش قدمي جو هڪڙو نئون دؤر اڻ تر آهي. اڃوڪين حالتن ۾ فاشزم روسي عوام کي ڪنهن ڊگهي عرصي تائين غلام بنائي رکي سگهي، سو ٻ ڏکيو ٿو ڏسڻ ۾ اچي. باقي قومي احساس روس ۾ اصل کان ونڊي گهٽو آهي. روس باربار منگولن، سويدن، پولن، فرينچن، جپانين، نازين ۽ ٻين ڌارين جي حملن جو شڪار ٿيندو رهيو آهي. سامراجي ان شديد قومي احساس کي ان جي اظهار جي خامين جو ناجائز فائدو ونڊي ان کي فاشزم جو روپ ڏيئي ان کي بدنام ڪري، روس کي جيتري دير ٿي سگهي اوتري دير وڌيڪ محتاج، پينو ۽ غلام بنائي رکڻ چاهين ٿا. پر اهو ڏندو گهٽي دير هلي سو مشڪل آهي.

ڳالهائيندڙن کي جنهن انداز ۾ ڪنديم ڪيو ٿا، مهرباني ڪري ٻڌايو ته عشق لاءِ ڇا ذات، قوم وغيره کا حيثيت رکي ٿي ۽ هڪڙي سنڌي هئڻ جي ناتي، هڪڙي اڙدو ڳالهائندڙ ڇوڪريءَ سان عشق ڪري ۽ سائس شادي ڪري سگهجي ٿي؟

جواب: سنڌي سماج عورت دشمن ۽ اسين سنڌي ماٺهو ثقافتي طور "مڙيئي ماٺهو" آهيون. سنڌي ڪيڏو ٻ قابل هوندو پر گهڙ- طرفو ۽ هر فن مولا ته هوندو. هڪ ٻن ڳالهين کي چڏي جن ۾ هو ٽيڪ ناڪ هوندو، باقي ٻين ڳالهين ۾ گابو ڳگدام هوندو ۽ اهڙيون آسرپوتائيون ۽ جاهلاٽيون ڳالهيون پيو ڪندو، جو ڇاٽو ماٺهوءَ کي انهن کان بچاڻ ۽ مٽس رحم پيو ايندو. ٻئي طرف ٻيا ماٺهو هر فن مولا آهن. انهن جون شخصيتون گهڙ- پاسايون ۽ وٽندڙ هونديون آهن. ماٺهو پانئيندو ته ويٺو ته سندن ڳالهيون ٻڌان. ان ڪري انهن جون ڪهاٽيون ٻ اڳهاميو وجن ۽ اسان جون مولون ٻ ويچاريون جند ڪيندڙيون

رهجيو وتن. هو نٽهي زبان جو ڪٽيو ڪائي ڇاٽن ۽ اسين بازن جو پورهيو ڪري ۽ ڪپڙا چنديو خالي هٽين هلندا وتون.

اسان جي جن واقفن اڙدو ڳالهائيندڙن مان شاديون ڪيون آهن، تن مان هڪ اڌ کي ڇڏي باقي ٻين جا ٻار يا ته جماعتي ٽي وينا آهن يا دهشتگردن جا ٻالڪا ٽيو سنڌين کي ڳولينڊا وتن. هو پاڻ ويچارا زالن جا مريد ٽيو سڄو ڏينهن پاڻ کي "مهذب" ثابت ڪرڻ ۾ محترمائن جي شوهر نامدار ٽيڊ جي اعزاز جي مستحق ٽيڊ جي جاکوڙ ۾ حيران ۽ پريشان آهن. اصل ڪٽا نٽا پڇن. مطلب ته همراهن جي حالت جري ڏٺي وئي آهي.

ٻئي طرف سنڌي سماج جي هڪڙي وڏي بدقسمتي ساڳئي پاڙي مان ۽ بنھ ويجھڑائيءَ مان شادي ڪرڻ آهي. هتي ڪراس بريڊنگ نہ هئڻ برابر آهي. تنهن ڪري هڪڙي گهٽ طرفائي، عقل، چالاڪيءَ ۽ تيزيءَ کان پيدل قوم ڏرتيءَ ۾ مڙيئي والار ڪريو ويٺي آهي ۽ ويٺي ڇڻ ماڻهن کي سڏ ڪري ته اچي اسان جا ٽيڙ ڪسي اسان کي ڏورن وانگر رهايو. سنڌي ماڻهن کي سڄي دنيا سان ملي هڪ ٽيڊ گهرجي ۽ ڪنهن ٻ ڳالهه ۾ اڪيلي ڪنڌ وٺي پري لڪي ويهي نہ رهڻ گهرجي. انساني اعتبار کان سڀ هڪ آهيون. رهيو عشق جو مامرو سو پلي شاهه فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته وچ وارن جو عشق جي معاملن ۾ دخل ڏيڻ جو ڪم ئي ڪونهي.

"سڻ ميان قاضيا! عشق شرع کيا لگي؟"

مشهور صوفي شاعر ابو سعيد ابوالخير ته چئي ويو آهي ته عشق جي دين جو پيغمبر ئي پنهنجو الڳ ۽ نرالو آهي. اهو نہ عربي آهي، نہ عجمي:

"آن آتش سوزنده ڪ عشقش لقب است،
در پيکر ڪفر و دين چو سو زنده تب است،
ايمان ديگر و ڪيش محبت دگر است،
پيغمبر عشق نہ از عجم نہ عرب است."

(اها پرندڙ باھ جنهن کي عشق جو لقب ٿا ڏين سا اهڙو تپ ۽ بخار آهي جيڪو ڪفر توڙي دين پنهي جي جسم ۾ ساڳئي حرارت پيدا ڪري ٿو ايمان ٻي شيءِ آهي ۽ محبت جو دين ٻي شيءِ، عشق جو پيغمبر نہ ايران جو آهي ۽ نہ عرب جو.)

سوال: توهان سڀائين سنڌين جي حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي ڳالهه ڪيو ٿا پر ساڳئي وقت توهان اهو چئو ٿا ته اوهان قومپرست نہ آهيو. وضاحت ڪندؤ

غلام نبي خاصخيلي، ڪوٽڙي

جواب: مون اڳ بار بار لکيو ۽ سمجهايو آهي ته لفظن جون هڪڙيون عام

معنائون ٿيندیون آهن ۽ ٻيون خاص معنائون ٿيندیون آهن، جيڪي گهٽي زماني جي استعمال کان پوءِ انهن لفظن کي ملي ويندیون آهن، چاهي انهن جي لفظي ۽ ظاهري معنيٰ کان هڪڙي به هجي.

"قوم پرست" لفظ جون ٻئي معنائون يعني هڪڙي لفظي ۽ ظاهري ۽ ٻي اصطلاحي ۽ ٽيڪنيڪي، سي ٻئي صحيح ۽ قابل قبول ناهن. هي لفظ ٻنهي معنائن ۾ عوام جي مفادن جي سراسر خلاف آهن.

قومپرست جي لفظي معنيٰ ٿي اهو ماڻهو جيڪو قوم کي جنسي پوڄي، پوڄا جي لائق سمجهي ۽ ان خاطر ٻي کان هڪڙي به چگي شيءِ کي نظر انداز بلڪ قربان ڪري ڇڏي.

پهرين ڳالهه ته قوم ۾ هزارين لکين ڪروڙين ماڻهو مختلف، سڻا ۽ برا، عوام دوست ۽ عوام دشمن طبقا ٿين ٿا. سڄي قوم جي پوڄا معنيٰ قوم جي سيني برن توڙي سڻن ماڻهن جي پوڄا. قوم ۾ سڀ ماڻهو پاڻ ۾ ڏهل ڪوڙ هوندا آهن. انهن جو مفاد کي هڪجهڙا هوندا آهن ۽ کي انهن جي سراسر ابتڙ ۽ مخالف. قوم جي اڪثريت جا مفاد هڪڙا ۽ ٿورائيءَ جا مفاد اڪثر ٻيا ۽ اڪثريت- مخالف هوندا آهن. سيني هڪ ٻئي جي مخالف ماڻهن جي پوڄا ائين آهي، جيئن خدا ۽ شيطان جي ساڳئي وقت پوڄا.

ٻيو ته قوم جا سڻا ۽ پيارا ماڻهو به سيني ڳالهين ۾ سڻا ڪيئن ٿا ٿي سگهن؟ عربيءَ ۾ چوندا آهن: "الناس علیٰ دین ملوکهم،" يعني: "عام ماڻهو پنهنجي حاڪم ۽ غالب طبقن ۽ فردن جي واٽ ۽ دين تي هلندا آهن"، جيڪا واٽ اڪثر غريب عوام جي سر وڃائڻ واري هوندي آهي. ڪروڙين ماڻهو لکين سالن کان ڦورو ۽ ظالم طبقن جي غلبي ۽ اثر هيٺ خود پنهنجي وجود جي ويري سوچن ۽ علمن ۾ مبتلا رهيا آهن. ان ڪري ئي لينن چيو آهي ته: قوم جي ثقافت بنيادي طرح حاڪمائي ۽ عوام دشمن هوندي آهي. ان جا فقط کي جزا صحيح، عوام دوست ۽ ترقي ڏانهن ونڊي ويندڙ ٿيندا آهن. مختلف قومن جي ثقافتن جي اهڙن صحيح ۽ ترقي پسند جزن ۽ عنصرن کي گڏ ڪري روشن خيال، ترقي پسند، عوام دوست ۽ انسان دوست عالمي ثقافت جوڙڻ گهرجي. قوم جي نام نهاد پوڄا ڪرڻ ۽ ظالمائن نام نهاد قومي مفادن جي نالي ۾ دنيا کي تباهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿيڻ بدران صحيح ڳالهه اها ٿيندي ته قوم جي وڏي اڪثريت ۽ ٻين نيڪ ماڻهن جي صحيح مفادن ۽ سوچن جي حمايت ڪجي، ان لاءِ قومپرستيءَ بدران "قوم دوستي" جو لفظ بهتر معنيٰ وارو ۽ صحيح ٿيندو. تاريخي حساب سان هي لفظ بري معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو رهيو آهي ۽ عالمي سماجي ۽ ثقافتي پوليءَ ۾ ان جي معنيٰ منفي ٿي نڪري. مثلا عالمي سياسي تاريخ ۾ هٽلر، چيانگ ڪائي شيڪ، مسوليني جهڙا قوم جا قاتل،

ڪوريا جي سگمن ريءَ جهڙا بدنام زمانہ قومي غدار ئي پاڻ کي قومپرست سڏائيندا ۽ سڏجندا رهيا آهن ۽ پنهنجي هر سفاڪ، انسان دشمن ۽ قوم جي قاتل قدم کي ان غلط فقري جي چادر ۾ لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا رهيا آهن.

هندستان ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد جهڙا نهايت پلا ۽ آخر ۾ بي اثر ٿي ويل ماڻهو برابر ڪانگريس طرفان پنهنجي مصلحتن خاطر قوم پرست سڏيا ويا، پر تاريخي اعتبار کان اها ڳالهہ قوم پرست لفظ جي لفظي ۽ اصطلاحي مفهوم کي پس پيش ڪو گهٽو بهتر بنائي سگهڻ ۾ گهٽ ڪامياب نہ ٿي آهي.

آئون ان ڪري قوم پرست لفظ کي تاريخي طرح غلط ۽ برو لفظ سمجهندي، پاڻ کي روشن خيال انسانيت

(ڪاوش- 30 دسمبر 1993)

سوال: سنڌ ڏرتي جو هندستان جي تهذيب سان ڪهڙو ڳانڍاپو آهي؟ تاريخ جي حوالي سان مختصرا اسان کي ٻڌائيندا؟

ياسمين شيخ- گمبٽ

جواب: جاگرافيائي طور اصل سنڌ ۽ هند جڙ ۽ الڳ ملڪ آهن جن کي راجپوتانا جو رڻ پٽ هڪ حد تائين هڪجهئي کان ڌار ڪري ٿو. مولانا رومي‌ءَ چيو آهي:

"هنديان را اصطلاح هند مدح،
سنديان را اصطلاح سند مدح."

"هندوستانين کي هندي ٻولي سونهي ٿي ۽ سنڌين کي سنڌي." پر هونئن، حڪومتون هڪ کان وڌيڪ هجڻ جي باوجود، هندستان ائين هڪڙو يڪو تاريخي ۽ تهذيبي علائقو آهي جئن يورپ. ان خيال کان انهن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري نٿو سگهجي.

سوال: اسان سنڌين تي سرڪار ۽ معاشري جو هر طبقو الزام لڳائيندو آهي تہ سنڌي هڏ حرام آهن ۽ آرميءَ (فوج) ۾ نوڪري نٿا ڪن. ان سلسلي ۾ مان سائين جن کي آرميءَ ۾ سنڌين سان ٿيندڙ ٻين زيادتين جو ذڪر نٿو ڪريان پر اوهان جو ڌيان صرف ان ڳالهہ تي ڇڪائڻ گهران ٿو تہ: "مان لاڳيتو ٽي سال آرميءَ ۾ نوڪري ڪئي آهي ۽ هاڻي مون کي اهو سبب ڄاڻائي دسچارج ڪيو ويو آهي تہ منهنجو قد ننڍو آهي. جيڪڏهن قد ننڍو آهي تہ پوءِ مون کي پرتي ڇو ڪيو ويو؟ مان ٽي سال نهايت ايمانداريءَ ۽ دلچسپيءَ سان وطن جي محبت ۾ سرحدن جي حفاظت جو جذبو رکندي اها نوڪري ڪئي. هن

مهل مون کي صرف قد گهٽ هجڻ ڪري لاڻو ويو آهي. نہ صرف مان پر اهڙي نموني اسان جي يونٽ 23\ ايف ايف مان 28 سنڌي سپاهي لاڻا ويا آهن ۽ اهڙي نموني 45\ ايف ايف، 23\ ايف ايف، 42\ ايف ايف، 2\ ايف ايف ۽ بين يونٽن مان هڪ هزار کن جي تعداد ۾ سنڌي جوان آرميءَ مان ڪڍي ۽ اسان کي اڳتي وڌڻ يا آرميءَ ۾ نوڪري ڪرڻ کان روڪيو ڏو وڃي، چو جو پرتي ڪرڻ وقت اهو سوال پڇندا آهن تہ اوهان جو ابو ڏاڏو يا ڪو عزيز آرميءَ ۾ آهي؟ سائين اوهين اسان کي پرتي ئي ڪونہ ٿا ڪريو تہ اسان جو اولاد فوجيءَ جو اولاد ڪئين ٿيندو؟ ان سموري سلسلي ۾ اوهان اسان جي ڪا مدد ڪري سگهو ٿا؟

محمد مٹل راهوجو، خيرپور ناٿن شاهہ - دادو

جواب: توهان پنهنجو ڪيس ٻيهر مختصر پر سمورن تفصيلن سان مون کي موڪليو. آئون اهي وزير اعظم، وزير دفاع ۽ آرمي چيف آف اسٽاف کي موڪلينداس ۽ پنهنجي پاران ب ڪين لکندس تہ توهان سان انصاف ڪيو وڃي.

سوال: مان شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ سنڌي ادب جي آخري سال جو شاگرد آهيان. آخري سال ۾ پرچي چوٽين جي مضمون جي عيوض مان مونو گراف لکڻ چاهيان ٿو، جنهن لاءِ مون کي يونيورسٽيءَ شاهہ عبداللطيف جي سر ڪيڏاري جو جائزو ونڻ جي لاءِ تاپڪ منظور ڪيو آهي. مٿي عرض ٿيل تاپڪ مون کي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو آهي تہ چا سر ڪيڏارو شاهہ صاحب جو چيل آهي يا ڪنهن ٻئي فقير جو چيل آهي. ان مونجهاري مان نڪرڻ واسطي مان سنڌي ادب جي برڪ ادين جا رايا ونڻ چاهيان ٿو. توهان ادب جي هن ننڍي طالب کي مايوس نہ ڪندا ۽ پنهنجين بيحد مصروفيتن مان ٿورو وقت ڪڍي مون کي ٻڌائيندا تہ سر ڪيڏارو شاهہ عبداللطيف جو چيل آهي يا نہ؟ دليل سان وضاحتي راءِ ڏيندا.

محمد نصير پٹاڻ - خيرپور

جواب: منهنجي خيال ۾ ها.

شعر خود ڳالهائيندا آهن تہ اسان کهڙي ذهن ۽ روح جي پيدائش آهيون. سرڪيڏارو جي ڪنهن ٻئي شاعر چيو آهي تہ منهنجي راءِ ۾ اهو شاعر لطيف کان گهٽ درجي جو نٿو ٿي سگهي. لطيف کان سواءِ هن قسم جون سٽون سنڌي ۾ لکي سگهڻ جو ڪمزور کان ڪمزور شڪ جي ڪنهن ٻئي شاعر تي ڪري سگهجي ها تہ اهو خليفو نبي بخش هجي ها، جيڪو گهٽو گهٽو پوءِ جو آهي. مجموعي طرح هينئين قسم جون سٽون سنڌيءَ ۾ فقط شاهہ

ئي لکي سگهيو ٿي.

"جاڻي هيڪ الله، پاڻ وٽندیون جو ڪري."
"تنهن واحد کي واهَ، جو حڪمَ هڻائي ڪري."

"ميرِ مدينئان نڪري، آئيا نہ موتي،
ڪارا رگ ڪپڑا، ادا نيروتي!
آن تنين لئي لوٽي، جي ميرِ مسافر رانئيا."

"سختي شهادت جي، نسورو ئي ناز،
رند پروڙين راز، قضيي ڪربلا جو."

"سچ ڪ بيبيءَ جايا، هڻڻا سورهَ سپرين؟"
"پانئن سا سنئين، جئان جيءَ جوکو ٿئي."

"بهادر گڏيا بهادرين، ڪڙڪ ڪلول ڪَنِ،
وجهن ڏَڙَ ڏَڙَن تي، هاڪارين هٽن،
ڪرن، ڪنڌ نچن، رِڙ گجيو، راڙو ٿيو،

"گهوٽن ۽ گهوڙن، رَڙ مِ لائون لڌيون."

"گهوڙن ۽ گهوٽن، جئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڌهن منجهه ڪوٽن، ڪڌهن راهي رڙ جا."

"جهمنديون اچن، جهوليون جهمر جهـ نجهارن جون،
پايو ٻڪ ٻهار جا، ان جيون وهون واڪا ڪن،
پٽين، پار ڪدين، رڙ گجيو، راڙو ٿيو."

"ڪانڌا ڪلارين ڪپڑين، وَر! وناهيو آءُ."
"منهن مٽاهان جن جا، سي پٽيو، ڪدين پار"
"جيڏيون! هن جهنجهارَ، اجاري سپ اڇا ڪيا."

"مر مرين، آئون رُڻ ! موتي آءُ مَ، ڪانڌا
ڪيئن وڃا پاند، جئيڻ ٿورا ڏينهنڙا."

"ڪلي ويرِ ڪٽڪ مِ، پاڪر جو پائي،
ايا ان کي جئيڻ جو، آسانگو آهي،
سوز سوچائي، جو رڳوئي رڙ گهڙي."

"ڪربلا ڪڪوري، دلدل رتا پير:
ستون ڏيڊي شير، مٽان سڄ مرڪئو."

"ڪوئنرءُ ڪلي جا ڪوڏيا! جانڪي تائين جي،
مٽان آڻن اصروي، رڪ پيالو پي،
گاھ ڳجھن جو ٿي، ويٺي جن ورھ ٽيا."

"مھاين رھون، ٿي مھانگو ڪنديون."
"ڳجھون ڳوٺ نہ ھون، وتن ڪلي ڪوڏيون،
حسن. مير حسين کي، لميو لائون ڏين،

پٽيو پڇن پاڻ ۾: "ڪنھن منھن ڪيڏارو"
کائن ڪچگمارو، ڪائنر پيو ڪنو ٽئي."

"ڳائو ڳجھ نہ ڪاءُ، مھي ماس نہ ھيرئين،
تنين لئہ واجھاءِ، ڪلنگيون جن ڪپار ۾."

"اکيون ڪيہ مَ، ڳجھڙي! تارا تون مر ڪاءُ،
پيو نہ پسين پٽ ۾، ريڳڙيارو راءُ
جيري جنھن جوان جي، لڳا نَو سو نَو گھاءُ،
رات جنھن جي ماءُ، روئي، پرنئورب کي."

"ڪنپ ڪسنئي، ڳجھڙي! لڳين پوئي واءُ،
اميرن مٽاءُ، جئن تو ڦلين چاڻون نہ ڪيون."

"ڳجھن ويٺي ڳاڙيا، ڏنھا ڏک گھٽا،
تنگي لٽين توڙ جي، سوره ساماٽا،
ڪندا راماٽا، ڪونر ڪلي جا ڪوڏيا."

مٿين بيٽن تي توھان اونھو غور ڪندا تہ جھڙيءَ ريت ھن بظاھر صرف مذھبي اھميت واري واقعي کي جن انساني ۽ فلسفياتي بلندين تي ۽ جنھن نزاڪت ۽ نفاست واري احساساتي ۽ فني انداز ۾ ڪنيو ويو آھي ۽ جيڪا اميجري ڪتب آندي وئي آھي، سو ڪنھن جھڙي تھڙي شاعر جو ڪم ڪونھي. ڪيڏاري جي ھر ست ٻڌائي ٽي تہ اھا ھڪڙي عالمي سطح جي ذھن، روح ۽ فن جي تخليق آھي.

سوال: سنڌي ليڊر ۽ سنڌي سياستدان اخباري بيانن وسيلي قوم جا اڳواڻ،

رهبر، ليڊر، هيرا، هڏ ڏوکي ۽ خيرخواه سڏائيندا آهن. وڏيون وڏيون دعوائون ڪندا آهن ۽ انهن جو عملي ڪم نه هئڻ جي برابر آهي. انهيءَ تي تفصيل سان روشني وجهندا؟

غلام رسول لغاري- لغاري سم، ڏهون ميل

جواب: جيڪي ڪُنيءَ ۾ هوندو اهوئي پاڻ ۾ پوندو. هيستائين اسين ڪرڻ ئي دعوائون سڪيا آهيون. بهرحال عملي ڪم توهان الائي ڇا ڪي ٿا ليکيو. پر هونئن عملي ڪم جا طريقا آهن ٿي. هڪڙو ته ڏنبو هٿي ڪنهن ٻئي جو يا پنهنجو مٿو ڦاڙجي. ٻيو آهي عوام کي بيدار ڪري انهن جي زور تي اختياريءَ وارن کي صحيح فيصلا ڪرڻ تي مجبور ڪجي. ٽيون آهي وڏيرن، پيرن، ميرن ۽ انهن جي مائٿن لاءِ ته سڏو اسيمبلين ۾ چونڊجي، ميمبر وزير ٿي عوام جي حق ۾ سنوان سڏا فيصلا ڪرائڻ.

عوام کي بيدار ڪرڻ ۽ انهن جي زور تي سڀ کان بنيادي ۽ دائمي مسئلن بابت صحيح فيصلا ڪرائڻ لاءِ زور بار وجهڻ جو ڪم ڪرڻ وارا ڪن ٻيا. پنهنجا نه ته پراوا مٿا ڦاڙائڻ بلڪ هڪڙي ڏڪ سان پنج پنج سؤ هزار هزار مٿا چٽ ڪرائڻ وارا ٻه رات ڏينهن ڪري لڳا ٻيا آهن. باقي آهن ميمبر ۽ وزير، تن ويچارن کي ٻين ڪمن ڪارين کان جيڪا واندڪائي ملي ٿي تنهن سارو ويچارا ٻيا ڳڻ ڏين.

پر اصل مسئلو سياسي محڪم ارادي، تفصيلي ۽ ماهرانه رٿابنديءَ ۽ لاڳيتي ۽ اٽڪ منظم ۽ سائنسي عمل ۽ جاکوڙ جو آهي. ان ڳاله جي سنڌ ۾ روايت ئي ڪانهي.

سوال: الائي ڇو آئون سڄي دنيا جي سمورن ليکڪن، ادبين، شاعرن ۽ فنڪارن سان تمام گهڻي محبت ڪندو آهيان ۽ انهن کي دل ئي دل ۾ پنهنجو بهترين همدرد ۽ دوست سمجهندو آهيان. اسان جي سنڌ جي سمورن ليکڪن پنهنجي قلم ذريعي ظلم خلاف جنگ جوٽي آهي، جيڪي اسان جي تاريخ ۾ هميشه امر آهن ۽ رهندا. پر پوءِ به الائي ڇو مون کي سنڌ جا ٽي ليکڪ تمام گهڻا وٺندا آهن. امر جليل، جنهن جي هر هڪ لفظ ۾ هيرن جي ڪاڻ هوندي آهي. نورالهدي شاهه، جنهن جي پڙهڻ سان جڙ ته جيئڻ جو حوصلو ملي ويندو آهي ۽ اوهان کي پڙهڻ سان هر اونداهي وات ۾ جڙ روشني پکڙجي ويندي آهي. منهنجا اهي جذبا صحيح آهن يا نه؟

بيوس ناظم حسين چانديو- ڳوٺ پنيو خان چانديو، لاڙڪاڻو.

جواب: آئون پاڻ دنيا جي ليکڪن، شاعرن، مفڪرن، سائنسدانن ۽ دنيا بدلائيندڙن جو عاشق آهيان. پاڻ سڀني کي جيڪي مفڪر، ۽ ليکڪ ۽

جاکوڙي واقعي وٽن تن کي پنهنجي حقيقي پسنديدگي کان ضرور واقف ڪرڻ گهرجي ته جيئن سندن حوصلا ايڏا بہ بلند ٿين. باقي ڪوڙي خوشامد ڪوڙھ جو مرض آهي. ان کان هر صورت ۾ بچڻ گهرجي.

سوال: چوندا آهن ته ميٿميٽڪس علمن جو بادشاه آهي ۽ علم اقتصاديات سماجي سائنس جي راڻي آهي. توهان جو ان باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟

نسرين شاه - حيدرآباد

جواب: ائين ئي هوندو پر سائنسن جي سائنس آهي جدلي.

سوال: جيڪڏهن ڪوبہ مقصد نہ آهي ته پوءِ ٻيو علم حاصل ڪرڻ جو مقصد چا ٿي سگهي ٿو؟

محمد سليمان شيخ، نوشهرو فيروز

جواب: علم حاصل ڪرڻ جو مقصد هن ڪائنات، هن دنيا ۽ خود پاڻ بابت وسيع ترين سمجھ حاصل ڪرڻ ۽ ان جي روشنيءَ ۾ عملي، سخت ۽ اٽانگي جدوجهد ڪري، سڪٽي ماڻهوءَ مان ڦري هڪڙو سچو پچو اعليٰ انسان ٿيڻ ۽ پنهنجي ۽ پنهنجن پيارن جي دنيا بدلائڻ آهي. سچي پچي اعليٰ انسان لاءِ روزگار بہ ضروري آهي.

سوال: تعليم جو نظام اچڪلھ اڳئين دور جي پيٽ ۾ ڪجھ بہ ناهي. هاڻ ان کي فعال بنائڻ لاءِ معاشري جي مڙني مسئلن کي سڌارڻ لاءِ ڪهڙي فيلڊ جي ماڻهن جو ڪردار هئڻ گهرجي؟

گل محمد انصاري- بدين

جواب: توهان جو، منهنجو ۽ سڀني جي سپني سمجھو، ڏيوار ۽ هڏ ڏوکي ماڻهن جو.

سوال: روايتن ۽ رسمن جا ماريل ماڻهو، گيدي ۽ ڊڄڻا ماڻهو، لالچي ۽ قوم فروش ماڻهو پنهنجي محسن جي هٿ جي تريءَ کي بہ ڏسي نہ سگهندا آهن. انهن کي ڪهڙي خبر ته ثابت قدمي چا آهي؟

واحد بخش منگي- ڏوکري، ضلع لاڙڪاڻو

جواب: آهستي آهستي ۽ ڏاڪي بہ ڏاڪي سجھائبو ته ڪجھ نہ ڪجھ ڳالھ سمجھ ۾ اچي ويندي.

سوال: اچڪلھ برادري تنظيمن جهڙوڪ: ملاح ويلفيئر ايسوسيئيشن، پنهور

ويلفيئر ايسوسيئيشن وغيره جي قيام جو عمل تيز ٿي ويو آهي ۽ گذريل اليڪشن ۾ ٻه فرد جي بجاءِ برادرين کي وڏي اهميت ملي، اهو سڄو سارو عمل سنڌي قوم جي ورهائجي وڃڻ جو سبب ته نه بڌبو؟

امر انصاري - بدين

جواب: برادرين جي برادريءَ جي حد تائين پنهنجي اهميت آهي پر وڏن قومي مسئلن کي برادريءَ جي تنگ ۽ پاراٽين اکين سان ڏسڻ ۽ ان مطابق فيصلا ڪرڻ قوم لاءِ سخت نقصانڪار ڳالهه ٿيندي.

سوال: سياسي پارٽين ۾ عام ڪارڪن جي عزت ڇو ڪونهي؟

جواب: سياسي ڪارڪن جڏهن وڏيڪ سمجهو، وڏيڪ پرخلوص، وڏيڪ پاڻ اربپندڙ، وڏيڪ باوقار ۽ وزنائتا انسان بڻبا تڏهن اهو مسئلو ازخود حل ٿي ويندو.

سوال: اسان ڪنريءَ کان ڏکڻ طرف 10 ميل تي ويٺل آهيون. هن علاقي ۾ پروچ قوم تمام گهٽي آهي، جنهن ۾ چانديا ۽ رند قوم جو گهڻو تعداد آهي، جن جا اڳواڻ درس ۽ ميمڙ آهن. ميمڙ اتي ۾ لوڻ برابر ڪجه غريب ماڻهن جي اخلاقي طرح مدد ڪندا آهن، باقي درس فقير مسڪين ماڻهن سان جيڪو ظلم ٿا ڪن، تن جو هڪ خدا شاهد آهي. ٻيو هتان جو غريب ماڻهو. ڪوفي ڪربلا ۾ پائي نه پيارين. نبي سرواه جي پڃاڻي ڪنريءَ وٽ پنج شاخ تي ٿئي ٿي جن مان هڪ سانوري، ٻئي نبي سرٽر سانوري شاخ جا ماڻهو ڪجه پئسن وارا آهن. انهن جو گذر ڪجه آهي باقي نبي سرٽر جي ماڻهن جي اها حالت آهي جو صبح جو چاڑهين ته شام جو خير. جي شام ڪجه ڪن ته صبح جو خير لڳو پيو آهي. پائي جيڪو اڇي اهو درس پيو وڃن. هڪ ته واٽر ڪورس اهڙا اٽن جن مان مينهن مٽي ويندي. پيو شاخ کي ڪنديو ڏيندا آهن، جنهن ڪري اڪثي پائي بلڪل ڪو نه ٿو هلي. صرف 35 ايڪڙ آبادي آهي تن واٽرن تي. جيڪو ماڻهو وڃي چوي ته "هيءَ ظلم ٿا ڪريو ڪنديا نه ڏيو!" ته اصل نڙيءَ ۾ هٿ. همراه کي اهڙي مار ڏين جو اصل وري شاخ ڏانهن منهن به نه ٿو ڪري. آخري وڏي جدوجهد کان پوءِ هڪ ڪاميٽي ٺاهي سين، جنهن جو نالو "هاري ايسوسيئيشن" رکيو ويو. ڪجه ماڻهو گڏ ڪري بک هڙتال ايس. اي. او. ايس تي ڪئي سين. اي سي آيو، مختيارڪار آيو چيائون "بابا توهان وڃو، وعدو ٿا ڪريون ته پائي ايندو." اخباري بيان، تيلي گرام ٿيا پر نتيجو ڪجه نه نڪتو. آخر اليڪشن 93 آئي. هتان جي اميدوار قومي اسيمبلي نواب يوسف ٽالپر، صوبائي اسيمبليجي ميمبر مير منور ٽالپر کي دانهون ڪيون سين. ماڻهن روئي چيو ته "سائين ٻيو ڪجه نه ڪيو، مهرباني

ڪري پاڻي لاءِ ڪجھ ڪريو!" نواب يوسف چيو تہ "توهان ميمبرشپ ڪجو، جنھن جي اڳواڻي آئون ڪندس." سائين جن جو ايجا ٽائين پتو ڪونھي، تہ ڪيڏانھن ويو. باقي مير منور جي هيءَ پڪي سٽ آھي. ڪافي ڇڪر ڪامياب ٿيو آھي پر ڪڏھن ب پاڻيءَ واري ڳالھ نہ ڪئي اٿس تہ "بابا پاڻي ڪونھي. ماڻھو اڄ ٿا مرن پاڻي ڏيو يا واھ جي ڪاٽي ڪرايو تہ ماڻھن جي رڙ بند ٿئي." ھاڻ ٻڌايو تہ ڇا ڪريون؟

سويو چانديو، تاج محمد چانديو ۽ الھ بچايو عمرڪوٽ

جواب: پاڻي بند ڪرڻ جو عذاب سڄي سنڌ سان وڏيرا شاھي ڪريو وينـي آھي. اوھين اڪيلا ناھيو. ھاڻوڪو پاڻيءَ جو وزير ظفر علي لغاري پلو مڙس آھي، ان کي حال ٻڌايو. ان سان گڏ تنظيمي سطح تي ب ڪوشش ڪريو. سنڌي ھاري تحريڪ جي گل حسين ڪيڙاني ۽ وشني مل ۽ ھارين ۽ آبادگارن جي ٻين ھمدردن جو ڏيان ڇڪايو. ھمت مردان، مدد خدا. نواب صاحب مير صاحب ب اخبارون پڙھندا ھوندا. اھي ب اميد تہ پنھنجي فرض جي ادائگي ڪندا. سنڌن ئي عزت ٿيندي. ھونئن ب ھي بنيادي قومي مسئلو آھي. سڄين پڄين قومي تنظيمن کي ھن مسئلي کي وڏي سطح تي کڻڻ گھرجي جوان جو تعلق سنڌين جي گذر سفر ۽ سنڌ جي ڪروڙين ھارين، آبادگارن ۽ زراعت جي واڌاري سان آھي.

سوال: ڪاوش ۾ ڇپيل پي جنگ عظيم بابت فوجي مضمونن جو ڇا ٿيو؟ فقط ٽن لڙاين جو احوال پڙھي جاڻ جي پياس وڌي وئي. ايجا تہ پنجن سالن جون لڙايون رھيل آھن. اھي لکندا؟

شاھنواز سميجو، سکر

جواب: يادگيري ڏياري اٿو تہ جيئن ئي فرصت ملي تيئن وري شروع ٿبو.

سوال: توھان "اوھان جي پچاڻان" ڪتاب ۾ لا جواب چونڊ عالمي شاعري ترجمو ڪري ڏني ھئي. پوءِ وري ڪاوش ۾ ب اھڙا ترجما ڏنا ھئا. اھي ب واھ جا ھئا. ھاڻ ڇا ٿيو آھي جو ڪجھ نٿا ڪريو؟

شڪيل احمد ميمڻ، ھالا

جواب: پيو ڪجھ نہ ڪجھ تہ بھرحال ڪجي پيو. باقي چونڊ عالمي شاعريءَ جا ترجما محمد محمد محمد

(ڪاوش- 3 جنوري 1994ع)

سوال: وان گوگ جي خبر ڏويا! ڏاڍي نيڪي ٿي ٻڌجي مڙس جي! ڪير هو؟

رضيه شيخ سنڌ يونيورسٽي جامشورو

جواب: سڀ کان پهرين ته اها گالهه ذهن ۾ هجي ته ڪنهن به بني بشر کي سڀ خبرون ڪونهن ۽ ٿي ئي نه ٿيون سگهن. مون کي به هن جهان جي ڪروڙين گالهين جي ذري جيتري به خبر ڪانهي. جن گالهين جي ڪا خبر هوندي ته حاضر ڪبي ٻين لاءِ اڳواٽ معافي. وان گوگ جنهن گالهه ۾ دنيا ۾ نالو چڏي ويو سا گالهه اڄ ڏينهن تائين اسان وٽ ٽڪو به ڪانه لهي. پر سڌريل دنيا ۾ اها وڏي گالهه آهي. وان گوگ دنيا جي عظيم ترين مصورن مان هڪ هو. هو درويش طبيعت، پيار ڪندڙ ۽ غريبن جو يار هو. هو جنهن گالهه ۾ هٿ وجهندو هو، ان کي پنهنجو سارو وجود ارپي چڏيندو هو ۽ مصوري هن فقط ڏهن سال ڪئي. پر انهن ڏهن سالن ۾ هو پنهنجي اعتبار ۾ نه ايندڙ ڳولا. جاکوڙ ۽ ذات وسيلي ان فن جي جڙ هماليه واري مائونٽ ايوريسٽ چوٽيءَ فتح ڪري ويو. هن ڊڇ درويش جي نالي ونڊ ٻنان دنيا جي مصوريءَ جي سموري تاريخ نامڪمل رهجي ويندي.

1853ع ۾ جائو ۽ 37_ سالن جي عمر 1890ع ۾ هو هڪڙي تصويرن جي دڪان تي ملازم ٿيو. 1873ع کان 1875ع تائين هو لنڊن ۾ انهي ڪم سانگي رهيو. 1876ع ۾ اها نوڪري چڏي هو انگلينڊ ۾ لئنگويج ٽيچر ۽ پوءِ عيسائي پادري ٿيو. 1877ع ۾ وري هڪڙي ڪتب فروش جي دڪان ۾ ملازم ٿيو. تنهن کان پوءِ خيال ڪيائين ته واعظ ٿي ماڻهن کي نيڪيءَ جو سبق ڏيان. پر سندس انسانيت دوست خيالن کي برداشت نه ڪيو ويو ۽ اهو ڪم چڏي هو بيلجيم ۾ هڪڙي ڪوئلي جي علاقي ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن ايماني جوش ۾ اچي وٽس جيڪا به ٿوري ملڪيت هئي سا غريبن ۾ ورهائي چڏيائين، جنهن ڪري مالڪن ڪيس نوڪري مان ڪڍي چڏيو. جڏهن صفا تباه ٿي ويو تڏهن 1880ع کان 1890ع تائين 10_ سالن مصوري ڪيائين. مصوري، هو لنڊن، پئرس ۽ يورپ جي ٻين استاد وٽ سکيو: 1888ع ۾ هن مصورين جي هڪڙي هنڌ رهائش لاءِ پئرس جي ويجهو جڳهه ورتي جتي مشهور مصور گاگن به اچي رهيو. پر ٿورن ڏينهن کان پوءِ هو پاڻ ۾ وڙهي پيا ۽ هن ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجي ڪابي ڪن جو هڪڙو ٽڪر وڍي چڏيو. سندس ذهني حالت خراب ٿي ويئي ۽ ڪيس هڪ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. هو ٻارهن مهينا هڪ ذهني علاج گهر ۾ رهيو، جتي هن پنهجو جڳ_ مشهور شاهڪار تصويرون تخليق ڪيون. مئي 1890ع ۾ هو پئرس موٽي آيو. آخر 29_ جولاءِ 1890ع تي غريبي، بي قدري ۽ اڪيلائيءَ سبب مايوسيءَ جو

شڪار ٿي هن پاڻ کي شوٽ ڪري خود ڪشي ڪئي سندس زندگي ۾ هن بابت فقط هڪ مضمون لکيو ويو. هن جي شهرت 20 صديءَ ۾ شروع ٿي ۽ مٿس هزارين ميمضمون، مقالا ۽ ڪئين درجن ڪتاب لکيا ويا ۽ اڄ تائين لکجن پيا.

سوال: اڪثر سنڌي اديب، دانشور، شاعر ۽ صحافي توهان تي سدائين ڪاوڙيل هوندا آهن، ائين چو آهي؟ تفصيل سان جواب ڏيندا.

سندر راجپر - استيشن روڊ نوشهرو فيروز

جواب: ڪيترن ماڻهن جو خيال آهي ته جيڪي علم ۽ ادب وسيلي چئجي سو ڪجي هر گز نه. نه ته ماڻهو علم ۽ دانش جي اوچي ذات پات مان نڪري ويندو ۽ سياستدان بنجي شودر ٿي پوندو. مضمونن، شعرن، ڪهاڻين ۾ پلي دنيا کي چئجي ته همت ڪريو، مڙس ماڻهو ٿي ظلم سان مقابلو ڪريو وغيره. پر جي ڪنهن اهي گالهيون لکڻ کان پوءِ ان لکن مطابق ڪو عمل نه ڪري وڌو ته جڙ ڏوهي ٿي پيو. مون سالن جا سال اخبارن ۾ ايڊيٽري سميت مضمون، افسانا، مقالا، تنقيدون لکيم. په درجن کن ڪتابن جيترو مواد لکڻ (جن مان ڪجڇ ڇپيل آهن) کان پوءِ مون جڏهن خود پنهنجي لکڻ ۽ پنهنجي تقريري مطابق عملي جدوجهد ڪئي، عوام کي سجاڳ ڪيم جهنگن، برن، ٿرن ۾ ماڻهن جي جهوپڙين ۾ وڃي، توڙي دنيا جي وڏن شهرن جي اعليٰ ادارن ۾ وڃي زالن مردن، ٻارن، ٻڍن، دانشورن توڙي اڻ پڙهيلن ۾ ظلم خلاف تبليغ ۽ تنظيم ڪيم ۽ تحريڪ هلايم ۽ ڏهه سال ڪن جيل ڪاٽيم ته ڪيترن "شريف" ۽ "خالص" اديبن ۽ شاعرن ۽ ڪنهن به عمل جي داغ کان پوتيءَ- پاڪ دانشورن کي منهنجي اها "غيرادبي" ۽ "غيردانشورانه" "حرڪت" نه وٺي ۽ منهنجو نالو علم، ادب، صحافت ۽ دانش جي لسٽ مان خارج ڪري ڇڏيائون. ايتريقدر جو آءُ ڏهه سال سنڌ ۽ پنجاب جي جيلن ۾ ضمير جو قيدي هئس ته منهنجي ڇاڙ جي حد تائين سواءِ ٽن اديبن جي قاضي خادم، ابراهيم جويو ۽ الله داد پوهيو جي ٻئي ڪنهن سنڌي اديب ۽ شاعر اها ڳالهه پنهنجي قلم جا وات تي نه آندي ته سنڌ ۾ رسول بخش پليجي نالي هڪڙو ادیب، نقاد، صحافي وغيره به موجود آهي. پر خير، "مڙئي مون ڏانهن، هوتن ڏانهن نه هڪڙي" توهان ڳالهه ڪيي آهي تڏهن جواب ڏجي ٿيو. باقي هونئن خير آهي.

ڦڪي فقيرن موران ٻئي ماڻ جي!"

(شاهه)

سوال: سنڌ جي حوالي سان ڪافي تنظيمون پنهنجو الڳ الڳ ڪم ڪري

رهيون آهن. ان حوالي سان توهان جو ذاتي نظريو چا آهي؟

ڊاڪٽر اقتدار علي اقتدار - حيدر محله لاڙڪاڻو

جواب: نقلي ۽ جڙتو نہ پر سچيون پچيون عوامي تنظيمون جي هڪ کان وڌيڪ هجن تہ خير آهي.

سوال: جيڪو ٿو اديب يا شاعر گهران رسي، اهو اسان تي رعب وجهڻ لاءِ "بادليئر" جو نالو ضرور کڻي ٿو. اها هئي آخر ڪهڙي بلا؟ اسين تہ سندن نالا ٻڌيو گهر وينيءِ ڏکون پيا!

محمد بخش ميمڻ لاڙڪاڻو

جواب: بادليئر گذريل صديءَ جو هڪڙو "آئون" باز، ذات پرست، توائي ۽ واويلائي شاعر هو، جنهن جي زندگيءَ جي فلسفي جو نچوڙ هو: "جيئن آءُ چوان ۽ جيئن آءُ سوچيان سو صحيح، ٻيا وڃي جهنم ۾ پون"

هي انهن مان هو، جن ۾ نہ رڳو سماجي سمجه نہ هئي، پر جن کي اها خبر بہ نہ هئي تہ سماجي نالي کا شئي ۽ سماجي واڌاري ۽ تبديلي سان کا وابستگي بہ ٿيندي آهي يا ٿيڻ بہ گهرجي. تنهن ڪري سماجي ۽ عوامي سمجه ۽ شعور جا دشمن ۽ عوام کي سدائين توائي، بطال ۽ وائڙو رکڻ جا حامي ڪيس پير ڪري پوڄيندا آهن.

هو 1821ع ۾ پئرس ۾ ڄائو. ۽ 1867ع ۾ 46- سالن جي عمر ۾ پئرس ۾ ئي مئو. سندس ماءُ ٻي شادي جنهن ماڻهوءَ سان ڪئي سو فوجي جنرل، سفير ۽ سينيٽر ٿيو. تنهن ڪري هو عيش عشرت ۾ پليو. ڪئين اعليٰ تعليمي ادارن ۾ داخلا ونائي ڏنائونس ۽ ڪم ڏنڊا ڳولي ڏنائونس. پر هن مائٽائي ملڪيت اڏائي، آواراگردي ۽ عياشي ڪرڻ وڌيڪ پسند ڪيو. سندس شاعريءَ جا موضوع هئا "عورتن جي پاڻ ۾ عشق، زوال ۽ شهوت بازي" 1847ع ۾ هن la" "fanfarlo نالي ناول لکيو. 1851ع ۾ هن انگريزي اديب ايڊگرآلنپو کي فرينچ پولي‌ءَ ۾ ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو. 1857ع ۾ سندس شاعري جو مجموعو les" "fleursdu mull چپيو. جيڪو بقول برٽش انسائيڪلوپيڊيا جي "ڪيترن نسلن تائين واهيات پٽي" ذالت ۽ شهوتبازي جو بدنام ترين مثال تسليم ٿيندڙ رهيو" (ڏسو انسائيڪلو پيڊيا جي پندرهين ايڊيشن جي جلد پهرئين جو صفحو 966) ويهين صديءَ جي واويلائي ۽ زوالي اديبن جي علامتي فرقي هن کي پنهنجو پير ڌاهيو. فن ۽ ادب ۾ خود پرستي، پاڻ پٽي، مايوسي ۽ آدم بيزاري‌ءَ جي لاڙن جا شيدائي سندس تمام گهٽيون ساراهون ڪندا آهن.

سوال توهان جي تنظيم عوامي تحريڪ ۾ هڪ پارڙن جي ذيلي تنظيم ٻ آهي. اسان اڪثر ڏٺو آهي ته جيڪي پار سياست ۾ حصو وٺن ٿا، اهي پڙهن ڪو نه يا اسڪول ڪو نه ٿا ويجن. سڄو ڏينهن تنظيمي سرگرمي ڪن ۽ پڙهن ڪونه. ان لاءِ توهان جو ڇا خيال آهي؟

زاهده ٽالپر - بدين

جواب: "سڄاڳ پار تحريڪ" اسان جي ذيلي نه پر برادر تنظيم آهي. ان جي پهرين سرگرمي ۽ پهريون فرض آهي پڙهڻ ۽ خوب پڙهڻ ۽ پڙهڻ ۾ نالو ڪيڻ. ٻيا سڀ ڪم پوءِ. اهائي صحيح ڳالهه آهي.

سوال: پنهنجي سياسي تربيت لاءِ پهريان ڪهڙا ڪهڙا بنيادي سياسي ڪتاب پڙهڻ گهرجن؟ انهن جو تفصيل ٻڌائيندا.

علي احمد - گولاڑچي

جواب: جيڪي هٿ چڙهن. شروعات جيڪو ٻ ڪتاب ملي ۽ وڃي تنهن سان ڪجي. سنڌ جي شهرن جي بوڪ اسٽالن تي هر قسم جا ڪيترا سڀ سياسي ڪتاب ملندا، اهي پڙهجن. شروعات ۾ هر قسم جا ڪتاب پڙهجن. ڪنهن هڪڙي قسم يا لکندڙ جو نه. پوءِ ماڻهو کي خبر پوڻ شروع ٿيندي ته ڪهڙا ڪم جا آهن ۽ ڪهڙا مڙيئي ائين آهن. حيدرآباد ۾ "عوامي ڪتاب گهر گاڏي ڪاتو حيدرآباد" ٻ ڪيترائي چڱا ڪتاب ڇپايا آهن، جن ۾ مائوزي تونگ"، "هوچي منه" قيديائيءَ جي ڊائري"، "موٽل جنين ميهٽو" "جيڪي بنگال سان ٿيو" "قومي جدوجهد ۾ ادب ۽ فن جي ڪردار" "ويٽنامي ڪهاڻيون" "جن جهونا ڳڙهه جلائيو" شامل آهن. افسانا آهن، ناول آهن، مقالا ۽ ٻيا ڪتاب آهن. سڀ پڙهو. پر اول پاڻ ۾ ڇاڻ جي پياس ۽ سمجهه سان پيار پيدا ڪريو. وڏي ڳالهه ته پنهنجي اندر ۾ احساس ح همدرديءَ جي آڳ جاڳايو.

لطيف سائين ان ڪري ئي چيو آهي:

"اندر جنين اڌ ڏونگر سي ڏورينديون"
"اندر جنين باهه سڌ سيڪا تن کي"

حافظ شيرازيءَ ان نقطي کي هيئن بيان ڪيو آهي:

"ازان بدير مغانم عزيز مي دارن
ڪ آتشي ڪ نه ميرد هميشه دردل ماست"

(آتشڪدي اندر مجلس جا مير اسان کي ان ڪري پائڻين ٿا جو اسان جي اندر هر وقت اهڙي باهه پيئي ٻري جا ڪڏهن ٻ وسامي نه ٿي)

سوال: شيخ اياز جدلياتي مادیت جي فلسفي کي مدي خارج قرار ڏئي چڪو آهي. توهان ان کي سائنس جي سائنس ٿا چئو؟

شڪيلا عباسي صدر ڪراچي

جواب شيخ اياز اڳئين دور ۾ جيڪا شاعري ڪئي هئي، سان اسان جي شاعريءَ جو املهه ۽ بيبها حصو آهي. البت اڇڪلهه هو عقل ۽ شعور جي منزلن کان گهٽو "مٿي" ويجي "لاشعور" "علم لدني" ۽ "الهام" جي بلندين کي رسي ويل ٿو ڏسجي. ان حالت ۾ ڪائنس ڪنهن علمي، تحقيقي ۽ سائنسي سوچ، سمجهه ۽ رويه جي تقاضا ڪرڻ سائنس زيادتي ٿيندي. جدلياتي مادیت بابت جيڪي چوي ٿو ان لاءِ مٿس ڪا ميار ڪانهي. هڪڙي پاسي علم ۽ سائنس ۽ ٻئي پاسي الله جي فضل ۽ ڪرم سان "لاشعوري" بلڪ "الهامي" شاعري اهي پاڻ ۾ ڪيئن ٺهندا؟ اهي ٻئي گدرا هڪڙيءَ مٺ ۾ ڪيئن آيندا؟

سوال: اوهان جي عدالت ۾ اڄ پاڻ کي پيش ڪري پنهنجي جاڻ وڌائڻ لاءِ ايترو پڇڻ جي ڪوشش ڪندس ته: سرمائيداري جمهوريت ۽ جاگيرداري جمهوريت ٻنهي مان عوام لاءِ ڪهڙي سٺي آهي؟ ۽ هن وقت پاڪستان ۾ ڪهڙي جمهوريت آهي؟

مشتاق - ڇٽو وارهه

جواب: سرمايدار جمهوريت. هن وقت پاڪستان ۾ وڏيرڪي ۽ جاگيردار جڙتو "جمهوريت" رائج آهي.

سوال: منهنجو توهان کان هڪڙو نندڙو سوال آهي ته آخر ڪهڙو سبب آهي جو توهان اليڪشن ۾ نه ٿا ڪتيو؟

گلش سنڌو - درڙو - ضلعو ٺٽو

جواب: اسين ڪم پيا ڪريون سڄي سنڌي قوم جي بنيادي ۽ دائمي وڌڻ مامرن بابت ۽ منهنجي تڪ جا ماڻهو ويچارا هلاڪ آهن، روزمره جي مسئلن ۾. هن لاءِ اهميت آهي ان ماڻهوءَ جي جيڪو موتيءَ فوتيءَ، شاديءَ مراديءَ تي هڪيو حاضر هجي، صوبيدار کي چار ڏوڪڙ ٽيئي ڪيس مان نالو ڪيرائي، ضامن پوي، نوڪري ونې ڏئي، بدلي ڪرائي، پانهن جا فيصلا ڪري. باقي ڪالاباغ ڊيم، بهارين جي اچڻ، ٿوهر ڪاچي، ڪوهستان، پاڻي ۽ ٻين مسئلن بابت ڪو پاڻ کي هٽي ماري وجهي ته ان سان منهنجي تر جي ماڻهن جو ڪهڙو واسطو؟ جڏهن ماڻهن جو دماغ ٺاهي جي مسئلن کان آزاد ٿي سڄي

سنڌ جي گڏيل بنيادي مسئلن جي اهميت کي سمجهڻ شروع ڪندو ۽ انهن مسئلن کي منهن ڏيندڙ ماڻهن جي اهميت کين محسوس ٿيندي، تڏهن سڀ ڪم آسان ٿي پوندا.

تنهن کان سواءِ سڀ ڪجهه ميمبري، وزيري ناهي. حيدر بخش جتوئي ڪڏهن ب ميمبر ڪونه چونديو، پر ماڻهو حيدر بخش جتوئيءَ جي جيتري عزت ڪندا هئا ۽ ڪندا آهن، اوتري ڪرسيءَ تان لهڻ کان پوءِ ڪنهن وزير اعليٰ کي نصيب ٿئي ته چئبو ته وڏي ڳاله ٿي. ساڳئي طرح گانڌي. لينن، هوچي منهن، مائوزي تونگ، ڪنهن يونين ڪائونسل جا ميمبر ب ڪو نه هئا ۽ هينئر نيلسن منديلا ب ايجا تائين ڪنهن يونين ڪائونسل جو ميمبر ڪونهي. پر انهن جي تاريخي اهميت جي برابر ڪهڙو اسان وٽ ميمبر، وزير يا صدر آهي؟

سو ميمبر وزيري سڀ ٺيڪ آهي، پر:

"روزا ۽ نمازون ايءُ پڙ چگو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي"

(شاه)

(ڪاوش- 10 جنوري 1994ع)

(نوٽ: پڙهندڙن کي گذارش آهي ته ڪوشش ڪري سوال اهڙا پڇجن، جيڪي ٻين کافي پڙهندڙن لاءِ دلچسپ يا گهٽ ۾ گهٽ معلوماتي هجن.

ائڈريس ب صحيح لکجي ته جيئن خط رُلي رُلي پوءِ نه ملن. منهنجي صحيح ائڈريس هيءَ آهي:

"بي-40 نسيم نگر- قاسم آباد حيدرآباد- رسول بخش پليجو.")

سوال: منهنجو ڏاڏو ٺيڪيداري آهي، رشوت، انڪمٽيڪس ۽ ٻين طريقن سان ڪل مالڪيت جو 53 سيڪڙو حرام ۾ وڃي ٿو. ڪم 47- سيڪڙو ٿئي ٿو. اسان ڪيترو بچايون؟ اهڙي حساب ۾ اسان چا ڪريون؟ ملاقات جو شرف بخشيندا.

مير هوت علي تالپر- خيرپور ميرس

جواب: ملڪ مڙئي منصور لڳو پيو آهي. جيترو ب پاڻ حق حلال جي ڪمائيءَ جي دائري اندر رکي سگهو ايترو بهتر.

3- فيبروري 1994ع تي خيرپور ضلعي جي سنڌياڻي تحريڪ جي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ خيرپور ميرس پيو اچان. ان ڏينهن چاهيو ته ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ کان پڇا ڪري ٽائيم ونبي، خيرپور ۾ ملي سگهو ٿا.

سوال: سائين! خودڪشي جي باري ۾ اوهان جي ڪالم ۾ پڙهيم، جنهن ۾ نيو سعيد آباد جي دوست خودڪشيءَ کي دين اسلام کان ناواقفيت جو سبب ٻڌايو. پر مون کي هڪڙو سوال ٿو سُجهي ته دنيا جي تمام وڏين شخصيتن چو خودڪشي ڪئي؟ هڪ اهڙي شخصيت، جيڪا جڏهن بيت الله ڏانهن حج ڪرڻ ويو ته اتان جي پيش امام چيس "اوهان جي موجودگيءَ ۾ آءٌ پيش امامي نه ٿو ڪري سگهان" جي ها! سنڌ جي ناموري شخصيت، عالم اسلام جو هر ڏاهو هن جي ڏاهپ جو اقرار ڪندو. علاما آءِ آءِ قاضي، جنهن خودڪشي ڪئي؟ چو ڪيائين؟ چا ڪوئي هن جي باري ۾ چئي ٿو سگهي ته هن کي دين اسلام جي باري ۾ معلومات نه هئي. نه هرگز نه! پر هن خودڪشي چو ڪئي؟

وقار شاهه- ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور

جواب: خودڪشيءَ جو ڪارڻ مذهب کان واقفيت يا ناواقفيت نه پر ڪئين، ذهني، دماغي، نفسياتي، اقتصادي، سماجي ۽ ٻيا ڪارڻ ٿين ٿا. زندگي جڏهن هڪڙي اهڙي منزل تي پهچي وڃي ٿي، جڏهن اڳتي ڪوبه رستو نه ٿو سُجهي، تڏهن ئي کي ماڻهو خودڪشيءَ بابت سوچڻ تي مجبور ٿين ٿا.

سوال: توهان جي افسانن جي ڪتاب "پسي ڳاڙها گل" جي ڪهاڻين "پسي ڳاڙها گل" "اُڪَ ڪاڏي ڏيءَ" "اڄ آڳڙيا آئينا" ۽ "بختاور" مان ڪهڙي توهانکي وڌيڪ پسند آهي؟

شازيا عباسي- حيدرآباد

جواب: چئني جا مرڪزي خيال ۽ مرڪزي ڪردار مختلف آهن ۽ مختلف پڙهندڙن کي انهن مان مختلف ڪهاڻيون وڌيڪ پسند آهن. مون کي چارئي پسند آهن.

سوال: 1- جنوري 1989ع کان فلپائن جي گادي واري هنڌ منيلا ۾ "ايشيا پيسفڪ امن ڪانفرنس" شروع ٿي، جنهن ۾ اوهان به شريڪ ٿيا هئا، ان ڪانفرنس ۾ ايشيا پيسفڪ امن ۽ ترقي فورم نالي هڪ تنظيم به جوڙي وئي، جنهن جي اسٽئرنگ ڪاميٽي ۽ ايگزيڪيٽو ڪاميٽي جي ميمبر طور اوهان کي به ڪنيو ويو هو. ان فورم طرفان جدوجهد لاءِ جيڪي نڪتا رکيا ويا آهن، سي نه رڳو منهنجي روح ۽ دل وٽان آهن، پر سموري ايشيا ۽ دنيا جي مظلوم عوام جي دل جي ترجماني ڪندڙ آهن.

ان تنظيم جي ان پهرئين اجلاس جي رپورٽ پڙهڻ کان پوءِ اڄ ڏينهن

تائين مون کي ڪابہ خبر نہ پئجي سگهي آهي تہ اها تنظيم آهي يا نہ. جيڪڏهن ايجا موجود آهي تہ پوءِ اها تنظيم اچڪلهہ ڪيتري قدر وسرگرم آهي؟ ۽ ٻيو اهو ہ پڌائيندا تہ ان تنظيم جو چا هڪ عام ماڻهو ہ ميمبر ٻُجي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن ها تہ پوءِ ڪهڙي طريقي سان؟ مهرباني ڪري تفصيلي طور پڌائيندا؟

شبير ڪوکر- نوشهرو فيروز مٽياڻي

جواب: ذاتي طرح مون کي ڏکڻ ايشيا جي ملڪن لاءِ عيوضي چونڊيو ويو هو. مون ان سلسلي ۾ ان علائقي جي ملڪن جهڙوڪ: افغانستان، هندستان، بنگلاديش، نيپال جا باربار دورا ڪيا هئا ۽ انهن ملڪن جي گهٽين تنظيمن ۽ شخصيتن سان رابطو رکيو هئم. گذريل ڪانفرنس ۾ آءٌ ڪن سبب ڪري شريڪ ٿي نہ سگهيو هئس. جيئن ئي موجوده مصروفيتن کان فرصت ملي آءٌ وري رابطو رکندس ۽ ٿي سگهيو تہ مٿين ملڪن کان سواءِ ايشيا جي ڪجهہ ٻين ملڪن جو ہ دورو ڪندس.

فرد داخلا ونڊي سگهن ٿا. داخلا في 50 ڊالر مقرر ٿيل هئي. تنظيمن لاءِ هڪ سؤ ڊالر داخلا فيي هئي. منهنجي ڄاڻ مطابق فورم ايجا سرگرم آهي.

سوال: اوهان کي شاهہ لطيف جي پارکو جو لقب مليل آهي، پر اوهان اڄ تائين شاهہ پڻائيءَ جي شاعري تي ڪو ڪتاب نہ لکيو آهي. پوءِ ايندڙ نسل کي ڪيئن خبر پئي تہ شاهہ پڻائي جا اوهين وڏا پارکو هئا.

منور علي خاصخيلي- ماتلي

جواب: مون لطيف تي جيڪي تقريرون پئي ڪيون آهن، انهن مان ڪجهہ وڊيو ۽ آڊيو جي صورت ۾ موجود آهن: ڪجهہ بابت ڪوٽ لکپت جيل ۾ لکيا هئم. اهي ہ آهن اميد تہ ڪتاب ہ لکبو.

سوال: چا سنڌ ۾ پر امن نموني انقلاب ايندو يا هٿيار بند جدوجهد جي وسيلي؟

منور علي خاصخيلي- ماتلي

جواب: انقلاب، سڌارا ۽ ارتقائي واڌارا پڻ ۾ ڳنڊيل آهن، هڪٻئي تي دارومدار رکن ٿا ۽ هڪٻئي کان متاثر ٿين ٿا. في الحال تہ پرامن واڌاري جو دؤر ٿو ڏسجي. اڳتي لاءِ چوڻ ڏکيو آهي.

سوال: توهان ڪهڙا ڪتاب لکيا آهن؟ اسان ته رڳو اهو پڌو آهي ته توهان سياستدان آهيو. ڇا اوهان جا ڪتاب، ڪتابن جي دڪانن تي ملندا؟

عابد ۽ پنهور- ڪراچي

جواب: ڪي ڪي سياستدان لکندا پڙهندا به آهن ۽ ڪي ڪي لکندڙ پنهنجي لکڻيءَ مطابق ڪجهه عمل به ڪندا آهن، مون سياست سان گڏ ڪجهه ڪتاب به لکيا ۽ ڪجهه ترجمو ڪيا آهن. منهنجي چيل ڪتابن مان ڪن جا نالا هي آهن:

1- پسي ڳاڙها گل (افسانن جو مجموعو) 2- انڌا اونڌا ويچ (ادبي ۽ فڪري تنقيد) 3- سنڌي ذات هنجن (ادبي ۽ فڪري تنقيد) 4- جن جهونا ڳڙهه جلائيو (سنڌ جي تاريخ جون جهلڪيون) 5- صبح ٿيندو (انقلابي ۽ قومي جدوجهد بابت نظرياتي ۽ سياسي مقالا) 6 ۽ 7- ڏراڙن جا ڏڪ ۽ ڳالهيون ڳنوارن جون (رسالي "تحريڪ" جي ايڊيٽوريلن جا مجموعا) 8- اوهان جي پڃاڻا (اصلوڪي ۽ عالمي شاعريءَ جي ترجمن جو مجموعو) 9-10- ڪوٺ لکپٽ جو قيدي (ڪوٺ لکپٽ جيل جي ڊائري به جلد) 11- مائوزيتونگ (مائوزي تنگ جي حياتي جو احوال) 12- هوچي منهه جي آتم ڪهاڻي (ترجمو: لکندڙ هوچي منهه) 13- قومي جدوجهد ۾ ادب ۽ فن جو ڪردار (ترجمو: لکندڙ مائوزيتونگ) 14- جيڪي بنگال سان ٿيو (ترجمو)

گهڻو ڪري انهن مان ڪجهه ڪتاب، ڪتابن جي دڪانن تي ملندا، پي حالت ۾ عوامي ڪتاب گهر، گاڏي ڪاتي- حيدرآباد مان ملي سگهندا.

سوال: سوال اهو آهي ته قرآن پاڪ ۾ ڪيئي بيشمار نشانيون بيان ڪيون ويون آهن. مثال: آسمان جو بغير ٿوڻي، ٽنڊي جي بيهڻ، بحر مان سلو ڦٽي وڏو ٽيڙ يا ماءُ جي پيٽ ۾ بار ڪي خوراڪ ملڻ ۽ زندهه رهڻ وغيره ۽ اهي سڀ الله پاڪ جي هجڻ جا ثبوت آهن. هاڻي انهن ڳالهين تي اعتبار ڪرڻ سان قيامت جي ٽيڙ ۽ بين قدرتي حڪمن ڪي مڃڻ جن ۾ نماز پڙهڻ، روزا رکڻ ۽ عورت کي پردو ڪرائڻ وغيره به لازم ٿيڻا پون. الله کي مڃجي وري حڪمن کي نه مڃجي يا اڌ حڪمن کي مڃجي ۽ اڌ کي نه مڃجي، اهو ته سراسر غلط آهي ۽ الله تي اعتبار ڪري ۽ ان جي حڪمن کي مڃڻ سان اوهان جهڙن ڪيترن ئي اعليٰ مفڪرن ۽ اديبن جي خيالن ۽ منشورن سان ٽڪراءُ ٿئي ٿو، جيئن اوهان عورت جي آزاديءَ جا قائل آهيو وغيره ته اهڙين حالتن ۾ اسان جهڙن گهٽ سوچ رکندڙ ۽ گهٽ مطالعي ڪندڙن لاءِ صحيح راهه چونڊڻ ۽ زندگي گذارڻ لاءِ ضابطا ۽ قانون ناهڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو آهي. اهڙي موڙ تي اوهان منهنجي ۽ منهنجي هم خيالن جي ڪهڙي نموني رهنمائي ڪندؤ ۽

پنهنجي خيالن سان متفق ڪرڻ لاءِ ڪهڙا دليل ڏيندؤ.

ظهير احمد برڙو - لاڙڪاڻو

جواب: مذهبي معاملن ۾ ماڻهو دليلن سان متفق ٿي سگهن ها ته مذهب جي گالهين تان سوين صدين کان هيڏيون جنگيون، هيڏي رتوچاڙ ۽ هيڏا خونريز دنگا فساد نه ٿيندا اچن ها ۽ سچل جهڙا مڙس ائين چوڻ تي مجبور نه ٿين ها ته،

"مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا
شيخين، پيرين، بزرگين، بيحد پلايا
ڪي ٿا نمازون نوڙي پڙهن
ڪن مندر وسايا
اوڏا ڪين آيا عشق وارا عقل کي"

لسان الغيب حافظ شيرازي جهڙا خدا جا پيارا ائين ڪونه چون ها،

"مباش درپي آزارو هرچه خواهي کن،
که در شريعت ما غير ازين گناهي نيست"

(ماڻهن کي آزارڻ ڇڏ، پيو جيڪي وٺئي سو ويجي ڪر، جو اسان جي شريعت ۾ ان کان سواءِ پيو گناهه ڪونهي.)

"ما مرد زهد، و توبه و طابات نيستم،
بامّا بجام، باده صافي خطاب کن"

(اسين عبادتون، توبهائون ۽ تابعداريون ڪرڻ وارا جوان ڪونه آهيون. اسان سان گالهه ڪرڻي هجئي ته تيار شراب جي پيالي جي گالهه ڪر.)

"آتش زهد وربا خرمن دين خواهد سرخت
حافظ اين خرقهٔ پشمينا بينداز و برو"

(عبادتگذاريءَ ۽ رياڪاريءَ جي باهه دين جي ڪُري کي ساڙي رکندي، حافظ اها پشم جي گودڙي لاهي ڦٽي ڪري هتان هليو وڃ)

مذهبي مسئلن تي بحث ۽ فيصلا ڪرڻ لاءِ الله جي فضل و ڪرم سان گهٽئي جيد عالم ۽ فاضل بزرگ سڳورا موجود آهن، پاڻ اڻ ڄاڻ ۽ گنهگارن کان اهي منزلون مٿي آهن.

"حافظا! گر وصل خواهي، صلح کن خاص وعام،
با مسلمان، الله الله با برهمن رام رام"

(حافظا! جي يار جو وصل گهرجيئي ٿو ته اپري توڙي سپري سان ٺهي هل. مسلمان هجي ته سائس الله! الله! ڪر ۽ جي برهمڻ هجي ته رام! رام! ڪرينس)

سوال: تازو شهيد محمد فاضل راهو تعلقي کي متائي ساڳيو گولاڙچي رکي رهيا آهن. ان جي باري ۾ توهان جو کهڙو خيال آهي.

قادر بخش چانڊيو - ٽرڻي محبت

جواب: گولاڙچيءَ تي فاضل جو نالو اسحاق- نواز- چانڊ صاحب ۽ دهشتگرد ٽولي فاضل جي عظيم ڪارنامن تي اوچتو عاشق ٿي ڪو نه رکيو هو، پر ڪن ماڻهن کي فاضل جي عظيم مقصدن ۽ آدرشن کي متيءَ ۾ ملائڻ جي انعام طور ۽ ان چٽر کي سهڻي لوئيءَ ۾ لڪائي قائم رکڻ ۽ زور ونائڻ ۽ ان بعد فاضل جي نالي تي ان ڏنڈي کي سجي سنڌ ۾ عام ڪرڻ لاءِ رکيو هو ۽ ان ڪري اها ڳالهه قوم- دوست، عوام- دوست ۽ فاضل نواز هجڻ بدران انتهائي قوم- دشمن، عوام- دشمن ناپاڪ مقصدن لاءِ بي حيائيءَ ۽ بي دردي‌ءَ سان استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ويو، جو ان حرڪت تي فاضل جي هر ساٿيءَ کي سخت صدمو ٿي رسيو. اها قوم- دشمن، عوام- دشمن ۽ فاضل جي توهين ڪندڙ چٽر جيڪڏهن وڌيڪ وقت جاري نه رهي ته ان تي سنڌ جي سڄڻن ۽ فاضل سان حقيقي محبت رکندڙن کي ڪو ارمان ڪونه ٿيندو.

سوال: جئي ماتر پومي! آءٌ شهر جنگشاهيءَ ۾ ڪوڪڙين جي ڳوٺ جي پر ۾ ميگهواڙن جي ڳوٺ ۾ رهندو آهيان. ڪنهن ڏاهي جو قول آهي ته شاعريءَ لاءِ فلسفو لازمي آهي. ڇا شاعريءَ لاءِ فلسفي جي اشد ضرورت آهي؟ جيڪر آهي ته پوءِ ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب پڙهڻ گهرجن، جيڪي سنڌي يا اڙدو ۾ هجن گهرجن.

واجهي- جنگ شاهي ضلعو ٺٽو

جواب: عظيم شيڪسپيئر چيو آهي: "شاعري اعليٰ سنجيدگيءَ واري شئي آهي" زندگيءَ بابت اونهي ۽ گهري سمجهه ۽ اعليٰ آدرشن، فلسفي کان سواءِ اعليٰ شاعريءَ جي جنم ونڻ جا امڪان گهٽ آهن. سائنسي فلسفي بابت رشيد پٽي، محمد ابراهيم جويو جا سنڌيءَ ۾ لکيل ۽ ايل برنس جو اردوءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب ملن ٿا. تازو مسلمان فلسفي بابت بن جلدن جو ڪتاب ڇپيو آهي، پر اهو انگريزيءَ ۾ آهي. وڌيڪ ڪتابن بابت معلومات آئيندي ڏني ويندي.

سوال: پارن کي سياست چو ڪرڻ گهرجي؟

ڪرشن سنڌي- بدين

جواب: پارن کي تعليم سان گڏ پارن جي سطح ۽ ڏانو جي سياست ۾ ان ڪري

حصو ونڻ گهرجي ته جيئن هو بار- دشمن سياست جو شڪار ٿيڻ کان بچن ۽ بار- دوست سياست کي سمجهي ۽ هٿي ڏيئي سگهن ۽ هوشيار، برچستا ۽ بيدپا شاگرد ۽ سڄا انسان ٿي سگهن.

(ڪاوش- 19 جنوري 1994ع)

سوال: "نيو ورلڊ آرڊر" جو لفظ دنيا جي سياسي ادب ۾ ڪڏهن نروار ٿيو؟ نيو ورلڊ آرڊر اڄ جي دؤر ۾ ٿين دنيا جي ملڪن، خاص طرح مظلوم قومن لاءِ ڪيتري قدر فائدمند آهي؟ ڇا سابق سويت يونين جا ملڪ، پولينڊ ۽ يوگوسلاويه جون رياستون ۽ فلسطيني رياست جو قيام نيو ورلڊ آرڊر جي زمري ۾ نه ٿو اچي؟

ذوالفقار راهوجو- قمبر

جواب: "نيو ورلڊ آرڊر" (نئون عالمي نظام) جو تصور ۽ ان مان نڪتل ٻيا تصور جهڙوڪ: "نيو ورلڊ اڪنامڪ آرڊر" (نئون عالمي اقتصادي نظام)، "نيو ورلڊ سوشل آرڊر" (نئون عالمي سماجي نظام) "نيو ورلڊ انفرميشن آرڊر" (نئون عالمي اطلاعاتي نظام) جا تصور 1960ع جي ڏهاڪي کان اول سوشلسٽ ملڪن ۽ پوءِ ٿين دنيا جي ۽ خاص ڪري غيرجانبدار ملڪن جي طرفان ڏنا ويا. سويت يونين جي زوال کان پوءِ آمريڪي صدر بُش ان تصور کي پنهنجو ڪري پيش ڪيو ۽ جيڪي واقعا توهان بيان ڪيا آهن، سي ان زمري ۾ اچي وڃن ٿا. جنهن حد تائين سچ پچ هٿيار گهٽايا وڃن، آمريڪا جا راڄ ختم ڪيا وڃن. جمهوريت کي عام ڪيو وڃي، انساني حقن جي لٹڑ کي بي نقاب ڪيو وڃي ۽ عالمي تڪرار نبيريا وڃن، ان حد تائين اهو عوام لاءِ فائدمند ٿيندو. ان جو ٻيو پاسو به آهي، جنهن جا جلوا عراق، بوسنيا ۽ صوماليا ۾ ڏسجن پيا ۽ پڙ ٻين جا هٿيار ختم ڪرائي، هٿيار جي هڪ هٿي سرمايه دار سامراجي ملڪن لاءِ تسليم ڪرائي، انسانذات کي ۽ دنيا جي عام ملڪن کي انهن جي رحم ۽ ڪرم جي حوالي ڪرڻ ۾ آمريڪاپرست آمريڪا جهڙوڪ: سعودي عرب، برما، تيونس، اردن، گلف جي رياستن، ڪويت وغيره جو نالو نه ونڻ ۾ نظر اچي رهيا آهن.

سوال: عام معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ڪتاب پڙهڻ گهرجن؟

سجاد حسين لغاري- سعيد خان لغاري

جواب: ان موضوع تي ڪيترائي مفيد ڪتاب مارڪيٽ ۾ موجود آهن، سڀني مٿان لکيو ٻيو آهي، "جنرل نالج". ٻيو ته پنهنجي پڙهائيءَ جو دائرو گهٽي ۾ گهٽو وڌايو. گهٽي ۾ گهٽ سنڌ موضوعن وارا مضمون، مقالا ۽ ڪتاب پڙهو.

سوال: موسيقيءَ جي باري ۾ ڪن اهم شخصيتن جو رايو اهو آهي ته: "موسيقي روح جي غذا آهي." اسلامي نقطي نگاهه کان ماڻهن جو ان سان اختلاف آهي. ان تي توهان وضاحت سان روشني وجهندا.

گل محمد انصاري- بدين

جواب: ڪو نقطئنگاهه مذهبي آهي يا نه، اهو خود هڪڙو تمام بنيادي اختلاف وارو مسئلو آهي. ڪيترا وڏا وڏا بزرگ موسيقيءَ جا شيدائي هئا، پيا وري ان جي مخالف هئا. اهو نه وسارڻ گهرجي ته ايڪاڪلهه تائين ڪيترن وڏن بزرگن فوٽو ڪيڊائڻ، لائوڊ اسپيڪرن تي گالهائڻ ۽ پين روزمره جي گالهين کي ڪفر ٿي سڏيو. اڄ دنيا ئي بدلجي ويئي آهي. آئيندي ايڏا به بدلبي. جيڪي اڄ ڪفر آهي، سو سپاٽي ڪفر رهي نه رهي، خبر ڪانهي. پنهنجا ڪم قادر تي آهن. پنهنجي گهٽ عقل سارو جيڪي صحيح سمجهجي سو ڪجي. باقي بحث ۽ فتوائون ته روز اول کان وٽي پيا هلن ۽ پيا هلندا. ڪٽي چا به ڪري وجهجي ڪونه ڪو ان خلاف فتويٰ ضرور ڏيندو.

سوال: اوهان سڀ قومپرست گڏجي هڪ پارٽي ٿي وجو. سڀ ڪو پنهنجي ديگڙي چاڙهيو وينو آهي. انهيءَ ۾ صدين گذري ويندين مگر ٿيندو ڪجه ڪونه. اگرچه منشور الگ الگ آهن، پر سڀ ويهي گڏجي "ڪجهه ڏيو ڪجه وٺو" جي اصول تي هڪ پارٽي، هڪ منشور ناهيو. عهدن جي لالچ چڏيو. جيڪڏهن جي ايم سيد، پليجو، ممتاز، خليق، قادر، آريسر، جڪراڻي ۽ پيا گڏجي پون ته ڪم ازڪم سنڌ ۾ اوهان جي حڪومت ٿي پوندي. پوءِ اڳتي مطالبا مڃائڻ سولا ٿي پوندا. هن سيني کي گڏ ڪرڻ جي اوهان صلاحيت رکو ٿا. چا واقع اهو صحيح آهي يا نه؟

پير محمد عالم قريشي- سڪاول ضلعو ٺٽو

جواب: سڄي دنيا جا هندو، عيسائي ۽ مسلمان چون ٿا ته اسين پنهنجي پنهنجي دين جا پروانا آهيون. سڄي دنيا جا مسلمان حاڪم چون ٿا ته اسين پاڻ ۾ پائر آهيون، پر صرف چوڻ سان ڪجه نه ٿو ٿئي. ضروري ناهي ته اسان اصل ۾ به انهن مفادن کي اوليت ڏيندا هجون، جن جو اسين زباني ذڪر ڪريون ٿا. جيڪي ظاهري طرح هڪڙي طرف وڃڻ جي گالهه ڪن، سي واقعي ويندا به ان طرف هجن، سو ضروري ناهي. اوهان جي خواهش نيڪ آهي ۽ سڄي سنڌ اوهان وانگر سوچي ٿي، پر جيستائين عام ماڻهن جي سمجهه جي سطح بلند نه ٿي آهي، جيستائين ماڻهو ظاهر ۽ باطن جو فرق نه سڃاڻندا، جيستائين ماڻهو صحيح گالهه کي سڃاڻي. ان جي حمايت ڪري ان کي ڪامياب نه بڻائيندا ۽ غلط گالهه کي سڃاڻي، ان جي پرپور مخالفت ڪري ان کي ناڪام بنائڻ لاءِ

سندرو نہ پڌندا، تيستائين سموريون نيڪ خواهشون، خواهشون ئي رهنديون.

اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ مسئلن جا جيڪي حال ظاهري طرح سپ کان آسان، قدرتي ۽ جلدائيءَ وارا نظر ايندا آهن، اهي اصل ۾ غير حقيقي ۽ خيالي هوندا آهن. اصل ۽ حقيقي حل آسان ۽ سنوان سڌا ورلي ٿيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن سپ کان لنبو ۽ اٽانگو نظر ايندڙ رستو ئي حقيقي هوندو آهي ۽ منزل تي رسائيندو آهي. چوڻ ۽ ڪرڻ، ظاهر ۽ باطن جي وچ ۾ جيڪو تضاد آهي ان جي تميز ۽ صحيح غلط جي فرق جي سڃاڻپ ۽ صحيح جي حمايت ۽ غلط جي مخالفت، اهي اسان لاءِ بنيادي ۽ فيصلو ڪندڙ نقطا آهن.

"هزار نكتهٔ باريكتر زمو اينجاست،
نہ هر كه سر تبر اشد قلندري داند." (حافظ شيرازي)

(هن ڳالهين ۾ هزارين وار کان بہ سنهڙا نڪتا آهن، جيڪو بہ مٿو ڪوڙائي ٿو، سو قلندر ڪو نہ ٿي پيو.)

سوال: توهان جي پارٽيءَ ۾ ٻين پارٽين جي پيٽ ۾، عورتن جو تعداد وڌيڪ آهي، ان جا سبب ڪهڙا آهن؟

غلام رسول لغاري - لغاري سم ڏهون ميل

جواب: اسين عورتن مردن جي هڪجهڙائي ۽ هر قومي ميدان ۾ سندن برابريءَ واري شرڪت جي ڳالهہ رڳو وات سان ڪرڻ بدران، ان کي وس آهر عملي جامون بہ پهرايون ٿا ۽ سپ کان پهرين پنهنجي گهرجي پاتين کي، شعور ڏيڻ کي اوليت ڏيون ٿا. رڳو عورتن جي ڳالهہ بہ ڪانهي. ٻارن، ٻارڙين، شاگردن ۽ شاگردياڻين کي، هارين کي، مزدورن کي تربيت ڏيڻ تي جيترو آسان زور ڏنو آهي، اوترو ٻئي ڪنهن گهٽ ڏنو هوندو. البت جيتري محنت ۽ تڪڙي واڌاري جي ضرورت آهي. ان جي پيٽ ۾ ايڏا جڙ ڪاسي مان پاتي بہ ڪانہ پيئي آهي.

سوال: وڏين نالي وارين يونيورسٽين ۾ سيلف فنانسنگ اسڪيم تحت جيڪو تعليمي وڪرو ۽ تعليم جو پيڙو ٿو پوڙيو وڃي، اهو صحيح آهي يا نہ؟ ان جا ڪهڙا برا اثر پوندا، خاص ڪري غريب عوام تي؟ چا من ايڏين ڳرين فيسن سان تعليم شاگرد جو حق آهي، کا رعايت ڪانهي!" وارو مقصد پورو ٿئي ٿو؟

انجنيئر برڪت علي مرڪنڊ - لاڙڪاڻو

جواب: کا هڪڙي ڳالهہ هجي تہ بہ چگوءِ هتيهن تہ "ڏاڳهن ڏيرن، ڏونگرن، ٽنهي ڏنم ڏک" کان بہ ڳالهہ مٿي چڙهيل آهي. هڪڙي پاسي ضياءَ شاهي

جي سنڌ دشمن ايجنسين، پنهنجي پالتو ماڻهن هٿان آزادي ڏيارڻ جا ڏڻا ڏيارائي ۽ تريءَ تي بهشت تيار ڪري ڏيڻ جا سبزباغ ڏيکارائي، پنهنجي غندن، ڏاڏاگيرن ۽ قوم جي قاتلن هٿان ڪتاب، قلم ۽ ڪلاس روم جي وقار کي ذليل ڪرائي، شاگردي، استادي ۽ تعليم جي رشتن جي عزت ۽ احترام کي خوار خراب ڪري، تعليمي ادارن کي قتل گاهون ۽ ڪوس گهر بنائي، انهن کي شاگردن، استادن، عالمن، ادبين، سائنسدانن جي تخليقي مرڪزن مان ڦيرائي بشنين، لوفرن، اناڻي گيرن، ڏاڙيلن، رهزنن ۽ منشيات فروشن جي مجرمانا اڏن ۾ تبديل ڪري چڏيو. ٻئي پاسي هيلپر ۽ ڪاپي جو مرض ڦهلايو ويو. ٽئين پاسي مارڪن ۽ پوزيشن جي واپار جي هيروئن جهڙي بدترين ڪاروبار ڪندڙ استادن ۽ محسن جي مافيا قائم ۽ سرگرم ڪئي وئي. چوٿين پاسي اڻ پڙهيل ماسترن جي پرتي ڪئي وئي ۽ پنجين پاسين وڏيرن جي اڻ پڙهيل پٽن ۽ پائيٽن کي ڪوڙين ڊگرين جي زور تي اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ڊپٽي سپريٽنڊنٽ پوليس ۽ بين وڏن عهدن تي پرتي ڪري سڄي ڪامورا شاهيءَ تي وڏيرڪي ڪٻي آڳوٺي جو ٽپو هنيو ويو ۽ غريب جي هار جي علمي محنت ۽ قابليت وسيلي اعليٰ درجي تي پهچڻ جي دروازن کي لت ڏئي بند ڪيو ويو. هاڻ رهيل ڪسر اعليٰ ادارن ۾ داخلائن جي پئسن جي وڪري پوري ڪري چڏي آهي. سنڌي تعليم خلاف، هن گهڻ- طرفي خوفناڪ سازش خلاف قومي سطح تي هڪڙي مجاهدانا دانائيءَ ۽ دليري واري اٽروچ ۽ اٽڪ ڊگهي ويڑهه ڪرڻي آهي ۽ ان جي پاڙ پٽڻي آهي. "مسئلا حل ڪريو قومي ڪانفرنس" ۾ ان مسئلي تي غور ويچار ٽيو آهي ۽ ٽئي پيو ۽ ڪافي ڪارائتيون تجويزون آيون آهن. سڃاڻ ساڻين جي ساڻ سان اميد ته هي ڳڻيڙ مسئلو حل ڪري سگهبو. مايوس ٽيڻ جي ڳالهه نه هئڻ گهرجي. مايوسيءَ کي مڙسيءَ ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سوال: محمود غزنويءَ جي ڪاهه ڪان اڳ يا محمد بن قاسم ڪان ٻه اڳ ۾ هندستان ۾ جيڪي هندو حڪومت هيون انهن ۾ ڪي اهڙا ٻه هئام جيڪي سڄي هندستان يا ان جي گهڻن پاڳن جا حڪمران هجن؟ اهي حڪومتون گهڻو وقت هليون؟ انهن جا گهراٽا ڪهڙا هئا؟ مهرباني ڪري تفصيل سان روشني وجهندا؟

سرلا ديوي، جام شورو

جواب: هندستان ۾ باقاعدي مسلمان حڪومت غلام گهراڻي شروع ڪئي. محمود غزنوي ۽ محمد غوريءَ وارا آيا ۽ ويا. محمد بن قاسم جي حڪومت سنڌ ۽ ملتان تائين محدود هئي. مرڪز تي يعني دهليءَ تي قبضو غلام گهراڻي

جي دؤر کان ونڊي شروع ٿيو، جيڪو جيڪو 1206ع کان محمد غوريءَ جي غلام ۽ سندس هندستان جي وائسراءِ جنرل قطب الدين ايبڪ جي راڄ سان شروع ٿيو. تنهن کان پوءِ مسلمانن جا ڪل ڇهه ٻيا گهراٽا آيا: خلجي، تغلق، سيد، لوڌي، سوري ۽ مغل. ان کان اڳ ۾ هندستان جي مختلف علائقن تي هندن جي مختلف حاڪمن جون حڪومتون هيون. مرڪزي شهنشاهيت ڪُل ڇهن گهراٽن ڪئي.

1ـ موريائي گهراٽو: جيڪو 320 ق. م (قبل مسيح) کان 187 ق. م تائين يعني ڪُل 133 سال قائم رهيو. شهنشاهيت جو باني جڳ مشهور ڏراڙ گوريلا سپہ سالار "چندر گپتا موريا" هو، جيڪو هندستان جو پهريون آزادي ڏيارينڊڙ سورمو ۽ پهريون شهنشاهه هو. هن يوناني سڪندر اعظم جي فتحن کي شڪست ۾ تبديل ڪيو ۽ هندستان کي يوناني غلامي جي ڇڪ مان آزاد ڪيو. ان شهنشاهه جو وزيراعظم سندس روحاني، سياسي حڪمت عملي جي هوشياريءَ جو سڄي دنيا اعتراف ڪري ٿي. ان دور جي عملي سياست بابت سندس ڪلاسيڪي ڪتاب "ارٿ شاستر" اردو ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. هيءَ تصنيف دنيا جي وڏين بنيادي علمي پيڙهه جي پٺرن ۾ شمار ٿئي ٿي. سنڌين کي اهو ضرور پڙهڻ ڏسڻ گهرجي.

2ـ سنگهار گهراٽو: جيڪو 187 ق. م کان 75 ق. م تائين هو. هن جو راڄ ڪُل 112 سال هليو.

3ـ ڪانورا گهراٽو: جيڪو 75 ق. م کان 30 ق. م تائين هليو.

4ـ گپتا گهراٽو: اهو به هڪ مشهور گهراٽو ٿي گذريو آهي، هن ڪُل 275 سال حڪومت ڪئي ۽ اهو سن 275ع کان سن 550ع تائين قائم رهيو.

5ـ پشپا پوتي گهراٽو: جنهن 147 سال راڄ ڪيو. اهو سن 500ع کان 647ع تائين قائم رهيو. اسلام جو ظهور، هن گهراٽي جي دؤر ۾ ٿيو. جنهن زماني ۾ هجرت ٿي هئي، مڪو فتح ٿيو هو ۽ حضور جن وفات ڪئي هئي، تن ڏينهن ۾ هن گهراٽي جو مشهور شهنشاهه "هرش ورڌنا" هندستان جو فرمان روا هو.

آخري گهراٽو پرتي هار هو جيڪو 750ع کان 1030ع تائين هليو.

اهريءَ طرح هندستان تي تمام وڏو عرصو هندن جي شهنشاهت قائم رهي آهي يعني 320 ق. م کان 1030 ع تائين، تقريبا سادا تيرهن سؤ سال. ان عرصي ۾ مورين جا 10ـ شهنشاهه، سنگها جا 10، ڪانوا جا 4، گپتا گهراٽي جا 15، پشپا پوتيءَ جا 6 ۽ پرتي هار گهراٽي جا 15ـ شهنشاهه ٿي گذريا آهن.

سوال: ڪي سنڌ فارسي شعر ٻڌايو، انهن جي معنيٰ ٻ لکو.

ريحانه شر- جامشورو

جواب: 1ـ "شاد زي باسياه چشمان شاد
که جهان نيست جز فسانه و باد."
(رودڪي)
(ڪارين اکين وارن سهڻن سان خوش گذار، باقي ٻيو هي جهان فقط ۽ فساد کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي.)

2ـ "فسانه گشت وکهن شد حديث اسکندر
سخنِ نو آر که نورا صلاوت دگر است."
(فرخي ـ محمود غزنويءَ جو درباري)
(سڪندر ۽ دارا جون ڳالهيون افسانا بڻجي پراٽيون پاروٽيون ٿي ويون. هاڻ ڪا بي نئين ڳالهه ڪريو! نئين ۾ مينهاج نئون آهي!)

3ـ "در دهر چومن يکي و آنهمم کافر،
پس درهمه دهريک مسلمان نبود."
(بو علي سينا)
(هن زماني ۾ مون جهڙو (يگانو) ماڻهو هڪڙو، سو به جي ٿيو ڪافر، ته پوءِ ڇئبو ته سموري زماني ۾ هڪڙو به مسلمان ڪونهي.)

4ـ "گفتي چه کنم چه تحفه آرم بر دوست،
بي درد ميام هر آنچه آري خوبست"
(ابو سعيد ابوالخير)
(تو پڇيو ته دوست جي واسطي ڪهڙي سوغات کڻي اچان. درد (جي سوغات) کان سواءِ متان اچين. ٻيو جيڪي به آڻين سو پلي آڻ.)

5ـ "آورد باضطرار اول به وجود،
جز حيرتم از حيات چيزي نفزود
رفتيم باکراه وندا نيم چه بود،
زين آمدن ور فتن وبودن مقصون."
(عمر خيام نيشاپوري)
((اسان کي) بي چينيءَ جي حالت ۾ وجود ۾ آندائون ۽ زندگيءَ ۾ سواءِ حيرت جي ٻي ڪنهن به ڳالهه جو واڌارو نه ٿيو، (پوءِ وري) زبردستي (هن جهان مان) روانا ڪيا ويا سين ۽ (اول کان آخر تائين) خبر ڪانه پيئي ته، (اسان کي زبردستي) آڻڻ مان وري زبردستيءَ روانو ڪري ڇڏڻ مان ۽ (هن جهان ۾) هيترا ڏينهن اسان جي هجڻ مان ڪڙ تيل ڪهڙو نڪتو؟)

6ـ "گردون زبراي هر خرد مند،
صد شربت جانگز اور آميخت،
گيتي ز براي هر جوان مرد،

هر زهر که داشت در قدح ريخت."

(ابوالفرج روفي)

(هن آسمان (زماني، سماج، نظام) هر داناءَ ماڻهوءَ جي واسطي، سوين اهڙا شربت ٺاهي رکي چڏيا آهن، جن جي پيئڻ سان ماڻهو جي جان نڪريو وڃي. هن ڏرتيءَ وٽ جيڪي به زهر آهن، سي هر مڙس ماڻهوءَ جي پيالي ۾ اوتي چڏيا اٿس.)

7_ "بعد از وفات تربت ما در زمين مجوي،
در سينه هاي مرد مِ عَارف مزارِ ماست."

(شيخ سعدي)

(مرڻ کان پوءِ اسان جي تربت زمين ۾ متان ڳولين. اسان جي مزار اهل دل ماڻهن جي سينن ۾ هوندي. اتي ان جي ڳولا ڪجئين.)

8_ "منگر که دل اين يمين پر خون شد،
بنگر که ازير جهان فاني چون شد،
مصحف بکف وچشم بره روئي دوست،
باپيکِ اجل خنده زنان بيرون شد."

(ابن يمين)

(اهو نه ڏس ته زماني ابن يمين جي دل ڪيئن رتو رت ڪري چڏي، اهو ڏس ته هن فاني جهان مان هو روانو ڪيئن ٿيو. هٿ ۾ قرآن هئس ۽ اکيون دوست جي اچڻ جي راهه ۾ ڪتل هيس. موت جي قاصد سان گڏيو، ٽهڪ ڏيندو، دنيا مان روانو ٿي ويو.)

9_ "آدمي در عالم خاکي نمي آيد بدست،
عالم ديگر بايد ساخت و زنو آدمي."

(حافظ شيرازي)

(هن مٽيءَ جي جهان ۾ ڪو انسان هٿ نه ٿو اچي. هڪ نئون جهان اڏجي ۽ ڪو نئون انسان پيدا ڪجي.)

10_ "اين کاليدمِ ز خاک هندِ استوليک،
در هر بنِ موُ هزار يونان دارم."

(فيضي)

(هي منهنجو جسم هندستان جي مٽيءَ مان ٺهيو آهي، پر منهنجي بدن جي هر وار جي پاڙ ۾ هزار يونان سمايا پيا آهن.)

11_ "گهر جويند غواصان فطرت در ته دريا،
تو در فکر همين دائم که اَز دريا کرانَ بنيي."

(عرفي)

(فطرت جا ٿوبا دريائن جي تري ۾ ماڻڪ موتي پيا ڳولين ۽ تون سدائين رڳو ان فڪر ۾ آهين ته دريا جو ڪنارو ڪڏهن ايندو.)

12_ "زپ ائي تا بسر هر كجا كه مي نگرم،
كرشمه دامن دل مي كشند كه جا اين جا است."
(نظيري نيشاپوري)

(ننهن كان ونئي چوٽيءَ تائين ڏسانس ٿو ۽ جتي ٿو نظر وجهان، اي ڪو جڙ دل جي پلاند کي چڪيو چوي ٿو ته اصل سونهن اتي اٿئي!)

13_ "پائم به پيش از سراهن كو نمي رودم
ياران خبر دهيد كه اين جلوه گاه كيست"
(نظيري نيشا پوري)

(هن گهٽيءَ مان پير اڳتي وڌي ئي نه ٿو، دوستو! خبر ته ڏيو، اها ڪهڙي سهڻي جي جلوه گاهه آهي.)

14_ "تربر شاخ گل افعي گزيده بلبل را،
نوا گران نخرده گزند را چه خبر."
(نظيري نيشا پوري)

(جنهن بلبل کي گلن جي ٽاريءَ جي هيڻان نانگ ڏنگيو هجي، ان جي حال جي انهن بلبلين کي ڪهڙي خبر جن کي ڪڏهن اهڙو ڏنگ لڳو ئي نه هجي.)

15_ "خدا خوان تا خداداں فرق دارد،
كه حيوان تا بانسان فرق دارد."
(فروغي بسطامي)

(خدا خدا ڪندڙ ۽ خدا کي سڃاڻيندڙ جي وچ ۾ ايڏو فرق آهي، جيڏو حيوان ۽ انسان جي وچ ۾.)

سوال: جڏهن سنڌ ۾ سمن جي حڪومت هئي، تڏهن آس پاس جي رياستن ۾ جيڪي حاڪم هئا، انهن جي باري ۾ ڪا خبر آهي؟

نورالنساءِ- ميهڙ

جواب: سمن 1336ع کان 1521ع تائين حڪومت ڪئي. آس پاس جي رياستن جي حاڪمن جي حڪومت جا صحيح سن ملڻ ڏکيا آهن. پر ڪجهه هن قسم جي صورتحال هئي:

ان دور ۾ مارواڙ ۽ جوڌپور جي راٺوڙ راجائن ۽ مهاراجائن ۾ اسان کي پهرين "چندا راؤ" جو نالو ملي ٿو، جيڪو 1382ع ۾ حڪومت ڪندو هو، تنهن کان پوءِ جا راجا هئا "ڪانها"، "سنا"، "رامل"، "رٽمل"، "جودا"، "ساتل"، "سجا" ۽ "گنگا". گنگا 1532ع تائين راج ڪيو ۽ 1521ع ۾ ئي

سمن جي حڪومت ختم ٿي وئي. ڇٻي پور ۾ 1276ع ۾ ڪنتل ثاني جي حڪومت هئي. تنهن کان پوءِ "جهانستي" "اڏاياڪرنا" "ناراسنگ" "پنپير" "اڏاراؤ" چندر سينا حڪومت ڪئي. سمن جي آخري دؤر جو راجا چندر سينا هو جنهن 1534ع تائين حڪومت ڪئي. پوءِ ارغونن جي دور جو "پرٿوي پهريون" آيو.

بيڪانير ۾ راجا ديڪارائو جي حڪومت 1465ع ۾ هئي. تنهن کان پوءِ "نارو"، "لنڪارڻ"، "جيتسي". ان وچ ۾ جيستي جي دؤر ۾ ئي 1521ع ۾ سمن جي حڪومت ختم ٿي.

جيسلمير جا ان زماني جا حاڪم پٽي راول ۽ مها راول هئا. انهن مان اسان کي 1331ع ۾ گهر سنگ ملي ٿو، تنهن کان پوءِ راول بلڪ مها راول ٿي هڪ ٻئي پٺيان ڪيهر، لکمڻ، پيري سنگ، چچڪ ديو، ديوي داس، جيتسنگ ثاني، ڪرن سنگ ثاني ۽ ان کان پوءِ مها راول لنڪارن آيو، جنهن 1550ع تائين حڪومت ڪئي. مهاراول لنڪارن جي دور ۾ سمن جي حڪومت ختم ٿي.

ملتان ۾ 1444ع ۾ لانگاهه قطب الدين محمود پهرئين جي حڪومت هئي. تنهن کان پوءِ حسين اول ۽ محمود ثاني ابن فيروز ۽ حسين ثاني آيا. حسين ثانيءَ 1525ع کان 1526ع تائين حڪومت ڪئي. ان وچ ۾ سمن جي حڪومت ختم ٿي ويئي.

(ڪاوش_ 24 جنوري 1994)

سوال: ڇيو وڃي ٿو ته قومي ۽ طبقاتي شاعري ڪلاسڪ شاعري نه آهي. جنهن لاءِ ٻين دليلن سان گڏ اهو دليل به ڏين ٿا ته هڪ ڏينهن اهڙو نظام هوندو جنهن ۾ نه رياست هوندي نه طبقا ته اهڙي سماج اندر قومي ۽ طبقاتي شاعري ڪلاسڪ شاعري ڪٿين ٿيندي. اوهان سمجهائيندا ته اهڙي سماج ۾ قومي طبقاتي شاعري ڪلاسڪ هوندي يا نه؟

مصطفيٰ جتوئي، خيرپور ناٿن شاهه ضلعو دادو

جواب ڪلاسيڪي ادب ۽ شاعريءَ جي جاتل سڃاتل معنيٰ اهو ادب ۽ شاعري آهي، جنهن جي مقبوليت تمام گهڻو زمانو قائم رهي. ان لاءِ اهو هرگز ضروري ناهي ته اهي حالتون به گهڻو زمانو قائم رهن، جن ۾ ڪنهن ڪلاسيڪي تخليق کي جنم مليو هجي. ان سلسلي ۾ سطحي سوچن وارا، يا ـ پڙهيل ۽ اڻ-پڙهيل ماڻهو اڪثر "دائمي ۽ آفاقي" قدرن جو ذڪر ڪندا آهن ۽ دعويٰ ڪندا آهن ته فقط دائمي ۽ آفاقي قدرن واريون تخليقون ڪلاسيڪي اهميت واريون ٿي سگهيون آهن ۽ ٻيون غير ڪلاسيڪي، عارضي ۽ سطحي ليکيون

ويندين. اها غلط فهمي علم ۽ سماجي سمجھ جي ڪوتاهي، بلڪ اٹاڻ جو نتيجو آهي. ٿوس نموني سوچي ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ دنيا جي ڪنهن ٻ ادبي ۽ شعري تخليق جو موضوع ڪڏهن ٻ قطعي (ايبسوليوٽ) معنيٰ ۾ "دائمي" ۽ "آفاقي" ڪو نہ رهيو آهي ۽ نہ وري ڪو اهڙو موضوع ٿي ئي سگهي ٿو. دراصل "دائمي ۽ آفاقي" قدرن جو تصور هر ٻئي تصور وانگر بلڪل نسبتي ۽ اضافي (رليٽو) آهي ۽ قطعي ۽ آخري هرگز نہ آهي ۽ نڪو ڪو ٿي سگهي ٿو. هن ڪائنات ۾ هر نامنهاد "دائمي" شيءَ ڪاله ۽ لقاءَ ڪيفيت عارضي بلڪ تاريخي آهي، يعني اها ڪڏهن ڪا نہ هئي، پوءِ پيدا ٿي، اسري، جوان ٿي، پوءِ پاڻ مان ٻين شين، ڪالهين، لقائن ۽ ڪيفيتن کي جنم ڏيئي پوڙهي ۽ مدي خارج بنجي نيٺ ختم ٿي وڃي ٿي. ڪائنات اندر ڪو ٻ وجود دائمي چرپر ۽ تبديلي کان سواءِ موجود ٿي ۽ رهي سگهي ئي نہ ٿو.

هومر دنيا جو پهريون ۽ وڏي ۾ وڏو ڪلاسيڪي شاعر آهي. سندس شاعري مدي خارج، اوائلي قبائلي ۽ غلامانا دؤر ۾، ان دور جي مدي خارج ۽ دقيانوسي سوچن ۽ تصورن جي دائري اندر تخليق ڪئي وئي. اهو دور ۽ ان جا تصور، سوچون، محبت ۽ نفرت جا معيار گهٽي پاڳي سماجي واڌاري جي ڏوڙ ۾ لٿجي گم ٿي ويا آهن. ڪاليداس، لي پو(چين جو عظيم شاعر)، فردوسي ۽ شيڪسپيئر مدي خارج غلامدار ۽ جاگيردار دور جا ماڻهو هئا ۽ انهن دورن جي اهڙن سماجي رشتن، تصورن ۽ آدرشن جي دائري اندر پنهنجيون تخليقون تخليق ڪري ويا آهن، جن رشتن، تصورن ۽ آدرشن کي گهٽي پاڳي اڌوهي ڪائي چڪي آهي. ان جي باوجود اهي تخليقون ڪلاسيڪي ليکجن ٿيون ۽ جائز طرح وڏو عرصو ليکجنديون رهنديون. ان جو سبب اهو آهي تہ هر شئي، لقاءَ ۽ ڪيفيت پاڻ ۾ ويڑهه ڪندڙ ابتڙن جو ميلاپ آهي. هر شئي جو هڪڙو پاسو خصوصي آهي تہ ٻيو ان جو ابتڙ پاسو عمومي آهي. هر مخصوص محبت ساڳي وقت عارضي ٻ آهي تہ محبتن جي ڪائنات گير نسبتا دائمي تسلسل جي هڪڙي ڪڙيءَ جي حيثيت ۾ دائمي ٻ آهي. دنيا ۾ محبت جو "دائمي ۽ آفاقي" تصور آسمان مان نازل ٿيڻ بجاءِ ڪروڙين، اربين مخصوص انفرادي محبتن جي تسلسل مان ٺهيل اهي ۽ اهو سدائين پيو بدلجي ۽ نت نئون ٿئي.

فقط سماجي علمن جي حساب سان اڻ پڙهيل ماڻهو ئي ان غلط فهميءَ جو شڪار هوندا آهن تہ جن ادبي ۽ شعري تخليقن کي ڪلاسيڪي تسليم ڪيو وڃي ٿو، تن جا ڪي ٻ گروهي طبقاتي ۽ قومي پاسا ڪونہ هئا. جاڻو جاڻن ٿا تہ ادب ۽ فن جي هر تخليق تي تخليقڪار جي ذات سان گڏ گروهہ، طبقي ۽ قوم جون مهرون ٻ لڳل هونديون آهن. جن کي ڏسڻ لاءِ فقط سماجي سمجھ وارين اکين جي گهرج هوندي آهي. هر تخليق جو موضوع تاريخي حساب سان

جڙ هڪ پل جي حياتيءَ وارو هوندو آهي. پر جي اها عظيم تخليق آهي تہ اهو مخصوص پل، اهو ذاتي، گروهي، طبقاتي ۽ قومي مهرون لڳل پل، تاريخي تسلسل جي اٽ-ڪٽ زنجير جي هڪڙي اهم ڪڙي بنجي وڃو بقا ۽ وڌي حياتي ماڻي سگهي ٿو ۽ ڪلاسيڪيت جو تاج سر تي پهري سگهي ٿو. جاگيردار- سرمائيدار دنيا پنهنجن طبقاتي مفادن خاطر ادبي ۽ فني پرک جي مٿان جيڪي گمراهي ۽ جهالت جا دلفريب ۽ نفيس پردا چاڙهي ڇڏيا آهن، انهن کي لاهي ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ جاگيردار- سرمايہ دار ادبي ۽ فني پرک جون ڪسوٽيون گهٽي پاڳي جعلي ۽ بوگس آهن.

"اڄي پگ ۾ پس اندر مڙيئي اڳڙيون!"

انهن کوٽن ماپن ۽ ڪوڙين ڪسوٽين مان جان ڇڏائڻ کان سواءِ عالمي ادب ۽ فن اڳتي وڌي نہ سگهندو.

گهٽو وقت اڳ مارڪس اها ڳالهہ سمجهائي هئي تہ سرمايہ دار نظام اعليٰ شاعري جو ويري آهي. اسرندڙ سرمايہ داري دور کي ڇڏي، عروج تي پهتل سرمايہ داري ڪو بہ عظيم شاعر ڪو نہ پيدا ڪيو آهي.

سوال: موجوده وقت جي مناسبت سان پيار ڪرڻ ڪيتري قدر ڪارگر آهي ۽ جنهن سان پيار ڪجي، انهي سان شادي جهڙي تمام اهم، نازڪ ۽ زندگي جي وسيع سفر جي باري ۾ سوچي وجهڻ، ڪيتري قدر صحيح ثابت ٿيندو. انهي لاءِ ڪجهہ محققن ۽ پنهنجي دانشمندانہ صلاحيتن جي روشني ۾ اسان جي رهنمائي ڪندا.

عبدالروف ميمڻ - بدين

جواب: منهنجي خيال ۾ ڪيترين شادين مرادين، محققن جي تحقيقات ۽ دانشمندانہ صلاحيتن جي روشنيءَ کان سواءِ بہ ٿيندين رهين آهن ۽ شايد آئيندہ بہ ائين ئي ٿيندين رهن. اوهان بہ في الحال انهن چڪرن ۾ پوڻ ڇڏي ڪو گس پنڌ ڳولي ڪيو، سگهو تہ چگو.

سوال: سويت يونين جي ٽٽڻ جو ڪارڻ ڇا آهي؟

حاجي محمد ذڪي ڏاکلو (ٺو)

سوال: روس ڪيئن ٽٽو؟

سرمد - رتوديرو

جواب: ٽٽڻ، ٽهڻ، وري ٽٽڻ، وري ٽهڻ ڪائنات جي شين، حالتن ۽ لڳائن ۾ عام ڳالهہ آهي. تاريخ ۾ حڪومتون ۽ سماجي- اقتصادي نظام بہ پيا ٽٽندا ۽

نهندا، وري ٽٽندا ۽ وري نهندا آهن. البت سماجي- اقتصادي نظامن مان هڪڙي جي ڍهڻ ۽ ٻئي جي نهڻ ۾ ٽائيم ضرور لڳندو آهي. انساني سماج ۾ پهريائين قديم اشتراڪي نظام هو، جنهن ۾ مخالف طبقا ڪو نه هئا. ان نظام جي ڍهڻ ۽ ان جي جاءِنشين نظام يعني غلامداري نظام جي نهڻ ۾ ڪيئي صديون لڳيون. وري غلامداري نظام جي ڍهڻ ۽ ان جي جاءِ تي جاگيرداري نظام جي قائم ٿيڻ ۾ ڪئي صديون، ڪئين هيئاهيون مٿاهيون ڪئين فتحون ۽ شڪستون ٿيون ۽ ڪئين ٽٽڻ ۽ نهڻ جا سلسلا ٿيا. ساڳي ڳالهه يورپ ۾ جاگيرداري نظام جي ڍهڻ ۽ سرمايه داري نظام جي پکن پيرن تي قائم ٿي وڃڻ جي حالت ۾ ٿي. اها سماجي چٽا ڀيٽي ۽ ويڙهه 13- صديءَ کان شروع ٿي ۽ مس مس وڃي ارڙهين صديءَ ۾ فيصلو ٿيو ته بنيادي طرح جاگيرداري ڪاٺا ۾ سرمايه داري قائم آهي. جيتوٽيڪ جزوي طرح سرمايه داري دور ۾ به هڪڙي محدود حد تائين جاگيرداري نظام به ائين قائم رهيو، جيئن اڳي غلامداري نظام ۽ جاگيرداري نظامن ۾ اڳوٽا قديم اشتراڪي ۽ غلامداري نظام به جزوي طرح قائم رهيا بلڪ اڄ تائين قائم آهن.

يورپ ۾ ۽ خاص ڪري انگلينڊ ۽ پوءِ فرانس ۾ سورهين صديءَ کان ونڊي ارڙهينءَ تائين ڪڏهن پراڻن طاقتور جاگيردار قوتن ٻئي اسرندڙ سرمايه دار قوتن کي دسيو ته ڪنهن وري انهن جاگيردار قوتن کي دسيو ٿي. سوين هزارين دفعا ڪڏهن هڪڙي ڏر ٿي ٽٽي ته ڪڏهن ٻي ڏر. ٽلهي ليکي پراٽيسٽن فرقي جي حڪمرانن لاشعوري طور سرمايه دار قوتن جي نمائندگي ٿي ڪئي ته ڪئٿولڪ فرقي جي حامي حڪمرانن جا گيردار قوتن جي. انگلينڊ ۾ "هينري اٺين" جي بن ڏين "ميري" (وڏي) ۽ "ايلزبيٿ" (ننڍي) مان ميريءَ جاگيردار قوتن کي هٿي ٿي ڏني ته ايلزبيٿ اول (لاشعوري يا شعوري طور) نين اسرندڙ سرمايه دار قوتن کي. ان کان پوءِ توڙي پارٽيءَ جاگيردار قوتن جي حمايت ٿي ڪئي ته "وگ پارٽي" اسرندڙ سرمايه دار قوتن جي. سترهين صديءَ ۾ بادشاه ۽ پارليامينٽ جي وچ ۾ لڙائي به دراصل انهن ٻنهي مخالف نظامن جي حامي قوتن جي وچ ۾ ويڙهه هئي، جيڪا نسلن جا نسل هلي ۽ اڄ تائين هلي پيئي. (ڏسو ڪتاب "برطانيا جي عوامي تاريخ.")
("people, History of England"

فرانس ۾ فرنيچ انقلاب جي تاريخ جو مطالعو توهان کي ٻڌائيندو ته جڏهن به مخالف نظام پاڻ ۾ ٽڪرجن ٿا ته پوءِ ڪيئن نه فتحن ۽ شڪستن جو هڪڙو اٽڪ سلسلو شروع ٿي وڃي ٿو، جنهن ۾ اڪثر فتحون ۽ شڪستون عارضي ثابت ٿين ٿيون. 1814ع ۾ سڄي يورپ جي رجعتپرست جاگيردارپرست قوتن هم صلاح ٿي گڏيل حملو ڪري انقلابي سرمايه دار

فرانس کي ٽوڙي رکيو ۽ سڄي يورپ جي رجعت پرستيءَ جي اڏن ۾ خير مبارکون ٿي ويون ته جاگيردار آمرانا نظام کٽيو، سرمايه دار آمرانا نظام هارايو. 1870ع تائين اهو حال رهيو، يعني سرمايه دار بغاوت ختم جاگيردار راج قائم. پر 1870ع کان پوءِ ويچاري جاگيرداري نظام فرانس ۾ جا شڪست کاڌي ته وري اتان نه چڙهيو ۽ فرانس تي صدين لاءِ سرمايه دار نظام غالب ٿي ويو. عظيم آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب يورپ جي هڪڙي غريب بدحال ۽ پوئتي پيل ملڪ ۾ آيو. ان کي پهرين ڏينهن کان پهرين جنگ عظيم جي پيانڪ تباهيءَ سڄي يورپ جي سرمائيدار ملڪن جي ڇڪ تي ۽ سندن واهر سان مڙهيل ڏکهي خونريز گهرو لڙائيءَ ۽ ڏڪار سان، چوڌهن سرمائيدار ملڪن جي سڌي حملي ۽ سندن اقتصادي، سياسي، فوجيءَ پروپيگنڊا جي گهيري ۽ فوجي حملي سان ۽ بين القوامي ۽ اندروني تخريبڪاري سان مقابلو ڪرڻو پئجي ويو.

سرجي تان سور ساماڻي تان سڪ ويا،
اهي ٻئي پور، مون نماڻيءَ نصيب ٿيا (شاه)

انهن باهين ۾ ٻرندي ۽ سڙندي، پچندي اهو انقلاب اسريو، نسريو وڌيو ويجهيو. ان زندگي جو سمورن شين جا اهم معجزا ڪري ڏيکاريا ۽ ايڏي تيزيءَ سان ترقي ملي . سرمائيدار دنيا جي سمورن بدمعاشي وارين سان ناڪام بنائي ۽ فاشسٽ راڪاس نازيءَ جرمنيءَ کي شڪست ڏيئي اهو دنيا جو سپرپاور ۽ پهريون نمبر قوت بنجي ويو.

سرمائيدار سامراج هندستان سميت جيڪا سورهين صدي کان وٺي پنج سؤ سالن جي عرصي ۾ آزاد ٿي وئي. نوان آزاد ٿيل ملڪن ۽ بي پهچ هئا. انهن کي بچائڻ ۽ هلائڻ جو وڏو وزن يونين تي پئجي ويو. دولتمند ۽ فيل مست سامراجي جي فوجي ۽ اقتصادي گهيري جي بدستور جاري رهي ڪري کيس بچاءَ تي گاڏي پگو خرچ پرٽو پئجي ويو. نئين نظام جي عمر ٿوري هئي ۽ ان جي شروعات هيٺاهين سطح کان کيل هئي. انهن ۽ ٻين کيترن سبب جي ڪري سوويت حڪومت جو پڇرو وڌيڪ دباءُ جهلي نه سگهيو ۽ ائين ٽٽي پيو، جيئن فرانس عظيم فرينچ انقلاب اٽڪل پاءُ صدي پوءِ ٽٽي پيو هو. پر اڄا اڌ صدي به نه گذري ته فرانس وري به چڙهي ويو ۽ يورپ جي پهرين طاقت بنجي ويو. دنيا جو گهٽي ۾ گهٽي آبادي انسان ذات جي چوٽين پتيءَ وارو سوشلسٽ ملڪ چين ٿيو آهي ۽ وڏي شان سان قائم آهي. ويٽنام، اترکوريا ۽ ڪيوبا هر قسم جي دباءُ ۽ گهيري جي باوجود قائم آهن. اسريل سوشلسٽ نظام بدليل ۽ بدلجندڙ حالتن ۾ بدلجڻ جي نموني بنيادي طرح قائم آهي اهو

بدليل حالتن ۾ بدليل طريقن سان وري وڏندو، ويڇهندو ۽ تاريخي حساب سان يا ٿوري دير کان پوءِ وري مچي موري مڙس ٽي پوندو ۽ سرمايه ۽ سامراج سان مڙسامڙسيءَ ڇڻا پيٽي ڪندو.

اپني ميخاني کو ميخانه تو بن ليني دو
اپني ديوانون کو ديوانه تو بن ليني دو
اٿه جائيگي يه سطوت اسباب بهي اٿه جائيگي
اور يه گران بهاري آداب بهي اٿه جائيگي
خواه زنجير چهنکتي هي رهي.!

سوال هيٺيان سوال مون کان ايس پي ايس سي جي چيئرمين گڏيل مقابلي واري امتحان 92ـ ۾ زباني امتحان دوران پڇيا هئا، جيڪي مون کي ڪنهن ڪتاب ۾ ملي ڪو نه سگهيا آهن:

What is the concurrent list 1973 constitution?

1ـ (پاڪستان جي 1973ع جي آئين ۾ گڏو گڏ فهرست آرٽيڪل آهن؟
2ـ (لٽڪيل پارليامينٽ چا آهي؟)
3ـ 1973ع جي آئين ۾ صوبائي خودمختياريءَ لاءِ ڪهڙو آرٽيڪل آهن؟

عبدالله ناريجو - ميرپور خاص

جواب: 1ـ هيءُ ملڪي معاملن جي اها فهرست آهي، جيڪي پاڪستان جي آئين جي چوٽين شيڊول جي ٻئي باب ۾ ڏنل آهي. هن فهرست ۾ ڇاڻايل معاملن بابت وفاق توڙي صوبا ساڳي وقت قانونسازيءَ جا اختيار رکن ٿا. هن فهرست ۾ ڪل 47ـ معاملا ڇاڻايل آهن، جن ۾ فوجداري ۽ سول قانون ۽ طريقڪار، شاهدي، شادي، طلاق، وصيتون، ڏيوالو، امانت، معاهدا، نظربندي، ماحوليات، مزدور، هٿيار، ٽريڊ يونينون، زکوات ۽ ٻيا اهڙا معاملا شامل آهن.
2ـ هنگ يا لٽڪيل پارليامينٽ ان پارليامينٽ کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪنهن به ڌر جي مضبوط اڪثريت نه هجي.
3ـ صوبائي خودمختياريءَ سان واسطو رکندڙ معاملا آئين جي چوٽين، پنجين ۽ ڇهين پاڳي ۾ ڇاڻايل آهن. چوٽين پاڳي ۾ ٽي باب آهن، جن ۾ صوبائي گورنرن، صوبائي اسيمبلين ۽ صوبائي حڪومتن بابت 101 کان 140 تائين ڪُل 40 آرٽيڪل آهن. پاڳي پنجين جو واسطو وفاق ۽ صوبن جي تعلقات سان آهي. هن پاڳي ۾ ٽي باب آهن. جن ۾ قانونسازيءَ جي اختيارن جي ورهاڱي، وفاق ۽ صوبن جي انتظامي لاڳاپن ۽ خصوصي بندوبستن جو ذڪر آيل آهي. هن پاڳي ۾ ڪُل ويه آرٽيڪل آهن، جيڪي آرٽيڪل 141 کان آرٽيڪل 159 تائين آهن. باقي ڇهين پاڳي ۾ به ٽي باب آهن، جن ۾

مالیات، اوڏر ۽ آدٽ ۽ ملکیت، معاهدن، واجبات، دعوائن جو ذکر آهي. هن پاڳي ۾ آرٽيڪل 160 کان آرٽيڪل 174 يعني ڪُل 16 آرٽيڪل اچي وڃن ٿا.

سوال: هڪ بهترين انقلابي ڪارڪن ۾ ڪهڑيون خوبيون هئڻ گهرجن، جن سان هو پنهنجي تنظيم جي مضبوط افرادي قوت وڌائي سگهي؟

مجرم درس- ڏيئي شهو

جواب: (1) انقلابي ڪارڪن کي حالتن آهر وڌ ۾ وڌ انقلابي توڙي عام عالمي تاريخي سطح جو مطالعو ڪري جيتري حد تائن ممڪن هجي انقلابي عالم، فلسفي ڊان، سائنسدان ۽ نظريه دان بنجڻ گهرجي. (2) کيس ڪهڙي به قسم جي سخت مزدوري ۽ محنت ڪرڻ ۾ ڪو به عار محسوس نه ڪرڻ گهرجي ۽ پاڻ کي هر دم سخت هٿ جي توڙي ذهني پورهيي ڪرڻ تي هيرائڻ گهرجي. (3) هن کي انسان ذات سان ۽ سندن تقدير بدلائڻ ۽ سنوارڻ سان عشق هجي ۽ پنهنجو ڪم بي پناه شوق، چاه ۽ دل و جان سان ڪرڻ گهرجي. (4) کيس نظم وضبط جو پابند هجڻ گهرجي، ۽ حڪم ڏيڻ توڙي مڃڻ ۾ پڙ ۽ هر دم تيار هجڻ گهرجي. (5) کيس آس پاس جي عوام سان ويجهي ۾ ويجها لاڳاپا رکڻ گهرجن. سائن ملي هڪ ٽيڻ گهرجي ۽ منظم ٿوني سندن ڏک سک ۾ شريڪ ۽ پاڳي- پائيوار ٽيڻ گهرجي. (6) منجهس فراخدلي، وڏي نظر، دوراندیشي، ثابت قدمي، نيڪ نيتي، خود قرباني، بهادري، سهپ، صبر ۽ پنهنجي مقصد جي ڪاميابي ۾ اٽل يقين هجڻ گهرجي. ساڳئي وقت سندس اها سوچ هجڻ گهرجي ته پنهنجي سماجي واڌاري جي عظيم مقصد ۾ ڪاميابي ڪيتري به ٿورڙي ٽئي پر اها عام رواجي ڪاميابين کان بلند مرتبي جي سمجهڻ گهرجي. (7) کيس لطيف، حافظ شيلي، ايباز (پهرئين دور وارو)، استاد بخاري، تنوير، سرويچ، منشي ۽ بين سماجي تبديلي ۽ واڌاري ۾ ايمان رکندڙ شاعرن جي ڪلام جو باقاعدي مطالعو ڪري ان مان عزم، همت ۽ آئيندي ۾ ايمان جا سبق ۽ ولولا ۽ همتون ۽ سرجوشيون

سوال: 7 جنوري 1994 تي "مسلاحل ڪريو ڪانفرنس" اوهان کي موجوده محترمه بينظير پٽو جي ٽن مهين ۾ حاصل ڪيل حڪومت ۾ ڪوٽائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ چاهن کان اڳ وارين حڪومتن جهڙوڪ ضيا شاهي، نواز شريف جي حڪومتن ۾ عوام جا مسئلا ڪو نه هئا؟ يا حل ٿي ويا هئا؟ جو اوهان هاڻي موجوده حڪومت ۾ مذڪوره ڪانفرنس گهرائڻ جي ضرورت سمجهي. شايد سندي وزير اعظم جي چونڊجڻ کان پوءِ اوهان کي سنڌ جا

مسئلا حل ڪرائڻ جي ضرورت پيش آئي ؟

خان محمد ڪورائي، نواب شاھ سنڌ

جواب: هن کان اڳ چار صاحب جي حڪومت کي سنڌي عوام جي اڪثريت ڏانڊلي سان چونڊايل ۽ زبردستي مڙهيل حڪومت ٿي سمجهيو. اهڙي حڪومت اڳيان پنهنجا مسئلا رکڻ انڊي اڳيان روئڻ تي برابر ٿي سمجهيو ويو. تنهن هوندي به عوامي تحريڪ ان دور ۾ ڪالاباغ ڊيم نه ٺاهڻ، ڀاري نه مڙهڻ ۽ بين مطالبن جي حمايت ۾ پاڪستان جي تاريخ جي وڏي ۾ وڏي لانگ مارچ يعني سکر کان ڪراچي تائين واري تاريخي ۽ تاريخ ساز لانگ مارچ ڪئي هئي جنهن ۾ سون هزارن جي تعداد ۾ سنڌيائين به شرڪت ڪئي هئي. موجوده وزير اعظم محترمه بينظير ٻٽو ان جي ڪراچي ۾ آڇيان ڪرڻ پاڻ تشريف فرما ٿي هئي ۽ مارچ ڪندڙ مجاهدن ۽ مجاهدائين کي پنهنجي پرپور حمايت جو يقين ڏياريو هئائين. عوامي تحريڪ هر دورهه وقت ۾ حالتن مطابق عوام جي حقن ۾ جدوجهد ڪرڻ ۾ سرگرم رهي آهي. هن دور ۾ سمجهيو وڃي ٿو ته هي جائز طرح چونڊيل ۽ عوام جي وڏيڪ هڏ ڏوکي حڪومت آهي جيڪا اڳ زبردستي لاٿي پئي هئي ۽ جنهن بابت هاڻ توقع آهي ته ان ئي پنهنجي اڳوڻين غلطين ۽ ڪوتاهين جو وڏيڪ شديد ۽ چٽو احساس هوندو ۽ ان ڪري وڏيڪ سرگرمي، محنت ۽ اڪلاءَ سان سنڌي ماڻهن جي پرائن توڙي نون ناسورن جو علاج ڪندي. سيني ڏٺو آهي ته عوام جي سرگرم صلاح ۽ ساڻ کان سواءِ رڳو ڪامورن جي آسري جنهن به حڪومت ملائي سي پچاڙي جو دربدر ۽ سياسي يتيم ٿي ويا. ان ڪري اسان سنڌي ماڻهن ياران حڪومت ڏانهن تعاون جو هٿ وڌايو آهي. اسين ڪيس سڄي سنڌ جي بنيادي پرندڙ مسئلن بابت قومي اتفاق راءِ سان تيار ڪيل موزون ۽ قابل عمل حل تيار ڪري سندس آڏو پيش ڪري پنهنجي پر سمجهون ٿا ته جيڪڏهن حڪومت واقعي سڄي هوندي ۽ سندس نيت سنڌي ماڻهن ڏانهن صاف هوندي ته اها اسان جي ان جذبي کي پسند ڪندي ۽ ساراهيندي ۽ اسان جي محنت ۽ پورهئي جو قدر ڪندي پيش ڪيل قابل عمل ۽ موزون حلن تي فوري گهربل قدم کڻي سنڌي ماڻهن کي عذابن مان نجات ڏياريندي ۽ پنهنجي عزت ۽ ناموس کي چار چند لڳائيندي.

سوال: ڇا پاڪستان ۾ قانون آهي ؟ جيڪڏهن قانون آهي ته پوءِ لطيف جو پوءِ لڳ، مفڪر ۽ رهبر سائين جي. ايم. سيد کي عدالت ۾ ڇو نٿو پيش ڪيو وڃي ؟ ان کي پنهنجو عدالتي بيان ڇو نه ٿو ڏياريو وڃي ؟ ڇا هي جمهوري حڪومت ڏجي ٿي ؟ ڇا هي حڪومت هن جي بيان جي سٺ به نه

سهي سگهندي؟ ترقي يافته ملڪن ۾ هڪ سياستدان کي چوويهن ڪلاڪن جي اندر عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو آهي، هن کي چوويهه ڪلاڪ ته پنهنجي جاءِ تي پر چوويهن مهينن ۾ ٻه عدالت سڳوري جو منهن نه ڏيکاريو ويندو آهي.

باغي النزاقت- پوست تنگواٽي

جواب: رڳو سياستدانن کي نه پر ملڪ جي هر باشندي کي 24 ڪلاڪن اندر ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻو آهي. توهان جي ڳاله واجبي آهي. شاهه صاحب جو اهو آئيني حق آهي ته ڪيس عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي.

سوال: گذارش آهي ته مون انٽر جو امتحان پاس ڪيو آهي. منهنجو ايل ايل بي ڪرڻ جو ارادو آهي. هاڻ مون کي صلاح ڏيندا ته آئون ڇا ڪريان؟

ڪيول رام ميگهواڻ، بودر فارم

جواب: توهان هاڻ پهريائين بي اي پاس ڪريو. پوءِ ايل ايل بي ۾ داخلا ونڊي اها پاس ڪري پوءِ رام جه نام ونڊي وڪالت شروع ڪري ڏيو. سپ سڀائي ٿي پوندي.

سوال: دُعاءِ بددعا ۽ ڪرامت ڪنهن جي قسمت بدلائين ٿيون؟ اسان جي ملڪ ۾ 80 سيڪڙو عوام اڄ به اوليائن، مسائن تي ياسيون باسندي نظر ايندي! ڪيترائي اپوجهه ۽ ڪي پڙهيل لکيل به پيرن فقيرن ۽ درويشن جي درن تي پُٽ لاءِ ۽ ملڪيت ۾ واڌاري لاءِ پٽيءَ ٽپرائيندي ڏسڻ ۾ ايندا...!

جي- ڪي "ڏوٽي" ڊاڪلو، ٽر

جواب: توهان جو سوال جوش ملیح جو هڪڙو شعر ٿو ياد ڏياري:

"بي خبر! تو ان خيالي ديو تائون کو نه پوج
جهل سي پيدا هوئي اور علم سي مرجائينگي."

سوال: هڪ طرف اوهان کي "لکڻ" لاءِ چون ته چڏي ڏيو ۽ بي طرف سياست چڏڻ لاءِ چوڻ ته اوهان بنهي مان ڪهڙي شيءَ کي وڌيڪ اهميت ڏيندا؟

بيوس نظام حسين چانڊيو، ڳوٺ بنيو خان چانڊيو.

جواب: لکڻ حقيقي عوامي جمهوري سياست جو بنيادي ڪم آهي. ۽ هڪڙو باضمير ۽ سچار ليکڪ سماجي معاملن تي جيڪي لکي ان تي عمل ڪرڻ سندس اخلاقي فرض بڻجي ٿو، اهڙي قسم جو عمل اڪثر ڪنهن نه ڪنهن

حساب سان سياست سان لاڳاپيل هوندو آهي. ان ڪري مون لاءِ سياست ۽ لکڻ پڙهڻ لازم ملزوم آهن.

سوال: آءٌ جنرل هستري جو شاگرد آهيان. ڪجهه وقت کان اخبارن ۾ "مخدوم بلاول شهيد" بابت بحث هلي رهيو آهي. پروفيسر سر غلام رسول اڪرم جي لکت مطابق مخدوم بلاول گهاٽي ۾ ڪوٺ پيڙيو ويو هو. ڪجهه ٻيا اديب چون ٿا ته مخدوم بلاول گهاٽي ۾ پيڙيو ويو هو ۽ هو شهيد ٿيو آهي. ان سلسلي ۾ سيپٽمبر 1993 واري مهراڻ رسالي ۾ محترم غلام محمد لاکي جو مضمون ب چپيو آهي. مهرباني ڪري تاريخي حوالي ۽ پنهنجي علم مطابق مخدوم بلاول ۽ شاهه عنايت شهيد متعلق وضاحت ڪندا ته جيئن غلط فهميون دور ٿين.

ارشاد علي اوٺو، دولت پور صفن.

جواب: مون اهڙا ڪي مضمون ڏٺا هئا ۽ سوچيو هوم ته اهي پڙهي ڏسندس، پر پڙهي ڪونه سگهيس. توهان وٽ هجن ته فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون ڏياري موڪلي سگهو ته مهرباني ٿيندي ۽ پوءِ پنهنجي راءِ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهبي.

سوال: سمورن سماجي انقلابن ۽ پورهيت انقلاب جا نظريئيدان ۽ استاد مرد ٿيا آهن. ڇا عورتن ۾ اهي صلاحيتون نه هيون يا مرداڻي معاشري انهن لاءِ ڪي رڪاوٽون ڪڙيون ڪيون هيون. توهان تاريخي طور اسان کي ٻڌايو ته ائين ڇو ٿيو آهي؟

نوشابه بنت محمد خان خاصخيلي

جواب: توهان جو چوڻ صحيح آهي جسماني، اقتصادي ۽ ٻين سببن سبب قائم ٿيل مرداڻي حاڪميت واري معاشري عورتن کي غلام رکي وڌڻ نه ڏنو آهي. پر اها ڳالهه ذهن ۾ رهي ته ويجهڙائي جي ڪجهه هزارن سالن کي ڇڏي ان کان اڳ ڪيئي هزار سال گهر ۽ قبيلي جي بالادست عورت پئي رهي آهي ۽ نه مرد ان جا آثار هندستان ۾ اڄ ب موجود آهن. تنهن کان سواءِ اڄ جمهوري، انقلابي ۽ عوامي جدوجهدن ۾ عورتن جي سرگرمي ذري گهٽ مردن جيتري ۽ ڪن حالتن ۾ انهن کان وڌيڪ آهي. مثلا سنڌ ۾ ئي ڏسبو ته اڄ سنڌياڻي تحريڪ کان ڪابه بي تنظيم وڌيڪ جفاڪش، دلير جاکوڙي ڪانهي. گذريل ڏهاڪن ۾ ان جا ڪيل ڪارناما قوم جي هڏڏوکين کي ڪڏهن ڪونه وسرندا.

سوال: 5 جنوري تي لاڙڪاڻي ۾ المرتضيٰ آڏو جيڪو واقعو پيش آيو ۽ ان ۾

جيڪي بہ قيمتي جانيون ضايع ٿي ويون. ۽ هاڻي ٻئي (ماءُ ڏيءَ) پاڻ ۾ ٽهي ويون آهن. توهان جو چا خيال آهي ته اهي ٻئي خون عام چواڻي ته "لڙهي ويندا" يا انهن لاءِ ڪجھ ٿيندو ۽ توهان جو چا خيال آهي ته انسانن جي زندگين سان کيڏندڙ انهن سياستدانن جو ان ڊرامي کيڏڻ سان ڪهڙو مقصد وابسته هيو.

ممتاز علي ممتاز لاڪير، ڳوٺ گلن لاڪير، ضلعو دادو

جواب: منهنجي خيال ۾ ماءُ ڏيءَ جا اختلاف مصنوعي نہ پر حقيقي ۽ بنيادي آهن. البتہ اهي ٽڏام مانا يا ڪنهن حد تائين دور بہ ٿي سگهن ٿا.

جيڪي بہ اهڙي قسم جي نازڪ معاملن ۾ ڏر ٻڌڻ ضروري ۽ مناسب سمجهن ٿا تن کي نفعن سان گڏ نقصان لاءِ ڏرين جي ٽهي وڃڻ لاءِ بہ ذهني طرح تيار هجڻ گهرجي، نہ تہ کين سخت مايوسيءَ جو شڪار ٿيڻو پوندو.

(ڪاوش- 31 جنوري 1994ع)

سوال: موئن جي دڙي مان نڪتل زخيرو مڪمل اهوئي آهي، جيڪو اڃڪلهه اتي عجائب گهر ۾ پيو آهي؟ ۽ اهو بہ ٻڌائيندا تہ اهو اصل آهي يعني جيڪو دڙي مان نڪتو آهي سو ساڳيو آهي يا ان جو نقل هتي چڏي اصل انگريز پاڻ سان گڏ کڻي ويا؟

بشير احمد جانوري، پينس ڪالوني لاڙڪاڻو

جواب: گهڻو ڪري جيڪي دڙي مان نڪتو سو اهو ئي آهي ۽ ساڳيو اهو آهي، جيڪو عجائب گهر ۾ موجود آهي نقل جي ڳالهه اڄ تائين نہ ٻڌي اٿئون. گهڻو ڪري ائين نہ هوندو تہ اصل ٽپڙ انگريز کڻي ويا هجن ۽ انهن جو نقل ٺاهي اسان وٽ چڏي ويا هجن.

سوال رسول بخش پليجي جنهن ڏينهن کان قومپرستي جو نعرو هنيو آهي ان ڏينهن کان اڄ تائين هڪ پيرو بہ اليڪشن ۾ ڪامياب نہ ٿيو آهي تہ چا عوام کيس ناپسند نہ ڪيو آهي؟ چا پوءِ هن کي سياست ڪرڻ ۽ قوم پرستيءَ واري نعري کي وڏائڻ لاءِ سنڌي قوم حق ڏنو آهي؟ پليجي صاحب کي قوم پرستيءَ جي اجائي نعري هٽڻ جو ڪو بہ حق نہ آهي. چا هو هن ڳالهه سان متفق آهي؟

ايم- اي- جوڪيو لاڙڪاڻو سنڌ

جواب: نہ هو ان ڳالهه سان متفق ناهي تہ جيڪو اليڪشن ۾ کٽي ويو سو ٿي ويو قوم جو اڪيلو واليوارث، اهو جيئن وٽيس تيئن ويٺو قوم کي وڪڻي يا

کهي ۽ جيڪو ٿو کٽي سو پنهنجن سمورن سياسي حقن کان ۽ پنهنجي قوم جي گهٽگهرائي کرڙ جي حق کان محروم ٿي ويو. اڄوڪي ظالم ۽ ڦورو ۽ منافق ۽ مڪار وڏيرڪي قبائلي ۽ جاگيرداري نظام ۾ الائي ڪهڙا ڪهڙا قومن جا قاتل اليڪشنون ڪٽندا ۽ الائي ڪهڙا ڪهڙا خلق جا خيرخواه اليڪشنون هارائيندا رهيا آهن. ياد رکڻ گهرجي ته حيدر بخش جتوئي، غلام محمد لغاري ۽ بيا ڪيترائي قوم دوست ڪنڊار مڙس اليڪشنون هارائيندا ۽ گهڙي صاحب ۽ راشدي صاحب جهڙا ون يونٽ جا خالق ۽ جام صادق علي جهڙا "جوان" اليڪشنون ڪٽندا ۽ عوام جون "نمائندگيون" ڪندا رهيا آهن.

سوال: اوهان هميشه کان ونهي ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ڪندا پيا اچو، سائين اوهان اسان کي ٻڌائڻ پسند ڪندو ته ڪالاباغ ڊيم چا آهي؟ ڪٿي ٺهندو ۽ ان جي ٺهڻ سان سنڌ کي ڪهڙو نقصان ٿيندو؟

عباس ڪنول لغاري- قاسم چوڪ حيدرآباد

جواب: پنجاب جي هڪڙي علائقي جي نالو آهي ڪالاباغ مغربي پاڪستان جو اڳوٽو گورنر نواب ڪالاباغ اتي جو نواب هو. اتي سنڌو درياه تي بند ٽا ٻڌن، جنهن مان بجلي ۽ ٺهندي، پر اتان پاڻي ڪٽي سگهجي ٿو. جنهن ڪري درياه اڃا ۽ وڌيڪ سکي سگهي ٿو ۽ سنڌ ويران ۽ ٿي سگهي ٿي.

سوال: مڪاني ادارا ختم ڪري ضلعي حڪومت قائم ڪيون پيون وڃن، ان جي باري ۾ اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟

ڊاڪٽر آڪاش چانڊيو- ولي محمد گورڙ ٽوڙي محبت

جواب: اسان ان ڳالهه کي سنڌ لاءِ هاڃيڪار سمجهيو، ان جي مخالفت ڪندا رهيا آهيون.

سوال: اتفاق سان مون گذريل اليڪشن ۾ ڪنهن سياسي جلسي ۾ تقرير ڪئي، جيڪا تقرير سراپا انقلاب جو پيغام هئي. آءُ اڃا پڙهان ٽيپيئي يعني شاگرديائي آهيان. منهنجي ان تقرير تي ڳوٺ جا ڪمينا ماڻهو هڪ وڏو "اشو" ۽ "اسڪينڊل" ناهيو ٿا وٽن ته عورت ڪنهن جلسي وغيره ۾ تقرير نه ٿي ڪري سگهي. سندن انهي دقيانوسي سوچ مان تنگ ٿي پئي آهيان. هاڻ منهنجي وڏن کي ۽ منهنجن عزت وارن مائٽن کي "بيغيرت" ۽ غليظ قسم جي لفظن سان طعنا تنڪا هڻن ٿا. ٿي سگهي ٿو ته مائٽ ۽ مون کي اڳيان اهڙي عظيم ڪم کان روڪين يا ٻيو ڪجهه ... ته هاڻ مان چا ڪريان؟ ڪو گس ڏسيوم.

غلام فاطما ولد قربان علي خاصخيلي ڳوٺ واڳهريجي شهر ٽنڊو غلام علي ضلع بدين

جواب: توهان تمام پلو ڪم ڪيو. اسان جي مردن توڙي عورتن کي سياسي ۽ سماجي سمجھ هجڻ گهرجي ۽ پڙهڻ لکڻ ۽ تقرير ۽ تحرير ۾ قابل هجڻ گهرجي. مخالفت رڳو توهان جي نہ ٿي ٿئي. سڄي جهان ۾ جيڪي به ڇڳا ڪم ٿين ٿا، تن سڀني جي ٿئي ٿي. سنڌي عورتن جي سوڀيه تنظيم سنڌياڻي تحريڪ جي صدر پيئ ممتاز نظاماڻي توهان جي ضلعي جي آهي. ۽ ماتلي پرسان ملهڻ ۾ رهي ٿي. ان سان ملندا يا ڪيس نياپو موڪلي پاڻ وٽ گهرائيندا تہ اها توهان جي هر قسم جي رهنمائي ۽ مدد ڪري سگهندي. توهان دل وڏي ڪريو. مخالفتون ۽ انهن سان مقابلا نہ هجن ها تہ بزدل ۽ بهادر جو فرق ڪيئن ٿئي ها؟ سڄي قوم جا سڄاڻ، نيڪ ۽ پلا مرد ۽ عورتون توهان جي پاسي آهن. توهان ڪوبہ فڪر نہ ڪريو. سڀ ڇڳي ٿي پوندي.

سوال: هڪڙي ڳالھ جنهن اسان کي منجهائي رکيو آهي، سا اها آهي تہ جدگال جنهن کي (نمڻ) بہ چيو ويندو آهي، سي اصل ۾ ڪهڙي نسل سان تعلق رکن ٿا ۽ انهن جي قوميت بلوچ اهي يا سنڌي. ڇو تہ اسان بلوچستان ۾ جدگالي پولي ڳالهائيندا آهيون. ان ڪري اتي جا بلوچ اسان کي جدگال سڏيندا آهن. جنهن جي معنيٰ تہ اسان هتي جا مقامي (باشندا) نہ آهيون. پر مڪران مان آيا آهيون. ان ڪري مڪراني ٿياسين. مهرباني ڪري جدگال (نمڻ) قبيلي بابت توهان پنهنجي ڄاڻ مطابق اسان کي اصل حقيقت حال ڪان معلوم ڪندا تہ ٿورائتو رهندس.

عبدالرزاق جدگال - ڪراچي سنڌ

جواب: جيئن بلوچستان جا ماڻهو سنڌ ۾ آيا ۽ سنڌي ٿي ويا، تئين سنڌ جا ڪي ماڻهو بلوچستان ويا ۽ جديد قومي حساب سان بلوچ بنجي ويا. بلوچستان مان آيل سنڌي ۽ رهندڙ بلوچن کي سنڌ جا پيا ماڻهو پاڻ جهڙو سمجهي سمجهن ٿا. بلوچستان سماجي طرح سنڌ کان ڪافي پوئتي پيل رهيو آهي اتي ڪن ماڻهن جي "قوم" بابت سوچ پراڻي، مدي خارج ۽ نسل- پرست آهي. ڪي بلوچ سردار ۽ سندن پوئلڳ پنهنجي قبيلي کان سواءِ ٻين کي بلوچ سمجهڻ لاءِ تيار ناهن. توهان جديد علمي ۽ سائنسي معنيٰ ۾ بلوچ آهيو. بهرحال هاڻ توهان وري مستقل طرح پنهنجي اصلوڪي وطن سنڌ ۾ اچي رهيا آهيو تہ توهان سنڌي بہ آهيو. اهڙي طرح توهان جي ٻٽي قوميت آهي. جيڪا غير معمولي ڳالھ ڪانهي.

سوال: توهان سڀني قوم پرستن جو منشور هڪ آهي ته سنڌ جي آزادي ۽ ان ۾ رهندڙ غريب پورهيت ۽ هاري ۽ مزدورن جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ. ته پوءِ اوهان سڀئي قوم پرست پاڻ ۾ متحده ٿي سنڌ جي لاءِ جاکوڙ چو نه ٿا ڪريو؟

آدم جاکرو - نيوات جنگشاهي

جواب: جيڪا ڳالهه ضروري آهي سا اها ناهي ته سڀ ماڻهو هروپرو هڪڙي ئي پليٽ فارم تي گڏ هجن. پر ضروري اهو آهي ته ماڻهو جيڪي وات سان چون، عمل ان مطابق نه ڪن ته به گهٽ ۾ گهٽ ان جي ابتڙ ته نه ڪن. جي گڏجي نه هلي سگهن ته فڪر ڪونهي. اهو ڪافي آهي ته ساڳي رخ ۾ هڪ ٻئي جي پرسان هلجي. پاڻ ماڻهن کي اها پٽ آهي جو پنهنجي اندر ۾ سوچيون ۽ رٽيون ۽ عملي طرح ڪريون هڪڙي ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ وات سان چئون ان جي بنه ابتڙ ٻڌا ۽ ڪن وانگر ڪڙم جا ويري ٿيا بيٺا آهيون ۽ سڄو ڏينهن انگڙيون هڻيو هڪٻئي کي کيرائڻ ۾ پورا آهيون. باقي جن ليڊرن جا طبقاتي، گروهي ۽ ذاتي مفاد هڪ ٻئي جيڏ سراسر ابتڙ آهن ۽ رڳو ماڻهن کي ٻڌائڻ لاءِ وات سان ساڳيون ڳالهيون ڪيا ڪن سي هروپرو هڪڙي پليٽ فارم تي گڏ ٿين اهو خيالي پلاءُ ۽ مدي خارج رينگٽ آهي. جيڪو اڪثر ماڻهن کي منجهائن لاءِ چالو رکيو ويو آهي.

سوال: توهان قوم پرستن هميشه سنڌي ماروئڙن جي لاءِ جاکوڙ ڪئي ۽ ان کي هڪ ئي پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ جو سڏ ڏنو، پر اوهان سڀ قوم پرست ان مقصد ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيا، پر ان جي بنسبت شهيد پٽو ڪجهه ئي عرصي ۾ سنڌي ماروئڙن کي هڪ ئي پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، ان جا سبب ڪهڙا هئا؟

آدم جاکوڙ - نيوات جنگشاهي

جواب: ان جا سبب تمام گهڻا هئا. ان لاءِ سڄو ڪتاب گهرجي. اهو به ڪڏهن لکبو. پر ماروئڙن کي ائين گڏ ڪرڻ جيئن پٽي صاحب ڪيو يعني ماروئڙن جا ڪلها آهن ۽ انهيءَ تي سواري پيئي ڪري سنڌي قوم جي ازلي، ادبي دشمن، ڏاڙيل ۽ رهزن ۽ غدار ۽ لوٽي وڏيرا شاهي. سا ڳالهه ڪا ايڏي پلي ۽ قابل رشڪ ته ڪانهي. جنهن قسم جي هڪڙي پليٽ فارم تي گڏپ ۾ وڏيرا شاهيءَ غيربن کان سياسي چيڙون، بيگرون وٽي، سندن محبوب رهنما پٽي صاحب کي هٿ وٽي مارائي، پاڻ ويهي عيدون ملهايون ۽ جاوا ڪيا ۽ اڄ سوڌو قومي خزانو ۽ قومي وسيلا هٿن ۽ پيرن ۾ ڏيئي سان ڦري، لٽي، ڪائي پي دشمن کي ڪارائي اهڙي گڏپ ۽ اهڙي ڪاميابي وڏيرا شاهي کي ضرور وٺندي. باقي پاڻ جهڙي غريب غربا اهڙي گڏ مان في الحال بظاهر ڪو ايڏو فائدو حاصل

ڪري نه سگهيا آهيون.

سوال: انسان پيدا چا لئه ڪيو ويو؟ انسان کي چا ڪرڻ گهرجي؟ انسان جو وجود چا آهي؟ ۽ انسان تي ڪهڙيون ذميواريون آهن؟ انهيءَ سان گڏو گڏ وقت جو وجود آهي؟ ۽ توهان چا ڪندا آهيو؟

ممتاز علي شورو - بگهاڙ موري ٽٽو

جواب: پهرين ڳالهه جي خبر ته خدا کي هوندي. اسان کي انسان ٿيڻ گهرجي، انسانيت کان ڪمر ونڻ گهرجي. انسانيت جي خدمت ڪرڻ گهرجي. انسان جو وجود هڪڙي پاسي جر تي ڦوٽو آهي ته بئي پاسي ازل ۽ ابد جو حصو آهي. انسان جون ذميواريون اهي آهن جيڪي هو سمجهي سگهي. وقت جو وجود اها هڪ ڏکي ڳجهارت آهي آءُ وڪالت، سياست، ادب ۽ پين پنجاه ڪمن سان گڏ اوهان پائرن جي ههڙن سوالن جا جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.

سوال: مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته اوهان ڪهڙي حيثيت ۾ عدالت ۾ حاضر ٿيو ٿا. جيئن ته اوهان خود هڪ اعليٰ پايي جا نامور ۽ مشهور وڪيل آهيو. اوهان کي چگيءَ پر اها پروڙ هوندي ته عدالت ۾ چئن ڇٽن جو هجڻ ضروري آهي، جهڙو: فريادي، پيو جوابدار، ٽيون سندن وڪيل ۽ چوٿون جج صاحب. آءُ حجت ڪري عرض ٿو ڪريان ته مهرباني فرماءِ جنهن به حيثيت سان اوهان متي چاٽايل عدالت ۾ پيش ٿيو ٿا، تنهن حيثيت ڪان واقف ڪندا ته ان موجب وڌيڪ خط و ڪتابت جاري رکي سگهان.

نظير احمد سهتو - ميرپور خاص

جواب: آءُ هن عدالت ۾ اوهان جي موزون سوالن جا حال سارو موزون جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندڙ جي حيثيت ۾ حاضر آهيان.

سوال: سنڌ جا ماڻهو اوهان جو قدر نه ٿا ڪن. اها خامي اوهان ۾ آهي يا سنڌي قوم ۾. باوجود ان جي ته اوهان انهن ليڊرن مان نه آهيو، جيڪي روز وڪامندا آهن؟

رسول بخش ڪيريو - ڳوٺ حاجي علڻ خان لغاري

جواب: سنڌي ماڻهن جون پنهنجون حالتون پنهنجو ماحول، پنهنجي گهرجن جي پنهنجي سطح آهي. هن ۾ قدر ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو ڪوبه سوال نه آهي. ماڻهن جي سطح هڪڙي آهي، اسان جي سوچ ٿورڙي مٿيري آهي ۽ حال آهر سنڌي ماڻهو ڪافي موٽ ڏين ٿا. منهنجي نظر ۾ "ڪرسي" ڪنهن ماڻهوءَ

جي قدر ۽ بي قدريءَ جي ڪسوٽي ناهي. مون اڳئي چيو آهي ته دنيا جا چوٽيءَ جا وڏا ماڻهو ڪنهن به ڪرسيءَ تي ويٺل ڪونه هئا يا شروعات ۾ ڪجھ به ڪو نه هئا. خيال آهي ته لطيف سائين جي هن شعر ۾ منهنجي زندگيءَ جو فلسفو اچي وڃي ٿو:

"وڏا طالع تن جاءِ مارگ جي مرن"

(شاھ)

منهنجي خيال ۾ رستي تان نه ٽڙڻ ۽ رستي تي ئي هلندو رهڻ، اها وڏي ۾ وڏي ڪاميابي آهي نتيجا بعد ۾ نڪرن ٿا. جيئن لطيف سائين چيو آهي:

ڪچين ڪاچوٽي، نانگن ٻڏي نينهن جو
جھڙا آيا جگ ۾ تھڙا ويا موٽي
انهيءَ جي چوٽي، پورب ٽيندي پڏري.

(شاھ)

سوال: توهان پنهنجي هر تحرير ۽ تقرير ۾ اها ڳالھ ورجائيندا ٻڌي رهيا آهيو ته اڄ جي نوجوان کي گھٽ- پاساوان علم حاصل ڪرڻ گھرجن، جڏهن ته اڄ جو نوجوان جن معاشي حالات مان گذري رهيو آهي، ان ۾ سندس خواهشون ۽ خواب صرف پنهنجي ذات تائين محدود ٿي ويا آهن ۽ ڏٺو وڃي ٿو ته انهن حالتن ۾ سندن اها سوچ ڪنهن قدر صحيح ٿي لڳي، جڏهن ته ٻئي پاسي علم حاصل ڪرڻ سان بک، بيروزگاري، طعن ۽ مھڻن کان سواءِ ڪجھ به نه ٿو ملي. ڇا اهو علم، اها ڄاڻ اسان جي ۽ خاندان جي معاشي مسئلن جو حل ٿي سگھي ٿو؟ ان صورتحال ۾ آخر اسان جو نوجوان ڪهڙي راه کي منتخب ڪري؟

اسد نظاماڻي - ڳوٺ ملهڻ، تعلقه ماتلي

جواب: برابر اهو تضاد آهي. چوندا آهن ته "لوڪ جي به ڪجي، يار جي به ڪجي". معاشي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ۽ پيٽ لاءِ به پڙهڻ گھرجي ۽ بي ڪوشش ڪرڻ ڪپي. پريٽ ۾ ڪجھ پوڻ کان پوءِ به زندگيءَ ۾ ٻيو گھڻو ڪجھ گھرجي ٿو، ان کري پيٽ سان گڏ پنهنجي ذهن، پنهنجي ضمير، پنهنجي هڪڙي بهتر زندگي ٺاهڻ، گھڙڻ ۽ سنوارڻ اهي به زندگيءَ جا مقصد هئڻ گھرجن، علم ماڻهوءَ کي بهتر نموني سان پورو ٻڌي سگھي ٿو. جيتوڻيڪ معاشي مسئلن جو حل صرف علم نه آهي، پر علم انهن مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪافي مدد ڏيئي سگھي ٿو.

سوال: تعليم جي ڪرندڙ معيار تي سياستدان ڪيترو اثر انداز ٿي رهيا آهن. جيڪڏهن ٿي رهيا آهن ته ان جو حل؟ ۽ جيڪڏهن نه ٿي رهيا آهن ته ڪير

اثر انداز وڌيڪ ٿي رهيو آهي، پار، والدين، استاد يا معاشرو؟
ابراهيم ميمڻ - پريا ستي.

جواب: جن سياستدانن ڪلاشنڪوف ڪلچر، ڪاپي ڪلچر کي رائج ڪرڻ لاءِ نعرا ٺاهيا ۽ ڏنا ۽ ان سڄي عمل جي سرپرستي ڪئي، سي تاريخ جا وڏي ۾ وڏا مجرم آهن ۽ جن سڀ ڪجھ ڄاڻندي بہ ان لاءِ گھربل ڪوشش ڪئي آهي بہ مجرم آهن، پر گھٽ شاگردن، والدين، استادن ۽ معاشري بہ ڪا نہ ڪئي آهي. هرڪو ان سڄي شرمناڪ صورتحال لاءِ پنهنجي پنهنجي دائري ۾، پنهنجي پنهنجي حد تائين مجرم آهي.

سوال: جڏهن تہ اسان سپئي سنڌي آهيون ۽ پوءِ اسين وڙهون ڇو ٿا پاڻ ۾. اوهان اهو ٻڌايو تہ آخر ائين ڇو ٿو ٿئي؟
عابده، خالده - لاڙڪاڻو.

جواب: دنيا جي هر قوم ۾ ماڻهو پاڻ ۾ وڙهن ٿا، رڳو سنڌي ڪو نہ ٿا وڙهن. البت سنڌين جو وڙهڻ وڌڪ هيٺاهين ۽ خسيس سطح تي آهي. ان جو سبب سنڌي ماڻهن جو بي دنيا کان اٽڪل 500_ سال پوئتي هجڻ آهي.

سوال: "سجاڳ پار تحريڪ" ڇا آهي ۽ ان جا ڪھڙا مقصد آهن؟
عباس ڪنول لغاري - حيدرآباد ڪينٽ

جواب: "سجاڳ پار تحريڪ" سنڌي پارن جي تنظيم آهي. ان جا مقصد آهن سنڌي پارن کي سجاڳ ڪرڻ، انهن کي هوشيار بنائڻ، انهن جي هٿان سنڌي پارن جي حقن جي حفاظت ڪرڻ، تعليم جي مسئلن کي حل ڪرڻ، تعليم کي عام ڪرڻ وغيره وغيره. اهي تقريري مقابلا بہ ڪرائين جدوجهدون بہ هلائين ٿا، قومي جدوجهد ۾ پنهنجي پاڻ تائين وڏو حصو بہ وٺندا آهن ۽ اهڙي ريت هو اهي گڻ پر آهن، جنهن سبب هو بهتر شاگرد، بهتر سنڌي ۽ بهتر ٿي سگهن.

سوال: سنڌ جي آزادي لاءِ يا جيئي سنڌ تحريڪ ۾ فقط سيد (شاهہ) ۽ بروچ يا سرائيڪي ڳالهائڻ وارن جي اڪثريت ڇو آهي؟ جيئن تہ اسان جي خطي ۾ جيڪي چاندڀا قوم يا پي سرائيڪي قوم آهي، پاڻ کي سنڌي سمجھڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ ايترو بہ چون ٿا تہ جيڪڏهن اسان جو ڪوبہ بروچ سنڌي قوم سان متي مائڻي وغيره ڪندو تہ اسان ان کي برادري مان ڪڍي ڇڏيندا آهيون ۽ سيد بہ اصل سنڌ جا نہ آهن ۽ نہ وري سيد ڪڍهن نہ سنڌين سان سچا رهيا آهن. ڇا انهن بن قومن جو واقعي سنڌ سان سچو عشق آهي يا فقط پنهنجي مفاد

خاطري پنهنجي ذات مان فائدو ٿا وٺن؟

علي انور ملاح- غريب آباد دادو

جواب: سنڌي قوم ۾ بروچ، سيد، ملاح، پليجا، مينگھواڙ، پيل سڀ اچي وڃن ٿا ۽ جيڪو به تعصب ڪري ٿو اهو ان حد تائين گھٽ درجي جو سنڌي آهي. غلط سنڌ دشمن ۽ دقيانوسي خيالن جو ٽيڪو فقط بروچن ۽ سيدن جو کنيل نه آهي. پاڻ کي هر ذات ۽ قبيلي ۾ پرائن، دقيانوسي ۽ جاهلانا خيالن جا ماڻهو ملندا. اها گالھ پي آهي ته ڪن ۾ اهي سوچون وڌيڪ آهن ۽ ڪن ۾ گھٽ آهن. ڪن جي غلط سوچ هڪڙين گالھين بابت آهي ڪن جي ٻين گالھين بابت.

سوال: سائين، مان اوهان جا سمورا رڪارڊ ٽيل ليڪچر ۽ تقريرون ٻڌڻ ۽ پنهنجي لائبريري ۾ محفوظ ڪرڻ چاهيان ٿو. مهرباني ڪري مون کي ٻڌائيندا ته اهي ڪيئن ۽ ڪٿان حاصل ڪجن.

شفيق احمد شيخ- شڪارپور

جواب: منهنجا ڪجھ ليڪچر ۽ تقريرون توهان کي گھٽو ڪري عوامي ڪتاب گھر گاڏي ڪاتو وٽان فورن ملي سگھندا. ٻيا به اوهان وڌيڪ ڪوشش ڪندا ته اوهان کي پوء اتان ئي ملي ويندا.

سوال: هڪڙي ڊاڪٽر صاحب اسان کي ٻڌايو ته "ڪامريڊ حيدر بخش جُرن کان ڊجي استعيفيٰ ڏني هئي. انگريز سرڪار جو پير پاڳارو کي قاسي ڏيڻ جو پڪو ارادو هو ۽ ڪامريڊ جن ان وقت جج جي منصب تي فائز هئا، جنهن ڪري پير صاحب جي قاسيء جا چندا ڪامريڊ تي به پون پيا. ان ڪري ڪامريڊ جرن جي خوف کان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. اوهان وٽ ڪو مضبوط دليل ان جو آهي يا ڪامريڊ جيڪو استعيفيٰ جو مضمون لکيو، ان جو نقل آهي. جنهن جي بنياد تي توهان مٿين گالھين کي غلط ثابت ڪري سگھو؟

انيس گدا جتوئي- بکوديرو

جواب: مضبوط دليل ته الزام هٽڻ واري کي ڏيڻا آهن. جنهن ڊاڪٽر صاحب جو ذڪر ٿا ڪريو اهو ڊاڪٽر صاحب ئي ٻڌائي سگھي ٿو ته جيڪي پاڻ چوي ٿو ان لاء وٽس ڪھڙا ثبوت آهن. تنهن کان پوء ڪنهن جواب ڏيڻ جو سوال پيدا ٿئي ٿو. منهنجي خيال ۾ اها گالھ نه رڳو ثابت ٿيل ڪانهي، پر ان کان اڳ ۾ ان جو ڪنهن ذڪر به نه ڪيو آهي. بهرحال جيڪڏهن کو ماڻهو، پلن ماڻهن جي بابت کي به اهم الزامي گالھيون ڪري ٿو ته ان جو

اخلاقي فرض ٿئي ٿو تہ ان الزام هٹڻ سان گڏوگڏ هو ان جي تائيد ۾ مڪمل ثبوت ۽ پيش ڪري.

سوال: توهان جي نظر ۾ هي حڪومت 5 سال حڪومت ڪري سگهندي؟

حامد علي پٹو - محلو گجن پور - لاڑڪاڻو

جواب: ڪا خبر ڪانهي پاڪستان ۾ هر شئي ممڪن آهي. پنج سال پورا ۽ ڪري سگهي ٿي ۽ وري چونڊجي ۽ سگهجي ٿي ۽ ڪجھ وقت کان پوءِ ئي ڪلٽي ۽ ٿي سگهي ٿي. اهو سڀ حڪومت جي عقل، فهم، ادراڪ، پنهنجي تجربن مان سکڻ، ڪامورا شاهي بدران عوام کي منظم ڪري، انهن کي سرگرد ڪرڻ، گهٽي ۾ گهٽا سچا پچا ۽ ثابت قدم دوست ۽ اتحادي بنائڻ، رڳو پنهنجي ننڍڙي وڏيرڪي ٽولي جا ناز نخرا پورا ڪرڻ ۽ سڀ ٽپڙ انهن کي ڪارائي مچائي مواڙ ڪرڻ بدران وسيع عوام جا مسئلا حل ڪرڻ، وڏيرا شاهي بدران وچين طبقي جي پڙهيل ڳڙهيل سچار ۽ ڪارائتن حصن کي پاڻ سان ڪٽڻ، وڏي نظر ڏارڻ، صحيح رٿا بندي ڪرڻ، سرگرمي ۽ سچائي سان معاملن کي منهن ڏيڻ ۽ نوان رستا ڳولي ڪيڏ تي ۽ ٻين گهٽين ڳالهين تي دارومدار رکي ٿو.

سوال: توهان رڳو اتحاد ۽ ڪائونسلون گهرائيندا آهيو. مثال: (1) سنڌي عوام جو قومي اتحاد (2) انهيءَ کان اڳ ۾ ڪافي اتحاد گهرائي چڪا آهيون. (3) 4 آڪٽوبر 1991ع تي اتحاد جو سڏ ڏنو ويو. (4) 17 آڪٽوبر 1992ع تي اتحاد جو سڏ ڏنو ويو. (5) هاڻي وري 7 جنوري 1994ع تي مسئلا حل ڪريو ڪانفرنس ڪوٺائي، انهن جو اڄ ڏينهن تائين ڪوبہ نتيجو ڇو ڪونہ نڪتو آهي؟

ضمير لغاري

جواب: سنڌيءَ ۾ چوندا آهن: "ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ" هندستان جي ڪانگريس 1860ع ڌاري قائم ٿيءِ اهي هر سال سالياني اجلاس گهرائيندا هئا ۽ هندستان جي پاران آزاديءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن روپ جو مطالبو ڪندا هئا. هر سال ميٽنگون، ڪانفرنسون ۽ ستيہ گرهون ڪندا هئا. تان جو تقريبا 87 سالن کان پوءِ آزادي ملي. ان ڪاميابيءَ ۾ انهن جي هر ڪاروائي جو حصو هو. جيڪي قومي نجات جون جدوجهدون ٿيندیون آهن، انهن لاءِ ائين چوڻ تہ فلاڻي ڪانفرنس ڪجي ۽ يڪدم نتيجو ٿئي ۽ مسئلا حل ٿين. اهي ڳالهيون ٻاراڻي سوچ جو نتيجو آهن ۽ اها ٻاراڻي سوچ اسان کي فقط سنڌ جهڙن علائقن ۾

ملندي. اهو ائين ٿيو جو هڪڙو شاگرد اسڪول وڃي، پوءِ ان کي چئجي ته تون 15_20 ڏين لاڳيتو اسڪول ويو آهين، ان جو نتيجو ڪهڙو نڪتو. ايا تائين مئٽرڪ پاس چو ڪونہ ٿيو آهين، چو؟ ڪو شاگرد هڪڙو سال امتحان پاس ڪري، ٻيو سال امتحان پاس ڪري، ٽيون سال ۾ امتحان پاس ڪري ته ان کي چئجي: "ابا تو فلاڻي درجي جو امتحان ڏنو، وري فلاڻي درجي جو امتحان ڏنو، تون ايا تائين انجينيئر چو ڪونہ ٿيو آهين؟" وڏن ڪمن ۾ هزارين ڳالهيون ڪرڻيون هونديون آهن. اسان جي قومي جدوجهد جي سلسلي ۾ ڪيل ڳالهين مان هر هڪ ڳاله اسان جي سجاڳيءَ جي سطح کي بلند ڪري ٿي. هر هڪ ڪم اسان کي هڪ قدم اڳتي وڌائي ٿو. هي وڏا ڪم آهن، انهن لاءِ وڏو ذهن، وڏي نظر ۽ وڏو دماغ کپي. سنڌي ماڻهن جي پارائي سوچ، وڏن ڪمن جي اڻاهه ضرورتن ۽ انهن جي پورت جي لاءِ گهربل عرصي ۽ جاکوڙ جو صحيح تصور ۾ نہ ٿو ڪري سگهجي. پاڻ کي وڏن ڪمن لاءِ وڏي دماغ ڏارڻ جي ضرورت آهي.

قلیچ بیگ چیو آهي.

"ٽيئ حاڪم جو ٿو چاهين، ته دل ۾ حاڪمانا رک"

اڄ جي دنيا جي بهادر کان بهادر، سورهيہ کان سورهيہ، قوم جنهن دنيا جي وڏي ۾ وڏي سرمايہ دار سامراجي قوت آمريڪا بهادر کي گوڏن پر جهڪائي وڏو، ان جي جدوجهد جي تفصيلي تاريخ پڙهنداسون ته پاڻ کي پئسو ٽڪو ڳاله، سمجهہ ۾ اچڻ شروع ٿيندي. ويٽ نام جي عظيم نظرياتي اڳواڻ لي دوئان جو هي قول توجهہ جي لائق آهي.

"ڦڙو ڦڙو ڪري دشمن کان بالادستي کسي ونو."

سوال: توهان قوم پرست اڳواڻ جي حيثيت سان چا ٿا سمجهو ته اسان جي تعليمي ادارن ۾ سياست ڪرڻ سان آزادي حاصل ڪري سگهجي ٿي پاڻ کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ تيار رکجي يا سياست لاءِ؟

عبدالرزاق دايو - گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڑڪانو

جواب: سياست جا ڪيئي قسم آهن. هڪڙي سياست آهي ماڻهوءَ کي بهتر بنائڻ ۽ پنهنجا قومي، جمهوري ۽ انساني حق حاصل ڪرڻ جي سياست. پي آهي مٿي وڃائڻ جي سياست ۽ آزاديءَ جا ڏٽا ڏيئي ڪاپي، ڪلاشنڪوف ۽ غنڊا گرديءَ جي ڪلچر کي رائج ڪرڻ جي سياست. جيتري قدر انسان دوست، عوام دوست، جمهوريت دوست سياست جو تعلق آهي ته اها تعليم کي پڻ هٿي ڏيندي. چاڪاڻ جو صحيح معنيٰ ۾ عوامي سياست جيڪڏهن شعور تي ٻڌل نہ آهي ته اها جڙ ته ڪجهہ ۽ ڪانهي. تنهن ڪري علم ۽ صحيح عوامي جمهوري

سياست پاڻ ۾ لازم ۽ ملزوم آهن، هڪڙي ۾ سمايل آهن. هڪڙي کي هٿي ڏين ٿيون. هڪ ٻئي کي طاقتور بڻائن ٿيون ۽ ۽ هڪ ٻئي کان متاثر ٿي ٿيون.

سوال: مان انگريزي سکڻ چاهيان ٿو، انگريزي سکڻ لاءِ مان ڪراچي ۾ ويس "پاڪ آمريڪن انسٽيٽيوٽ" پر انهن ايترو گهٽو نه سيکاريو. انگلش جي باري ۾ ڪجهه ڄاڻان ٿو باقي رواني سان نه ٿو ڳالهائي سگهان. ان لاءِ مون کي صلاح ڏيندا ته مان ڪهڙا ڪتاب پڙهان. مون کي اڳتي وڌڻ جو شوق آهي. مان ٻارهين جو شاگرد آهيان.

ممتاز علي قريشي- خيرپور ناٿن شاهه

جواب: هڪڙو ڪتاب ملي ٿو "English in 60 Days" (سٺ ڏينهن ۾ انگريزي) توهان ان کان ڪم ونو. ان ۾ انگريزي اکر ۽ جملا معنائن سميت ڏنل آهن. انهن اکرن ۽ جملن مان جيڪي اکر ۽ جملا اوهان کي وٺن، سي پاڻ وٽ نوٽ ڪريو ۽ ياد ڪريو. انهن کي پنهنجي خطن ۽ گفتگو ۾ استعمال ڪريو. جيڪڏهن ٻيو ڪو ماڻهو اوهان کي ڳالهائڻ لاءِ نه ملي ته پوءِ پنهنجي گهر جي پاتين سان انگريزي ۾ ڳالهايو. هو ضرور اوهان تان ڪلندا پر چوندا ته "ڪلندن تان خير!"

ڪجهه وقت اڳي مون ڪاوش ۾ هڪڙو مضمون لکيو هو "اچو ته انگريزي سکون" اهو مضمون گهٽو ڪري مارچ واري ماهوار "صبح ٿيندو" پبليڪيشن جي پرچي ۾ شايع ڪيو ويندو، توهان ان کي غور سان پڙهندا ۽ ان تي عمل ڪندا.

سوال: مون کي ادب سان تمام گهٽو لڳاءُ آهي. مهرباني ڪري مون کي ٻڌائيندا ته ادب جو خزانو حاصل ڪرڻ لاءِ پهريائين آءٌ ڪهڙا ڪتاب پڙهان؟

محمد عرس گجو - ڪپرو

جواب: پهرين ته جيڪي ادبي رسالا سنڌ ۾ نڪرن ٿا. اهي ۽ اخبارن جا جيڪي ادبي صفحا آهن، انهن کي پڙهو. تنهن کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ جا تمام سستا ڪتاب چيپل آهن، اهي پڙهو. وقت به وقت جيئن اوهان وٽ پئسن جي گنجائش ٿئي تيئن استالن تان ادبي ڪتاب ونو. انهن مان کي اوهان کي وٺندا ۽ کي نه وٺندا پرواهه ناهي. پاڻ کي مختلف قسم جا سنڌي ڪتاب پڙهڻ جو عادي بڻايو. ان سان گڏ اردو ڪتاب جيڪي اوهان کي وٺن، سي به ضرور پڙهو. ادب سان گڏ علمي ڪتاب به پڙهو. تاريخ تي علم تي ۽ ٻين گهٽن شعبن تي رڳو ادب پڙهبو ته ماڻهو هڪ ٽي ويندو. تنهن ڪري اوهان

جي پڑهائي ادبي ڪتابن سان گڏ علمي ۽ هجڙ گهرجي. جيڪڏهن اوهان لڳاتار پڙهندو ته اوهان ڏسندو ته توهان علم ۽ سمجهه مان فائدو ونڊڻ ۽ ان مان لطف حاصل ڪندڙ ماڻهو بڻجي ويندا.

سوال: عمر خيام، رومي، لطيف، غالب، فيض احمد فيض ۽ احمد فراز وغيره وغيره جي ڪهڙي شعر توهان جي زندگي بدلائي ڇڏي ۽ توهان پوءِ بلڪل توهان هر فن مولا ٿي پيا. ليڪڪ، صحافي، ناڪام سياستدان، دانشور، عالم، انسان دوست، ترقي پسند، "جهان کي ڏيو مبارڪون" "منهنجا پرين اڄ ۽ آءٌ ۽ هيءَ دنيا اهڙائي آهيون جهڙا اڳ اوهان جي هوندي" جا شاعر، بهرحال توهان جا سو نہ پر هزارين روپ آهن.

وڪيو مهيري- سنڌي آبادگار شوگرملز

جواب: ناڪام سياستدان اوهان غالبا انهن ماڻهن کي سڏيو ٿا، جيڪي يونين ڪائونسل کان وٺي قومي اسيمبلي تائين ڪنهن ۽ اداري جا ميمبر چونڊجي نہ سگهيا آهن.

مون تي ڪنهن ۽ خاص شعر اثر نہ ڪيو آهي. پر مون تي انهن سڀني شاعرن ۽ ان سان گڏ انگريزي شاعرن ، جرمن، روسي، عرب، چيني، چاپاني ۽ ٻين دنيا جي چوٽيءَ جي شاعرن ۽ انهن سا گڏ اديبن، عالمن، سياستدانن ۽ پنهنجي تجربي ۽ جدوجهد جي نتيجي جو اثر آهي.

(ڪاوش- 7 جنوري 1994)

سوال: چون ٿا ته سنڌ صوفين جي سرزمين آهي. پر عوام وٽ تصوف بابت صحيح معلومات نہ هئڻ جي برابر آهي. ڇا توهان اها ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته:

1- تصوف ڇا آهي؟ 2- ڪهڙي قسم جا ماڻهو صوفي ٿيا؟ 3- شروع شروع ۾ وڌي ۾ وڌا صوفي ڪير هئا؟ 4- تصوف بابت پهريان ڪتاب ڪنهن لکيا؟ 5- تصوف ۾ ڪي خاميون ۽ آهن ڇا جن سنڌي قوم کي ۽ نقصان رسايو هجي؟

نظير احمد چانڊيو- سانگهڙ

جواب: (1) خواجه ذوالنون مصري (ڄائو 706ع- وفات: 859ع) جي قول مطابق: "ظاهري فعلن کي گناهن کان پاڪ رکڻ ۽ باطني حالت ۾ فضول ڪمن سان پاڻ کي آلودو نہ ڪرڻ ۽ خدا جي حڪمن مطابق ثابت قدم رهڻ جو نالو تصوف آهي."

خواجه بايزيد بسطامي وفات 844ع جي مطابق:

پاڻ تي آسائش جا دروزا بند ڪرڻ ۽ محنت اختيار ڪرڻ تصوف آهي.

خواجہ جنيد بغدادي (وفات: 910ع) جي قول مطابق "دل کي خلق وٽ مقبوليت کان پاڪ ڪرڻ، طبعي اخلاق کي دنائت کان دور ڪرڻ، بشريت جي صفتن کي نفساني خواهشن کان دور رکڻ، روحاني صفتن جو پيدا ٿيڻ، حقيقي علمن ڏانهن ترقي ڪرڻ، اهڙين شين کي عمل ۾ آڻڻ جيڪي ابد تائين ڪم اچن. خلق کي نصيحت ڏيڻ، حقيقت حال تي باوقار رهڻ ۽ رسول الله ﷺ جي پيروي تصوف آهي."

حضرت غوث الاعظم شيخ عبدالقادر جيلاني (جائو: 1077ع- وفات: 1166ع) جي قول مطابق تصوف جو بنياد هن اٽن شين تي آهي: سخاوت ابراهيم، رضائي اسحاق، صبر ايوب، مناجات ذڪريا، غربت يحييٰ، فرقہ پوشي موسيٰ، سياحت و تجرد عيسيٰ ۽ فقر محمد." (فتوح النصيب)

(2) حضور صلعم جن ۽ خلافت راشده جي حڪمرانيءَ جي نهايت ئي مختصر دؤر (622ع کان 661ع ڪل صرف چاليهہ سال) کان پوءِ جي صدين جي مسلمان بادشاهن، سلطانن ۽ شهنشاهن جي حڪمراني نالي ماتر اسلامي پر حقيقت ۾ هڪڙي فوجي آمريت ۾ مارشل لا جي حڪمراني پئي رهي آهي، جيڪا اسلامي تحريڪ جي بنيادي عوامي ۽ جمهوري روح ۽ ڍنگ جي ابتڙ ۽ ان جي نفي ڪندڙ پئي رهي آهي، عام طور هن مذهب کي پنهنجي ڦورو ۽ ظالمانہ ذاتي گروهي ۽ طبقاتي مفادن خاطر عوام خلاف هڪڙي دباءُ ۽ دهشت جي روحاني ۽ نفسياتي هٿيار طور پئي استعمال ڪيو آهي. ان ڪري ماڻهن انهن حاڪمن جي حامي ۽ سندن تابعدار ديني اختياريءَ وارن جي ديني تشريح کي صحيح نہ پئي سمجهيو آهي ۽ ان کي حاڪمن جي تلوار سمجهي ان کان لهرايو پئي آهي. ان جي بجاءِ هن دين جي هڪڙي اهڙي تشريح پئي ڳولي آهي جيڪا حاڪمن جي حامي تشريح جي جاءِ پري ۽ دين کي مسلمان عوام لاءِ عذاب بنائڻ بدران ان کي عوام لاءِ ڏيڍ، دلداري ۽ سهارو ڏيندڙ بنائي. اها عوام دوست تشريح کين تصوت جي صورت ۾ ملي.

پروفيسر علي عباس حسيني چوي ٿو:

"بنو اميہ جبر ۽ تشدد سان پنهنجي سلطنت قائم ڪئي هئي ان ڪري انهن جي خلاف ماڻهو اٿي ڪڙا ٿيا. بغاوت کي دبائڻ لاءِ حجاج بن يوسف جهڙن ظالمن کي اڳتي وڌايو ويو. انهيءَ قاصائيءَ هڪ لک ويهہ هزار ماڻهن کي چونڊي چونڊي قتل ڪرايو ۽ هزارين مردن ۽ عورتن کي ردن ۾ ڪرين وانگر واڙن ۾ پوري ڇڏيائين. بنو اميہ هڪڙو ظلم اهو ڪيو جو انهن ماڻهن کان بہ جذيو وصول ڪرڻ لڳا جيڪي مسلمان ٿي چڪا هئا. ان ڪري جڏهن بہ ڪا بغاوت ٿيندي هئي تہ عجمي (ايراني ۽ ٻيا غير عرب) مسلمان ان ۾ زبردست حصو

وڃندا هئا. بنو عباس بنو اميه سان مقابلو ڪيو ته عجمي بنو عباس سان شريڪ ٿي ويا. زاب جي جنگ ۾ بنو اميه کي شڪست آئي. اها جنگ اصل ۾ عربن ۽ غير عرب مسلمانن جي وچ ۾ جنگ هئي... بنو اميه جي زماني جا عالم ٻن ڏرين ۾ ورهائجي ويا. هڪڙا هئا مرجيه يعني ملتوي ڪرڻ وارا (اهي چوڻ لڳا ته ڪنهن کي اهو حق نٿو رسي ته قيامت کان اڳ ڪنهن مسلمان کي گنهگار يا ڪافر سڏين. اهو فيصلو قيامت ڏينهن خدا ڪندو ته ڪير ڪافر آهي ڪير مسلمان آهي. اهي بنو اميه جي طرفدار هئا. ٻيا قدريه هئا (قادري نه) جيڪي چوندا هئا ته ظالم ۽ جابر کي حڪومت ڪرڻ جو ڪو به حق نٿو پهچي ۽ ان کي تلوار جو زور تي ظلم کان باز رکڻ هر مسلمان جو مذهبي فرض آهي. هو چوندا هئا ته ماڻهو مجبور ناهي مختيار آهي ۽ اهو ظالمن کي روڪڻ جا اختيار رکي ٿو. قدريه وارن مان معبد جهني ۽ غيلان دمشقي بنو اميه جي جبر خلاف لڙيا ۽ کين قتل ڪيو ويو. اڳتي هلي انهن قدريه وارن کي معتزله (الگ ٿيڻ وارا) سڏيو ويو (خارجين تي به ائين نالو رکيو ويو.)

هڪڙو زاهدن جو فرقو انهن ظلمن کان تنگ اچي دنيا کي ڇڏي وڃي ورد وظيفن کي لڳو. انهن مان صوفي پيدا ٿيا. ابوذر غفاري کليو کلايو بنو اميه کي دولت گڏ ڪرڻ کان منع ڪئي ته کيس ظلم جو نشانو بنايو ويو. صوفي ڪوفي ۽ بصري جي شهرن جا رهاڪو هئا. جيڪي شهر بنو اميه جي ظلمن جا سب کان وڌيڪ نشانا هئا. بلخ، مصر ۽ بغداد ۾ به صوفي پيدا ٿيا. بغدادي سڀني کان پوءِ صوفي ٿيا. صوفين جي اڪثريت عجمي (غير عرب) آهي.

(3) پهريان مشهور صوفي هي ٿي گذريا آهن:- (1) ابو اسحاق ابراهيم بن ادهم بن المنصور بلخي (وفات: 776ع) (2) ثويان بن ابراهيم ابو الفيض ذولنون مصري (ج: 706ع وفات: 859ع) (3) ابو محفوظ معروف بن فيروز ڪرخي (وفات: 200ھ) (4) ابو يزيد طيفور بن عيسيٰ البسطامي (وفات: 261ھ) (5) ابو هاشم ڪوفي (وفات: 776ع)

۽ 26 مارچ 922ع تي سوريءَ ڇاڏهيو ويو.

(4) هيٺين مصنفن تصوف تي اوائلي ڪتاب لکيا.

(1) تاج الدين شاذلي (وفات: 709ھ)، (2) جمالدين ڪاشاني (وفات: 730ھ) (3) عفيف الدين يافعي (وفات: 767ھ) (4) قطب الدين الجيلي (وفات: 826ھ) (5) عبدالرحمان الحروني (وفات: 858) (6) ابن ابي بڪر السلالي (7) محمد بن سليمان ڪهفجي (وفات: 879) (8) ابو عبدالله محمد بن ابوسف سنوسي الصوفي (وفات: 892) (9) شهاب الدين البرسي الفاسي (وفات: 898ھ). (10) محمد بن علي بن محمد بن احمد عبدالله شيخ محي الدين ابو بڪر طائي حاتمي اندلسي

محي الدين ابن عربي (560هـ)

(5) پڳتي تحريڪ وانگر تصوف به گهٽي پاڳي ماڻهن کي دنيا کان لاتعلق ٿيڻ، رڳو پنهنجي اندر کي صاف ڪرڻ ۽ پين اهڙين ڳالهين تي زور ڏنو جن ماڻهن کي هن دنيا ۾ پين سان چٽاپيٽي ڪرڻ ۽ ظلم سان مقابلو ڪري ان جون پاڙون پٽڻ جي لائق نٿي بنايو. ان جو سنڌي ماڻهن تي جتي هڪڙي طرف ڏاڍو سٺو اثر پيو ۽ هو انسانيت جي ڪن اعليٰ آدرشن سان مالا مال ٿيا، تہ ٻئي طرف ان جا نهايت منفي ۽ تباهه ڪندڙ اثر به پيا ۽ هو ذهني طرح گهر جا گلو، سست، بي همت ۽ ڊڄڻا به بنجي ويا. تصوف جو وڏو جاڻو پروفيسر علي عباس حسيني اها ڳالهه پڳتي تحريڪ جي حوالي سان هيئن ٿو ڪري:

"پڳتي تحريڪ جا ڪي منفي پاسا به هئا. معاشي سماجي ميدان ۾ پڳتي لهر هڪڙي انقلابي تحريڪ بنجي سگهي ٿي پر پڳت (صوفين وانگر) سنسار ڇڪر ۾ ڦاٿا رهيا. پنهنجي پيدائشي گنهگار هجڻ جو خيال کين جور وانگر ڇهٽو رهيو ۽ هو عبادتن ۽ رياضتن ۾ غرق رهيا. رياضتون ۽ تياگ ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ لاءِ فائدمند هجن تہ هجن، پر سماج جي پاڙن ۾ پاڻي وجهيو ان کي کايو ڇڏين. جنهن سماج جا ڏاها گوڏا پيڇي ويهي رهن، ان جي سڌاري ۽ واڌاري جي ڪوشش ڪير ڪندو؟ اسان جي زماني جا دانا چون ٿا تہ ڏوهه جو احساس مذهب جي پاڙ آهي ۽ ماڻهوءَ کي سماجي فرضن کان غافل ٿو رکي چو تہ ان جي ڪري ماڻهوءَ جي سموري ڪوشش پنهنجي ذاتي چوٽڪاري لاءِ وقف ٿيو وڃي... ظاهر آهي جيڪي ماڻهو پنهنجي زندگيءَ کي ڏک سمجهي ۽ جگ کي ڪوڙ ۽ فريب چوي اهو پنهنجي سماج کي بدلائي ان مان ناانصافي ۽ ظلم کي دور ڪرڻ جي باري ۾ ڪيئن سوچي سگهندو؟ ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ پڳتن (۽ صوفين) عوام دوستي جو سڏ ڏنو پر اها عوام دوستي خيالي ۽ تصوراتي هئي. هن چيو تہ هر ماڻهوءَ سان پيار ڪريو. هڪ سچو انسان دوست ڪنهن ظالم ۽ عوام جو رت پيئڻ واري سان ڪيئن ٿو پيار ڪري سگهي؟ جيڪو ماڻهو چوي تہ آءٌ بگهڙ ۽ رڍ پنهي سان پيار ڪريان ٿو اهو رڍ جو حقيقي دوست نٿو ٿي سگهي. سچي انسان دوستي اها آهي تہ رڍ کي بگهڙ کان بچائجي ۽ مظلوم کي ظالم جي چنبي مان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪجي."

تنهن کان پوءِ پوئين زماني ۾ ڪيترائي صوفي ۽ پير وقت جي حاڪمن سان ڏهي انهن جا نوازيل ماڻهو ۽ سندن نمائندا بنجي ويا ۽ سرڪار پرست روحاني مشينريءَ جا پرزا بنجي عوام جي وڏن بنيادي مفادن خلاف ڪم ڪرڻ ۾ جنبي ويا. اها صورتحال اڄ تائين قائم آهي.

سوال: مغربي دنيا جي ڪيترن فيلسوفن جا نالا روز ٻڌا ٻڌون جهڙوڪ ڪانٽ، شوپنهار، هيگل، برٽرنڊ رسل، ڇا مسلمانن ۾ به ڪي وڏا فيلسوف ٿي گذريا آهن؟

شمشاد سومرو - سکر

جواب: هائو. مسلمانن ۾ هيٺيان جگ مشهور فيلسوف ٿي گذريا آهن:

(1)ابو يوسف يعقوب ابن اسحاق ابن الصباح ابن اسماعيل ابن اشعث ابن القيس الڪندي (ڄائو: 801ع وفات: 873ع) (2) ابو بڪر محمد ابن ذڪريا ابن يحييٰ الرازي (ڄائو: 865ع وفات: 27_10_925ع) (3) ابو النص الفارابي (ڄائو: 870ع وفات: 950ع) (4) احمد ابن محمد ابن يعقوب المسڪويه ابو علي الخازن (ڄائو: 932ع وفات: 1030ع) (5) بو علي سينا (ڄائو: 980ع وفات: 1037ع) (6) ابو بڪر محمد ابن يحييٰ السائح ابن باجه (وفات: 1138ع) (7) ابو بڪر محمد ابن عبدالمالڪ ابن محمد ابن طفيل (ڄائو: 1108ع وفات: 1158ع) (8) ابو وليد محمد ابن احمد محمد ابن رشد (ڄائو: 1126ع وفات: 1198ع)

سوال: مون ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو ته صليبي جنگين هلندي يا ان ۾ ڪجهه حقيقت جو رنگ به آهي؟

سليم ميمڻ - لاڙڪاڻو

جواب: اها ڳالهه هڪ حد تائين صحيح ٿي ڏسجي. البت آڇ صلاح الدين ڪي نه پر سندس نوجوان پٽاءُ ملڪ العادل ڪي ڪئي ويئي هئي. مائيءَ جو پهريون مڙس گذاري ويل هو. تنهن کان سواءِ ائين ٿو نظر اچي ته اها آڇ ٻنهي پائرن يعني صلاح الدين ۽ سندس ننڍي پٽاءُ ملڪ العادل ڪي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جي هڪڙي چال هئي. سلطان صلاح الدين جو سوانح نگار ۽ سندس فوج جو چيف جسٽس قاضي بهاوالدين سلطان جي سوانح عمري "يوسف سان ڇا ٿيو؟" (سلطان صلاح الدين جو اصل نالو يوسف هو.) ۾ ان باري لکي ٿو:

"رمضان جي 19 تاريخ (22 آڪٽوبر 1191ع الملڪ العادل مون کي، عالم الدين سليمان ابن جيندر سابق الدين شيزر جي واليءَ عزالدين ابن المقدم ۽ حسام الدين بشارا کي گهرايو. هن اسان کي ٻڌايو ته انگلينڊ جي بادشاهه سندس قاصد کي هيءَ تجويز ڏني آهي. "ملڪ العادل بادشاهه جي ڀيڻ سان شادي ڪري جيڪا هو فلسطين ايندي سسليءَ کان ونئي آيو هو. سندس مڙس جيڪو سسليءَ جو بادشاهه هو سو گذاري ويو هو. ۽ هوءَ يوروشلم ۾ رهندي ۽

سندس پاءُ (بادشاه رچرڊ) ساموندي ڪناري جا اهي شهر جيڪي سندس هٿ يعني عڪره، جافا ۽ عسڪلون ۽ انهن شهرن جا ماڻهو علائقا ڪيس ڏيندو ۽ سلطان (صلاح الدين) پنهنجي طرفان ملڪ العادل کي اهي شهر ڏيندو جيڪي ساموندي ڪناري تي سلطان جا آهن ۽ اعلان ڪندو ته انهن ضلعن جو بادشاهه ملڪ العادل آهي. ملڪ العادل وٽ هن وقت جيڪي شهر ۽ جاگيرون آهن اهي سندس ئي رهنديون. صليب موٽي عيسائين کي واپس ملندي. ٽيمپلر ۽ هاسپٽلر فرقي جي عيسائين وٽ جيڪي ڳوٺ ۽ قلعا هٿ سي سندن ٽيندا. سڀ مسلمان ۽ فرنگي قيدي آزاد ڪيا ويندا ۽ انگلينڊ جو بادشاهه جهاز ۾ چڙهي واپس پنهنجي ملڪ روانو ٿي ويندو. بادشاهه چيو ته، ”اهڙيءَ ريت مسئلا سڀي نموني حل ٿي ويندا.“ جڏهن ملڪ العادل کي اها خبر پئي ته هن ان تي عمل ڪيو. هن اسان کي گهرايو ۽ اسان کي هدايت ڪئي ته ڪيس جيڪو پيغام مليو هو سو سلطان وٽ وڃي پيش ڪيون. مون کي چيائين ته تون ان سفارت جو اڳواڻ ٿي ۽ بادشاهه سان جيڪا ملاقات ٿي آهي ان بابت سلطان کي اطلاع ڪر. جيڪڏهن سلطان ان تجويز کي بسند ڪري ۽ جي هو سمجهي ته ان مان مسلمانن کي فائدو پوندو ته پوءِ جيڪي مٿيان شاهد مون سان گڏ هٿا تن کي وٺي وڃي ان ڳالهه جو شاهد ڪر ته سلطان ان تجويز تي پنهنجي مرضي ۽ پسند جو اظهار ڪيو آهي. جيڪڏهن هو اها تجويز رد ڪري جڏهن ته ٻاهه جون ڳالهيون هڪ خاص شڪل وٺي نڪتيون آهن ته پوءِ جيڪي همراهه تو سان هلن ٿا تن کي هن سڄي ڳالهه ۾ شامل ڪجان ته سلطان هن تجويز کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي.“ اسين سلطان وٽ پيش ٿياسين. ڳالهه پوڻ ٿي هئي سا سندس حضور ۾ پيش ڪئي سون. تنهن کان پوءِ مون پنهنجي ٻين ساٿين موجودگيءَ ۾ ملڪ العادل جو خط پڙهيو. سلطان اتي جو اتي ان تجويز کي منظور ڪيو ڇاڪاڻ ته ڪيس ڇڪي طرح خبر هئي ته انگلينڊ جو بادشاهه ان تي عمل ڪرڻ ڪندو ۽ اهو ڇالاڪيءَ ۾ مذاق کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪونهي. مون عرض ڪيو ته مهرباني ڪري حضور جن پنهنجي رسمي منظوري عطا فرمائين. تنهن تي هن ڪيترائي دفعا ٿي ٿي پيرا ”ها! ها!“ چيو ۽ جيڪي اسين موجود هئاسين تن کي چيائين ته ”اوهين منهنجي اقرار تي شاهد رهجو. جڏهن اسان کي سندس اهو اقرار مليو ته پوءِ اسين ملڪ العادل ڏانهن موٽي آياسين ۽ جيڪي ڪجهه وهيو واپريو تنهن کان ڪيس واقف ڪيوسين. مون سان جيڪي ساٿي هٿا تن اعلان ڪيو ته مون ڪيترا دفعا سلطان کي چتاءُ ڏنو هو ته جيڪا منظوري هن هينئر ڏني آهي تنهن لاءِ آءٌ شاهدن کي گهرائيندس ان هوندي به هن سواءِ ڪنهن هڪ جي پنهنجي مڪمل منظوري ڏني هئي. تنهن ڪري اهي تجويزون سندس مڪمل منظوري سان قبول ڪرڻ

کپن. شوال جي 2 تاريخ (24 آڪٽوبر 1191ع تي) ابن نهال کي سلطان ۽ ملڪ العادل طرفان دشمن جي ڪئمپ ۾ موڪليو ويو. انگلينڊ جي بادشاهه کي جڏهن اها خبر پئي ته اهو قاصد آيو آهي تڏهن هن کي گهرايائين ۽ کيس چيائين ته ”شهزاديءَ کي جڏهن اها خبر پئي آهي ته سندس شاديءَ جون صلاحون ٿيون آهن ته هو تمام گهٽي ڪاوڙي آهي ۽ هن پنهنجي شادي لاءِ انڪار ڪري ڇڏيو آهي ۽ هن پنهنجي شادي لاءِ منظوري ڏيڻ کان باقاعدي انڪار ڪري ڇڏيو آهي ۽ اعلان ڪيو اٿس ته آءٌ ڪڏهن به ڪنهن مسلمان سان شادي ڪانه ڪنديس.“ سندس پاءُ وڌيڪ چيو ته ”جيڪڏهن ملڪ العادل عيسائي ٿيڻ پسند ڪري ته پوءِ اسين هينئر ئي سندس شادي ڪرائينداسين.“ اڳتي هلي هو وري لکي ٿو: انگلينڊ جو بادشاهه ملڪ العادل کي جيڪو آخري پيغام موڪليو تنهن ۾ هن هي بيان ڏنو ”پوپ اسان جي مذهب جو سربراهه آهي اسان جا عيسائي سڀ هن ڳالهه تي ڪاوڙيا آهن ۽ منهنجي خلاف رڙيون پيا ڪن ته انگلينڊ جو بادشاهه پوپ جي اجازت کان سواءِ پنهنجي پيٽ مسلمان سان پرڻائي ٿو.“ آءٌ تنهن ڪري پوپ ڏانهن پنهنجو سفير موڪليان پيو. مون کي ان جواب ڇهن مهينن ۾ ملي ويندو. جيڪڏهن پوپ منظوري ڏني ته پوءِ اهو جيڪو معاملو طئي ٿيو آهي ان تي عمل ٿيندو جيڪڏهن نه ته پوءِ توکي پنهنجي پائٽيءَ جو سڳ ڏيندو جنهن جي لاءِ پوپ جي اجازت جي ڪابه ضرورت ڪانهي اڳتي بهاؤالدين لکي ٿو: پيو جيڪو عيسائين جو پيغام تنهن ۾ پين ڳالهين سان گڏ هيءَ ڳالهه چئي ويئي. ”جيڪڏهن پوپ شاديءَ جي منظوي ڏني ته پوءِ ان جو بندوبست ٿي ويندو. جي نه ته اسين بادشاهه جي پاءُ جي ڏيءَ ملڪ العادل پرڻائي ڏينداسين. اها ڪنواري آهي. جيتوڻيڪ اسان جي مذهب جي مطابق بادشاهه جي جيڪا ڏيءَ ٻيواهه هجي ته شاديءَ لاءِ پوپ جي مرضيءَ جي ضرورت آهي پر ڪنواري شهزاديءَ جي شاديءَ جي لاءِ پوپ جي منظوريءَ جي ضرورت ڪانهي ۽ هر خاندان کي حق آهي ته جنهن کي وٽيس تنهن کي ڏيئي ڇڏي.“ ان جو جواب سلطان ۽ ملڪ العادل طرفان هي موڪليو ويو: ”جيڪڏهن شاديءَ جي اجازت ملي ته ٺيڪ پاڻ بندوبست ڪيو آهي تنهن تي عمل ٿئي ڇاڪاڻ ته اسين پنهنجو واعدو نه ٽوڙيندا سين. پر جي اها ڳالهه ناممڪن

(ڪاوش- 21 فيبروري 1994ع)

سوال: اسان سنڌي ماڻهن کي الائي ڪهڙي پير جو پٽ آهي جو پاڻ ته ڪو

چگو قومي ڪم ڪريون ڪونہ ۽ نہ ڪرڻ جي لياقت ڏاريون پر ٻئي ڪنهن کي ب ڪو پلو قومي ڪم ڪندي ڏسنداسين تہ اندر ئي سڙي ويندوسون. جيسين ان کي ٽنگڻ کان جهلي گهلي پاڻ جهڙو ڪنهن نہ ڪم جو نہ بنائينداسون تيسين ماني حرام ٿي ويندیسون.

جنهن وقت کان مسئلا حل ڪرڻ باتب ڪوششون شروع ٿيون آهن، تنهن کان وٺي هڪڙو پنهنجي شاعرن جي لشڪر جو رتائرمينٽ جو اعلان بنا رتائر ٿيل بلڪ گوڏا جهلي ويهي رهيل همراهہ بک ڏو ڪريو انهن ڪوششن خلاف تڪبنديءَ وسيلي قشري مچائڻ ۾ لڳو پيو آهي. تازو هڪڙو ڊيڪ چڏيو اٿس تہ اهي سڀ ڪوششون فقط پنهنجي عزيزن کي وزارتون وٺي ڏيڻ لاءِ پيون ٿين. ماڻهو ايترو هيٺ چو ٿا ڪريو پون؟

ستار رند، سنڌ يونيورسٽي

جواب: سنڌ ۾ پلوڙ مڙس جام پر جوانيءَ وانگر سنڌي مڙسيءَ ويچاريءَ جي عمر ٿئي ئي ڪانہ! "جوين ٻہ تي ڏينهڙا" ڪندار مڙس هوندو، گلاب جي گل وانگر پيو ٽڙندو، ڏني بک پيئي لهندي، پٽيون پيون پلبيون. پر ڪنهن مهل کان پوءِ ڪٽي ڏس تہ مڙس گوڏو جيڏو گونهہ ڪريو، ان ۾ گتو پيو آهي. چو تہ ڪر هوئي ڪونہ! "رب رُسي تہ مت کسي، هٽي ڪو نہ هٽيار"، "پيو آهين پٽن ۾ عالمن جا ابا، توجي ٽنگون ٽيڙيون تہ بندا ڪيئن ڪندا؟" ڪنهن نہ ڪنهن بليڪ ميلر وچونءَ جي ور چڙهي ويندو، جيڪو پرائي ڪلهي تي چڙهي ويهي پنهنجي عادت پوري ڪندو. ميسوٽپائيءَ سان مشڪندو ب ويٺوءِ چو طرف کان ناهوڪا ڏنگ ب ويٺو هٽندو!. اڳلي تي اثرٽئي نہ ٽئي، مڙيئي ٽي عادت پوري ڪرٽي سان پيئي ڪبي. دعا ڪريو رب پاڻ سڀني سنڌين کي ڪيني، سار، بغض ۽ خسيس پٽي جي ڪوڙهہ جهڙي مرضن کان پناهہ ڏئي. آمين!

سوال: عبدالمنان بنگالي رهندڙ ڪوٽڙي اوهان کي سياسي مرشد مڃي ٿو. اوهان وٽ مرشد جو نظريو چا آهي؟ هو اوهان کي ايشيا جو بهترين سياستدان مڃي ٿو چو؟ ان جو راز ڪهڙو آهي؟

يار محمد خاصخيلي- سنڌ يونيورسٽي

جواب: عبدالمنان بنگالي صاحب رهندڙ ڪوٽڙي بادشاهہ ماڻهو ۽ پنهنجي راءِ جو مالڪ آهي. سندس لک مهربانيون. هن کي خبر آهي تہ مشرقي بنگال جي

عوام جي جمهوري ۽ آزادي پسند جدوجهد هلندي جڏهن هتي اڪثر ماڻهو بنگالين جا جاني دشمن ٿي ويا هئا، تڏهن آءٌ ۽ عوامي تحريڪ انهن ماڻهن جي پهرين صف ۾ هئاسين، جن بنگالي عوام جي حمايت ۾ پنهنجو احتجاجي آواز مسلسل بلند رکيو ۽ ان سلسلي ۾ ڪتاب ڇپايو هو "جيڪي بنگال سان ٿيو." ايشيا سان ۽ منهنجي واقعي تمام گهڻي دلچسپي آهي ۽ سوچيندو رهيو آهيان ته جيئن يورپ، آفريڪا، لاطيني آمريڪا جي ملڪن جو اتحاد آهي، تيئن ايشيائي ملڪن جي گڏيل تنظيم ڇو ڪونه آهي. لنڊن ۾ ٿرڊ ولڊ فائونڊيشن ۾ مون اهو مسئلو باقاعدگيءَ سان پيش ڪيو. جنهن تي خيال اهو وڃي ٿيو ته ڏکڻ ڪوريا يا دهلي يا ڪراچيءَ مان ڪنهن هڪ تي عوامي سطح تي ايشيائي ملڪن جي ڪانفرنس گهرائي وڃي. اڃڪلهه ان باري ۾ چرپر هلي رهي آهي. تازو ملائيشيا ۾ ان موضوع تي سيمينار ڪيا ويا آهن. منهنجي خيال ۾ ڪجهه پيش قدمي ٿيندي. ان سلسلي ۾ آءٌ ايشيائي ملڪن جا دورا ۽ ڪندو رهندو آهيان. ٿي سگهي ٿو ته بنگالي صاحب کي مون تي مهربان ڪرڻ ۾ انهن ڳالهين جو ۽ ڪجهه دخل هجي.

سوال: ڇا پاڪستان ۾ قانون آهي؟ جيڏهن آهي ته پوءِ غريب شاگردن سان انصاف ڇو نه ٿو ڪيو وڃي؟ جيڪو شاگرد امتحان ۾ خود ويهي ٿو، ان جون مارڪون تمام گهٽ آهن ۽ جيڪو شاگرد امتحان ۾ پاڻ خود نه ٿو ويهي ۽ ان جي بدران ٻيو ڪوئي ٿو ويهي، ان جون مارڪون تمام گهڻيون آهن. ڇو؟

رياض حسين نوناري- پوست تنگواڻي

جواب: ضياءُ الحق جي حامي سياست بازيءَ جي مهرباني آهي جو اها صورتحال اوهان ڏسو ٿا. اڇو ته ان ڪورو ۽ ظالم نظام خلاف سڀ گڏجي جدوجهد ڪريون جنهن ۾ اهڙيون حق تلفيون ٿين ٿيون، جن جو اوهان ذڪر ڪريو ٿا، اسين اوهان سان انهيءَ احتجاج ۾ گڏ آهيون.

سوال: هندو قوم يعني مينگهواڙ، پيل، ڪولهي سان ڪائڻ پيئڻ غلط آهي يا صحيح؟

رياض حسين نوناري- پوست تنگواڻي

جواب: ان کان اڳ ۾ اهو سوال آهي ته خود هندو ۽ هڪٻئي سان ڪائڻ پسند ڪن ٿا يا نه. مون ته ڪيترن پيلن کي وڏي فخر سان چوندي ٻڌو آهي ته پيلن جي ان ذات سان گڏجي اسين ڪاڏو ڪونه ڪائيندا آهيون. ڪاڏي گڏجي ڪائڻ يا

نہ ڪائڻ جو مسئلو هندستان ۾ تمام وڏو قديم پيچيدو مسئلو رهيو آهي. ان باري ۾ چون ٿاتہ جڏهن سڪندر اعظم هن ملڪ ۾ ڪاهي آيو تہ رات جي وقت جهلم نديءَ جي ڪناري تي ڏنائين تہ ا هزارين ننڍڙيون ننڍڙيون باهيون پئي برين. انهن کان پڇيائين تہ "هي هيتريون باهيون ڇا لئہ پيون برن؟" تہ جواب ڏنائونس تہ "هندستاني فوج ماني پئي پچائي، هندستاني فوج جا ماڻهو هڪ پئي سان گڏجي ڪو نہ ڪائين، تنهن ڪري هرڪو پنهنجي ماني الگ الگ پچائيندو." تنهن تي هن وڏي سرهائيءَ سان چيو هو تہ "پوءِ چئبو تہ هندستان فتح ٿي ويو. جيڪي ماڻهو گڏجي ماني نٿا کائي سگهن، سي گڏجي وڙهي ڇا سگهندا؟" ٿيو ب ائين، چوت اڄ جي لعنت دنيا جي وڏي ۾ وڏي لعنت آهي ۽ اها ان نموني فقط ۽ فقط هندستان ۾ آهي. گرونانڪ جو وڏي ۾ وڏو روحاني ڪارنامو سڪن مان ان لعنت کي ختم ڪرڻ آهي. ان ڪري ئي سک هڪڙي فيل مست قوت بنجي اولهہ هندستان تي چانئجي ويا. جي هو پنهنجي دليريءَ کي جنون ۽ چڙواڳيءَ جي حد تائين وڃڻ کان بچائين ها تہ اڄاڪا بي شئي بنجي وڃن ها.

سوال: توهان ڪجهہ سال اڳ اي اين پي ۾ رهي ملڪي سياست ڪئي. وري ان کي ڇڏي سنڌ جي سياست جو رخ اختيار ڪيو. ڇا هاڻي وري ملڪي سياست ڪرڻ جو ارادو رکو ٿا يا ملڪي سطح تي ڪا نئي پارٽي ناهيندؤ؟

روحي بانو راجپر- ڪراچي

جواب: اي اين پي کان اڳ ۾ اسان "عوامي تحريڪ" ناهي هئي. پوءِ اسان ان کي مشروط طرح اي اين پي ۾ گڏ ڪيو هو ۽ ان وقت اسان پنهنجي سينيٽائندن کان قسم کڻايو هو تہ اي اين پي ڇهہ مهينا هلي يا ڇهہ سال هلي. بال آخر اها جڏهن قائم نہ رهي تہ اسين وري نئي سر عوامي تحريڪ کي زنده ڪنداسين. ان موجب اسان عمل ڪيو آهي ۽ جيئن اي اين پي سنڌ دشمن دهشتگردن سان ملي ويئي، تنهن ڏينهن کان ونئي عوامي تحريڪ وري پنهنجي سر ڪم ڪري ٿي. جيتوڻيڪ اسان جون مکيہ سرگرميون پنهنجي صوبي اندر آهن ۽ اوليت ظاهر آهي تہ اسين پنهنجي صوبي جي ماڻهن کي ڏيون ٿا پر اسان ڪڏهن ب ائين ڪونہ سوچيو آهي تہ سنڌ جا مسئلا هن ملڪ، هن علائقي يا دنيا کان صفا الگ ڪري سگهجن ٿا. تنهن ڪري اسين جڏهن ب وري ملڪي سطح تي سرگرمي ڪرڻ جي پوزيشن ۾ اچي سگهاسين، تڏهن ائين ڪنداسون.

سوال: اسان هاڻي خبرن ۾ بڈو آهي ته آمريڪا ۽ ويٽنام هڪ ٻئي سان ويجها ٿي رهيا آهن. آمريڪا ۽ ويٽنام جا پاڻ ۾ لاڳاپا قائم ٿيڻ سان ويٽنام کي فائدو ٿيندو يا نقصان؟ يا ويٽنام ۾ اڌيل سوشلسٽ نظام تي ته کو برو اثر ته نہ پوندو يا آمريڪا ۽ ويٽنام جي لاڳاپن قائم ڪرڻ سان مورگو آمريڪا ئي فائدي ۾ ويندو؟

عبدالستار چانڊيو - خيرپور ناٿن شاه

جواب: منهنجي خيال ۾ ته ٻنهي کي ڪجھ فائدو پهچندو آمريڪا چاڪاڻ ته وڌيڪ طاقتور آهي، ان ڪري وڌيڪ فائدو آمريڪا کي پهچندو پر ويٽنام کي هن وقت اقتصادي رڪاوٽن جي دور ٿيڻ جي تمام وڏي ضرورت آهي. آمريڪا جيترو ويٽنام مان فائدو حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي ان کان وڌيڪ ويٽنام کي ان ڳالھ جي ضرورت آهي ته هن واڌاري جي راھ ۾ آمريڪي اقتصادي گهيري جيڪا رڪاوٽ وڌي آهي، اها دور ٿئي. تنهن ڪري فائدو مقدار جي حساب سان آمريڪا کي وڌيڪ ٿيندو پر ضرورت جي حساب سان ويٽنام کي وڌيڪ ويندو. سوشلسٽ نظام هن وقت هڪڙي وڏي چئلينج، نئين تجربي، آزمائش ۽ تبديلي جي دور مان لنگهي رهيو آهي. سوشلزم ڏانهن سفر ڪندڙ نظام تي سرمائيدار نظام جي اثر وڌڻ سان نئون اسرندڙ نظام کافي دباءُ هيٺ ايندو، پر دباءُ کي ڪجھ جذب ڪرڻ ۽ ڪجھ ان سان مقابلو ڪرڻ کان پوءِ اهو حالتن آهر وڌيڪ حقيقت پسند، پاڻ پروءِ، پڪو پختو به ٿي سگهي ٿو.

سوال: ڇا توهان اهو ٻڌائيندا ته سنڌ کان وڌيڪ "غربت" پاڪستان جي ڪهڙي صوبي ۾ آهي ۽ ڇا توهان کي سنڌ مان غربت ختم ٿيڻ ۽ بيروزگاري ختم ٿيڻ جا آثار نظر اچن ٿا؟

مهتاب چانڊيو - لاڙڪاڻو

جواب: منهنجي خيال ۾ بلوچستان وڌيڪ غريب صوبو آهي. جيڪڏهن صحيح نموني سان رڪاوٽ ڪئي وڃي ۽ اسين پنهنجيون قومي قوتون، توانائيون ۽ ميسر ٽيڪنالوجي ان تي صرف ڪريون ته بيروزگاري کافي حدتائين گهٽائي سگهجي ٿي ۽ ضرور گهٽجڻ کپي.

سوال: توهان اڳ ۾ چيو هو ته جيڪي والد پنهنجي پٽن کي مارڪون پئسن تي ٿا وڻي ڏين اهي احمق آهن. توهان جو اهو بيان پڙهي مون سوچيو ته اسان مارڪون بورڊ مان نہ ورتيون ۽ مارڪن لاءِ نہ رلياسين ته نتيجو اهو نڪتو جو مارڪون صفا ٿورڙيون (60 سيڪڙو) آيون. جن بورڊ ۾ پئسا پريا ۽ رليا تن

(81 سيڪڙو) مارڪون ڪنيون. هاڻي توهان ٻڌايو تہ اسان ڇا ڪريون. سليڪشن تہ ڪونہ ٿيندي، سو مهرباني ڪري سڻي صلاح ڪا ڏيندا؟

ممتاز علي قريشي- خيرپور ناٿن شاهہ

جواب: صورتحال واقعي اها آهي جيڪا اوهان ٻڌايو ٿا. جيستائين مارڪن جو وڪرو بند ٿئي تيستائين ظاهر آهي تہ جيڪو ماڻهو مارڪون وٺندو سو فائدو ۾ ويندو، جيڪو مارڪون خريد نہ ڪندو اهو نقصان ڪٽندو. پر اسان جي نظر سدائين رڳو ٿورن فائدن تي ۽ فوري نقصانن کان بچڻ تي نہ هئڻ کپي. تمام وڏا ۽ دائمي نقصان ٿين، تنهن کان بچڻ لاءِ اسان کي مجبورا ۽ نہ چاهيندي بہ ڪجھ ماڻهن جا عارضي ۽ ٿوري وقت لاءِ زبردست نقصان درگذر ڪرڻا پوندا. اها تاريخ جي منطق آهي، ان کان ڪوبہ بچڻ جو رستو ڪونهي.

سوال: اهي سنڌي ادیب جيڪي سنڌي ثقافت جي پسمنظر ۾ اردو ادب تخليق ڪري رهيا آهن، انهن جو اهو عمل سنڌ دشمن آهي يا سنڌ دوست؟

ڪرتار لال نولاڻي ۽ ابو ساحر- ڪنڊڪوٽ

جواب: آءٌ هميشہ ان خيال جو رهيو آهيان تہ سنڌي ماڻهن کي گهڻ طرفو ٿيڻ کپي بلڪ روءِ زمين جي ماڻهن کي گهڻ طرفو ٿيڻ کپي. مون کي اها ڳاله قطعي نٿي وڻي تہ ڪو ماڻهو سڄي عمر ٿوهر جي مٿان رليِ ٽنگيو ويٺو هجي ۽ پيو چوي تہ ”آ٢ وطن دوست آهيان، هيءُ ٿوهر جي ڀِڄي منهنجو وطن آهي.“ ان ٿوهر کان ٻئي ٿوهر طرف وڃڻو پويس تہ چوي: ”پرديس اچي ويئي!“ مادري ٻوليءَ سان گڏ ڪا بي ٻولي جاڻڻ ۽ لکڻ کي خوبيءَ بدران خرابي سمجهڻ بلڪ ان کي غداري ليکڻ، اهي جهالت، تنگ نظريءَ ۽ بيوقوفيءَ جون ڳالهيون آهن. ماڻهن کي ويہ ويہ ٻوليون ايندیون آهن ۽ ويهن ٻولين ۾ لکندا آهن. دنيا جي جگ مشهور انقلابي دانشور، سماجي سائنسدان، فيلسوف ۽ مفڪر ڪارل مارڪس کي جڏهن خبر پئي تہ روس ۾ ڪي انقلابي هلچلون هلي رهيون آهن تڏهن دوستن کي لکيائين تہ ان جو احوال مون کي ڏياري موڪليو. جڏهن اڃ دير ٿيٽ هڪدم روسي ٻولي سکڻ شروع ڪيائين تہ جيئن روسي اخبارون پڙهي سگهي. سندس ساٿي، عظيم مفڪر ۽ جينيس اينجلس بہ عربيءَ سميت ويہ ٻوليون جاڻندو هو. اسان جي باري ۾ جيڪي تاريخي ڳالهيون آهن تن جي واقفيت اڪثر غير ملڪي ماڻهن اسان جون ٻوليون سکي انهن مان هٽ ڪئي ۽ انهن وٽان اسان وٽ اچي پهتي آهي. يورپ ۾ جيڪو علم آيو سو پهريائين ترجمن جي وسيلي يونان کان ايران ۽ عرب دنيا ۾ آيو ۽ اتان وري ترجمو ٿي يورپ ۾ ويو. تنهن ڪري جي ماڻهو

هڪڙيءَ بوليءَ کي ئي ڇهڻو پيو هجي ته تهذيب جو واڌارو ٻيهي رهي. ماڻهن عبراني ۽ قديم مصر جون پڙهٽيون ڳولي لڌيون آهن تڏهن اسان کي ماضيءَ جي خبر پئي آهي موئن جي دڙي ۽ هڙاپا جون بوليون ايڏا سمجهي نه سگهيا آهيون تنهن ڪري اسان کي پنهنجي ماضيءَ جي ڪا گهٽي خبر ڪانهي. جيڪڏهن اها خبر هجي ها ته اسان جي پنهنجي تاريخ بابت ڇاڻ انتهائي بلندين تي هجي ها. انهيءَ ڪري اها جيڪا ڳالهه آهي ته اسين اردوءَ ۾ ادب تخليق ڪرڻ سان سنڌي بوليءَ جا ثقافتي غدار ۽ ڪافر ٿي پونداسين، سا باراڻي آهي. ان مان جيترو جلد جند ڇڏائي سگهجي اوترو بهتر آهي. هڪڙي ڳالهه اها به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته پاڪستان ۾ سنڌي بولي رڳو اسين سمجهون ٿا، بلوچ، پشتون، سرائيڪي جيڪي گهڻين ڳالهين ۾ اسان جا هم خيال ۽ اتحادي آهن سي سنڌي نٿا سمجهن. خود پنجاب جا ماڻهو بولي ۽ ثقافت جي حساب سان اسان جهڙن ئي مسئلن ۾ مبتلا آهن ۽ اسان سان ڪيترن ثقافتي مسئلن تي هم خيالي رکن ٿا. انهن تائين به اسين سنڌيءَ ۾ پنهنجا خيال رسائي نٿا سگهون. هن جون بوليون اسان کي ڪوڙ ٿيون اچن ۽ اسان جي بولي هن کي ڪاڙ ٿي اچي. ”زبان يار من ترکي ومن ترکي نمي دانم“ وارو ڪم آهي اسان جي دشمنن جا اردوءَ ۾ لکيل ڪيترائي غلط خيال ۽ بهتان پاڪستان جي سڀني ماڻهن کي اسان خلاف برغلائين ٿا ۽ اسان جا صحيح خيال فقط سنڌيءَ ۾ هڻڻ ۽ اردوءَ ۾ نه هڻڻ جي ڪري اسان جي دوستن، همدردن تائين پهچن ئي ڪونه ٿا. تنهن ڪري اسان کي اردوءَ ۽ انگريزيءَ وارن سان انهن بولين ۾ لکڻ ۽ دوستاڻي علمي ۽ فڪري چٽاپيٽي ڪرڻ گهرجي ۽ نه رڳو هن ملڪ جي سڀني بولين کي ڳالهائڻ وارن ماڻهن تائين، پر هندستان ۽ ٻي سڄي دنيا تائين پنهنجا خيال انگريزيءَ وسيلي پهچائڻ گهرجن.

سوال: تازو ئي فلسطين ۽ اسرائيل جو ٽاهه ٿيو آهي ان اوهان جو ڇا خيال آهي؟

عبدالنبي جوڳي- ٽري ميرواه (خيرپور ميرس)

جواب: فلسطين ۽ اسرائيل جي وچ ۾ جيڪو ٽاهه ٿيو آهي سو هڪ قدم اڳتي آهي حالانڪ اهو هڪ ناقص ۽ اٽوٽندڙ ٽاهه ٿيو آهي. ان جا سبب هي آهن جو دنيا ۾ اسرائيل جي حامي آمريڪا ۽ يورپي ملڪن جي مقابلي ۾ جيڪا روسي طاقت هئي ان کي اندران کاٽ هٽي، روس جو گهيرو ڪري ۽ ان جي ڪمزورين جو مڪمل فائدو ونڊي ان کي في الحال ڪيرائي ڇڏيو ويو آهي. هاڻي فلسطيني اڪيلا آهن. ان ڪري ”ڪاءُ ڏي وٺايا ڪاءُ“ ٻي سڄي دنيا ختم ٿي ويئي آهي. هاڻي آمريڪين ۽ اسرائيلن کي جيڪو وڻي ٿو سو ٿا

ڪن. ان ڪري گھٽي حد تائين پنھنجي مرضيءَ جو ٺاھ ھڻ تي مڙھيو اٿن. بھرحال جيڪا موجوده صورتحال آھي تنھن ۾ ٺاھ ڪرڻ کان سواءِ فلسطين لاءِ ٻيو ڪو رستو نظر نٿو اچي.

سوال: ڇا ماڇڪو جو علائقو سنڌ جي سرزمين آھي؟ جيڪڏھن ماڇڪو جو علائقو سنڌ جي سرزمين آھي تہ پوءِ پنجاب جي قبضي ۾ ڇو آھي؟ ھي مسئلو مون "بختور" اخبار ۾ تاريخ 7-2-94 تي رحيم بخش مھر جي لکيل ڪالم ۾ پڙھيو. اوھان ھڪ قومپرست جي حيثيت سان ان تي روشني وجھو ۽ ان مسئلي تي آواز اٺاريو ڇو تہ توھان وڪيل آھيو، نہ تہ سنڌ جي ڏرتي توھان کي ڪڏھن بہ معاف نہ ڪندي. ھي اسان ۽ توھان تي فرض عائد ٿئي ٿو تہ سنڌ ڏرتيءَ جي انچ انچ جي حفاظت ڪريون. اميد آھي تہ ان مسئلي تي وس آھر معلومات ڏيڻي آگاھ ڪندا؟

عبدالستار ڪلاڊي- شڪارپور

جواب: ماڇڪو جو علائقو اڳ سنڌ جي سرحد ۾ ھو. ميرن جي شڪست کان پوءِ ميرعلي مردا خان تي انگريزن طرفان الزام ھنيو ويو تہ مير صاحب پنھنجي مائٽاڻي رياست مان جيڪو علائقو پنھنجو ڪري ڏيکاريو ھو اھو واقعي سنڌ تہ ھو. ۽ قران شريف تي جيڪا ست ڪئي وئي ھئي اھا درست نہ ھئي. ان الزام جي ثابت ٿيڻ کان پوءِ ڏنڊ طور انگريزن کائنس ڪيترو علائقو وڃي ڪجھ علائقو نواب بھاولپور کي ڏنو ۽ ڪجھ پنجاب کي ڏنو ۽ ان ۾ شايد ماڇڪي جو علائقو بہ شامل آھي.

ھونئن ماضيءَ ۾ علائقن ۾ تمام گھٽيون ڦيريون گھيريون ٿيون آھن، ڪراچي اچڻي سنڌين وٽ ھو پوءِ وري افغان حڪمرانن بلوچستان جي حوالي ڪيو، پوءِ وري ميرن جي واري ۾ سنڌ جي حصي ۾ آيو. اوپر بلوچستان جو ڪچ علائقو سنڌي ڳالھائي ٿو. ديري غازي خان ۽ ديري اسماعيل خان بلوچ چون ٿا تہ اھو اسان جو آھي. سرائڪي چون ٿا تہ اسان جو آھي، پنجابي چون ٿا تہ اسان جو آھي. بلوچستان جا دوست چون ٿا تہ جيڪب آباد اسان جو علائقو آھي. ان جي جواب ۾ سنڌ جا ماڻھو ائين چوندي بہ ٻڌايا ويا آھن تہ اوپر بلوچستان لس ٻيلي سميت سڄو سنڌي ڳالھائي ٿو ان ڪري اھو اسان جو آھي. انھيءَ قسم جا مسئلا قدرتي ۽ ڪافي آھن. انھيءَ جي باري ۾ ڪو تمام سخت قسم جو مؤقف ونڻ شايد عوام جي گڏيل مفادن ۾ نہ ٿئي. اھي مسئلا تاريخي آھن ۽ تاريخ ئي اچڻي ھلي انھن کي حل ڪري سگھي ٿي.

سوالڊ اوھان تازو "مسئلا حل ڪريو ڪانفرنس" ڪوٺائي، جنھن جو مطلب

آهي ته اوهان سنڌي ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ چاهيو ٿا. ڇا ايئن سڀ ڪجهه ٿيندو ته سنڌ جي جيلن ۾ بيگناهه سنڌي ماڻهو سڙن پيا، اوهان انهن جيلن جو معائنو ڪري انهن مسڪين ماروئڙن جا مفت ڪيس وڙهو ۽ وڏيرن جي ظلم کان نجات ڏياريو؟

ناز سومار اوڍ - ڳوٺ حاجي علڻ خان لغاري

جواب: ڪيس هلائڻ ايڏو سولو مسئلو نه آهي جيلن ۾ تمام گهٽا ماڻهو آهن. جيل سڄا پريا پيا آهن. هرڪو چوي ٿو ته آءٌ بيگناهه آهيان. جيڪو وڪيل سمورو وقت وڪالت ڪري ٿو ۽ ٻيو ڪم نٿو ڪري ان لاءِ اهو آسان آهي جو هو پنهنجي گذرسفر جو خرچ انهن ڪيسن مان حاصل ڪري ۽ ڪجهه ٽائيم اهڙن ڪيسن لاءِ وقف ڪري جن ۾ هو خاص قسم جي مظلوم ماڻهن جا بنا في ڪيس هلائي.

منهنجو گهڻو ٽائيم سياسي ڪمن تي لڳي ٿو ۽ ٿورو ٽائيم جيڪو بچي ٿو تنهن ۾ ڪيس هلايان ٿو ۽ ان مان جيڪا آمدني ٿئي ٿي تنهن مان سياست جو ذاتي خرچ هلايان ٿو. تنهن ڪري مون وٽ ٻين ڪل وقتي وڪيل دوستن جي پيٽ ۾ تمام گهٽ گنجائش آهي ان قسم جي قانوني امداد ڏيڻ جي. ان هوندي به مون پنهنجي گنجائش ۽ پهچ کان وڌيڪ اهو ڪم پئي ڪيو آهي.

هلندڙ آپريشن جا ڪيترا ڪيس مون بنا في جي هلايا آهن. نتيجو اهو ٿيو جو آءٌ ٻيو سياسي ڪم تمام گهٽ ڪري سگهيو هوس. ڪيسن تي في ۽ ڪان سواءِ خرچ به ڪافي اچي ٿو. تنهن ڪان سواءِ پيرويءَ وارو ماڻهو ڪهي.

عام طرح جيلن ۾ جيڪي بيواه ماڻهو پيا آهن انهن جي پوئواري ڪرڻ وارو ماڻهو ئي ڪونه ٿو ٿئي. هاڻي نقل ڪير ونڻي، ڪاغذ ڪير ونڻي، تاريخ تي ڪير اچي؟ جيڪڏهن في نه ونجي ته به پاڙي جي ضرورت ٿئي ٿي. اهو ڪير ڏي؟ عام حالتن ۾ ڪيترا دوست جيلن مان خط لکن ٿا ته "اسين مظلوم آهيون، اسان جي مدد ڪريو" پر جيڪڏهن کو محمد محمد محمد ڏيڻ کي به کوشش ڪرڻ کپي نه ڪيسن جون جيڪي ٻيون گهرجون آهن مثلا هدايتون، نقل، ڪاغذ پٽ، پيروي ڪرڻ وارا، انهن جو بندوبست ڪن.

سوال: احوال ته مان پوليس سروس ۾ ڪانسٽيبل آهيان منهنجي محڪمي جي ڪردار کان هر پاڪستاني شهري، وڪيل، اديب، دانشور، عالم مطلب ته هر هڪ واقف آهي پر منهنجي پگهار الائونس کان ڪوبه واقف نه آهي. مان هر مهيني قرضدار ٿيندو ويجان ٿو. اوهان جا ڪافي ڪتاب، رسالا ۽ اخبارن ۾ ايندڙ ڪالم شوق سان پڙهندو آهيان. اوهان ۾ هن ڪالم ۾ اسان تي تنقيد

ڪندا آهيو. پر ڪڏهن اهو ڪونہ سوچيو يا لکيو اٿو يا ڪنهن پوليس واري کان اهو ٻ پڇڻ جي تڪليف ڪانہ ڪئي هوندي تہ تنهنجو ڪل پگهار ڪيترو آهي ۽ انهيءَ پگهار مان اوهان ڪيترا پاتي گذر ڪندا آهيو. ان لاءِ مان اوهان ڏي هي خط احتجاجي طور لکي رهيو آهيان تہ اسان پوليس جي سپاهين جي مسئلن تي ٻ ڪجھ اخبارن ۾ لکيو. ڇو تہ اسان ٻ من سنڌي ڏرتيءَ جا پٽ آهيون. رڳو اسان کي پوليس وارو سمجهي ڏار نہ ڪريو، پر هڪ انسان جي حوالي سان اسان جا ٻ ڪجھ مسئلا آهن، اهي مختصر اوهان کي هيٺ لکان ٿو. اميد تہ اوهان صاحب هن طرف پنهنجي قلم کي ضرور تڪليف ڏيندا. نمبر هڪ تہ اسان کي اسان جو ٿي اي، ڊي اي ڪونہ ٿو ملي ۽ جي ڪڏهن ڪا گرانٽ اچي ٻ ٿي تہ ان تي 30 سيڪڙو ڪٽيو ٿو ويچي. جيڪو اهو سيڪڙو نٿو ڏٻي تہ ان جو بل ردياءَ جي ٽوڪريءَ ۾ اڇليو ٿو ويچي. ان لاءِ عرض آهي تہ ٿي اي ۽ ڊي اي بند ڪري پگهار ۾ فڪس ڪيو ويچي انهيءَ ۾ سرمايو ٻ بچندو ۽ احساس محرومي ٻ ختم ٿيندي. نمبر 2 تہ ايس آر پي پوليس کي ڊسٽرڪٽ پوليس ۾ ضم ڪيو ويچي ڇو جو انهن سڀني پوليس وارن جو ڪارپوريشن الائونس لاڳو آهي اهو ختم ڪجي تہ جيئن سرمايو سنڌ حڪومت کي بچي نمبر 3 هڪ وردياءَ جي سلائي 150 رپيا آهي. سال ۾ ٻ ٻ وردين ملنديون آهن، جيڪي اسان سلائي پاڻ ڪرائيندا آهيون. اهو سلائي ۽ ڏلائي الائونس لاڳو ڪيو ويچي ڪافي ٻيا ٻ مسئلا آهن اهي سائين جن کي ٻئي خط ۾ تفصيل سان لکندس.

منهنجا 5 ٻار آهن. هڪ گهرواري ۽ مان پاڻ. ڪل 7 ماڻهن جو خاندان آهي جنهن جو ڪل مهيني جو خرچ تفصيل سان هيٺ ڏئي رهيو آهيان.

1_ هڪ مڻ اٽو 200 رپيا، 2_ پنج ڪلو ڪنڊ 95.50 رپيا، 3_ چانھ جي پتي 3 پاءَ 90 رپيا، 4_ چٽڻ جي دال 4 ڪلو 80 رپيا، 5_ گهي 4 ڪلو 120 رپيا، 6_ لوڻ، مرچ ۽ ٻي مصالحو 100 رپيا، 7_ جاءِ جي مسواڙ مهيني تي 450 رپيا، 8_ گهٽ ۾ گهٽ بجلي جو بل 100 رپيا، 9_ ونڊو گوشت 4 ڪلو 160 رپيا، 10_ ڪير هڪ ڪلو صبح هڪ ڪلو شام 600 رپيا، 11_ ڪانيون 4 مڻ (في مڻ 40 رپيا) 160 رپيا، 12_ ٻارن لاءِ اسڪول جي خرچي (5 رپيا روزانو) 150 رپيا، 13_ ٻارن کي اسڪول چڏڻ لاءِ ٽانگي جو ڪرايو 150 رپيا، 14_ مُڱن جي دال 2 ڪلو 30 رپيا، 15_ ڪپڑن لاءِ صابڻ مهيني ۾ 60 رپيا، 16_ وردي جي ڌوراٽي (هڪ جا 15 رپيا) 90 رپيا، 17_ ڪپڑو لٽو سلئي وغيره اندازو هڪ مهيني ۾ 300 رپيا، 18_ پاڇي وغيره مهيني ۾ 200 رپيا، 19 شادي يا غمي لاءِ ضرورت آهر 200 رپيا، ٽوٽل هڪ مهيني جو خرچ غربت آهر آهي : 32.2.50 رپيا. هن خرچ ۾ مون پنهنجو خرچ ڪونہ لکيو آهي. جيڪو

دوران ڊيوٽي ڪندو آهيان. سائين منهنجي گهر ۾ مزدوري ڪئي ويندي آهي. چو جو منهنجو ٽوٽل پگهار الائونس سميت ڪل 1955.80 رپيا آهي ۽ منهنجي سروس هن وقت ڪل 10 سال آهي. مان پنج درجا سنڈي پڙهيل آهيان مئٽرڪ يا انٽر پاس سپاهين جي پگهار مون کا 200 رپيا واڌاري آهي. ان لاءِ سائين جن مهرباني ڪري اخبار ۾ هي خط ضرور ڇپرائيندا ته هن مهانگائي جي دور ۾ هڪ سپاهي سان ڪيڏو نہ ظلم ٿي رهيو آهي. اوهان مهرباني ڪري اسان مسڪين لاءِ ڪجھ ڪندا مان اوهان کي دعا کان سواءِ ڪجھ بہ نہ ٿو ڏئي سگهان، هڪ دفعو ملاقات لاءِ ڪوشش ڪندس ته جيئن اوهان کي روبرو احوال ٻڌايان ۽ اسان جي آفيسرن جي باري ۾ ٻڌايان هڪ سماج جو ماريل سپاهي.

(منهنجو ضلعو ۽ نالو ان ڪري ڪونہ ٿو لکان ته اسان تي پابندي آهي پنهنجو حق گهرڻ تي)

جواب: توهان جو سڄو حساب ڪتاب اسان سرڪاري توڙ غيرسرڪاري پڙهندڙن جي اڳيان پيش پيا ڪريون آءٌ توهان سان بلڪل متفق آهيان ته هن مهانگائيءَ جي دور ۾ سپاهين سان واقعي ظلم آهي. سپاهين کي عوام جي خلاف جن ظلمن لاءِ استعمال ڪيو ويجي ٿو انهن جي سڀني کي خبر آهي ۽ سپاهين جي مظلوميت بابت جيڪا توهان ڄاڻ ڏني آهي سا ٻيو طرف معلوم ڪرڻ ۾ مدد بہ ڏيندي. مون کي اميد آهي ته ان مسئلي تي سنڌ جا سوچيندڙ ماڻهو غور ڪندا آهن جيڪڏهن حڪومت انهن مسئلن کي انصاف سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي عوام توڙي پوليس لاءِ بهتر ٿيندو اسان جي خواهش آهي ته پوليس وارن سميت سنڌ جي سمورن مظلومن، غريب طبقي جي ملازمن سان انصاف ٿئي ته جيئن هن کي رشوت ونڊ يا عوام سان ظلم ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن بہ قسم جي مجبوري نہ ٿئي. اوهان کي بہ گذارش آهي ته اوهان سميت گهٽا ماڻهو غريب آهن. سڄو ملڪ پيڙهيل آهي اوهان پنهنجي غربت کي دور ڪرڻ لاءِ جيڪا جدوجهد ڪريو تنهن ۾ جبري خاطر بدڪري هرگز نہ ڪهو. غريب عوام جو خيال ڪريو ۽ پنهنجي مجبوريءَ کي دور ڪرڻ لاءِ ٻين جون مجبوريون پنجاه دفعا وڌائڻ کان پاسو ڪريو ته بهتر ٿيندو اچو ته سڀ گڏجي هن ظالم وڏيرڪي سرمائيدار نظام کي ڌاهي پٽ ڪريون جنهن ۾ عوام جي وڏي اڪثريت عذاب ۾ آهي ۽ مٽ جيترا ماڻهو جاوا پيا ڪن. ان جي جڳهه تي هڪڙو اهڙو انصاف وارو معاشي سماجي نظام ٺاهيو جنهن ۾ ڪنهن کي بہ پنهنجي بچن جي جياپي ۽ گذر لاءِ ٻين جي بچن جي جياپي ۽ گذر جي پيٽ تي لت رکڻي نہ پوي.

سوال: نوڪرين تي بندش آهي پر پوءِ به وڏيرن ۽ سرمائيدارن جي پٽن کي نوڪريون ملن ٿيون. غريب عوام جيڪڏهن نوڪريون ونڊ ويندو ته ان کي آفيس مان ڏڪا ڏئي باهر ڪڍيو وڃي ٿو. ايئن چو ٿو ٿئي ۽ آخر ڪيستائين ٿيندو رهندو؟

نجف علي سومرو - ڳوٺ ماهوتا - لاڙڪانو

جواب: واقعي اهڙيون شڪايتون تمام گهٽيون مليون آهن. اهو ظلم آهي ۽ اهو ظلم ان ڪري ٿئي ٿو جو حڪمراني وڏيرڪي طبقي جي آهي ۽ اهو تيستائين ٿيندو رهندو جيستائين توهان ۽ اسان پارا ماڻهو متحد ٿي پنهنجي پسند جي پارٽين کي ووٽ ڏيڻ کان پوءِ پنهنجا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ فقط سنڌي ئي نٿا سوچيون ۽ لوچيون. اچو ته سنڌ ئي هڪڙي قوت بڻجي جدوجهد ڪريون، قومي سڌ تي سڌ ڏيون ۽ حڪمران طبقن کي ان ڳالهه لاءِ آماد ڪريون ته هو ڏنڊي ۽ گدر جي مسئلي سميت سنڌي ماڻهن سان جيڪي زيادتيون ٿين ٿيون ان بند ڪيون وڃن.

سوال: سائين! شهر گهوٽڪيءَ کان يارنهن ڪلوميٽر اوپر طرف گهوٽڪي جروار رود تي موهن جي دڙي جو هم عمر شهر ماٽيلو اڄ به موجود آهي. تمام تاريخي دڙا، برج، ديل ڪوٽ وغيره موجود آهن. جنهن کي ”مومل جي ماڙي“ چيو وڃي ٿو. هن بابت ڪيترن ئي تاريخي ڪتابن ۾ به ذڪر ملي ٿو. هتي جڏهن به مينهن وسندو آهي ته قسمين قسمين جا ٽانو ٽپا، ڪيڏڙا، سڪا، دلا ۽ عجيب و غريب قسم جا ٽهيل انساني بوتا ظاهر ٿيندا آهن. انهن کي سنڀالڻ جو ڪوبه جوڳو بندوبست ڪونهي. ڳوٺ جا ماڻهو دڙي (مومل جي ماڙي) جي هڻ ڏوئي ڪڍ پيا آهن. ڪو سرون پٽي رهيو آهي ته ڪو وري مٽي ڍوئي رهيو آهي. ڀيو ته چڏيو پر پري جا ماڻهو ٽريڪٽر ٽرالي جي ذريعي دڙي جي سڀ مٽي کڻي رهيا آهن. سندس پاسا کوٽي رهائش جو بندوبست ڪيو پيو وڃي. ڪجه سال اڳ ثقافت کاتي وارن ”مومل جي ماڙي“ جي اهميت محسوس ڪندي ان جي حفاظت جو سوچيو ۽ پهريون قدم اهو کنيو ويو ته هڪ بورڊ (مومل جي ماڙيءَ تي) لڳايو ويو. جنهن تي دڙي بابت ذڪر هو ۽ معلومات درج هئي. جڏهن عملدارن پٽي ڏني ته ڳوٺاڻن چا ڪيو جو سيمينٽ جو ٽهيل بورڊ پٽي گهر کڻي ويا ۽ نلڪي (هينڊپمپ) هيٺا رکي کڻڻ ڏوئڻ جي ڪم آڻي رهيا آهن. امير بخاري صاحب به دڙي بابت ڪيترائي مضمون لکيا آهن ۽ حڪومت تي زور ڏنو آهي ته هن دڙي جي کوٽائي ڪرائي وڃي، هڪ ميوزيم ٽاهيو وڃي پر منهنجو خيال آهي ته سڀ

کان پهريان سندس حفاظت نہ ڪئي ويڄي ميوزيم ۽ ڪوٽائي تہ بعد جا سلسلا آهن. اوهان حڪومت جو هن اهم ڏڙي (مومل جي ماڙي) طرف ڏيان ڇڪايو ۽ مٿن زور وجهو تہ هن ڏڙي جي حفاظت ان کان پوءِ ڪوٽائي پوءِ ميوزيم جو بندوبست ڪيو وڃي. جي ائين نہ ڪيو ويو تہ سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم ساڳ نيست و نابود ٿي ويندو (خدا نہ ڪري) اوهان جو ان باري ۾ ڇا خيال آهي؟

عبدالحئي پٽو ۽ شاهد خالد مائيلو (گهوٽڪي)

جواب: آءٌ توهان سان متفق آهيان تہ هن ڏڙي جي حفاظت، ان کان پوءِ ڪوٽائي ۽ بعد ۾ ميوزيم جو بندوبست ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. هن ڪالم جي وسيلي آءٌ اختياري وارن جو ۽ خاص ڪري سنڌ جي چيف منسٽر عبدالله شاه صاحب جو هن طرف ڏيان ڇڪايان ٿو ۽ ان سلسلي ۾ پيو جيڪي ڪجهہ ٿي سگهڻ جهڙو هوندو تہ ان قومي ڪم ۾ اسين توهان سان شريڪ آهيون.

سوال: (1) اسلام عورت بابت سخت پردي جو چوي ٿو ۽ اينريقدر سخت جو آواز بہ گهر کان ٻاهر نہ نڪري جيئن ڪو ڏاريو شخص ٻڌي نہ وڻي ۽ عورت بابت اوهان جهڙن باشعور مسلمان اديب، دانشور، شاعر، مفڪر، شخصيتن جو چوڻ آهي تہ عورتن کي بہ مرد سان ڪلهوڪلهي سان ملائي وقت سان گڏ هلڻ گهرجي. (2) ڪي مائهو چون ٿا تہ شاه عبداللطيف پٽائي رحہ صرف خدا ۽ ان جي رسول الله ﷺ جي شان ۾ شاعري ڪئي آهي ۽ نہ سنڌ کي، نہ امن کي ۽ نہ وري بي ڪنهن عشقيہ داستان کي ڳايو اٿس ۽ نہ وري دنيا کي محبت جو پيغام ڏنو اٿس ۽ نہ ئي جنگ کان نفرت ڪرڻ سيکاريو اٿس. مطلب تہ هن اهي فرضي نالا ورتا آهن. باقي ڳجهہ ۾ سڀ خدام محمد مصطفيٰ ﷺ ۽ اسلام ۽ آخرت کي ڳايو اٿس. ڪنهن سڃاڻ شخص جي چوڻ مطابق تہ شاه صرف ۽ صرف مارئي جي وطن سان محبت، سهڻي جي ميهار سان محبت ۽ سنڌ جي ثقافت ۽ دنيا کي امن جي ڳالهہ ٻڌائي آهي. "ڇا لطيف صرف اسلام کي ڳايو آهي. ڪنهن غيرمسلم کي ٽڪرايو اٿس؟"

عبدالرشيد راجڙ- عمرڪوٽ

جواب: مون بار بار عرض ڪئي آهي تہ آءٌ پاڻ کي مسلمانن جي 72 فرقن جي عالمن جي هوندي ان ڳالهہ جو اهل نٿو سمجهان تہ ديني مسئلن جي باري ۾ ڪنهن مذهبي قسم جي راءِ ڏئي سگهان، اهي عقيدي جا مسئلا آهن ۽ هڪ حد کان پوءِ عقيدو ۽ عقل بظاهر ابتڙ شيون ٿيون نظر اچن. سڀني مذهبن ۾ مذهبي عقيدن جون هڪ نہ پر هزارين تشريحون ٿين ٿيون. هر ڪو پنهنجي

من پسند تشريح کي ٻين تي ترجيح ڏئي ٿو. بلڪ ان لاءِ مرڻ مارائڻ لاءِ سندرو پڌي ٻيهي رهي ٿو. جيڪا ٻ مذهب جي تشريح انسان جي واڌاري، انصاف، حق، انساني برابري، انساني بهتري ۽ بهبودي جي تقاضائن سان وڌيڪ هم آهنگ هجي، جيڪا انسان کي بهتر انسان بنائڻ ۾ مدد ڪري، اها تشريح اسان لاءِ ٻين سڀني تشريحن کان وڌيڪ قابل قبول آهي. ان تشريح پٽاندڙ مردن کي انساني حق ڏيڻ ۽ عورتن کي اهي حق نه ڏيڻ ان کان وڌيڪ اسان جي نظر ۾ ڪابه انسان دشمني ڪانه ٿي سگهندي. تنهن ڪري مذهبي تشريحن جي پيچيدگين ۾ پوڻ کان سواءِ اسين سمجهون ٿا ته هن دور جي اولين تقاضا اها آهن ته سڀني ماڻهن کي، ٻارن، ٻڍين، مردن، عورتن حتيٰ ڪ جانورن کي ٻ پنهنجا حق ملڻ کپن ۽ ان جي راه ۾ ڪا تشريح اچي ته اسين ان کي پنهنجي حساب سان درست چئي نه سگهنداسين.

جيستائين شاه لطيف جو تعلق آهي ته شاه لطيف هڪڙو صوفي مسلمان هو. هن کي خدا ۽ رسول سان عشق هو. هن جي خدا ۽ رسول سان عشق جي تشريح پنهنجي هئي. جا ضروري ناهي ته وقت جي علماءِ ڪرام جي تشريحن مطابق هجي ان سان گڏ منجهس حسن ۽ محبت جو ٻ جذبو هو هو پنهنجي دور جو هڪڙو وڏي ۾ وڏو انساني محبت جو شاعر هو. هو انساني همتن، جرئتن جو، دنيا کي بدلائڻ، دنيا جي ماڻهن کي بدلائڻ انسانن جي انسايت کي فروغ ڏيڻ جي جذبن جو شاعر هو، هن جي خدا دوستيءَ، انسان دوستيءَ عوام دوستيءَ ۽ انقلاب دوستيءَ ۾ ڪوبه تضاد ڪونه هو. انهن سڀني جذبن جو سرچشمو هڪڙو ئي عظيم ۽ ڪائنات گير احساس ۽ شعور هو. سونهن، سچ، حق ۽ انصاف لاءِ اٿاه محبت ۽ بچڑائي، ڪوڙ، ناحق ۽ ظلم لاءِ شديد ترين نفرت.

سوال: ڄينءُ مل واڻيو ڪير هو ۽ ان جا ميرن جي دور حڪومت ۾ ڪهڙا ڪاراما ڪيل هئا. ڄينءُ مل جي باري ۾ ٿورو اسان کي تفصيل سان ٻڌائيندا.

سندر راڄپر پڌعيدن- نوشهروفيروز

جواب: ميرن جي راج ۾ سنڌ سرڪاري جي نوعيت بادشاهت مان گهٽجي قبائلي سرداري راج جهڙي ٿي پئي هئي. سنڌ مير صاحبن پاڻ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ورهائي ڪنئي هئي. شڪارپور جي شهر ۾ گهٽن ميرن جا حصا هوندا هئا. حيدراباد جي ميرن جو جيڪو شڪارپور ۾ شهر ۾ حصو هو ڄينءُ مل ان حصي جو انچارج هو. انگريزن ۽ ميرن جي وچ ۾ جڏهن لڙائيءَ جو نوبت آئي تڏهن هن پنهنجي ذميوارين کي وڏي همت ۽ مڙسيءَ سان نباهيو ۽ وڏي دليريءَ ۽ سمجهداري سان شڪارپور ۽ آس پاس ۾ پنهنجو ڏاڪو ڄمايائين.

تفصيل لاءِ پڑهي ڏسو منهنجو تاريخي مضمون ”جيئو واٽيو“ جيڪو منهنجي ڪتاب ”جن جهونا ڳڙهه جلايو“ جي تاريخي مضمونن ۾ شامل آهي.

سوال: خبر پئي آهي ته منشي عطا محمد شڪارپوري ميرن جي دور جو هڪ تاريخ نويس هو، ڇا اها ڳالهه صحيح آهي؟

سندر راڄپر پدعيدن- نوشهروفيروز

جواب: منشي عطا محمد شڪارپوري هڪڙو دلبر ماڻهو هو. هو شاهه شجاع جو سيڪريٽري هو. هن شاهه شجاع جي شڪارپور مٿان حڪومت واري وقت ۾ ڪيل رنگين ڪارنامن، سندس لڏياڻي ۾ انگريزن جي پينشنر ٿي رهڻ ۽ ڪابل ۾ فاقاڪاڻ شان سان گهڙڻ، اتي حڪومت ڪرڻ ۽ آخر ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ مارجڻ جو تفصيلي ذڪر ٿيو آهي. سندس ڪتاب جو نالو آهي: ”تاريخ نوائي معارڪ“ جيڪو فارسيءَ ۾ آهي ۽ ادبي بورڊ ڇپيو آهي. اهو جيترو جلد سنڌيءَ ۾ ڇپجي اوترو بهتر. هو هڪ حقيقت پسند، سچار، گهرو مشاهدو ۽ گهري نظر رکندڙ خوش طبع تاريخ نويس هو. مون ڪنهن جاءِ تي لکيو آهي ته سچائي ۽ بيباڪي جي خيال، ڪان هو ٽورڙي حدتائين مشهور بازنطيني تاريخ نويس پروڪوپيس (مصنف ”ڳجهي تاريخ“) جون سڪون ٿو لاهي. پروڪوپيس بازنطيني شهنشاه ۽ سندس ملڪ ٿيوڊورا بابت آهي حقيقتون بيان ڪيون اهن جهڙين حقيقتن بيان ڪرڻ جي دنيا ۾ پئي ڪنهن مورخ کي ورلي جرئت ٿي آهي. مشني عطا محمد ب هڪڙو تمام نندڙو پتڪڙو پروڪوپيس هو ۽ پنهنجو ”اولياءَ دولت“ (شاهه شجاع) ۽ ميرن جي سفيرن ۽ بين پنهنجي دور جي وڏن ماڻهن بابت مزيدار انڪشاف ڪيا اٿس.

سوال: مون کي سنڌي ادب جي صحيح ڄاڻ گهرجي. هونئن ب اڇڪلهه نئين ٿهي سنڌ جي ادبي تاريخ کان ناآشنا آهي. سنڌي ادب جي ڄاڻ لاءِ ڪهڙا ڪتاب پڙهجن ۽ اهي ڪٿان ملي سگهندا؟

سراج احمد نوناري- هاءِ اسڪول عمر ڏهو، گهوٽڪي

جواب: سنڌي ادب جون هڪ ڪان وڌيڪ تاريخون ملي سگهن ٿيون، جن ۾ ڊاڪٽرو پروفيسر الانا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجي ۽ بين جون تاريخون شامل آهن. انهن ۾ ڪيترن سنڌي ڪتابن جا حوالا ڏنل آهن. سنڌيءَ جي دلچسپ ۽ اهم ڪتابن ۾ ڪاڪي پيرومل جو ”قديم سنڌ“، ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“، ”قليچ جا ڳچ ڪتاب“، راشدي برادرز جا ڪتاب ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ وغيره، الهه بچائي سمي جو ”سير ڪوهستان“، ڪريم بخش نظاماڻي

جو "ڪيئي ڪتاب"، يوسف بلوچ جو "جنم قيدي"، لوڪ ادب جا ڪتاب، تنوير، جو "شاھ جي شاعري" ۽ ٻيا ڪيئي درجن سڀا نثر جا ڪتاب شامل آھن. انھن مان ڪجھ ڪتاب سنڌي ادب بورڊ جي بڪ اسٽالن تان ملندا. اڳوٽي ھاڻوڪي دور جي سنڌي شاعري ڪافي چڱي آھي. اھا پڙھو. سنڌي ناول ب ڪجھ آھن. انھن مان ڪي ڪنھن نہ ڪنھن ڳالھ ۾ دلچسپ آھن. اصل ڳالھ آھي تہ توھان مختلف قسمن جا 20_15ڪتاب پڙھندو تہ ڳالھ مان ڳالھ نڪرندي ۽ دلچسپيءَ ۽ سمجھ جي ھڪڙي ڏيئي مان ٻيو ٻرندو ۽ توھان کي خبر پئجي ويندي تہ توھان کي ڪھڙي قسم جا ڪتاب وڌيڪ دلچسپ لڳن ٿا. پوءِ شعوري ڪوشش بلڪ جاکوڙ ڪري پنھنجي پسند، ۽ سمجھ جو دائرو سڄي عمر وسيع کان وسيع ڪندا ھلو.

سوال: ايم آر ڊي ھلچل دوران جيڪي قراردادون پاس ڪيون ويون ھيون. خصوصا چار ڪاتا وفاق کي باقي صوبن کي جڏھن تہ قراردادن پاس ڪرائڻ ۾ مکيہ پارٽي پيپلزپارٽي برسر اقتدار آھي. اوھان اھو ٻڌائڻ چاھيندا تہ ان جي باوجود انھن قراردادن تي عمل چو نہ ٿي سگھي آھي؟

ف- م- رند شاھپورچاکر

جواب: اھا قرارداد پاس ڪرائڻ واري مکيہ پارٽي پي پي ڪانہ ھئي. جڏھن آءُ 1986ع ۾ جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ ايم آر ڊي جو ڪنوينئر منتخب ٿيس، تڏھن مون سخت ضابطو نافذ ڪري، ايم آر ڊي جي اجلاس جا ٻيا سڀ ڪم ڏنڊا بندا ڪرائي خان عبدالولي خان، مرحوم غوث بخش بزنجو، مولانا فضل الرحمان، معراج محمد خان ۽ خاص ڪري فتح علي باب خان جي ليبين ۽ اٽڪ تقريرن کي بن بن ۽ ٽن ٽن منٽن تائين محدود ڪري ٽائيم بچائي، سڀني ليڈرن کي آڏيءَ رات تائين ويھاري اھا تاريخي قرارداد پاس ڪرائي ھئي. ان موقعي تي ئي مرحوم بزنجي چرچي طور چيو ھو، "جنھن اسڪلو ۾ "پليجو ھيڈماسٽر ھوندو ان ۾ ضابطو اھڙو سخت ھوندو جو سڄو ڪلاس خالي ٿي ويندو."

پاڪستان جي چالو سياست ۾ مجبوريءَ جي حالت ۾ اٽوٽندڙ نھرائن تي صحيحون ڪري پوءِ انھن کي وساري ڇڏڻ ھڪڙي ھلي چلي آھي. چو تہ اسان جي جاگيردارانہ سرمائيدارانہ سياست سياسي حياءِ شرم جي قيدن بندن کان ماشاءَ الله آزاد آھي.

سوال: اڄ جڏھن سڀ ميل ۾ لڳايل سوئي گيس جي فيلڊ ڪمپ وٽان لنگھڻ ٿيو تہ اتي ھڪ ھجوم ڏٺم جن جو مطالبو ھو تہ "انفرادي ملازمن کي نيڪالي

ڏيو ۽ مقامي ماڻهو پرتي ڪري؟ "ڏک ٿيو ته چا اتر سنڌ جو حصو نه آهي. ايئن بحث چڙي پيو. هڪ دوست چيو ته يار هي ڪامريڊ (جلوس وارو) استعمال ٿي رهيو آهي ۽ هي ته پنجابي ملازمن جي نيڪاليءَ جو مطالبو ٿنا ڪن! ته اتي ئي هڪ ٻئي چيو ته "يار اهو اترادي ۽ لاڙي بلوچ سمات جو ٻج پليجي جو پوڪيل آهي؟ وڌيڪ اوهان وضاحت ڪريو؟

غلام فاروق ڏاهري جنرل سيڪريٽري سخي ڏاتار- ادبي ادارو

جواب: بيناسين ته ڪنهن همراه سچاڻي صلاح هنئي ته "چانهه پي وڃو." ٿوري دير کان پوءِ ڳچ ماڻهو اچي گڏ ٿيا ته هڪڙي همراه سوال پڇيو ته "ٻڌو. اٿم ته توهان اترادين جي سخت خلاف آهيو ۽ چئو ٿا ته اترادين کي لاڙ مان نيڪالي ڏيئي چڏيو بلڪ ختم ڪري چڏيو. اها ڳالهه ڪيتري قدر صحيح آهي؟ آءٌ سندس منهن ۾ نهاري سمجهي ويس ته همراه "هن" مخلوق مان آهي ۽ نهايت سنجيدگيءَ سان ڪيس چيم "هونئن تنهنجي ڳالهه صحيح آهي. پر ان جو اصل سبب اهو آهي ته اترادي مون کي ڏاڍا وٽندا آهن. ناشتي تي ٻه، ٻنپهرن جو ٽي، ۽ رات جو ماني تي چار اترادي کائڻ لاءِ نه ملن ته لنگهڻ ڪيڏو پوندو اٿم. هينئر ٻه ڪنهن اترادين جي ڳولا ۾ هتي آيو آهيان ۽ توکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. هاڻي ٻڌاءِ ته توکي هتي ئي ڪهي شيخ ڪري کائيندو هلان يا توکي ڪار جي ڊگيءَ ۾ وجهي اڳيان ڏوڪريءَ ۾ هلي سچي ڪري دوستن سان گڏجي کاوان." همراه سمجهي ويو ته هي مون کي سمجهي ويو آهي ۽ هن کي خبر آهي ته آءٌ ڪهڙي ڏنڈي سان ۽ ڪنهن جي ڏنڈي سان آهيان. ڦڪو ٿي ڪٽي ماڻ ڪيائين توهان پڙهيو هوندو ته جڏهن پٽي صاحب کي ڦاسي ڏنائون تڏهن سندس شهادت کان پوءِ سندس جسم جي تپاس ڪري ڏنائون ته طهر ٿيل اٿس يا نه، چو ته ضياءَ جي انٽيليجنس سچي ملڪ ۾ عام پروپئگنڊا ڪري چڏي هئي ته پٽو مسلمان ڪونهي. هندو آهي. ايتريقدر جو طهر ٻه ٿيل ڪونهيس. هٽلر مسلمان ملڪن ۾ ڪوڙي پروپئگنڊا ڪرائي ته هٽلر دراصل مسلمان آهي. هر جملو جمعي جي ڏينهن تي شروع ڪندو آهي." ماڻهن جي ڪردار ڪشي ڪندڙ ڪوڙي پروپئگنڊا هڪڙو وڌين "بلندين" تي پهتل گندو شيطاني ۽ ڪمينو فن آهي. بنگالي عورتن لاءِ پروپئگنڊا ٿيل هئي ته هو ماڻهن تي جادو ٿيون ڪن. ننڍي هوندي جي ڳالهه آهي ته منهنجو هڪڙو مامو ٽيليگراف ڪاتي ۾ لائين مين ٿي جيلپور يا ڪلڪتي طرف ٽريننگ لاءِ ويو. گهٽن ڏينهن کان پوءِ جڏهن موٽي آيو تڏهن ٻين پارن وانگر مون ٻه پڇيس ته "ماما هيترا ڏينهن ڪٿي هئين؟ ڏاڍا ڏينهن وڃي لاٿئي؟" ته چيائين، "ابا توکي خبر ڪانهي بنگالي رنن جي؟ هڪڙي بنگالي رن سان له پيچ ٿيو ٿو وڃيم. جڏهن موٽڻ جو

وقت ٽيو تڏهن مون چيو ته هاڻ موڪلاڻي آهي. تڏهن چيائين ته، "اڄ آخري ڏينهن آهي بيه ته تنهنجي مٿي مان جون ته ڪيڊي ونان." جون ڪيندي مٿي ۾ جهڙوڪ سئي ٽنبجي وئي! ڪٽي جو پاڻ ۾ نهاريان ته ابا! آءٌ ته آهيان ئي ڪونه! گهيٽو ٻيٽو آهي! ڇه مهينا رن گهيٽيو ڪريو بيهاريو ٻيٽي هيم. نيٺ هڪڙي ڏينهن چرڙ ويس ته هڙي فقير تي نظر پئي ويم. منهنجي ٻهڑاتن مان سمجهي ويو ته ڪهڙو لقاءُ آهي تنهن الله جي نالي واري قسم پڙهي ڪٽي ماٺهو ڪيم ۽ ڪن پٽيءَ تي رکيو بنا ٽڪيٽ ونيو ٽو گاڏيءَ ۾ ڪوٽ ڏانهن پڇان. ٽڪاءُ اڇي هتي ڪيم." ننڍي هوندي مائرن کان ٻڌندا هئاسين. ته شيعا چون ته "آڻ سڏي، چاڙهه ڪُني!" شيعن جي گهر ۾ هميشه هڪڙي ديگ چڙهي پئي گرم پاڻي سان ٽهڪندي آهي ۽ شيعا خدا کان سوال پيا گهرندا آهن ته "يا الله ڪو سني ٻار ڏيار ته ان کي ديگ ۾ هٽي رڌي کائون." ٻين فرقن وارا اسماعيلين جي ذهانت، علمي دسترس ۽ وپاري قابليت جو مقابلو ڪري نه سگهيا ته ونني پروپئگنڊا ڪرايائون ته خواجا ٽنڊا ۽ ڪافر آهن." جيڪا شيءِ مسلمانن سان وڪٽن ٽاڻ، ان ۾ ناف جا وار ۽ وهيو ڏين ٽا." ڪن زمانن تائين ڊاڪٽرن بابت ڳالهه ڦهلايل هئي ته ماٺهن کي سئي هڻيو، بيهوش ڪريو. سندس هنيون (دل) ڪڍيو وٽن! متان ڊاڪٽرن کي ويجها ويا آهيو." منهنجي خلاف زباني ۽ تحريري پروپئگنڊا ڦهلائڻ لاءِ راج مڙسن جا ڊيوٽي سان لڳايل آهن جن ويچارن محنتون ڪري منهنجي خلاف ڪيئي درجن ڪتاب چپائي ڇڏيا آهن، هڪڙي نر جي پٽ اهو انڪشاف ڪيو آهي ته "پليجو جڏهن 1976ع ۾ پٽي جي حڪومت ۾ ڪراچي سينٽرل جيل ۾ قيد هو تڏهن هن لاءِ هڪڙو اسپيشل جيل ٺهيل هو، جنهن ۾ سجو ڏينهن ٽي وي ويٽو ڏسندو هو. آءٌ ۽ روز وٽس ويٽو ٽي وي ڏسندو هو!" هي ان زماني بابت "انڪشاف" آهن، جڏهن راج مڙسن جا مون سان گڏ جيل ۾ هئا. مون سان گڏ طارق اشرف، شاهنور جوٽيجو، آريسر، منشيءَ ٻيا راج مڙسن جا هئا، پر همراه هڙا هڙيءَ، اسپيشل جيل ۽ ٽي وي ايجاد ڪري وري ۽ جيل ۾ پاڻ کي ۽ آڻي مون واري ڪوٺڙيءَ ۾ ٽي وي ڏيکاريائين! مطلب ته ٽورڙي منهن جي پڪائي ۽ بيحيائي هجي ته سڀ ڪم ٽي سگهن ٽا. تنهن ڏينهن هڪڙي چوڪريءَ مون کي فون تي پچيو ته "مون ٻڌو آهي ته توهان سان جيڪو ڳالهائي ٽو سو چريو ٽيو پوي ۽ پوءِ جيئن توهان چئوس ٽا تيئن ٽو ڪري؟" مون چيس ته "ڳالهه ته سچي اهي، پر توکي ڪيئن خبر پئي!" چيائين ته، "مون کي ته اها خبر آهي ته توهان ان جي ٽريننگ آمريڪا مان ونني آيا آهيو." مون چيو ته "خير اهو ته ٽيو، پر مون کي چيو هئائون وڌيڪ ٽريننگ لاءِ موٽي ٻيهر موٽي اچجانءِ. اها مون خلاف زهريلي،

نسوري ڪوڙي پروپئگنڊا ڪيئن ڪجي ۽ برن ڪي باهيون ڪيئن ڏجن، تنهن فن جو هڪڙو بين الاقوامي لبول جو ماهر خير سان سنڌ ۾ به موجود آهي. اڳئين دفعي لاهور جو هڪڙو واقف دانشور وڪيل هڪڙي سيمينار جي سلسلي ۾ ڪراچي آيو ته ڳالهين تان ڳالهيون ڪندي مون کي هڪڙي ڳاله ياد پئي. سو پچيومانس، "پڌو اٿم ته توهان جي پيٽ سنڌ ۾ اچي فلاٽي کي چئي ويئي آهي ته پليجو ڪوٽ لکپت جيل ۾ هو تڏهن منهنجي پاءُ جي گهر اسان سندس پنجاب جي گورنر جنرل جيلانيءَ سان ملاقات ڪرائي ٻنهي کي ٽاهي چڏيو هو. تنهن جي ڪري پليجي تي پروسو متان ڪريو!" ڪي منٽ ٽپيءَ ۾ پئجي ويو. مون پچيومانس، "خير ته آهي؟ ڪهڙي اونهي ويچار ۾ پئجي ويا؟" چيائين، "سوچيان ٿو ته ايڏي ساري ماٺوءَ اهڙو پير پڏي ڪوڙ چو ۽ ڪهڙي لاچار هيٺ ڪيو؟" گهڙي ڪن رکي چيائين، "دراصل اصل مزيدار ڳاله اها آهي ته مون کي دنيا ۾ ڪا پيٽ آهي ئي ڪانه، ڪڏهن هئي ئي ڪانه!

پروپئگنڊا وقت سان گڏ بدلجندي رهندي آهي. هڪڙي زماني ۾ ايجنسين جي اڪابرن اها پروپئگنڊا هلائي ته پليجو ڳجه ڳوهه ۾ پٽي سان ٽهي ويو آهي ۽ پٽي مالامال ڪري چڏيو اٿس. هڪڙي ڏينهن هڪڙي بليڪ ميلر وڏي جاه جلال سان اهو سُر ڪنيو. "سائين ماٺو چون ٿا ته پليجي صاحب کي پٽي مالامال ڪري چڏيو آهي." مون ڏکويل منهن، رازدارانه شڪايتي انداز ۾ چيومانس، "يار هڪڙو مالامال ڪيو اٿس؟ اڄ ڪير ٿو ڪنهن کي بنا فائدي مالامال ڪري؟ اهي مڙس ئي ويا! هيترو پٽي صاحب جو ڪم ڪيو اٿئون ته به رقم ڏيٽي ڪيائين فقط هڪڙو ڪروڙ ۽ ان جو وڏو اڌ اڃا مليو ئي ڪانهي. وارو ڪر مون سان گڏجي پٽي وٽ هل ۽ منهنجي سفارش هلي ڪر ته باقي رهيل ست لک رپيا مون کي ڏيئي." همراه جو منهن نندڙو ٿي ويو.

ايجاد پسند ماٺهو هر ڪنهن کي وٽندا آهن. اسان ڪالاباغ ڊيم خلاف جدوجهد هلائي ته ماٺهن کي ٻڌايائون ته، "ڪالاباغ ڊئم جو ٽيڪو پليجي وٽ آهي." "ڪاڪوڙي همدردي جو ڏيڪ ڏيندوي ان فشريءَ کي ورجائي، ان کي بليڪ ميل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ته مون چيس، ته ڪالاباغ جي ٽيڪي ۾ چا رکيو آهي؟ هن ملڪ جي ٽيڪن چا رکيو آهي. وڏ ۾ وڏ نفعو ٿئي ته به به ٽي ڪروڙ اصل نفعو آهي. يورپ ۽ آمريڪا جي ٽيڪن ۾. اسان وٽ جيڪي به ٽي اپرا سپرا ٽيڪا سٽرلينڊ، آمريڪا ۽ هالينڊ ۾ آهن. لڳا ته اهي ئي گنج آهن. به ٽي ارب ڊالر نفعو ٿيو ته به پنهنجي لاءِ ڪوڙ، پاڻ کي اجائي هيچ ڪانهي." همراه واري اهو سُر ڪونه ڪنيو پر سال

هڪڙي همراه ٽيڪن جس سَ ڪنيو. مون چيو، "ابا ٽيڪن سميت منهنجا سڄي دنيا وارا ڪاروبار ۽ ٽيڪا مال ملڪيتون آيون تون غريب اپري پاڻ کي، تون جا ٻجا سکي ته ڇڻ منهنجا ٻچا سکي ٿيا." همراه گولي ٿي ويو.

پروپئگنڊا جي فن بابت هڪڙي ڪتاب مون کي متاثر ڪيو ان جو نالو آهي "Strategic Military Deception" "اسٽريٽيجڪ ملٽري ڊسيپشن" "اعليٰ ترين سطح جو فوجي دوکو." جنهن مخالف سان هونئن نه پهچي سگهجي، تنهن کي ڪوڙي زهريلي پروپئگنڊا ذريعي ڪيئن تباه و برباد ڪري ڪائنس ميدان ڪيئن خالي ڪرائجي، تنهن بابت هن ڪان وڌيڪ خطرناڪ ڪتاب مون کي ڪونه سمجهي. اهو ڪتاب "Donald. C. Daniel" ۽ ڪيٽرائن ايل هر بل جو ايڊٽ ڪيل آهي ۽ فوجي بڪ ڪلب پاران فيروز سنز لاهور 1985ع ۾ چپايو آهي. منجهس نڱي، فريب ۽ دوکي جي نظريي، سائنس ۽ فن بابت عالمانه ۽ محققانه روشني وڏل آهي ۽ مثالن سان هدايتون ڏنل آهن. ڪنهن وقت ان جي ڪجه ٽڪرن جي اوهان کي خوشبو ونائيي. آخر ۾ اهو ٻڌائيندو هلجي ته جيڪي ماڻهو اهڙا ڏڏي جا سوال پڇندا آهن، انهن جي گوشت مان پچايل شيخ ڪباب مون کي ڏاڍا وٽندا آهن.

سوال: سائين منهنجي ذات ابڙو پاڙو جکرو آهي. پر کي ماڻهو مون کي چوندا آهن ته ابڙا قوم پروچ آهن. کي وري چون ٿا ته ابڙا مگسي قوم جا وڏا پائر آهن، ان ڪري بلوچ آهن. کي چون ٿا ته توهين اصلي سنڌي آهيو؟

محمد صديق ابڙو - شهدادڪوٽ - ضلع لاڙڪاڻو

جواب: ابڙا سمات جو حصو آهن ۽ سمات لاءِ سمجهيو وڃي ٿو ته هو راجپوت آهن. ابڙا گهٽو ڪري ڪڇ ۽ سنڌ جي اوپر وارن علائقن مان آيا هئا. ابڙن کي بلوچ يا مگسي سمجهڻ صحيح نه ٿيندو.

سوال: سائنس چوي ٿي ته انسان ڏاڪي ۽ ڏاڪي جانورن مان انساني حالت کي رسيو آهي. اهي ڏاڪا ڪهڙا آهن؟

رضيه بلوچ - سنڌ يونيورسٽي

جواب: سائنس سيکاري ٿي ته جن جانور مان گهٽو گهٽو اڳتي هلي انسان پيدا ٿيا، انهن جو چڙ ته هڪڙو بابو آدم آفريڪا جي فيوم علائقي ۾ پيدا ٿيو ان وقت کان ساڌا ڇهه ڪروڙ سال پوءِ ۽ اڄ کان ۽ ڪروڙ سال اڳ انسان بنجڻ طرفان لاڙو رکندڙ جانورن جو امڪاني بابو آدم جنهن تي نالو رکيو اٿن. "پرو قانصل" يا نائب سلطنت يا وائسراءِ اهو پيدا ٿيو ۽ اڳتي هلي گم ٿي

ويو، "آسٽريليو پيٿيڪس" اڳتي هلي اهو نسل به گم ٿي ويو. ان کاناٽکل سورنهن لک سال پوءِ اڄ کان اٽڪل ايڪوويه لک سال اڳ پٿر جا اوزار ٺاهيندڙ انسان سان ڪجھ مشابهت رکندڙ باندر "هومو هيبيلس" پيدا ٿيو. اٺ لک سال اڳي اهو نسل به ختم ٿي ويو. سورنهن لک سال اڳي باندرن جو اهو پهريون نسل پيدا ٿيو. جيڪو انسان جهڙو هو ۽ جيڪو سڌو بيهي هلندو هو اهو به لک سال اڳ ختم ٿي ويو. ان کان يارنهن لک سال پوءِ پهريون عقلمند انسان پيدا ٿيو. اهو آفريڪا ۾ رهندو هو. پر 30 هزار ورهيه اڳي اهو به ايئن ختم ٿي ويو جو ان جو نالو نشان ئي نه رهيو. ان کي قديم هوموسئپينس سڌيو ويندو آهي. اڄ کان اٽڪل هڪ لک سال اڳي، شڪل صورت ۾ اڄوڪي انسان جهڙو قديم انسان پيدا ٿيو. جنهن کي "نيئينڊرٽل انسان" سڏين ٿا. جيڪو يورپ ۾ رهيو ۽ اڄ کان 35 هزار سال اڳ اهو نسل ختم ٿي ويو. ان ڏاڪي به ڏاڪي واڌاري کان پوءِ قديم عقلمند انسان هوموسيپينس آفريڪا ۾ ئي پيدا ٿيو ۽ سڄي دنيا ۾ ڦهلجي ويو. 40 هزار سال اڳ نيئينڊرٽل نسل ختم ٿي ويو، تان جو هاڻوڪو انسان نسل پيدا ٿيو.

سوال: اسان "Ancient civilizations" (قديم تهذيب) مان آهيو، اسان جي "Indus Civilization" (سنڌو هڪ ماٿري جي تهذيب) سڀني "Civilization" (تهذيبن) کان اڳتي هئي. هن وقت اسان سڀني کان پٺتي آهيون. مثال طور "Egyption, Chinese" ۽ "Mesopotorion" (چيني، مصري ۽ عراقي تهذيبون) پاڻ پريون آهن. "The Renaissance" يورپ جي تهذيبي نئين زندگيءَ کان پوءِ "Roman and grieek" (رومي يوناني) تهذيبن جي "Ruins" (کنڊرن) تي هڪ نئين "Civilization" (تهذيب) مادرن يورپ جي روپ ۾ جنم وٺي چڪي آهي. جنهن جو هڪ ڪارڻ تاريخدان انهن "Antiquitier" (قديم آثارن) کي ٺهرائين ٿا. جيڪي قديم يورپي چڏي ويا هئا. خود "The Renaissance" (تهذيبي نئين زندگي) جو ڪارڻ به آهي. "Antiquities" (قديم آثار) آهن جن يورپين ۾ نئون روح پيدا ڪيو. منهنجو سوال آهي ته اسان ماڻهو پنهنجي "Antiquities remains" (قديم آثارن) مان سکي ڪري هڪ دفعو "Renaissance" (تهذيبي ٻئي زندگي) چو نه ٿا ڪريون؟

منظور چانڊيو، شعبه تاريخ، قائداعظم يونيورسٽي- اسلام آباد

جواب: هن سلسلي ۾ پهرياٽين به ٽي ڳالهيون سمجھڻيون آهن. پهرين ڳاله ته اسان جي سنڌو ماٿري جي تهذيب سڀني ڳالهين ۾ "سڀني تهذيبن کان اڳتي" ڪانه هئي. جيڪي حقيقتون رڪارڊ تي موجود آهن تن مان اسان جي تهذيب جي بين تهذيبن تي برتري فقط سھڻي ۽ سائنسي اڌاوت وارو شهر ٺاهڻ

تائين تسليم ٿيل آهي. پي ڳالھ ته هر تهذيب جا قديم آثار ايترا طاقتور ۽ ايترا ڪافي نٿا ٿين جو اهي ان تهذيب جي جاءِ تي هڪڙي "تهذيب نئين زندگي" يا "Renaissance" کي جنم ڏيئي سگھن. ٽين ڳالھ ته مٽين سبن جي ڪري هر قديم تهذيب نئين سر جنم نه ٿي ونڊي سگھي. شروعات ٽين ڳالھ کان ٿا ڪريون. دنيا جي پهرين ثقافت ڪرومئگنان نسل جي ماڻهن جي ثقافت آهي جيڪا اٽڪل چار سو ويھ صديون اڳ يا پائيتاليھ هزار سال اڳ قائم ٿي. ان کي آرگنيشن ثقافت سڏيو وڃي ٿو. اها ثقافت اٽڪل 22 هزار سال قائم رهي پوءِ ختم ٿي وئي. ان کان پوءِ اٽڪل ٻہ سؤ صديون يا ويھ هزار سال اڳ پهرئين سوليو ترين ثقافت ۽ ان جي پويان مئگدبلنين ثقافت وجود ۾ آيون جن قدم پٽر جي دور جي فن کي بلندين تي رسايو. اٽڪل 60 صديون اڳ يا ڇھ هزار سال اڳ سميريائي تهذيب وجود ۾ آئي ۽ ان جي پرسان ۽ پنڌيان مصري، بابلي، اسيريائي، ايراني، ميسنيائي، چيني، موهن جو دڙي ۽ هڙاپا، اوگارت، ڪريٽ وغيره ثقافتون وجود ۾ آيون. اٽڪل اناويھ ٽيھ صديون اڳ هاڪاري يوناني تهذيب شروع ٿئي ٿي ۽ ان جي پويان اٽڪل پنجويھ صديون اڳ رومي ريپبلڪ جو بنياد پيو. انهن مان اڪثر ثقافتن ۽ تهذيبن جو اڄ نالو نشان ۽ ڪونہ رهيو آهي. انهن کي سندن قديم آثارن جي بنياد تي ڪا نئين زندگي ڪا نہ ملي آهي. جن تهذيبن جا آثار مليا آهن ۽ موجود آهن تن ۾ سميريائي، مصري، بابلي، اسيريائي، يوناني، رومي ۽ ٻيون شامل آهن. انهن تهذيبن جون ڪافي لکتون ٻہ مليون آهن. انهن جي پوئي سمجهي ويئي آهي ۽ لکتن جو مقدار ٻہ ڪافي آهي. انهن مان اڪثر لکتون ساڻئي وقت هڪ ڪان وڌيڪ پولين ۾ آهن. اسان واري موڻ جي دڙي جي لکت ڪمار ٿورڙي، تمام مختصر ۽ فقط هڪڙي اهڙي پولي ۾ آهي جنهن کي ايجان دنيا ۾ ڪوبہ سمجهي ڪونہ سگھيو آهي. جڏهن ان کي سمجهيو ويندو تڏهن موڻ جي دڙي بابت ڪيترين اهم ڳالهيون سمجھ ۾ ايندينہ. پر هڪڙي ڳالھ اڄ ٻہ پڌري آهي تہ موڻ جي دڙي جي تهذيب، سوچ، سمجھ، علم، ادب، درامہ، شاعري، فلسفي، قانون ۽ سائنس وغيره جو اهڙو ڪوبہ اٽاھ ذخيرو ڪونہ ڇڏيو آهي. جهڙو يونان ۽ روم پيدا ڪيو. ان ڪري ان تهذيب کي جيڪڏهن اهڙو ڪو زبردست وارث ٻہ ملي وڃي ها جهڙو يونان ۽ روم جي تهذيبن کي مليو يعني سمورو يورپ تہ ٻہ اهو ان تهذيبي ورثي جي زور تي ڪا وڏي تهذيبي نئين زندگي حاصل ڪري نہ سگھي ها جهڙي يورپ وارن ڪئي. ان ڪري اسان جي تهذيبي نئين زندگي جو بنياد فقط سندن ماٹري جي قديم تهذيب تي نہ پر اڄ تائين روءِ زمين تي اولھ توڙي اوپر ۾، قديم زماني توڙي جديد ترين دور ۾ جيڪي ٻہ عالمي ثقافت، تهذيبي سرمايو گڏ ٿيو آهي

تنهن تي رکي سگهجي ٿو ۽ رکڻ گهجي. يونان جي تهذيب هزارن سالن بعد ۾ بي مثال آهي. حالانڪ يونان چين، هندستان يا روس جيڏو وڏو ملڪ يا وڏي اقتصادي يا فوجي قوت نه هو. جيڪڏهن اسين همت ڪريون، سکون، پروڙيون، لوچيون ۽ لهون ته اسان جي ترقي جي پهچ آسمانن تائين ٿي سگهي ٿي.

سوالي صوفي دنيا کي ترڪ ڪري رڳو عبادتون ۽ رياضتون پيا ڪندا هئا ته پوءِ ماڻهو سندن هيڏي تعريف چا جي لاءِ ٿا ڪن؟ سندن دنيا کي ترڪ ڪرڻ واري تعليم ته پاڻ ظالمن کي ميدان مقابلي کان خالي ڪري ڏنو ته خلق سجدن ۾ پئي هجي ۽ ظالم پلي جيئن وٽين تيئن پيا ملڪ پيلين ۽ برباد ڪن؟ اهڙي ڳالهه مان فائدو؟

جواب: صوفين جي اها جيڪا تبليغ هئي ته دنيا فاني آهي ۽ مال دولت، جاه و جلال بي حقيقت آهي سا ڳالهه ان دور جي حالتن ۾ هڪڙي حد تائين روشن خيال ترقي پسند هئي، جنهن دور ۾ دنيا جي معنيٰ هجي ڦورو ۽ ظالم طبقن جي بالادستي ۽ ڏاڍ ڏمر واري دنيا، جنهن دنيا ۾ ماڻهن جي دلين تي دولتمند ۽ زوراور ماڻهن ۽ طبقن جو اٿاه رعب تاب هجي، جنهن دنيا ۾ ماڻهو ڏاڍي کي خدا ڪري پوڄيندا هجن ۽ اهو سمجهندا هجن ته ماڻهو ته هي ٻيو سپ اڇايو. تنهن دنيا بابت ماڻهن کي ايئن چوڻ ته دنيا ڪوڙي آهي، نظر جو فريب آهي، پاڻي تي ڦوٽو آهي، گند جو ڍير آهي وغيره تنهن ڳالهه ڦورو ۽ ظالم فردن ۽ حاڪم طبقن تي اڪثر چڪن ماڻهن کي ٻڌڻ ۾ مبتلا ٿي ڪيو، حاڪم طبقن جي خود اعتمادي، آڪڙبازي ۽ لڙ کي ڪُڪو ٿي ڪيو، عوام کي انهن جي هر ڳالهه ۾ ساڻ ڏيڻ کان روڪيو ٿي، پر جي سڀائين رڳو اها ڳالهه ئي پيش ڪبي ته دنيا فاني آهي، ڪوري آهي ۽ دني اکي تباه ڪندڙن کي منهن ڏيڻ لاءِ نه پاڻ سوچجي نه ٻين کي سوچڻ ڏجي ته ان منزل تي رسي اها ڳالهه ترقي پسند ڳالهه مان ڦري ترقي مخالف ڳالهه ٿي پوي ٿي. بهرحال سپ صوفي رڳو عبادتن پويان ڪونه هئا. ڪن جي تعليم خدا ٻڌجي ويڻل انسانن جي تسلط جو تختو اونڌو ڪرڻ واري به هئي. مثلا شيخ عبدالقادر جيلاني جنهن کي بادشاه پير، پيران پير دستگير به سڏيندا آهن. تنهن جهڙن صوفين پنهنجي دور جي دنيا پرست عالمن ۽ زاهدن خلاف هن باه جهڙن لفظن سان بغاوت جو جهنڊو بلند ٿي ڪيو: "اي علم ۽ عمل ۾ خيانت ڪرڻ واروئ! اي الله ۽ ان جي رسول صه جا دشمنؤ! اي خدا جي بندن جي حقن تي ڏاڙا هڻندڙ رهزن ڏاڙيلؤ! توهين ڪليل ظلم ڪرڻ ۽ نفاق وجهڻ ۾ مبتلا آهيو. اهو نفاق ڪيستائين رهندو؟ اي عالمؤ! اي زاهدؤ! توهان بادشاهن ۽ سلطانن کان دولتون حاصل ڪرڻ ۽ دنيا جا مزا ماڻڻ جي لالچ ۽ حرص ۾ ڪيستائين منافق بڻيا

رهندا؟ توهان جيڪي بادشاه آهيو تن مان گهٽا هن زماني ۾ الله پاڪ جي مال ۽ سندس بندن بابت ظلم ۽ امانتن ۾ خيانتون پيا ڪريو. اي اسان جا رب! منافقن جو شان ۽ دٻدٻو تباهه ڪري ڇڏ، انهن کي ذليل فرمائي، ظالمن جا قهري ڪوٽ ڊاهي ڇڏ ۽ زمين کي انهن جي ناپاڪ وجود کان پاڪ ڪري ڇڏ. جناب رسول الله ﷺ جي دين جون ديوارون هڪ هڪ ٽي ڪري رهيو آهن ۽ انهن جي پيڙهه کاڄي پٽ پئجي رهي آهي. اي زمين تي رهندڙ انسانو! اچو جيڪي ڪري پيو آهي ان کي مضبوط ڪري ڇڏيو ۽ جيڪو ڊهي پيو آهي ان کي وري اڏيون. هي ڪم هڪڙي ماڻهو جي پوري ڪرڻ جو ناهي سڀني کي گڏجي اهو ڪم ڪرڻ گهرجي. اي سڄ! اي چنبڙ! ۽ ڏينهن! توهان سڀ اچو ۽ اچي هن مقدس ڪم ۾ هٿ وٺايو.“

سوال: سنڌ جي اديبن جو خيال آهي ته سنڌي ڪهاڻي جمود جو شڪار ٿي چڪي آهي ۽ توهان ان جو انڪار ڪيو ٿا. جيڪڏهن سنڌي ڪهاڻي جمود جو شڪار نه ٿي آهي ته مهرباني ڪري اهو ٻڌائيندا ته ڪهڙا سنڌي اديب هن وقت شاهڪار ڪهاڻيون لکي رهيا آهن؟

پيرابو شاهه- ميرپور بٹورو

جواب: توهان جو خيال صحيح ناهي. آءٌ ايئن ڪونه ٿو چوان ته سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جمود ڪونهي. هڪ حد تائين آهي ۽ ٻئي پاسي کي ڇڪيون ڪهاڻيون لکجن ٻ پيون. هن وقت ڪهڙا سنڌي اديب شاهڪار ڪهاڻيون لکن ٿا اهو چوڻ مون لاءِ في الحال ڏکيو آهي. ڇاڪاڻجو آءٌ ايڏا ڪهاڻيون پڙهان پيو. مصيبت هيءَ آهي ته سنڌي ادب ۾ هڪڙو لاڙو اهو ٻ صاف نظر پيو اچي ته ڪي لکندڙ ان خيال جا ٿا ڏسجن ته لکڻي جيتري توائي ۽ بي مقصد، جيتري غلط پوليءَ ۾ لکيل ۽ جيتري بور ڪندڙ هوندي اوتري اها بلند معيار واري ٽي ويندي. ڪافي وقت کان ايئن ٿو لڳي جڙ پڙهندڙن کي وڌ ۾ وڌ بور ڪرڻ هڪڙو وڏو ادبي ڪارنامو ۽ ڪامل هجي. بنا ڪنهن حقيقي پلاٽ جي، بنا ڪنهن گهري ۽ وزندار مقصد جي سڪٽي آڪربازي ۽ هاءِ گهوڙا ڪرڻ جو لاڙوڪافي ويل آهي. ان ڪري سنڌي ادب جو نئين سر جائزو ونڊو پوندو. ادب جا صحيح قدر نئين سر طئي ڪرڻا پوندا. يورپ تي چانيل سرمائيدار سامراجي نظام جي ثقافتي، ادب ۽ فني قدرن جي اڌي ۽ جاهلانا نقاليءَ بابت جيڪو جٽاٽو رويو آهي. تنهن کان بلند ٿيڻو پوندو. ان لاءِ علمي، جمالياتي ۽ تنقيدي حوالي سان ڪافي ڄاڻ حاصل ڪرڻي پوندي ۽ سمجھ پرائڻي پوندي ۽ عوام کي ان باري ۾ تعليم ڏيڻي پوندي. ان کان پوءِ ئي سنڌي افساني تان وللي واويلائي لاڙن جو رجعت پرست اثر گهٽبو. سڀ کان وڏي ڳاله ته شين ۽

ڳالهين جو هڪ ٻئي تي دارومدار ٿئي ٿو ۽ اهي هڪٻئي ۾ پينڊل ۽ سمايل هوندیون آهن. سنڌي افساني اڳيان هن وقت ڪي اهڙا عظيم ۽ شاندار فني، جمالياتي، ثقافتي ۽ سماجي مقصد ڪونهن جيڪي ڪيس ذاتي ۽ سماجي احساسن، همدردين، چاهتن، دردن ۽ آدرشن جي اها روشني ۽ گرمي بخشين جن کان سواءِ عظيم فن تخليق نه ٿي سگهندو آهي، ڪنهن لکت کي شاعري يا ڪهاڻي سڏڻ سا اها سچي پچي شاعري يا ڪهاڻي ڪانه ٿي بنجي پوي.

نه هر ڪه طرف ڪله کج نهاد وتند نشس
ڪلاه داري آئين سروري داند
هزار نکته باريکتر ز موست است اينجا
نه هر ڪوه سو وتر اشد قلندر داند (حافظ)

(جنهن به ٽوپي ٽنڊ تي رکي ۽ آڪڙجي ويهي رهيو سو سرداريءَ ۽ بادشاهت جي لائق نه ٿي پيو! (تصوف ۽ قلندريءَ جي) معاملن ۾ زارين وارن کان به سنهڙا نقطا آهن. جنهن به مٿو ڪوڙايو سو قلند ڪونه ٿي پيو!)

سماجي سوچ ۽ سمجهه، علم ۽ ثقافت، فڪر ۽ نظريه کي اها بنيادي ڪوٽ پوري ڪرڻي پوندي.

سوال: موجوده پ پ جي حڪومت کي هڪ سؤ ڏينهن کان به مٿي جو عرصو گذري چڪو آهي پر انهيءَ عرصي دوران نوڪرين جي مٿان بندش ۽ بيروزگاريءَ ۾ وڌارو، سرڪاري ملازمن جون پگهارون ڪٽڻ ۽ گهٽن ملازمن جون پگهارون بند لڳيون پيون آهن. جنهن ڪري ماڻهو سخت پريشان آهن. حڪومت انهيءَ جو سبب اهو ٿي ڏيئي ته پاڪستان اقتصادي بحران جو شڪار آهي ۽ خزانو خالي لڳو پيو آهي. جڏهن ته ٻئي طرف کان مرتضيٰ پٽو جي چوڻ مطابق ته وزير صلاحڪار پنهنجو من پسند ماڻهن کي نوازي رهيا آهن ۽ هوڏانهن مخالف ڏر جي اڳواڻ نواز شريف جي پڙ ساڳي دعويٰ آهي ته سرحد حڪومت جي خلاف عدم اعتماد جي رٽ تي ميمبرن کي ڪروڙها رپين ۾ خريد ڪيو پيو وڃي ۽ هونئن به ڏٺو وڃي ٿو ته حڪومت سڳوريءَ جا وزير ۽ مشير پنهنجن پروگرامن تي هزارين رپيا خرچ ڪري رهيا آهن ۽ اوهان پنهنجي تقريرن ۾ چؤ ٿا ته هن حڪومت کي پنج سال پورا ڪرڻ ڏنا وڃن جيڪڏهن حڪومت جي اها حالت رهي ته پوءِ عوام جو ڪهڙو حال رهندو؟ مهرباني ڪري وضاحت سان جواب ڏيندا؟

غلام علي بلوچ واهي پانڌي- ڪاڇو

جواب: آءٌ ايئن ڪونه ٿو چوان ته رڳو هن حڪومت کي پنج سال پورا ڪرڻ ڏنا وغن. مون چيو ته جيڪا به سياسي پارٽي ڏانڊليءَ کان سواءِ چونڊجي اچي،

چاهي اها توهان کي ۽ مون کي وٽي يا نہ وٽي پر ان کي پنهنجو وقت پورو ڪرڻ ڏنو ويجي تہ جيئن جمهوريت جو سلسلو قائم رهي ۽ هتي ڪنهن بہ قسم جي آمرانا حڪومت قئم نہ ٿئي. باقي جيڪي شڪايتون هن حڪومت جي باري ۾ آهن اهي شڪايتون ڪرڻ ۾ اوهان اڪيلا نہ آهيو، گهٽن ماڻهن کي ساڳيون شڪايتون آهن ۽ اهي شڪايتون حڪومت جي باري ۾ نيون بہ ڪونهن. پاڪستان جي سمورين حڪومتن جي وزيرن ۽ مشيرن بابت ساڳئي قسم جون شڪايتون آهن. اهو هڪڙو سڄو نظام آهي. اصل ڪوڙيءَ کي گهمرو آهي ۽ جيستائين هن ملڪ جا ماڻهو حقيقي ۽ عوامي جمهوريت جي قيام لاءِ پنهنجي جدوجهد اڳي کان اڳري نموني نئين سر جاري نہ رکندا تيستائين هي ڪم ايئن ئي هلندو رهندو. هتي هيءَ ڳالھ نوٽ ڪرڻ ڪپي تہ جمهوريت جي بحالي جي جدوجهد ايجا مڪمل نہ ٿي آهي، جمهوريت فقط جزوي ۽ سطحي طرح بحال ٿي آهي. جمهوريت جو وڏو ۽ بنيادي حصو ايجا قائم ئي نہ ٿيو آهي. ايجا تائين ملڪ تي ڪنهن نہ ڪنهن فرد يا گروه يا طبقي جي آمريت آهي. آمريت آمريت آهي چاهي اها فرد جي هجي، گروه جي هجي يا طبقي جي هجي. هن وقت اسان جي مٿان جاگيردار ۽ سرمائيدار طبقن جي آمريت آهي ۽ اها آمريت پنهنجا ڪرتب ڏيکاري رهي آهي. چاهي ملڪ جو سربراه يا وزيراعظم ڪير بہ هجي پر اصل اقتدار وڏيرن ۽ سرمائيدارن ۽ انهن جي چمچن جو آهي. ان صورتحال کي بدلائڻ لاءِ قانون جي بالادستي، انساني حقن، سماجي برابري ۽ انصاف ۽ حقيقي قومي عوامي جمهوريت لاءِ جدوجهد کي عوامي انداز سان عوامي سطح تي وڌيڪ وسيع گهرو ۽ تيز تر ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سوال: توهان ايترا ڏينهن خاموش هئا، مثال چاهر جي دؤر، مظفر شاه جي دؤر ۾ خاموش هئا ۽ ڊاڪٽر قادر جي آزاديءَ کان پوءِ ايترا سرگرم ڇو ٿي ويا آهيو؟

ضمير لغاري

جواب: توهان کي ڪنهن ٻڌايو تہ چاهر جي دؤر ۾ اسين خاموش هئاسون ۽ هاڻي سرگرم ٿيا آهيون؟ چاهر دؤر تہ بلڪل هاڻي آيو آهي اسين تہ اوبب جي دؤر کان ونہ سرگرم آهيون هر دؤر ۾، هر سال ۾، هر مهيني ۾ ۽ هر هفتي ۾ پنهنجي سمجهہ، سرت، پهچ ۽ حالتن آهر سپ کان وڌيڪ سرگرم رهندا پيا اچون پنهنجي سڌ ۾ سياست جي صحيح تاريخ رکڻ جو دستور ڪونهي. جيڪي اخباري سرخين ۾ گهٽو ۽ وڏي سڌ ڳالهائين ٿا، سمجهيو ويجي ٿو تہ انهن وڏيون تلوارون هنيون آهن. ايئن نہ آهي، توهان جيڪڏهن گذريل پاڻ

صدي جون اخبارون پڑهي ڏسندؤ ۽ رکارڊ ڏسندؤ ته توهان کي معلوم ٿي ويندو ته سنڌ جي اٺ لک ايکڙ زمين جو نيلام بند ڪرائڻ لاءِ ڪنهن "نيلام بند ڪريو جدوجهد" هلائي هئي. "لسٽون سنڌي ۾ ڇپايو" جي نالي جيڪا سنڌي پولي جي حقن جي جدوجهد هئي ان ۾ سرگرم ترين حصو ڪنهن ادا ڪيو هو. "ظلم بند ڪريو" ۽ ٻيون انيڪ تحريوڪن ڪنهن هلايون هيون. 83 جي جدوجهد جي پهرين صف ۾ ڪير وڙهيا هئا، بلڪ ضياءَ جي قهري دؤر جي شروعات ۾ جڏهن ذري گهٽ سڄي دنيا خاموش ٿي وئي هئي. تڏهن "ڪڙيو گنهور ڪانفرنس" ڪري پهريون دفعو لکن جي تعداد ۾ ماڻهو گڏ ڪري ضياءَ شاهي جي آمريت کي ڪنهن ايئن چئلينج ڪيو هو جو امن اخبار لکيو هو ته "تين لاکه آدمي ٿي" ۽ ٻين اخبارن لکيو هو ته "اسي هزار لوگ ٿي." مطلب ڳالهجو ته اسين اڄ سرگرم ڪونه ٿيا آهيون، اسين پهرين ڏينهن کان وٺي سرگرم آهيون ۽ انشاءَ الله هميشه سرگرم رهنداسون ۽ سوءِ نمائشي طرح نه حقيقي طرح.

سوال: عزيز سلام بخاري ڪير هو ۽ سندس سنڌ جي سياست ۾ ڪيترو ڪردار رهيو آهي؟

جاويد راڄپر- نوشهروفيروز

جواب: هو هڪڙو هندستان مان لڏي آيل اردو ڳالهائيندڙ عوامي سياسي ڪارڪن هو. هو پنهنجي سمجه مطابق هڪڙو مارڪس، لينن ۽ مائوزي تونگ جي انقلابي فڪر جو پوئلڳ انقلابي تنظيم ڪار هو. هن جي ڄاڻ ۽ سمجه ايڏي گهري ۽ وسيع ڪانه هئي. جيڏي ان وڏي ڪم لاءِ گهربل هئي. هن پاڻ کي اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن جي تاريخي سوچن، روين ۽ تعصبن جي دائري کان آزاد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. ڪيس ان ۾ ڪاميابي هڪ حد تائين حاصل ٿي. سندس ڪي سوچون ۽ ڪم جا ڏنگ لڪير جي فقيريءَ وارا هئا. هن سنڌي هارين تي ڪيئن ناڪام تجربا ڪيا. پنهنجي سمجه ۾ روبي جي دائري اندر هو هڪڙو بي مثال، يگانو ۽ بي بها جاکوڙي انقلابي هو، هن پاڻ کي سنڌي هاري عوام سان گڏ هڪ ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي تمام گهڻي تعليم تربيت ۽ حوصلا ڏنائين سڄي عمر روپوش رهيو سڄي عمر عوام کي سرگرم ڪرڻ ۾ رڌل رهيو. ڪڏهن ب پاڻ وارن سنڌي "عظيم انقلابين" ۽ "مها دانشورن" وانگر پاڙيو ڪونه ٿيو. هٿيار ڪونه ڦٽا ڪيائين، بان ڪانه ڪيائين توڙ تائين مڙس ماڻهو رهيو، هن جا سنڌ جي انقلابي تحريڪ تي خاص ڪري هاري تحريڪ تي وڏا ۽ جٽادار اثر ۽ احسان آهن هن جو مثال زمانن تائين سڄن مڙس ماڻهن کي اتساهيندو رهندو.

سوال: سائين مان تمام گھٽو حسن پرست آهيان ايتريقدر جو مان حسن کي ڏسي ڪنبڻ لڳندو آهيان. خاص ڪري منهنجا هٿ ڏاڍا ڏکندا آهن. مان هڪ معمولي ڪلارڪ آهيان ڪائونٽر تي. جڏهن منهنجي سامهون ڪو اهڙو ماڻهو ايندو آهي جيڪو حسين هجي (جنهن ۾ عمر جو ڪوبہ قيد نہ آهي) تہ مان عجيب ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهيان ۽ ان وقت منهنجي صرف اها خواهش هوندي آهي تہ..... ۽ اهڙي حسن واري ماڻهوءَ کي ڏسڻ شرط صرف چند سيڪنڊن ۾ منهنجا ٻئي هٿ ڏکڻ لڳندا آهن. مون کي ٻڌايو تہ مان چا ڪيان؟ ايئن نہ ٿئي جو مون کان ڪا غلطي ٿي وڃي. ها! سچ، حسن خود چا آهي؟

ٻيو تہ مون کي چند ڏاڍو پريشان ڪندو آهي. خاص ڪري انهن تاريخ کان ونهي پندرهين تاريخ چند منهنجي ننڊ وڃائي ڇڏيندو آهي ۽ مان پيا اڳهاڙا ڪري چانبوڪيءَ ۾ رات جو گھٽي دير تائين گھمندو رهندو آهيان ۽ ڏينهن جو مونکي ڏاڍو ڊپ لڳندو آهي. ٻيو تہ چند ۾ جيڪو ميرائجهڙو ڏسڻ ۾ ايندو آهي اهو چا آهي؟

ابراهيم حنيف شر- هنگورنو- ڪيرو

جواب: توهان جي اها ڪيفيت ٿورو وڌيڪ حساس هجڻ واري ضروري آهي پر قطعي عجيب غريب نہ آهي. فقط احساس جي درجي جو فرق آهي. ڪي ماڻهو وڌيڪ حساس هوندا آهن ڪي گھٽ حساس هوندا آهن ڪن کي پاڻ تي وڌيڪ ضابطو هوندو آهي ڪن کي گھٽ. باقي حسين شيءِ کي ڏسي ڪير پسند نہ ڪندا؟ "حسن خود چا آهي؟ ان جو جواب تمام وڏو آهي، ان تي تمام گھٽا ڪتاب لکيا ويا آهن پر مختصرا تہ: "جيڪا شيءِ، ڪالهہ، لقاءَ ڪيفيت يا ماڻهوءَ، ماڻهوءَ کي بي اختيار ڪري وجهي ۽ سندس هوش حاسن کي بلڪل فتح ڪري ونهي پنهنجي سونهن سان، پنهنجي دلفريبيءَ سان ۽ هن کي ان کان وڌيڪ ڪابہ شيءِ پياري نہ لڳي تہ ان کي هڪ حد تائين حسين چئي سگھجي ٿو. حالانڪ حسن جون معنائون تمام گھٽيون آهن ۽ ان جا رنگ ۽ روپ بہ بي انداز آهن. فارسيءَ جي ڪنهن شاعر چيو آهي:

"خوبي همين ڪرشمدالي ناز رام نيست،
بسيار شيوه هاست بنان را ڪہ نام نيست."

(سونهن فقط محبوب جي مستاني چال ۾ نہ آهي، حسين ۾ هزارين اهڙيون ادائون هونديون آهن جن تي ايجا ڪوبہ نالو نہ رکيو ويو آهي.)

چند بہ سڄي جهان کي وٺندو آهي، خاص ڪري اهل دل کي، چند تي وڌا وڌا غار آهن ۽ وٽس پنهنجي روشني ڪانهي. ڪيس اها روشني سڄ کان

ايئن ملي ٿي جيئن ڏرتيءَ کي ملي ٿي، جيئن ته سج جي روشني چند جي اونهن غارن تائين نٿي پهچي، تنهنجي ڪري اهي غار اونڌاها ڏسڻ ۾ اچڻ ٿا ۽ اهي اسان کي چند تي داغن وانگر نظر اچن ٿا.

جيڪڏهن اوهان هن مسئلي کان ٿورو وڌيڪ پريشان آهيو ته توهان ان سلسلي ۾ ڪنهن نفسيات جي ماهر سان ڪچهري ڪندو ته شايد اوهان کي هن نارمل ڳالهه کي وڌيڪ نارمل ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي. البت پاڻ تي ضابطو رکڻ تهذيب جي پهرين تقاضا آهي. نه ته جانور ۽ انسان ۾ فرق ئي نه رهندو.

سوال: منهنجي پنجن چهن قومن سان دشمني آهي. جنهن تحت منهنجا پيءُ، ماءُ ۽ پائر ۽ چار ماما مارجي ويا آهن. مان تقريبن سمجه سان نه آهيان جو ناجائز جيلن ۾ پوندو پيو اچان. هن وقت منهنجي عمر تقريبن 24_25 سال آهي. مان تقريبن هن وقت تائين 12 سال قيد مختلف وقفن ۾ ڪاٽي چڪو آهيان مان پهريون قيد 2 سال، پيو قيد 5 سال، ٽيون قيد هي آهي جنهن کي به 2 سال ٿي ويا آهن. باقي ۽ چار مهينن جو قيد ته ڪافي دفعا ڪاٽي چڪو آهيان. سو هن وقت مون تي ڪيس پوليس مقابلو اسپيشل ڪورٽ لاڙڪاڻو ۾ هلندڙ آهي. سو ان ڪيس جو ضامن ۽ مهينن کان منظور آهي. ان ڪيس جو ضامن به هاءِ ڪورٽ ڪراچي ڪنيو آهي. ان کان پهريان اسپيشل ڪورٽ لاڙڪائي جي جج منهنجو ضامن رد ڪيو هو. هن وقت ان ڪيس ۾ جيڪو به ضامن پوڻ جي ڪري ٿو انهن کي منهنجا دشمن ڏمڪيون ڏين ٿا ته جيڪڏهن منهنجو ضامن پوندا ته انهن سان حشر ڪيو ويندو. ايتري دشمني هوندي مان پنهنجي جان ڪيئن ڇڏايان. ۽ باهر وڃي مان پنهنجو ڪيئن قانوني دفينس ڪيان. سائين مان جيئن ئي آزاد ٿي باهه ۾ ٿو وڃان ته منهنجا دشمن پوليس سان ملي مون تي ڪڙا ڪيس ٿا لڳرائين. سو مون کي هاڻي به اهوئي خطرو آهي ته مان جيئن ئي آزاد ٿيندس ته دشمن ۽ پوليس ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائيندا. سائين مان به آزاد فضا ۾ رهڻ جو حق رکان ٿو. ڇا ڪو اهڙو رستو آهي ته جيئن آءٌ آزاد زندگي گذاري سگهان ۽ دشمني جي جار مان جان ڇڏايان؟

عبدالقادر ولد محمد ادريس ڪوکر- دسترڪٽ جيل، لاڙڪاڻو

جواب: پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 4 ۾ ان بنيادي حق جي ضمانت ڏنل آهي ته هر پاڪستاني باشندي سان قانون مطابق ئي هلت ڪئي ويندي. ڪيس قانون جي مڪمل حفاظت حاصل هوندي ۽ ڪيس بناقانوني جواز جي پنهنجي آزاييءَ کان محروم نه ڪيو ويندو. پنهنجي وڪيل کي چوندا ته هو آئين جي آرٽيڪلن 14_4 ۽ 199 هيٺ ۽ پٽ ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ جي قلم 561 الف

ڪيڪ هيٺ هاءِ ڪورٽ ۾ توهان جو اهو معاملو پيش ڪري ۽ ڪوشش ڪري هاءِ ڪورٽ کان ان قسم جي هدايت حاصل ڪري ته توهان کي آئينده هاءِ ڪورٽ جي اڳواٽ اجازت بنا ڪنهن به ڪيس ۾ گرفتار نه ڪيو ويجي. هاءِ ڪورٽ جي هڪڙي ڊيوزن بينچ جيڪا چيف جسٽس ناصر اسلم زاهد ۽ شايد مسٽر جسٽس زبيديءَ تي مشتمل هئي تنهن هڪڙي مشهور ڪيس ۾ ان قسم جو فيصلو ڪيو آهي. ان ڪيس جو مڪمل حوالو هٿ ڪري ڪاوش ۾ ڏبو. توهان جو وڪيل ۽ توهان گڏجي همت ڪندا ته معاملي جو حل نڪري ايندو.

سوال: توهان پنهنجي هر تقرير ۽ هر تحرير ۾ اها ڳالهه ورجائيندا پئي رهيا آهيو ته اڄ جي نوجوانن کي گهڻ پاساوان علم حاصل ڪرڻ گهرجن جڏهن ته اڄ جو نوجوان جنهن ڪسمپرسيءَ واري معاشي حالات مان گذري رهيو آهي. ان حالت ۾ سندس خواهشون ۽ خواب صرف پنهنجا ذات يا خاندان تائين محدود ٿي ويا آهن ۽ ڏنو وجي ته هن مفاد پرست معاشري ۾ اها سوچ ڪنهن قدر صحيح لڳي ٿي. جڏهن ته ٻئي پاسي علم حاصل ڪرڻ لاءِ بک، بيروزگاري، طعنا ۽ مهٽا ٻڌڻ کان سواءِ ڪجھ به نه ٿو ملي. ان صورتحال ۾ آخر اسان جو نوجوان ڪهڙي راه کي منتخب ڪري؟

اسد نظاماڻي- گوٺ ملهڻ، ماتلي بدين

شاگرد، فيڪلٽي آف سوشل سائنسز سنڌ زرعي يونيورسٽي- ٽنڈوجام

جواب: توهان کافي حدتائين صحيح ڳالهه ٿا ڪريو پر دنيا جا ڪيترا چوٽيءَ جا عالم، سائنسدان ۽ مفڪر اهي هئا، جيڪي سڪيا ستابا نه پر مسڪين هئا. صحيح علم طاقت بخشي ٿو، ويڑھ جي سگھ ڏئي ٿو، ولولا جاڳائي ٿو، همتون ۽ حوصلا بلند ڪري ٿو. صحيح علم غريبي ۽ اڻ هوني سان ويڑھ ڪري ان کي زير ڪرڻ جون راهون روشن ڪري ٿو. اهو مئل دليون جياري ٿو. بدترين حالتن ۾ زندهه رهڻ جي جرائت ۽ سگھ ڏئي ٿو. عام حالتن ۾ علم کان محروم ۽ اونداهه ۾ ٽاڪوڙا هڻندڙ ماڻهو غريبي، اٹهوند ۽ ظلم سان ڪامياب مقابلو ڪٺ ڪري سگھندو.

سوال: گذريل ڏينهن سفرنامون پڙھي رهيو هيس. لکڻ جا ته اوهان به بادشاهه، سوچيم جي پليجو صاحب سفرنامون لکي ۽ اهو پڙھڻ لاءِ ملي ته زندگي ڌهي وجي. توهان سفرنامو چو نه ٿا لکو؟ چا اهڙو ڪو شوق اٿو ۽ سفرنامون اوهان کي ڪيئن ٿو لڳي؟

مشتاق راجپر- شاهپور چاکر

جواب: "هزارون خواهشين ايسي ڪ خواهش پ دم نڪلي." (غالب)
وارو ڪم آهي، سفرناما ب لکڻ چاهيان ٿو ت افسانا ۽ ناول ب، عالمي تاريخ ب لکڻ چاهيان ٿو ت هندستان ۽ اسلام ۽ جديد يورپ جي تاريخ، ب سين ڪتاب پيا ب، بهرحال:
"چيڙ وصل گر نہ سهي حسرت هي سهي." (غالب)
ڪجھ نہ ڪجھ لکبو.

سوال: سائين هڪڙي ئي خط ۾ توهان کان هڪ کان وڌيڪ سوال ڪري سگهجن ٿا؟ يا نہ؟

محمد حسين منصور نظاماڻي- ڪڙيو، گهنور

جواب: پلي، پر عام حالتن ۾ جواب انهن مان هڪ جو ڏئي سگهبو.

سوال: تازو اليڪشن 93 ۾ اوهان کان آڪاش انصاري ۽ نظام بولچ جهڙا سڃاڻ ماڻهو ڏار ٿي ويا آهن انهيءَ جا سبب ڪهڙا هئا؟ يا ت هتي هر مڻهو ويڪائو آهي. ٿورو تفصيل سان ٻڌائيندا.

وڪيو اوڌ- ڇوٽ حاجي علڻ خان لغاري

جواب: مسئلو اڃاڻ يا سڃاڻ جو يا ويڪائو يا اڻ وڪجندڙ جو نہ پر ڊسيپلين يا ڇڙواڳيءَ جو آهي، جنهن فوج ۾ ڊسيپلين ناهي اها پلي لکن ۾ هجي ت ب هارائيندي.

سوال: لطيف سرڪار لاءِ چيو ويجي ٿو ۽ ڪجھ پڙهيو ب آهي ت لطيف سائين اڻپڙهيل هو، "امي" هو جڏهن ت هن سان گڏ ٿي ڪتاب هوندا هئا: مولانا روميءَ جو مثنوي، قرآن شريف ۽ شاه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو جو رسالو. جڏهن پڙهيل ب نہ هو اهي 3 ڪتاب ب گڏ هوندا هيس ت نہ ڪا وري ان جي ڪا لکت آهي پوءِ ڪيئن مطمئن ٿيون ت شاه جو رسالو پٽ شاه واري لطيف جي شاعري آهي؟

سفير ميمڻ- رتوديرو ضلع لاڙڪاڻو

جواب: لطيف جي پهرين علمي شرح لکندڙ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ اها ڳالھ ست سال اڳي واضح ڪري ڇڏي آهي ت لطيف اڻ پڙهيل نہ هو. دراصل هو پنهنجي دؤر جي سڀ کان اڳتي وڌيل سماجي ۽ روحاني علم ۽ فڪر سان مسلح هو. جنهن ماڻهءَ کي مشرق ۽ وچ اوپر جي تصوف، شاعري ۽ فلسفي جو ايڏو اونهو ۽ ايڏو وسيع مطالعو هجي، جنهن کي ايڏي پرپور، ايڏي گهڻ طرفي

ايڈي سماجي ۽ فني، اعليٰ سطحي جي ايڈي تخليقي سمجھ ۽ پروڙ هجي ان کي اڻ پڙهيل سمجھڻ کان وڌيڪ جٽائي ڳالھ بي ڪھڙي ٿيندي؟

سوال: مون سپٽمبر 93 جي ريڈر ڊائجيسٽ ۾ "ردياردڪپلنگ" بابت مضمون پڙهيو هو. ان ۾ ان جي مشهور نظم "اف" (جيڪڏهن) ب هئي، جنهن لاءِ لکيل هو ته دنيا جي سورين ہولين ۾ ترجمو ٿي آهي ۽ جرمني، فرانس، جپان، بيلجيم وغيره جهڙن ملکن ۾ انهيءَ جو ترجمو ڪلاس رومس ۾ ٽنگيل هوندو آهي ۽ شاگردن کي ياد آهي. مهرباني ڪري انهيءَ جو ترجمو ڪري "ڪاوش" ۾ چپرائيندا ته جيئن هتان جا شاگرد ب ان کي پڙهي ۽ ياد ڪري سگهن

غلام قادر مهيسر- پيرجوگوٺ- ضلع خيرپور

جواب: مون کي اهو نظم في الحال هٿ نٿو اچي. اوهان موڪيو ته آءٌ ترجمو ڪري اوهان جي اڳيان پيش ڪريان.

سوال: 31 جنوري 1994ع تي عبرت اخبار ۾ لکيل هو ته ٽٻو، بدين، ٽر تائين وفاقي حڪومت 22 ڪروڙ رپيا خرچ ڪري هڪ پڪي پٽي ٺاهي انهيءَ کي ملائيشيا ۽ سنگاپور وانگر سينگاري سياحن ۽ انهيءَ علائقي جي ماڻهن لاءِ سهولتون قائم ڪيون ويندیون ۽ سڄي پٽي کي ترقي ڏيارڻي. سائين اسين سنڌ جي ڪنهن ب علائقي کي ترقي ڏيارڻ ۾ خوش آهيون پر حڪومت سگورو سا ب وفاقي سڄي سنڌ کي ڇڏي هن علائقي تي ڪيئن عاشق ٿي پئي آهي، اسان کي خوشيءَ جي بدران خوف پيو ٿئي ته متان هيءُ ڪو هانگ ڪانگ، جناح پور يا مهاجرستان ته ڪو نہ پيو ٺهي. توهان تمام ڏاها سياستدان آهيو. حڪومت جي نيت سمجهي ويا هوندا. مهرباني ڪري سندس نيت ڪان اسان کي ب واقف ڪندا ته دل تان ڪُٽ ڪُٽ لهي؟

محمد حسين منصور نظاماڻي- ڪڙيو گنهور

جواب: وقت جي هر سرڪار نامدار پاران اخبارن ۾ الاهي سنيون ڳالهيون ٿيل ۽ اعلان ڪيل هوندا آهن. ضروري ناهي ته انهن تي ڪو عمل ب ٿئي. بهرحال جي هن قوم جي ڪا ڳالھ ٿي ته اها نقصانڪار گهٽ هوندي، فائدي واري وڌيڪ ٿيندي.

سوال: ڪٿي ب اوهان جو ذڪر نڪرندو يا ڪو اوهان جي تقرير ٻڌندو آهي ته اواهان جي ڏاهپ، سياست ۽ حاضر دماغيءَ جي تعريف ڪندو آهي! پل اهو

پي ڪنهن سياسي پارٽيءَ سان تعلق چو نہ رکندو هجي. پوءِ آخر ڪهڙو سبب آهي جو اهي تعريف ڪندڙ ماڻهو اوهان جي پارٽي (عوامي تحريڪ) ۾ شامل نہ ٿا ٿين؟

طفيل احمد جکرو - رتوديرو

جواب: ڪنهن سياسي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جي فيصلي جو دارومدار پسند تي ٻہ آهي پر واسطيدار ماڻهوءَ جي ذاتي حالتن، ماحول ۽ سندس گهربل ذميواريون ڪٽي سگهڻ جي لياقت، ارادي جي مضبوطيءَ ۽ سنجيدگيءَ تي ٻہ آهي. بهرحال ڪيتر شامل ٿين پيا. ٻيا اڳتي ٿيندا جن کي هڻڻ معاملن جي پيچيدگين ۽ نزاڪتن ۽ انهن جي تاريخي اهميت جي خبر آهي سي چاڻن ٿا تہ عوامي تحريڪ ڪهڙين حالتن ۾ وجود ۽ واڌاري جي ڪامياب جنگ لڙي رهي آهي:

سَرَ تي پکي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاهه،
سندي آس، ال لڏي لهري وچ ۾. (شاه)

جهن قسم جي گهڙ طرفي اونهي ۽ اٿاه سماجي تبديليءَ جو اسين جهنڊو بلند ڪريو ايري حال سارو گذريل ٽينهن سالن کان رات ڏينهن ڪريو هن سماج کي چهٽا پيا آهيون. جنهن قسم جيفيل مست قوتن کي ان سياست مان ڇڪ تي لٽ اچڻ جو خطرو آهي، جنهن قسم جا اجگر جيڏا ڏٻاءُ ۽ دهشت، خريداري ڪردار ڪشي، ڦشري بازيءَ ۽ گمراهي هن وٽ ناتڪ بازي ۽ هو جڙتو جدوجهد جا وسيلا ۽ بندوبست هن وٽ آهن ۽ هو جنهن بيدرديءَ سان اهي استعمال ڪري رهيا آهن. انهن جو ليکو ٻڌبو تہ اها ڳالهہ هڪڙي تاريخي مجزي کان گهٽ نظر نہ ايندي جو عوامي تحريڪ جهڙي تنظيم هر ڏٻاءَ، هر منظم ڪردار ڪشيءَ ڦشري بازيءَ هر پٽ ۾ خنجر، هر غداريءَ هر خريد فروخت جي باوجود، گمراهي، بي سمجهي، پسماندگي ۽ ڇڙواڳيءَ جي سمورن مرضن جي باوجود نہ رڳو زندع سلامت آهي. پر باقاعدي ۽ پوري اعتماد سان وڌي ويجهي ٻہ پئي.

سوال: انسان جون گهٽيون ئي خواهشون آهن. هو ڪنهن چوڪري (مذڪر) سان دوستي رکندو. محبت تہ چوڪريءَ سان ڪئي ويندي آهي مگر ڪي اهڙيون خوبيون آهن، جيڪي ان کي پنهنجي دوست ۾ نظر ايندیون آهن جو هو ان جي دوستيءَ کي محبت ۾ بدلي ڇڏيندو آهي. هن جي دل جيڪا خواهش سان پريل هوندي آهي. هن کي پنهنجي دوست لاءِ تڙپائيندي رهندي آهي تہ هو هن سان چوڪرين وانگر محبت ڪري. جيڪڏهن هن جي دوست سان ڪو ٻيو (ساڳي عمر يا ٿوري وڏي عمر وارو) ويهي ڪٿي

ڳالهائيندو آهي ته هن کي وسوسا پيدا ٿيندا آهن. چڙ ته هو هن جو دوست پر مڳيندي يا زال هجي. منهنجو اصل سوال آهي ته چوڪري جي چوڪري (مذڪر) سان محبت چو پيدا ٿيندي آهي. هن کي هر وقت دوست جي ياد چو ايندي آهي. جيڪڏهن هو نه ٿو ڳالهائي ته هن جي حالت چرين وانگر چو ٿيندي آهي؟ انهن چوڪرن جي چوڪرن سان محبت کي ڪيئن ختم ڪري سگهجي ٿو؟ ايئن نه ٿئي جو هزارين يا لکين ماڻهو چوڪرن (مذڪر) جي محبت ۾ زندگيءَ تان هٿ کڻي ويهن. هن سوال جو جواب شايد هزارين ماڻهن کي ڪيندو هجي. هي مسئلو سنڌ ۾ تمام گهٽو آهي چاڪاڻ ته ماڻهن کي پنهنجي مستقبل جو ڪوبه فڪر نه هوندو آهي ۽ هو عشق جي مسئلن ۾ قاسي زندگيءَ تان به هٿ کڻي ويهندا آهن؟

گ- ج- خاصخيلي- پٽ پائٽي- سانگهڙ

جواب: اڳي هي مسئلو صرف بداخلاقيءَ جي پيداوار سمجهيو ويندو هو پر ڪافي عرصي کان ان بابت سائنسي تحقيقات ٿي رهي آهي. ان تحقيقات جي نتيجن جي اڇوکي پوزيشن اها آهي ته سمجهيو ويجي ٿو ته هم جنس پرستيءَ جو تعلق اخلاق يا بداخلاقيءَ سان گهٽ ۽ واسطيدار ماڻهوءَ جي مٿان ورثي ۾ مليل (ورائتي تخم) جي اثر سان وڌيڪ آهي. تحقيقات ڪافي اڳتي وڌي چڪي آهي. ايئن ٿو لڳي ته ڪجه عرصي اندر ان مسئلي جي سموري تصوير سڄي دنيا جي عوام اڳيان اچي ويندي ۽ ان جي روشنيءَ ۾ گهربل پيش قدمي ٿيندي.

سوال: اسان جي سامهون لطيف کي ايئن پيش ڪيو ويو آهي، جيئن لطيف ڪو انسان نه هو ڪو فرشتو هو، آءٌ سمجهان ٿي ته اهو لطيف سان هڪ وڏو ظلم آهي. ڇا لطيف ۾ غلطيون نه اهن؟ سندس شاعريءَ ۾ کي ورجاءَ نه آهن؟ جي ها ته پوءِ ڪهڙا؟

فضا قريشي- حيدرآباد

جواب: فرشتن جي مون کي خبر ڪانهي جو اتفاق سان منهنجي ايجا تائين ڪنهن فرشتي سان ملاقات ڪانه ٿي سگهي آهي. پر جيڪي انسان مون ڏٺا يا ٻڌا اهن تن مان مذهبي شخصيتن کي ڇڏي، جو انهن بابت گفتگو جائز نه ٿي سمجهي ويجي. ٻيا به جيڪي به ڳالهيون چون يا ڪن ٿا اهي پنهنجي دور جي علم، سمجهه، معيارن، آدرشن ۽ پسندن ۽ ناپسندن جي دائرن اندر ڪن ٿا. لطيف به پنهنجي دؤر جي زندگيءَ جي مادي، روحاني ۽ فڪري سوچن، ريتن، رسمن ۽ آدرشن کان ٻين وانگر ئي متاثر آهي. سيني شاعرن جا سڀ شعر هڪ

جهڙا سڻا نہ هوندا آهن. هڪڙي غزل ۾ جيڪڏهن به ٽي بند سڻا نڪرن ٿا ته اهو غزل ڪامياب سمجهيو وڃي ٿو. اها هيٺ، مٿاهين ۾ وڏن شاعرن وانگر لطيف جي شعرن ۾ به آهي. ورجا به آهي، ڪيترين مخصوص ڳالهين ۾ ڪيترا ٻيا شاعر لطيف جي پيٽ ۾ وڌيڪ اثرائتيون ڳالهيون ڪري ويا آهن. مثلا مذهبي تنگ نظري ۽ رياڪاري بابت حافظ بلهي شاهه سچل ۽ وارث شاهه پارا ماڻهو وڌيڪ شوخ ۽ تيز ڳالهيون ڪري ويا آهن. سونهن جي بيان ۾ لطيف جو سر مومل راڻو انساني سونهن بابت نهايت خوبصورت تصويرون پيش ڪري ٿو. پر جڏهن وارث شاهه سينگار جي بيان جا سمورا هٿيار پنهوار ڪٽي ميدان ۾ لهي ٿو ۽ هير جو ننهن کان چوٽيءَ تائين حسن هيٺين سٽ سان شروع ڪري اڳتي وڌي ٿو ته ڳاله ئي ٻئي ٽيو وڃي.

"لي ڪي سٽ سهيلیان نال آئي
هي مٽڑي روپ گمان دي جي."

لطيف جو ڪيڏارو زبردست آهي. پر گهٽ خليفو نبي بخش به ڪونهي، پر فردوسي ۽ مهاپشرت جي نظم جي شاعر ۽ يونانجي همر جنهناناز سان جنگ جو نقشو ڪيڏيو آهي تنهن جي پيٽ ۾ اسان جي لطيف جو ڪيڏارو جاه جلال جي حساب سان ايڏي وڏي شيءِ نظر نہ ايندي. ڪاليداس جي "ويتو سمهارا" يعني "موسمن جو چڪر" نالي طويل نظم ۾ جيڪي منظر پيش ڪيل اهن. اهڙا شاه جي رسالي ۾ ڳولهڻ عبث آهن. انساني فطرت جي عڪاسيءَ جو جيڪو اسٽيج شيڪسپيئر سينگاريو ويٺو آهي. تنهن جي هڪڙي ڳاله ڪجي! سچ ته پلا پلي جو چيه ئي ڪونهي. خيام، رومي، حافظ جامي، عرفي، امير خسرو، عبدالقادر، بيدل، غالب، اقبال، فيض، ابونواس، المعري، دانتي، رابرٽ برنس، شيلي، بائرن ملٽن، پرتري هري، لي پو هزارين سج ۽ چند آهن، هڪڙن جون تعريفون ڪري هڪڙن جون ڪجن؟ هر هڪ پنهنجي پنهنجي ميدان جو بادشاه آهي. پر جيڪڏهن ٽوٽل پڌبو ته دنيا ۾ ڪو ورلو شاعر هوندو جو ٽوٽل ۾ لطيف کان ڪا وڏي گوءِ ڪٽي وڃي بنا ڪنهن شڪ شبهي جي شاعريءَ جي عالمي معيارن جي حساب سان اسان جو لطيف دنياجي چوٽي جي ڳاڻ ڳڻين عظيم شاعرن مان هڪ آهي ۽ جيئن هو ٻين ڪن جي جتيءَ ۾ پير وجهي نٿو سگهي تيئن ٻيا به سندس ميدان ۾ پير کوڙي نٿا سگهن.

سوال: اوهان هڪڙي سوال جو جواب ۾ لکيو آهي ته ادبي ڪتابن سان گڏ علمي ڪتاب پڙهڻ گهرجن. بنيادي طرح ادب ۽ علم ۾ هڪڙو فرق آهي؟

جواب: ادب ۾ افسانا، ناول، شاعري، ڊراما وغيره اچي وڃن ٿا ۽ علم ۾ هزارين

قسم جون اهڙيون ڳالهيون اچي ويڻن ٿيون جيڪي انسان جي ڄاڻ ۽ سمجھ ۾ وڌارو ڪن ٿيون. ادب روح جي غذا ۽ علم دماغ جي غذا آهي. ادب جو بنيادي تعلق رس سان آهي ۽ علم جو شعور سان. پر ٻنهي جي وچ ۾ ڪا چين جي ديوار ڪانهي. اهي هڪ ٻئي سان لاڳاپيل ۽ هڪ ٻئي کي متاثر ڪندڙ ٻه آهن.

سوال: سائين مون ٻڌو آهي ته هڪ دفعي حضرت مولانا ابوالڪلام آزاد صاحب جو ڪراچيءَ تان گذر ٿيو ۽ سندن جهاز ڪجھ ڪلاڪن لاءِ ڪراچيءَ جي هوائي اڈي تي ترسيو ڪنهن شخص کي معلوم ٿيو ته مولانا آزاد صاحب جهاز ۾ آهن، اهو شخص وٽن جهاز ۾ ويو ۽ مولانا صاحب کي چانهن پيئڻ جي دعوت ڏنائين جنهن تي مولانا صاحب فرمايو، ته ”توهان مون کي چانھ پيئڻ جو ٿا چئو پر آءٌ ته هن سر زمين تي قدم ٻه نه رکندس!“ ۽ مولانا صاحب نه لٿو. ڇا اهو سچ آهي؟ ٻيو ته شيخ ايار چيو آهي ته ”مولانا آزاد جي سياست سان اسان کي اختلاف آهي“ توهان مولانا صاحب جي سياست متعلق ڪجھ وضاحت ڪيو ته مهرباني

ابراهيم حنيف شر- هنگورو، ڪپرو

جواب: آءٌ نٿو سمجهان ته هوائي جهاز مان نه لهڻ واري ڳالھ ڪا صحيح هوندي. مولانا آزاد وڏو عالم ۽ دڳهي نظر ۽ همت وارو سياستدان هو. پر مولانا صاحب ۽ ٻين روشن خيال مسلمانن ۽ ٻين ترقي پسند ماڻهن اهو غلط تاريخي ۽ سياسي اندازو لڳايو ته هندستان کي متحد رکڻ لاءِ رڳو آزاديءَ ۽ اتحاد جو پرچار ڪافي آهي. جيڪو پرچار ٿوس تاريخي حقيقتن ۽ پيچيدگين کي نظر ڪندو ان جي پاڙ ٽڪريءَ تي هوندي.

”هندو مسلم پائي پائي“ جو خوبصورت ۽ روشن خيال نعرو ٻن حقيقتن جي صحيح ۽ پرپور سمجھ ۽ اظهار کان لنوائيندڙ نعرو هو. اهي ٻه بنيادي تاريخي حقيقتون هي هيون ته ڪن استثنائن کي ڇڏي پنهنجي هزار سالن جي حڪومتن ۾ ٻين سامراجي حاڪمن ٿولن وانگر هندستان ۾ هندستان جي عوام جي اڪثريت يعني هندو عام کي غلام ڪري رکيو، سندن انساني حقن کي لتاڙيو، سندن انساني وقار کي خاڪ ۾ ملايو ۽ سندن زندگين، ملڪيتن ۽ عزتن، روحاني عقيدن مٿان جبر جي تلوار لٽڪائي رکي، ڪين بي حيائيءَ سان ڦريو ۽ لٽيو ۽ سندن استحصال ڪيو. ان غلاميءَ خلاف سندن دلين ۾ اندر ئي اندر نفرت، غصي ۽ انتقام جي آگ پئي ٻري. ٻي بنيادي تاريخي حقيقت اها هئي ته آزاديءَ کان پوءِ جڏهن هندو اڪثريت ۽ حاڪم بنجڻا هئا ۽ مسلمان اقليت بنجڻا هئا تڏهن آگ پنيٽ بڻجي پڙڪٽي هئي. ڪو به سڪٽو خوبصورت نعرو

ان آگ کي وسائي نہ سگھي ھام اھا تڏھن مانيءَ ڪري سگھجي ھا جڏھن 1857ع کان وٺي هندستان جي آزاديءَ جي علمبردارن طرفان اھا ڳالھ تسليم ڪئي وڃي ھا تہ هندستان تي حڪومت ڪندڙ ڏارين ڦورو ۽ ظالم سامراجي مسلمان حاڪمن مڪاني سنڌي ۽ ٻئي مڪاني هندستاني مسلمان عوام تي جيڪي پيانڪ ۽ وحشي ظلم ڪيا تنھن کان ھڪ سؤ دفعا وڌيڪ غيرانساني ظلم هندستان جي هندو عوام سان ڪيا ويا آھن. هندو عوام جي آئينده جي پلائي ان ۾ ھئي تہ هو ماضيءَ جو انتقام نہ وٺي نہ تہ ملڪ ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃڻ جو خطرو ھو ۽ خود سندن امن، ترقي ۽ خوشحالي روڪجي وڃڻ جو خطرو ھو. اڳين قٽن تي مرھم رکجڻ بدران الٽو وڌيڪ زخم لڳڻ جو خطرو ھو. ساڳيءَ طرح مسلمان عوام کي ٻ اھا تعليم ڏيڻ کپندي ھئي تہ پرڏيھي پرمار مسلمان حملہ آور حاڪم ٽولن هندن سان ڪيڏا ظلم ڪيا ھئا ۽ خود کين ڪھڙا عذاب ڏنا ھئا. زمبابوي، ڏکڻ آفريڪا ۽ ٻين علائقن ۾ اڳوٽين سامراجي حاڪم اقليتن جي حقن جي بچاءَ لاءِ وڌي ڊگھي ۽ اونھي غور ويچار ۽ باھمي صلاح مصلحت، مذاڪري ۽ ڏي وٺ کان پوءِ خاص آئيني ضمانتون ۽ تحفظ ڏنا ويا آھن. اھڙي ئي قسم جون خاص آئيني ضمانتون ۽ تحفظ مسلمان اقليت لاءِ مھيا ڪيا وڃن ھا. ان کان سواءِ انھن ضمانتن کي فقط پھرين وک سمجھي هندو مسلم نفرت، دشمني، انتقام جي جذبي کي قومي دشمن نمبر پھريون سمجھي، ان خلاف وڌي رڪاوٽ ۽ ثابت قدمي سان سماجي زندگيءَ جي هر ميدان ۾ جدوجھدن ۽ پيش قدميون ڪري انتقام جي آگ وسائڻ ۽ صلح جو دائمي ماحول ٺاھڻ جي سلسلي ۾ بنيادي سوپون حاصل ڪيون وڃن ھا. تڏھن ئي ورھاگي ۽ فسادن جي نوبت اچڻ کي روڪي سگھجي ھا. پر مھاتما گانڌي، نھرو ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد سميت ڪنھن بہ ڪانگريسي اڳواڻ مسئلي جي اھا بنيادي پيچيدگيءَ سنگيني نہ سمجھي ۽ ان جو حڪمت عملي وارو علاج ڪيو. ھن گھٽي پاڳي پنھنجو سڄو وقت ۽ سموريون صلاحيتون ٽلھو "اتحاد" ۽ "گڏيل هندستاني ثقافت" جاڳڻ ۽ نفاق جي مذمت ڪرڻ تي زيان ڪري ڇڏيا.

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ پڇاڙيءَ جو خود مولانا کي بہ اھو احساس ٿي ڇڪو ھو تہ ڪنھن حدتائين سندس ڪيترا ساٿي انھن آدرشن سان سچا نہ ھئا جن جو ھن زباني پرچار پئي ڪيو. تان جو حالتون ان ڏاڪي تي اچي رسيون جت هندستان جي ننڍڙي پار کي بہ اھا ڳالھ سمجھ ۾ اچي وئي تہ ڪانگريس ليڈر شپ مولانا وارن کي سياسي طرح استعمال بہ پئي ڪيو. مولانا جي لکتن جو ڳوڙھو مطالعو ڪبو تہ اھا ڳالھ سمجھ ۾ اچي ويندي. منھنجي خيال ۾ ورھاگي بابت جيڪي "روشن خيال" ۽ "ترقي پسند" ڳالھيون اسان کي ٻڌايون ويون

آهن اهي به اهڙيون ئي ناقص ۽ هڪ طرفيون آهن جهڙيون رجعت پرست ليگي گالهيون، ان تاريخ جو خود مختيار نموني نئين سر مطالعو ڪرڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ اي- ايم ايس نمبردري پد، سابق وزيراعليٰ ڪيرالا جيڪو ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جو سيڪريٽري جنرل به آهي ان جو انگريزي ڪتاب "آزادي جي جدوجهد جي تاريخ" ۽ ٻيا اهڙا ڪتاب پڙهڻ ۽ پروڙڻ گهرجن. جيڪو ماڻهو سمورا سيڪاريل پڙهايل پراڻا ڪانگريسي ۽ ليگي تبليغ ۽ پروپئگنڊا جا اثر دل تي ڪڍي يا گهٽ ۾ گهٽ في الحال پاسيرا رکي، ان دؤر جي تاريخ بابت جيڪو مواد اڄ موجود ٿي چڪو آهي. ان جو سنجيدو مطالعو ڪندو سو اوس ان نتيجي تي پهچندو ته جيئن پاڪستاني حڪمران طبقي گذريل اٽڪل اڌ صديءَ جو عرصو پاڪستان جي ڪنهن به قومي ۽ جمهوري مسئلي جي وجود کي تسليم ڪرڻ کان هٺ ڏرميءَ کان انڪار پئي ڪيو آهي ۽ ان باري ۾ هر گهر ۽ احتجاج کي پارٽي ايجنسي "را" جي ڪاروائي ڄاڻائي، قومي، جمهوري گهرون ڪندڙن جي مٿي ۾ ملڪ دشمني اسلام دشمني غداري ملڪي ايجنسي ۽ ڪفر جي الزامن جا سونٽا هٽي ڪين قيد ۽ بند جون سزائون ڏيڻ کي ئي ملڪ هلائڻ ڪافي پئي سمجهيو آهي ۽ پنهنجي ئي ڪوڙي پروپئگنڊا جي چار ۾ ڦاسي مسئلن کي وڌيڪ پيچيدو بنائي، اڌ ملڪ وڃائي باقي رهيل ملڪ به تباه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي، تيئن مهاتما گانڌي، نهرو سميت ان وقت جي قوم پرست هندو ڪانگريسي ليڈر شپ به سياسي حقيقت پسندي کان ڪم وٺڻ کان هٺ ڏرميءَ سان انڪار ڪندي، فقط آدرشي نعريبازي ۽ پروپئگنڊا کي ڪافي سمجهندي هندستان جي هڪ هزار سالن جي غلاميءَ جي اثرن سبب پيدا ٿيل هندو مسلم مسئلي جي بنيادي اهميت، پيچيدگيءَ ۽ سنگينيءَ کي تسليم ڪرڻ کان عملا انڪار ڪندي، ان مسئلي جي حقيقت پسنديءَ واري حل بابت هر سنجيدي تجويز کي انگريزن جي چال سڏي ٺڪرائيندي، مسئلو پيش ڪندڙن ۽ ان بابت تجويزون ڏيندڙن تي قومي ايڪتا سان ويڑ، وطن دشمني، انگريزن جي ايجنٽي ۽ غداري جا ٺپا هٽندي قومي آزادي جي تحريڪ تي پنهنجي اڪيلي هڪ هٿي ۽ بالادستي قائم رکندي رهي. اها گهڻ زبردست چڱن ڪمن سان گڏ ڪيترا غير ذميدار، غير سنجيدا ۽ غير مدبرانا ناٽڪ ۽ دراما پڻ ڪندي رهي. نتيجي طور جيڪي ڪجه ٿيو تنهن جي ڪارڻ ۾ سندن سياسي سمجه جي ڪچائي، خوش فهمي، تنگ نظري، تعصب ۽ هڪ حدتائين منافقي ۽ مڪاري جو به چگو موچارو حصو شامل هو.

شيخ ايياز صاحب جو مولانا صاحب جي سياست سان اختلاف قدرتي ڳالهه آهي. مولانا درويش بلڪ چرياڻ ماڻهو هو. جيڪا ڳالهه جيئن سمجهه ۾ ايندي

هيس تنهن تي چيلھ ٻڌيو بيٺو هودو هو. زمين جنبد نہ جنبد گل محمد شيخ صاحب عقلمند، موقعي شناس ۽ زماني ساز ماڻهو آهي، "چڙهيل کي سلام ۽ ڪريل جي مٿان ٻہ لتون ٻيون" جي سونهري اصول جي ڪيمياگري جو پارکو مڙس ۽ ڳرو ملھ آهي. مولانا جھڙن سادن سودن بزرگن جي ساڻس جاءِ ڪانهي.

سوال: برصغير ۾ 18 فيبروري 1881ع تي پهريون دفعو باقاعده آدمشماري جي شروعات ڪئي وئي ۽ اسان جو خاندان 1881ع کان ٻہ اڳ ڦلهڙين ۾ آباد آهي ۽ کي دانشور چون ٿا تہ پوري دنيا منجھ وڏي ۾ وڏو قبيلو مينگھواڙن جو آهي. کي ڏاها چون ٿا تہ موهن جي دڙي واري دراوڙي قبيلي منجھان مينگھواڙ آهن. سنڌ ۾ هينئر لکن جي تعداد ۾ آباد آهن. گهرن ۾ ڳالهائيندڙ ٻولي جو لهجو ڪجھ مختلف آهي. (1) ماروڙي (2) سنڌي (3) گجراتي وغيره وغيره. ام ڪيو ايم جو اڳواڻ الطاف حسين 62_64 ڌاري پاڪستان ۾ آيو ۽ 51_61 واري آدمشماري ۾ الطاف جي خاندان جي ڳاتين جو نالو سرڪاري رڪارڊ ۾ شامل ڪونهي. سو ڪيئن پاڪستان جو شهري ٿي ويو؟ هاڻي مون کي صلاح ڏيو تہ جيئن آءٌ "سنڌي قوم" واري خاني ۽ آدمشماريءَ ۾ داخل ٿي سگهان ۽ جي آدمشماريءَ وارو عملو مون کي نہ شامل ڪري تہ ڪنهن سان رابطو ڪريان؟

ڏونگر مينگھواڙ ڦلهڙيون تعلقو ڪپرو - سانگھڙ

جواب: سنڌي قوم جي خاني مان اوهان کي ڪير ٿو خارج ڪري سگهي؟ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي! البت آدمشماريءَ واري کي توهان ۽ ٻيا مينگھواڙ پاڙ ضرور ٻہ ضرور صاف صاف ۽ ورجائي ورجائي ٻڌائيندا تہ اسان جي مادري ٻولي سنڌي آهي. رابطو توهان آدمشماري ڪميٽي جي چيئرمين يوسف لغاري وڪيل ميرپورخاص سان رکو. اهائي ائڈريس ڪافي ٿيندي.

سوال: اوهان جو ڪتاب ڪوٽ لکپت ۾ گهاريل پورن ڏينهن جي ڊائري آهي يا ان جو هڪ حصو باقي ايندو، جي ايندو تہ پوءِ ڪڏهن؟ ٻيو اوهان جي جلد ايندڙ ڪتاب ڪهڙو آهي؟

امداد علي راهوجا - ڳوٺ راهوجا لڳ سيتا روڊ ضلع دادو

جواب: ڪتاب انهن ٻن جلدن ۾ مڪمل آهي. ايندڙ ڪتاب بابت ڇاڻ بعد ۾ ڏيبي.

سوال: جيڪڏهن توهان کان ڪجھ قانوني مدد ونجي تہ توهان مدد ڪندو؟

محمد جمن قريشي

جواب: منهنجي مصروفيتن ۽ حالتن آهر وس ۾ هوندي ته ضرور ۽ ضرور کيي نه ته ۽ توهان کي ڪاڪا ڪارائتي صلاح ڏيئي سگهيي.

سوال: سومر 21 مارچ واري اخبار ۾ سنڌ جي وڏي وزير عبدالله شاھ جو بيان هو ته "ايم ڪيو ايم وارن کي اڳ ڪان پيٽيون وزارتون ۽ ڪاتا ڏيڻ لاءِ تيار آهيون رڳو اهي راضي ٿين." انهيءَ کي اوهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

اشرف سولنگي- ٽنڊي محبت

جواب: سنڌي وڏيرا شاهي ڏينهن ڏينهن دهشتگردن اڳيان ڪيڏي بيوس ۽ سندن ڪيڏي محتاج ٿيندي پئي وڃي ۽ هو وٽن "قبول" پوڻ جي ريس ۾ هڪ پئي کان گوءِ ڪٽڻ لاءِ ڪيڏيون قربانيون ڏيڻ لاءِ تيار رهن ٿا. سو منظر ڏسيو ايڏا ۽ وڏيڪ عبرتون پيو حاصل ڪريان ۽ اهو اندازو لڳائڻ جي ڪوشش پيو ڪريان ته وڏيرا ش اهي جي وچ ۾ اها وطن دشمن ريس چالو رهي ته اهو قصو اڳتي هلي ڪهڙي منزل کي وڃي رسندو.

سوال: پاڪستان هاڻي جيڪا انساني حقن جي ڪميشن اڳيان قرارداد پيش ڪئي اها ان ايران ۽ چين جي سفارش تي واپس ورتي آهي. ان مان پاڪستان ۽ جمون ڪشمير کي ڪيترو نقصان پهتو آهي ۽ پارت کي ڪيترو فائدو پهتو آهي؟

مير محمد ڪٽپر- ڳوٺ ڪلري تعلقو روهڙي

جواب: ان قسم جون قراردادونپيش ڪرڻ ۽ نه ڪميسگهڻ جي حالت ۾ يا ڪنهن ڏي وٺ ٿيڻ جي حالت ۾ واپس سڏڻ سفارتي دنيا جي هلي چلي آهي ان ۾ ڪا اهڙي عربي فارسي ڪانهي دنيا جو دستور آهي.

سوال: اسان چانڊيا سنڌي تحريڪن ۾ ۽ آهيون ۽ قربانيون ۽ ڏيئي رهيا آهيون حال مطابق، پر ڪيترائي ماڻهو اسان کي سنڌي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهن ۽ هو اسان کي ۽ مهاجر ڪونه ٿا چون ٿا ته چانڊيا قوم يا قبيلو سنڌ جو ناهي، هي غيرقوم آهن پر اسان ان هر ڳالهه کي غلط ڪندا رهيا آهيون. مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته چانڊيا قبيلو ڪٿان آيو ۽ ڪنهن سان لڳي ٿو بلوچن سان يا سنڌين سان؟ اصل ڪٿان جا هئا ۽ ڪهڙي نسل جا هئا؟

ابو زيب چانڊيو- سينٽرل جيل لاڙڪاڻو

جواب: مون ڪٿي پڙهيو آهي ته چانڊيا اصل هوت پروچ (پنهوءَ وارو لڏو)

آهن. سنڌ ۾ رهندڙ سيد، پير، چانديا ۽ پيا پروچ، دراوڙ، سماٽ، ڪولهي، پيل، پاڻ سڀ هڪجهڙا سنڌي آهيون. البت پڌجي ٿو ته ڪي سنڌي هوندي پاڻ کي سنڌي سڏائڻ ۾ عيب ٿا سمجهن ۽ پاڻ کي ڏاريو اعليٰ نسل سڏارائين ٿا. قوم جي هر حصي بابت ڪاڪا ڪا شڪايت آهي ئي آهي. ڪن چانديين لاءِ به اها شڪايت آهي ته جڏهن ته پيا چانديا قومي تحريڪ ۾ اڳواڻ آهن تڏهن اهي وري ڏاڙن ۾ به اڳواڻ آهن ۽ چون ٿا ته "اسين سنڌين کي ٽاڪريون، پروچ جو نالو ونون ته پوءِ مياري!" جيڪڏهن ڪنهن جي به اهڙي ڪا سوچ واقعي آهي ته اها پنهنجي قومي وجود جي ويرياڻي سوچ آهي. ٻين سان گڏ چانديين کي به اهڙي قسم جي ڪنهن امڪاني سوچ جي مذمت ڪرڻ گهرجي ۽ ان کان بچڻ ان سان مقابلو ڪرڻ گهرجي.

سوال: اوهان جي اخبار جي بيان مطابق ته اوهان شاگرد سياست جي حمايت ڪريون ٿا ۽ انهيءَ شاگرد سياست کي جائز قرار ڏيندي قائداعظم، محمد علي جناح، جناب ذوالفقار علي پٽو ۽ جناب گانڌي شاگرد سياست جا حامي هئا، جا مثال ڏيو ٿا. جيڪڏهن حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته شاگرد معنيٰ آهي تعليم حاصل ڪرڻ نه ڪو ڪلاشنڪوف کڻي غنده گردي ڪرڻ، محترم استادن کي بيعزت ڪرڻ، هٿيار جي زور تي ڪاليج ۽ يونيورسٽي بند ڪرائڻ، چا انهيءَ کي شاگرد سياست چئجي ٿو؟ جيڪڏهن انهيءَ کي شاگرد سياست نه ٿو چئجي ته پوءِ مهرباني فرمائي توهان پاڻ سميت پڌائيندا ته اوهان جي شاگرد سياست پارٽي جي ڪهڙي شاگرد ليڊر يونيورسٽيءَ ۾ تعليمي ميدان ۾ پهرين ٻي يا ٽين پوزيشن حاصل ڪئي آهي. چا اوهان سميت ڪنهن ليڊر ڪاليج يا يونيورسٽي ۾ وڃي ڪنهن هوشيار ۽ پوزيشن ڪٽندڙ شاگرد جي همت افزائي ڪئي آهي؟ چا اوهان سميت ڪنهن سياسي ليڊر يونيورسٽي يا ٻئي ڪنهن تعليمي اداري ۾ وڃي ڪي تعليمي مسئلا حل ڪرايا آهن؟ مون کي ته آريسر صاحب جو اهو بيان پڙهندي نهايت افسوس ٿيو جنهن ۾ هن چيو آهي ۽ شرط رکيو اٿس ته: "جيڪڏهن قانون لاڳو ڪندڙ تعليمي ادارن مان نڪرن ته شاگردن کان هٿيار ڦري ونبا" انهيءَ بيان مان ظاهر ٿئي ٿو ته تعليمي ادارن ۾ شاگردن کي قلم ۽ ڪتاب جي بدران شاگرد سياست جي نالي ۾ هٿيار ۽ ٻيو اسلحو وغيره اسان جي ئي قمو پرست ليڊرن پاران عطا ڪيو ويو آهي. اسان جا سياسي ليڊر اسان جي ايندڙ وقت ۾ ايندڙ نسل کي چمڪائڻ لاءِ سنڌين کي روڊن رستن تي احتجاج لاءِ آڻين ٿا ۽ اهي علم پرائڻ جي بدران جيلن جون هوائون کائن ٿا ۽ پنهنجي قيمتي وقت جو سرمايو جيلن ۽ ٽارچر سيلن ۾ گهاريندي ختم ۽ شهيد يا ٻي راه روي جو شڪار ٿي وڃن ٿا ۽ پوءِ ساڳيا

ئي قومي سياسي ليڈر هروپرو واويلا ڪندي ٻين تي بهتان مڙهيندي پنهنجو پلئه آجو ڪن ٿا.

انهن قومي سياسي ليڈرن ڪڏهن ٻه پنهنجي گريبان ۾ جهاتي ڪانه پاتي آهي ته آخر اسان ۾ ڪهڙيون خاميون آهن؟ انهن قومي سياسي ليڈرن ڪڏهن ٻه ڪاپي جي رجحان ۽ تعليم ۾ ٻين ڪمزورين جو خاتمو ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ٻه مثالي عمل نه ڪيو ته جيئن انهن براين جو خاتمو ٿي سگهي ۽ اوهان جهڙي بزرگ سياست سميت ٻين وڏن سياسي اڳواڻن مثال طور ذوالفقار علي ڀٽو خود پنهنجي اولاد کي شاگردي واري زماني ۾ سياست ۾ آڻڻ بجاءِ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليو، جنهن جو واضح مثال محترمه بينظير ڀٽو صاحبه آهي. جيڪا تعليم کي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ سياست ۾ آئي ۽ ڪامياب آهي. ڇو ته هن وقت يا ايندڙ وقت ۾ هٿيارن جي جنگ نه پر ذهن جي جنگ هوندي ۽ ذهن جنگ لاءِ تڏهن ئي قابل هوندا جڏهن انهن ذهن کي تعليم جي زيور سان سنواريو ويندو.

ذوالفقار علي خان، گڙهي ياسين شڪارپور

جواب: آءٌ ڪلاشنڪوفي غنده گردیءَ کي هميشه ايجنسين طرفان ڪرايل تعليم دشمن، عوام دشمن، قوم دشمن ۽ غنداگردي سمجهندو ۽ سڏيندو رهيو آهيان. اها شاگرد سياست ناهي. اها شاگرد سياست جي ٻهروپ ۾ شاگرد دشمن آهي. آءٌ پرامن جمهوري شاگرد سياست کي فائديمند ۽ ضروري سمجهان ٿو ۽ ان جي حمايت ٿو ڪريان. هن وقت توڙي اڳ دنيا جا مسئلا نه رڳو هٿيار سان حل ٿيا آهن ۽ نه فقط ذهن سان، اڄ توڙي اڳ هر دؤر ۾ حالتن آهر ڪڏهن رڳو پرامن طريقا ته ڪڏهن هٿياربند طريقا ته ڪڏهن اهي ٻئي ۽ ٻيا ٻه ڪيئي طريقا درڪار ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهندا. ايجنسين جي سنڊي مار سورمن سنڊي شاگردن کي پڙهڻ ڪٽي ڏنو آهي جو اوهان جا ڏسيل چگا ڪم ٿي سگهن. بهرحال زمانو بدلجي پيو موقعي ۽ حالتن آهر پنهنجي فرض ادائي ڪبي.

باقي رهيو تعليمي دؤر ۾ شاگرد سياست بدران رڳو پڙهڻ، اها گاله ٻه اهڙي مثالي ڪانهي. قومي ۽ انساني احساس ۽ شعور کان ڪورو مائهو جي ڏه پي ايڇ ڊيون ٻه ڪري آيو ته ٻه ڪهڙي خبر ته اهي ڊگريون مئل ماربل قوم لاءِ ٻه ڪجه ڪتب آڻيندو يا رڳو پنهنجي پيٽ لاءِ يا مورڳو پنهنجي قوم جي خلاف ڪم آئي پنهنجو پيٽ پريء، ان ڪري جمهوري ۽ شاگرد دوست سياست فائديمند بلڪ ضروري آهي. شاگردن کي گمراه رڳو پاڻ کي قومپرست سڏائيندڙ سياستدانن نه پاڻ کي اسلامي، عوامي، جمهوري، انقلابي سڏائيندڙ گهٽن سياستدانن ٻه ڪيو آهي. صحيح شاگرد سياست جي پرجوش حمايت ۽

غلط شاگرد سياست جي ثابت قدم مخالفت ٿيڻ گهرجي.

سوال: سنڌ جي اندرين علائقن ۾ سنڌي ماڻهن جي اڪثريت اڻ پڙهيل آهي ۽ ڪجھ سماجي ٻندڻن جي ڪري هو آدمشماري عملي وٺ پاڻ کي باقائده رجسٽر ٿئي ڪرائي انهيءَ ڪري اهڙي حساس ۽ قومي مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ سڀني سنڌي سياسي ڌرين ۽ سماجي تنظيمن کي باقائده اڳتي اچڻ گهرجي. هن مرحلي تي منهنجي صلاح آهي ته "سينزر پروفارما" اخبار ۾ شايع ڪرايو وڃي ته جيئن هڪ عام ماڻهو اهو فارم پري گهر رکي چڏي ۽ جيئن ئي ڳڻپ ڪندڙ عملو ڪنهن گهر تي پهچي ته کين پر ٽيل پروفارما مهيا ڪيو وڃي منهنجي خيال ۾ اهڙي طرح سنڌي ماڻهو باقاعده ڳڻپ ٿيڻ جا روشن امڪان آهن. توهان جو ڇا خيال آهي؟

ساگر وڪيل- ميرپورخاص

جواب: آءٌ توهان سان متفق آهيان. آدمشماري ڪميٽي کي اها پروفارما اخبارن ۾ شايع ڪرائڻ گهرجي.

سوال: اندرون سنڌ جي عام ديوارن تي لکيل هوندو آهي "مهاجر سنڌ مان نڪري وڃو" يا "پنجابيو! سنڌ خالي ڪريو!" انهن تحريرن مان اها مراد ورتي ويندي آهي ته مهاجر ۽ پنجابي استحصالي سامراجي غيرسنڌي، ڌاريا غاصبي فطرت جا آهن ته پوءِ انهن کي سنڌوديش جي آزاديءَ لاءِ (جي ايم سيد) ۽ سنڌ جي بنيادي حقن وٺڻ لاءِ (پليجو صاحب) ۽ سنڌي چورائڻ لاءِ (ممتاز ڀٽو) وغيره پاران زور چو ٿا پريو؟ يا ڪليءَ طرح هيئن ڪٽي سمجھو ته جيڪڏهن اهي استحصالي غاصبي آهن ته سنڌوديش جي آزادي کان پوءِ بنا سنڌ جي بنيادي حقن وٺڻ کان پوءِ يا سنڌي ٿيڻ کان پوءِ به استحصالي سڏجڻ يا پراٽي استحصالي حربي موجب بڌجڻ ته پوءِ ان جو ذميوار ڪير آهي؟ ڇا اهڙا مذڪوره سوالات اوهان جي طرفان غير فطري، غير اصولي ۽ غيرانساني نه آهن؟ سنڌي ۽ مهاجر پنجابي عوام دهشتگردي، تخريبڪاري، اندروني گروه بندي، ڪلاشن ڪلچر، ڪاپي ڪلچر جا ڪارڻ بڻيا آهن ان جا ذميوار اوهان جهڙا سياستدا نه آهن؟

علي حسن شيخ- ڪيهر جو بنگلو، لاڙڪاڻو

جواب: اهي نعرا سنڌي دشمن ايجنسيون سنڌين کي گمراهه ۽ خوار خراب ڪرڻ ۽ پاڪستان جي ٻئي عوام جي نظر ۾ ڪين ملڪ دشمن ۽ پارتي ايجنٽ ٺهرائڻ، انهن الزامن جي آڙ ۾ مٿن فوج ڪشي ڪرائڻ ۽ دهشتگردي ڪرائي

کائنس سندن حق کسڻ ۽ سندن صوبائي خودمختياري کي کوکلو بنائڻ لاءِ پنهنجي سنڌي ايجنٽن کان لکرائن ٿيون. عام بي سمجھ سنڌي ماڻھو انھن نعرن کان گمراھ ٿين ٿا ۽ انھن سنڌ دشمن ايجنٽن کي سورمو سمجھن ٿا. اھائي سنڌ دشمن جي کاميابي آھي سنڌي ماڻھن جي حقن تي سنڌي وڏيرا شاھي ۽ پنجابي مھاجر استحصالي ٽورو ٽولا ڏاڙا ھڻن ٿا ۽ انھن کي غلام بنائڻ جي ڏنڊي ۾ لڳا پيا آھن. اھا حقيقت آھي جنھن کان انکار ڪرڻ اجايو آھي. مثالي ڳالھ ته اھا آھي ته سنڌ ۾ رھندڙ سموريون بوليون ڳالھائيندڙ ماڻھو ۽ برادريون سنڌ کي بنيادي طرح سنڌين جو تاريخي علائقو سمجھندي ۽ تسليم ڪندي سڀ گڏجي سموري سنڌ جي سمورن باشندن جي انساني، جمھوري ۽ سماجي حقن جي واسطي گڏيل جاکوڙ ڪن نه ته ٻ ڳھ ۾ گھٽ سنڌين کي سنڌ مان بيدخل ڪرڻ جي سازش ۾ شريڪ ٿيڻ بند ڪن. آءٌ نٿو سمجھان ته سنڌي ماڻھن خلاف ٿيندڙ دھشتگردي تخريبڪاري، ڪلاشن ڪلچر ۽ ڪاپي ڪلچر جو ڪارڻ اھو آھي جو سنڌين پاران ڪنھن ٻئي سان زيادتي ڪئي وئي آھي. دراصل غدار وڏيراشاھي جي واھر سان ٻيا ٽورو ۽ غاصب ٽولا پاڪستان ٺھڻ جي پھرين ڏينھن کان ونڊي سنڌي ماڻھن کي سنڌ مان عملا بيدخل ڪرڻ جي مھم کي لڳي ويا ۽ ھو سنڌين کي پنھنجو ٻڌو ٻانھ ڪري ھلائڻ چاھين ٿا. ان سازش جا ٻئي اھي کيل آھن جن کي سنڌي ماڻھن جي سياسي پسماندگيءَ ۽ سنڌي مڊل ڪلاس جي بي حمتي، بزدليءَ ۽ موقعي پرستيءَ ھيستائين ڪامياب ٻئي بنايو آھي.

اھا سنڌ دشمن ۽ وٽن سرخرو ٿيڻ ۽ سندن ميان منو ٻڌجڻ جي اميدوار سنڌي غدارن ۽ وطن فروشن جي لائين آھي ته دھشتگرد ويچارا ڏاڍا نيڪ نمازي پرھيزگار ۽ اشراف آھن ۽ ھلندي زمين ۾ ڪونه ٿا ڏکوئين پر ويچارا ڇا ڪن جو سنڌي پاڻ ٿا دھشتگرد ٿيڻ لاءِ مجبور ڪن.

سوال: مون کي سنڌي ۽ انگريزي شروعات کان سکڻ جو شوق آھي. ترتيب وار ڪھڙن ڪتابن جو اپياس ڪجي، نالا ۽ طريقا لکندا.

محمد رمضان- ٽنڈوجان محمد

جواب: "ست ڏينھن ۾ انگريزي"، "ٽيھن ڏينھن ۾ انگريزي" ۽ ٻيا اھڙا ڪتاب بازار ۾ موجود آھن ڪھڙي سان به شروعات ڪريو. انگريزي آھستي آھستي اچڻ شروع ٿيندي رڳو ھمت ڪريو.

سوال: مذھب جي اصل حقيقت ڇا آھي؟ تنھن بابت سائنس ڇا ٿي چوي؟

فيض بلوچ معرفت محمد عرس ميمڻ-

سب ڊويزن واپڊا آپريشن پي او - دادو

جواب: اسين مسلمانن جو اولاد آهيون. اسان کي وڏن کان ورثي ۾ مسلماني عقيدا مليا آهن ساڳيءَ طرح هندو، عيسائي، يهودي ۽ بڌ ٻ پنهنجي پنهنجي هندو، عيسائي، يهودي ۽ بڌ مائٽن جا اولاد آهن. ڪين ٻ پنهنجي پنهنجي مذهبن بابت اسان وانگر ئي وڏن کان ورثي طور عقيدا مليل آهن. گهٽي پاڳي ان بنياد تي ئي پاڻ سڀ سمجهون ٿا ۽ چئون ٿا ته اسان جو مذهب سچو آهي. ۽ ٻيون سڀ ڪوڙيون ڳالهيون آهن. مولانا مودوديءَ ٻ عقيدي جي ان بنياد جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته اسان جي عقيدن جو اوائلي بنياد بنيادي طرح وڏن کان ورثي ۾ مليل ۽ بدل ڳالهين محمد محمد محمد محمد محمد جي نٿي مڃي. ان وٽ ڪنهن ٻ ڳاله کي خالص عقيدي طور مڃڻ جي گنجائش ڪانهي. ڇو ته اها ڪنهن ٻ ڳاله کي قطعي آخري ۽ ڪڏهن ٻ تبديل نٿي سمجهي. خود پنهنجي ڳالهين کي ٻ اها قطعي ۽ آخري ڪري نه ٿي ونڻي. اها سڌائين پنهنجي تحقيقات جي نتيجن جي چڪاس ونڊي رهي ٿي ۽ پنهنجون غطيون پڙ ڳولي لهي ٿي، پڌائي ٿي ۽ درست ڪري ٿي ان ڪري ئي سائنس جي ثابت ٿيل ڳالهين بابت روءِ زمين تي بنيادي اتفاق راءِ آهي. سائنس سڄي دنيا ۾ بنيادي طرح ساڳي ۽ هڪڙي آهي. هر ملڪ ۾ ٻ ٻ ڪل چار آهن. هر ملڪ ۾ فزڪس، ڪيمسٽري، فلڪيات، اليڪٽرونڪس، جو علم ساڳيو آهي. بجلي، ريڊيو، ٽي وي، موٽرون، ريلون جهاز ۽ ٽيليفون ساڳيا آهن ۽ ساڳئي اصولن تي نهن ۽ هلن ٿا. سبب ته هر ڳاله سوالن جوابن اعتراضن، صحبتن، ڪليل بحثن مباحثن، تحقيقاتن تجربن ۽ چڪاس جي ڪوري مان پچي نڪتي آهي ۽ مڪمل طرح ۽ هزارين دفعا روز روز چڪاس ۽ تصديق ٿيل آهي ۽ ٽيندي رهي ٿي ۽ سڌائين روز بروز ٽيندي رهندي. ڪائنات ڇا آهي؟ ڪيئن ٿي هلي؟

انهيءَ ۽ اهڙن سوالن بابت جواب مختلف بلڪ ابتڙ قسمن جا آهن، هڪڙي قسم جا جواب دنيا جا مذهب ڏين ٿا، ٻئي قسم جا جواب سائنس ڏئي ٿي، اهي جواب اڪثر هڪ ٻئي جي سراسر ابتڙ آهن. اهي جواب صحيح آهن. يا غلط تنهن جي ڪسوٽي مذهب وٽ جدا آهي ۽ سائنس وٽ جدا. سمورن مذهبن جي حامين جو موقف آهي ته اسان جو علم سڏو خدا، پيگوان، گاڊ وغيره ۽ سندس مقدس ڪتابن روحاني نمائندن اوتارن ۽ نبين جي ذريعي اسان وٽ پهتو آهي. اهو قطعي آهي، آخري آهي، تبديل ٽيندڙ ناهي ۽ ان ۾ زير زير جي فرق جي گنجائش ڪانهي. ان ڪري هڪ حد کان پوءِ مذهبي ڳالهين بابت خالص عقلي علميءَ سائنس تحقيقات ۽ دليل بازي جي گنجائش نٿي سمجهي ويجي. ان جو دليل هن قسم جو ٿئي ٿو. هيءَ ڳاله انجيل ۾ يا

ويدن يا زبور يا قرآن شريف کليل آهي. اهو پاڪ ڪتاب خدا جو يا پيڳوان جو پاڻ خلقيل آهي ۽ سو فيصد صحيح آهي. ان جي آسماني ڪتاب هجڻ يا نہ هجڻ ۽ ان جي زي زير سميتصحيح هجڻ يا نہ هجڻ بابت بنيادي سوال جواب ڪرڻ جي گنجائش ڪانهي. گذريل صدين ۾ جنهن به مذهب جي جن به ماڻهن اهڙا بنيادي سوال جواب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تن مان گهڻن کي زندگيءَ تان هٿ ڏوئڻو پيو آهي. نتيجي طور انساني تاريخ جي گذريل سمورين ٻي انداز صدين ۾ مذهبي عقيدي کي خالص عقليءَ علمي ۽ سائنسي تحقيقات، بحث مباحثيدليل بازيءَ چئلينج ۽ تصديق جي دائري کان اڳ سمجهي ان باري ۾ خالص پنهنجي پنهنجي عقيدي مطابق ڳالهيون ڪيون ويندين رهيون آهن. ان ڪري جيئن سائنس هر بنيادي کان بنيادي سوال بابت سواءِ ڪنهن زور زبردستيءَ فتوابازي ۽ تلوارٻازيءَ جي پنهنجي سوال جواب ۽ بحث مباثا کلئي عام ۽ خوش دليءَ ۽ وسيع خياليءَ خالص عملي نموني ڪري پنهنجا معاملا طئي ڪري چڏيا آهن تيئن دنيا جي مخالف مذهبن جا حامي نہ ڪري سگهيا آهن. نتيجي طور دنيا جي مذهبي سوالن ۽ معاملن جي چوڌاري پيدا ڪيل گهٽ ٻوسٽ، دباءُ، زبردستي خوف ۽ موت جي ڌمڪيءَ ۽ خطري واري ماحول سبب هزارين سوال ۽ نقطا اڃ فيصل ٿيل رهجي ويا آهن ۽ هزارين سخت اختلافن ۽ ثقافت کي جنم ڏيئي چڪا آهن. انهن شديد تضادن ۽ تفرقن سبب ڪروڙين اربين انسانن جون حياتيون تباه ٿيندين رهيون آهن ۽ ٽين پيون، سائنس ۾ تباهيون ڪيون آهن پر اهي سائنسي سوالن بابت ڪنهن موڪهاري اختلاف يا فتوابازيءَ ڪري نہ پر حڪمرانن جي وچ ۾ سياسي ۽ ملڪي مفادن جي ٽڪر جي ڪري ٿيون آهن، سائنس جا پنهنجا طريقا، معاملا ۽ تحقيات ۽ واڌاري جا رخ ۽ رستا صاف ۽ پڌرا ٿيا پيا آهن سائنس کي ايڏا لکين ڪروڙين سوال پڇڻا ۽ جواب ڏيڻا آهن. پر ان ۾ ڪو لڻ ڏڪي جو سوال ڪونهي. مخالف ڌر خلاف ڪفر جي فتوا ڏيئي سندس سسي ڪتري چڏڻ جو مسئلو ڪونهي. اهڙيءَ ريت گذريل صدين جي مخصوص تاريخي ۽ سماجي ۽ سياسي حالتن ۽ مخصوص فڪري ماحول جي ڪري مذهب بابت خالص علمي، عقلي ۽ سائنسي بنيادن تي تمام ٿيل تحقيقات خاص نہ ڏني ويئي آهي. گهڻن مذهبن جي سينٽ ٿامس اڪيئناس، امام غزالي، شنڪر آچاريه جهڙن علمبردارن پنهنجي پنهنجي نقطه نظر جي حمايت ۾ ٻي انداز ڪتاب لکيا آهن. تازو يونيسڪو ۽ حڪومت هند طرفان پراگ جي جرمن يونيورسٽيءَ جي هندستاني فلسفي ۽ نسليت جي پروفيسر ونٽر مٽز جو 50 جلدن ۾ مرتب ڪيل ڪتابي سلسلو ”مشرق جا مقدس ڪتاب“ بيهر شايع ٿيو آهي جيڪو سپ کان اڳ پروفيسر مئڪس ملر مرتب ڪيو هو. ان ۾ اسلام هندومت، جين ڌرم، ٻڌ

ڏرم، تائومت، يهوديت، زردشتي، مذهب ۽ ڪنفيوش جي مذهب جا سمورا مقدس ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن. اهو پاڪ آمريڪن بوڪ استور زيب النساءِ اسٽريٽ ڪراچيءَ ۾ ملي ٿو. ٻئي طرف مذهبن جي ارتقا جي تاريخ جي سلسلي ۾ ٻه ڪتاب شايع ٿيل اهن جهڙوڪ سرجيمس فريز جو "جادو ۽ سائنس" آلن گرانٽ جو "خدا جي تصور جو بڻ بنياد" انگر سال جا مقالا وغيره ايندڙ صديءَ ۾ ٿي سگهي ٿو ته ان باري ۾ علمي ۽ سائنسي سوچ ويچار ۽ تحقيقات جو دور شروع ٿي سگهي.

سوال: ڇا اوهان پاڪستان جا حامي آهيو يا نه؟

محمد اشرف بروهي- جيڪب آباد

جواب: آءٌ اهڙي پاڪستان جو حامي آهيان، جنهن ۾ اسان سميت سمورن پاڪستان باشندن جا انساني، سماجي، تهذيبي، قانوني، اقتصادي ۽ سياسي حق ۽ آزاديون محفوظ هن ۽ جنهن ۾ اسين هڪڙي خوشين ڀري خوشحال زندگي گذاري سگهون.

سوال: صاحب جڏهن اقتدار کان ٻاهر هوندا آهن ته سندءِ سنڌين جي حقن جي ڳالهه ڪندا آهن. انهيءَ مهل اهڙيون ڳالهيون ڪندا آهن ته چڙ هي اسان جا سڄڻ آهن. جيڪڏهن ڪنهن جاءِ تي جيڪڏهن ڏاڙيل ڪنهن غريب کي ماري ويندا يا انهيءَ جي پٽ کي اغوا ڪري ويندا يا وري ڪنهن غريب سنڌياڻي عوت جي عزت لٽجي ويندي آهي يا بيروزگاري چوٽن تي چڙهي ويندي آهي ته انهيءَ تي بحث ڪندا آهن ته هي حڪومت سنڌين جي دشمن آهي يا وري چوندا آهن ته هن حڪومت اسان کي ڇا ڏنو آهي؟ اچانڪ جيڪڏهن اهي اسان جا سڄڻ ليڊر اسمبليءَ ۾ پهچن ٿا ته انهن جا وات ڇو بند ٿي وڃن ٿا ۽ ڇا انهن کان پڇا ڪري سگهجي ٿي ته توهان جا وات ڪنهن سُڻيءَ سان سبي ڇڏيا آهن؟

حبيب الرحمان جسڪاڻي- ڳوٺ صوبدار سرگاڻي- تعلقو ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو

جواب: پڇي سگهي ٿو، اڇا پڇون پيا.

سوال: شيخ ايار رات وچ ۾ وڏو خدا پرست ۽ مومن بنجي ويو آهي. تبصرو ڪريو!

نائلہ شاھ- زيب النساءِ هاسٽل- ايل ايم سي، جامشورو

جواب: مبارڪ! خداوند تعاليٰ شال سڀني مسلمانن کي ايمان جي دولت سان مالامال ڪري! آمين ثم آمين! ڪجھ شعر دل تي ترير ٿا اچن.

آيل ان نہ وسھان، ھنجون جي ھارين
آٽيو آب اکين ۾، ڏيھ کي ڏيکارين
سڄڻ جي سارين، سي نڪي رُون نہ چُون ڪي.

(شاھ)

خدا ڪي بندي تو ھين ھزارون،
بنون مين قرتي ھين ماري ماري،
مين اسکا بنده بنون گا جس کو،
خدا کي بندون سي پيار ھوگا.

(علامہ اقبال)

خدا خوان تاخدا دان، فرق دارد
ڪ حيوان تا بہ انسان، فرق دارد (فروغي بسطامي)

(سڪٽو وات "خدا" "خدا" ڪندڙ ۽ واقعي خدا کي سڃاڻندڙ انھن بنھي جي وچ ۾ ايڏو وڏو فرق آھي، جيڏو حيوان ۽ انسانجيوچ ۾ آھي)

بزير دلق ملمع ڪمندھا دارند دراز دستي اين کوتھ آستينان بين (حافظ)

(صوفين واريون گودڙيون پايو، انھن ۾ ماڻھو ڪائٽ جون کوڙڪيون لڪايو وينا آھن، چوتڙا شرعي لباس اوڍي وينل ھن ماڻھن جون استادیون تہ ڏسو!)

حافظامي خور و رندي کن و خوش باش ولي
دام تزوير مکن چودگران قرآن را (حافظ)

(حافظ! شراب پي، مست ٿي، موجون کر، رڳوھڪڙي ڪڏي ڪم کان پاسو ڪجانءِ جيئن پيا قرآن کي خدا جي خلق ڪائٽ جي کوڙڪي بنايو وينا آھن. تيئن پيلي متان ڪرين پيو جيڪي وٽيئي سو ويچي ڪر!)

آتش زرق وريا خرمن دين خواھد سوخت
حافظ ايئن خرقہ پشمينہ بينداز و برو (حافظ)

(ھيءَ مڪر ۽ رياڪاريءَ جي باھ دين جو ڪرو ساڙي چٽ ڪري چڏيندي. حافظ! اھا ديندارياءَ جو کوڙو ڏيک ڏيندڙ گودڙي اچلائي ڦٽي ڪري پنھنجو گس وٺ!)

مي خور کہ ش يخ و حافظ و مفتي و محتسب
چون نيک بنگري ھمہ تزوير مي کنند (حافظ)

(ماڻ ڪري ويھي شراب پي، چو تہ شيخ ھجي يا حافظ مفتي ھجي يا محتسب چگي طرح جاچي ڏسندين تہ سڀ رڳو فريب ۽ مڪر ونا کن!)

بشارت بر بکوئي مي فروشان

ڪ حافظ توبہ از زهد و ريا ڪرد (حافظ)
(مئي خاني وارن جي پاڙي ۾ مبارڪون وڃي ڏيءِ، تہ حافظ ڏيکاءَ جي عبادتن ۽ رياضت ۽ ڪوڙي دينداريءَ کان، توبہ ڪري ڇڏي آهي.)

سوال: مون جگ مشهور اديب امرتا پريتم جا ڪي ناول ۽ ڪهاڻيون پڙهيون آهن. مون کي ڏاڍا وٽيا. پڻو اڃ تہ هوءَ شاعره بہ زبردست آهي ڇا واقعي؟ توهان "ڪاوش" جي پڙهندرن کي سندس شاعري مان ڪا وَٽ ڪرائي سگهون ٿا

عذرا پروين ميمڻ حيدرآباد

جواب: هوءَ پنجابي زبان جي وڏي شاعره آهي، سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو اردو رسم الخط ۾ "نوين رُت" (نئين جي رت) جي نالي سان ڇپيل آهي. ان جي هڪ نظم جو سنڌي ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

رانجهن ڙي تنهنجو نالو!
رانجهن ڙي تنهنجو نالو!
پهرين مولويءَ ورتو،
جنهن تنهنجي ڪن ۾ بانگ ڏيئي تنهنجو اهو نالو رکيو.
پوءِ "رانجهن!"، "رانجهن!" ڪندي رهي تنهنجي پاڳ پري ماڻي،
رانجهن ڙي تنهنجو نالو!
اهڙ ورتو، ابي ورتو، پوءِ پائرن ورتو،
رانجهن ڙي تنهنجو نالو!
تنهنجي نالي وٺڻ ۾
ڪنهن کي بہ ڪا ڏوهہ نٿو ڏٺي،
ڪوبہ ڪنهن کي منع نٿو ڪري،
پر ڏڌهن گناهہ ڇو ٿو بنجي ڙي رانجهن!
جڏهن آڻ، هير تتي، وات سان وٺان تي،
رانجهن ڙي تنهنجو نالو!
ائي هيرا رانجهن تنهنجي جو نالو
ڇا ٿي پيو جي مولويءَ ورتو؟
پلي مائس بہ وٺي تہ سندس بابو بہ وٺي
پاڻ بہ وٺنس ۽ پاڃايون بہ وٺنس،
پلي ڪٽي سڄو ڳوٺ وٺي!
پرائي هير جي تون هڪڙي نہ وٺين هاڻ
تہ اڄ ڪير وٺي ها سندس نالو؟

تنهنجي ان نالي وٽ جي ڪري ئي،
صدين کان پوءِ اڄ بہ ڇوڪريون،
پنهنجي پنهنجي سڃڙ جو رکن ٿيون رانجهن نالو
ائي هيرا رانجهن تنهنجي جو نالو!

سوال: توهان سڀائين زور ڀري هدايت پيدا ڪندا آهيو تہ ڪا چگي لکڻي يا ڪو ڪتاب چگيءَ طرح پڙهو، ان "چگيءَ طرح پڙهڻ" مان اوهان جي ڇا مراد آهي؟ وضاحت ڪندا!

شمع ناريجو حيدرآباد

جواب: چگيءَ طرح پڙهڻ منهنجي نظر ۾ اهو آهي تہ ڪو سٺو ۽ ڪم جو ڪتاب هجي، ڪا لکڻي هجي، ڪو مضمون هجي وغيره وغيره تہ اهو پاڻ پڙهجي، بار بار پڙهجي، پنهنجن مائٽن ۽ دوستن کي پڙهائجي، ان تي گڏيل بحث ڪجي، ان جي مکيہ نڪتن کي هنيئن سان هنڊائجي، انهن کي پنهنجي وطن ۽ عوام جي حالتن سان پيٽي ۽ لاڳو ڪري ڏسجي ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي وطن جي بهتر خدمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي.

سوال: رڳو اقليتي هندو ڇوڪريون اغوا ٿي رهيون آهن. مثال اپر سنڌ مان پنج هندو ڇوڪريون اغوا ٿيون، ايئن رڳو سنڌ صوبي مان اغوا ٿين ٿيون يا ٻين صوبن ۾ بہ ايئن ٿئي ٿو؟ توهان ٻڌاي تہ ايئن رڳو سنڌ ۾ ڇو ٿئي ٿو ۽ انهيءَ تي حڪومت سختيءَ سان نوٽيس چونہ ٿي وڻي؟

"ميگهو" ٽنڈو غلام علي

جواب: سنڌ ۾ هندن خلاف مذهبي تعصب ۽ ظلم ۽ زبردستي صدين کان ٿيندو رهيو آهي ۽ اڄ بہ ٿئي پيو. ٻين هڏن تي وري مسلمانن ۽ ٻين تي ظلم پيو ٿئي جيئن بوسينا ۾ آهي، زبردستي ۽ ظلم ڦورو پرمار ۽ ظالم ماڻهن ٽولن، طبقن ۽ قومن جو پراڻو ڏنڏو آهي. ان لاءِ هو هر قسم جون آڙون وڻندا آهن. ڪڏهن سياست جون، ڪڏهن دين ڌرم جون تہ ڪڏهن وطن ۽ قوم جي حب جون، پاڪستان جا ڦورو ۽ ظالم ٽولا مذهب جي آڙ کي نهايت بي حيائيءَ سان استعمال ڪندا رهيا آهن. سنڌ جا هندو سرنديءَ وارا طبقا اصل کان وڻي گهٽي پاڳي خودغرض، موقعي پرست ۽ رڳو ڪمائي وڏائڻ جا عاشق ٿيئي رهيا آهن. هو هندو عوام جي حقن جي حفاظت لاءِ ڪڪ چني بہ بہ ڪرڻ ٿا گهرن تہ متان سندن ڪمائي تي ڪم اثر نہ پوي يا ڪنهن جي اکين ۾ نہ ٿي وڃون. هو "چٽ" سنڌي عوام جي جدوجهد ۾ ڪوبہ ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار

نہ هوندا آهن. ۽ پاڻ کي سدائين انهن کان وڌيڪ هوشيار، قابل ۽ مٿاهون ليکي سدائين رڳو وڏيرا شاهي ۽ ڪرسي نشين حاڪمن جي چمچاگيري ڪري ڪروڙين ڪمائيندا رهيا آهن. مسلمان وڏيرا شاهي اصل کان غدار ابن غدار ۽ سياسي طرح جاهل ابن جاهل آهن. ڪيس سپاٽي جو ڪوبہ فڪر ڪونهي رڳو اڄ وڏ ۾ حڪومت وسيلن ذريعي ڏاڙا جاري رکڻ سان دلچسپي اٿس. سنڌي وچولو طبقو اڻ لک ۽ ماني مڇيءَ وارو هيٺيون وچولو طبقو ڪمزور، وائڙو ۽ تنگ نظر ۽ پنهنجي ۾ پورو آهي. ان ڪري هي زبردستيون ظالم ماڻهن کي ڦيٿيون ٽيون ويڻ. بهرحال اها اسان هندو توڙي مسلمان سنڌين لاءِ شرمناڪ ڳالهہ آهي، جو اسان جون نياڻيون ۽ پيٽون هن قسم جي استحصال جو شڪار ٿي رهيو آهن ۽ نہ رڳو حڪومت پر اسين سڀ تماشبين کان بهتر ڪردار ادا ڪري نہ سگهيا آهيون. هن باري ۾ ڪجھ ٽيڻ گهرجي ۽ جلد ٽيڻ گهرجي.

سوال: اوهان لاءِ ٻڌو ۽ پڙهيو هوم تہ اوهان کي ويسر جي عادت آهي طارق اشرف جي ڪتابن ۽ مولوي بخش چانڊئي جي ڪاوش ميگزين ۾ چپيل جيل جي ساروٽين ۾ اوهان جي انهيءَ عادت متعلق دلچسپ قصا پڙهڻ وٽان ملياہ، ڪافي دوستن کان اوهان جي ويسر متعلق معلومات بہ ملي. پر تنهن ڏينهن 21 مارچ واري "اوهان جي عدالت" ۾ اوهان جي درويشي نيٺ نظرن کان گذري. ردبارد ڪيلنگ جو مشهور نظم "اف" (جيڪڏهن) جي سنڌي ترجمي متعلق پڇيل سوال جي جواب ۾ اوهان جي ويسر جي ننڍڙي جهلڪ ڏسڻ وٽان ملي، انهيءَ ڏس ۾ اوهان کي ياد ڏياريان تہ اوهان انهيءَ نظم جو سنڌي ۾ ترجمو ڪري چڪا آهيو، جيڪا ڪاوش ۾ "دنيا جي چونڊ شاعري" جي سلسلي هيٺ ڇپي هئي. شايد عنوان هيس "سچو مڙس ماڻهو" اوهان جي لکڻين جا عاشق "دنيا جي چونڊ شاعري" ۽ اڌ ڇڏيل "ٻي جنگ عظيم جون اهم لڙائيون" کي (Resume) ڪرڻ جو مطالبو ٿا ڪن ۽ پليجا صاحب هڪڙي ٻي ڳالهہ تہ اسان جي قومي شاعر سائين شيخ ايار جو "نئون فڪر" بہ اوهان کان گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي ڪتاب جو مطلوب آهي. پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو سويلين ايوارڊ حاصل ڪندڙ اسان جي قومي شاعر شيخ ايار جي موجوده شاعري ۾ سمايل "نئين فڪر" جي مطالعي کان بحيثيت هڪ نقاد جي لنوائڻ جي ڪوشش اميد آهي تہ نہ ڪندا.

تاجل بلوچ- جامشورو

جواب: "ٻي جنگ عظيم جون اهم لڙائيون" واقعي ان ڪري اڌ ۾ ڇڏي ڏنم جو سمجهيم تہ اهي شايد گهٽن پڙهندڙن جي سمجھ جي دائري کان ٻاهر جون

ڳالهيون آهن. توهان چئو ٿا ته ڪنهن ڏينهن وري شروع ٿيو. پنهنجي اڳوڻي زبردست انقلابي ۽ زبردست شاعر ۽ هاڻ ان ڪفر جي راه کان توبه تائب ٿي سرمائيداري سامراجي نظام طرفان دنيا تي ڪيل عظيم احسانن ۽ بيمثال عنايتن جي شيدائي ۽ مبلغ ۽ سندس "جمهوريت" نواز عالمي سياسي لائين جي باريڪ بين تجزيه نگار آتش بيان سياسي پرچارڪ ۽ صف شڪن مجاهد نبيل صاحب بصيرت بزرگ حضرت شيخ مبارڪ ايياز زاد الله برڪاتهم ودام الله فيوضهم جي ايمان افروز ملفوظات ۽ بابرڪات تحريرن جي شرح، تفسير ۽ منجهن سمايل روحاني رازن جي انڪشاف جي سلسلي ۾ في الحال سنڌي قوم جي فهم ۽ فڪر جي آسمان جي ستارن ڏانهن پيا ڏسون ته ان باري ۾ پنهنجي گرامي قدر تحقيقات جي ڪهڑي روشني ٿا سنڌي ماڻهن کي بخشين، ايڏا فقط تاج بلوچ رسالي "روح رهاڻ" ۾ ٿورڙي سيءَ پاهر ڪڍي آهي. پوءِ پاڻ به پري ڪونه آهيون. پنهنجي ته اوئين اها مٿي جي پري آهي ۽ ڪلها اڳيئي گنل اٿئون. فڪر نه ڪريو! پاڻ سرسيءَ محل عوام ۽ انقلاب جي فدائي بڻجڻ ۽ لاڻ محل توبه تائب ٿيڻ ۽ لنوائڻ وارن مان ڪونه آهيون. پاڻ "چري ڪئن" "ويران ويرِ وڏا" وارن مان آهيون.

نه هر درخت تحمل ڪند جفائي خزان
غلام همت سروم ڪه اين قدم دارد (حافظ)

(خزان جا ظلم ۽ برباديون سهي ويڙ هر وڻ جو ڪم ناهي، سروجي درخت جي مڙسي جو غلام آهيان جنهن ۾ اهو دم آهي.)

نئين سج نئون، مون کي ورهه ويڙهيجن جو (شاه)
ويا اڏامي ڪڪ، پڙ تان پاهڙ نه چري (خليفو نبي بخش)
مرا از تست هردم تازه عشقي
ترا هر ساعتي حسن دگرباد (حافظ)

(مون کي هر گهڙيءَ توسان نئين سر تازو عشق ٿو ٿئي! خدا ڪري هر پل توکي پيو حسن عطا ٿيندو رهي!)

حلقه پير مغانم از ازلم درگوش است
برهما نيم ڪه بوديم وغمان خواهد شد

(مئي خاني جي مير جي فرمانبرداري جو والو ازل کان ونيِ ڪتن ۾ پيل اٿئون. اسين ان ئي ڳالهه تي بينل آهيون جنهن تي اڳ هئاسون ۽ آئيندي به انشاءَ الله ايئن ئي رهنداسين.)

سوال: انسان دوستيءِ ۽ خدا پرستيءِ انهن مان ڪهڙو وڌيڪ ڏکيو آهي؟

حسنا عيمڻ- جامشورو

جواب: اڳي جي خبر خدا کي باقي هن زماني ۾ مالڪن جو چوڻ آهي ته انسان دوستيءَ جي "ڪافر" عشق جي راهه، "مومن" عشق جي پيٽ ۾ ڏاڍي ڏکي آهي.

رب دا عاشق هوڻ سکالا، اي بهت سکالي بازي
گوشا پڪڙ رهي هو صابر، ڦڙ تسبيح بٽي نمازي
سک آرام جڳت وچ سوپاه، اتي ديک هووي جگ راضي
هاشم! خاڪ رُلاوي لکيان اي ڪافر عشق مجازي

(اڇڪلھ) "رب جو عاشق" بڻجڻ ڏاڍو سولو ڪم آهي، اها راند ڏاڍي سوکي آهي. ماڻهو ڪنڌ وڻيو، صابر بنيو، تسبيح ڪٽيو نيڪ نمازي ٿيو ويڻو هوندو. سک آرام هوندو، دنيا ۾ نيڪي هوندي، هرڪو ڏسيو پيو ساراهيندو ۽ شابسون ڏيندو باقي هاشم! اهو جيڪو انسان جو انسان سان ڪافر عشق آهي. سو ته ماڻهو کي گهٽين جي ڏوڙ ۾ ملايو ڏڙوڪ ڪري ڇڏيو.)

سوال: سائين اسان اسان جي وڏن شهرن ۾ جهڙوڪ سنڌ جي دل ڪراچي ۽ حيدرآباد جهڙن شهرن ۾ سنڌي نه هجڻ جي برابر آهن. سائين اسان پنهنجي شهرن ۾ ڪيئن پنهنجي اڪثريت آئي سگهون ٿا؟

محبوب علي ڏيرو - ڏوکري

جواب: اسان 1970ع کان وٺي عوامي حڪومتن کي ڇويزون ڏيندا پيا اچون ته سنڌي ماڻهن کي وڏن شهرن ۾ آباد ٿيڻ جون سهولتون ڏيو. پر نڪمي، ابن الوقت، جاهل پيٽ پرست سياسي عقل کان پيدل ۽ نااهل وڏيرا شاهي رڳو عوامي خزاني ۽ قومي وسيلن کي ڦرلٽ ڪرڻ ۽ ڏاڙا هڻڻ جاڻي ٿي ۽ رات ڏينهن ڪرايو ان ڏنڊي کي لڳي پئي آهي ٻئي طرف سنڌ جا جيڪي ڳوٺ وڏن شهرن ۾ رهيل آهن اهي به اتان جي وڏيرن هٿي ٻين سان وڪٽي ڇڏيا آهن وڪڻن پيا. نه ته اهو مسئلو حل ڪرڻ کو ايڏو ڏکيو ڪونهي. ڪا سنڌي ماڻهن جي واقعي هڏ ڏوکي ۽ همت واري حڪومت واقعي مڙسي ڪري ته چند سالن جي رڪاوٽندي واري جاکوڙ ذريعي سنڌ جا شهر وري به سنڌي شهر ٿي سگهن ٿا.

سوال: اسان جا سنڌي ماڻهو هميشه اسان سومرن کي چوندا آهن ته توهان اصل سومرا نه آهيو ۽ سومرا قوم جنگ دوران سپ ختم ٿي ويا ۽ "شهيد دودي" سومري جي خاندان مان ڪوبه نه رهيو. محترم سائين، مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته سومرا قوم ڪيئن وڌيا؟ ڪٽان آيا ۽ ڪهڙي (نسل) قبيلي سان سان تعلق آهي؟

ٻنون تعلقہ ميرپور ٻٽورو

جواب: تاريخن جي چوڻ مطابق سومرا ۽ سمن وانگر چند روشني راجپوت آهن. ڪڇ سان ۽ سندن لاڳاپو رهيو آهي دودي واري جنگ ۾ سڀ سومرا مري ڪونہ ويا هئا سومرا اهڙا ئي سنڌي آهن جهڙا پيا.

سوال: اسان شر قوم ڏانهن ٻين قومن وارن جا رويہ هميشہ ڏارين وارا رهيا آهن. جيڪڏهن ڪوبہ شخص پڇندو تہ ڪير آهين؟ جواب ۾ جيڪڏهن چوندو تہ "شر" تہ يڪدم ان شخص کان چرڪ نڪري ويندو ۽ چوندو، "الله پناه ڏي" مون کي ان ڳالهہ جو شديد احساس ٿئي ٿو تہ آخر اسين آهيون ڇا؟ ۽ هي ماڻهو ايترو اسان کان لهرائين ڇو ٿا؟ ڪڏهن ڪڏهن ٻين قومن خاص ڪري (سماٽ جن قومن) وارا ايئن ۽ چون ٿا تہ اوهين بلوچ آهيو. اوهين سنڌ خالي ڪريو. اوهان جو سنڌ ۾ ڇا آهي؟ تڏهن دل ۾ شديد احساس ٿئي ٿو تہ ڇا واقعي سنڌ ۾ رهڻ اسان جو ڪو حق ڪونهي؟ جڏهن تہ اسان جو جيئڻ ۽ مرڻ سنڌ سان آهي ۽ اسين صدين کان سنڌي ٻولي ڳالهائيندا اچون. اسان بلوچي زبان بابت ذرو ۽ ڪونہ ٿا ڄاڻون. اسين سنڌي آهيون ۽ اسين سنڌي ٿي رهڻ ٿا چاهيون. پر براءِ مهرباني اسان کي پنهنجي تاريخي پس منظر بابت ٻڌائيندا؟

داون علي شر- شادي پلي شهر عمرڪوٽ

جواب: اوهين ۽ ٻين وانگر سنڌي پروچ آهيو ۽ سڀني جهڙا سنڌي آهيو، جيڪي اوهان بابت اوهان جي ڪليل ڳالهين جهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا. سي سنڌي قوم سان دوستيءَ جون ڳالهيون نٿا ڪن. اهڙيون ڳالهيون نہ ٿيڻ گهرجن ۽ نہ انهن کي ڪا اهميت ڏيڻ کپي.

سوال: رڊيارڊ ڪپلنگ جو هڪڙو جڳ مشهور نظم آهي (اف) (جيڪڏهن، اهو اگر توهان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏيو تہ ڪَر سنڌي ماڻهو ۽ دنيا جي بهترين شاعريءَ مان ڪجهہ نہ ڪجهہ فيضاب ضرور ٿين. اميد تہ ناااميد ڪونہ ڪندا؟

شڪيل ملاح- سجاول

جواب: رڊيارڊ ڪپلنگ جي نظم (اف) (جيڪڏهن) جنهن ۾ هن هڪڙي سچي مڙس ماڻهوءَ جو آدرش ۽ ان جون ڪسوٽيون بيان ڪيون آهن تنهن جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

"جيڪڏهن

ان وقت جڏهن،
تنهنجي چوڌاري سڀ ماڻهو پنهنجا حواس وڃائي ويهي رهن ۽
سڀ سڄو ڏوهه توتي مڙهين،
تون پنهنجا هوش حواس سلامت رکين.
جيڪڏهن ان وقت،
جڏهن سڀ ماڻهو توتي پروسو نه ڪن،
تڏهن تون پنهنجو پاڻ تي پروسو قائم رکين،
۽ سندن شڪ شبهين لاءِ ڪين ڏوهه نه ڏين،
جيڪڏهن تون انتظار ڪري سگهين،
۽ انتظار ڪندي ٿڪي نه پوين،
جيڪڏهن ماڻهن جون تنهنجي باري ۾ ڪيل ڪوڙيون ڳالهيون
ٻڌي ٻڌي،
تون پاڻ به ڪوڙن هٿ ۾ نه پئجي وڃين،
جيڪڏهن نفرت نه ڪرڻ لڳين،
۽ ان ڇڳيءَ سوچ سبب پاڻ کي اجايو نيڪ نه سمجهڻ لڳين،
اهڙيون ڳالهيون نه ڪرڻ لڳين،
جن مان ڏاهپ جو ڪوڙو ڏيکاءُ نظر اچي،
جيڪڏهن تون خواب لهي سگهين،
۽ خوابن کي پاڻ تي سوار نه ڪري ڇڏين،
جيڪڏهن تون سوچي سگهين
۽ رڳو سوچيندي ئي رهڻ کي پنهنجو مقصد نه بنائي ڇڏين،
جيڪڏهن تون سوچ توڙي شڪست سان ملين،
۽ ٻنهي ٻهروپين سان هڪ جهڙي هلت هلين،
جيڪڏهن تون اها ڳالهه برداشت ڪري سگهين
ته تون جيڪو سچ ڳالهايو آهي،
تنهن کي بدمعاش ماڻهو ٽوڙي مروڙي،
ان مان احمقن کي برغلائڻ لاءِ ڪوڙڪي بنائي ڇڏين،
جيڪڏهن
تنهنجي ڏسندي ڏسندي،
اهي سموريون شيون ۽ ڳالهيون
جن کي ناهڻ ۽ بنائڻ لاءِ تون پنهنجي سموري
زندگي ڏني آهي،
سي سڀ ڀڄي پور ٿي پون،

۽ تون هيٺ جهڪي پنهنجي ڳٽل ۽ ڪٽيل اوزارن سان،
انهن کي وري اڏي وجهين،
جيڪڏهن،
تو زندگيءَ جي راند ۾ هيستائين جيڪي ٻ ڪجھ ڪٽيو آهي،
ان سموري ڪٽئي کي ڳڏي سڏي،
ان کي هڪڙي ئي داءَ تي لڳائي ڇڏين،
۽ هارائي وجهين،
۽ وري الف کان ونءِ نئين سر راند شروع ڪين،
۽ ڪنهن سان ٻ پنهنجي ان نقصان بابت
پڙڪ ٻ ٻاهر نہ ڪڍين،
جيڪڏهن
تون پنهنجي دل کي، پنهنجي اعصابن کي ۽ پنهنجي بدن جي
مشڪن کي مجبور ڪرين،
تہ اهي جڏهن صفا ختم ٿي ويا هجن،
۽ جڏهن تو ۾ سواءِ مضبوط ارادي جي،
جيڪو توکي پيو چوي تہ: "متان هٽ ڪڍين!"
تو وٽ ٻي رتيءَ جيتري ٻ پهچ نہ رهي هجي،
تڏهن جيڪڏهن تنهنجو چيو ميجي،
تنهنجي دل، تنهنجا اعصاب ۽ تنهنجون مشڪون،
جنهن شيءِ کي مضبوطي سان جهلڻو آهي،
تنهن مان هٽ نہ ڪڍين ۽ ان کان ڇهُٽا پيا هجن،
جيڪڏهن،
تون جڏهن ماڻهن جي ميڙاکن سان ڳالهائين،
تڏهن پنهنجون شرافتون برقرار رکين،
جيڪڏهن تون بادشاهن سان هٽ ۾ هٽ ڏيئي گهمين
۽ مسڪين سان ياري قائم رکي سگهين،
جيڪڏهن توکي نہ دشمن، نہ پيار ڪندڙ دوست ڪر دلي صدمو
ڏيئي سگهن،
جيڪڏهن هڪڙي بخش نہ ڪندڙ منٽ ۾ ڊوڙ پائي،
تون ان ۾ سٺ سيڪنڊن جي ملھ جيترو فاصلو طئي ڪري ان منٽ
کي سؤ سيڪڙو سجايو ڪري سگهين،
تہ پوءِ هي ڌرتي تنهنجي آهي،
۽ ان ۾ جيڪي ڪجھ آهي سو تنهنجو آهي

۽ منهنجا پٽ!
۽ منهنجا پٽ!

سوال: نواز شريف جي حڪومت ۾ قومي ڪارڊ جا فارم شايع ڪيا ويا انهن ۾ فارم "الف" ۾ سنڌي ٻولي نه لکي ويئي. ٻيون چار ٻوليون لکيون ويون آهن. اوهان کي گهرجي ها ته سڀ کان اڳ اوهان آواز اٺاريو ها پر اوهان ائين نه ڪيو چو؟

عبدالحفيظ وفا ڪوسو - سکر

جوابڊ ان خاني ۾ سنڌي ٻولي ضرور شامل ٿيڻ کپي. موجوده حڪومت کي ان اهم نقطي تي ڌيان ڏيئي گهربل درستي ڪرڻ گهرجي.

سوال: محبت چا آهي، محبت جا گهٽا قسم آهن ۽ محبت چو ٿي ٿئي؟

سيما سنڌو - شاهپورچاڪر ضلع سانگهڙ

جواب: جيڪڏهن اهڙن ڪائناتي قسم جي سوالن جا جواب هيستائين دنيا کي معلوم ٿي ويا هجن ها ته پوءِ جنهن جادوءَ جا نالو محبت آهي ان جو سمورو سحر هيستائين ٽٽي ختم نه ٿي چڪو هجي ها؟

سوال: هيني بال، جوليس سيزر ۽ مارشل روميل ڪهڙيون شخصتيون هيون، تاريخ ۾ انهن جا ڪهڙا ڪارناما آهن؟

علي نواز مخدوم - ماتلي ضلع بدين

جواب: هيني بال عظيم رومي سلطنت جي حريف سلطنت ڪارٿيج، جنهن جو مرڪز تيونس هو، تنهن جو هاڪارو ۽ جڳ مشهور سپه سالار هو هو اڄ کان ساڍيون 22 صديون اڳ سن 247 ق- م ۾ جائو هو ۽ 65 سالن جي عمر ۾ سن 182ق- م ۾ گذاري ويو 218 ق- م ۾ هن روم تي پٽ ڪان حملو ڪيو ۽ آلپس جبلن مٿان 57 هاٿي چاڙهي اٽليءَ ۾ داخل ٿيو هو ۽ 15 سال دشمن جي ملڪ ۾ سلطنت روم سان وڙهندو رهيو. هو دشمن جو تختگاه روم فتح نه ڪري سگهيو پر رومي به ڪيس شڪست ڏيئي ملڪ مان تڙي نه سگهيا. آخر روم سندس وطن ڪارٿيج تي حملو ڪيو جنهن جي بچاءَ لاءِ هو روم چڏي ڪارٿيج ويو. 202 ق- م ۾ زاما جي لڙائيءَ ۾ هن رومين هٿان شڪست کاڌي. 196 ق- ۾ هن کي روم جي دباءَ وجهڻ تي جلاوطن ڪيو ويو. هن باقاعدي فوج سان گوريلا طرز جي ڊگهي جنگ لڙڻ ڪري عالمي شهرت حاصل ڪئي. ڪانئس اڳ فقط هڪڙي جنرل گوريلا جنگ ذريعي لڙڻ جي عالمي شهرت حاصل ڪئي. ان جي فوج بيقاعدي گوريلا لڙايون وڙهي تاريخ فتح

حاصل ڪري پنهنجي وطن کي آزاد ڪرايو هو. اهو گوريلا جنرل هو فوج مان پگهل ڏراڙ چندر گپت موريا، جنهن هڪ صدي اڳ سرحد، پنجاب ۽ سنڌ مان چورن ۽ ڏارڻن جي فوج ٺاهي سڪندر اعظم جي فوجين کي شڪست ڏيئي ڪڍي هندستان مان تڙي هندستان جي پهرين شهنشاهيت يعني سندس موريا گهراڻي جي شهنشاهيت قائم ڪئي. هن جو وزيراعظم هاڪارو دانشور سياستدان چاڻڪيہ هو. اشوڪ اعظم سندس پوٽو هو.

جوليس سيزر: هي دنيا جي چوٽيءَ جي سپہ سالارن ۽ فاتحن مان هڪ هو. هو 102 ق- م ۾ جائو ۽ 44 ق- م ۾ قتل ٿيمري ويو. هن 58 ق-م جي اٽن سالن ۾ فرانس، جرمني ۽ بيو وچ يورپ ۽ اتر يورپ فتح ڪيو ۽ ڪيس انهن علائقن جو گورنر مقرر ڪيو ويو. 55 ق-م ۾ هن برطانيہ تي حملو ڪيو. ان وچ ۾ رومي جنرلن جي وگ ۾ گهرو لڙائي شروع ٿي وئي. 49 ق-م هن جنرل پامپي کي فارسيليس جي ميدان جنگ ۾ شڪست ڏني ۽ سندس پٺ وٽي مصر ويو ۽ اتي جي جگ مشهور ملڪ قلوپطره سان شادي ڪيائين جنهن مان ڪيس پٺ جائو. ان کان پوءِ هن ترڪيءَ ۾ بادشاه فارڪينڪس تي حملو ڪيو ۽ پنهنجا هي مشهور لفظ چيائين "آيس ڏٺم، فتح ڪيم" 45 ق-م هن اسپين ۾ منڈا جي ميدان جنگ ۾ جنرل پامپي جي پٺ کي شڪست ڏني. سن 46 ق-م ۾ ڪيس رومي سينيٽ طرفان ڏهن سالن لاءِ روم جو ڊڪٽيٽر مقرر ڪيو ويو. 15 مارچ 44 ق-م تي يعني اڄ کان اٽڪل 20 صديون اڳي ڪيس روم جي سينيٽ هال ۾ قتل ڪيو هو. هن پنهنجي جنگين مان ڪن جو احوال پنهنجي ڪتابن ۾ لکيو آهي، جيڪي جگ مشهور آهن. هو وڏو سياستدان، قانوندان، وڪيل، خطيب ۽ منتظم هو. سندس پاٽيجي آگسٽس رومي سلطنت جو بنياد وڌو. هن جي نالي جي پٺيان ئي رومي شهنشاهن جو لقب قيصر مقرر ٿيو.

روميل: فيلڊ مارشل ارون روميل پي جنگ عظيم جو هاڪارو سپہ سالار هو هو 1891ع ۾ جائو ۽ 1944ع ۾ گذاريو ويو هو. هو پهرين جنگ عظيم ۽ پي جنگ عظيم ۾ وڙهيو. هن جرمني طرفان پي جنگ عظيم ۾ وچ يورپ ۽ فرانس تي ڪيل حملن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. 1941ع ۾ هٽلر ڪيس اتر آفريڪا تي حملو ڪندڙ فوج جو ڪمانڊر انچيف مقرر ڪيو. ان ڪمان ۾ هن پنهنجي تيز ۽ قابل ڪارروائين ڪري وڏي شهرت حاصل ڪئي. ڪيس "صحرا جو لومڙ" جو لقب ڏنو ويو. تان جو انگريز سپہ سالار فيلڊ مارشل جنرل مانٽگومري، مصر ۾ "الامين" جي ميدان جنگ ۾ ڪيس شڪست ڏني. 1944ع ۾ هٽلر ڪيس يورپ تي اتحادي حملي جو مقابلو ڪندڙ فوجن جو ڪمانڊر انچيف مقرر ڪيو. پر ان وچ ۾ هٽلر کي خبر پئجي وئي تہ ڪيس

قتل ڪرڻ لاءِ سٽيل "اسٽافن برگ منصوبو" جنهن مان هو اتفاق سان بچي ويو هو، تنهن ۾ فيلڊ مارشل روميل ۽ ملوث هو. ان ڪري هن فيلڊ مارشل روميل کي ٻين سازشي جنرلن ۽ ائڈمرلن جهڙوڪ ائڈمرل ڪئريس وانگر سرعام قتل ڪرڻ جي بدران کيس زهر ڪائي خودڪشي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته جيئن جرمن فوج جي خواري نه ٿئي. فيلڊ مارشل روميل حڪم جي تعميل ڪئي، موت جو سبب ڪار جو حادثو ڄاڻايو ويو ۽ فيلڊ مارشل روميل کي وڏن فوجي اعزازن سان دفنايو ويو. جنگ عظيم کان پوءِ ئي خبر پئي ته اصل حقيقت ڇا هئي.

سوال: سياسي جوڙ توڙ ۾ آمرانہ قوتن سان اتحاد ڪري سگهجي ٿو ڇا؟ ٻي جنگ عظيم ۾ اسٽالن ۽ هٽلر سان ناهه ڪيو هو ان جا ڪهڙا سبب هئا؟

هدايت الله چانڊيو - ڄامشورو ڪالوني

جواب: سنڌ، باقي پاڪستان ۽ هندستان سميت سموري ٽين دنيا کي عام قتلامن ذريعي غلام بنائي ڦري لٽي ڪنگال ڪندڙ، ناگا ساڪي ۽ هيروشيما تي ائٽمي قيامتون نازل ڪندڙ، عراق عوام کي ساڙي برباد ڪندڙ ۽ بوسنيا ۾ عام ڄالٽون ڪرائي تماشو ڏسندڙ يورپي آمريڪي گوري عالمي سرمائيدار سامرج کي جيڪڏهن کنهن طاقت ٽوٽا چپايا ۽ ٽين دنيا جو ويڑ ورايو ته اهو هو انقلابي پورهيت سوشلسٽ سوويت يونين، ٻي جنگ عظيم ۾ پورهيت دنيا جي جنهن مجاهد عالمي رهنما، عالمي سامراج جي سازش کي سڀ کان وڌيڪ بي جگريءَ دانائيءَ ۽ تدبر سان ڊوڙ ۾ ملايو، سو هو سوويت يونين جو انقلابي سربراه مارشل جوزف اسٽالين، ان ڪري آمريڪا ۽ يورپ توڙي ٽين دنيا ۾ ڪم ڪندڙ عالمي سامراجي پروپئگنڊا مشينريءَ جي زهر ۽ آگ جي بارش جو نمبر پهريون نشانو مارشل اسٽالين ئي رهيو آهي ۽ هن جي ڪردار ڪُشي ڪندي ۽ سندس خلاف ڏڇرپا ۽ ڦيرون مچائيندي روس جي رجعت پرستن توڙي ٻئي هر ملڪ ۾ ڪم ڪندڙ سامراجي چاڙڻن پنهنجا قلم ۽ پنهنجون زبانون هلائي هلائي، چلي، رت ڪري چڏيون آهن. عظيم سوويت آڪٽوبر انقلاب جي پهرئين پل کان وٺي رجعت پرست سرمائيدار سامراجي سندس تختو اونڌو ڪرڻ کي رات ڏينهن ڪري لڳي ويا. ٻي جنگ عظيم انگريز ۽ فرينچ سامراجين ان لاءِ مچارائي ته هٽلر کي ڪرائي پياري تيار ڪري ڪانءُ روس تي حملو ڪرائي روس کي ختم ڪرائي چڏجي ۽ جرمنيءَ کي ٻ اهڙو ڪمزور ڪرائي چڏجي جو اها وري انگلينڊ ۽ فرانس سان سينو ساهي نه سگهي. وقت جي سوويت سربراه مارشل اسٽالن انگلينڊ ۽ فرانس جي حڪومت کي منٿون ڪيون ته اچو ته گڏجي نازي جرمنيءَ جي راڪاس کي منهن ڏيون پر هو ڳجهه

ڳوهه ۾ هٽلر سان ڪهي ويا ۽ هن جيڪو به مال طلبيو سو اڇي هٿ جي تريءَ تي رکيائونس ۽ فرمائش ڪيائونس ته هاڻ دلجاءِ سان وڃي روس تي حملو ڪري ان کي نيست نابود ڪري. ان شرمناڪ عوام دشمن سرمائيدار سامراجي معاهدي کي ”ميونخ جو معاهدو“ سڏجي ٿو. هٽلر پهرئين نمبر جو عيار هو تنهن انگلينڊ ۽ فرانس مان اهو ڪم به ڪيو ۽ پنهنجو اصل پروگرام به جاري رکيو. سندس مکيه نشانا چار هئا. 1ـ برطانيه 2ـ فرانس 3ـ روس 4ـ اوپر ۽ وچ يورپ جا ملڪ پولينڊ، آسٽريليا، زيڪوسلوواڪيا، رومانيه وغيره سندس مرحليوار پروگرام هي هو:

1ـ وچ يورپ ۾ آسٽريليا ۽ زيڪوسلوواڪيا کي هڙپ ڪرڻ
2ـ اوپر يورپ ۾ پولينڊ کي هڙپ ڪرڻ
3ـ ااولهه يورپ ۾ فرانس کي ختم ڪرڻ
4ـ انگلينڊ کي اهڙي ريت اڪيلو ۽ بيواهو ڪري ناهه تي مجبور ڪرڻ
5ـ ان کان پوءِ مٿين ملڪن بلڪ سڄي يورپ ۽ برطانوي بينڪن جي قوت گڏ ڪري ان جي زور تي روس تي حملو ڪري ان کي تباه ڪري ڇڏڻ.

بار بار ڪوشش جي باوجود انگلينڊ ۽ برطانيه هٽلر کي بچڑن ڪرڻ بند نه ڪيون ۽ سائس گڏيل مقابلي جون سموريون آڇون ۽ تجويزون رد ڪري ڇڏيون. ان وچ ۾ هٽلر پنهنجي پروگرام مطابق روس کي تجويز ڏني ته پاڻ هڪ ٻئي سان نه وڙهون ۽ پاڻ ۾ هڪٻئي تي حملو نه ڪرڻ جو عهدنامو ڪريون. مارشل استالن کي هٽلر جي آخري ارادن جي خبر هئي پر هن ڏٺو ته جي في الحال ساهي پٽڻ لاءِ وقت نه وٺبو ته انگلينڊ ۽ فرانس هينئر ئي هٽلر کان اهڙي وقت حملو ڪرائي اسان کي تباه ڪري ڇڏيندا، جنهن وقت ايا اسان وٽ جرمني. طرفان پاڻ ۾ نه وڙهڻ جي عهدنامي ڪرڻ جي آڇ قبول ڪئي ۽ اهڙي ريت في الحال روس لاءِ هٽلري راکاس کان سر جي بچاءَ ۽ تياريءَ لاءِ گهربل وقت حاصل ڪيو. ان معاهدي انگريز ۽ فرينچ عيار سازشي سرمائيدار سامراجين جون رڌل ڪنيون اونديون ڪري وڌيون ۽ اڄ ڏينهن تائين سندس پروپئگنڈا باز مٿي ۾ مٽي وجهيو ماتم مچايو ويٺا آهن ته مارشل استالن دشمن جو اهو ڏڪ گسايو ۽ ان وقت ئي انگلينڊ ۽ فرانس جي وچايل ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي پاڻ تي هٽلر کان حملو ڪرائي پاڻ کي تباه چو نه ڪرايائين؟ ان باري ۾ ڪجه حقيقتون هي آهن:

1ـ 30 جنوري 1933ع تي جرمنيءَ جي صدر فان هنڊن برگ هٽلر کي وزيراعظم نامزد ڪيو ۽ جلدئي هو جرمن پارليامينٽ کان آئيني طرح ڊڪٽيٽري پاور حاصل ڪري جرمنيءَ جو ڊڪٽيٽر بڻجي ويو.
2ـ 13 جنوري 1935ع تي هٽلر سار جو ڪسيل علائقو زبردستيءَ واپس ورتو.

3_ 7 جنوري 1936ع تي هٽلر لوڪارنو جوماهدو رد ڪري چڏيو ۽ ٻئي ڏينهن رائين لينڊ جي علائقي ۾ ان معاهدي جي ابتڙ فوجي قلعي بندين شروع ڪيون.

4_ 28 مئي 1937ع تي چيمبرلين برطانيہ جو وزيراعظم ٿيو.

5_ 13 مارچ 1938ع تي هٽلر آسٽريليا تي زبردستيءَ سان قبضو ڪيو.

6_ مئي 1938ع تي مارشل اسٽالن فرانس جي پچا ڪرڻ تي اعلان ڪيو تہ جي فرانس زيڪوسلو واڪيا سان ڪيل معاهدي مطابق هٽلر جي حملي خلاف زيڪوسلوواڪيا جي مدد ڪري تہ روس فرانس سان گڏجي معاهدي مطابق هٽلر سان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهي. اڳتي هلي هن زيڪوسلوواڪيا جي اڳواڻن کي چيو تہ فرانس توهان جي مدد ڪري نہ ڪري، جيڪڏهن توهان پنهنجي ملڪ جي بچاءَ لاءِ وڙهڻ لاءِ تيار هجو تہ اسين توهان جي پاران جرمنيءَ سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. زيڪوسلوواڪيا تيار نہ ٿي، سوويت يونين باقاعدي تجويز پيش ڪئي تہ جرمنيءَ جي حملي کان زيڪوسلوواڪيا کي بچائڻ لاءِ روس، فرانس ۽ زيڪوسلوواڪيا جي جنگ جنرل اسٽافن جو ترت اجلاس ڪوٽايو ويجي، فرانس ۽ زيڪوسلوواڪيا راضي نہ ٿيا.

7_ 29 سيپٽمبر 1938ع تي برطانيہ ۽ فرانس هٽلر سان ميونخ جو معاهدو ڪري چڻ ڪيس يورپ ۾ من مستيون ڪرڻ جي ڪلي اجازت ڏيئي چڏي.

8_ 18 نومبر 1938ع تي پولينڊ جي وزارت خارجہ جي اعليٰ عملدارن جرمن سفارتڪارن کي چيو تہ اسان سان رعايت ڪئي ويجي تہ اسين توهان سان گڏ روس تي حملو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. حالانڪ ان وقت هٽلر خود پولينڊ تي حملو ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ٻيٺو هو.

9_ 10 مارچ 1939ع تي سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي ارڙهين ڪانگريس اڳيان سياسي رپورٽ پيش ڪندي مارشل جوزف اسٽالن چيو:

"مغربي (سرمائيدار سامراجي) ملڪن جي نام نهاد عدم مداخلت واري پاليسيءَ جو مقصد آهي اڳرائي ۽ جنگ تي چشم پوشي ڪرڻ، اها هڪڙي ڪوشش ۽ خواهش آهي تہ اڳرائي ڪندڙن جي پيانڪ ڪم ۾ رخنو نہ وجهجي. جاپان کي چين سان يا ايجا بہ بهتر تہ روس سان جنگ ۾ الجهڻ کان نہ روڪجي. جرمنيءَ کي يورپي معاملن ۾ قاسڻ بلڪ روس سان جنگ ۾ غرق ٿيڻ کان نہ روڪجي. سپني ڏرين کي چڏي ڏجي تہ پلي جنگ جي ڏبڻ ۾ قاسي پون چالاڪيءَ سان سندن پٽيون ٽپرجن تہ پلي هڪٻئي کي ڪمزور ڪري ۽ ٽڪائي مارين ۽ پوءِ جڏهن هو سڀ صفا خلاص ٿيوجن تہ پءِ پاڻ نيون تازه فوجون وٺي "امن جي مفادن خاطر" چي مٿان ٽڪاءُ ڪجي ۽

هڪيئي سان وڙهندڙ ڏرين جي مٿان پنهنجو فرمان هلائجي ۽ پنهنجا شرط مڃرائجن..... (پر) جيڪي ڏريون عدم مداخلت وارو زبردست سياسي کيل پيون کيڏن، خود انهن جو ئي حشر تمام برو ٻ ٿي سگهي ٿو." مارشل استالن جي اها اڳڪٿي سورنهن آنا سچي نڪتي ۽ فرانس تباه ٿي ويو ۽ برطانيه جا برا حال ٿي ويا ۽ سرمائيدار سامراجي شڪاري خود پنهنجي پنهنجين وچايل کوڙڪين ۾ ڦاسي پيا.

10_ 16 مارچ 1939ع تي هٽلر زيڪوسلوواڪيا تي قبضو ڪيو.

11_ 18 مارچ 1939ع تي مارشل استالن جي حڪومت مغربي ملڪن کي سڏ ڏنو ته جرمن اڳرائي کي منهن ڏيڻ لاءِ روس، برطانيه، فرانس، پولينڊ، رومانيه ۽ ترڪيءَ جي ڪانفرنس ڪوٺائي وڃي، ان سڏ جو ڪوبه جواب نه ڏنو ويو

12_ 22 مارچ 1939ع تي هٽلر لٿونيا جي ميمل بندر تي قبضو ڪيو.

13_ 14 اپريل 1939ع تي برطانيه پهريون پيرو روس سان نالي ماتر رسمي ڳالهيون ڪيون جن جو ڪوبه ڪڙتيل ڪونه نڪتو.

14_ 17 اپريل 1939ع تي مارشل استالن جي حڪومت سڏ ڏنو ته روس، برطانيه ۽ فرانس جرمن اڳرائي خلاف هڪيئي جي مدد توڙي اوپر يورپ جي ملڪن جي مدد جو معاهدو ڪن. ان سڏ کي مغربي ملڪن رد ڪري ڇڏيو.

15_ 12 کان 15 آگسٽ 1939ع تي اڳرائيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ برطانيوي، فرينچ ۽ سوويت اعليٰ فوجي عملدارن جي ڪانفرنس ماسڪو ۾ شروع ٿي، جنهن ۾ برطانيه پاران ائڊمرل ڊرائڪس، فرانس پاران جنرل دومينڪ ۽ سوويت يونين پاران مارشل ووروشلوف شرڪت ڪئي، انگلينڊ جو نمائندو بنا سفارتي اختيارن جي آيو. مغربي ملڪن اها خاطري ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته روس کي جرمن فوج سان مقابلو ڪرڻ لاءِ پولينڊ ۽ رومانيه کان رستو ۽ پيون گهربل سهولتون ونڊي ڏنيون ويندوين.

16_ هڪڙي پاسي ڏيڪاءَ واري اها بي مقصد ڪانفرنس پئي هلي ته پئي پاسي لنڊن ۾ جرمنيءَ سان ڳاهه جون ڳالهيون زور شور سان جاري رکيون ويون ۽ جرمنيءَ کي چيو ويو ته جي تون ٻيا ملڪ چڏي روس ڏانهن رخ رکين ته توکي اربن ڊالرن جو قرض ۽ پيون مددون ڏنيون ويندیون.

17_ 23 آگسٽ 1939ع تي جرمن، سوويت معاهدو صحيح ڪيو ويو. روس کي پنهنجي بچاءَ جي تيارين لاءِ ٻاويهن مهين جي مهلت ملي وئي.

18_ 1 سيپٽمبر 1939ع تي هٽلر پولينڊ تي حملو ڪري ۽ ٻي جنگ عظيم شروع ٿي وئي، 27 سيپٽمبر تي پولينڊ هٿيار ڦٽا ڪري پيش ڪيو. اوپر

پولينڊ تي روس جو قبضو ٿيو.

سوال: نيلسن منديلا اهڙو سياستدان آهي جو ان شايد هن صديءَ ۾ سڀني کان وڌيڪ دل جي سخت سزا پوڳي آهي. هن وقت سندس پارٽي اي اين سي ڏکڻ آفريقا ۾ زور سان جيئي پئي ۽ گوري سرڪار ڪيترائي سندس پارٽي جا مطلبا پڙ مڃيا آهن، جڏهن ته هن وقت دنيا ۾ انداز ڪيترين ئي ڪاپي ڏر جون سياسي پارٽيون پنهنجي اندروني ۽ باهرين گهوٽالن کي منهن ڏيئي پنهنجي دفاع ۾ مصروف آهن. اهڙي وقت ۾ اي اين سي تيزيءَ سان وڌي پئي پر جڏهن هڪ ٻ ڏاهڪا اڳ سڃي دنيا ۾ انقلابي پارٽيون تيزيءَ سان وڌي عوامي سوپون حاصل ڪري رهيون هيون. ان وقت نيلسن منديلا ۽ سندس پارٽي ايتري ترقي ڪري ڪونہ سگهي. اها ڳاله سمجھ ۾ نہ ٿي اچي. ڇا هي سوشلسٽ آهي يا جمهوريت پسند آهي يا ياسر عرفات جهڙو آهي جيڪو پڌڻ ۾ اچي ٿو ته اندريئي اندر آمريڪا جو ماڻهو آهي. هن وقت ڏکڻ آفريقا جي سياسي صورتحال ڪهڙي قسم جي آهي؟ ڇا عوام واقعي ايترو سگهارو ٿي ويو آهي جو گورا ڪارن جا مطالبا مڃڻ لاءِ مجبور آهن يا اي اين سي ڪجھ ڳجها ناھ ڪيا آهن.

ڪلثوم هالپوٽو - ٽنڊو باگو بدين

جواب: ڏکڻ آفريقا جي قومي آزاديءَ جي تحرڪ اي اين سي جنهن جو سربراھ نيلسن منديلا آهي، ان ۾ ڏکڻ آفريا جي ڪميونسٽ پارٽي ٻ شامل هئي ۽ ڪجھ وقت اڳي ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻ کي شهيد ٻ ڪيو ويو هو. باقيهونئن نيلسن منديلا پاڻ سوشلزم ڏانهن مائل جمهوريت پسند آهي. آءٌ نہ ٿو سمجهان ته ڪو ياسر عرفات يا نيلسن منديلا آمريڪا جا ماڻهو آهن. پر هو موجوده حالتن ۾ آفريقي برتريءَ واري پوزيشن کي صفا نظرانداز ڪري نہ ٿا سگهن ۽ شايد موجوده صورتحال ۾ جيڪو رستو هن اختيار ڪيو آهي سو حالتن آهر ايترو غلط نہ هجي. اڳي ڏکڻ آفريقا جي جدوجهد آزاديءَ ايتري اڳتي وڌيل نہ هئي ان جو سبب اهو هو ته اهو دور اهڙو هو، هاڻي خود سامراجين لاءِ اهو چئلينج آهي ته هو دنيا جي مسئلا حل ڪن. اڳي ته هن تي سوويت يونين جو دباءُ هو ۽ هن جي ٻ دعويٰ اها هئي ته دنيا جي ٻين ماڻهن ۾ چيو ٿي ته سوويت يونين جو جيڪڏهن انهن تي دباءُ نہ هجي ته اهي ڪنهن کي ٻ ساھ ڪٽڻ ڪونہ ڏين. هاڻي سامراجين کي ۽ خاص ڪري آمريڪي سامراج کي اهو ثابت ڪرڻو آهي ته اسين سوويت يونين جي دباءَ کان سواءِ ٻ دنيا کي سڌاري سگهون ٿا ۽ اها سرمائيداري ۽ سامراج ۾ اها طاقت آهي ۽ اها چگائي ٻ آهي ته هو دنيا کي سهڻي نموني سان هلائي سگهن. انهيءَ چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ هو

ڪجھ اڳي جي پيٽ ۾ وڌيڪ "شرافت" جو مظاهرو ڏيکاري رهيا آهن. جيتوڻيڪ بوسنيا ۾ ان شرافت جو مظاهرو سڄي دنيا جي اڳيان ننگو ٿي چڪو آهي.

سوال: سائين، ڇا انسان جي قسمت لکيل آهي؟ جي ها، تہ پوءِ انسان ڏوهاري ڇو آهي؟

ذوالفقار علي سومرو وارهئج

جواب: انهن سوالن جو جواب مختصر طرح حافظ شيرازي هيئن ڏنو آهي.

گناه اگرچه نبوٚد اختيارما حافظ
تو در طريق ادباش، گو گناه منست
(حافظ)

(حافظ! جيتوڻيڪ گناه ڪرڻ اسان جي وس جي ڳالھ ڪانهي پر تون ادب جو گس ڇڏ ۽ چئو تہ گناه مون ڪيو آهي؟)

ساڳي ڳالھ عمر خيام ڪئي آهي، جنهن جي ان سلسلي واري شعر جو مفهوم هن قسم جو آهي:

(اسان جي تقدير اسان جي پيڙ کان سواءِ اڳواٽ لکي ڇڏيائون! هاڻي ڪهڙي منهن سان ٿا اسان کان پڇن تہ توهان زندگيءَ ۾ هيئن ڇو ڪيو؟ هونئن ڇو ڪيو. دنيا ۾ ڪو انصاف آهي يا ڪونهي)

سوال: منهنجي دوست بيباڪ جوهي مطالبو وڌيءَ سرڪار تائين پهچائي سگهو ٿا تہ في الحال ملڪ کي خوشحال بنائڻ وارا اعلان روڪي توهان سختيءَ سان امن بحال ڪرايو. باقي اجهو، اتو ۽ لٽو توهان سيني کي ڏيندو سو ڏيھ ڏسندو. توهان رهزن کي روڪيو ۽ اقتدار جي ڏنڊي کي خيراتي ديگ رڌڻ لاءِ استعمال نہ ڪجو جو مائي نانيءَ وارو ڪفگير ڏهڻن جا ٽالھ پري ڇڏي؟

قربان علي ابڙو گوٺ مصري واهڻ گڙهي ياسين- شڪارپور

جواب: حاضر! اجهو پهچائي ٿا ڇڏيون.

سوال: قومي عوامي جمهوري انقلاب ڇا آهي؟

ڊاڪٽر محمد علي جروار ايل ايم سي جامشورو

جواب: عوامي جمهوري انقلاب مان مراد اهڙو سماجي انقلاب ۽ بنيادي اقتصادي سياسي ۽ ثقافتي قيرو آهي، جنهن مان ساڳئي وقت قومي غلامي جي پاڙ پٽجي ۽ هڪڙو اهڙو نئون جمهوري نظام قائم ٿئي جنهن ۾ جاگيردار طبقو اقتدار ۾ نہ اچي ۽ "عواي" مان مراد آهي تہ نہ رڳو قومي غلامي ختم ٿئي پر جاگيردار توڙي سرمائيدار طبقن جي قوم سان ناجائز بالادستي بہ ختم ٿئي

قوم جو اقتدار اعليٰ وري ۽ ڪنهن قوم جي ويري ۽ عوام جي دشمن جي هٿ ۾ نه اچي، تنهن جي صحيح انقلاب لاءِ ٿي شرط پورا ٿيڻ کپن. اهو انقلاب قومي حقن جي حاصلات لاءِ هجي اهو جمهوريت يعني جاگيردار دشمن هجي ۽ اهو ساڳيءَ وقت عوامي هجي يعني اقتدار ۾ ايندڙ ڏر سرمائيدار طبقو نه هجي پر هيٺيون وچولو طبقو هجي، هاري، مزدور، هيٺين وچولي طبقي وارا ماڻهو ۽ مڊل ڪلاس جو اهو حصو جيڪو جمهوريت دوست آهي، سامراج دشمن آهي ۽ عوام ڏانهن لاڙو رکي ٿو، نه ڪي سامراج ڏانهن ۽ عوام دشمن قوتن ڏانهن يقني جيڪا تبديلي اچي سا عوام جي حق ۾ هجي، قوم جي حق ۾ هجي ۽ آمريت جي خلاف هجي. جاگيردارن جي خلاف هجي ۽ پٽ سرمائيدارن جي به ان ۾ بالادستي نه هجي. ٻين لفظن ۾ انقلاب جي نتيجي ۾ اهڙن طبقن جو راج قائم ٿئي جيڪي هارين، مزدورن کي ويجها هجن ۽ جيڪي انهن جي دکن، دردن جو علاج جمهوري ۽ عوامي طريقي سان ڪن. اها آهي قومي ۽ عوامي جمهوري انقلاب مان مراد.

سوال: ڪجھ ڏينهن اڳ اخبار ۾ لکيل هو ته ميهڙ جي ايم اي پاس نوجوان بيروزگاريءَ کان تنگ ٿي خودڪشي ڪئي. انهيءَ خون جي ذميوار ڪير آهي؟ پنهنجا والدين آهن يا اهو استاد جيڪو اسڪول ۾ پڙهائي ٿو يا اهي ميمبر جيڪي مزي سان وينا آهن يا اها سنڌ ڏرتي جنهن تي هو پيدا ٿيو؟

حبيب الرحمان جسڪاڻي ڳوٺ صوبيدار سرگاڻي
تعلقو ڏوکري- لاڙڪاڻو

جواب: ذميدار هو پاڻ به آهي جو مقابلو نه ڪيائين. والدين به آهن، استاد به آهي ۽ حڪمران به آهن پر ان سان گڏ سڄو وڏيرڪو نظام به آهي ۽ اسين سڀ آهيون، جيڪي ان نظام کي برداشت ڪريو وينا آهيون ۽ تنهن کان سواءِ هڪڙي ٻي به ڳالھ ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته بيروزگاري جو علاج رڳو سرڪاري نوڪري ڪانهي. الاهي ڇو اسان جي ذهن ۾ اها ڳالھ ويهي رهي آهي ته جيڪو ماڻهو ايم اي پاس ڪري ٿو ان کي سرڪاري نوڪري ڪرڻي آهي. پڙهائي ته فقط ماڻهو کي اهل بنائي ٿي ته ماڻهو پنهنجا ڪم ڪارين بهتر نموني ڪري سگهي. اها هڪڙي مرض جهڙي سوچ ماڻهن ۾ اچي وئي آهي ته ڏکڙي وٽي پوءِ سرڪاري نوڪري نهي ٽڪي سا وڃي ملندي. ڏنڊا روزگار گهٽ آهن، پر هزارها ڏنڊا ماڻهو ڪري سگهي ٿو. توهان پنجاب ۾ وڃو توهان ڏسو ته گهٽا ماڻهو سرڪاري نوڪري ۾ آهن ۽ گهٽا ماڻهو پنهنجو ڏنڊو روزگار ڪن ٿا. يورپ ۾ وڃو ٻين ملڪن ۾ وڃو. هزارها پڙهيل لکيل ماڻهو ايم اي پاس ڪيل ماڻهو سي هزارها ٻيا ڏنڊا ڪريو وينا آهن.

سرڪاري نوڪري ته گذر سفر جو تمام نندڙو ذريعو آهي. وڏا ذريعا ته ٻيا ٿيڻ ڪپن. ان سلسلي ۾ سرڪار کي گهرجي ته ماڻهن کي مختلف قسم جون تربيتيون ڏئي ماڻهن جي روزگار جا ٻيا طريقا ڪڍي. ٻيو جيڪي قرض ملن ٿا اهي ماڻهو وڻيو کائيو وڃن. طهر، پت، شاديون ڪريو چڏين. يا جيڪي قرض واپار ڪرڻ لاءِ ملن ٿا، ماڻهن کي واپار ڪرڻ اچي ڪونہ ٿو ٻيو ته جيڪي قرض ملن ٿا اهي رشوتون وٺڻ ۾ ختم ٿيو وڃن هليا. تنهن ڪري وقت آيو آهي ته اسان سوچيون ته گذرسفر لاءِ جيڪي روزگار ملن ٿا ان ۾ جيڪا بدمعاشي ٿئي ٿي. ٻيو ته سرڪار جي وس ۾ جيڪي روزگار آهن اهي وسيع ٿين ۽ حڪومت کي ڪپي ته پرائيويٽ سيڪٽر کي وسيع ڪري. ڪارخانن ۾ سواءِ سنڌي ماڻهن جي ٻين تي بندش لڳائي وڃي ۽ ڪارخانن وارن سان ٻه جيڪا غنڊاگردي واري جڙ آهي اها بند ڪئي وڃي مطلب ته ڪو ملڪ جو ڏٽي ڏوٽي هجي ڪامورن جي معرفت جيڪو ڪم پيو ٿئي اهو ڪو نہ ٿيندو ۽ جيڪي عوامي نمائندا آهن سي رڳو ڏاڙن ۽ ڦرن ۾ ملوث نہ ٿين. اهي عوام لاءِ واقعي ڪوشش ڪن ۽ تنهن کان سواءِ مڊل ڪلاس جيڪو مفت خور ٿيو ويٺو آهي نہ ڪو سوچي ٿو نہ ڪو ڪجهه ڪري ٿو ۽ رڳو ايجنسين جا شوشا ۽ ناٽڪ پيا ٿين انهن جي بدران سنجيدگيءَ سان سوچي ويچاري وڏي راءِ عامہ تيار ڪري ان مسئلي کي حل ڪرڻ ڪپي.

سوال: (عائشہ ڪنيز) جي نالي سان هڪڙو پڙهندڙ هڪڙو سوال پڇيو آهي ته عزيز الله ٻوهئي ڪنهن هنڌ منهنجي باري ۾ ايجنسين جي پروپئگنڊا جو ڪو نقطو ڏهرايو آهي. مون ٻڌو آهي ته عزيز ٻوهئي فيبروري 1994ع واري "سنڌ سجاڳ" جي پرچي ۾ اها ڳالهه ڪئي آهي آءٌ اهو پرچو ڳولهيان پيو، جيڪڏهن ڪنهن پڙهندڙ وٽ هجي ته مهرباني ڪري مون کي ڏياري موڪلي چاڪاڻ جو اهڙي قسم جو بليڪ ميلنگ کي هاڻي مون برداشت ڪرڻ چڏي ڏنو آهي ۽ هاڻي آءٌ انهن قضابن کي قانون جي عدالت جي پجري ٻيهارڻ چاهيان ٿو ۽ کين چوان ٿو ته جيڪا توهان بڪواس ٿا ڪريو، اها ڪورٽ ۾ ثابت ڪريو. مهرباني ڪري کو دوست جنهن وٽ اهو پرچو هجي اهو ڏياري موڪلي.

سوال: سنڌ ڏرتيءَ تي جتي هوشو هميون دودي جهڙا انمول انسان رهيا آهن ته اتي چنيسر جهڙ غدار بہ رهيا آهن. پر اڄ جي حالتن ۾ جيڪي پڙهيل ڳڙهيل ۽ ظاهري طرح پاڻ کي قوم پرست سڏائيندڙ چنيسر قوم سان ويساه گهاتي ڪري رهيا آهن، انهن جو حل ڇا آهي؟

ساجده چوگي خيرپور

جواب: غدار ۽ وطن فروش ماڻهو پاڻ کي قوم پرست سڏائي ناڪ ڪن يا عوامي انقلابي يا اسلامي سڏائي هڻ ناڻ ڪن، هر حالتن ۾ سندنڪرن ۽ هڻ ناڻن، کي سچائي کين بي نقاب ۽ ننگو ڪرڻ اسان مان هر هڪ سچاڻ ماڻهوءَ جو فرض آهي، سچ سچاڻ پنهنجو پنهنجو اهو فرض ادا ڪندا ته معاملو آهستي آهستي ۽ ڏاڪي بہ ڏاڪي بهتر ٿيندو.

سوال: انگلش ادب موجب ادب جي ارتقا چاسر (1340_1400) کان ٿئي ٿي. هن شاعر ادیب ٻيون ته الائجي ڪهڙيون تخليقون ڪيون پر صاب ايڈورڊ_3 جي پٽ ڊڪ آف ڪليرينس جي زال وٽ ڪورٽ ۾ ملازم ٿيو. اتليءَ جي پئٹرارک ۽ بوڪيشئو جهڙن عظيم تخليقڪارن جي صحبت ۾ رهيو. هن جي عظيم تخليق ڪينٽربري ٽيلس (عظيم مدفون ڳوناٽا) جنهن ۾ هن ڳوناٽن جي زورمره رواجي زندگي جي فڪر ۽ جماليات کان سواءِ ٻيو ڪجھ معلوم ناهي، جڏهن ته اهو دور جاڳرتا جو سڏجي ٿو. سوال آهي ته همراه اتلي جي مسيحي ادبي رجحانن کان متاثر ٿي اهي ٽيلس لکيا؟ چا اهي ڳوناٽا ڪنهن عظيم ڪارنامي ۾ شهيد ڪيا ويا هئا؟ ۽ اهو پڌائيندا ته هن حاڪم طبقن وٽ نوڪري ڪندي بہ پنهنجي شعرن ۾ هيرو ڳوناٽن ڪيئي بنايو چو؟ سندس ٻين تخليق جا نالا ۽ مختصر روشني وجهندا؟

شعبان علي لاڪاڻيو سنڌ يونيورسٽي

جواب: جوفري چاسر اٽڪل 1343ع ۾ ڄائو. 1357 ۾ هو انگلينڊ جي بادشاه ايڈورڊ_3 جي پٽ لائيونيل جي زال نوابزادي اليزبٿ آف السٽر وٽ ملازم ٿيو، هو سرڪاري عملدار، فوجي آفيسر، دربار جو ملازم، سفارتڪار ۽ شاعر هو. 1369 ڌاري هن پنهنجو پهريون اهم نظم "نواب صاحب جو ڪتا" لکيو هو. درباري محبت بابت مشهور فرينچ نظم "گلاب جي گل جو رومانس" جو ترجمو ڪيو. 1370ع ۾ هن بہ هزار سٽن جو ڊگهو نظم "شهرت جو گهر" لکيو. 1378 ۾ هو هڪڙي سفارتي مشن جو سربراه طور فرانس ويو. ان عرصي ۾ هن پکين جي پارليامينٽ نالي هڪ نظم لکيو، جنهن جو مرزا قليچ بيگ "پکين جي پارليامينٽ" جي نالي سندي نثر ۾ ترجمو ڪيو آهي. هن رومي فيلسوف بوئٿيوس جي لکيل ڪتاب "ڏڌ" جو ترجمو ان ئي رومي شاعر جي اثر هيٺ هن ٽرائل ۽ بومي نالي منظوم داستان لکيو. 1380ع جي ڌاڪي ۾ هن "نيڪ عورتن جو داستان" نالي نظم لکي. 1390ع جي ڌاڪي ۾ هن پنهنجو مشهور معروف نظم "ڪينٽوبري جون ڪهاڻيون" لکيو ان منظوم داستان ۾ عيسائي ولي ٽامس بيڪٽ جي درگاه تي ويندڙ ٽيهن زيارتين جون ڪهاڻيون آهن. زيارتي پاڻ ۾ چٽاپيٽي ڪن ٿا ۽ ڪير ڪنهي ڪهاڻي ٻڌائي

ٿو سگهي، منجهائن کي ملان آهن، ته کي فوجي، کي واپاري آهن ته کي وکيل، کي مرد آهن ته کي عورتون. مهر کو پنهنجي کهاڻي دلچسپ کان دلچسپ نموني پڌائي ٿو. جڏهن هو سفارتي ڪم سان اتلي ويو ته اتي سندس تعارف يورپ جي نئين سجاڳي جي علمبردار اديبن دانتي، پيٽرارڪ ۽ بوڪيشو سان ٿيو. اهي اديب، عالم ۽ دانشور يورپ جي جديد علم ۽ ادب جي پيڙهه جو پٿر رکندڙ ديون جيڏا قداور شخص هئا. چاسر جي سائڻ ملاقات ٿي يا نه ٿي تنهن جي پڪ ڪانهي. رڳو اندازو آهي ته ٿي سگهي ٿو ته هو سائڻ مليو هجي. چاسر انگريزي شاعريءَ جو وهائو تارو ليکيو وڃي ٿو. هو ست سالن جي عمر ۾ 1400 ۾ گذاري ويو.

سوال: هندو قوم سان زبردست ظلم ٿي رهيو آهي. ڪڏهن عورتن کي اغوا ڪري انهن تي وحشياڻا جسني حملا ڪري پوءِ انهن کي زوري مسلمان ڪري پنهنجو شان مٽاهون سمجهندا آهن. خدا نه ڪري ته مسلمان چوڪري ڪنهن هندو چوڪري سان شادي ڪري ۽ هندو مذهب ۾ اچي وڃي ته پوءِ اوهان ڇا سمجهندا، اهو جائز آهي يا نه؟ ها، هندو چوڪريءَ جو مسلمان ٿيڻ جائز آهي ۽ مسلمان چوڪريءَ جو هندو ٿيڻ ڇو جائز ڪونهي؟ الله سائين سڀني کي هڪ جهڙو سمجهي ٿو ته پوءِ مسلمان هندن کي ڇو گهٽ سمجهندا آهن ۽ چوندا آهن ته هندو قوم ڪافر آهي؟ اسان جي مذهب ۾ ڪافر ان کي چوندا آهن جيڪو الله سائينءَ کي نه مڃي ۽ آخر تي ايمان نه رکندو هجي. سائين توهان هندو قوم سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪيو آهي شهيد فاضل راهو ۽ هندن لاءِ بهترين ڪم ڪيو. توهان کي اهڙو قانوني مشورو ڏيو جو هندو عورتن کي زبردستي مسلمان نه ڪيو وڃي. جيڪو زبردستي مسلمان ڪري ان کي سخت سزا ڏني وڃي اسان کي توهان جي راءِ لاءِ انتظار هندو؟

موهن لال عادل مانڌي- ضلع بدين

جواب: زوري مسلمان ڪرڻ خود اسلام سان به مذاق آهي. قرآن شريف چئي ٿو ته "لڪم دينڪم ولي الدين" "توهان جو دين توهان سان ۽ منهنجو دين مان سان" ڪابه شيءِ رڳو ٽڪي جي، جيڪڏهن ڪير ڪنهن کي مجبور ڪري ونڊي اهو به ڏاڍو آهي، تنهن ڪري شريعت جي قانون مطابق زبردستي جي ڪا گنجائش ڪانهي اهو مسلمان ٿيڻ جو ڏونگ آهي. زبردستي جي شادي به جائز ڪانهي. تنهن ڪري اها ڳالهه اسلام دشمن، پاڪستان دشمن ۽ عوام دشمن ۽ انسانيت دشمن آهي ۽ پاڪستان جا سڀئي انسان دوست ماڻهو چاهي اهو ڪهڙي به مذهب سان تعلق رکن ٿا اهي سڀ انهن حرڪتن جي سخت مخالفت ٿا ڪن ۽ اسين سڀ انهيءَ اسلام دشمن حرڪت جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا

جيتري قدر ان جي تدارڪ جو سوال آهي تہ ان لاءِ خود هندن کي متحد ٿيڻو پوندو. هندو سرمائيدار طبقو پاڻ لڪو ويٺو آهي ۽ رڳو مال گڏ ڪرڻ لاءِ ويٺو آهي. انهن تي سخت دباءُ آڻڻ کپي تہ هو ان جي باري ۾ مؤقف ونڻن. مهاتما گانڌي اقليت جي خلاف لٽيون سهندو هو. هتي هندو اقليت ۾ آهن تہ چا ٿي پيو. مهاتما گانڌي ڏکڻ آفريقا ۾ اقليت ۾ هو سندس ڳالهہ ڪير ڪونہ ٻڌندو هو ۽ گاڏي ۾ چڙهندو هو تہ ڪيس ڏنبا هٽي ڪيرائي ڇڏيندا هٿا پر اهو ميدان ۾ ٻيٺو هو، تنهن ڪري اهو جيڪو عذر آهي تہ اسين اقليت آهيون تہ مارجي ويندا سين ڪو ڪنهن کي ڪونہ ماريندو. فقط هندو حڪمران طبقو ۽ مٽيون طبقو سو بزدل آهي، موقعي پرست ۽ لالچي آهي، تنهن ڪري هو پنهنجا باقي سڀ ٻيا ڪم ڪري ٿو. باقي غريب هندن جي حقن جي حفاظت نہ ٿو ڪري. ڪنهن وڏي ذات جي هندو جي، مٽين طبقي جي ماڻهو جي سرمائيدار دولت مند ماڻهو سان زيادتي ٿيندي تہ ان لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ٿيندو، غريب جو ڪو بہ بلو ڪونہ ٿيندو. تنهن جي ڪري سڀ گڏجي پاڻ ڪوشش ڪريون ۽ سنڌ جا سڀئي جمهوريت دوست، انسان دوست ماڻهو توهان سان گڏ آهن. توهان ان لاءِ تحريڪ هلايو. ماڻهن کي ان ڳالهہ تي قائل ڪريو تہ هي اسان سان ظلم ٿئي پيو ۽ توهان جمهوريت قوتن جو ساٿ ڏيو ۽ سڀ گڏجي وڃو. ان ۾ اسلام ٽلهو ڪو نہ ٿو ٿئي. هي اسلام سان مشڪري آهي، جيڪي ماڻهو پنهنجي انهن حرڪتن سان اهو بهانو پيا ڪن تہ اسين اسلام کي طاقتور پيا ڪريون. اهي چاهي لوفر نوجوان هجن، ملان هجن يا ڪير بہ هجن، اهي اسلام جي بهترين روايتن جي منافي ڪن ٿا ۽ ان سان اسلام جو ڪوبہ واسطو ڪونهي. اهو سڄو ڊونگ آهي ۽ اسلام تيڪوڙو الزام آهي. ان ڳالهہ جي باري ۾ آئيني، قانوني ۽ سماجي سطح تي اپاءُ ونڻ کپن. حڪومت جو ڏيان ڇڪائڻ کپي ان لاءِ مون اڳي لاڙڪاڻي ۾ دوستن کي چيو هو تہ ڪانفرنس ڪوٺايو ۽ هندو نوجوان کي اڳتي اچڻ کپي. ڪير ڪنهن کي ڪونہ ماريندو اهو سڄو ڊونگ آهي. بزدلي جا ويہ ڪروڙ ٻهانا آهن. هي ويهن صدي ختم ٿي چڪي آهي. ڪير ڪنهن کي ڪائي ڪو نہ ويندو. توهان همت ڪريو، مسلمانن جي عوام جي وڏي اڪثريت توهان سان گڏ هوندي، اهي ڪونہ ٿا چاهين تہ ڪي لوفر وڃي ڪي بدمعاشيون ڪن ۽ پوءِ وري ان کي اسلام جو نالو ڏيئي ان کي بدنام ڪن. اسين سڀ توهان سان گڏ آهيون ۽ توهان جيڪا بہ جدوجهد ڪندو تہ توهان ڏسندو تہ نيڪ نيت مسلمانن، جي وڏي اڪثريت توهان سان گڏ هوندي. اسان هن ڏک ۾ هن زيادتي ۾ توهان سان دلي همدردي رکون ٿا ۽ اهو سمجهون ٿا تہ اها زيادتي توهان تائين محدود نہ آهي. سنڌ جي سمورن ماڻهن سان اها زيادتي آهي ۽ سنڌ جي وجود تي اهو هڪڑو ناپاڪ ۽ ناجائز حملو آهي.

بين الاقوامي

سوال: "نيو ورلڊ آرڊر" جو لفظ دنيا جي سياسي ادب ۾ ڪڏهن نروار ٿيو؟ نيوورلڊ آرڊر اڄ جي دؤر ۾ ٽين دنيا جي ملڪن، خاص طرح مظلوم قومن لاءِ ڪيتري قدر فائدمند آهي؟ ڇا سابق سويت يونين جا ملڪ، پولينڊ ۽ يوگوسلاويه جون رياستون ۽ فلسطيني رياست جو قيام نيو ورلڊ آرڊر جي زمري ۾ نه ٿو اچي؟

ذوالفقار راهوجو - قمبر

جواب: "نيو ورلڊ آرڊر" (نئون عالمي نظام) جو تصور ۽ ان مان نڪتل ٻيا تصور جهڙوڪ: "نيو ورلڊ اڪنامڪ آرڊر" (نئون عالمي اقتصادي نظام)، "نيو ورلڊ سوشل آرڊر" (نئون عالمي سماجي نظام) "نيو ورلڊ انفرميشن آرڊر" (نئون عالمي اطلاعاتي نظام) جا تصور 1960ع جي ڏهاڪي ڪان اول سوشلسٽ ملڪن ۽ پوءِ ٽين دنيا جي ۽ خاص ڪري غير جانبدار ملڪن جي طرفان ڏنا ويا. سويت يونين جي زوال ڪانپوءِ آمريڪي صدر بُش ان تصور کي پنهنجو ڪري پيش ڪيو ۽ جيڪي واقعا توهان بيان ڪيا آهن، سي ان زمري ۾ اچي وڃن ٿا. جهن حد تائين سچ پچ هٿيار گهٽايا وڃن، آمريڪا جا راڄ ختم ڪيا وڃن، جمهوريت کي عام ڪيو وڃي، انساني حقن جي لتاڙ کي بي نقاب ڪيو ويو ۽ عالمي تڪرار نبيريا وڃن، ان حد تائين اهو عوام لاءِ فائدمند ٿيندو. ان جو ٻيو پاسو به آهي، جنهن جا جلوا عراق، بوسينا ۽ صوماليا ۾ ڏسجن پيا ۽ پڙ ٻين جا هٿيار ختم ڪرائي، هٿيار جي هڪ هٿي سرمايه دار سامراجي ملڪن لاءِ تسليم ڪرائي، انسان ذات کي ۽ دنيا جي عام ملڪن کي انهن جي رحم ۽ ڪرم جي حوالي ڪرڻ ۽ آمريڪا پرست آمريڪا جهڙوڪ: سعودي عرب، برما، تيونس، اردن، گلف جي رياستن، ڪويت وغيره جو نالو نه وٺڻ ۾ نظر اچي رهيا آهن.

سوال: تازو ئي فلسطين ۽ اسرائيل جي وچ ۾ ناهه ٿيو آهي. ان ناهه ٿيڻ جا ڪهڙا سبب آهن؟ ۽ اهو ناهه ڪيئن ٿيو آهي؟ جڏهن ته ان کان اڳ فلسطين ۽ اسرائيل جي وچ ۾ ڪافي ڳالهيون ٿيون پر اهي ناڪام ڇو ٿيون؟

عبدالنبي جوڳي - ٽوي ميرواهه (خيرپور ميرس)

جواب: فلسطين ۽ اسرائيل جي وچ ۾ جيڪو ناهه ٿيو آهي سو هڪ قدم اڳتي

آهي، حالانڪ اهو هڪ ناقص ۽ اڻ وٽندڙ ناهه ٿي آهي. ان جا سبب هي آهن جو دنيا ۾ اسرائيل جي حامي آمريڪا ۽ يورپي ملڪن جي مقابلي ۾ جيڪا روسي طاقت هئي ان کي اندران کاڻ هٽي، روس جو گهيرو ڪري ۽ ان جي ڪمزورين جو مڪمل فائدو وٺي ان کي في الحال ڪيرائي ڇڏيو ويو آهي. هاڻي فلسطيني اڪيلا آهن. ان ڪري ''ڪاءُ ڏي وتايا کاءُ''. ٻي سڄي دنيا ختم ٿي ويئي آهي، هاڻي آمريڪين ۽ اسرائيلين کي جيڪو وڻي ٿو سو ٿا ڪن. ان ڪري گهٽي حد تائين پنهنجي مرضيءَ جو ناهه هن تي مڙهيو اٿن. بهرحال جيڪا موجوده صورتحال آهي تنهن ۾ ناهه ڪرڻ ڪانسواءِ فلسطين لاءِ ٻيو ڪو رستو نظر نٿو اچي.

سوال: اسان هاڻي خبرن ۾ پڙو آهي ته آمريڪا ۽ ويٽنام هڪ ٻئي سان ويجها ٿي رهيا آهن. آمريڪا ۽ ويٽنام جا پاڻ ۾ لاڳاپا قائم ٿيڻ سان ويٽنام کي فائدو ٿيندو يا نقصان؟ يا ويٽنام ۾ اڌيل سوشلسٽ نظام تي ته ڪو برو اثر ته نه پوندو يا آمريڪا ۽ ويٽنام جي لاڳاپن قائم ڪرڻ سان مورڳو آمريڪا ئي فائدي ۾ ويندو؟

عبدالستار چانڊيو - خيرپور ناٿن شاهه

جواب: منهنجي خيال ۾ ته ٻنهي کي ڪجهه فائدو پهچندو. آمريڪا چاڪاڻ ته وڌيڪ طاقتور آهي، ان ڪري وڌيڪ فائدو آمريڪا کي پهچندو پر ويٽنام کي هن وقت اقتصادي رڪاوٽن جي دور ٿيڻ جي تمام وڏي ضرورت آهي. آمريڪا کي جيترو ويٽنام مان فائدو حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي، ان کان وڌيڪ ويٽنام کي ان ڳالهه جي ضرورت آهي ته هن جي واڌاري جي راهه ۾ آمريڪي اقتصادي گهيري جيڪا رڪاوٽ وڌي آهي، اها دور ٿئي. تنهن ڪري فائدو مقدار جي حساب سان آمريڪا کي وڌيڪ ٿيندو پر ضرورت جي حساب سان ويٽنام کي وڌيڪ ٿيندو. سوشلسٽ نظام هن وقت هڪڙي وڏي چئلينج، نئين تجربي، آزمائش ۽ تبديلي جي دؤر مان لنگهي رهيو آهي. سوشلزم ڏانهن سفر ڪندڙ نظام تي سرمايه دار نظام جي اثر وڌڻ سان نئون اسرندڙ نظام ڪافي دباءُ هيٺ ايندو، پر دباءُ کي ڪجهه جذب ڪرڻ ۽ ڪجهه ان سان مقابلو ڪرڻ ڪانپوءِ اهو حالتن آهر وڌيڪ حقيقت پسند، پاڻ پرو، پکو پختو ٻه ٿي سگهي ٿو.

سوال: سوشلسٽ بلاڪ جي ٽٽڻ ڪانپوءِ سوشلسٽ تحريڪ ڪيهر اپرندي؟ جي اپرندي ته ان جي سرواٽي ڪهڙو ملڪ يا ڪنڊ ڪندو؟

مصطفيٰ چنا - خيرپور ناٿن شاهه - دادو

جواب: تاريخ مان جيڪي معلوم ٿئي ٿو تنهن جي روشني ۾ ان ڳالهه جا قوي امڪان آهن ته سوشلسٽ تحريڪ ٻيهر اپرندي ۽ اڳتي هلي اها دنيا تي ڇانئجي سگهي ٿي. باقي ان جي سرواٽي جو مسئلو پيچيدو آهي. يورپ ۾ سرمايه داري نظام ۾ پهرين سرواٽي جي شروعات اتلي کان ٿي. پوءِ هالينڊ اڳتي وڌيو. تنهن کانپوءِ اسپين ۽ پورچو گال ان جا سرواڻ هئا. اسپين سپرپاور هو ۽ انگلينڊ کي ڪير پڇندو ڪونه هو. انگلينڊ سدائين ان دپ ۾ هوندو هو ته ڪڏهن ٿو موڪ تي حملو ٿئي. پر پوءِ انگلينڊ سڄي دنيا جو اڳواڻ ٿيو. تنهن کانپوءِ آمريڪا ٿيو. هاڻ جرمني طاقت ۾ اڇي رهي آهي. ان ڪري اهو چوڻ مشڪل آهي ته سوشلسٽ تحريڪ جي سرواٽي ڪهڙو ملڪ ڪندو. منهنجي خيال ۾ گهٽو ڪري اها گڏيل اڳواٽي هوندي. هن وقت چين سپ کان اڳ پرو آهي ۽ ماڻهن جو اندازو آهي ته اينڊز ويهن سالن ۾ هو دنيا جو هڪڙو اقتصادي سپرپاور بنجي ويندو ۽ ڪن جو ته چوڻ آهي ته هو فوجي سپرپاور به ٿي سگهي ٿو.

سوال: سياسي جوڙ توڙ ۾ آمرانه قوتن سان اتحاد ڪري سگهجي ٿو چا؟ ٻي جنگ عظيم ۾ اسٽالن به هٽلر سان ناهه ڪيو هو. ان جا ڪهڙا سبب هئا؟

هدايت الله چانديو - چامشورو ڪالوني

جواب: سنڌ، باقي پاڪستان ۽ هندستان سميت سموري ٽين دنيا کي عام قتلامن ذريعي غلام بنائي ڦري لٽي ڪنگال ڪندڙ، ناگاساڪي ۽ هيروشيما تي ائٽمي قيامتون نازل ڪندڙ، عراق عوام کي ساڻي برباد ڪندڙ ۽ بوسنيا ۾ عام ڄالڻون ڪرائي تماشو ڏسندڙ يورپي آمريڪي گوري عالمي سرمايه دار سامراج کي جيڪڏهن ڪنهن طاقت ٽوٽا ڇپايا ۽ ٽين دنيا جو ويڑ ورايو ته اهو هو انقلابي پورهيت سوشلسٽ سوويت يونين. ٻي جنگ عظيم ۾ پورهيت دنيا جي جنهن مجاهد عالمي رهنماء عالمي سامراج جي سازش کي سپ کان وڌيڪ بي جگريءَ، دانائي ۽ تدبر سان ڏوڙ ۾ ملايو، سو هو سوويت يونين جو انقلابي سربراهه مارشل جوزف اسٽالين. ان ڪري آمريڪا ۽ يورپ توڙي ٽين دنيا ۾ ڪم ڪندڙ عالمي سامراجي پروپئگنڈا مشينريءَ جي زهر ۽ آگ جي بارش جو نمبر پهريون نشانو مارشل اسٽالين ئي رهيو آهي ۽ هن جي ڪردار ڪشي ڪندي ۽ سندس خلاف ڏچرپا ۽ ڦريون مڃائيندي روس جي رجعت پرستن توڙي، ٻئي هر ملڪ ۾ ڪم ڪندڙ سامراجي چاڙڻن پنهنجا قلم ۽ پنهنجون زبانون هلائي هلائي، چلي، رت ڪري ڇڏيون آهن. عظيم سوويت آڪٽوبر انقلاب جي پهرئين پل کان وٺي رجعت پرست سرمايه دار سامراجي سندس تختو اونڌو ڪرڻ کي رات ڏينهن ڪري لڳي ويا. ٻي جنگ عظيم انگريز ۽ فرينچ

سامراجين ان لاءِ مچارائي ٿ هٽلر کي کارائي پياري تيار ڪري ڪائنس روس تي حملو ڪرائي روس کي ختم ڪرائي چڏجي ۽ جرمنيءَ کي ب اهڙو ڪمزور ڪرائي چڏجي جو اها وري انگلينڊ ۽ فرانس سان سينو ساهي نه سگهي. وقت جي سوويت سربراهه مارشل استالن انگلينڊ ۽ فرانس جي حڪومتن کي منٿون ڪيون ٿ اچو ٿ گڏجي نازي جرمنيءَ جي راکاس کي منهن ڏيون. پر هو گجهه ڳوهه ۾ هٽلر سان ٺهي ويا ۽ هن جيڪو ب مال طلبيو سو اچي هٿ جي تريءَ تي رکيائونس ۽ فرمائش ڪيائونس ٿ هاڻ دلجاءِ سان وڃي روس تي حملو ڪري ان کي نيست نابود ڪر. ان شرمناڪ عوام دشمن سرمايه دار سامراجي معاهدي کي "ميونخ جو معاهدو" سڏجي ٿو. هٽلر پهرئين نمبر جو عيار هو. تنهن انگلينڊ ۽ فرانس مان اهو ڪم ب ڪيو ۽ پنهنجو اصل پروگرام ب جاري رکيو. سندس مکيه نشانا چار هئا. 1ـ برطانيه، 2ـ فرانس، 3ـ روس، 4ـ اوپر ۽ وچ يورپ جا ملڪ پولينڊ، آسٽريا، زيڪوسلوواڪيا، رومانيه وغيره، سندس مرحليوار پروگرام هي هو:

1ـ وچ يورپ ۾ آسٽريا ۽ زيڪوسلواڪيا کي هڙپ ڪرڻ.

2ـ اوپر يورپ ۾ پولينڊ کي هڙپ ڪرڻ.

3ـ اولهه يورپ ۾ فرانس کي ختم ڪرڻ.

4ـ انگلينڊ کي اهڙي ريت اڪيلو ۽ بي واهو ڪري ٺاهه تي مجبور ڪرڻ.

5ـ ان کان پوءِ مٿين ملڪن بلڪ سڄي يورپ ۽ برطانوي بينڪن جي قوت گڏ ڪري ان جي زور تي روس تي حملو ڪري ان کي تباهه ڪري چڏڻ.

بار بار ڪوشش جي باوجود انگلينڊ ۽ فرانس هٽلر کي بچون ڪرڻ بند نه ڪيون ۽ سائس گڏيل مقابلي جون سموريون آڇون ۽ تجويزون رد ڪري چڏيون. ان وچ ۾ هٽلر پنهنجي پروگرام مطابق روس کي تجويز ڏني ته پاڻ هڪ ٻئي سان نه وڙهون ۽ پاڻ ۾ هڪٻئي تي حملو نه ڪرڻ جو عهدنامو ڪريون. مارشل استالن کي هٽلر جي آخري ارادن جي خبر هئي پر هن ڏٺو ته جي في الحال ساهي پٽڻ لاءِ وقت نه ونبو ته انگلينڊ ۽ فرانس هينئر ئي هٽلر کان اهڙي وقت حملو ڪرائي اسان کي تباهه ڪري چڏيندا. جنهن وقت ايڏا اسان وٽ جرمني جي مقابلي جو گهربل بندوبست ڪونهي. تنهن ڪري لاچار هن جرمني طرفان پاڻ ۾ نه وڙهڻ جي عهدنامي ڪرڻ جي آڇ قبول ڪئي ۽ اهڙي ريت في الحال روس لاءِ هٽلري راکاس کان سر جي بچاءَ ۽ تياريءَ لاءِ گهربل وقت حاصل ڪيو. ان معاهدي انگريز ۽ فرينچ عيار سازشي سرمايه ـدار سامراجين جون رڌل ڪنيون اونڌيون ڪري وڌيون ۽ اڄ ڏينهن تائين سندن پروپئگنڈا باز مٿي ۾ مٿي وجهيو ماتم مچايو وينا آهن ته مارشل استالن دشمن جو اهو ڏڪ گسايو ۽ ان وقت ئي انگلينڊ ۽ فرانس جي وچايل

ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي پاڻ تي هٽلر کان حملو ڪرائي پاڻ کي تباهه ڇو نه ڪرايائين؟ ان باري ۾ ڪجهه حقيقتون هي آهن.

1ـ 30 جنوري 1933ع تي جرمنيءَ جي صدر فان هنڊن برگ هٽلر کي وزيراعظم نامزد ڪيو ۽ جلد ئي هو جرمن پارليامينٽ کان آئيني طرح ڊڪٽيٽري پاور حاصل ڪري جرمنيءَ جو ڊڪٽيٽر بڻجي ويو.

2ـ 13 جنوري 1935ع تي هٽلر سار جو کسيل علائقو زبردستيءَ واپس ورتو.

3ـ 7 جنوري 1936ع تي هٽلر لوڪارنو جو معاهدو رد ڪري ڇڏيو ۽ ٻئي ڏينهن رائين لينڊ جي علائقي ۾ ان معاهدي جي ابتڙ فوجي قلعي بنديون شروع ڪيون.

4ـ 28 مئي 1937ع تي چيمبرلين برطانيه جو وزيراعظم ٿيو.

5ـ 13 مارچ 1938ع تي هٽلر آسٽريا تي زبردستيءَ سان قبضو ڪيو.

6ـ مئي 1938ع تي مارشل اسٽالن فرانس جي پڇا ڪرڻ تي اعلان ڪيو ته جي فرانس زيڪو سلوواڪيا سان ڪيل معاهدي مطابق هٽلر جي حملي خلاف زيڪو سلوواڪيا جي مدد ڪري ته روس فرانس سان گڏجي معاهدي مطابق هٽلر سان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهي. اڳتي هلي هن زيڪوسلوواڪيا جي اڳواڻن کي چيو ته فرانس توهان جي مدد ڪري نه ڪري، جيڪڏهن توهان پنهنجي ملڪ جي بچاءَ لاءِ وڙهڻ لاءِ تيار هجو ته اسين توهان جي پاران جرمنيءَ سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. زيڪو سلوواڪيا تيار نه ٿيو. سوويت يونين باقائدي تجويز پيش ڪئي ته جرمنيءَ جي حملي کان زيڪو سلوواڪيا جي جنگي جنرل اسٽاف جو ترت اجلاس ڪوٺايو ويجي. فرانس ۽ زيڪوسلوواڪيا راضي نه ٿيا.

7ـ 29 سيپٽمبر 1938ع تي برطانيه ۽ فرانس هٽلر سان ميونخ جو معاهدو ڪري چڙ ڪيس يورپ ۾ من مستيون ڪرڻ جي کلي اجازت ڏيئي ڇڏي.

8ـ 18 نومبر 1938ع تي پولينڊ جي وزارت خارجه جي اعليٰ عملدارن جرمن سفارتڪارن کي چيو ته اسان سان رعايت ڪئي ويجي ته اسين توهان سان گڏ روس تي حملو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. حالانڪه ان وقت هٽلر خود پولينڊ تي حملو ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ٻيٺو هو.

9ـ 10 مارچ 1939ع تي سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي ارڙهين ڪانگريس اڳيان سياسي رپورٽ پيش ڪندي مارشل جوزف اسٽالن چيو:

"مغربي (سرمائيدار سامراجي) ملڪن جي نام نهاد عدم مداخلت واري پاليسيءَ جو مقصد آهي اڳرائي ۽ جنگ تي چشم پوشي ڪرڻ. اها هڪڙي ڪوشش ۽ خواهش آهي ته اڳرائي ڪندڙن جي پيانڪ ڪم ۾ رخنو نه وجهجي. جاپان کي چين سان يا ايڊا بهتر ته روس سان جنگ ۾ الجهڻ کان نه روڪجي.

جرمنيءَ کي يورپي معاملن ۾ ڦاسڻ بلڪ روس سان جنگ ۾ غرق ٿيڻ کان نہ روڪجي. سيني ڏرين کي چڏي ڏجي تہ پلي جنگ جي ڏبڻ ۾ ڦاسن پوءِ چالاکيءَ سان سندن پٺيون ٽپرجن تہ پلي هڪبئي کي ڪمزور ڪري ۽ ٽڪائي مارين ۽ پوءِ پاڻ نيون تازه فوجون وٺي "امن جي مفادن خاطر" اچي مٿان ٽڪاءُ ڪجي ۽ هڪبئي سان وڙهندڙ ڏرين جي مٿان پنهنجو فرمان هلائجي ۽ پنهنجا شرط ميڙائجن... (پر) جيڪي ڏريون عدم مداخلت وارو زبردست سياسي کيل پيون کيڏن. خود انهن جو ٻئي حشر تمام برو ٻ ٿي سگهي ٿو. مارشل استالن جي اها اڳڪٿي سورنهن آنا سچي نڪتي ۽ فرانس تباهہ ٿي ويو ۽ برطانيہ جا برا حال ٿي ويا ۽ سرمايہ دار سامراجي شڪاري خود پنهنجين وچايل کوڙڪين ۾ ڦاسي پيا.

10_ 16 مارچ 1939ع تي هٽلر زيڪو سلوواکيا تي قبضو ڪيو.

11_ 18 مارچ 1939ع تي مارشل استالن جي حڪومت مغربي ملڪن کي سڏ ڏنو تہ جرمن اڳرائي کي منهن ڏيڻ لاءِ روس، برطانيہ، فرانس، پولينڊ، رومانيہ ۽ ترڪيءَ جي ڪانفرنس ڪوٺائي وڃي. ان سڏ جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو ويو.

12_ 22 مارچ 1939ع تي برطانيہ پهريون پيرو روس سان نالي ماتر رسمي ڳالهيون ڪيون جن جو ڪوبہ ڪڙ تيل ڪونہ نڪتو.

14_ 17 اپريل 1939ع تي مارش استالن جي حڪومت سڏ ڏنو تہ روس، برطانيہ ۽ فرانس جرمن اڳرائي خلاف هڪبئي جي مدد توڙي اوپر يورپ جي ملڪن جي مدد جو معاهدو ڪن. ان سڏ کي مغربي ملڪن رد ڪري چڏيو.

15_ 12 کان 15 آگسٽ 1939ع تي اڳرائيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ برطانوي، فرينچ ۽ سوويت اعليٰ فوجي عملدارن جي ڪانفرنس ماسڪو ۾ شروع ٿي. جنهن ۾ برطانيہ پاران ائڊمرل ڊرائڪس، فرانس پاران جنرل دومينڪ ۽ سوويت يونين پاران مارشل ووروشلوف شرڪت ڪئي. انگلينڊ جو نمائندو بنا سفارتي اختيارن جي آيو. مغربي ملڪن اها خاطري ڏيڻ کان انڪار ڪيو تہ روس کي جرمن فوج سان مقابلو ڪرڻ لاءِ يولينڊ ۽ رومانيہ کان رستو ۽ ٻيون گهربل سهولتون وٺي ڏيون ويندين.

16_ هڪڙي پاسي ڏيکاءُ واري اها بي مقصد ڪانفرنس پئي هلي تہ ٻئي پاسي لنڊن ۾ جرمنيءَ سان ناهہ جون ڳالهيون زور شور سان جاري رکيون ويون ۽ جرمنيءَ کي چيو ويو تہ جي تون ٻيا ملڪ چڏي روس ڏانهن رخ رکين تہ توکي اربن ڊالرن جو قرض ۽ ٻيون مددون ڏيون ويندين.

17_ 23 آگسٽ 1939ع تي جرمن، سوويت معاهدو صحيح ڪيو ويو. روس کي پنهنجي بچاءَ جي تيارين لاءِ ٻاويهن مهين جي مهلت ملي وئي.

18_ 1 سيپٽمبر 1939ع تي هٽلر پولينڊ تي حملو ڪيو ۽ ٻي جنگ عظيم

شروع ٿي وئي. 27 سيپٽمبر تي پوليند هٿيار ڦٽا ڪري پيش پيو. اوپر پوليند تي روس جو قبضو ٿيو.

سوال: نيلسن منديلا اهڙو سياستدان آهي جنهن شايد هن صديءَ ۾ سڀني کان وڌيڪ جيل جي سخت سزا پوڳي آهي. هن وقت سندس پارٽي اي اين سي ڏکڻ آفريقا ۾ تيزيءَ سان وڌي پئي ۽ گوري سرڪار ڪيترائي سندس پارٽي جا مطالبا پڻ مڃيا آهن. جڏهن ته هن وقت سڄي دنيا ۾ اندازا سڀئي ڪاپي ڏر جون سياسي پارٽيون پنهنجي اندروني ۽ باهرين گهوٽالن کي منهن ڏيئي پنهنجي دفاع ۾ مصروف آهن. اهڙي وقت ۾ اي اين سي تيزيءَ سان وڌي پئي پر جڏهن هڪ ٻه ڏهاڪا اڳ سڄي دنيا ۾ انقلابي پارٽيون تيزيءَ سان وڌي عوامي سوپون حاصل ڪري رهيون هيون. ان وقت نيلسن منديلا ۽ سندس پارٽي ايتري ترقي ڪري ڪونه سگهي. اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي. ڇا هي سوشلسٽ آهي يا جمهوريت پسند آهي يا ياسرعرفات جهڙو مائهو آهي جيڪو پڻڻ ۾ اچي ٿو ته اندريءَ اندر آمريڪا جو مائهو آهي. هن وقت ڏکڻ آفريقا جي سياسي صورتحال ڪهڙي قسم جي آهي؟ ڇا عوام واقعي ايترو سگهارو ٿي ويو آهي جو گورا ڪارن جا مطالبا مڃڻ لاءِ مجبور آهن يا اي اين سي ڪي ڳجها ناهه ڪيا آهن؟

ڪلٽوم هاليپوٽو - ٽنڊو باگو بدين

جواب: ڏکڻ آفريقا جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ اي اين سي جنهن جو سربراهه نيلسن منديلا آهي، ان ۾ ڏکڻ آفريقا جي ڪميونسٽ پارٽي به شامل هئي ۽ ڪجهه وقت اڳي ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻ کي شهيد به ڪيو ويو هو. باقي هونئن نيلسن منديلا پاڻ سوشلزم ڏانهن مائل جمهوريت پسند آهي. آئون نه ٿو سمجهان ته ڪو ياسر عرفات يا نيلسن منديلا آمريڪا جا مائهو آهن. پر هو موجوده حالتن ۾ آفريقي برتريءَ واري پوزيشن کي صفا نظرانداز ڪري نه ٿا سگهن ۽ شايد موجوده صورتحال ۾ جيڪو رستو هن اختيار ڪيو آهي سو حالتن آهر ايترو غلط نه هجي. اڳي ڏکڻ آفريقا جي جدوجهد آزادي ايتري اڳتي وڌيل نه هئي ان جو سبب اهو هو ته اهو دؤر اهڙو هو، هاڻي خود سامراجين لاءِ اهو چئلينج آهي ته هو دنيا جا مسئلا حل ڪن. اڳي ته هن تي سوويت يونين جو دباءُ هو ۽ هن جي به دعويٰ اها هئي ۽ دنيا جي ٻين مائهن به چيو ٿي ته سوويت يونين جو جيڪڏهن انهن تي دباءُ نه هجي ته اهي ڪنهن کي به ساهه کڻڻ ڪونه ڏين. هاڻي سامراج کي ۽ خاص ڪري آمريڪي سامراج کي اهو ثابت ڪرڻو آهي ته اسين سوويت يونين جي دباءُ کانسواءِ به دنيا کي سڌاري سگهون ٿا ۽ سرمائيداري ۽ سامراج ۾ اها طاقت آهي ۽ اها ڇڪائي به آهي ته هو

دنيا کي سهڻي نموني سان هلائي سگهن. انهي چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ هو ڪجهه اڳي جي پيٽ ۾ وڌيڪ "شرافت" جو مظاهرو ڏيکاري رهيا آهن. جيتوڻيڪ بوسنيا ۾ ان شرافت جو مظاهرو سڄي دنيا جي اڳيان ننگو ٿي چڪو آهي.

سوال: روس ۾ لبرل ڊيموڪريٽس جي فتح تجزين ۾ مونجهاري جو باعث ٿيندي ان امڪان کي آڏو آڻي رهي آهي ته روس فاشزم جو ڳڙهه بڻجي ويندو. توهان جو ان باري ڪهڙو خيال آهي؟

ستار ميمڻ- ڪراچي

جواب: روس جو عالمي تاريخ جي حساب سان جڙ اڪ چنپ ۾ هڪڙي فيل مست سپرپاور مان ڦري هڪڙي ڏيوالي ۾ آيل محتاج ۽ پينو بينڪ ۽ ڪالوني ۾ تبديل ٿيڻ هن صدي جو اهڙو ئي وڏو حادثو آهي جهڙو 1917ع جو "عظيم آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب" پر حادثو ڪيڏو به وڏو هجي، وڏا ملڪ ۽ وڏيون قومون هڪڙي يا بن ٽن ڏڪن سان ختم ڪونه ٿيندیون آهن. فرانس، جپان، چين، روس، جرمني، انگلينڊ ۽ ويٽنام جهڙن ملڪن جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته ڪي ملڪ ۽ قومون تمام چيڙهاءَ پينا ٿيندا آهن. سوين سال ذري گهٽ نيست نابود ٿي وڃڻ کان پوءِ به هڪڙو ڏينهن ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙا ٿيندا آهن ۽ وڻ گهوڙو ٻڌڻ ڪونه ڏيندا آهن.

يورپ جي گذريل سورهين صديءَ کان پوءِ جي تاريخ پڙهي ڏسي ته اڳ به سپرپاور آخري دفعي ڪريا ته وري نه چڙهيا- اسپين ۽ آسٽريا، هنگري جي سلطنت. پر جرمني، انگلينڊ، روس ۽ فرانس روز ٿا هڪٻئي کي دسين نيست نابود ڪن ۽ روز ٿا وري نئين سر اٿي ڪلهوڪي فاتح کي دسي ڇڙو ڪن. تنهنڪري هتي توڙي پي دنيا ۾ جڏهن جڙتو پاءُ پڙهيل جاهل تجزيه نگارن ختم ختم جون ڦشريون مچائي ملڪ تپائي پٽي ڏنو ۽ لين جي مجسمي ڏهڙ تي خوشي جون ڪڳيون هٽندي مڙس ڪپڙن کان ٻاهر نڪري ٿي وڃا تڏهن تاريخ جي ڇاڙو ماڻهن کي خبر هئي ته هيءَ فقط هڪڙي ملهه دسي وئي آهي، اهڙيون ڪيئن ٻيون ملهون وڙهبيون. نوان حساب ڪتاب ٿيندا، نوان ڦيرا گهيرا ايندا. پس پيش روس جهڙو اجگر ملڪ هيئن بچڙي حال ۾ محتاج ۽ گداگر بنجي آمريڪا ۽ يورپ جو غلام ٿي رهڻ لاءِ هميشه لاءِ راضي ٿي رهجي وڃي، سا ڳالهه خود سامراجي به چگي طرح سمجهن ٿا ته ٿيٽي ڪانهي. تاريخ ۾ ڪنهن به امڪان کي رد ڪرڻ مشڪل آهي پر ڏسجي ٿو ته روس ۾ مختلف قيرين گهيرين ٿيڻ ۽ لاهين چاڙهين ۽ ورن وڪڙن اچڻ ڪانپوءِ سماجي سجاڳي، روشن خيالي ۽ پيش قدمي جو هڪڙو نئون دؤر اٽ ٽر آهي. اڄوڪين حالتن ۾

فاشزم روسي عوام کي ڪنهن ڏڳهي عرصي تائين غلام بنائي رکي سگهي. سوءِ ڏکيو ٿو ڏسڻ ۾ اچي. باقي قومي احساس روس ۾ اصل کان ونڊي گهٽو آهي. روس بار بار منگولن، سويڊن، پولن، فرينچن، جپانين، نازين ۽ ٻين ڌارين جي حملن جو شڪار ٿيندو رهيو آهي. سامراجي ان شديد قومي احساس کي ان جي اظهار جي خامين جو ناجائز فائدو ونڊي ان کي فاشزم جو روپ ڏيئي ان کي بدنام ڪري، روس کي جيتري دير ٿي سگهي اوتري دير وڌيڪ محتاج، پيو ۽ غلام بنائي رکڻ چاهين ٿا. پر اهو ڏنڊو گهٽي دير هلي سو مشڪل آهي.

سوال: سويت يونين جي ٽٽڻ جو ڪارڻ ڇا آهي؟
حاجي محمد ذکي ڊاکلو (ٺر)

سوال: روس ڪيئن ٽٽو؟
سرمد - رتوديرو

جواب: ٽٽڻ، ٽهڻ، وري ٽٽڻ، وري ٽهڻ ڪائنات جي شين، حالتن ۽ لقائن ۾ عام ڪاڪاهه آهي. تاريخ ۾ حڪومتون ۽ سماجي اقتصادي نظام به پيا ٽٽندا ۽ ٽهندا، وري ٽٽندا ۽ وري ٽهندا آهن. البت سماجي اقتصادي نظامن مان هڪڙي جي ڊهڻ ۽ ٻئي جي ٽهڻ ۾ ٽائيم ضرور لڳندو آهي. انساني سماج ۾ پهريائين قديم اشتراڪي نظام هو، جنهن ۾ مخالف طبقا ڪونه هئا. ان نظام جي ڊهڻ ۽ ان جي جاهه نشين نظام يعني غلامداري نظام جي ٽهڻ ۾ ڪيئي صديون لڳيون. وري غلامداري نظام جي ڊهڻ ۽ ان جي جاءِ تي جاگيرداري نظام جي قائم ٿيڻ ۾ ڪيئن صديون، ڪيئن هيئاهيون مٿاهيون ڪيئن فتحون ۽ شڪستون ٿيون ۽ ڪيئن ٽٽڻ ۽ ٽهڻ جا سلسلا ٿيا. ساڳي ڪاڪاهه يورپ ۾ جاگيرداري نظام جي ڊهڻ ۽ سرمايه داري نظام جي پڪن پيرن تي قائم ٿي وڃڻ جي حالت ۾ ٿي. اها سماجي چٽاپيٽي ۽ ويڙهه 13- صديءَ کان شروع ٿي ۽ مس مس وڃي ارڙهين صديءَ ۾ فيصلو ٿيو ته بنيادي طرح جاگيرداري نظام ۾ ائين قائم رهيو. جيئن اڳي غلامداري ۽ جاگيرداري نظامن ۾ اڳوڻا قديم اشتراڪي ۽ غلامداري نظام به جزوي طرح قائم رهيا بلڪ اڄ تائين قائم آهن.

يورپ ۾ ۽ خاص ڪري انگلينڊ ۽ پوءِ فرانس ۾ سورهين صديءَ کان ونڊي ارڙهينءَ تائين ڪڏهن پراڻن طاقتور جاگيردار قوتن ٻئي اسرندڙ سرمايه دار قوتن کي دسيو ته ڪڏهن وري انهن جاگيردار قوتن کي دسيو ٿي. سوين هزارين دفعا ڪڏهن هڪڙي ڏر ٿي ٽٽي ته ڪڏهن ٻي ڏر، ٿلهي ليکي

پراٽيسٽن فرقي جي حڪمرانن لاشعوري طور سرمايه دار قوتن جي نمائندگي ٿي ڪئي ته ڪئٿولڪ فرقي جي حامي حڪمرانن جاگيردار قوت بنجي. انگلينڊ ۾ "هينري اٺين" جي پن ڏيئن "ميري" (وڏي) ۽ "ايلزبيٿ" (ننڍي) مان ميريءَ جاگيردار قوتن کي هٿي ٿي ڏني ته ايلزبيٿ اول (لاشعوري يا شعوري طور) نين اسرندڙ سرمايه دار قوتن کي. ان کانپوءِ ٽوري پارٽيءَ جاگيردار قوتن جي حمايت ٿي ڪئي ته "رک پارٽي" اسرندڙ سرمايه دار قوتن جي. سترهين صديءَ ۾ بادشاهه ۽ پارليامينٽ جي وچ ۾ لڙائي به دراصل انهن بنهي مخالف نظامن جي حامي قوتن جي وچ ۾ ويڙهه هئي. جيڪا نسلن جا نسل هلي ۽ اڄ تائين هلي پيئي. (ڏسو ڪتاب "برطانيه جي عوامي تاريخ" (People History of England) فرانس ۾ فرينچ انقلاب جي تاريخ جو مطالعو توهان کي پڌائيندو ته جڏهن به مخالف نظام پاڻ ۾ ٽڪرجن ٿا ته پوءِ ڪيئن نه فتحن ۽ شڪستن جو هڪڙو اٽڪ سلسلو شروع ٿي وڃي ٿو. جنهن ۾ اڪثرفتحون ۽ شڪستون عارضي ثابت ٿين ٿيون. 1814ع ۾ سڄي يورپ جي رجعت پرست جاگيردار پرست قوتن هم صلاح ٿي گڏيل حملو ڪري انقلابي سرمايه دار فرانس کي ٽوڙي رکيو ۽ سڄي يورپ جي رجعت پرستيءَ جي اڳيان ۾ ڪيرون مبارڪون ٿي ويون ته جاگيردار آمرانا نظام ڪٽيو. سرمايه دار آمرانا نظام هارايو. 1870ع تائين اهو حال رهيو. يعني سرمايه دار بغاوت ختم جاگيردار راج قائم. پر 1870ع کان پوءِ ويچاري جاگيرداري نظام تي صدين لاءِ سرمايه دار نظام غالب ٿي ويو. عظيم آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب يورپ جي هڪڙي غريب بدحال ۽ پوئتي پيل ملڪ ۾ آيو. ان کي پهرين ڏينهن کان پهرين جنگ عظيم جي پيانڪ تباهيءَ سڄي يورپ جي سرمائيدار ملڪن جي ڇ تي ۽ سندن واهر سان مڙهيل دڳهي خونريز گهرو لڙائيءَ ۽ ڏڪار سان، چوڌهن سرمائيدار ملڪن جي سڌي حملي ۽ سندن اقتصادي، سياسي، فوجي پروپيگنڊا جي گهيري ۽ فوجي حملي سان ۽ بين الاقوامي ۽ اندروني تخريبڪاري سان مقابلو ڪرڻو پئجي ويو.

سر جي تان سور سامائي تان سڪ وياڻ
اهي ٻئي پورهه مون نمائيءَ نصيب ٿيا. (شاهه)

انهن باهين ۾ برندي ۽ سڙندي، پچندي اهو انقلاب اسريو، نسريو ۽ وڌيو ويجهيو. ان زندگي جي سمورن شعبن ۾ اهي معجزا ڪري ڏيکاريا ۽ ايڏي تيزي سان ترقي ڪري ڏيکاري، جنهنجو مثال روءِ زمين جي تاريخ ۾ نه ٿو ملي. سرمائيدار دنيا جي سمورن بدمعاشي وارين سازشن کي ناڪام بنائي ۽ فاشسٽ راڪاس نازيءَ جرمنيءَ کي فاش شڪست ڏيئي اهو دنيا جو سپرپاور ۽ پهريون نمبر فوجي قوت بنجي ويو.

سرمائيدار سامراج هندستان سميت جيڪا دنيا سورهين صدي کان وٺي پنج سؤ سالن جي عرصي ۾ غلام بنائي هئي، اها دنيا سويت انقلاب جي مدد سان چئن ڏهاڪن جي ننڍڙي عرسي ۾ آزاد ٿي وئي. نوان آزاد ٿيل ملڪ غريب ۽ بي پهچ هئا. انهن کي بچائڻ ۽ هلائڻ جو وڏو وزن سوويت يونين تي پئجي ويو. دولتمند ۽ فيل مست سامراجي ملڪن جي فوجي ۽ اقتصادي گهيري جي بدستور جاري رهڻ جي ڪري کيس بچاءَ تي گاڏي پگو خرچ پرٽو پئجي ويو. ٿيو ته نئين نظام جي عمر ٿوري هئي ۽ ان جي شروعات تمام هيٺاهين سطح کان ڪيل هئي. انهن ۾ پين ڪيترن سببن جي ڪري سوويت حڪومت جو پجرو وڌيڪ ڏهاءُ جهلي نه سگهيو ۽ ائين ٿڻي پيو، جيئن فرانس عظيم فرينچ انقلاب کان اٽڪل پاءُ صدي پوءِ ٿڻي پيو هو. پر ايڏا ڏ صدي ۾ ڪاڏ گذري ته فرانس وري ۾ چڙهي ويو ۽ يورپ جي پهرين درجي جي طاقت بنجي ويو. دنيا جو گهڻي ۾ گهڻي آبادي وارو ۽ انسان ذات جي چوٽين پتيءَ وارو سوشلسٽ ملڪ چين قائم آهي ۽ وڏي شان سان قائم آهي. ويٽنام، اترڪوريا ۽ ڪيوبا هر قسم جي ڏهاءُ ۽ گهيري جي باوجود قائم آهن. نئون اسريل سوشلسٽ نظام بدليل ۽ بدلجندڙ حالتن ۾ بدلجندڙ نموني بنيادي طرح قائم آهي. اهو بدليل حالتن ۾ بدليل طريقن سان وري وڏندو. ويجهندو ۽ تاريخي حساب سان جلد يا ٿوري دير ڪانپوءِ وري مچي موري مڙس ٿي پوندو ۽ سرمايه دار سامراج سان مڙسا مڙسيءَ سان چٽا پيٽي ڪندو.

اپني ميخانے کو ميخانہ تو بن لينے دو
اپني ديوانوں کو ديوانہ تو بن لينے دو
اٹھ جائيگي يہ سطوت اسباب بھي اٹھ جائيگي
اور يہ گران بھاري آداب بھي اٹھ جائيگي
خواھ زنجير چھنکتي ھي رھي.!

ملڪي

سوال: اوهان هميشه کان وٺي ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ڪندا پيا اچو، سائين اوهان اسان کي پڌائڻ پسند ڪندؤ ته ڪالاباغ ڊيم ڇا آهي؟ ڪٿي ٺهندو ۽ ان جي ٺهڻ سان سنڌ کي ڪهڙو نقصان ٿيندو؟

عباس ڪنول لغاري، قاسم چوڪ حيدر آباد

جواب: پنجاب جي هڪڙي علائقي جو نالو آهي ڪالاباغ. مغربي پاڪستان جو اڳوٽو گورنر نواب ڪالاباغ اتي جو نواب هو. اتي سنڌو درياهه تي بند ٽا ٻڌن، جنهن مان بجلي ۽ ٺهندي، پر اتان پاڻي ۽ ڪٽي سگهجي ٿو. جنهن ڪري درياهه ايڏا ۽ وڏيڪ سڪي سگهي ٿو ۽ سنڌ ويران ۽ ٿي سگهي ٿي.

سوال: مڪاني ادارا ختم ڪري ضلعي حڪومتون قائم ڪيون پيون وڃن، ان جي باري ۾ اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟

ڊاڪٽر آڪاش چانڊيو - ولي محمد گورڙ ٽرڙي محبت

جواب: اسان ان ڳالهه کي سڌ لاءِ هاڃيڪار سمجهي، ان جي مخالفت ڪندا رهيا آهيون.

سوال: اوهان جي عدالت ۾ اڄ پاڻ کي پيش ڪري پنهنجي جاڻ وڌائڻ لاءِ ايترو پڇڙ جي ڪوشش ڪندس ته: سرمائيداري جمهوريت ۽ جاگيرداري جمهوريت ۾نهي مان عوام لاءِ ڪهڙي سڻي آهي؟ ۽ هن وقت پاڪستان ۾ ڪهڙي جمهوريت آهي؟

مشتاق ڄٽو - وارهه

جواب: سرمايه دار جمهوريت. هن وقت پاڪستان ۾ وڏيرڪي ۽ جاگيردار جڙتو "جمهوريت" رائج آهي.

سوال: پاڪستان هاڻي جيڪا انساني حقن جي ڪميشن اڳيان قرارداد پيش ڪئي اها ان ايران ۽ چين جي سفارشن تي واپس ورتي آهي. ان مان پاڪستان ۽ جمون ڪشمير کي ڪيترو نقصان پهتو آهي ۽ پارت کي ڪيترو فائدو پهتو آهي؟

مير محمد ڪٽپر - ڳوٺ ڪلري تعلقو روهڙي

جواب: ان قسم جون قراردادون پيش ڪرڻ ۽ نه ڦبي سگهڻ جي حالت ۾ يا ڪنهن ڏي وڻ ٽيڙ جي حالت ۾ واپس وٺڻ سفارتي دنيا جي هلي چلي آهي. ان ۾ ڪا اهڙي عربي فارسي ڪانهي دنيا جو دستور آهي.

سوال: ڇا پاڪستان ۾ قانون آهي؟ جيڪڏهن قانون آهي ته پوءِ لطيف جو لوءِ لڳ، مفڪر ۽ رهبر سائين جي ايم سيد کي عدالت ۾ ڇو نٿو پيش ڪيو وڃي؟ ان کي پنهنجو عدالتي بيان ڇو نه ٿو ڏياريو وڃي؟ ڇا هي جمهوري حڪومت ڏڃي ٿي؟ ڇا هي حڪومت هن جي بيان جي سڌ به نه سهي سگهندي؟ ترقي يافته ملڪن ۾ هڪ سياستدان کي چوويهن ڪلاڪن جي اندر عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو آهي، هن کي چوويهه ڪلاڪ ته پنهنجي جاءِ تي پر چوويهن مهينن ۾ به عدالت سڳوري جو منهن نه ڏيکاريو ويندو آهي.

باغي النزاقت - پوسٽ ٽنگواڻي.

جواب: رڳو سياستدانن کي نه پر ملڪ جي هر باشندي کي 24 ڪلاڪن اندر

ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻو آهي. توهان جي ڳالهه واجبي آهي. شاهه صاحب جو اهو آئيني حق آهي ته ڪيس عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي.

سوال: ڇا پاڪستان ۾ قانون آهي؟ جيڪڏهن آهي ته پوءِ غريب شاگردن سان انصاف ڇو نه ٿو ڪيو وڃي؟ جيڪو شاگرد امتحان ۾ خود ويهي ٿو، ان جون مارڪون تمام گهٽ آهن ۽ جيڪو شاگرد امتحان ۾ پاڻ خود نه ٿو ويهي ۽ ان جي بدران ٻيو ڪوئي ٿو ويهي، ان جون مارڪون تمام گهڻيون آهن. ڇو؟

رياض حسين نوناري- پوسٽ تنگواڻي

جواب: ضياالحق جي حامي سياست بازيءَ جي مهرباني آهي جو اها صورتحال اوهان ڏسو ٿا. ڇو ته ان ڪورو ۽ ظالم نظام خلاف سڀ گڏجي جدوجهد ڪريون جنهن ۾ اهڙيون حق تلفيون ٿين ٿيون. جن جو اوهان ذڪر ڪريو ٿا. اسين اوهان سان انهيءَ احتجاج ۾ گڏ آهيون.

سوال: توهان ڪجهه سال اڳ اي اين پي ۾ رهي ملڪي سياست ڪئي. وري ان کي ڇڏي سنڌ جي سياست جو رخ اختيار ڪيو. ڇا هاڻي وري ملڪي سياست ڪرڻ جو ارادو رکو ٿا يا ملڪي سطح تي ڪا نئين پارٽي ٺاهيندؤ؟

روحي بانو راجپر- ڪراچي

جواب: اي اين پي ڪا اڳ ۾ اسان "عوامي تحريڪ" ٺاهي هئي. پوءِ اسان ان کي مشروط طرح اي اين پي ۾ گڏ ڪيو هو ۽ ان وقت اسان پنهنجي سڀني تمائندن کان قسم کڻايو هو ته اي اين پي ڇهه مهينا هلي يا ڇهه سال هلي. بلآخر اها جڏهن قائم نه رهي ته اسين وري نئين سر عوامي تحريڪ کي زنده ڪنداسين. ان موجب اسان عمل ڪيو آهي ۽ جيئن ئي اي اين پي سنڌ دشمن دهشتگردن سان ملي ويئي. تنهن ڏينهن کان وٺي عوامي تحريڪ وري پنهنجي سر کم ڪري ٿي. جيتوڻيڪ اسان جون مڪيه سرگرميون پنهنجي صوبي اندر آهن ۽ اولٻت ظاهر آهي ته اسين پنهنجي صوبي جي ماڻهن کي ڏيون ٿا. پر اسان ڪڏهن به اهو ڪوٺ سوچيو آهي ته سنڌ جا مسئلا هن ملڪ، هن علائقي يا دنيا کان صفا الڳ ڪري سگهجن ٿا. تنهن ڪري اسين جڏهن به وري ملڪي سطح تي سرگرمي ڪرڻ جي پوزيشن ۾ اچي سگهياسين، تڏهن ائين ڪنداسون.

سوال: توهان جي نظر ۾ هي حڪومت 5 سال حڪومت ڪري سگهندي؟

حامد علي ٻٽو- محلو گجڻ پور- لاڙڪاڻو

جواب: ڪا خبر ڪانهي. پاڪستان ۾ هر شئي ممڪن آهي. پنج سال پورا ٿ

ڪري سگهي ٿي ۽ وري چونڊجي به سگهي ٿي ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ ئي ڪلٽي به ٿي سگهي ٿي. اهو سڀ حڪومت جي عقل، فهم، ادراڪ، پنهنجي تجربن مان سکڻ، ڪامورا شاهي بدران عوام کي منظم ڪري. انهن کي سرگرم ڪرڻ، گهٽي ۾ گهٽا سچا پچا ۽ ثابت قدم دوست ۽ اتحادي بنائڻ، رڳو پنهنجي ننڍڙي وڏيرڪي ٽولي جا ناز نخرا پورا ڪرڻ ۽ سڀ ٽپڙ انهن کي ڪارائي مچائي مواڙ ڪرڻ بدران وسيع عوام جا مسئلا حل ڪرڻ، وڏيرا شاهي بدران وچين طبقي جي پڙهيل ڳڙهيل سچار ۽ ڪارائتن حصن کي پاڻ سان ڪٽڻ، وڏي نظر ڏارڻ، صحيح رٿابندي ڪرڻ، سرگرمي ۽ سچائي سان معاملن کي منهن ڏيڻ ۽ نوان رستا ڳولي ڪڍڻ تي ۽ ٻين گهٽين ڳالهين تي دارو مدار رکي ٿو.

سوال: سائين مون ٻڌو آهي ته هڪ دفعي حضرت مولانا ابوالڪلام آزاد صاحب جو ڪراچيءَ تان گذر ٿيو ۽ سندن جهاز ڪجهه گهڙين لاءِ ڪراچيءَ جي هوائي اڈي تي ترسيو. ڪنهن شخص کي معلوم ٿيو ته مولانا آزاد صاحب جهاز ۾ آهن. اهو شخص وٽن جهاز ۾ ويو ۽ مولانا صاحب کي چانهن پيئڻ جي دعوت ڏنائين جنهن تي مولانا صاحب فرمايو. ته "توهان مون کي چانهه پيئڻ جو ٿا چئو پر آئون ته هن سر زمين تي قدم به نه رکندس!" ۽ مولانا صاحب نه ٿو. چا اهو سچ آهي؟ ٻيو ته شيخ ايياز چيو آهي ته "مولانا آزاد جي سياست سان اسان کي اختلاف آهي" توهان مولانا صاحب جي سياست متعلق ڪجهه وضاحت ڪيو ته مهرباني.

ابراهيم حنيف شر- هنگورو ڪپرو

جواب: آئون ٿو سمجهان ته هواتي جهاز مان لهڻ واري گاله کا صحيح هوندي. مولانا آزاد وڏو عالم ۽ دڳهي نظر ۽ همت وارو سياستدان هو. پر مولانا صاحب ۽ ٻين روشن خيال مسلمانن ۽ ٻين ترقي پسند ماڻهن اهو غلط تاريخي ۽ سياسي اندازو لڳايو ته هندستان کي متحد رکڻ لاءِ رڳو آزاديءَ ۽ اتحاد جو پرچار ڪافي آهي. جيڪو پرچار نوس تاريخي حقيقتن ۽ پيچيدگين کي نظر انداز ڪندو ان جي پاڙ نڪريءَ تي هوندي.

"هندو مسلم پائي پائي" جو خوبصورت ۽ روشن خيال نعرو ٻن حقيقتن جي صحيح ۽ پرپور سمجهه ۽ اظهار کان لنوائيندڙ نعرو هو. اهي ٻه بنيادي تاريخي حقيقتون هي هيون ته ڪن استثنائن کي ڇڏي پنهنجي هڪ هزار سالن جي حڪومتن ۾ ٻين سامراجي حاڪم ٽولن وانگر هندستان جي مسلمان حڪمران ٽولن به سندن سميت سڄي هندستان ۾ هندستان جي عوام جي اڪثريت يعني هندو عوام کي غلام ڪري رکيو، سندن انساني حقن کي

لتاڙيو، سندن انساني وقار کي خاڪ ۾ ملايو ۽ سندن زندگين، ملڪيتن، عزتن، روحاني عقيدن مٿان جبر جي تلوار لٽڪائي رکي، کين بي حيائيءَ سان ڦريو ۽ لٽيو ۽ سندن استحصال ڪيو. ان غلاميءَ خلاف سندن دلين ۾ اندر ئي اندر نفرت، غصي ۽ انتقام جي آگ پئي ٻري. پي بنيادي تاريخي حقيقت اها هئي ته آزاديءَ کانپوءِ جڏهن هندو اڪثريت ۽ حاڪم بنجڻا هئا ۽ مسلمان اقليت بنجڻا هئا تڏهن اها آگ پنهنجي ٻڪجي پڙڪئي هئي. ڪو به سڪٽو خوبصورت نعرو ان آگ کي وسائي نه سگهي ها. اها تڏهن ماڻي ڪري سگهجي ها جڏهن 1857ع کان وٺي هندستان جي آزاديءَ جي علمبردارن طرفان اها ڳالهه تسليم ڪئي وڃي ها ته هندستان تي حڪومت ڪندڙ ڌارين ڦورو ۽ ظالم سامراجي مسلمان حاڪمن مڪاني سنڌي ۽ ٻئي مڪاني هندستاني مسلمان عوام تي جيڪي پيانڪ ۽ وحشي ظلم ڪيا تنهن کان هڪ سؤ دفعا وڌيڪ غير انساني ظلم هندستان جي هندو عوام سان ڪيا ويا آهن. هندو عوام جي آئينده جي پلاڻي ان ۾ هئي ته هو ماضيءَ جو انتقام نه وٺي نه ته ملڪ ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃڻ جو خطرو هو. اڳين ڦٽن تي مرهم رکجڻ بدران الٽو وڌيڪ زخم لڳڻ جو خطرو هو. ساڳيءَ طرح مسلمان عوام کي به اها تعليم ڏيڻ کپندي هئي ته پرڏيهي پرمار مسلمان حملي آور حاڪم ٽولن هندن سان ڪيڏا ظلم ڪيا هئا ۽ خود کين ڪهڙا عذاب ڏنا هئا. زمبابوي، ڏکڻ آفريقا ۽ ٻين علائقن ۾ اڳوڻين سامراجي حاڪم اقليتن جي حقن جي بچاءَ لاءِ وڏي ڊگهي ۽ اونهي غور ويچار ۽ باهمي صلاح مصلحت. مذاڪري ۽ ڏي وٺ کان پوءِ خاص آئيني ضمانتون ۽ تحفظ ڏنا ويا آهن. اهڙي ئي قسم جون خاص آئيني ضمانتون ۽ تحفظ مسلمان اقليت لاءِ مهيا ڪيا وڃن ها. ان کان سواءِ انهن ضمانتن کي فقط پهرين وک سمجهي هندو مسلم نفرت، دشمني، انتقام جي جذبي کي قومي دشمن نمبر پهريون سمجهي، ان خلاف وڏي رڪاوٽ ۽ ثابت قدمي سان سماجي زندگيءَ جي هر ميدان ۾ جدوجهدون ۽ پيش قدميون ڪري انتقام جي آگ وسائڻ ۽ صلح جو دائمي ماحول ٺاهڻ جي سلسلي ۾ بنيادي سوپون حاصل ڪيون وڃن ها. تڏهن ئي ورهاڱي ۽ فسادن جي نوبت اچڻ کي روڪي سگهجي ها. پر مهاتما گانڌي، نهرو ۽ مولانا ابوالڪلام سميت ڪنهن به ڪانگريسي اڳواڻ مسئلي جي اها بنيادي پيچيدگي ۽ سنگيني نه سمجهي ۽ نه ان جو حڪمت عمليءَ وارو علاج ڪيو. هن گهٽي پاڻي پنهنجو سڄو وقت ۽ سموريون صلاحيتون ٺلهو "اتحاد" ۽ "گڏيل هندستاني ثقافت" جا ڳڙ ڳائڻ ۽ نفاق جي مذمت ڪرڻ تي زبان ڪري ڇڏيا.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته پچاڙيءَ جو خود مولانا کي به اهو احساس ٿي چڪو هو ته ڪنهن حد تائين خود مولانا جا ساٿي به انهن آدرشن سان سچا نه هئا جن

جو هن زباني پرچار پئي ڪيو. تان جو حالتون ان ڏاڪي تي اچي رسيون جت هندستان جي نندڙي ٻار کي ب اها ڳالھ سمجھ ۾ اچي وئي ته ڪانگريس ليڈرشپ مولانا وارن کي سياسي طرح استعمال پئي ڪيو. مولانا جي لکڻ جو گوڙھو مطالعو ڪبو ته اها ڳالھ سمجھ ۾ اچي ويندي. منھنجي خيال ۾ ورھاڱي بابت جيڪي "روشن خيال" ۽ "ترقي پسند" ڳالھيون اسان کي پڌايون ويون آھن اھي ب اھڙيون ئي ناقص ۽ ھڪ طرفيون آھن جھڙيون رجعت پرست ليگي ڳالھيون، ان تاريخ جو خود مختيار نمونو نئين سر مطالعو ڪرڻ گھرجي. ان سلسلي ۾ اي. ايم. ايس نمودري پڌ، سابق وزير اعليٰ ڪيرالا جيڪو ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جو سيڪريٽري جنرل ب آھي ان جو انگريزي ڪتاب "آزادي جي جدوجھد جي تاريخ" ۽ ٻيا اھڙا ڪتاب پڙھڻ ۽ پروڙڻ گھرجن. جيڪو مائٽو سمورا سيڪاريل پڙھيل پراڻا ڪانگريسي ۽ ليگي تبليغ ۽ پروپئگنڈا جا اثر دل مان ڪڍي يا گھٽ ۾ گھٽ في الحال پاسيرا رکي. ان دور جي تاريخ بابت جيڪو مواد اڄ موجود ٿي چڪو آھي ان جو سنجيدو مطالعو ڪندو سو اوس ان نتيجي تي پھچندو ته جيئن پاڪستاني حڪمران طبقي گذريل اٽڪل اڌ صديءَ جو عرصو پاڪستان جي ڪنھن ب قومي ۽ جمھوري مسئلي جي وجود کي تسليم ڪرڻ کان ھٺ ڏرميءَ کان انڪار پئي ڪيو آھي ۽ ان باري ۾ ھر گھُر ۽ احتجاج کي پارٽي ايجنسي "را" جي ڪاروائي ڄاڻائي، قومي، جمھوري گھرون ڪندڙن جي مٿي ۾ ملڪ دشمني، اسلام دشمني، غداري، پارٽي ايجنسي ۽ ڪفر جي الزامن جا سونٽا ھڻي ڪين قيد ۽ بند جون سزائون ڏيڻ کي ئي ملڪ ھلائڻ ڪافي پئي سمجھيو آھي ۽ پنھنجي ئي ڪوڙي پروپئگنڈا جي چار ۾ قاسي مسئلن کي وڌيڪ پيچيدو بنائي، اڌ ملڪ وڃائي باقي رھيل ملڪ ب تباھ ۽ برباد ڪري ڇڏيو آھي. تنھن مھاڳا گاندي، نھرو سميت ان وقت جي قوم پرست ھندو ڪانگريسي ليڈر شپ ب سياسي حقيقت پسندي کان ڪم ونڻ کان ھٺ ڏرميءَ سان انڪار ڪندي، فقط آدرشي نعري بازي ۽ پروپئگنڈا کي ڪافي سمجھندي ھندستان جي ھڪ ڪروڙ ٽيھ لک جي ڪميءَ جي ڪري سڀ پيڙھ ھندو مسلم مسئلي جي بنيادي اھميت، پيچيدگيءَ ۽ سنگينيءَ کي تسليم ڪرڻ کان عملا انڪار ڪندي، ان مسئلي جي حقيقت پسنديءَ واري حل بابت ھر سنجيده تجويز کي انگريزن جي چال سڏي ٽڪرائيندي، مسئلو پيش ڪندڙن ۽ ان بابت تجويزون ڏيندڙن تي قومي ايڪتا سان ويڑ، وطن دشمني، انگريزن جي ايجنٽي ۽ غداري جا ٽپا ھڻندي قومي آزادي جي تحريڪ تي پنھنجي اڪيلي ھڪ ھٽي ۽ بالادستي قائم رکندي ھئي. اھا گھٽن زبردست چگن ڪمن سان گڏ ڪيترا غير ذمہ وار، غير سنجيدا ۽ غير مدبرانا ناٽڪ ۽ ڊراما پڻ ڪندي

رهي. نتيجي طور جيڪي ڪجھ ٿيو تنھن جي ڪارڻ ۾ سندن سياسي سمجھ جي ڪچائي، خوش فهمي، تنگ نظري، تعصب ۽ هڪ حد تائين منافقي ۽ مڪاري جو به ڇگو موچارو حصو شامل هو.

شيخ ايياز صاحب جو مولانا صاحب جي سياست سان اختلاف قدرتي ڳالھ آهي. مولانا درويش بلڪ چرياڻ ماڻهو هو. جيڪا ڳالھ جيئن سمجھ ۾ ايندي هيس تنھن تي چيلھ ٻڌيو ٻيئو هوندو هو. زمين جنبد نه جنبد گل محمد. شيخ صاحب عقلمند، موقعي شناس ۽ زماني ساز ماڻهو آهي. "چڑهيل کي سلام ۽ ڪريل جي مٿان ٻه لتون ٻيون" جي سونهري اصول جي ڪيمياگري جو پارکو مڙس ۽ ڳرو ملھ آهي. مولانا جھڙن سادن سودن بزرگن جي ساڻس جاءِ ڪانهي.

سنڌ

سوال: توهان اسان کي اهو ٻڌائي سگھندا ته توهان ڪيتري عرصي ۾ سنڌ آزاد ڪندا؟

ڈاڪٽر اقعدار علي اقعدار - لاڙڪاڻو

جواب: مون کي افسوس آهي ته آئون توهان کي سنڌ جي آزاديءَ جو ٽائيم ٽيبل ٻڌائي نٿو سگھان. پچا ڪريو، ٿي سگھي ٿو ته ڪو ٻيو مهربان توهان جي ضرورت پوري ڪري سگھي. هونئن کي مهربان چئن سالن ۾ پاور ۾ اچڻ وارا آهن. کي ٻن سالن جون ڳالھيون پيا ڪن. هڪڙي يار لکيو آهي ته آئون ايندڙ سال سنڌ جو چيف منسٽر ٿيڻ وارو آهيان ۽ ٻئي سال پاڪستان جو وزيراعظم ٿيندس. هڪڙي دوست جو ٽن سالن اندر جميعت الاقوام جي سيڪريٽري جنرل ٿيڻ جو پروگرام آهي، ٿي سگھي ٿو اهي توهان جي مدد ڪري سگھن ۽ جلد کان جلد پاور ۾ اچي پاڻ کي سنڌ آزاد ڪرائي ڏين.

سوال: سنڌ جا ماڻهو اوهان جو قدر نه ٿا ڪن. اها خامي اوهان ۾ آهي يا سنڌي قوم ۾. باوجود ان جي ته اوهان انهن ليڈرن مان نه آهيو، جيڪي روز وڪامندا آهن؟

رسول بخش ڪپري - ڳوٺ حاجي علڻ خان لغاري

جواب: سنڌي ماڻهن جون پنهنجو حالتون پنهنجو ماحول، پنهنجي گھرجن جي پنهنجي سطح آهي. هن ۾ قدر ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو ڪوبه سوال نه آهي. ماڻهن جي سطح هڪڙي آهي، اسان جي سوچ ٽورڙي مٽيري آهي ۽ حال آهر سنڌي ماڻهو ڪافي موٽ ڏين ٿا. منهنجي نظر ۾ "ڪرسي" ڪنهن ماڻهوءَ

جي قدر ۽ بي قدريءَ جي ڪسوٽي ناهي. مون اڳئي چيو آهي ته دنيا جا چوٽيءِ جا وڏا ماڻهو ڪنهن به ڪرسيءَ تي ويٺل ڪونه هئا يا شروعات ۾ ڪجھ به ڪونه هئا. خيال آهي ته لطيف سائين جي هن شعر ۾ منهنجي زندگيءَ جو فلسفو اچي ويجي ٿو:

وڏا طالع تن جاڻ مارگ جي مرڻ (شاھ)

منهنجي خيال ۾ رستي تان نه ٽرڻ ۽ رستي تي ئي هلندو رهڻ اها وڏي ۾ وڏي ڪاميابي آهي. نتيجا بعد ۾ نڪرن ٿا. جيئن لطيف سائين چيو آهي:

ڪچين ڪاچوٽي، نانگن ٻڏي نينهن جو
جھڑا آيا جگ ۾ تھڑا ويا موتي
انهيءَ جي چوٽي، پورب ٽيندي پٽري. (شاھ)

سوال: سنڌي ليڈر ۽ سنڌي سياستدان اخباري بيانن وسيلي قوم جا اڳواڻ، رهبر، ليڈر، هيرا، هڏوڪي ۽ خير خواھ سڏائيندا آهن. وڏيون وڏيون دعوائون ڪندا آهن ۽ انهن جو عملي ڪم نه هئڻ جي برابر آهي. انهيءَ تي تفصيل سان روشني وجھندا؟

غلام رسول لغاري- لغاري سم، ڏھون ميل

جواب: جيڪي ڪُنيءَ ۾ هوندو اهوئي پاڻ ۾ پوندو. هيستائين اسين ڪرڻ ئي دعوائون سکيا آهيون، بهرحال عملي ڪم توهان الائي ڇا کي ٿا ليکيو. پر هونئن عملي ڪم جا طريقا آهن ٿي. هڪڙو ته ڏنبو هٽي ڪنهن ٻئي جو يا پنهنجو مٽو ڦاڙجي. ٻيو آهي عوام کي بيدار ڪرڻ انهن جي زور تي اختياريءَ وارن کي صحيح فيصلا ڪرڻ تي مجبور ڪجي. ٽيون آهي وڏيرن، پيرن، ميرن ۽ انهن جي ماڻهن لاءِ ته سڏو اسيمبلين ۾ چوندجي، ميمبر يا وزير ٿي عوام جي حق ۾ سنوان سڏا فيصلا ڪرائڻ.

عوام کي بيدار ڪرڻ ۽ انهن جي زور تي سچ کان بنيادي ۽ دائمي مسئلن بابت صحيح فيصلا ڪرائڻ لاءِ زور بار وجھڻ جو ڪم ڪرڻ وارا ڪن ٻيا. پنهنجا نه ته پراوا مٽا ڦارائڻ بلڪ هڪڙي ڏڪ سان پنج پنج سؤ، هزار هزار مٽا چٽ ڪرائڻ وارا به رات ڏينهن ڪري لڳا ٻيا آهن. باقي آهن ميمبر ۽ وزير تن ويچارن کي ٻين ڪمن ڪارين کان جيڪا واندڪائي ملي ٿي تنهن سارو ويچارا ٻيا ڳڻ ڏين.

پر اصل مسئلو سياسي محڪم ارادي، تفصيلي ۽ ماهرانه رڃابنديءَ ۽ لاڳيتي ۽ اڻ ٽڪ منظم ۽ سائنسي عمل ۽ جاکوڙ جو آهي. ان ڳالھ جي سنڌ ۾ روايت ئي ڪانهي.

سوال: اوهان تازو "مسئلا حل ڪريو ڪانفرنس" ڪوٺائي، جنهن جو مطلب آهي ته اوهان سنڌي ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ چاهيو ٿا. ڇا ائين سنوڪمر نه ٿيندو ته سنڌ جي جيلن ۾ بيگناهه سنڌي ماڻهو سڙن پيا، اوهان انهن جيلن جو معائنو ڪري انهن مسڪين ماروئڙن جا مفت ڪيس وڙهو ۽ وڏيرن جي ظلم کان نجات ڏياريو؟

ناز سومار اوڈ- ڪوٽ حاجي علڻ خان لغاري

جواب: ڪيس هلائڻ ايڏو سولو مسئلو نه آهي. جيلن ۾ تمام گهٽا ماڻهو آهن. جيل سچا پريا پيا آهن. هر ڪو چوي ٿو ته آئون بيگناهه آهيان. جيڪو وڪيل سمورو وقت وڪالت ڪري ٿو ۽ پيو ڪم نٿو ڪري ان لاءِ اهو آسان آهي جو هو پنهنجي گذر سفر جو خرچ انهن ڪيسن مان حاصل ڪري ۽ ڪجهه ٽائيم اهڙن ڪيسن لاءِ وقف ڪري جن ۾ هو خاص قسم جي مظلوم ماڻهن جا بنا في ڪيس هلائي.

منهنجو گهڻو ٽائيم سياسي ڪمن تي لڳي ٿو ۽ ٿورو ٽائيم جيڪو بچي، ٿو تنهن ۾ ڪيس هلايان ٿو ۽ ان مان جيڪا آمدني ٿئي ٿي تنهن مان سياست جو ۽ ذاتي خرچ هلايان ٿو. تنهن ڪري مون وٽ ٻين ڪل وقتي وڪيل دوستن جي پيٽ ۾ تمام گهٽ گنجائش آهي ان قسم جي قانوني امداد ڏيڻ جي. ان هوندي به مون پنهنجي گنجائش ۽ پهچ کان وڌيڪ اهو ڪم پئي ڪيو آهي.

هلندڙ آپريشن جا ڪيترا ڪيس مون بنا في ءَ جي هلايا آهن. نتيجو اهو ٿيو جو آئون پيو سياسي ڪم تمام گهٽ ڪري سگهيو هوس. ڪيسن تي في ءَ کان سواءِ خرچ به ڪافي اچي ٿو. تنهن کان سواءِ پيرويءَ وارو ماڻهو ڪيو.

عام طرح جيلن ۾ جيڪي بي واهه ماڻهو پيا آهن انهن جي پوئيواري ڪرڻ وارو ماڻهو ئي ڪونه ٿو ٿئي. هاڻ نقل ڪير ونجي، ڪاغذ ڪير ونجي، تاريخ تي ڪير اچي؟ جيڪڏهن في نه ونجي ته به پاڙي جي ضرورت ٿئي ٿي، اهو ڪير ڏي؟ عام حالتن ۾ ڪيترا دوست جيلن مان خط لکن ٿا ته "اسين مظلوم آهيون. اسان جي مدد ڪريو" پر جيڪڏهن کو وڪيل مدد ڪرڻ به چاهي ته پيروي ڪير ڪري؟ اهڙيءَ طرح گهڻا مسئلا آهن. منهنجي خيال ۾ ان مسئلي جو گڏيل جائزو ونڻ کپي. سنڌ جي سڀني انسان دوست، عوام دوست وڪيلن کي گڏجي حصي پتي آهر مظلومن جي مدد ڪرڻ گهرجي. ڏرين کي به ڪوشش ڪرڻ کپي ته ڪيسن جون جيڪي ٻيون گهرجون آهن مثلا هدايتون، نقل، ڪاغذ پٽ، پيروي ڪرڻ وارا، انهن جو بندوبست ڪن.

سوال: نوڪرين تي بندش آهي پر پوءِ بہ وڏيرن ۽ سرمائيدرن جي پٽن کي نوڪريون ملن ٿيون. غريب عوام جيڪڏهن نوڪريون ونڻ ويندو تہ ان کي آفيس مان ڏڪا ڏيئي باهر ڪڍيو وڃي ٿو. ائين چو ٿو ٿئي ۽ ڪيستائين ٿيندو رهندو؟

نجف علي سومرو - ڪوٽ ماهوٽا - لاڙڪاڻو

جواب: واقعي اهڙيون شڪايتون تمام گهٽيون مليون آهن اهو ظلم آهي ۽ اهو ظلم ان ڪري ٿئي ٿو جو حڪمراني وڏيرڪي طبقي جي آهي ۽ اهو تيستائين ٿيندو رهندو جيستائين توهان ۽ اسان پارا ماڻهو متحد ٿي پنهنجي سنڌ جي پارٽين کي ووٽ ڏيڻ کان پوءِ پنهنجا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ فقط سنڌي ٿي ٿنا سوچيون ۽ لوچيون. اچو تہ سنڌي ٿي هڪڙي قوت بڻجي جدوجهد ڪريون، قومي سڌ تي سڌ ڏيون ۽ حڪمران طبقن کي ان ڳالهہ لاءِ آماده ڪريون تہ هو ڏنڊي گذر جي مسئلي سميت سنڌي ماڻهن سان جيڪي زيادتون ٿين ٿيون تن جو خاتمو ڪرڻ لاءِ حقيقي رڻابندي ۽ عمل ڪن.

سوال: چا توهان اهو ٻڌائيندا تہ سنڌ کان وڌيڪ "غربت" پاڪستان جي ڪهڙي صوبي ۾ آهي ۽ چا توهان کي سنڌ مان غربت ختم ٿيڻ ۽ بيروزگاري ختم ٿيڻ جا آثار نظر ٿا؟

مهتاب چانڊيو - لاڙڪاڻو.

جواب: منهنجي خيالن ۾ بلوچستان وڌيڪ غريب صوبو آهي. جيڪڏهن صحيح نموني سان رڻابندي ڪئي وڃي تہ اسين پنهنجون قومي قوتون، توانائيون ۽ ميسر ٽيڪنالاجي ان تي صرف ڪريون تہ بيروزگاري ڪافي حد تائين گهٽائي سگهجي ٿي ۽ ضرور گهٽجڻ ڪپي.

سوال: عوام پ-پ کي ووٽ چو ٿو ڏئي؟

علي حيدر خواجہ - ميرپور خاص

جواب: ماڻهو پ پ کي ووٽ ڏين ٿا. ان ڳالهہ جي گهڻن سببن مان کي مثبت آهن ۽ کي منفي بہ. سنڌ جي ماڻهن کي پٽي صاحب جي واسطي پير ۽ مرشد جهڙي محبت ۽ عقيدت آهي. جيئن ٻين پيرن ۽ مرشدن بابت ماڻهو سوال جواب نہ ڪندا آهن، تيئن پٽي صاحب بابت بہ ماڻهو سوالن جوابن جي ڪابہ ضرورت نٿا سمجهن. ماڻهو عقيدي وچان ڪيس سياسي پير ڪري پوڄين ٿا. پٽي صاحب جي سياسي رول بابت دشمن تہ گهٽيون ئي بهتان طرازيون ڪيون آهن پر انهن بابت ڪا غير جانبدار ڄاڻ، چند ڄاڻ ۽ راءِ موجود

ڪانهي. ان ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ عوام جي نہ ڪا رهنمائي ٿي سگهي آهي ۽ نہ وري عوام جو پٽي صاحب جي مقبوليت سان واسطو رکندڙ ڳالهين بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ دلچسپي آهي. تنهن ڪري پٽي صاحب کي هڪڙي پي دنيا جي ڪراماتي شخصيت سمجهيو پيو وڃي ۽ ان جون فقط محدود ۽ مخصوص ڳالهيون مائڻن جي ذهن ۾ وينل آهن. مسئلو ذري گهٽ ڄڻ ته مذهبي عقيدي جو وڃي رهيو آهي. ٻئي طرف جيڪي پ پ جا مخالف آهن انهن مان گهڻا عوام جا ساٿاري هئا. عوام سمجهي ٿو ته جيڪو مدل ڪلاس جو مائهو وڏيرا شاهي سان گڏ ۽ انهن جو پوئلڳ ناهي ته ان کي ووٽ ڏيڻ بيڪار آهي. رهيو پ-پ مخالف وڏيرڪيون پارٽيون تن لاءِ مائڻن جو ويچار آهي ته اهي علي الاعلان عوام کي حقير ۽ نالائق سمجهن ٿيون ۽ نهن کي ڪا حقيقي عزت ۽ اهميت ڏيڻ ته پري رهيو پر اهڙو سکٽو ڏيکاءُ ڏيڻ جي ب ضرورت نٿيون محسوس ڪن. عوام جي سوالن جو جواب انهن وٽ فقط ڏنڊو آهي. ٻئي پاسي پ-پ گهٽ ۾ گهٽ زباني طرح عوام جي خوشامد ڪرڻ ضروري سمجهي ٿي. عوام ڏسي ٿو ته پ-پ وارا گهٽ ۾ گهٽ زبان سان ته چون ٿا ته پٽو عظيم هو. طاقت جو سرچشمو عوام آهي. ٻيا ته رڳو زبان سان ب مائڻن جي دل گهرئي پٽي جي تعريف ڪرڻ ۽ عوام جي پلي جي خواهش ۽ ارادي جو اظهار ڪرڻ ب پنهنجي بيعزتي سمجهن ٿا. هن جي نظر ۾ هڪڙي پاسي آهي اگهاڙو ڏنڊو ۽ ٻئي پاسي آهن منيون قربائتيون ڳالهيون. دم دلاسا ۽ موچارا وعدا. عوام ڏنڊي جي پٺيان وڃڻ لاءِ هرگز تيار ناهي. تنهن ڪري پٽي جي نالي ڪري ۽ ڪوڙن سڃڻ دمن دلاسن ڪري عوام پ-پ کي ووٽ ڏيڻ اچن ٿا.

جنهن ڏينهن سنڌ ۾ اهڙي وڏيرڪي پارٽي جيڪا عوام کي پ-پ جيترا يا ان کان ب وڌيڪ دم دلاسا ڏيندي، سندس عزت نفس جو احترام ڪندي، سندس ٿورا گهڻا ڪم ڪار ڪندي تڏهن ئي پ-پ لاءِ حقيقي چئلينج ڪڙو ٿيندو.

ڪنهن ايندڙ وقت ۾ جيڪڏهن مدل ڪلاس پنهنجي پيرن تي بيهندو ۽ ائين نظر ايندو ته هو شايد اقتدار ۾ اچي ب وڃي ته پوءِ ب عوام جي راءِ ۾ ڦيرو ايندو.

بهرحال سياست ۾ ڪاب ڳاهه آخري ڪانهي. حالتون تبديل ٿين ٿيون ۽ ٽي رهيون آهن ان ڳالهه جو پ پ واري ڳالهه تي ب اثر لازمي ٿيندو.

سوال: هڪ سياسي دانشور جي حيثيت سان ڇا توهان اهو محسوس ڪري رهيا آهيو ته بينظير پٽو هاڻي پنهنجو ووٽ بئنڪ ناهي چڪي آهي؟

صائمہ قاضي، حيدرآباد

جواب: ماضي، حال ۽ آئيندي هڪيئي سان ڪيئن رشتن سان ڳنڍيل هوندا آهن. انهن جي وچ ۾ ڪابہ چين جي ديوار نہ هوندي آهي. بينظير ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جي ووٽ بئنڪ جي هڪڙي تمام وڏي حصي کي پنهنجي عملي سياسي وارث ۽ جانشين طور پنهنجي ورثي ۽ ان جي تسلسل ۾ ڪيل خود پنهنجي ذاتي جدوجهد وسيلي پنهنجي ووٽ بئنڪ بنائي چڪي آهي. ووٽ بئنڪ جي عمر گهٽي يا ٿوري ٿئي تنهن جو ذمہ دار گهٽين ڳالهين تي آهي.

سوال: سومر 21 مارچ واري اخبار ۾ سنڌ جي وڏي وزير عبدالله شاهہ جو بيان هو تہ "ايم ڪيو ايم وارن کي اڳ کان پيپلز پارٽين وزارتون ۽ ڪاتا ڏيڻ لاءِ تيار آهيان رڳو اهي راضي ٿين." انهيءَ کي اوهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

اشرف سولنگي- ٽوڙي محبت

جواب: سنڌي وڏيرا شاهي ڏينهون ڏينهن دهشتگردن اڳيان ڪيڏي بيوس ۽ سندن ڪيڏي محتاج ٿيندي پئي وڃي ۽ هو وٽن "قبول" پوڻ جي ريس ۾ هڪيئي کان گوءِ کٽڻ لاءِ ڪيڏيون قربانيون ڏيڻ لاءِ تيار رهن ٿا سو منظر ڏسيو ايجا بہ وڏيڪ عبرتون پيو حاصل ڪريان ۽ اهو اندازو لڳائڻ جي ڪوشش پيو ڪريان تہ وڏيرا شاهيءَ جي وچ ۾ اها وطن دشمن ريس چالو رهي تہ اهڙ قصو اڳتي هلي ڪهڙي منزل کي وڃي رسندو.

سوال: توهان قوم پرستن هميشہ ماروئڙن جي لاءِ جاکوڙ ڪئي ۽ ان کي هڪ ئي پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ جو سڏ ڏنو. پر اوهان سڀ قوم پرست ان مقصد ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهيا. پر ان جي بنسبت شهيد ڀٽو ڪجهہ ئي عرصي ۾ سنڌي ماروئڙن کي هڪ ئي پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ان جو سبب ڪهڙو هو؟

آدم جاکوڙ- نيوات جنگشاهي

جواب: ان جا سبب تمام گهڻا هئا. ان لاءِ سڄو ڪتاب گهرجي. اهو بہ ڪڏهن لکبو. پر ماروئڙن جا ڪلها آهن ۽ انهيءَ تي سواري پيئي ڪري سنڌي قوم جي ازلي، ابدي دشمن، ڏاڙيل، رهزن، غدار ۽ لوٽي وڏيرا شاهي. سا ڳالهہ ڪا ايڏي پلي ۽ قابل رشڪ تہ ڪانهي. جنهن قسم جي هڪڙي پليٽ فارم تي گڏپ ۾ وڏيرا شاهيءَ غريبن کان سياسي چيڙون، بيگرون وٽي، سندن محبوب رهنما ڀٽي صاحب کي هٽ وٽي مارائي، پاڻ ويهي عيدون ملهايون ۽ جا واڪيا

۽ اڄ سوڏو قومي خزانو ۽ قومي وسيلا هٿن ۽ پيرن سان ڦري، لٽي، کائي پي دشمن کي کارائي اهڙي گڏپ ۽ اهڙي کاميابي وڏيرا شاهي کي ضرور وٺندي. باقي پاڻ جهڙي غريب غربا اهڙي گڏپ مان في الحال بظاهر کو ايڏو فائدو حاصل ڪري نه سگهيا آهيون.

سوال: 31 جنوري 1994ع تي عبرت اخبار ۾ لکيل هوته ٽئوم بدين، ٽر تائين وفاقي حڪومت 22 ڪروڙ روپيه خرچ ڪري هڪ يڪي پٽي ناهي انهيءَ کي ملائيشيا ۽ سنگاپور وانگر سينگاري سياحن ۽ انهي علائقي جي مائٽن لاءِ سهولتون قائم ڪيون ويندیون ۽ سڄي پٽي کي ترقي ڏيارڻي. سائين اسين سنڌ جي ڪنهن به علائقي ۾ خوش آهيون پر حڪومت سڳوري سا به وفاقي سڄي سنڌ ڇڏي هن علائقي تي ڪيئن عاشق ٿي پئي آهي. اسان کي خوشيءَ جي بدران خوف پيو ٿئي ته متان هيءَ کو هانگ ڪانگ، جناح پور يا مهاجرستان ته ڪونه پيو ٺهي. توهان تمام ڏاها سياستدان آهيو. حڪومت جي نيت سمجهي ويا هوندا. مهرباني ڪري سندس نيت کان اسان کي به واقف ڪندا ته دل ٺان ڪُڻ، ڪٽ لهي.

محمد حسين منصور نظاماڻي- ڪڙيو ڪهنور

جواب: وقت جي هر سرڪار نامدار پاران اخبارن ۾ الاهي سنيون ڳالهيون ٽيل ۽ اعلان ڪيل هوندا آهن. ضروري ناهي ته انهن تي ڪو عمل به ٿئي. بهرحال جي هن قسم جي ڳالهه ٿي ته اها نقصانڪار ڳڻت هوندي. فائدي واري وڏيڪ ٿيندي.

سوال: گذريل اليڪشن ۾ اسان ايم پي اي مهرومل جڳوائي کي پنهنجا قيمتي ووٽ ڏناسين. هاڻي هو اسان غريبن جي مڪاب ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونهي. توهان صاحب ٻڌايو ته اسين هاڻي ڪنهن در تي ڪم ڪار لاءِ وڃون؟

ميگهو ٻيلا- ٽنڈو غلام علي

جواب: اميد ته مهرو مل جڳوائي صاحب اڇوڪي اخبار پڙهندو هوندو ۽ توهان جي ڳالهه ٻڌندو هوندو. هونئن ڪنهن هڪڙي جي ڳالهه ڪونهي گهٽي قدر ڪوڙيءَ کي ئي گهمرو آهي. اوهان جا جيڪي مسئلا هجن انهن کي توهان اخبارن ۾ به پيش ڪريو ۽ بين دوستن ۽ تنظيمن سان گڏجي انهن کي ڪٿو ۽ انهن بابت پنهنجي آواز کي بلند ڪريو. هن دور ۾ ڪيتريون ڳالهيون اهڙيون آهن. جيڪي صحيح گڏيل جدوجهد سان حل ٿي سگهن ٽيون. وتايي فقير چيو آهي ته "ڪجهه الله جي هٿ ۾ آهي ۽ ڪجهه امان جي هٿ ۾ آهي" سو هاڻي ڪجهه امان جي وس وڏيڪ ڳالهيون ٽي رهيون آهن.

سوال: اوهان سڀ قومپرست گڏجي هڪ پارٽي ٺي وجو. سڀڪو پنهنجي ڏيگڙي چاڙهيو ويٺو آهي. انهيءَ ۾ صديون گذري ويندیون مگر ٽيندو ڪجهه ڪونہ. اگرچہ منشور الگ الگ آهن، پر سڀ ويهي گڏجي "ڪجهه ڏيو ڪجهه وٺو" جي اصول تي هڪ پارٽيءَ هڪ منشور ٺاهيو. عهدن جي لالچ ڇڏيو. جيڪڏهن جي ايم سيد، پليجو، ممتاز، خليق، قادر، آريسر، جڪراڻي ۽ پيا گڏجي پون تہ ڪم از ڪم سنڌ ۾ اوهان جي حڪومت ٺي پوندي. پوءِ اڳتي مطالبا مڃائڻ سولا ٺي پوندا. هن سڀني کي گڏ ڪرڻ جي اوهان صلاحيت رکو ٺا. ڇا واقع اهو صحيح آهي يا نہ؟

پير محمد عالم قريشي- سجاول ضلع ٺٽو

جواب: سڄي دنيا جا هندو، عيسائي ۽ مسلمان چون ٺا تہ اسين پنهنجي پنهنجي دين جا پروانا آهيون. سڄي دنيا جا مسلمان حاڪم چون ٺا تہ اسين پاڻ ۾ پائر آهيون، پر صرف چوڻ سان ڪجهه نہ ٺو ٽئي. ضروري ناهي تہ اسان اصل ۾ به انهن مفادن کي اوليت ڏيندا هجون، جن جو اسين زباني ذڪر ڪريون ٺا. جيڪي ظاهري طرح هڪڙي طرف وڃڻ جي ڳالهہ ڪن، سي واقعي ويندا به ان طرف هجن، سو ضروري ناهي. اوهان جي خواهش نيڪ آهي ۽ سڄي سنڌ اوهان وانگر سوچي ٺي، پر جيستائين عام ماڻهن جي سمجهہ جي سطح بلند نہ ٽي آهي، جيستائين ماڻهو ظاهر ۽ باطن جو فرق نہ سڃاڻيندا. جيستائين ماڻهو صحيح ڳالهہ کي سڃاڻي، ان جي حمايت ڪري ان کي ڪامياب نہ بٽائيندا ۽ غلط ڳالهہ کي سڃاڻي، ان جي پرپور مخالفت ڪري ان کي ناڪام بنائڻ لاءِ سندرو نہ ٻڌندا، تيستائين سموريون نيڪ خواهشون، خواهشون ئي رهنديون.

اڪثر ائين ٺيندو آهي تہ مسئلن جا جيڪي حل ظاهري طرح سڀ کان آسان، قدرتي ۽ جلڀائي، وارو نظر ايندا آهن، اهي اصل ۾ غير حقيقي ۽ خيالي هوندا آهن. اصل ۾ حقيقي حل آسان ۽ سنوان سڌا ورلي ٺيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن سڀ کان لنمو ۽ اڻانگو نظر ايندڙ رستوئي حقيقي هوندو آهي ۽ منزل تي رسائيندو آهي. چوڻ ۽ ڪرڻ، ظاهر ۽ باطن جي وچ ۾ جيڪو تضاد آهي ان جي تميز ۽ صحيح ۽ غلط جي فرق جي سڃاڻپ ۽ صحيح جي حمايت ۽ غلط جي مخالفت، اهي اسان لاءِ بنيادي ۽ فيصلو ڪندڙ نقطا آهن.

"هزار نڪتہ باريڪتر زمو اينجاست،
نہ هر ڪہ سر تبر اشد قلندري داند." (حافظ شيرازي)

(هن ڳالهين ۾ هزارين وارن کان به سنهڙا نڪتا آهن، جيڪو به مٿوڪوڙائي ٺو، سو قلندر ڪونہ ٺي پيو.)

سوال: مان ڏاڙيل جي ٻئي روپ کي سياستدان جو لقب ڏيان ٿو، خاص ڪري اڄڪلهه جي سياستدانن کي، توهان ان سان ڪيتري قدر متفق آهيو؟

در محمد انڙ- ڳوٺ محبوب انڙ

جواب: منهنجي خيال ۾ توهان هڪ حد تائين صحيح آهيو.

سوال: سنڌي ڏرتيءَ تي جتي هوشو هيمون دودي جهڙا انمول انسان رهيا آهن تہ اتي چنيسر جهڙا غدار به رهيا آهن. پر اڄ جي حالتن ۾ جيڪي پڙهيل ڳڙهيل ۽ ظاهري طرح پاڻ کي قوم پرست سڏائيندڙ چنيسر قوم سان وياهه گهاتي ڪري رهيا آهن، انهن جو حل ڇا آهي؟

ساجده جوڪي- خيرپور

جواب: غدار ۽ وطن فروش مائهو پاڻ کي قومپرست سڏائي ناڪ ڪن يا عوامي انقلابي يا اسلامي سڏائي هٿ ڪن. هر حالت ۾ سندن مڪرن ۽ هٿ ڪاڻن. کي سچائي کين بي نقاب ۽ ننگو ڪرڻ اسان مان هر هڪ سچاڻ مائهوءَ جو فرض آهي. سڀ سچاڻ پنهنجو پنهنجو اهو فرض ادا ڪندا تہ معاملو آهستي آهستي ۽ ڏاڪي ب ڏاڪي بهتر ٿيندو.

سوال: اندرون سنڌ جي عام ديوارن تي لکيل هوندو آهي "مهاجر سنڌ مان نڪري وڃو" يا "پنجابيو! سنڌ خالي ڪريو!" انهن تحريرن مان اها مراد ورتي ويندي آهي تہ مهاجر ۽ پنجابي استحصالي ۽ سامراجي آهن. ڇو تہ انهن سنڌ جي وسيلن تي غاصبانہ قبضو ڪيو آهي. جيڪڏهن اهي استحصالي سامراجي غير سنڌي، ڏاڙيا غاصبي فطرت جا آهن تہ پوءِ انهن کي سنڌو ديش جي آزادي لاءِ (جي ايم سيد) ۽ سنڌ جي بنيادي حقن وٺڻ لاءِ (پليجو صاحب) ۽ سنڌي چورائڻ لاءِ (ممتاز ڀٽو) وغيره ياران زور ڇو ٿا پريو؟ يا ڪليءَ طرح هيئن ڪٿي سمجهو تہ جيڪڏهن اهي استحصالي غاصبي آهن تہ سنڌو ديش جي آزادي کان پوءِ يا سنڌ جي بنيادي حقن وٺڻ کان پوءِ يا سنڌي ٿيڻ کان پوءِ ب استحصالي سڏجڻ يا پرائي استحصالي حربي موجب ٻڌجن، تہ پوءِ ان جو ذميوار ڪير آهي؟ ڇا اهڙا مذڪوره سوالات اوهان جي طرفان غير فطري، غير اصولي ۽ غير انساني نہ آهن؟ سنڌي ۽ مهاجر پنجابي عوام دهشتگردي، تخريب ڪاري، اندروني گروهه بندي، ڪلاشن ڪلچر، ڪاپي ڪلچر جو ڪارڻ ٻڌيا آهن. ان جا ذميوار اوهان جهڙا سياستدان نہ آهن؟

علي حسن شيخ- ڪيهر جو بنگلو لاڑڪانو

جواب: اهي نعرا سنڌي دشمن ايجنسيون سنڌين کي گمراهه ۽ خوار خراب ڪرڻ ۽ پاڪستان جي ٻئي عوام جي نظر ۾ ڪين ملڪ دشمن ۽ پارٽي ايجنٽ ٺهرائڻ. انهن الزامن جي آڙ ۾ مٿن فوج ڪشي ڪرائڻ ۽ دهشتگردي ڪرائي ڪانئن سنڌن حق کسڻ ۽ سنڌن صوبائي خودمختياري کي کوکلو بنائڻ لاءِ پنهنجي سنڌي ايجنٽن کان لکرائن ٿيون. عام ٻي سمجھ سنڌي ماڻھو انهن نعرن کان گمراهه ٿين ٿا ۽ انهن سنڌ دشمن جي ڪامياب آهي سنڌي ماڻھن جي حقن تي سنڌي وڏيرا شاهي ۽ پنجابي مهاجر استحصالي ٽولا ڏاڍا ظلم ٿا ۽ انهن کي غلام بنائڻ جي ڏنڊي ۾ لڳا پيا آهن. اها حقيقت آهي جنهن کان انڪار ڪرڻ اجايو آهي. مثالي ڳالھ ته اها آهي ته سنڌ ۾ رهندڙ سموريون پوليون ڳالھائيندڙ ماڻھو ۽ برادريون سنڌ کي بنيادي طرح سنڌين جو تاريخي علائقو سمجھندي ۽ تسليم ڪندي سڀ گڏجي سموري سنڌ جي سمورن باشندن جي انساني، جمهوري ۽ سماجي حقن جي واسطي گڏيل جاکوڙ ڪن نه ته به گھٽ ۾ گھٽ سنڌين کي سنڌ مان بيدخل ڪرڻ جي سازش ۾ شريڪ ٿيڻ بند ڪن. آئون ٿو سمجھان ته سنڌي ماڻھن خلاف ٿيندڙ دهشتگردي، تخريب ڪاري، ڪلاشن ڪلچر، ۽ ڪاپي ڪلچر جو ڪارڻ اهو آهي جو سنڌين پاران ڪنهن ٻئي سان زيادتي ڪئي وئي آهي. دراصل غدار وڏيرا شاهي جي واهر سان ٻيا ڦورو ۽ غاصب ٽولا پاڪستان ٺهڻ جي پهرين ڏينهن کان وٺي سنڌي ماڻھن کي سنڌ مان عملا بيدخل ڪرڻ جي مهم کي لڳي ويا ۽ هو سنڌين کي پنهنجو ٻڌو پاڻھو ڪري هلائڻ چاهين ٿا ان سازش جا ٻئي اهي ڪيل آهن جن کي سنڌي ماڻھن جي سياسي پسماندگيءَ ۽ سنڌي مڊل ڪلاس جي ٻي همتيءَ، بزدليءَ ۽ موقعي پرستيءَ هيستائين ڪامياب ٻئي بنايو آهي.

اها سنڌ دشمن وٽ ٻرخرو ٿيڻ ۽ سنڌن ميان مٿو ٻڌڻ جي امدوار سنڌي غدارن ۽ وطن فروشن جي لائين آهي ته دهشتگرد ويچارا ڏاڍا نيڪ نمازي پرهيزگار ۽ اشراف آهن ۽ هلندي زمين ۾ ڪو نه ٿا ڏکوئن پر ويچارا چا ڪن جو سنڌي پاڻ ٿا کين دهشتگرد ٿيڻ لاءِ مجبور ڪن.

سوال: سنڌي ماڻھو متحد ٿيندا ٻ يا نه؟ جيڪر متحد ٿيا ٻ ته ڪھڙي چڱي مڙس جي اڳواڻيءَ ۾ ٿيندا؟

خادم بلوچ- ٽنڊو جام

جواب: سنڌي ماڻھن جي ٻڌيءَ ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ اها آهي ته ماڻھن ۾ سماجي ۽ سياسي سمجھ بنھ ٿوري آهي. ان ڪري هو ڳولا، تحقيقات ۽ ڳالھين

جي يادگيري ۽ پيٽ ڪري اهو معلوم ڪري نه سگهيا آهن ته قوم! قوم! ۽ عوام! عوام! ڪندڙن مان ڪهڙا سچا آهن ۽ ڪهڙا ڪوڙا. جڏهن اڳتي هلي ماڻهن جي سمجهه وڌندي ۽ سينءِ جا اڇا ڪارا سندن اڳيان پڌرا ٿي پوندا تڏهن قوم صحيح ماڻهن جو ساٿ ڏيندي ۽ اهڙو سوپارو اتحاد قائم ٿيندو جنهن کي پيشيور ۾ڇ ڏاهه ڪرڻ وارا ڪيترين به سازشن سان ختم ڪري نه سگهندا.

سوال: احوال ته مان پوليس سروس ۾ ڪانسٽيبل آهيان. منهنجي محڪمي جي ڪردار کان هر پاڪستاني شهري، وڪيل، اديب، دانشور، عالم مطلب ته هر هڪ واقف آهي پر منهنجي پگهار الائونس کان ڪوبه واقف نه آهي. مان هر مهيني فرصدار ٿيندو ويڃان ٿو. اوهان جا ڪافي ڪتاب، رسالا ۽ اخبارن ۾ ايندڙ ڪالم شوق سان پڙهندو آهيان. اوهان هر ڪالم ۾ اسان تي تنقيد ڪندا آهيو. پر ڪڏهن اهو ڪونه سوچيو يا لکيو اٿو يا ڪنهن پوليس واري کان اهو به پڇڙ جي تڪليف ڪانه ڪئي هوندي ته تنهنجو ڪل پگهار ڪيترو آهي ۽ انهيءَ پگهار مان اوهان ڪيترا پاتي گذر ڪندا آهيو. ان لاءِ مان اوهان ڏي هي خط احتجاج طور لکي رهيو آهيان ته اسان پوليس جي سپاهين جي مسئلن تي به ڪجهه اخبارن ۾ لکو. ڇو ته اسان به هن سنڌي ڌرتيءَ جا پٽ آهيون. رڳو اسان کي پوليس وارو سمجهي ڌار نه ڪريو، پر هڪ انسان جي حوالي سان اسان جا به ڪجهه مسئلا آهن. اهي مختصر اوهان کي هيٺ لکان ٿو. اميد ته اوهان صاحب هن طرف پنهنجي قلم کي ضرور تڪليف ڏيندا. نمبر هڪ ته اسان کي اسان جو ٿي اي ڊي اي ڪونه ٿو ملي ۽ جي ڪڏهن کا گرانٽ اچي به ٿي ته ان تي 30 سيڪڙو ڪٽيو ٿو وڃي. جيڪو اهو سيڪڙو نٿو ڏئي ته ان جو بل رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ اڇليو ٿو وڃي. ان لاءِ عرض آهي ته ٿي اي ۽ ڊي اي بند ڪري پگهار ۾ فڪس ڪيو وڃي. انهيءَ ۾ سرمايو به بچندو ۽ احساس محرومي به ختم ٿيندي. نمبر2 ته ايس آر پي پوليس کي ڊسٽرڪٽ پوليس ۾ ضم ڪيو وڃي ڇو جو انهن سينءِ پوليس وارن جو ڪارپوريشن الائونس لاڳو آهي اهو ختم ڪجي ته جيئن سرمايو سنڌ حڪومت کي بچي. نمبر 3 هڪ وردي‌ءَ جي سلائي 150 روپيه آهي. سال ۾ به وردين ملنديون آهن، جيڪي اسان سلائي پاڻ ڪرائيندا آهيون. اهو سلائي ۽ ڌلائي الائونس لاڳو ڪيو وڃي. ڪافي ٻيا به مسئلا آهن اهي سائين جن کي ٻئي خط ۾ تفصيل سان لکندس.

منهنجا 5 پنج ٻار آهن. هڪ گهر واري ۽ مان پاڻ. ڪل 7 ماڻهن جو خاندان آهي جنهن جو ڪل مهيني جو خرچ تفصيل سان هيٺ ڏئي رهيو آهيان.

1_ هڪ مڙ اٽو 200روپيہ 2_ پنج ڪلو ڪنڊ 62.50روپيہ 3_ چانھ جي پتي 3پاءُ 90 روپيہ 4_ چٽڻ جي دال 4ڪلو 80روپيہ 5_ گيھ 4ڪلو 120روپيہ 6_ لوڻ مرچ ۽ ٻيو مصالحو 100روپيہ 7_ جاءِ جي مسواڙ مهيني تي 450روپيہ 8_ گھٽ ۾ گھٽ بجليءَ جو بل 100 روپيہ 9_ وڏو گوشت 4 ڪلو 160روپيہ 10_ ڪير هڪ ڪلو صبح هڪ ڪلو شام 600روپيہ 11_ ڪانيون 4 مڙ (في مڙ 40روپيہ) 160روپيہ 12_ ٻارن لاءِ اسڪول جي خرچي (5 روپيہ روزانو) 150روپيہ 13_ ٻارن لاءِ اسڪول چڏڻ لاءِ ٽانگي جو ڪرايو 150روپيہ 14_ مڱڻ جي دال 2 ڪلو 30 روپيہ 15_ ڪپڙن لاءِ صابڻ مهيني ۾ 60 روپيہ 16_ وردي جي ڌوائي (هڪ جا 15روپيہ) 90روپيہ 17_ ڪپڙو لٽو سلائي وغيره اندازو هڪ مهيني ۾ 200 روپيہ 18_ پاڄي وغيره مهيني ۾ 200 روپيہ 19_ شادي يا غمي لاءِ ضرورت آهر 200 روپيہ ٽوٽل هڪ مهيني جو خرچ غربت آهر آهي: 50. 2302 روپيہ. هن خرچ ۾ مون پنهنجو خرچ ڪونہ لکيو آهي جيڪو دوران ڊيوٽي ڪندو آهيان. سائين منهنجي گھر ۾ مزدوري ڪئي ويندي آهي، چو جو منهنجو ٽوٽل پگھار الائونس سميت ڪل 1955.50 روپيہ آهي ۽ منهنجي سروس هن وقت ڪل 10 سال آهي. مان پنج درجا سنڌي پڙهيل آهيان. مئٽرڪ يا انٽر پاس سپاهين جي پگھار مون کان 200 روپيہ واڌاري آهي. ان لاءِ سائين جن مهرباني ڪري اخبار ۾ هي خط ضرور چپرائيندا تہ هن مهانگائي جي دؤر ۾ هڪ سپاهي سان ڪيڏو نہ ظلم ٿي رهيو آهي. اوهان مهرباني ڪري اسان مسڪين لاءِ ڪجھ ڪندا. مان اوهان کي دعا کان سواءِ ڪجھ بہ نہ ٿو ڏئي سگھان. هڪ دفعو ملاقات لاءِ ڪوشش ڪندس تہ جيئن اوهان کي روبرو احوال ٻڌايان ۽ اسان جي آفيسرن جي باري ۾ ٻڌايان. هن سماج جو ماريل سپاهي.

(منهنجو خلعو ۽ نالو ان ڪري ڪونہ ٿو لکان تہ اسان تي پابندي آهي پنهنجو حق گھرڻ تي.)

جواب: توهان جو سڄو حساب ڪتاب اسان سرڪاري توڙي غير سرڪاري پڙهندڙن جي اڳيان پيش پيا ڪريون. آئون توهان سان بلڪل متفق آهيان تہ هن مهانگائيءَ جي دؤر ۾ سپاهين سان واقعي ظلم آهي. سپاهين کي عوام جي خلاف جن ظلمن لاءِ استعمال ڪيو ويجي ٿو انهن جي سڀني کي خبر آهي ۽ سپاهين جي مظلوميت بابت جيڪا توهان جاڻ ڏني آهي سا ٻيو طرف معلوم ڪرڻ ۾ مدد بہ ڏيندي. مون کي اميد آهي تہ ان مسئلي تي سنڌ جا سوچيندڙ ماڻهو غور ڪندا ۽ جيڪڏهن حڪومت انهن مسئلن کي انصاف سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي تہ عوام توڙي پوليس لاءِ بهتر ٿيندو. اسان جي خواهش آهي تہ پوليس وارن سميت سنڌ جي سمورن مظلوم، غريب طبقي جي

ملازمن سان انصاف ٿئي ته جيئن هن کي رشوت وٺڻ يا عوام سان ظلم ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن به قسم جي مجبوري نه ٿئي. اوهان کي به گذارش آهي ته اوهان سميت گهٽ ماڻهو غريب آهن. سجو ملڪ پيڙهيل آهي اوهان پنهنجي غربت کي دور ڪرڻ لاءِ جيڪا جدوجهد ڪريو تنهن ۾ جيري خاطر ٻڪريءَ هر گز نه ڪهو. غريب عوام جو خيال ڪريو ۽ پنهنجي مجبوريءَ کي دور ڪرڻ لاءِ پي جون مجبوريون پنجاهه دفعا وڌائڻ کان پاسو ڪريو ته بهتر ٿيندو. اچو ته سڀ گڏجي هن ظالم-وڏيرڪي سرمايه دار نظام کي ڌاهي پٽ ڪريون جنهن ۾ عوام جي وڏي اڪثريت عذاب ۾ آهي ۽ مٽ جيترا ماڻهو جاوا پيا ڪن. ن جي جڳهه تي هڪڙو اهڙو انصاف وارو معاشي سماجي نظام ٺاهيون جنهن ۾ ڪنهن کي به پنهنجي ٻچن جي جيائي ۽ گذر لاءِ ٻين جي ٻچن جي جيائي ۽ گذر جي پيٽ تي لت رکڻي نه پوي.

سوال: سائين اسان جي وڏن شهرن ۾ جهڙوڪ سنڌ جي دل ڪراچي ۽ حيدرآباد جهڙن شهرن ۾ سنڌي نه هجڻ جي برابر آهن. سائين اسان پنهنجي شهرن ۾ ڪيئن پنهنجي اڪثريت آڻي سگهون ٿا؟

محبوب علي ڏيرو. ڏوکري

جواب: اسان 1970ع کان وٺي عوامي حڪومتن کي تجويزون ڏيندا پيا اچون ته سنڌي ماڻهن کي وڏن شهرن ۾ آباد ٿيڻ جون سهولتون ڏيو. پر نڪمي، ابن الوقت، جاهل، پيٽ پرست سياسي عقل کان پيدل ۽ نااهل وڏيرا شاهي رڳو عوامي خزاني ۽ قومي وسيلن کي قرلٽ ڪرڻ ۽ ڏاڙا هڻڻ جائي ٿي ۽ رات ڏينهن ڪريو ان ڏنڊي کي لڳي پئي آهي پئي طرف سنڌ جا جيڪي ڳوٺ وڏن شهرن ۾ رهيل آهن اهي به اتان جي وڏيرن هٿي پين سان وڪڻي چڏيا آهن ۽ وڪڻن پيا. نه ته اهو مسئلو حل ڪرڻ کو ايڏو ڏکيو ڪونهي. کا سنڌي ماڻهن جي واقعي هڏڏوکي ۽ همت واري حڪومت واقعي مڙسي ڪري ته چند سالن جي رڃابندي واري جاکوڙ ذريعي سنڌ جا شهر وري به سنڌي شهر ٿي سگهن ٿا.

سوال: اسان جا سنڌي ماڻهو هميشه اسان سومرن کي چوندا آهن ته توهان اصل سومرا نه آهيو ۽ سومرا قوم جنگ دوران سڀ ختم ٿي ويا ۽ "شهيد دودي" سومري جي خاندان مان ڪوبه نه رهيو. محترم سائين مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته سومرا قوم ڪيئن وڌيا؟ ۽ ڪهڙي (نسل) قبيلي مان سومرا آهن؟ اهو به چوندا وتن ته توهان سومرا سنڌي نه پر مهاجر آهيو. وضاحت سان ٻڌائيندا ته مهرباني ٿيندي.

وفا امين سومرو "پنهوي" پاران- ممتاز "فيض" سومرو- پنهون تعلقه ميرپور بٹورو

جواب: تاريخن جي چوڻ مطابق سومرا ۽ سمن وانگر چند رونسي راجپوت آهن. ڪڇ سان ۽ سندن لاڳاپو رهيو آهي. دودي واري جنگ ۾ سڀ سومرا مري ڪوڙ ويا هئا. سومرا اهڙائي سنڌي آهن جهڙا ٻيا.

سوال: تازو شهيد محمد فاضل راهو تعلقي کي مٽائي ساڳيو گولاڑچي رکي رهيا آهن. ان جي باري ۾ توهان جو ڪهڙو خيال آهي.

قادر بخش چانڊيو - ٽوڙي محبت

جواب: گولاڑچيءَ تي فاضل جو نالو اسحاق-نواز-جام صاحب ۽ دهشتگرد ٽولي فاضل جي عظيم ڪارنامن تي اوچتو عاشق ٿي ڪو نه رکيو هو. پر ڪن ماڻهن کي فاضل جي عظيم مقصدن ۽ آدرشن کي مٽيءَ ۾ ملائڻ جي انعام طور ۽ ان چٿر کي سهڻي لوئيءَ ۾ لڪائي قائم رکڻ ۽ زور ونائڻ ۽ ان بعد فاضل جي نالي تي ان ڏنڈي کي سجي سنڌ ۾ عام ڪرڻ لاءِ رکيو هو ۽ ان ڪري اها ڳالهه قوم-دوست، عوام-دوست ۽ فاضل نواز هجڻ بدران انتهائي قوم-دشمن، عوام-دشمن ناپاڪ مقصدن لاءِ بي حيائيءَ ۽ بي دردييءَ سان استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ويو، جو ان حرڪت تي فاضل جي هر ساٿيءَ کي سخت صدمو ٿي رسيو. اها قوم- دشمن، عوام- دشمن ۽ فاضل جي توهين ڪندڙ چٿر جڏهن وڌيڪ وقت جاري نه رهي تہ ان تي سنڌ جي سڄڻ ۽ فاضل سان حقيقي محبت رکندڙن کي ڪو ارمان ڪونہ ٿيندو.

سوال: ڇا سنڌ ۾ پرامن غوني انقلاب ايندو يا هٿياربند جدوجهد جي وسيلي؟

منور علي خاصخيلي- ماتلي

جواب: انقلاب، سڌارا ۽ ارتقائي واڌارا پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن، جيڪي هڪبئي تي دارو مدار رکن ٿا ۽ هڪبئي کان متاثر ٿين ٿا. في الحال تہ پرامن واڌاري جو دؤر ٿو ڏسجي، اڳتي لاءِ چوڻ ڏکيو آهي.

سوال: سنڌ جي آزاديءَ لاءِ يا جيئي سنڌ تحريڪ ۾ فقط سيد (شاهه) ۽ بروچ يا سرائيڪي ڳالهائڻ وارن جي اڪثريت چو آهي؟ جيئن تہ اسان جي خطي ۾ جيڪي چانڊيا قوم يا ٻي سرائيڪي قوم آهي، پاڻ کي سنڌي سمجهڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ ايترو بہ چون ٿا تہ جيڪڏهن اسان جو ڪوبہ بروچ سنڌي قوم سان مٽي مائٽي وغيره ڪندو تہ اسان ان کي برادري مان ڪڍي ڇڏيندا آهيون. ۽ سيد بہ اصل سنڌ جا نہ آهن ۽ نہ وري سيد ڪڏهن سنڌين سان سچا رهيا آهن. ڇا انهن بن قومن جو واقعي سنڌ سان سچو عشق آهي يا فقط

پنهنجي مفاد خاطر پنهنجي ذات مان فائدو ٿا وٺن؟

علي انور ملاح- غريب آباد دادو

جواب: سنڌي قوم ۾ بروچ، سيد، ملاح، پليجا، مينگهوڙا، پيل سپ اچي وڃن ٿا ۽ جيڪو به تعصب ڪري ٿو اهو ان حد تائين گهٽ درجي جو سنڌي آهي. غلط سنڌ دشمن ۽ ڏقيانوسي خيالن جو نيڪو فقط بروچن ۽ سيدن جو ڪنبل نه آهي. پاڻ کي هر ذات ۽ قبيلي ۾ پراڻن، ڏقيانوسي ۽ جاهلانا خيالن جا مائهو ملندا. اهڙا گالهه ٻي آهي ته ڪن ۾ اهي سوچون وڌيڪ آهن ۽ ڪن ۾ گهٽ آهن. ڪم جي غلط سوچ هڪڙين گالهين بابت آهي ڪن جي ٻين گالهين بابت.

سوال: سنڌ جي حوالي سان ڪافي تنظيمون پنهنجو الڳ الڳ ڪم ڪري رهيون آهن. ان حوالي سان توهان جو ذاتي نظريو ڇا آهي؟

ڊاڪٽر اقتدار علي اقتدار- حيدر محله لاڙڪاڻو

جواب: سنڌ ۽ جڙتو ته پر سڃيون پڇيون عوامي تنظيمون جي هڪ ڪان وڌيڪ هجن ته به خير آهي.

سوال: توهان ايترا ڏينهن خاموش هئا. مثال جنرل جام جي دور ۾ ۽ مظفر شاهه جي دؤر ۾ خاموش هئا ۽ ڊاڪٽر قادر جي آزدي ڪانپوءِ ايتر سرگرم چو ٿي وڃا آهيو؟

ضمير لغاري

جواب: توهان کي ڪنهن ٻڌايو آهي ته جام جي دؤر ۾ اسان خاموش هئاسون ۽ هاڻي سرگرم ٿيا آهيون؟ جام دور بلڪل هاڻي آيو آهي اسين ته ايوب جي دؤر وٽي سرگرم آهيون. هر دؤر ۾، هر سال ۾، هر مهيني ۽ هر هفتي ۾ پنهنجي سمجهه، سرت، پهچ ۽ حالتن آهر سپ ڪان وڌيڪ سرگرم رهندا پيا آچون. پنهنجي سنڌ ۾ سياست جي صحيح تاريخ رکڻ جو دستور ڪونهي. جيڪي اخباري سرخين ۾ گهٽو وڌي سڌ گالهائين ٿا، سمجهيو وڃي ٿو ته انهن وڌيون تلوارون هنيون آهن. ايئن نه آهي. توهان جيڪڏهن گذريل پاڻ صدين جون اخبارون پڙهي ڏسندؤ ۽ رکارڊ ڏسندو ته توهان کي معلوم ٿي ويندو ته سنڌ جي اٽ لک ايڪڙ زمين جو نيلام بند ڪرائڻ لاءِ ڪنهن "نيلام بند ڪريو جدوجهد" هلائي هئي "لسٽون سنڌي ۾ ڇاپايو" جي نالي جيڪا سنڌي ٻولي جي حقن جي جدوجهد هني ان ۾ سرگرم ترين حصو ڪنهن ادا ڪيو هو. "ظلم بند ڪريو" ۽ ٻيون انيڪ تحريڪون ڪنهن هلايون هيون.

73 جي جدوجهد جي پهرين صف ۾ ڪير وڙهيا هئا، بلڪ ضياءَ جي ڦهري دؤرجي شروعات ۾ جڏهن ذري گهٽ سڄي دنيا خاموش ٿي وئي هئي تڏهن "ڪڙيو گهنور ڪانفرنس" ڪري پهريون دفعو لکن جي تعداد ۾ چٽليڪ ڪيو هو جو امن اخبار لکيو هو ته "تين لاکه آدمي ٿي" ۽ پين اخبارن لکيو هو ته "اسي هزار لوگ ٿي." مطلب ڳالهه جو ته اسين اڄ سرگرم ڪونه ٿيا آهيون، اسين پهرين ڏينهن کان وٺي سرگرم آهيون ۽ انشاءالله هميشه سرگرم رهنداسون ۽ سوبه نمائشي طرح نه، حقيقي طرح.

سوال: موجوده پ-پ جي حڪومت کي هڪ سؤ ڏينهن کان به مٿي جو عرصو گذري چڪو آهي پر اهڙيءَ عرصي دؤران نوڪرين جي مٿان بندش ۽ بيروزگاريءَ ۾ واڌارو. سرڪاري ملازمن جون پگهارون ڪٽڻ ۽ گهٽن ملازمن جون پگهارون بند لڳيون پيون آهن. هنهن ڪري ماڻهو سخت پريشان آهن. حڪومت انهيءَ جو سبب اهو ٿي ڏيئي ته پاڪستان اقتصادي بحران جو شڪار آهي ۽ خزانو خالي لڳو پيو آهي. جڏهن ته پئي طرف کان مرتضيٰ ڀٽو جي چوڻ مطابق ته وزير ۽ صلاحڪار پنهنجي من پسند ماڻهن کي نوازي رهيا آهن ۽ هوڏانهن مخالف ڏر جي اڳواڻ نواز شريف جي پڻ ساڳي دعويٰ آهي ته سرحد حڪومت جي خلاف عدم اعتماد جي رٽ تي ميمبرن کي ڪروڙها رپين ۾ خريد ڪيو پيو وڃي ۽ هونئن به ڏٺو وڃي ٿو ته حڪومت سڳوريءَ جا وزير ۽ مشير پنهنجن پروگرامن تي هزارين رپيا خرچ ڪري رهيا آهن ۽ اوهان پنهنجي تقريرن ۾ چئو ٿا ته هن حڪومت کي پنج سال پورا ڪرڻ ڏنا وڃن. جيڪڏهن حڪومت جي اها حالت رهي ته پوءِ عوام جو ڪهڙو حال رهندو؟ مهرباني ڪري وضاحت سان جواب ڏيندا.

غلام علي بلوچ واهي پانڊي- ڪاڇو

جواب: آئون ائين ڪونه ٿو چوان ته رڳو هن حڪومت کي پنج سال پورا ڪرڻ ڏنا وڃن. مون چيو آهي ته جيڪا به سياسي پارٽي ڏانڊليءَ کان سواءِ چونڊجي اچي، چاهي اها توهان کي ۽ مون کي وٺي يا نه وٺي پر ان کي پنهنجو وقت پورو ڪرڻ ڏنو وڃي ته جيئن جمهوريت جو سلسلو قائم رهي ۽ هتي ڪنهن به قسم جي آمرانا حڪومت قائم نه ٿئي. باقي جيڪي شڪايتون هن حڪومت جي باري ۾ آهن اهي شڪايتون ڪرڻ ۾ اوهان اڪيلا نه آهيو، گهٽن ماڻهن کي ساڳيو شڪايتون آهن ۽ اهي شڪايتون حڪومت جي باري ۾ نيون به ڪونهن. پاڪستان جي سمورين حڪومتن جي وزيرن ۽ مشيرن بابت ساڳئي قسم جون شڪايتون آهن. اهو هڪڙو سچو نظام آهي. اصل ڪوڙيءَ کي گهمرو آهي ۽ جيستائين هن ملڪ جا ماڻهو حقيقي ۽ عوامي جمهوريت جي

قيام لاءِ پنهنجي جدوجهد اڳي کان اڳرئي نموني نئين سر جاري نہ رکندا تيستائين هي ڪم ائين ئي هلندو رهندو. هتي هيءَ ڳالهہ نوٽ ڪرڻ ڪيپي تہ جمهوريت جي بحالي جي جدوجهد ايجان مڪمل نہ ٿي آهي. جمهوريت فقط جزوي ۽ سطحي طرح بحال ٿي آهي. جمهوريت جو وڏو ۽ بنيادي حصو ايجا قائم ئي نہ ٿيو آهي. ايجا تائين ملڪ تي ڪنهن نہ ڪنهن فرد يا گروهہ يا طبقي جي آمريت آهي. چاهي اها فرد جي هجي، گروهہ جي هجي يا طبقي جي هجي. هن وقت اسان جي مٿان جاگيردار ۽ سرمايہ دار طبقن جي آمريت آهي ۽ اها آمريت پنهنجا ڪرتب ڏيکاري رهي آهي. چاهي ملڪ جو سربراهہ يا وزير اعظم ڪير بہ هجي پر اصل اقتدار وڏيرن ۽ سرمايہ دارن ۽ انهن جي چمچن جو آهي. ان صورتحال کي بدلائڻ لاءِ ڪانوں جي بالادستيءَ انساني حقن، سماجي برابريءَ انصاف ۽ حقيقي قومي عوامي جمهوريت لاءِ جدوجهد کي عوامي انداز سان عوامي سطح تي وڏيڪ وسيع گهرو ۽ تير تر ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سوال: هڪڙي ڊاڪٽر صاحب اسان کي ٻڌايو تہ "ڪامريڊ حيدربخش جوڻن کان ڊڄي استعيفيٰ ڏني هئي. انگريز سرڪار جو پير پڳارو کي قاسي ڏيڻ جو پڪو ارادو هو ۽ ڪامريڊ جن ان وقت جج جي منصب تي فائز هئا، جنهن ڪري پير صاحب جي قاسيءَ جا چندا ڪامريڊ تي بہ پون پيا. ان ڪري ڪامريڊ جوڻن جي خوف کان استعيفيٰ ڏني چڏي. اوهان وٽ ڪو مضبوط دليل ان جو آهي يا ڪامريڊ جيڪو استعيفيٰ جو مضمون لکيو. ان جو نقل آهي، جنهن جي بنياد تي توهان مٿين ڳالهين کي غلط ثابت ڪري سگهو؟

انيس گدا جتوئي- بکوديرو

جواب: مضبوط دليل تہ الزام هڻڻ واري کي ڏيڻا آهن. جنهن ڊاڪٽر صاحب جو ذڪر ٿا ڪريو اهو ڊاڪٽر صاحب ئي ٻڌائي سگهي ٿو تہ جيڪي پاڻ چوي ٿو ان لاءِ وٽس ڪهڙا ثبوت آهن. تنهن کانپوءِ ڪنهن جواب ڏيڻ جو سوال پيدا ٿئي ٿو. منهنجي خيال ۾ اها ڳالهہ نہ رڳو ثابت ٿيل ڪانهي، پر ان کان اڳ ۾ ان جو ڪنهن ذڪر بہ نہ ڪيو آهي. بهرحال جيڪڏهن ڪو ماڻهو، پلن ماڻهن جي بابت کي بہ اهم الزامي ڳالهيون ڪري ٿو تہ ان جو اخلاقي فرض ٿئي ٿوتہ ان الزام هڻڻ سان گڏو گڏ هو ان جي تائيد ۾ مڪمل ثبوت بہ پيش ڪري.

سوال توهان قوم پرست اڳواڻ جي حيثيت سان چا ٿا سمجهو تہ اسان جي تعليمي ادارن ۾ سياست ڪرڻ سان آزادي حاصل ڪري سگهجي ٿي يا پاڻ

کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ تيار رکجي يا سياست لاءِ؟

عبدالرزاق دابو - گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو

جواب: سياست جا ڪيئي قسم آهن. هڪڙي سياست آهي ماڻهوءَ کي بهتر بنائڻ ۽ پنهنجا قومي، جمهوري ۽ انساني حق حاصل ڪرڻ جي سياست. ٻي آهي مٿي وڃائڻ جي سياست ۽ آزاديءَ جا ڏٽا ڏيئي ڪاپي، ڪلاشنڪوف ۽ غنڊا گرديءَ جي ڪلچر کي رائج ڪرڻ جي سياست. جيتري قدر انسان دوست، عوام دوست، جمهوريت دوست سياست جو تعلق آهي تہ اها تعليم کي پڙ هٿي ڏيندي. چاڪاڻ جو صحيح معنيٰ ۾ عوامي سياست جيڪڏهن شعور تي ٻڌل نہ آهي تہ اها چڙ تہ ڪجهہ ٻ ڪانهي. تنهن ڪري علم ۽ صحيح عوامي جمهوري سياست پاڻ ۾ لازم ۽ ملزوم آهن، هڪٻئي ۾ سمايل آهن. هڪٻئي کي هٿي ڏين ٿيون. هڪٻئي کي طاقتور بڻائن ٿيون ۽ هڪٻئي کان متاثر ٿين ٿيون.

سوال: اسان سنڌي ماڻهن کي الائي ڪهڙي پير جي پٽ آهي جو پاڻ تہ ڪو چگو قومي ڪم ڪريون ڪونہ ۽ نہ ڪرڻ جي لياقت ڌاريون پر ٻئي ڪنهن جو ٻ ڪو پلو قومي ڪم ڪندي ڏسنداسين تہ اندر ئي سڙي ويندا سون. جيسين ان کي ٽنگڻ کان جهلي گهلي پاڻ جهڙو ڪنهن نہ ڪم جو نہ بنائيندا سون تيسين ماني حرام ٿي ويندي.

جنهن وقت کان مسئلن حل ڪرڻ بابت ڪوششون شروع ٿيون آهن، تنهن وقت کان ونڊي هڪڙو پنهنجي شاعرن جي لشڪر جو رٽائرمينٽ جي اعلان بنا رٽائر ٿيل بلڪ گوڏا ڪوڙي ويهي رهيل همراهہ انهن ڪوششن خلاف تڪبنديءَ وسيلي ڦشري مچائڻ ۾ لڳو پيو آهي. تازو هڪڙو ڊيڪ چڏيو اٿس تہ اهي سڀ ڪوششون فقط پنهنجي عزيزن کي وزارتون ونڊي ڏيڻ لاءِ پيون ٿين. ماڻهو ايترو هيٺ چو ٿا ڪريو پون؟

ستار رند، سنڌ يونيورسٽي

جواب: سنڌ ۾ پلوڙ مڙس جام پر جوانيءَ وانگر سنڌي مڙسيءَ ويچاريءَ جي عمر ٿئي ئي ڪاڻ! "جوپن ہ ٽي ڏينهڙا" ڪنڌار مڙس هوندو، گلاب جي گل وانگر پيو ٽڙندو، ڏني بک پيئي لهندي، پٽيون پيون پليون. پر ڪنهن مهل کان پوءِ ڪٽي ڏس تہ مڙس گوڏي جيڏو گونهہ ڪريو، ان ۾ گتو پيو آهي. چو تہ ڪر هوئي ڪونہ! "رب رسي تہ مت کسي، هٿي ڪونہ هٿيار"، "پيو آهين پٽن ۾ عالمن جا ابا، تو جي ٽنگون ٽيڙيون تہ بندا ڪيئن ڪندا؟" ڪنهن نہ ڪنهن بليڪ ميلر وچونءَ جي ور چڙهي ويندو، جيڪو

پرائي ڪلهي تي چڙهي ويهي پنهنجي عادت پوري ڪندو. ميسٽپائيءَ سان مشڪندو ۽ وينو ۽ چوطرف ڪان ناهوڪا ڏنگ ۽ وينو هٽندو!. اڳلي تي اثر ٿئي نہ ٿئي، مڙيئي ٿي عادت پوري ڪرڻي سا پيئي ڪيي. دعا ڪريو رب پاڻ سپني سنڌين کي ڪينيءَ ساڻ، بغض ۽ خسيس پٽي جي ڪوڙهه جهڙي مرضن کان پناهه ڏئي. آمين!

سوال: عام سوچ اها آهي تہ سنڌ جو مائهو "غير سياسي" ٿئي پيو. ڇا توهان هن ڳالهه سان متفق آهيو؟ ۽ اگر ها. تہ پوءِ ڇا هن جو سبب اسان جي سياسي جماعتن ۽ سياستدانن جو رول آهي؟

بشير سمون- دادو

جواب: هاڻ ائين برابر آهي. سياسي جماعتون ۽ سياستدان ان ڳالهه لاءِ ڪافي حد تائين ذميوار آهن. پر اصل ڳالهه اها آهي تہ اسان جي سماج تي هڪڙا مخصوص طبقا ۽ نظر ايندڙ ۽ نظر نہ ايندڙ اندريون ۽ باهريون قوتون چانيل ۽ غالب آهن. انهن جي اجازت ۽ مرضيءَ جي دائري کان باهر واري سياست ۽ سياستدانن کي اپرڻ نٿا ڏين. جي پوءِ ۽ ڪي اُپرن ٿا تہ انهن کي ڏنڊي ۽ فريب، مڪر ۽ سازش وسيلي زبردستي پوئتي ڏڪيو ٿا ڇڏين ۽ جي اڳلا صفا نٿا مڙن تہ انهن کي پٽي، فاضل، نڊير عباسي ۽ ٻين سون هزارن مڙسن وانگر مار يو ڇڏين، اهڙي صورتحال ۾ اڪثر بااثر سياسي پارٽيون ۽ سياستدان اُهي وڃي رهن ٿا جيڪي هن جي ڇڪي ٽنگيل سنهڙي رسي مٿان هلڻ جو ڪرتب ڪري سگهن ۽ ڪڏهن هلن ٿا، ڪڏهن ڪنڊ پر ڪريو پون ۽ ويچارا ٽنگون ٻانهون ڀڃايو يا سر تان آسرو پليو ويهو رهن. اهي مٿيان مهربان اٽڪل وري اها ٿا رکن جو ملڪ ۾ پيا هلائين تہ سياسي پارٽيون ۽ سياست خراب آهي، حالانڪ جيڪي ٻ اهي ڪن ٿا سو سندن ئي اشاري سان يا موڪل يا مرضين سان، اهي سڀ آهن يا خراب،اهو سيڪجهه قبلن جي نگاهه ڪرم جو فيض آهي.

"جو چاهين سو آپ ڪرين، هم کو عبث بدنام کيا" (مير)

ٻئي پاسي جيڪي سياستدان ۽ سياسي تنظيمون ملڪ جي ڳجهن مالڪن هٽان هر مخالفت، عذاب ۽ عقوبت جي باوجود چالو سياست کان الڳ ٻئي نرالي قسم جي سياست ڪرڻ جي جرئت ڪن ٿا ۽

"اک التي ڏار، ونڻ ابتو عام کان" (شاهه)

جي لطيفي فرمان تي عمل ڪن ٿا اهي ٻ آهن.
جيڪڏهن مالڪن جي منظور شده سياست جي هنگامن، وڻوٽان ٻڌ ٻڌان،

"جيئي! جيئي! مري! مري!" کان فرصت ملي ۽ انهن کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ لاءِ جيڪي اکيون ۽ جيڪا نظر گهرجي سا هجي تہ اهي بلڪل صاف نظر نہ ايندیون ۽ هر ڳالهہ جي باوجود کافي وٹندیون نہ.

"اکين سوئي اوڙکيو جو ڪنين سومر ڪرن،
ماڻ منهنجو من، جام پسندیئي پتيو." (شاهہ)

سوال: توهان سڀني قومہ پرستن جو منشور هڪ آهي تہ سنڌ جي آزادي ۽ ان ۾ رهندڙ غريب پورهيت ۽ هاري ۽ مزدورن جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ تہ پوءِ اوهان سڀئي قومہ پرست پاڻ ۾ متحده ٿي سنڌ جي لاءِ جاکوڙ چونہ ٿا ڪريو؟

آدم جاکرو - نيوات جنگشاهي

جواب: جيڪا ڳالهہ ضروري آهي سا اها ناهي تہ سڀ ماڻهو هروپرو هڪڙي ئي پليٽ فارم تي گڏ هجن. پر ضروري اهو آهي تہ ماڻهو جيڪي وات سان چون. عمل ان مطابق نہ ڪن تہ ۽ گهٹ ۾ گهٹ ان جي ابتڙ تہ نہ ڪن. جي گڏجي نہ هلي سگهن تہ فکر ڪونهي. اهوڪافي آهي تہ ساڳي رخ ۾ هڪٻئي جي پرسان هلجي. پاڻ ماڻهن کي اها پٹ آهي جو پنهنجو اندر ۾ سوچيون ۽ رٹڻون ۽ عملي طرح ڪريون هڪڙي ڳالهہ ٹا ۽ ماڻهن کي ٻڌائڻ لاءِ وات سان چئون ان جي بنهہ ابتڙ ٹا ۽ ڪٹن وانگر ڪڙم جا ويري ٹيا بينا آهيون ۽ سڄو ڏينهن انگڙيون هٹيو هڪٻئي کي کيرائڻ ۾ پورا آهيون. باقي جن ليدرن جا طبقاتي. گروهي ۽ ذاتي مفاد هڪٻئي جي سراسر ابتڙ آهن ۽ رڳو ماڻهن کي ٻڌائڻ لاءِ وات سان ساڳيون ڳالهيون پيا ڪن سي هروپرو هڪڙي پليٽ فارم تي گڏ ٹين اهو خيالي پلاءِ ۽ مدي خارج رينگٹ آهي. جيڪو اکثر ماڻهن کي منجهائڻ لاءِ چالو رکيو پيو وڃي.

سوال: 7 جنوري 1994ع تي "مسئلا حل ڪريو ڪانفرنس" اوهان کي موجوده محترم بينظير پٹو جي ٹن مهين ۾ حاصل ڪيل حڪومت ۾ ڪوٹائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ چا هن کان اڳ وارين حڪومتن جهڙوڪ ضياءُ شاهي. نواز شريف جي حڪومتن ۾ عوام جا مسئلا ڪونہ هٹا؟ يا حل ٹي ويا هٹا؟ جو اوهان هاڻي موجوده حڪومت ۾ مذڪوره ڪانفرنس گهرائڻ جي ضرورت سمجهي. شايد سنڌي وزير اعظم جي چوندجڻ کان پوءِ اوهان کي سنڌ جا مسئلا حل ڪرائڻ جي ضرورت پيش آئي؟

خان محمد ڪوراني، نواب شاهہ سنڌ

جواب: هن کان اڳ جام صاحب جي حڪومت کي سنڌي عوام جي اڪثريت ڏاڍلي سان چونڊايل ۽ زبردستي مڙهيل حڪومت ٹي سمجهيو. اهڙي

حڪومت اڳيان پنهنجا مسئلا رکڻ انڈي اڳيان روئڻ جي برابر ٿي سمجهيو ويو. تنهن هوندي به عوامي تحريڪ ان دؤر ۾ ڪالاباغ ڊيم نه ٺاهڻ، ڀاري نه مڙهڻ ۽ بين مطالبن جي حمايت ۾ پاڪستان جي تاريخ ساز لانگ مارچ ڪئي هئي جنهن ۾ سون هزارن جي تعداد ۾ سنڌيائين به شرڪت ڪئي هئي. موجوده وزيراعظم به شرڪت ڪئي هئي. موجوده وزيراعظم محترمہ بينظير پٽو ان جي ڪراچي ۾ آجيان ڪرڻ پاڻ تشريف فرما ٿي هئي ۽ مارچ ڪندڙ مجاهدن ۽ مجاهدائين کي پنهنجي پرپور حمايت جو يقين ڏياريو هئائين. عوامي تحريڪ هر دؤر جي وقت، حالتن مطابق عوام جي حقن ۾ جدوجهد ڪرڻ ۾ سرگرم رهي آهي. هن دؤر کي سمجهيو وڃي تو ته هي جائز طرح چونڊيل ۽ عوام جي وڏيڪ هڏ ڏوکي حڪومت آهي جيڪا اڳ زبردستي لاڻي ويئي هئي ۽ جنهن بابت هاڻ توقع آهي ته ان کي پنهنجي اڳوئين غلطين ۽ ڪوتاهين جو وڏيڪ شديد ۽ چٽو احساس هوندو. ۽ ان ڪري وڏيڪ سرگرمي. محنت ۽ اڪلاءِ سان سنڌي ماڻهن جي پراڻن توڙي نون ناسورن جو علاج ڪندي. سپني ڏٽو آهي ته عوام کي سرگرم صلاح ۽ ساڻ ڪان سواءِ رڳو ڪامورن جي آسري جنهن به حڪومت هلائي سي پچاڙي جو دربدر ۽ سياسي يتيم ٿي ويا. ان ڪري اسان سنڌي ماڻهن پاران حڪومت ڏانهن تعاون جو هٿ وڌايو آهي. اسين ڪيس سڄي سنڌ جي بنيادي پرندڙ مسئلن بابت قومي اتفاق راءِ سان تيار ڪيل موزون ۽ قابل عمل حل تيار ڪري سندس آڏو پيش ڪري پنهنجي پر سمجهون ٿا ته جيڪڏهن حڪومت واقعي سچي هوندي ۽ سندس نيت سنڌي ماڻهن ڏانهن صاف هوندي ته اها اسان جي ان جذبي کي پسند ڪندي ۽ ساراهيندي ۽ اسان جي محنت ۽ پورهئي جو قدر ڪندي پيش ڪيل قابل عمل ۽ موزون حلن تي فوري گهربل قدم کڻي سنڌي ماڻهن کي عذابن مان نجات ڏياريندي ۽ پنهنجي عزت ۽ ناموس تي چار چند لڳائيندي.

سوال: توهان پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو ته توهان چام صادق جو دور واپس ايندي ڏسي رهيا آهيو. مهرباني ڪري هن جي وضاحت ڪندؤ؟

شازيه قادري- سکر

جواب: پاڪستان کان اڳ بي پاڙي ۽ ڪڙم جي ويري سنڌي وڏيرا شاهي، انگريز سامراجين ۽ سنڌي واپارين ۽ سرمايه دارن جي هٿن ۾ ڪٺ پتلين وارو ناچ ڪندي هئي. هاڻ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ ٽنهي ڪيڙن کان موڪلايو استئبلشمنٽ ۽ دهشتگردن جي دربار جي ناچڻي بڻي بيٺي آهي ۽ مٽائئن صدقي صدقي پيئي ٽئي ۽ نهايت بي حيائي سان سنڌي قومي غيرت ۽ وجود کي تين وال پيئي ڪري.

جهڙي قسم جا مهربان پٽو خاندان جا همدرد ۽ سرفروش ٽيو ٻيا آهن ۽ جهڙي قسم جي سياست ڏانهن کين سڏو سڏ ٻڌيو ٻيا آهن، تهڙي قسم جي سياست سنڌي قوم سان ڪهڙو حشر ڪندي، اهو هر ڪو سمجهي سگهي ٿو. ان سموري سياسي ۽ سماجي خچر خاني جو هڪڙو ئي منطقي نتيجو نڪري سگهي ٿو. دهشتگردن ۽ ٻين سڌ جي ويرين وٽ يرغمال ٽيل جام صادق علي مرحوم واري قوم جي قاتل دؤر جي ڪنهن نئين ٻهروپ ۾ واپسي.

سوال: توهان سدائين سنڌين جي حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي ڳالهه ڪيو ٿا پر ساڳئي وقت توهان اهو چئو ٿا ته اوهان قومپرست نه آهيو. وضاحت ڪندو.

غلام نبي خاصخيلي- ڪوٽڙي

جواب: مون اڳ ۾ بار بار لکيو ۽ سمجهايو آهي ته لفظن جون هڪڙيون عام معنائون ٿيندڙيون آهن ۽ ٻيون خاص معنائون ٿيندڙيون آهن. جيڪي گهڻي زماني جي استعمال کان پوءِ انهن لفظن کي ملي ويندڙيون آهن. چاهي انهن جي لفظي ۽ ظاهري معنيٰ ڪهڙي به هجي.

"قوم پرست" لفظ جون ٻئي معنائون يعني هڪڙي لفظي ۽ ظاهري ۽ ٻي اصطلاحي ۽ ٽيڪنيڪي، سي ٻئي صحيح ۽ قابل قبول ناهن. هي جي لفظ ٻنهي معنائن ۾ عوام جي مفادن جي سراسر خلاف آهن.

قومپرست جي لفظي معنيٰ ٿي اهو ماڻهو جيڪو قوم کي جنسي پوڄي، پوڄا جي لائق سمجهي ۽ ان خاطر ٻي ڪهڙي به ڇڪي شيءِ نظر انداز بلڪ قربان ڪري ڇڏي.

پهرين ڳالهه ته قوم ۾ هزارين لکين ڪروڙين ماڻهو مختلف، سڀا ۽ برا، عوام دوست ۽ عوام دشمن طبقا ٽين ٿا. سڄي قوم جي پوڄا معنيٰ قوم جي سيني برن توڙي سڀن ماڻهن جي پوڄا. قوم ۾ سڀ ماڻهو پاڻ ۾ ٽهيل ڪو نه هوندا آهن. انهن جا مفاد ڪي هڪجهڙا هوندا آهن ۽ ڪي انهن جي سراسر ابتڙ ۽ مخالف، قوم جا اڪثريتي، مفاد هڪڙا ۽ ٿورائيءَ جا مفاد اڪثر ٻيا ۽ اڪثريت-مخالف هوندا آهن. سيني هڪٻئي جي مخالف ماڻهن جي پوڄا ائين آهي، جيئن خدا ۽ شيطان جي ساڳئي وقت پوڄا.

ٻيو ته قوم جا سڀا ۽ پيارا ماڻهو به سيني ڳالهين ۾ سڀا ڪيئن ٿا ٿي سگهن؟ عربيءَ ۾ چوندا آهن: "الناس علیٰ دین ملوکهم"، يعني: عام ماڻهو پنهنجي حاڪم ۽ غالب طبقن ۽ فردن جي واٽ ۽ دين تي هلندا آهن"، جيڪا واٽ اڪثر غريب عوام جي سر وڃائڻ واري هوندي آهي. ڪروڙين ماڻهو لکين سالن کان قورو ۽ ظالم طبقن جي غلبي ۽ اثر هيٺ خود پنهنجي وجود جي ويري سوچن ۽ عملن ۾ مبتلا رهيا آهن. ان ڪري ئي لينن چيو آهي ته:

قوم جي ثقافت بنيادي طرح حاڪمائي ۽ عوام دشمن هوندي آهي. ان جا فقط ڪي جزا صحيح، عوام دوست ۽ ترقي ڏانهن وڌي ويندڙ ٿيندا آهن. مختلف قومن جي ثقافتن جي اهڙن صحيح ۽ ترقي پسند جزن ۽ عنصرن کي گڏ ڪري روشن خيال، ترقي پسند، عوام دوست ۽ انسان دوست عالمي ثقافت جوڙڻ گهرجي. قوم جي نالي نهاد پوڄا ڪرڻ ۽ ظالمائن نام نهاد قومي مفادن جي نالي ۾ دنيا کي تباهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿيڻ بدران صحيح ڳالهه اها ٿيندي ته قوم جي وڏي اڪثريت ۽ بين نيڪ ماڻهن جي صحيح مفادن ۽ سوچن جي حمايت ڪجي. ان لاءِ قوميپرستيءَ بدران "قوم دوستي" جو لفظ بهتر معنيٰ وارو ۽ صحيح ٿيندو. تاريخي حساب سان هي لفظ بري معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو رهيو آهي ۽ عالمي سماجي ۽ ثقافتي ٻوليءَ ۾ ان جي معنيٰ منفي ٿي نڪري. مثلا عالمي سياسي تاريخ ۾ هٽلر، چيانگ ڪائي شيڪ، مسوليني جهڙا قوم جا قاتل. ڪوريا جي سگمن ريءَ جهڙا بدنام زمانه قومي غدار ئي پاڻ کي قومپرست سڏائيندا ۽ سڏجندا رهيا آهن ۽ پنهنجي هر سفاڪ. انسان دشمن ۽ قوم جي قاتل قدم کي ان غلط فقري جي چادر ۾ لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا رهيا آهن. هندستان ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد نهايت پلاءِ آخر ۾ بي اثر ٿي ويل ماڻهو برابر ڪانگريس طرفان پنهنجي مصلحتن خاطر قوم پرست سڏيا ويا. پر تاريخي اعتبار کان اها ڳالهه قوم پرست لفظ جي لفظي ۽ اصطلاحي مفهوم کي پس و پيش ڪو گهٽو بهتر بنائي سگهڻ ۾ گهٽ ڪامياب نه ٿي آهي.

آئون ان ڪري قوم پرست لفظ کي تاريخي طرح داغ ۽ برو لفظ سمجهندي، پاڻ کي روشن خيال، انسانيت دوست ۽ ترقي پسند، قوم دوست سمجهڻ ۽ سڏائڻ پسند ڪندو آهيان.

سوال: عزيز سلام بخاري ڪير هو ۽ سندس سنڌ جي سياست ۾ ڪيترو ڪردار رهيو آهي؟

جاويد راڄپر- نوشهرو فيروز

جواب: هو هڪڙو هندستان مان لڏي آيل اردو ڳالهائيندڙ عوامي سياسي ڪارڪن هو. هو پنهنجي سمجهه مطابق هڪڙو مارڪس، لينن ۽ مائوزي تونگ جي انقلابي فڪر جو پوئلڳ انقلابي تنظيم ڪار هو. هن جي جاڻ ۽ سمجهه ايڏي گهري ۽ وسيع ڪانه هئي جيڏي ان وڏي ڪم لاءِ گهربل هئي. هن پاڻ کي اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن جي تاريخي وڇن، روين ۽ تعصبن جي دائري کان آزاد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. ڪيس ان ۾ ڪامياب هڪ حد تائين حاصل ٿي. سندس ڪي سوچون ۽ ڪم جا ڊنگ لڪير جي فقيريءَ وارا هئا. هن سنڌي هارين تي ڪئين ناڪام تجربا ڪيا. پنهنجي سمجهه ۽ روين جي

دائري اندر هو هڪڙو بي مثال، يگانو ۽ بي بها جاکوڙي انقلابي هو، هن پاڻ کي سنڌي هاري عوام سان گڏي هڪ ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي تمام گهٽي تعليم تربيت ۽ حوصلا ڏنائين سڄي عمر روپوش رهيو سڄي عمر عوام کي سرگرم ڪرڻ ۾ رڌل رهيو. ڪڏهن ب پاڻ وارن سنڌي "عظيم انقلابين" ۽ "مها دانشورن" وانگر پاڙيو ڪونہ ٿيو. هٿيار ڪونہ ڦٽا ڪيائين. بان ڪانہ ڪيائين. توڙ تائين مڙس ماڻهو رهيو. هن جا سنڌ جي انقلابي تحريڪ تي خاص ڪري هاري تحريڪ تي وڏا ۽ جٽادار اثر ۽ احسان آهن. هن جو مثال زمانن تائين سچن مڙس ماڻهن کي اتساهيندو رهندو.

سوال: توهان جي پارٽيءَ ۾ پين پارٽين جي پيٽ ۾، عورتن جو تعداد وڌيڪ آهي، ان جا سبب ڪهڙا آهن؟

غلام رسول لغاري- لغاري سم ڏهون ميل

جواب: اسين عورتن ۽ مردن جي هڪجهڙائي ۽ هر قومي ميدان ۾ سندن برابريءَ واري شرڪت جي ڳالهہ رڳو وات سان ڪرڻ بدران، ان کي وس آهر عملي جامون ب پهرايون ٿا ۽ سڀ کان پهرين پنهنجي گهر پاتين کي. شعور ڏيڻ کي اوليت ڏيون ٿا. رڳو عورتن جي ڳالهہ ب ڪانهي. ب ارن، ب ارڙين، شاگردن ۽ شاگردياٽين کي، هارين کي، مزدورن کي تربيت ڏيڻ تي جيترو اسان زور ڏنو آهي، اوترو ٻئي ڪنهن گهٽ ڏنو هوندو. البت جيتري محنت ۽ تکڙي واڌاري جي ضرورت آهي. ان جي پيٽ ۾ ايڏا چڙ ڪاسي مان پاتي ب ڪانہ پيئي آهي.

سوال: پنهنجي سياسي تربيت لاءِ پهريان ڪهڙا ڪهڙا بنيادي سياسي ڪتاب پڙهڻ گهرجن؟ انهن جو تفصيل ٻڌائيندا.

علي احمد- گولاڙچي

جواب: جيڪي هٿ چڙهن. شروعات جيڪو ب ڪتاب ملي ۽ وٽي تنهن سان ڪجي. سنڌ جي شهرن جي بوڪ استالن تي هر قسم جا ڪيترا سڀا سياسي ڪتاب ملندا اهي پڙهجن. شروعات ۾ هر قسم جا ڪتاب پڙهجن. ڪنهن هڪڙي قسم يا لکندڙ جو نہ. پوءِ ماڻهو کي خبر پوڻ شروع ٿيندي تہ ڪهڙا ڪم جا آهن ۽ ڪهڙا مڙيئي ائين آهن. حيدرآباد ۾ "عوامي ڪتاب گهر گاڏي ڪاتو حيدرآباد" ب ڪيترائي چڱا ڪتاب چپايا آهن، جن ۾ "مائوزي تونگ"، "هوچي منهہ" قيدياٽيءَ جي ڊائري"، "موٽل جنين مهٽو" "جيڪي بنگال سان ٿيو"، "قومي جدوجهد ۾ ادب ۽ فن جو ڪردار"،

"ويٽنامي ڪهائيون"، "جن جهونا ڳڙهه جلائيو" شامل آهن. افسانا آهن، ناول آهن، مقالا ۽ ٻيا ڪتاب آهن. سڀ پڙهو. پر اول پاڻ ۾ ڄاڻ جي پياس ۽ سمجهه سان پيار پيدا ڪريو. وڏي ڳالهه ته پنهنجي اندر ۾ احساس ۽ همدرديءَ جي آگ جاڳايو. لطيف سائين ان ڪري ئي چيو آهي:

"اندر جنين اڌ ڏونگر سي ڏورينديون"
"اندر جنين باهه سڌ سيڪا تن کي"

حافظ شيرازيءَ ان نقطي کي هيئن بيان ڪيو آهي:

"ازان بدير مغانم عزيز مي دارند
ڪ آتشي ڪ نميرد هميشه در دل ماست"

(آتشڪدي اندر مجلس جا ميمبر اسان کي ان ڪري پائڻين ٿا جو اسان جو اندر هر وقت اهڙي باهه پيئي ٻري جا ڪڏهن به وسامي نه ٿي)

سوال: سياسي پارٽين ۾ عام ڪارڪن جي عزت چو ڪونهي؟

ڪرشن سنڊي- بدين

جواب: سياسي ڪارڪن جڏهن وڏيڪ سمجهو. وڏيڪ پر خلوص، وڏيڪ پاڻ اربيندڙ، وڏيڪ باوقار ۽ وزنائتا انسان ٻڌا تڏهن اهو مسئلو ازخود حل ٿي ويندو.

سوال: پارن کي سياست چو ڪرڻ گهرجي؟
جواب: پارن کي تنظيم سان گڏ پارن جي سطح ۽ ڏانوجي سياست ۾ ان ڪري حصو وٺڻ گهرجي ته جيئن هو پار-دشمن سياست ڪرڻ کان بچن ۽ پار-دوست سياست کي سمجهي ۽ هٿي ڏيئي سگهن ۽ هوشيار، برجستا ۽ بي ڊپا شاگرد ۽ سڀا انسان ٿي سگهن.

سوال: تازو اليڪشن 93 ۾ اوهان کان آڪاش انصاري ۽ نظام بلوچ جهڙا سڄاڻ ماڻهو ڏار ٿي ويا آهن. انهي جا سبب ڪهڙا هئا؟ يا ته هتي هر ماڻهو ويڪائو آهي. ٿورو تفصيل سان ٻڌائيندا؟

وڪيو اوڈ- ڪوٺ حاجي علڻ خان لغاري

جواب: مسئلو اڻ ڄاڻ يا سڄاڻ جو يا ويڪائو يا اڻ وڪجندڙ جو نه پر ڊسيپلين يا چڙواڳيءَ جو آهي. جنهن فوج ۾ ڊسيپلين ناهي اها پلي لڪن ۾ هجي ته به هارائيندي.

سوال: توهان جي تنظيم عوامي تحريڪ ۾ هڪ بارڙن جي ذيلي تنظيم بہ آهي. اسان اڪثر ڏٺو آهي تہ جيڪي بار سياست ۾ حصو وٺن ٿا، اهي پڙهن ڪونہ ٿا يا اسڪول ڪو نہ ٿا وڃن. سڄو ڏينهن تنظيمي سرگرمي ڪن ۽ پڙهن ڪونہ. ان لاءِ توهان جو ڇا خيال آهي؟

زاهده تالپر- بدين

جواب: "سجاڳ بار تحريڪ" اسان جي ذيلي نہ پر برادر تنظيم آهي. ان جي پهرين سرگرمي ۽ پهريون فرض آهي پڙهڻ ۽ خوب پڙهڻ ۽ پڙهڻ ۾ نالو ڪيڻ. ٻيا سڀ ڪم پوءِ. اها ئي صحيح ڳالهہ آهي.

سوال: نواز شريف جي حڪومت ۾ قومي ڪارڊ جا فارم شايع ڪيا ويا. انهن ۾ فارم "الف" ۾ سنڌي ٻولي نہ لکي ويئي. ٻيون چار ٻوليون لکيون ويون آهن. اوهان کي گهرجي تہ سڀ کان اڳ اوهان آواز اٺاريو ها پر اوهان ائين نہ ڪيو. ڇو؟

عبدالحفيظ وفا ڪوسو- سکر

جواب: ان خاني ۾ سنڌي ٻولي ضرور شامل ٿيڻ کپي. موجوده حڪومت کي ان اهم نقطي تي ڏيان ڏيئي گهربل درستگي ڪرڻ گهرجي.

سوال: ڪٿي بہ اوهان جو ذڪر نڪرندو يا ڪو اوهان جي تقرير ٻڌندو آهي تہ اوهان جي ڏاهپ، سياست ۽ حاضر دماغ جي تعريف ڪندو آهي! پل اهو ٻي ڪنهن سياسي پارٽيءَ سان تعلق ڇوتہ رکندو هجي. پوءِ آخر ڪهڙو سبب آهي جو اهي تعريف ڪندڙ ماڻهو اوهان جي پارٽي (عوامي تحريڪ) ۾ شامل نہ ٿا ٿين.

طفيل احمد جکرو- رتو ديرو

جواب: ڪنهن سياسي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جي فيصلي جو دارومدار پسند تي بہ آهي پر واسطيدار ماڻهوءَ جي ذات حالتن، ماحول ۽ سندس گهربل ذميوارين ڪٽي سگهڻ جي لياقت، ارادي جي مضبوطي ۽ سنجيدگيءَ تي بہ آهي. بهرحال ڪيترا شامل ٿين ٿيا. ٻيا اڳتي ٿيندا جن کي هڪڙن معاملن جي پيچيدگين ۽ نزاڪتن ۽ انهن جي تاريخي اهميت جي خبر آهي سي چاڻن ٿا تہ عوامي تحريڪ ڪهڙين حالتن ۾ ۽ وجود واڌاري جي ڪامياب جنگ لڙي رهي آهي:

سَرَ تي پکي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاهہ،
سنڌي آس. الله لڏي لهرن وچ ۾. (شاهہ)

جنهن قسم جي گهڻ طرفي اونهي ۽ اٿاهه سماجي تبديلي جو اسين جهنڊو بلند ڪريو ايري حال سارو گڏريل ٽيهن سالن کان رات ڏينهن ڪريو هن سماج کي چهٽا پيا آهيون، جنهن قسم جي فيل مست قوتن کي ان سياست مان ڇڪ تي لت اڇڻ جو خطرو آهي، جنهن قسم جا اجگر جيڏا دهاڙ ۽ دهشت خريداري، ڪردار ڪشي، ڦٽري بازيءَ ۽ گمراهي هن جي ناٽڪ بازي ۽ هو جڙتو جدوجهد جا وسيلا ۽ بندوبست هن وٽ آهن ۽ هو جنهن بيدرديءَ سان اهي استعمال ڪري رهيا آهن. انهن جو ليکو ٻڌبو ته اها ڳالهه هڪڙي تاريخي معجزي کان گهٽ نظر نه ايندي جو عوامي تحريڪ جهڙي تنظيم هر دهاءي هر منظم ڪردار ڪشي، ڦٽري بازيءَ، هر پٺ ۾ خنجر، هر غداريءَ، هر خريد فروخت جي باوجود، گمراهي، بي سمجهي، پسماندگي ۽ ڇڙواڳيءَ جي سمورن مرضن جي باوجود نه رڳو زنده سلامت آهي. پر باقاعدي ۽ پوري اعتماد سان وڌي ويجهي ٿي پئي.

سوال: قومي عوامي جمهوري انقلاب ڇا آهي؟

ڊاڪٽر محمد علي جروار - ايل ايم سي جا مشورو

جواب: عوامي جمهوري انقلاب مان مراد اهڙو سماجي انقلاب ۽ بنيادي اقتصادي سياسي ۽ ثقافتي قيرو آهي. جنهن مان ساڳئي وقت قومي غلامي جي پاڙ پٽجي ۽ هڪڙو اهڙو نئون جمهوري نظام قائم ٿئي جنهن ۾ جاگيردار طبقو اقتدار ۾ نه اچي ۽ "عوامي" مان مراد آهي ته نه رڳو قومي غلامي ختم ٿئي پر جاگيردار توڙي سرمائيدار طبقن جي قوم سان ناجائز بالادستي به ختم ٿئي. قوم جو اقتدار اعليٰ وري به ڪنهن قوم جي ويري ۽ عوام جي دشمن جي هٿ ۾ نه اچي، تنهن جي صحيح انقلاب لاءِ ٽي شرط پورا ٿيڻ کپن. اهو انقلاب قومي حقن جي حاصلات لاءِ هجي. اهو جمهوريت يعني جاگيردار دشمن هجي ۽ اهو ساڳيءَ وقت عوامي هجي يعني اقتدار ۾ ايندڙ ڏر سرمائيدار طبقو نه هجي پر هيٺيون، وچولو طبقو هجي، هاري، مزدور، هيٺين وچولي طبقي وارو ماڻهو ۽ مڊل ڪلاس جو اهو حصو جيڪو جمهوريت دوست آهي، سامراج دشمن آهي ۽ عوام ڏانهن لاڙو رکي ٿو، نه ڪي سامراج ڏانهن ۽ عوام دشمن قوتن ڏانهن. يعني جيڪا تبديلي اچي سا عوام جي حق ۾ هجي. قوم جي حق ۾ هجي ۽ آمريت جي خلاف هجي، جاگيردارن جي خلاف هجي ۽ پٽ سرمائيدارن جي به ان ۾ بالادستي نه هجي. ٻين لفظن ۾ انقلاب جي نتيجي ۾ اهڙن طبقن جو راج قائم ٿئي جيڪي هارين، مزدورن کي ويجها هجن ۽ جيڪي انهن جي دکن، دردن جو علاج جمهوري ۽ عوامي طريقي سان ڪن. اها آهي قومي ۽ عوامي جمهوري انقلاب مان مراد.

سوال: سمورن سماجي انقلابن ۽ پورهيت انقلاب جا نظريئي دان ۽ استاد مرد ٿيا آهن. ڇا عورتن ۾ اهي صلاحيتون نه هيون يا مردائي معاشري انهن لاءِ کي رکاوٽون کڙيون کيون هيون. توهان تاريخي طور اسان کي ٻڌايو ته ائين ڇو ٿيو آهي؟

نوشابه بنت محمد خان خاصخيلي.

جواب: توهان جو چوڻ صحيح آهي جسماني، اقتصادي ۽ ٻين سبب قائم ٿيل مردائي حاڪميت واري معاشري عورتن کي غلام رکي وڌڻ نه ڏنو آهي. پر اها ڳاهه ڏهن ۾ رهي ته ويڇڙائي جي ڪجهه هزارن سالن کي ڇڏي ان کان اڳ ڪيئي هزار سال گهر ۽ قبيلي جي بالادست عورت پئي رهي آهي ۽ نه مرد. ان جا آثار هندستان ۾ اڄ به موجود آهن. تنهن کان سواءِ اڄ جمهوري، انقلابي ۽ عوامي جدوجهد ۾ عورتن جي سرگرمي ذري گهٽ مردن جيتري ۽ ڪن حالتن ۾ انهن کان وڌيڪ آهي. مثلا سنڌ ۾ ئي ڏسبو ته اڄ سنڌيائي تحريڪ کان ڪا به تنظيم وڌيڪ جفاڪش، دلير ۽ جاکوڙي ڪانهي. گذريل ڏهاڪن ۾ ان جا ڪيل ڪارنامه قوم جي هڏ ڏوکين کي ڪڏهن ڪونه وسرندا.

سوال: "سجاڳ پار تحريڪ" ڇا آهي ۽ ان جا ڪهڙا مقصد آهن؟

عباس ڪنول لغاري- حيدرآباد ڪينٽ

جواب: "سجاڳ پار تحريڪ" سنڌي پارن جي تنظيم آهي ان جا مقصد آهن سنڌي پارن کي سجاڳ ڪرڻ، انهن کي هوشيار بنائڻ، انهن جي هٿان سنڌي پارن جي حقن جي حفاظت ڪرڻ، تعليم جي مسئلن کي حل ڪرڻ، تعليم کي عام ڪرڻ وغيره وغيره. اُهي تقريري مقابلا ڪرائين ٿا. جدوجهدون به هلائين ٿا، قومي جدوجهد ۾ پنهنجي سطح تائين وڏو حصو به وٺندا آهن ۽ اهڙي ريت هو اهي گڻ پرائيندا آهن، جنهن سبب هو بهتر شاگرد، بهتر سنڌي ۽ بهتر انسان ٿي سگهن.

سوال: هڪ بهترين انقلابي ڪارڪن ۾ ڪهڙيون خوبيون هئڻ گهرجن، جن سان هو پنهنجي تنظيم جي مضبوط افرادي قوت وڌائي سگهي؟

مجرم درس- ڏيئي شهر

جواب: (1) انقلابي ڪارڪن کي حالتن آهر وڌ ۾ وڌ انقلابي توڙي عام عالمي تاريخي سطح جو مطالعو ڪري جيتري حد تائين ممڪن هجي انقلابي عالم، فلسفي دان، سائنسدان ۽ نظريه دان بنجڻ گهرجي. (2) ڪيس ڪهڙي به قسم جي سخت مزدوري ۽ محنت ڪرڻ ۾ ڪوبه عار محسوس نه ڪرڻ گهرجي ۽ پاڻ کي

هر دم سخت هٿ جي توڙي ذهني پورهيي ڪرڻ تي هيرائڻ گهرجي. (3) هن کي انسان ذات سان ۽ سندن تقدير بدلائڻ ۽ سنوارڻ سان عشق هجي ۽ پنهنجو ڪم بي پناهه شوق، چاهه ۽ دل وجان سان ڪرڻ گهرجي. (4) ڪيس نظم وضبط جو پابند هجڻ گهرجي ۽ حڪم ڏيڻ توڙي مڃڻ ۾ پڙ ۽ هر دم تيار هجڻ گهرجي. (5) ڪيس آس پاس جي عوام سان ويجهي ۾ ويجها لاڳاپا رکڻ گهرجن. سائڻ ملي هڪ ٽيڻ گهرجي ۽ منظم نموني سان سندن ڏک سک ۾ شريڪ ۽ پاڳي پائيوار ٽيڻ گهرجي. (6) منجهس فراخدلي، وڏي نظر، دوراندیشي، ثابت قدمي، نيڪ نيتي، خود قرباني، بهادري، سهپ، صبر ۽ پنهنجي مقصد جي ڪاميابي ۾ اٽل يقين هجڻ گهرجي. ساڳئي وقت سندس اها سوچ هجڻ گهرجي ته پنهنجي سماجي واڌاري جي عظيم مقصد جي ڪاميابي ڪيتري به ٿورڙي ٽئي پر اها عام رواجي ڪاميابين کان بلند مرتبي جي سمجهڻ گهرجي. (7) ڪيس لطيف، حافظ شيلي، اياز (پهرئين دور وارو). استاد بخاري، تنوير، سرويچ، منشي ۽ بين سماجي تبديلي ۽ واڌاري ۾ ايمان رکندڙ شاعرن جي ڪلام جو باقاعدي مطالعو ڪري ان مان عزم، همت ۽ آئيندي ۾ ايمان جا سبق ۽ ولولا ۽ همتون ۽ سرجوشيون حاصل ڪرڻ گهرجن ۽ سڀائين عوامي عمل ۾ سرگرم رهڻ گهرجي.

سوال: تعليم جي ڪرندڙ معيار تي سياستدان ڪيترو اثر انداز ٿي رهيا آهن. جيڪڏهن ٿي رهيا آهن ته ان جو حل؟ ۽ جيڪڏهن نه ٿي رهيا آهن ته ڪير اثر انداز وڌيڪ ٿي رهيو آهي، پار، والدين، استاد يا معاشرو؟

ابراهيم ميمڻ- پوپا سٽي.

جواب: جن سياستدانن ڪلاشنڪوف ڪلچر، ڪاپي ڪلچر کي رائج ڪرڻ لاءِ نعرا ٺاهيا ۽ ڏنا ۽ ان سڄي عمل جي سرپرستي ڪئي، سي تاريخ جا وڏي ۾ وڏا مجرم آهن ۽ جن سپ ڪجهه ڇاڻندي به ان لاءِ گهربل ڪوشش به ڪئي آهي سي به مجرم آهن، پر گهٽ شاگردن، والدين، استادن ۽ معاشري به ڪانه ڪئي آهي. هر ڪو ان سڄي شرمناڪ صورتحال لاءِ پنهنجي پنهنجي دائري ۾، پنهنجي پنهنجي حد تائين مجرم آهي.

سوال: توهان پنهنجي هر تحرير ۾ ۽ تقرير ۾ اها ڳالهه ورجائيندا پئي رهيا آهيو ته اڄ جي نوجوان کي گهٽ-پاساوان علم حاصل ڪرڻ گهرجي، جڏهن ته اڄ جو نوجوان جن معاشي حالات مان گذري رهيو آهي، ان ۾ سندس خواهشون ۽ خواب صرف پنهنجي ذات تائين محدود ٿي ويا آهن ۽ ڏٺو وڃي ٿو ته انهن

حالتن ۾ سندن اها سوچ ڪنهن قدر صحيح ٿي لڳي، جڏهن ته ٻئي پاسي علم حاصل ڪرڻ سان بڪ، بيروزگاري، طعن ۽ مهڻن کان سواءِ ڪجهه به نه ٿو ملي، چا اهو علم، اها چاڻ اسان جي ۽ خاندان جي معاشي مسئلن جو حل ٿي سگهي ٿو؟ ان صورتحال ۾ آخر اسان جو نوجوان ڪهڙي راهه کي منتخب ڪري؟

اسد نظاماڻي- ڳوٺ ملهڻ، تعلقه ماتلي

جواب: برابر اهو تضاد آهي. چوندا آهن ته "لوڪ جي به ڪجي، يار جي به ڪجي". معاشي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ۽ پيٽ لاءِ به پڙهڻ گهرجي ۽ ٻي ڪوشش ڪرڻ ڪپي. پر پيٽ ۾ ڪجهه پوڻ کان پوءِ به زندگيءَ ۾ ٻيو گهٽو ڪجهه گهرجي ٿو، ان کري پيٽ سان گڏ پنهنجي ذهن، پنهنجي ضمير، پنهنجي سمجهه کي خوراڪ ڏيڻ ۽ انهن کي وڌائڻ ۽ انهن جي مطابق هڪڙي بهتر زندگي ٺاهڻ، گهڙڻ ۽ سنوارڻ اهي به زندگيءَ جا مقصد هئڻ گهرجن. علم مائڻو کي بهتر انسان بڻائي ٿو ۽ بهتر انسان معاشي مسئلن کي به بهتر ٿوني سان پورو پئي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ معاشي مسئلن جو حل صرف علم نه آهي. پر علم انهن مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪافي مدد ڏيئي سگهي ٿو.

سوال: ٿوهان اڳ ۾ چيو هو ته جيڪي والد پنهنجي پٽن کي مارڪون پئسن تي ٽا وڻي ڏين اهي احمق آهن. توهان جو اهو بيان پڙهي مون سوچيو ته اسان مارڪون بورڊ مان نه ورتيون ۽ مارڪن لاءِ نه رلياسين ته نتيجو اهو نڪتو جو مارڪون صفا ٿورڙيون (60 سيڪڙو) آيون. جن بورڊ ۾ پئسا پريا ۽ رليا تن (81 سيڪڙو) مارڪون ڪنيون. هاڻي توهان بڌايو ته اسان چا ڪريون. سليڪشن ته ڪونه ٿيندي، سو مهرباني ڪري ڪا سڻي صلاح ڏيندا.

ممتاز علي قريشي- خيرپور ناٿن شاهه

جواب: صورتحال واقعي اها آهي جيڪا اوهان بڌايو ٽا. جيستائين مارڪن جو وڪرو بند ٿئي تيستائين ظاهر آهي ته جيڪو ماڻهو مارڪو وٺندو سو فائدي ۾ ويندو، جيڪو مارڪون خريد نه ڪندو اهو نقصان ڪٽندو. پر اسان جي نظر سدائين رڳو ٿورن فائدن تي ۽ فوري نقصانن کان بچڻ تي نه هئڻ ڪپي. تمام وڏا ۽ دائمي نقصان ٿين، تنهن کان بچڻ لاءِ اسان کي مجبورا ۽ نه چاهيندي به ڪجهه ماڻهن جا عارضي ۽ ٿوري وقت لاءِ زبردست نقصان درگذر ڪرڻا پوندا. اها تاريخ جي منطق آهي، ان کان ڪوبه بچڻ جو رستو ڪونهي.

سوال: اوهان جي اخبار ۾ بيان مطابق ته اوهان شاگرد سياست جي حمايت ڪريو ٽا ۽ انهيءَ شاگرد سياست کي جائز قرار ڏيندي قائد اعظم محمد علي جناح،

جناب ذوالفقار علي پٽو ۽ جناب گانڌي شاگرد سياست جا حامي هئا، جا مثال ڏيو ٿا. جيڪڏهن حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته شاگرد معنيٰ آهي تعليم حاصل ڪرڻ نه ڪو ڪلاشنڪوف کڻي غنڊه گردي ڪرڻ، محترم استادن کي بي عزت ڪرڻ، هٿيار جي زور تي ڪاليج ۽ يونيورسٽي بند ڪرائڻ، ڇا انهيءَ کي شاگرد سياست چئجي ٿو؟ جيڪڏهن انهيءَ کي شاگرد سياست نه ٿو چئجي ته پوءِ مهرباني فرمائي توهان پاڻ سميت پڌائيندا ته اوهان جي شاگرد سياست پارٽي جي ڪهڙي شاگرد ليڊر يونيورسٽيءَ ۾ تعليم ميدان ۾ پهرين پي يا ٽين پوزيشن حاصل ڪئي آهي. ڇا اوهان سميت ڪنهن ليڊر ڪاليج يا يونيورسٽي ۾ وڃي ڪنهن هوشيار ۽ پوزيشن ڪٽندڙ شاگرد جي همت افزائي ڪئي آهي؟ ڇا اوهان سميت ڪنهن سياسي ليڊر يونيورسٽي يا پئي ڪنهن تعليمي اداري ۾ وڃي ڪي تعليمي مسئلا حل ڪرايا آهن؟ مون کي ته آريسر صاحب جو اهو بيان پڙهندي نهايت افسوس ٿيو جنهن ۾ هن چيو آهي ۽ شرط رکيو اٿس ته: "جيڪڏهن قانون لاڳو ڪندڙ تعليمي ادارن مان نڪرن ته شاگردن کان هٿيار ڦري ونبا." انهيءَ بيان مان ظاهر ٿئي ٿو ته تعليمي ادارن ۾ شاگردن کي قلم ۽ ڪتاب جي بدران شاگرد سياست جي نالي ۾ هٿيار ۽ ٻيو اسلحو وغيره اسان جيئي قوم پرست ليڊرن پاران عطا ڪيو ويو آهي. اسان جا سياسي ليڊر اسان جي ايندڙ وقت ۾ ايندڙ نسل کي چمڪائڻ لاءِ سنڌين کي روڊن رستن تي احتجاج لاءِ آڻين ٿا ۽ اهي علم پرائڻ جي بدران جيلن جون هوائون کائن ٿا ۽ پنهنجي قيمتي وقت جو سرمايو جيلن ۽ ٽارچر سيلن ۾ گهاريندي ختم ۽ شهيد يا بي راهه روي جو شڪار ٿي وڃن ٿا ۽ پوءِ ساڳيا ئي قومي سياسي ليڊر هروپيرو واويلا ڪندي ٻين ني بهتان مڙهيندي پنهنجو پلئه آجو ڪن ٿا.

انهن قومي سياسي ليڊرن ڪڏهن به پنهنجي گريبان ۾ جهاتي ڪاڻ پاتي آهي ته آخر اسان ۾ ڪهڙيون خاميون آهن؟ انهن قومي سياسي ليڊرن ڪڏهن به ڪاپي جي رجحان ۽ تعليم ۾ ٻين ڪمزورين جو خاتمو ڪرڻ لاءِ ڪڏهن به مثالي عمل نه ڪيو ته جيئن انهن برابن جو خاتمو ٿي سگهي ۽ اوهان جهڙي بزرگ سياستدان سميت ٻين وڏن سياسي اڳواڻن مثال طور ذوالفقار علي پٽي جو شاگرد سياست جا حامي جا مثال ڏيو ٿا. جڏهن ته ذوالفقار علي پٽو خود پنهنجي اولاد کي شاگردي واري زماني ۾ سياست ۾ آڻڻ بجاء تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ باهر موڪليو. جنهن جو واضح مثال محترمه بينظير پٽو صاحبه آهي. جيڪا تعليم کي مڪمل ڪرڻ کان پوء سياست ۾ آئي ۽ ڪامياب آهي. ڇو ته هن وقت يا ايندڙ وقت ۾ هٿيارن جي جنگ نه پر ذهن جي جنگ هوندي ۽ ذهن جنگ لاءِ تڏهن ئي قابل هوندا. جڏهن انهن ذهن کي تعليم جي

زيور سان سنواريو ويندو.

ذوالفقار علي خان- گڙهي ياسين شڪارپور

جواب: آئون ڪلاشنڪوفي غنده گردیءَ کي هميشہ ايجنسين طرفان ڪرايل تعليم دشمن، عوام دشمن، قوم دشمن ۽ غنده گردي سمجهندو ۽ سڏيندو رهيو آهيان. اها شاگرد سياست ناهي. اها شاگرد سياست جي بهروپ ۾ شاگرد دشمني آهي. آئون پر امن جمهوري شاگرد سياست کي فائديمند ۽ ضروري سمجهان ٿو ۽ ان جي حمايت ٿوڪريان. هن وقت توڙي اڳ دنيا جا مسئلا نہ رڳو هٿيار سان حل ٿيا آهن ۽ نہ فقط ذهن سان، اڄ توڙي اڳ هر دور ۾ حالتن آهر ڪڏهن رڳو پر امن طريقا ته ڪڏهن هٿياربند طريقا ته ڪڏهن اهي بئي ۽ بيا به ڪيئي طريقا درڪار ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهندا. ايجنسين جي سنڌي مار سورمن سنڌي شاگردن کي پڙهڻ ڏنو آهي ۽ اسان کي تعليمي ادارن ۾ گهڙڻ ڏنو آهي جو اوهان جا ڏسيل چگا ڪم ٿي سگهن. بهرحال زمانو بدلجي پيو موقعي ۽ حالتن آهر پنهنجي فرض ادائگي ڪجي:

باقي رهيو تعليمي دؤر ۾ شاگرد سياست بدران رڳو پڙهڻ، اها ڳالهہ به اهڙي مثالي ڪانهي. قومي ۽ انساني احساس ۽ شعور کان ڪورو مائهو جي ڏهہ پي ايچ ڊيون به ڪري آيو ته به ڪهڙي خبر ته اهي ڊگريون مئل ماريل قوم لاءِ به ڪجهہ ڪتب آڻيندو يا رڳو پنهنجي پيٽ لاءِ يا مورڳو پنهنجي قوم جي خلاف ڪم آڻي پنهنجو پيٽ پري. ان ڪري جمهوري ۽ شاگرد دوست سياست فائديمند بلڪ ضروري آهي.

شاگردن کي گمراهہ رڳو پاڻ کي قوم پرست سڏائيندڙ سياستدانن نہ پر پاڻ کي اسلامي، عوامي، جمهوري، انقلابي سڏائيندڙ گهٽن سياستدانن به ڪيو آهي. صحيح شاگرد سياست جي پرجوش حمايت ۽ غلط شاگرد سياجي جي ثابت قدم مخالفت ٿيڻ گهرجي.

سوال: سنڌ جي تعليم جي ڪرندڙ معيار بابت اوهان جي پارٽي ڪهڙا اُپاءَ ورتا آهن يا ان بابت توهان جي پارٽي جو ڪهڙو منشور آهي. توهان جي نظر ۾ سنڌ جي تعليم کي ڪيئن بهتر بڻائي سگهجي ٿو؟

خادم حسين بروهي، شهزاد احمد پٽي- گڙهي خيرو

جواب: سنڌ جي تعليم کي تباهہ ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان جي معيار کي بهتر ۽ اعليٰ بنائڻ بنيادي طرح ڪنهن هڪڙي پارٽيءَ ڪنهن هڪڙي شخص يا هڪڙي دانشور جي ذميواري نہ آهي ۽ نہ ئي وري انهن جي وس جي ڳالهہ آهي. دراصل تعليم جو تيزيءَ سان ڪرندڙ معيار ايڏو وڏو مسئلو بڻجي چڪو

آهي جو ان کي اڪيلي سر حڪومت جي ڪامورا شاهي ۽ حل نٿي ڪري سگهي. عوامي تحريڪ جو ان سلسلي ۾ مؤقف اهو رهيو آهي ته اهڙا قومي مامرا گڏيل عمل ۽ گڏيل طاقت ۽ شعور سان حل ڪري سگهجن ٿا. تعليم کي تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ عوامي تحريڪ سڀ کان اول انتهائي ذڪين حالتن ۾ نهايت مضبوط ۽ جاندار آواز بلند ڪيو. سنڌي اتحاد سان لاڳاپيل شاگرد تنظيم سنڌي شاگرد تحريڪ تعليم جي تباهيءَ جي سبن جي نشاندهي ڪئي، هن چيو ته سنڌ جي مقدس تعليمي ادارن ۾ ٽيندڙ غنڊه گردي ۽ دهشتگردي اصل ۾ سنڌي شاگردن کي تعليم کان محروم ڪرڻ جي سوچيل سمجهيل سازش آهي. شير شاهه جي شڪري وانگر گهر جا ڪڪڙ مارڻ. غنڊه گرديءَ ۽ دهشتگردي وسيلي مقدس تعليمي ادارن جو امن ۽ تحفظ جو احساس ڪچلڻ، ذاتي لئه بازي ۽ خسيس ذاتي مفادن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪلاشنڪوف جو سهارو ونڻ جي داداگيري ۽ وسيع عوام جي لاءِ شاگردن ياران قومي، جمهوري ۽ طبقاتي جدوجهد ڪرڻ ۾ واضح فرق آهي. "تعليمي ادارن مان غنڊه گردي ختم ڪريو" جهڙا تاريخي ڪتابڙا ڇپرائي تعليم ۽ تعليمي ادارن کي لانگ بوٽن جي لتاڙ ۽ بارود جي بوءِ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. عوامي تحريڪ اسڪولن جي سطح کان ونڊي پروفيشنل ڪالجن ۽ يونيورسٽين تائين ڪاپي ڪلچر ۽ ڏوکڙ ڪلچر جي سخت مخالفت ڪندي رهي آهي. ان تعليم جي معيار کي وري بحال ڪرائڻ لاءِ مائهن ۽ خاص طرح شاگردن ۾ اهو شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيئي سيمينار ۽ ڪانفرنسون منعقد ڪيون آهن ته تعليم رڳو ڊگريءَ يا سند جو سڪٽو نالو نه آهي، پر تعليم ان کي چئبو جو جيڪا ڊگري توهان وٽ هجي ته ان جيتري لياقت، ڄاڻ ۽ سمجهه به هجي. تعليم جي تباهي ۽ ڪرندڙ معيار بچائڻ لاءِ گهٽيون ٿي ڪوٺيون آهن. ان تي منهنجا مضمون روزانه "ڪاوش"، "عوامي آواز"، وغيره ۽ ماهوار "صبح ٽيندو" ۾ پڻ شايع ٿي چڪا آهن. اهي هٿ ڪري پڙهڻ گهرجن. تعليم سان دلچسپي رکندڙ، ڄاڻ رکندڙ باشعور مائهن ۽ تعليمي ماهرن کي گڏجي قوم جي ان عذاب مان جان ڇڏائڻ لاءِ اڳتي اچڻ گهرجي. باشعور مائهن کي هر سطح تي ڪاپي ڪلچر، ڏوکڙ ڪلچر ۽ پي هر قسم جي تعليم دشمن روش خلاف جدوجهد ڪرڻ گهرجي. سڄي سنڌ جي مائهن کي هن موتمار مرض خلاف گڏجي ائين جهاد ڪرڻ گهرجي، جيئن ايوبي آمريت، ون يونٽ، ضيائي آمريت ۽ مارشل لا خلاف ڪيو هئوسين، تڏهن ئي هن مرض جي پاڙ پٽي سگهبي.

سوال: وڏين نالي وارين يونيورسٽين ۾ سيلف فنانسنگ اسڪيم تحت جيڪو تعليمي وڪرو ۽ تعليم جو پيڙو ٿو پوڙيو وڃي، اهو صحيح آهي يا نه؟ ان جا ڪهڙا برا اثر پونداء خاص ڪري غريب عوام تي؟ ڇا هن ايڏين ڳرين فيسن

سان "تعليم شاگرد جو حق آهي، کا رعايت ڪانهي!" وارو مقصد پورو ٿئي ٿو؟

انجنيئر برڪت علي مرڪنڊ- لاڙڪاڻو

جواب: ڪا هڪڙي ڳالهه هجي ته به چگو، هتي ته، "ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ٽنهي ڏنم ڏک" ڪان به ڳالهه مٿي چڙهيل آهي. هڪڙي پاسي ضياءَ شاهي جي سنڌ دشمن ايجنسين، پنهنجي پالتو ماڻهن هٿان آزادي ڏيارڻ جا ڏڻا ڏياراڻي ۽ تريءَ تي بهشت تيار ڪري ڏيڻ جا سبز باغ ڏيکاري، پنهنجي غنڊن، داداگيرن ۽ قوم جي قاتلن هٿان ڪتاب، قلم ۽ ڪلاس روم جي وقار کي ذليل ڪرائي. شاگردي، استادي ۽ تعليم جي رشتن جي عزت ۽ احترام کي خوار خراب ڪري، تعليمي ادارن کي قتل گاهون ۽ ڪوس گهر بنائي، انهن کي شاگردن، استادن، عالمن، ادبين، سائنسدانن جي تخليقي مرڪزن مان قيرائي بشنين، لوفرن، اناڻي گيرن، ڏاڙيلن، رهزنن ۽ منشيات فروشن جي مجرمانا اڈن ۽ تبديل ڪري چڏيو. ٻئي پاسي هيلپر ۽ ڪاپي جو مرض ڦهلايو ويو. ٽئين پاسي مارڪن ۽ پوزيشن جي واپار جي هيروئن جهڙي بدترين ڪاروبار ڪندڙ استادن ۽ محسن جي مافيا قائم ۽ سرگرم ڪئي وئي. چوٿين پاسي اڻ پڙهيل ماسترن جي پرتي ڪئي وئي ۽ پنجين پاسي وڏيرن جي اڻ پڙهيل پٽن ۽ پائيٽن کي ڪوڙين ڊگرين جي زور تي اسٽنٽ ڪمشنر ۽ ڊپٽي سپرنٽنڈنٽ پوليس ۽ پين وڏن عهدن تي پرتي ڪري سڄي ڪامورا شاهيءَ تي وڏيرڪي ڪبي اگوٽي جو ٽپو هنيو ويو ۽ غريب جي ٻار جي علمي محنت ۽ قابليت وسيلي اعليٰ درجي تي پهچڻ جي دروازن کي لت ڏئي بند ڪيو ويو هاڻ رهيل ڪسر اعليٰ ادارن ۾ داخلائن جي پئسن تي وڪري پوري ڪري چڏي آهي. سنڌي تعليم خلاف، هن گهڻ-طرفي خوفناڪ سازش خلاف قومي سطح تي هڪڙي مجاهدانا دانائيءَ ۽ دليري واري اڻ ورڇ ۽ اڻ ٽڪ ڊگهي ويڑهه ڪرڻي آهي ۽ ان جي پاڙ پٽڻي آهي. "مسئلا حل ڪريو قومي ڪانفرنس" ۾ ان مسئلي تي غور ويچار ٽيو آهي ۽ ٽئي پيو ۽ ڪافي ڪارائتيون تجويزون آيون آهن. سڃاڻ ساڻين جي ساڻ سان اميد ته هي ڪنيئر مسئلو حل ڪري سگهبو. مايوس ٽيڻ جي ڳالهه نه هئڻ گهرجي. مايوسيءَ کي مڙسيءَ ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سوال: تعليم جو نظام اڇڪلهه اڳئين دؤر جي پيٽ ۾ ڪجهه به ناهي. هاڻ ان کي فعال بنائڻ لاءِ معاشري جي مڙني مسئلن کي سڌارڻ لاءِ ڪهڙي فيلڊ جي ماڻهن جو ڪردار هئڻ گهرجي؟

گل محمد انصاري- بدين

جواب: توهان جو منهنجو ۽ سنڌ جي سينئي سمجهوڻ ذميوار ۽ هڏڙوڪي ماڻهن جو.

سوال: لانگ فيلو ڪير هو؟

ممتاز علي جوٽيجو - وارهه

جواب: هينري وئڊس ورٿ لانگ فيلو آمريڪا جي 19هين صدي جي شاعرن ۾ سڀ کان وڌيڪ مقبول شاعر هو. هو 27- فيبروري 1807ع تي آمريڪا جي مئسا چُوسيٽس رياست جي ڪيمبرج شهر ۾ گذاري ويو. هو ڪالج جي زماني ۾ انگلينڊ جي نامور اديب ۽ شاعر سروالٽراسڪاٽ جي رومانوي ناولن ۽ واشنگٽن ارونگ جي "اسڪيچ بڪ" نالي تصنيف جو عاشق هوندو هو. ان دؤر ۾ سندس شعر قومي رسالن ۾ اڇڻ شروع ٿيا. هن جي خاص لياقت اها هئي ته هو ترجمو نهايت سهڻو ۽ روانيءَ سان ڪري سگهندو هو. ان ڪري ڪيس ان شرط سان جديد زبانن جي پروفيسر شپ ڏني ويئي ته هو پهرين وڃي يورپ ۾ وڌيڪ مطالعو ڪري.

يورپ ۾ هن فرينچ، اسپينيءَ اٽالين ٻوليون سکيون، جن جو پوءِ هن ڪافي ادب ترجمو ڪيو پر هو باقائدي پڙهيو ڪونہ. 1829ع ۾ هو آمريڪا موٽي آيو ۽ ڪيس پروفيسر ۽ لائبريرين مقرر ڪيو ويو. هن ڪيترائي درسي ڪتاب لکيا ۽ ايڊٽ ڪيا ۽ شاعري ۽ نثر ترجمو ڪيائين پر تنهن هوندي ب هن پنهنجو پاڻ کي تنها محسوس ٿي ڪيو. جڏهن هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ ڪيس پروفيسر شپ جي آڇ ڪئي ويئي ۽ اهو موقعو ڏنو ويو ته تون وري يورپ وڃي پڙهه ته پوءِ 1835ع ۾ هو جرمني روانو ٿي ويو ۽ اتي جي هيڊل برگ شهر ۾ وڃي رهيو. ان وچ ۾ هن انگلينڊ، هالينڊ ۽ سوئيڊن جا دؤرا ڪيا. هائيڊل برگ ۾ هن تي جرمن رومانويت واري ادب جو وڏو اثر پيو. پئي سال هو هارورڊ موٽي آيو. اتي "ڪريڄي هائوس" نالي هڪڙي شاندار گهر ۾ رهيو، جيڪو پوءِ 1843ع ۾ سندس شاديءَ جي موقعي تي ڪيس تحفي طور ڏنو ويو. هن 1839ع ۾ "هيپيريئن" ناول لکيو. هن "رات جا آواز" نالي شعر لکيا جيڪي نهايت مقبول ٿيا. 1841ع ۾ پڙهائڻ ڇڏيو. پئي سال 1855ع ۾ هن "هياوٿيا جو نغمو" نالي ريڊ انڊين قبيلن جي باري ۾ هڪڙي وڏي نظم لکي، جيڪا تمام مقبول ويئي. 1881ع ۾ هن عظيم شاعر دانتي جي جڳ مشهور نظم "آسماني مزاحيه" (ڊوائين ڪاميڊي) جو ترجمو ڪيو، جيڪو ان دؤر تائين ان نظم جو بهترين ترجمو هو. هن دانتي تي ڇهه نغما لکيا، جيڪي سندس بهترين شاعرائين تخليقن ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا. تنهن کان پوءِ هن انگلينڊ جي پهرئين وڏي شاعر "چاسر" جي نظمن "ڪينٽربري ٽيلس" جي طرز تي "پر واري

مسافر خاني جي ڳالهين جون ڪهاڻيون" نالي نظم لکيا ۽ 1863ع ۾ انهن کي شايع ڪيائين، جنهن مان لڳو ٿو هن ۾ بيان ڪرڻ جي قوت زبردست آهي. انهن مان هڪڙي نظم "ڪال رويئر جي سواري" تمام گهڻو مشهور ٿي. ان کانپوءِ هن کي مذهبي تصنيفون به ڪيون جيڪي ايترو مشهور ڪونه ٿيون. 1882ع ۾ جڏهن هو گذاري ويو تڏهن اهي سندس شاعراڻيون تخليقون جيڪي ان وقت مقبول نه هيون سي تمام اهم سمجهيون ويون. انگلينڊ جو مشهور قبرستان "ويسٽ منسٽر ايبي" جنهن ۾ تمام نامور ماڻهو دفن ڪيا ويندا آهن، تنهن ۾ لانگ فيلو جو يادگار قائم ڪيو ويو.

سوال: رڊيارڊ ڪپلنگ جو هڪڙو جگ مشهور نظم آهي. (اف) (جيڪڏهن)، اهو اگر توهان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏيو تہ ڪَرَ سنڌي ماڻهو به دنيا جي بهترين شاعريءَ مان ڪجهہ نہ ڪجهہ فيضياب ضرور ٿين. اميد تہ ناميد ڪونہ ڪندا.

شڪيل سلام- سجاول

جواب: رڊيارڊ ڪپلنگ جي نظم (اف) (جيڪڏهن) جنهن ۾ هن هڪڙي سچي مڙس ماڻهوءَ جو آدرش ۽ ان جون ڪوتيون بيان ڪيون آهن تنهن جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

"جيڪڏهن
ان وقت جڏهن،
تنهنجي چوڌاري سڀ ماڻهو پنهنجا حواس وڃائي ويهي رهن ۽ سڀ ڏوهہ توتي مڙهين،
تون پنهنجا هوش حواس سلامت رکين.
جيڪڏهن ان وقت،
جڏهن سڀ ماڻهو توتي پروسو نہ ڪن،
تڏهن تون پنهنجو پاڻ تي پروسو قائم رکين،
۽ سندن شڪ شبهن لاءِ ڪين ڏوهہ نہ ڏين،
جيڪڏهن تون انتظار ڪري سگهين،
۽ انتظار ڪندي ڪندي ٿڪجي نہ پوين،
جيڪڏهن ماڻهن جون تنهنجي باري ۾ ڪيل ڪوڙيون ڳالهيون
بڏي بڏي،
تون پاڻ بہ ڪوڙن هٿ ۾ نہ پئجي وڃين،
جيڪڏهن نفرت نہ ڪرڻ لڳين،
۽ ان جگي ۽ سوچ سب پاڻ کي اجايو نيڪ نہ سمجهڻ لڳين،

اهڙيون ڳالهيون نہ ڪرڻ لڳين.
جن مان ڏاهپ جو ڪوڙو ڏيکاءَ نظر اچي.
جيڪڏهن تون خواب لهي سگهين.
ءِ خوابن کي پاڻ تي سوار نہ ڪري ڇڏين.
جيڪڏهن تون سوچي سگهين
ءِ رڳو سوچيندي ئي رهڻ کي پنهنجو مقصد بنائي ڇڏين
جيڪڏهن تون سوچ توڙي شڪست سان ملين
ءِ بنهي بهروپين سان هڪ جهڙي هلت هلين.
جيڪڏهن تون اها ڳالهه برداشت ڪري سگهين
تہ تو جيڪو سچ ڳالهايو آهي.
تنهن کي بدمعاش ماڻهو ٽوڙي مروڙي.
ان مان احمقن کي برغلائڻ لاءِ ڪوڙڪي بنائي ڇڏين.
جيڪڏهن
تنهنجي ڏسندي ڏسندي.
اهي سموريون شيون ءِ ڳالهيون
جن کي ناهڻ ءِ بنائڻ لاءِ تو پنهنجي سموري زندگي ڏني آهي.
سي سڀ ڇڄي پور پور ٿي پون.
ءِ تون هيٺ جهڪي پنهنجي گنل ءِ ڪتيل اوزارن سان.
انهن کي وري اڏي وجهين.
جيڪڏهن.
تون زندگيءَ جي راند ۾ هيستائين جيڪي بہ ڪجهہ ڪتيو آهي.
ان سموري ڪٽائي کي گڏي سڏي.
ان کي هڪڙي ئي داءَ تي لڳائي ڇڏين.
ءِ هارائي وجهين.
ءِ وري الف کان وٺي نئين سر راند شروع ڪرين.
ءِ ڪنهن سان بہ پنهنجي ان نقصان بابت
ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ ڪڍين.
جيڪڏهن
تون پنهنجي دل کي. پنهنجي اعصابن کي ءِ پنهنجي بدن جي
مشڪن کي مجبور ڪرين.
تہ اهي جڏهن صفا ختم ٿي ويا هجن.
ءِ جڏهن تو ۾ سواءِ مضبوط ارادي جي.
جيڪو تو کي پيو چوي تہ: "متان هٽ ڪڍين!"
تو وٽ بي رتيءَ جيتري بہ پهچ نہ رهي هجي.

تڏهن جيڪڏهن تنهنجو چيو مڃي،
تنهنجي دل، تنهنجا اعصاب ۽ تنهنجون مشڪون،
جنهن شيءِ کي مضبوطيءَ سان جهلڻو آهي،
تنهن مان هٿ نه ڪڍن ۽ ان کي ڇُهڻا پيا هجن،
جيڪڏهن
تون بادشاهن سان هٿ ۾ هٿ ڏيئي گهمين،
۽ مسڪين سان ياري قائم رکي سگهين،
جيڪڏهن توکي نه دشمن، نه پيار ڪندڙ دوست کي دلي صدمو ڏيئي سگهن،
جيڪڏهن هڪڙي بخش نه ڪندڙ منٽ ۾ ڏوڙ پائي.
تون ان ۾ سٺ سيڪنڊن جي ملهه جيترو فاصلو طئي ڪري ان منٽ کي سؤ سيڪڙو سجايو ڪري سگهين،
تہ پوءِ هيءَ ڌرتي تنهنجي آهي،
۽ ان ۾ جيڪي ڪجهه آهي سو تنهنجو آهي،
۽ منهنجا پٽ!
وڏي ڳالهه اها،
تہ پوءِ تون سچ پچ مڙس ماڻهو بنجي ويندين!"

سوال: کي سڌا فارسي شعر ٻڌايو، انهن جي معنيٰ ٻڌايو.

ريحانہ شو- جامشورو

جواب: 1۔ "شاد زي باسياه چشمان شاد
کہ جهان نيست جز فسانہ باد." (رودکي)
(ڪارين اکين وارن سهڻن سان خوش گذار، باقي ٻيو هي جهان فتني ۽ فساد کان سواءِ ٻيو ڪجهه بہ ڪونهي.)

2۔ "فسانہ گشت وکهن شد حديث اسکندر
سخنِ نو آر کہ نورا صلاوت دگر است."
(فرخي- محمود غزنويءَ جو درباري)
(سکندر ۽ دارا جون ڳالهيون افسانا بڻجي پراٽيون پاروٽيون ٿي ويون.
هاڻ کا ٻي نئين ڳالهه ڪريو! نئين ۾ ميٺاج نئون آهي!)

3۔ "در دهر چومن پکي و آنهمم کافر،
پس درهمہ دهريک مسلما نبود."
(بوعلي سينا)

(هن زماني ۾ مون جهڙو (يگانو) ماڻهو هڪڙو، سو به جي ٿيو ڪافر،
ته پوءِ چئبو ته سموري زماني ۾ هڪڙو به مسلمان ڪونهي.)

4_ "گفتي چه کنم چه تحفه آرم بر دوست،
بي درد مياء هر آنچه آري خوبست"
(ابوسعيد ابوالخير)
(تو پڇيو ته دوست جي واسطي ڪهڙي سوغات کٽي اچان،
درد (جي سوغات) کان سواءِ متان اچين. ٻيو جيڪي به آڻين سو پلي آڻ)

5_ "آورد باضطرار اول به وجود،
جز حيرتم از حيات چيزي نفزود
رفتيم باکراه وندا نيم چه بود،
زين آمدن ورفتن وبودن مصود."
(عمر خيام نيشاپوري)

((اسان کي) بي چينيءَ جي حالت ۾ وجود ۾ آندائون ۽ زندگيءَ ۾ سواءِ حيرت جي ٻي ڪنهن به ڳالهه جو واڌارو نه ٿيو، (پوءِ وري) زبردستي (هن جهان مان) روانا ڪيا وياسين ۽ (اول کان آخر تائين) خبر کانه پيئي ته، (اسان کي زبردستي) آڻڻ مان وري زبردستيءَ رواني ڪري ڇڏڻ مان ۽ (هن جهان ۾) هيترا ڏينهن اسان جي هجڻ مان ڪڙ تيل ڪهڙو نڪتو؟)

6_ "گردون زبراي هر خرد مند،
صد شربت جانگز اور آميخت،
گيتي زبراي هر جوان مرد،
هر زهر که داشت در قدح ريخت."
(ابو الفرج روفي)

(هن آسمان (زماني، سمان، نظام) هر داناءَ ماڻهوءَ جي واسطي، سوين اهڙا شربت ناهي رکي ڇڏيا آهن، جن جي پيئڻ سان ماڻهو جي جان نڪريو وڃي. هن ڏرتيءَ وٽ جيڪي به زهر آهن، سي هر مڙس ماڻهوءَ جي پيالي ۾ اوتي ڇڏيا اٿس.)

7_ "بعد از وفات تربت ما در زمين مجوي،
درسينه هاي مردمِ عارف مزار ماست."
(شيخ سعدي)

(مرڻ کان پوءِ اسان جي تربت زمين ۾ متان ڳولين.
اسان جي مزار اهل دل ماڻهن جي سين ۾ هوندي. اتي ان جي ڳولا ڪجئين.)

8_ "منگر که دل این یمین پر خون شد،
بنگر که ازیر جهان فاني چون شد،
مصحف بکف و چشم بره روئي دوست،
باپیک اجل خنده زنان بیرون شد." (ابن یمین)

(اهو نه ڏس ته زماني ابن یمین جي دل کيئن رتو رت ڪري ڇڏي، اهو ڏس ته هن فاني جهان مان هو روانو کيئن ٿيو. هڪ ۾ قرآن هئس ۽ اکيون دوست جي اچڻ جي راهه ۾ ڪتل هيس. موت جي قاصد سان گڏيو، ٽهڪ ڏيندو، دنيا مان روانو ٿي ويو.)

9_ "آدمي در عالم خاکي نمي آيد بدست،
عالم ديگر بايد ساخت و زنو آدمي."
(حافظ شيرازي)

(هن مٽيءَ جي جهان ۾ ڪو انسان هٿ نه ٿو اچي. هڪ نئون جهان اڏجي ۽ ڪو نئون انسان پيدا ڪجي.)

10_ "این کالبدم ز خاک هند است وليک،
در هر بنِ موُ هزار يونان دارم."
(فيضي)

(هي منهنجو جسم هندستان جي مٽيءَ مان ٺهيو آهي، پر منهنجي بدن جي وار جي پاڙ ۾ هزار يونان سمايا پيا آهن.)

11_ "گهر جو بند غواصان فطرت در ته درياء
تو در فکر همين دائم که آز دريا کران بنبي".
(عرفي)

(فطرت جا ٽوبا دريائن جي تري ۾ ماڻڪ موتي پيا ڳولين ۽ تون سدائين رڳو ان فڪر ۾ آهين ته دريا جو ڪنارو ڪڏهن ايندو.)

12_ "زپائي تابسر هر کجا که مي نگرم،
کرشمه دامن دل مي کشند که جا اين جا است."
(نظيري نيشا پوري)

(ننهن کان ونڊي چوٽيءَ تائين ڏسانس ٿو ۽ جتي ٿو نظر وڃان، اتي ڪو ڇڪ دل جي پلاند کي ڇڪيو چوي ٿو ته اصل سونهن اتي اٿئي!)

13_ "پائم به پيش از سرامن کو نمي رود،
ياران خبر دهيد که اين جلوه گاهه کيست"
(نظيري نيشا پوري)

(هن گهٽيءَ مان پير اڳتي وڌي ئي نه ٿو، دوستو! خبر ته ڏيو، اها ڪهڙي سهڻي جي جلوه گاهه آهي.)

14_ "تریر شاخ گل افعي گزیده بلبل راء
نوا گران نخورده گزند راچه خبر."
(نظيري نيشا پوري)
(جنهن بلبل کي گلن جي ٽاريءَ جي هيڻان نانگ ڏنگيو هجيء ان جي حال جي انهن بلبلين کي کڻڻي خبر جن کي کڏهن اهڙو ڏنگ لڳو ئي نه هجي.)

15_ "خدا خوان تا خدادان فرق داردء
که حيوان تا بانسان فرق دارد."
(فروغي بسطامي)
(خدا خدا ڪندڙ ۽ خدا کي سڃاڻيندڙ جي وچ ۾ ايڏو فرق آهيء جيڏو حيوان ۽ انسان جي وچ ۾.)

سوال: هڪڙي يوناني درامي نويس بابت ٻڌون ٿا ته هن 90 ناٽڪ لکيا، جن مان هڪڙي جو نالو آهي "عرضدار عورتون" اهو ڪير هو؟ ڪٿي جو هو؟

صائمه قاضي- ٻٽ شاهه

جواب: ان جو نالو هو "ايسڪائيلس" هو ايٿنس جي پرسان ايليوسس بستيءَ ۾ سن 535ق. م ۾ جائو اهو دؤر ايراني شهنشاهت جي قائم ٿيڻ جو اوائلي دؤر هو. هن کي يوناني ڏک جي ناٽڪن جو باني سمجهيو ويندو آهي. هن پنهنجي زندگيءَ جا 41 سال ناٽڪ لکڻ ۾ گذاريا جن جو ڪل تعداد 90 هو ۽ انهن مان فقط 7 باقي بچيا آهن. انهن ڏينهن ۾ يوناني ايرانين جي بالادستيءَ خلاف بچاءَ جون لڙايون لڙندا هئا. ايسڪائيلس فقط قلم جو نه پر تلوار جو به ڌڻي هو. هن يونان پاران ايران سان جنگ ۾ حصو ورتو، ۽ مشهور معروف ميريٿن جي لڙائيءَ ۾ جيڪا 490 ق. م ۾ ٿي تنهن ۾ نالو ڪڍيائين. هو سسوي جي ٻيٽ تي گذاري ويو.

سوال: عربي شاعر ابونواس جي تعريف ٻڌي اٿيم، ان جو ڪو حال ڪو احوال؟

ريحانه مگسيو- ڪاري موري حيدرآباد

جواب: سندس مائٽاٽو نالو "حسن ابن هاني" هو. هو محمد بن قاسم جي سنڌ تي حملي کان اڌ صدي پوءِ 762ع ۾ جائو ۽ 815ع ۾ گذاري ويو. هو هاڪار عباسي خليفي هارون الرشيد جي درٻار جو شاعر هو. هن عربي شاعريءَ جي پراڻين صنفن ۾ نئون رنگ پريو ۽ ان کي قبائلي ماحول مان ڪڍي بغداد جي عالمي شهرت يافته شهر جي زندگيءَ جي شوخيء، طنز، شان شوڪت ۽ محبت جي چاشني سان مالا مال ڪيو. هو نهايت زندهه دل ۽ شوخ ماڻهو هو. سندس انهن خصلتن جا ڪيئن قصا مشهور آهن. چون ٿا ته هڪڙي دفعي خليفي

هارون الرشيد جي پٽ-رائيءَ زبيده مان پيدا ٿيل پٽ امين الرشيد هارون اڳيان پنهنجو شاعراڻو ڪلام ٻڌايو. هارون ابو نواس کان پڇيو ته ڪيئن ٿو ڀانئين؟ منهنجي پٽ جي شاعري ڪيئن آهي؟ ابونواس چيو: "ٺيڪ آهي، پر منجهس غلطيون آهن" ۽ پوءِ اهي غلطيون بيان ڪري ٻڌايائين. هارون کي اها ڳالهه نه وڻي ته پري دربار ۾ منهنجي پٽ جي بي عزتي ڪئي وڃي. اوڏي مهل ته مان ڪري رهيو پر ٻئي ڏينهن ڪيس بهانو ڪري قيد ۾ وجهي ڇڏيائين. جتان هو ڪيترن مهينن کانپوءِ باهر نڪتو ۽ وري دربار ۾ اچڻ وڃڻ لڳو. هڪڙي ڏينهن وري امين الرشيد پنهنجو ٻيو ڪلام اڇي پڙهڻ لڳو. هارون ابونواس کي چيو ته "شهزادي جي شاعري ڪيئن آهي؟ هي شعر ته توکي ويٺا نه؟ ابونواس نهايت ادب سان سلام ڪري اٿي بيهي رهيو ۽ هارون الرشيد کي چيائين ته "اميرالمؤمنين اجازت ڏين ته آئون وڃان" خليفي هارون الرشيد حيران ٿي پڇيس "ڪيڏانهن؟" ابونواس نهايت معصوميت سان باادب جواب ڏنو "ان ساڻئي قيد خاني ڏانهن جتان تازو آيو آهيان." خليفي ڳالهه سمجهي ڪلي ڏنو ۽ ڪيس موتين جو ٻڪ پري ڏنائين.

سوال: جيڪو ٿو ادیب يا شاعر گهران رسي. اهو اسان تي رعب وجهڻ لاءِ "بادليئر" جو نالو ضرور کڻي ٿو. اها هئي آخر ڪهڙي بلا؟ اسين ته سندن نالا ٻڌيو گهر ويني ڏکون پيا!

محمد بخش ميمڻ- لاڙڪاڻو

جواب: بادليئر گذريل صديءَ جو هڪڙو "آئون" بازم ذات پرست، توائي ۽ واويلائي شاعر هو، جنهن جي زندگيءَ جي فلسفي جو نچوڙ هو: "جيئن آءُ چوان ۽ جيئن آءُ سوچيان سو صحيح، ٻيا وڃي جهنم ۾ پون."

هي انهن مان هو، جن ۾ نه رڳو سماجي سمجهه نه هئي، پر جن کي اها خبر به نه هئي ته سماجي شعور نالي ڪا شيءِ ۽ سماجي واڌاري ۽ تبديلي سان ڪا وابستگي به ٿيندي آهي يا ٿيڻ ۾ گهرجي، تنهن ڪري سماجي ۽ عوامي سمجهه ۽ شعور جا دشمن ۽ عوام کي سدائين توائي، بطال ۽ وائڙو رکڻ جا حامي ڪيس پير ڪري پوڄيندا آهن.

هو 1821ع ۾ پئرس ۾ جائو. ۽ 1868ع ۾ 46- سالن جي عمر ۾ پئرس ۾ ئي مئو. سندس ماءُ پي شادي جنهن ماڻهوءَ سان ڪئي سو فوجي جنرل، سفير ۽ سينيٽر ٿيو. تنهن ڪري هو عيش عشرت ۾ پليو. ڪئين اعليٰ تعليمي ادارن ۾ داخلا ونائي ڏنائونس ۽ ڪم ڏنڊا ڪولي ڏنائونس. پر هن مائٽائي ملڪيت اڏائي، آواراگردي ۽ عياشي ڪرڻ وڌيڪ پسند ڪيو. سندس شاعريءَ جا موضوع هئا "عورتن جي پاڻ عشق، زوال ۽ شهوت بازي 1847ع ۾ هن (la fan-

(farlo) نالي ناول لکيو. 1851ع ۾ هن انگريزي ادیب ايڊگر آلن پو کي فرينچ پوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو. 1857ع ۾ سندس شاعري جو مجموعو (les fleursdu mull) ڇپيو. جيڪو بقول برٽش انسائيڪلو پيڊيا جي "ڪيترن نسلن تائين واهيات پٽي، ذلالت ۽ شهوت بازي جو بدنام ترين مثال تسليم ٿيندو رهيو" (ڏسو انسائيڪلو پيڊيا جي پندرهين ايڊيشن جي جلد پهرئين جو صفحو 966) ويهين صديءَ جي واويلائي ۽ زوالي ادبين جي علامتي فرقي هن کي پنهنجو پير ٺاهيو. فن ۽ ادب ۾ خود پرستيءَ، پاڻ پٽيءَ، مايوسي ۽ آدم بيزاري جي لاڙن جا شيدائي سندس تمام گهڻيون ساراهون ڪندا آهن.

سوال: مون جگ مشهور ادیبہ امرتا پريتم جا ڪي ناول ۽ ڪهاڻيون پڙهيون آهن. مون کي ڏاڍا وڻيا. پڌو اٿم ته هوءَ شاعره ۽ زبردست آهي. ڇا واقعي؟ توهان "ڪاوش" جي پڙهندڙن کي سندس شاعري مان ڪا وٽ ڪرائي سگهو ٿا؟

عذرا پروين ميمڻ- حيدرآباد

جواب: هوءَ پنجابي زبان جي وڏي شاعره آهي. سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو اردو رسم الخط ۾ "نوين رُت" (نئين جي رت) جي نالي سان ڇپيل آهي. ان جي هڪ نظم جو سنڌي ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

رانجهن ڙي تنهنجو نالو!
رانجهن ڙي تنهنجو نالو!
پهرين مولويءَ ورتو،
جنهن تنهنجي ڪن ۾ بانگ ڏيئي تنهن جو اهو نالو رکيو،
پوءِ "رانجهن!"، "رانجهن!" ڪندي رهي تنهنجي پاڳ پري ماءُ،
رانجهن ڙي تنهنجو نالو!
امڙ ورتو، ابي ورتو، پوءِ پائرن ورتو،
پيڙ ورتو، پاپين ورتو، سڄي ڳوٺ ورتو،
رانجهن ڙي تنهنجو نالو!
تنهن جي نالي وٽ ٽي،
ڪنهن کي به ڪو ڏوهه نه ٿو ڏئي،
ڪو به ڪنهن کي منع نٿو ڪري،
پر تڏهن گناهه ڇو ٿو بنجي ڙي رانجهن!
جڏهن آءُ هير تتي، وات سان وڻان ٽي،
رانجهن ڙي تنهنجو نالو!
ائي هير! رانجهن تنهنجي جو نالو

چا ٿي پيو جي مولويءَ ورتو؟
پلي مائٽس ۽ ونڊي ته سندس بابو ۽ ونڊي
پاڻ ۽ ونڊنس ۽ پاڇايون ۽ ونڊنس،
پلي ڪٽي سڄو ڳوٺ ونڊي!
پر ائي هيرا! جي تون هڪڙي نه ونڊين ها،
تہ اڄ ڪير ونڊي ها سندس نالو؟
تنهنجي ان نالي ونڊ جي ڪري ئي،
صدين کان پوءِ اڄ ۽ چوڪريون،
پنهنجي پنهنجي سڄڻ جو رکن ٿيون رانجهن نالو
ائي هيرا! رانجهن تنهنجي جو نالو!

سوال: توهان سڀائين زور ڀري هدايت ڀيا ڪندا آهيو تہ ڪا چگي لکي يا ڪو ڪتاب چگيءَ طرح پڙهو. ان "چگيءَ طرح پڙهڻ" مان اوهان جي چا مراد آهي؟ وضاحت ڪندا؟

شمع ناريجو - حيدرآباد

جواب: چگيءَ طرح پڙهڻ منهنجي نظر ۾ اهو آهي تہ ڪو سٺو ۽ ڪم جو ڪتاب هجي، ڪا لکي هجي، ڪو مضمون هجي وغيره وغيره تہ اهو پاڻ پڙهجي. بار بار پڙهجي، پنهنجن مائٽن ۽ دوستن کي پڙهائجي. ان تي گڏيل بحث ڪجي ان جي مکيہ نڪتن کي هنئين سان هنڌائجي، انهن کي پنهنجي وطن ۽ عوام جي حالتن سان پيٽي ۽ لاڳو ڪري ڏسجي ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي وطن جي بهتر خدمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي.

سوال: موسيقيءَ جي باري ۾ ڪن اهم شخصيتن جو رايو اهو آهي تہ: "موسيقي روح جي غذا آهي" اسلامي نقطي نگاهہ کان ڪن مائٽن جو ان سان اختلاف آهي. ان تي توهان وضاحت سان روشني وجهندا.

گل محمد انصاري- بدين

جواب: ڪو نقطہ نگاهہ مذهبي آهي يا نہ اهو خود هڪڙو تمام بنيادي اختلاف وارو مسئلو آهي. ڪيترا وڏا وڏا بزرگ موسيقيءَ جا شيدائي هئا، پيا وري ان جي مخالف هئا، اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ ايڏا ڪالهہ تائين ڪيترن وڏن بزرگن فوٽو ڪيڙا، لائوڊ اسپيڪرن تي ڳالهائڻ ۽ پي روزمره جي ڳالهين کي ڪفر ٿي سڏيو. اڄ دنيا ئي بدلجي ويئي آهي. آئيندي ايڏا ۽ بدلبي. جيڪي اڄ ڪفر آهي، سو سياڻي ڪفر رهي نہ رهي، خبر ڪانهي. پنهنجا ڪم قادر تي

آهن. پنهنجي گهٽ عقل سارو جيڪي صحيح سمجهجي سو ڪجي. باقي بحث ۽ فتوائون ته روز اول کان ونيي پيا هلن ۽ پيا هلندا. ڪٽي چا ب ڪري وجهجي ڪو نه ڪو ان خلاف فتويٰ ضرور ڏيندو.

سوال: انگلش ادب موجب ادب جي ارتقا چاسر (1400_1340) کان ٿئي ٿي. هن شاعر ادیب ٻيون ته الائجي ڪهڙيون تخليقون ڪيون پر صاحب ايڊورڊ_ 3 جي پٽ ڊڪ آف ڪليرينس جي زال وٽ ڪورٽ ۾ ملازم ٿيو. اتليءَ جي پئٽرارڪ ۽ بوڪيشئو جهڙن عظيم تخليقارن جي صحبت ۾ رهيو. هن جي عظيم تخليق ڪينٽر بري ٽيلس (عظيم مدفون ڳوناڻا) جنهن ۾ هن ڳوناڻن جي روزمره رواجي زندگي جي فڪر ۽ جماليات کانسواءِ ٻيو ڪجهه معلوم ناهي. جڏهن ته اهو دؤر جاڳرتا جو سڏجي ٿو. سوال آهي ته همراهه اتلي جي مسيحي ادبي رجحانن کان متاثر ٿي اهي ٽيلس لکيا؟ چا اهي ڳوناڻا ڪنهن عظيم ڪارنامي ۾ شهيد ڪيا ويا هئا؟ ۽ اهو ٻڌائيندا ته هن حاڪم طبقن وٽ نوڪري ڪندي ب پنهنجي شعرن ۾ هيرو ڳوناڻن کي ئي بنايو چو؟ سندس ٻين تخليقن جا نالا ۽ مختصر روشني وجهندا.

شعبان علي لاکاٽيو - سنڌ يونيورسٽي

جواب: جوفري چاسر اٽڪل 1343ع ۾ ڄائو. 1357ع ۾ هو انگلينڊ جي بادشاهه ايڊورڊ_3 جي پٽ لائيونيل جي زال نوابزادي اليزبٿ آف السٽر وٽ ملازم ٿيو. هو سرڪاري عملدار، فوجي آفيسر، دربار جو ملازم، سفارتڪار ۽ شاعر هو. 1369ع ڌاري هن پنهنجو پهريون اهم نظم "نواب صاحب جو ڪتا" لکيو هو. درباري محبت بابت مشهور فرينچ نظم "گلاب جي گل جي رومانس" جو ترجمو ڪيو. 1370 ۾ هن پهه هزار سٽن جو ڊگهو نظم "شهرت جو گهر" لکيو. 1378ع ۾ هو هڪڙي سفارتي مشن جي سربراهه طور فرانس ويو. ان عرصي ۾ هن پڪين جي پارليامينٽ نالي هڪ نظم لکي، جنهن جو مرزا قليچ بيگ "پڪين جي پارليامينٽ" جي نالي سنڌي نثر ۾ ترجمو ڪيو آهي. هن رومي فيلسوف بوئٿيوس جي لکيل ڪتاب "ڏڍ" جو ترجمو ڪيو ان ئي رومي شاعر جي اثر هيٺ هن ٽرائل ۽ بومي نالي منظوم داستان لکيو. 1380ع جي ڌاڪي ۾ هن "نيڪ عورتن جو داستان" نالي نظم لکي. 1390ع جي ڌاڪي ۾ هن پنهنجو مشهور معروف نظم "ڪينٽربري جون ڪهاڻيون" لکيو. ان منظوم داستان ۾ عيسائي ولي ٿامس بيڪٽ جي درگاهه تي ويندڙ ٽيهن زيارتين جون ڪهاڻيون آهن. زيارتي پاڻ ۾ چٽاپيٽي ڪن ٿا ته ڪير سڀي

کهاڻي ٻڌائي ٿو سگهي. منجهائن کي ملان آهن، ته کي فوجي، کي واپاري آهن ته کي وکيل، کي مرد آهن ته کي عورتون. هر کو پنهنجي کهاڻي دلچسپ کان دلچسپ نموني ٻڌائي ٿو. جڏهن هو سفارتي ڪم سان اتلي ويو تہ اتي سندس تعارف يورپ جي نئين سجاڳي جي علمبردار ادبين دانتي، پيٽرارک ۽ بوڪيشو سان ٿيو. اهي اديب، عالم ۽ دانشور يورپ جي جديد علم ۽ ادب جي پيڙهه جو پٿر رکندڙ ديون جيڏا قداور شخص هئا. چاسر جي سائن ملاقات ٿي يا کانہ ٿي تنهن جي پک کانهي. رڳو اندازو آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ هو سائن مليو هجي. چاسر انگريزي شاعري جو وهائو تارو ليکيو وڃي ٿو. هو ست سالن جي عمر ۾ 1400ع ۾ گذاري ويو.

سوال: ڇيو وڃي ٿو تہ قومي ۽ طبقاتي شاعري ڪلاسڪ شاعري نہ آهي. جنهن لاءِ ٻين دليلن سان گڏ اهو دليل بہ ڏين ٿا تہ هڪ ڏينهن اهڙو نظام هوندو جنهن ۾ نہ رياست هوندي نہ طبقا تہ اهڙي سماج اندر قومي ۽ طبقاتي شاعري ڪلاسڪ شاعري کيئن ٿيندي. اوهان سمجهائيندا تہ اهڙي سماج ۾ قومي طبقاتي شاعري ڪلاسڪ هوندي يا نہ؟

مصطفيٰ ڇنا - خيرپور ناٿن شاهه ضلعو دادو

جواب: ڪلاسيڪي ادب ۽ شاعريءَ جي ڄاتل سڃاتل معنيٰ اهو ادب ۽ شاعري آهي، جنهن جي مقبوليت تمام گهڻو زمانو قائم رهي. ان لاءِ اهو هرگز ضروري ناهي تہ اهي حالتون بہ گهڻو زمانو قائم رهن، جن ۾ ڪنهن ڪلاسيڪي تخليق کي جنم مليو هجي. ان سلسلي ۾ سطحي سوچ وارا پڙهيل ۽ اڌ-پڙهيل ماڻهو اڪثر "دائمي ۽ آفاقي" قدرن جو ذڪر ڪندا آهن ۽ دعويٰ ڪندا آهن تہ فقط دائمي ۽ آفاقي قدرن واريون تخليقون ڪلاسڪي اهميت واريون ٿي سگهيون آهن ۽ ٻيو غير ڪلاسيڪي، عارضي ۽ سطحي ليکيون ويندڙيون. اها غلط فهمي علم ۽ سماجي سمجهه جي ڪوتاهي، بلڪ اڻاڻ جو نتيجو آهي. ٿوس نموني سوچي ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ دنيا جي ڪنهن بہ ادبي ۽ شعري تخليق جو موضع ڪڏهن بہ قطعي (ايبسوليوٽ) معنيٰ ۾ "دائمي" ۽ "آفاقي" ڪو نہ رهيو آهي ۽ نہ وري ڪو اهڙو موضوع ٿي ئي سگهي ٿو. دراصل "دائمي ۽ آفاقي" قدرن جو تصور هر ٻئي تصور وانگر بلڪل نسبتي ۽ اضافي (رليٽو) آهي ۽ قطعي ۽ آخري هرگز نہ آهي ۽ نڪو ڪو ٿي سگهي ٿو. هن ڪائنات ۾ هر نامُ نهاد "دائمي" شيءِ ڳالهه ۽ لقاءُ. ڪيفيت عارضي بلڪ تاريخي آهي، يعني اها ڪڏهن کانہ هئي، پوءِ پيدا ٿي، اسري، جوان ٿي،

پوءِ پاڻ مان بين شين، ڳالهين. لقائن ۽ ڪيفيتن کي جنم ڏيئي پوڙهي ۽ مدي خارج بنجي نيٺ ختم ٿي وڃي ٿي. ڪائنات اندر ڪوبہ وجود دائمي ڇرپر ۽ تبديلي کان سواءِ موجود ٿي ۽ رهي سگهي ئي نہ ٿو.

هومر دنيا جو پهريون ۽ وڏو ڪلاسيڪي شاعر آهي سندس شاعري مدي خارج، اوائلي قبائلي ۽ غلامانا دؤر ۾، ان دؤر جي مدي خارج ۽ دقيانوسي سوچن ۽ تصورن جي دائري اندر تخليق ڪئي وئي. اهو دؤر ۽ ان جا تصور، سوچون، محبت ۽ نفرت جا معيار گهٽي پاڳي سماجي واڌاري جي ڏوڙ ۾ لٿجي گم ٿي ويا آهن. ڪاليداس، لي پو (چين جو عظيم شاعر)، فردوسي ۽ شيڪسپيئر مدي خارج غلامدار ۽ جاگيردار دؤر جا ماڻهو هئا ۽ انهن دورن جي اهڙن سماجي رشتن، تصورن ۽ آدرشن جي دائري اندر پنهنجيون تخليقون تخليق ڪري ويا آهن، جن رشتن، تصورن ۽ آدرشن کي گهٽي پاڳي اڌوهي ڪائي چڪي آهي. انجي باوجود اهي تخليقون ڪلاسيڪي ليکجن ٿيون ۽ جائز طرح وڏو عرصو ليکجنديون رهنديون. ان جو سبب اهو آهي ته هر شيءِ، لقاءَ ۽ ڪيفيت پاڻ ۾ ويڑهه ڪندڙ ابتڙن جو ميلاپ آهي. هر شيءِ جو هڪڙو پاسو خصوصي آهي ته ٻيو ان جو ابتڙ پاسو عمومي آهي. هر مخصوص محبت ساڳي وقت عارضي ۽ آهي ته محبتن جي ڪائنات گير نسبتا دائمي تسلسلي جي هڪڙي ڪڙيءَ جي حيثيت ۾ دائمي ۽ آهي. دنيا ۾ محبت جو "دائمي ۽ آفاقي" تصور آسمان مان نازل ٿيڻ بجاءِ ڪروڙين، اربين مخصوص انفرادي محبتن جي تسلسل مان ڦهيل آهي ۽ اهو سدائين ٻيو بدلجي ۽ نت نئون ٿئي.

فقط سماجي علمن جي حساب سان انڪ پڙهيل ماڻهو ني ان غلط فهميءَ جو شڪار هوندا آهن ته جن ادبي ۽ شعري تخليقن کي ڪلاسيڪي تسليم ڪيو وڃي ٿو، تن جا ڪي ۽ گروهي طبقاتي ۽ قومي پاسا ڪونہ هئا. جاڻو جائن ٿا ته ادب ۽ فن جي هر تخلق تي تخليقڪار جي ذات سان گڏ گروهہ، طبقي ۽ قوم جون مهرون ۽ لڳل هونديو آهن. جن کي ڏسڻ لاءِ فقط سماجي سمجهہ وارين اکين جي گهرج هوندي آهي. هر تخليق جو موضوع تاريخي حساب سان جڙ هڪ پل جي حياتيءَ وارو هوندو آهي. پر جي اها عظيم تخليق آهي ته اهو مخصوص پل، اهو ذاتي، گروهي، طبقاتي ۽ قومي مهرون لڳل پل، تاريخي تسلسل جي اٽڪ زنجير جي هڪڙي اهم ڪڙي بنجي وڃي بقا ۽ وڏي حياتي ماڻي سگهي ٿو ۽ ڪلاسيڪيت جو تاج سر تي پهري سگهي ٿو. جاگيردار-سرمائيدار ادبي ۽ فني پرک جون ڪسوٽيون گهٽي پاڳي جعلي ۽ بوگس آهن،

"اڇي پگ ۾ پس اندر مڙيئي اڳڙيون!"

انهن کوٽن ماپن ۽ کوڙين کسوٽين مان جان ڇڏائڻ کان سواءِ عالمي ادب ۽ فن اڳتي وڌي نه سگهندو.

گهڻو وقت اڳ مارڪس اها ڳالهه سمجهائي هئي ته سرمايه دار اعليٰ شاعري جو ويري آهي. اسرندڙ سرمايه داري دور کي ڇڏي. عروج تي پهتل سرمايه داري کوبه عظيم شاعر کونه پيدا ڪيو آهي.

سوال: سنڌي ادب ۾ جمود اچي وڃڻ جا ڪهڙا سبب آهن؟

فرم ناز ميمڻ- ڪراچي

جواب: سنڌي ادب جي پڙ ۾ هڪڙي پاسي آهن وري ٻئين سر اسرندڙ ۽ يلغار ۽ اڳرائي ڪندڙ اهڙا نوان سماجي خيال ۽ نظريا ۽ ادبي. فني ۽ تنقيدي سوچون جن جو لباس ٻئون جمهوريت پسند آهي. پر جن جي آخر ڇنڊ ڇڻ ڪجي ته اهي پنهنجي جوهر ۾ ٻئين قسم جا رجعت پرست. ٻئين قسم جا عوام دشمن ۽ ٻئين قسم جا سامراج پرست ثابت ٿيندا.

(Neo- reactionary, neo- anti- people and neo- imperialist)

ٻئي طرف اهي اڳتي وڌڻ جي جولان وارن سوپارن سماجي خيالن. فڪرن. نظرين ۽ ادبي ۽ فني سوچن ۽ تنقيدن واري اڳوڻي ترقي پسند سوچ جيڪا زماني جي ڪاڻ پيڻ ۽ عالمي سماجي اٿل پٿل جي منفي اثرن کان پوءِ بنيادي طرح ڪافي حد تائين صحيح ۽ سالم فڪري پيڙهه رکڻ جي باوجود ڪنهن حد تائين مدي خارج ۽ لڪير جي فقير ٿي ويئي آهي ۽ ڪنهن طاقتور ۽ اثرائتي ڏر ڏئيءَ کان محرم هئڻ ڪري لاوارث قسم جو ڪمزور ۽ نبل شيءِ بنجي ويئي آهي. پهرئين لاڙي جو علمبردار "ٻيو ايازَ" آهي. جنهن کي اڳي ترقي پسند ليکجندڙ ليکڪ نقادن طور ميسر آهن. جن جو نيهن هاڻ سامراجي سرمائيدار دنيا جي "جمهوريت" سماجي فلاح ۽ بهبود ۽ ترقيءَ سان لڳل آهي. جن جو اصل سياسي روپ بوسنيا، صوماليه ۽ هيٽيءَ ۾ ۽ اقتصادي جوهر آمريڪا ۽ يورپ جي غريب دشمن اقتصادي پاليسين ۾ صاف ڏسي سگهجي ٿو. نينهن نپائڻ لاءِ مائهوءَ کي چا چا نٿو ڪرڻو پوي:

"عقل، مت، شرم، ٽيئي نينهن نهوڑيا."

سردار جعفري چيو آهي:

"حسن اک جنس گران مايا هي. اک دولت هي.
بي مگر عمر کا حاصل تو نهين هي اي دوست.

منزلين اور پي هين اس سي حسين. اس سي جميل،
وصل کوئي آخري منزل تونهين هي، اي دوست".

جمهوريت جي سامراجي-سرمايه دار تصور جي شيدائي اسان جي ادبين ۽ نقادن جو آخري معراج سامراجي سرمايه دار "جمهوريت" جو ادبي ميدان ۾ "کم جهڙن" ادبين لاءِ مقرر کيل انعام "نوبل پرائيز" ٿو نظر اچي ۽ اهو حاصل کرڻ لاءِ هو سڀ کجهه تياڳڻ ۽ قربان کرڻ لاءِ تيار ٿي ميدان ۾ لٿل نظر پيا اچن.

سنڌي ادبي حمود جو هڪڙو مکيه سبب سنڌي ادب ۽ سياسي فڪر جي لائين جو وقت جي روشن ترين، اعليٰ ترين ۽ خوبصورت ترين سماجي سوچ جي گرد استيشن جي روشنيءَ کان ڪٽجي وڃڻ آهي ۽ سندس ڪن نام ڪٽين دودن. درياهه خانن، هوشوئن. هيموئن جو علمي، فڪري ۽ فني طرح بي پهچ، خلاص ۽ جڏو ٿي موڪو بن وسايو. علي مراد ۽ ٽائون مل بٽجڻ جو لاڙو آهي. چور جڏهن چوريءَ کان ويندو آهي تڏهن يا ته وڃي مسيت وسائيندو آهي يا ٽائو. اسان مان ڪن مسجدون سڳوريون آباد ڪيون آهن، ڪن وڃي بين الاقوامي فڪري ۽ فني "جمهوري" ٽائن جو پاسو جهليو آهي.

البت هي صورتحال عارضي آهي. نوان روشن سماجي، ادبي، فني لاڙا اسرڻ لاءِ حالتون سازگار ٿي رهيون آهن ۽ ايندڙ سالن ۾ وري هڪڙو نئين قسم ۽ نئين سماجي سطح وارو سپ- طرفو اپار ايندو نظر پيو اچي.

سوال: اهي سنڌي اديب جيڪي سنڌي ثقافت جي پس منظر ۾ اردو ادب تخليق ڪري رهيا آهن. انهن جو اهو عمل سنڌ دشمن آهي يا سنڌ دوست؟

ڪرتار لال نولاڻي ۽ ابو ساحر- ڪنڊ ڪوٽ

جواب: آئون هميشه ان خيال جو رهيو آهيان ته سنڌي مائهن کي گهڻ طرفو ٽيڙ ڪپي بلڪه روءِ زمين جي مائهن کي گهڻ طرفو ٽيڙ ڪپي. مون کي اها گالهه قطعي نٽي وٽي ته ڪو مائهو سڄي عمر ٽوهر جي مٽان رلي ٽنگيو ويٺو هجي ۽ پيو چوي ته "آءُ وطن دوست آهيان. هيءُ ٽوهر جي پر ۾ منهنجو وطن آهي." ان ٽوهر کان ٻئي ٽوهر طرف وڃڻو پويس ته چوي: "پرديس اچي ويٺي!" مادري ٻوليءَ سان گڏ ڪا ٻي ٻولي جائڻ ۽ لکڻ کي خوبيءَ بدران خرابي سمجهڻ بلڪه ان کي غداري ليکڻ، اهي جهالت، تنگ نظريءَ ۽ بيوقوفيءَ جون گالهيون آهن. مائهن کي ويهه ويهه ٻوليون ايندينون آهن ۽

ويهن ٻولين ۾ لکندا آهن. دنيا جي جگ مشهور انقلابي دانشور، سماجي سائنسدان، فيلسوف ۽ مفڪر ڪارل مارڪس کي جڏهن خبر پئي ته روس ۾ کي انقلابي هلچلون هلي رهيون آهن تڏهن دوستن کي لکيائين ته ان جو احوال مون کي ڏياري موڪليو، جڏهن ان ۾ دير ٿي ته هڪدم روسي ٻولي سکڻ شروع ڪيائين ته جيئن روسي اخبارون پڙهي سگهي. سندس ساڻي، عظيم مفڪر ۽ جينيس اينجلس به عربيءَ سميت ويهه ٻوليون ڄاڻندو هو. اسان جي باري ۾ جيڪي تاريخي ڳالهيون آهن تن جي واقفيت اڪثر غير ملڪي مائهن اسان جون ٻوليون سکي انهن مان هٿ ڪئي ۽ انهن وٽان اسان وٽ اچي پهتي آهي. يورپ ۾ جيڪو علم آيو سو پهريائين ترجمن جي وسيلي يونان کان ايران ۽ عرب دنيا ۾ آيو ۽ اتان وري ترجمو ٿي يورپ ۾ ويو. تنهن ڪري جي مائهو هڪڙيءَ ٻوليءَ کي ئي چهٽو پيو هجي ته تهذيب جو واڌارو بيهي رهي. مائهن عبراني ۽ قديم مصر جون پڙهيون ڳولي لڌيون آهن. تڏهن اسان کي ماضيءَ جي خبر پئي آهي. موئن جي دڙي ۽ هڙپا جون ٻوليون ايڏا سمجهي نه سگهيا آهيون تنهن ڪري اسان کي پنهنجي ماضيءَ جي ڪا گهٽي خبر ڪانهي. جيڪڏهن اها خبر هجي ها ته اسان جي پنهنجي تاريخ بابت ڄاڻ انتهائي بلندين تي هجي ها. انهيءَ ڪري اها جيڪا ڳالهه آهي ته اسين اردوءَ ۾ ادب تخليق ڪرڻ سان سنڌي ٻوليءَ جا ثقافتي غدار ۽ ڪافر ٿي پونداسين، سا پاراڻي آهي. ان مان جيترو جلد جند ڇڏائي سگهجي اوترو بهتر آهي. هڪڙي ڳالهه اها به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته پاڪستان ۾ سنڌي ٻولي رڳو اسين سمجهون ٿا، بلوچ، پشتون، سرائيڪي جيڪي گهٽين ڳالهين ۾ اسانجا هم خيال ۽ اتحادي آهن سي سنڌي نٿا سمجهن. خود پنجاب جا مائهو ٻولي ۽ ثقافت جي حساب سان اسان جهڙن ئي مسئلن ۾ مبتلا آهن ۽ اسان سان ڪيترن ثقافتي مسئلن تي هم خيالي رکن ٿا. انهن تائين به اسين سنڌيءَ ۾ پنهنجا خيال رسائي نٿا سگهون، هن جون ٻوليون اسان کي ڪونه ٿيون اچن ۽ اسان جي ٻولي هن کي ڪانه ٿي اچي. ”زبان يار من ترکي ومن ترکي نمي دانم“ وارو ڪم آهي. اسان جي دشمن جا اردوءَ ۾ لکيل ڪيترائي غلط خيال ۽ بهتان پاڪستان جي سيني مائهن کي اسان خلاف برغلائين ٿا ۽ اسان جا صحيح خيال فقط سنڌيءَ ۾ هئڻ ۽ اردو ۾ نه هئڻ جي ڪري اسان جي دوستن، همدردن تائين پهچن ئي ڪونه ٿا. تنهن ڪري اسان کي اردوءَ ۽ انگريزيءَ وارن سان انهن ٻولين ۾ لکڻ ۽ دوستائي علمي ۽ فڪري چٽا پيٽي ڪرڻ گهرجي ۽ نه رڳو هن ملڪ جي سيني ٻولين کي ڳالهائڻ وارن

ماڻهن تائين. پر هندستان ۾ ٻي سڄي دنيا تائين پنهنجا خيال انگريزيءَ وسيلي پهچائڻ گهرجن.

سوال: سنڌ جي ادبين جو خيال آهي ته سنڌي ڪهاڻي جمود جو شڪار ٿي چڪي آهي ۽ توهان ان جو انڪار ڪيو ٿا. جيڪڏهن سنڌي ڪهاڻي جمود جو شڪار نه ٿي آهي ته مهرباني ڪري اهو ٻڌائيندا ته ڪهڙا سنڌي اديب هن وقت شاهڪار ڪهاڻيون لکي رهيا آهن؟

پيرايو شاهه- ميرپور بٹورو

جواب: توهان جو خيال صحيح ناهي. آئون ڪونه ٿو چوان ته سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جمود ڪونهي. هڪ حد تائين آهي ۽ ٻئي پاسي ڪي چڱيون ڪهاڻيون لکجن ٻ پيون. هن وقت ڪهڙا سنڌي اديب شاهڪار ڪهاڻيون لکن ٿا اهو چوڻ مون لاءِ في الحال ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ جو آئون ايڏا ڪهاڻيون پڙهان پيو. مصيبت هيءَ آهي ته سنڌي ادب ۾ هڪڙو لاڙو اهو ٻ صاف نظر پيو اچي ته ڪي لکندڙ ان خيال جا ٿا ڏسجن ته لکڻي جيتري توائي ۽ ٻي مقصد، جيتري غلط ٻوليءَ ۾ لکيل ۽ جيتري بور ڪندڙ هوندي اوتري اها بلند معيار واري ٿي ويندي. ڪافي وقت ڪان ائين ٿو لڳي جڙ پڙهندڙن ڪي وڌ ۾ وڌ بور ڪرڻ هڪڙو وڏو ادبي ڪارنامو ۽ ڪمال هجي. بنا ڪنهن حقيقي پلاٽ جي، بنا ڪنهن گهري ۽ وزندار مقصد جي سڪٽي اڪربازي ۽ هاءِ گهوڙا ڪرڻ جو لاڙو ڪافي وڏيل آهي. ان ڪري سنڌي ادب جو نئين سر جائزو وٺڻو پوندو. ادب جا صحيح قدر نئين سر طئي ڪرڻا پوندا. يورپ تي چانيل سرمائيدار سامراجي نظام جي ثقافتي، ادب ۽ فني قدرن جي انڊي ۽ جاهلانا نقاليءَ بابت جيڪو چٽاٽو رويو آهي تنهن کان بلند ٿيڻو پوندو. ان لاءِ علمي، جمالياتي ۽ تنقيدي حوالي سان ڪافي ڄاڻ حاصل ڪرڻي پوندي ۽ سمجهه پرائڻي پوندي ۽ عوام کي ان باري ۾ تعليم ڏيڻي پوندي. ان کان پوءِ ئي سنڌي افساني تان وللي واويلائي لاڙن جو رجعت پرست اثر گهٽبو. سڀ کان وڏي ڳالهه ته شين ۽ ڳالهين جو هڪبئي تي دارومدار ٿئي ٿو ۽ اهي هڪبئي ۾ پيٻل ۽ سمايل هوندیون آهن. سنڌي افساني اڳيان هن وقت ڪي اهڙا عظيم ۽ شاندار فني، جمالياتي، ثقافتي ۽ سماجي مقصد ڪونهن جيڪي ڪيس ذاتي ۽ سماجي احسان، همدردين، چاهتن، دردن ۽ آدرشن جي اها روشني ۽ گرمي بخشين جن کان سواءِ عظيم فن تخليق نه ٿي سگهندو آهي. ڪنهن لکت

کي شاعري يا کهاڻي سڏڻ سان اها سچي پچي شاعري يا کهاڻي کان ٿي بنجي پوي.

نہ هر کہ طرف کلہ کج نهد وتند نشس
کلاهہ داري آئين سروري داند
هزار نکتہ باریکہ ترز موست است اینجا
نہ هر کہ سوشر اشد قلندر داند.
(حافظ)

(جنهن ب٘ ٽوپي ٽنڊ تي رکي ۽ آکڙجي ويهي رهيو سو سرداريءَ ۽ بادشاهت جي لائق کونہ ٿي پيو! (تصوف ۽ قلندريءَ جي) معاملن ۾ هزارين وارن کان ب٘ سنهڙا نقطا آهن. جنهن ب٘ مٿو کوڙايو سو قلندر کونہ ٿي پيو!)

سماجي سوچ ۽ سمجهہ، علم ۽ ثقافت، فکر ۽ نظريہ کي اها بنيادي کوٽ پوري کرڻي پوندي.

سوال: مون کي ادب سان تمام گهڻو لڳاءُ آهي. مهرباني کري مون کي ٻڌائيندا تہ ادب جو خزانو حاصل کرڻ لاءِ پهريائين آءٌ کهڙا کتاب پڙهان؟

محمد عرس گجر- کپرو

جواب: پهرين تہ جيکي ادبي رسالا سنڌ ۾ نکرن ٿا اهي ۽ اخبارن جا جيکي ادبي صفحا آهن، انهن کي پڙهو. تنهن کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ جا تمام سستا کتاب چپيل آهن، اهي پڙهو. وقت ب٘ وقت جيئن اوهان وٽ پئسن جي گنجائش ٿئي تيئن استالن تان ادبي کتاب ونو. انهن مان کي اوهان کي وٺندا ۽ کي نہ وٺندا پرواہ ناهي. پاڻ کي مختلف قسم جا سنڌي کتاب پڙهڻ جو عادي بڻايو. ان سان گڏ اردو کتاب جيکي اوهان کي وڻن سي ب٘ ضرور پڙهو. ادب سان گڏ علمي کتاب ب٘ پڙهو. تاريخ جي علم تي ۽ ٻين گهڻن شعبن تي. رڳو ادب پڙهبو تہ ماٺهو هڪ طرفو ٿي ويندو. تنهنکري اوهان جي پڙهائي ادبي کتاب سان گڏ علمي ب٘ هجڻ گهرجي. جيکڏهن اوهان علم ۽ سمجهہ مان فائدو ونندؤ تہ ان مان لطف حاصل کندڙ ماٺهو بڻجي ويندا.

(جنهن بہ ٽوپي ٽنڊ تي رکي ۽ آکڙ جي ويهي رهيو سو سرداريءَ ۽ بادشاهت جي لائق ڪونہ ٿي پيو! (تصوف ۽ قلندريءَ جي) معاملن ۾ هزارين وارن کان بہ سنهڙا نقطا آهن. جنهن بہ مٿو ڪوڙايو سو قلندر ڪونہ ٿي پيو!)

سماجي سوچ ۽ سمجهہ، علم ۽ ثقافت، فڪر ۽ نظريہ کي اها بنيادي کوٽ پوري ڪرڻي پوندي.

سوال: مون کي ادب سان تمام گهڻو لڳاءُ آهي. مهرباني ڪري مونکي ٻڌائيندا تہ ادب جو خزانو حاصل ڪرڻ لاءِ پهريائين آءُ ڪهڙا ڪتاب پڙهان؟

محمد عرس گجر- ڪپرو

جواب: پهرين تہ جيڪي ادبي رسالا سنڌ ۾ نڪرن ٿا اهي ۽ اخبارن جا جيڪي ادبي صفحا آهن، انهن کي پڙهو. تنهن کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ جا تمام سستا ڪتاب چپيل آهن، اهي پڙهو. وقت بہ وقت جيئن اوهان وٽ پئسن جي گنجائش ٿئي تيئن استالن تان ادبي ڪتاب وٺو. انهن مان کي اوهان کي وٺندا ۽ کي نہ وٺندا پرواهہ ناهي. پاڻ کي مختلف قسم جا سنڌي ڪتاب پڙهڻ جو عادي بڻايو. ان سان گڏ اردو ڪتاب جيڪي اوهان کي وٺن، سي بہ ضرور پڙهو. ادب سان گڏ علمي ڪتاب بہ پڙهو. تاريخ تي علم تي ۽ ٻين گهڻن شعبن تي رڳو ادب پڙهيو تہ مائهو هڪ طرفو ٿي ويندو. تنهن ڪري اوهان جي پڙهائي ادبي ڪتابن سان گڏ علمي بہ هجڻ گهرجي. جيڪڏهن اوهان علم ۽ سمجهہ مان فائدو وٺندو ۽ ان مان لطف حاصل ڪندڙ مائهو بڻجي ويندا.

سوال: اوهان لاءِ ٻڌو ۽ پڙهيو هوم تہ اوها کي ويسر جي عادت آهي. طارق اشرف جي ڪتابن ۾ مولي بخش چانڊئي جي ڪاوش ميگزين ۾ چپيل جيل جي ساروئين ۾ اوهان جي انهي عادت متعلق دلچسپ قصا پڙهڻ وٽان مليا. ڪافي دوستن کان اوهان جي ويسر متعلق معلومات بہ مليم. پر تنهن ڏينهن 21 مارچ واري "اوهان جي عدالت" ۾ اوهان جي درويشي نيٺ نظرن کان گذري. رڊيارڊ ڪپلنگ جو مشهور نظم "اف" (جيڪڏهن) جي سنڌي ترجمي متعلق پڇيل سوال جي جواب ۾ اوهان جي ويسر جي نندڙي جهلڪ ڏسڻ وٽان ملي. انهي ڏس ۾ اوهان کي ياد ڏياريان تہ اوهان انهيءَ نظم جو سنڌي ۾ ترجمو ڪري چڪا آهيو، جيڪا ڪاوش ۾ "دنيا جي چونڊ شاعري" جي سلسلي هيٺ ڇپي هئي. شايد عنوان هيس "سچو مڙس مائهو" اوهان جي لکڻين جا عاشق "دنيا جي چونڊ شاعري" ۽ اڌ ۾ ڇڏيل "بي جنگ عظيم جون اهم لڙائيون" کي Resume ڪرڻ جو مطالبو ٿا ڪن ۽ پليجا صاحب هڪڙي بي ڳالهہ تہ اسان جي قومي شاعر سائين شيخ اياز جو "نئون فڪر" بہ اوهانکان گهٽ

۾ گهٽ هڪڙي ڪتاب جو مطلوب آهي. پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو سويلين ايوارڊ حاصل ڪندڙ اسان جي قومي شاعر شيخ اياز جي موجوده شاعري ۾ سمايل "نئين فڪر" جي مطالبي کان بحيثيت هڪ نقاد جي نوائڻ جي ڪوشش اميد آهي تہ نہ ڪندا.

تاجل بلوچ- سنڌ يونيورسٽي جامشورو

جواب: اوهان جي ياد ڏيارڻ تي اهو نظم ياد آيو نہ تہ مون کي واقعي وسري ويو هو تہ ڪو مون ان کي اڳيئي ترجمو ڪيو آهي. "دنيا جي چوند شاعري" ۽ "پي جنگ عظيم جون اهم لڙائيون" واقعي ان ڪري اڌ ۾ ڇڏي ڏنم جو سمجهيم تہ اهي شايد گهٽن پڙهندڙن جي سمجهہ جي دائري کان ٻاهر جون ڳالهيون آهن. توهان چئو ٿا تہ ڪنهن ڏينهن وري شروع ٿيو. پنهنجي اڳوئي زبردست انقلابي ۽ زبردست شاعر ۽ هاڻ ان ڪفر جي راهہ کان توبہ تائب ٿي سرمائيداري سامراجي نظام طرفان دنيا تي ڪيل عظيم احسانن ۽ بي مثال عنايتن جي شيدائي ۽ مبلغ ۽ سندس "جمهوريت" نواز عالمي سياسي لائين جي باريڪ بين تجزيہ نگار آتش بيان سياسي پرچارڪ ۽ صف شڪن مجاهد بنيل صاحب بصيرت بزرگ حضرت شيخ مبارڪ اياز زاد الله برڪاتهم ودام الله فيوضهم جي ايمان افروز ملفوظات ۽ بابرڪات تحريرن جي شرح، تفسير ۽ منجهن سمايل روحاني رازن جي انڪشاف جي سلسلي ۾ في الحال سنڌي قوم جي فهم ۽ فڪر جي آسمان جي ستارن ڏانهن پيا ڏسون تہ ان باري ۾ پنهنجي گرامي قدر تحقيقات جي ڪهڙي روشني ٿا سنڌي ماڻهن کي بخشين. ايڏا فقط تاج بلوچ رسالي "روح رهاڻ" ۾ ٿورڙي سي ٻاهر ڪڍي آهي. پوءِ پاڻ ٻہ پري ڪونہ آهيون. پنهنجي تہ ائين اها مٽي جي پري آهي ۽ ڪلها اڳيئي گنل اٿئون. فڪر نہ ڪريو! پاڻ سرسيءَ مهل عوام ۽ انقلاب جي فدائي بڻجن، ۽ لاڻ مهل توبہ تائب ٿين ۽ لنوائڻ وارن مان ڪونہ آهيون. پاڻ "چري ڪئن" چي "ويران وير وڏا!" وارن مان آهيون.

نہ هر درخت تحمل ڪند جفائي خزان
غلام همت سروم ڪہ اين قدم دارد
(حافظ)

(خزان جا ظلم ۽ برباديون سهي ويڙ هر وڻ جو ڪم ناهي، سرو جي درخت جي مڙسي جو غلام آهيان جنهن ۾ اهو دم آهي)

نئين سج نئون، مون کي ورهہ ويڙهيچن جو
(شاهہ)

ويا اڏامي ڪڪ، پڙ تان پاهڙ نہ چري
(خليفو نبي بخش)

مرا از تست هردم تازه عشقي
ترا هر ساعتي حسن دگر باد
(حافظ)

(مون کي هر گهڙي توسان نئين سر تازو عشق ٿوٽئي! خدا ڪري هر پل توکي پيو پيو حسن عطا ٿيندو رهي!)

حلقه پير مغانم از ازلم در گوش است
برهما نيم که بوديم وهمان خواهد شد

(مئي خاني جي ميرجي فرمانبرداري جو واڻو ازل کان ونيو ڪن ۾ پيل آٿئون،
اسين ان ئي ڳالهه تي بينل آهيون جنهن تي اڳ هئاسون ۽ آئيندي به انشاءَ الله ايئن ئي رهنداسين)

سوال: شيخ ايار رات وچ ۾ وڏو خدا پرست ۽ مؤمن بنجي ويو آهي. تبصرو ڪريو!

(نائله شاهه- زيب النساءِ هاسٽل- ايل ايم سي جامشورو)

جواب: مبارڪ! خداوند تعاليٰ سڀني مسلمانن کي ايمان جي دولت سان مالا مال ڪري! آمين ثم آمين! ڪجهه شعر دل تي ترير ٿا اچن.

آيل ان نه وسهان، هنجون جي هارين
آئيو آب اکين ۾، ڏيهه کي ڏيکارين
سجڻ جي سارين. سي نڪي رون نه چون ڪي
(شاهه)

خدا کي بندي تو هين هزارون بنون مين ڦرتي هين ماري ماري،
مين اسکا بنده بنون گا جس کو خدا کي بندون سي پيار هوگا.
(علامه اقبال)

خدا خوان تاخدا دان، فرق دارد
که حيوان تا به انسان، فرق دارد
(فروغي بسطامي)

(سڪٽو وات سان "خدا" "خدا" ڪندڙ ۽ واقعي خدا کي سڃاڻندڙ انهن بنهي جي وچ ۾ ايڏو وڏو فرق آهي، جيڏو حيوان ۽ انسار جي وچ ۾ آهي).

بزير دلق ملمع کمندها دارند،
دراز دستي اين کوتهه آستينان بين
(حافظ)

(صوفين واريون گودڙيون پايو، انهن ۾ ماٺهو ڦاسائڻ جون ڪوڙڪيون لڪايو وينا آهن،
چوٽڙا شرعي لباس اوڍي ويٺل هن ماٺهن جون استادیون ته ڏسو!)

حافظا مي خور رندي کن و خوش باش ولي
دام تزویر مکن چو دگران قرآن را
(حافظ)

(حافظ! شراب پي، مست ٿي، موجون ڪر، رڳو هڪڙي ڪڌي ڪم کان پاسو ڪجانءِ، جيئن ٻيا قرآن کي خدا جي خلق ڦاسائڻ جي ڪوڙڪي بنايو وينا آهن. تيئن ٻيلي متان ڪرين، ٻيو جيڪي وٽيئي سو وڃي ڪر!)

آتش زرق وریا خرمن دین خواهد سوخت
حافظ اائین خرقه پشمینه بینداز و برو
(حافظ)

(هيءَ مڪر ۽ رياڪاريءَ جي باهه دين جو ڪرو ساڙي چٽ ڪري چڏيندي. حافظا! اها ديندارياءَ جو ڪوڙو ڏيڪ ڏيندڙ گودڙي اڇلائي ڦٽي ڪري پنهنجو گس وٺ!)

مي خور که شیخ و حافظ و مفتي و محتسب
چون نیک بنگري همه تزویر مي کنند (حافظ)

(ماڻ ڪري ويهي شراب پي، چو ته شيخ هجي يا حافظا! مفتي هجي يا محتسب چگي طرح جاچي ڏسندين ته سڀ رڳو فريب ۽ مڪر وينا ڪن!)

بشارت بر بکوئي مي فروشان
که حافظ توبه از زهد و ریا کرد
(حافظ)

(مئي خاني وارن جي پاڙي ۾ مبارڪون وڃي ڏي، ته حافظ ڏيکاءَ جي عبادتن ۽ رياضتن ۽ ڪوڙي ديندار ي کان، توبه ڪري چڏي آهي.)

سوال: لطيف سرڪار لاءِ چيو وڃي ٿو ۽ ڪجهه پڙهيو به آهي ته لطيف سائين اڻ پڙهيل هو، "امي" هو. جڏهن ته هن سان گڏ ٿي ڪتاب هوندا هئا: مولانا روميءَ جي مثنوي، قرآن شريف ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو رسالو، جڏهن، پڙهيل به نه هو، اهي 3 ڪتاب به گڏ هوندا هيس ۽ نه ڪا وري ان جي ڪا لکت آهي پوءِ ڪيئن مطمئن ٿيون ته شاهه جو رسالو پٽ شاهه واري لطيف جي شاعري آهي؟

سفير ميمڻ- رتوديرو ضلع لاڙڪاڻو

جواب: لطيف جي پهرين علمي شرح لکندڙ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ اها ڳالهه ست سال اڳي واضح ڪري چڏي آهي ته لطيف اڻ پڙهيل نه هو. دراصل هو پنهنجي دؤر جي سڀ کان اڳتي وڌيل سماجي ۽ روحاني علم ۽ فڪر سان مسلح هو. جنهن ماڻهوءَ کي مشرق ۽ وچ اوپر جي تصوف، شاعري ۽ فلسفي جو ايڏو اونهو ۽ ايڏو وسيع مطالعو هجي، جنهن کي ايڏي پرپور، ايڏي گهڻ طرفي ايڏي سماجي ۽ فني، اعليٰ سطح جي ايڏي تخليقي سمجهه ۽ پروڙ هجي ان کي اڻ پڙهيل سمجهڻ کان وڌيڪ ڇتائي ڳالهه بي ڪهڙي ٿيندي؟

سوال: مان شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ سنڌي ادب جي آخري سال جو شاگرد آهيان. آخري سال ۾ پهچي چوٽين جي مضمون جي عيوض مان مونو گراف لکڻ چاهيان ٿو. جنهن لاءِ مون کي يونيورسٽيءَ شاهه عبداللطيف جي سر ڪيڏاري جو جائزو وٺڻ جي لاءِ ٽاپڪ منظور ڪيو آهي. مٿي عرض ٿيل ٽاپڪ مون کي موڪهاري ۾ وجهي چڏيو آهي ته ڇا سر ڪيڏارو شاهه صاحب جو چيل آهي يا ڪنهن ٻئي فقير جو چيل آهي. ان موڪهاري مان نڪرڻ واسطي مان سنڌي ادب جي برڪ ادبين جا رايا وٺڻ چاهيان ٿو. توهان ادب جي هن نديي طالب کي مايوس نه ڪندا ۽ پنهنجين بيحد مصروفيتن مان ٿورو وقت ڪڍي مون کي ٻڌائيندا ته سر ڪيڏارو شاهه عبداللطيف جو چيل آهي يا نه؟ دليل سان وضاحتي راءِ ڏيندا.

محمد نصير پٺاڻ- خيرپور

جواب: منهنجي خيال ۾ ها. شعر خود ڳالهائيندا آهن ته اسان ڪهڙي ذهن ۽ روح جي پيدائش آهيون. سر ڪيڏارو جي ڪنهن ٻئي شاعر چيو آهي ته منهنجي راءِ ۾ اهو شاعر لطيف کان گهٽ درجي جو نٿو ٿي سگهي. لطيف کان سواءِ هن قسم جون ستون سنڌي ۾ لکي سگهڻ جو ڪمزور کان ڪمزور شڪ جي ڪنهن ٻئي شاعر تي ڪري سگهجي ها ته اهو خليفو نبي بخش هجي ها، جيڪو گهٽو گهٽو پوءِ جو آهي، مجموعي طرح هيٺين قسم جون ستون سنڌيءَ ۾ فقط شاهه ئي لکي سگهيو ٿي.

"چائي هيڪ الله، پاڻ وٽندیون جو ڪري"

"تنهن واحد کي واهه، جو حڪم هڻائي ڪري."

"ميرِ مدينڻان نڪري، آئيا نه موتي،
ڪارا رڳ ڪپڑا، ادا نيروتي!
آن تنين لئه لوٽي، جي مير مسافر رانئيا."

"سختي شهادت جي نسورو ئي نازه.
"رند پروڙين رازه قضيي ڪربلا جو."

"سچ ڪ بيبيءَ ڄايا. هڻڻا سورهه سپرين؟"

"پائئين سان سنئين. جئان جيءَ جوکو ٿئي."

"بهادر گڏيا بهادرين. ڪڙڳ ڪلول ڪن.
وجهن ڏڙ ڏڙن تي. هاڪارين هڻن.
ڪرن. ڪنڌ نچن. رڻ گجيو. راڙو ٿيو."

"گهوڙن ۽ گهوڙن. رڻ ۾ لائون لڏيون."

"گهوڙن ۽ گهوڙن. جيئن ٿورا ڏينهڙا.
ڪڏهن منجهه ڪونن. ڪڏهن راهي رڻ جا."

"جهمنديون اچن. جهوليون جهونجهارن جون.
پاڙ پڪ پهاڙجا ان جون وهون واڪا ڪن.
پٽين. پار ڪدين. رڻ گجيو. راڙو ٿيو."

"ڪانڌا ڪلارين ڪپڙين. ورا وناهيو آءُ."

"منهن مٽاهان جن جا. سي پٽيو. ڪدين پار.
"جيڏيون! هن جهونجهار. اجاري سپ اڇا ڪيا."

"مر مرين. آئون رُئن! موٽي آءُ مر ڪانڌا.
ڪچن وڌا پاند. جئڻ ٿورا ڏينهڙا."

"ڪلي زير ڪنڪ ۾. پاکر جو پائي.
اجا ان کي جئڻ جو. اسانگو آهي.
سوره سوچائي. جو رڳوئي رڻ گهڙي."

"ڪربلا ڪڪوري. دلدل رتا پير.
ستون ڏيندي شير. مٽان سج مرکي."

"ڪوٽر ڪني جا ڪوڏيا! جانکي تائين جي.
مٽا تڙن اسري رکَ پيالو پي.
ڳالهه ڳجهن جو ٿي. ويڻي جن ورهه ٿيا."

"مهاين وهون. بر مهانگو ڪنديون."
"ڳجهون ڳوٽ نه مون. وتن ڪلي ڪوڏيون.

حسن ۽ مير حسين کي، لمبو لائون ڏنو،
گٽا اکوڙين، چوٽا چوڙيرن جا."

"گجهڙين ڳاروءَ راتو ڏينهان رڙ ۾،
پٽيو پچن پاڻ: "ڪنهن منهن ڪيڏارو،
کائن ڪچگاروءَ ڪائنر پيو ڪنو ٿئي."

"ڳائو گجهه نه ڪاءِ، ميهي ماس نه هيرئين،
تنين لئه واجهاءِ، ڪلنگيون جن ڪپار ۾."

"اکيون ڪيئن مَ، گجهڙي! تارا تون مَ ڪاءِ،
پيو نه پسين پٽ ۾، ريڱڙيارو راءُ
جيري جنهن جوان جي. لڳا نَو سو نر گهاءِ،
رات جنهن حي ماءُ روئي، پر نيو رب کي."

"ڪنپ ڪسئي. گجهڙي! لڳين پوئي واءِ،
اميرن مٺاءِ. جئن تو ڦلين چانئون نه ڪيون."

"گجهن ويئي ڳاڙياءِ ڏجها ڏک گهٽا،
تنگي لٽين تونڊ جي، سورهه ساماڻا،
ڪندا راماڻا، ڪونر ڪلي جو ڪوڏيا."

متين بيٽ تي توهان اونهو غور ڪندا ته جهڙيءَ ريت هن بظاهر صوف مذهبي اهميت واري واقعي کي جن انساني ۽ فلسفياني بلندين تي ۽ جنهن نزاڪت ۽ نفاست واري احساساتي ۽ فني انداز ۾ ڪنيو ويو آهي ۽ جيڪا اميجري ڪتب آندي وئي آهي، سو ڪنهن جهڙي تهڙي شاعر جو ڪم ڪونهي، ڪيڏاري جي هر ست ٻڌائي ٿي ته اها هڪڙي عالمي سطح جي ذهن، روح ۽ فن جي تخليق آهي.

سوال: اسان جي سامهون لطيف کي ائين پيش ڪيو ويو آهي. جيئن لطيف کو انسان نه پر ڪو فرشتو هو. آئون سمجهان ٿي ته اهو لطيف سان هڪ وڏو ظلم آهي. ڇا لطيف ۾ غلطيون نه آهن؟ سندس شاعريءَ ۾ ڪي ورجاءِ نه آهن، جي ها ته پوءِ ڪهڙا؟

فضا قريشي- حيدرآباد

جواب: فرشتن جي مونکي خبر ڪانهي جو اتفاق سان منهنجي ايڏا تائين ڪنهن فرشتي سان ملاقات ڪائ ٿي سگهي آهي. پر جيڪي انسان مون ڏٺا يا ٻڌا

آهن تن مان مذهبي شخصيتن کي چڏي، جو انهن بابت گفتگو جائز نٿي سمجهي وڃي. پيا ٻ جيڪي ٻ ڳالهيون چون يا ڪن ٿا اهي پنهنجي دؤر جي علم، سمجهه، معيارن، آدرشن ۽ پسندن ۽ ناپسندن جي دائري اندر ڪن ٿا. لطيف ٻ پنهنجي دؤر جي زندگيءَ جي مادي، روحاني ۽ فڪري سوچن، ريتن، رسمن ۽ آدرشن کان ٻين وانگر ئي متاثر آهي، سيني شاعرن جا سڀ شعر هڪجهڙا سٺا نه هوندا آهن. هڪڙي غزل ۾ جيڪڏهن ٻه ٽي بند سٺا نڪرن ٿا تہ اهو غزل ڪامياب سمجهيو وڃي ٿو. اها هيٺ، مٿاهين ٻين وڏن شاعرن وانگر لطيف جي شعرن ۾ ٻ آهي. ورجاء ٻ آهي. ڪيترين مخصوص ڳالهين ۾ ڪيترا ٻيا شاعر لطيف جي پيٺ ۾ وڏيڪ اثرائتيون ڳالهيون ڪري ويا آهن. مثلا مذهبي تنگ نظري ۽ رياڪاري بابت حافظ بلهي شاهہ. سچل ۽ وارث شاهہ پارا مائهو وڏيڪ شوخ ۽ تيز ڳالهيون ڪري ويا آهن. سونهن جي بيان ۾ لطيف جو سر مومل راڻو انساني سونهن بابت نهايت خوبصورت تصويرون پيش ڪري ٿو. پر جڏهن وارث شاهہ سينگار جي بيان جا سمورا هٿيار پنهنجو ر ڪئي ميدان ۾ لهي ٿو ۽ هير جو ننهن کان چوٽيءَ تائين حسن هيٺين ست سان شروع ڪري اڳتي وڏي ٿو تہ ڳالهہ ئي پي ٿيو وڃي

"لي ڪي ست سهيلیان نال آئي
هير منڙي روپ گمان دي جي="

لطيف جو ڪيڏارو زبردست آهي پر گهٽ خليفو نبي بخش ٻ ڪونهي. پر فردوسي ۽ مهاڀارت جي نظم جي شاعر ۽ يونان جي هومر جنهن انداز سان جنگ جو نقشو ڪڍيو آهي تنهن جي پيٺ ۾ اسان جي لطيف جو ڪيڏارو جاهہ جلال جي حساب سان ايڏي وڏي شيءِ نظر نه ايندي. ڪالیداس جي "ويتو سمهارا" يعني "موسمن جو چڪر" نالي طويل نظم ۾ جيڪي منظر پيش ڪيل آهن، اهڙا شاهہ جي رسالي ۾ ڳولهڙ عبث آهن. انساني فطرت جي عڪاسيءَ جو جيڪو اسٽيج شيڪسپيئر سينگاريو ويٺو آهي تنهن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، سچ تہ پلاپلي جو چيهہ ئي ڪونهي. خيام، رومي، حافظ جامي، عرفي، امير خسرو، عبدالقادر، بيدل، غالب، اقبال، فيض، ابونواس، المعري، دانتي، رابرٽ برنس، شيلي، بائرن، ملٽن، پرتري هري، لي پو هزارين سچ ۽ چند آهن، ڪهڙن جون تعريفون ڪري ڪهڙن جون ڪجن؟ هر هڪ پنهنجي پنهنجي ميدان جو بادشاهہ آهي. پر جيڪڏهن ٽوٽل ٻڌبو تہ دنيا ۾ ڪو ورلو شاعر هوندو جو ٽوٽل ۾ لطيف کان ڪا وڏي گوهہ ڪڍي وڃي. بنا ڪنهن شڪ شبهي جي شاعري جي عالمي معيارن جي حساب سان اسان جو لطيف دنيا جي چوٽي جي ڳاڻ ڳڻين عظيم شاعرن مان هڪ آهي ۽ جيئن هو

پين کن جي جتيءَ ۾ پير وجهي نٿو سگهي تيئن ٻيا به سندس ميدان ۾ پير کوڙي نٿا سگهن.

سوال: اوهان هڪڙي سوال جي جواب ۾ لکيو آهي ته ادبي ڪتابن سان گڏ علمي ڪتاب به پڙهڻ گهرجن. بنيادي طرح ادب ۽ علم ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

جواب: ادب ۾ افسانا، ناول، شاعري، ڊراما وغيره اچي ويڻ ٿا ۽ علم ۾ هزارين قسم جون اهڙيون ڳالهيون اچي ويڻ ٿيون جيڪي انسان جي ڄاڻ ۽ سمجهه ۾ واڌارو ڪن ٿيون. ادب روح جي غذا ۽ علم دماغ جي غذا آهي. ادب جو بنيادي تعلق رس سان آهي ۽ علم جو شعور سان پر ٻنهي جي وچ ۾ ڪا چين جي ديوار ڪانهي. اهي هڪ ٻئي سان لاڳاپيل ۽ هڪ ٻئي کي متاثر ڪندڙ به آهن.

سوال: هيني بال، جوليس سيزر ۽ مارشل روميل ڪهڙيون شخصيتون هيون. تاريخ ۾ انهن جا ڪهڙا ڪارناما آهن.

علي نواز مخدوم- ماتلي ضلع بدين

جواب: هيني بال عظيم رومي سلطنت جي حريف سلطنت ڪارٿيج. جنهن جو مرڪز تيونس هو. تنهن جو هاڪارو ۽ جڳ مشهور سپه سالار هو. هو اڄ کان ساڍيون 22 صديو اڳ سن 247 ق-م ۾ ڄائو هو ۽ 65 سالن جي عمر ۾ سن 172 ق-م ۾ گذاري ويو. 218 ق-م ۾ هن روم تي پٺ کان حملو ڪيو ۽ آلپس جبلن مٿان 75 هاٿي چاڙهي اتليءَ ۾ داخل ٿيو هو ۽ 15 سال دشمن جي ملڪ ۾ سلطنت روم سان وڙهندو رهيو. هو دشمن جو تخت گاهه روم فتح نه ڪري سگهيو پر رومي به ڪيس شڪست ڏيئي ملڪ مان نڪري نه سگهيا. آخر روم سندس وطن ڪارٿيج تي حملو ڪيو جنهن جي بچاءَ لاءِ هو روم چڏي ڪارٿيج ويو. 202 ق-م ۾ زاما جي لڙائيءَ ۾ هن رومين هٿان شڪست کاڌي. 196 ق-م ۾ هن کي روم جي دباءَ وجهڻ تي جلاوطن ڪيو ويو. هن باقاعدي فوج سان گوريلا طرز جي ڊگهي جنگ لڙڻ ڪري عالمي شهرت حاصل ڪئي. ان جي فوج بي قائدي گوريلا فوج هئي ۽ هن پنهنجي ان بي قاعدي گوريلا فوج سان بي قائدي گوريلا لڙايون وڙهي تاريخي فتح حاصل ڪري پنهنجي وطن کي آزاد ڪرايو هو. اهو گوريلا جنرل هو فوج مان پڳل ڏاڙ چندر گپت موريا، جنهن هڪ صدي اڳ سرحد، پنجاب ۽ سنڌ مان چورن ۽ ڏاڙن جي فوج ناهي سڪندر اعظم جي فوجين کي شڪست ڏيئي ڪين هندوستان مان نڪري هندوستان جي پهرين شهنشاهيت يعني سندس موريا گهرائي

جي شهنشاهت قائم ڪئي. هن جو وزير اعظم هاڪارو دانشور سياستدان پنڊت جائڪيه هو. اشوڪ اعظم سندس پوٽو هو.

جوليس سيزر: هي دنيا جي چوٽيءَ جي سپهه سالارن ۽ فاتحن مان هڪ هو. هو 102 ق-م ۾ ڄائو ۽ 44 ق-م ۾ قتل ٿي مري ويو. هن 58 ق-م کان 50 ق-م جي اٽنسالن ۾ فرانس، جرمني ۽ ٻيو وچ يورپ ۽ اتر يورپ فتح ڪيو ۽ ڪيس انهن علائقن جو گورنر مقرر ڪيو ويو. 55 ق-م ۾ هن برطانيه تي حملو ڪيو. ان وچ ۾ رومي جنرلن جي وچ ۾ گهرو ڦڙائي شروع ٿي وئي. 49 ق-م ۾ هن جنرل پامپي کي فارسينيس جي ميدان جنگ ۾ شڪست ڏني ۽ سندس پٺ وٽي مصر ويو ۽ اتي جي جڳ مشهور ملڪه قلوپطره سان شادي ڪيائين جنهن مان ڪيس پٽ ڄائو. ان کان پوءِ هن ترڪيءَ ۾ بادشاهه فارڪينس تي حملو ڪيو ۽ پنهنجا هي مشهور لفظ چيائين "آيس. ڏٺم. فتح ڪيم." 45 ق- م ۾ هن اسپين ۾ منڈا جي ميدان جنگ ۾ جنرل پامپي جي پٽ کي شڪست ڏني. سن 46 ق- م ۾ ڪيس رومي سينيٽ طرفان ڏهن سالن لاءِ روم جو ڊڪٽيٽر مقرر ڪيو ويو. 15 مارچ 44 ق- م تي يعني اڄ کان اٽڪل 20 صديون اڳي ڪيس روم جي سينيٽ هال ۾ قتل ڪيو ويو. هن پنهنجي جنگين مان ڪن جو احوال پنهنجي ڪتابن ۾ لکيو سياستدان، قانوندان، وڪيل، خطيب، منتظم هو. سندس پائيچي اگسٽس رومي سلطنت جو بنياد وڌو. هن جي ٽالي جي پٽياڻ ٿي رومي شهنشاهن جو لقب قيصر مقرر ٿيو.

رو ميل: فيلڊ مارشل ارون روميل پي جنگ عظيم جو هاڪارو سپهه سالار هو. هو 1891ع ۾ ڄائو هو ۽ 1944ع ۾ گذاري ويو هو. هو پهرين جنگ عظيم ۽ پي جنگ عظيم ۾ وڙهيو. هن جرمني طرفان پي جنگ عظيم ۾ وچ يورپ ۽ فرانس تي ڪيل حملن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. 1941ع ۾ هٽلر ڪيس اتر آفريڪا تي حملو ڪندڙ فوج جو ڪمانڊر انچيف مقرر ڪيو. ان ڪمان ۾ هن پنهنجي تيز ۽ قابل ڪارروائين ڪري وڏي شهرت حاصل ڪئي. ڪيس "صحرا جو لومڙ" جو لقب ڏنو ويو. تان جو انگريز سپه سالار فيلڊ مارشل جنرل مانٽگومري، مصر ۾، "الامين" جي ميدان جنگ ۾ ڪيس شڪست ڏني. 1944ع ۾ هٽلر ڪيس يورپ تي اتحادي حملي جو مقابلو ڪندڙ فوجن جو ڪمانڊر انچيف مقرر ڪيو. پر ان وچ ۾، هٽلر کي خبر پئجي وئي ته ڪيس قتل ڪرڻ لاءِ سٽيل "اسٽافنبرگ منصوبو"، جنهن مان هو اتفاق سان بچي ويو هو، تنهن ۾ فيلڊ مارشل روميل به ملوث هو. ان ڪري هن فيلڊ مارشل روميل کي پين سازشي جنرلن ۽ ائڊمرلن جهڙوڪ ائڊمرل ڪئريس وانگر سرعام قتل ڪرڻ جي بدران ڪيس زهر کائي خودڪشي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته جيئن جرمن فوج جي خواري نه ٿئي. فيلڊ مارشل روميل حڪم جي تعميل ڪئي.

موت جو سبب ڪار جو حادثو ڄاڻايو ويو ۽ فيلڊ مارشل روميل کي وڏن فوجي اعزازن سان دفنايو ويو. جنگ عظيم کان پوءِ ئي خبر پئي تہ اصل حقيقت ڇا هئي.

سوال: چلي‌ءَ جي شهيد صدر "سلوادو آلندي" بابت ڪجھ ڄاڻڻ گھران ٿو جيڪو پٽي وانگر آمريڪا اڳيان نہ جھڪيو. صدر ٿي ڪري بندوق سان وڙھندي شهيد ٿيڻ جو رڪارڊ رکيائين.

يوسف خاصخيلي- سکر

جواب: آيندي چلي‌ءَ جي وال پرائسو شھر ۾ سن 1908ع ۾ ڄائو. 22 سالن جي عمر ۾ هو انقلابي مارڪسي ڪارڪن ٿيو. هو 1952ع، 1958ع ۽ 1964ع جي صدارتي چونڊن ۾ اميدوار بيٺو ۽ هارايائين. ان ڪانپوءِ جي اليڪشن ۾ هو ڪٽي ويو ۽ زبردست سماجي سڌارا ڪيائين. اها گڏلھ سرمايہ دارن، جاگيردارن، جنرلن ۽ آمريڪي حڪمران طبقن کي نہ وڻي. تن غدار جنرلن پنوشي کان بغاوت ڪرائي ڪيس استعيفيٰ ڏيڻ لاءِ چيو ۽ سندس انڪار ڪرڻ تي سندس صدارتي محل تي غدار ايئر فورس طرفان بمباري ڪرائي ويئي. پر هن پيش پوڻ کان وڙھندي شهيد ٿيڻ پسند ڪيو. جيڪي غدار فوجي آفيسر سندس محل ۾ ڪيس وٺڻ لاءِ ڏوڪي گھڙيا تن تي فائرنگ ڪري هو وڙھندي شهيد ٿي ويو. اڄ سڄي دنيا ۾ سندس اهو مثال قائم آهي تہ ڪيئن ملڪن جا صدر بہ سپاهين وانگر وڙھندي فوجي آمرن جي نمرود کي خاڪ ۾ ملائي سگھن ٿا.

سوال: غازي عبدالڪريم بابت ڪجھ ٻڌايو

علي ميمن- مکلي ٽٽو

جواب: غازي عبدالڪريم مراڪش جو قبائلي سردار هو ۽ ڪيس "ريف جو بگھڙ" بہ سڏيو ويندو آهي. هو 1881ع ۾ ڄائو ۽ 1963ع ۾ گذاري ويو. هن پنھنجي پاڻ محمد سان گڏجي فرينچ ۽ اسپيني سامراجين سان مقابلو ڪيو. هن 1921ع ۾ اسپيني حملو ڪندڙن کي اينول جي ميدان تي شڪست ڏني. 1926ع ۾ فرينچ فوجون جنرل پيٽان جي ڪمان هيٺ حملو ڪري آيون ۽ غازي عبدالڪريم کي ري يونين ٻيٽ تي گرفتار ڪيو ويو. ڪيس 1947ع ۾ آزاد ڪيو ويو ۽ هو قاهره هليو ويو، جتي پوءِ وفات ڪيائين.

سوال: هخامنشي گھراٽو ڪٽي جو هو؟ ڪڏھن هو؟ ان جو ذڪر تاريخ ۾ بار بار ٿو اچي.

يونس ملاح- ڪراچي

جواب: دنيا جي پهرين شهنشاهت ايراني شهنشاهت هئي ۽ اها هن گهرائي جي شهنشاهت هئي ۽ اها هن گهرائي جي شهنشاهه سائرس اعظم قائم ڪئي. ان ۾ يونان، ترڪي، مصر، عراق، شام، فلسطين، لبنان، عربستان، ايران، افغانستان، هاڻوڪو پاڪستان ۽ ٻيا ملڪ شامل هئا. جمشيد، خسرو، دارا ۽ ٻيا هاڪارا شهنشاهه هن گهرائي جا هئا. هن گهرائ 550 ق-م کان ونئي 330 ق-م تائين يعني ڪل 220 سال حڪومت ڪئي ۽ سندس آخري بادشاهه دارا-ثيون هو جنهن کي سڪندر اعظم شڪست ڏني، جنهن کانپوءِ هن گهرائي جي حڪومت ختم ٿي ويئي.

سوال: عباس پهريون ڪير هو؟

رحيم عباسي- حيدرآباد

جواب. عباس پهريون ايران جي صفوي گهرائي جو بادشاهه هو. ڪيس عباس اعظم به چوندا آهن. هو اڪبر کان پندرنهن سال ننڍو هو. هن 1597ع ۾ ازبڪن کي ۽ ان کانپوءِ ترڪن کي شڪست ڏني. هن ايراني حڪومت جون سرحدون درياءَ فرات کان درياء سنڌ تائين وڌايون. هو لطيف فن جو سرپرست هو. هو 1557ع ۾ ڄائو ۽ 1629ع ۾ گذاري ويو.

سوال: مون ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو ته صليبي جنگين هلندي عيسائي فوجن جي سردار انگلينڊ جي بادشاهه شيردل رچرڊ پنهنجي پيٽ جو سڳ غاري صلاح دين کي ڏيڻ جي آڇ ڪئي پر هن نه قبولي. اها ڳالهه رڳو "اسلامي" جوش واري ڏاري آهي يا ان ۾ ڪجهه حقيقت جو رنگ به آهي؟

سليم ميمن- لاڙڪانو

جواب: اها ڳالهه هڪ حد تائين صحيح ٿي ڏسجي. البت آڇ صلاح الدين کي نه پر سندس نوجوان پاءُ ملڪ العادل کي ڪئي ويئي هئي، مائيءَ جو پهريون مڙس گذاري ويل هو. تنهن کانسواءِ ائين ٿو نظر اچي ته اها آڇ ٻنهي پائرن يعني صلاح الدين ۽ سندس ننڍي پاءُ ملڪ العادل کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جي هڪڙي چال هئي. سلطان صلاح الدين جو سوانح نگار ۽ سندس فوج جو چيف جسٽس قاضي بهاؤ الدين سلطان جي سوانح عمري "يوسف سان چا ٿيو؟" (سلطان صلاح الدين جو اصل نالو يوسف هو.) ۾ ان باري لکي ٿو:

"رمضان جي 19 تاريخ (22 آڪٽوبر 1191ع الملڪ العادل مون کي عالم الدين سليمان ابن جيندر سابق الدين شيزر جي واليءِ عزالدين ابن القدم ۽ حسام الدين بشارا کي گهرايو. هن اسانکي ٻڌايو ته انگلينڊ جي بادشاهه سندس قاصد

کي هيءَ تجويز ڏني آهي. ”ملڪ العادل بادشاهه جي پيٽ سان شادي ڪري جيڪا هو فلسطين ايندي سسليءَ کان ونئي آيو هو. سندس مڙس جيڪو سسليءَ جو بادشاهه هو سو گذاري ويو هو. ۽ هوءَ يروشلم ۾ رهندي ۽ سندس پاءُ (بادشاهه رچرڊ) سامونڊي ڪناري جا اهي شهر جيڪي سندس هئا يعني عڪره، جافا ۽ عسڪلون ۽ انهن شهرن جا ماڻهو علائقا ڪيس ڏيندو ۽ سلطان (صلاح الدين) پنهنجي طرفان ملڪ العادل کي اهي شهر ڏيندو جيڪي سامونڊي ڪناري تي سلطان جا آهن ۽ اعلان ڪندو ته انهن ضلعن جو بادشاهه ملڪ العادل آهي. ملڪ العادل وٽ هن وقت جيڪي شهر ۽ جاگيرون آهن اهي سندس ئي رهنديون. صليب موتي عيسائين کي واپس ملندي. ٽيمپلر ۽ هاسپٽلر فرقي جي عيسائين وٽ جيڪي ڳوٺ ۽ قلعا هئا سي سندن ٿيندا. سڀ مسلمان ۽ فرنگي قيدي آزاد ڪيا ويندا ۽ انگلينڊ جو بادشاهه جهاز ۾ چڙهي واپس پنهنجي ملڪ روانو ٿي ويندو. بادشاهه چيو ته: ”اهڙيءَ ريت مسئلا سڀي نموني حل ٿي ويندا.“ جڏهن ملڪ العادل کي اها خبر پئي ته هن ن تي عمل ڪيو. هن اسان کي گهرايو ۽ اسان کي هدايت ڪئي ته ڪيس جيڪو پيغام مليو هو سو سلطان وٽ وڃي پيش ڪيون. مون کي چيائين ته تون ان سفارت جو اڳواڻ ٿي ۽ بادشاهه سان جيڪا ملاقات ٿي آهي ان بابت سلطان کي اطلاع ڪر. جيڪڏهن سلطان ان تجويز کي پسند ڪري ۽ جي هو سمجهي ته ان مان مسلمانن کي فائدو پوندو ته پوءِ جيڪي مٽيان شاهد مون سان گڏ هئا تن کي ونئي وڃي ان ڳالهه جو شاهد ڪر ته سلطان ان تجويز تي پنهنجي مرضي ۽ پسند جو اظهار ڪيو آهي. جيڪڏهن هو اها تجويز رد ڪري جڏهن ته ٻاهه جون ڳالهيون هڪ خاص شڪل ونئي نڪتيون آهن ته پوءِ جيڪي همراه تو سان هلن ٿا تن کي هن سڄي ڳالهه ۾ شامل ڪجان ته سلطان هن تجويز کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي.“ اسين سلطان وٽ پيش ٿياسين. ڳالهه پوڙهه مون ڪئي ۽ مون ۽ ملڪ العادل جي وچ ۾ جيڪا ڳالهه ٻولهه ٿي هئي سا سندن حضور ۾ پيش ڪئي سون. تنهن کان پوءِ مون پنهنجي پين ساٿين جي موجودگيءَ ۾ ملڪ العادل جو خط پڙهيو. سلطان اتي جو اتي ان تجويز کي منظور ڪيو ڇاڪاڻ ته ڪيس ڇڪيءَ طرح خبر هئي ته انگلينڊ جو بادشاهه ان تي عمل ڪرڻ کندو ۽ اهو چالاڪيءَ ۽ مذاق کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪونهي. مون عرض ڪيو ته مهرباني ڪري حضور جن پنهنجي رسمي منظوري عطا فرمائين. تنهن تي هن ڪيترائي دفعا ٿي ٿي پيرا ”ها! ها!“ چيو ۽ جيڪي اسين موجود هئاسين تن کي چيائين ته ”اوهين منهنجي اقرار تي شاهد رهجو. جڏهن اسان کي سندس اهو اقرار مليو ته پوءِ اسين ملڪ العادل ڏانهن موتي آياسين ۽ جيڪي ڪجهه وهيو واپريو تنهن کان ڪيس واقف ڪيوسين. مون

سان جيڪي ساڻي هئا تن اعلان ڪيو ته مون ڪيترا دفعا سلطان کي چتاءُ ڏنو هو ته جيڪا منظوري هن هينئر ڏني آهي تنهن لاءِ آءُ شاهدن کي گهرائيندس ان هوندي بہ هن سواءِ ڪنهن هڪ جي پنهنجي مڪمل منظوري ڏني هئي. تنهن ڪري اهي تجويزون سندس مڪمل منظوري سان قبول ڪرڻ کپن. شوال جي 2_تاريخ (24 آڪٽوبر 1191ع تي) ابن نهال کي سلطان ۽ ملڪ العادل طرفان دشمن جي ڪئمپ ۾ موڪليو ويو. انگلينڊ جي بادشاهہ کي جڏهن اها خبر پئي ته اهو قاصد آيو آهي تڏهن هن کي گهرايائين ۽ ڪيس چيائين ته. "شهزاديءَ کي جڏهن اها خبر پئي آهي ته سندس شاديءَ جون صلاحون ٿيون آهن ته هو تمام گهڻي ڪاوڙي آهي ۽ هن پنهنجي شادي لاءِ انڪار ڪري چڏيو آهي ۽ هن پنهنجي شادي لاءِ منظوري ڏيڻ کان باقاعدي انڪار ڪري چڏيو آهي ۽ اعلان ڪيو آٿس ته آءُ ڪڏهن بہ ڪنهن مسلمان سان شادي ڪانہ ڪندس." سندس پاءُ وڏيڪ چيو ته. "جيڪڏهن ملڪ العدل عيسائي ٿيڻ پسند ڪري ته پوءِ اسين هينئر ئي سندس شادي ڪرائينداسين." اڳتي هلي هو ورڻ لکي ٿو: انگلينڊ جو بادشاهہ ملڪ العادل کي جيڪو آخري پيغام موڪليو تنهن ۾ هن هي بيان ڏنو "پوپ اسان جي مذهب جو سربراهہ آهي. اسان جا عيسائي سپ هن ڳالهہ تي ڪاوڙيا آهن ۽ منهنجي خلاف رڙيون پيا ڪن ته انگلينڊ جو بادشاهہ پوپ جي اجازت ڪانسواءِ پنهنجي پيڙ مسلمان سان پرڻائي ٿو." آءُ تنهن ڪري پوپ ڏانهن پنهنجو سفير موڪليان پيو. مون کي ان جو جواب ڇهن مهينن ۾ ملي ويندو. جيڪڏهن پوپ منظوري ڏني ته پوءِ اهو جيڪو معاملو طئي ٿيو آهي ان تي عمل ٿيندو جيڪڏهن نہ ته پوءِ توکي پنهنجي پائٽيءَ جو سڳ ڏيندس. جنهن جي لاءِ پوپ جي اجازت جي ڪابہ ضرورت ڪانهي." اڳتي بهاؤالدين لکي ٿو: پيو جيڪو عيسائين جو پيغام آيو تنهن ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ هيءَ ڳالهہ چئي ويئي. "جيڪڏهن پوپ شاديءَ جي منظوري ڏني ته پوءِ ان جو بندوبست ڪيو ويندو. جي نہ ته اسين بادشاهہ جي پاءُ جي ڏيءَ ملڪ العادل کي پرڻائي ڏينداسين. اها ڪنواري آهي. جيتوڻيڪ اسان جي مذهب جي مطابق بادشاهہ جي جيڪا ڏيءَ بيواهہ هجي تنهنجي شاديءَ لاءِ پوپ جي مرضيءَ جي ضرورت آهي پر ڪنواري شهزاديءَ جي شاديءَ جي لاءِ پوپ جي منظوريءَ جي ضرورت ڪانهي ۽ هر خاندان کي حق آهي ته جنهن کي وٺيس تنهن کي ڏيئي چڏي." ان جو جواب سلطان ۽ ملڪ العادل طرفان هي موڪليو ويو: "جيڪڏهن شاديءَ جي اجازت ملي ته جيڪو پاڻ بندوبست ڪيو آهي تنهن تي عمل ٿئي چاڪاڻ اسين پنهنجو واعدو نہ ٽوڙيندا سين. پر جي اها ڳالهہ ناممڪن هجي ته پوءِ اسان لاءِ بي ڪا عورت نہ چوندجو."

سوال: جڏهن ادبين کان وڏي وزير پڇيو ته: "سنڌ جي تاريخ تي مستند ڪتاب آهي؟" شيخ اياز سوڏو سيني جواب ڏنو ته: نه، ڇا توهان ان انڪار سان سهمت آهيو؟

محمد نواز خشڪ- ڏاپيجي ٽنڊو

جواب: "سنڌ جي مستند تاريخ" واري فقري جون ٻه معنائون ٿي سگهن ٿيون. هڪڙي اها ته سنڌ جي موڻ جي دڙي ۽ ان کان اڳ کان ونهي اڄ تائين سنڌ جي تاريخ ۾ جيڪي ٻه وهيو واپريو آهي تنهن احوال جي هڪ يا وڌيڪ جلدن ۾ پکي هڪڙي مستند ۽ پروسي جوڳي تاريخ، اهڙي تاريخ سنڌي ادبي بورڊ طرفان گهٽي زماني کان لکجي پيئي پر "نڊنڪا گهوڙا غيباٽا هسوار" وانگر پنجاهه سالن ۾ ٻه لکجي پوري ٿئي ته ٻه وڏا ٻاڳ ڇپا. باقي مختلف دورن بابت حال سارو نسبتا مستند تاريخون ڪافي آهن مثلا "چچ نامو"، "تاريخ طاهري"، "تاريخ معصومي"، "تاريخ مظهر شاهجهاني"، "تحفت الڪرام"، "توائي معارڪ" وغيره وغيره.

سوال: سنڌ جي ترقيءَ جو هندستان جي تهذيب سان ڪهڙو ڳانڍاپو آهي؟ تاريخ جي حوالي سان مختصر اسان کي ٻڌائيندا؟

ياسين شيخ- گيت

جواب: جاگرافيائي طور اصل سنڌ ۽ هند ڇڻ ٻه الڳ ملڪ آهن جن کي راڄپوتانا جو رڻ پٽ هڪ حد تائين هڪجهئي کان ڌار ڪري ٿو. مولانا روميءَ چيو آهي:

"هنديان را اصطلاح هند مدح
سنديان را اصطلاح سند مدح."

"هندوستانين کي هندي ٻولي سونهي ٿي ۽ سنڌين کي سنڌي." پر هونئن. حڪومتون هڪ کان وڌيڪ هجڻ جي باوجود، هندستان ائين هڪڙو پکو تاريخي ۽ تهذيبي علائقو آهي جيئن يورپ، ان خيال کان انهن کي هڪجهئي کان ڌار ڪري نٿو سگهجي.

سوال: جڏهن سنڌ ۾ سمن جي حڪومت هئي، تڏهن آس پاس جي رياستن ۾ جيڪي حاڪم هئا، انهن جي باري ۾ ڪا خبر آهي؟

نورالنساء- ميهڙ

جواب: سمن 1336ع کان 1521ع تائين حڪومت ڪئي. آس پاس جي رياستن جي حاڪمن جي حڪومت جا صحيح سن ملڻ ڏکيا آهن. پر ڪجهه هن قسم

جي صورتحال هئي :

ان دؤر جي مارواڙ ۽ جوڌپور جي راڻوڙ راجائن ۾ مهاراجائن ۾ اسانکي پهرين "چنداراؤ" جو نالو ملي ٿو، جيڪو 1382ع ۾ حڪومت ڪندو هو، تنهن کان پوءِ جا راجا هئا، "ڪانها"، "ستا"، "رامل"، "رڻمل"، "جوڌا"، "ساتل"، "سجا" ۽ "گنگا". گنگا 1532ع تائين راڄ ڪيو ۽ 1521ع ۾ ئي سمن جي حڪومت ختم ٿي ويئي.

جئي پور ۾ 1286ع ۾ "ڪنتل ثانيءَ" جي حڪومت هئي. تنهن کان پوءِ "حهانسي"، "اڌايا ڪرنا"، "ناراسنگ"، "پنپير"، "اڌارائو"، "چندراسينا" حڪومت ڪئي. سمن جي دور جو آخري راجا چندرا سينا هو. جنهن 1534ع تائين حڪومت ڪئي. پوءِ ارغونن جي دور جو "پرٿوي پهريون" آيو.

بيڪانير ۾ راجا ديڪارائو جي حڪومت 1465ع ۾ هئي. تنهن کان پوءِ "نارو"، "لنڪارڻ"، "جيتسي" ان وچ ۾ جيستي جي دور ۾ ئي 1521ع ۾ سمن جي حڪومت ختم ٿي.

جيسلمير جا ان زماني جا حاڪم پٽي راول ۽ مها روال هئا. انهن مان اسان کي 1331ع ۾ گهر سنگ ملي ٿو. تنهن کان پوءِ راول بلڪ مها راول ٿيا هڪ پئي پٺيان ڪيهر، لکمڻ، پيري سنگ، چچڪ ديو، ديوي داس، جيتسنگ ثاني، ڪرن سنگ ثاني ۽ ان کان پوءِ مهاراول لنڪارن آيو. جنهن 1550ع تائين حڪومت ڪئي. مهاراول لنڪارن جي دور ۾ سمن جي حڪومت ختم ٿي.

ملتان ۾ 1444ع ۾ لانگاهه قطب الدين محمود پهرئين جي حڪومت هئي. تنهن کان پوءِ حسين اول ۽ محمود ثاني ابن فيروز ۽ حسين ثاني آيا. حسين ثانيءَ 1524ع کان 1526ع تائين حڪومت ڪئي. ان وچ ۾ سمن جي حڪومت ختم ٿي ويئي.

سوال: محمد بن قاسم سنڌ تي ڪاهه چو ڪئي؟ ۽ ڇا واقعي هن امن ۽ اسلام جو نعرو بلند ڪيو يا امن ۽ اسلام جي آڙ ۾ سنڌ ۾ قزلٽ ڪرڻ شروع ڪئي؟

بشير احمد جانوري- لاڙڪاڻو

جواب: محمد بن قاسم، حجاج بن يوسف جو ماتحت ۽ عزيز هو. حجاج بن يوسف اسلامي تاريخ جو سڀ کان وڏو سفاڪ، قاتل ۽ جلاد ٿي گذريو آهي. هن هزارين مسلمانن کي بيگناهه شهيد ڪيو. انهن ڏينهن ۾ اسلامي تحريڪ تي بادشاهت جو قبضو ٿي چڪو هو. حضور ﷺ جن بادشاهت جي خلاف هئا. ائين ڪٿي چئجي ته خلفاءِ راشدين کان پوءِ اسلام تي اسلام کان اڳ جي عرب

بالادست فيملي بنو اميه جي فوجي جرنيلن جو قبضو ٿيو ۽ بادشاهت جو بنياد وڌو ويو. خود مولانا مودودي جھڙن ماڻھن چيو آھي ته ملوڪيت اسلام جي منافي آھي. حجاج بن يوسف جي زماني ۽ ملوڪيت جي جھندبي هيٺ سڄي دنيا تي قبضو ڪيو پئي ويو ۽ مھم جو اسلامي جهاد جي قانوني ۽ اخلاقي تقاضائن پوري ڪرڻ سان ڪو تعلق ڪونہ هو. انهيءَ باري ۾ مولانا مودودي جھڙي تمام سخت "بنياد پرست" عالم جو ڪتاب (جهاد) نظر مان ڪڍي سگھجي ٿو. تنهن ڪري تمام گھڻن ماڻھن جي نظر ۾ اها ملڪ گيري جي گاله هئي ۽ جيڪڏھن اوهان ڇڇ نامو پڙھندو ته اوهان کي خبر پئجي ويندي ته سنڌ مان ڪروڙن عربين روپين جي ڦرلٽ ڪئي وئي ۽ عورتن کي غلام بڻايو ويو. اھو ان وقت جو دستور هو. اها گاله فقط محمد بن قاسم تائين محدود ڪونهي. سڄي دنيا ۾ جيڪي به طاقتور ٿيا آھن تن ڦرلٽون ڪيون آھن. انهن ۾ ڪو مسلمان، هندو يا عيسائي جو فرق نہ آھي، جنهن وٽ به فوج وڌيڪ طاقتور آھي سو ڪاهيو ويو پرائي ملڪ تي قبضو ڪري. هر حملي آور حملي جو حواز ڏئي ٿو. سڪندر اعظم چيو ته يوناني تهذيب ڦھلائڻ آيو آھيان. چنگيز خان چيو ته آئون آسماني قانون نافذ ڪرڻ نڪتو آھيان. عيسائي، هندو، مسلمان سمورن فوجي جرنيلن چيو ته دين ڏرم ڦھلائڻ نڪتا آھيون. بهرحال هر نئين قوت جيڪڏھن اها وڌيڪ اڳتي وڌيل آھي ته اها پوئتي پيل علاقي ۾ اڻ پٽل آڻي ٿي. هندستان ۾ انگريزن وانگر عربن جي اچڻ به هتي جي عوام لاءِ ڪيترين اڻ وٽندڙ گاڏهين سان گڏ ڪافي تبديليون آندیون ۽ اهي تبديليون هندستان جي مجموعي واڌاري لاءِ ڪافي مددگار به ثابت ٿيون.

سوال: ڇا محمد بن قاسم کان اڳ سنڌ ۾ مسلمان ڪونہ هيا؟ اگر جي هيا ته ڪھڙن علاقن ۾ هيا؟ وضاحت ڪندا.

ثناءالله ڈھر- ڈھرڪي

جواب: محمد بن قاسم جي اچڻ کان اڳ ۾ چيو ويڄي ٿو ته هندستان جي ڏاکڻي ۽ اوپر ڏکڻ ڪناري تي عرب واپاري اڳ ۾ پھچي چڪا هئا.

سوال: محمود غزنويءَ جي ڪاھ کان اڳ يا محمد بن قاسم کان به اڳ ۾ هندستان ۾ جيڪي هندو حڪومتون هيون، انهن ۾ ڪي اھڙا به هئا، جيڪي سڄي هندستان يا ان جي گھڻن پاڳڻ جا حڪمران هجن؟ اهي حڪومتون ڪھڙو وقت هليون؟ انهن جا گھراٽا ڪھڙا هئا؟ مهرباني ڪري تفصيل سان روشني وجهندا؟

سرلا ديوي- جامشورو

جواب: هندستان ۾ باقاعدي مسلمان حڪومت غلام گهرائي شروع ڪئي. محمود غزنوي ۽ محمد غوريءَ وارا آيا ۽ ويا. محمد بن قاسم جي حڪومت سنڌ ۽ ملتان تائين محدود هئي. مرڪز يعني دهليءَ تي قبضو غلام گهرائي جي دؤر کان ٿيو شروع ٿيو. جيڪو 1206ع کان محمد غوريءَ جي غلام ۽ سندس هندستان جي وائسراءِ جنرل قطب الدين ايبڪ جي راڄ سان شروع ٿيو. تنهن کان پوءِ مسلمانن جا ڪل ڇهه ٻيا گهرانا آيا: خلجي، تغلق، سيد، لوڌي، سوري ۽ مغل. ان کان اڳ ۾ هندستان جي مختلف علائقن تي هندن جي مختلف حاڪمن جون حڪومتون هيون. مرڪزي شهنشاهيت ڪُل ڇهن گهرائن ڪئي.

1- **موريائي گهراٽو:** جيڪو 320 ق-م (قبل مسيح) کان 187ق-م تائين يعني ڪُل 133- سال قائم رهيو. شهنشاهيت جو باني جڳ-مشهور ڏراڙ گوريلا سپ سالار "چندر گپتا موريا" هو. جيڪو هندستان جو پهريون آزادي ڏيارينڌڙ سورمو ۽ پهريون شهنشاهه هو. هن يوناني سڪندر اعظم جي فتحن کي شڪست ۾ تبديل ڪيو ۽ هندستان کي يوناني غلامي جي ڳٽ مان آزاد ڪيو. ان شهنشاهه جو وزير اعظم سندس روحاني، سياسي ۽ جنگي مرشد هاڪارو انتظامي ماهر، مدبر ۽ هندستاني خودمختياريءَ جو علمبردار پنڊت "چاڻڪيه" هو، جنهن جي سياسي حڪمت عملي جي هوشياريءَ جو سڄي دنيا اعتراف ڪري ٿي. ان دؤر جي عملي سياست بابت سندس ڪلاسيڪي ڪتاب "ارٿ شاستر" اردو ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. هيءَ تصنيف دنيا جي وڏين بنيادي علمي پيڙهه جي پٿرن ۾ شمار ٿئي ٿي. سنڌين کي اهو ضرور پڙهي ڏسڻ گهرجي.

2- **سنگهار گهراٽو:** جيڪو 187 ق-م کان 75 ق-م تائين هو. هن جو راڄ ڪُل 112 سال هليو.

3- **ڪانورا گهراٽو:** جيڪو 75 ق-م کان 30 ق-م تائين هليو.

4- **گپتا گهراٽو:** اهو به هڪ مشهور گهراٽو ٿي گذريو آهي، هن ڪُل 275-سال حڪومت ڪئي ۽ اهو سن 275ع کان سن 550ع تائين قائم رهيو.

5- **پشپا پوتي گهراٽو:** جنهن 147 سال راڄ ڪيو. اهو سن 500ع کان 647ع تائين قائم رهيو. اسلام جو ظهور، هن گهرائي جي دؤر ۾ ٿيو. جنهن زماني ۾ هجرت ٿي هئي، مڪو فتح ٿيو هو ۽ حضور جن وفات ڪئي هئي، تن ڏينهن ۾ هن گهرائي جو مشهور شهنشاهه "هرش وردنا" هندستان جو فرمان روا هو.

آخري گهراٽو پرتي هار هو جيڪو 750ع کان 1030ع تائين هليو.

اهڙيءَ طرح هندستان تي تمام وڏو عرصو هندن جي شهنشاهت قائم رهي

آهي يعني 320 ق۔م کان 1030ع تائين، تقريبا سادا تيرهن سؤ سال. ان عرصي ۾ مورين جا 10 شهنشاهہ سنگها جا 10، کانوا جا 4، گپتا گهراڻي جا 15، پشپا پوتيءَ جا 6 ۽ پرتي هار گهراڻي جا 15 شهنشاهہ ٿي گذريا آهن.

سوال: اسان Ancient civilizations (قديم تهذيب) مان آهيون. اسان جي Indus Civilization (سنڌو هڪ ماٿري جي تهذيب) سيني Civilizations (تهذيبن) کان اڳتي هئي. هن وقت اسان سيني کان پنڌتي آهيون. مثال طور Egypon-Chinese ۽ Mesopotorion (چيني، مصري ۽ عراقي تهذيبون) پاڻ پريون آهن. The Renaissance يورپ جي تهذيبي نئين زندگيءَ کان پوءِ Roman and Greek (رومي يوناني) تهذيبن جي Ruins (کنڊرن) تي هڪ نئين Civilization (تهذيب) ماڊرن يورپ جي روپ ۾ جنم ونڊي چڪي آهي. جنهن جو هڪ کارڻ تاريخدان انهن Antiquities (قديم آثارن) کي ڏهرائين تا جيڪي قديم يورپي چڏي ويا هئا. خود The Renaissance (تهذيبي نئين زندگي) جو کارڻ ب آهي Antiquities (قديم آثار) آهن جن يورپين ۾ نئون روح پئدا ڪيو. منهنجو سوال آهي ته اسان ماڻهو پنهنجي Antiquities remains (قديم آثارن) مان سکي ڪري هڪ دفعو Renaissance (تهذيبي نئين زندگي) چونہ ٿا ڪريون؟

منظور چانڊيو - شعبہ تاريخ، قائداعظم يونيورسٽي، اسلام آباد.

جواب: هن سلسلي ۾ پهريائين ٻہ ٽي ڳالهيون سمجهڻيون آهن. پهرين ڳالهہ ته اسان جي سنڌو ماٿري جي تهذيب سيني ڳالهين ۾ "سيني تهذيبن کان اڳتي" ڪانہ هئي. جيڪي حقيقتون رکارڊ تي موجود آهن تن مان اسان جي تهذيب جي ٻين تهذيبن تي برتري فقط سهڻي ۽ سائنسي اڏاوت وارو شهر ڏاهڙ تائين تسليم ٿيل آهي. پي ڳالهہ ته هر تهذيب جا قديم آثار ايترا طاقتور ۽ ايترا ڪافي نٿا ٿين جو اهي ان تهذيب جي جاءِ تي هڪڙي "تهذيب نئين زندگي" يا Rennaissance کي جنم ڏيئي سگهن. ٽين ڳالهہ ته مٿين سڀن جي ڪري هر قديم تهذيب نئين سر جنم نہ ٿي ونڊي سگهي. شروعات ٽين ڳالهہ کان ٿا ڪريون. دنيا جي پهرين ثقافت ڪرومئگنان نسل جي ماڻهن جي ثقافت آهي جيڪا اٽڪل چار سؤ ويهہ صديون اڳ يا ٻائيتاليهہ هزار سال اڳ قائم ٿي. ان کي آرگنيشين ثقافت سڏيو وڃي ٿو. اها ثقافت اٽڪل 22 هزار سال قائم رهي پوءِ ختم ٿي وئي. ان کانپوءِ اٽڪل ٻہ سؤ صديون يا ويهہ هزار سال اڳ پهريائين سوليو ٽرين ثقافت ۽ ان جي پويان مئگڊيلينين ثقافت وجود ۾ آيون جن قديم پٿر جي دؤر جي فن کي بلندين تي رسايو. اٽڪل 60 صديون اڳ يا ڇهہ هزار سال اڳ سميريائي تهذيب وجود ۾ آئي ۽ ان جي

پرسان ۽ پنڀيان مصري، بابلي، اسيريائي، ايراني، ميسنيائي، چيني، موهن جي دڙي ۽ هڙاپا، اوگارت، ڪريٽ وغيره ثقافتون وجود ۾ آيون. اتڪل اٺاويهه ٽيهه صديون اڳ هاڪاري يوناني تهذيب شروع ٿئي ٿي ۽ ان جي پويان اتڪل پنجويهه صديون اڳ رومي ريپبلڪ جو بنياد پيو. انهن مان اڪثر ثقافتن ۽ تهذيبن جو اڄ نالو نشان به ڪونه رهيو آهي. انهن کي سندن قديم آثارن جي بنياد تي ڪا نئين زندگي ڪا نه ملي آهي. جن تهذيبن جا آثار مليا آهن ۽ موجود آهن تن ۾ سميريائي، مصري، بابلي، اسيريائي، يوناني، رومي ۽ بيون شامل آهن. انهن تهذيبن جون ڪافي لکتون به مليون آهن. انهن جي بولي سمجهي ويئي آهي ۽ لکڻ جو مقدار به ڪافي آهي. انهن مان اڪثر لکتون ساڳئي وقت هڪ کان وڌيڪ بولين ۾ آهن. اسان واري موڻ جي دڙي جي لکت تمام ٿورڙي، تمام مختصر ۽ فقط هڪڙي اهڙي بوليءَ ۾ آهي جنهن کي اڄا دنيا ۾ ڪوبه سمجهي ڪونه سگهيو آهي. جڏهن ان کي سمجهيو ويندو تڏهن موڻ جي دڙي بابت ڪيترين اهم ڳالهيون سمجهه ۾ ايندينون، پر هڪڙي ڳالهه اڄ به پڌري آهي ته موڻ جي دڙي جي تهذيب، سوچ، سمجهه، علم، ادب، ڊراما، شاعري، فلسفي، قانون ۽ سائنس وغيره جو اهڙو ڪوبه اٿاه ذخيرو ڪونه ڇڏيو آهي، جهڙو يونان ۽ روم پيدا ڪيو. ان ڪري ان تهذيب کي اهڙو ڪو زبردست وارث به ملي ويو ها جهڙو يونان ۽ روم جي تهذيبن کي مليو يعني سمورو يورپ ته به اهو ان تهذيبي ورثي جي زور تي ڪا وڏي تهذيبي نئين زندگي حاصل ڪري نه سگهي ها جهڙي يورپ وارن ڪئي. ان ڪري اسان جي تهذيبي نئين زندگي جو بنياد فقط سنڌ ماٿري جي قديم تهذيب تي نه پر اڄ تائين روءِ زمين تي اولهه توڙي اوپر ۾، قديم زماني توڙي جديد ترين دؤر ۾ جيڪو به عالمي ثقافتي، تهذيبي سرمايو گڏ ٿيو آهي تنهن تي رکي سگهجي ٿو ۽ رکڻ گهرجي. يونان جي تهذيب هزارن سالن بعد به بي مثال آهي حالانڪ يونان چين، هندستان يا روس جيڏو وڏو ملڪ يا وڏي اقتصادي يا فوجي قوت نه هو. جيڪڏهن اسين همت ڪريون، سکون، پروڙيون، لوچيون ۽ لهون ته اسان جي ترقي جي پهچ آسمانن تائين ٿي سگهي ٿي.

سوال: موڻن جي دڙي مان نڪتل ذخيرو مڪمل اهو ئي آهي، جيڪو اڃڪلهه اتي عجائب گهر ۾ پيو آهي؟ ۽ اهو به ٻڌائيندا ته اهو اصل آهي يعني جيڪو دڙي مان نڪتو آهي سو ساڳيو آهي يا ان جو نقل هتي ڇڏي اصل انگريز پاڻ سان گڏ کڻي ويا؟

بشير احمد جانوري- پينس کالوني لاڙڪاڻه

جواب: گهٽو ڪري جيڪي دڙي مان نڪتو سو اهوئي آهي ۽ ساڳيو اهو

آهي، جيڪو عجائب گهر ۾ موجود آهي. نقل جي ڳالهه اڄ تائين نه ٻڌي اٿئون. گهٽو ڪري ائين نه هوندو ته اصل ٽپڙ انگريز کڻي ويا هجن ۽ انهن جو نقل ناهي اسان وٽ ڇڏي ويا هجن.

سوال: سائين! شهر گهوٽڪيءَ کان يارنهن ڪلوميٽر اوپر طرف گهوٽڪي جروار روڊ تي موهن جي دڙي جو هم عمر شهر ماٽيلو اڄ به موجود آهي. تمام تاريخي دڙا، برج، ديل ڪوٽ وغيره موجود آهن، جنهن کي "مومل جي ماڙي" چيو ويجي ٿو. هن بابت ڪيترن ئي تاريخي ڪتابن ۾ به ذڪر ملي ٿو. هتي جڏهن به مينهن وسندو آهي ته قسمين قسمين جا ٽانو ٽپاءِ ڪيڏاڻ سڪاءِ دلا ۽ عجيب و غريب قسم جا ٽهيل انساني بوتا ظاهر ٿيندا آهن. انهن کي سنپالڻ جو ڪوبه جوڳو بندوبست ڪونهي. ڳوٺ جا ماڻهو دڙي (مومل جي ماڙي) جي هڪ ڏوئي کي پيا آهن. ڪو سرون پٽي رهيو آهي ته ڪو وري مٽي ڍوئي رهيو آهي. ٻيو ته چڏيو پر پري پري جا ماڻهو ٽريڪٽر ٽرالي جي ذريعي دڙي جي سڀي مٽي کڻي رهيا آهن. سندس پاسا کوٽي رهائش جو بندوبست ڪيو پيو ويجي. ڪجهه سال اڳ ثقافت کاتي وارن "مومل جي ماڙي" جي اهميت محسوس ڪندي ان جي حفاظت جو سوچيو ۽ پهريون قدم اهو کنيو ويو ته هڪ بورڊ (مومل جي ماڙيءَ تي) لڳايو ويو، جنهن تي دڙي بابت ذڪر هو ۽ معلومات درج هئي. جڏهن عملدارن پٽي ڏني ته ڳوٺائن چا ڪيو جو سيمينٽ جو ٽهيل بورڊ پٽي گهر کڻي ويا ۽ نلڪي (هينڊ پمپ) هيٺان رکي ڪيڑن ڏوئڻ جي ڪم آڻي رهيا آهن. امير بخاري صاحب به دڙي بابت ڪيترائي مضمون لکيا آهن ۽ حڪومت تي زور ڏيو آهي ته هن دڙي جي کوٽائي ڪرائي ويجي، هڪ ميوزيم ٺاهيو ويجي پر منهنجو خيال آهي ته سڀ کان پهريان سندس حفاظت ته ڪئي ويجي، ميوزيم ۽ کوٽائي ته بعد جا سلسلا آهن. اوهان حڪومت جو هن اهم دڙي (مومل جي ماڙي) طرف ڌيان ڇڪايو ۽ مٿن زور وجهو ته هن دڙي جي حفاظت ان کان پوءِ کوٽائي پوءِ ميوزيم جو بندوبست ڪيو ويجي. جي ائين نه ڪيو ويو ته سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم ماڳ نيست و نابود ٿي ويندو (خدا نه ڪري). اوهان جو ان باري ۾ ڇا خيال آهي؟

عبدالحئي پٽو ۽ شاهد خالد- ماٽيلو (گهوٽڪي)

جواب: آءُ توهان سان متفق آهيان ته هن دڙي جي حفاظت، ان کان پوءِ کوٽائي ۽ بعد ۾ ميوزيم جو بندوبست ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. هن ڪالم جي وسيلي آءُ اختياري وارن جو ۽ خاص ڪري سنڌ جي چيف منسٽر عبدالله شاهه صاحب جو هن طرف ڌيان ڇڪايان ٿو ۽ ان سلسلي ۾ پيو جيڪي ڪجهه

ٿي سگھڻ جھڙو هوندو تہ ان قومي ڪم ۾ اسين توهان سان شريڪ آهيون.

سوال: ڇا ماڇڪو جو علائقو سنڌ جي سرزمين آهي؟ جيڪڏهن ماڇڪو جو علائقو سنڌ جي سرزمين آهي تہ پوءِ پنجاب جي قبضي ۾ ڇو آهي؟ هي مسئلو مون "بختور" اخبار ۾ تاريخ 94-2-7 تي رحيم بخش مهر جي لکيل ڪالم ۾ پڙهيو. اوهان هڪ قومپرست جي حيثيت سان ان تي روشني وجھو ۽ ان مسئلي تي آواز اٿاريو ڇو تہ توهان وڪيل آهيو، نہ تہ سنڌ جي ڏرتي توهان کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندي. هي اسان ۽ توهان تي فرض عائد ٿئي ٿو تہ سنڌ ڏرتيءَ جي انچ انچ جي حفاظت ڪريون. اميد آهي تہ ان مسئلي تي وس آهر معلومات ذريعي آگاھ ڪندا.

عبدالستار ڪلاڊي- شڪارپور

جواب: ماڇڪو جو علائقو اڳ سنڌ جي سرحد ۾ هو. ميرن جي شڪست کان پوءِ ميرعلي مراد خان تي انگريزن طرفان الزام هنيو ويو تہ مير صاحب پنهنجي مائٽاڻي رياست مان جيڪو علائقو پنهنجو ڪري ڏيکاريو هو اهو واقعي سندس نہ هو، ۽ قرآن شريف تي جيڪا ست ڪئي وئي هئي اها درست نہ هئي. ان الزام جي ثابت ٿيڻ کان پوءِ ڏنڊ طور انگريزن کانئس ڪيترو علائقو ونڊي ڪڍھ علائقو نواب بهاولپور کي ڏنو ۽ ڪڍھ پنجاب کي ڏنو ۽ ان ۾ شايد ماڇڪي جو علائقو بہ شامل آهي.

هونئن ماضيءَ ۾ علائقن ۾ تمام گھڻيون قيريون گھيريون ٿيون آهن، ڪراچي اڳي سنڌين وٽ هو، پوءِ وري افغان حڪمرانن بلوچستان جي حوالي ڪيو، پوءِ وري ميرن جي واريءَ ۾ سنڌ جي حصي ۾ آيو. اوير بلوچستان جو ڪچ علائقو سنڌي ڳالهائي ٿو. ڊيرا غازي خان ۽ ڊيرا اسماعيل خان بلوچ چون ٿا تہ اهو اسان جو آهي. سرائيڪي چون ٿا تہ اسان جو آهي، پنجابي چون ٿا تہ اسان جو آهي. بلوچستان جا دوست چون ٿا تہ جيڪب آباد اسان جو علائقو آهي. ان جي جواب ۾ سنڌ جا ماڻهو ائين چوندي بہ ٻڌا ويا آهن تہ اوير بلوچستان لس ٻيلي سميت سڄو سنڌي ڳالهائي ٿو ان ڪري اهو اسان جو آهي. انهيءَ قسم جا مسئلا قدرتي ۽ ڪافي آهن. انهيءَ جي باري ۾ ڪو تمام سخت قسم جو مؤقف ونڊڻ شايد عوام جي گڏيل مفادن ۾ نہ ٿئي. اهي مسئلا تاريخي آهن ۽ تاريخ ئي اڳتي هلي انهن کي حل ڪري سگھي ٿي.

سوال: اسان چانديا سنڌي تحريڪن ۾ بہ آهيون قربانيون بہ ڏيئي رهيا آهيون حال مطابق، پر ڪيترائي ماڻهو اسان کي سنڌي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهن ۽ هو اسان کي بہ مهاجر ڪوٺن ٿا. چون ٿا تہ چانديا قوم يا قبيلو سنڌ جو ناهي.

هو غير قوم آهن پر اسان ان هر ڳالهه کي غلط ڪندا رهيا آهيون. مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته چانڊيا قبيلو ڪٿان آيو ۽ ڪنهن سان لڳي ٿو بلوچن سان يا سنڌين سان؟ اصل ڪٿان جا هئا ۽ ڪهڙي نسل جا هئا؟

ابو زيب چانڊيو - سينٽرل جيل لاڙڪاڻو

جواب: مون ڪٿي پڙهيو آهي ته چانڊيا اصل هوت بروچ (پنهوءَ وارو لڏو) آهن. سنڌ ۾ رهندڙ سيد، پير، چانڊيا ۽ ٻيا بروچ، دراوڙ، سماٽ، ڪولهي، ڀيل، پاڻ سپ هڪجهڙا سنڌي آهيون. البت ٻڌجي ٿو ته ڪي سنڌي هوندي پاڻ کي سڌائڻ ۾ عيب ٿا سمجهن ۽ پاڻ کي ڏاريو اعليٰ نسل سڏرائين ٿا. قوم جي هر حصي بابت ڪاڻ ڪا شڪايت آهي ئي آهي. ڪن چانڊين لاءِ ٻ اها شڪايت آهي ته جڏهن ته ٻيا چانڊيا قومي تحريڪن ۾ اڳواڻ آهن تڏهن اهي وري ڏاڙن ۾ ٻ اڳواڻ آهن ۽ چون ٿا ته "اسين سنڌين کي ٿا ڦريون، بروچ جو نالو وڻون ته پوءِ مياري!" جيڪڏهن ڪنهن جي ٻ اهڙي ڪا سوچ واقعي آهي ته اها پنهنجي قومي وجود جي ويرياڻي سوچ آهي. ٻين سان گڏ چانڊين کي ٻ اهڙي قسم جي ڪنهن امڪاني سوچ جي مذمت ڪرڻ گهرجي ۽ ان کان بچڻ ۽ ان سان مقابلو ڪرڻ گهرجي.

سوال: هڪڙي ڳالهه جنهن اسان کي منجهائي رکيو آهي، سا اها آهي ته جدگال جنهن کي (نٽ) ٻ چيو ويندو آهي، سي اصل ۾ ڪهڙي نسل سان تعلق رکن ٿا ۽ انهن جي قوميت بلوچ آهي يا سنڌي، چو ته اسان بلوچستان ۾ جدگالي ٻولي ڳالهائيندا آهيون. ان ڪري اتي جا بلوچ اسان کي جدگال سڏيندا آهن. جنهن جي معنيٰ آهي "ڏاري ٻولي ڳالهائيندڙ" ۽ هتي جا سنڌ جا ماڻهو اسان کي مڪراني سڏيندا آهن. جنهن جي معنيٰ ته اسان هتي جا مقامي (باشندا) نه آهيون. پر مڪران مان آيا آهيون. ان ڪري مڪراني ٿياسين. مهرباني ڪري جدگال (نٽ) قبيلي بابت توهان پنهنجي ڄاڻ مطابق اسان کي اصل حقيقت حال کان معلوم ڪندا ته ٿورائتو رهندس.

عبدالرزاق جدگال - ڪراچي

جواب: جيئن بلوچستان جا ماڻهو سنڌ ۾ آيا ۽ سنڌي ٿي ويا، تيئن سنڌ جا ڪي ماڻهو بلوچستان ويا ۽ جديد قومي حساب سان بلوچ بنجي ويا. بلوچستان مان آيل سنڌ ۾ رهندڙ بلوچن کي سنڌ جا ٻيا ماڻهو پاڻ جهڙو سنڌي سمجهن ٿا. بلوچستان سماجي طرح سنڌ کان ڪافي پوئتي پيل رهيو آهي. اتي ڪن ماڻهن جي "قوم" بابت سوچ پراڻي، مدي خارج ۽ نسل پرست آهي. ڪي بلوچ سردار ۽ سندن پوئلڳ پنهنجي قبيلي کان سواءِ ٻين کي بلوچ سمجهڻ لاءِ

تيار ناهن. توهان جديد علمي ۽ سائنسي معنيٰ ۾ بلوچ آهيو. بهرحال هاڻ توهان وري مستقل طرح پنهنجي اصلوڪي وطن سنڌ ۾ اچي رهيا آهيو ته توهان سنڌي ٻه آهيو. اهڙي طرح توهان جي ٻڌي قوميت آهي. جيڪا غير معمولي ڳالهه ڪانهي.

سوال: اڃڪلهه هڪ بحث چڙيو آهي ته اقليت ۽ اڪثريت مان ڪير صحيح آهي. توهان جو ان متعلق ڪهڙو خيال آهي ته انهن ٻنهي مان ڪير صحيح آهي؟

ڪاوش ست

جواب: هن مسئلي کي سمجهڻ جي لاءِ ٻن ٽن ڳالهين کي ذهن ۾ رکڻو پوندو: پهرين ڳالهه اها آهي ته انسان جي سمجهه جي سطح ايڏا ٻالڪپڻي ۾ آهي. انسان لکها سال پنهنجي زندگي ائين گذاري آهي جو هو هڪ اڪر ٻ لکي نه سگهندو هيو، ۽ تمام وڏي دور کان پوءِ هن ڳالهائڻ سکيو ۽ ائين لکڻ جي نه اچڻ ڪري هن جي تجربي جو انتقال هڪ نسل کان ٻي نسل تائين نه ٿيو. تجربو ماڻهن سان گڏ مري ويو. تجربي مان جيڪو عقل، عرفان، شعور ۽ سمجهه پيدا ٿئي ها سو ضايع ٿي ويو. ڪئين لکن سالن جو تجربو قبرن ۾ دفن ٿي ويو. ٻيو ته علم کي سروائيو ڪرڻ نه ڏنو ويو. گهڻن طبقن جي اها ڪوشش هئي ته سچن علمن، سچين ڳالهين کي قتل ڪري ڇڏجي ته جيئن اهي ماڻهن وٽ نه پهچي سگهن. تاريخ ۾ ڪيترائي ماڻهو آهن جن جا خيال اسان تائين صرف نه پهتا آهن، بلڪي اڇڻ ئي نه ڏنا ويا آهن. جيئن 500 صديون قبل مسيح هند سان چارواڪ رهندا هيا انهي چارواڪ فلسفي متعلق چوڻ آهي ته اهو ان دور جو سڀ کان وڌيڪ ايڈوانس فلسفو هو. اهي برهمڻن جي خلاف هئا. سو انهن جو جيڪو فهم، علم ۽ ادراڪ هيو سو اسان وٽ اڳيو برهمڻ جي انهن ڪتابن جي صورت ۾ مليو، جنهن ۾ انهن جي رڳو گلا ڪئي وئي آهي. باقي هن جا سڀ ڪتاب ساڙيا ويا. اسان وٽ ٻيو مثال خارجين جو آهي. اهي ٻه پنهنجي دور جا اصلي ترقي پسند هئا، جن کي اسان ان دؤر جا صحيح بنياد پرست چئون ٿا. هي اڄ وارا بنياد پرست ڪوڙا آهن. جيتري هن کي قرآن جي آگاهي هئي، جيتري هن کي عربي جي ڄاڻ هئي، ۽ جنهن ڪري ئي هو پنهنجي دور جا عالم ٿي گذريا. پر اسان تائين انهن جو هڪڙو ڪتاب ٻ نه پهتو، جو هن جا سڀئي ڪتاب ساڙيا ويا ۽ هن کي قتل ڪيو ويو. اهو ڪتاب ساڙڻ ۽ ماڻهن کي گڏلهائڻ جي اجازت نه ڏيڻ جو جيڪو دستور آهي. انهيءَ ڪري فڪرن کي اسرڻ ئي نه ڏنو ويو آهي: فڪرن کي قتل ڪيو ويو آهي جنهن جي نتيجي طور اسان وٽ علم بگڙيل حالت ۾ پهتو آهي. انهيءَ ڪري

اسان وٽ نيچرل علم ۽ گهٽ پهتو آهي. ڪوڙو علم اسان تي زوري مسلط ڪيو ويو آهي ۽ اهو علم جيڪو ثابت ٿيو ته ڪوڙو آهي، سچو فراڊ آهي، ان کي ٽنيا ۽ ٽوٽيون ڏيو، ماڻهن مٿان رکيو ويندا آهن ماڻهن کي خبر ۽ آهي ته اهو ڪوڙ آهي، تنهن جي باوجود انهيءَ کي بار بار ورجايو ٿو ويڃي.

ٻئي ڳالهه ته حاڪم اقليت ۽ محڪوم اڪثريت جي وچ ۾ تضادن جا قسم آهن؟ پهريان اهي جيڪي حل ٿي سگهن ٿا، ٻيا اهي جيڪي ناقابل حل آهن. ٽيون هن ۾ هڪ فرق آهي فرق اهو ته هن جي اٽڪي ويهڻي مختلف آهي، باقي بنيادي طرح اهي ساڳيا آهن، باقي رڳو ڏگري جو فرق آهي مثال طور موت سيني تي اچي ٿو، شادي سڀ کان ٿا، عشق سڀ کان ٿا، حاڪم ۽ پار ڇڻي ٿو، محڪوم ۽ اولاد پيدا ڪري ٿو ته اهي آهن انهن ۾ هڪ جهڙايون، گهٽ ماڻهو رڳو تضادن تي ڏيان ڏين ٿا. بدترين ماڻهن ۾ ۽ هڪجهڙايون آهن. ڪائنات ۾ هڪ وسيع هڪجهڙائين جو تسلسل آهي، ۽ ان جي ابتڙ هڪ تضاد آهي ۽ ڪائنات سڄي جنهن ۾ امير، غريب، انگريز، افريڪن، ڪوڇڙا، پولڙا آهن سيني ۾ هڪ طرف تضاد آهن ۽ ٻئي طرف هڪجهڙايون آهن. حڪمران طبقن ۾ ڪيئي اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪيئ عوام جي مفادن وٽان آهن، مثال طور حڪمران طبقن جا ماڻهو بهادر آهن، ۽ انهي بهادري ۾ ماڻهو پنهنجو عڪس ڏسن ٿا، جيئن ڏوڏو، هاٿي ڏوڏو ۽ حاڪم طبقي مان آهي پر ڏودي ۾ جيڪا سونهن آهي جو جيئن هو گهوڙي تي ڏهي ڏکي ٿو هلي ڪنڌ مٽي ڪٽي ٿو هلي، ان وقت ماڻهن کي هو پنهنجو دشمن نه ٿو لڳي بلڪ ماڻهو ان ۾ پنهنجي تڪميل ٿا ڏسن. جيئن هڪ مهاٿي چوڪري جنهن جا ڪپڑا ميرا آهن، اها ڪنهن سهڻي جيڪا سهڻن ڪپڑن ۾ آهي، تنهن ۾ هوءَ پنهنجي بهتر روپ ڏسندي، انهيءَ کي هو پنهنجي ابتڙ نه بلڪ پنهنجي بهتر روپ طور ٿي ڏسي. تنهنڪري ماڻهو، ماڻهو جي وچ ۾ تضاد ۽ آهي. ماڻهو، ماڻهو جي هڪ ٻئي ۾ تڪميل ۽ آهي، ماڻهو هڪ ٻئي جون ضرورتون پوريون ڪندڙ ۽ آهي ۽ ماڻهو، ماڻهو کي مڪمل ڪندڙ ۽ آهي.

حڪمران طبقن جا ڪيترائي خيال آهن جن سان ماڻهو ڪاريگري ٿا ڪن. قرآن ۾ آهي ته "ماڻهو پنهنجي بادشاهن جي دين تي آهن" يا "بادشاهن جو جيڪو ڪلام آهي سو ڪلامن جو بادشاه آهي" سو ماڻهو واقعي بادشاهن جي دين تي هلن ٿا ۽ بادشاهن جي ڪلام کي واقعي هو سمجهن ٿا ته پٽان کو داناءُ پيو ڳالهائي. ماڻهو انصاف پسند آهن، هو سمجهن پيا ته اهو منهنجو دشمن پيو ڳالهائي، ماڻهو حڪمران جي سونهن کي دشمن جي نظر سان نه بلڪ چوندا ته هي سهڻو ماڻهو آهي. سو ماڻهو کي رڳو سونهن نظر اچي ٿي، هن کي

ان جي سونهن ۽ پنهنجي بدحالي جي وچ ۾ جيڪو رشتو آهي سو سمجهه ۾ نه ٿو اچي. ماڻهو اهو ڏسن ٿا ته لکين ماڻهن جا چهرا پيلا آهن، لکين ماڻهن جا گهر اونداهه ۾ آهن ۽ ٻين جا گهر روشن آهن. سو ماڻهن کي رڳو روشني ٿي نظر اچي، هن کي روشني ۽ اوندهه ۾ جيڪو رشتو آهي ته هن جي گهرن ۾ اوندهه آهي ئي ان کري جو ٻين گهرن ۾ فالتو گهٽي روشني آهي، اهو اندروني جيڪو لکل رشتو آهي، اهو ماڻهن کي ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. انهي کري ماڻهن جي اکثريت خوشيءَ سان حڪمران طبقن جي ڳالهين کي مڃي ٿي، تنهن کري حڪمران طبقو جيڪي خيال پکيڙي ٿو، انهن کي ماڻهو خوشي سان قبول ڪن ٿا. پر ڇا حڪمران طبقو اهو سمجهي ٿو ته هو جيڪي ڪوڙا خيال پکيڙي پيو سي واقعي ڪوڙا آهن. نه حڪمران طبقو پاڻ به پنهنجي پروپيگنڊا جو شڪار ٿي ويندو آهي ۽ ڇا آرين جيڪو پنڊت طبقو هيو تن جا خيال کي صحيح هيا ڇا؟ ۽ هن جيڪا تبليغ ڪئي سان انهي کي اهو سمجهي پئي ڪيائين ڇا ته اها آئون ڪوڙي تبليغ پيو ڪيان؟ نه بلڪ انهن مان ڪيترن ائين سمجهيو پئي ته اها ڳالهه صحيح آهي. تنهن کري حڪمران طبقو غلط خيال ڦهلائي ٿو، پوءِ ان جو اسير ٿئي ٿو ۽ ماڻهن کي اسير بنائي ٿو. تنهن کري ماڻهو مارڪ پينس ٽين ٽام پنهنجن حڪمرانن جا ماڻهن جي اکثريت جون ريتون رسمون پنهنجي دشمن طبقن جي خيالن جو عڪس آهن اکثريت ان کري غلط آهي جو اقليت هن کي غلط ڪرڻ لاءِ پنهنجا سمورا وسيلا صرف ڪيا آهن. اکثريت هڪڙو ته پنهنجي پسماندگي جي کري غلط آهي ۽ ٻيو ته اقليت جي اها منظم ڪوشش آهي ته اهي غلط هجن، تنهن کري اقليت ۽ اکثريت ٻنهي جا خيال صحيح آهن، يعني هن جي فائدي وٽان آهن، ٻيا خيال هن جا غلط آهن، جو خدا نالي حساب سان به هو غلط پيا سوچن. تنهن کري اکثريت پڙاڏو آهي، ظالم اقليت جي خيالن جو، تنهن کري اکثريت کي به سهي نه سمجهڻ ڪيي جو خود پنهنجي باري ۾ جيڪي سوچون آهن سي به غلام آهن. اکثريت جيڪو خود سوچي ٿي، سي سندس مفادن جي خلاف آهن. اکثريت جن شين کي صحيح سمجهي ٿي انهن مان اکثر دشمن جا ڦهلايل سچ آهن. اکثريت هڪڙي پاسي آهي، ۽ اقليت ٻئي پاسي آهي، ائين نه سوچڻ ڪيي جو اکثريت غلط انهيءَ کري ٿي سوچي جو اقليت هن کي غلط سوچڻ لاءِ مجبور ٿي کري. پر اڳتي هلي جڏهن اکثريت کي سڀا خيال ملن ٿا، هن جي تربيت ٿئي ٿي. پوءِ هن جا خيال ايدوانس ٿي وڃن ٿا ۽ پوءِ اهي ايدوانس خيال رهن ٿا ان دؤر ۾ وري پوءِ ان مان جيڪا مڙهندي آهي ۽ ائين سلسلو هلندو رهندو آهي، اهو هڪ جدولي سرشتو آهي، جيڪو هلندو ٿو رهي. جنهن دؤر ۾ اکثريت جڏهن

بهترين خيالن سان هٿياربند ٿئي ٿي. تڏهن هن جي خيالن کي ٻاهون ملن ٿيو. تنگون ملن ٿين، هٿ ملن ٿا ۽ اهڙي ريت هڪ وڏي لشکر جيان تاريخ کي اڳتي وڌائي ٿي.

سوال: عقلي لحاظ کان اڪثريت ۽ اقليت مان ڪير وڌيڪ آهي؟

ڪاوش ست

جواب: عقلي لحاظ کان اها ڳالهه سمجهڻ لاءِ انهيءَ مسئلي کي گڏ نه ونڻ گهرجي. اسين صحيح چا کي سمجهندا آهيون. صحيح معنيٰ چا، سائنٽيفڪ لاءِ صحيح ته پاڻي جي ماپ ڪرڻ ڪيتري آهي؟ هوا ڪٿان پئي لڳي؟ انگلينڊ ڪهڙي پاسي آهي؟ انهيءَ صحيح جي ته حڪمران طبقن کي وڌيڪ خبر آهي. پر ٻيون جيڪي صحيح ڳالهيون آهن، جيئن انسان دوستي، رحم ۽ ٻيون هزار سڃائيون آهن. جيڪي عوام کي گهٽيون سمجهه ۾ اچن ٿيون. پر اهو سمجهڻ ضروري آهي ته اقليت ۾ خود تضاد آهي. پهريون ته ڪيترائي اهڙا دؤر آيا آهن، جنهن ۾ فقط هڪڙو ماڻهو صحيح آهي ٻئي روءِ زمين غلط آهي. تنهنڪري معاملو رڳو اڪثريت ۽ اقليت جو ناهي، ان ۾ هڪ ٽئين ڏر به آهي يعني اڪثريت، اقليت ۽ فرد ڪڏهن ڪڏهن هڪ فرد صحيح آهي ۽ ٻيو ٽوٽل ئي غلط. پر اهو فرد به نسبتن صحيح آهي، درو جي اڪثريت جي حوالي سان صحيح آهي. هن ڪائنات ۾ ڪا به شيءِ قطعي نه آهي، ڪا به ناقابل تغير نه آهي، تنهن ڪري ڪنهن دؤر ۾ هڪڙو ماڻهو يعني گليلو صحيح هيو جڏهن ته روءِ زمين جا ماڻهو غلط هئا. تنهن ڪري اهو صحيح ناهي ته ڪو سڀني اقليت غلط هوندي آهي، عربي ۾ چوندا آهن ته الحق دوارک يعني "حق سڀني گردش ۾ رهي ٿو" حق هڪڙي هنڌ نه آهي.

پي ڳالهه ته گليلو ۽ ارسطو ٻئي صحيح هئا پر چا اهي سڀني صحيح هئا "ڪائنات جي چوواٽن تي" ڪتاب ۾ مضمون لکي ٿو ته "ارسطو ايترو صحيح هيو جو هن ايندڙ پنجن صدين جي صداقتن جا دروازا بند ڪري ڇڏيا". يعني هن جون صداقتون ايتريون گهٽيون هيون، ۽ انهن کان ماڻهو ايترو متاثر هئا. جو هن جيڪي غلط ڳالهيون ڪيون. انهن مان پنجن صدين تائين جان ڪانه ڇٽي. يعني هن جي صداقتن جو ايترو ڏاڪو هيو جو، انهن نون عملن کي ڦٽڻ ئي ڪونه ڏنو ۽ ائين انهن ڳالهين جي پاڇي هيٺ سڄ مري ويا ۽ ائين هن جي غلط ڳالهين کي ماڻهن قرآن ڪري ورتو.

هڪڙي سائنسدان چيو آهي، ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو مون کي ڪهڙي به "فنتاسڪٽڪ" ڳالهه چوي ٿو ته اها ممڪن آهي، ته آءٌ ان کي مڃيندس. يا ڪو ماڻهو چوي ته ماڻهو مان ڪڪڙ جو ٻچو جمي سگهي ٿو؟ ته آءٌ هن کي

چوندس ته اهو ممڪن آهي، جو سائنس سپاڻي چا ٻڌي سگهي ٿي ۽ آءُ هن کي "رول آئوٽ" نه ڪندس. جيڪڏهن ڪو مون کي ائين چوي ته ماڻهون ڪڏهن ٻه ڪڙ جي ٻچي کي جڻي نه ٿو سگهي. ته آءُ ان کي ڪوڙ ميچيندس. هڪڙي ماڻهو ڪتاب لکيو آهي ته سائنسدانن جيڪي غلط بيانيون ڪيون، هن ارسطو کان وٺي شروعات ڪئي آهي، ڊنگ ڊنگ سائنسدان ٿا چون ته فلاڻي شيءِ ممڪن ئي ڪانهي. اهو ٿي ئي نه ٿو سگهي، پنهنجي شعبي ۾ ٺيڪ پر ٻين شعبن متعلق ناممڪن لفظ چئي غلط بيانن جو هڪ اڻ کٽ رڪارڊ ٺاهي ويا.

اسان جي دؤر جي تمام گهٽي اڪثريت تمام وڏن وهمن ۽ وسوسن ۾ وکوڙيل آهي. تنهن ڪري نوان فرد اچن جيڪي نوان خيال ڏين ۽ اهي اڪثريت ۾ تبديل ٿين ماڻهن تائين پهچن ۽ ائين ٻوءِ انهن خيال کي پر ملن ۽ اهي اڏامن. سو اهي خيال جيڪي رڳو اقليت وٽ آهن سي سڙيو ڳريو خسيس ٿيو وڃن. وڏا زور تڏهن پيدا ٿيا، جڏهن سڀيون اقليتون ڳندين اقليتن جي پيٽ ۾ پيدا ٿيون. سڀ خيال ٻ اقليتون آٿين، خراب خيال ٻ اقليتون پيدا ڪن. اڪثريت ويچاري ته معمول آهي. سڀ ماڻهو، يا سڀيون اقليتون اڪثريت جي خواهش جي نمائندگي ڪن ٿا. اڪثريت جي خواهش جي نمائندگي ڪندڙ مفڪر، سائنسدان، عالم ٻ پيدا ٿين ٿا. مادي حالتون نون خيالن کي جنم ڏين ٿيون. نوان فڪري نظام نون خيالن کي جنم ڏين ٿا اهي وري ڦهلجن ٿا. توهان ڏسندو ته دنيا ۾ جيڪي ٻ "بريڪ ٿرو" ٿيا آهن، اهي سائنٽيفڪ ٿيا آهن، اهي علم ۽ فلسفي جي دنيا ۾ آيا آهن، انهن ادب پيدا ڪيو. جيئن اسلام ۾ ٿيو. اسلام ۾ پهريون تصوف جو فڪر پيدا ٿيو، تنهن کان پوءِ البل خير جيڪو تصوف جو پهريون شاعر هيو. تنهن ڪري پهرين تصوف جو فڪر نهيو، شاعري نه آئي. انهيءَ کان اڳ ۾ خارجين بحث ڪيا، سوال ڪيائون ذهن کي لوڏيئون، فڪر ۽ نظريا نهيا، بصرو هيڊڪواٽر هيو خيالن ۽ فڪرن جو، جنهن سڄي معاشري جي ذهن کي جنجهوڙيو ۽ پوءِ وڃي هڪڙي منظم سوچ نهي جيڪا غلط هئي. پر ابتدائي هئي ۽ ارتقائي مرحلن ۾ هئي ۽ پوءِ وڃي هي سڄي شاعري جو نظام نهيو تنهن ڪري فرد جو هڪ رول آهي، تمام وڏو رول آهي. اقيت کي واضح ڪجي ته اقليت ڪهڙي؟ ڪڏهن ڪڏهن اقليت تمام وڏا خيال ڏيندي آهي، پر ڪي اقليتون رجعت پسند هونديون آهن، ڪڏهن ڪڏهن ته وري اڪثريت پنهنجن اقليتن کان تمام ايڊوانس خيالن جي ٿئي ٿي، اڪثريت نوان خيال پاڻ ۾ جذب ڪري، ان کان وڌيڪ نوان خيال ڪري وري انهيءَ مان نوان خيال پيدا ڪري، تمام ايڊوانس خيالن جي اقليتن کي اڪثريت جنم ڏيندي آهي. تنهن

ڪري اهو هڪ پروسيس آهي جيڪو هلندو رهندو ۽ اهو هڪ گول چڪر ۾ آهي، جنهن ۾ اهي خيال جيڪي مري ويل آهن، دفن ٿيل خيال پنهنجا ڪفن ڦاڙيو ٻاهر نڪرندي ڏسڻ ۾ ايندا. توهان کي هر صدي ۾ پنج پنج، ڏهه ڏهه صديون اڳ جا خيال نظر ايندا. خيال پنهنجا روپ بدلائين ٿا. جيئن ڪميونزم جو خيال توهان کي مزاڪ ۾ ملندو ته چارواڪ ۾ به جيڪي هڪ ٻئي سان ملندا ئي ڪونه هئا. انهن جو خيال هو ته ملڪيت تقسيم ٿيڻ کپي بلڪ عورتون ڪڍي انهن کي آزاد ڪيو ته جيئن مساوات صحيح ٿي سگهي. اهو خيال مزدڪ وٽ آهي جيڪو 4-صدي ۾ جمشيد جي زماني جو آهي، ائين توهان ڏسندؤ ته هڪ ئي خيال آهي جيڪو وڪريل آهي.

هميشه انهيءَ ڳالهه تي غور ڪيو ته اڪثريت ڪهڙين ڳالهين ۾ صحيح آهي؟ اقليت ڪهڙين ڳالهين ۾ غلط آهي؟ هميشه "اسپيڪ" سوال هجڻ گهرجي. انهيءَ ڪري جو هر شيءِ نسبتن صحيح يا غلط هوندي آهي. مثلا فلاڻن وڏيرن جي مقابلي ۾ فلاڻا وڏيرا ڀلا آهن. يا جيئن نواز شريف، بينظير ۽ غلام اسحاق خان مان نسبت بهتر ڪير آهي؟ جيڪو به جواب ملندو اهو شايد بهتر هوندو، پر چگو مائهو ڪهڙي چگائي کي جنم ڏيندو اها عوام کي خبر نه آهي: ۽ اهو چگو مائهو ڪهڙي برائي کي جنم ڏيندو سا هن کي خبر نه آهي. هن (عوام) کي رڳو سادا سچ سمجهه ۾ اچن ٿا.

ڪيترائي خيال جيڪي اصل ۾ عوامي آهن انهن کي اقليت منظم ٿي ڪري، پر اهي عڪس هوندا آهن. هڪ وسيع اڪثريت کي ضرورتن جي خبر ناهي هوندي، جيئن هڪ نشئي مائهو چوندو ته هن کي هيروئن ملي، اها هن جي داخلي ضرورت آهي، پر هن جو نشو ٽوڙيو وڃي ۽ هن کي صحتمند ڪيو وڃي اها آهي خارجي ضرورت آهي. اهو جيسين مائهن جي خارجي ضرورت کي ڪٽي، هن جي ئي پلي لاءِ اهي ڳالهيون ڪري ٿو جيڪي هو اڃ نه ٿا سمجهن، پر سياڻي سمجهندا، ۽ پوءِ چوندا ته ها هو صحيح پيو چئي.

سو اهو رشتو سمجهڻ جي ضرورت آهي جيسين پنهنجي سر ڪجهه نه آهي.

سوال: تنهن ڪري اهو چوڻ ته اقليت اڪثريت جي نمائنده ٿئي ٿي؟

ڪاوش ست

جواب: ڪن حالتن ۽ ڪن حدن ۾ ها ۽ ڪن حالتن ۽ حدن ۾ نه. هر شيءِ ڪائنات ۾ نسبتي آهي. هميشه انهيءَ ڳالهه جو خيال رکو ته ڪهڙو، ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڪهڙين حدن اندر وغيره.

دراصل مائهن جا هڪ اهڙا خيال آهن، جيڪي زوري جينٽيڪلي هن تي مڙهيا وڃن ٿا، جيڪي خارجي طرح هن جا پنهنجا خيال نه آهن. تعصب،

حسد، خوف، بي مقصد خوف، مثلا جيڪڏهن تون هن مقام جي پاسي مان لنگهي ته توکي موگها (جن) کائي ويندا. توهان پاڻ کي چئو ته اهو هن جو پنهنجو خيال آهي، پر دراصل اهي هن جا پنهنجا نه پر زوري ذهن مسلط ڪيل خيال آهن. تنهن ڪري خيالن ۾ فرق ڪرڻ ڪهڙي، هڪڙا خيال ماڻهن جا فطري، ضرورتن پٽاندڙ، سندن اقتصادي نظام ۽ نفسياتي جبلتن مان جڙيا آهن. هڪڙا خيال اهي آهن، جيڪي جبر ذريعي، مڪر ذريعي، ماءُ جي هنج ۾ ٽڄ ذريعي علم ذريعي، ماڻهن مٿان مڙهيا ويا آهن ۽ ڇا سڀني ماڻهن جا خيال هڪجهڙا آهن ڇا؟ ڪائنات ۾ ڪابه شئي هڪجهڙي آهي ئي ڪانه. سيل (گهوڙي) جي ليول تي به صفا هڪجهڙايون نه آهن. سو ماڻهن جي خيال کي ورهائي چئبو آهي ته هڪجهڙيون لوئر "انسٽاٽس" آهن ۽ ٻيون هاءِ انسٽاٽس آهن. ماڻهن جا پنهنجن مفادن متعلق جيڪي خيال آهن سي به متضاد ۽ متفرق آهن. ماڻهن ۾ خيالن جي جنگ ٿئي ٿي. ماڻهن جا هڪڙا سڌل خيال ٿين ٿا. سيلف ڇا آهي؟ سيلف مجموعو آهي انهن جيتن جو جنهن ۾ بلند ترين جبلتون آهن. اهي نمائندگي ڪن ٿيون. انسان جي ڪروڙها سالن جي اعليٰ جبلتن ۽ ذليل ترين جبلتن سان ماڻهو جڏهن سڌل ٿئي ٿو تڏهن هو هڪ ڏينهن ته ڇا پر هڪ ڪلاڪ ڪان پوءِ ڇا ٿيندو ان جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. هن پل جيڪو آهي سو ڪري ونان، باقي سپائي ڏئو ويندو. سو اقليت اهڙن سڌل خيالن جي نمائندگي ڪن ٿا، پر اعليٰ ذهن ترجماني ڪن ٿا انسان جي بنيادي ضرورتن جي ۽ انهن کي ئي حق آهي ته اهي ترجماني ڪن. انسان جي پلائي وارن خيالن ۽ انسان ذات جي وسيع ترين رشتن جو جيڪو نظام آهي، ان جي لاءِ لين چيو آهي ته حقيقت جي ترجماني ڪهڙا خيال ڪن ٿا حقيقت جي ترجماني اهي خيال ڪندا جيڪي پلاسٽڪ وانگر ائين ئي هر اهو شيپ ونڻي سگهن جيڪو حقيقت جو آهي جي توهان محبوبا کي آئيديا لائيز ڪري چڏو ته سهڻي به آهي، گلاب جو گل به آهي، عطر جي خوشبو به اچي پئي ته پوءِ انهن کي پلاسٽ سٽي آف ٽاٽ نه چئبو. سائنس جي معنيٰ آهي ئي پلاسٽ سٽي آف ٽيوري. تنهن ڪري صحيح ترجماني ٿي ئي تڏهن سگهندي جنهن پلاسٽ سٽي آف ٽاٽ هجي.

سوال: خيال اقليت ٿي ناهي يا اڪثريت؟

ڪاوش ست

جواب: خيالن جو ڪچو مواد عوام ناهيندو آهي، باقي فينڊ ٽيوري سو اقليت ناهي ٿي. جيئن فن ماڻهو سڄو ڏينهن سازن تي ريئون ريئون وينا ڪن، ته اڳتي هلي چند ماڻهو انهيءَ ريئون ريئون ۾ نظم و ضبط پيدا ڪري ڪو

بهترين ساز ٿا تخليق ڪن.

اسان جو رفرينس رڳو نہ هجڻ گهرجي ته اقليت معنيٰ حاڪم ۽ اڪثريت معنيٰ عوام، بلڪي انهيءَ کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته انسان جانور مان پيدا ٿيو آهي.

رفرينس وڏي ۾ وڏو جانور آهي، ماڻهو جي گهٽي ۾ گهٽي رهائش ٻيلن ۾ ٿي. جتي درندا هڪ ٻئي کي ڦاڙيندا هئا. هي ماڻهو جو اوچتو پاڳل ٿي ٿو وڃي اهو ڇا آهي؟ انهيءَ جو سبب اهو آهي ته 24 لک سال ماڻهو ٻيلن ۾ رهيو. جڏهن هو رڳو ڇڇرات ڪندو هو. ڳالهائي ڪونہ سگهندو هيو. اها ڪاوڙ ته رڳو ان جي باقيات مان آهي. اسان جي جسم ۾ اڄ به اهڙا ڪيترائي عضوا آهن، جن جي اسان کي ضرورت ئي ڪانهي، جيڪي هاڻ رڳو باقيات ۾ آهن. ساڳي طرح مدي خارج خيال رڳو باقيت طور ڪنيو پيا هلون.

مان چوڻ اهو پئي چاهيو ته جمندي ئي توهان وٽ اهي شيون آهن. جيڪي هن دور توهان کي ڏنيون ئي ڪونهن. اهي هزارين لکين سال اڳ جون آهن جيڪي سروائيو پيون ڪن. اڪثريت جيڪا هينئر مظلوم آهي، سا به ته ڪنهن وقت ۾ خود ظالم هئي، خود درندو هئي.

حڪمران طبقا منظم اسٽيٽ ناهڻ کانپوءِ، منظم نظريا ناهيا، منظم فڪر ناهيا. انهن پنهنجي مفادن وٽان عوام ۾ پنهنجن مقصدن جي فڪر جو، عوام جي خارجي توڙي داخلي ضرورتن ۽ ڪمزورين جو فائدو وٺندي ۽ عوام جي پلائي ۽ عوام جي حقيقتي ضرورتن توڙي مصنوعي ضرورتن جيڪي هن تي مسلط ڪيون ويون. تنهن ۾ انسان جي ذهن کي مينيوپيليٽ ڪيو. گمراهه ڪيو آ، ۽ منظم گمراهه ڪرڻ لاءِ هڪڙيون مشينريون حرڪت ۾ آيون آهن. تنهن ڪري اڪثريت حڪمران طبقن جي پيدا ڪيل خيالن جي زخمي ڪيل، ۽ عوام حڪمران طبقن جي گمراهي جي زهريلن جيوڙن جا ڪندر آهن، جيڪي هڪ ٻئي کي پيا زهر آلود ڪن. انهن لاءِ هن هي طريقا استعمال ڪيا ته سڀ خيالن کي جنم ڏيڻ نہ ڏنئون. ڪوڙن خيالن کي وڏو ڪري پيش ڪيائون. جبر سان، ڏنڊي سان ۽ فريب ۽ مڪر ذريعي ماڻهن جي خيالن کي هٿرادو ناهيو. حڪمران طبقن جي اقليت، حڪمران طبقي جي فائدي واسطي ماڻهن کي ذهني طرح مجروح ۽ مفلوج ڪيو ويئي آهي. تنهن ڪري عوام جا خيال غلط آهن. پر جڏهن هن کي موقعو ملي ٿو سڀ خيال ملن ٿا ۽ تمام وڏي جدوجهد کان پوءِ انهن کي سمجهن ٿا. تڏهن جمپ ڏئي انهن پراڻن خيالن کان نڪري وڃن ٿا ۽ هو دنيا ۾ معجزا ڪري ڏيکارن ٿا.

ڪارو ڪاري جي ڪينسر جو قانوني علاج ڪريو

سوال: اڄ مان اوهان کان هڪ خطرناڪ مرض جي باري ۾ پڇي رهيو آهيان، جنهن کي اگر مان "ڪينسر" چوان ته بهتر ٿيندو. سائين اهو آهي ڪارو ڪاريءَ جو معاملو. اسان هڪ مڪمل جاگيردار ضلعي جيڪب آباد جا رهاڪو آهيون ۽ اهو ظلم اکين سان ڏسون ٿا. دل ۾ ڪڙهون ٿا پر ڪري ڪجھ به نه ٿا سگھون. سائين اڄ به هن ضلعي ۾ وڏن وڏيرن جي ڪوٽن ۾ اهي ويچارين جنهن کي ڪاري جو لقب ڏيئي اڇلايو ٿو وڃي ۽ پوءِ وڏيرو يا سردار ان مسڪين کي هوس جو نشانو بنائڻ کانپوءِ چند ٽڪن لاءِ وڪڻي ٿو ڇڏي ته جيئن هو موالي ٽائپ سردار چرس ۽ هيروئن جو بندوبست ڪري. سائين ڇا اوهان ان سلسلي ۾ ڪجھ نه ٿا ڪري سگھو؟ ڇا حڪومت کو قانون پاس نه ٿي ڪري ته جيئن معصوم نياڻين کي تحفظ ملي؟ ۽ اهو ڪڏو ڪاروبار بند ٿي وڃي "ڪينسر" کي ختم ڪرڻ لاءِ مخلص مائھن جو ساٿ ڏيو. هر ڪنهن کي خبر آهي ته ملڪ جي پٺتي پيل ضلعي جيڪب آباد ۾ ڪارو ڪاريءَ جو مرض ڪيترو عام آهي. اوهان کي گذارش آهي ته اوهان ڏاڍا آهيو ان جو ڪو حل حڪومت ڏانهن موڪليو ته جيئن ڪو سخت قانون عورتن جي تحفظ لاءِ حڪومت پاس ڪري ۽ عورتون جيئري جهنم داخل نه ٿين. عرض ته هن ڪارو ڪاري جي تاريخ جي باري ۾ اگر معلومات ڏيو ته مهرباني ته اهو مرض ڪيئن شروع ٿيو ۽ ڪٿي؟

سوال: ڪارو ڪاريءَ جي قاتل رسم ايجان ڪيستائين هلندي. اها رسم جاگيرداري نظام جو حصو آهي يا انهيءَ رسم جا ٻيا ڪي ڪارڻ آهن؟

سليم ابڙو - ٽنڊي محبت

جواب: اسلام ۾ باقاعدي شرعي مقدمي هلائڻ کانسواءِ ڪنهن کي ذاتي طرح سزا ڏيڻ ناجائز آهي. ان ڪري جيڪو گھر کان رسي سو وڃي مائي کي قتل ڪري ڇڏي. اهو شريعت محمديءَ موجب سڏو قتل آهي. پاڪستان جي به قانون ۾ اهو قتل آهي پر پاڪستان پينل ڪوڊ جي قلم 299 پيڪ ۾ هڪڙو فقرو آهي. Grave and Sudden Provocation سنگين ۽ اوچتي چڙ ڏيارينڙ "اشتعال" ان جي آڙ ونڊي عورتن جي ان ڏنڊي وائڙي قتل وارو ڪارو

ڪاريءَ جو وحشي اسلام دشمن، جمهوريت دشمن، سنڌ دشمن ۽ انسان دشمن نظام پاڻ کي قائم رکيو ويٺو آهي. ان نظام کي قائم رکڻ ۾ انگريز جي پاليسيءَ جو وڏو دخل آهي. سن 1857ع تائين انگريزن جي پاليسي اها هئي ته اڪبر اعظم وانگر جيڪي به سماج ۾ ڏنيون وائنيون برايون هجن جهڙوڪ ننڊيڙ جي شادي، مڙس جي مرڻ ڪانپوءِ زال کي ساڙي چڏڻ ۽ ٻيا اهڙا ٻوائتا انسان دشمن جرم، انهن تي اڪبر اعظم وانگر بندش وجهجي. لارڊ ولزلي، لارڊ ڊلهائوسي ۽ ٻين وائسرائن ۽ گورنر جنرلن ان سلسلي ۾ ڪارائتا انسان دوست قدم کنيا. پر انهن جي مخالفت ڪئي وئي ته اهي اجايو هندستاني سماج کي انهن وحشي عادتن کان چڏائي اتي جي بااثر حلقن يعني رجعت پرستن کي ناراض ٿا ڪن. ٻئي طرف ماڻهن کي انهن وحشي عادتن کان آزادي ملندي ته هو وڌيڪ سجاڳ ٿيندا اڳتي وڌندا. سڪ جو ساهه ڪٽندا ۽ انگريزن لاءِ خطرو ٻڌاء. تنهنجي ڪري انهي ڳالهه تي وڏو تڪرار هليو ته هندستان جي سماج کي انهن ڪينسر جهڙن مرضن کان نجات ڏيارڻ انگريز سامراج جي فائدي جي ڳالهه آهي يا الٽو انهن جي نقصان جي ڳالهه آهي. 1857ع ۾ انگريزي پڙهيل ماڻهن جيڪا بغاوت ڪئي ۽ انگريزن خلاف شدت واري ويڙهه ڪئي ۽ ٻئي طرف رجعت پرست طبقن، سردارن، جاگيردارن، راجائن، مهاراجائن طرفان انگريزن کي جيڪا ان لڙائي ۾ مدد ملي تنهن کانپوءِ انگريزن فيصلو ڪري چڏيو ته هاڻي هندستان جي ماڻهن کي ستارٿو ئي ناهي. هن کي چڏي ڏجي ته اهي سردارن، جاگيردارن، بادشاهن جا غلام ٿي وينا هجن. مغل بادشاهت ڪڍي چڏجي باقي جتي جتي، جنهن جنهن گندي سماجي ڏيٺ ۾ ماڻهو قاتل هجن انهن کي اتي ئي رهڻ ڏجي. ان ڪري انگريزن هڪڙي ناهيل جوڙيل پاليسيءَ مطابق سنڌ ۾ وڏيرا شاهي، سردار شاهي، جاگيردار شاهي کي مضبوط ڪيو ته ماڻهو پلي اونداهي دنيا ۾ رهن. جاهل هجن، ڪمزور هجن، بي پهچ هجن ۽ سرڪار نامدار سان وڙهي نه سگهن. انهي ڪري انهن هٿ ونڊي سموريون بي حيائي واريون رسمون ۽ رواج قائم رکيا. اها سامراج جي پاليسيءَ جي بنيادي ضرورت هئي.

حڪمران طبقن کي خاص طرح موجوده بينظير جي حڪومت کي اهي جيڪي قلم 299 پيڪ ۾ اکر آهن. (Grave and Sudden Provocation) تنهن ۾ ترميم ڪرڻ ڪيپي ۽ واضح طريقي سان ڪنهن ماڻهو کي شڪ جي بهاني قتل ڪري چڏڻ جي ڳالهه کي ان جڙ ڏيارينڊ واقعي واري بچاءَ جي دائري کان ٻاهر ڪيڏ گهرجي. پاڪستان پينل ڪوڊ جي قلم 300 ۾ جاٽايل آهي ته قانون مطابق "قتل" چا کي چئبو آهي. ان جي هيٺان پنج استثنائون ڏنل آهن.

ڪارو ڪاريءَ جي حالت ۾ ڪورٽون جوابدارن کي پهرين اشناءَ جو فائدو ڏيئي کين رڳو نالي ماتر سزا ڏيئي، عملي طرح ڇڏي ڏين ٿيون.

ان اشناءِ جا لفظ هيٺيان آهن:

"جڏهن ته ڏوهه جهڙي نموني ماڻهو مارڻ قتل ناهي. جيڪڏهن ڏوهي سنگين ۽ اوچتي اشتعال سبب پاڻ تي ضابطي رکڻ جي طاقت کان محروم هجي تڏهن جيڪڏهن هو اشتعال ڏيندڙ کي ماري وجهي ته ان حالت ۾ ماڻهوءَ جو مرڻ قتل ناهي" ان اشناءَ جي هيٺان ٿي شرط ڏنل آهن ته فلاڻين فلاڻين حالتن ۾ اشتعال جي باوجود ماڻهو مارڻ قتل ٿيندو. انهن ٽن شرطن جي پٺيان چوٿون شرط جيڪڏهن هي شامل هجي ها يا هان ڪري ڇڏجي ته "ڪارو ڪاريءَ جي رسم مطابق ڪنهن کي مارڻ قتل ۾ شمار ٿيندو ۽ ان لاءِ اشتعال جو عذر قابل قبول نه هوندو." ته پوءِ اهي سيئي قتل جيڪر بند ٿي وڃن. سنڌ جي سجاڳ ۽ انسان دوست ماڻهن کي ان لاءِ حڪومت تي زور وجهڻ گهرجي. جيتري قدر عورت ۽ مرد جا پاڻ ۾ خراب لاڳاپا هجن ۽ خبر پوي ته هي معاملو آهي. هن جي ڪهڙي سزا هجي. اهو سماجي سوچ جو معاملو آهي. ان جي ڳالهه دارو مدار ان ڳالهه تي آهي ته سوال پڇندڙ جي نظر ۾ مرد ۽ عورت جي حيثيت ڇا آهي؟ اڄوڪي جديد دنيا روءِ زمين ۾ ان ڳالهه کي تسليم ٿي ڪري ته مرد ۽ عورت کي هڪجهڙا حق آهن ته هو تعليم پرائين، صحت مند رهن. اڳتي وڌن ۽ پوءِ پنهنجي تعليم، پنهنجي سمجهه ۽ پنهنجي صحت جي سلامتي سان هو پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ جيڪي فيصلا ڪن ان ۾ ٻئي ڪنهن ماڻهو جي دست اندازي نه هجڻ کپي. اها آهي اڄ جي روءِ زمين جي سمجهدار ڏاهن ۽ سائنسي ۽ عقلي ذهن رکندڙ انسان دوست مهذب ۽ سڌريل ماڻهن جي سوچ، پاڻ چاڪاڻ جو پسمانده آهيون ۽ جهالت جي ڏٻڙ ۾ غرق آهيون. تنهنجي ڪري پاڻ وٽ اهو مسئلو موجود آهي. ورنه ٻي دنيا ۾ ان جي ڪا اهميت ناهي ته هڪڙو پڙهيل ماڻهو، سمجهو ماڻهو چاهي اهو مرد هجي يا عورت اهو پنهنجي زندگي جا فيصلا ڪيئن ٿو ڪري. تنهن سان ٻئي جو واسطو هئڻ ئي نه گهرجي. مذهبي طرح اها ڳالهه بالڪل واضح آهي ته ڪنهن به ماڻهوءَ کي محض شڪ جي بنياد تي مارڻ يا جيئن "ڳاڙهي" ڪريو نوڪرن چاڪرن هٿان يا پاڻ زنا ڪرائيندا وٽن اهي خود اهڙيون ڳالهيون آهن جن لاءِ خود سردارن کي سنگسار ڪري سگهجي ٿو. اهي خود زنا ٿا ڪن ۽ جيڪي زبردستيءَ جي شادي يعني زنا لاءِ عورتون وٺن ٿا اهي خود اسلام جي قانون جا مجرم آهن ۽ هاڻوڪي قانون مطابق به ڏوهي آهن. چاڪاڻ جو ڪنهن ماڻهو کي ٻانهو ڪري ويهارڻ اهو پاڪستان جي آئين ۽ قانون جي خلاف آهي ۽ ان تي 342 پيڪ 365 پيڪ هيٺ اغوا ۽ نظربند ڪرڻ جو مقدمو هلي سگهي

ٿو. پاڪستان جي آئين ۾ ڪنهن ماڻهو کي وڪڙڻ سنگين ڏوهه آهي. تنهن جي ڪري جن سردارن جو اوهين ذڪر ٿاڪريو اهي سڀ 365 پيڪ 376 پيڪ جا مجرم آهن ۽ انهن جي خلاف جنهن ٽيپ جي سزا تائين قدم کڻي سگهجي ٿو. منهنجي خيال ۾ اها ڳالهه پاڪستان جي ڪنهن به شهري کي زيب نٿي ڏي ته هو ٻين کي قيد ڪري ويڙهه هجي ۽ هن صدي ۾ به ويڙهه وڪڙي، اها لعنت آهي ۽ واقعي به ڪينسر آهي. ان جي خلاف جدوجهد ٽيڙ کپي عورتن جي تنظيمن کي ۽ انساني حقن جي ڪميشن کي ان ڳالهه جو نوٽيس وٺڻ کپي ۽ سڄي پاڪستان ۾ ان خلاف تحريڪ هلائڻ کپي ۽ ماڻهو ڳالهه جو نوٽيس وٺڻ کپي ۽ سڄي پاڪستان ۾ ان خلاف تحريڪ هلائڻ کپي ته ماڻهو وحشي درندا ٽيو. پاڻ جج ٽيو ٻين کي قتل ڪرائين ٿا يا قاسيءَ جون سزائون ڏين ٿا. يا ڪورٽن ۾ خود پرائين رين ۽ رسمن جي اثر هيٺ جج خود ان وقت انسانيت جي خلاف جرم ٿا ڪن. جڏهن هو ڏٺي وائٽي وحشي قتل واري حالت ۾ قانون کي ٽوڙيو. مروڙيو قاتلن کي سزا ڏين ٿا. پاڪستان جي ڪن اعليٰ عدالتن جا اهڙا فيصلا آهن جن ۾ مجرم به ماڻهن کي تمام گهٽي شهه ڏني آهي. اهي سڀ قانون نه آهن. انگريزي ۾ اهڙن فيصلن لاءِ چئبو آهي (They are good law) تنهن ڪري اهي سموريون غلط فتوائون جيڪي انگريزي اثر هيٺ ٽيون آهن، ته پوءِ هندستاني ماڻهو ڪارو ڪاري ڪريو تباهه ٿي پيا هجن ۽ پوءِ هن گند ۾ غرق ٿيا پيا هجن. انهن سڀني کي تبديل ڪرڻ کپي. حڪومت توڙي پاڪستان جي اعليٰ عالمن کي ان شيءِ جو نوٽيس وٺي، قتل جي قانون کي انساني حقن سان هم آهنگ ڪري ڪارو ڪاريءَ جي رسم کي نيست ۽ نابود ڪري چڏڻ کپي.

سوال: هندو قوم يعني مينگهواڙ، پيل، ڪولهي سان ڪائڙ پيڙڙ غلط آهي يا صحيح؟

جواب: ان کان اڳ ۾ اهو سوال آهي ته خود هندو به هڪٻئي سان ڪائڙ پسند ڪن ٿا يا نه. مون ته ڪيترن پيلن کي وڏي فخر سان چوندي ٻڌو آهي ته پيلن جي ان ذات سان گڏجي اسين ڪاڏو ڪونه ڪائيندا آهيون. ڪاڏي گڏجي ڪائڙ يا نه ڪائڙ جو مسئلو هندستان ۾ تمام وڏو قديم ۽ پيچيدو مسئلو رهيو آهي. ان باري ۾ چون ٿا ته جڏهن سڪندر اعظم هن ملڪ ۾ ڪاهي پيو ته رات جي وقت جهلم نديءَ جي ڪناري تي ڏنائين ته هزارين نديڙيون نديڙيون ٻاهيون پٽي ٻريون. انهن کان پڇيائين ته، "هي هيٺريون ٻاهيون چا لاءِ پيون ٻرن؟" ته جواب ڏنائونس ته، "هندستاني فوج ماني پٽي پچائي. هندستاني فوج جا ماڻهو هڪٻئي سان گڏجي ڪونه ڪائين، تنهن ڪري هر ڪو پنهنجي ماني الڳ الڳ

پڃائيندو.“ تنهن تي هن وڏي سرهائيءَ سان چيو هوتہ ”پوءِ چئبو تہ هندستان فتح ٿي ويو. جيڪي ماڻهو گڏجي مانيءَ ۾ نہ ٿا کائي سگهن. سي گڏجي وڙهي ڇا سگهندا؟“ ٿيو ۽ ائين. چوٽ ڇات جي لعنت دنيا جي وڏي ۾ وڏي لعنت آهي ۽ اها ان نموني فقط ۽ فقط هندستان ۾ آهي. گرونانڪ جو وڏو روحاني ڪارنامو سڪن مان ان لعنت کي ختم ڪرڻ آهي. ان ڪري ئي سک هڪڙي فيل مست قوت بنجي اولهه هندستان تي ڇانئجي ويا. جي هو پنهنجي دليريءَ کي جنون ۽ ڇڙواڳيءَ جي حد تائين وڃڻ کان بچائين ها تہ ايڏا ڪا بي شئي بنجي وڃن ها.

سوال: رڳو اقليتي هندو ڇوڪريون اغوا ٿي رهيون آهن. مثال اپر سنڌ مان هندو ڇوڪريون اغوا ٿيون. ائين رڳو سنڌ صوبي مان اغوا ٿين ٿيون يا بين صوبن ۾ ۽ ائين ٿئي ٿو؟ توهان ٻڌايو تہ ائين رڳو سنڌ ۾ ڇو ٿئي ٿو ۽ انهي تي حڪومت سختيءَ سان نوٽيس ڇونہ ٿي ونڃي؟

ميگهو - ٽنڈو غلام علي

جواب: سنڌ ۾ هندن خلاف مذهبي تعصب ۽ ظلم ۽ زبردستي صدين کان ٿيندو رهيو آهي ۽ اڄ ۽ ٿئي پيو. ٻين هنڌن تي وري مسلمانن ۽ ٻين تي ظلم پيو ٿئي جيئن بوسنيا ۾ آهي. زبردستي ۽ ظالم ڪورو پرمار ۽ ظالم ماڻهن، ٽولن، طبقن ۽ قومن جو پراڻو ڏنڏو آهي. ان لاءِ هو هر قسم جون آڙون ونڊندا آهن. ڪڏهن سياست جون، ڪڏهن دين ڌرم جون تہ ڪڏهن وطن ۽ قوم جي حب جون، پاڪستان جا ڪورو ۽ ظالم ٽولا مذهب جي آڙ کي نهايت بي حيائيءَ سان استعمال ڪندا رهيا آهن. سنڌ جا هندو سرندي‌ءَ وارا طبقا اصل کان ونڃي گهٽي ياڳي خود غرض، موقعي پرست ۽ رڳو ڪمائي وڌائڻ جا عاشق ٿئي رهيا آهن. هو هندو عوام جي حقن جي حفاظت لاءِ ڪڪ چني ۽ ۽ ڪرڻ نٿا گهرن تہ متان سندن ڪمائي تي ڪو اثر نہ پوي يا ڪنهن جي اکين ۾ نہ ٿي وجون. هو ”جٽ“ سنڌي عوام جي جدوجهد ۾ ڪوبہ ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار نہ هوندا آهن ۽ پاڻ کي سدائين انهن کان وڌيڪ هوشيار، قابل ۽ مٿاهون ليکي سدائين رڳو وڏيرا شاهي ۽ ڪرسي نشين حاڪمن جي چمچاگيري ڪري ڪروڙين ڪمائيندا رهيا آهن. مسلمان وڏيرا شاهي اصل کان غدار ابن غدار ۽ سياسي طرح جاهل ابن جاهل آهي. ڪيس سپاٽي جو ڪوبہ فڪر ڪونهي رڳو اڄ وڏ ۾ وڏ حڪومتي وسيلن ذريعي ڏاڍا جاري رکڻ سان دلچسپي اٽس. سنڌي وچولو طبقو اڻ لپ ۽ مانيءَ مچيءَ وارو هيٺين وچولو طبقو ڪمزور، وائڙو ۽ تنگ نظر ۽ پنهنجي ۾ پورو آهي. ان ڪري هي زبردستيون ظالم ماڻهن کي ڦيرو ٿيون وجن. بهرحال اها اسان هندو توڙي مسلمان سنڌين لاءِ

شرمناڪ ڳالهه آهي، جو اسان جون نيائيون ۽ پيٽون هن قسم جي استحصال جو شڪار ٿي رهيون آهن ۽ نه رڳو حڪومت پر اسين سڀ تماشبين کان بهتر ڪردار ادا ڪري نه سگهيا آهيون. هن باري ۾ ڪجهه ٿيڻ گهرجي ۽ جلد ٿيڻ گهرجي.

سوال: هندو قوم سان زبردست ظلم ٿي رهيو آهي. ڪڏهن عورتن کي اغوا ڪري انهن تي وحشيانا جنسي حملا ڪري پوءِ انهن کي زوري مسلمان ڪري پنهنجو شان مٽاهون سمجهندا آهن. خدا نه ڪري ته مسلمان چوڪري ڪنهن هندو چوڪري سان شادي ڪري ۽ هندو مذهب ۾ اچي ويچي ته پوءِ اوهان ڇا سمجهندا، اهو جائز آهي يا نه؟ ها، هندو چوڪريءَ جو مسلمان ٿيڻ جائز آهي ۽ مسلمان چوڪريءَ جو هندو ٿيڻ ڇو جائز ڪونهي؟ الله سائين سڀني کي هڪ جهڙو سمجهي ٿو ته پوءِ مسلمان هندن کي ڇو گهٽ سمجهندا آهن ۽ چوندا آهن ته هندو قوم ڪافر آهي؟ اسان جي مذهب ۾ ڪافر ان کي چوندا آهن جيڪو الله سائينءَ کي نه مڃي ۽ آخرت تي ايمان نه رکندو هجي. سائين توهان هندو قوم سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪيو آهي. شهيد فاضل راهو به هندن لاءِ بهترين ڪم ڪيو. توهان کي اهڙو قانوني مشورو ڏيو جو هندو عورتن کي زبردستي مسلمان نه ڪيو وڃي. جيڪو زبردستي مسلمان ڪري ان کي سخت سزا ڏني وڃي. اسان کي توهان جي راءِ لاءِ انتظار رهندو.

موهن لال عادل مائلي- ضلع بدين

جواب: زوري مسلمان ڪرڻ خود اسلام سان به مذاق آهي. قرآن شريف ۾ ٿو "لڪم دين ڪم ولي الدين" "توهان جو دين توهان سان ۽ منهنجو دين مون سان" ڪابه شيءِ رڳو ٽڪي جي، جيڪڏهن ڪير ڪنهن کي مجبور ڪري ونيي اهو به ڏاڍو آهي، قرآهي تنهن ڪري شريعت جي قانون مطابق زبردستي جي ڪا گنجائش ڪانهي اهو ڪير ڪونه پڌندو هو ۽ گاڏي ۾ چڙهندو هو ته ڪيس ڏنبا هٽي ڪيرائي ڇڏيندا هئا. پر اهو ميدان ۾ بيٺو هو، تنهن ڪري اهو جيڪو عذر آهي ته اسين اقليت آهيون ته مارجي ويندا سين کو ڪنهن کي ڪونه ماريندو. فقط هندو حڪمران طبقو ۽ مٿيون طبقو سو بزدل آهي، موقعي پرست ۽ لالچي آهي، تنهن ڪري هو پنهنجا باقي سڀ ٻيا ڪم ڪري ٿو. باقي غريب هندن جي حقن جي حفاظت نه ٿوڪري. ڪنهن وڏي ذات جي هندو جي، مٿين طبقي جي ماڻهو جي سرمائيدار دولت مند ماڻهو سان زيادتي ٿيندي ته ان لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ٿيندو، غريب جو ڪوبه بلو ڪونه ٿيو، تنهن جي ڪري سڀ گڏجي پاڻ ڪوشش ڪريون ۽ سنڌ جا سڀئي جمهوريت دوست، انسان دوست ماڻهو توهان سان گڏ آهن. توهان ان لاءِ تحريڪ هلايو.

مائھن کي ان ڳالھ تي قائل ڪريو ته هي اسان سان ظلم ٿئي پيو ۽ توهان جمهوري قوتن جو ساٿ ڏيو ۽ سڀ گڏجي ويجو. ان ۾ اسلام ٿلهو ڪونه ٿو ٿئي. هي اسلام سان مشڪري آهي. جيڪي مائھو پنهنجي انهن حرڪتن سان اهو ٻهانو پيا ڪن ته اسين اسلام کي طاقتور پيا ڪريون. اهي چاهي لوفر نوجوان هجن. ملان هجن يا ڪير به هجن، اهي اسلام جي بهترين روايتن جي منافقي ڪن ٿا ۽ ان سان اسلام جو ڪوبه واسطو ڪونهي. اهو سڄو ڏونگ آهي ۽ اسلام تي ڪوڙو الزام آهي. ان ڳالھ جي باري ۾ آئيني، قانوني ۽ سماجي سطح تي اپاءُ وٺڻ کپن. حڪومت جو ڏيان ڇڪائڻ کپي ان لاءِ مون اڳي لاڙڪاڻي ۾ دوستن کي چيو هوته ڪانفرنس ڪوٺايو ۽ هندو نوجوان کي اڳتي آڻڻ کپي. ڪير ڪنهن کي ڪونه ماريندو اهو سڄو ڏونگ آهي. بزدلي جا ويھ ڪروڙ ٻهانا آهن. هي ويهين صدي ختم ٿي چڪي آهي. ڪير ڪنهن کي ڪاڪي ڪو نه ويندو. توهان همت ڪريو. مسلمانن جي عوام جي وڏي اڪثريت توهان سان گڏ هوندي. اهي ڪونه ٿا چاهين ته ڪي لوفر ويجي ڪي بدمعاشيون ڪن ۽ پوءِ وري ان کي اسلام جو نالو ڏيئي ان کي بدنام ڪن. اسين سڀ توهان سان گڏ آهيون ۽ توهان جيڪا به جدوجهد ڪندو ته توهان ڏسندو ته نيٺ نيٺ مسلمانن جي وڏي اڪثريت توهان سان گڏ هوندي. اسان هن ڏک ۾ هن زيادتي ۾ توهان سان دلي همدردي رکون ٿا ۽ اهو سمجهون ٿا ته اها زيادتي توهان تائين محدود نه آهي. سنڌ جي سمورن مائھن سان اها زيادتي آهي ۽ سنڌ جي وجود تي اهو هڪڙو ناپاڪ ۽ ناجائز حملو آهي.

سوال: سائين! خودڪشي جي باري ۾ اوهان جي ڪالم ۾ پڙهيم. جنهن ۾ نيو سعيدآباد جي دوست خودڪشيءَ کي دين اسلام کان ناواقفيت جو سبب ٻڌايو. پر مون کي هڪڙو سوال ٿو سڄهي ته دنيا جي تمام وڏين شخصيتن چو خودڪشي ڪئي؟ هڪ اهڙي شخصيت، جيڪا جڏهن بيت الله ڏانهن حج ڪرڻ ويو ته اتان جي پيش امام چيس "اوهان جي موجودگيءَ ۾ آءُ پيش امامي نه ٿو ڪري سگهان" جي ها! سنڌ جي نامور شخصيت، عالم اسلام جو هر ڏاهو هن جي ڏاهپ جو اقرار ڪندو. علامہ آءِ آءِ قاضي، جنهن خودڪشي ڪئي؟ چو ڪيائين؟ چا ڪوئي هن جي باري ۾ چئي ٿو سگهي ته هن کي دين اسلام جي باري ۾ معلومات نه هئي. نه هرگز نه! پر هن خودڪشي چو ڪئي؟

وقار شاهه- ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور

جواب: خودڪشيءَ جو ڪارڻ مذهب کان واقفيت يا ناواقفيت نه پر ڪئين ذهني، دماغي، نفسياتي، اقتصادي، سماجي ۽ ٻيا ڪارڻ ٿين ٿا. زندگي جڏهن

هڪڙي اهڙي منزل تي پهچي وڃي ٿي. جڏهن اڳتي ڪوبه رستو نه ٿو سُجهي، تڏهن ئي ڪي مائهو خودڪشيءَ بابت سوچڻ تي مجبور ٿين ٿا.

سوال: اڄ ڪلهه بيروزگاري ايتري تہ وڌي وئي آهي جو مائهو سوچي ٿو تہ ان کان خودڪشي بهتر آهي ۽ اهڙا واقعا ٿيا آهن. هن ملڪ ۾ خالي وڏا پيٽ آهن جيڪي غريب بيروزگارن کي ڪجهہ حق نہ ٿا ڏين. ڇا ڪجي؟

چام رمضان انڙ ۽ رفيق احمد انڙ- جهڏو

جواب: بيروزگاري واقعي ظالمانہ حد کي پهچي چڪي آهي. تازو ٽيل مسئلا حل ڪريو ڪانفرنس ۾ بہ اهو مسئلو آيو آهي ڪجهہ سوچيندڙ ڏهن ان مسئلي تي سوچي رهيا آهن. مسئلا حل ڪريو ڪاميٽي جو خيال آهي تہ سنڌ ۾ ايترا وسيلا آهن جو جيڪڏهن انهن کي صحيح نموني استعمال ڪيو وڃي تہ بيروزگاري کي جيڪڏهن صفا ختم نہ ٿو ڪري سگهجي تہ بہ ان کي اڃوڪي خطرناڪ حد کان ڪافي حد تائين گهٽائي سگهجي ٿو. اڃو تہ پاڻ سڀ گڏجي جدوجهد ڪريون ۽ هن ظالمانہ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هٿ هٿ ڪري پنهنجون ڪوششون تيز تر ڪريون.

سوال: ڪجهہ ڏينهن اڳ اخبار ۾ لکيل هو تہ ميهڙ جي ايم اي پاس نوجوان بيروزگاريءَ کان تنگ ٿي خودڪشي ڪئي. انهيءَ خون جو ذميوار ڪير آهي؟ پنهنجا والدين آهن يا اهو استاد جيڪو اسڪول ۾ پڑهائي ٿو يا اهي ميمبر جيڪي مزي سان ويٺا آهن يا اها سنڌ ڌرتي جنهن تي هو پيدا ٿيو؟

حبيب الرحمان جسڪاڻي ڳوٺ صوبيدار سرڪاڻي- لاڙڪاڻو

جواب: ذميدار هو پاڻ بہ آهي جو مقابلو نہ ڪيائين. والدين بہ آهن، استاد بہ آهن ۽ حڪمران بہ آهن. پر ان سان گڏ سڄو وڏيرڪو نظام بہ آهي ۽ اسين سڀ آهيون، جيڪي ان نظام کي برداشت ڪريو ويٺا آهيون ۽ تنهن کان سواءِ هڪڙي پي بہ ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ بي روزگاري جو علاج رڳو سرڪاري نوڪري ڪانهي. الائي ڇو اسان جي ذهن ۾ اها ڳالهہ ويهي رهي آهي تہ جيڪو مائهو ايم اي پاس ڪري ٿو ان کي سرڪاري نوڪري ڪرڻي آهي. پڑهائي تہ فقط مائهو کي اهل بنائي ٿي تہ مائهو پنهنجا ڪم ڪارين بهتر نموني ڪري سگهي. اها هڪڙي مرض جهڙي سوچ مائهن ۾ اچي وئي آهي تہ ڏڪري وڃي پوءِ سرڪاري نوڪري ڪهي ڪکي سا وڃي ملندي. ڏنڊا روزگار گهٽ آهن. پر هزارها ڏنڊا مائهو ڪري سگهي ٿو. توهان پنجاب ۾ وڃو توهان ڏسو تہ گهٽا مائهو سرڪاري نوڪري ۾ آهن ۽ گهٽا مائهو پنهنجو

ڏنڏو روزگار ڪن ٿا. يورپ ۾ وڃو پين ملڪن ۾ وڃو. هزارها پڙهيل لکيل مائهو ايم اي پاس ڪيل مائهو سي هزارها ٻيا ڏنڏا ڪريو وينا آهن. سرڪاري نوڪري تہ گذر سفر جو نندڙو ذريعو آهي. وڏا ذريعا تہ ٻيا ٿيڻ ڪپن. ان سلسلي ۾ سرڪار کي گهرجي تہ مائهن کي مختلف قسم جون تربيتون ڏئي مائهن جي روزگار جا ٻيا طريقا ڪڍي. ٻيو جيڪي قرض ملن ٿا اهي مائهو وٺيو کائيو وڃن. طهر. پت. شاديون ڪريو چڏين. يا جيڪي قرض واپار ڪرڻ لاءِ ملن ٿا. مائهن کي واپار ڪرڻ اچي ڪونہ ٿو. ٻيو تہ جيڪي قرض ملن ٿا اهي رشوتون وٺڻ ۾ ختم ٿيو وڃن هليا. تنهن ڪري وقت آيو آهي تہ اسان سوچيون تہ گذر سفر لاءِ جيڪي روزگار ملن ٿا ان ۾ جيڪا بدمعاشي ٿئي ٿي. ٻيو تہ سرڪار جي وس ۾ جيڪي روزگار آهن اهي وسيع ٿيڻ ۽ حڪومت کي ڪيپي تہ پرائيويٽ سيڪٽر کي وسيع ڪري. ڪارخانن ۾ سواءِ سنڌي مائهن جي پين تي بندش لڳائي وڃي ۽ ڪارخانن وارن سان ب جيڪا غندا گردي واري جنڪ آهي اها بند ڪئي وڃي مطلب تہ ڪو ملڪ جو ڏوٽي هجي. ڪامورن جي معرفت جيڪو ڪم پيو ٿئي اهو ڪونہ ٿيندو ۽ جيڪي عوامي نمائندا آهن سي رڳو ڏاڙن ۽ ڦرن ۾ ملوث نہ ٿين. اهي عوام لاءِ واقعي ڪوششون ڪن ۽ تنهن کانسواءِ مدل ڪلاس جيڪو مفت خور ٿيو ويٺو آهي نہ ڪو سوچي ٿو نہ ڪو ڪجهہ ڪري ٿو ۽ رڳو ايجنسين جا شوشا ۽ ناٽڪ پيا ٿين انهن جي بدران سنجيدگيءَ سان سوچي ويچاري وڏي راءِ عام تيار ڪري ان مسئلي کي حل ڪرڻ ڪپي.

سوال: توهان پنهنجي هر تقرير ۽ هر تحرير ۾ اها ڳالهہ ورجائيندا پئي رهيا آهيو تہ اڄ جي نوجوانن کي گهڻ پاسو علم حاصل ڪرڻ گهرجي جڏهن تہ اڄ جو نوجوان جنهن ڪسمپرسيءَ واري معاشي حالات مان گذري رهو آهي. ان حالت ۾ سندس خواهشون ۽ خواب صرف پنهنجي ذات يا خاندان تائين محدود ٿي ويا آهن ۽ ڏنو وڃي تہ هن مفاد پرست معاشري ۾ اها سوچ ڪنهن قدر صحيح لڳي ٿي. جڏهن تہ ٻئي پاسي علم حاصل ڪرڻ لاءِ بک، بيروزگاري، طعنا ۽ مهٽا ٻڌڻ کان سواءِ ڪجهہ نہ ٿو ملي. ان صورتحال ۾ آخر اسان جو نوجوان ڪهڙي راهہ کي منتخب ڪري؟

اسد نظاماڻي ڪوٽ ملهڻ، ماتلي بدين

جواب: توهان ڪافي حد تائين صحيح ڳالهہ ٻاڌريو. پر دنيا جا ڪيترا چوٽيءَ جا عالم، سائنسدان ۽ مفڪر اهي هئام جيڪي سڪيا ستابا نہ پر مسڪين هٿا. صحيح علم طاقت بخشي ٿو، ويڑهہ جي سگهہ ڏئي ٿو، ولولا جاڳائي ٿو، همتون ۽ حوصلا بلند ڪري ٿو. صحيح علم غريبي ۽ اڻ هوندي سان ويڑهہ ڪري ان

کي زير کرڻ جون راهون روشن ڪري ٿو اهو مئل دليون جياري ٿو. عام حالتن ۾ علم کان محروم ۽ اونداهه ۾ ٽاڪوڙا هڻندڙ ماڻهو غريبي، اڻ هوند ۽ ظلم سان ڪامياب مقابلو گهٽ ڪري سگهندو.

سوال: اتفاق سان مون گذريل اليڪشن ۾ ڪنهن سياسي جلسي ۾ تقرير ڪئي. جيڪا تقرير سراپا انقلاب جو پيغام هئي. آءُ اڄا پڙهان ٿي پئي يعني شاگرديائي آهيان. منهنجي ان تقرير تي ڳوٺ جا ڪمينا ماڻهو هڪ وڏو "اشو" ۽ "اسڪينڈل" ٺاهيو ٿا وٺن ته عورت ڪنهن جلسي وغيره ۾ تقرير نه ٿي ڪري سگهي. سندن انهي دقيانوسي سوچ مان تنگ ٿي پئي آهيان. هاڻ منهنجي وڏن کي ۽ منهنجن عزت وارن مائٽن کي "بي غيرت" ۽ غليظ قسم جي لفظن سان طعنا تنڪا هڻن ٿا. ٿي سگهي ٿو ته مائٽ ٻ-مون کي اڪيان اهڙي عظيم ڪم کان روڪين يا ٻيو ڪجهه... ته هاڻ مان ڇا ڪريان؟ ڪو گس ڏسيوم؟

غلام فاطما ولد قربان علي خاصخيلي ڳوٺ واڳهربجي شهر ٽنڊو غلام علي ضلع بدين

جواب: توهان تمام پلو ڪم ڪيو. اسان جي مردن توڙي عورتن کي سياسي ۽ سماجي سمجهه هجڻ گهرجي ۽ پڙهڻ لکڻ ۽ تقرير ۽ تحرير ۾ قابل هجڻ گهرجي. مخالفت رڳو توهان جي نه ٿي ٿئي. سنڌي عورتن جي سوريهه تنظيم سنڌيائي تحريڪ جي صدر پيڙ ممتاز نظاماڻي توهان جي ضلعي جي آهي ۽ ماتلي پرسان ملهڻ ۾ رهي ٿي. ان سان ملندا يا ڪيس نيايو موڪلي پاڻ وٽ گهرائيندا ته اها توهان جي هر قسم جي رهنمائي ۽ مدد ڪري سگهندي. توهان دل وڏي ڪريو. مخالفتون ۽ انهن سان مقابلا نه هجن ها ته بزدل ۽ بهادر جو فرق ڪيئن ٿئي ها؟ سڄي قوم جا سڄاڻ، نيڪ ۽ پلا مرد ۽ عورتون توهان جي پاسي آهن. توهان کوبه فڪر نه ڪريو. سڀ ڇڱي ٿي پوندي.

سوال: روايتن ۽ رسمن جا ماريل ماڻهو، گيدي ۽ ڊڇٽا ماڻهو، لالچي ۽ قوم فروش ماڻهو پنهنجي محسن جي هٿ جي تريءَ کي ٻ-ڏسي نه سگهندا آهن. انهن کي ڪهڙي خبر ته ثابت قدمي ڇا آهي؟

واحد بخش منگي- ڏوکري، ضلع لاڙڪاڻو

جواب: آهستي آهستي ۽ ڏاڪي ٻ-ڏاڪي سمجهائبو ته ڪجهه نه ڪجهه ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويندي.

سوال: اڇڪلهه برادري تنظيمن جهڙوڪ: ملاح ويلفيئر ايسوسيئيشن، پنهور

يلفيئر ايسوسيئيشن وغيره جي قيام جو عمل تيز ٿي ويو آهي ۽ گذريل ليڪشن ۾ ٻه فرد جي بجاءِ برادرين کي وڏي اهميت ملي آهي. سڄو سارو عمل سنڌي قوم جي ورهائجي ويڃ جو سبب ته نه بڻبو؟

امر انصاري- بدين

جواب: برادين جي برادريءَ جي حد تائين پنهنجي اهميت آهي پر وڏن قومي مسئلن کي برادريءَ جي تنگ ۽ پارائين اکين سان ڏسڻ ۽ ان مطابق فيصلا ڪرڻ قوم لاءِ سخت نقصانڪار ڳالهه آهي.

سوال: اسان شر قوم ڏانهن ٻين قومن وارن جا رويه هميشه ڏارين وارا رهيا آهن. جيڪڏهن ڪوبه شخص ڇڪندو ته ڪير آهين؟ جواب ۾ جيڪڏهن چوندو ته "شر" ته يڪدم ان شخص کان چرڪ نڪري ويندو ۽ چوندو. "الله پناهه ڏي" مون کي ان ڳالهه جو شديد احساس ٿئي ٿو ته آخر اسين آهيون چا؟ ۽ هي مائهو ايترا اسان کان لهرائين چو ٿا؟ ڪڏهن ڪڏهن ٻين قومن خاص ڪري (سماٽ قومن) وارا ائين ٻ چون ٿا ته اوهين بلوچ آهيو. اوهين سنڌ خالي ڪريو. اوهان جو سنڌ ۾ چا آهي؟ تڏهن دل ۾ اهو احساس ٿئي ٿو ته چا واقعي سنڌ ۾ رهڻ اسان جو ڪو حق ڪونهي؟ جڏهن ته اسان جو جيئڻ ۽ مرڻ سنڌ سان آهي ۽ اسين صدين کان سنڌي ٻولي ڳالهائيندا اچون. اسان بلوچي زبان بابت ذرو به ڪونه ٿا چاڻون. اسين سنڌي آهيون ۽ اسين سنڌي ٿي رهڻ ٿا چاهيون. پر براءِ مهرباني اسان کي پنهنجي تاريخي پس منظر بابت ٻڌائيندا.

داون علي شر شادي پلي- شهر عمر ڪوٽ

جواب: اوهين به ٻين وانگر سنڌي پروچ آهيو ۽ سڀني جهڙا سنڌي آهيو. جيڪي اوهان بابت اوهان جي لکيل ڳالهين جهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا سي سنڌي قوم سان دوستيءَ جون ڳالهيون نٿا ڪن. اهڙيون ڳالهيون نه ٿيڻ گهرجن ۽ نه انهن کي ڪا اهميت ڏيڻ ڪپي.

سوال: پاڪستان ۾ عورت جي حيثيت غلام، نوڪر، ٻانهي ۽ هڪ بي زبان جانور کان وڌيڪ نه آهي، ان جو چا سبب آهي؟

محمد عيسيٰ سومرو- جيڪب آباد

جواب: انگريز سامراجين مدي خارج وڏيرڪي، سرداري نظام کي پنهنجي مفاد لاءِ جائي ٻجهي هٿراڏي نموني زندهه رکيو. پاڪستان جا مالڪ به پنهنجي سنڌ دشمن ۽ عوام دشمن مفادن لاءِ ائين پيا ڪن. جيئن جيئن اهو نظام ڏاڪي به

ڏاڪي ڪمزور ٿي آخر ختم ٿي ويندو تيئن تيئن عورت جي غلامي گهٽجي ويندي ۽ نيٺ عملي طرح ختم ٿي ويندي ۽ هوءَ پنهنجا سمورا انساني حق حاصل ڪري ۽ مائي سگهندي.

سوال: 5- جنوري تي لاڙڪاڻي ۾ المرتضيٰ آڏو جيڪو واقعو پيش آيو ۽ ان ۾ جيڪي بي قيمتي جانيون ضايع ٿي ويون ۽ هاٿي ٻئي (ماءُ ڏيءُ) پاڻ ۾ ٽهي ويون آهن. توهان جو ڇا خيال آهي ته اهي ٻئي خون عام چوائي ته "لڙهي ويندا" يا انهن لاءِ سياستدانن جو ان ڊرامي کيڏڻ سان ڪهڙو مقصد وابسته هيو.

"ممتاز علي ممتاز" لاڪير، ڪوٽ ڪلن لاڪير، ضلعو دادو

جواب: منهنجي خيال ۾ ماءُ ڏيءُ جا اختلاف مصنوعي نه پر حقيقي ۽ بنيادي آهن. البته اهي ٽڏا. مانا يا ڪنهن حد تائين دور بڻي سگهن ٿا. جيڪي به اهڙي قسم جي نازڪ معاملن ۾ ڏر ٻُجهڻ ضروري ۽ مناسب سمجهن ٿا تن کي نفعن سان گڏ نقصان لاءِ ۽ ڏرين جي ٽهي وڃڻ لاءِ به ذهني طرح تيار هجڻ گهرجي. نه ته کين سخت مايوسيءَ جو شڪار ٿيڻو پوندو.

سوال: سائين مان تمام گهٽو حسن پرست آهيان! ايتريقدر جو مان حسن کي ڏسي ڪنبڻ لڳندو آهيان. خاص ڪري منهنجا هٿ ڏاڍا ڏکندا آهن. مان هڪ معمولي ڪلارڪ آهيان ڪائونٽر تي. جڏهن منهنجي سامهون ڪو اهڙو ماڻهو ايندو آهي جيڪو حسين هجي (جنهن ۾ عمر جو ڪوبه قيد نه آهي) ته مان عجيب ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهيان ۽ ان وقت منهنجي صرف اها خواهش هوندي آهي ته.... ۽ اهڙي حسن واري ماڻهوءَ کي ڏسڻ شرط صف چند سيڪنڊن ۾ منهنجا ٻئي هٿ ڏکڻ لڳندا آهن. مون کي ٻڌايو ته مان ڇا ڪيان؟ ائين نه ٿئي جو مون کان ڪا غلطي ٿي وڃي. ها! سچ، حسن خود ڇا آهي؟

ٻيو ته مون کي چند ڏاڍو پريشان ڪندو آهي. خاص ڪري انهن تاريخ کان وٺي پندرهين تائين چند منهنجي ننڊ وڃائي چڏيندو آهي ۽ مان پير اڳهاڙا ڪري چاندوڪيءَ ۾ رات جو گهٽي دير تائين گهمندو رهندو آهيان ۽ ڏينهن جو مون کي ڏاڍو دپ لڳندو آهي. ٻيو ته چند ۾ جيڪو ميرائهڙو ڏسڻ ۾ ايندو آهي اهو ڇا آهي؟

ابراهيم حنيف شر- هنگورنو، ڪيرو

جواب: توهان واري ڪيفيت ٿورو وڌيڪ حساس هجڻ واري ضرور آهي پر

قطعي عجيب غريب نہ آهي. فقط احساس جي درجي جو فرق آهي. ڪي ماڻهو وڌيڪ حساس هوندا آهن، ڪي گهٽ حساس هوندا آهن. ڪن ڪي پاڻ تي وڌيڪ ضابطو هوندو آهي ڪن ڪي گهٽ. باقي حسين شيءِ کي ڏسي ڪير پسند نہ ڪندو؟ "حسن خود چا آهي؟" ان جو جواب تمام وڏو آهي. ان تي تمام گهڻا ڪتاب لکيا ويا آهن. پر مختصرا ته: "جيڪا شيءِ ڳالهه لقاءَ ڪيفيت يا ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي بي اختيار ڪري وجهي ۽ سندس هوش حواس کي بلڪل فتح ڪري وٺي پنهنجي سونهن سان، پنهنجي دلفريبيءَ سان ۽ هن کي ان کان وڌيڪ ڪابه شيءِ پياري نہ لڳي ته ان کي هڪ حد تائين حسن چئي سگهجي ٿو. حالانڪ حسن جون معنائون تمام گهڻيون آهن ۽ ان جا رنگ ۽ روپ به بي انداز آهن. فارسيءَ جي ڪنهن شاعر چيو آهي:

"خوبي همين ڪرشمدالي ناز خرام نيست.
بسيار شيوه هاست بنان راڪ نام نيست."

(سونهن فقط محبوب جي مستاني چال ۾ نہ آهي. حسين ۾ هزارين اهڙيون ادائون هونديون آهن جن تي ايڪا ڪوبہ نالو نہ رکيو ويو آهي.)

چنڊ به سڀني جهان کي وٺندو آهي، خاص ڪري اهل دل کي، چنڊ تي وڏا وڏا غار آهن ۽ وٺس پنهنجي روشني ڪانهي. ڪيس اها روشني سڄ ڪان ائين ملي ٿي جيئن ذرتيءَ کي ملي ٿي. جيئن ته سڄ جي روشني چنڊ جي اونهن غارن تائين نٿي پهچي، تنهنجي ڪري اهي غار اونڌاهي ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ اهي اسان کي چنڊ تي داغن وانگر نظر اچن ٿا.

جيڪڏهن اوهان هن مسئلي کان ٻورو وڌيڪ پريشان آهيو ته توهان ان سلسلي ۾ ڪنهن نفسيات جي ماهر سان ڪچهري ڪندؤ ته شايد اوهان کي هن نارمل ڳالهه کي وڌيڪ نارمل ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي. البت پاڻ تي ضابطو رکڻ تهذيب جي پهرين تقاضا آهي، نہ ته جانور ۽ انسان ۾ فرق ئي نہ رهندو.

سوال: محبت چا آهي. محبت جا گهٽا قسم آهن ۽ محبت چو ٿي ٿئي؟

سيما سندو شاهپور چاکر ضلع سانگهڙ

جواب: جيڪڏهن اهڙن ڪائناتي قسم جي سوالن جا جواب هيستائين دنيا کي معلوم ٿي ويا هجن ها ته پوءِ جنهن جادوءَ جو نالو محبت آهي ان جو سمورو سحر هيستائين ٽٽي ختم نہ ٿي چڪو هجي ها؟

سوال: موجوده وقت جي مناسبت سان پيار ڪرڻ ڪيتري قدر ڪارگر آهي ۽ جنهن سان پيار ڪجي، انهي سان شادي جهڙي تمام اهم، نازڪ ۽ زندگي جي

وسيع سفر جي باري ۾ سوچي وجهڻ ڪيتري قدر صحيح ثابت ٿيندو. انهي لاءِ ڪجهه محققانه ۽ پنهنجي دانشمندانه صلاحيتن جي روشني ۾ اسان جي رهنمائي ڪندا.

عبدالرؤف ميمڻ- بدين

جواب: منهنجي خيال ۾ ڪيترين شاديون مرادين. محققن جي تحقيقات ۽ دانشمندانه صلاحيتن جي روشنيءَ ڪان سواءِ ٻه ٽيندين رهين آهن ۽ شايد آئينده ٻه ائين ئي ٽيندين رهن. اوهان ٻه في الحال انهن چڪرن ۾ پوڻ ڇڏي ڪو گس پنڌ ڳولي ڪڍي سگهو ٿا محقق ۽ دانشمند گهٽو ڪري درگذر ڪري ڇڏيندا.

سوال: انسان جون گهڻيون ئي خواهشون آهن. هو ڪنهن چوڪري (مذڪر) سان دوستي رکندو. محبت ٿا چوڪري سان ڪئي ويندي آهي مگر ڪي اهڙيون خوبيون آهن، جيڪي ان کي پنهنجي دوست ۾ نظر ايندين آهن جو هو ان جي دوستيءَ کي محبت ۾ بدلي ڇڏيندو آهي. هن جي دل جيڪا خواهش سان پريل هوندي آهي. هن کي پنهنجي دوست لاءِ تڙپائيندي رهندي آهي ٿا هو هن سان چوڪرين وانگر محبت ڪري. جيڪڏهن هن جي دوست سان ڪو ٻيو (ساڳي عمر يا ٿوري عمر وارو) ويهي ڪٿي گالهائيندو آهي ٿا هن کي وسوسا پيدا ٿيندا آهن. جڏ ٿا هو هن جو دوست نه پر مگيندي يا زال هجي. منهنجو اصل سوال آهي ٿا چوڪر جي چوڪري (مذڪر) سان محبت چو پيدا ٿيندي آهي. هن کي هر وقت دوست جي ياد چو ايندي آهي. جيڪڏهن هو نه ٿو گالهائي ٿا هن جي حالت چرين وانگر چو ٿيندي آهي؟ انهن چوڪرن جي چوڪرن سان محبت کي ڪيئن ختم ڪري سگهجي ٿو؟ ائين نه ٿئي جو هزارين يا لکين مائهو چوڪرن (مذڪر) جي محبت ۾ زندگيءَ تان هٿ ڪٽي ويهن. هن سوال جو جواب شايد هزارين مائهن کي ڪيندو هجي. هي مسئلو سندِ ۾ تمام گهٽو آهي چاڪاڻ ٿ مائهن کي پنهنجي مستقبل جو ڪوبه فڪر نه هوندو آهي ۽ هو عشق جي مسئلن ۾ قاسي زندگيءَ تان ٻه هٿ ڪٽي ويهندا آهن.

گ- م خاصخيلي پٽ پائٽي- سانگهڙ

جواب: اڳي هي مسئلو صرف بداخلاقيءَ جي پيداوار سمجهيو ويندو هو پر ڪافي عرصي کان ان بابت سائنسي تحقيقات ٿي رهي آهي. ان تحقيقات جي نتيجن جي اڃوڪي پوزيشن اها آهي ٿ سمجهيو وڃي ٿوٿ هم جنس پرستيءَ جو تعلق اخلاق يا بداخلاقيءَ سان گهٽ ۽ واسطيدار مائهوءَ جي مٽان ورثي ۾

مليل (وراثتي تخم) جي اثر سان وڌيڪ آهي. تحقيقات ڪافي اڳڪٿ وڌي چڪي آهي. ائين ٿو لڳي ته ڪجھ عرصي اندر ان مسئلي جي سموري تصوير سڄي دنيا جي عوام اڳيان اچي ويندي ۽ ان جي روشنيءَ ۾ گھربل پيش قدمي ٿيندي.

سوال: مون کي ھڪڙي اردو ڳالھائيندڙ چوڪريءَ سان عشق ٿي پيو آھي. توھان پنھنجي مضمونن ۽ بيانن ۾ سمورن اردو ڳالھائيندڙ کي جنھن انداز ۾ ڪنڈيم ڪيو ٿا، مھرباني ڪري ٻڌايو ته عشق لاءِ ڇا ذات، قوم وغيره کا حيثيت رکي ٿي ۽ ھڪڙي سنڌي ھئڻ جي ناتي، ھڪڙي اردو ڳالھائيندڙ چوڪريءَ سان عشق ڪري ۽ سائس شادي ڪري سگھجي ٿي؟

شاھنواز سميجو - ميرپور خاص

جواب: سنڌي سماج عورت دشمن ۽ اسين سنڌي ماڻھو ثقافتي طور "مڙيئي ماڻھو" آھيون. سنڌي ڪيڏو به قابل ھوندو پر گھڻ-طرفو ۽ ھر فن مولا نه ھوندو. ھڪ بن ڳالھين کي ڇڏي جن ۾ ھو ٺيڪ ٺاڪ ھوندو، باقي بين ڳالھين ۾ گابو ڳڳدام ھوندو ۽ اھڙيون آسرپوتائيون ۽ جاھلائيون ڳالھيون پيو ڪندو، جو ڇاڪو ماڻھوءَ کي انھن کان بچاڻ ۽ مٿس رحم پيو ايندو. ٻئي طرف پيا ماڻھو ھر فن مولا آھن. انھن جون شخصيتون گھڻ-پاسايون ۽ وٽندڙ ھونديون آھن. ماڻھو پائيندو ته ويٺو ھجي ته سندن ڳالھيون ٻڌان. ان ڪري انھن جون ڪائيون به اڳھاميون وڃن ۽ اسان جون مولون به ويچاريون جنڊ ڪيندیون رھجيو وتن. ھو ٺلھي زبان جو ڪٽيو ڪائي جاڻن ۽ اسين بازن جو پورھيو ڪري ۽ ڪپڙا چنديو خالي ھٿين ھلندا وتون.

اسان جي جن واقفن اردو ڳالھائيندڙن مان شاديون ڪيون آھن، تن مان ھڪ اڌ کي ڇڏي باقي بين جا ٻار يا ته جماعتي ٽيا ويٺا آھن يا دھشتگردن جا ٻالڪا ٿي سنڌين کي ڳوليندا وتن. ھو پاڻ ويچارا زالن جا مريد ٿيو سجو ڏينھن پاڻ کي "مھذب" ثابت ڪرڻ ۽ محترمائن جي شوھر نامدار ٿيڻ جي اعزاز جي مستحق ٿيڻ جي جاکوڙ ۾ حيران ۽ پريشان آھن، اصل ڪٿا ٻڌا پڇن. مطلب ته ھمراھن جي حالت جري ڏٺي وئي آھي.

ٻئي طرف سنڌي سماج جي ھڪڙي وڏي بدقسمتي ساڳئي پاڙي مان ۽ بنھ ويجھڙائيءَ مان شادي ڪرڻ آھي. ھتي ڪراس بريڊنگ نه ھئڻ برابر آھي. تنھن ڪري ھڪڙي گھڻ-طرفائيءَ، عقل، چالاڪيءَ ۽ تيزيءَ کان پيدل قوم ڏرتيءَ ۾ مڙيئي والار ڪريو ويٺي آھي ۽ ويٺي جڙ ماڻھن کي سڏ ڪري ته

اچي اسان جا ٽيڑ ڪسي اسان کي ڏورن وانگر وهايو. سنڌي ماڻهن کي سڄي دنيا سان ملي هڪ ٽيڻ گهرجي ۽ ڪنهن به ڳالهه ۾ اڪيلي ڪنڌ ونڊي پري لڪي ويهي نه رهڻ گهرجي. انساني اعتبار کان سڀ هڪ آهيون. رهيو عشق جو مامرو سو بلي شاهه فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته وچ وارن جو عشق جي معاملن ۾ دخل ڏيڻ جو ڪم ئي ڪونهي.

"سڻ ميان قاضيا! عشق شرع کيا لڳي ؟"

مشهور صوفي شاعر حضرت ابو سعيد ابوالخير ته چئي ويو آهي ته عشق جي دين جو پيغمبر ئي پنهنجو الڳ ۽ نرالو آهي. اهو نه عربي آهي، نه عجمي:

"ان آتش سوزنده کے عشق لقب است،
در پیکر کفر و دین چو سو زنده تب است،
ایمان دیگر و کیش محبت دگر است،
پیغمبر عشق نه از عجم نه عرب است."

(اها پرندڙ باهه جنهن کي عشق جو لقب ٿا ڏين سا اهڙو تپ ۽ بخار آهي جيڪو ڪفر توڙي دين ٻنهي جي جسم ۾ ساڳئي حرارت پيدا ڪري ٿو. ايمان ٻي شيءِ آهي ۽ محبت جو دين ٻي شيءِ، عشق جو پيغمبر نه ايران جو آهي، نه عرب جو.)

سوال: هن ڪائنات ۾ صرف ڏرتي اهڙو گرهه چو آهي جنهن تي حياتي جي ارتقا ٿي آهي؟ ڇا هن ڪائنات ۾ ٻئي ڪنهن گرهه تي حياتيءَ جو وجود ممڪن آهي؟

فرزانه جت- ٽنڈو الهيار

جواب: سڄ جي چوڌاري سندس ڪيترا گرهه ڦيريون پائيندا رهن ٿا. انهن مان کي ڪائنس تمام ڀري آهي، جنهن ڪري حد کان وڌيڪ ٽڏا آهن ۽ کي ڪيس تمام ويجها آهن تنهن ڪري حد کان وڌيڪ گرم آهن. ڏرتي سڄ کان پوري پني پنڌ تي آهي. جنهن ڪري اتي نه تمام گرمي آهي نه سردي تنهنڪري اتي زندگي پيدا ٿيڻ لاءِ حالتون سازگار ٿي پيون.

تارا دراصل اسان واري سڄ جهڙا کي ڪائنس وڌا ته کي ننڍا سڄ آهن. انهن مان ڪيترن جي چوگرد اسان جهڙي ڏرتيءَ جهڙا گرهه ڦيريون پيا پائن. انهن سجن مان اسان جي ڏرتيءَ جهڙو پوري پني پنڌ تي بيٺل ڪو گرهه هجي ته اُتي ساهواري زندگي جا امڪان ٿي سگهن ٿا. هتان کان ونڊي ڪروڙين ۽ ڪروڙين ميلن تائين واري ڪائنات جي حصي جو، نهايت طاقتور ريڊيائي دور

بينين ذريعي چڪاس ڪئي ويئي آهي تہ اتي ساهوارن جا آثار نظر نٿا اچن. پر هن سڄي ڪائنات ۾ ڪٿي بہ ساهوارا نہ هجن اهو ناممڪن آهي. البت وچ وارا پنڌ تمام وڏا آهن. ان ڪري اهڙن ڪن امڪاني ساهوارن جو ميلاپ هزارين لکين سالن جي تيز ترين رفتار واري پنڌ جو مسئلو آهي. بهرحال امڪان اهي آهن تہ ايندڙ ڪجهہ سون يا ڪجهہ هزار سالن اندر اهو مسئلو حل ٿي ويندو ۽ ڪائنات جي مختلف هنڌ وارن ساهوارن جو پاڻ ۾ ميلاپ ٿي ويندڙ ڪيئي.

سوال: انسان پيدا ڇا لئہ ڪيو ويو؟ انسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ انسان جو وجود ڇا آهي؟ ۽ انسان تي ڪهڙيون ذميواريون آهن؟ انهيءَ سان گڏو گڏ وقت جو وجود ڇا آهي؟ ۽ توهان ڇا ڪندا آهيو؟

ممتاز علي شورو - بگهاڙ موري ٽنڊو

جواب: پهرين ڳالهہ جي خبر تہ خدا کي هوندي. اسان کي انسان ٿيڻ گهرجي. انسانيت کان ڪم ونڻ گهرجي. انسانيت جي خدمت ڪرڻ گهرجي، انسان جو وجود هڪڙي پاسي جر تي ڦوٽو آهي ۽ ٻئي پاسي ازل ۽ ابد جو حصو آهي. انسان جون ذميواريون اهي آهن جيڪي هو سمجهي سگهي. وقت جو وجود اها ذڪي ڳجهارت آهي آءُ وڪالت، سياست، ادب ۽ پنجاهہ ڪمن سان گڏ اوهان پائرن جي هڪڙن سوالن جا جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.

سوال: چوندا آهن تہ عام ماڻهو پنهنجي دماغ جو 5 سيڪڙو مس استعمال ڪري ٿو. باقي هو بنا استعمال ڪئي قبر ۾ ڪٽي وڃي ٿو. سوال آهي تہ ڇا انسان جو دماغ ان جي جسم کان ڪا الڳ شيءِ آهي ۽ هو ڇو دماغ جو گهٽو حصو عام طرح استعمال ۾ آڻڻ کان لاچار آهي؟

ريحانہ صديقي- وحدت ڪالوني حيدرآباد

جواب: انساني جسم جي مختلف عضون جا ڪم ورهايا پيا آهن. دماغ جو ڪم سوچڻ سان آهي. انسان کي پنهنجن عضون خاص ڪري دماغ جي باري ۾ تمام گهٽ ڄاڻ آهي. جيڪي تازا انڪشاف ٿيا آهن تن مان معلوم ٿيو آهي تہ انساني دماغ عام طرح جيڪو ڪم ڪري ٿو ان کان هزارين دفعا وڌيڪ صلاحيت رکي ٿو. جيڪڏهن ماڻهوءَ کي پنهنجي دماغ جي باري ۾ پرپور ڄاڻ هجي ۽ هو ان کان پرپور، صحيح ۽ جائز ڪم ونڻ تہ جيڪر هيءَ دنيا ذري گهٽ بهشت بڻجي وڃي.

سوال: الحزن سائنسدان کو ڀڏجي ٿو. "ال" اکر مان پائنجي ٿو ته مسلمان هو. توهان کي ڪا خبر!

محمد بخش سومرو - جامشورو

جواب: هر قوم ۾ قوم جي نالن کي بدلائي پنهنجي ٻوليءَ جي اچار مطابق ڪندي آهي. ان ڪري ساڳئي مائٽوءَ کي انگريز "اليگزينڈر" چون ٿا عرب "سڪندر" چون. الحزن جو اصل نالو ابن الهيثم هو. يورپي قومن سندس نالي کي ڦيرائي لاطيني ٻوليءَ وارو روپ ڏيئي الحزن بنايو. هو 965ع ۾ ڄائو ۽ 1038ع ۾ گذاري ويو. هو وڏو سائنسدان هو. سندس خاص ڪم روشنائي ۽ نظر جي ميدان ۾ هو. هن جي شاهڪار تخليق "ڪتاب المناظر" صدين تائين مشرق ۽ مغرب ۾ روشنائي ۽ نظر بابت هڪڙو مستند درسي ڪتاب لکيو ويندو رهيو ۽ يورپ جي درسي يونيورسٽين ۾ پڙهايو ٻوويو.

سوال: مغربي دنيا جي ڪيترن فيلسوفن جا نالا روز ٻڌون جهڙوڪ ڪانٽ، شوپنهاور، هيگل، برٽرنڊرسل. ڇا مسلمانن ۾ ڪو وڏو فيلسوف ٿي گذريا آهن؟

شمشاد سومرو - سکر

جواب: هائو. مسلمانن ۾ هيٺيان جڳ مشهور فيلسوف ٿي گذريا آهن:

(1) ابو يوسف يعقوب ابن اسحاق ابن الصباح ابن اسماعيل ابن اشعث ابن القيس الڪندي، (ڄائو: 801ع- وفات: 873ع).
(2) ابو بڪر محمد ابن ذڪريا ابن يحييٰ الرازي (ڄائو: 865ع- وفات: 925-10-27ع).
(3) ابو النصر الفارابي (ڄائو: 870ع وفات: 950ع).
(4) احمد ابن محمد ابن يعقوب السڪويه ابو علي الخازن (ڄائو: 932ع- وفات: 1030ع).
(5) بوعلي سينا (ڄائو: 980ع وفات: 1037ع).
(6) ابو بڪر محمد ابن يحييٰ السائغ ابن باجه (وفات: 1138ع).
(7) ابوبڪر محمد ابن عبدالمالڪ ابن محمد ابن طفيل (ڄائو: 1108ع- وفات: 1185ع).
(8) ابو وليد حمد ابن احمد محمد ابن رشد (ڄائو: 1126ع- وفات: 1198ع)

سوال: جئي ماتر پومي! آءٌ شهر جنگ شاهيءَ ۾ ڪوڪڙين جي ڳوٺ جي پر

۾ ميگهواڻن جي ڳوٺ ۾ رهندو آهيان. ڪنهن ڏاهي جو قول آهي ته شاعريءَ لاءِ فلسفو لازمي آهي. ڇا شاعريءَ لاءِ فلسفي جي اڀ ضرورت آهي؟ جيڪر آهي ته پوءِ ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب پڙهڻ گهرجن، جيڪي سنڌي يا اڙدو هجڻ گهرجن.

واجهي- جنگ شاهي ضلعو ٺٽو

جواب: عظيم شيڪسپيئر چيو آهي: "شاعري اعليٰ سنجيدگيءَ واري شئي آهي" زندگيءَ بابت اونهي ۽ گهري سمجهه ۽ اعليٰ آدرشن. فلسفي کان سواءِ اعليٰ شاعريءَ جي جنم وٺڻ جا امڪان گهٽ آهن. سائنسي فلسفي بابت رشيد پٽي. محمد ابراهيم جويو جا سنڌيءَ ۾ لکيل ۽ ايل برنس جو اردوءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب ملن ٿا. تازو مسلمان فلسفي بابت پن جلدن جو ڪتاب ڇپيو آهي. پر اهو انگريزيءَ ۾ آهي. وڌيڪ ڪتابن بابت معلومات آئيندي ڏني ويندي.

سوال: چوندا آهن ته ميٿيميٽڪس علمن جو بادشاهه آهي ۽ علم اقتصاديات سماجي سائنس جي راڻي آهي. توهان جو ان باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟

نسرين شاهه- حيدرآباد

جواب: ائين ئي هوندو. پر سائنس جي سائنس آهي، جدلي ماديت. جنهن کي سائنسي فلسفو به سڏجي ٿو.

سوال: علم حاصل ڪرڻ يا پڙهڻ جو مقصد ڇا آهي؟ ڇا پڙهڻ جو مقصد پنهنجي روزگار جي مسئلي کي حل ڪرڻ آهي؟
جيڪڏهن صرف اهو مقصد نه آهي ته پوءِ پيو علم حاصل ڪرڻ جو مقصد ڇا ٿي سگهي ٿو؟

محمد سليمان شيخ- نوشهرو فيروز

جواب: علم حاصل ڪرڻ جو مقصد هن ڪائنات، هن دنيا ۽ خود پاڻ بابت وسيع ترين سمجهه حاصل ڪرڻ ۽ ان جي روشنيءَ ۾ عملي، سخت ۽ اٿاڻگي جدوجهد ڪري، سڪٽي ماڻهوءَ مان ڦري هڪڙو سچو پچو اعليٰ انسان ٿيڻ ۽ پنهنجي ۽ پنهنجن پيارن جي دنيا بدلائڻ آهي. سچي پچي اعليٰ انسان لاءِ روزگار به ضروري آهي.

سوال: شيخ اياز جدلياتي ماديت جي فلسفي کي مدي خارج قرار ڏئي چڪو آهي. توهان ان کي سائنس جي سائنس ٿا چئو؟

شڪيلا عباسي- صدر ڪراچي

جواب: شيخ ايار اڳئين دؤر ۾ جيڪا شاعري ڪئي هئي، سا اسان جي شاعريءَ جو املهه ۽ بيبها حصو آهي. البت اڇڪلهه هو عقل ۽ شعور جي منزلن کان گهڻو "مٿي" وڃي "لاشعور" "علم لدني" ۽ "الهام" جي بلندين کي رسي ويل ٿو ڏسجي. ان حالت ۾ کائنس ڪنهن علمي، تحقيقي ۽ سائنسي سوچ، سمجهه ۽ رويه جي تقاضا ڪرڻ سائس زيادتي ٿيندي. جدلياتي مادیت بابت جيڪي چوي ٿو ان لاءِ مٿس ڪا ميار ڪانهي، هڪڙي پاسي علم ۽ سائنس ۽ ٻئي پاسي الله جي فضل ۽ ڪرم سان "لاشعوري" بلڪ "الهامي" شاعري آهي پاڻ ۾ ڪيئن نهندا؟ اهي ٻئي گدرا هڪڙيءَ مٺ ۾ ڪيئن ايندا؟

سوال: توهان پنهنجي تحرير ۽ تقرير ۾ اڪثر مڙس مائهو جو لفظ استعمال ڪندا آهيون، ڇا مڙس مائهو ۽ ڪو فلسفو آهي، مهرباني ڪري ٻڌايو ته مڙس مائهو مان توهان جي مراد ڇا آهي؟

سڪندر ملاح- دادو

جواب: مڙس مائهو مان منهنجي مراد آهي "آدرشي انسان" آئيڊيل مين جيڪو اعليٰ ترين انساني ضرورتن جي خيال کان گهڙيو آهي. هيستائين اسان کي جيڪي اخلاقي فڪر مليا آهن، انهن جي تڪميل ڪندڙ يا چئجي ته سمر ٽوٽل لڪندڙ کي آءُ مڙس مائهو سمجهان ٿو ۽ آءُ هميشه لفظ اهڙا استعمال ڪندو آهيان، جنهن مان مائهن کي اوپرائپ جو احساس نه ٿئي، مائهو اهو محسوس نه ڪن ته جيڪو لفظ ڳالهايو پيو وڃي، اهو انهن مان نه هجي. جيئن مڙس مائهو اهو ٻهراڙي جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي بهادري، پر آءُ جنهن، جيڪو مڙس مائهو جو لفظ استعمال ڪندو آهيان، ان ۾ مصالا ۽ آئون پنهنجي معيار وارا وجهندو آهيان، جنهن ۾ ارسطو کان وٺي اڄ جي سڀ کان ترين مائهو جون خاصتيون موجود هجن. يعني هڪ اهڙو آئيڊيل ڪردار جنهن جو تصور ئي مائهن کي اتساهي.

سوال: مذهب جي اصل حقيقت ڇا آهي؟ تنهن بابت سائنس ڇا ٿي چوي؟

فيض بلوچ سب جويزن واپدا- آپويشن پي او دادو

جواب: اسين مسلمانن جو اولاد آهيون، اسان کي ورثي ۾ مسلماني عقيدا مليا آهن ساڳيءَ طرح هندو، عيسائي، يهودي ۽ ٻڌ ۽ پنهنجي پنهنجي هندو، عيسائي، يهودي ۽ ٻڌ مائٽن جو اولاد آهن. ڪين ۽ پنهنجي پنهنجي مذهبن بابت اسان وانگر ئي ورثي طور عقيدا مليل آهن. گهڻي پاڳي

ان بنياد تي ئي پاڻ سڀ سمجهون ٿا ۽ چئون ٿا ته اسان جو مذهب سچو آهي ۽ ٻيون سڀ ڪوڙيون ڳالهيون آهن. مولانا مودوديءَ به عقيدي جي ان بنياد جو تفصيل ذڪر ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته اسان جي عقيدن جو اوائلي بنياد بنيادي طرح وڏن کان ورثي ۾ مليل ۽ بدلل ڳالهين تي رکيل آهي. ٻئي طرف ڪي سائنسدان به مذهبي عقيدا رکندڙ آهن. پر بنيادي طرح سائنس ڪنهن به ڳالهه کي سواءِ جاچ، تحقيقات ۽ مضبوط ثابتي ۽ تصديق جي نٿي مڃي. ان وٽ ڪنهن به ڳالهه کي خالص عقيدي طور مڃڻ جي گنجائش ڪانهي. ڇو ته اها ڪنهن به ڳالهه کي قطعي آخري ۽ ڪڏهن به تبديل نه ٿيندڙ نٿي سمجهي. خود پنهنجي ڳالهين کي به اها قطعي ۽ آخري ڪري نه ٿي ونڃي. اها سدائين پنهنجي تحقيقات جي نتيجن جي چڪاس ونڊي رهي ٿي ۽ پنهنجون غلطيون پاڻ ڳولي لهي ٿي، بدلائي ٿي ۽ درست ڪري ٿي. ان ڪري ئي سائنس جي ثابت ٿيل ڳالهين بابت روءِ زمين تي بنيادي اتفاق راءِ آهي. سائنس سڄي دنيا ۾ بنيادي طرح ساڳي ۽ هڪڙي آهي. هر ملڪ ۾ به ڪل چار آهن. هر ملڪ ۾ فزڪس، ڪيمسٽري، فلڪيات، اليڪٽرونڪس جو علم ساڳيو آهي. بجلي، ريڊيو، ٽي وي، موٽرون، ريلون، جهاز ۽ ٽيليفون ساڳيا آهن ۽ ساڳئي اصولن تي ٺهن ۽ هلن ٿا. سبب ته هر ڳالهه سوالن جوابن اعتراضن، صحبتن، ڪليل بحثن مباحثن، تحقيقاتن تجربن ۽ چڪاسن جي ڪوري مان پچي نڪتي آهي ۽ مڪمل طرح ۽ هزارين دفعا روز روز چڪاس ۽ تصديق ٿيل آهي ۽ ٿيندي رهي ٿي ۽ سدائين ۽ روز بروز ٿيندي رهندي. ڪائنات ڇا آهي؟ ڪيئن ٿي هلي؟

انهي ۽ اهڙن سوالن بابت جواب مختلف بلڪ ابتڙ قسمن جا آهن. هڪڙي قسم جا جواب دنيا جا مذهب ڏين ٿا. ٻئي قسم جا جواب سائنس ڏئي ٿي. اهي جواب اڪثر هڪٻئي جي سراسر ابتڙ آهن. اهي جواب صحيح آهن يا غلط تنهن جي ڪسوٽي مذهب وٽ جدا آهي ۽ سائنس وٽ جدا. سمورن مذهبن جي حامين جو موقف آهي ته اسان جو علم سڌو خدا، پيڳوان، گاڊ وغيره ۽ سندس مقدس ڪتابن روحاني نمائندن اوتارن ۽ نبين جي ذريعي اسان وٽ پهتو آهي. اهو قطعي آهي، آخري آهي، تبديل ٿيندڙ ناهي ۽ ان ۾ زير زبر جي فرق جي گنجائش ڪانهي. ان ڪري هڪ حد ڪان پوءِ مذهبي ڳالهين بابت خالص عقلي علمي سائنس تحقيقات، ۽ دليل بازي جي گنجائش نٿي سمجهي وڃي. ان جو دليل هن قسم جو ٿئي ٿو. هيءَ ڳالهه انجيل ۾ يا ويدن يا زبور يا قرآن شريف ۾ لکيل آهي. اهو پاڪ ڪتاب خدا جو يا پيڳوان جو پاڻ خلقيل آهي ۽ سو فيصد صحيح آهي. ان جي آسماني ڪتاب هجڻ يا نه هجڻ ۽ ان جي زير زبر سميت صحيح هجڻ يا نه هجڻ بابت بنيادي ڪان بنيادي

سوال جواب ڪرڻ جي گنجائش ڪانهي. گذريل صدين ۾ جنهن به مذهب جي جن به ماڻهن اهڙا بنيادي سوال جواب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تن مان گهڻن کي زندگيءَ تان هٿ ڌوئڻو پيو آهي. نتيجي طور انساني تاريخ جي گذريل سورهين يا انداز صدين ۾ مذهبي عقيدي کي خالص، عقلي، علمي ۽ سائنسي تحقيقات، بحث مباحثي، دليل بازي، چئلينج ۽ تصديق جي دائري کان الڳ سمجهي ان باري ۾ خالص پنهنجي پنهنجي عقيدي مطابق ڳالهيون ڪيون ويندیون رهيون آهن. ان ڪري جيئن سائنس هر بنيادي کان بنيادي سوال بابت سواءِ ڪنهن زور زبردستيءَ فتوا بازي ۽ تلوار بازيءَ جي پنهنجي سوال جواب ۽ بحث مباحثا ڪلئي عام ۽ خوش دليءَ ۽ وسيع خياليءَ خالص عملي نموني ڪري پنهنجا معاملا طئي ڪري چڏيا آهن تيئن دنيا جي مختلف مذهبن جا حامي نه ڪري سگهيا آهن. نتيجي طور دنيا جي مذهبي سوالن ۽ معاملن جي چوڌاري پيدا ڪيل گهٽ ٻوسٽ، دباءُ، زبردستي، خوف ۽ موت جي ڏمڪيءَ ۽ خطري واري ماحول سبب هزارين سوال ۽ نقطا ان فيصل ٿيل رهجي ويا آهن ۽ هزارين سخت اختلافن ۽ ثقافت کي جنم ڏيئي چڪا آهن. انهن شديد تضادن ۽ تفرقن سبب ڪروڙين اربين انسانن جون حياتيون تباهه ٿيندیون رهيون آهن ۽ ٿي پيون. سائنس به تباهيون ڪيون آهن پر اهي سائنسي سوالن بابت ڪنهن مونجهاري اختلاف يا فتوا بازيءَ ڪري نه پر حڪمرانن جي وچ ۾ سياسي ۽ ملڪي مفادن جي ٽڪر جي ڪري ٿيون آهن. سائنس جا پنهنجا طريقا، معاملا ۽ تحقيقات ۽ واڌاري جا رخ ۽ رستا صاف ۽ پڌرا ٿيا پيا آهن. پر ان ۾ ڪو لڪ ڏڪي جو سوال ڪونهي. مخالف ڌر خلاف ڪفر جي فتوا ڏيئي سندس سسي ڪتري چڏڻ جو مسئلو ڪونهي. اهڙيءَ ريت گذريل صدين جي مخصوص تاريخي ۽ سماجي ۽ سياسي حالتن ۽ مخصوص فڪري ماحول جي ڪري مذهب بابت خالص علمي، عقلي ۽ سائنسي بنيادن تي جاچ، تپاس، تحقيقات ٿيڻ نه ڏني ويئي آهي. ان ڪري ان باري ۾ سائنسي طرح ثبوت مليل جواب ميسر ٿيڻ جي گنجائش نه رهي آهي. البته پنهي نقطه نگاهن جي ترجماني ڪندڙ ڪتاب موجود آهن. گهڻن مذهبن جي سينٽ ٿامس، اڪيئناس، امام غزالي، شنڪر آچاريه جهڙن علمبردارن پنهنجي پنهنجي نقطه نظر جي حمايت ۾ پي انداز ڪتاب لکيا آهن. تازو يونيسڪو ۽ حڪومت هند طرفان پراگ جي جرمن يونيورسٽيءَ جي هندستاني فلسفي ۽ نسليت جي پروفيسر ونٽرنٽز جو 50 جلدن ۾ مرتب ڪيل ڪتابي سلسلو "مشرق جا مقدس ڪتاب" پيهر شايع ٿيو آهي جيڪو سڀ کان اڳ پروفيسر مئڪس ملر مرتب ڪيو هو. ان ۾ اسلام، هندومت، چين درمه، ٻڌ ڌرم، تائومت، يهوديت، زردستي مذهب ۽ ڪنفيوش جي مذهب جا سمورا مقدس ڪتاب شايع

ڪيا ويا آهن. اهو پاڻ آمريڪن بوڪ اسٽور زيب النساءِ اسٽريٽ ڪراچيءَ ۾ ملي ٿو. ٻئي طرف مذهبن جي ارتقا جي تاريخ جي سلسلي ۾ ٻه ڪتاب شايع ٿيل آهن. جهڙوڪ سرجيمس فريزد جو "جادو ۽ سائنس" آلن گرانٽ جو "خدا جي تصور جو بڻ بٽياد" انگرسال جا مقالا وغيره، ايندڙ صديءَ ۾ ٿي سگهي ٿو ته ان باري ۾ علمي ۽ سائنسي سوچ ويچار ۽ تحقيقات جو دور شروع ٿي سگهي.

سوال: اسين پڙهڻ لائق ٿياسون ته مائٽن اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو، تان جو اسان ريگيولر مئٽرڪ سوڌو پڙهياسون، استاد صاحبان سڀ هوشيار هئا. علم نصاب ۾ اسان کي سڀي نموني پڙهايائون، پر اسان جي غير نصابي علم ۽ واقفيت کان ٿي. مئٽرڪ ڪرڻ کانپوءِ ٻن ٽن نظرياتي دوستن سان سنگت ٿي ته انهن جي علم اسانجون وايون ڦيرائي ڇڏيون. پوءِ اسان انهن کان پڙهڻ لاءِ ڪتاب ورتا، انهن ڪتابن ۾ ادبي ڇاڻ جا ڪتاب، سائنسي ڪتاب، مذهبي ڇاڻ، تاريخي ڪتاب، نظريا، مارڪس، لينن، مائوزي تونگ، هوچي منهه. توهانجو لکيل مائوزي تونگ، جيئن ڏٽو مون (جي- ايم سيد)، اخبارون، رسالا، اسلامي تاريخون، روسي تاريخون، نجم عباسي جا ڪتاب، ابراهيم جويو، مطلب ته ڪيترا نالا وٺون "يه قبرين يه آستاني" مولانا مودودي صاحب وغيره وغيره، هاڻي سوال پيدا ٿو ٿئي ته مذهب جي باري ۾ انهن ڪتابن پڙهڻ کان اڳ ڪوبه دماغ جو پردو ڪليل نه هو. جيڪي ڪجهه پنهنجي وڏن کان ٻڌندا هئاسون انهي تي اٽل ارادو هو. جيئن ڪنهن رکن جي پورائي ڪرڻ کانسواءِ مذهب مان خارج ٿيڻ، ڪنهن روايت کان انڪار ڪرڻ تي ڪافر ڪوٺجڻ، جيئن لطيف جي بيٽ کي ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ جي تشريح ڪرڻ تي چريو سڏجڻ، ڪنهن درگاهه ولي الله شخص جي مزار تي هٿ ٻڌي عرض ڪرڻ ته "سائين الله تعاليٰ وٽ اسان جي دانهن پڄاءِ"، انهن مزارن تي خير خيراتون ڪرڻ، پڙ باسڻ کان انڪار ڪرڻ تي ڪچهري ۾ ڦريل ڪوٺجڻ يا ڪنهن غير مذهب سان گڏ ماني کائڻ تي "سوئر" جو لقب ملڻ، جيئن ته اسان وٽ هندو طبقو گهٽو آهي. آءُ پنهنجي خيال مطابق چوندو آهيان ته انسان سڀ برابر آهن ته نفرت ڪنهن کان ڪجي. مذهبي بنياد تي ماڻهو ٽولن ۾ ته ورهائجي نٿا سگهجن. پوءِ مونکي چوندا ته تون تڙيل گالهيون ٿو ڪرين. سائين منهنجا انهن سٽن جي معنيٰ مون کي سمجهايو. ائين نه ٿئي جو آءُ مولوي صاحب جي ور چڙهي قتل ٿي وڃان.

سائين بخش مري ڏنگ- سانگهڙ

جواب: مذهبي عقيدن جو تعلق بنيادي طرح انساني عقل جي پيٽ ۾ انساني

عقيدي تي وڌيڪ ٿئي ٿو. توهان جيڪي به سوال پڇو ٿا اهي سڀئي عقيدي جا مسئلا آهن. ڪنهن به هڪڙي مذهب جا ماڻهو تمام گهٽ گالهين تي متفق آهن يا جي ڪٿي رسمي طرح متفق آهن تہ انهن جي تفصيلن تي متفق نہ آهن. دنيا ۾ ڪيتريون جنگيون ۽ لڙايون لڳيون آهن. ٻين گالهين سان گڏ مذهبي بنيادن تي. جيڪڏهن سائنس وانگر مسئلا طئي ٿيڻ جهڙا هجن ها تہ پوءِ جيئن بجلي جي باري ۾ ڪو به اختلاف ڪونهي، ڪار جي باري ۾ اختلاف ڪونهي، ۽ ٻي ٽڪنالاجي جي باري ۾ ڪو به بنيادي اختلاف ڪونهي، ائين انهن مسئلن بابت به ڪو اختلاف نہ هجي ها. هر مذهب جا ڪيترا فرقا آهن ۽ هر فرقي جا وري ڪيترا ڇوٽا فرقا آهن ۽ وري هڪ هڪ فرقي جو ماڻهو هر گالهہ جو مطلب پنهنجو ڪڍي ٿو. تنهن ڪري جيڪڏهن ڪو ماڻهو واقعي سو فيصدي مذهبي مومن ٿيڻ چاهي تہ به ان گالهہ جو تمام وڏو امڪان آهي تہ هو ڪنهن به فرقي سان تعلق رکي، ڪهڙو به عقيدو هجي تہ به ان مذهب جي ماڻهن جي وڏي اڪثريت ڪيترين گالهين ۾ ان کي غلط چوندي مثال طور اسان وٽ صديون اڳ 72 فرقا هئا. هينئر تہ 72 ڇا پر عملا 720 ٿي ويا آهن. انهن مان جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن هڪڙي فرقي جو هجي تہ ٻين 71 فرقن جي نظر ۾ اهو ماڻهو جي ڪافر نہ، تہ به گمراهہ يا ڦريل ضرور ليکيو ويندو. اها صورتحال سياست وانگر هر دين ڌرم جي آهي. تنهن ڪري مذهب جي معاملن جي باري ۾ هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي پسند جي پنڊت، پانيڻ، پادري يا ملان جي تشريح يا خيال مطابق هلي ٿو. ان جي باري ۾ ڪجهہ به ڪري نٿو سگهجي. بهرحال مذهبي فيصلا ڪرڻ وارا اهل ۽ اڪابر موجود آهن. باقي انساني نقطہ نگاهہ کان منهنجي نظر ۾ انسان سڀ ڀائر آهن. ڪنهن به دين ڌرم جي آڙ ونڊي پاڻ کي امتي ۽ اعليٰ ۽ ٻين انسانن کي حقير سمجهڻ صحيح ناهي. علامہ اقبال خوب چيو آهي:

"خدا کي بندي توهين هزارون، بنون مين قرتي هين ماري ماري
مين اس کا بنده بنون گا، جس کو خدا کي بندون سي پيار هوگا."

حافظ شيرازيءَ چيو آهي:

"حافظا گر وصل خواهي صلح کي باخاص و عام،
بامسلمان الله الله، با برهمن رام رام."

سوال: سوال اهو آهي تہ قرآن پڪ ۾ ڪئين بيشمار نشانيون بيان ڪيون ويون آهن. مثال: آسمان جو بغير ٿوٽي، ٽنيي جي بيهڻ، بج مان سلو ڦٽي وڏي وڏو ٿيڻ يا ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار کي خوراڪ ملڻ ۽ زندهہ رهڻ وغيره ۽ اهي سڀ الله پاڪ جي هجڻ جا ثبوت آهن. هاڻي انهن گالهين تي اعتبار ڪرڻ سان

قيامت جي ٽيڙ ۽ ٻين قدرتي حڪمن کي مڃڻ جن ۾ نماز پڙهڻ، روزا رکڻ ۽ عورت کي پردو ڪرائڻ وغيره بہ لازم ٿي ٿا پون. الله کي مڃجي وري حڪمن کي نہ مڃجي يا اڏ حڪمن کي مڃجي ۽ اڏ کي نہ مڃجي، اهو ته سراسر غلط آهي ۽ الله تي اعتبار ڪري ۽ ان جي حڪمن کي مڃڻ سان اوهان جهڙن ڪيترن ئي اعليٰ مفڪر ۽ ادبين جي خيالن ۽ منشورن سان ٽڪراءُ ٿئي ٿو، جيئن اوهان عورت جي آزاديءَ جا قائل آهيو وغيره ته اهڙين حالتن ۾ اسان جهڙن گهٽ سوچ رکندڙ ۽ گهٽ مطالعي ڪندڙن لاءِ صحيح راهه چونڊڻ ۽ زندگي گذارڻ لاءِ ضابطا ۽ قانون ناهڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو آهي. اهڙي موڙ تي اوهان منهنجي ۽ منهنجي هم خيالن جي ڪهڙي نموني رهنمائي ڪندو ۽ پنهنجي خيالن سان متفق ڪرڻ لاءِ ڪهڙا دليل ڏيندؤ.

ظهير احمد برڙو - لاڙڪاڻو

جواب: مذهبي معاملن ۾ ماڻهو دليلن سان متفق ٿي سگهن ها ته مذهب جي ڳالهين تان سوين صدين کان هيڏيون جنگيون، هيڏي رتوڇاڻ ۽ هيڏا خونريز دنگا فساد نہ ٿيندا اچن ها ۽ سڄل جهڙا مڙس ائين چوڻ تي مجبور نہ ٿين ها ته

"مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
شيخين، پيرين، بزرگين، بيحد پلايا،
اوڏا ڪين آيا، عشق وارا عقل کي."

لسان الغيب حافظ شيرازي جهڙا خدا جا پيارا ائين ڪونہ چون ها،

"مباش درپي آزار و هرچہ خواهي کن،
که در شريعت ما غير ازين گناهي نيست."

(ماڻهن کي آزارڻ ڇڏ، ٻيو جيڪي وٺئي سو ويجي ڪر، جو اسان جي شريعت ۾ ان کان سواءِ ٻيو گناهہ ڪونهي.)

"ما مرد زهد، و توبہ و طابات نيستم،
با ما بجام، باده صافي خطاب کن."

(اسين عبادتون توبهائون ۽ تابعداريون ڪرڻ وارا جوان ڪونہ آهيون. اسان سان ڳالهہ ڪرٽي هجئي ته نبار شراب جي پيالي جي ڳالهہ ڪر.)

"آتش زهد وريا خرمن دين خواهد سوخت،
حافظا! اين فرقہ پشمينا بينداز و برو"

(عبادت گذاريءَ ۽ رياڪاريءَ جي باهہ دين جي ڪُري کي ساڙي رکندي، حافظا! اها پشم جي گودڙي لاهي ڦٽي ڪري هتان هليو وڃ.)

مذهبي مسئلن تي بحث ۽ فيصلا ڪرڻ لاءِ الله جي فضل و ڪرم سان گهٽئي عالم ۽ فاضل بزرگ سڳورا موجود آهن. پاڻ اڻ ڄاڻن ۽ گنهگارن کان اهي منزلون مٿي آهن.

"حافظا! گر وصل خواهي، صلحکن خاص و عام،
با مسلمان الله الله، با برهمن رام رام"

(حافظ! جي يار جو وصل گهرجيئي ٿو ته ايري توڙي سيري سان نهي هل. مسلمان هجي ته سائس الله الله ڪر ۽ جي برهمڻ هجي ته رام رام! ڪرينس.)

سوال: (1) اسلام عورت بابت سخت پردي جو چوي ٿو ۽ ايتري قدر سخت جو آواز به گهر کان ٻاهر نه نڪري جيئن ڪو ڌاريو شخص ٻڌي نه وڻي ۽ عورت بابت اوهان جهڙن باشعور مسلمان اديب، دانشور، شاعر، مفڪر شخصيتن جو چوڻ آهي ته عورت کي به مرد سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي وقت سان گڏ هلڻ گهرجي. (2) کي مائهو چوڻ ٿا ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه صرف خدا ۽ ان جي رسول ﷺ جي شان ۾ شاعري ڪئي آهي ۽ نه سنڌ کي، نه امن کي ۽ نه وري ٻي ڪنهن عشقيه داستان کي ڳايو اٿس ۽ نه وري دنيا کي محبت جو پيغام ڏنو اٿس ۽ نه ئي جنگ کان نفرت ڪرڻ سيکاريو اٿس. مطلب ته هن فرضي نالا ورتا آهن، باقي ڳجهه ۾ سڀ خدا، محمد مصطفيٰ صه ۽ اسلام ۽ آخرت کي ڳايو اٿس، ڪنهن سچاڻ شخص جي چوڻ مطابق ته شاهه صرف ۽ صرف مارئي جي وطن سان محبت، سهڻي جي ميهار سان محبت ۽ سنڌ جي ثقافت ۽ دنيا کي امن جي ڳالهه ٻڌائي آهي. "ڇا لطيف صرف اسلام کي ڳايو آهي. ڪنهن غير مسلم کي نه ڪرايو اٿس؟"

عبدالرشيد راجڙ- عمر ڪوٽ

جواب: مون بار بار عرض پئي ڪيو آهي ته آءُ پاڻ کي مسلمانن جي 72 فرقن جي عالمن جي هوندي ان ڳالهه جو اهل نٿو سمجهان ته ديني مسئلن جي باري ۾ ڪنهن مذهبي قسم جي راءِ ڏئي سگهان. اهي عقيدي جا مسئلا آهن ۽ هڪ حد کان پوءِ عقيدو ۽ عقل بظاهر ابتڙ شيون ٿيون نظر اچن. سيني مذهبن ۾ مذهبي عقيدن جون هڪ نه پر هزارين تشريحون ٿين ٿيون. هر ڪو پنهنجي من پسند تشريح کي بين تي ترجيح ڏئي ٿو. بلڪ ان لاءِ مرڻ مارائڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيهي رهي ٿو. جيڪا به مذهب جي تشريح انسان جي واڌاري، انصاف، حق، انساني برابري، انساني بهتري ۽ بهبودي جي تقاضائن سان وڌيڪ هم آهنگ هجي، جيڪا انسان کي بهتر انسان بنائڻ ۾ مدد ڪري، اها تشريح اسان لاءِ بين سيني تشريحن کان وڌيڪ قابل قبول آهي. ان تشريح پٽاندر

مردن کي انساني حق ڏيڻ ۽ عورتن کي اهي حق نہ ڏيڻ ان کان وڌيڪ اسان جي نظر ۾ ڪابہ انسان دشمني ڪانہ ٿي سگھندي. تنھن ڪري مذھبي تشريحن جي پيچيدگين ۾ پوڻ ڪانسواءِ اسين سمجھون ٿا تہ ھن دؤر جي اولين تقاضا اھا آھن تہ سڀني ماڻھن کي، ٻارن، ٻڍن، مردن، عورتن حتيٰ ڪہ جانورن کي بہ پنھنجا حق ملڻ کپن ۽ ان جي راھ ۾ ڪا تشريح اچي تہ اسين ان کي پنھنجي حساب سان درست چئي نہ سگھنداسين.

جيستائين شاھ لطيف جو تعلق آھي تہ شاھ لطيف ھڪڙو صوفي مسلمان ھو. ھن کي خدا ۽ رسول سان عشق ھو. ھن جي خدا ۽ رسول سان عشق جي تشريح پنھنجي ھئي، جا ضروري ناھي تہ وقت جي علماءِ ڪرام جي تشريحن مطابق ھجي. اُن سان گڏ منجھس حسن ۽ محبت جو بہ جذبو ھو. ھو پنھنجي دؤر جو ھڪڙو وڏي ۾ وڏو انساني محبت جو شاعر ھو. ھو انساني ھمٿ، جرئتن جو، دنيا کي بدلائڻ، دنيا جي ماڻھن کي بدلائڻ، انسانن جي انسانيت کي فروغ ڏيڻ جي جذبن جو شاعر ھو. ھن جي خدا دوستيءَ، انسان دوستيءَ، عوام دوستيءَ ۽ انقلاب دوستيءَ ۾ ڪوبہ تضاد ڪونہ ھو. انھن سڀني جذبن جو سرچشمو ھڪڙو ئي عظيم ۽ ڪائنات گير احساس ۽ شعور ھو. سونھن، سچ، حق ۽ انصاف لاءِ اٿاھ محبت ۽ بيڇائي، ڪوڙ، ناحق ۽ ظلم لاءِ شديد ترين نفرت.

سوال: انسان دوستيءَ ۽ خدا پرستيءَ انھن مان ڪھڙو ڪم وڌيڪ ڏکيو آھي؟

حسنا ميمن- جامشورو

جواب: اڳي جي خبر خدا کي باقي ھن زماني ۾ مالڪن جو چوڻ آھي تہ انسان دوستيءَ جي "ڪافر" عشق جي راھہ. "مومن" عشق جي پيٽ ۾ ڏاڍي ڏکي آھي.

رب دا عشق ھوڻ سکالا، اھي بھت سکالي بازي،
گوشا پکڙ رھي ھو صابر، ڦڙ تسبيح بٽي نمازي،
سک آرام جگت وچ سوپا، اتي ديک ھووي جگ جگ راضي،
ھاشم! خاک رُلاوي گليان اي ڪافر عشق مجازي.

(اڇڪلھ) "رب جو عاشق" بڻجڻ ڏاڍو سولو ڪم آھي. اھا راند ڏاڍي سوکي آھي. ماڻھو ڪنڌ ونيو، صابر بنيو، تسبيح ڪٽيو نيڪ نمازي ٿيو وينو ھوندو. سک آرام ھوندو، دنيا ۾ نيڪي ھوندي، ھر ڪو ڏسيو پيو ساراھيندو ۽ شابسون ڏيندو. باقي ھاشم! اھو جيڪو انسانن جو انسانن سان ڪافر عشق آھي. سو تہ ماڻھو کي گھٽين جي ڏوڙ ۾ ملايو ڏوڙ ڪريو ڇڏي)

سوال: دعاءِ بددعا ۽ ڪرامت ڪنهن جي قسمت بدلائين ٿيون؟ اسان جي ملڪ ۾ 80 سيڪڙو عوام اڄ به اولیائن، مسائن تي باسيون باسندي نظر ايندي!! ڪيترائي اپوجهه ۽ ڪي پڙهيل لکيل به پيرن فقيرن ۽ درويشن جي درن تي پُٽ لاءِ ۽ ملڪيت ۾ واڌاري لاءِ پنيءَ ٽپرائيندي ڏسڻ ايندا...!

جي- ڪي "ڏوٿي" ڊاڪلو، ٽر

جواب: توهان جو سوال جوش مليح آبادي جو هڪڙو شعر ٿو ياد ڏياري:

"بي خبر! تون ان خيالي ديوتائون کو نه پوج،
جهل سي پيدا هوئي اور علم سي مر جائينگي.

سوال: حق موجود! سنڌ موجود!
ڪارل مارڪس چوائي "مذهب انسان لاءِ آفيم جو ڪم ڪري ٿو." اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

اعجاز چانڊيو- رتوديرو

جواب: حق موجود! سنڌ موجود! سنڌي قوم موجود!!! انسانيت موجود!!!!

تاريخ ٻڌائي ٿي ته مفاد پرست مائهن ۽ طبقن هر چگي ڳالهه سمجهيل ڳالهه کي ناجائز مقصدن لاءِ ڪتب پئي آندو آهي. وطن پرستيءَ جمهوريت، آزاد خياليءَ انسان دوستيءَ تصوف، مذهب، سوشلزم، ڪميونزم ۽ انقلاب مان ڪهڙي ڳالهه کي عوام دشمن پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب نه آندو آهي؟ ان ڪري جانسن چيو آهي "وطن پرستي بدمعاشن جو آخري اجهو آهي" ڪنهن ٻئي چيو آهي ته "اي آزادي! تنهنجي نالي ۾ ڪيڏا نه ڏوهه ڪيا ويا آهن!"

مذهب کان به آفيم چا زهر ۽ باهه جو ۽ ٻيو الائي ڪهڙو ڪهڙو ڪم ورتو ويو آهي ۽ ورتو پيو وڃي.

سوال: (1) اسٽول سريرِ (2) سوڪيم سريرِ (3) سڪوپٽ، (4) آتما (روح) اهي چار شيون لازم ۽ ملزوم آهن، تڏهن انسان مڪمل ٿئي ٿو. روح پاڪ آهيءَ نر ليپ آهي. جسم جڙ آهيءَ جيڪو آتما کانسواءِ ڪجهه ڪري ڪونه ٿو سگهي. آتما نرليپ آهي ته ڪرم جو ڏوهاري ڪير آهي؟

ڊاڪٽر نارائڻ- نئون آباد

سوال: هر انسان روئندي جمي ٿو پر ڪي انسان سڪ به ڏسن ٿا ته ڪي وري مرڻ تائين پيڙا پوڳين ٿا، جڏهن ته جيو ويندو آهي ته هر انسان هن ڪائنات ۾ هڪ پيرو ئي اچي ٿو، جمندي ئي ڏکن جي پيڙا تان جو مرڻ تائين پوڳي ٿو،

جڏهن ته هن کجهه کيو ئي ناهي ته پوءِ هن جي ڏکن جو کارڻ؟

عبدالغفور جوتيجو - نئون آباد

سوال: سائين! ڇا انسان جي قسمت لکيل آهي؟ جي ها، ته پوءِ انسان ڏوهاري ڇو آهي؟

ذوالفقار علي سومرو - وارهه

جواب: انهن سوالن جو جواب مختصر طرح حافظ شيرازي هيئن ڏنو آهي.

گناهه اگرچه نبوَ اختيار ما حافظ
تو در طريق ادباش، گو گناهه منست. (حافظ)

(حافظ! جيتوڻيڪ گناهه ڪرڻ اسان جي وس جي ڳالهه ڪانهي. پر تون ادب جو گس نه ڇڏ ۽ چئو ته گناهه مون ڪيو آهي؟)

ساڳي ڳالهه عمر خيام ڪئي آهي، جنهن جي ان سلسلي واري شعر جو مفهوم هن قسم جو آهي:

(اسان جي تقدير اسان جي پڇڙ کانسواءِ اڳواٽ لکي ڇڏيائون! هاڻي ڪهڙي منهن سان ٿا اسان کان پڇن ته توهان زندگيءَ ۾ هيئن ڇو ڪيو؟ هونئن ڇو ڪيو. دنيا ۾ ڪو انصاف آهي يا ڪونهي؟)

سوال: چون ٿا سنڌ صوفين جي سرزمين آهي، پر عوام وٽ تصوف بابت صحيح معلومات نه هئڻ جي برابر آهي. ڇا توهان اها کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته:

1_ تصوف ڇا آهي؟ 2_ ڪهڙي قسم جا ماڻهو صوفي ٿيا؟ 3_ شروع شروع ۾ وڌي ۾ وڌا صوفي ڪير هئا؟ 4_ تصوف بابت پهريان ڪتاب ڪنهن لکيا؟ 5_ تصوف ۾ ڪي خاميون به آهن ڇا جن سنڌي قوم کي به نقصان رسايو هجي؟

نظير احمد چانڊيو - سانگهڙ

جواب: (1) خواجه ذوالنون مصري (جائو: 706ع وفات: 859ع) جي قول مطابق: "ظاهري فعلن کي گناهن کان پاڪ رکڻ ۽ باطني حالت ۾ فضول ڪمن سان پاڻ کي آلودو نه ڪرڻ ۽ خدا جي حڪمن مطابق ثابت قدم رهڻ جو نالو تصوف آهي."

خواجه بايزيد بسطاميءَ (وفات: 844ع) جي قول مطابق: "پاڻ تي آسائش جا دروازا بند ڪرڻ ۽ محنت اختيار ڪرڻ تصوف آهي."

خواجه جنيد بغدادي (وفات: 910ع) جي قول مطابق: "دل کي خلق وٽ

مقبوليت کان پاڪ ڪرڻ، طبعي اخلاق کي دنائت کان دور ڪرڻ، بشريت جي صفتن کي نفسياتي خواهشن کان دور رکڻ، روحاني صفتن جو پيدا ٿيڻ، حقيقي علمن ڏانهن ترقي ڪرڻ، اهڙين شين کي عمل ۾ آڻڻ جيڪي ابد تائين ڪم اچن، خلق کي نصيحت ڏيڻ، حقيقت حال تي باوقار رهڻ ۽ رسول ﷺ جي پيروي تصوف آهي."

حضرت غوث الاعظم شيخ عبدالقادر جيلاني (جائو: 1077ع وفات: 1166ع) جي قول مطابق تصوف جو بنياد هن اٽن شين تي آهي: سخاوت ابراهيم، رضائي اسحاق، صبر ايوب، مناجات ذڪريا، غربت يحييٰ، فرقہ پوشي موسيٰ، سياحت تجرد عيسيٰ ۽ فقر محمد." (فتوح الغيب)

(2) حضور صلعم جن ۽ خلافت راشده جي حڪمرانيءَ جي نهايت ئي مختصر دؤر (622ع کان 661ع ڪل صرف چاليهه سال) کانپوءِ جي صدين جي مسلمان بادشاهن، سلطانن ۽ شهنشاهن جي حڪمراني نالي ماتر اسلامي پر حقيقت ۾ هڪڙي فوجي آمريت ۽ مارشل لا جي حڪمراني پئي رهي آهي، جيڪا اسلامي تحريڪ جي بنيادي عوامي ۽ جمهوري روح ۽ ڍنگ جي ابتڙ ۽ ان جي نفي ڪندڙ پئي رهي آهي. عام طور هن مذهب کي پنهنجي ڦورو ۽ ظالمانہ ذاتي، گروهي ۽ طبقاتي مفادن خاطر عوام خلاف هڪڙي دباءَ ۽ دهشت جي روحاني ۽ نفسياتي هٿيار طور پئي استعمال ڪيو آهي. ان ڪري ماڻهن انهن حاڪمن جي حامي ۽ سندن تابعدار ديني اختياريءَ وارن جي ديني تشريح کي صحيح نہ پئي سمجهيو آهي ۽ ان کي حاڪمن جي تلوار سمجهي ان کان لهرايو پئي آهي. ان جي بجاءِ هن دين جي هڪڙي اهڙي تشريح پئي ڳولي آهي جيڪا حاڪمن جي حامي تشريح جي جاءِ پري ۽ دين کي مسلمان عوام لاءِ عذاب بنائڻ بدران ان کي عوام لاءِ ڏيڻ، دلداري ۽ سهارو ڏيندڙ بنائي. اها عوام دوست تشريح کين تصوف جي صورت ۾ ملي.

پروفيسر علي عباس حسيني چوي ٿو:

"بنو اميہ جبر ۽ تشدد سان پنهنجي سلطنت قائم ڪئي هئي. ان ڪري انهن جي خلاف ماڻهو اٿي ڪڙا ٿيا. بغاوت کي دٻائڻ لاءِ حجاج بن يوسف جهڙن ظالمن کي اڳتي وڌايو ويو. انهيءَ قاصائيءَ هڪ لک ويهه هزار ماڻهن کي چونڊي چونڊي قتل ڪرايو ۽ هزارين مردن ۽ عورتن کي رڙن ۾ ڪرين وانگر واڙن ۾ پوري چڏيائين. بنو اميہ هڪڙو ظلم اهو ڪيو جو انهن ماڻهن کان ب جذبو وصول ڪرڻ لڳا جيڪي مسلمان ٿي چڪا هئا. ان ڪري جڏهن ب ڪا بغاوت ٿيندي هئي تہ عجمي بنو عباس سان شريڪ ٿي ويا. زاب جي جنگ ۾ بنو اميہ کي شڪست آئي، اها جنگ اصل ۾ عربن ۽ غير عرب مسلمانن جي وچ ۾ جنگ هئي.... بنو اميہ جي زماني جا عالم بن ڏرين ۾ ورهائجي ويا. هڪڙا

هئا مرجيه يعني ملتوي ڪرڻ وارا (اهي چوڻ لڳا ته ڪنهن کي اهو حق نٿو رسي ته قيامت کان اڳ ڪنهن مسلمان کي گنهگار يا ڪافر سڏين. اهو فيصلو قيامت ڏينهن خدا ڪندو ته ڪير ڪافر آهي ڪير مسلمان آهي.) اهي بنو اميه جي طرفدار هئا. ٻيا قدريه هئا (قادري نه) جيڪي چوندا هئا ته ظالم ۽ جابر کي حڪومت ڪرڻ جو ڪوبه حق نٿو پهچي ۽ ان کي تلوار جي زور تي ظلم کان باز رکڻ هر مسلمان جو مذهبي فرض آهي. هو چوندا هئا ته ماڻهو مجبور ناهي مختيار آهي ۽ اهو ظالمن کي روڪڻ جا اختيار رکي ٿو. قدريه وارن مان معبد جهني ۽ عبالن دمشقي بنو اميه جي جبر خلاف لڙيا ۽ کين قتل ڪيو ويو. اڳتي هلي انهن قدريه وارن کي معتزله (الگ ٿيڻ وارا) سڏيو ويو (خارجين تي به ائن نالو رکيو ويو.)

هڪڙو زاهدن جو فرقو انهن ظلمن کان تنگ اچي دنيا کي ڇڏي ويڄي ورد وظيفن کي لڳو. انهن مان صوفي پيدا ٿيا. ابوذر غفاري کليو ڪلايو بنو اميه کي دولت گڏ ڪرڻ کان منع ڪئي ته ڪيس ظلم جو نشانو بنايو ويو. صوفي ڪوفي ۽ بصري جي شهرن جا رهاڪو هئا. جيڪي شهر بنو اميه جي ظلمن جا سڀ کان وڌيڪ نشانا هئا. بلڪ مصر ۽ بغداد ۾ به صوفي پيدا ٿيا. بغدادي سڀني کان پوءِ صوفي ٿيا. صوفين جي اڪثريت عجمي (غريب عرب) آهي.

(3) پهريان مشهور صوفي هي ٿي گذريا آهن: 1ـ ابو اسحاق ابراهيم بن آدهم بن المنصور باخيء (وفات: 776ع) 2ـ ثوبان بن ابراهيم ابو الفيض ذولنون مصري (جائو: 706ع وفات: 859ع)، 3ـ ابو محفوظ معروف بن فيروز ڪرخي وفات: (200 هـ)، 4ـ ابو يزيد طيفور بن عيسيٰ البسطامي (وفات: 261هـ) 5ـ ابو هاشم ڪوفي (وفات: 776ع)، 6ـ ابو سعيد حسن بن ابي حسن بيسام الملياني بصري (26مارچ 922ع تي سوريءَ ڇڏهيو ويو)

(4) هيٺين مصنفن تصوف تي اوائلي ڪتاب لکيا.

(1) تاج الدين شاذلي (وفات: 709هـ)، (2) جمالدين ڪاشاني (وفات: 730هـ)، (3) عفيف الدين يافعي (وفات: 767هـ)، (4) قطب الدين الجيسلي (وفات: 826هـ)، (5)عبدالرحمان الحروني (وفات: 858)، (6) ابن ابي بڪر السملالي، (7) محمد بن سليمان ڪهفجي (وفات: 879هـ)، (8) ابو عبدالله محمد بن ابوسف سنوسي الصوفي (وفات:892)، (9) شهاب الدين البرسي الفاسي (وفات: 898هـ)، (10) محمد بن علي بن محمد بن احمد عبدالله شيخ محي الدين ابوبڪر طاعي حاتمي اندلسي محي الدين ابن عربي (560هـ)

(5) پڳتي تحريڪ وانگر تصوف به گهٽي پاڳي ماڻهن کي دنيا کان لاتعلق ٿيڻ، رڳو پنهنجي اندر کي صاف ڪرڻ ۽ ٻين اهڙين ڳالهين تي زور ڏنو جن

ماڻهن کي هن دنيا ۾ ٻين سان چڱا ڀيڻي ڪرڻ ۽ ظلم سان مقابلو ڪري ان جون پاڙون پٽڻ جي لائق نٿي بنايو. ان جو سنڌي ماڻهن تي جتي هڪڙي طرف ڏاڍو سٺو اثر پيو ۽ هو انسانيت جي ڪن اعليٰ آدرشن سان مالا مال ٿيا، تہ ٻئي طرف ان جا نهايت منفي ۽ تباهه ڪندڙ اثر ٻ پيا ۽ هو ڏهني طرح گهر جا گلو، سست، بي همت ۽ ڊڄڻا ٻ بنجي ويا. تصوف جو وڏو چاٽو پروفيسر علي عباس حسيني اها گالهه پگڻي تحريڪ جي حوالي سان هيئن ٿو ڪري:

"پگڻي تحريڪ جا ڪي منفي پاسا ٻ هئا. معاشي سماجي ميدانن ۾ پگڻي لهر هڪڙي انقلابي تحريڪ بنجي سگهي ٿي پر پگڻ (صوفين وانگر) سنسار چڪر ۾ ڦاٿا رهيا. پنهنجي پيدائشي گنهگار هجڻ جو خيال ڪين ڇوڙ وانگر ڇهٽو رهيو ۽ هو عبادتن ۽ رياضتن ۾ غرق رهيا. رياضتون ۽ تياگ ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ لاءِ فائدمند هجن تہ هجن، پر سماج جي پاڙن ۾ پاڻي وجهيو ان کي ڪايو ڇڏين، جنهن سماج جا ڏاها گوڏا پيڇي ويهي رهن، ان جي سڌاري ۽ واڌاري جي ڪوشش ڪير ڪندو؟ اسان جي زماني جا دانا چون ٿا تہ ڏوهه جو احساس مذهب جي پاڙ آهي ۽ ماڻهوءَ کي سماجي فرضن کان غافل ٿو رکي ڇو تہ ان جي ڪري ماڻهوءَ جي سموري ڪوشش پنهنجي ذاتي ڇوٽڪاري لاءِ وقف ٿيو وڃي..... ظاهر آهي جيڪي ماڻهو پنهنجي زندگيءَ کي ڏک سمجهي ۽ جگ کي ڪوڙ ۽ فريب چوي اهو پنهنجي سماج کي بدلائي ۽ ان مان ناانصافي ۽ ظلم کي دور ڪرڻ جي باري ۾ ڪيئن سوچي سگهندو؟ ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ پگڻن (۽ صوفين) عوام دوستن جو سڏ ڏنو پر اها عوام دوستي خيالي ۽ تصوراتي هئي. هن ڇيو تہ هر ماڻهوءَ سان پيار ڪريو. هڪ سچو انسان دوست ڪنهن ظالم ۽ عوام جو رت پيئڻ واري سان ڪيئن ٿو پيار ڪري سگهي؟ جيڪو ماڻهو چوي تہ آءٔ بگهاڙ ۽ رڍ بنهي سان پيار ڪريان ٿو اهو رڍ جو حقيقي دوست نٿو ٿي سگهي. سچي انسان دوستي اها آهي تہ رڍ کي بگهاڙ کان بچائجي ۽ مظلوم کي ظالم جي چنبي مان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪجي."

تنهن کان پوءِ پوئين زماني ۾ ڪيترائي صوفي ۽ پير وقت جي حاڪمن سان نهي انهن جا نوازيل ماڻهو ۽ سندن ٽائندا بنجي ويا ۽ سرڪار پرست روحاني مشينريءَ جا پرزا بنجي عوام جي وڏن بنيادي مفادن خلاف ڪم ڪرڻ ۾ جنبي ويا. اها صورتحال اڄ تائين قائم آهي.

سوال: صوفي دنيا کي ترڪ ڪري رڳو عبادتون ۽ رياضتون پيا ڪندا هئا تہ پوءِ ماڻهو سندن هيڏي تعريف ڇا جي لاءِ ٿا ڪن؟ سندن دنيا کي ترڪ ڪرڻ واري تعليم تہ پاڻ ظالمن کي ميدان مقابلي کان خالي ڪري ڏنو تہ خلق

سجدن ۾ پيئي هجي ۽ ظالم پلي جيئن وڻين تيئن پيا ملڪ پيلين ۽ برباد ڪن؟ اهڙي ڪاڪ مان فائدو؟

جواب: صوفين جي اها جيڪا تبليغ هئي ته دنيا فاني آهي ۽ مالَ دولت، جاهه و جلال بي حقيقت آهن سا ڪاڪ ان دور جي حالتن ۾ هڪڙي حد جي معنيٰ هجي ڦورو ۽ ظالم طبقن جي بالادستي ۽ ڏاڍ ڏمر واري دنيا، جنهن دنيا ۾ ماڻهن جي دلين تي دولتمند ۽ زوراور ماڻهن ۽ طبقن جو اٿاهه رعب تاب هجي، جنهن دنيا ۾ ماڻهو ڏاڍي ڪي خدا ڪري پوڄيندا هجن ۽ اهو سمجهندا هجن ته ماڻهو ته هي ٻيو سڀ اجايو. تنهن دنيا بابت ماڻهن ڪي ائين چوڻ ته دنيا ڪوڙي آهي، نظر جو فريب آهي، پاڻي تي ڦوٽو آهي، ڪند جو ڊير آهي وغيره تنهن ڪاڪ ڦورو ۽ ظالم فردن ۽ حاڪم طبقن تي اڪن چڪن ماڻهن ڪي ٻڌڻ ۾ مبتلا ٿي ڪيو، حاڪم طبقن جي خود اعتمادي، آڪڙبازي ۽ لئه ڪي گڪو ٿي ڪيو، عوام ڪي انهن جي هر ڪاڪ ۾ ساڻ ڏيڻ کان روڪيو ٿي. پر جي سدائين رڳو اها ڪاڪ ئي پيش ڪيي ته دنيا فاني آهي، ڪوڙي آهي ۽ دنيا ڪي تباهه ڪندڙن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ نه پاڻ سوچجي نه ٻين ڪي سوچڻ ڏجي ته ان منزل تي رسي اها ڪاڪ ترقي پسند ڪاڪ مان ڦري ترقي مخالف ڪاڪ ٿي پوي ٿي. بهرحال سڀ صوفي رڳو عبادتن پويان ڪونه هئا. ڪن جي تعليم خدا بڻجي ويڻل انسانن جي تسلط جو تختو اونڌو ڪرڻ واري به هئي. مثلا شيخ عبدالقادر جيلاني جنهن ڪي بادشاهه پيرء پيران پير دستگير به سڏيندا آهن تنهن جهڙن صوفين پنهنجي دور جي دنيا پرست عالمن ۽ زاهدن خلاف هن باهه جهڙن لفظن سان بغاوت جو جهنڊو بلند ٿي ڪيو: "اي علم ۽ عمل ۾ خيانت ڪرڻ وارؤ! اي الله ۽ ان جي رسول صه جا دشمنئو! اي خدا جي بندن جي حقن تي ڏاڙا هڻندڙ رهزن ڏاڙيلو! توهين ڪليل ظلم ڪرڻ ۽ نفاق وجهڻ ۾ مبتلا آهيو. اهو نفاق ڪيستائين رهندو؟ اي عالمو! اي زاهدو! توهان بادشاهن ۽ سلطانن ڪان دولتون حاصل ڪرڻ ۽ دنيا جا مزا ماڻڻ جي لالچ ۽ حرص ۾ ڪيستائين منافق بڻيا رهندا؟ توهان جيڪي بادشاهه آهيو تن مان گهڻا هن زماني ۾ الله پاڪ جي مال ۽ سندس بندن بابت ظلم ۽ امانتن ۾ خيانتون پيا ڪريو. اي اسان جا ربّ! منافقن جو شان ۽ ڏيڏبو تباهه ڪري ڇڏ، انهن کي ذليل فرمائي، ظالمن جا قهري ڪوٽ ڊاهي ڇڏ ۽ زمين کي انهن جي ناپاڪ وجود کان پاڪ ڪري ڇڏ. جناب رسول الله عليه وسلم جي دين جون ديوارون هڪ هڪ ٿي ڪري رهيون آهن ۽ انهن جي پيڙهه ڪاڇي پٽ پڄجي رهي آهي. اي زمين تي رهندڙ انسانو! اڇو جيڪي ڪري پيو آهي ان کي مضبوط ڪري ڇڏيون ۽ جيڪو ڏهي پيو آهي ان کي وري اڏيون. هي ڪم هڪڙي ماڻهو جي پوري ڪرڻ جو ناهي سڀني کي گڏجي اهو ڪم ڪرڻ گهرجي. اي

سڄ! اي چندا! ۽ ڏينهن! توهان سڀ اڇو ۽ اڇي هن مقدس ڪم ۾ هٿ وندايو.“

سوال: وان گوگ جي خبر ڏيو! ڏاڍي نيڪي ٿي پڌجي مڙس جي! ڪير هو؟

رضيه شيخ- سنڌ يونيورسٽي جامشورو

جواب: سڀ کان پهرين تہ اها ڳالهه ذهن ۾ هجي تہ ڪنهن بہ بني بشر کي سڀ خبرون ڪونهن ۽ ٿي ئي نہ ٿيون سگهن. مون کي بہ هن جهان جي ڪروڙين ڳالهين جي ذري جيتري بہ خبر ڪانهي. جن ڳالهين جي ڪا خبر هوندي تہ حاضر ڪبي ٻين لاءِ اڳواٽ معافي. وان گوگ جنهن ڳالهه ۾ دنيا ۾ نالو چڏي ويو سا ڳالهه اڄ ڏينهن تائين اسان وٽ ٽڪو بہ ڪانہ لهي. پر سڌريل دنيا ۾ اها وڏي ڳالهه آهي. وان گوگ دنيا جي عظيم ترين مصورن مان هڪ هو. هو درويش طبيعت، پيار ڪندڙ ۽ غريبن جو يار هو. هو جنهن ڳالهه ۾ هٿ وجهندو هو، ان کي پنهنجو سارو وجود ارپي چڏيندو هو ۽ مصوري هن فقط ڏهه سال ڪئي. پر انهن ڏهن سالن ۾ هو پنهنجي اعتبار ۾ نہ ايندڙ ڳولا، جاکوڙ ۽ ذات وسيلي ان فن جي جڙ هماليه واري مائونٽ ايوريسٽ چوٽيءَ فتح ڪري ويو. هن ڊچ درويش جي نالي ونڊ بنان دنيا جي مصوريءَ جي سموري تاريخ نامڪمل رهجي ويندي.

1853ع ۾ جائو ۽ 17- سالن جي عمر 1870ع ۾ هو هڪڙي تصويرن جي دڪان تي ملازم ٿيو. 1873ع کان 1875ع تائين هو لنڊن ۾ انهي ڪم سانگي رهيو. 1872ع ۾ اها نوڪري چڏي هو انگلينڊ ۾ لئنگويج ٽيچر ۽ پوءِ عيسائي پادري ٿيو. 1877ع ۾ وري هڪڙي ڪتب فروش جي دڪان ۾ ملازم ٿيو. تنهن ڪانپوءِ خيال ڪيائين تہ واعظ ٿي ماڻهن کي نيڪيءَ جو سبق ڏيان. پر سندس انسانيت دوست خيالن کي برداشت نہ ڪيو ويو ۽ اهو ڪم چڏي هو بيلجيم ۾ هڪڙي ڪوئلي جي علائقي ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن ايماني جوش ۾ اچي وٽس جيڪا بہ ٿوري ملڪيت هئي سا غريبن ۾ ورهائي چڏيائين، جنهن ڪري مالڪن ڪيس نوڪري مان ڪڍي چڏيو. جڏهن صفا تباهه ٿي ويو تڏهن 1880ع کان 1890ع تائين 10 سال مصوري ڪيائين. مصوري، هو لنڊن، پئرس ۽ يورپ جي ٻين استاد وٽ سکيو. 1888ع ۾ هن مصورن جي هڪڙي هنڌ رهائش لاءِ پئرس جي ويجهو جڳهه ورتي جتي مشهور مصور گاگن بہ اچي رهيو. پر ٿورن ڏينهن کان پوءِ هو پاڻ ۾ وڙهي پيا ۽ هن ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجي ڪابي ڪن جو هڪڙو ٽڪر وڍي چڏيو. سندس ذهني حالت خراب ٿي ويئي ۽ ڪيس هڪ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. هو ٻارهن مهينا هڪ ذهني علاج گهر ۾ رهيو. جتي هن پنهنجو جگ مشهور

شاهڪار تصويرون تخليق ڪيون. مئي 1890 ع ۾ هو پئرس موٽي آيو. آخر 29 جولاءِ 1890ع تي غريبي، بي قدري ۽ اڪيلائيءَ سبب مايوسيءَ جو شڪار ٿي هن پاڻ کي شوٽ ڪري خودڪشي ڪئي. سندس زندگي ۾ هن بابت فقط هڪ مضمون لکيو ويو. هن جي شهرت 20 صديءَ ۾ شروع ٿي ۽ مٿس هزارين مضمون، مقالا ۽ ڪئين درجن ڪتاب لکيا ويا ۽ اڄ تائين لکجن پيا.

سوال: مان انگريزي سکڻ چاهيان ٿو. انگريزي سکڻ لاءِ مان ڪراچي ۾ ويس "پاڪ آمريڪن انسٽيٽيوٽ" پر انهن ايترو گهٽو نه سيکاريو. انگلشن جي باري ۾ ڪجهه ڄاڻان ٿو باقي رواني سان نه ٿو ڳالهائي سگهان. ان لاءِ مون کي صلاح ڏيندا ته مان ڪهڙا ڪتاب پڙهان. مون کي اڳتي وڌڻ جو شوق آهي. مان ٻارهين جو شاگرد آهيان.

ممتاز علي قريشي- خيرپورناٿن شاهه

جواب: هڪڙو ڪتاب ملي ٿو {English in 60 days} (سٺ ڏينهن ۾ انگريزي) توهان ان کان ڪم وٺو. ان ۾ انگريزي اکر ۽ جملا معنائن سميت ڏنل آهن. انهن اکرن ۽ جملن مان جيڪي اکر ۽ جملا اوهان کي وٽن سي پاڻ وٽ نوٽ ڪريو ۽ ياد ڪريو. انهن کي پنهنجي خطن ۽ گفتگو ۾ استعمال ڪريو. جيڪڏهن ٻيو ڪو ماڻهو اوهان کي ڳالهائڻ لاءِ نه ملي ته پوءِ پنهنجي گهر جي ڀاتين سان انگريزي ۾ ڳالهايو. هو ضرور اوهان تان ڪلندا، پر چوندا ته "ڪلندن تان خير!"

ڪجهه وقت اڳي مون ڪاوش ۾ هڪڙو مضمون لکيو هو "اڄو ته انگريزي سکون" اهو مضمون گهٽو ڪري مارچ واري ماهوار "صبح ٿيندو" پبليڪيشن جي پرچي ۾ شايع ڪيو ويندو. توهان ان کي غور سان پڙهندا ۽ ان تي عمل ڪندا.

سوال: توهان جي تقرير ٻڌڻ سان پنهنجي لاءِ ڪجهه نه هجڻ جي احساس سان گڏوگڏ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي تمنا ۾ پيدا ٿيندي آهي. توهان جو زور وڌ ۾ وڌ علم حاصل ڪرڻ تي آهي. سوال اهو آهي ته پڙهائي ڪيئن ڪجي؟ ۽ پڙهجي ته ڇاڇا پڙهجي؟

سعيده پانڌياٽي- لطيف آباد حيدرآباد

جواب: منهنجو زور وڌ ۾ وڌ علم حاصل ڪرڻ تي آهي پر رڳو ان تي ناهي. ذاتي ۽ گڏيل سماجي سڌاري، واڌاري ۽ انقلاب لاءِ بهترين ذاتي ۽ گڏيل عمل تي ٻڌل آهي. منهنجو عقيدو آهي ته سواءِ ڄاڻ، سمجهه ۽ نظريه جي عمل ائين آهي

جيئن اوندھ ۾ ٽاڪوڙا هٽن. پر سواءِ عمل جي رڳو ڪتاب پڙهڻ سان ۽ ذاتي ۽ گڏيل فائدو ٿي نه سگھندو. مرزا قليچ بيگ صحيح چيو آهي: "علم جي ٿيو ته عامل، دفتر لکيو ته چا ٿيو؟" البت دفتر لکڻ خود عمل آهي.

دنيا جو وڏ ۾ وڏ اعليٰ کان اعليٰ انگريزي، روسي، فرينچ، جرمن ۽ولين ۾ لکيل يا ترجمو ٿي آيل آهي. اسان کي انگريزي ويجهي آهي ۽ اها آهي ۽ اچوڪي دنيا جي سڀني کان شاهوڪار ۽ مالامال ٻولي. سنڌي ماڻهن جي نجات لاءِ ضروري آهي ته عالمي تاريخي علم جي خزانن مان وڏ ۾ وڏ خزانا هٿ ڪري ڪم آڻجن. سنڌين لاءِ بهترين انگريزي سکي دنيا جا چوٽيءَ جا ڪتاب ۽ رسالا پڙهڻ ضروري آهن.

هونئن سنڌي، پنجابي، بلوچي، اڙدو، فارسي، عربي ۽ هندي انهن سان ۽ جيترو گهڻو علم پرائي سگھجي، پرائڻ گهرجي.

شروعات ۾ جيڪي آيو سو ڪار، واري ڳالھ آهي. آئون شروع شروع ۾ جهڙو ۽ پڙهڻ جهڙو ڪتاب هٿ ايندو هو سو پڙهي ڇڏيندو هوس. اڄ ۽ ڪنهن ڏينهن جيڪا ۽ شئي سامهون ايندي آهي سا پڙهي ڇڏيندو آهيان. مثلا روحاني ڊاڪ، ردّ پڇاءَ جا طريقا، چهري کي سهڻو ڪيئن ٻڌائجي، خوابن جا تعبير ڪيئن ڪجن ۽ ٻيون ۽ طرح طرح جون اوٽ پٽانگ ڳالهيون. انهن جي پڙهڻ سان ماڻهو جي ذهن ۾ هڪڙي پنجن ڏهن قسمن جي ڳالهين بابت ئي پڙهندي رهڻ ڪري جيڪو جمود اچي وڃي ٿو سو ٽٽي ٿو، ماڻهو ذهن کي هلڪو محسوس ڪري ٿو ۽ خبر پوي ٿي ته دنيا جا ماڻهو ڪهڙيون ڪهڙيون شيون پڙهڻ تي آماده ڪيا پيا وڃن ۽ سندن سوچ جو معيار ڪهڙو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ ڪيترا ڪتاب ڇپايا آهن. انهن مان گهٽا پڙهڻ جهڙا آهن ۽ ڏاڍا سستا آهن. هي سڀ پڙهڻ کپن. آهستي آهستي ۽ ڏاڪي ۽ ڏاڪي ماڻهوءَ کي مختلف موضوعن بابت ڪجهه سؤ ڪتاب پڙهي وڃڻ گهرجن پوءِ پلي پنهنجي پسند جي موضوعن کي ئي اوليت ڏئي، پر شرط ان سان ته وچ وچ ۾ پنهنجي دلچسپين ۽ پڙهائيءَ جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪندو رهڻ گهرجي ۽ ان ۾ نوان نوان موضوع ۽ علم شامل ڪندو رهڻ گهرجي.

سوال: عام معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ڪتاب پڙهڻ گهرجن؟

سجاد حسين لغاري- سعيد خان لغاري

جواب: ان موضوع تي ڪيترائي مفيد ڪتاب مارڪيٽ ۾ موجود آهن، سڀني مٿان لکيو پيو آهي، "جنرل نالج" ٻيو ته پنهنجي پڙهائيءَ جو دائرو گهٽي ۾ گهٽو وڌايو. گهٽي ۾ گهٽ، سڀن موضوعن وارا مضمون، مقالا ۽ ڪتاب پڙهو.

سوال: مون کي سنڌي ۾ انگريزي شروعات کان سکڻ جو شوق آهي. ترتيب وار ڪهڙن ڪتابن جو اپياس ڪجي. نالا ۽ طريقا لکندا.

محمد رمضان- ٽنڈو جان محمد

جواب: "ست ڏينهن ۾ انگريزي"، "ٽيهن ڏينهن ۾ انگريزي" ۽ ٻيا اهڙا ڪتاب بازار ۾ موجود آهن ڪهڙي سان به شروعات ڪريو. انگريزي آهستي آهستي اچن شروع ٿيندي رڳو همت ڪريو.

سوال: اوهان اڪثر چوندا آهيو ته ماڻهو گهڻ طرفو يا گهڻ پاسو ٿئي. مگر عام ماڻهوءَ جي راءِ آهي ته ماڻهو ڪنهن به هڪ شيءِ ۾ مهارت حاصل ڪري ته جيئن هو ان شيءِ تي بهتر ڪم ڪري سگهي. اگر ماڻهو گهڻ طرفو ٿئي ته هو ايتري مهارت حاصل نه ڪري سگهندو. جيتري هو هڪ شيءِ تي ڪري سگهي ٿو. ان بابت اوهان چا ٿا چئو؟

اعجاز لطيف چانڊيو- رتوديرو

جواب: هيءَ ڪائنات بظاهر الڳ الڳ شين ۽ لقائن وغيره جو مجموعو نظر اچي ٿي. پر اها اهڙن بي انداز نظامن جو منظم ميڙ آهي، جيڪي اندروني توڙي باهرين طرح پاڻ ۾ ڳنڍيل ۽ منظم آهن. اهي نظام پاڻ ڪان وڏن نظامن جا پرزا ۽ آهن ۽ منجهن وري ٻيا نظام به سمايل آهن. مثال طور جنهن ڏرتيءَ تي اسين رهون ٿا اها پڻ شمسي نظام جو حصو آهي، جيڪو وري ٻين پاڻ ڪان وڏين ڪهڪشائن ۽ ڪهڪشائن جي ميڙن جو ننڍڙو حصو بلڪ پرزو آهي. ان ڪري دنيا اندر موجود شين ۽ مختلف لقائن کي ٻين شين ۽ لقائن کان بلڪل ڪٽيل ۽ الڳ ٿلڳ ڪري سمجهڻ غلط ڳالهه آهي. بي سمجهه ماڻهو ۽ ترقيءَ جا ويري چالاڪ ماڻهو ڪائنات جي شين ۽ علمن وغيره کي اڪيلو اڪيلو ۽ هڪٻئي کان بلڪل ڪٽيل تصور ڪندا. انهن جي ڳڙيل طاقت ۽ تاثير کي هٿائيندا رهن ٿا. هڪڙو ماڻهو ڪنهن هڪ علم يا موضوع جو سچو پچو ماهر ٿڌهن ٿي ٿي سگهي ٿو، جڏهن ان علم يا موضوع جي پرپاسي وارن علمن ۽ موضوعن کي به ڪنهن حد تائين به چگيءَ طرح پروڙي، انهن بابت چگي خاصي ڄاڻ حاصل ڪندو. دنيا جا وڏي ۾ وڏا اڪابر صحيح معنيٰ ۾ هر فن مولا هٿا. مارڪس سماجيات ۽ معاشيات جو به ماهر هو ته فلسفي ۽ سائنس جو به. هو سياست جو به ماهر هو ته تاريخ جو به. جي هو ايترو وسيع ۽ گهڻ پاسائون علم نه ڄاڻندو هجي ها ته انهن مان هر هڪ علم ۾ هو گهربل بلندين کي هرگز نه رسي سگهي ها. اسان وٽ سنڌ ۾ وڏي گهٽتائي اها آهي ته اسين ٻين معاملن ۾ ڪيڏا به سخي هجون پر علم حاصل ڪرڻ انتهائي "ڪفايت

شعار" آهيون، اسين پساري بنجڙ لاءِ فقط هڪڙي "هريڙ" جو مالڪ هجڻ کي ئي سڀ کجھ سمجھون ٿا. اهو ئي سبب آهي جو اسان وٽ وڏن عالمن، سائنسدانن ۽ مختلف علمن ۽ موضوعن جي حقيقي ماهرن جي اٿوند آهي. جي سنڌ ۾ سچا پچا عالم، يگانا ۽ عظيم ماڻهو پيدا ڪرڻا آهن ته پوءِ گھڻ طرفو علم حاصل ڪرڻ ضروري آهي.

سوال: گھڻن ماڻهن کي اوهان جي زندگيءَ جي باري ۾ معلومات گھڻ آهي ۽ ماڻهو۔توهان جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهين ٿا. ان ڪري منهنجو سوال آهي ته توهان پنهنجي زندگيءَ بابت کجھ ٻڌايو جھڙوڪ جنم جي تاريخ، پھريون ڪتي پڙهيا، ٻاهرين ملڪ ۾ ويا يا رڳو پاڪستان ۾ پڙهيا. ڪڏهن کان سياست ۾ آيا. پنهنجو شوق هيو يا غريبن جي سورن کي ڏسي آيا.... وغيره؟ ادب، سياست ۽ صحافت ۾ ڪھڙن ڏاڪن کان ٽي چڙهيا؟

صائمه ميمڻ- ڪراچي

جواب: آڻون 1930ع ۾ هڪڙي تمام غريب راج ۽ ڳوٺ ۾ نئي وات، لڳ جنگشاهي تعلقي ۽ ضلعي نٽي ۾ ڄايس. پوءِ بابا تپيدار ٿيو. مون پرائمري ٽي درجا، منهنجي اڻ پڙهيل ڏاڏي منگر خان جي وجهايل ميان جي طيب جي ملان مڪتب ۾ پڙهيا. مڪتب پھريائين هڪڙي ننڍي ڪڙ جي پاسي لڪئي پٽ ۾ ننڍي ٽي هوندو هو. تڏو اُس جي حساب سان صبح جو ڪڙ جي اولھ پاسي ۽ شام جو اوپر پاسي پوندو هو، ته ب اُس کان بچاءُ مشڪل هوندو هو. چوٿون درجو پرائمري مون جنگشاهي جي پرائمري اسڪول ۾ سائين محمد شاهه وٽ پڙهيو، جيڪو پاڪستان جي چيف جسٽس جناب سيد سجاد علي شاهه جو وڏو مائٽ هو. اسڪالر شپ پاس ڪري انگريزي ٽي درجا مون نٽي جي مڊل اسڪول ۾ پڙهيا. هاسٽل کان هئي ان ڪري آڻون نٽي جي عابداڻي وزن کش ۽ شڪر الاهي خاندان ۾ رهي پڙهيس. نٽي ۾ منهنجي پڙهائي اهڙي نيڪ کان ٽي ان ڪري آڻون اسڪالر شپ جي امتحان ۾ ناپاس ٿيس. ان سبب ۽ منهنجي ٻين "غير نصابي" دلچسپين، تجربن ۽ ڪارروائين جي ڪري گھر وارا مون مان سخت رنج ٿيا. امان لاچار مون کي ڏھ رپيا ڏيئي چيو ته "وري ڳوٺ نه اچ. وڃي ٽنڊي باگي جي مدرسي ۾ پڙھ." پر آڻون ڪراچي وڃي ڊاڪٽر دائود پوٽي سان مليس. ان ڪمال شفقت سان منهنجو ذاتي امتحان ونڊي مون کي 12 رپيا مهينو اسڪالر شپ ڏني جنهن جي ڪري آڻون سنڌ جي چوٽيءَ جي تعليمي اداري سنڌ مدرسته الاسلام ۾ داخل ٿيس. گھران مون کي خرچ پکي لاءِ 5 رپيا مهينو ملندا هئا. چوٿين درجي ۾ آڻون پنهنجي ڪلاس (اڄوڪي نائين ڪلاس) ۾ 44 نمبر آيس. ٻئي سال سينئي

سبجيڪٽن ۾ پهريون نمبر آيس. ان ڪري منهنجي آمدني ۾ سؤ سيڪڙو واڌارو آيو. مون کي انعام طور سنڌ مدرسي جي لائبريري جو لائبريرين مقرر ڪيو ويو. جنهن جو الائونس پنج روپيا مهينو هو. مدرسي ۾ مون پي زبان فارسيءَ بدران عربي کنئي. اتي مون فقط مولوي عبدالرزاق صاحب کان ۽ قرآن شريف جي معنيٰ ۽ تفسير مفتي صاحبداد صاحب کان پڙهيا.

انگريزي گرامر ناصر حسين ۽ ٽيڪسٽ محمد ابراهيم جويو صاحب پڙهايا. انهن ڏينهن ۾ وڏي ۾ وڏو زور انگريزي تي ۽ پوءِ رياضي ۽ سائنس تي هوندو هو. شاگردن جي لياقت جي مکيه ڪسوٽي انگريزي هوندي هئي. پهرين درجي ۾ ئي ماستر ٽاڪر داس مون ۾ انگريزي لاءِ اٽاه چاهه پيدا ڪيو. مون ٽئين درجي کان زور ڪري غلط سلط انگريزي. ڳالهائڻ شروع ڪئي. ان ڪري مون کي منهنجا دوست ۽ هم ڪلاسي مذاق ۾ "پروفيسر" سڏڻ لڳا. مون ۾ ننڍي هوندي کان درسي ڪتابن کان سواء ٻيا ڪتاب پڙهڻ جي عادت پيل هئي. پرائمري ۾ ئي انعامي اسلامي ڪتاب. حاتم طائي. گل بڪاولي. ممتاز دمساز ۽ مولانا عبدالحليم شرر جا سنڌي ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب پڙهيم. پوءِ ٽٽي ۾ ڊپلائي جا ڪتاب پڙهڻ لڳس جن مون تي گهرو اثر وڌو. ان کان پوءِ پنهنجي ڪلاس کان مٿين ڪلاسن جا سنڌي ڪتاب پڙهيم جن ۾ ڪشن چند بيوس جو نظم "الا! جهري مر شال غريبن جي جهوپڙي" وارو نظم ۽ ٻيا اهڙا نظم مون کي بيحد وٺيا. ان کان پوءِ جاسوسي ڪتاب پڙهيم. مون ۾ عادت آهي ته جيڪا به ڳالهه پسند ايندي اٿم اها عملي طرح ڪري ڏسندو آهيان. مون کي يورپ جي اعليٰ درجي جي جاسوسيءَ جا احوال ڏاڍا وٺيا. تنهن ڪري مون چوريءَ ۽ جاسوسيء جا تجربا ڪري ڏٺا. انهي ۾ ڏاڍو مزو آيو. پر پوءِ ڳوٺ وارا ڪاوڙجي پيا انڪري لاچار اهي تجربا بند ڪرٽا پيا. انهن ڏينهن ۾ پاڪستان جو ٻڌم پر مسلم ليگ رڳو هندن خلاف ڳالهه ڪندي هئي. مون تي ڊپلائي جو اثر هو ۽ منهنجي پهرين دشمني هندن سان نه پر انگريز سامراجين سان هئي. انهن ڏينهن ۾ هيمو ڪالاڻي کي ڦاسي ڏني وئي. ٽٽي اسڪول ۾ هندو شاگردن احتجاجي جلوس ڪڍيو. مسلمان شاگرد ان ۾ شريڪ ڪونه ٿيا. ان ڪري آئون به ڪونه ٿيس. پر جلوس جي پٺيان پٺيان پئي ويس ۽ اڳتي هلي ڏٺم ته مسلمان غندن پوليس سان ملي هندو شاگردن تي حملا ڪري کين زخمي ڪيو. اهو پڻ ڏٺم ته هي جو اسان کي ننڍي هوندي عام طرح ٻڌايو ويو هو ته مسلمان معنيٰ بهادر، هندو معنيٰ پاڙيو ۽ بزدل سا ڳالهه صحيح نه هئي. اسان جي مسلمان "غازين" انگريزن جي ايجنٽي ۽ بي حيائي واري غندا گردي پئي ڪئي ۽ لاڏن ڪوڏن سان پاليل نازڪ ۽ نفيس سهٽن هندو چوڪرن ۽ چوڪرين دليريءَ سان ڏنڊا پئي کاڌا. مون ۾ اها به

عادت آهي تہ آئون پنهنجي دل، دماغ ۽ ذهن جا دروازا کڏهن بہ صفا بند کوڙ ڪري ڇڏيندو آهيان. اهي سڀائين بين ڳالهين لاءِ کليل رکندو آهيان ۽ جيڪا ڳالهہ جڏهن سمجهندو آهيان تہ صحيح ثابت ٿي آهي. اها ڳالهہ تڏهن دل جان سان قبول ڪري وٺندو آهيان چاهي اها منهنجي اڳين طبيعت، سمجهہ ۽ اعتقاد جي ڪيڏو بہ خلاف چو نہ هجي. ان ڪري مون باوجود سخت دلي صدمي رسڻ جي اهو قبول ڪري ورتو تہ انگريزن جي معاملي ۾ اسان مسلمان شاگردن جو ڪردار رجعت پرست ۽ بزدلانہ ۽ هندو ڪانگريسي شاگردن جو رول شاندار ۽ مڙسائو هو.

ان وچ ۾ مون بنگالي ۽ هندي ناولن جا سنڌي ۾ ڪيل ترجما پڙهيا. انهن مون کي سنڌ جي گهٽيل پوساڪيل ماحول مان ڪڍي هندوستان جي وسيع سماجي جهان ۾ وڃي رسايو. ان زماني جي پنجين درجي (اڇوڪي ٽائين درجي) ۾ مون لائبريري ۾ پيل اسلامي اردو ڪتاب ۽ انگريزي ناول پڙهڻ شروع ڪيا. ديوبند جي عالمن جي ڪتابن مون تي ڏاڍو اثر ڪيو. خاص ڪري مون کي سيرت رسول الله ﷺ ۽ سيرت عمر رضي الله تعالىٰ عنہ بيحد متاثر ڪيو. انگريزي ناولن ۾ مون جين آسٽن، وليم ٿڪري، الئٽوني ٽرو لوپ، چارلس ڊڪنس، سر والٽر اسڪاٽ، ٿامس هارڊي جا ناول نهايت دلچسپي سان پڙهيا. جن مون ۾ انگلينڊ جي سماج جي وڏي اونهيءَ پروڙ ۽ ان ۾ هم آهنگي پيدا ڪئي. انگريزن جي فطرت ۾ وقت ۽ وعدي جي پابندي، قول جي پختائي، وڏي ڳالهہ کي ننڍي ڪري ڏيکارڻ، سخت خاموش، محنت، اونهي ۽ ڊگهي رٿابندي ۽ توڙ تائين عمل، اعليٰ حوصلو، پاڻ کي حالتن سان نهڪائڻ، گهٽن مائهن جو گڏجي نهي هلن، ڏسيپلين، ڳالهائڻ جي فضيلت، مطلب جي اظهار جي لاءِ ٿورن لفظن جي چونڊ، اندر ۾ غصي يا خطري جو آڙاهہ هجي پر گفتگو ۽ عمل ۾ برف جهڙو ٺريل ۽ پرسڪون هجڻ، آزمائش محل اندر جو فولاد هجڻ، ڳالهہ ۾ انصاف پسندي، توازن، ڪهڙين بہ ڏکين سکين حالتن ۾ هلکڙو نہ ٿيڻ، آپي کان باهر نہ نڪرڻ، باوقار ۽ شائستو رهڻ، خصيص ڪمينو ۽ ٺرڙو ٿيڻ کان پاڻ بچائڻ وغيره ڳالهيون منهنجي دل ۾ گهر ڪري ويهي رهيون. انهن ڳالهين منهنجي ڪردار ٺاهڻ ۾ بنيادي پارٽ ادا ڪيو. آئون تمام ڏکين آزمائش جي گهڙين ۾ دل ئي دل ۾ پڇندو آهيان.

1ـ هن صورتحال ۾ يا لک پک اهڙي قسم جي صورتحال ۾ اوائلي دؤر جا اعليٰ حوصليدار مسلمان چا ڪن ها؟

2ـ معياري انگريز مائهو (Gentle man) چا ڪن ها؟ ۽

3ـ دنيا جي غريب ۽ پورهيت عوام جي اڳواڻ ۽ انقلابي استادن مارڪس، اينجلس، لينن، اسٽالن، ماٽوزي تونگ، چو اين لاءِ، هوچي منهہ جا پوئلڳ،

انقلابي چا ڪن ها؟ آئون وس پچندي ڪوشش ڪندو آهيان ته منهنجو ان صورتحال ۾ رد عمل جيترو ٿي سگهي اوترو انهن اعليٰ تاريخي معيارن سان نهڪندڙ هجي.

سنڌ مدرسي جي هڪڙي پنجابي شاگرد فضل الرحمان مون کي "خون کي آنسو" نالي ڪتاب ڏنو جنهن ۾ هندوستان جي مسلمانن جي دردناڪ حالت جو احوال ڏنل هو. هن مون کي اقبال جا شعر ٻڌايا:

"نهين تيرا نشيمن قصر سلطاني کي گنبذ پر،
تو شاهين هي بسيرا ڪر پهاڙون کي چٽانون پر."

اقبال جي اهڙن شعرن کان آئون ڏاڍو متاثر ٿيس ۽ اقبال جي مرد مومن کي پنهنجو آدرش بنايم. ان وچ ۾ ڏيپلائي، جيڪو جيڪي به صحيح سمجهندو هو، چوندو ۽ لکندو هو. چاهي ان جي ڪري ڪيڏو به ٽرٽلو مچي ويچي، تنهن لکيو هو ته شاهه لطيف سستي ۽ بي عمليءَ جو سبق ٿو ڏئي:

"پائي منهن مونن ۾ غربت ساڻ گذار."

مون اها ڳالهه قبول ڪري شاهه لطيف کان پاسو ڪيو. بلڪ انگريزن، عربن، ترڪن ۽ بنگالي سامراج دشمن جا احوال پڙهي مون کي پنهنجي ڄاڻ سڃاڻ جي عام سنڌي ماڻهن جي سست ۽ نڪمي طبيعت کان ئي سخت نفرت ٿي پئي. سندن هوائي توائي ۽ بي مقصد ڳالهيون ٻڌي مون کي شرم ايندو هو ته آئون جن مان آهيان سي اهڙا بي شعور، بي حوصلي ۽ بي همت، نڪماه، ناميد ۽ پست خيال آهن. آئون چاهيندو هوس ته مون کي ڪوبه عام سنڌين جهڙو توائي، وائڙو ۽ هن ڏرتيءَ تي بار نه سمجهي. مون ان زماني کان ونڊي پنهنجي سوچن ۽ عملن جو محور ۽ ڪسوٽي عالمي تاريخي درجي جي مڙس ماڻهن، دانائن، نيڪن، انسان دوستن ۽ باڪمال، باحوصلي مانڃهي مردن ۽ عورتن کي بنايو آهي ۽ پاڻ کي ڪڏهن به رڳو سنڌين سان نه پيٽيندو آهيان.

آئون ملا مڪتب منگر خان پليجو، پرائمري اسڪول جنگشاهي ۽ ٽٽو، اي وي اسڪول ٽٽو، سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي، سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۽ سنڌ مسلم لا ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهيو آهيان. باهر ڪونه پڙهيو آهيان. دراصل مون باقاعدي پڙهائي فقط مئٽرڪ تائين ڪئي. پوءِ سڄو وقت نوڪري ڪيم ۽ امتحان چوپڙيون پڙهي انڊا منڊا پاس ڪيم. جيڪڏهن عوامي انقلابي سياست جي معنيٰ سماجي اقتصادي نظام کي بهتر بنائي، سڌاري، بدلائي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ آهي ته مون جهڙوڪ جڏهن کان هوش سنڀاليو آهي، تڏهن کان ونڊي ڪنهن نه ڪنهن قسم جي "عوامي" "انقلابي" سياست ۾ مصروف رهيو آهيان. سڀ کان پهريائين گهر ۽ ڪٽنب

جي دقيانوسي سوچن، حالتن ۽ پوءِ راڄ ۽ قبيلي جي ريتن ۽ رسمن خلاف جدوجهد جي سياست ۾، پوءِ ملڪي ۽ پوءِ عالمي سياست جي وهڪرن ۾ مصروف رهيو آهيان. آئون مدرسي جي دؤر ۾ ڪجهه وقت مسلم ليگ جي مسلم نيشنل گارڊ ۽ مسلم نيشنل اسٽوڊنٽس ۾ شامل ٿيس. پوءِ سنڌي ادبي سنگت، "صداقت" ۽ "نواءِ سنڌ" ۽ "نئين سنڌ" اخبارن ۾ صحافت ۽ سنڌ هاري ڪميٽيءَ ۾ هاري سياست ۾ ۽ نظرياتي طور انقلابي سوشلسٽ ۾ سرگرم رهيس.

آخر "نئين سنڌ" اخبار جو ايڊيٽر. سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر ٿيس. انجمن ترقي پسند مصنفين جي اجلاس ۾ شرڪت ڪندو هوس جتي ظهير ڪاشميري، عارف عبدالمتين ۽ ڪڏهن ڪڏهن فيض احمد فيض جهڙا ترقي پسند ادیب ايندا هئا ۽ سرگرم حصو وٺندا هئا. مون ننڍي هوندي کان وٺي محسوس ڪيو ته انساني عظمت جو وڏي ۾ وڏو ويري مائهوءَ جو هڪ طرفو، محدود، تعصبي، وهمي، عقيدي پرست، انڌو ويساهه رکندڙ، ٿوري علم، عمل ۽ ڪاميابيءَ تي ڦوندڙ ۾ پرجڻ ۽ خسيسپڻو آهي. ان ڪري مون پنهنجي علم، عمل جاڻ ۽ تجربي کي هميشه وسيع کان وسيع ڪرڻ پئي گهريو آهي. بنيادي طرح مون جاسوسي، ادب، شاعري، ناول، جنگ، سياست، سفارتڪاري، بين الاقوامي لاڳاپا، عالمي تاريخ، سائنس ۽ نظر تي جيترو ٿي سگهيو اوترو وسيع مطالعو ڪيو. فلسفو سڀ کان آخر ۾ پڙهڻ شروع ڪيم. لکڻ، تقريرون ڪرڻ، ڊبيٽن، ذهني ۽ جسماني جهيڙن ۾ حق ۽ مظلوم جي حمايت ۾ حصو وٺڻ جو مون کي نندي هوندي کان شوق پئي رهيو آهي.

مون ون يونٽ خلاف قومي جدوجهد ۾ 1964ع ڌاري سرگرم حصو ورتو. آئون نصير آباد جو صدر ٿي. 4 مارچ جي تحريڪ جي پٺيرائي جي جدوجهد، حيدرآباد کي سنڌ دشمن جي تسلط کان نجات ڏيارڻ جي جدوجهد، جيئي سنڌ جي جدوجهد ۾ سائينءَ سان گڏ اڳواڻ طور ڪردار ادا ڪيم. اهو تڏهن ممڪن ٿي سگهيو جو مون باقاعدي سائنسي نموني فرينچ انقلاب، آمريڪي انقلاب، روسي، چيني ۽ ويٽنامي انقلابن جي تاريخ، تنظيم سازي ۽ نظرياتي، سياسي، سماجي ۽ مسلح ويڙهه جي طريقن جو تخليقي ۽ اونهو مطالعو ڪري ان مان پنهنجي حالت مطابق سبق پرايا، ساٿين کي سيکاريا، سنڌ ۾ آزمايا ۽ ڪامياب ڪري ڏيکاريا.

آئون بزم صوفيائي سنڌ جنهن جو صدر محترم جي ايم سيد هو تنهن جو سيڪريٽري، عوامي نيشنل پارٽيءَ جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل رهيو آهيان. ايوب، يحيٰ ۽ ضياءَ جي مارشل لائن ۾ مون سياسي قيدين جا ڪٽين ڪيس هلايا آهن. پٽي صاحب جي دؤر ۾ مون مشهور حيدرآباد سازش

ڪيس ۾ مير علي بخش خان ۽ ٻين اڳواڻن جي بچاءَ جي وڪيل طور ٻہ سال مقدما هلايا. ان ڏوهہ ۾ مون کي قيد ڪيو ويو. آڻون ايوب، پٽي صاحب ۽ ضياءَ جي دؤرن ۾ سڌ جي سمورن وڏن جيلن ۾ قيد رهيو آهيان ۽ ضياءَ جي دؤر ۾ اٽڪل ڏهہ سال ٿوري گهٽ لاڳيتا قيد رهيو آهيان. انهن سڀني دؤرن ۾ مون پنهنجي وڪالت پاڻ ڪئي. محمد خان جوڻيجي جي ڏينهن ۾ ٻيا سڀ چٽي ويا پر مون لاءِ هاءِ ڪورٽ کي لکيو ويو تہ هن کي بدستور نظر بند رکڻ لاءِ اجازت ڏيو. مون هاءِ ڪورٽ سڌ کي مطمئن ڪيو تہ مون کي قانوني طرح وڌيڪ وقت قيد رکي ئي نہ ٿو سگهجي.

سوال: توهان رڳو اتحاد ۽ ڪائونسلون گهرائيندا آهيو. مثال: (1) سنڌي عوام جو قومي اتحاد، (2) انهيءَ کان اڳ ٻہ ڪافي اتحاد گهرائي چڪا آهيون. (3) 4۔ آڪٽوبر 1991ع تي اتحاد جو سڏ ڏنو ويو. (4) 19۔ آڪٽوبر 1992ع تي اتحاد جو سڏ ڏنو ويو. (5) هاڻي وري 7۔ جنوري 1994ع تي مسئلا حل ڪرڻ ڪانفرنس ڪوٺائي. انهن جو اڄ ڏينهن تائين ڪوبہ نتيجو ڇو ڪونہ نڪتو آهي؟

ضمير لغاري

جواب: سنڌيءَ ۾ چوندا آهن: "ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ" هندستان جي ڪانگريس 1860ع ڌاري قائم ٿي ۽ اهي هر سال سالياڻو اجلاس گهرائيندا هئا ۽ هندستان جي ڌارن آزاديءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن روپ جو مطالبو ڪندا هئا. هر سال ميٽنگون، ڪانفرنسون ۽ ستيہ گرهون ڪندا هئا. تان جو تقريبا 87۔ سالن کان پوءِ آزادي ملي. ان ڪاميابيءَ ۾ انهن جي هر ڪاروائي جو حصو هو. جيڪي قومي نجات جون جدوجهدون ٿيندیون آهن، انهن لاءِ ائين چوڻ تہ فلاڻي ڪانفرنس ڪري ۽ يڪدم نتيجو ٿئي ۽ مسئلا حل ٿين. اهي ڳالهيون ٻاراڻي سوچ جو نتيجو آهن ۽ اها ٻاراڻي سوچ اسان کي فقط سڌ جهڙن علائقن ۾ ملندي. اهو ائين ٿيو جو هڪڙو شاگرد اسڪول وڃي، پوءِ ان کي چئجي تہ تون 15۔ 20 ڏينهن لاڳيتو اسڪول ويو آهين، ان جو نتيجو ڪهڙو نڪتو. ايڏا تائين مئٽرڪ پاس، ڇو ڪونہ ٿيو آهين، ڇو؟ ڪو شاگرد هڪڙو سال امتحان پاس ڪري، ٻيو سال امتحان پاس ڪري، ٽيون سال ٻہ امتحان پاس ڪري تہ ان کي چئجي: "ابا تو فلاڻي درجي جو امتحان ڏنو، وري فلاڻي درجي جو امتحان ڏنو، تون ايڏا تائين اڻپڙ ڇو ڪونہ ٿيو آهين!" وڏن ڪمن ۾ هزارين ڳالهيون ڪرڻيون هونديون آهن. اسان جي قومي جدوجهد جي سلسلي ۾ ڪيل ڳالهين مان هر هڪ ڳالهہ اسان جي سجاڳيءَ جي سطح کي بلند ڪري ٿي. هر هڪ ڪم اسان کي هڪ قدم اڳتي وڌائي ٿو. هي وڏا ڪم آهن، انهن لاءِ

وڏو ذهن، وڏي نظر ۽ وڏو دماغ کپي. سنڌي ماڻهن جي پارائي سوچ، وزن، ڪمن جي اٽاهه ضرورتن ۽ انهن جي پورت جي لاءِ گهربل عرصي ۽ جاکوڙ جو صحيح تصور ۽ نه ٿو ڪري سگهجي. پاڻ کي وڏن ڪمن لاءِ وڏي دماغ ڏارڻ جي ضرورت آهي. قليچ بيگ چيو آهي

"ٽيڻ حاڪم جي ٿو چاهين، ته دل ۽ حاڪمانا رک"

اڄ جي دنيا جي بهادر کان بهادر، سورهيه کان سورهيه، قوم جنهن دنيا جي وڏي ۾ وڏي سرمايه دار سامراجي قوت آمريڪا بهادر کي گوڏن پر جهڪائي وڌو، ان جي جدوجهد جي تفصيلي تاريخ پڙهنداسون ته پاڻ کي پئسو ٽڪو ڳالهه سمجهه ۾ اڇڻ شروع ٿيندي. ويٽنام جي عظيم نظرياتي اڳواڻ لي دوئان جو هي قول توجهه جي لائق آهي.

"ڦڙو ڦڙو ڪري دشمن کان بالادستي کسي وڃو".

سوال: توهان کي سياست ۾ اچڻ جو ڪيئن خيال پيدا ٿيو؟ ۽ ڪڏهن کان سياست شروع ڪئي؟

لياقت علي ڏيپر- ميهڙ

جواب: مون کي اول ته اها خبر ته ڪانه هئي ته سياست چا کي چئبو آهي؟ پر مونکي اتفاق سان چوٿين درجي ۾ انعام ۾ (محمد بن قاسم) ڪتاب مليو. اهو مون پڙهيو ۽ مونکي خيال ٿيو ته جيئن محمد بن قاسم ڪيو ته دنيا جي ملڪن ۾ وڃي انهن کي ڦيرائجي ۽ جيڪي سهڻيون چوڪريون هجن اهي ماڻهوءَ تي عاشق ٿي پون ۽ پوءِ ماڻهو ملڪن تي قبضو ۽ ڪري ۽ پيون سڀيون سڀيون ڳالهيون ۽ ڪري، جيئن ڪتاب ۾ لکيل هو. ان کان پوءِ ڏيپلائي جا ڪتاب پڙهياسون، انهن ۽ اهو ساڳيو شوق پيدا ڪيو. ننڍڙي هوندي کان وڃي پنهنجي وڏيرڪي، جاگيرداري، ڪني ماحول جي گهٽ ٻوست لاءِ مونکي شديد نفرت هئي ۽ روشن خيال ڪتابن ان نفرت کي وڌيڪ گهرو ڪيو. آئون پارائي ليول تي ۽ هڪڙو سياست ۽ جدوجهد ڪندڙ پار هيس. جيڪڏهن توهان منهنجي ڪتاب "وهڙ مون نه وڙاءِ" (ملڻ جو هنڌ عوامي ڪتاب گهر گاڏي کاتو حيدرآباد) ۾ منهنجي مسعود نوراني طرفان ورتل انٽرويو کي پڙهي ڏسندا ته توهان کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويندي.

سوال: چا اوهان پاڪستان جا حامي آهيو يا نه؟

محمد اشرف بروهي- جيڪب آباد

جواب: آئون اهڙي پاڪستان جو حامي آهيان، جنهن ۾ اسان سميت سمورن پاڪستاني باشندن جا انساني، سماجي، تهذيبي، قانوني، اقتصادي ۽ سياسي حق ۽ آزاديون محفوظ هجن ۽ جنهن ۾ اسين هڪڙي خوشين ڀري خوشحال زندگي گذاري سگهون.

سوال: منهنجو توهان کان هڪڙو ننڍڙو سوال آهي ته آخر هڪڙو سبب آهي جو توهان اليڪشن ۾ نه ٿا ڪٽيو؟

گلشن سنڌو - درڙو ضلعو ٺٽو

جواب: اسين ڪم پيا ڪريون سڄي سنڌي قوم جي بنيادي ۽ دائمي وڻن مامرن بابت، ۽ منهنجي تڪ جا ماڻهو ويچارا هلاڪ آهن روزمره جي مسئلن ۾، هن لاءِ اهميت آهي ان ماڻهوءَ جي جيڪو موتيءَ فوتيءَ، شاديءَ مراديءَ تي هڪيو حاضر هجي، صوبيدار کي چار ڏوڪڙ ڏيئي ڪيس مان نالو ڪڍرائي، ضامن پوي، نوڪري وٺي ڏئي، بدلي ڪرائي، بانهن جا فيصلا ڪري، باقي ڪالاباغ ڊيم، بهارين جي اچڻ، ٿر، ڪاچي، ڪوهستان، پائي ۽ ٻين مسئلن بابت ڪو پاڻ کي هي ماري وهي ته ان مان منهنجي تر جي ماڻهن جو، هڪڙو واسطو؟ جڏهن ماڻهن جو دماغ ٽاڻي جي مسئلن کان آزاد ٿي سڄي سنڌ جي گڏيل بنيادي مسئلن جي اهميت کي سمجهڻ شروع ڪندو ۽ انهن مسئلن کي منهن ڏيندڙ ماڻهن جي اهميت کين محسوس ٿيندي، تڏهن سڀ ڪم آسان ٿي پوندا.

تنهن کان سواءِ سڀ ڪجهه ميمبري، وزيري ناهي. حيدربخش جتوئي ڪڏهن ۾ ميمبر ڪونه چونديو، پر ماڻهو حيدربخش جتوئيءَ جي جيتري عزت ڪندا هئا ۽ ڪندا آهن. اوتري ڪرسيءَ تان لهڻ کان پوءِ ڪنهن وزيراعليٰ کي نصيب ٿئي ته چئبو ته وڏي ڳالهه ٿي. ساڳئي طرح گانڌي، لينن، هوچي منهه، مائوزي تونگ، ڪنهن يونين ڪائونسل جا ميمبر به ڪونه هئا ۽ هينئر نيلسن منديلا به ايجا تائين ڪنهن يونين ڪائونسل جو ميمبر ڪونهي. پر انهن جي تاريخي اهميت جي برابر هڪڙو اسان وٽ ميمبر، وزير يا صدر آهي؟ سو ميمبر وزيري سڀ ٺيڪ آهي، پر:

"روزا ۽ نمازون ايءُ پڙ چگو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي"
(شاهه)

سوال: عمر خيام، رومي، لطيف، غالب، فيض احمد فيض ۽ احمد فراز وغيره

وغيره جي ڪهڙي شعر توهان جي زندگي بدلائي ڇڏي ۽ تنهن کان پوءِ بلڪل توهان هر فن مولا ٿي پيا. ليکڪ، صحافي، ناڪام سياستدان، دانشور، عالم، انسان دوست، ترقي پسند، "جهان کي ڏيو مبارڪون"، "منهنجا پرين اڄ ٻه آءُ ۽ هيءَ دنيا اهڙائي آهيون جهڙا اڳ اوهان جي هوندي" جا شاعر، بهرحال توهان جا سو نہ پر هزارين روپ آهن.

وڪيو مهيري- سنڌي آبادڪار شوگر ملز

جواب: ناڪام سياستدان اوهان غالبا انهن مائهن کي سڏيو ٿا. جيڪي يونين ڪائونسل کان وٺي قومي اسيمبلي تائين ڪنهن به اداري جا ميمبر چونڊجي نہ سگهيا آهن.

مون تي ڪنهن به خاص شعر اثر نہ ڪيو آهي. پر مون تي انهن سڀني شاعرن ۽ ان سان گڏ انگريزي شاعرن جرمن، رومي، عرب، چيني، جاپاني ۽ ٻين دنيا جي چوٽيءَ جي شاعرن ۽ انهن سان گڏ ادبين، عالمن، سياستدانن ۽ پنهنجي تجربي ۽ جدوجهد جي نتيجي جو اثر آهي.

سوال: اوهان کي شاهه لطيف جي پارکو جو لقب مليل آهي. پر اوهان اڄ تائين شاهه پٽائيءَ جي شاعري تي ڪو ڪتاب نہ لکيو آهي. پوءِ ايندڙ نسل کي ڪيئن خبر پئي تہ شاهه پٽائي جا اوهين وڏا پارکو هئا.

منور علي خاصخيلي- ماتلي

جواب: مون لطيف تي جيڪي تقريرون پئي ڪيون آهن، انهن مان ڪجهه وڊيو ۽ آڊيو جي صورت ۾ موجود آهن. ڪجهه بابت ڪوٽ لکپت جيل ۾ لکيا هئم، اهي به آهن. اميد تہ ڪتاب به لکبو.

سوال: هيئڻ سوال مون کان ايس پي ايس سي جي چيئرمين گڏيل مقابلي واري امتحان 92ـ ۾ زباني امتحان دوران پڇيا هئا، جيڪي مون کي ڪنهن ڪتاب ۾ ملي ڪونہ سگهيا آهن:

What is the concurrent list in 1973 constitution?_1

1ـ (پاڪستان جي 1973ع جي آئين ۾ گڏو گڏ فهرست ڪهڙي آهي؟)

What is a hung parliament?_2

2ـ (لٽڪيل پارليامينٽ چا آهي؟)

3ـ 1973ع جي آئين ۾ صوبائي خودمختياريءَ لاءِ ڪهڙا آرٽيڪل آهن؟

عبدالله ناريجو- ميرپورخاص

جواب: 1ـ هيءَ ملڪي معاملن جي اها فهرست آهي، جيڪا پاڪستان جي

آئين جي چوٽين شيڊول جي ٻئي باب ۾ ڏنل آهي. هن فهرست ۾ جاڙايل معاملن بابت وفاق توڙي صوبا ساڳي وقت قانون سازيءَ جا اختيار رکن ٿا. هن فهرست ۾ کل 47 معاملا جاڙايل آهن، جن ۾ فوجداري ۽ سول قانون ۽ طريقہ ڪار، شاهدي، شادي، طلاق، وصيتون، ڏيوالو، امانت، معاهدا، نظربندي، ماحوليات، مزدور، هٿيار، ٽريڊ يونينون، زکوات ۽ ٻيا اهڙا معاملا شامل آهن.

2۔ هنگ يا لٽڪيل پارليامينٽ ان پارليامينٽ کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪنهن به ڌر جي مضبوط اڪثريت نه هجي.

3۔ صوبائي خودمختياريءَ سان واسطو رکندڙ معاملا آئين جي چوٽين، پنجين ۽ ڇهين پاڳي ۾ جاڙايل آهن. چوٽين پاڳي ۾ ٽي باب آهن، جن ۾ صوبائي گورنرن، صوبائي اسيمبلين ۽ صوبائي حڪومتن بابت 101 کان 140 تائين کل 40 آرٽيڪل آهن. پاڳي پنجين جو واسطو وفاق ۽ صوبن جي تعلقات سان آهي. هن پاڳي ۾ به ٽي باب آهن. جن ۾ قانون سازيءَ جي اختيارن جي ورهاڱي، وفاق ۽ صوبن جي انتظامي لاڳاپن ۽ خصوصي بندوبستن جو ذڪر آيل آهي. هن پاڳي ۾ کل ويهہ آرٽيڪل آهن، جيڪي آرٽيڪل 141 کان 159 تائين آهن. باقي ڇهين پاڳي ۾ به ٽي باب آهن، جن ۾ مالياتي اوڌر ۽ آڊٽ ۽ ملڪيت، معاهدن، واجبات، دعوائن جو ذڪر آهي، هن پاڳي ۾ آرٽيڪل 160 کان آرٽيڪل 174 يعني کل 16 آرٽيڪل اچي وڃن ٿا.

سوال: اڪثر سنڌي اديب، دانشور، شاعر ۽ صحافي توهان تي سڌائين ڪاوڙيل هوندا آهن، اهو ڇو آهي؟ تفصيل سان جواب ڏيندا.

سندر راڄپر- اسٽيشن روڊ نوشهرو فيروز

جواب: ڪيترن ماڻهن جو خيال آهي ته جيڪي علم ۽ ادب وسيلي چئجي سو ڪجي هرگز نہ نہ ته ماڻهو علم ۽ دانش جي اوچي ذات پات مان نڪري ويندو ۽ سياستدان بنجي شودر تي پوندو. مضمونن، شعرن، ڪهاڻين ۾ پلي دنيا کي چئجي ته همت ڪريو، مڙس ماڻهو ٽي ظلم سان مقابلو ڪريو وغيره، پر جي ڪنهن اهي ڳالهيون لکڻ کان پوءِ ان لکڻ مطابق ڪو عمل به ڪري وڏو ته جڙ ڏوهي ٽي پيو. مون سالن جا سال اخبارن ۾ ايڊيٽري سميت مضمون، افسانا، مقالا، تنقيدون لکيم، ۽ درجن کن ڪتابن جيترو مواد لکڻ (جن مان ڪچ چيپل آهن) کان پوءِ مون جڏهن خود پنهنجي لکڻ ۽ پنهنجي تقريرن مطابق عملي جدوجهد ڪئي، عوام کي سجاڳ ڪيم، جهنگن، برن، ٽرن ۾ ماڻهن جي جهونپڙين ۾ وڃي، توڙي دنيا جي وڏن شهرن جي اعليٰ ادارن ۾ وڃي زالن، مردن، ٻارن، ٻڍن، دانشورن، توڙي اڻ پڙهيلن ۾ ظلم خلاف تبليغ ۽

تنظيم ڪيم ۽ تحريڪ هلايم ۽ ڏهه سال کن جيل ڪاٽيم ته ڪيترن "شريف" ۽ "خالص" ادبين ۽ شاعرن ۽ ڪنهن به عمل جي داغ کان پوتيءَ پاڪ دانشورن کي منهنجي اها "غير ادبي" ۽ "غير دانشورانه" "حرڪت" نه وٽي ۽ منهنجو نالو علم، ادب، صحافت ۽ دانش جي لسٽ مان خارج ڪري چڏيائون. ايتريقدر جو آءُ ڏهه سال سنڌ ۽ پنجاب جي جيلن ۾ ضمير جو قيدي هئس ته منهنجي ڇاڻ جي حد تائين سواءِ ٽن ادبين جي قاضي خادم، ابراهيم جويو ۽ الله داد ٻوهئي جي ٻئي ڪنهن سنڌي اديب ۽ شاعر اها ڳالهه پنهنجي قلم جي وات تي نه آندي ته سنڌ ۾ رسول بخش پليجي نالي هڪڙو اديب، نقاد، صحافي وغيره به موجود آهي. پر خير: "مڙئي مون ڏانهن، هوتن ڏانهن نه هڪڙي" توهان ڳالهه ڪيڊي آهي تڏهن جواب ڏجي ٿو. باقي هونئن خير آهي. "ڪي فقيرن موران پئي ماڻ جي!" (شاهه)

سوال: جيڪڏهن توهان وٽ ڪجهه نوجوان پنهنجو سپ ڪجهه چڏي اچن ته توهان انهن کي ڪهڙا خواب ڏيکاريندؤ يا توهان انهن ۾ ڪهڙيون سوچون پيدا ڪندؤ؟

ظفر جوٽيجو - حيدرآباد

جواب: منهنجي خوابن جو تعلق فطرت، شين ۽ ماڻهن ٽنهي سان آهي. جيئن سوشلزم ۾ اقتصاديات، سماجيات ۽ فلسفو ٽئي اچي وڃن تا تيئن بنيادي مسئلو فطرت کي تبديل ڪرڻ به آهي ته انهيءَ سان گڏ ماڻهن ۾ نواڻ آڻڻ جو به آهي، ۽ آءُ پهرين اهميت ماڻهن کي ڏيندس.

فطرت کي بدلائڻ مان منهنجي مراد آهي ته سڄي دنيا ۾ جيڪي رڻ پٽ آهن، اهي آباد ٿين، ۽ جيڪڏهن منهنجي ڪنٽرول ۾ هجي ته جيڪو مينهن جو پاڻي ضايع پيو ٿئي انهيءَ کي ڪنٽرول ڪري انهيءَ پاڻي کي ات استعمال ڪيان جت ان جي وڌيڪ ضرورت آهي. يا جيئن هي سڄي ٽيڪنالوجي ويسٽ پئي ٿئي. انهي مان رڳو پاڻي جي ڊي سيلينيشن ڪري انهيءَ سان زمين کي آباد ڪجي. جيڪڏهن محدود نفي جو عنصر گڏ ڪجي ته هي دنيا ڏهن سالن اندر جنت بنائي سگهجي ٿي. مثلا هوائي ڪمپنيون وڏن جهازن جي ٽهڻ واري پلان کي رد ڪن پيون چو جو جيڪڏهن ڏهه هزار مسافر ڪٽندڙ جهاز ٽهي ويو ته اهو پندرهن منٽن ۾ مٽي ڪائنات ۾ وڃي پين پندرهن منٽن ۾ وڃي نيو يارڪ ۾ لهندو ۽ جيئن ته ٽائيم گهٽجڻ ۽ مسافر جي گهٽي هجڻ ڪري پاڙو گهٽجي ويندو. تنهن ڪري اهي سرمائيدار ڪمپنيون انهيءَ کي ريزسٽ ٽيون ڪن.

سڄي ٽيڪنالوجي جيڪا جنگي سامان ٽاهن ۾ صرف پئي ٿئي سا جيڪڏهن انسانن جي پلائي لاءِ استعمال ٿئي ته هوند سپ ڏک بيمارين ۽

بدحالي ختم ٿي ويڻ. مثلا جيڪڏهن رڳو ٽن ملڪن جي سرمائيدارن آمريڪا ڪئناڊا ۽ آسٽريليا کي چپ ڪرائجي ته روئي زمين جو ان رڳو انهن ٽن ملڪن مان حاصل ٿي سگهي ٿو. منهنجي وس ۾ هجي ته آءٌ جنگ تي بين وجهي ڇڏيان ۽ ننڍڙين ننڍڙين پاور ليس حڪومتن بجاءِ هڪڙي يونائيٽيڊ ورلڊ گورنمينٽ هجي. جيڪا واپار کان سڀ بندشيون هٽائي سڄي دنيا جي ڊاڪٽرن ۽ انجنيئرس کي گڏ ڪري انهن کي بيمارين جي جائي. درياهن، پيلن ۽ اهڙن ٻين انساني پيلائي وارن ڪم تي لڳائجي ته سائنسدان جي لاءِ دنيا کي بدلائڻ هڪڙي منٽ جو ڪم آهي. پر سائنس کي استعمال ڪرڻ جي لاءِ هي سماج ڪڏهن اجازت کاڻ ڏيندو. منهنجو خواب آهي ته آءٌ عاشقن جي هڪ لڏي کي گڏ ڪيان ڇو جو عاشقن جي وڏي ۾ وڏي خاصيت آهي پاڻ کي گڏ ڪرڻ، پنهنجي نفي ڪرڻ ۽ هو پنهنجي خوشي کي جمع ڪري ٿو ڪنهن ٻئي ۾. هو جيئي ٿو ڪنهن ٻئي جي وجود ۾. آءٌ اهڙا ماڻهو پيدا ڪرڻ ٿو چاهيان جيڪي هڪ ٻئي لاءِ جيئن. منهنجو آئيديل آهي اهو ماڻهو جيڪو پورهيت سان گڏ عاشق هجي. عالم ۽ سائنسدان هجي ۽ فقراءِ لڏي منجهان هجي. جيئن شاهه سائين چيو آهي ته:

"ڏوري ڏوري ڏيهه ماءُ ڪاهوڙي آيا.
مين پيرن ڪيهه، ڪهه جاڻا ڪنهن پار جي"

آءٌ لطيف جهڙا هيرا پيدا ڪرڻ چاهيان ٿو. مين پيرن ڪيهه مان مراد آهي ته جاگرافيڪلي هڪڙو علائقو ماڻهو کي ڪريٽ ڪري ٿو. جيڪو ماڻهو هڪڙي هنڌ ويٺو آهي. هڪڙن ماڻهن سان ٿو ملي. هڪڙي ڪلچر جو واقف آهي. سو اتي اهيو بدبوءِ ٿو ڪري وڃي، گندو ٿي ٿو وڃي. شادين ذريعي ڪلچرس جي متاستا ٿيڻ گهرجي. سڄي گڙٻڙ شادي جي آهي. سڄ ماڻهن جي خرابي شادي جي آهي. چاچن مامن ۾ شاديون پارن کي ذهني طرح مفلوج ڪري ڇڏيو آهي. تاريخ ۾ آهي ته مغلن جي زوال جو هڪڙو سبب رڳو خاندان ۾ شاديون ڪرڻ هيو. تاريخ ۾ جينس اهي ماڻهو ٿيا جيڪي پنهنجي ثقافت جا پٽ نه هئا. جيئن هارون رشيد جو پٽ مامون رشيد هڪ بانهي مان پيدا ٿيو. جيڪا بازارن مان وڪامجندي اچي هن وٽ پهتي هئي ۽ مامون الرشيد وڏو جينس ثابت ٿيو. تنهنڪري سڌين جون شادين، انگريزن، يونانين، منگولين ۽ شيدين ۾ ٿيڻ گهرجن ته جيئن Homojenity وڏي ۽ Diversity گهٽجي. انسان ذات وڌيڪ ويجهي اچي.

سائنس ته آءٌ پهرين ڏينهن کان انهن لاءِ Compulasory ڪري ڇڏيان. پوءِ Companetive Study of Relegion کيان ته جيئن سڀ مذهب پڙهي ماڻهن ۾ سهپ پيدا ٿئي ۽ انهن کي خبر پئي ته مذهب ڪيئن وڌيا ويجها آهن. ڇو

جو ائين نہ ڪيو ويو تہ منگهي پير وارو مائهو سمجهندو تہ مذهب لٽو ئي منگهي پير تي هيو. باقي پي سڀ دنيا ڪوڙ آهي. دنيا اڄي 20 صدي جي پڄاڻي تي پهتي آهي ۽ اسان جي مائهن جي علم جي ليول اڄان 5 صدي واري ۽ ڪانهي. علم جي اها نابرابري غضب جي آهي. ۽ پوءِ آءُ پابندي وڌل ڪتاب انهن کي پڙهايان.

سمر ٽوٽل هڪڙو اهڙو مائهو پيدا ڪرڻ جيڪو هڪ ئي وقت عظيم انسان، سچون سئون مڙس مائهو، عاشق، فقير، داناءُ گهڻ طرفو هجي ۽ جيڪو هن ڏرتي جو واقعي اشرف المخلوقات هجي تہ اهو منهنجو خواب آهي.

سوال: 1- جنوري 1989ع کان فلپائن جي گادي واري هنڌ منيلا ۾ "ايشيا پيسفڪ امن ڪانفرنس" شروع ٿي، جنهن ۾ اوهان ۽ شريڪ ٿيا هئا. ان ڪانفرنس ۾ ايشيا پيسفڪ امن ۽ ترقي فورم نالي هڪ تنظيم ٺاهجڻي وئي. جنهن جي اسٽئرنگ ڪاميٽي ۽ ايگزيڪيٽو ڪاميٽي جي ميمبر طور اوهان کي ٻڌايو ويو هو. ان فورم طرفان جدوجهد لاءِ جيڪي نڪتا رکيا ويا آهن. سي نہ رڳو منهنجي روح ۽ دل وٽان آهن. پر سموري ايشيا ۽ دنيا جي مظلوم عوام جي دل جي ترجماني ڪندڙ آهن.

ان تنظيم جي ان پهرئين اجلاس جي رپورٽ پڙهڻ کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين مون کي ڪابہ خبر نہ پئجي سگهي آهي تہ اها تنظيم آهي يا نہ. جيڪڏهن اڄا موجود آهي تہ پوءِ اها تنظيم اڃڪلهہ ڪيتري قدر سرگرم آهي؟ ۽ پيو اهو ٻڌائيندا تہ ان تنظيم جو ڇا هڪ عام مائهو ٻ ميمبر بڻجي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن ها! تہ پوءِ ڪهڙي طريقي سان؟ مهرباني ڪري تفصيلي طور ٻڌائيندا؟.

شبير ڪوڪر- نوشهروفيروز منياتي

جواب: ذاتي طرح مون کي ڏکڻ ايشيا جي ملڪن لاءِ عيوضي چوندڙيو ويو هو. مون ان سلسلي ۾ ان علائقي جي ڪن ملڪن جهڙوڪ: افغانستان، هندستان، بنگلاديش، نيپال جا بار بار دورا ڪيا هئا ۽ انهن ملڪن جي گهڻين تنظيمن ۽ شخصيتن سان رابطو رکيو هئم. گذريل ڪانفرنس ۾ آءُ ڪن سبب ڪري شريڪ ٿي نہ سگهيو هئس. جيئن ئي موجوده مصروفيتن کان فرصت ملي آءُ وري رابطو رکندس ۽ ٿي سگهيو تہ مٿين ملڪن کان سواءِ ايشيا جي ڪجهہ ٻين ملڪن جو ٻ دؤرو ڪندس.

فرد داخلا وٺي سگهن ٿا. داخلا في 50 ڊالر مقرر ٿيل هئي. تنظيمن لاءِ هڪ سؤ ڊالر داخلا في هئي. منهنجي ڄاڻ مطابق فورم اڃا سرگرم آهي.

سوال: هڪ طرف اوهان کي "لکڻ" لاءِ چون ٿا چڏي ڏيو ۽ بي طرف سياست چڏڻ لاءِ چون ٿا اوهان پنهنجي مان ڪهڙي شيءِ کي وڌيڪ اهميت ڏيندا؟

بيوس نظام حسين چانڊيو- گوٺ پنيو خان چانڊيو.

جواب: لکڻ حقيقي عوامي جمهوري سياست جو بنيادي ڪم آهي ۽ هڪڙو باضمير ۽ سڃار ليڪڪ سماجي معاملن تي جيڪي لکي ان تي عمل ڪرڻ سندس اخلاقي فرض بڻجي ٿو ۽ اهڙي قسم جو عمل اڪثر ڪنهن نه ڪنهن حساب سان سياست سان لاڳاپيل هوندو آهي. ان ڪري مون لاءِ سياست ۽ لکڻ ٻئي لازم ملزوم آهن.

سوال: عبدالمنان بنگالي رهندڙ ڪوٽڙي اوهان کي سياسي مرشد ميجي ٿو. اوهان وٽ مرشد جو نظريو ڇا آهي؟ هو اوهان کي ايشيا جو بهترين سياستدان ميجي ٿو ڇو؟ ان ۾ راز ڪهڙو آهي؟

يار محمد خاصخيلي- سنڌ يونيورسٽي

جواب: عبدالمنان بنگالي صاحب رهندڙ ڪوٽڙي بادشاهه ماڻهو ۽ پنهنجي راءِ جو مالڪ آهي. سندس لک مهربانيون. هن کي خبر آهي ته مشرقي بنگال جي عوام جي جمهوري ۽ آزادي پسند جدوجهد هلندي جڏهن هتي اڪثر ماڻهو بنگالين جا جاني دشمن ٿي ويا هئا. تڏهن آءٌ ۽ عوامي تحريڪ انهن ماڻهن جي پهرين صف ۾ هئاسين، جن بنگالي عوام جي حمايت ۾ پنهنجو احتجاجي آواز مسلسل بلند رکيو ۽ ان سلسلي ۾ ڪتاب ڇپايو هو "جيڪي بنگال سان ٿيو." ايشيا سان به منهنجي واقعي تمام گهڻي دلچسپي آهي ۽ سوچيندو رهيو آهيان ته جيئن يورپ، آفريڪا، لاطيني آمريڪا جي ملڪن جو اتحاد آهي، تيئن ايشيائي ملڪن جي ڪڏيل تنظيم چو ڪونه آهي. لنڊن ۾ ٿرڊ ورلڊ فائونڊيشن ۾ مون اهو مسئلو باقاعدگيءَ سان پيش ڪيو. جنهن تي خيال اهو وڃي ٻيٺو ته ڏکڻ ڪوريا يا دهلي يا ڪراچيءَ مان ڪنهن ماڻهو تي عوامي سطح تي ايشيائي ملڪن جي ڪانفرنس گهرائي وڃي. اڃڪلهه ان باري ۾ چرپر هلي رهي آهي. تازو ملائيشيا ۾ ان موضوع تي سيمينار ڪيا ويا آهن. منهنجي خيال ۾ ڪجهه پيش قدمي ٿيندي. ان سلسلي ۾ آءٌ ايشيائي ملڪن جا دورا به ڪندو رهندو آهيان. ٿي سگهي ٿو ته بنگالي صاحب کي مون تي مهربان ڪرڻ ۾ انهن ڳالهين جو به ڪجهه دخل هجي.

سوال: گذريل ڏينهن سفرنامون پڙهي رهيو هيس. لکڻ جا ته اوهان به بادشاهه،

سوچيم جي پليجو صاحب سفرنامون لکي ۽ اهو پڙهڻ لاءِ ملي ته زندگي ٺهي وڃي. توهان سفرنامو چونڊيا لکو؟ چا اهڙو کو شوق اٿو ۽ سفرنامون اوهان کي کيئن ٿو لڳي؟

مشتاق راجپر- شاهپور چاکر

جواب:

"هزارون خواهشين ايسي که هر خواهش پر دم نڪلي." (غالب)

وارو ڪم آهي. سفرنامو ٻه لکڻ چاهيان ٿو ته افسانا ۽ ناول ٻه. عالمي تاريخ ٻه لکڻ چاهيان ٿو ته هندستان ۽ اسلام ۽ جديد يورپ جي تاريخ ٻه. سوين ڪتاب پيا ٻه.

"چيڙ و صل گر نه سهي حسرت هي سهي" (غالب)

ڪجهه نه ڪجهه لکبو.

سوال: ڪي ماڻهو چون ٿا ته: "رسول بخش پليجو جيڪا تقرير ڪندو آهي، جيڪڏهن ان تي عمل ٻه ڪري ها! ته اڄ سنڌ آزاد هجي ها." اوهان جي نظر ۾ چا اهو صحيح آهي؟ وضاحت ڪريو.

لطيف سنڌي- رتوديرو

جواب: جيڪڏهن هڪڙي ماڻهوءَ جي پنهنجي ڪيل تقرير تي عمل ڪرڻ سان ملڪ آزاد ٿي وڃن ها ته باقي ٻيو چا ڪپي ها. توهان ٻڌو ڪونهي ته:

"اهڙا جي تيل سهانگا هٿا ته جيڪر گدڙ چوٽيون مکين."

قومي نجات لکن ڪروڙن ماڻهن جو ڪم آهي. ڪنهن هڪڙي يا چند ماڻهن جي ڦٽ ڦٽ ڪرڻ يا ڊوڙ ڊڪ ڪرڻ سان حاصل نه ٿيندي آهي. ها! خيال هڪڙي ماڻهوءَ جا ٿي سگهن ٿا، نظريو ٻه اهو ڏئي سگهي ٿو پر اهو نظريو جيڪڏهن هڪڙي فرد تي ٻڌل هوندو ته ڪامياب ڪونه ٿيندو. نجات جو تعلق ان قوم سان آهي. ان قوم جي نفسيات ۽ تاريخ سان آهي، ان جي همت ۽ وسعت سان آهي. هڪڙي ماڻهو جي اڪيلي عمل سان اهو مسئلو حل ٿئي، ائين ممڪن نه آهي.

سوال: رسول بخش پليجي جنهن ڏينهن کان قومپرستي جو نعرو هنيو آهي ان ڏينهن کان اڄ تائين هڪ پيرو ٻه اليڪشن ۾ ڪامياب نه ٿيو آهي ته چا عوام کيس ناپسند نه ڪيو آهي؟ چا پوءِ هن کي سياست ڪرڻ ۽ قومپرستيءَ واري نعري کي وڌائڻ لاءِ سنڌي قوم حق ڏنو آهي؟ پليجي صاحب کي قوم پرستيءَ جي اجائي نعري هٽڻ جو ڪوبه حق نه آهي. چا هو هن ڳالهه سان متفق آهي؟


ايم- اي- جوڪيو لاڑڪاڻو سنڌ

جواب: نہ، هو ان ڳالهه سان متفق ناهي ته جيڪو اليڪشن ۾ ڪٽي ويو سو ٿي ويو قوم جو اڪيلو والي وارث. اهو جيئن وٽيس تيئن ويٺو قوم کي وڪڻي يا کهي ۽ جيڪو نٿو ڪٽي سو پنهنجن سمورن سياسي حقن کان ۽ پنهنجي قوم جي گهٽگهرائي ڪرڻ جي حق کان محروم ٿي ويو. اڄوڪي ظالم ۽ ڦورو ۽ منافق ۽ مڪار وڏيرڪي قبائلي ۽ جاگيرداري نظام ۾ الائي ڪهڙا ڪهڙا قومن جا قاتل اليڪشنون ڪٽندا ۽ الائي ڪهڙا ڪهڙا خلق جا خير خواهه اليڪشنون هارائيندا رهيا آهن. ياد رکڻ گهرجي ته حيدر بخش جتوئي، غلام محمد لغاري ۽ بيا ڪيترائي قوم دوست ڪندار مڙس اليڪشنون هارائيندا ۽ ڪهڙي صاحب ۽ راشدي صاحب جهڙا ون يونٽ جا خالق ۽ جام صادق علي جهڙا "جوان" اليڪشنون ڪٽندا ۽ عوام جون "نمائندگيون" ڪندا رهيا آهن.

سوال: مسئلا حل ٿيندا آهن وسيلن سان (هي حڪومتون وسيلن هوندي مسئلا حل نہ پيون ڪن اهو الگ بحث آهي) پر توهان جي بهترين دماغ کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن توهان پنهنجي بهترين دماغ کان ڪم ونڻي سي-ايس-ايس جو امتحان پاس ڪري ۽ ڪمشنر ٿي يا ڪنهن ٻئي عهدي تي رهي ڪري عوام جي بهتر نموني خدمت ڪري ٿي سگهيا پوءِ اها ڳالهه ڇڏي ڇو توهان هي موجوده رستو اختيار ڪيو؟

اعظم عالماڻي- نوشهرو فيروز

جواب: جن ماڻهن اهي مسئلا حل ڪري ڇڏيا، جن جي حل ٿيڻ سان دنيا جو چرخو ئي ڦري ويو، اهي ماڻهو نہ ڪمشنر هٿا نہ آءِ جي، نہ ميمبر هٿا نہ وزير ۽ نہ ئي ڪمانڊر، گورنر يا صدر هٿا. مثال طور جنهن ماڻهوءَ ريل گاڏي ٺاهي اهو نہ اسان جي ملڪ جو، نہ ئي وري اسان جي دؤر جو ماڻهو هو پر ان جو احسان ۽ ٿورو توهان اسان ۽ سڄي دنيا جي انسانيت تي آهي. ان ڪوبہ اهڙو امتحان پاس ڪونہ ڪيو هو ۽ ڪمشنر ۽ گورنر ڪونہ ٿيو هو. اهڙي ئي نموني سان هوائي جهاز، بحري جهاز، ٽيليفون، ٽيليويزن توڙي ڪمپيوٽر ۽ ٻيون سائنسي ايجادون ڪندڙ ماڻهن بنا لوب لالچ جي دنيا جي سڀني مذهبن، رنگن ۽ قومن جي انسانن جي خدمت ڪئي آهي تنهن ڪري ڪو وڏو آفيسر ٿيڻ سان ئي عوام جي خدمت ڪري سگهجي اها ڳالهه صحيح ناهي. درحقيقت انسانيت جي وڏي ۾ وڏي خدمت انهن ماڻهن ئي ڪئي آهي جن وٽ ڪوبہ عهدو ڪونہ هو. محمد صلعم ۽ عيسيٰ ابن مريم کان ونڻي گوتم تائين، اسپارٽيڪس کان ونڻي مارڪس، اينگلس، لينن، مائو، گانڌيءَ ۽ نيلسن منديلا تائين جن جن ماڻهن



ساڻي پليجي سان اسان جا لاڳاپن جا ڏاڳا رات جي اُپ ۾ سدا چمڪندڙ چنڊ ۽ تارن جا ڏاڳا آهن. (محمد ابراهيم جويو)

هن پنهنجي سڄي خاندان جو سنڌ لاءِ بک ڏنو آهي، جنهن جو مثال سنڌ ۾ نٿيو، پر برصغير ۾ ورلي آهي. (شيخ اياز)

پليجو ضياءُ الحق خلاف جنگ ۾ سدائين اسان سان گڏ رهيو آهي. (بينظير ڀٽو)

رسول بخش پليجو سنڌ جو مني مائوزي تنگ آهي. (سراج)

سياست جي ميدان ۾ هو وڏي حوصلي ۽ همت وارو آهي. (ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ)

جڏهن پليجي لکين ماڻهن جا جلسا ڪرايا هئا، تڏهن مون کي به اوندهه ۾ روشنيءَ جو ڪرڻو نظر آيو هو. (جي ايم سيد)

هو آئيڊيالاجو پندار آهي، سندس آئيڊيالاجو وهڪرو ڏاڍو تکو آهي. (ف م لاشاري)

پليجي جو سنڌ سان سر لڳي. هن سنڌ کي ڪڏهن به پاڻ کانسواءِ ناهي ڏٺو.
(ماهتاب محبوب)

پليجي جو جيڏو وڏو ويساهه آهي، اوتروئي اتساهه آهي. (الهداد ٻوهيو)

سنڌ جو جينيئس ٽڪجي نٿو ۽ آڻ نٿو مڃي. (نورالهدي شاهه)

هو جتي به آهي، اُتي حق ۽ سچ جي ڀالهه ڪري ٿو. (امداد حسيني)

هن جي قلب ۾ لطيف آهي، پليجو ڪڏهن به هارائي نٿو سگهي. (عابده پروين)

CPCS
Center for Peace and Civil Society
2007
Rs. 600/-